# ڊاڪٽر زواگو

از

بورس پيسترڪ

مترجم

رئوف نظاماڻي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڊاڪٽر زواگو

ليکڪ:
**بورس پيسترڪ**

مترجم:
**رئوف نظاماڻي**

**سنڌي ادبي بورڊ**
**ڄامشورو، سنڌ**
2010ع

**Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.**

ڪتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2010ع تعداد 1000

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشوري ۾ انچارج مئنيجر خضر خان وگهئي ڇپيو ۽ پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي پڌرو ڪيو

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

ڊاڪٽر زواگو انتهائي شاندار ۽ شانائتو ڪتاب آهي، جيڪو نامور ليکڪ بورس پيسترڪ لکيو آهي، جنهن کي نہ صرف روس ۾ پر سموري دنيا ۾ پڙهيو ويو آهي. ڊاڪٽر زواگو جو دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو پڻ ٿي ڇپجي چڪو آهي ۽ پڙهندڙن پاران مانائتي موٽ ڏني ويئي آهي. سنڌيءَ ۾ هن جو ترجمو اسان جي مانائتي ليکڪ رئوف نظاماڻي ڪيو آهي، جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪندي سرهائي محسوس ڪري رهيا آهيون.

هن ڪتاب متعلق اسان جا معزز پڙهندڙ ئي پنهنجي صحيح راءِ قائم ڪري سگهن ٿا. پر اسان جي هميشہ اها ڪوشش رهندي تہ اسان مختلف ٻولين جي سٺي ۽ معياري ادب کي ترجمو ڪري پنهنجي لائق پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪري سگهون تہ جيئن انهن جي ادبي اُڃ پوري ٿي سگهي.

اسان پنهنجي معزز پڙهندڙن جي مفيد مشورن جا منتظر رهنداسين.

پروفيسر سيد زوار حسين شاهہ نقوي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو سنڌ
جمع 21 شوال 1431ھ
بمطابق 1- آڪٽوبر 2010ع

# فهرست


| صفحا | عنوان |
|---|---|
| | باب پهريون |
| 01 | **پنجين وڳي واري ايڪسپريس..........** |
| | باب ٻيون |
| 23 | **ٻيءَ دنيا مان آيل هڪ ڇوڪري..........** |
| | باب ٽيون |
| 73 | **سوين تتسڪي وٽ ڪرسمس پارٽي....** |
| | باب چوٿون |
| 107 | **جنگ: هڪ اٽتر واقعي جي آمد..........** |
| | باب پنجون |
| 152 | **ماضيءَ کي الوداع..................** |
| | باب ڇهون |
| 192 | **ماسڪو جو مورچو..................** |
| | باب ستون |
| 245 | **سفر..............................** |
| | باب اٺون |
| 297 | **آمد..............................** |
| | باب نائون |
| 326 | **واريڪينو..........................** |

باب ڏهون

شاهراهہ.......................... 362

باب يارهون

جهنگ جي پائپي..................... 391

باب ٻارهون

برفاني ٻيرن وارو وڻ................. 419

باب تيرهون

مجسمن واري گهر آڏو............... 448

باب چوڏهون

هڪ پيرو ٻيهر واريڪينو ۾............ 501

باب پندرهون

پڇاڙي.............................. 559

باب سورهون

آخري اکر........................... 606

# داکتر زواگو

# باب پهريون

## پنجين وڳي واري ايڪسپريس

### (1)

"دائمي سڪون." اِهو نوحو پڙهندڙي هُو اڳتي وڌي رهيا هئا. اُهي ڳائيندا ٿي ويا، پر جڏهن هو نوحو پڙهڻ بند پيا ڪن، تڏهن بہ ائين محسوس پئي ٿيو ڄڻ سندن قوم، سندن گهوڙا ۽ هوائن جا آواز نوحا پڙهي رهيا هجن! واٽهڙو ميت کي واٽ ڏيڻ لاءِ هِتي هُتي هٽي، ڪفن تي پيل هارن کي ڳٽڻ ۽ هوا ۾ صليب جو نشان ناهڻ پئي لڳا. منجهانئن ڪجهہ رڳو تجسس لاءِ جلوس ۾ شامل ٿي، پڇن پيا تہ "ڪنهن جي ميت آهي؟" "زواگو" انهن کي جواب مليو ٿي، "ها! نيڪ اِها ڳالهہ آهي"- "اها اُن جي نہ پر سندس زال جي ميت آهي" — "ها ها! ساڳي ڳالهہ آهي، خدا معاف ڪري، ڪانڌين جو تعداد تہ گهٽو آهي."

آخري لمحا هڪ هڪ ڪري گذرندا ويا. وري ڪڏهن واپس نہ اچڻ وارا لمحا، "ڌرتي خدا جي آهي، اها سڄي خدائي سندس ئي آهي، ڌرتي ۽ ان تي موجود جيڪا بہ شيءِ آهي سڀ ان جي آهي." پادري صليب جو نشان ناهيندي ميريانڪولائي وينا جي ميت کي مٽي ڏني، انهن "پاڪ طينتون جي روح" جو نوحو پڙهيو. پوءِ هڪ ڊيڄاريندڙ آواز سان تابوت ’ڍي بند ڪري ڪليون هنيون ويون ۽ ان کي زمين ۾ لاٿو ويو. قبر ۾ چار ڄڻا بيلچن سان تيزي سان مٽي وجهڻ لڳا ۽ تابوت جي ڍڪڻ تي مٽي جا وڏا ٽڪرا وسڻ لڳا. نيٺ قبر تي مٽي جو هڪ ننڍو ڍير ٺهي ويو. ڏهن سالن جو نينگر ان ڍير تي چڙهي بيٺو. تدفين جي موقعي تي حيرت ۽ بي حسيءَ جي جيڪا حالت ڍيري ڍيري ماڻهن تي طاري ٿي ويندي آهي ان جي ڪري ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اهو نينگر پنهنجي ماءُ جي قبر تي بيهي ڪجهہ چوڻ چاهي پيو.

هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪنيو ۽ اوچي جاءِ تان چئني پاسي ان خزان واري ماحول کي ڏٺو جنهن وڻن کي ويران ڪري ڇڏيو هو. ڌرتيءَ کي گاهہ کان محروم ڪري ڇڏيو هو. هن خانقاہ جي گنبذن تي نظر ڊوڙائي سندس بيني نڪ واري منهن تي گهنج پئجي ويا ۽ هن پنهنجي ڳچيءَ کي مٿي ڪيو.

جيڪڏهن بگهڙ جو ٻار ائين ڪري ها تہ اهو سمجهيو وڃي ها تہ اهو هاڻي اوناڙ ڪرڻ وارو آهي. نينگر پنهنجي منهن کي هٿن سان ڍڪي ڇڏيو ۽ اوڇنگارن ۾ پئجي ويو. تيز هوا سان مينهن جون ڪٽيون سندس ننڍڙن هٿن ۽ ڇهري کي پسائي رهيون هيون. هڪ شخص جنهن کي سوڙهين ٻانهن وارو ڪارو لباس پهريل هو، قبر ڏانهن ويو. هو مرحوم جو ڀاءُ ۽ ان نينگر جو مامو نڪولائي نڪولائي وچ ويدياناپن هو جيڪو اڳ پادري هو پر پوءِ ڪيس سندس چوڻ تي ان اعزاز کان محروم ڪيو ويو هو. هو آهستگيءَ سان نينگر جي ويجهو پهتو ۽ ڪيس ٻانهن سان گڏ وٺي قبرستان مان هليو ويو.

(2)

ٻنهي رات اتي عبادتگاهہ ۾ گذاري جتي مامي نڪولائي کي پراڻن ناتن جي ڪري هڪ ڪمرو مليل ويو هو. ٻئي ڏينهن تي مقدس مريم جي سفارشي دُعا واري عيد هئي ۽ ان ئي ڏينهن کين وولگا جي ڪناري هڪ ڏاکڻي شهر ڏانهن روانو ٿيڻو هو جتي مامو نڪولائي هڪ مقامي ترقي پسند اخبار جي پبلشر وٽ ڪم ڪندو هو. ٽڪيٽ خريد ڪيا ويا هئا ۽ ڪمري ۾ سندن سامان تيار رکيل هو. اسٽيشن ايتري ويجهي هئي جو اهي پرتي شنٽنگ ڪرڻ وارن انجڻن جو آواز صاف ٻڌي رهيا هئا.

ان شام سيءُ ڪافي وڌي ويو. ڪمري جون ٻيئي دريون ڌهتو هيٺ هيون جن مان هڪ مان ڀاڄين جو ويران ٽيل ڪيت- روڊ ۽ ان تي جميل برف جا ٽڪرا ۽ ان گرجا گهر جو هڪ حصو، جتي ڪجهہ دير اڳ ڏينهن واري وقت ميريا نيڪو لائيونا کي دفنايو ويو هو، ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. ڀاڄين جي ڪيت ۾ ديوارِ سان ڦهليل ڪجهہ ڪانديرن ۽ ڀاڄين جي ٻوٽن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. سيءَ جي ڪري انهن جو رنگ بہ نيرو ٿي ويو هو ۽ انهن جي ريشن تي گهنج ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا. هوا جي هر جهوٽي سان اهي پنن ۽ گلن کان وانجهيل ٻوٽا نچڻ تي لڳا ۽ پوءِ وري چُپ ۽ ماٺ ٿي ٿي ويا.

رات ۾ اوچتو دريءَ جي ڪٽ ڪٽ جي آواز سان نينگر يورا جي اک کلي پئي. سڄو ڪمرو روشنيءَ سان عجيب و غريب نموني چمڪي پيو هو. سندس جسم تي رڳو هڪ قميص هئي، هو دريءَ ڏانهن وڌيو ۽ پنهنجو ڇهرو دريءَ جي ٺهنان شيشي سان لڳائي ڇڏيائين.

ٻاهر رستو، قبرستان يا پاڇين جو ڪيت ڪجهه به نظر نه پئي آيو. هر پاسي برف ۽ ڏنڌ جو راڄ هو. ائين پئي لڳو ته ڄڻ ان برفاني طوفان، جنهن کي پنهنجي قوت ۽ طاقت جو پورو احساس هو، يورا کي ڏسي ورتو هو ۽ هاڻي اهو نينگر تي اثر وجهڻ لاءِ پوري زور ۽ شور سان گجي ۽ ڪڙڪي رهيو هو. آسمان ۾ ڌرتي جتي ڏسو برف جي طوفان هڪ سفيد چادر وڇائي ڇڏي هئي. اڄ طوفان پوري زور تي هو ۽ دنيا جي هر طاقت ان آڏو هيچ هئي.

يورا جڏهن دري تان هٽيو ته سندس من ۾ خيال جاڳيو ته هو ترت ڪپڙا پائي ٻاهر وڃي ۽ اتي وڃي ڪونه ڪو ڪم ڪري. ڪيس اهو خيال پريشان ڪري رهيو هو ته ان طوفان ۾ زمين هيٺ ويهي ويندي ۽ سندس ماءُ، جنهن کي اجا ڪجهه ڪلاڪ ڪن اڳ دفن ڪيو ويو هو، زمين ۾ اجا هيٺ لهي ويندي. اهو سوچيندي ئي نينگر جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. ايتري ۾ سندس مامو به جاڳي پيو ۽ ان يورا سان يسوع مسيح جون ڳالهيون ڪري ڪيس ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آرس پڇندي ڪجهه سوچيندي دري جي ويجهو وڃي بيهي رهيو. ان وقت سج نڪري رهيو هو ۽ انهن ٻنهي ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا.

(3)

جيستائين يورا جي ماءُ جيئري هئي ڪيس ڪڏهن اها خبر نه پئجي سگهي ته سندس پيءُ وڏي عرصي کان زال ۽ ٻارن کي ڇڏي سائيبيريا ۽ ٻين ملڪن ۾ گناهن سان پريل زندگي گذارڻ تي خاندان جي دولت پاڻيءَ جيان وهائي رهيو هو. ڪيس ته هميشه اهوئي ٻڌايو ويو هو ته سندس پيءُ پيٽرزبرگ يا گهڻو ڪري آربت جي ميلن ۾ ڪاروبار ڪري رهيو هو.

سندس ماءُ دائمي مريض هئي، جڏهن اهو معلوم ٿيو ته ڪيس سله جو مرض آهي ته اها علاج خاطر اڪثر ڏکڻ فرانس ۽ اتر اٽلي وڃڻ لڳي. ٻه دفعا يورا به پنهنجي ماءُ سان گڏ هو. پر گهڻو ڪري ڪيس اجنبي ۽ هر ڀيري مختلف ماڻهن سان رهڻو پيو ٿي. پر هو انهن تبديلين جو عادي ٿي چڪو هو ۽ ان غير صحتمند پس منظر ۾ پراسرار حالتن جي روشني ۾ اهو سمجهي ورتو هو ته هاڻي سندس پيءُ نه ايندو.

ڪيس پنهنجي ننڍپڻ جو اهو وقت چڱي طرح ياد هو جڏهن گهڻين شين کي خانداني نالن سان سڏيو ويندو هو. سندس خاندان جي نالي هڪ زواگو فيڪٽري

هئي، هڪ زواگو بئنڪ هئي، هڪ زواگو عمارت هئي، نڪٽائي جي هڪ پن جو نالو زواگو هو، پيو تہ ٺهيو پر هڪ خاص قسم جي ڪيڪ جو نالو بہ زواگو هو.

هڪ دور اهو هو جڏهن ڪو شخص جيڪڏهن بگي واري آڏو "زواگو" جو نالو وٺندو هو تہ ان جو مطلب اهو ورتو ويندو هو تہ "مون کي ٽمبڪٽو وڃڻو آهي" ۽ پوءِ اهو گاڏيءَ وارو واقعي الف ليلا جهڙي روايتي سلطنت ۾ وٺي ويندو هو ۽ اوهان ڏسندئو تہ توهان کي هڪ عظيم اليشان ۽ پرسڪون باغيچي ۾ پهچايو ويو هو جتي سدا بهار وڻن جي ٽارين تي ڪانگن ويهي اتي جميل برف کي ڪيرائڻ شروع ڪيو هو. انهن جي ڪان ڪان سان ائين لڳو پئي تہ چڻ درن جا ڪڙا وڄي رهيا هجن. ٺهيل گهر جي وڻن مان نڪري اعليٰ نسل جي ڪتن سڙڪ تي هتي هتي ڊوڙڻ شروع ڪيو ٿي ۽ ان کان ٿورو اڳتي شام ٿاٽي بتيون چمڪڻ لڳيون هيون.

پوءِ اوچتو سڀ ڪجهہ غائب ٿي ويو. هاڻي اهي غريب ٿي ويا هئا.

(4)

سن 1903ع جي گرمين جي مند جي هڪ صبح جو ذڪر آهي تہ يورا پنهنجي مامي نڪولائيءَ سان پنهنجين ٻنين مان ٻن گهوڙن واري بگي ۾ سوار گذري رهيو هو. اهي هڪ استاد ۽ درسي ڪتابن جي مشهور ليکڪ ايوان ايوانو وچ بوئنو وڪرف سان ملڻ وڃي رهيا هئا. اهو استاد ريشم جي مشهور ڪارخاني دار ۽ فنون لطيفہ سان شوق رکندڙ واپاري گولو گريووف جي جاگير پلاٽنڪا ۾ رهندو هو.

اهو عيد بطولا ڪازان جو ڏينهن هو. فصلن جا لابارا زورن تي هئا. اهو الائي ميلي جي ڪري هو يا ٻنيهرن جي وقفي جي ڪري پر اها حقيقت هئي تہ ان جاءِ تي ڪوبہ نظر نہ ٿي آيو. اُس ۾ اڌ لڻيل ٻنيون ائين چمڪي رهيون هيون جيئن سزا يافتہ قيدين جا اڌ گنجا مٿا. ٻنين جي چئني پاسي کان پکي اڏري رهيا هئا. گرمائش واري ان خاموشيءَ ۾ ڪڻڪ جا سلا سڌا بيٺل هئا. پري اناج جي ڳنڍن جا صاف ستہرا ۽ اوچا ڍڳ ائين لڳي رهيا هئا تہ چڻ ٿوري دير تائين غور سان تڪ ٻڌي ڏسڻ سان اهي حرڪت ڪندا ۽ اُپ تي ائين هلڻ لڳندا جيئن ڪو شخص اهم ڳالهيون نوٽ ڪندو وڃي رهيو هجي.

پبلشر جو متفرق ڪم ڪندڙ نوڪر پاويل هڪ پاسي ڪنڌ جهڪائي ۽ ڄنگهون ڦهلائي ائين ويٺل هو ڄڻ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي ته گاڏي هلائڻ سندس باقاعدي ڪم ناهي. نڪولائي نڪولائي وچ هن کان پڇا ڪئي ته "اهي ٻنيون ڪنهن جون آهن؟ زميندارن جون آهن يا هارين جون؟" پاويل جيڪو ڏکهي خاموشي ڪانپوءِ سگريٽ پيئڻ ۾ مصروف هو. مٿي سان هڪ پاسي اشارو ڪندي چيو."اهي ته اسان جي مالڪ جون آهن!" ۽ پوءِ ٻئي پاسي وات سان اشارو ڪندي چيو، "۽ اهي هارين جون آهن. هلو هلو! ٽخ ٽخ." گهوڙن کي پچڪاريندي هن سندن ڳچين ۽ پٺن تي ائين نظرون ڄمائي ڇڏيون هيون ڄڻ ڪو انجنيئر اسٽيم انجڻ جي ميٽر کي غور سان ڏسي رهيو هجي.

اهي گهوڙا دنيا جي عام گهوڙن جهڙا هئا. منجهانئن هڪ ته نهايت محنت سان گاڏي ڇڪي رهيو هو جڏهن ته ٻيو پنهنجي ڳچي مٿي ڪري تفريح واري انداز ۾ ڊوڙي رهيو هو. نڪولائي نڪولائي وچ وٽ زمين جي مسئلي تي واسڪو بوئنيڪوف جي ڪتاب جا پروف هئا. پبلشر ليکڪ کي چيو هو ته هو ان ڪتاب جي مسودي ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ سخت سينسر جي روشني ۾ ڪجهه ردوبدل ڪري. هن پاويل کي چيو ته "هي ماڻهو بي قابو ٿيندا پيا وڃن. هڪ ويجهي ڳوٺ ۾ هڪ واپاريءَ کي قتل ڪيو ويو ۽ ٻني ٻاري ۽ گهر کي باهه ڏني ويئي آهي. نيٺ ته ان جو ڪهڙو مطلب سمجهجي؟ ڇا تنهنجي ڳوٺ ۾ به ان جو ڪو ذڪر آهي؟"

پر پاويل ان معاملي ۾ انهن سينسر ڪرڻ وارن کان به وڌيڪ سخت ۽ مايوس ڪن رويو رکندو هو جن واسڪو بوئنيڪوف کي زرعي سڌارن تي پنهنجن سخت نظرين ۾ ڪجهه نرمي ڪرڻ جي فرمائش ڪئي هئي. ان ڪري پاويل ان سوال جو جواب ڏيندي چيو ته "ذڪر واري ڳالهه به چڱي ٿي. هارين سان چڱو ورتاءُ ڪري سندن دماغ خراب ڪيو ويو آهي. اسان کي ائين نه ڪرڻ گهرجي. انهن هارين کي ٿوري آزادي ڏيئي ڏسو. خدا ٿو ڄاڻي ته ڪجهه ئي ڏينهن ۾ هڪ ٻئي کي مارڻ جي فڪر ۾ لڳي ويندا. اڙي هل گهوڙا - ٽخ ٽخ ٽخ."

اهو ٻيو موقعو هو جو يورا پنهنجي مامي سان دوپلا وچي رهيو هو. سندس خيال هو ته هو وات کان چڱي ريت واقف هو ۽ ڪيس ان جي ڄاڻ هئي. هاڻي رستو ڪٿان سڌي پاسي مڙندو ۽ ڪٿان ڇهه ميل ڏکهي ڪولو گريووف جي جاگير جي

پهرين جهلڪ نظر ايندي، جنهن کان ٿورو پري هڪ دريا هو ۽ ان کان اڳتي ريلوي لائين. پر سندس اهو خيال هر دفعي غلط ثابت ٿيو. هڪ ٻئي پويان ٻنيون اينديون ۽ پري جهنگل ۾ نظرن کان غائب ٿينديون ٿي ويون. انهن وشال ميدانن کي ڏسندي اوچتو هن جي اندر ۾ آزادي ۽ بلنديءَ جو جذبو پيدا ٿيڻ لڳو. انهن کي ڏسي هو آئيندي جا خواب ڏسڻ لڳو.

اڳتي هلي نڪولائي نڪولائي وچ جن ڪتابن جي ڪري مشهور ٿيو هو، انهن مان اڃا هڪ به لکيو نه ويو هو. جيتوڻيڪ سندس نظرين ۽ خيالن هڪ واضح صورت وٺي ڇڏي هئي پر هو اڃا انهن جو اظهار نه ڪري سگهيو هو. ڪيس اها ڄاڻ نه هئي ته هو ٿوري وقت ۾ ئي پنهنجي دور جي وڏن وڏن ليکڪن، يونيورسٽي جي پروفيسرن ۽ انقلاب جي فلسفين جي ٽرين ۾ جاءِ وٺڻ وارو هو. هو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن کي ٻين جي نظرين سان اتفاق ته هو پر انهن جي ٺهيل ٺڪيل جملن ۽ لفظن جي چونڊ وغيره ۾ هو ٻين کان مختلف هو. انهن مان هر ڪنهن جو ڪنهن نه ڪنهن خاص نقطهٔ نظر يا عقيدي سان تعلق هو. اهي فضول اکرن ۽ ڳالهين سان خوش ٿيندا هئا پر فادر نڪولائي ٽالسٽائي ازم ۽ انقلابي تصور مان گذري چڪو هو ۽ اڃا به ان سلسلي ۾ اڳتي وڌي رهيو هو. هو اصل ۾ ڪنهن انوکي ڳالهه، ڪنهن عجوبي، ڪنهن اهڙي حيرت ۾ وجهندڙ شيءِ ۽ عجيب وغريب نظريي جي ڳولا ۾ هو جنهن جي تحريڪ سان واقعي انقلاب اچي. هو وچ وانگر چمڪائڻ ڪندڙ اهڙي نظريي جي اوسيئڙي ۾ هو جنهن جي ٻولي ڪو ٻار ۽ جاهل به سمجهي سگهي. بس هو ڪنهن نئين شيءِ جي ڳولا ۾ هو.

يورا پنهنجي مامي وٽ رهي خوش ٿيندو هو. مامي کي ڏسي ڪيس ماءُ ياد ايندي هئي. سندس ماءُ وانگر سندس مامي جو دماغ به گهڻو تيز هو. هو آزادي پسند هو ۽ قدرت جي رازن کي سمجهڻ لاءِ بيچين رهندو هو. هو به انساني حياتي ۾ برابري جو علمبردار هو ۽ پنهنجن خيالن جو بروقت ۽ بهترين لفظن ۾ اظهار ڪرڻ جي مهارت رکندو هو. يورا خوش هو ته سندس مامو ڪيس پاڻ سان دوپلالنڪا وٺي وڃي رهيو هو. اها هڪ خوبصورت جاءِ هئي ۽ ان کي ڏسڻ سان به ڪيس پنهنجي ماءُ ياد اچي وئي هئي جيڪا قدرتي منظرن جي شوقين هئي ۽ ڪيس اڪثر گهمڻ ۾ وٺي ويندي هئي. ڪيس نيڪادروف سان ٻيهر ملڻ جو اشتياق هو. ان جي باوجود ته نيڪا ٻه سال وڏو هئڻ ڪري ساڻس برابريءَ جو ورتاءُ نه

ڪندو هو. نيڪا اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ واسڪو بوئنيڪوف وٽ رهندو هو. هن جڏهن يورا سان هٿ ملايو ته سندس ٻانهن کي هيٺانهين ڏانهن ايڏي زور سان جهٽڪو ڏنو جو يورا جو هٿ هيٺ جهڪي ويو ۽ سندس وار نرڙ تي اچي پيا جنهن سان سندس اڌ چهرو لڪي ويو.

(5)

نڪولائي نڪولائيوچ تبديل ٿيل مسودو پڙهي رهيو هو. "غربت ۽ افلاس جي مسئلي جو اهم ترين نقطو". پوءِ هن سوچيو ته "منهنجي خيال ۾ هتي "وچور" جو لفظ وڌيڪ مناسب لڳندو. اهو سوچيندي هن پروفن ۾ مناسب تبديلي ڪري ڇڏي. هي همراه هڪ اڌ اونداهي اڱڻ ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. جنهن کي شيشي جي ديوار سان بند ڪيو ويو هو. دالان جي باغيچي ۾ استعمال ٿيندڙ پاڻي جا ٽين ۽ ٻيا اوزار وکريا پيا هئا. هڪ ڀڳل ڪرسيءَ جي پوئين حصي تي هڪ ڇتي رکيل هئي. هڪ ڪنڊ ۾ برساتي جوتا پيل هئا جن تي سڪي ويل گپ جو هڪ تهه جميل هو. جوتن جو مٿيون حصو مڙي زمين تي لڙڪي پيو هو.

نڪولائي نڪولائي وچ جملو لکرايو ته "ٻئي پاسي پيدائش ۽ موت جا انگ اکر ٻڌائين ٿا." ايوان ايوانووچ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو ته "ان ۾ تبصري هيٺ سال جا لفظ وڌائي ڇڏيو." ۽ ان ڪانپوءِ هن ان تبديليءَ کي نوٽ ڪري ورتو. مسودي وارا پنا سامهون ٿهليا پيا هئا ۽ ان تي پٿر جا ٽڪر پيپر ويٽ جو ڪم ڏيئي رهيا هئا.

ڪم ختم ٿيندي ئي نڪولائي نڪولائي وچ اتان ترت روانو ٿيڻ پيو چاهي. هن چيو ته "طوفان اچڻ وارو آهي اسان کي ترت هلڻ گهرجي."

"اهو وسوسو بي بنياد آهي، مان توکي نه وڃڻ ڏيندس. اسان ٻئي گڏجي چانهه پيئنداسين."

"پر مون کي رات ٿيڻ کان اڳ ئي شهر پهچي وڃڻ گهرجي."

"بحث ڪرڻ بيڪار آهي. آئون ڪابه ڳالهه نه ٻڌندس."

ايتري ۾ باغ واري پاسي کان سما وار ۾ ٻرندڙ ڪوئلن جي دونهن جو هڪ هلڪو جهونٽو آيو جنهن سان تماڪ جي ٻوٽن ۽ سورج مکي جي خوشبو دٻجي ويئي. هڪ نوڪرياڻي ٽري ۾ رس ملائي، پري ۽ حلوي سان ڀريل ڪيڪ کڻي ٻاهر

ويئي. ان ڪانپوءِ ڪين ٻڌايو ويو تہ پاويل دريا تي وهنجڻ ويو هو ۽ گهوڙا بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويو هو. نيٺ نڪولائي نڪولائي وچ ڪي مجبوراً ترسڻو پيو. ايوان ايوانو وچ چيو تہ "هلو تہ اسان دريا جو سير ڪري اچون. ايتري دير ۾ هي همراه چانهہ بہ تيار ڪري وٺندا."

ڪولوگريووف سان دوستيءَ ڪري ڪيس مينيجر جي گهر ۾ بہ ڪمرا رهڻ لاءِ مليل هئا. هي گهر جنهن سان هڪ باغيچو بہ هو پارڪ جي هڪ ويران ڪنڊ تي هو جتان پراڻي سڙڪ گذرندي هئي پر هاڻي اها پڻ گاهہ سان ڍڪجي ويئي هئي ۽ ان ڪان رڳو ڪچري وغيره اڇلائڻ جو ڪم ورتو ويندو هو. ڪولوگريووف ترقي پسند لاڙا رکندڙ ڪروڙ پتي هو. هو انقلابين جو همدرد هو ۽ پنهنجي زال سان گڏ ڏيساور ويل هو. ان وسيع جاگير تي اڄڪلهہ رڳو سندس بہ ڌيئرون ناديا ۽ ليپا پنهنجي استاد ۽ ڪجهہ نوڪرن سان گڏ رهيل هيون.

مينيجر جي گهر ۽ باغ ڪي پارڪ ۽ ان جي ساون ميدانن ۽ هٽراڏو ناهيل ڍنڍن ڪان، جيڪي گهر جي چوڌاري ڦهليل هيون، ڪارن ڪانڊيرن جي هڪ ديوار ڌار ڪندي هئي. جيئن ئي ايوان ۽ نڪولائي هن ديوار جي هڪ ڪنڊ تي پهتا تہ ٿوري ٿوري وقفي ڪانپوءِ ننڍڙين جهرڪين جو هڪ وڏو تعداد اتان اڏرڻ لڳو. اها ڪاري ديوار جهرڪين سان ڀري پئي هئي ۽ سندن لاڳيتي چهڪار سان ائين لڳو پئي تہ جڻ ڪنهن نل مان هڪ ئي رفتار سان پاڻي وهي رهيو هجي. سائنس ۽ ادب ۾ نين صلاحيتن جو ذڪر ڪندي، اهي ٻئي حمامن، مالهي جي ڪوٺڙي ۽ پٿر جي هڪ تباهہ ٿيل عمارت جي ڀرَمان گذريا.

نڪولائي چيو تہ "ها ها، اهي ماڻهو اعليٰ صلاحيتن جا مالڪ آهن. پر اڄڪلهہ هر پاسي هر قسم جي گروپن ۽ سوسائيٽين ناهڻ جو رواج ڦهلجي ويو آهي. اجتماعيت گهٽ درجي جي ماڻهن جو ڪم آهي پوءِ ڀلي اهي همراهہ سولوويف جون قسمون کائين يا ڪانٽ ۽ مارڪس جون. سچائي جي ڳولا رڳو فرد ئي ڪن ٿا ۽ اهي انهن ماڻهن کان پري ٿي رهن ٿا جن جو مقصد سچائي حاصل ڪرڻ ناهي هوندو. نيٺ دنيا ۾ گهڻيون اهڙيون شيون آهن جيڪي اسان جي وفاداريءَ جون مستحق آهن؟ اهڙيون شيون تمام گهٽ آهن. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي ابديت جي تابع رهڻ گهرجي جيڪو زندگيءَ جو ٻيو ۽ ان کان بہ وڌيڪ طاقتور نالو آهي. انسان کي ابديت جو وفادار رهڻ گهرجي، يسوع مسيح جو وفادار رهڻ گهرجي. پر منهنجا مٺا هميشہ جيان تنهنجي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو."

"هون" ايوان ايوانوچ چيو. هي همراهہ نهايت سنهڙو سيپڪڙو هو. سندس وار خوبصورت هئا ۽ هو بام مڇيءَ وانگر بي چين رهندو هو. سندس ننڍي ڏاڙهي اهڙي هئي جو هو لنڪن جي دور جو آمريڪي لڳندو هو. هو هر وقت ڏاڙهيءَ کي مٺ ۾ جهلي ان جي ڪنارن کي پٽيندو رهندو هو. "آئون تہ ڪجهہ بہ نہ ٿو چوان. توکي تہ خبر آهي تہ آئون انهن مسئلن کي ٻيءَ نظر سان ڏسان ٿو. جڏهن ڳالهہ نڪتي ئي آهي تہ ٿورو اهو تہ ٻڌاءِ تہ جڏهن انهن تنهنجي رهبانيت جي پيشي کي ختم ڪرڻ لاءِ تنهنجي عبا لاٿي هئي تہ ان وقت تو ڇا محسوس ڪيو هو؟ آئون يقين سان چوان ٿو تہ تون گهبرائجي ويو هوندين. انهن توکي ڪابددعا تہ نہ ڏني؟"

"تون موضوع بدلائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين. پوءِ بہ چو نہ . ڇا چيئي مون کي بددعا ڏني؟ نہ هاڻي هو ائين نہ ٿا ڪن. اها نهايت ئي ناخوشگوار ڳالهہ هئي ۽ پوءِ ان جا نتيجا بہ ڀوڳڻا پون ٿا. مثال طور اهڙي ماڻهو کي هڪ سال سول سروس ۾ وڃڻ جي اجازت نہ هوندي آهي ۽ مون کي ماسڪو يا پيٽرز برگ وڃڻ کان روڪيو ويو هو. پر اهي ننڍڙيون ڳالهيون آهن. جيئن آئون اڳ چئي چڪو آهيان تہ اسان کي يسوع مسيح جو وفادار رهڻ گهرجي. ان جو مطلب سمجهايان ٿو. تنهنجي سمجهہ ۾ جيڪا ڳالهہ نہ ٿي اچي اها هي تہ ملحد ٿيڻ ممڪن آهي ۽ ان حقيقت کان بي خبر رهڻ بہ ممڪن آهي تہ آيا خدا جو وجود آهي يا نہ. ان جي باوجود بہ ان اعتقاد تي قائم رهڻ تہ انسان قدرت جي تخليق طور نہ پر تاريخي اعتبار کان جيئرو آهي. هن وقت اسان جنهن تاريخ کان واقف آهيون اها حضرت يسوع ميسح کان شروع ٿئي ٿي ۽ اهو بہ تہ يسوع مسيح جا سهڻا قول ئي ان جو بنياد آهن. ها اها تاريخ ڇا آهي؟ اها صدين تائين موت جي هنگامي حقيقت جي ڳولا ڪرڻ جي ڪوشش جو نالو آهي. ان جو مقصد اهو هو تہ موت تي فتح حاصل ڪري سگهجي. اهوئي ڪارڻ آهي تہ ماڻهن رياضي جي لامحدوديت کي ڳوليو. اليڪٽرو ميگنيٽڪ لهرن جو پتو لڳايو. اهوئي ڪارڻ آهي تہ ماڻهو آرڪسٽرا جي موسيقي کي لکت ۾ آڻين ٿا. پر هڪ خاص ايمان، اعتقاد ۽ مقدس انجيل کانسواءِ توهان ان پاسي ڏانهن بہ اڳتي نہ ٿا وڌي سگهو ۽ نہ ترقي ڪري سگهو ٿا. توهان روحاني قوت کانسواءِ ان قسم جي ڳولا نہ ٿا ڪري سگهو ۽ ان قوت جا بنيادي عنصر مذهبي ۽ روحاني عقيدا ۽ اصول آهن. ان جي حقيقت ڇا آهي؟ سڀ کان پهرين پاڙيسرين سان محبت. جيڪا ان روحاني طاقت

جي اعليٰ ترين صورت آهي. انساني دل کي ان عظيم طاقت سان پرڻ ڪانپوءِ اهو جذبو اڃا اڳتي وهندو هليو ٿو. ان ڪانپوءِ جديد انسان جا به نظريا پيدا ٿين ٿا جن ڪانسواءِ جديد انسان جو تصورئي ناممڪن آهي. اهي آزاد شخصيت ۽ زندگي جي قرباني واري حيثيت جا تصور آهن. پر خبردار! اڃا تائين اهي سڀ بلڪل ئي نيون ڳالهيون آهن. جيستائين انهن ڳالهين جو تعلق آهي ته پراڻي زماني ۾ انهن جي ڪا تاريخ نه هئي. انهن وٽ رتوڇاڻ هئي، حيوانيت هئي ظلم هو ۽ ناسور هئا. ان زماني جي ماڻهن کي ڪا خبر نه هئي ته غلامي جو رواج ڪيترو ذليل آهي. اُهي تامي جي يادگارن، بُتن ۽ سنگ مرمر جي ٿنڀن کي ابدي فخر ۽ وڏائي جو اظهار سمجهندا هئا. اهو رڳو يسوع مسيح جي ظهور جوئي نتيجو هو ته انسان ۽ زمان ۽ مڪان آزادي جي فضا ۾ ساهه کڻڻ شروع ڪيو. يسوع مسيح جي ولادت باسعادت ڪانپوءِئي انسان مستقبل ڏانهن اڳتي قدم وڌائڻ شروع ڪيو. انسان ڪتن وانگر ڪڏن ۾ ڪڙيون رڳڙيندي نه ٿا مرن پر گهر ۾ مرن ٿا ۽ تاريخ ۾ جاءِ حاصل ڪن ٿا. ان سان گڏ ئي موت تي فتح حاصل ڪرڻ جي ڪوشش به شدت سان جاري رهندي. انسان ان ڪم ۾ هٿ ونڊائيندي جان ڏئي ٿو. او الائي مان ڇا ڇا چوندو رهيو آهيان. پر ممڪن آهي ته مون رڏن اڳيان رباب ئي وڄايو هجي."

"اهي مابعد الطبيعات جون ڳالهيون آهن، پر منهنجا عزيز دوست، ڊاڪٽر مون کي انهن کان روڪيو آهي. منهنجو پيٽ انهن ڳالهين ٻڌڻ سان خراب ٿي پوندو آهي."

"اوه اها ڳالهه آهي. تنهنجي حالت ته رحم جوڳي آهي. خير ڇڏ ان جهيڙي کي، خوش قسمت شيطان اهو به سٺو نظريو آهي. آئون سمجهان ٿو ته تون جيئرو آهين پر حقيقت کان بي خبر." سج جي روشني ۾ دريا جو پاڻي ائين چمڪي رهيو هو جو ان تي نظر ڇمائڻ ڏکيو پئي لڳو. ائين لڳي رهيو هو ته سامهون اُس ۾ هڪ صاف شفاف فولادي چادر چمڪي رهي هجي. اوچتو لهرن ۾ حرڪت پيدا ٿي ۽ سامان، گهوڙن، هارين ۽ سندن عورتن سان ڀريل هڪ ٻيڙي ٻئي ڪناري ڏانهن رواني ٿي.

"ٿورو سوچ ته اڃا رڳو پنج ٿيا آهن." ايوان ايوانوچ چيو "سزران کان جيڪا ايڪسپريس ٽرين ايندي آهي اها هتان پنج لڳي پنجن منٽن تي گذرندي آهي."

پري ميدان ۾ ساڄي کان کاٻي پاسي کي پار ڪندي هڪ هيڊي ۽ نيري رنگ جي ٽرين اچي رهي هئي. پري کان اها بلڪل ننڍي ڏسڻ ۾ پئي آئي. اوچتو انهن

ڏٺو تہ اها ٻيهي رهي هئي. انجڻ مان اچو دونهن نڪري رهيو هو ۽ پوءِ ان هڪ ڊگهي سيٽي هنئي.

"اها حيرت جي ڳالهہ آهي،" واسڪو بوئنيڪوف چيو. "ڪجهہ گڙٻڙ لڳي ٿي. ٽرين کي اُتي ڏٻڻ جي وچ ۾ بيهڻ نہ گهرجي. ضرور ڪجهہ ٿي ويو هوندو. هلو تہ اسان هلي چانهہ پيئون."

(6)

نيڪا نہ تہ باغيچي ۾ هو ۽ نہ ئي گهر ۾ يورا اندازو لڳايو تہ هو ڪٿي لڪل هو. ڇاڪاڻ تہ اهي ڪيس بيزار ڪري ڇڏيندا هئا ۽ پيو اهو بہ تہ يورا ڪانئس گهٽو ننڍو هو. جڏ ن سندس مامو ۽ ايوان ايوانووچ اگڻ ۾ ڪم ڪرڻ ويا تہ يورا کي اتي ميدان ۾ بي مقصد چڪر لڳائڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ڏنو ويو هو.

اها جاءِ ڪيترو نہ پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ هئي. خوبصورت پرن وارو پکي چمڪي رهيو هو. هر دفعي ٿي پيرا آواز ڪرڻ ڪانپوءِ هو فضا ۾ پنهنجو آواز گم ٿي وڃڻ تائين ماٺ ٿي ويندو هو. گلن جي هارين ٿي هڪ تيز ۽ خاموش خوشبو چانيل هئي. ان سان خوبصورت ۽ مهڪندڙ گلن جي ياد تازي ٿي رهي هئي. يورا هيڏانهن هوڏانهن گهمندو رهيو. ڪيس اهو وهم ٿيڻ لڳو تہ ڇڻ سندس ماءُ جو آواز انهن باغ باغيچن ۾ ڦهليل هجي. هن اهو آواز پکين جي موسيقي سان پريل ٻولي ۽ ماکي جي مکين جي پڻ پڻ ۾ ٻڌو. ڪڏهن ڪڏهن هن اهو سوچيندي ڇرڪ ٿي پريو تہ سندس ماءُ ڪيس سڏي رهي هئي ۽ پاڻ وٽ گهرائي رهي هئي. هو آهستہ هلندي سوڙهي ڪڏ تائين ويو ۽ ان جي ڪناري ٿيندو هيٺ وٽن ۾ لهي پيو. اتي ڇٽني پاسن کان ڪريل پن وڪريا پيا هئا ۽ اونداهي لڳي رهي هئي. گل گهٽ هئا ۽ ڪنڊن واريون ڪانيون ائين لڳي رهيون هيون جيئن سندس باتصوير انجيل ۾ نهيل ڪتا جون تصويرون، جن تي مينا ڪاري جو ڪم ٿي رهيو هجي. يورا اجا گهٽي اڪيلائي محسوس ڪرڻ لڳو. هن روئڻ پئي چاهيو. هو گوڏن ڀر ويهي رهيو ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳو.

"خدا جا ملائڪ، منهنجا مقدس سرپرست!" هن دعا گهري، "مون کي سچائي جي وات تي مضبوطيءَ سان قائم رکِ ۽ امان کي چئي ڇڏ تہ آئون بلڪل نيڪ آهيان. هو فڪر نہ ڪري ۽ معبود جيڪڏهن موت ڪانپوءِ ڪا حياتي آهي تہ امان

ڪي پنهنجن بهشتي محلاتن ۾ گهرائي وٺ، جتي ولين ۾ انصاف ڪندڙن جا منهن تارن جيان چمڪن ٿا. امان ايتري سني هئي جو هو گنگهار ٿي ئي نه پئي سگهي. اي خدايا، مٿس رحم ڪر ۽ کيس هر تڪليف کان آجو رک. امان!" دل ڏاريندڙ ڏک ۽ تڪليف مان هن پنهنجي ماءُ کي ائين آواز ڏنو ڄڻ اها به ڪا مقدس هستي هجي، پوءِ هو بيهوش ٿي ڪري پيو. هو گهڻي دير بيهوش نه رهيو. کيس جڏهن هوش آيو ته هن ٻڌو ته سندس ماموکيس سڏي رهيو هو. هن جواب ڏنو ۽ مٿي چڙهڻ لڳو. اوچتو کيس ياد آيو ته هن پنهنجي گم ٿي ويل پيءُ لاءِ دعا نه گهري هئي جيئن ميريا نڪولائيونا کيس سيکاريو هو. پر ان مختصر بيهوشي هن جي اندر ۾ هڪ هلڪي پن ۽ صحت جو احساس پيدا ڪري ڇڏيو هو جنهن کي هو ختم ڪرڻ نه پيو چاهي. هن سوچيو ته جيڪڏهن هن ڪنهن ٻئي وقت تي پنهنجي پيءُ لاءِ دعا گهري ته به ڪو فرق نه پوندو. ڄڻ هو پنهنجي پاڻ کي چئي رهيو هجي ته "کيس انتظار ڪرڻ ڏيو" پورا کي هو بلڪل ياد نه هو.

(7)

ٽرين جي سيڪنڊ ڪلاس جي دٻي ۾ ميشاگورڊن پنهنجي پيءُ سان گڏ سفر ڪري رهيو هو. سندس پيءُ اورنبرگ جو هڪ وڪيل هو. ميشا يارنهن سالن جو هڪ ڇوڪرو هو. پنهنجي ڇهري مان هو سوچ ويچار ڪرڻ وارو لڳي رهيو هو. هن جون اکيون وڏيون ۽ ڪاريون هيون. هو اسڪول جي ٻئي سال ۾ هو. سندس پيءُ گريگوري اوسيپوچ جي ماسڪو ۾ هڪ نئين عهدي تي بدلي ٿي هئي. سندس ماءُ ۽ پينر گهر کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪجهه عرصو اڳ ئي اتي وڃي چڪيون هيون.

پيءُ ۽ پٽ کي سفر ڪندي ٽي ڏينهن ٿي چڪا هئا. روس جي سرزمين، ان جون ٻنيون، چراگاهون، ڳوٺ ۽ شهر سج جي روشني ۾ سندن نظرن آڏو گذري رهيا هئا. هر شيءِ ڌوڙ جي ڪڪرن ۾ ويڙهيل نظر پئي آئي. شاهراهن تي گاڏين جون قطارون هلنديون نظر آيون ٿي جيڪي ڪڏهن ڪڏهن سڙڪ کان هٽي ريلوي لائين کي پار ڪري رهيون هيون. نهايت تيز رفتار ٽرين مان ائين لڳو پئي ته ڄڻ گاڏيون بيٺل هجن ۽ سندن گهوڙا آرام ڪري رهيا هجن.

وڏين اسٽيشنن تي مسافر پنهنجي پنهنجي دٻي مان لهي ڊوڙندا ماني لاءِ هليا ويندا هئا. اسٽيشن جي باغيچي جي پويان لهندڙ سج جي روشني سندن پيرن ۽ ٽرين جي ڦيٿن تي پئجي رهي هئي.

دنيا ۾ هر ڇر پر پنهنجي جاءِ تي هڪ سوچيل سمجهيل ۽ ڪنهن مقصد هيٺ معلوم ٿي ٿي پر جيڪڏهن انهن کي گڏ ڏٺو وڃي ته اهي زندگيءَ جي ان عام ڌارا سان پريل نظر ٿي آيا جنهن انهن سيني کي پاڻ ۾ ملائي رکيو هو. ماڻهو ڪم ڪندا هئا ۽ جدوجهد ڪندا هئا ۽ هر طبقو پنهنجين ضرورتن موجب مشين وانگر حرڪت ڪندو نظر ايندو هو، پر جيڪڏهن منجهن ضرورتن ۽ فڪرن کان آجپو حاصل ڪرڻ جو اعليٰ جذبو موجود نه هجي ها ته اهي مشينون صحيح طريقي سان ڪم نه ڪري سگهن ها. اهو آجپو ان احساس جو نتيجو هو ته سڀ انساني حياتيون هڪ ناتي ۾ ٻڌل آهن، ان ڳالهه جو يقين ته اهي هڪ ٻئي ۾ گڏجي وڃن ٿيون، هڪ خوشي سان پريل احساس ته سڀ واقعا رڳو زمين تي ئي پيش نه ٿا اچن جتي لاشن کي دفنايو ويندو آهي پر ڪنهن ٻي دنيا ۾ به پيش اچن ٿا، جنهن کي ڪجهه ماڻهو خدائي بادشاهت، ڪجهه تاريخ ۽ ڪجهه ٻيا ماڻهو ڪنهن ٻئي نالي سان سڏين ٿا.

ميشا ان عام نظرئي کان بلڪل ئي ڌار هو. ضرورت ۽ فڪر جو احساس سندس ٻي فطرت هئي ۽ تحفظ جي احساس سان نه ته سندس اطمينان ٿيندو هو ۽ نه ئي سندس همت وڌندي هئي. هو پنهنجي اندر موجود ان موروثي وصف کان واقف هو ۽ اويساهيءَ سان پنهنجي اندر ان جي نشانين تي غور ڪندو رهندو هو. ان سان کيس تڪليف پهچندي هئي. ان شيءِ جي موجودگي کيس گهٽ ۽ حقير ڪري ڇڏيندي هئي.

جيستائين سندس يادگيري ڪم ٿي ڪيو ته هو هميشه ان ڳالهه تي غور ڪندو آيو هو ته ٻين ماڻهن جهڙيون ٻانهون ۽ ٽنگون رکندي ۽ اهائي ٻولي ۽ زندگي جا طور طريقا رکندي جيڪي ٻين ماڻهن جا هئا، هڪ ماڻهو ٻين کان ڪيئن مختلف ٿي سگهي ٿو جنهن کي نهايت گهٽ ماڻهو پسند ڪندا هجن ۽ جيڪو ڪا محنت به نه ڪندو هجي. هو اها صورتحال سمجهي نه سگهيو هو جنهن ۾ هڪ شخص ٻين کان بهتر هوندي به پنهنجي حالت کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪري سگهندو هجي. يهودي هئڻ جو ڇا مطلب هو. ان جو مقصد ڇا هو؟ ان غير موثر چئلينج جي، جنهن مان رنج ۽ افسوس کانسواءِ ٻيو ڪجهه به حاصل نه پئي ٿي سگهيو، ڪهڙو مقصد هو يا ڪهڙو انعام ملي سگهيو ٿي.

جڏهن ميشا اهو مسئلو پنهنجي پيءُ آڏو رکيو ته ڪيس چيو ويو ته سندس اهي ڳالهيون بيڪار هيون ۽ اهڙا دليل غلط هئا پر سندس آڏو ڪو اهڙو حل پيش نه ڪيو ويو جيڪو سندس لاءِ دلچسپي رکندو هجي يا ڪيس قسمت جي لکئي آڏو مٿو ٽيڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏي. آهستي آهستي پنهنجي ماءُ پيءُ ڪانسواءِ هو وڏي عمر وارن سيني ماڻهن کي حقارت سان ڏسڻ لڳو جيڪي ان خرابي جو ڪارڻ هئا ۽ ان کي ختم به نه پئي ڪري سگهيا. ڪيس يقين هو ته جڏهن هو وڏو ٿيندو ته سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪري ڇڏيندو.

هاڻي مثال طور ڪوبه اهو چوڻ جي همت نه ٿي ڪري سگهيو ته سندس پيءُ کي ان چرئي ماڻهو پويان ڪاريڊور ۾ ڊوڙڻ نه گهرجي ها ۽ ان وقت ٽرين کي بيهارڻ نه کپندو هو جڏهن گريگوري ۽ سپووچ کي هڪ پاسي ڌڪي دروازو کوليندي هن پنهنجو پاڻ کي مٿي ۾ ايڪسپريس ٽرين کان ٻاهر بلڪل ائين ڦٽو ڪيو هو جيئن ڪو تارو اوچي تختتي تان ترڻ واري حوض ۾ ٽپو ڏيندو هجي.

جيئن ته سندس پيءُ خطري واري زنجير ڇڪي هئي ان ڪري ائين لڳو پئي ته ڄڻ ٽرين رڳو سندن لاءِ ئي ايتري دير بيٺي هجي.

ڪنهن به ماڻهوءَ کي دير ٿيڻ جي ڪارڻ جي ڄاڻ نه هئي. ڪجهه ماڻهن چيو ته ٽرين جي اوچتو بيهي رهڻ ڪري هوائي بريڪ خراب ٿي ويا هئا. ٻين ماڻهن جو چوڻ هو ته ٽرين هڪ ڏکي چڙهائي تي هئي ۽ انجڻ ان کي ڇڪي نه ٿي سگهيو. ٽيون نظريو اهو هو ته جيئن ته آپگهات ڪندڙ هڪ اهم ماڻهو هو ان ڪري ان جي وڪيل، جيڪو ٽرين ۾ ساڻس گڏ سفر ڪري رهيو هو، ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ويجهي اسٽيشن ڪولو گريوو مان عملدارن کي گهرايو وڃي ته جيئن اهي بيان تيار ڪري سگهن. اسسٽنٽ انجنيئر جي تار جي ٿنڀي تي چڙهڻ جو اهو ئي ڪارڻ هو. معائنو ڪرڻ واري گاڏي ضرور اچي رهي هوندي.

ليٽرين مان هلڪي هلڪي بدبو اچي رهي هئي، جيڪا عطر ۽ پڳل ڪڪڙ جيڪا هڪ گندي تيل هاڻي ڪاغذ ۾ ويڙهيل هئي، جي خوشبوءِ سان به گهٽ نه پئي ٿي. اهڙي ريت جيئن ته ڪجهه به نه ٿيو هجي، پيٽرزبرگ جي عورتن، جن جا وار اڇا ٿي چڪا هئا ۽ جن جا آواز گهٽا تيز هئا ۽ جيڪي رنگ ۽ روغن جي استعمال ڪري خانہ بدوش عورتون لڳي رهيون هيون، پنهنجي منهن تي پائوڊر لڳايو ۽ پنهنجين آڱرين کي رومال سان صاف ڪيو. جڏهن اهي پنهنجين شالن

کي نيڪ ڪنديون. ظاهري ڏيکاءُ جي احساس سان آهستي آهستي سوڙهي رستي مان نڪري گوربن جي دٻي جي اڳيان کان گذريون ته سندن پڪوڙبل چپن کي ميشا اهو چوندي ٻڌو ته "ڇا اسين حساس ناهيون؟ اسان هڪ خاص شيءِ آهيون! اسان مهذب آهيون ۽ اسان لاءِ اهو ئي ڪافي آهي."

آپگهات ڪندڙ همراهه جو مڙهه پاسي ۾ گاهه تي پيل هو. سندس نرڙ مان جيڪو رت وهي رهيو هو اهو هاڻي خشڪ ٿي ويو هو ۽ ائين پئي لڳو ته ڄڻ سندس منهن تي ڪنڊي جو نشان ٺهي ويو هجي. اهو سندس رت نه پئي لڳو جيڪو سندس جسم مان نڪتو هو پر ڪا اهڙي شيءِ پئي لڳي جنهن جو ساڻس ڪو واسطو نه هو جيئن پلاسٽڪ جو ٽڪرو يا گپ جا ڇنڊا يا صنوبر جو پسيل پن.

حالتن ڇاڻڻ جا شوقين ماڻهو ۽ همدردي رکڻ وارا لاش جي چوڌاري بيٺا هئا ۽ سندن ڇپون لاڳيتو هلي رهيون هيون. جڏهن ته سندس دوست ۽ سفر جو همراهي، هڪ طاقتور ۽ خود سر قسم جو وڪيل، هڪ اصل نسل جو جانور، جنهن کي پگهر ۾ پسيل قميص پاتل هئي، سندس ويجهو بيزاريءَ مان بيٺو هو ۽ سندس چهري مان ڪنهن به قسم جي جذبن جو اظهار نه پئي ٿيو. گرمي نه سهندي هو پنهنجي ٽوپلي سان هوا ڪري رهيو هو. سيني سوالن جي جواب ۾ هن بس پنهنجن ڪلهن کي حرڪت ڏني ٿي ۽ مڙڻ ڪنسواءِ ڪاوڙ مان چيو ٿي ته "هو هڪ شرابي هو. ڇا توهان سمجهي نه ٿا سگهو؟ هن دوري جي حالت ۾ ائين ڪيو هو."

هڪ ٻه ڀيرا هڪ سنهڙي سيپڪڙي عورت، جنهن کي پشمي ڪپڙا ۽ ٻوٽن سان ڀريل رومال پاتل هو، مڙهه جي ويجهو آئي. هو تيورزينا جي بيوه هئي جنهن جا ٻه پٽ انجنيئر هئا. هوءَ پنهنجي ٻن نُنهن سان گڏ ٽرڊ ڪلاس ۾ سفر ڪري رهي هئي. جيئن راهبائون وڏي راهبا جي پويان هلنديون آهن بلڪل اهڙي ريت اهي ٻئي عورتون شال نرڙ تائين وجهي پنهنجي سس جي پويان هلي رهيون هيون. ماڻهن سندن لاءِ رستو ڇڏي ڏنو. تيورزينا جو مڙس ريلوي جي هڪ حادثي ۾ جيئرو سڙي ويو هو. هوءَ مڙهه کان پري بيٺي هئي پر ماڻهن جي هجوم مان ان کي صاف طور ڏسي پئي سگهي. تيورزينا ٿڌا ساهه کڻي رهي هئي ۽ ائين پئي لڳو ته ڄڻ ٻنهي حادثن کي ڀيٽي رهي هجي. لڳي پيو ته هوءَ چئي رهي هئي ته "جنهن جي نصيب ۾ جيئن لکيل هوندو آهي ائين ئي موت ايندو آهي ۽ ڏسو سندس ڇا حشر ٿيو! عياشي واري حياتي ۽ ذهني بيماري وارو موت."

سڀ مسافر گاڏيءَ کان ٻاهر نڪري آيا ۽ مڙهه تي هڪ نظر وجهي، ان ڏپ کان ته ڪٿي سندن سامان نه چوري ٿي وڃي، واپس پنهنجن پنهنجن ڏٻن ۾ هليا ويا.

جڏهن اهي ماڻهو ٽپ ڏيئي پٽڙي تي آيا ۽ گل چنڻ يا پنهنجين جنگهن کي آرام ڏيڻ لاءِ ٿوري ٽهل ٽڪور ڪئي ته انهن محسوس ڪيو ته ان جاءِ جو وجود رڳو ان حادثي جي ڪري هو ۽ اهو به ته ان ڪانسواءِ نه ته اتي اهو ڏٺڻ وارو باغ هجي ها ۽ نه ئي اوچائي تي اهو نفيس گهر ۽ چرچ هجن ها.

ٻيو ته ٺهيو پر ائين لڳي رهيو هو ته سج به رڳو هڪ مقامي خاصيت بڻجي رهجي ويو هو. ان شام جا ڪرڻا به ڪجهه بي حوصلي ۽ ڍهيل لڳي رهيا هئا بلڪل ان ڳئون جيان جيڪا پنهنجي ولر کي ڇڏي هجوم کي ڏسڻ لاءِ اتي پهچي ويئي هئي.

ان حادثي ميشا کي صفا لوڏي ڇڏيو. ڏک ۽ ڊپ ڪارڻ هو ڏاڍو رنو. ان ڊگهي سفر دوران آپگهات ڪندڙ اهو شخص ڪيترا ئي ڀيرا سندن ڏبي ۾ آيو هو ۽ ڪلاڪن تائين ميشا جي پيءُ سان ڳالهيون ڪيون هيون. هن چيو هو ته هو اخلاقي نفاست، امن ۽ رواداري جي قدرن ۾ گهڻو اطمينان محسوس ڪري ٿو ۽ انهن قدرن کي پاڻ ۾ موجود ڏسي ٿو. هن سندس پيءُ کان قانوني باريڪين، هنڌين، بندوبست جي دستاويزن، ڏيوالي ۽ فراڊ بابت انيڪ سوال ڪيا هئا. هن گورڊن جي جوابن کي ٻڌڻ کانپوءِ چيو هو ته "هونئن! اها ڳالهه آهي، ڇا قانون ايترو نرم ٿي سگهي ٿو؟ منهنجي وڪيل جو نقطہ نظر ته نهايت مايوس ڪن آهي."

جڏهن به اهو گهبرايل شخص ٿورو مطمئن ٿيو ٿي ته سندس ساٿي هڪ فرسٽ ڪلاس ڏبي مان اچي کيس شيمپئين پيئارڻ لاءِ گاڏي جي ريسٽوران ۾ وٺي ٿي ويو. اهو خوش پوش، مغرور ۽ طاقتور ماڻهو وڪيل هو جيڪو هن وقت مڙهه جي ويجهو بيٺو هو. پر سندس منهن تي حيرت، پريشاني يا افسوس جو نالو نشان نه هو. هر شخص کيس ڏسي مجبورن اهو نتيجو ڪڍيو ٿي ته سندس موڪل جي پريشان حالت ڪنهن نه ڪنهن ريت سندس لاءِ فائديمند هئي.

ميشا جي پيءُ کيس ٻڌايو ته هو مشهور ڪروڙپتي زواگو هو جيڪو خوش مزاج، عياش ۽ فضول خرچ شخص هو. اصل ۾ هو پنهنجن افعالن جو پاڻ گهڻو ذميوار هو. جڏهن هو سندس ڏبي ۾ ايندو هو ته ميشا جي موجودگيءَ جي احساس کان بي خبر هو پنهنجي پٽ جون ڳالهيون ڪندو هو جيڪو ميشا جوئي

هر عمر هو. پنهنجي پهرين زال جو ذڪر ڪندو ۽ پوءِ پنهنجي ٻئي گهر جي ڳالهہ ڪڍي ويهندو هو جنهن کي هن پهرئين گهر وانگر ئي ڇڏي ڏنو هو. ان ڪانپوءِ ڪيس ٻي ڪا ڳالهہ ياد اچي ٿي ويئي، ڊپ ۾ سندس رنگ ئي پيلو ٿي ٿي ويو ۽ سندس ڪهاڻي سڄي وڪر جي ٿي ويئي.

ميشا سان هن نهايت محبت ۽ شفقت ظاهر ڪئي هئي جيڪا شايد ڪنهن ٻئي لاءِ سندس جذبن جو اظهار هئي. هن مٿس تحفن جو مينهن وسائي ڇڏيو هو. وڏين اسٽيشنن تي هو ٽپ ڏيئي ٻاهر ٿي ويو ۽ تحفا خريد ٿي ڪيا. هتي فرسٽ ڪلاس مسافر خانن جي بڪ اسٽالن تي رانديڪا ۽ مقامي تحفا بہ وڪرو ٿيندا هئا.

هن لاڳيتو شراب پيتو هو ۽ شڪايت ڪئي هئائين تہ هو ٽن مهينن کان ننڊ نہ ستو. هن اهو بہ ٻڌايو تہ هو جيئن ئي هوش ۾ ٿي آيو پوءِ پلي اهو ڪجهہ لمحن لاءِ ئي ڇو نہ هجي، ڪيس ايتري تڪليف ٿيندي هئي جو ڪو معمولي ماڻهو ان جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي.

آخر ۾ هو ڊوڙندو سندن دٻي ۾ آيو. گورڊن جو هٿ جهلي ڪيس ڪجهہ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر هن محسوس ڪيو تہ هو ائين نہ ٿو ڪري سگهي. پوءِ هو ڪاريڊور ڏانهن ويو ۽ گاڏيءَ مان ڪري پيو.

هاڻي ميشا اُن ننڍي دٻي کي ڏسي رهيو هو جنهن ۾ يورال جي معدنيات جا نمونا هئا. هي دٻو سندس آخري تحفو هو. اوچتو هر پاسي هڪ حرڪت پيدا ٿي پئي. پاسي واري لائين تي هڪ هينڊ ڪار اچي بيٺي جنهن مان هڪ ڊاڪٽر بہ پوليس وارا ۽ هڪ مئجسٽريٽ لٿا. خاص دفتري انداز ۾ ڪجهہ سوال پڇيائون ۽ ڪجهہ بيان قلمبند ڪيا ويا. پوليس وارن ۽ محافظ دستن ريتي ۾ ترڪندڙ ۽ ڪرندڙ مڙهہ کي ڇڪي لائين جي برابر رکيو. هڪ ڳوٺاڻي عورت روئڻ شروع ڪيو ۽ مسافرن کي چيو ويو تہ اهي واپس پنهنجين سيٽن تي هليا وڃن. گارڊ سيٽي وڄائي ۽ گاڏي اتان رواني ٿي ويئي.

(8)

"هي آهي مقدس تيل"نيڪا تلخيءَ مان سوچيو. هو ڇٽ جي واڻ جي ڳولا ۾ چٽني پاسي ڏسي رهيو هو. دروازي جي ٻاهران مهمانن جو آواز اچي رهيو هو ۽ رستو بند هو. ڪمري ۾ ٻہ پلنگ هئا . هڪ سندس پنهنجو ۽ ٻيو واسڪو

بوئنيڪوف جو. مشڪل سان هڪ پل سوچڻ کانپوءِ هو ماٺ ڪري پهرئين پلنگ هيٺان هليو ويو.

هو سندن سڏ ٻُڌي سگهيو ٿي. اهي ڪيس ٻين ڪمرن ۾ ڳولي رهيا هئا ۽ هُن جي غائب ٿيڻ تي ڪين تعجب ٿي رهيو هو. نيٺ اهي خواب گاهه ۾ داخل ٿيا.

”بهرحال هاڻي چا ٿو ٿي سگهي.“ نڪولائي نڪولائي وچ چيو. ”هليو وڃ يورا ٿي سگهي ٿو ته تنهنجو دوست پوءِ اچي ۽ پوءِ تون ساڻس راند ڪري سگهين.“ اتي ويهي هو پيٽرز برگ ۽ ماسڪو ۾ شاگردن جي فسادن متعلق ڳالهائيندا رهيا ۽ نيڪا کي اٽڪل ويهه منٽن تائين ائين مضحڪ خيز انداز ۾ قيد رهڻو پيو. نيٺ اُهي ٻاهر اڱڻ ۾ هليا ويا. نيڪا خاموشي سان دري کولي ۽ ٽپ ڏيئي ٻاهر پارڪ ۾ هليو ويو.

گذريل رات هو بلڪل به سمهي نه سگهيو هو. سندس مٿو ڳرو ٿي رهيو هو. اهو سندس چوڏهون سال هو ۽ هو لاڳيتو ٻار رهڻ جي خيال کان تنگ اچي چڪو هو. هو سڄي رات جاڳندو رهيو ۽ صبح سوير ٻاهر هليو ويو. اڀرندڙ سج جي روشني ۾ ماڪ سان پنل وڻن جا ڍگها پاڇا پارڪ جي ميدان تي پئجي رهيا هئا. اهي پاڇا ڪارا نه پر گهري ڀوري رنگ جا هئا.صبح جي مست ڪندڙ خوشبو زمين تي پوندڙ انهن پنل پاڇن مان ايندي پئي محسوس ٿي ۽ انهن مان روشني جون ليڪون ڪنهن ڇوڪريءَ جي آڱرين جيان لڳي رهيون هيون.

اوچتو پاري جي هڪ لهر، جيڪا گاهه تي پوندڙ ماڪ جيان چمڪدار هئي، ڪانئس ڪجهه قدمن جي فاصلي تان گذري ويئي. اها اڳتي ئي وڌندي ويئي ۽ زمين ان کي جذب نه ڪيو. پوءِ اوچتو غير متوقع تيزيءَ سان اها هڪ پاسي مڙي غائب ٿي ويئي. اهو هڪ نانگ هو. نيڪا کي ڏڪڻي وٺي ويئي.

هو هڪ عجيب قسم جو نينگر هو. جڏهن جوش ۾ ايندو هو ته زور زور سان پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ لڳندو هو ۽ پنهنجي ماءُ جا نقل ڪندو هو. ڪيس وڏن موضوعن تي متضاد قسم جي ڳالهين ڪرڻ سان دلچسپي هئي. ”زندگي به ڪيتري خوبصورت آهي،“ هن سوچيو. ”پر ان ۾ هميشه تڪليف ڇو هوندي آهي؟ خدا جو وجود ضرور آهي. پر جيڪڏهن سندس ڪو وجود آهي ته اهو آئون آهيان.“ هن مٿي وڻ کي ڏٺو جيڪو مٿي کان هيٺ تائين ڪنبي رهيو هو ۽ ان جا پنل پن پني جي ٽڪرن جيان لڳي رهيا هئا. ”مان ان کي حڪم ڏيندس ته ڪنبڻ بند

ڪري.“ چرين وانگر پنهنجي پوري قوت ارادي ڪان ڪم وٺندي هن پنهنجي وجود کي ان خيال تي مرڪوز ڪري ڇڏيو ۽ چيو ”لڏڻ بند ڪر“ ۽ وڻ ترت سنڌس حڪم جي تعميل ڪندي ڪنبڻ بند ڪري ڇڏيو. نيڪا خوش ٿي هڪ ٿهڪ ڏنو ۽ ڊوڙندو وهنجڻ لاءِ دريا ڏانهن هليو ويو.

سنڌس پيءُ دمانتي دوروف هڪ دهشت پسند هو جنهن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي هئي. پر پوءِ اها سزا معاف ڪئي ويئي هئي ۽ هاڻي هو جبري پورهئي واري سزا ڪاٽي رهيو هو. سنڌس ماءُ جارجيا جي ارستوف خاندان جي هڪ شهزادي هئي. اها هڪ خوبصورت ۽ بگڙيل عورت هئي جيڪا اڃا تائين جوان هئي ۽ بغاوتن، باغين، تشدد پسند نظرين، مشهور اداڪارن، تڪليف ڏيندڙ ناڪامين يا ڪنهن نه ڪنهن شيءِ متعلق غلط قسم جا خيال سنڌس ذهن ۾ موجود ٿي رهندا هئا.

ڪيس نيڪا سان تمام گهڻي محبت هئي ۽ هن سنڌس نالي کي بگاڙي مٿس هزارين احمقاڻي قسم جا نالا رکي ڇڏيا هئا. جيتوڻيڪ سنڌس نالو انوڪينتي هو پر هو ڪيس پيار مان انوچڪ يانونيڪا سڏيندي ۽ ڪيس پنهنجن خاندان وارن سان ملائڻ لاءِ طفلس وٺي ويندي هئي. هتي ڪيس جيڪا سڀ ڪان وڌيڪ حيرت انگيز شيءِ نظر ايندي هئي اهو هڪ وڻ هو جيڪو سنڌن گهر جي اڱڻ ۾ بيٺل هوندو هو. اهو نهايت وڏو بي ڍنگي قسم جو وڻ هو جيڪو گرم علائقن ۾ ٿيندو آهي. ان جا پن هاٿي جي ڪنن جيان هئا جن اڱڻ کي سج جي گرمائش ڪان بچائڻ لاءِ ڇاڇو ڪري رکيو هو. نيڪا ان خيال کي مڃي نه سگهيو ته اهو هڪ وڻ ٿي هو ۽ جانور نه هو.

نينگر لاءِ اها ڳالهه خطرناڪ هئي ته هو پنهنجي پيءُ جو نالو استعمال ڪري. ايوان ايوانووچ جي خواهش هئي ته هوپنهنجي ماءُ جونالو استعمال ڪري ۽ سنڌس ارادو هو ته هو سنڌس ماءُ جي منظوري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ نالي ۾ تبديلي جي اجازت حاصل ڪرڻ لاءِ زار کي درخواست ڏيندو. جنهن وقت هو پلنگ جي هيٺان ويٺو هو ۽ ڪيس سڄي دنيا تي ڪاوڙ اچي رهي هئي ان وقت ٻين ڳالهين ڪانسواءِ ڪيس ان جو به خيال آيو هو”واسڪو بوئنيڪوف نيٺ پنهنجو پاڻ کي ڇا ٿو سمجهي جو هو سنڌس نجي معاملن ۾ دخل ڏيئي رهيو هو؟هو ڪيس چڱو سبق سيکاريندو.“

اها ناديا! ڇا رڳو ان ڪري تہ سندس عمر پندرنهن سال هئي ڪيس اهو حق حاصل ٿي ويو هو تہ ساڻس اهڙي ريت ڳالهائي جو جڻ تہ هو ڪو ٻار هجي؟ هو ڪيس ڏيکاري ڇڏيندو. ”آئون ساڻس نفرت ڪيان ٿو.“ هن ڪيترائي ڀيرا پنهنجي پاڻ کي چيو تہ ”آءُ ڪيس ماري ڇڏيندس. آءُ هن کي ٻيڙيءَ ۾ سير ڪرائڻ وٺي ويندس ۽ اتي ٻوڙي ڇڏيندو مانس.“

سندس ماءُ بہ خوب هئي. جڏهن هوءَ هلي ويئي هئي تہ هن واسڪو بوئنيڪوف ساڻس ڪوڙ ڳالهايو هو. هو ڪا ڪيشيا جي ويجهو بہ نہ ويئي هئي پر ويجهي جنڪشن تي وات بدلائي اتر ڏانهن پيٽرز برگ هلي ويئي هئي ۽ اتي شاگردن سان پوليس تي گوليون هلائي مزي ۽ تفريح ۾ وقت گذاري رهي هئي. هتي هو پاڻ ان ڪني جاءِ تي ضائع ٿي رهيو هو. پر هُو انهن سيني کان چالاڪ ثابت ٿيندو. ناديا کي ماري ڇڏيندو. اسڪول ڇڏي ڏيندو ۽ پڇي پنهنجي پيءُ ڏانهن سائيبريا هليو ويندو ۽ بغاوت شروع ڪندو.

(9)

تلاءُ جي ڪناري ڪنول ڪڙيا پيا هئا. جن جي وچ مان ٻيڙي ولن سان ٽڪرائيندي گُذري رهي هئي. تلاءُ جو پاڻي ائين لڳي رهيو هو جيئن گدرو وڍڻ مهل ان جي اندر پاڻي هوندو آهي.

نيڪا ۽ ناديا ڪنول چونڊي رهيا هئا. ٻنهي هڪ ئي سخت پر لچڪيدار ول ۾ هٿ وڌو جنهن جي ڪري ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن جهڪي ويا ۽ سندن مٿا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا. ان سان گڏ ئي ٻيڙي اهڙي ريت ڪناري ڏانهن ڇڪجي هلي جيئن ڪنهن ان کي رسو وجهي ڇڪيو هجي. اتي ول ٿوري ننڍي پر وڏيڪ منجهيل هئي. اوچاڪل پاڻي ۾ ٽبي هٽندا ۽ پوءِ اپرندا ٿي رهيا ۽ انهن جو وچيون حصو ائين لڳي رهيو هو جڻ بيضي جي رت هاڻي زردي.

ناديا ۽ نيڪا برابر گل ڪٽندا رهيا. ٻيڙي هيڏانهن هوڏانهن هلندي رهي. هو ٻئي ٻيڙيءَ ۾ تقريباً هڪ ٻئي سان گڏ ليٽيل هئا.

نيڪا چيو تہ ”آئون اسڪول مان بيزار ٿي چڪو آهيان. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ آئون دنيا ۾ ٻاهر نڪران، روزي ڪمايان ۽ آزاد زندگي گذاريان.“

”پر آئون توکان حساب جا ڪجهہ سوال پڇڻ چاهيان ٿي. منهنجي الجبرا ايتري ڪمزور آهي جو مون کي تقريبًا ٻيهر امتحان ڏيڻو پيو.“

نيڪا سوچيو تہ انهن لفظن ۾ بہ هڪ تير لڪل هو. قدرتي ڳالهہ هئي تہ هوءَ کيس مرعوب ڪري رهي هئي ۽ کيس ياد ڏياري رهي هئي تہ هو اجا ٻار هو. الجبرا جا وري ڪهڙا سوال؟ هن تہ اجا الجبرا شروع بہ نہ ڪيو هو.

هن پنهنجن احساسن کي لڪائڻ لاءِ لاپرواهي مان پڇيو ۽ گڏوگڏ اهو بہ محسوس ڪيو تہ اها سڀ حماقت آهي تہ ”تون جڏهن وڏي ٿينديءَ تہ ڪنهن سان شادي ڪنديءَ؟“

”هاڻي ان جو پلا ڪهڙو ذڪر. شايد ڪنهن سان بہ نہ. مون ان تي غور ئي ناهي ڪيو.“

”مون کي اميد آهي تہ توکي اهو خيال نہ ٿيندو تہ مون کي ڪا دلچسپي آهي.“

”تہ پوءِ تون پڇين ڇو پيو؟“

”تون صفا احمق آهين.“

هاڻي ٻئي پاڻ ۾ وڙهڻ لڳا. نيڪا کي صبح سوير ان ڇوڪريءَ کان جيڪا نفرت ٿي هئي اها ياد اچي ويئي. هن کيس ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن هن ڳالهائڻ بند نہ ڪيو تہ هو کيس پاڻيءَ ۾ ٻوڙي ڇڏيندو. ”پلي ڪوشش ڪري ڏس“ ناديا چيس. ان تي هن کيس چيلهہ مان جهلي ورتو. ٻئي هڪ ٻئي سان وڙهندا توازن وڃائي پاڻي ۾ ڪري پيا. ٻنهي کي ترڻ ايندو هو پر ڪنول جي ولن ۾ سندن هٿ پير اٽڪي پيا. بهرحال هو گهري پاڻي مان نڪري آيا ۽ چڪٽي گپ مان هلندا پاڻي مان نڪتا. سندن جوتن ۽ کيسن مان پاڻي وهي رهيو هو. نيڪا ڪجهہ گهڻو ٿڪل لڳي رهيو هو.

ٻئي پُسيل حالت ۾ هڪ ٻئي جي ويجهو ويهي رهيا. ڪجهہ مهينا اڳ جيڪڏهن اهڙي طرح جو حادثو پيش آيو هجي ها تہ ان وقت رڙيون ڪن ها. هڪ ٻئي کي ڳالهائين ها ۽ کلندا نظر اچن ها. پر هاڻي ٻئي چپ هئا ۽ سڄي قصي جي احمقاڻي نوعيت کي لڪائڻ لاءِ پنهنجو ساهہ درست ڪري رهيا هئا.

ناديا اندر ئي اندر ٻري رهي هئي ۽ نيڪا جو سڄو جسم ائين سور ڪري رهيو هو جيئن ڪنهن ڏنڊا هڻي سندس پاسيرين کي ڀڃي ڇڏيو هجي.

نيٽ ناديا ان چپ کي ختم ڪندي آهستگي سان هڪ سياڻي عورت وانگر چيو تہ "تون واقعي چريو آهين" ۽ نيڪا بہ ايتري ئي نرم لهجي ۾ جواب ڏنو تہ "مون کي نهايت افسوس آهي. آئون شرمندو آهيان."

هو بيٺي گهر ڏانهن هليا تہ سندن ڪپڙن مان پاڻي اٿين وهي رهيو هو جيئن پاڻيءَ جي چڪڙي مان وهندو آهي. هاڻي هو ان مٽيءَهاڻي چاڙهي تي پهتا جتي صبح نيڪا نانگ ڏٺو هو.

ڪيس ان سحرانگيز ڪيفيت ۽ خوشيءَ جي حالت چڱي طرح ياد هئي جنهن سان هو سرشار ٿيوهو. اٿين لڳو ٿي تہ صبح جو اٿندي ئي قدرت سندس مرضيءَ جي تابع ٿي وئي هئي. هو سوچي رهيو هو تہ هاڻي آئون ڪهڙي ڳالهہ جي خواهش ڪريان. منهنجي سڀ کان پياري تمنا ڪهڙي ٿي سگهي ٿي. هن سوچيو. اهوئي تہ تلاءُ ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ناديا سان گڏ ڪري پوي ۽ هو اهو ڄاڻڻ لاءِ تہ ڇا اهوسڀ ڪجهہ وري ٿي سگهي ٿو، گهڻو ڪجهہ ڏيئي سگهيو ٿي.

باب ٻيو

# ٻيءَ دنيا مان آيل هڪ ڇوڪري

(1)

جاپان سان اچا جنگ ختم به نه ٿي هئي ته اهو سانحو ٻين غير متوقع حادثن ۾ دٻجي رهجي ويو. روس ۾ هڪ ڪنڌ کان ٻي ڪنڌ تائين انقلاب جون لهرون هلندڙ هيون ۽ هر انقلابي لهر پهرين کان وڌيڪ وڏي ۽ شديد هئي.

ان وقت جي ئي ڳالهه آهي ته بيلجيئم جي هڪ انجنيئر جي فرانسيسي بيوه اميليا ڪاراونا گيشار، جنهن روسي شهريت اختيار ڪري ورتي هئي، يورال مان پنهنجي ٻن ٻارن سان گڏ ماسڪو پهتي هئي. انهن ۾ هڪ پٽ هو روديا ۽ ٻي ڌيءُ هئي لارا. هن پٽ کي ملٽري اڪيڊمي ۾ داخل ڪرايو ۽ ڌيءُ کي ڇوڪرين جي اسڪول ۾ جتي اتفاق سان ناديا ڪولوگريوودا سندس هم جماعت هئي.

مادام گيشار جي مڙس هُن لاءِ ڪافي دولت ۽ شيئرز ورثي ۾ ڇڏيا هئا جن جي قيمت ڪجهه عرصي تائين ته وڌندي رهي پر هاڻي ڪرڻ شروع ٿي ويئي هئي. هن سوچيو ته سندس مالي وسيلن تي اهڙي ريت جيڪو بار پئجي رهيو آهي ان کي روڪڻ ضروري هو. ان ڪري هن ڪم شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٽرائفل آرڪ جي ويجهو لباس تيار ڪرڻ جو هڪ ننڍو ڪارخانو خريد ڪيو. هي ڪارخانو هن ليونسڪا جي وارثن کان خريد ڪيو هو جنهن سان گڏ ئي ڪيس ان فرم جي نيڪ نامي، خريدار، درزياڻيون ۽ ڪم سکڻ واريون شاگرديائيون پڻ ملي ويون هيون.

اهو ڪم مادام گيشار ڪومار دوسڪي جي مشوري سان ڪيو هو. ڪو ماردوسڪي هڪ وڪيل هو ۽ ڪنهن زماني ۾ سندس مڙس جو دوست هو. هاڻي هو هن شخص ڏانهن ئي صلاحن ۽ مدد لاءِ رجوع ڪندي هئي. هو هڪ ٿڌي دل ۽ دماغ وارو ڪاروباري ماڻهو هو ۽ کيس روس جي ڪاروباري دنيا کان ايتري ئي واقفيت هئي جيتري ڪنهن کي پنهنجي هٿ جي تري سان ٿي سگهي ٿي. ساڻس

خط ڪتابت ڪانپوءِ گيشار اهو فيصلو ڪيو هو. جڏهن هوءَ ٻارن کي وٺي ماسڪو پهتي تہ هن ٿي ريلوي اسٽيشن تي سندن آڌرڀاءُ ڪيو هو ۽ ڪين شهر جي ٻي ڪنڌ تي اودوزني پيريو لوڪ جي علائقي ۾ مونٽي نيگرو هوٽل پهچايو هو جتي هن اڳ ئي هنن لاءِ ڪمرو بڪ ڪرائي ڇڏيو هو. هن ئي روڊياڪي ملٽري اڪيڊمي ۽ لارا کي سندس پسند جي اسڪول موڪلڻ جي صلاح ڏني هئي. ڪوماردو سڪي ڇوڪري سان ائين ئي مذاق ڪندو ۽ ڇوڪريءَ کي اينرو گهوري ڏسندو هو جو اها شرمائي ويندي هئي. ان خاندان هڪ مهيني تائين مونٽي نيگرو هوٽل ۾ قيام ڪيو ۽ ان ڪانپوءِ اهي پنهنجي ورڪشاپ سان گڏ ٽن ڪمرن جي هڪ گهر ۾ منتقل ٿي ويا. اهو ماسڪو جو نهايت ئي بدنام علائقو هو. گهٽيون روڊ اونداها ۽ گندا، سستن شراب خانن جي ڀرمار جيڪي هر وقت شڪي چال چلت وارن ٽيڪسي ڊرائيورن سان ڀريل هوندا هئا. بازار، گهٽيون ۽ روڊ ڏوهن جا مرڪز ۽ پيشو ڪندڙ عورتن جي اڏن سان ڀريا پيا هئا.

(2)

ٻارن ڪمرن ۾ جيڪو گند. ڪچرو، پڳل فرنيچر ۽ منگهڻ ڏٺا تہ ڪين بلڪل حيرت نہ ٿي. پيءُ جي وفات ڪانپوءِ سندن ماءُ لاڳيتو غربت جي ڊپ ۾ حياتي گذاري رهي هئي. روڊيا ۽ لارا کي اهو ٻڌڻ جي عادت ٿي ويئي هئي تہ اهي تباهي جي ڪناري تي بيٺا هئا. هو پلي پت محسوس ڪندا هئا تہ اهي گهٽيءَ جي ٻين ٻارن کان مختلف هئا. پر ڪنهن يتيم خاني ۾ سکيا ورتل ٻارن جيان سندن اندر ۾ بہ شاهوڪار ماڻهن جو ڊپ ويهجي چڪو هو.

سندن ماءُ ان ڊپ جي جيئري مثال هئي. مادام گيشار ٿلهي متاري، اڇي رنگ ۽ سنهري وارن واري پنجٽيهہ سالن جي هڪ عورت هئي جنهن کي ڪڏهن گهٻراهٽ ۽ ڪڏهن بيوقوفيءَ جا دورا پوندا هئا. هوءَ ڊيڄاريندڙ حد تائين بزدل ۽ مڙدن کان تمام گهڻو ڊنل رهندي هئي. ان ڊپ ۽ گهٻراهٽ جو ئي اهو نتيجو هو تہ هن ڪڏهن هڪ سان ٿي محبت ڪئي ۽ ڪڏهن ٻئي سان.

مونٽي نيگرو هوٽل ۾ اهو خاندان 23 نمبر ڪمري ۾ رهندو هو. جڏهن کان هوٽل قائم ٿي هئي ڪمري نمبر 24 ۾ ساز وڄائيندڙ تاشڪيو وچ رهندو هو. گنجو مٿو، اڪثر پگهر ۾ ٻڏل، بظاهر رحم دل ۽ مٿي تي مصنوعي وارن جي ٽوپي پاتل،

ڳالهه ٻولهه ڪندي ٻين کي قائل ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري پنهنجن ٻنهي هٿن کي ڇاتيءَ تي اڏين ٻڌندو جيئن عبادت گذار ماڻهو ڪندا آهن. فيشن ايبل پارٽين ۾ موسيقي جي مقابلن ۾ ساز وڄائيندي هو وجد ۾ اچي پنهنجو مٿو پويان ڪري اکين کي ڦيرائڻ لڳندو هو. هو پنهنجي ڪمري ۾ گهٽ رهندو هو. سڄو ڏينهن بالشوئي ٿيٽر يا ڪنسر ويٽري ۾ گذاري ڇڏيندو هو. پاڙيسري جي حيثيت ۾ اهي هڪ ٻئي جي مدد ڪندا رهندا هئا ۽ اهڙي ريت اهي هڪٻئي کان مانوس ٿي ويا هئا.

(3)

جڏهن به ڪو ماردوسڪي اتي ايندو هو ۽ ٻار گهر تي موجود هوندا هئا ته مادام گيشار پريشان ٿي ويندي هئي. ان ڪري تاشڪيوچ ڪمري جي چاٻي کيس ڏيئي ويندو هو ته جيئن مادام سندس ڪمري ۾ پنهنجي دوست سان ملي سگهي. ٿوري ئي عرصي ۾ هوءَ سندس مروت تي ايترو ڀروسو ڪرڻ لڳي جو ڪڏهن ڪڏهن سندس دروازي تي دستڪ ڏيئي ڳوڙهن هارين اکين سان کيس چوندي هئي ته هو کيس سندس محسن کان بچائي.

ورڪشاپ تووَرسڪايا اسٽريٽ جي ڪنڊ جي ويجهو هڪ ماڙ گهر ۾ هو. ويجهڙائي ۾ بريسٽ ريلوي جا انجڻ ڊپو، مال گودام ۽ ملازمن جا گهر هئا. انهن ڪوارٽرن مان هڪ ۾ اوليا وامينا نالي واري هڪ ڇوڪري رهندي هئي جيڪا نهايت ذهين هئي. اها ڇوڪري مادام گيشار وٽ ڪم ڪندي هئي ۽ سندس ڇاچو مال جي گودام ۾ اوليا نهايت تيزيءَ سان ڪم سکي رهي هئي. پراڻا مالڪ به ڪانئس گهڻو خوش هئا ۽ نوان به. اها ڇوڪري لارا گيشار کي گهڻو پائيندي هئي.

ليوتسڪايا جي وقت کان ايستائين فيڪٽري ۾ ڪا خاص تبديلي نه ٿي هئي. سلائي جون مشينون ٿڪل ٽٽل درزياڻين جي پيرن يا نازڪ هٿن جي اشارن سان گوڙ ڪنديون هلي رهيون هيون. ڪٿي ڪٿي ڪا عورت ويٺي سيبو ٽوپو ڪري رهي هوندي هئي. فرش تي ڪتريل ڪپڙن جا ٽڪرا ٽهليل هوندا هئا. مشينن جي گوڙ سان گڏ دري ۾ ٽنگيل هڪ پڃري ۾ بند هيڊي رنگ جو پکي، جنهن جو صحيح نالو سندس اڳوڻو مالڪ پاڻ سان گڏ ئي قبر ۾ کڻي ويو هو. لاڳيتو پنهنجا راڳ ڳائيندو رهندو هو، جنهن جي ڪري اتي ڪنهن جي ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندي هئي ۽ هر ڪنهن کي ڳالهائڻ لاءِ رڙيون ڪرڻيون پونديون هيون.

آجيان واري ڪمري ۾ خريدار هڪ ميز جي چوڌاري، جنهن تي فيشن متعلق رسالن جو ڍير لڳو پيو هوندو هو، هڪ وٽندڙ انداز ۾ جمع ٿيندا هئا. اهي همراه ويهي، ويهي يا ميز تي جهڪي نون ماڊلن ۽ نون فيشنن جو ذڪر ڪندا هئا جيڪي انهن تازين آيل فلمن ۾ ڏٺا هئا. ٻي ميز تي مادام گيشار جي مددگار اعليٰ ترين ڪٽائي ڪرڻ واري سنهڙي سيپڪڙي عورت فائناسيلانيتو نافتي سودا مينيجر جي ڪرسي تي ويهندي هئي. سندس لڙڪيل ڳٽن تي هسا نڪتل هئا. هو هڏيءَ جي ڊيل هڪ هولڊر ۾ سگريٽ پيئندي هئي. هولڊر کي پنهنجي هيڊن ڏندن ۾ دٻائي سگريٽ جو ڪش هڻندي ۽ پوءِ پنهنجي هيڊ هاٿين اکين کي ڦيرائي وات ۽ نڪ مان هيڊو دونهن ٻاهر ڦٽو ڪيندي هئي. گڏوگڏ هو پنهنجي نوٽ بڪ ۾ بي شمار خريدارن جا ماپ، آرڊر ۽ فرمائشون به نوٽ ڪندي ويندي هئي.

مادام گيشار کي ورڪشاپ هلائڻ جو ڪو تجربو نه هو. هوءَ محسوس ڪندي هئي ته هو صحيح قسم جي مالڪياڻي نه هئي. اسٽاف ايماندار هو ۽ فيتي سودا اعتماد جوڳي مينيجر هئي، ان جي باوجود وقت ڏاڍو خراب هو ۽ آئيندي بابت سوچڻ سان ڪيس گهٽو ڊپ لڳندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته هوءَ مايوسي جي حالت ۾ پاڻ کي معذور محسوس ڪرڻ لڳندي هئي.

ڪوماردوسڪي انهن سان ملڻ ويندو هو. هو جڏهن سندن گهر وڃڻ لاءِ ورڪشاپ وٽان گذرندو هو ته فيشن ايبل عورتن کي، جن کي نوان نوان ڪپڙا پيل هوندا هئا، گهوريندو ويندو هو. اهي عورتون پنهنجو پاڻ کي سندس چرچن کان بچائڻ لاءِ گهبرائجي پردن پويان لڪي ويندڻيون هيون. درزياڻيون مٿس ناراض ٿيندي نفرت مان ٻڙ ٻڙ ڪري چونديون هيون ته ”هي لاٽ صاحب اچي ويو آهي.“ ”اميليا جي اندر جو سور، ٻڍو ٻڪر.“ ”عورتن جو قاتل“. سندس ڪتو جيڪو هن کان به وڌيڪ نفرت ۽ حقارت جو مرڪز بڻيل هو. ڪڏهن ڪڏهن هو ساڻس گڏ ايندو هو. ڪتو اڳتي وڌي ڪڏهن ڪڏهن ايتري زور سان جهٽڪو ڏيئي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيندو هو جو هو ماردوسڪي ڪرندي ڪرندي بچندو هو. ڏڪا ڪائيندو پنهنجون ٻانهون ڊگهيري اهڙي ريت هو ان جي پويان هلندو هو جيئن ڪو انڌو پنهنجي رهبر سان گڏ.

بهار جي موسم جو هڪ ڏينهن هو جو جيڪ پنهنجا تيز ڏند لارا جي ٽنگ ۾ هڻي سندس جرابن کي وڍي ڇڏيو.

اوليا پريل آواز ۾ آهستي لارا جي ڪن ۾ چيو ته ”آئون ان شيطان کي ماري ڇڏينديس.“

”ها واقعي اهو نهايت ڏيچارينڌڙ ڪتو آهي. پر بيوقوف تون اهو ڪم نيٺ ڪندين ڪيئن؟“

”هش؟ ايتري اوچي آواز ۾ نه ڳالهائي. آئون توکي ٻڌايان ٿي. تو اهي بيضوي شڪل جا ننڍا پٿر ته ڏٺا آهن نه! اهي ٺي جيڪي تنهنجي ماءُ جي دراز ۾ پيا آهن.“

”ها ها! پر اهي ته شيشي ۽ سنگ مرمر جا ٺهيل آهن“

”ته ٺيڪ آهي نه! ٿورو ويجهو اچ آئون توکي ڪن ۾ ٻڌايان ٿي. انهن ننڍڙن پٿرن کي ڪٽي انهن تي گوشت جي تهه لڳائي. هي گندو جانور انهن کي کائي ويندو ۽ پوءِ اهو منحوس پاڻ ئي ساهه گهٽجڻ سان مري ويندو. اها ترڪيب ٺيڪ رهندي.“

لارا ڪلڻ لڳي ۽ هن اوليا ڏانهن رشڪ مان ڏٺو. هو سوچي رهي هئي ته اها هڪ مزدور ڇوڪري هئي جيڪا غربت ۾ ڏينهن گذاري رهي هئي. اهڙي قسم جا ٻار وقت کان اڳ وڏا ٿي وڃن ٿا. پر ان جي باوجود هو ڪيتري نه سڌي ۽ معصوم هئي. جيڪ- بيضوي پٿر. خبر ناهي ڪيس اها ترڪيب ڪيئن ذهن ۾ آئي. لارا سوچي رهي هئي. پر اهو ڇا؟ منهنجي قسمت ۾ اهو ئي ڪجهه رهجي ويو آهي ته هر شيءِ کي ڏسان ۽ ان کي دل تي نقش ڪري ڇڏيان.

(4)

امان ان جي ...... ڪهڙو اکر آهي.......... هو امان جو ..... اهي اکر بيهوده آهن. مان پنهنجي زبان سان نه چونديس. ته پوءِ هو مون ڏانهن ائين ڇو ٿو ڏسي؟ نيٺ آئون سندس ڌيءُ لڳان ٿي.

لارا جي عمر سورنهن سالن کان ڪجهه وڌيڪ هئي. پر سندس قدبت چڱو هو. ماڻهن جو خيال هو ته سندس عمر ارڙهن سال يا ان کان به وڌيڪ هئي. سندس من صاف هو. جيڪو ساٿس ملندو هو، خوش ٿيندو هو. شڪل صورت ۾ به هو ڏاڍي سٺي هئي.

هن ۽ وديا چڱي ريت اهو سمجهي ورتو هو ته جاکوڙ کانسواءِ زندگي ۾ ڪا ڪاميابي نصيب نه ٿيندي. آرام طلب ۽ سکين ماڻهن جي ابتڙ اهي وقت کان اڳ

تجسس ۽ انهن شين متعلق منطق هلائڻ واري عياشي جو بار نہ ٿي کڻي سگهيا جن کي اجا تائين عمل جي قابل قرار نہ ڏنو ويو هو. جنهن وٽ گهٽو ڪجهہ هوندو آهي اهوئي خسيس هوندو آهي. لارا نهايت ئي نيڪ ۽ پاڪدامن ڇوڪري هئي.

پاڻ ۽ پيٽ کي شين جي قدر ۽ قيمت جي ڄاڻ هئي ۽ کين اها خبر هئي تہ ان وقت تائين ڪيتري ڪاميابي ٿي هئي. اڳتي وڌڻ لاءِ اهو ضروري هو تہ ماٺهو سندن متعلق چڱا خيال رکن. لارا اسڪول ۾ نهايت محنت سان ڪم ڪندي هئي. اهو ان ڪري نہ تہ کيس تعليم سان ڪا گهڻي محبت هئي پر رڳو ان ڪري تہ انهن شاگردن کي ئي وظيفا ڏنا ويندا هئا جيڪي سيني ڪان وڌيڪ لائق ۽ اهل هوندا هئا. اهڙيءَ ريت هو باسڻ صاف ڪرڻ، ورڪشاپ جي ڪم ۾ مدد ڏيڻ ۽ پنهنجي ماءُ جي هدايل ڪمن ڪرڻ ۾ گهڻي هوشيار هئي. سندس چال ۾ هڪ دلربائي هئي. سندس ڊيل ڊول، آواز، جسم، لشارا، سندس پوريون اکيون ۽ چمڪدار ۽ نرم وار سيني گڏجي کيس حسن ۽ دلربائي جو هڪ مجسمو بڻائي ڇڏيو هو.

جولائي جي وچ ڌاري آچر جو ڏينهن هو. موڪل جي ڏينهن بستر تي دير تائين آرام ڪري سگهجي ٿو. لارا سڌي ليٽي پيئي هئي ۽ پنهنجن هٿن سان مٿي کي جهلي رکيو هئائين.

ورڪشاپ ۾ خاموشي هئي. سڙڪ واري دري کليل هئي. لارا ڪجهہ مفاصلي تي دروشڪي جو آواز پڌو جيڪو گهٽ ٿيندو ويو. ڇاڪاڻ تہ گاڏيءَ پٿريلي رستي تان هٽي ٽرالي جي پٽڙيءَ تي هلڻ لڳي هئي. هن سوچيو تہ "آئون ڪجهہ دير وڌيڪ سمهنديس." پاهريون گوڙ هن لاءِ لوليءَ جو ڪم ڪري رهيو هو ۽ کيس ننڊ اچڻ لڳي.

لارا پنهنجي ڪابي ڪلهي ۽ ساڄي پير جي پٺ سان پنهنجي قد ۽ بستر ۾ پنهنجي پوزيشن جو اندازو لڳايو. ڪلهي ۽ ڪڙي جي وچ ۾ هر ڪا شيءِ جڏهن هوءَ پاڻ هئي. سندس روح سندس جسم سان هم آهنگ هو ۽ بيچيني سان ڪامياب مستقبل لاءِ جاکوڙي رهي هئي.

"مون کي ضرور سمهڻ گهرجي" لارا سوچيو ۽ پنهنجي ذهن ۾ گاڏي ڪاتي جو تصور آڻي ڇڏيو. سائبانن ۾ صاف سٿري فرش تي بيٺل وڏيون گاڏيون، شيشي جي ٽڪرن سان ٺهيل لالٽين، رڇ جي کل سان ٺهيل گاديون ۽ آرام ۽

آسائش واري حياتيءَ جو نقشو سندس نظرن آڏو اچي ويو. سڙڪ تي ڪجهه ٿي اڳتي زمسڪي بيرڪن جي اڳڻ ۾ مشق ڪندڙ گهوڙا ۽ انهن تي سوار فوجي جوان، جيڪي گهوڙن کي آهستي آهستي هلائڻ ڪانپوءِ انهن کي تيز رفتاريءَ سان چڙي ڏيندا هئا ۽ پاهر ننڍڙن ٻارن ۽ آيائن ۽ ڪير پيارپندڙ انائون، جيڪي پاهر بيهي حيرت سان اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيون هيون.

پوءِ ڪجهه اڳتي وڏي لارا پيٽرووڪا اسٽريٽ جو تصور ڪيو. ”واقعي، لارا چا تہ تصور آهي. آئون توکي رڳو پنهنجو گهر ڏيکارڻ چاهيان ٿو. هاڻي اسان ان جي ويجهو پهچي ويا آهيون.“

اهو اولگا جي عقيقي جو ڏينهن هو جيڪا ڪوماردوسڪي جي ڪنهن دوست جي ننڍي ڌي هئي. اهي گاڏي ڪاتي ۾ رهندا هئا. وڏا نچي ۽ شيمپئن پي اها تقريب ملهائي رهيا هئا. ان امان کي بہ دعوت ڏني هئي پر هو طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ ڪري وڃي نہ سگهي هئي. امان چيس تہ، ”لارا کي وٺي وڃ. تون هميشہ مون کي چوندو رهندو آهين تہ آئون لارا جو خيال رکان. ٺيڪ آهي. هاڻي تون ٿي سندس خيال رک.“ ۽ پوءِ هن واقعي سندس خبرگيري ڪئي. اهو بہ ڪهڙو مذاق هو. ان جي شروعات ناچ کان ٿي هئي. اها بہ ڪهڙي چريائپ هئي تہ بس ڪجهہ سوچڻ ڪانسواءِ اٿين ٿي گهمندا رهيا. موسيقي جي سرن سان گڏ ٿي سڄي ڪائنات افسانوي زندگي وانگر گذرندي محسوس ٿي رهي هئي. پر موسيقي جي رڪجڻ سان ٿي هڪ قسم جو ڌڪو ٿي لڳو ۽ اٿين ٿي محسوس ٿيو تہ چڻ ڪنهن ٿڌي پاڻي جي بالٽي توهان تي وجهي ڇڏي هجي ۽ ڪنهن توهان کي اگهاڙو ڏسي ورتو هجي. اصل ۾ ڪنهن شخص کي پنهنجو پاڻ سان ايترو بي تڪلف ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هو تہ اهڙي ريت اهو ظاهر ڪري سگهجي تہ توهان وڏا ٿي ويا آهيو.

هو ڪڏهن اهو تصور بہ نہ پئي ڪري سگهي تہ هو اهڙو چڱو ناچ ڪندو هوندو. سندس هٿ ڪيترا ڦڙتيلا هئا ۽ هن ڪيتري اعتماد سان سندس چيلهہ ۾ پنهنجا هٿ وڌا هئا. پر هاڻي هوءَ هرگز ڪڏهن بہ ڪنهن بہ شخص کي اها اجازت نہ ڏيندي تہ هو اهڙي ريت ڪيس چمي سگهي. هن ڪڏهن خواب ۾ بہ اهو نہ سوچيو هو تہ ڪنهن شخص جا چپ ايترا گستاخ ٿي سگهن ٿا جو اهي ايڏي گهڻي دير تائين هڪ ڊگهي چمي جي صورت ۾ سندس چپن سان چنبڙيا رهن.

ڪيس اها سڀ بڪواس ختم ڪرڻ گهرجي، هميشه جي لاءِ. ڪيس شرم ۽ حياءَ کان ڪم وٺندي بناوٽي مرڪ سان پنهنجيون اکيون جهڪائڻ نه گهرجن نه ته ان جا نتيجا خطرناڪ ٿيندا. سندس ذهن ۾ هڪ نظر نه ايندڙ ۽ خطرناڪ حدبندي جو به ڏنڌلو تصور هو جنهن کان هڪ قدم اڳتي وڌڻ تي اتاهه گهرائين ۾ ڪرڻ جو خطرو ٿي سگهيو ٿي. ڪيس ناچ جو خيال ڇڏي ڏيڻ گهرجي. اهائي سيني برائين جي پاڙ هئي. ڪيس همت کان ڪم وٺي انڪار ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ اهو ظاهر ڪرڻ گهرجي ته ڪيس ناچ نه ٿو اچي يا اهو ته سندس پير ۾ ڏڪ لڳو آهي.

(5)

ان سال سرءُ جي موسم ۾ ماسڪو جي ريلوي لائين تي ڪم ڪندڙ پورهيتن ۾ بي چيني ڦهليل هئي. ماسڪو ڪازان لائن تي ڪم ڪندڙ عملي هڙتال ڪري ڇڏي هئي ۽ خيال ڪيو پئي ويو ته ماسڪو بريسٽ لائين جو اسٽاف به هڙتال ۾ شامل ٿي ويندو. هڙتال جو فيصلو ٿي چڪو هو پر هڙتال ڪاميٽي اجا تائين ڪا تاريخ مقرر نه ڪئي هئي. ريلوي ۾ هر ڪنهن کي خبر هئي ته هڙتال ٿيڻ واري هئي ۽ ان جي شروع ٿيڻ لاءِ بس هڪ بهاني جي ضرورت هئي.

آڪٽوبر جي مهيني جي هڪ ٿڌي صبح هئي آسمان تي ڪڪر ڇانيل هئا. اهو مزدورن جي پگهار ملڻ جو ڏينهن هو. ڪافي وقت تائين اڪائونٽنٽ جي دفتر مان ڪو اطلاع نه مليو. ان کانپوءِ هڪ ڇوڪرو پگهارن جو حساب ۽ انهن ڏندن جي فهرست ۽ تفصيل، جيڪي سندن پگهارن مان ڪاٽيا ويا هئا، کڻي دفتر ۾ آيو ۽ خزانچي پگهارون ورهائڻ شروع ڪيون. هڪ ڊگهي قطار ۾ ڪنڊيڪٽر، سوئچ مين، مستري ۽ سندن نائب، ڊپو ۾ صفائي ڪرڻ واريون عورتون ۽ ٻيا ملازم ورڪشاپن، گودامن، انجڻ شيڊ ۽ لائن واري پاسي کان ميدان مان ٿيندا دفتر ۽ اسٽيشن ڏانهن اچڻ لڳا.

شهر ۾ هوا جي بُوءِ مان ٿي ظاهر هو ته سرديءَ جي مند شروع ٿي رهي هئي. هوءِ پيرن هيٺان لتاڙيل پنن، پگهريل برف، انجڻ جي ٻريل ڪوئلي جي ڪارڻ تنور مان اجهو هاڻي نڪتل ڪڻڪ جي ماني جي خوشبوءِ جو عجيب گاڏڙ ساڏڙ امتزاج لڳي رهي هئي. اها ماني اسٽيشن جي طعام خاني جي تهه خاني ۾ پچائي پئي ويئي. گاڏين جي اچ وڃ جاري هئي. شنٽنگ ٿي رهي هئي. ڌٻن کي هڪ ٻئي

سان گڏيو پيئي ويو. ڊار ڪيو پيئي ويو. اهو سڄو ڪم جهنڊين جي اشارن سان ٿي رهيو هو جن کي ڪڏهن کوليو ٿي ويو ۽ ڪڏهن ويڙهيو ٿي ويو. انجڻ ڦهه ڦهه ڪري رهيا هئا. گارڊ پنهنجا هارن وڄائي رهيا هئا ۽ شنٽر سيٽيون وڄائڻ ۾ لڳا پيا هئا. دونهن جا ڪڪر چڪر ڪاٽيندا لاڳيتو آسمان ڏانهن وڃي رهيا هئا. سون سون ڪندڙ انجڻيون سرد موسم جي ٿڌن ڪڪرن کي چڪر ڪاٽيندڙ ڪوسي ٻاڦ جي ڪڪرن سان سيڪ ڏيئي رهيون هيون.

فوفليجن ۽ پاول فيرا پونتروچ انتيپوف ريلوي لائين جي ڪناري تي ٽهل ٽڪور ڪري رهيا هئا. پهريون ڊويزنل مينيجر هو ۽ ٻيو لائن جو اوورسيئر. انتيپوف ريلوي لائين جي مرمت ۾ استعمال ٿيندڙ فاضل پرزا ناهيندڙ ڪارخاني جي شڪايت ڪري رهيو هو. فولاد ضرورت مطابق سخت نه هو جنهن جي ڪري پٽڙي پورو بار سهڻ واري آزمائش ۾ ناڪام رهي هئي. انتيپوف جو خيال هو ته گهٽي سيءُ جي موسم ۾ پٽڙي ٽٽي پوندي. منتظمين رڳو سندس شڪايتن کي دٻائي رهيا هئا. لڳي ٿو ته انهن ٺيڪن ۾ ڪو گهٽو ناٽو ڪمائي رهيو هو.

فوفليجن کي سمور جو ڪوٽ پاتل هو جنهن تي ريلوي يونيفارم جا نشان ڪڙهيل هئا. ڪوٽ جا بٽڻ ڪليل هئڻ ڪري سندس نئون سرج جو سوٽ به ڏسڻ ۾ پيئي آيو. لائين جي ڪناري هلندي هو عجب خوشيءَ مان پنهنجي ڪوٽ جي ڪالر، پتلون جي گهنجن ۽ نفيس جوتن تي به نظر وجهندو ٿي ويو. انتيپوف جيڪي ڪجهه چئي رهيو هو ان کي هو هڪ ڪن مان ٻڌي ٻئي مان ڪڍي رهيو هو. فوفليجن ان وقت ڪجهه ٻين ئي خيالن ۾ ٻڏل هو. هن هر هر واچ ٿي ڪڍي ۽ ان کي غور سان ٿي ڏٺو. ڪيس ڪٿي وڃڻ جي تڪڙ هئي.

"بلڪل ٺيڪ آهي، منهنجا پيارا دوست بلڪل ٺيڪ" هن بي صبري مان چيو. پر ان جو خطرو ته رڳو وڏي لائين تي ئي ٿي سگهي ٿو جتي ٽرئفڪ گهڻي هوندي آهي، پر ٿورو انهن سيني شين تي نظر ته وجهه. مين لائين سان گڏ واريون پٽڙيون، ٿورو پري هلي ختم ٿي وڃڻ واريون پٽڙيون ۽ لائين جي ويجهو پاڙهي ڦٽي آيل ٻوٽا ۽ ٽرئفڪ وڏ ۾ وڏ شنٽنگ ڪرڻ واري پراڻي انجڻ جيڪا گاڏي ڪان ڊار ٽيل دٻن کي وٺي وڃي رهي هجي. ان کان وڌيڪ توکي ٻيو ڇا کپي؟ ضرور تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي! تون فولاد جي ڳالهه ٿو ڪرين. هتي ته ڪاٺ جون پٽڙيون به ڪم ڏيئي وينديون.

فوفليجن پنهنجي واج ڏٺي. ان جو ڏڪڻ بند ڪيو ۽ پوءِ پري غور سان ڏسڻ لڳو جتان هڪ سڙڪ ريلوي لائين ڏانهن ايندي هئي. سڙڪ جي هڪ موڙ تي ڪيس هڪ گاڏي ڏسڻ ۾ آئي. اها فوفليجن جي پنهنجي گاڏي هئي. سندس زال وٽس آئي هئي. پٽڙي جي ويجهو اچي سوار گهوڙي جا لغام ڇڪي ورتا. هو انهن سان رڙيون ڪري، عورتن جيان. بلڪل ائين ٻالهائي رهيو هو جيئن ڪا آيا شرارتي ٻارن کي ٻالهائيندي آهي. گهوڙا ٽرينن کي ڏسي گوهيون هڻڻ لڳا هئا. گاڏي جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ خوبصورت عورت وهاڻن جي سهاري ويٺي هئي.

"ٺيڪ آهي مُنهنجا پيارا دوست. پوءِ ڪنهن ٻئي وقت." ڊويزنل مئنيجر پنهنجو هٿ لوڏيندي ائين چيو ڄڻ تہ هو چوڻ چاهيندو هجي تہ "مون کي ڪجهہ اهڙين شين متعلق سوچڻو آهي جيڪي ريل جي پٽڙين کان وڌيڪ اهم آهن." ٻئي زال مڙس گاڏي ۾ ويهي روانا ٿي ويا.

(6)

ٽن چئن ڪلاڪن ڪانپوءِ اٽڪل سانجهي ٽاڻي ريل جي پٽڙي کان ڪجهہ مفاصلي تي، هڪ ٻنيءَ مان، جتي ان وقت ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ پئي آيو. بہ پاچا زمين تان اٿندي نظر آيا جيڪي پويان مڙي ڏسڻ ڪانپوءِ تيزيءَ سان هڪ پاسي هليا ويا.

"اسان کي اجا تيز هلڻ گهرجي". تيورزن چيو. "مون کي ان جو ڊپ ناهي تہ جاسوس اسان جو پيڇو ڪري رهيا هوندا. پر جيئن ئي اهي سست همراه پنهنجو ڪم ختم ڪري ورندا تيئن ئي اهي ٻاهر اچي اسان جو پيڇو ڪندا. آئون انهن جو منهن ڏسڻ نہ ٿو چاهيان. جيڪڏهن سڄو معاملو ائين ڍگهو ٿيندو ويو تہ پوءِ اهڙي ڪاميٽي جو ڪهڙو فائدو؟ پهرين پاڻ ٻاهہ ٻاريو ۽ پوءِ پاڻ ئي ان کان بچڻ جي فڪر ڪريو. تون بہ واہ جو ماڻهو آهين جو اهڙن همراهن جو پاسو وٺي رهيو آهين."

"ميري داريا کي ٽائيفائيڊ ٿي پيو آهي. کيس اسپتال وٺي وڃڻ گهرجي. جيستائين آئون کيس اسپتال وٺي وڃي نہ ڏيکاريان. ڪنهن ٻي شيءِ بابت سوچڻ ڏکيو آهي."

"انهن جو چوڻ آهي تہ اڄ پگهار ملي رهي آهي. آئون دفتر تائين ويندس. جيڪڏهن اڄ پگهار نہ ملي تہ آئون توهان سيني تي لعنت وجهندس. خدا جو قسم آئون ائين ئي ڪندس. آئون پاڻ اهو سڀ ڪجهہ ختم ڪري ڇڏيندس ۽ هڪ منٽ بہ انتظار نہ ڪندس."

"ڇا آئون اهو پڇي سگهان ٿو تہ توهان اهو ڪم ڪيئن ڪنديون؟" "ڪو ڏکيو ڪم ناهي. آئون بوائلر روم ۾ هليو ويندس ۽ بس سيٽي وڄائي ڇڏيندس."

انهن هڪ ٻئي کان موڪلايو ۽ الڳ پاسن ڏانهن روانا ٿي ويا. تيورزن ريل جي پٽڙين کي پار ڪري شهر ڏانهن هليو ويو . واٽ تي ڪيس اهي ماڻهو ايندي مليا جيڪي دفتر مان پنهنجون پگهارون وٺي اچي رهيا هئا. اهو ڏسي هن اهو اندازو لڳايو تہ اسٽيشن جي اٽڪل سڄي اسٽاف کي پگهارون ادا ڪيون ويون هيون.

هاڻي اونداهي ٿي ويئي هئي ۽ دفتر ۾ بتي ٻري رهي هئي. ٻي فڪرا مزدور دفتر کان ٻاهر اڳڻ ۾ گڏ ٿيل هئا. دفتر کان ٻاهر سڙڪ تي فوفليجن جي گاڏي بيٺي هئي جنهن ۾ سندس زال بلڪل ائين ويٺي هئي جڻ هن صبح کان حرڪت ئي نہ ڪئي هجي. هوءَ پنهنجي مڙس جو انتظار ڪري رهي هئي جنهن پگهار پئي ورتي.

اوچتو برفباري شروع ٿي ويئي. سوار گاڏي جي چمڙي جي ڇت مٿي ڪرڻ لاءِ پنهنجي سيٽ تان لٿو. جڏهن هو ڇت مٿي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ فوفليجفيا گاڏي جي اند ر ويٺي برف جي ٽڪرن کي، جيڪي دفتر جي بتين جي روشني ۾ چمڪي رهيا هئا، تعريفي نظرن سان ڏسي رهي هئي. سندس خواب هاڻيون اکيون مزدورن جي هٽن کان مٿي هڪ خاص نقطي تي اٽڪيل هيون ۽ سندس ان انداز مان ائين لڳو پئي تہ جڻ سندس نظر برف جيان سندن جسمن جي بہ آرپار ٿي ويندي.

تيورزن سندس اهو انداز ڏسي ورتو. هو ڪيس ڏسي هوشيار ٿي ويو. هو سلام ڪرڻ کانسواءِ سندس پر مان گذري ويو. هن فيصلو ڪيو تہ هو پنهنجو پگهار پوءِ اچي وٺندو تہ جيئن دفتر ۾ هن جي مڙس سان منهن مقابل نہ ٿيڻو پوي. هو ڪمپائونڊ جي هڪ اونداهي ڪنڊ ڏانهن هليو ويو جتي ورڪشاپ هو ۽ ڊپو ڏانهن ويندڙ پٽڙين جو چار وڇايل هو.

"تيورزن! ڪپرڪ؟" اونداهي مان ڪيئي آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ورڪشاپ کان ٻاهر ڪجهہ ماڻهو گڏ ٿيل هئا. اندر ڪو شخص زور سان رڙيون ڪري رهيو هو ۽ هڪ ڇوڪر روئي رهيو هو. انهن ماڻهن مان هڪ عورت جو آواز آيو تہ "اندر وڃي ان ڇوڪر جي مدد ڪر."

معمول موجب ٻڍو فورمين پيوتري خوردوليف پنهنجي ننڍيءَ شاگرد يوسپڪا کي ماري رهيو هو.

خوروليف هميشہ کان ايڏو ظالم ۽ شراب پي گوڙ گهمسان ڪرڻ وارو ماڻهو نہ هو. هڪ اهو وقت بہ هو جڏهن هڪ نوجوان ۽ محنتي مزدور جي حيثيت ۾ هو ماسڪو جي صنعتي علائقي ۾ واپارين ۽ پادرين جي ڌيئرن جي توجهہ جو مرڪز هو ۽ اهي ڪيس قدر جي نگاه سان ڏسنديون هيون. پر ان ڇوڪري مارفا جنهن سان ڪيس محبت هئي ۽ جنهن ان سال ئي ڪانوينٽ اسڪول مان پنهنجي تعليم پوري ڪئي هئي، ڪيس ٺڪرائي ڇڏيو ۽ سندس دوست سويلي نڪيش سان شادي ڪري ڇڏي جيڪو هڪ مڪينڪ ۽ تيورزن جو پيءُ هو.

سويلي جي ڊيڇاريندڙ انجام کان پنج سال پوءِ (هو 1888ع ۾ ريل جي سنسني خيز حادثي ۾ سڙي مري ويو هو) خودوليف هڪ ڀيرو ٻيهر هن سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪيو پر ماريا گلوريلوفا وري ان کي رد ڪري ڇڏيو. محبت ۾ ناڪام ٿي خوروليف جهيڙا ڪرڻ ۽ شراب پيئڻ شروع ڪيو. هو دنيا کان بدلو وٺڻ پيو چاهي جيڪا سندس خيال ۾ سندس بدقسمتي لاءِ ذميوار هئي.

يوسپڪا جمال الدين، جيڪو ان علائقي جي گهرن جو چوڪيدار هو جتي تيورزن رهندو هو، جو پٽ هو. تيورزن ڇوڪري کي پنهنجي نگراني ۾ وٺي ڇڏيو هو، جنهن سان خوروليف جي ڪاوڙ اڃا وڌي ويئي هئي.

”او ايشيائي ڇا ريتيءَ کي اٿين جهليو ويندو آهي.“ خودوليف يوسپڪا کي وارن کان پڪڙي ڇڪيندي ۽ سندس پيٽ ۾ مڪ هڻندي زور سان رڙ ڪئي، او وڏين اکين وارا تاتاري! ڇا پگهريل لوهہ کي صاف ڪرڻ جو اهو ئي طريقو آهي؟“

”اف، هاڻي آئون ائين نہ ڪندس، اوهہ ننڊا چاچا! هاڻ آئون ائين نہ ڪندس. مون کي مارڻ بند ڪر.“

”ڪيس هزار ڀيرا چيو ويو آهي تہ اهڙيءَ ريت ڪم ڪري پر نہ. هو تہ پنهنجو ئي طريقو استعمال ڪندو آهي. هي بدمعاش تہ اسپينڊل ٽوڙي ڇڏي ها.“

” مون تہ اسپينڊل کي ڇهيو بہ ناهي. سچ ٿو چوان تہ ڇهيو بہ ناهي.“

” تون نينگر تي ظلم ڇو ٿو ڪرين؟“ تيورزن ماڻهن جي وچ مان گذري اڳتي وڌندي پڇيو.

” تنهنجو ڪو مطلب ناهي.“ خودوليف بگڙندي چيو.

” آئون تو کان پڇان ٿو تہ تون ڇوڪر تي ظلم ڇو ٿو ڪرين؟“

”۽ آئون تو کي چئي رهيو آهيان تہ جهيڙي وڌڻ کان اڳ هتان ڪسڪي وڃ. سوشلسٽ خدائي فوجدارا اهڙي ذليل ڪميٽي کي تہ ماري ڇڏڻ ئي بهتر ٿيندو. ان تہ منهنجو اسپينڊل ئي پچي ڇڏيو هو. ڪيس خدا جو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي جو اڃا تائين جيئرو آهي. شيطان، مون تہ رڳو سندس ڪن مهٽيا ۽ وار ڇڪيا هئا.“

” تہ تنهنجي خيال ۾ ائين ڪرڻ تي سندس جان وڃڻ گهرجي. تو کي واقعي پنهنجي وجود تي شرم اچڻ گهرجي. تون هڪ پراڻو فورمين آهين. تنهنجا وار اڇا ٿي ويا آهن، پر تو کي اڃا تائين عقل نہ آيو آهي.“

” پڇي وڃ، آئون تو کي چوان ٿو تہ صحيح سلامت هتان ڪسڪي وڃ. تنهنجو مغز ٺيڪ ڪري ڇڏيندس. ڪتي جا پٽ، تون مون کي نصيحتون ڪري رهيو آهين. او ذليل انسان! تون ريل جي پٽڙين تي پنهنجي پيءُ جي نظرن آڏو وڏو ٿيو آهين، آئون تنهنجي ماءُ کي بہ سڃاڻان ٿو جيڪا هڪ واهيات، ذليل ۽ آواره عورت هئي.“

ان کان پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو، اهو هڪ منٽ اندر ختم ٿي ويو. پگهل بينچ تي اوزار ۽ لوهہ جا ٽڪرا پيل هئا ۽ ٻنهي کي جيڪي ڪجهہ بہ هٿ لڳو، اهو کڻي ورتائون. جيڪڏهن اتي بيٺل ماڻهو کين ڌار نہ ڪن ها تہ اهي يقينن هڪ ٻئي کي ماري ڇڏين ها. خودوليف ۽ تيورزن ڪنڌ جهڪائي بيٺا هئا ۽ سندن نرڙ هڪ ٻئي کي ڇهيو پئي. سندن منهن هيڊا ٿيل هئا ۽ اکين مان رت پئي ٽميو. گهٽي ڪاوڙ ڪري سندن وات مان هڪ اکر بہ نہ پئي نڪتو. ماڻهن سندن ٻانهن کي پويان مضبوطيءَ سان پڪڙي ورتو هو. هڪ ٻہ ڀيرا هنن آجي ٿيڻ جي بہ ڪوشش ڪئي ۽ ائين ڪرڻ لاءِ هنن پنهنجي بدن کي جهٽڪا ڏنا ۽ انهن همراهن کي گهلڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي ساڻن چنبڙيا پيا هئا. سندن جيڪيٽ ۽ قميص جا هُڪَ ۽ بٽڻ ٽٽي پيا ۽ سندن ڪپڙا ڪلهن تان لهي ويا. سندن چئني پاسن کان شور متل هو.

” ڇيٽي، هن کان ڇيٽي ڪسيو. هو ان جو متو ڦاڙي ڇڏيندو.پوڙها هاڻ ڪاوڙ ختم ڪر نہ تہ اسان تنهنجي ٻانهن پچي ڇڏينداسين. نيٺ اسان انهن سان انهيءَ مشڪريءَ ۾ ڳڌ چو آهيون. ٻنهي کي ڇڪي هڪ ٻئي کان ڌار ڪيو ۽ کين تالي ۾ بند ڪري قصي کي ختم ڪريو.“

تيورزن ڪمال جي طاقت ۽ جدوجهد سان هڪ دم انهن ٻن ماڻهن کي جهٽڪو ڏيئي ڌار ڪيو جيڪي ساڻس چنبڙيا پيا هئا ۽ دروازي ڏانهن ڀڳو. اهي

بہ سندس ڪڍ ڊوڙيا پر اهو ڏسي تہ هن پنهنجو ارادو بدلائي ڇڏيو هو. انهن کيس ڇڏي ڏنو. دروازو زور سان بند ڪري هو ٻاهر نڪتو ۽ پويان مڙي ڏسڻ کان سواءِ اتان پڇي ويو. سرءُ جي ڏک سان ڀريل شام هئي ۽ هو ٻڻ ٻڻ ڪري رهيو هو. ”تون انهن جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو ۽ اهي تنهنجي پويان چاقو کڻي ڊوڙن ٿا.“ واٽ هلندي هو ان ڳالهہ کان بہ بي نياز هو تہ هو ڪيڏانهن پئي ويو.

ذلت، بي عزتي ۽ دولاب جي اها دنيا جنهن ۾ هڪ ضرورت کان وڌيڪ مالدار عورت جي اها همت تہ اها مزدورن جي هڪ پوري هجوم کي گهوري ڏسي ۽ مٿن رعب وجهي ۽ جتي هڪ اهڙ ي نظام ۾ شراب کان بي حال ٿيل پورهيت پنهنجي ساٿين کي تڪليف پهچائي خوشي محسوس ڪري ، هاڻي اها دنيا سندس نظر ۾ اڳ کان بہ وڌيڪ نفرت جوڳي هئي. هو تيزيءَ سان ائين قدم کڻي رهيو هو ڄڻ سندس انهيءَ تيزيءَ جي ڪري دنيا جي نظام ۾ اهو توازن ۽ هم آهنگي پئدا ٿي ويندي جيڪا سندس خيال ۾ ان وقت نہ هئي. کيس ڄاڻ هئي تہ سندس گذريل ڪجهہ ڏينهن جي سڄي جاکوڙ زندگيءَ جون سڀ تڪليفون، جلسن ۾ تقريرون، هڙتال جو فيصلو، جنهن تي اڃا تائين عمل نہ ٿيو هو پر جيڪو اڃا رد بہ نہ ٿيو هو، سندس ڊگهي سفر جون مختلف منزلون هيون.

پر ان وقت هو ايترو جوش ۾ هو جو ٿورو بہ ترسڻ کان سواءِ سڄي واٽ ڊوڙڻ ٿي چاهيائين. کيس خبر نہ هئي تہ هو ڀرانگهون ڀريندو ڪيڏانهن وڃي رهيو هو پر سندس پيرن کي ڄاڻ هئي تہ اهي کيس ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا.

تيورزن کي گهڻي دير کان پوءِ خبر پيئي تہ انتيپوف سان گڏ لڪل پناهہ گاهہ مان سندس رواني ٿيڻ کان پوءِ ٿي هڙتال ڪاميٽي ان رات هڙتال شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. انهن ان وقت اهو بہ فيصلو ڪيو هو تہ منجهانئن ڪير کڻي ويندو ۽ کهڙن ماڻهن کي ٻاهر اچڻ لاءِ چيو ويندو. بلڪل ان وقت جڏهن انجڻن جي ورڪشاپ جي سيٽي وڳي، تيورزن اهو محسوس ڪيو تہ اهو آواز سندس اندر مان اچي رهيو هو جيڪو اڳ ٿورو ڀاري هو پر پوءِ بلڪل صاف ٿي ويو. ان سان گڏ ئي ڊپو ۽ مال گودام مان مزدور نڪري ٻاهر گڏ ٿي ويا. پوءِ بوائلر روم جا پورهيت بہ ساڻن اچي مليا. انهن تيورزن جي اشاري تي ڪم ڇڏي ڏنو هو.

”مون توکي اهو چوڻ چاهيو ٿي ته رات گهر تي نه رهه. پوليس هتي اهو پڇندي آئي هئي ته گهر ۾ ڪير آيو هو. مون کين چيو ته ڪوبه نه آيو هو. پوءِ مون کي اطمينان ڏيو ۽ مون چيو ته ريلوي جا همراهه آيا هئا پر ڪو اجنبي ناهي آيو.“

تيورزن جي شادي نه ٿي هئي ۽ هو پنهنجي ماءُ ۽ ننڍي ڀاءُ سان گڏ رهندو هو جنهن جي شادي ٿيل هئي. عمارت هولي ٽرينٽي جي ويجهي چرچ جي هئي. ان ۾ ڪجهه پادري رهندا هئا. ريزڪي سامان وڪڻڻ وارن جون به انجمنون به اتي قائم ٿيل هيون، جن مان هڪ قاصائين جي انجمن ۽ ٻي ڀاڄين وڪڻڻ وارن جي انجمن هئي. پر ان ۾ گهڻو ڪري ماسڪو پريسٽ جا ملازم هئا. اهو گهر پٿر جو ٺهيل هو. اڱڻ جي چئني پاسن کان تختا وڇائي گهٽي ناهي ويئي هئي ۽ اتان ڀڳل ٽٽل سيڙهيون مٿي وڃون ٿي.

تيورزن جي ڀاءُ کي زوريءَ فوج ۾ ڀرتي ڪري جنگ تي موڪليو ويو هو. هو وفانڪائو واري محاذ تي ڦٽجي پيو هو ۽ هاڻ ڪراسنو يارسڪ جي اسپتال ۾ علاج پئي ڪيس. سندس زال ۽ ٻه ڌيئر ڪيس ڏسڻ ۽ گهر وٺي اچڻ لاءِ اتي ويل هيون. تيورزن جي ڪٽنب وارا شروع کان ئي ريلوي ۾ ملازم هئا جنهن جي ڪري اهي سڄي روس ۾ سرڪاري پاس تي سفر ڪندا هئا. فليٽ پرسڪون هو ۽ ان وقت اتي رڳو تيورزن ۽ سندس ماءُ هئي.

هو ٻين ماڙ تي هو. سامهون واري در جي ويجهو پاڻيءَ جو هڪ وڏو ٽانڊ پيو هو جنهن کي پخالي روز باقاعدگيءَ سان ڀري ڇڏيندو هو. تيورزن جڏهن مٿي آيو ته هن ڏٺو ته پاڻيءَ جو ڍڪڻ هڪ پاسي هٽيل هو ۽ پاڻيءَ جي جميل سطح تي ٽين جو هڪ پيالو پيو هو. هن دل ۾ سوچيو ته پرٿوف هن وقت ضرور گهر ۾ هوندو. پرٿوف افانا زيوچ سوڪولوف چرچ ۾ مقدس راڳ ڳائڻ جو ڪم ڪندو هو ۽ تيورزن جي ماءُ جو مائٽ هو.

تيورزن برف تان پيالو کنيو ۽ در کوليو ته کيس رڌڻي جي ڪوسي هوا ۽ ڪاڪي جي خوشبوءِ محسوس ٿي.

” امان تو ته ڏاڍي سٺي باهه ٻاري آهي. اندر ڪيترو گرم ۽ سٺو آهي.“

ماءُ ڪنڌ ڪٽي پٺ کي ڏٺو ۽ سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا.

هن آهستي چيو. ”اجا ڪا ڪاميابي ناهي ٿي. ماسڪو کان وارسا تائين ريلوي لائين تي هڙتال شروع ٿي ويئي آهي.“

”مون کي خبر آهي، ان ڪري ئي آئون روئي رهي آهيان. هو هاڻ تنهنجي ڪڍ هوندا. توکي گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.“

” اهو جيڪو تنهنجو پيوتري آهي نه، ان ته منهنجو مٿو ئي پچي ڇڏيو هو.“

هن پنهنجي ماءُ کي ڪلائڻ جي ڪوشش ڪئي پر ماڻس سنجيدگيءَ سان چيو. ”ڪيرنيڪا ان تي ڪلڻ گناهه آهي. تو کي ان بدنصيب سان همدردي هجڻ گهرجي.“

”انتيپوف کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس رات سندس گهر آئي هئي. انهن سندس فليٽ جي تلاشي ورتي ۽ سيني شين کي هيٺ مٿي ڪري ڇڏيو ۽ اڄ صبح کيس گرفتار ڪري وٺي ويا آهن. سندس زال واريا مدي جي بخار ڪري اسپتال ۾ پئي آهي ۽ سندن ٻار پاشا جيڪو اسڪول ۾ پڙهندو آهي، پنهنجي گونگي ماسيءَ سان گهر ۾ اڪيلو رهجي ويو آهي. ڪانئن فليٽ خالي ڪرايو پيو وڃي. منهنجو خيال آهي ته اسان ٻار کي پاڻ وٽ رکون. پرئوف جو ڇا رايو آهي.“

”توکي ڪيئن خبر پيئي ته هو آيل آهي.“

”مون هينئر ڏٺو ته پاڻيءَ جو برتن پريل هو ۽ ان تي پيالو رکيل هو. آئون سمجهي ويس ته اها پرئوف جي ئي حرڪت ٿي سگهي ٿي.“

”ڪيرنيڪا تون ڪيترو نه تيز آهين. ها پرئوف افانا زيوچ ڪجهه ڪائيون وٺڻ آيو هو جيڪي مون کيس ڏيئي ڇڏيون. اڙي آئون ته بلڪل ئي پلجي ويس. ڪيرنيڪا توکي خبر آهي ته پرئوف ڪهڙي خبر آندي هئي؟..... زار هڪ منشور تي صحيح ڪري ڇڏي آهي جنهن سان اسان جا نصيب بدلجي ويندا. هر ماڻهوءَ سان چڱو ورتاءُ ٿيندو. هارين کي زمينون ملنديون. اسان ۾ ۽ وڏن ماڻهن ۾ ڪو فرق نه رهندو. پرئوف جو چوڻ هو ته ان تي صحيح ٿي چڪي آهي، بس ان جو اعلان ٿيڻ باقي آهي. سنيو گرجا ۾ شڪراني يا زار لاءِ دعا گهرڻ لاءِ چيو هو. ان مون کي ٻڌايو هو پر مون کي بلڪل ئي وسري ويو آهي.

(8)

پاشا انتيپوف جنهن جي پيءُ کي هڙتال جي هڪ منتظم جي حيثيت ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، هاڻي خاندان سان رهڻ لاءِ هليو ويو هو. هو هڪ صاف سٿرو ڇوڪرو هو جنهن جو نڪ نقشو سادو هو. سندس وار ڳاڙها هئا ۽ هو بلڪل وچ مان

سينڊ ڪڍندو هو. وارن کي هميشه ڦڻيءَ سان ٺيڪ ڪندو ۽ پنهنجن ڪپڙن تي پيل گهنجن ۽ پٽي تي لڳل اسڪول جي بيج کي ٺيڪ ڪندو رهندو هو. منجهس مزاح مان مزو ماڻڻ ۽ شين کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت موجود هئي. جڏهن هو هوشياريءَ سان انهن سپني شين جو نقل ڪندو هو. جيڪي هن ڏٺيون يا ٻڌيون هيون ته ڪلندي ڪلندي ماڻهن جي پيٽ ۾ سور پئجي ويندو هو.

12 آڪٽوبر جي منشور کان ترت پوءِ مختلف انقلابي جماعتن هڪ وڏي مظاهري جو اعلان ڪيو جنهن جو رستو تائيور گيٽ کان شهر جي ٻئي پاسي ڪالوگا گيٽ تائين هو. پر معاملو ائين ٿي هو جيئن چوندا آهن ته گهٽڻ هارين هوندي هر نه هلندو آهي. ساڳي ريت مظاهري جي رٿابندي ڪندڙ پاڻ ۾ ئي وڙهي پيا ۽ هڪ هڪ ڪندا مظاهري کان ڏار ٿيندا ويا. پر اها خبر پوڻ کان پوءِ ته مقرر ٿيل صبح تي ماڻهو جمع ٿي ويا هئا. انهن تڙ تڪڙ ۾ پنهنجن نمائندن کي مظاهري جي اڳواڻيءَ لاءِ موڪلي ڇڏيو.

جيتوڻيڪ تيورزن ڪيس روڪڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر ان جي باوجود سندس ماءُ مظاهرو ڪندڙن ۾ شامل ٿي ويئي ۽ ڪلمڪ ۽ ملنسار پاشا به ساڻس گڏ هليو ويو.

اهو نومبر جو هڪ خشڪ ڏينهن هو. اپ تي ڪڪر ڇانيل هئا ۽ برف جا ٽڪر هڪ هڪ ٿي آهستي آهستي فضا ۾ چڪر ڪائيندا هيٺ پڪي فرش تي ڪري جمي ٿي ويا. سڙڪ تي ماڻهو وڏي تعداد ۾ ايندا ٿي ويا. هر پاسي ماڻهن جا هشام هئا. ڪيهه پريل گرم ڪوٽ ۽ رڍ جي کل جون ٽوپيون، مرد ۽ عورتون، شاگرد، ٻڍا، ٻار، ريلوي جا ملازم، ٽرالي ڊپو ۽ ٽيليفون ايڪسچينج ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت جن کي گوڏن تائين جوتا ۽ چمڙي جون جيڪيٽون پيل هيون، ڇوڪريون ۽ اسڪول جا شاگرد مطلب ته هر طبقي ۽ درجي جا ماڻهو اتي موجود هئا. اهي همراهه ڪجهه وقت تائين "مارسيلز"، "ورشاديانڪا" ۽ ٻيا انقلابي گيت ڳائيندا رهيا. پوءِ هڪ همراهه جيڪو پنهنجي ٽوپي هٿ ۾ ڪٽي جلوس جي اڳيان ڳائيندو اونڌو هلي رهيو هيو، سڌو ٿي ويو. هن پنهنجي ٽوپي مٿي تي رکي ۽ ٻڌڻ لڳو ته ساڻس گڏ ٻيا اڳواڻ ڇا چئي رهيا هئا. راڳ بدنظميءَ سان ختم ٿي ويو. هاڻ برف سان ڇميل پٽريلي فرش تي لاتعداد جوتن جي ڪٽ ڪٽ ٻڌي سگهجي پيئي.

اڳواڻن کي پنهنجي همدردن وٽان اهو نياپو مليو هو ته اڳتي سڙڪ تي ڦازق سپاهي جلوس تي حملو ڪرڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. اهو اطلاع ٽيليفون تي هڪ

ويجهي دواخاني ۾ ڏنوويو هو. " ته ان سان ڇا ٿيندو؟" منتظمين چيو ، "اسان کي گهرجي ته پرسڪون رهون ۽ پنهنجو پاڻ تي قابو رکون. اهائي خاص ڳالهه آهي. اسان کي سامهون واري سڀ کان پهرين سرڪاري عمارت تي قبضو ڪرڻ گهرجي ۽ ماڻهن کي تنبيهه ڪرڻ کان پوءِ منتشر ٿي وڃجي. هاڻ اهو بحث شروع ٿي ويو ته ڪهڙي عمارت ۾ وڃڻ گهرجي. ڪجهه ماڻهن تجارتي ملازمن جي سوسائٽي جو نالو ورتو. ٻين ٽيڪنيڪل اسڪول ۽ ڪجهه ٻين پرڏيهي خط و ڪتابت واري اسڪول جي تجويز پيش ڪئي. اهي همراهه بحث ڪندا هڪ اسڪول جي عمارت جي ڪنڌ تائين پهچي ويا جيڪا ٻين ذڪر ڪيل عمارتن جيان بلڪل محفوظ هئي.

جڏهن اهي در جي ويجهو پهتا ته اڳواڻ هڪ پاسي کان مڙي پورچ جي ڏاڪڻين تي چڙهي ويا جيڪي اڌ گول جي شڪل ۾ ٺهيل هيون ۽ جلوس جي مهڙ ۾ هلندڙن کي اشاري سان بيهڻ لاءِ چيو. در کلي ويا ۽ جلوس اندر هال ۾ داخل ٿي مٿي ڏاڪڻين تي چڙهي ويو.

"وڏي هال ۾. وڏي هال ۾" پويان ڪجهه ماڻهن رڙ ڪئي. ماڻهو برابر اڳتي وڌندا ويا ۽ ڪاريڊورن ۽ ڪلاسن ۾ ڦهلجي ويا. نيٺ جڏهن اڳواڻ انهن کي گڏ ڪري وڏي هال ۾ وٺي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته انهن ڪين ڇاپي متعلق خبردار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندن ڪنهن به هڪ نه ٻڌي. جلوس جي بيهڻ ۽ هڪ عمارت ۾ داخل ٿيڻ جو اهو مطلب ورتو ويو ته اها جلسي ۾ شرڪت جي دعوت هئي ۽ اصل ۾ جلسو به ترت شروع ٿي ويو.

ايترو پري تائين هلڻ ۽ ڳائڻ کان پوءِ ماڻهن کي ان ڳالهه جي خوشي هئي ته اهي ڪجهه دير تائين چپ ويهي سگهندا ۽ پنهنجي بدران ٻين کي ڪم ڪرڻ ۽ رڙيون واڪا ڪرڻ جو موقعو ڏيندا. ماڻهن ٻين همراهن جو آڏرپاءُ ڪيو ۽ مقررن جي معمولي اختلافن کي نظرانداز ڪري ڇڏيو جيڪي سيني اهم معاملن ۾ هڪ ٻئي سان متفق هئا. آخر ۾ جلسي جي بدترين مقرر جي تقرير تي سڀ کان وڌيڪ تاڙيون وڄايون ويون. ماڻهن سندس تقرير ٻڌڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي ۽ رڳو سندس هر جملي تي نعرا هڻندا رهيا. ڪنهن به ان بيجا مداخلت جي پرواهه نه ڪئي ۽ هر ڪنهن بي چيني سان سندس تقرير جي هڪ هڪ اکر سان اتفاق ڪيو. "شرم، شرم" جا نعرا لڳايا ويا. هڪ احتجاجي تار جو مسودو تيار ڪيو ويو ۽ اوچتو

ماڻهو جيڪي مقرر جي بڙ بڙ ڪندڙ آواز ٻڌي بيزار ٿي چڪا هئا. اٿي بيهي رهيا. سڀ مقرر ڪي وساري قطار در قطار هال ڪان ٻاهر نڪتا ۽ ڏاڪڻين تان لهي سڙڪ تي هليا ويا. جلوس پيهر روانو ٿي ويو.

جنهن وقت جلسو ٿي رهيو هو، ٻاهر برف ڪرڻ شروع ٿي ويئي هئي، سڙڪ اڇي ٿي رهي هئي ۽ برفباري ۾ لاڳيتو شدت اچي رهي هئي. جڏهن گهوڙي سوار فوجين حملو ڪيو ته جلوس جي پويان هلڻ وارن کي پهرين ان جي ڪا خبر نه پيئي. سندن ڪنن ۾ اهڙو اپرندڙ آواز آيو جيئن ماڻهن جو هڪ وڏو هجوم "هرا" جو نعرو لڳائيندو هجي ۽ "موت" ۽ "قتل" جا آواز شور شرابي ۾ گم ٿي ويا. لڳ ڀڳ ان وقت ماڻهن جي چڙوچڙ ٿيڻ سان پيدا ٿيل رستي مان گهوڙن جا متا، سندن وار ۽ تلوارون چمڪائيندي سوار ظاهر ٿيا جيڪي جڻ ته انهن آوازن جي دوش تي هلندي آيا هجن ۽ پوءِ اهي تيزيءَ سان خاموش اڳتي وڌندا ويا. اڌ پلٽڻ گهوڙن کي ڊڪائيندي گذري، اڳتي وڃي مڙي ۽ نئين سر منظم ٿي جلوس جي پوئين حصي تي حملو ڪري چڙهايائين. قتل ۽ خون خرابو شروع ٿي ويو.

ڪجهه منٽن کان پوءِ سڙڪ لڳ ڀڳ ويران ٿيل هئي. ماڻهو آسپاس جي رستن تي وکرجي ويا هئا. برفباري هاڻي هلڪي ٿي ويئي هئي. گهرن پويان لهندڙ سج جا ڪرڻا ائين پوڻ لڳا هئا جڻ اهي هر ڳاڙهي شيءِ ڏانهن آڱر سان اشارو ڪري رهيا هجن. گهوڙسوار فوجين جون ٽوپيون جيڪي مٿان ڳاڙهيون هيون، هڪ ڳاڙهو جهنڊو جيڪو سڙڪ تي پيو هو ۽ برف تي پيل رت جا ڳاڙها ڇنڊا.

هڪ همراهه جنهن جو مٿو ڦاٽي پيو هو، تڪليف ۾ گوڏن ڀر گسڪندو فٽ پاٿ جي سهاري وڃي رهيو هو. ڪيترا گهوڙيسوار فوجي جيڪي ماڻهن کي منتشر ڪندا سڙڪ جي ٻي ڪنڊ تائين هليا ويا هئا، هاڻي ڏيري ڏيري واپس اچي رهيا هئا. گهوڙن جي ٽاپن جي بلڪل ويجهو مارفا تيورزينا جنهن جي شال سندس مٿي کان پويان ٿي ويئي هئي، هتي هتي ڊوڙي رهي هئي ۽ گڏوگڏ "پاشا پاشا" به پڪاري رهي هئي.

پاشا برابر ساڻس گڏ هو ۽ جلسي جي آخري مقرر جا نقل ڪري کيس وندرائيندو رهيو هو پر گهوڙيسوار دستن جي حملي کان پوءِ جيڪو هنگامو ٿيو، ان ۾ هو گم ٿي ويو هو. هڪ سوار مارفا جي پٺ تي به چهبڪ هنيو. جيئن ته کيس ٿلهي ڪپڙي جو گرم ڪوٽ پاتل هو ان ڪري کيس گهڻو ڏک نه لڳو هو پرهن

واپس ويندڙ گهوڙيسوار کي ان ڳالهہ تي پنهنجي بيزاري ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ هن پوڙهي عورت تي هٿ کڻڻ جي جرائت ڪئي ۽ اها بہ سيني جي آڏو پنهنجو مکو ڏيکاريو. هو بي چيني ۽ تڪليف ۾ هيڏي هوڏي ڏسي رهي هئي. نيٺ خوش قسمتيءَ سان سڙڪ جي هن پاسي ان ڇوڪري ڏسي ورتو. هو پنساري جي دڪان ۽ پٿر سان ٺهيل هڪ گهر جي وچ ۾ بيٺل هو. هڪ سوار اتفاقيہ اچڻ وارن کي روڪي چڙيو هو. هو ماڻهن جي ڊپ ۽ هراس مان مزو وٺندي خوشيءَ مان پنهنجي گهوڙي کي نچائي رهيو هو. ڪڏهن هن ان کي ماڻهن جي ويجهو ٽي آندو ۽ ڪڏهن آهستي آهستي پويان ٽي ڪيو. اوچتو هن پنهنجي ساٿين کي واپس ويندي ڏٺو ۽ ڪن پل ۾ هو انهن سان وڃي مليو.

ماڻهو منتشر ٿي ويا هئا. پاشاگهڻو ڊنل هو ۽ ڊپ جي ڪري سندس زبان بند ٿي ويئي هئي. هو مارفا گيوريلوونا ڏانهن ڀڳو. ٻڍي عورت گهر ويندي سڄي وات ٻڙ ٻڙ ڪندي رهي. "مردود، قاتل! ماڻهو خوش آهن تہ زارڪين آزادي ڏني آهي پر اهي بدمعاش ان کي سهڻ لاءِ تيار ناهن. هر شيءِ کي برباد ڪرڻ تي سندرو ٻڌو اٿن. هر شيءِ کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا."

ڪيس نہ رڳو سوارن پر سڄي دنيا ۽ ايستائين تہ پنهنجي پٽ تي بہ ڪاوڙ اچي رهي هئي. جڏهن ڪيس ڪاوڙ هوندي هئي تہ ڪيس ائين لڳندو هو تہ جيترا هنگاما ٿي رهيا هئا، اهي سڀ ڪپرنيڪا جي بي ايمانين ۽ بزدلين جو نتيجو هئا."هي احمق آخر چاهين ڇا ٿا؟ شايد ڪين بہ ڄاڻ ناهي. جڏهن شرارت ڪرڻ تي اچن ٿا تہ پوءِ ڪين هوش نہ ٿو رهي. بلڪل ان بڪواسي جيان. پاشا منهنجا پيارا پٽ، مون کي وري ٻڌاءِ تہ هو ڪيئن تقرير ڪري رهيو هو. ها ٿورو وري سندس نقل ڪر. اڙي آئون تہ کل مر ڪيري ٿي پوندس، تون سندس ڏاڍي سٺي نقل ٿو ڪرين."

گهر پهچي هوءَ پنهنجي پٽ تي ڪاوڙجي پيئي. "ڇا منهنجي اها عمر آهي تہ هڪ بيوقوف گهوڙيسوار منهنجي پٽ تي ڇهبڪ هڻي؟"

"پر امان تون مون تي ڇو پيئي ڪاوڙ ڪرين. ڇا آئون قازقن جو ڪپتان آهيان يا پوليس آفيسر؟"

(9)

نڪولائي نڪولائيوچ پنهنجي درياءَ مان مظاهرو ڪندڙن کي ڏٺوجيڪي پهچي ويا هئا. هو اهو ڏسي رهيو هو تہ ڪٿي انهن ۾ يورا تہ ناهي. پر پهچندڙ ماڻهن

۾ ڪيس پنهنجو ڪو بہ دوست نظر نہ آيو. ها ايترو ياد آهي تہ دردوف خاندان جي هڪ ڇوڪري تي سندس نظر پيئي هئي پر ان جو نالو ڪيس ياد نہ پئي آيو. ساڳيو هنگامن جو شوقين جنهن جي ڪلهن مان اجا تازو گوڙلي ڪڍي ويئي هئي ۽ هاڻي هو وري اهڙين جاين تي ڦرندو نظر اچي ٿو جتي سندس ڪوبہ ڪم نہ هو. نڪولائي نڪولائيوچ ان سرءُ جي منڊ ۾ پيٽرزبرگ مان آيو هو. ماسڪو ۾ وٽس ڪو گهر نہ هو ۽ هوٽل ۾ رهڻ بہ ڪيس پسند نہ هو. تنهن ڪري هو پنهنجي هڪ پري جي مائٽ سوين تيتيسڪي وٽ رهيل هو. ان ڪيس ٻين ماڙ تي ڪنڊ جو ڪمرو ڏيئي ڇڏيو هو.

سوين تيتيسڪي کي ڪو ٻار نہ هو. اهو بہ ماڙ گهر جيڪو سندس ماءُ پيءُ گهڻو عرصو اڳ گورڪي شهزادن کان مسواڙ تي ورتو هو. زال مڙس لاءِ گهڻو وڏو هو. هي مختلف نمونن جي ٿهيل اڏيگن عمارتن جي وچ ۾ هو. هي سڄي جائداد انهن شهزادن جي هئي. انهن عمارتن جا ٽي اڱڻ ۽ هڪ باغ هو. ان جي ٽن پاسن کان گهٽيون هيون. انهن سيني عمارتن جي علائقي کي فلورَ ٽائون جي نالي سان سڏيو ويندو هو.

چار دريون هئڻ جي باوجود مطالعي جي ڪمري ۾ اونداهہ لڳي پيئي هئي. ڪمرو ڪتابن، ڪاغذن، غاليچن ۽ تصويرن سان پريو پيو هو. ان جي آڏو هڪ ڇڄو نڪتل هو. بالڪوني جي دروازي کي سيءَ جي ڪري بند ڪيو ويو هو. بالڪونيءَ جي دروازي ۽ ٻن درين مان پري جو منظر ڏسي سگهجي پيو. ريلوي لائين پري پري تائين ڦهليل هئي. ان سان گڏ گهرن جون بي ترتيب قطارون هيون ۽ تارون لڳل هيون. باغ مان ڳاڙها پاچا ڪمري تي پوندا هئا. وڻ برف سان ڍڪيل هئا. انهن جون تاريون ائين لڳي رهيون هيون ڄڻ اڇيون ميڻ بتيون. وڻ برف جي بار کان جهڪي پيا هئا ۽ ائين پئي لڳو تہ ڄڻ اهي پنهنجو بار ڪمري جي ڇت تي لاهڻ چاهين پيا.

نڪولائي نڪولائيوچ پري نظر کپايو ويٺو هو. هو پيٽرزبرگ ۾ گذريل سردين گذارڻ بابت سوچي رهيو هو. گپون، گورڪي، وزير اعظم سان ملاقات، جديد فيشن ايبل ليڪڪ. ان پاڳل خاني کان پڇي هو سڪون جي ڳولا ۾ هتي آيو هو تہ جيئن پنهنجو ڪتاب لکي سگهي جيڪو سندس ذهن ۾ هو. پر هو گهٽي هنگاما خيز ماحول ۾ ڦاسي پيو هو. روز ليڪچر، عورتن لاءِ يونيورسٽين جا

ڪورس، مذهبي فلسفياٽيون انجمنون ۽ ادارا، ريڊڪراس ۽ هڙتال جا فنڊ. انهن هنگامن ۾ وٽس پنهنجي لاءِ واندڪائي جو هڪ پل به نه هو. ان لاءِ ضروري هو ته هو سوئٽزرلئنڊ هليو وڃي . پري جهنگلن ۾ ڍنڍن جي ڪناري جتي جبل هجن ۽ آسمان هجي، سڪون هجي.

نڪولائي نڪولائيوچ دريءَ ڪان پري ٿي ويو. هن چاهيو پئي ته ٻاهر نڪران، ڪنهن سان ملان يا ائين ئي چهل قدمي ڪري اچان. پر ڪيس ياد آيو ته ٽالسٽاءِ جو معتقد ديوولوشنوف ڪنهن ڪم سانگي وٽس اچڻ وارو هو. هو ڪمري ۾ ئي هلندو رهيو. ڪيس پنهنجي ڀاٽيجي جو خيال آيو.

جڏهن نڪولائي نڪولائيوچ وولگا ۾ پنهنجي آرام گاهه مان پيٽرزبرگ موٽيو هو ته هن يورا کي ماسڪو ۾ ڇڏي ڏنو هو جتي سندس ڪيترائي مائٽ هئا.

ويڊيفيلپن، اوسترو ميلينسڪي، سيليا دن، ميڪائيلس، سونتيتسڪي ۽ گروميڪو جو خاندان. اهي سڀ مائٽن جا گهر هئا.

يورا کي پهرين آستروماٿي سينسڪي وٽ رهايو ويو هو جيڪو ضرورت کان وڌيڪ ئي ڳالهائيندو هو ۽ سڄي برادري ۾ فيوڪا جي نالي سان مشهور هو. فيوڪا گناهه واري زندگي گذاري رهيو هو ۽ پاڻ کي موجود نظام کي ڦٽائڻ وارو ۽ ترقي پسند خيالن جو علمبردار سمجهندو هو. هو پنهنجي مائٽ جي اعتماد تي پورو نه لهي سگهيو. ڪيس يورا جي تعليم ۽ تربيت لاءِ جيڪا رقم ڏني ويئي هئي، اها به هضم ڪري ويو جنهن جي ڪري يورا کي گروميڪو وٽ منتقل ڪيو ويو. اهو ڏاڍو علم دوست خاندان هو ۽ هو اڄا تائين اتي ئي رهيل هو. نڪولائي نڪولائيوچ سوچيو ته گروميڪو جي گهر جو ماحول يورا لاءِ مناسب آهي. سندس ڌيءَ تونيا يورا جي هم عمر ئي هئي ۽ ميشا گورڊن به، جيڪو يورا جو دوست ۽ هم جماعت هو، اتي ئي رهندو هو.

نڪولائي نڪولائيوچ سوچيو ته اهي ٽيئي عجيب مسخرا هئا. ٽيئي "دي مييننگ آف لو" ۽ "دي ڪروٽزر سونيتا" ۾ ئي گم رهندا هئا. مٿن پاڪيزگي، عصمت ۽ عزت جي تلقين جو ئي ڀوت سوار هو. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ٺيڪ هئي پر ان سلسلي ۾ وٽن ڪو توازن نه رهيو هو. ڪيترا نه ٻاراڻا خيال هئا بلڪ صفا ڦريل ئي هئا. اهي جنسي لاڙا جيڪي کين پريشان ڪن پيا. انهن کي هُو فحش، بيهودهه ۽ هلڪڙائپ سمجهندا هئا. جنسي اکر چوڻ سان شرم کان سندن منهن ڳاڙهو ٿي ويو.

نڪولائي نڪولائيوچ سوچيو تہ جيڪڏهن هو ماسڪو ۾ هجي ها تہ ان معاملي ۾ سندن سوچ کي ايترو اڳتي وڌڻ نہ ڏئي ها. پاڪيزگي ضروري آهي پر حدن جي اندر. "اوه تيل فيوڪ تيتو وچ اندر هليو آءُ." هن اڳتي وڌي پنهنجي مهمان جو آڌرڀاءُ ڪيو.

(10)

ٽالسٽاءِ جي فيشن جي قميص، چمڙي جو ويڪرو پٽو، فيلٽ جا جوتا ۽ ويڪري پتلون پهريل، جيڪا گوڏن وٽان ٻاهر نڪتل هئي، هڪ ٿلهو شخص ڪمري ۾ داخل ٿيو. ڏسڻ ۾ چڱو ماڻهو پئي لڳو. صفاگم سر. ڪيس ڪماڻيءَ ڪانسواءِ عينڪ پيل هئي.جنهنجو شيشو سندس نڪ آڏو لڏي رهيو هو. وڏي ڪمري ۾ هن اوورڪوٽ لاهي ڇڏيو. بهرحال هن اجا گلو بند نہ لاٿو هو جيڪو فرش تي لڙڪندو ساٽس گڏ اچي رهيو هو. سندس گول ٽوپي بہ اجا سندس مٺي تي هئي. انهن رڪاوٽن جي ڪري هو نہ تہ نڪولائي نڪولائيوچ سان هٿ ملائي سگهيو ۽ نہ ئي مزاج پرسي ڪري سگهيو.

هن ام.م.م. جهڙو آواز ڪيو. هو ويچارو ٻٽجي ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳو. نڪولائي نڪولائيوچ جي اهو چوڻ ڪان پوءِ تہ "اهي شيون جتي وڻيو اتي رکي ڇڏيو."ديوو لوشوف جي ڳالهائڻ جي قوت موٽي آئي ۽ هن پاڻ سنڀالي ورتو.

هو ٽالسٽاءِ جي اهڙن پوئلڳن مان هو جن جي دل ۽ دماغ ۾ ان غيرمعمولي ذهانت واري انسان جا تصور هميشہ لاءِ نقش ٿي ويا هئا. پر اصل ۾ انهن تصورن ۾ هاڻي ڪا جان نہ رهي هئي ۽ اهي بلڪل خالي خولي لڳي رهيا هئا. هو نڪولائي نڪولائيوچ کي هڪ جلسي ۾ تقرير ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ آيو هو جيڪو ڪنهن اسڪول ۾ انهن ماڻهن جي مدد لاءِ ٿي رهيو هو جن کي سياسي سببن ڪري جلاوطن ڪيو ويو هو.

" آئون اڳ ۾ ئي ان اسڪول ۾ تقرير ڪري چڪو آهيان."

" پنهنجن جلاوطن ٿيلن جي مدد لاءِ؟"

" ها."

نڪولائي نڪولائيوچ ٿوري دير جي "ها، نہ" کان پوءِ نيٺ ان ڳالھہ کي مڃي ورتو. ڳالھہ پوري ٿيڻ کان پوءِ نڪولائي نڪولائيوچ پنهنجي مهمان کي وڌيڪ روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ۽ مهمان بہ هليو وڃي ها پر هن سوچيو تہ اهڙي ريت هليو وڃڻ مناسب نہ ٿو لڳي.

هو وڃڻ کان اڳ ڪا دلچسپ ۽ چڱي ڳالھہ چوڻ چاهي پيو. هاڻي جيڪا ڳالھہ ٻولھہ ٿي، اها ڇڪتاڻ ۽ اختلاف واري هئي.

" هاڻي تون زوال پذير ٿيندو پيو وڃين. تصوف ڏانهن لاڙو رکيو اٿئي."

" ڇا مطلب آهي تنهنجو؟"

" ڏس ان سان وقت جو زيان ٿئي ٿو. اها ڳوناڻي ڪائونسل توکي ياد آهي."

" هاها ڇو نہ، اسان گڏجي ڪنوينسنگ ڪئي هئي."

"ياد آهي توکي تہ اسان ڳوناڻن اسڪولن ۽ استادن جي ڪاليج لاءِ بہ زبردست جاکوڙ ڪئي هئي."

"ها مون کي ياد آهي. اها ويڙھہ ڏاڍي شاندار هئي."

"پوءِ تون عام ماڻهن جي صحت ۽ سماجي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو هئين. ٺيڪ آهي نہ؟"

" ٿوري وقت لاءِ ها، ٺيڪ آهي."

"هاڻي عوامي خيالن کي حقارت سان ڏٺو پيو وڃي. هاڻ سچ جهڙو ٿيڻ جهڙيون ڳالهيون ٿي رهيون آهن. مون کي سمجھہ ۾ نہ ٿو اچي تہ تو جهڙو سمجهو ماڻهو جنهن کي عوامي مسئلن جي ڄاڻ آهي. چڱو ڇڏيو ان ڳالھہ کي. ڪٿي آئون تنهنجو وقت تہ زيان نہ پيو ڪريان. تنهنجي پوتر هستين کي ناراض تہ نہ پيو ڪيان؟"

" انهن سيني ڳالهين جو آخر مطلب ڇا آهي؟ اسان بحث ڪهڙي ڳالھہ تي پيا ڪريون؟ توکي منهنجن نظرين ۽ خيالن متعلق ڪا ڄاڻ ناهي."

"روس کي اسپتالن ۽ اسڪولن جي ضرورت آهي. انهن ڳالهين جي نہ جيڪي تون ڪري رهيو آهين."

"ان کان ڪنهن کي انڪار آهي؟"

"هارين جا ڪپڙا اگهڙيون ٿيا پيا آهن ۽ اهي بک پيا مرن."

مطلب تہ اها ڳالهہ ٻولهہ هروڀرو ڊگهي ٿيندي پئي ويئي اُن جي باوجود تہ نڪولائي نڪولائيوچ کي چاڻ هئي تہ اهو بحث بلڪل بيڪار هو هن اهو سمجهاڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مثبت خيال رکندڙ ليڪڪ ڪيس ڇو پسند هئا. پوءِ ٽالسٽاءِ جي اصولن جو ذڪر ڪندي هن چيو تہ، "هڪ حد تائين تہ آئون تو سان گڏ آهيان پر ٽالسٽاءِ جو چوڻ آهي تہ ماڻهو جيترو پاڻ کي سونهن جي حوالي ڪري ٿو، اوترو ئي هو چڱائيءَ کان پري ٿي وڃي ٿو."

" ۽ تنهنجو خيال آهي تہ حقيقت ان جي ابتڙ آهي، سونهن دنيا کي بچائيندي، اهائي ڳالهہ آهي نہ؟ دوستوسڪي، روزانوف، پراسرار ڊراما ۽ الاءِ ڇاڇا؟"

"ترس آئون تو کي ٻڌايان ٿو تہ مان ڇا سوچيان ٿو. منهنجو خيال آهي تہ انسان جي اندر جيڪو جانور ستل آهي ان کي جيڪڏهن ڌمڪين سان دٻائي سگهجي ها، مطلب تہ ڪنهن بہ قسم جي ڌمڪي، جيل جي يا سزا ۽ جزا جي، تہ پوءِ انسانيت جو سڀ کان وڏو نشان سرڪس ۾ شينهن کي پنهنجي هنٽر سان سڌو ڪندڙ رنگ ماسٽر جو هجي ها ۽ نہ ان پيغمبر جو جنهن پاڻ کي قربان ڪري ڇڏيو پر تون نہ ٿو سمجهين، اها ئي تہ اصل ڳالهہ آهي.

جنهن شيءِ صدين تائين انسان کي جانورن کان مٿي رکيو آهي، اهو ڏنڊو نہ پر هڪ ٻاهرين ۽ اندرين موسيقي آهي. اها بي هٿيار سچائي جي ناقابل تسخير طاقت آهي جنهن جو مقابلو ڪرڻ ممڪن ناهي. ان جي قائم ڪيل مثال جي زبردست ڇڪ آهي. عام طور تي اهو فرض ڪيو ويو آهي تہ پوتر ڪتابن ۾ جيڪي شيون سڀ کان وڌيڪ اهم آهن اهي اخلاقي ضابطا ۽ حڪم آهن پر منهنجي لاءِ سڀ کان اهم شيءِ اها آهي تہ يسوع مسيح جن اخلاقي حڪايتن ۽ قصن جو ذڪر ڪري ٿو اهي زندگيءَ مان ورتا ويا آهن. اهي اسان کي سچ جو سبق روزاني زندگيءَ جي حقيقتن کي سمجهائيندي ڏين ٿا. ان جو اصل مطلب اهو آهي تہ فاني مخلوق جو هڪ ٻئي سان چڱي نموني رهڻ ان کي غير فاني ناهي ڇڏيندو آهي ۽ ان معنويت جي اعتبار سان ئي اها سچي زندگي چئڻ تہ قدرت جوهڪ اشارو آهي."

" منهنجي سمجهہ ۾ هڪ اکر بہ نہ آيو. تو کي ان تي ڪتاب لکڻ گهرجي."

ديوولوشوف جي وڃڻ کان پوءِ نڪولائي نڪولائيوچ کي گهٽي ڪاوڙ آئي. ڪيس پنهنجو پاڻ تي ڪاوڙ اچي رهي هئي تہ هن پنهنجا ڪجهہ دلي خيال ان

بيوقوف آڏو ظاهر ڪري ڇڏيا ۽ ان تي ان جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو. جيئن تہ ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي سندس ڪاوڙ پنهنجو نشان تبديل ڪري ڇڏيو. ڪيس هڪ واقعو ياد اچي ويو. هن ڪڏهن ڊائري نہ رکي هئي.پوءِ بہ سال ۾ هڪ بہ پيرا جڏهن ڪيس ڪا خاص ڳالهہ ۽ خيال ذهن ۾ ايندو هو تہ هو ان کي هڪ ٿلهي ڪاپيءَ ۾ لکي ڇڏيندو هو. اهڙيءَ طرح هو ڪاپيءَ ۾ وڏن اکرن سان لکڻ لڳو. هن جيڪي ڪجهہ لکيو اهو هي هو:

ان بيوقوف شينگر عورت سڄو ڏينهن خراب ڪري ڇڏيو هو. صبح آئي ۽ بنپهرن جي مانيءَ تائين اتي رهي. سڄن سارن ٻن ڪلاڪن تائين هن مون کي بيڪار نظم ۽ نثر، موسيقي ۽ ستارن جي ابتي سبتي منطق ۽ ڇئن عنصرن جا آواز ٻڌائي بيزار ڪري ڇڏيو. آئون ويچارو ٻڌجي سندس اهي بيڪار ڳالهيون ٻڌندو رهيس ۽ پوءِ ڪيس درخواست ڪيم تہ هو اها بڪواس بند ڪري.

اوچتو مون کي سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويو. آئون سمجهي ويس تہ اهڙا نظم چو ايترا موتمار ۽ نہ سمجهڻ جي حد تائين غلط ٿين ٿا. ايستائين تہ فائوسٽ ۾ بہ ائين ٿي آهي. پورو نظم هٽرادو لڳي ٿو جنهن ۾ ڪو شخص دلچسپي نہ ٿو وٺي. موجوده دور جي انسان کي ان جي ڪا ضرورت ناهي. جڏهن هو ڪائنات جي رازن ۾ منجهي ٿو تہ پوءِ هو طبعيات ڏانهن متوجهہ ٿئي ٿو پر هو هيلسيڊو جي شاعري ۾ دلچسپي نہ ٿو وٺي.

رڳو اهو ناهي تہ ان صنف ۾ تاريخ جون چڪون هونديون آهن يا تاريخي واقعن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويندو آهي يا ان جي روحانيت انهن سوالن کي وڏيڪ منجهائي ڇڏيندي آهي جن کي سائنس حل ڪيو آهي. اصل ڳالهہ اها آهي تہ اهڙي قسم جو فن روح، مادي ۽ موجوده دور جي فن سان مطابقت نہ ٿو رکي. تخليق جا اهي نظريا پراڻي دور ۾ قدرتي هئا جڏهن دنيا جي آبادي ايتري گهٽ هئي جو انسان ان وقت تائين فطرت جي رازن تائين پهچي نہ سگهيو هو. ديوقامت مخلوق ان وقت بہ دنيا ۾ موجود هئي. وڏيون بلائون ۽ ڊائنوسار اجا تائين ماڻهن جي يادگيري ۾ تازا هئا.

قدرت اهڙي صاف طريقي سان تنهنجي منهن تي چماٽ هڻي ۽ تنهنجي ايتري سخت پڪڙ ڪئي جنهن مان لڳو ٿي تہ ان وقت ديوتائن جو وجود باقي هو. اهي انساني تاريخ جا شروعاتي پنا هئا ۽ رڳو ابتدا هئي. پراڻي دنيا پنهنجي آبادي

وڏائڻ جي ڪري روم سان گڏ ئي ختم ٿي ويئي. روم اڏار ورتل ديوتائن ۽ مفتوح ماڻهن جي منڊي هئي. ٻه ماڙ زمين ۽ آسمان، هڪ تي غلام ۽ ٻئي تي ديوتا، جتي سودا طئي ٿيندا هئا. گند جو هڪ اهڙو ڍير جيڪو آنڊن ۾ گڏ ٿي ويندو هو. اتي مختلف قومن جا ماڻهو هئا. ٿلها متارا، اڪين تي چربي چڙهيل ۽ هم جنسي جا عادي ماڻهو ۽ جاهل شهنشاهه هوندا هئا. مڇين ڪي پڙهيل لکيل غلامن جو ماس کارائي پاليو ويندو هو. ان وقت دنيا جي آبادي ايتري گهٽي هئي جيتري ان کان پوءِ اڄ تائين ڪڏهن ناهي ٿي. اهي سڀ ماڻهو روم جي تفريح گاهن ۾ پيا سڙندا هئا.

۽ پوءِ سون ۽ سنگمرمر جي ان دنيا ۾ يسوع مسيح آيو جيڪو مجسم روشني ۽ چمڪ سان هڪ مڪمل انسان هو. هو گليلي جو رهڻ وارو هو. سندن ايندي ئي ديوتائن ۽ قومن جو وجود ختم ٿي ويو ۽ انسان وجود ۾ آيو. انسان جيڪو رڍون چاريندو هو. انسان جيڪو قطعي مغرور نه هو. انسان جنهن جا ڳڻ مائرن جي لولين ۾ ڳايا ويا ۽ سڄي دنيا ۾ جنهن جون تصويرون لڳايون ويون."

(11)

پيتروو ڪا پيٽرس برگ جو ئي هڪ حصو لڳو ٿي جيڪو غلطيءَ سان ماسڪو ۾ واقع ٿي پيو هو. ان جي ٻنهي پاسن کان ساڳئي نموني جا گهر هئا جن جي دروازن تي سنگ تراشيءَ جا سهڻا نمونا نظر آيا ٿي، جتي ڪتابن جو دڪان هو، لائبرري هئي، نقش ناهڻ وارا هئا، تماڪ جو سهڻو دڪان ۽ بهترين ريسٽورنٽ هو، جنهن جي وڏي دروازي تي گيس جون ٻه وڏيون بتيون لڳل هيون. سيءَ ۾ رستو بلڪل ويران نظر ايندو هو. هتان جا ماڻهو مضبوط ڪردار وارا، خوددار، خوشحال ۽ پنهنجي ڪاروبار وارا هئا. هتي وڪٽر ايپولي تووچ ٽين ماڙ تي هڪ شاندار گهر مسواڙ تي ورتو هو جتي هڪ ويڪري ڏاڪڻ وسيلي وڃبو هو. ان ۾ شاهه بلوط جي مضبوط ريلنگ لڳل هئي. گهر جي مالڪ ايماارنستونا،جنهن کي ان پرسڪون پناهه گاهه جو نگران چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، سندس ذاتي حياتيءَ ۾ دخل ڏيڻ کان سواءِ ان جي پوري سار سنڀال لهندي هئي. هو ان جاءِ جو انتظام نهايت خاموشيءَ سان هلائيندي هئي. ايستائين جو هوءَ نه پاڻ ڏسڻ ۾ ايندي هئي ۽ نه سندس آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو. ان جي عيوض هو هڪ باعزت انسان جيان سندس جذبن جو ٿورو خيال رکندو هو جنهن جي ان جهڙي شريف ماڻهوءَ کان توقع

ڪري سگهجي پيئي. هو ڪڏهن به اهڙن مهمانن جو اچڻ گوارا نه ڪندو هو جن جي موجودگي سان گهر جي مالڪ جي پرسڪون حياتيءَ ۾ خلل پوڻ جو انديشو هجي. سندس گهر ۾ خانقاهه جهڙي خاموشي هوندي هئي. پڙدا ڏنل هوندا هئا ۽ مٽيءَ جو ذرو به نظر نه ايندو هو. بلڪل ائين هر شيءِ صاف ڏسڻ ۾ ايندي هئي جيئن آپريشن ٿئيٽر ۾ هوندي آهي.

عام طور تي هر آچر جي صبوح وڪتراپيولي تووچ پنهنجي بلڊاگ سان گڏ پيتروڪا ۽ ڪزنيتسڪي موست جي ڪناري پسار لاءِ ويندو هو جتي ڪيس ڪنهن موڙ تي اداڪار ۽ جواري ڪانستنتائن الاريو نووچ ملندو هو. اهي هڪ ٻئي کي بيهودهه قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا. ائين ڪندي هو حقارت مان نڪ مان مختلف قسم جا آواز ڪڍندا ۽ بي شرميءَ سان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا هئا جن جي ڪنهن ڪتي جي ڀونڪڻ ڪان وڌيڪ اهميت نه هئي.

(12)

موسم غير معمولي هئي. پاڻيءَ جا ڦڙا ڏاتوءَ سان ٺهيل نالين ۽ ڪارنسن تي ٽپ ٽپ جي آواز سان ڪري رهيا هئا ۽ ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ته بهار جي مند هجي. برف پگهري رهي هئي.

لارا سڄي رات گهبراهٽ جي حالت ۾ ڦٽي ڪئي ۽ اهو رڳو هن گهر پهچي ٿي محسوس ڪيو ته ساڻس ڪهڙو واقعو پيش آيو هو.

هر ماڻهو ستو پيو هو. مٿس هڪ وجداني ڪيفيت طاري ٿي ويئي ۽ هو بي خودي جي حالت ۾ پنهنجي ماءُ جي ڊريسنگ ٽيبل جي آڏو ويهي رهي. ڪيس اجا تائين به پنهنجو گلن وارو لباس پاتل هو جيڪو اُڇي رنگ جو لڳو ٿي. ڪيس هڪ ڊگهو نقاب به پاتل هو جيڪو هن شام ۾ ورڪشاپ مان پائڻ لاءِ اڌارو ورتو هو. هو نڪ آڏو بيٺي هئي جنهن ۾ سندس عڪس پئجي رهيو هو پر ڪيس ڪجهه ڏسڻ ۾ نه پئي آيو. پوءِ هن پنهنجي ٻانهن ڊريسنگ ٽيبل تي رکي پنهنجو مٿو ان تي ٽيڪي ڇڏيو.

جيڪڏهن امان کي ان جي خبر پئجي ويئي ته اها ڪيس ماري ڇڏيندي ۽ پوءِ پنهنجي حياتيءَ جو به انت آڻي ڇڏيندي. اهو ڪيئن ٿي ويو ۽ اهو ڪيئن ٿي سگهيو ٿي؟ هاڻي ڪجهه سوچڻ بيڪار هو. ڪيس اڳ ٿي سوچڻ گهرجي ها.

هاڻي هوءَ ڇا هئي؟ هڪ آوارهہ عورت. . ۽ هوءَ هڪ اهڙي عورت هئي جهڙي فرانسيسي ناول ۾ هوندي آهي ۽ هاڻي سياڻي هوءَ اسڪول ويندي ۽ انهن ٻين ڇوڪرين سان گڏ ويهندي جيڪي سندس ڀيٽ ۾ ننڍين ٻارن جيان هيون. او خدا، او خدا! اهو ڪيئن ٿي ويو؟

ڪنهن ڏينهن سالن ڪان پوءِ جڏهن ممڪن ٿي سگهندو لارا اوليااوينا ڪي ٻڌائي ڇڏيندي ۽ اوليا ڪيس پاڪرن ۾ وٺي روئڻ ۾ پئجي ويندي.

دريءَ ڪان ٻاهر پاڻيءَ جا ڦڙا ٽپ ٽپ جي آواز سان ڪري رهيا هئا ۽ برف پگهري رهي هئي، رستي تي ڪو همراهہ ڪنهن پاڙيسريءَ جو در کڙڪائي رهيو هو. لارا پنهنجو ڪنڌ مٿي نہ ڪنيو. سندس ڪلها لڏي رهيا هئا، هوءَ روئي رهي هئي.

(13)

”منهنجي پياري ايماارنستووونا، اهو سڀ بڪواس آهي. آئون ان مان تنگ ٿي پيو آهيان.“ هو خانا ڪوليندو ۽ بند ڪندو ۽ شين کي هيڏانهن هوڏانهن ڪندو رهيو. ڪف ۽ ڪالر ڇڪي پاسي پيل غاليچن ۽ صوفن تي اڇلائيندو ويو.

ڪيس خبر نہ هئي تہ هو نيٺ ڇا ڳولهي رهيو هو.

ڪيس لارا جي تمام گهڻي ضرورت هئي ۽ هن آچر تي ساڻس ملاقات جو ڪو امڪان نہ هو. هو هڪ اهڙي جانور جيان، جنهن کي پڃري ۾ بند ڪيو ويو هجي، بدحواس ٿي ڪمري ۾ چڪر لڳائيندو رهيو. سندس بي مثال حسن ۽ سونهن جو تہ ڪو مثال نہ هو. هوٽل جي ڪمري جي ديوار تي سندس پاڇو سندس معصوميت جي خاڪي جيان هو. سندس چولي سندس ڇاتيءَ تي ايتري مضبوطيءَ سان ٻڌل هئي جيئن پرت واري فريم تي ڪپڙو ڇڪي ٻڌو ويندو آهي.

هو پنهنجيون آڱريون درين جي شيشن تي هڻي رهيو هو ۽ ان جو آواز هيٺ ڏامر واري رستي تي هلندڙ گهوڙن جي ٽاپن جي آواز سان هم آهنگ ٿي رهيو هو. ”لارا“.. هو پنهنجيون اکيون بند ڪري ڀُڻڪيو ۽ تصور ۾ ڏٺائين تہ لارا جو مٿو سندس هٿن تي جهڪيل هو. هوءَ ستي پيئي هئي ۽ ان ڳالهہ کان اڻ ڄاڻ تہ هو پاڻ جاڳندي ڪلاڪن تائين لاڳيتو ڪيس ڏسندو رهيو هو. سندس ڪارا وار وکريل هئا ۽ انهن جي سونهن سندس اکين کي ائين ساڙي رهي هئي جيئن دونهن ڀرجي وڃڻ سان ٿيندو آهي. سندس اندر ۾ هڪ آنڌ مانڌ پئدا ٿي هئي.

سندس آچر واري پسار جو ڪو نتيجو نہ پئي نڪتو. هن جيڪ سان ڪجهہ وکون کنيون، پوءِ بيهي رهيو ۽ سوچڻ لڳو. ڪرنتسڪي موسٽ متعلق، ستابندي جي گرجائن بابت ۽ بين ماڻهن بابت جن سان واٽ تي سندس ملاقات ٿي هئي، نہ اهو سڀ سندس سهپ کان ٻاهر هو. هو واپس مڙيو. ڪتي چرڪ ڀري ناپسنديدگيءَ سان ڪيس ڏٺو ۽ ٻي دلي سان پڇ لوڏيندو سندس پويان هلڻ لڳو.

"ان جو ڪهڙو مطلب ٿي سگهي ٿو؟" ڪومارووسڪي سوچيو.

"مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟" ڇا اهو سندس ضمير جو آواز هو رحم جو احساس هو يا ندامت هئي؟ يا هو ان جي ڪري پريشان هو؟ نہ. ڪيس ڄاڻ هئي تہ هو گهر تي خيريت سان هئي. پوءِ نيٺ هو سندس خيال پنهنجي دل مان ڇو نہ پئي ڪڍي سگهيو؟

هو هلندو پنهنجي گهر تائين ويو. ڏاڪڻين تي چڙهي پهرين ماڙ تائين پهتو. دريءَ جي رنگين نقش نگار مان نڪرندڙ روشني جا رنگين ڪرڻا سندس قدمن تي پئجي رهيا هئا. ٻي ماڙ ڏانهن ويندي هو وچ ۾ بيهي رهيو. ڪيس ان ٿڪائيندڙ پريشان ڪندڙ موڊ کي ختم ڪرڻ گهرجي. نيٺ هو ڪو اسڪول جو شاگرد تہ نہ هو. ڪيس اهو سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ڪتي اها ڇوڪري جيڪا رڳو هڪ ڀار ۽ سندس مرحوم دوست جي ڌيءَ هئي، هڪ رانديڪو ٿيڻ بجاءِ سندس حواسن تي ڇائنجي نہ وڃي. ڪيس پنهنجي هوش ۽ حواسن کي برقرار رکڻ گهرجي. ڪيس پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي عادتن موجب ٿي وڃڻ گهرجي نہ تہ هر شيءِ ختم ٿي ويندي.

ڪو مارووسڪي شاهہ بلوط جي ڪاٺ جي ٿهيل ريلنگ کي زور سان ايستائين جهلي رکيو جو سندس هٿ ۾ سور ٿيڻ لڳو. هن هڪ پل لاءِ اکيون بند ڪيون. ان کان پوءِ پختو ارادو ڪري واپس مڙي هيٺ لهي ويو. هيٺ سندس ڪتو سندس انتظار ڪري رهيو هو. هن ڪنڌ مٿي ڪٽي پنهنجي مالڪ ڏانهن محبت سان ڏٺو.

ڪتي کي ڇوڪريءَ سان نفرت هئي. هن سندس جوراب ڦاڙي ڇڏيا هئا، مٿس ڀونڪيو هو ۽ ڪيس ڏند ڏيکاريا هئا. هو ڪائنس حسد ڪندو هو ڇڻ تہ ڪيس اهو انديشو هجي تہ ڪتي اها سندس مالڪ ۾ انسانيت جا جيوڙا نہ وجهي ڇڏي.

" مطلب تہ تنهنجو خيال آهي تہ هر شيءِ ائين ئي رهندي جيئن اڳ هئي. ستابندي، اهي نيچ حرڪتون ڪريل مذاق ۽ ٻيو سڀ ڪجهہ. ٺيڪ آهي تہ پوءِ

هي وٽ، هي ۽ هي." هن بل ڊاگ کي پنهنجي لٺ سان مارڻ ۽ لتون هڻڻ شروع ڪيون. جيڪ رڙيون ڪيون ۽ ڪنبندو ڊاڪٽين تي چڙهي ويو. ايماارنستوونا کي دانهن ڏيڻ لاءِ هو دروازي کي پيير هڻڻ لڳو.

ڏينهن ۽ هفتا گذرندا رهيا.

(14)

اهو ڪهڙو نہ سحر انگيز چڪر هو. جيڪڏهن ڪومارووسڪي جي لارا جي زندگيءَ ۾ مداخلت منجهس رڳو نفرت پيري هجي ها تہ هوءَ بغاوت ڪري ان مان جان ڇڏائي سگهي پئي پر اهو ايترو سولو نہ هو.

ڇوڪريءَ کي ان ڳالهہ تي فخر هو تہ هڪ خوبصورت شخص، جنهن جا وار اڇا ٿي ويا هئا، هڪ شخص جيڪو سندس پيءُ جي عمر جو هو،هڪ شخص جنهن جي تقرير تي جلسن ۾ تاڙيون وڄنديون هيون ۽ اخبارن ۾ جنهن بابت لکيو ويندو هو، پنهنجو وقت ۽ دولت مٿس خرچ ڪري رهيو هو. کيس پاڻ سان گڏ اسٽيج جي پروگرامن ۽ ڊرامن ۾ وٺي وڃڻ ۽ اهو چوڻ تہ هن سندس پوڄا ٿي ڪئي، هڪ وڻندڙ ڳالهہ هئي جڏهن تہ ماڻهو اهو چوندا هئا تہ هو سندس ذهن جي تربيت ڪري رهيو هو.

بهرحال جيڪي ڪجهہ بہ هجي، هوءَ اڃا ناسي يونيفارم پهريندڙ اسڪول جي هڪ ڇوڪري هئي ۽ اسڪول جي هر قسم جي سازشن ۽ شرارتن ۾ حصو وٺندي هئي. بند بگيءَ ۾ ڪوچوان جي پويان يا اوپيرا بڪس ۾ تماشائين جي نظرن آڏو ڪومارووسڪي جي پيار جي اظهار، جيڪو هو نهايت جرئت سان ڪندو هو، کيس نہ رڳو خوشيءَ سان پيري ڇڏيو هو پر همت ۽ رازداريءَ جي ان ميلاپ سندس اندر کي بہ جاڳايو هو تہ جيئن هوءَ بہ ان جو ساڳي طرح جواب ڏيئي سگهي.

پر اهو ٻاراڻو مهر جو موڊ گهڻو جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. مٿس بيزاري ۽ دٻ جو جذبو مستقل طور حاوي ٿيندو پئي ويو. هوءَ هر وقت ننڊاکڙي حالت ۾ هوندي هئي. ڇاڪاڻ (هن پنهنجو پاڻ کي ٻڌايو) تہ هوءَ رات جو ننڊ پوري ڪري نہ سگهندي هئي. ان جا ڪارڻ اهي هئا تہ هوءَ سڄي رات روئندي هئي. کيس مستقل مٿي جي سور جي شڪايت رهندي هئي. هوءَ اسڪول ۾ گهڻي محنت ڪندي هئي ۽ جسماني طور ٿڪجي پيئي هئي.

(15)

هوءَ ڪائنس نفرت ڪندي هئي. هو سندس زندگيءَ لاءِ هڪ لعنت هو. روزانو هوءَ اِهو سوچيندي هئي. هوءَ سڄي ڄمار لاءِ ڇڻ تہ سندس غلام بڻجي ويئي هئي. هن نيٺ ڪيئن ڪيس پنهنجي تابع ڪري ڇڏيوهو؟ ڪهڙي شيءِ ڪيس مجبور ٿي ڪري تہ هوءَ سندس اطاعت ڪري ۽ سندس خواهشن کي پورو ڪري. هوءَ نيٺ سندس خواهشن کي ڇو ٿي پورو ڪري جيڪا ڳالهہ ڪيس پوءِ شرمندو ٿي ڪري. ڇا اهو سندس عمر جي ڪري هو؟ يا ان ڪري تہ سندس ماءُ مالي لحاظ کان ڪومارووسڪيءَ جي محتاج هئي؟ ياوري ان ڪري تہ هو نهايت هوشياري سان ڪيس ڊيڄاري ٿو؟ نہ. نہ. هزار ڀيرا نہ. اهو سڀ بڪواس آهي.

اها تہ پاڻ لارا هئي جنهن ان کي پنهنجي قابو ۾ ڪري رکيو هو. ڇا هوءَ اهو نہ ٿي ڏسي تہ ان کي سندس ڪيتري ضرورت هئي؟ ڪيس ڊڄڻ جي ڪا ضرورت نہ هئي. سندس ضمير مطمئن هو. اهو تہ هو پاڻ هو جنهن کي شرمندو ٿيڻ ۽ ان ڳالهہ کان ڊڄڻ گهرجي ها تہ ڪٿي هوءَ ڪيس ڇڏي نہ وڃي. پر هوءَ ائين ڪڏهن بہ نہ ڪندي. هوءَ ايتري بي رحم ناهي جو ائين ڪري سگهي جيئن ڪومارووسڪي جو پنهنجن ماتحتن ۽ ڪمزور انسانن سان ورتاءُ هوندو هو.

انهن ٻنهي ۾ اهو ئي تہ فرق هو. اها ئي شيءِ هئي جنهن سڄي زندگيءَ کي ايترو ڊيڄاريندڙ ڪري ڇڏيو هو. تو کي زندگيءَ جا طوفان ڊاهي نہ ٿا سگهن پر اهي تهمتون ۽ ڦريل نگاهون آهن جيڪي ماڻهوءَ جو جيئڻ جنجال ڪن ٿيون. زندگي سڄي غداري ۽ ابهام آهي. ڪو بہ ڏاڳو ڪوريئڙي جي ڄار جيان نازڪ هوندو آهي. پر جيئن ئي تون ان ڄار مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو تيئن ئي اهو تو کي وڌيڪ مضبوطيءَ سان جڪڙي ڇڏي ٿو.

ايستائين تہ ڪمزور ۽ فريبي طاقتورن تي حڪمراني ڪن ٿا.

(16)

جيڪڏهن هوءَ پرٽيل هجي ها تہ پوءِ ڇا ٿئي ها؟ هن پنهنجو پاڻ کان پڇيو. ان سان ڪهڙو فرق پئجي ويندو؟ ڪيس غلط دليلن ڏيڻ جي عادت پئجي چڪي هئي. پر ڪڏهن ڪڏهن هڪ مايوس ڪندڙ ڏک مٿس حاوي ٿي ويندو هو.

اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته هن کي سندس پيرن تي ڪرڻ، خوشامد ڪرڻ تي شرم محسوس نه ٿيندو هجي.

" اسان اهڙي ريت زندگي نه ٿا گذاري سگهون. سوچ ته مون تو سان ڇا ڪيو آهي. تون تباهي ڏانهن وڃي رهي آهين. اسان کي تنهنجي ماءُ کي بدائي ڇڏڻ گهرجي. آئون تو سان شادي ڪندس." هو روئڻ لڳو ۽ ائين اصرار ڪرڻ لڳو جيئن هو ساڻس بحث ڪري ۽ انڪار ڪري رهي هجي. پر اهي رڳو لفظ ٿي هئا جن کي هن ٻڌڻ به گوارا نه ڪيو. ڇو ته هن ڇاتو ٿئي ته انهن جي ڪا معنيٰ نه هئي.

هو ڪيس لاڳيتو ٻاهر وٺي ويندو رهيو. سندس منهن نقاب سان ڍڪيل هوندو هو. هو ڪيس انهن وحشتناڪ ريسٽورنٽس جي پرائيويٽ ڪمرن ۾ رات جي ماني ڪارائڻ لاءِ وٺي ويندو هو جتي داخل ٿيندي خدمتگارن ۽ ٻين ماڻهن جي نظر پوندي ئي هوءَ پنهنجو پاڻ کي اگهاڙو محسوس ڪرڻ لڳندي هئي. هوءَ هميشه اهو سوچيندي هئي ته "ڇا اسان هميشه انهن ماڻهن کي ذليل ڪندا رهنداسين جن سان اسان کي محبت هوندي آهي؟"

هڪ ڀيري هن خواب ڏٺو. هن ڏٺو ته ڪيس دفن ڪيو ويو هو ۽ ڪاٻي ڪلهي ۽ ساڄي پير ڪان سواءِ سندس جسم جو ڪوبه حصو باقي نه رهيو هو. سندس ڪاٻي ڇاتيءَ تي گاهه نڪري رهيو هو ۽ مٿي زمين تي ماڻهو " ڪاريون اکيون ۽ اڇي ڇاتي" ۽ "ماشا کي دريا تي نه وڃڻ گهرجي" ڳائي رهيا هئا.

(17)

لارا مذهبي نه هئي. سندس عبادت تي اعتقاد نه هو پر ڪڏهن ڪڏهن هوءَ زندگيءَ کي سهڻ جهڙو بنائڻ لاءِ اندروني موسيقيءَ جي ضرورت محسوس ڪندي هئي. هوءَ پنهنجي پاڻ لاءِ اهڙي موسيقي تيار نه ڪري سگهندي هئي. اها موسيقي خدا پاران زندگيءَ جو نياپو هو ۽ ان تي ئي روئڻ لاءِ هوءَ گرجا ويندي هئي.

هڪ ڀيري ڊسمبر جي شروع ۾ هوءَ ايتري پريشانيءَ جي حالت ۾ عبادت ڪرڻ ويئي جو ڪيس اهو محسوس ٿيڻ لڳو ته ڇڻ ڪنهن به پل سندس پيرن هيٺان ڌرتي ڦاٽي پوندي ۽ گرجا جي اوچي ڇت ڪري ان ۾ پئجي ويندي. سندس اهڙو ئي انجام ٿيڻ گهرجي. اهڙي ريت هر شيءِ ختم ٿي ويندي. ڪيس رڳو اهو افسوس هو ته هو پاڻ سان گڏ هن گهڻ ڳالهائو ڇوڪري اوليا کي ڇو وٺي ويئي هئي.

”هو ڏس پرووايفاسيوچ“ اوليا آهستي ڳالهائيندي چيو.

” شش مون کي اڪيلو ڇڏ. ڪير آهي پرووايفاسيوچ.“

”پرووايفاسيوچ اهو جيڪو مذهبي گيت ڳائي رهيو آهي. اسان جو ويجهو مائٽ آهي.“

”او، اهو مذهبي گيت ڳائڻ وارو تيورزن جو مائٽ. شش ڳالهائڻ بند ڪر. مهرباني ڪري مون کي تنگ نہ ڪر.“

اهي عبادت شروع ٿيندي ئي اندر پهچي ويون هيون. ان وقت ماڻهو اهو گيت ڳائي رهيا هئا. ”اي معبود، منهنجي روح تي برڪتون نازل فرماءِ ۽ هر ان شيءِ تي جيڪا منهنجي اندر آهي. يسوع مسيح جي پوتر نالي جي صدقي پنهنجون رحمتون نازل فرماءِ.“

چرچ اڌ خالي پيو هو ۽ گيت جي هر سر جو پڙاڏو پيدا ٿي رهيو هو. رڳو سامهون واري پاسي کان عبادت ڪندڙ بي ترتيبيءَ سان بيٺا هئا. چرچ جي عمارت نئين هئي. دريءَ جي تازن شيشن مان ٻاهر برف سان ڍڪيل سڙڪ ۽ ان تان پنڌ يا گاڏين ۾ ويهي گذرندڙ ماڻهن تي ڪا رنگيني پيدا نہ پئي ٿي. ان دريءَ جي ويجهو چرچ جو هڪ محافظ بيٺو هو جيڪو عبادت تي ڪا توجهہ نہ ڏيئي رهيو هو ۽ هڪ ٻوڙي ۽ اڌ چري فقيرياڻيءَ سان رڙيون ڪري ڳالهائي رهيو هو.

ايتري وقت ۾ جو لارا مٺ ۾ پئسا دٻائي، عبادت ڪندڙن جي وچ مان گذري در تائين ويئي ۽ پنهنجي ۽ اوليا لاءِ ٻہ ميڻ بتيون خريد ڪري واپس آئي. پرووايفاسيوچ ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ نو آيتون ختم ڪري چڪو هو جنهن مان لڳو ٿي تہ سندس ٻڌائڻ کان سواءِ بہ ماڻهو انهن کان واقف هئا.

غريبن جي روح تي برڪتون نازل ٿين. انهن تي برڪتون نازل ٿين جيڪي غمگين آهن. انهن تي برڪتون نازل ٿين جيڪي حق خاطر بک ۽ اڃ جي تڪليف سهن ٿا.

لارا ڏڪي ويئي ۽ چپ بيٺي ٽڪيندي رهي. اهو سندس باري ۾ ٿي هو. هوءَ چئي رهيو هو. ”مظلوم ماڻهو خوش آهن. وٽن پنهنجي متعلق ٻڌائڻ لاءِ ڪجهہ آهي. سيڪجهہ سندن آڏو آهي. اها ئي خدا جي مرضي هئي. اهو ئي يسوع جو فيصلو هو.“

(18)

اهو پريسنيا جي بغاوت جو دور هو. گيشار گهراٽي جو فليٽ باغين جي علائقي ۾ هو. سندن گهر کان ڪجهه مفاصلي تي تيور اسٽريٽ جي قلعه بنديءَ لاءِ هڪ ديوار ٺاهي پئي ويئي. ماڻهو پنهنجن گهرن مان پاٽي آڻي ان تي وجهي رهيا هئا ته جيئن ديوار وڌ ۾ وڌ پڪي ۽ مضبوط ٿئي. ويجهڙائي ۾ هڪ ڪمپائونڊ پورهيتن جي مليشيا جي اجتماع گاهه طور استعمال ٿي رهيو هو جتي مرهم پٽيءَ کان وٺي مٽي پچائڻ تائين جو ڪم ٿيندو هو.

ان مرڪز ۾ ويل ڇوڪرن مان ٻن کي لارا سڃاڻندي هئي. انهن مان هڪ نيڪادودوروفي هو جيڪو سندس اسڪول جي هڪ ساهيڙي جو دوست هو. هو ڪافي هٺيلو، بي باڪ ۽ گهٽ ڳالهائو هو. گهڻي ڀاڱي لارا وانگر ئي هو جنهن جي ڪري هوءَ منجهس دلچسپي وٺندي هئي.

ٻيو پاشاانتيپوف هو جيڪو هاءِ اسڪول جو شاگرد هو ۽ اوليا ديمينا جي ڏاڏي تيورزينا سان گڏ رهندو هو. تيورزينا جي گهر ۾ لارا جڏهن پهريون ڀيرو ساڻس ملي هئي ته هن محسوس ڪيو هو ته پاشا ڪائنس متاثر ٿيو هو. منجهس ٻاراڻي حد تائين سادگي هئي. هو لارا کي ڏسي پنهنجي خوشيءَ تي قابو رکي نه سگهيو ۽ ان ڳالهه جي پرواهه ڪرڻ کان سواءِ ته ٻيا ڇا چوندا، ساڻس نهايت بي تڪلفيءَ سان ڳالهائيندو رهيو هو.

هو لارا جي سونهن متعلق پنهنجا تاثر بلڪل اهڙي بي تڪلفي سان ظاهر ڪندو رهيو جيئن گرميءَ جي مند جا وڻندڙ منظر ڪڪر ۽ ڏنڊون سندس ڳالهائڻ جو موضوع هجن.

لارا کي جڏهن اهو احساس ٿيو ته پاشا ڪائنس ايترو متاثر هو ته هن غير شعوري طور تي پنهنجو اثر استعمال ڪرڻ شروع ڪيو پر پاشا متعلق سنجيده رويو اختيار ڪرڻ ۾ لارا کي ڪيئي سال لڳي ويا ۽ پنهنجي ناتن جي پوءِ واري مرحلي ۾ ئي هوءَ سندس متعلق ڪنهن قطعي فيصلي تي پهچي سگهي. ان وقت تائين پاشا شدت سان اهو محسوس ڪرڻ لڳو هو ته هو لارا جي محبت ۾ وڃي ويو هو ۽ اهو ته اها محبت سڄي زندگي رهندي.

ٻيئي ڇوڪرا بالغن واري نهايت ئي ڏيڇارينڊڙ راند کيڏي رهيا هئا. يعني جنگ ۽ جنگ به اهڙي جنهن ۾ جنگ وارا معمول جا جوکم ته هئا ئي پر جنهن

جي سزا جلاوطني ۽ ڦاسيءَ کان ڪنهن به ريت گهٽ نه پئي ٿي سگهي. پوءِ به جهڙي ريت سندن اوني ٽوپيون سندن پويان ٻڌل هيون. ان مان لڳو ٿي ته اهي اڃا ٻار هئا. سندن ماءُ پيءُ جيئرا هئا. جن سندن سار سنڀال ڪئي ٿي. لارا سندن متعلق ائين سوچي رهي هئي جيئن ڪو وڏو ٻارن متعلق سوچيندو آهي. سندن خطرناڪ راند ۾ معصوميت جو رنگ هو جيڪو سيني ڏنو ٿي. ڏنڊ سان ڀريل شام جيڪا اچيءَ کان وڌيڪ ڪاري لڳي رهي هئي، ڪمپائونڊ جي گهرن نيرن پاڇن، رستي جي هن پاسي واري گهر جتي هو لڪل هئا ۽ سڀ کان وڌيڪ اتان اينڊڙ گولين تي جنهن جا آواز لاڳيتو اچي رهيا هئا، ڇانيل هئي. هو گوليون هلائي رهيا آهن. لارا سوچيو. هوءَ نه رڳو نيڪا ۽ پاشا متعلق سوچي رهي هئي پر انهن سيني متعلق جيڪي سڄي ماسڪو ۾ جنگ ۾ رڌل هئا. ڪيڏا نه سٺا هئا اهي ڇوڪرا. اهي سٺا هئا تڏهن ته وڙهي رهيا هئا.

(19)

ڪين خبر پيئي ته قلعه بندين تي ڪنهن به وقت گولي باري ٿي سگهي ٿي ۽ اهو ته سندن گهر ڪي به خطرو هوندو. هاڻي اهو سوچڻ جو وقت گذري چڪو هو ته ماسڪو جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ دوستن وٽ وڃي رهن. علائقي جو گهيرو ڪيو ويو هو. ان گهيري اندر ئي ڪين ڪا پناهه ڳولهڻي هئي. سندن ذهن ۾ هوٽل مونٽي نيگرو جو خيال آيو. پوءِ خبر پيئي ته رڳو ڪين ئي سڀ کان اڳ ان جو خيال نه آيو هو. اتي ٻيا به گهڻا ماڻهو هئا جن کي ساڳيو انديشو پيدا ٿيو هو. هوٽل ڀريو پيو هو. پراڻن ناتن جو خيال ڪندي هوٽل جي مالڪ ڪين ڪپڙن جي اسٽور ۾ رهائڻ جو واعدو ڪيو.

هو سوٽ ڪيس ان ڪري ڪٽي نه وڃڻ پيا چاهين ته جيئن ٻيا ماڻهو متوجهه نه ٿين. ان ڪري انهن رڳو ضروري سامان ٽن بنڊلن ۾ ٻڌي ڇڏيو ۽ پوءِ اتي وڃڻ کي روز روز ٽاريندا رهيا.

ورڪشاپ جي ملازمن سان جيئن ته گهر ڀاتين جهڙو ورتاءُ ڪيو ويندو هو. ان ڪري هڙتال جي باوجود به هو ڪم ڪندا رهيا پر هڪ سرد ۽ بي جان ٻنپهرن وقت در تي گهنٽي وڳي. ڪو شخص دانهن ڪٽي ڳالهائڻ لاءِ آيو هو. هن مالڪ کي سڏڻ لاءِ چيو. ان جي بجاءِ اتي فيتي سووا ويئي. ڪجهه وقت کان پوءِ هن سلائي جو

ڪمر ڪنڌڙ عورتن کي هال ۾ گهرائي، واري واري سان سندن تعارف ڪرايو. هو سيني سان هٿ ملائي واپس هليو ويو. بظاهر ائين لڳو پئي ته فيٽي سووا سان سندس معاملا طئي ٿي ويا هئا.

سلائي جو ڪمر ڪندڙ عورتون پنهنجي ڪمري ۾ واپس اچي ويون ۽ پاڻ کي شالن سان ڍڪي مٿان گرمر ڪوٽ پائڻ لڳيون.

"ڇا ٿيو آهي؟" مادام گيشار تيزيءَ سان اندر اچي پڇيو.

" هو همراهه اسان کي ٻاهر پيا سڏين، ميڊمر، اسان هڙتال ڪري ڇڏي آهي."

" پر، ڇا مون ڪڏهن توهان سان ڪا زيادتي ڪئي آهي؟" مئڊمر گيشار روئڻ لڳي.

"پريشان نه ٿي، اميليا ڪارلوونا، اسان کي تو سان ڪا شڪايت ناهي. اسان تنهنجون گهڻيون ٿورائتيون آهيون. اهو رڳو تنهنجو ۽ اسان جو معاملو ناهي، هر ڪو بلڪ سڄي دنيا ائين ئي ڪري رهي آهي. تون هر ماڻهوءَ جي مخالفت ته نه ٿي ڪري سگهين يا ڪري سگهين ٿي؟"

هو سيئي هليون ويون ايستائين ته اوليا ديمينا ۽ فيٽي سووا به جنهن موڪلائڻ وقت ميڊمر گيشار کي چيو ته هن رڳو مالڪ ۽ اداري جي ڀلائيءَ خاطر هڙتال ڪرڻ قبوليو هو پر اميليا ڪارلوونا جي تسلي نه ٿي سگهي.

"ناشڪريءَ جي حد ٿي ويئي. منهنجو خيال آهي ته مون انهن ماڻهن کي غلط سمجهيو هو. ان ذليل عورت سان مون ڪيتريون نه مهربانيون ڪيون آهن. خير مون اهو مڃي ورتو ته هوءَ اڃا ٻار آهي پر اها پوڙهي ڏائڻ!"

" هو تو اڪيلي کي رڳو الڳ ٿلڳ نه ٿيون رکي سگهن امان تون ڇو نه ٿي سمجهين." لارا کيس تسلي ڏيندي چيو. "ڪنهن به ماڻهو کي تو سان بغض ۽ عداوت ناهي. معاملو ان جي ابتڙ آهي. هن وقت جيڪي ڪجهه به ٿي رهيو آهي اهو انسانيت جي نالي تي ڪمزورن کي بچائڻ ۽ عورتن ۽ ٻارن جي ڀلائي لاءِ ٿي رهيو آهي. ها ائين آهي. پنهنجو مٿو ائين نه لوڏ. تون ڏسندينءَ ته هڪ ڏينهن تو کي ۽ مون کي به ان مان فائدو رسندو."

پر سندس ماءُ جي سمجهه ۾ اها ڳالهه نه اچي سگهي. "هميشه ائين ئي ٿيندو آهي." هن هڏڪين ڀريل آواز ۾ چيو. "جڏهن منهنجو ذهن سڌي ڳالهه ناهي سوچي سگهندو ته پوءِ تون ڪانه ڪا اهڙي ڳالهه چوندي آهين جنهن کي ٻڌي آئون

حيران ٿي ويندي آهيان. ماڻهو مون سان دوکو ڪن ٿا ۽ تون چوين ٿي ته اهو سيڪجهه منهنجي ڀلائي لاءِ آهي. نه. واقعي ضرور منهنجو مٿو ڦري ويو آهي.“

روديا اسڪول ۾ هو. لارا ۽ سندس ماءُ اڪيلي گهر ۾ هيڏانهن هوڏانهن هلنديون رهيون. اونداهيءَ ۾ ٻڏل رستو ۽ گهر جا ڪمرا هڪ ٻئي کي عجب مان ڏسي رهيا هئا.

”هلو امان. اسان ٻيئي اونداهي ختم ٿيڻ کان اڳ هوٽل هليا هلون.“ لارا سندس خوشامد ڪندي چيو ”اڄ نه امان. دير نه ڪر. اسان کي هاڻي هلڻ گهرجي.“

”فيلات. فيلات.“ هنن چوڪيدار کي آواز ڏنو ” پيارا فيلات. اسان کي مونٽي نيگرو هوٽل وٺي هل.“

”ٺيڪ آهي ميڊم.“

”۽ فيلات. بنڊل ڪٽي وٺ ۽ جيستائين حالتون بهتر ٿين. گهرجو خيال رکجان. ها. ٻڪيءَ کي داڻو پاڻي ڏيڻ نه وسارجان. هر شيءِ کي تالي ۾ رکجانءِ. منهنجي خيال ۾ بس ايترو ئي ڪافي آهي. مهرباني ڪري اسان سان ملندو رهجان.“

”ٺيڪ آهي مئڊم.“

”مهرباني فيلات. خدا تنهنجي حفاظت ڪري. چڱو اڄ ته ٿوري دير ويهون (اهو هڪ روسي رواج آهي ته خوش قسمتيءَ خاطر ماڻهو ڪٿي وڃڻ يا سفر تي وڃڻ کان اڳ ٿوري دير ويهندا آهن) ۽ پوءِ اسان کي هلڻ گهرجي.“ جڏهن هو ٻاهر نڪتا ته کين تازي هوا اڻين غير مانوس لڳي جيئن هفتن جي بيماري کان پوءِ لڳندي آهي. ٻاهر برف سان ڍڪيل اڇي ميدان مان گاڏڙ ساڏڙ آوازن جو شور ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. پري مفاصلي تان رائفلين ۽ بندوقن جي فائرن جا آواز اچي رهيا هئا. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ هر شيءِ ڀڄي پري رهي هئي.

جيتوڻيڪ فيلات کين يقين ڏيارڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر لارا ۽ اميليا ڪارلوونا اهو ئي چونديون رهيون ته هوا ۾ گوليون هلايون پئي ويون.

”فيلات ٻوڪپائي واريون ڳالهيون نه ڪر. ٿورو پاڻ سوچ. جڏهن تون ڪنهن کي گولي هلائيندين نه تو ڏسي سگهين ته ان جو مطلب ان کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي سگهي ٿو ته هوا ۾ گوليون هلايون پيون وڃن.“

هڪ چوواٽي تي گهوڙي سوار فوج جي هڪ گشتي دستي کين روڪي ورتو ۽ سندن تلاشي ورتي. ائين ڪندي انهن سندن جسمن کي مٿي کان وٺي پيرن

تائين جاچي ڏٺو. انهن جون خاص ٽوپيون، جن جي ڏور سندن ڪاڏين تي ٻڌل هئي، سندن مٿن تي آڏيون رکيل هيون جنهن جي ڪري اهي سڀ هڪ اڪ وارا لڳي رهيا هئا.

"ڏاڍو سٺو." لارا هلندي سوچيو، "ان وقت تائين ڪومارووسڪي کي نه ڏسندي جيستائين اهو علائقو شهر جي ٻين علائقن کان ڪٽيل هو." پنهنجي ماءُ جي ڪري هو ساڻس ناتو ٽوڙي نه پئي سگهي. هو اهو نه پئي چئي سگهي ته، "امان مهرباني ڪري، هن سان ملڻ بند ڪر." جيڪڏهن هن ائين ڪيو ته سڄي ڳالهه ظاهر ٿي پوندي ۽ جيڪڏهن ائين ٿيو ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ ڪيس ان ڪان ڊڄڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ او خدا! ڇا به ٿئي پلي ڪجهه به هجي بس اها ڪهڙي ڳالهه هئي جيڪا ڪيس هاڻي ياد آئي هئي؟ ان ڊيجارينڊڙ تصوير جو ڪهڙو نالو هو؟ ان ۾ هڪ ٿلهي شخص کي ڏيکاريو ويو هو. اها هن پهرئين پرائيويٽ ڪمري ۾ لڳل هئي، اتي ئي جتي هن معاملي جي شروعات ٿي هئي. "عورت يا گلدستو" اهو ئي نالو هو، واقعي اهو ئي هو. اها هڪ مشهور تصوير هئي. اهو ٿلهو شخص، عورت ۽ گلدستي وچ ۾ چونڊ لاءِ پنهنجي ذهن کي تيار ڪري رهيو هو. جڏهن هن پهريون پيرو اها تصوير ڏٺي هئي ته هوءَ ان وقت تائين عورت نه بڻي هئي. ان وقت تائين سندس ۽ آرٽ جي املهه شاهڪار جي ڪا پيٽ به نه پئي ٿي سگهي. ائين ته پوءِ ٿيو هو. ميز تي دعوت جو انتظام ٿيو پيو هو.

"تنهنجي خيال ۾ تون اهڙي ريت ڪيڏانهن پڄندي ٿي وڃين؟ آئون تو سان گڏ نه ٿي هلي سگهان." مادام گيشار سهڪندي چيو. لارا تڪڙو تڪڙو هلڻ لڳي. ڪا غيبي طاقت ڪيس اڳتي ڌڪي رهي هئي جيئن هوا تي هلي رهي هجي.

" ڪيترو نه شاندار آهي." هن رائفلن جو آواز ٻڌندي سوچيو. "خوش نصيب آهن مظلوم ماڻهو، خوش نصيب آهن دوکي ۾ آيل ماڻهو، رائفل جون گوليون اچا تيز هلو، تون ۽ آئون هم خيال آهيون."

(20)

گروميڪو پائرن جو گهر سوتسيو ورزاڪ ۽ هڪ ٻي ننڍي سڙڪ جي ڪنڊ تي واقع هو. اليگزينڊر اليگزينڊروچ ۽ نڪولائي اليگزينڊروچ ڪيمسٽري جا پروفيسر هئا. هڪ پيٽرو اڪيڊمي ۽ ٻيو يونيورسٽي ۾ هوندو هو. نڪولائي اڻ

غم ۽ پريشانيءَ جي موقعن تي ٻيٺي ساهيڙيون هڪ ٻئي جو بار هلڪو ڪنديون هيون. ائين ڪرڻ لاءِ اهي هڪ ٻئي سان اڻ وڻندڙ قسم جون ڳالهيون ڪنديون هيون ۽ اهو سلسلو ايستائين هلندو رهندو هو جيستائين صورتحال ٻنهي جي سهپ کان ٻاهر نہ ٿي وڃي ۽ ترت ئي پوءِ پڇاڻي ڳوڙهن ۽ ٺاهہ تي ٿيندي هئي. اهي وقتي جهيڙا مٿن بلڪل ساڳي طرح چڱو اثر ڇڏيندا هئا جيئن بلڊپريشر کي گهٽ ڪرڻ لاءِ ڇورن کان ڪم ورتو ويندو آهي.

شوراشيلنگر ڪيترا ڀيرا شادي ڪري چڪي هئي پر هر ڀيري هوءَ پنهنجي مڙس کي طلاق ڏيڻ بعد ڀلجي ويندي هئي. ايترين شادين ڪرڻ جي باوجود بہ سندس وجود ۾ اڪيلي عورت واري لاتعلقي موجود هئي.

هو صوفي عقيدي جي پوئلڳ هئي جنهن موجب هر شخص سڌي طرح روحاني وجدان سان خدا جي معرفت حاصل ڪري سگهي ٿو. پر ساڳئي وقت هو آرٿوڊوڪس فرقي جي عبادت جي طريقي ۽ اصولن جي پڻ ماهر هئي. ايستائين جو هوءَ جڏهن وجداني ڪيفيت ۾ ورتل هوندي هئي تڏهن بہ عبادت ڪرائيندڙ پادريءَ کي وچ ۾ ٽوڪڻ کان رهي نہ سگهندي هئي. "او معبود، ٻڌ." ... "هاڻي آهي ۽ هميشہ رهندو"، "عظمت وارو ملائڪ"... اهي اکر هو لاڳيتو آهستگيءَ سان چوندي رهندي هئي.

شورا شيلنگر حساب جي علم ۽ هندستاني وجداني عقيدن کان واقف هئي. هوءَ ماسڪو ڪنزرويٽريءَ جي مشهور استادن جي ڏس پتن کان واقف هئي ۽ اهو بہ تہ ڪير ڪنهن سان رهي رهيو هو ۽ خدا ٿو ڄاڻي تہ ڪيس ڪهڙي ڄاڻ حاصل هئي.

اهو ئي ڪارڻ هو تہ زندگيءَ جي سيني اهم موقعن تي ڪيس نياڪڙ يا منتظم جي حيثيت ۾ گهرايو ويندو هو.

مقرر وقت تي مهمان اچڻ شروع ٿي ويا. برف پئجي رهي هئي ۽ جڏهن بہ سامهون وارو درکليو ٿي تہ ڏسي سگهجي پيو تہ هوا ائين پيئي گذري ڄڻ تہ ان ۾ وسندڙ برف جون هزارين ڳنڍيون پيل هجن. اچڻ وارا مهمان مرد ٻاهر ٿڌ مان ڏڳها برفاني جوتا پائي پئي آيا ۽ منجهائنئن هر ڪو پاڻ کي ڳوناٺو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ان جي ابتڙ سندن زالون، جن جا منهن برفباري ڪري چمڪيا پئي، تن جي ڪوٽن جا ٻٽڻ ڪليل هئا. شالون پويان پيل هيون ۽ وار

سنواريل هئا. اهي گهٽيون نخري واريون ۽ چالاڪ لڳي رهيون هيون. اڇڻ وارا ماڻهو ايڊيليڊا فليپوونا، گنٽس فنڪوور، مسٽر ۽ مسز بسرمين وزربٽرڪيز ۽ ڪرنل ڪاوڪيو هئا. نئين پيانو وڄائڻ واري جي اندر داخل ٿيندي ئي ماڻهن پڙ پڙ ڪرڻ شروع ڪئي، "ڪوئي جو پاٽنيو."

رقص گاهه جي پاسي واري ڪليل دروازي مان ماڻي واري ميز ڏسڻ ۾ پئي آئي. برف هاڻي سڙڪ جيان اڇي نظر پئي آئي، ڏگهي ڳاڙهي شراب جي برف ۾ دٻيل بوتلن تي پونڊڙ روشني سنئي لڳي رهي هئي ۽ ميز تي رکيل ڪاڏا ۽ شيشي جا ٿانو بڪ ڪي وڏائي رهيا هئا.

حاضرين جلد ئي روحاني تفريح وٺڻ لاءِ ويهي رهيا ته جيئن جسماني غذا جو مزو وٺڻ ۾ دير نه لڳي. اهي همراهه قطارن ۾ ٿي ويٺا. "ڪوئي جو پاٽنيو." انهن موسيقار جي پيانو جي سامهون ويهندي هڪ پيرو پيهر پڙ پڙ ڪئي ۽ ڪنسرٽ شروع ٿي ويو.

موسيقي خشڪ ۽ بيزار ڪندڙ هئي ۽ ان ۾ گهڻو وقت لڳي ويو. وقفي ۾ تنقيدنگار ڪيرميڪوف ۽ اليگزينڊرگروميڪو ۾ ان ڳالهه تي بحث شروع ٿي ويو. ڪيرمبيڪوف سنڌس برائي ۽ گروميڪو چڱائي ڪري رهيو هو. سنڌن چئني پاسن ڪان ويٺل همراهه سگريٽ ۽ سِگار پيئڻ سان گڏ ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجيون ڪرسيون هيڏي هوڏي ڪري رهيا هئا. ايستائين ته ويجهي ڪمري ۾ چمڪندڙ دسترخوان هڪ پيرو پيهر سنڌن توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪايو. هر ڪنهن اها تجويز پيش ڪئي ته ڪنسرٽ پيهر پيش ڪرڻ ۾ دير نه ڪئي وڃي. پيانو وڄائڻ واري چئني پاسي حاضرين تي نظر وڌي ۽ ساز ڇيڙيو. موسيقي شروع ٿي ويئي.

يورا، ٽونيا ۽ ميشاگوردن، جيڪو پنهنجو اڌ وقت گروميڪو وٽ گذاريندو هو، ٽين قطار ۾ ويٺل هئا.

"ايگوروونا توکي اشارا ڪري رهي آهي." يورا اليگزينڊر اليگزينڊروچ کي چيو جيڪو سنڌس سامهون ويٺو هو.

ايگوروونا، گروميڪو جي اڇن وارن واري پوڙهي نوڪرياڻي در تي بيٺي هئي ۽ مليوسي وچان يورا کي ڏسي رهي هئي ۽ اليگزينڊر اليگزينڊروچ ڏانهن ڏسي زور سان مٿو لوڏي رهي هئي. اهڙي ريت هوءَ يورا کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ته هوءَ ترت پنهنجي مالڪ سان ڳالهائڻ چاهي ٿي.

اليگزينڊر اليگزينڊروچ مڙي ڪاوڙ مان ڏانهنس ڏٺو ۽ پنهنجي ڪلهن کي لوڏيو پر هوءَ ائين ئي بيٺي رهي. جلد اهي بيٺي پنهنجي پنهنجي جاين تان اشارن ۾ ڳالهائڻ لڳا جيئن ٻه گونگا ٻوڙا ڳالهائيندا آهن. ماڻهو ڏسي رهيا هئا. اينا ايوانوونا ڪاوڙ مان پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو. هو اٿي بيهي رهيو. ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ ضروري هو. شرمائيندي پير پير ۾ ڏيندي هُو ڪمري جي ٻئي پاسي ويو.

" تون اهڙي حرڪت ڪيئن ڪري سگهين ٿي ايگوروونا! ٺيڪ آهي هاڻي ٻڌاءِ ته ڇا ڳالهه آهي؟ ها, هاڻي جلد ٻڌاءِ ته ڇا معاملو آهي؟"

ايگوروونا آهستي سندس ڪن ۾ ڪجهه چيو.

"ڇا مونٽي نيگرو؟"

"هوٽل!"

"ٺيڪ ته پوءِ ان جو ڇا معاملو آهي؟"

"انهن چورايو آهي ته هو ترت واپس هليو اچي. سندس ڪو ماڻ مري رهيو آهي."

"ها ته هاڻي ماڻهو مري رهيا آهن. آئون سمجهي سگهان ٿو.... پر ائين نه ٿو ڪري سگهجي ايگوروونا. جڏهن اهو اهم ڪنسرٽ ختم ٿيندو ته آئون کيس ٻڌائيندس. ان وقت تائين آئون ائين نه ٿو ڪري سگهان."

"انهن هوٽل جي هڪ خدمتگار کي گاڏي ڏيئي موڪليو آهي. هو اوسيئڙي ۾ آهن. ڪو شخص مري پيو. آئون تو کي چوان ٿي ڇا تون سمجهي نه ٿو سگهين؟ اها هڪ عورت آهي."

"۽ آئون تو کي چوان ٿو ته اهو ناممڪن آهي. ڪجهه منٽن جي دير سان ڪهڙو فرق ٿو پئي."

هو پير پير ۾ ڏيندو پنهنجي جاءِ تي واپس هليو ويو. سندس نرڙ تي ليڪون هيون ۽ هو پنهنجو نڪ مهٽي رهيو هو.

ڪنسرٽ ختم ٿيندي ئي تاڙين جو آواز بند ٿيڻ کان اڳ هو موسيقارن وٽ ويو ۽ تشڪيوچ کي ٻڌايائين ته کيس گهر گهرايو ويو هو, ڪو حادثو ٿي پيو هو ۽ هاڻي کيس موسيقي ختم ڪرڻي پوندي. پوءِ هو ماڻهن ڏانهن مڙيو ۽ کين چپ ڪرائڻ لاءِ هٿ مٿي ڪيائين.

”خواتين و حضرات، مون کي افسوس آهي ته ٽن سازندن مان هڪ کي ڌڪڻو پئجي رهيو آهي. تشڪيوچ کي هينئر ڪا خراب خبر ملي آهي. اسان جون سڀ همدرديون ساڻس آهن. ڪيس هتان وڃڻو پئجي رهيو آهي. آئون اهو نه ٿو پسند ڪيان ته هو هتان اڪيلو وڃي. ٿي سگهي ٿو ته ڪيس مدد جي ضرورت پوي. آئون ساڻس گڏ ويندس يوروچڪا، سني ڇوڪري وانگر سيمن کي چئو ته گاڏي ٻاهر ڪڍي. آئون توهان کان موڪلائيندس نه. آئون توهان سڀني کي ترسڻ جي درخواست ڪيان ٿو. آئون گهڻي دير نه لڳائيندس.“ برفاني رات ۾ گاڏي ۾ ويهي گهمڻ خاطر ڇوڪرن به ساڻس گڏ هلڻ جي اجازت گهري.

(21)

جيتوڻيڪ ڊسمبر کان پوءِ زندگي معمول تي اچي وئي هئي پر گولين جا آواز اجا به ٻڌڻ ۾ آيا ٿي ۽ اهي گهر به جيڪي باهه لڳڻ جي معمولي حادثن جي ڪري ٻري ويا هئا. انهن گهرن جهڙا ٿي نظر آيا ٿي جيڪي بغاوت ۾ تباهه ٿي ويا هئا ۽ اجا تائين ٻري رهيا هئا.

ڇوڪرا اڳ ڪڏهن به گاڏيءَ ۾ ويهي ايڏي ڊگهي سفر تي نه ويا هئا. اصل ۾ مونٽي نيگرو اتان ويجهو ٿي الينڪي بوليورڊ تي نوونسڪي جي ڪناري واقع هو پر سخت برفباري ۽ ڏنڊ جي ڪري رستو تمام گهڻو ڊگهو ٿي ويو هو. ٻاريل باهه جي مچن مان نڪرندڙ دونهن، قدمن جي آواز ۽ برفاني گاڏين جي آواز مان ائين ٿي لڳو ته اهي الائي ڪيتري دير کان سفر ڪري رهيا هئا ۽ ڪنهن ڊيڄاريندڙ ۽ تمام پري واري جاءِ تي پهچي ويا هئا.

هوٽل جي در جي ٻاهر هڪ خوبصورت قسم جي برفاني گاڏي بيٺي هئي. گهوڙي جي پٺ تي ڪپڙو پيل هو ۽ ان جي پيرن تي پٽيون ٻڌل هيون. ڊرائيور مسافرن جي سيٽ تي ڪرونڊڙو ٿيو وينو پنهنجو پاڻ کي گرم رکڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ۽ مٿو سندس هٿن ۾ لڪل هو جن تي دستانا پهريل هئا.

هوٽل جي لابيءَ ۾ گرمي هئي. ڪائونٽر جي پويان ويٺل نوڪر جهوٽن ۾ هو. روشندان مان ٻرندڙ سگري ۽ سماوار ۾ ٽچڪندڙ پاڻي جا آواز سندس لاءِ لوليءَ جو ڪم ڏيئي رهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن هو پاڻ پنهنجن گوتگهرن جي آواز تي ڇرڪ ڀري جاڳي ٿي پيو.

پريل منهن واري هڪ ٿلهي عورت ساڄي پاسي آئيني جي ويجهو بيٺي هئي. سندس جيڪٽ موسم جي لحاظ کان نهايت هلڪي هئي. هوءَ ڪنهن همراهہ جو انتظار ڪري رهي هئي. سندس پٺ آرسيءَ ڏانهن هئي ۽ هوءَ پنهنجو ڪنڌ ڪلهن جي پنهي پاسن کان ورائي آرسيءَ ۾ اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي تہ هوءَ پويان کان بہ ٺيڪ ٺاڪ لڳي پئي يا نہ.

گاڏيءَ جو ڪوچوان جيڪو برفباريءَ جي ڪري بلڪل ئي ڄمي ويو هو، اندر آيو. پنهنجي اپريل ڪوٽ جي ڪري هو بلڪل ڊبل روٽي جيان لڳي رهيو هو ۽ سندس وات مان نڪرندڙ ٻاڦ ان هڪجهڙائي کي اجا وڌيڪ ظاهر ڪري ڇڏيو هو. ”توهان کي گهڻي دير لڳندي محترمہ؟“ هن آرسيءَ جي ويجهو بيٺل عورت کان پڇيو. ”آئون نيٺ تو جهڙين عورتن جي چڪر ۾ ڇو ڦاسي پوندو آهيان .اها ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي. آئون نہ ٿو چاهيان تہ منهنجا گهوڙا سيءَ ۾ ڄمي مري وڃن.“

هوٽل جي عملي کي روزانو جن مونجهارن کي منهن ڏيڻو پوندو هو، ڪمري نمبر 23 جي حادثي سان انهن ۾ اجا واڌارو ٿي ويو هو. هر گهڙي جيئن گهنٽيون وڄيون ٿي تہ ديوار تي لڳل شيشي جي باڪس تي ڪونہ ڪو نمبر نظر آيو ٿي جنهن مان خبر پيئي ٿي تہ ڪهڙي ڪمري ۾ ڪهڙو مهمان بدحواسي جي حالت ۾ نوڪرن کي بيڪار پريشان ڪري رهيو هو.

ان وقت ڊاڪٽر ان بيوقوف پوڙهي گيشار کي الٽي ڪرائڻ واري دوا ڏيئي رهيو هو ۽ سندس آنڊن کي ڌوئي صاف ڪري رهيو هو. سندس نوڪرياڻي گلاشاپٽ صاف ڪندي ۽ گنديون بالٽيون ٻاهر ۽ صاف بالٽيون اندر ڍوئي ڍوئي ٿڪجي پيئي هئي. پر ان وقت سروس روم ۾ جيڪو طوفان آيل هو، اهو ان گوڙ ٻوڙ کان گهڻو اڳ شروع ٿي چڪو هو. ان کان بہ اڳ جڏهن تراشڪا کي هڪ گاڏيءَ ۾ ڊاڪٽر ۽ ان وأئلن وڄائڻ واري کي گهرائڻ لاءِ موڪليو ويو هو. ڪومارووسڪي جي اتي پهچڻ کان بہ اڳ گهڻا ماڻهو در کان ٻاهر ڪٽ پٽ ڪندي ڪاريڊور مان گذري چڪا هئا.

اها گوڙ ٻوڙ ان وقت شروع ٿي هئي. جڏهن ڪو شخص اڻنگي طريقي سان ان سوڙهي رستي ڏانهن مڙيو هو جيڪو رڌڻي کان ڏاڪڻ تائين ويو ٿي ۽ اتفاق سان هوٽل جي نوڪر سيوسي سان ٽڪرائجي ويو هو جيڪو ان وقت ٿانون سان پريل هڪ ٽري پنهنجي ساڄي هٿ ۾ ڪٽندي تيزيءَ ۾ ٻاهر اچي رهيو هو. ٽري ٿانون

سوڙو ڪڙڪڙ ڪندي پٽ تي ڪري پيئي. شوربو وهي ويو ۽ شوربي جون ٻه ۽ گوشت جي هڪ پليٽ ٽٽي پيئي.

سوسي جو اصرار هو تہ ٽانون ڏوڻڻ واري نوڪرياڻي ساڻس ٽڪرائجي وئي هئي، ان ڪري اهائي ذميوار هئي ۽ ڪيس ئي نقصان پرڻ گهرجي. يارنهن ٿيڻ وارا هئا ۽ عملي جا اڌ همراهہ ٿوري دير ۾ ڊيوٽي ختم ڪري وڃڻ وارا هئا پر جهيڙو لاڳيتو هلندڙ هو.

"هو بدحواس ٿي ويو آهي. پنهنجا هٿ پير قابو ۾ نہ ٿو رکي سگهي. هو تہ بس اهوئي چاهي ٿو تہ بوتل ڪٽي وينو هجي جيئن پنهنجي زال سان وينو آهي ۽ پوءِ ڪاڙ ۾ پرجي پچڻ لڳندو آهي تہ ڪيس ڪنهن ڏڪو ڏنو. سندس شوربو ڪنهن ڪيرايو. سندس ٽانو ڪنهن ڀڳا. تہ هاڻ تنهنجو ڇا خيال آهي شيطان. استرا خان جا ذليل بيشرم انسان."

"آءٌ توکي اڳ ئي ٻڌائي چڪي آهيان ماتريانو استيپانوونا تہ تورو زبان سنڀالي ڳالهاءِ."

"۽ آءٌ توکان پڇان ٿو تہ ان رڍ واڪي جو ڪهڙو ڪارڻ آهي. تون سمجهين ٿي تہ ڪو اهڙو شخص هو جنهن جي لاءِ ٽانو پڇي سگهجن ٿا. پر اها تہ اهائي واهيات عورت آهي، اهائي فاحشہ جيڪا نخرا ڪندي رهندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي معصوم ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، جيڪا پنهنجن ڪرتوتن کي لڪائڻ لاءِ زهر پي رهي آهي. اصل ۾ مونتي نيگرو ۾ رهندي هوءَ هاڻي عام ماڻهن کي سڃاڻي بہ نہ ٿي."

ميشا ۽ يورا ميڊم گيشار جي ڪمري جي ٻاهر ڪاريڊور ۾ هلي رهيا هئا. اليگزينڊر اليگزينڊروچ جو جيڪو خيال هو. ڳالهہ بلڪل ان کان مختلف هئي. سندس خيال هو تہ اهو موسيقار جي زندگي جو هڪ صاف ۽ پروقار الميو هوندو پر اهو تہ نهايت ذليل ۽ بدنام ڪندڙ هو جنهن کان ٻارن کي ڏار رکڻ ضروري هو.

ڇوڪرا ڪاريڊور ۾ انتظار ڪري رهيا هئا. "ٻارو هاڻي توهان پنهنجي ماسيءَ وٽ هليا وڃو." نوڪر وٽن آيو ۽ هن ڀيهر ڪين نرم لهجي ۾ سمجهائيندي چيو تہ. "توهان کي ڊڄڻ جي ضرورت ناهي. سندس حالت هاڻي گهڻي بهتر آهي. توهان هتي بيهي نہ ٿا سگهو. هتي اڄ ٽپهريءَ جو هڪ حادثو ٿي ويو هو. قيمتي چيني ٽانو پڇي پيا هئا. توهان چاهيو ٿا تہ اسان کي

ماني ڪارائڻ وقت هُتي هـتي ڊوڙنو پوندو آهي ۽ اها جاءِ ٿوري سوڙهي آهي. هاڻي توهان اندر هليا وڃو." چوڪرن ائين ئي ڪيو.

ڪمري ۾ گاسليٽ سان ٻرندڙ هڪ ليمپ جيڪو عام طور تي ميز جي مٿان لڳل هوندو هو، بريڪيٽ تان لاهي ڪاٺ جي پڙدي پويان رکيو ويو هو جتي منگهڻن جي بدبوءِ اچي رهي هئي. اها ڪنڊ سمهڻ لاءِ استعمال ٿيندي هئي ۽ ان کي هڪ مٽي هاڻي پڙدي جي مدد سان باقي ڪمري کان ڌار ڪيو ويو هو ته جيئن اوپرن ماڻهن جي نظر ان تي نه پوي. پر پڙدو ڪاٺ جي پڙدي مٿان وڌو ويو هو ۽ پريشانيءَ ۾ ڪنهن کي ان جي نيڪ ڪرڻ جو خيال نه آيو هو. لئمپ هڪ بينچ تي رکيو هو ۽ ان سان ڪمري جي ان ڌار حصي ۾ روشني ٿي رهي هئي.

ٽانون صاف ڪرڻ واري عورت جو خيال هو ته مادام گيشار زهر نه پر آيوڊين پي آپگهات جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪمري ۾ ساون اخروٽن جهڙي ڪڙي ۽ خشڪ بوءِ ڦهليل هئي.

پڙدي جي پويان نوڪرياڻي پٽ صاف ڪري رهي هئي ۽ بستر تي هڪ اڌ اگهاڙي عورت ليٽيل هئي جيڪا پاڻي، ڳوڙهن ۽ پگهر ۾ صفا ٻڏي پيئي هئي. سندس پسيل وار ڇمي ويا هئا ۽ هوءَ هڪ بالٽيءَ تي جهڪي وڏي واڪ روئي رهي هئي.

چوڪرا هڪدم واپس موٽي ويا. چاڪاڻ ته سندن خيال هو ته ان عورت ڏانهن ڏسڻ نهايت شرمناڪ ۽ بدتميزي واري ڳالهه هئي. پر يورا جيڪي ڪجهه ڏسي چڪو هو ان سان مٿس اها حقيقت ظاهر ٿي ويئي هئي ته ڪجهه ڏکين خالتن ۾ دٻاءُ ۽ ٿڪ واري وقت ۾ عورت اُها نه ٿي رهي جيئن ڪيس سنگ تراشي وارن مجسمن ۾ ڏيکاريو ويندو آهي. بلڪ اها اهڙي پهلوان جيان نظر ايندي آهي جنهن جا ڏورا نڪتل هجن ۽ جيڪو سٽڻ جا ور تجهي ملهه وڙهڻ لاءِ بلڪل ئي تيار هجي.

نيٺ ڪنهن کي پڙدي ڪيرائڻ جو خيال آيو.

"تشڪيوچ، منهنجا پيارا پنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏي." اها عورت چئي رهي هئي. ڳوڙهن جي شدت ۽ الٽي جي ڪري سندس آواز نڙيءَ ۾ ئي رڪجي ٿي ويو." اوهه، مون کي ڪيتري تڪليف سهڻي پيئي آهي. آءٌ ڪهڙن ڪهڙن شڪ شبهن ۾ ورتل هئس. تشڪيوچ، منهنجو خيال هو، پر خوش قسمتيءَ سان اها منهنجي بيوقوفي ثابت ٿي. رڳو بي بنياد شڪ.... رڳو سوچ ته سهي ته مون کي

ڪيترو نہ اطمينان ٿيو آهي ۽ انهن سيني ڳالهين جو انت. آئون هتي ليٽي پيئي آهيان. آئون هتي جيئري موجود آهيان."

"منهنجي تو کي درخواست آهي اميليا ڪالوونا۔ سڪون سان رهہ. اهو سڀڪجهہ ڪيڏو نہ عجيب آهي. آئون تہ اهو ئي چوندس تہ تمام گهڻو عجيب."

"هاڻي اسان گهر هلنداسين." اليگزيندر اليگزيندروچ ہارن کي چيو. هو ہيئي نهايت ہڏتر واري حالت ۾ در تي بيٺا هئا. سندن سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هو ڇا ڪن. ان ڪري اتي بيٺي سامهون وڏي ڪمري جي اونداهين ۾ گهوري رهيا هئا. ديوارن تي تصويرون ٽنگيون پيون هيون. ڪتابن جي هڪ الماريءَ ۾ موسيقيءَ جا ڪتاب پريل هئا. هڪ ميز تي اخبار ۽ البم رکيل هئا ۽ ماڻيءَ جي ميز جي ہئي پاسي هڪ ڇوڪري آرام ڪرسيءَ تي هڪ پرت پريل چادر سان پاڻ ڍڪي سمهي پيئي هئي. سندس هڪ ٻانهن ڪرسيءَ جي پوئين حصي تي ۽ مٿو ڪرسيءَ جي گاديءَ تي ٽڪيل هو. هوءَ يقينن تمام گهڻو ٿڪل هوندي جنهن جي ڪري ايڏي شور ۾ هنگامي هوندي بہ ڪيس ننڊ اچي ويئي هئي.

"ٺيڪ آهي، هاڻي اسان کي هلڻ گهرجي." اليگزيندر اليگزيندروچ هڪ ڀيرو وري چيو. سندن اتي اچڻ جو ڪو ڪارڻ نہ هو ۽ هاڻي اتي وڌيڪ دير ترسڻ نامناسب هو. "جيئن ئي تشڪيوچ ٻاهر ايندو، آئون ڪائنس موڪلائيندس."

اسڪرين جي پويان تشڪيوچ جي بجاءِ هڪ ٿلهو متارو همراهہ نڪتو جنهن جي منهن مان خود اعتمادي ظاهر ٿي رهي هئي. پنهنجي مٿي ڪان مٿي ليمپ ڪڻندي هو ميز تائين ويو ۽ ان کي پنهنجي جاءِ تي رکي ڇڏيائين. روشنيءَ ڇوڪريءَ کي جاڳائي ڇڏيو. هوءَ ان همراهہ کي ڏسي مرڪي ۽ اکيون ڇنڀي آرس ڀڳائين.

اجنبي کي ڏسي ميشا ڇرڪ ڀريو ۽ ان ڏانهن غور ڪري ڏسڻ لڳو. هن ڀورا کي قميص کان جهلي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪيو ۽ سندس ڪن ۾ ڪجهہ چوڻ جي ڪوشش ڪيائين پر يورا سندس ڳالهہ نہ ٻڌي.

"ماڻهن آڏو ائين سرگوشي ڪرڻ ٺيڪ ناهي. نيٺ هو ڇا سوچيندا ."

ان دوران ڇوڪري ۽ ان همراهہ وچ ۾ اشارن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي ويئي. سندن ڇپن مان هڪ اکر بہ نہ نڪتو. رڳو سندن اکيون مليون. پر هڪ ڄڻي ٻئي

کي جيڪو نياپو ڏنو. ان ۾ جادوءَ جهڙو ڊيڄاريندڙ اثر هو جنهن ڇوڪريءَ کي ائين متاثر ڪيو جيئن هو ڪٺ پتلي نچائڻ وارو هجي ۽ ڇوڪري رڳو هڪ ڪٺ پتلي جيڪا سندس هر اشاري جي پابند هجي.

ٽڪل مرڪ سان سندس اکيون ننڍيون ٿي ويون ۽ چپ کلي پيلپر ان مرد جي نگاهه جي جواب ۾ ڇوڪريءَ سازشي انداز ۾ اک هڻئي. ٻيئي خوش هئا ته معاملو خير خوبيءَ سان ختم ٿي ويو يعني سندن راز محفوظ رهيو ۽ ميڊم گيشار آپگهات ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ڪئي هئي اها ناڪام ٿي چڪي هئي.

يورا کين پنهنجين نظرن سان ڇني وڏو هو. اونداهيءَ واري جاءِ تان، جتي کين ڪير ڏسي نه پئي سگهيو. هو لاڳيتو ليمپ مان نڪرندڙ روشني جي دائري کي گهوري رهيو هو. محڪوم ڇوڪري ۽ سندس مالڪ جي وچ ۾ جيڪي ٿي گذريو هو، اهو بيان نه ڪرڻ جهڙي حد تائين پراسرار به هو ته ساڳي وقت بي شرمي واري حد تائين کليل به. سندس اندر اهڙن متضاد جذبن ۽ احساسن سان ڦاٽو ٿي جيڪي هن اڳ ڪڏهن به محسوس نه ڪيا هئا.

هتي ڪيس اهڙي شيءِ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جنهن تي هن، تونيا ۽ ميشا گهڻو ڳالهايو هو ۽ ان کي هلڪڙائپ قرار ڏنو هو. اها اهڙي قوت هئي جيڪا کين ديڄارڻ باوجود پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي ۽ جنهن کي هو پري کان لفظن وسيلي قابو ڪري وٺندا هئا. پر هاڻي اها قوت هتي يورا جي اکين آڏو موجود هئي، حقيقي روپ ۾ پر پوءِ به خواب جيان لڪل ۽ منجهيل، بي رحمي سان تباهه ڪندڙ ۽ شاڪي ۽ مدد جي طلبگار. هاڻي نيٺ يورا جي ٻاراڻي فلسفي کي ڇا ٿي ويو هو ۽ هو ڇا ڪري سگهيو ٿي؟

"ڇا تون ان شخص کي سڃاڻين ٿو؟ هو ڪير هو؟" ميشا ان وقت ڇيو جڏهن هو ٻاهر گهٽيءَ ۾ اچي ويا هئا. يورا جيڪو پنهنجي خيالن ۾ ٿي گم هو، جواب نه ڏنو.

"هي اهو ئي آهي جنهن تنهنجي والد کي شراب تي هيرايو ۽ نيٺ هن کي موت جي ويجهو وٺي ويو. تو کي ياد آهي ته هُو ٽرين ۾ ساڻس گڏ هو. مون تو کي اها ڳالهه ٻڌائي هئي."

يورا ان ڇوڪري ۽ آئندي متعلق سوچي رهيو هو ۽ نه پنهنجي والد ۽ ماضيءَ متعلق. پهرين ڳالهه ته هو اهو نه سمجهي سگهيو ته ميشا ڇا چئي رهيو هو. بهرحال ايترو سيءُ هو جو هن ڳالهائڻ به نه پئي چاهيو.

"سيميون تون ته سيءَ ۾ ڄمي ويو هوندين." اليگزينڊر اليگزينڊريوچ ڪوچوان کي چيو ۽ هو گهر ڏانهن روانا ٿي ويا.

## باب ٽيون

# سوين تتسڪي وٽ ڪرسمس پارٽي

(1)

سياري جي هڪ منجهند جي ڳالهہ آهي تہ اليگزينڊر اليگزينڊرووچ پنهنجي زال اينا ايوانوونا کي پراڻي زماني جي ٺهيل ڪپڙن جي هڪ الماري ڏني هئي جيڪا ڪيس ڪٿان ملي ويئي هئي. اها آبنوس جي ٺهيل هئي ۽ ايتري وڏي هئي جو سڄي ڪنهن بہ هڪ دروازي مان گهر ۾ نہ پئي وڃي سگهي. ان ڪري ان کي ڌار ڌار حصن ۾ گهر اندر پهچايو ويو. پوءِ اهو سوال اٿيو تہ ان کي ڪٿي رکيو وڃي. ڊرائنگ روم ۾ رکڻ هوندئن بہ غلط هو. ماڻ جي ڪري سمهڻ واري ڪمري ۾ رکڻ بہ ممڪن نہ هو. نيٺ وڏي سمهڻ واري ڪمري جي ٻاهران ان الماري لاءِ خاص طور تي جاءِ ناهي ويئي.

مارڪل نالي هڪ پورهيت ان کي جوڙڻ لاءِ آيو هو. هُو پاڻ سان گڏ پنهنجي ڇهن سالن جي ڌيءَ مارنڪا کي بہ وٺي آيو هو جنهن کي ريجهائڻ لاءِ مٺائي جو هڪ سخت ٽڪر ڏنو ويو هو جنهن کي هو نڪ مان شون شون ڪندي چوسي رهي هئي. هن پنهنجيون سڀ آڱريون مٺائيءَ سان ٻري ڇڏيون هيون ۽ پنهنجي پيءُ کي غور سان ڪم ڪندي ڏسي رهي هئي.

پهرين تہ ڪم ٺيڪ ٺيندو رهيو ۽ اينا ايوانوونا جي ڏسندي ڏسندي اٽڪل سڄي الماري ٻيهر اصلي حالت ۾ اچي ويئي. رڳو مٿئين حصي تي ڪاٺ هڻڻ جو ڪم باقي هو تہ سندس من ۾ مارڪل جي مدد ڪرڻ جو خيال آيو. هو اچا الماري جي هڪ تختي تي چڙهي مس هئي تہ سندس پير مڙي پيو ۽ هوءَ تختن سان هيٺ ڪري پيئي. مارڪل انهن تختن کي اٽڪائڻ لاءِ جيڪا رسي ٻڌي هئي اها بہ نڪري ويئي. ان ڪري اينا ايوانوونا پٽئين پر ڪري ۽ سڀ تختا بہ مٿس اچي پيا جنهن جي ڪري کيس ڪافي ڌڪ لڳا.

مارڪل فوراً ڏانهس وڌيو. ” اوه. ميڊم. محترمہ.“ هن چيو.

”عزيز خاتون توهان ائين ڇو ڪيو؟ ڪٿي توهان جي هڏي تہ ناهي ڀڳي؟ توڙو هڏين کي هٿ لاهي تہ ڏسو. اهي هڏيون ٿي تہ اصل شيءِ آهن. جسم جي نرم حصن جي ڪا ڳالهہ ناهي. اهي نرم حصا تہ خدا جي فضل سان وقت گذرڻ سان ٺيڪ ٿي ٿي وڃن ٿا ۽ چوٽي بہ اها آهي تہ اهي حصا تہ آهن ئي تفريح لاءِ. او ننڍي مصيبت تون تہ روئڻ بند ڪر.“ هن مڙي روئندڙ مارنڪا کي دڙڪو ڏنو. ”نڪ صاف ڪر ۽ وڃ پنهنجي ماءُ ڏانهن. ميڊم ڇا اوهان کي مون تي ڀروسو ناهي تہ توهان جي مدد کان سواءِ بہ ڪپڙن جي هن ڪٻٽ کي ٺيڪ ڪري سگهيس ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اوهان لاءِ آئون رڳو هڪ پورهيت آهيان. ان کان سواءِ توهان ٻيو ڪجهہ سوچي بہ نٿيون سگهو. پر حقيقت اها آهي تہ ڪنهن وقت ۾ آئون باقائدي واڍي جو ڪم ڪندو هوس. ڪيبينيٽ ميڪر. ها، ميڊم ڪاٺ جا دٻا ناهڻ منهنجو پيشو هو. توهان نہ مڃينديون پر اها حقيقت آهي تہ انهن هٿن ڪيترا ڪٻٽ ۽ هر قسم جا دٻا ٺاهيا آهن ۽ انهن هٿن مان ڪيترو وارنش، اخروٽ جو ڪاٺ ۽ ٻيا ڪيئي سخت ڪاٺ گذريا آهن. معاف ڪجو رڳو اهو نہ پر الائي ڪيتريون رئيس زاديون مون وٽ اينديون هيون ۽ پوءِ منهنجي ڏسندي ڏسندي اهو سڀڪجهہ غائب. اهو سڀ ڪجهہ شراب جي ڪري ٿيو.“

مارڪل هڪ آرام ڪرسي ٺاهي رکي ۽ سندس مدد سان اينا ايوانوونا پنهنجي ڦٽن کي مهٽيندي ان تي ليٽي پيئي. هن وري ڪٻٽ کي جوڙڻ شروع ڪيو. مٿيون تختو لڳائيندي هن چيو. ”هاڻي دروازو رهجي ويو آهي ۽ ان کان پوءِ ان کي نمائش ۾ رکي سگهجي ٿو.“

ايناايوانوونا کي ڪپڙن جو اهو ڪٻٽ بلڪل نہ وڻيو. ان کي ڏسي ڪيس شاهي مقبرو ياد اچي ويو ۽ سندس اندر ۾هڪ عجيب قسم جو وهم ۽ دٻپ ويهي رهيو. هن ان جو نالو آسڪولڊ جو مقبرو رکي ڇڏيو جنهن مان سندس مطلب پرنس اوليگ جو گهوڙو هو. (آسڪولڊ روسي سلطنت جي باني مان هو. هن ڪئيف ۾ حڪومت ڪئي هئي جتي هو دفن آهي. اوليگ بہ ڪئيف جو ئي هڪ شهزادو هو جنهن کي هڪ نانگ ڪکي ماريو هو. اهو نانگ سندس من پسند گهوڙي جي مٿي مان نڪتو هو.) اينا پڙهيو تہ گهٽو ڪجهہ هو پر اڌورو سڌورو ۽ لاڳاپيل ڳالهين کي منجهائڻ سندس خاصيت بڻجي ويئي هئي. ان حادثي کان پوءِ اينا ڦڦڙن جي مرض ۾ ورتجي ويئي.

(2)

نومبر 1911ع جو سجو مهينو اينااليوانوونا بستر تي نمونيا جي بيماريءَ ۾ گذاريو. يورا، ميشاگورڊرن ۽ تونيا اينڊز بهار جي منڊ ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ وارا هئا. يورا ڊاڪٽريءَ جي، تونيا قانون جي ۽ ميشا فلاسافيءَ جي. يورا جي ذهن ۾ اجا ڪا شيءِ صاف نہ هئي پر سندس نظريا، سندس عادتون ۽ سندس لاڙا سڀ سندس پنهنجا هئا. هوءَ ٻين کي متاثر ڪرڻ جي گهڻي صلاحيت رکندو هو ۽ سندس تصور جي نواڻ ۽ تازگي نهايت واضح هئي.

جيتوڻيڪ آرٽ ۽ تاريخ ڏانهن سندس گهڻو لاڙو هو پر پيشي جي چونڊ جي حوالي سان هو ڪڏهن بہ نہ هٻڪيو. سندس خيال هو تہ جهڙيءَ ريت پيدائشي زنده دلي يا افسردگي ڪو پيشو ناهي، ساڳي ريت آرٽ بہ هاڻي پنهنجي ليکي ڪو پيشو ناهي رهيو. ڪيس طبيعات ۽ فطري سائنس سان دلچسپي هئي ۽ سندس ايمان هو تہ ماڻهوءَ کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ سماج لاءِ ڪو فائديمند ڪم ضرور ڪرڻ گهرجي.

پنهنجي چئن سالن واري ڪورس جي پهرئين سال ۾ هن هڪ پورو ٽرم چير ڦاڙ ڪرڻ واري ڪمري ۾ گذاريو جيڪو يونيورسٽيءَ جي انڊرگرائونڊ حصي ۾ هو. هتي گول ڏاڪڻيون لهي پهچڻو پوندو هو. هتي هميشہ اهڙا شاگرد گڏ ٿيل هوندا هئا جن جا وار وکريل ۽ ڪپڙا گهنجيل هوندا هئا. منجهانئن ڪجهہ هڏين جي وچ ۾ وينا پنهنجن وکريل ڪتابن کي غور سان ڏسندا يا پنهنجي وڊڪٽ واري ڪم ۾ لڳل هوندا هئا. ٻيا وري ٻين کي بيوقوف ٺاهڻ، لطيفا ٻڌائڻ ۽ تجربن ۾ ڪم اينڊز ڪوئن جي پويان پيل هوندا هئا. جيڪي پٿر جي فرش تي ڊوڙندا رهندا هئا. مرده خاني جي اڌ اونداهي ڪمري ۾ آپگهات ڪرڻ وارن نامعلوم نوجوانن يا ٻڏي مرندڙ گمنام عورتن جا پيل اگهاڙا لاش، جن کي ڪيميائي طريقي سان ايترو محفوظ ڪيو ويو هو جو اهي خراب نہ پئي ٿي سگهيا. ڦٽڪڙي جي انجيڪشن سان چڻ وري جيئرا ٿي پيا ۽ ائين ٿي لڳو چڻ سندن جسم جي بناوٽ ۾ ڪو فرق ناهي پيو. لاشن جي وڍ ڪٽ، سندن مختلف عضون کي ڌار ڪري وري جوڙڻ ۽ پوءِ بہ انساني جسم کي غور سان ڏسڻ جي باوجود ان جي سونهن ۾ فرق ڏسڻ ۾ نہ ايندو هو. اهڙيءَ ئي حيرت يورا کي ان ڇوڪريءَ جي

وڏيل هٿ يا ٻانهن ڪي ڏسندي محسوس ٿي جنهن ڪي وحشياڻي طريقي سان جسٽ جي ميز تي اڇلايو ويو هو. ان تهہ خاني واري ڪمري ۾ هر وقت ڪاربولڪ ايسڊ ۽ ڪيڙن مارڻ واري گيس جي بوءِ ڦهليل هوندي هئي ۽ هر شيءِ عجيب پراسرار پئي لڳندي هئي، پوءِ پلي اگهاڙن پيل نامعلوم لاشن جي حياتي هجي يا پاڻ موت ۽ حيات جي ڳجهارت. ان ڪمري ۾ موت ڇانيل هوندو هو. ڄڻ تہ اهو موت جو گهر هجي يا ان جو هيڊ ڪوارٽر.

ان اسرار جو آواز جيڪو هر شيءِ کي چپ ڪرائي ڇڏيندو هو، يورا جي دل ۽ دماغ تي ڇانيل هوندو هو ۽ سندس توجهہ پنهنجي وڍ ڪٽ واري ڪم کان هٽائي ڇڏيندو هو. پر ساڳي وقت گهٽيون شيون سندس توجهہ کي هٽائينديون هيون. ڪيس ان جي عادت پئجي چڪي هئي ۽ هو پنهنجي ڪم ۾ لڳل هوندو هو.

يورا سٺي سوچ رکندڙ ۽ ان کان بہ وڌيڪ سٺو ليکڪ هو. اسڪول جي زماني کان هو زندگي جي موضوع تي هڪ ڪتاب لکڻ جو خواب ڏسندو هو جنهن ۾ هو انهن سيني شين متعلق خيالن ۽ تاثرن کي لکت ۾ آڻڻ چاهيندو هو جيڪي هن ڏٺيون يا سوچيون هيون پر ان وقت هو تمام ننڍو هو ۽ ڪتاب لکي نہ پئي سگهيو. ان ڪري هن شاعري شروع ڪئي. سندس حالت هڪ اهڙي مصور جي هئي جنهن جي ذهن ۾ هڪ وڏي تصوير جو نقشو هجي ۽ هو هر وقت ان جا دماغي خاڪا ٺاهيندو رهندو هجي.

سندس نظمن جي انفراديت ۽ قوت، ڪيس پنهنجي تخليق جي ان گناهہ کي معاف ڪرڻ ڏانهن مائل ڪيو ڇاڪاڻ تہ هن سمجهيو ٿي تہ رڳو انفراديت ۽ قوت ئي فن پاري کي حقيقت جو روپ ڏيئي سگهي ٿي جنهن کان سواءِ فن بلڪل بيڪار، سطحي ۽ وقت جو زيان هوندو آهي.

يورا کي ان ڳالهہ جي چڱيءَ ريت ڄاڻ هئي تہ سندس ڪردار کي ٺاهڻ ۾ سندس مامي جو وڏو هٿ هو. نڪولائي نڪولائيوچ اڄ ڪلهہ لاسين ۾ رهيل هو. اتي سندس ڪتاب روسي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيا ۽ انهن جا ترجما پڻ. انهن ڪتابن ۾ هن پنهنجي ان پراڻي نظريي کي نئين روپ ۾ پيش ڪيو هو تہ تاريخ پنهنجي ليکي هڪ ٻي دنيا آهي جيڪا موت جي چئلينج جي جواب ۾ ماڻهو وقت ۽ يادگيريءَ جي مدد سان ٺاهي ٿو. انهن تخليقن جو محرڪ عيسائيت جي هڪ نئين سمجهاڻي هئي جنهن جي نتيجي ۾ فن جو هڪ بلڪل ئي نئون تصور پيدا ٿيو.

ميشاگورڊن تي انهن نظرين جو يورا ڪان بہ گهڻو اثر هو. انهن نظرين جي ڪري ئي هن يونيورسٽي جي فلاسافي ڊپارٽمينٽ ۾ داخلا ورتي هئي. ان سان گڏ هن دينيات تي بہ ليڪچر ٻڌا ۽ ايستائين تہ هن دينيات جي شعبي ۾ منتقل ٿيڻ تي بہ غور شروع ڪري ڇڏيو هو. يورا لاڳيتو ترقي ڪندو ويو ۽ پنهنجي مامي جي منطق ۽ سندس خيالن کان آزاد ٿيندو ويو. پرميشا انهن نظرين جي جڪڙ ۾ ئي رهيو. يورا محسوس ڪيو تہ سندس دوست جو اهو جوش سندس نسلي ٻڻ بنياد جي عين مطابق هو. هو نهايت هوشيار ۽ محتاط هو. ان ڪري هن پنهنجي دوست کي انهن عجيب رٿائن مان ٻاهر آڻڻ لاءِ ڪڏهن بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪئي. پر اڪثر هو اها خواهش ڪندو هو تہ ڪاش ميشا اپ تان ڌرتيءَ تي لهي اچي ۽ حقيقت پسندي کان ڪم وٺي.

(3)

نومبر جي آخر ڌاري هڪ رات يورا يونيورسٽيءَ مان دير سان گهر موٽيو هو. هُو گهڻو ٿڪل هو ۽ سڄو ڏينهن ڪجهہ بہ نہ کاڌو هئائين. کيس ٻڌايو ويو تہ ان ڏينهن گهر ۾ سخت گهبراهٽ ڦهليل رهي هئي. ايناايوانوونا تي بيماري جو دورو پيو هو. گهڻن ڊاڪٽرن کيس تپاسيو هو. سندس حالت ايتري خراب هئي جو ڊاڪٽرن هڪ ڀيري تہ سندس مڙس اليگزينڊر اليگزينڊريوچ کي چئي ڇڏيو هو تہ هو آخري رسمن لاءِ پادريءَ کي گهرائي وٺي پر پوءِ انهن اهو ارادو بدلائي ڇڏيو. هاڻي سندس طبيعت بهتر هئي. هوءَ پوري طرح هوش ۾ هئي ۽ چيو هئائين تہ يورا کي واپس ايندي ئي وٽس موڪليو وڃي. يورا فورا ئي وٽس هليو ويو.

ڪمري ۾ ٿوري دير اڳ واري افراتفري جا آثار اڃا تائين ڏسڻ ۾ آيا پئي. نرس خاموشيءَ سان هلندي رات واريون دوائون ۽ ٻيون شيون هڪ ميز تي رکي رهي هئي. جن ٽوالن سان مريض جي جسم کي اگهيو ويو هو. اهي هڪ پاسي پسيل ۽ مروڙيا پيا هئا. چمچي ۾ پاڻي وات مان نڪتل رت جي ملاوٽ ڪري گلابي ٿي ويو هو ۽ ان ۾ ڪپهہ ۽ ڪپڙي جا ڦاها مٿان تريا پئي. ايناايوا نووچ پگهر ۾ شم ليٽي پيئي هئي. سندس چپ بلڪل خشڪ هئا ۽ سندس منهن انتهائي وڪريل نظر اچي رهيو هو.

يورا سوچي رهيو هو. "ڪٿي مرض جي تشخيص غلط تہ نہ ٿي وئي آهي. اهي سڀ تہ نمونيا جون نشانيون هيون. لڳي ٿو تہ حالت خراب آهي." اينا کي

ڪيڪارڻ ڪان پوءِ هن مريضہ سان حوصلو ڏيندڙ ۽ بيون اهڙيون ڳالهيون ڪيون جيڪي اهڙن موقعن تي ڪيون وينديون آهن. هن نرس کي ٻاهر موڪلي ڇڏيو ۽ پوءِ هن ايناايوانووچ جي ٻانهن جهلي سندس نبض ڏٺي. ان ڪان پوءِ هن جيئن اسٽيٿواسڪوپ ڪڍڻ لاءِ پنهنجي ڪوٽ جي کيسي ڏانهن هٿ وڌايو تيئن مريضہ کيس مٿي سان اشارو ڪندي چيو. "اهو بيڪار آهي، هاڻي ان جي ضرورت ناهي." هاڻي يورا محسوس ڪيو تہ هن کيس ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ گهرايو هو. مريضہ پوري ڪوشش سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"هو مون کي موت واري بستري جي رسمن جي ادائيگي لاءِ چئي رهيا آهن. موت صفا منهنجي مٿان بيٺو آهي. ڪنهن بہ وقت هميشہ لاءِ منهنجيون اکيون بند ٿي وينديون. تون جڏهن ڏند ڪيرائڻ لاءِ وڃين ٿو تہ ٿورو ڏجين ٿو تہ تو کي تڪليف ٿيندي. تون پاڻ کي ان لاءِ تيار ڪرين ٿو پر اهو رڳو هڪ ڏند ٿي نہ سيڪجهہ هوندو آهي. تنهنجو سڄو بدن، تنهنجي سڄي حياتي جنهن کي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو وڃي ٿو. اهو ڇا آهي،ڪنهن کي ڪا خبر ناهي. آئون تہ بلڪل بيزار ٿي پيئي آهيان. مصيبت ۾ ورتل آهيان."

هوءَ چپ ٿي ويئي. سندس ڳلن تان ڳوڙها وهي رهيا هئا. يورا ڪجهہ نہ ڪڇيو. ٿورو ترسڻ ڪان پوءِ اينا وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"تون هوشيار آهين، اعليٰ صلاحيتون رکين ٿو. تون عام ماڻهن ڪان مختلف آهين. مون سان ڪجهہ ڳالهاءِ. مون کي ٿورو دلاسو ڏي."

يورا چيو، " پر ان سلسلي ۾ آئون ڇا ٿو ڪري سگهان. آئون ڇا چوان." هن ڪرسيءَ تي ويٺي بيچينيءَ مان پٺي پاسا بدلايا. هو اٿيو، ڪمري ۾ ڪجهہ قدم هليو ۽ وري اچي ويهي رهيو.

"پهرين ڳالهہ تہ اها آهي تہ تون سڀاڻي تائين نيڪ ٿي ويندينءَ. مون کي ان جي علامتن جي ڄاڻ آهي. آئون تو سان شرط لڳائڻ لاءِ تيار آهيان. تون مرض جي خطرناڪ مرحلي مان گذري چڪي آهين ۽ موت، اهو تہ شعور جي بقا ۽ حشر جي ڏينهن تي ايمان جو ٻيو نالو آهي. تون مون ڪان هڪ سائنسدان جي حيثيت ۾ رايو وٺڻ چاهين ٿي، پوءِ ڪنهن ٻئي وقت....نہ ڇا... هاڻي ٺي نيڪ آهي تنهنجي مرضي، پر اڻين اوچتو اهو رايو ڏيڻ ڏکيو آهي."

ان کان پوءِ هن ان جاءِ تي ان وقت ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو. هو پاڻ حيران هو تہ هر ائين ڪيئن ڪري سگهيو هو. هن چيو "قيامت.. حشر جو ڏينهن .. ڪمزور انسانن کي همت ڏيارڻ لاءِ آهي. آئون ان جو قائل ناهيان. مون جيئرڻ ۽ مري ويلن متعلق يسوع مسيح جي لفظن کي هميشہ مختلف طريقي سان ڏٺو آهي. هزارين سالن ۾ جيئڻ مرڻ وارن انهن اربن کربن ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ جاءِ ڪٿان ايندي، ڪائنات ايتري وشال تہ ناهي جو ان ۾ اهو سڀ ڪجهہ پورو اچي وڃي. او منهنجا رب، جيڪڏهن ائين ٿيو تہ قيامت جو مطلب ئي ختم ٿي ويندو. خدا جا نيڪ ۽ بزرگ بندا تہ اتي جانورن واري زندگي گهاريندڙ بدبختن هٿان لتاڙجي ويندا.

"پر حياتي هميشہ ساڳي ٿي رهي، پوءِ پلي ان جي کهڙي بہ صورت هجي ۽ ڪيترين ئي مختلف شڪلين چو نہ اختيار ڪري. اها هميشہ ڪائنات کي پريور رکي ٿي ۽ ورور نئون جنم وٺندي رهي ٿي. توکي ان ڳالهہ جي پريشاني آهي تہ ان موت کان پوءِ تون وري جيئري ٿيندينءَ يا نہ پر جنهن وقت تون ڄائي هئينءَ، ان وقت بہ تو موت کان پوءِ ٻيهر جنم ورتو هو پر تو ان کي محسوس نہ ڪيو هو. ڇا توکي تڪليف ٿيندي؟ ڇا جسم جون رڳون ۽ ريشا پنهنجي وڪرجڻ کي محسوس ڪندا؟ ٻين لفظن ۾ تہ تنهنجي شعور جو ڇا حشر ٿيندو؟ پر اهو شعور ڇا آهي؟ اچو تہ ان کي ڏسون تہ توهان شعوري لحاظ کان يا ارادو ڪري سمهندا تہ بي خوابي جو شڪار ٿيندا. اهڙي ريت جيڪڏهن توهان کي هر وقت پنهنجي هاضمي جو احساس هوندو تہ توهان جو هاضمو يقينن خراب ٿيندو. شعور هڪ زهر جيان آهي جڏهن اسان ان کي پاڻ تي استعمال ڪريون ٿا. شعور هڪ روشني آهي جيڪا ٻاهر ۽ سامهون واري واٽ ڏيکاري ٿي تہ جيئن اسان ٺوڪر نہ کائون. اهو ريلوي انجڻ جي هيڊ لائيٽ جيان آهي. ان کي ٺورو اندر ڏانهن موڙي تہ ڏسو فورا حادثو پيش ايندو.

"بس تنهنجي شعور جو ڇا ٿيندو؟ تنهنجي شعور جو... ڪنهن ٻئي جي شعور جو نہ... خيرا تون آهين ڇا؟ اها ئي تہ اصل ڳالهہ آهي. اچو تہ ان جو جواب ڳولهيون. اهو جيڪو تنهنجو وجود آهي، ان متعلق توکي کهڙي ڄاڻ آهي؟ ڇا توهان کي پنهنجي اندر موجود شين جو شعور آهي؟ تنهنجيون ٻڪيون؟ تنهجو جگر؟ رت جون ناليون؟ نہ ... پلي تون ڪيتري ئي پراڻي يادگيريءَ کان ڪم چو نہ وٺين، نتيجو اهو ئي ٿيندو تہ توکي پنهنجي متعلق ڪنهن ٻئي ٻاهرئين ۽ واضح نشان جي بنياد تي پنهنجي سڃاڻپ جو معيار قائم ڪرڻو پوندو. اهي تنهنجا هٿ

ٿي سگهن ٿا، تنهنجو پنهنجو خاندان ٿي سگهي ٿو يا ٻئي ڪنهن جو. هاڻي ٿورو غور سان ٻڌ. ٻين ۾ تون پاڻ تنهنجو روح موجود آهي. اها آهي تنهنجي حقيقت... اهو آهي جنهن تي تنهنجي سڄي زندگي دوران تنهنجي شعور جي زندگي جو دارومدار رهيو ۽ سڄي حياتي ان مزا ماڻيا. اهو هو ٻين ۾ تنهنجو روح. تنهنجي لافانيت ۽ ٻين ۾ تنهنجو وجود. هاڻي ڇا ٿيندو؟ تون هميشه ٻين ۾ رهي آهين ۽ رهندينءَ ۽ جيڪڏهن پوءِ ان کي تنهنجي يادگيري چيو ويو ته تنهنجي لاءِ ڪهڙو فرق پوندو؟ نيٺ اهو تون پاڻ ئي ته هوندين. تون اها جيڪا مستقبل ۾ قدم رکين ٿي ۽ ان جو هڪ حصو ٿي وڃين ٿي ۽ هاڻ هڪ آخري نقطو. پريشاني جي ڳالهه ڪا ناهي. موت نالي جي ڪا شيءِ ناهي. موت جو اسان سان ڪو واسطو ئي ناهي. پر ها تو ڪجهه صلاحيتن جو ذڪر ڪيو هو. اهو ئي فرق آهي. ها، ان جو اسان ماڻهن سان ڪو تعلق ضرور آهي ۽ ان صلاحيت جو اعليٰ ۽ وسيع ترين مطلب زندگيءَ جي صلاحيت آهي. جيئري رهڻ جي صلاحيت.

” سينٽ جان جو چوڻ آهي ته موت جو ڪو وجود ناهي ۽ سندس دليل جي سادگي ڏسو. موت ان لاءِ نه ايندو جو ماضي پورو ٿي چڪو آهي. ان کي لڳ ڀڳ ائين به چئي سگهجي ٿو ته موت نه ايندو، ڇاڪاڻ ته اهو اڳ ئي اچي چڪو آهي، ختم ٿي چڪو آهي. اها پراڻي ڳالهه آهي ۽ اسان ان کان بيزار ٿي چڪا آهيون. اسان کي ڪنهن نئين شيءِ جي ضرورت آهي ۽ اها نئين شيءِ آهي هميشه رهندڙ لافاني حيات.“

هو ڳالهائيندي ڪمري ۾ هتي هتي هلي رهيو هو. هن اينااِيوانوونا جي بستر جي ويجهو وڃي سندس نرڙ تي هٿ رکيو ۽ چيو، ”سمهي پئو.“ ڪجهه پلن کان پوءِ ڏيري ڏيري کيس ننڊ وٺي ويئي.

يورا خاموشيءَ سان ڪمري کان ٻاهر آيو ۽ ايگروونا کي چيو ته نرس کي سڏي وٺي. هن سوچيو، ”کيس ڪهڙو دورو پيو هو. آئون ته باقائدي مسخرو بڻجندو پيو وڃان. جيڪي وات ۾ اچي ٿو، لڳي ٿو ته جادو جي زور تي ڳالهائڻ لڳان ٿو.“

ٻئي ڏينهن ايوانوونا جي حالت سڌري ويئي.

(4)

اينااِيوانوونا جي صحت لاڳيتو بهتر ٿيندي ويئي. وچ ڊسمبر ڌاري هن گهمڻ ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي پر اڃا تائين هو گهڻي ڪمزور هئي. ڊاڪٽرن کيس

اجا ڪجهه وقت تائين ليٽيل رهڻ ۽ مڪمل آرام ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي. هوءَ اڪثر يورا ۽ پنهنجي ڌيءَ تونيا کي گهرائي ويٺدي هئي ۽ هر پيري لاڳيتو ڪلاڪن تائين ساڻن پنهنجي ان نئڍپڻ جون ڳالهيون ڪندي هئي جيڪو هن يورال ۾ رينوا دريا جي ڪپ تي پنهنجي ڏاڏي جي واري ڪينو جاگير تي گذاريو هو. يورا يا تونيا مان ڪنهن به اها جاءِ نه ڏٺي هئي پر اينا جون ڳالهيون ٻڌي يورا نهايت سولائي سان ڏهن هزار ايڪڙن جي ان گهاٽي ۽ اونداهي جهنگل جو تصور ڪري سگهيو ٿي جيڪو رات جيان ڪارو هو ۽ جنهن ۾ مڙيل خنجر جيان هڪ تيز وهندڙ نئن هڪ پاسي ٽڪرين ۽ ٻئي پاسي ڪروگر جي جائداد جي پاسي وارن ميدانن مان وهندي هئي.

يورا ۽ تونيا پنهنجي حياتيءَ ۾ پهريون پيرو باقائدي شام جو لباس پائڻ جو فيصلو ڪيو. يورا ڊنر جئڪيٽ ۽ تونيا هلڪي ماپ جو شام وارو لباس پاتو جنهن سندس ڳچيءَ کي ظاهر ڪري ڇڏيو هو.

27 ڊسمبر تي اهي اهي ڪپڙا سوين تتسڪي جي ڪرسمس پارٽي ۾ پائڻ وارا هئا. اهي ٻيئي لباس ساڳئي ڏينهن تي تيار ٿي مليا ۽ جڏهن يورا ۽ تونيا آزمائش طور انهن کي پائي ڏٺو ته کين تمام گهڻي خوشي ٿي. اجا انهن اهي ڪپڙا لاٿا ئي نه هئا ته اينا ايوانوونا ايگروونا کي کين سڏڻ لاءِ موڪليو.

جڏهن ٻيئي اندر ويا ته هوءَ ٻانهن جي زور تي اٿي ويٺي ۽ کين غور سان ڏسڻ کان پوءِ مڙڻ لاءِ چيائين. هن چيو، "ڏاڍو سٺو. انتهائي خوبصورت. مون کي ڏيان ۾ ئي نه هو ته ڪپڙا سڀجي اچي ويا آهن. تونيا مون کي هڪ پيرو ٻيهر ڏسڻ ڏي. ها اهو بلڪل ٺيڪ آهي. منهنجو خيال هو ته ان جاءِ تي شايد سلائي جا گهنج پيا آهن. توهان کي خبر آهي ته مون توهان کي ڇو گهرايو آهي؟ پر يورا پهرين آئون توسان ڳالهائڻ چاهيان ٿي."

"ايناايوانوونا! آئون ڄاڻان ٿو ته تو خط ڏسي ورتو آهي. مون ٻاڻ اهو تو کي موڪليو هو. مون کي خبر آهي ته تو کي نڪولائي نڪولائيوچ سان اتفاق آهي. توهان ٻنهي جو خيال آهي ته مون کي ان وراثت کان انڪار ڪرڻ نه کپندو هو. پر ٿورو ترسو. توهان لاءِ ڳالهائڻ هاجيڪار آهي. رڳو مون کي وضاحت ڪرڻ ڏيو. جيتوڻيڪ توهان کي گهڻين ڳالهين جي اڳواٽ خبر آهي.

" ها ته پهرين ڳالهه اها آهي ته وڪيل ته اهو ئي چاهين ٿا ته منهنجي پيءُ زواگو جيڪو ورثو ڇڏيو آهي ان جي ورهاست لاءِ مقدمي بازي ضرور ٿئي. چاڪاڻ

تہ منهنجي پيءُ پنهنجي جاگير جي صورت ۾ ڪافي دولت ڇڏي آهي جنهن مان وڪيل چڱيءَ ريت پنهنجي في وصول ڪري سگهن ٿا. ان کان سواءِ منهنجي پيءُ ٻيو ڪو ورثو ناهي ڇڏيو. رڳو قرض ۽ گهپلا. هرويرو جي رڳو خواري. جيڪڏهن واقعي ڪا اهڙي شيءِ هجي ها جنهن کي دولت ۾ بدلائي سگهجي ها تہ تون ڇا ٿي سمجهين تہ آئون ان کي تحفي طور عدالت کي ڏيئي ڇڏيان ها؟ ۽ پاڻ ان مان فائدو حاصل نہ ڪيان ها ۽ اها ئي اصل ڳالهہ آهي. مقدمي بازي جي اها تجويز بڪواس آهي. ان ڪري چڱو اهو آهي تہ هرويرو جو گند اچلائڻ کان ان ملڪيت جي حق تان ئي هٿ ڪڍي وڃان جنهن جو ڪٿي وجود ئي ناهي ۽ ان کي انهن ماڻهن لاءِ ڇڏي ڏيان جڪي غلط طور تي پاڻ کي ان جو دعويدار ڄاڻائين ٿا.

توکي خبر آهي تہ هڪ دعويدار ميڊم ايلس بہ آهي جيڪا پاڻ کي منهنجي پيءُ جي زال سڏائي ٿي ۽ پنهنجي ٻارن سان پيرس ۾رهي ٿي. آئون سندس باري ۾ گهڻي عرصي کان ڄاڻان ٿو. پر هاڻي ڪجهہ ٻيا دعويدار بہ پيدا ٿيا آهن. تنهنجي باري ۾ مون کي خبر ناهي پر بهرحال سندن متعلق مون کي هاڻي خبر پيئي آهي.

ائين لڳي ٿو تہ جڏهن منهنجي ماءُ اجا جيئري هئي، منهنجو پيءُ هڪ خواب ڏسندڙ ۽ سنهڙي شهزاديءَ استوليونودواايزڪي جي عشق ۾ ونجي ويو هو. ان عورت کي منهنجي پيءُ مان هڪ پٽ ڄائو هو جيڪو هن وقت ڏهن سالن جو آهي.

شهزادي هڪ گوشہ نشين عورت آهي. هوءَ امسڪ کان ٻاهر پنهنجي گهر ۾ رهي ٿي ۽ ڪڏهن ٻاهر نہ ٿي نڪري. خبر ناهي سندس آمدنيءَ جو ڪهڙو ذريعو آهي. مون ان گهر جو هڪ فوٽو ڏٺو آهي. گهر نهايت سهڻو آهي. ان ۾ پنج فرانسيسي طرز جون دريون آهن ۽ ان جي ڪاون تي نقش نگار نهيل آهن. تازو ئي آئون اهو محسوس ڪندو رهيو آهيان تہ اهو گهر يورال ۽ ماسڪو جي وچ ۾ هزارين ميلن جي دوري تان انهن درين مان مون کي گهوري ڏسي رهيو آهي ۽ اهو بہ تہ جلد يا دير سان ان جي بدنظر مون کي ضرور متاثر ڪندي.

”پوءِ آئون ان سڀ جو نيٺ ڇا ڪندس. خيالي دولت، ڪوڙا دعويدار، بغض ۽ وير، رشڪ ۽ حسد ۽ وڪيل؟“

”پوءِ بہ توکي ان تان هٿ ڪڻڻ نہ کپندو هو.“ ايناايوانووِنا چيو. ” ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ مون توکي ڇو گهرايو آهي؟“ هن هڪ ڀيرو وري اتان شروع ڪيو جتي هن

گذريل ڏينهن چڙيو هو ۽ هڪدم ئي چوڻ لڳي، ان جو نالو مون کي ياد اچي ويو. تون جهنگلن جي ان محافظ کي سڃاڻين ٿو جنهن جي باري ۾ مون ڪالهه توکي ٻڌايو پئي؟ سندس نالو باڪوس هو. واقعي غيرمعمولي نالو آهي نه. هڪ دوکيباز انسان جنهن جو اندر شيطان جيان ڪارو هو.۽ جنهن جي ڏاڙهي سندس پيرن تائين وڌي رهي هئي ۽ پنهنجو پاڻ کي باڪوس سڏائيندو هو. سندس صورت بلڪل بگڙيل هئي. هڪ رڇ ڪيس پنيوڙيو هو پر هن ان کي وڙهي پڇائي ڇڏيو هو. اتي سڀ ماڻهو ئي اهڙا آهن. ڪهڙا ڪهڙا نه سندن نالا آهن جهڙوڪ بيڪچس،لويس، فائوسٽس. ٿوري ٿوري وقفي کان پوءِ اهڙي ئي ڪنهن شخص جي اچڻ جو اعلان ڪيو ويجي ٿو. ممڪن آهي اهو آڪٽس هجي. ڪو شخص جنهن جو نالو ايترو ئي پڙاڏي وارو هجي جهڙو تنهنجي ناني جي بندوق مان نڪتل گوليءَ جو آواز. پوءِ اسان سڀ ڏاڪٽين تان لهي نرسري کان ٿيندا رڌڻي ۾ هليا ويندا هئاسين ۽ اتي تون سوچي نه ٿو سگهين ته هو ڪهڙي قسم جا هوندا هئا. توکي هڪ ڪوئلا وڪڻندڙ نظر ايندو جنهن سان گڏ رڇ جو ٻچو هوندو هو يا وري هو لوهه جي ذخيرن کي ڳولڻ وارو هوندو هو جنهن جاگير جي ڏورانهين هنڌ تان لوهه جو نمونو آندو هوندو ۽ تنهنجو نانو کين هميشه دفتر لاءِ پرچي لکي ڏيندو هو. ڪجهه ماڻهن کي پئسا، ڪجهه کي ڪٽڪ ۽ ڪجهه ٻين کي ڪارتوس ڏنا ويندا هئا. جهنگل درين تائين وڌي آيو هو ۽ برف ڇت کان به مٿي تي ويٺي هئي." اوچتو اينااليوانوونا کي کنگهه جو دورو پيو.

"ايترو ڪافي آهي. اهو تنهنجي لاءِ هاڃيڪار آهي. وڌيڪ نه ڳالهاءِ." تونيا ۽ يورا ڪيس چيو.

"بڪواس. آئون بلڪل ٺيڪ آهيان. هاڻي مون کي ياد آيو. ايگروونا مون کي چيو هو ته توهان ٻئي اهو سوچي پريشان ٿي رهيا آهيو ته توهان کي پرينءَ پارٽيءَ ۾ وڃڻ گهرجي يا نه. آئنده آئون اهڙي ڪابه بيوقوفيءَ جي ڳالهه نه ٻڌان. توهان کي شرم اچڻ گهرجي ۽ يورا تون پاڻ کي ڊاڪٽر چوين ٿو. ٺيڪ آهي ته پوءِ هاڻ اهو طئه آهي ته توهان پارٽيءَ ۾ ويندا. ٺيڪ آهي ته پوءِ اوهان کي باڪوس متعلق ٻڌايان. جڏهن هو جوان هو ته ان وقت لوهار جو ڪم ڪندو هو. هو هڪ جهيڙي ۾ ڦاسي پيو هو ۽ پنهنجو اندر ڦٽي وڌو هئائين. ان ڪري هن پنهنجي لاءِ لوهه جا عضوا ٺهرايا هئا. يقينن مون کي خبر آهي ته هو ائين نه ٿي ڪري سگهيو پر توکي ان جي لفظي معنيٰ تي نه وڃڻ گهرجي. ماڻهو ائين ئي چوندا هئا."

ڪيس وري ڪنگهہ جو دورو پيو جيڪو اڳ واري دوري کان وڌيڪ دير هليو جنهن جي ڪري هوءَ پنهنجي ڳالهہ اجاري نہ سگهي. هوءَ گهڻي دير تائين ڪنگهندي رهي ۽ ساهہ بہ نہ کڻي سگهي.

يورا ۽ ٽونيا سندس ويجهو پهچي ويا. اهي ٻئي هڪ ٻئي ڪلهي ۾ ملائي سندس پلنگ جي ويجهو بيٺا هئا. انهن جا هٿ هڪ ٻئي کي چمي رهيا هئا. اچا تائين ڪنگهندي ڪنگهندي اينا ايوانوونا ٻنهي جا هٿ پنهنجن هٿن ۾ وٺي ڇڏيا ۽ انهن کي ائين ئي رهڻ ڏنو. جڏهن هوءَ ڳالهائڻ جهڙي ٿي تہ چيائين، "جيڪڏهن آئون مري وڃان تہ توهان ٻيئي گڏ رهجو. توهان ٻيئي هڪ ٻئي لاءِ ڄاوا آهيو. پاڻ ۾ شادي ڪري وٺجو. بس مون هاڻ توهان جو مڱڻو ڪري ڇڏيو." اهو چئي هن روئڻ شروع ڪيو.

(5)

1906ع جي بهار جي مند ۾ اسڪول جي آخري سال شروع ٿيڻ کان اڳ لارا ۽ ڪومارووسڪي جي ناتن کي ڇهہ مهينا گذري چڪا هئا. پر ايتري ئي عرصي ۾ هوءَ بيزار ٿي چڪي هئي. هن نهايت هوشياريءَ سان لارا جي پريشانيءَ مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪومارووسڪي جڏهن مناسب سمجهندو هو، ڪيس احتياط سان سندس غلطي ياد ڏياريندو هو. اهڙيون ڳالهيون لارا کي هڪ ذهني مونجهاري ۾ وجهي ڇڏينديون هيون ۽ هوءَ پاڻ کي جنسي حوس جي ديڄاريندڙ خواب ۾ ورتل ڏسندي هئي. اهو خواب سندس ذهن تي ڇانيل هوندو هو ۽ جڏهن هوءَ ان مان جاڳندي هئي تہ هڪ عجيب ڏپ محسوس ڪندي هئي. رات ۾ مٿس جيڪا چريائپ حاوي ٿيندي هئي ۽ جهڙي ريت هوءَ پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيندي هئي، اهو بلڪل ائين ئي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ هو جيئن ڪارو جادو. ان حالت ۾ ڪا منطق ڪم نہ ڪندي هئي. هر شيءِ وڪريل لڳندي هئي. ٽڪليف ٿهڪن ۾ بدلجي ويندي هئي. مزاحمت ۽ انڪار جو مطلب هو اقرار ۽ تڪليف پهچائيندڙ هٿن کي هوءَ ٿورائتي ٿي پنهنجن نازڪ چپن سان چمڻ لڳندي هئي. ائين لڳندو هو تہ اها صورتحال هميشہ ائين ئي رهندي. پر ان بهار جي مند ۾ هڪ ڏينهن هوءَ پنهنجي ٽرم جي پڇاڙيءَ تي تاريخ جي ڪلاس ۾ ويٺي موڪلن متعلق سوچي رهي هئي تہ اوچتو هن هڪ نئون فيصلو ڪيو جنهن سندس سڄي

حياتيءَ جو رخ ئي موڙي ڇڏيو. ان ڏينهن منڊ ٿوري گرم هئي ۽ طوفان اچڻ وارو هو. درين مان شهر جو شور ۽ آواز. ماڪيءَ جي مکين جي آواز ۽ ميدان ۾ راند ڪندڙ ٻارن جي رڙين جهڙي تسلسل سان اندر اچي رهيا هئا. گاهه ۽ مٽيءَ جي گڏيل خوشبو فضا ۾ هڪ خمار پيدا ڪري ڇڏيو هو.

ڪلاس ۾ نيپولين جي مصر تي ڪاهه متعلق پڙهايو پئي ويو ۽ جڏهن فريجيس ۾ فوجن جي لهڻ جو وقت آيو ته آسمان اونداهو ٿي ويو جنهن کي وڄ جي چمڪ ۽ ڪڙڪاٽ هڪ پل لاءِ ڪاٽي ڇڏيو ۽ مينهن جي خوشبو سان گڏ مٽيءَ جا ڪکر ڪمري ۾ گهڙي پيا. درين کي بند ڪرڻ لاءِ جڏهن ٻه ڇٽا اسڪول جي ملازمن کي سڏڻ لاءِ ٻاهر نڪتا ته درڪلڻ سان هوا جو هڪ جهوٽو اندر آيو جنهن سان ميزن تي پيل سڀ بلاٽنگ پيپر اڏري ويا. دريون بندڪيون ويون ۽ شهر ۾ مٽي هاڻي گندي مينهن جو سلسلو شروع ٿي ويو .لارا ڪاپيءَ مان هڪ پنو ڦاڙيو ۽ پنهنجي پر ۾ ويٺل ڇوڪري ناديا ڪولوگريووا جي نالي لکيو. " ناديا آئون پنهنجي ماءُ کان ڌار رهڻ چاهيان ٿي. پڙهائڻ جي ڪنهن اهڙي نوڪري ڏيارڻ ۾ منهنجي مدد ڪر جنهن ۾ مون کي وڌ ۾ وڌ پگهار ملي سگهي. تون گهڻن امير ماڻهن کي سڃاڻين ٿي."

ناديا جواب ۾ لکيو. " امان ۽ بابا ليپا لاءِ هڪ گورنيس جي ڳولا ۾ آهن. تون اهو ڪم ڇو نه ٿي ڪرين. اهو نهايت سٺو ٿيندو. تو کي خبر آهي ته منهنجا ماءُ پيءُ تو کي ڪيترو پسند ڪن ٿا."

(6)

لاراڪولوگريووف جي گهراڻي ۾ ٽي سال ائين گذاريا جيئن هوءَ ڪنهن قلعي ۾ محفوظ هجي. ڪنهن ٻه ڪيس تنگ نه ڪيو. ايستائين ته سندس ماءُ ۽ ڀاءُ، جن سان سندس ناتا خراب ٿي ويا هئا، ٻه ڪانئس پري رهيا.

ڪولوگريووف هڪ نئين قسم جو ذهين ڪاروباري ماڻهو هو. ڪيس مدي خارج نظام سان بيٺو وير هو. هڪ اهو ته هو هڪ امير ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ سرڪاري خزاني کان ٻه وڌيڪ دولت ڪمائڻ چاهي پيو ۽ ٻيو اهو ته هو هيٺئين طبقي مان ترقي ڪري امارت جي عاليشان اوچاين تي پهتو هو. هو اهڙن انقلابين کي پنهنجي گهر ۾پناهه ڏيندو هو جن کي پوليس ڳولهيندي وتندي هئي. سياسي

مقدمن ۾ هو سندن بچاءُ لاءِ وڪيلن وغيره جو خرچ پاڻ ڪندو هو. هن بابت هڪ لطيفي طور اهو چيو ويندو هو تہ هو ان نظام کي بدلائڻ لاءِ پاڻ ئي پنهنجن ڪارخانن ۾ هڙتالون ڪرائيندو رهندو هو. هو سٺو نشاني باز ۽ ماهر شڪاري هو. 1905ع جي سردين جي مند ۾ هن سريبرياني جي گهاٽي جهنگل ۾ لوسن بيٽ تي پورهيتن جي مليشيا کي رائفل هلائڻ جي تربيت ڏيندي پنهنجا سمورا آچر وارا ڏينهن گذاريا هئا.

جيئن هو هڪ سٺو انسان هو تيئن سندس زال سيرافيما بہ هڪ بهترين شخصيت جي مالڪ هئي. لارا پاڻ کي انهن ٻنهي لاءِ جڻ تہ وقف ڪري ڇڏيو هو. جڏهن تہ گهر جا سڀ ماڻهو بہ کيس گهر جو هڪ ڀاتي ئي ڪري ليکيندا هئا. هن گهر ۾ هن ٽي سال هر قسم جي فڪر ۽ پريشانيءَ کا آجا ٿي گذاريا. ان کان پوءِ هڪ ڏينهن سندس ڀاءُ روديا ڪنهن ڪم خاطر ساڻس ملڻ آيو. پنهنجين ڊگهين ٽنگهن تي اڪڙي ۽ پوئتي ٽيندي ۽ اثر پيدا ڪرڻ لاءِ نڪ مان آواز ڪڍندي هن چيو تہ سندس ڪلاس جي ڪيڊٽن اڪيڊمي جي سربراهہ کي الوداعي تحفي ڏيڻ لاءِ پئسا گڏ ڪيا هئا ۽ کيس اهي تحفي خريد ڪرڻ لاءِ ڏنا هئائون پر هو اها رقم بہ ڏينهن اڳ جوا ۾ هارائي ويو هو. اهو چئي هو آرام ڪرسيءَ تي ڪري پيو ۽ اچي روئڻ ۾ چٽو.

لارا حڻ تہ ڊپ وچان هڪ هنڌ ڄمي ويئي هئي. روديا هڏڪين ۾ پنهنجي ڳالهہ ڪندو ويو. "ڪلهہ رات آئون وڪتورا ايپولوتووچ سان ملڻ ويو هئس پر هن ان سلسلي ۾ مون سان ڳالهائڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. بهرحال هن اهو چيو تہ جيتوڻيڪ تون اسان مان ڪنهن سان بہ پيار نہ ٿي ڪرين، تڏهن بہ اجا تائين تنهنجو اثر اسان مٿان رهندو آيو آهي. پياري لارا،بس تنهنجو هڪ اکر ئي ڪوڙ آهي. منهنجو ڪم ٿي ويندو. تون ٿورو غور تہ ڪر. منهنجي لاءِ اهو ڪيترو اهم آهي. هڪ ڪيڊٽ جي حيثيت ۾ منهنجي لاءِ اها ڪيتري نہ بيعزتي جي ڳالهہ آهي. تون ساڻس ملڻ وڃ. ايتري رقم گهرڻ کا خراب ڳالهہ ناهي. تو تي ان جو ڪو بہ فرق نہ پوندو. تون اهو ڪڏهن بہ پسند نہ ڪنديءَ تہ ان ٿوري رقم لاءِ تنهنجو ڀاءُ پنهنجي جان ڏي."

"تنهنجي حياتي، تنهنجي ڪيڊٽ واري عزت." لارا ڪاوڙ مان ڪمري ۾ هلندي چيو. آئون جيئن تہ وردي ۾ ناهيان ان ڪري منهنجي ڪا عزت ناهي. تون مون سان

جيڪو چاهين ورتاءُ ڪري سگهين ٿو. تو ڪي ڄاڻ آهي تہ تون ڇا گهري رهيو آهين؟ مون ورهين جي محنت سان پاڻ کي جنهن غلاميءَ مان آجو ڪرايو آهي، اهو تون هڪ پل ۾ ختم ڪرڻ ٿو چاهين؟ تون وڃ جهنم ۾، پاڻ کي گولي هڻي آپگهات ڪري ڇڏ. مون کي ان جي پرواهہ ناهي. نيٺ تو کي رقم گهٽي گهرجي؟"

"رڳو ڇهہ سو نوي روبل يا ائين ڪٿي ڇئو تہ ٿلهي ليکي پورا ست سئو." هن ٿورو هٻڪندي چيو.

"روديا تون چريو ٿي پيو آهين. خبر اٿئي تون ڇا چئي رهيو آهين. تو سڄا سارا ست سو روبل جوا ۾ هارايا آهن. تو کي احساس آهي تہ مون جهڙي هڪ عام عورت کي ايتري رقم ڪمائڻ لاءِ ايمانداريءَ سان ڪيترو ڪم ڪرڻو پوندو."

هوءَ روئڻ ۾ اچي ڇتي ۽ ٿوري دير خاموشيءَ کان پوءِ سرد مهري سان ساڻس ائين مخاطب ٿي جيئن ڪنهن اوپري ماڻهوءَ سان ڳالهائيندي هجي.

"ٺيڪ آهي، آئون ڪوشش ڪنديس. سياڻي اچ ۽ پاڻ سان اهو ريوالور ڪٿي اچ جنهن سان تون آپگهات ڪرڻ وارو هئين. تون اهو مون کي ڏي ۽ ياد رک تہ ان ۾ ڪافي گوليون هئڻ کپن."

هن ڪولوگريوف کان اها رقم وٺي ڇڏي.

(7)

ڪولوگريوف وٽ نوڪريءَ سان گڏ لارا پنهنجي تعليم جو سلسلو بہ جاري رکيو هو. اسڪول جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن يونيورسٽي ۾ داخلا ورتي هئي ۽ هاڻي ايندڙ سال 1912ع ۾ کيس اتان ڊگري ملڻ واري هئي.

1911ع جي بهار جي مند ۾ سندس شاگرد ليپا بہ اسڪول جي تعليم مڪمل ڪئي. سندس هڪ نوجوان انجنيئر فريسندانڪ سان مڱڻو ٿي چڪو هو. ان جو هڪ آسودي ۽ سٺي گهراڻي سان تعلق هو. ليپا جي ماءُ پيءُ کي پنهنجي ڌيءَ جي اها چونڊ تہ پسند هئي پر اهي ايتري ننڍي عمر ۾ سندس شاديءَ جي خلاف هئا ۽ کيس ڪجهہ وقت انتظار ڪرڻ جي صلاح ڏيئي رهيا هئا. ليپا گهر جي لاڏلي ۽ ناز نخرن ۾ پلجي وڏي ٿيل ڌيءَ هئي .ان ڳالهہ تي هوءَ هر وقت گهر ۾ تماشو ڪندي رهندي هئي. پنهنجي ماءُ پيءُ سان رڙيون ڪري ڳالهائيندي ۽ پير زور زور سان پٽ تي هڻندي هئي.

ان امير گهراڻي ۾ لارا گهر جي هڪ ڀاتي جيان رهندي هئي ۽ ڪنهن به ڪيس قرض جي ادائيگي لاءِ ياد نہ ڏياريو هو. اصل ۾ ڪين اهو قرض ياد ئي نہ رهيو هو. جيڪڏهن سندس ڪي لڪل خرچ نہ هجن ها تہ هو اهو قرض گهڻو اڳ موٽائي ڇڏي ها.

پاشا کي ان ڳالهہ جي ڄاڻ نہ هئي تہ هوءَ سندس پيءُ کي، جيڪو سائيبيريا ۾ ڏيهہ نيڪالي وارو وقت گذاري رهيو هو، هر مهيني رقم موڪليندي هئي. سندس بيمار ۽ چيڙاڪ ماءُ جي مدد ڪندي هئي ۽ جنهن گهر ۾ هُو رهندو هو، ان جي مالڪ کي سڌيءَ ريت سندس رهائش ۽ کاڌي جي خرچ جو هڪ حصو ادا ڪري سندس پنهنجي خرچ کي ڪنهن حد تائين گهٽ رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. هن پاشا لاءِ آرٽ ٿيئٽر جي ويجهو ڪيمرگر اسٽريٽ جي هڪ نئين عمارت ۾ ڪمرو ڳولهيو هو.

پاشا لارا کان ٿورو ننڍو هو. هو لارا کي چريائپ جي حد تائين چاهيندو هو ۽ سندس ننڍي ۾ ننڍي خواهش کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.اسڪول جي پڙهائي مڪمل ڪرڻ کا ن پوءِ هن لارا جي صلاح تي يوناني ۽ لاطيني ٻولين جي تعليم حاصل ڪئي تہ جيئن هو آرٽس جي ڊگري حاصل ڪري سگهي. ٻنهي جي خواهش هئي تہ هڪ سال کان پوءِ پنهنجن امتحانن کان فارغ ٿيندي ئي هو ٻيئي شادي ڪندا ۽ اسڪول ٽيچر طور يورال جي ڪنهن صوبائي ڳاديءَ جي هنڌ رهائش اختيار ڪندا.

1911ع جي گرمين جي مند ۾ لارا آخري ڀيرو ڪولوگريوف سان ڊپلاليانڪا ويئي. اها جاءِ کيس تمام گهڻو پسند هئي. ايستائين تہ هوءَ ان جي مالڪن کان بہ وڌيڪ ان کي پسند ڪندي هئي. ڪين ان ڳالهہ جي ڄاڻ هئي. هر ڀيري سندن هتي اچڻ وقت ساڳيو منظر هڪ روايت جيان پابنديءَ سان ورجايو ويندو هو. ٽرين جي تڪليف واري سفر کان پوءِ جيئن ئي هُو اسٽيشن تي لهندا هئا تيئن لارا ڇڻ ڳوڻن جي ڀري ڀري تائين ڦهليل خاموشيءَ ۾ گم ٿي ويندي هئي. سندس وات مان اکر نہ نڪرندو هو. هوءَ اڪيلي ئي گهر ڏانهن رواني ٿي ويندي هئي جڏهن تہ سندس سامان اجا گاڏيءَ ۾ رکيو پيو ويندو هو ۽ گهر جا ٻيا ڀاتي بگيءَ ۾ سوار پيا ٿيندا هئا. ڊپلاليانڪا جو ڪوچوان رنگين قميص ۽ ٻنا ٻانهن وارو ڪوٽ پائي بگي هلائڻ سان گڏوگڏ تازيون مقامي خبرون پڻ ٻڌائيندو ويندو هو.

هو پنڙيءَ سان گڏ ياترين ۽ مسافرن جي استعمال ڪيل رستي تي هلندي هلندي ٻنين ڏانهن هلي ويندي هئي. هتي لارا ترسي پنهنجون اکيون بند ڪري هڪ ڊگهو ساهه کڻندي هئي ۽ وسيع ٻهراڙيءَ جي هوا سان جنهن ۾ اتان جون سڀ خوشبوئون پريل هونديون هيون، پنهنجي اندر کي اجاريندي هئي. اها جاءِ هن لاءِ پنهنجي ڪنهن مائٽ ۽ محبوب کان به وڌيڪ پياري ۽ ڪتاب کان وڌيڪ دانشمند هئي. هڪ پل لاءِ اٿين لڳندو هو ته جڻ ڪيس زندگيءَ جو مقصد وري ملي ويو هو. هو هن دنيا ۾ ان ڪري هئي ته جيئن ان جي سونهن جي انت تائين پهچي ۽ هر شيءِ کي ا ن جي صحيح نالي سان سڏي ۽ جيڪڏهن اهو سندس وس کان ٻاهر هجي ته پوءِ زندگيءَ سان محبت خاطر وارثن کي جنم ڏئي جيڪي سندس بدران اهو ڪم انجام ڏين.

ان گرمين ۾ جڏهن هوءَ ڳوٺ پهتي ته پاڻ کي گهڻو ڪم ڪرڻ جي ڪري ٿڪل پئي محسوس ڪيائين. هوءَ جلدئي پريشان ٿي ويندي هئي. ٿوري ڳالهه تي چڙ ۽ ڪاوڙ سندس طبيعت ۾ اچي چڪي هئي. هوءَ طبيعت جي لحاظ کان ٻين جو خيال ڪرڻ واري ۽ سٺي هئي پر هاڻي ٻين متعلق شڪايتون ۽ شڪ منجهس پيدا ٿيڻ لڳا هئا.

ڪولوگريوف جو سچو گهر اڳ وانگيان اڄ به ڪيس بيحد چاهيندو هو ۽ سيني جي خواهش هئي ته هو ساڻن گڏ رهي. پر جيئن ته سندس شاگرديائي ليپا هاڻي جوان ٿي چڪي هئي ان ڪري هن محسوس ڪيو ته سندس هاڻي اتي ڪم نه رهيو هو. هن پگهار وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ گهڻي اصرار کان پوءِ ئي هو ڪيس ان لاءِ راضي ڪري سگهيا. ڪيس ان جي ضرورت به هئي. چاڪاڻ ته ان گهراڻي سان رهندي هن لاءِ ٻيو روزگار حاصل ڪرڻ ڏکيو هو.

لارا محسوس ڪيو ته سندس حيثيت نه سهڻ جي حد تائين غلط هئي. سندس خيال هو ته هوءَ مٿن بار هئي جنهن کي هو محسوس ٿيڻ نه ٿا ڏين. هوءَ پنهنجو پاڻ تي بار هئي ۽ ڪولوگريوف گهراڻي کان ۽ پنهنجو پاڻ کان ايترو تيز ۽ ايترو پري ڀڄي وڃڻ چاهي پيئي جيترو سندس جنگهون ڪيس وٺي وڃن پر ان کان اڳ هوءَ سندن قرض ادا ڪرڻ چاهي پيئي جنهن جي في الحال ڪا صورت ڏسڻ ۾ نه پئي آئي. هن محسوس ڪيو ته هوءَ يرغمال ٿيل هئي ۽ اهو سڀ ڪجهه ان بيوقوف روديا جي ڪري ٿيو هو. هوءَ بس بي وسيءَ ۾ اندر ئي اندر پيئي ڪڙهندي هئي.

هوءَ هر ڳالهہ کي ائين محسوس ڪندي هئي ڇڻ تہ سندس گهٽي بي عزتي ٿي هجي. جيڪڏهن ڪولوگريوف جو ڪو مهمان ڏانهنس وڌيڪ توجهہ ڏيندو هو تہ هوءَ اهو سمجهندي هئي تہ هو ڪيس هڪ سولو "شڪار" سمجهي پيو ۽ جيڪڏهن ڪير ڏانهنس متوجهہ نہ ٿيندو هو تہ هوءَ سمجهڻ لڳندي هئي تہ ڇڻ هو سندس وجود کان ئي انڪاري هو.

موڊ جي انهن دورن جي باوجود هوءَ ايندڙ مهمانن سان سٺي نموني پيش ايندي هئي ۽ ساڻن ٽرڻ، ٻيڙي هلائڻ ۽ درياءَ جي ڪپ تي رات جي پڪنڪن ۾ شريڪ ٿيندي هئي، نچڻ ۽ آتشبازي ۾ حصو وٺندي هئي. هوءَ شہ ق سان ڊرامن ۽ نشاني بازي ۾ پڻ حصو وٺندي هئي. ان ڇتاپيٽيءَ ۾ ننڍيون مائوزر رائفلون استعمال ٿينديون هيون پر هوءَ روديا جي هلڪي روالورکي ئي پسند ڪندي هئي. سندس نشانو سٺو هو. هوءَ کلندي چوندي هئي، " افسوس تہ آئون عورت آهيان. مون کي ٻين سان ڊوئيل وڙهندڙ مرد هئڻ گهربو هو." هوءَ دل وندرائڻ جي گهٽي ڪوشش ڪندي هئي پر سندس بيچيني وڌندي ئي ويئي ۽ ڪيس خبر نہ هئي تہ ڪيس نيٺ ڪييو ڇا ٿي؟

جڏهن اهي شهر واپس پهتا تہ لارا جي تڪليف ۾ اجا واڌارو اچي ويو. هاڻي ان ۾ پاشا سان ٿيندڙ ڏندچڪ پڻ شامل ٿي ويئي هئي. (پر هوءَ ساڻس جهيڙي ۾ گهٽي محتاط هئي ۽ ڪيس پنهنجو آخري سهارو سمجهندي هئي.) پاشا ۾ خوداعتمادي پيدا ٿي رهي هئي، سندس ڳالهائڻ جو نمونو بدلجي رهيو هو جنهن تي لاراکي حيرت بہ ٿيندي هئي ۽ ڪاوڙ بہ ايندي هئي.

سندس ذهن ۾ پاشا، ليپا، ڪولوگريوف ۽ پئسا... سڀ پريشانيون گهمنديون رهنديون هيون. هوءَ بيمار هئي ۽ زندگي کان تنگ اچي چڪي هئي. اهو سڀ ڪجهہ ڪيس چريو بڻائي رهيو هو. سندس ڪوشش هئي تہ هر پراڻي شيءِ، جنهن کي هوءَ ڄاڻي ٿي ۽ جنهن مان هوءَ گذري آهي، سان ناتو ٽوڙي، لڪل نئين سر شروعات ڪري. ان ڪيفيت ۾ هوءَ 1911ع جي ڪرسمس جي ڏينهن هڪ موتمار فيصلي تي پهتي. هوءَ ڪولوگريوف جي گهر مان هلي ويندي ۽ آزاد زندگي گذاريندي ۽ ان لاءِ ڪومارووسڪي کان پيسا وٺندي. هوءَ سوچي رهي هئي تہ نيٺ هو سندس مدد ڇو نہ ڪندو. هو بهادري ۽ بي غرضيءَ سان سندس مدد ڪندو ۽ ڪابہ سمجهاڻي، گهرون ۽ بيعزتي وارا شرط ان ۾ شامل نہ هوندا.

اهو سوچيندي هوءَ 27 ڊسمبر جي رات پيٽرووڪا اسٽريٽ ڏانهن رواني ٿي. روديا جو پريل روالور وٽس هو. سندس ارادو هو تہ جيڪڏهن ڪومارووسڪي انڪار ڪيو يا سندس بيعزتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ هوءَ ان کي گولي هڻي ڇڏيندي. سينگاريل بازارن ۾ هوءَ شينهڻ وانگر هلي رهي هئي. هن ڪنهن بہ شيءِ کي نظر کڻي نہ ڏٺو. ريوالور جي اها گولي جنهن کي هن هلائڻ جو ارادو رکيو ٿي، اڳ ۾ ئي سندس دل ۾ لڳي چڪي هئي ۽ هاڻ اها ڳالهہ بلڪل بي معنيٰ هئي تہ اها گولي ڪنهن تي هلندي. جيڪڏهن ڪيس ڪنهن شيءِ جو هوش هو تہ اهو ريوالور واري گوليءَ جو. پيٽرووڪا اسٽريٽ ويندي ڪيس سڄو وقت ان گوليءَ جو آواز ايندو رهيو. سندس نشانو ڪومارووسڪي هو. هوءَ پاڻ هئي، سندس پنهنجي قسمت هئي ۽ ڊپلاليانڪا جي باغ جو شاهہ بلوط جو وڻ هو.

(8)

لارا ڪومارووسڪيءَ جي گهر پهتي تہ ايما سندس اوورڪوٽ لاهڻ لاءِ اڃا قدم اڳتي وڌايو ئي هو تہ هن رڙ ڪري چيو، "هن کي هٿ نہ لڳاءِ." ايما ڪيس ٻڌايو تہ وڪٽراپاليتووچ ٻاهر ويل هو ۽ هو هتي ويهي سندس انتظار ڪري."

"آئون انتظار نہ ٿي ڪري سگهان. مون کي جلدي آهي، هو ڪٿي ويل آهي." لارا ڪائنس پڇيو.

"هو هڪ ڪرسمس پارٽيءَ ۾ ويل آهي." ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو هٿ ۾ کڻي، جنهن تي پتو لکيل هو.لارا ان ڇاتل سڃاتل ۽ اداس ڏاڪڻ تان لٿي ۽ فلور ٽائون ۾ سوين ٽتسڪي جي گهر ڏانهن هلڻ لڳي. هاڻي هن پنهنجي چوڌاري نظر ڦيرائي تہ ڪيس لڳو تہ سخت سيءُ هو. رات جو وقت هو ۽ سيءَ جي منڊ پنهنجي اوج تي هئي. اهو شهر هو. روڊ رستا ۽ بازار سڀ برف ۾ ويڙهيل هئا. هن لاءِ ساهہ کڻڻ ڏکيو ٿي پيو هو. تڏين هوائن جا جهوٽا سندس سموري ٽوپي ۽ منهن کي لڳي تڪليف ڏيئي رهيا هئا. هُن جي دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو. هوءَ ويران بازارن ۾ سستن چاءِ خانن جي دروازن وٽان تيزيءَ سان گذرندي اڳتي وڌي رهي هئي. ڪوهيڙي منجهان ڳاڙهن منهن وارا گهوڙا ۽ ڪتا نڪري سامهون پئي آيا جن سيني جي مٿن تي برف ڄميل هئي. درين جي شيشن تي برف جي ٿلهي تهہ ڄميل هئي جن تي ڪرسمس جي جهرمر ڪندڙ وڻن سان گڏ واٽ ويندڙ ماڻهن

جا پاڇا ائين پئجي رهيا هئا جيئن پردي تي تصويرون نظر اينديون آهن. ائين ٿي لڳو تہ ڇڻ واٽ ويندڙن جي تفريح لاءِ اهو تماشو ٿي رهيو هو.

جيئن هوءَ ڪيمرگر اسٽريٽ تي ان عمارت جي اڳيان گذري، جنهن ۾ پاشا رهندو هو تہ لارا اوچتو بيهي رهي. "آئون اهو سهي نہ ٿي سگهان." هن زور سان ڳالهايو. "آئون مٿي وڃي کيس سڀڪجهہ ٻڌائي ڇڏينديس." هن پنهنجن حواسن کي ڪنٽرول ڪيو ۽ دروازي ۾ داخل ٿي ڏاڪڻيون چڙهڻ لڳي.

(9)

پاشا پنهنجي سخت ڪالر کي قميص ۾ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڳاڙهو ٿي پيو هو. سندس زبان ٻاهر نڪتل هئي ۽ هو پارٽيءَ ۾ وڃڻ لاءِ جلدي ڪپڙا پائي تيار ٿيڻ جي فڪر ۾ هو. هو ايترو سادو ۽ شرميلو هو جو لارا ڪمري ۾ دستڪ ڏيڻ کان سواءِ داخل ٿي ڇڻ کيس پريشان ڪري ڇڏيو. اجا سندس ڪپڙن ۾ ٿوري گهٽتائي رهجي ويئي هئي. پر هن فوراً لارا جي پريشاني کي محسوس ڪيو ۽ اهو بہ تہ هو پنهنجن پيرن تي بيهي نہ پئي سگهي. هوءَ اڳتي وڌي. پنهنجي اسڪرٽ جي ٻنهي ڪنڊن کي هٿن سان ائين جهليو هئائين ڇڻ تہ هوءَ درياءُ پار ڪري رهي هجي.

پاشا گهبرائجي سندس ويجهو آيو ۽ پڇيائين، "چو خيريت تہ آهي، ڇا ٿيو آهي؟"

"منهنجي ويجهو ويهہ. ويهي رهہ. ان ڪالر وارکي هينئر ڇڏ. آئون تڪڙ ۾ آهيان. هڪ منٽ ۾ مون کي واپس وڃڻو آهي. منهنجي رومال کي هٿ نہ لڳاءِ.. ويهہ.. ٿورو هڪ منٽ لاءِ مڙي وڃ." پاشا ائين ئي ڪيو. لارا اوورڪوٽ لاهي ٽنگڻي تي ٽنگيو. روديا جو ريوالور رومال مان ڪڍي کيسي ۾ وڌائين ۽ پوءِ صوفي تي ويهي رهي.

"هاڻي تون هيڏانهن ڏسي سگهين ٿو." هن چيو."هي بجلي بند ڪري ميڻ بتي ٻاري ڇڏ."

هوءَ هميشہ ميڻ بتيءَ جي هلڪي روشنيءَ ۾ ويهڻ پسند ڪندي هئي ۽ پاشا ان ڳالهہ جو هميشہ خيال رکندو هو. هن نئين ميڻ بتي ٻاري هولڊر ۾ لڳائي دريءَ وٽ رکي ڇڏي. شعلو اجهاميو. تير جيان تيز ٿيو ۽ پو. سڌو ٿي ويو. سڄو ڪمرو هلڪي ۽ نرم روشني سان ڀرجي ويو. ميڻ بتي سان دريءَ جي شيشي تي هلڪي ڪاراڻ جو نشان ٺهڻ لڳو هو.

”پاشا بند.“، لارا چيس، ”آئون نهايت تڪليف ۾ آهيان. تو کي منهنجي مدد ڪرڻ گهرجي پر ڊڄڻ جي ڪا ضرورت ناهي. مون کان آڏي پچا به نہ ڪر. اهو نہ سمجھہ تہ اسان بہ بين ماڻهن جيان آهيون. جيڪڏهن تون مون سان محبت ڪرين ٿو ۽ چاهين ٿو تہ آئون برباد نہ ٿيان تہ پوءِ اسان کي هاڻي شادي ڪرڻ ۾ بلڪل دير نہ ڪرڻ گهرجي.“

”پر اهو ٿي تہ هميشہ کان آئون بہ چاهيان ٿو.“ پاشا وچ ۾ ڳالهائيندي چيو. ”تون ڏينهن مقرر ڪر. تون جڏهن چوندين آئون تيار آهيان. پر هاڻي کلي ٻڌاءِ تہ تون پريشان ڇو آهين؟ ڏس اهي ڳجهارتون ڏيئي مون کي تڪليف نہ ڏي.“ پر هوءَ ان سوال کي صفا ٽاري ويئي ۽ ڳالهہ جو موضوع ئي بدلائي ڇڏيائين. انهن گهٽيون لهواريون اوڀاريون ڪيون جن جو لارا جي تڪليفن سان ڪوبہ واسطو نہ هو.

(10)

هن سال سردين جي مند ۾ يونيورسٽيءَ ۾ ٽينڊز گولڊ ميڊل جي چٽاڀيٽي لاءِ يورا اک جي تنتي سرشتي تي هڪ مقالي جي تياري ڪري رهيو هو. جيتوڻيڪ هن جنرل ميڊيسن جو امتحان پاس ڪيو هو پر اک جي معاملي ۾ هو خاص چاهہ رکندو هو. ان ۾ سندس دلچسپي سندس ڪردار جي بين پاسن، سندس تخليقي صلاحيتن، فنڪارانہ تخيل ۽ تخيل جي منطقي ساخت سان هڪجهڙائي رکندي هئي.

ٽونيا ۽ يورا برف ۾ ڍڪيل ڳليءَ تي ڪيل گاڏيءَ ۾ سوار سوين تتسڪي جي ڪرسمس پارٽي ۾ وڃي رهيا هئا. هنن ڇهن سالن تائين هڪ ئي گهر ۾ پنهنجو ننڍپڻ ۽ جوانيءَ جو دور گذاريو هو. ان ڪري ڪين هڪ ٻئي متعلق هر ڳالهہ جي ڄاڻ هئي. ٻنهي جون ساڳيون عادتون هيون. هڪ ٻئي جي مذاق تي خاص انداز ۾ شڪليون ٺاهيندا ۽ گوڙ ڪندا هئا پر هن وقت هو گاڏيءَ ۾ چپ ويٺا هئا. ڪڏهن ڪنهن هڪ اڌ ڳالهہ ڪري ٿي ورتي ۽ پوءِ وري پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ٿي ويا. سيءَ جي ڪري سندن ڏند وڃي رهيا هئا.

يورا پنهنجي چٽاڀيٽي جي تاريخ ۽ مقالي تي سخت محنت ڪرڻ متعلق سوچي رهيو هو. پر وات تي ڪرسمس جي هُل ۽ هنگامي سندس خيالن کي ور ... ي ڇڏيو ۽ هو ڪجهہ بيو ئي سوچڻ لڳو. هن گورڊن سان واعدو ڪيو هو تہ هو بلاڪ تي مضمون

لکندو جيڪو گورڊن جي ادارت هيٺ شائع ٿيندڙ شاگردن جي اخبار ۾ شائع ٿيندو. ماسڪو ۽ پيٽرزبرگ ۾ نوجوان ۽ خاص طور تي يورا ۽ گورڊن ته بلاڪ جا ديوانا هئا پر سندس انهن خيالن جو سلسلو به قائم رهي نه سگهيو.

گاڏي هلندي رهي.سندن ڪاڏي ۽ ڪن جي پردي سان ڪوٽ جا ڪالر ٽڪرائي رهيا هئا ۽ ٻيئي پنهنجن خيالن ۾ گم هئا. پر هڪ خيال اهڙو هو جيڪو ٻنهي جي ذهن ۾ موجود هو.

اهو ان ملاقات جو منظر هو جيڪا ايناايوانوونا جي بيماري واري بستر تي ٿي هئي. ان کان پوءِ هو بلڪل ئي بدلجي ويا هئا. سندن اکيون کلي ويون هيون ۽ هاڻي هو هڪ ٻئي کي بلڪل ئي نين نظرن سان ڏسڻ لڳا هئا.

يورا گهڻي وقت کان تونيا کي سڃاڻندو هو. ان وقت تائين هو سندس زندگيءَ جو حصو هئي ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهه چوڻ ٻڌڻ جي ضرورت نه هئي. پر اوچتو هوءَ سندس لاءِ هڪ پهچ کان ٻاهر ۽ منجهيل چوڪري بڻجي چڪي هئي. هوءَ هاڻ عورت بڻجي چڪي هئي. يورا پنهنجي تصور جي دنيا ۾ پاڻ کي ارارات جبل سر ڪرڻ وارو شهنشاهه، پيغمبر ۽ فاتح ته سمجهي سگهيو ٿي پر عورت نه.

هاڻ جڏهن تونيا پنهنجن ڪمزور ۽ نازڪ ڪلهن (هوءَ ڪيس ڪمزور ۽ نازڪ لڳندي هئي) تي اهو اعليٰ ۽ ڏکيو ڪم کڻي رهي هئي ته يورا کي ساڻس گهڻي همدردي ٿي پيئي هئي ۽ هو هڪ عجيب طرح جي هٻڪ محسوس ڪري رهيو هو جيڪا عقيدت ۽ محبت جي جذبي جي شروعات هئي. اهڙي ريت يورا متعلق تونيا جي رويي ۾ به تبديلي اچي ويئي هئي. اوچتو يورا کي خيال آيو ته ڪين هن وقت گهر کان ٻاهر اچڻ نه کپندو هو. ڪيس ايناايوانوونا جو اونو هو. هو گهر مان نڪرڻ وارا ئي هئا ته ڪين اينا جي طبيعت خراب هئڻ جي خبر ملي هئي. هو سندس ڪمري ۾ ويا ته هن ڪين وري ساڳيو حڪم ڏنو. "توهان پارٽي ۾ ضرور وڃو." دريءَ مان ليئو پائي موسم جو پتو لڳائڻ جي ڪوشش کان پوءِ هو پوئتي ٿيا ئي هئا ته تونيا جي ڪپڙن سان چاريءَ جو پردو ڇهني پيو جيڪو سندس پويان شادي جي ڪپڙن جيان لڙڪندو اچي رهيو هو. جڏهن سيني اهو منظر ڏٺو ته ڪين بي اختيارکل اچي ويئي.

يورا ٻاهر اچي پنهنجي چوڌاري نظر وڌي ته هن کي به اهو ئي منظر ڏسڻ ۾ آيو جيڪو ڪجهه وقت اڳ لارا ڏٺو هو.برف ۾ هلندڙ گاڏيءَ جي شور جو غير

فطري پڙاڏو باغ ۾ سڙڪ جي برف ۾ ويڙهيل وٽن مان اڇي رهيو هو. روشن ڪمرن جي شيشن واري درين تي برف جي چمڻ سندس من ۾ دونهاتيل پڪراج جي ياد تازي ڪري ڇڏي. انهن ڪمرن منجهه ماسڪو ۾ ڪرسمس واريون سرگرميون جهلڪي رهيون هيون جيڪي پنهنجي اوج تي هيون. ڪرسمس جا وڻ ميڻ بتين سان روشن هئا ۽ رنگارنگ ڪپڙا پهريو مهمان اکيون ڪيڏڻ ۾ رڌل هئا.

اوچتو يورا کي اهو خيال آيو ته بلاڪ روسي زندگي ۽ ادب ۾ ڪرسمس جي صحيح روح ۽ جذبي جي نمائندگي ڪري ٿو. ان اترائين شهر ۾ به، روشن آسمان هيٺان انهن جديد سڙڪن تي به ۽ ويهين صديءَ جي ڊرائنگ روم ۾ ڪرسمس جي روشن وڻ جي چوڌاري به. هن سوچيو ته جڏهن اها ڳالهه آهي ته پوءِ بلاڪ تي مضمون لکڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. بس ايترو ڪافي ٿيندو ته ماگي جي تصوير "ولنديزي معبوديت" کي روسي نموني سان ٺاهي ان ۾ برف، بگهڙ ۽ سمور جاگهاٽا جهنگل شامل ڪري ڇڏجن.

ڪيمرگر اسٽريٽ تي گاڏيءَ ۾ گذرندي يورا هڪ جاءِ تي ڏٺو ته شيشي جي دريءَ اندر ٻرندڙ ميڻ بتي ٻاهر دريءَ تي ڄميل برف جي هڪ ٽڪري کي پگهرائي ڇڏيو هو. ائين لڳو ٿي ته اها ميڻ بتي ٻاهر سڙڪ تي ليٽو پائي ايندڙ بگين کي ڏسندي ڪنهن جو انتظار پيئي ڪري.

هو اوچتو ڳائڻ لڳو. "ميز تي بتي ٻري... ميز تي بتي ٻري..." هن سوچيو ته نظم جي منجهيل ۽ غير واضح شروعات.. هن اميد ڪئي ته اها پنهنجي ليکي ڪا صورت وٺندي. ان کان وڌيڪ هو ڪجهه سوچي نه سگهيو.

(11)

سويٽ نٽسڪي جي ڪرسمس پارٽي جو هڪ ڊگهي عرصي تائين ساڳيو طريقو هلندو ٿي آيو. ڏهين وڳي جڏهن ٻار گهرن ڏانهن هليا ويندا هئا ته ڪرسمس جي وڻ کي نوجوانن ۽ وڏن لاءِ ٻيهر روشن ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ ان پارٽي جو هنگامو صبح ٿيڻ تائين جاري رهندو هو. پوڙها هڪ ڪمري ۾ ويهي تاش کيڏندا هئا. ان ڪمري کي پومپيائي زماني جي روايت مطابق سينگاريو ويو هو ۽ ان کي ناچ واري ڪمري کان وچ واري دروازي تي هڪ وڏو پردو وجهي ڌار ڪيو ويو هو. سج نڪرڻ کان اڳ اهي نيرن ڪندا هئا.

”توهان ايترو دير سان ڇو آيا آهيو؟“ سوين تتسڪي جي پارٽي جارجس مڪ دروازي کان پنهنجي چاچي جي ڪمري ڏانهن ڊوڙندي پڇيو. يورا ۽ ٽونيا اوورڪوٽ ۽ دستانا لاهيندي پنهنجي ميزبان کي ڪيڪارڻ کان اڳ بال روم تي هڪ اچاتري نظر وڌي، جتي ماڻهو ناچ ڪرڻ بجاءِ گهمندي ڳالهيون ڪري رهيا هئا. اهي پنهنجن ڪپڙن کي لهرائيندا ۽ ٻين جي پيرن کي پنهنجن پيرن هيٺان دٻايو اهڙي ريت هلي رهيا هئا ڄڻ ڪرسمس جي وڻ جي رنگين روشنين جي انيڪ دائرن پويان نظر ايندڙ ڪاري ديوار. ڪمري جي وچ ۾ ناچ ڪندڙ مستيءَ ۾ ڦرڻ ۽ چڪر لڳائڻ ۾ رڌل هئا. هتي عورتن ۽ مردن جي اڳواڻي جو فرض ڪوڪاڪورناڪاف انجام ڏيئي رهيو هو. هو قانون جو شاگرد هو ۽ سندس پيءُ هڪ اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر هو. ناچ جي ڦهرئين دور ۾ هو هڪ ڇوڪريءَ سان گڏ سڀ کان اڳتي بيٺو هو. سازس نچندي هن پيانو وڄائيندڙن کي زور سان رڙ ڪئي ۽ ان وقت تائين ڇوڪريءَ سان نچندو رهيو جيستائين والٽر جو گيت ڇيڙيندڙ سڀ ساز خاموش نه ٿي ويا. ڦهريون ناچ ختم ٿيو ۽ سيني تاڙيون وڄائي سندس ساراهه ڪئي. هاٿي ماڻهن سان ڀريل هن هال ۾ سڀ همراهه ٿڌو مشروب پيئڻ لڳا. مردن ۽ عورتن جي ٽهڪن ۽ سندن ڳالهين جي شور سان سڄو هال گونجي رهيو هو. نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، جن جا منهن خوشيءَ ۾ ٻهڪي رهيا هئا، لاڳيتو شور شرابي ۾ رڌل هوندي، ليمن ۽ ٻين ذائقن وارا مشروب پي رهيا هئا. جڏهن انهن پنهنجا گلاس ٽري ۾ رکيا تي ته گوڙ اڳ کا ن ٻه ڏهه پيرا وڌيڪ ٿي ٿي ويو. ائين پئي لڳو ته ڄڻ انهن اهڙي شيءَ پيتي هئي جنهن سندن اندر کي خوش ڪري ڇڏيو هو.

ٽونيا ۽ يورا اتي ترسڻ کان سواءِ پنهنجي ميزبان جي ڪمري ۾ هليا ويا جيڪو فليٽ جي ٻي ڪنڊ تي هو.

(12)

رهڻ وارن ڪمرن ۾ اهو سڄو فرنيچر پريو پيو هو جيڪو بال روم ۽ ڊرائنگ روم مان هٽايو ويو هو. جڏهن ته سوين تتسڪي جي گهر جو جادوئي رڌٽو ڪرسمس ورڪشاپ ٺهيل هو. هر پاسي رنگ روغن جي بوءِ اچي رهي هئي. گڏيل ناچ ۾ اڇلائڻ لاءِ رنگين فيتن ۽ ڏورين سان ڀريل دٻا ۽ ميٺ بتين جون پيتيون ڪرسين تي رکيل هيون.

سوين تتسڪي ۽ سندس زال مهمانن کي ڏيڻ لاءِ تحفن ۽ ڪاڏي جي ميز جي ڪارڊن تي نالا ۽ لاٽري جي ٽڪيٽن تي نمبر لکي رهيا هئا. جارجس ان ڪم ۾ سندن مدد ڪري رهيو هو پر هو ويچارو هر هر پنهنجي ڳٽپ پلجي پئي ويو ۽ چاچي ۽ چاچي متس ناراض پئي ٿيا. تونيا ۽ يورا جي اچڻ ڪري هو ڏاڍا خوش پئي ٿيا. ڪين هو ننڍپڻ کان سڃاڻندا هئا ۽ ايندي ئي ڪين پاڻ سان ڪم سان لڳائي ڇڏيائون. سوين تتسڪي زال ڪي شڪايتي انداز ۾ چيو، ”منهنجي سمجهه ۾ اها ڳالهه نه ٿي اچي ته اهو سڀ ڪم اڳواٽ تي وڃڻ گهربو هو. پارٽي هلندي نه. جڏهن سيئي مهمان اچي چڪا هجن. اڙي جارجس تون اهو ڇا پيو ڪرين! صوفي ۽ ميز تي رکيل شيون مختلف آهن، تو انهن سيني کي گڏي ڇڏيو آهي.“ سوين تتسڪي يورا ۽ تونيا سان ڳالهائيندي چيو، ”مون کي خوشي آهي ته اينا هاڻي بهتر آهي. آئون ۽ منهنجي زال هن جي لاءِ گهڻو فڪرمند هئاسين.“

”پر منهنجا پيارا هن جي حالت بهتر نه پر وڌيڪ خراب ٿي ويئي آهي. تون هميشه ڳالهين کي غلط نموني وٺندو آهين.“ سندس زال ڳالهائيندي چيو. اهڙي ريت يورا ۽ تونيا اڌ شام جارجس ۽ سوين تتسڪي زال مڙس سان سندن ڪمري ۾ گذاري ڇڏي.

(13)

اهو سڄو وقت لارا بال روم ۾ هئي، هن نه ته شام وارا ڪپڙا پاتا هئا ۽ نه ئي هن اتي ڪنهن کي سڃاتو ٿي. پوءِ به سارو وقت هوءَ اتي ئي ويٺي هئي. ڪڏهن ڪوڪاڪورناڪوف سان اٿين پئي ناچ ڪيائين ڇڻ ننڊ ۾ هلي رهي هجي ۽ ڪڏهن بي مقصد ڪمري ۾ هلندي پئي وتي.

هڪ ٻه ڀيرا هو ڪجهه هبڪندي نشست گاهه جي آڏو به ڪجهه دير لاءِ بيلي ته جيئن ڪومارووسڪي، جيڪو در ڏانهن منهن ڪيو ويٺو هو، ڪيس ڏسي وٺي. پر هن پنهنجي تاش جي پتن تان نظر نه هٽائي. پتا سندس کاٻي هٿ ۾ هئا ۽ منهن پتن ۾لڪل. هن يا ته لارا کي ماڳهين ڏٺو ئي نه هو ۽ يا وري اهڙو ڏيکاءُ ڏيئي رهيو هو. هتي ڪاوڙ ۾ لارا جو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو هو. هڪ ڇوڪريءَ، جنهن کان لارا واقف هئي، جڏهن بال روم مان ٻئي ڪمري ۾ ويئي ته ڪومارووسڪي ڏانهنس اهڙين نظرن سان ڏٺو جنهن جو مطلب لارا چڱيءَ ريت سمجهيو ٿي. ان

نظر ڪي ڏسي ڇوڪري خوشيءَ ۾ ٿورو شرمائجي ويئي پر لارا جو منهن شرم ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ سندس دل ۾ آيو تہ هوءَ زور سان رڙيون ڪري. هوءَ سوچي رهي هئي،" اهو نئون شڪار آهي." ان ڪان پوءِ لارا جي ذهن ۾ ڪومارووسڪي سان پنهنجن ناتن جي تصوير ائين هلڻ لڳي جيئن هو انهن ڳالهين ڪي تڪ ۾ ڏسي رهي هجي. هن ان شخص سان ملڻ جو ارادو ترڪ نہ ڪيو پر اهو سوچيو تہ هو ان سان پوءِ ملندي. ضبط ڪان ڪم وٺندي هوءَ بال روم ۾ هلي ويئي.

ڪومارووسڪي ٽن ٻين ماڻهن سان گڏ تاش کيڏي رهيو هو. سندس ڪاٻي پاسي ڪونارناڪوف هو. ان نوجوان جو پيءُ جنهن سان لارا ٻيهر ناچ ڪري رهي هئي. ان نوجوان جي ماءُ هڪ ڊگهي قد جي عورت هئي جنهن جو رنگ ٿورو ڪارڙو هوءِ ڪيس ڪارا ڪپڙا پاتل هئا. هن پنهنجي ٻرندڙ اکين ۽ نانگ جيان ڊگهي ڳچيءَ سان هلندي ڪڏهن نشست گاهہ ۾ پنهنجي مڙس ڪي ڏٺو ٿي جيڪو تاش کيڏي رهيو هو ۽ ڪڏهن بال روم ۾ پنهنجي پٽ ڪي جيڪو نچي رهيو هو. نيٺ لارا کي خبر پيئي تہ جنهن ڇوڪريءَ کيس تڪليف ڏيندڙ شڪ ۾ وجهي ڇڏيو هو اها ان نوجوان جي ڀيڻ هئي. هن سوچيو تہ سندس دل ۾ جيڪو شڪ پيدا ٿيو هو، اهو بلڪل بي بنياد هو.

ڪوڪا ڪڏهن پهريون ڀيرو پنهنجو تعارف ڪرايو تہ لارا سندس پوري نالي تي توجهہ نہ ڏنو. پر جڏهن هو والٽز جي سُر تي آخري ناچ ڪان پوءِ،گهمندو لارا کي ڪرسيءَ تي وهارڻ آيو تہ هن جهڪندي هڪ ڀيرو ٻيهر پنهنجو نالو ورجايو.

"ڪورناڪوف. ڪورناڪوف" ان سان لارا کي ڪجهہ ياد آيو. ڪا اٿوڙيندڙ ڳالهہ سندس ذهن ۾ موٽي آئي. ماسڪو جي سينٽرل جيل ۾ ڪورناڪوف جو پيءُ اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر آهي ۽ هن ريلوي جي پورهيتن جي ان مقدمي جي شنوائي ۾، جنهن ۾ تيورزن بہ شامل هو، عدالت آڏو هڪ جوشيلي تقرير ڪئي هئي. لارا جي چوڻ تي ڪولوگريووف ساڻس بحث ڪرڻ ويو هو پر ناڪام رهيو هو. ها تہ اها ڳالهہ آهي، نہ ڪ آهي ڪورناڪوف. ڪورناڪوف.

(14)

رات جا اٽڪل ٻہ ٿي رهيا هئا. پورا جا ڪن وڄي رهيا هئا. چانهہ ۽ پيئڻ جي وقفي ڪان پوءِ ناچ وري شروع ٿي ويو هو. ڪرسمس جي وڻ تان ميڻ بتيون ٻري

ڪري رهيون هيون ۽ ڪنهن کي انهن کي بدلائڻ جو اونو نہ هو. يورا غائب دماغ ٿيو هال جي وچ ۾ بيٺو هو ۽ تونياڪي هڪ اجنبي سان نچندي پئي ڏٺائين. هوءَ ناچ ڪندڙن جي وچ مان گذرندي ونس آئي ۽ پنهنجن ڪپڙن کي ڏانهنس لوڏائيندي ائين هلي وئي جيئن مڇي پنهنجا پر ڦڙڪائيندي پاڻيءَ ۾ غائب ٿي ويندي آهي.

هوءَ گهڻي جوش ۾ هئي. وقفي دوران هن چانھ پيئڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو ۽ سنگترن سان پنهنجي اڃ اجهائي هئائين. هن سنگترن جو رس چوسيو ۽ رومال کي هٿ ۾ ئي رکيو هو. ڪڏهن ان کي ٻانهن مان ٿي ڪڍيائين ۽ ڪڏهن ان ۾ لڪايائين ٿي.

هاڻي جڏهن هوءَ پنهنجي اجنبي ساٿيءَ سان نچندي يورا وٽان گذري، جيڪو ڪاوڙ ۾ هو ۽ سندس رستي مان هٽي وڃڻ پئي چاهيائين، تہ هن گرم جوشيءَ سان يورا جو هٿ دٻايو ۽ زور سان کلڻ لڳي پر سندس رومال يورا جي هٿ ۾ ئي رهجي ويو جنهن رومال کي چپن سان لڳايو ۽ اکيون پوري ڇڏيون. رومال ۾ سنگترن ۽ تونيا جي خوشبو پريل هئي. يورا چڻ تہ ان ۾ ونجي ويو. اهو يورا جي زندگيءَ جو هڪ بلڪل نئون تجربو هو جنهن کي هن اڳ ڪڏهن محسوس نہ ڪيو هو. ان سندس وجود کي چڻ تہ وڍي اڌ ڪري ڇڏيو هو. ان خوشبو ۾ اها سادگي ۽ ٻارن واري ڳالھ هئي جنهن کان هو مانوس هو ۽ ان کي سڃاڻندو هو. اها ائين هئي چڻ تہ اونداهي ۾ سندس ڪن ۾ ڪنهن ڪا ڳالھ چئي هجي. هن رومال کي پنهنجين اکين ۽ چپن سان لڳايو. اوچتو اندران گولي هلڻ جو آواز آيو. هر ڪو پوئتي مڙي ان پردي کي ڏسڻ لڳو جيڪو بال روم ۽ نشست گاھ جي وچ ۾ ٽنگيل هو. هڪ پل تائين ماٺ رهي. پوءِ شور شرابو شروع ٿي ويو. ڪجھ ماڻهو رڙيون ڪندا اتان ڀڳا. ٻيا ڪوڪا پويان ڊوڙندا نشست گاھ ۾ ويا جتان گولي هلڻ جو آواز آيو هو ۽ جتان بہ ڪجھ ماڻهو ساڳي وقت روئندا، بحث ڪندا ۽ ڳالهائيندا ٻاهر اچي رهيا هئا.

"هن ڇا ڪري ڇڏيو آهي. هن ڇا ڪري ڇڏيو آهي؟" ڪومارووسڪي مايوسيءَ مان ورجائي رهيو هو.

" بوريا، بوريا، مون کي ٻڌاءِ تہ تون جيئرو آهين." مسز ڪورناڪوف روئڻ واري ڪيفيت ۾ چئي رهي هئي. "ڊاڪٽر دوروڪوف ڪٿي آهي؟ ماڻهو چئي رهيا هئا تہ هو هتي ئي آهي. اوا پر هو ڪٿي آهي؟ تون ڪهڙي ريت، نيٺ ڪهڙي

ريت اهو چئي سگهين ٿو تہ اها رڳو هڪ رهنڊ آهي! ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ آئون هميشہ صحيح چوندي هيس. هن انهن ڏوهارين کي ظاهر ڪيو. توهان پاڻ ڏسو تہ هو ڪهڙي قسم جا ماڻهو آهن. اوه منهنجا پيارا تون پنهنجن نظرين ۾ خيالن جي ڪري شهيد ٿي وڃين! اها ٿي آهي اها ذليل عورت. اها ٿي آهي. آئون تنهنجيون اکيون ڪڍي ڇڏيندس. ڪميٽي، هن پيري تون بچي نہ ٿي وڃين سگهين. تو ڇا چيو ڪوماروسڪي؟ تہ هن تو تي گولي هلائي هئي. نہ آئون سهي نہ ٿي سگهان. اهو دکدائڪ وقت، ڪوماروسڪي،مون کي لطيفن ٻڌڻ لاءِ وقت ناهي. ڪوڪاڪوچڪا، ڇا تون ان جو يقين ڪري سگهين ٿو؟ هن تنهنجي پيءُ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ها پر قدرت، ڪوڪا، ڪوڪا!"

ماڻهو نشست گاهہ مان نڪري بال روم ۾ هليا ويا. سڀ کان اڳتي ڪورناڪوف هو جيڪو ڪلندي هر ڪنهن کي اهو يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو تہ هو بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هو ۽ رومال سان پنهنجي کٻي هٿ جي رهنڊ کي بہ صاف پئي ڪيائين. انهن جي پويان هڪ ٻيو گروپ لارا کي ٻانهن کان جهليو وٺيو پئي آيو.

يورا حيران هو. وري اها ٿي ڇوڪري! ۽ وري اهڙين غير معمولي حالتن ۾! ۽ وري اهو ساڳيو اڇن وارن وارو همراهہ. پر هن پيري يورا ڪيس سڃاتو ٿي. هڪ مشهور وڪيل ڪوماروسڪي جنهن جو سندس پيءُ جي جاگير سان ڪجهہ واسطو هو. ڪيس سلام ڪرڻ جي ڪا ضرورت نہ هئي. ٻنهي اهو ڏيکاءُ ڏنو تہ انهن هڪٻئي کي نہ ٿي سڃاتو ۽ ڇوڪري، تہ ان ڇوڪري ٿي گولي هلائي هُئي؟ ضرور ان جا ڪي سياسي ڪارڻ هوندا. ويچاري. ڏاڍي خراب طريقي سان وڪوڙجي ويئي هئي. هوءَ ڪيتري نہ سهڻي هئي! ۽ اهي ڇڻ جيڪي سندس ٻانهون اٿين موڙي رهيا هئا ڄڻ هوءَ ڪا عام چور هجي.

پر هو ترت ئي سمجهي ويو تہ هو غلطيءَ تي هو. لارا جون ڄنگهون جواب ڏيئي ويون هيون. اهي همراهہ ڪيس جهلي ويجهو پيل آرام ڪرسيءَ ڏانهن ڪٺي وڃي رهيا هئا. جتي هوءَ بيهوش ٿي ڪري پيئي. يورا ڊوڙي وٽس وڃڻ وارو هو تہ جيئن ڪيس هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري. پر هن مناسب ڄاتو تہ اڳ ۾ ان سان همدردي ڪري جنهن تي حملو ڪيو ويو هو.

"ڇا آئون توهان جي مدد ڪري سگهان ٿو؟ آئون ڊاڪٽر آهيان." هن ڪورناڪوف کي چيو، " مون کي پنهنجو هٿ ڏيکار.. هون.. تون تہ پاڳن وارو

آهين. ان تي پٽي ڪرڻ جي به ضرورت ناهي. پر ٿورو آيوڊين لڳائڻ ۾ ڪو حرج ناهي. فيليسيا تاسيميونوونا اتي آهي. وٽس ضرور اهو هوندو."

فيليسيا تاءِ ٽونيا ڏانهنس اڃي رهيون هيون. سندن منهن لٿا پيا هئا. انهن ڪيس چيو ته هو سيڪجهه ڇڏي پنهنجو ڪوٽ ڪٽي. گهران ڪو نياپو آيو هو ۽ کين ترت واپس وڃڻو هو. يورا کي سيڪجهه وسري ويو. هو سمجهي ويو هو ته ڇا ٿيڻ وارو هو ۽ فورا پنهنجو ۽ ٽونيا جو ڪوٽ ڪٽڻ لاءِ ڊوڙيو.

## (15)

گهر پهچي هو اينا ايوانوونا کي جيئرو نه ڏسي سگهيا. جڏهن هو ڏاڪڻين تان ڊوڙندا سندس ڪمري ۾ پهتا ته ڪيس وفات ڪئي ڏهه منٽ ٿي چڪا هئا. موت ساهه گهٽجڻ سان ٿيو هو جيڪو ڦڦڙن جي خرابيءَ جو نتيجو هو. بيماريءَ وقت ان جي صحيح تشخيص نه ٿي سگهي هئي. ڪيترن ڪلاڪن تائين ٽونيا روئندي رهي. هوءَ رڙيون ڪري، پٽ تي مٿو هڻي روئي رهي هئي ۽ ڪنهن کي به نه پئي سڃاڻائين. ٻئي ڏينهن سندس حالت پرسڪون ٿي ويئي. پر يورا ۽ سندس پيءُ جي ڳالهين جي جواب ۾ هن رڳو پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو ٿي. هن جڏهن به ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي ته ڏک مٿس حاوي ٿي ٿي ويو ۽ هن وري رڙيون ڪرڻ شروع ٿي ڪيون ڄڻ مٿس غيبات جو اثر ٿي ويو هجي.

جنازي جي رسمن جي وقفن ۾ هو ڪلاڪن تائين گوڏن ڀر جهڪي مري ويل جي لاش ڀرسان ويٺي رهي. سندس وڏا سهڻا هٿ تابوت جي هڪ ڪنڊ کي جهليو بيٺا هئا. تابوت مٿي ڊائيس تي رکيل هو ۽ ان کي گلن سان ڍڪيو ويو هو. کيس پنهنجي آسپاس جي ڪا ڄاڻ نه هئي. پر جڏهن سندس اکيون پنهنجن عزيزن سان مليون ٿي ته هو جلدي اٿي تيزيءَ سان ٻاهر وڃي ڏاڪڻيون چڙهي مٿي هلي ٿي ويئي. هوءَ پنهنجن ڳوڙهن کي ان وقت تائين روڪڻ جي ڪوشش ڪندي هئي جيستائين بستر تي ڪري نه پوندي هئي ۽ پنهنجي موتمار ڏک کي وهاڻي ۾ منهن ڏيئي لڪائي نه ڇڏيندي هئي.

لاڳيتو ڏک ۽ غم، ڪيترن ڪلاڪن تائين بيهڻ، ننڊ پوري نه ٿيڻ، غمگين آواز ۾ ڳائڻ، ڏينهن رات ٻرندڙ ميڻ بتين جي روشني ۽ وري سردي جي اثر ڪري يورا هڪ قسم جو روحاني مونجهارو محسوس ڪري رهيو هو.

ڏهه سال اڳ جڏهن سندس ماءُ مري ويئي هئي تہ ان وقت هو اجا ٻار ئي هو. کيس اجا تائين ياد هو تہ هو ڪيئن رنو پٽيو. ڏک ۽ ڊپ مٿس حاوي ٿي ويا هئا. ان وقت کيس پنهنجي ذات سان ڪا دلچسپي نہ هئي. هو اهو بہ محسوس نہ پئي ڪري سگهيو تہ يورا جهڙي ڪنهن هستيءَ جو وجود بہ هو يا ان جي ڪا اهميت بہ هئي. ان وقت تہ کيس پنهنجي ذات ڪانسواءِ ٻين سڀني شين سان دلچسپي هئي. ٻاهرين دنيا هر پاسي کان ڏانهنس وڌي رهي هئي، گهاٽي ۽ بلڪل هڪ ٻيلي جيان اونداهي ٿيل پنهنجي ماءُ جي موت سان سندس هوش و حواس گم ٿيڻ جو هڪ ڪارڻ اهو هو تہ هُو ساڻس گڏ هوندي ٻيلي ۾ وڃائجي ويو هو ۽ هاڻي کيس اوچتو پتو پيو هو تہ هوءَ وڃي چڪي هئي ۽ هو ان ٻيلي ۾ اڪيلو رهجي ويو هو. ٻيلي ۾ سڄي دنيا جون شيون هيون. هو انهن سڀني کان واقف هو. ڪڪر، دڪانن جا بورڊ، باهه وسائڻ وارين فائر اسٽيشنن جي مينارن جا گهنڊ ۽ اگهاڙي مٿي وارا گهوڙيسوار جيڪي بيبي مريم جي مقدس تصوير، جنهن کي هڪ گاڏيءَ ۾ کينو پئي ويو، سان محافظن جيان هلي رهيا هئا. ان ۾ دڪان بہ هئا، گنبذن واريون گهٽيون بہ هيون ۽ اوچوآسمان بہ هو جنهن تي ستارا چمڪي رهيا هئا ۽ جن تائين پهچي نہ پيو سگهجي ۽ مقدس ۽ بزرگ خدا.

هڪ ڀيرو اوچو آسمان هيٺ لهي سندس نرس جي پاڇي تائين اچي ويو هو جيڪا کيس خدا متعلق ٻڌائي رهي هئي. اهو ويجهو هو پر وڻن جي چوٽين جيان ائين پهچ کان ٻاهر هو جيئن ان وقت لڳندو آهي جڏهن وڻن جي ٽارين کي جهڪائي اخروٽ پٽيا ويندا آهن. ائين لڳو ٿي ڄڻ آسمان نرسريءَ جي منهن ڌوئڻ واري سونهري ٿالهَ ۾ ٽٻي هڻي رهيو هو ۽ باهہ ۽ سون ۾ وهنجي صبح جي عبادت جيان نڪري آيو هو جنهن جي لاءِ هو پنهنجي آيا سان گڏ ننڍي چرچ ۾ ويندو هو. اتي ننڍڙا تارا ائين لڳندا هئا جيئن مورتين آڏو روشنيون. خدا مقدس پيءُ هو. هر شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي واپس پهچي ويندي. پر اصل شيءِ حقيقي وڏن ۽ سياڻن جي دنيا ۽ شهر جيڪو ٻيلي جيان سندس چئني پاسن کان ڦهليل لڳندو هو. ان وقت يورا پنهنجي اڌ حيواني عقيدي سان خدا تي اعتقاد رکندو هو جيڪو هن ٻيلي جو سنڀاليندڙ هو.

هاڻي معاملو بلڪل ٻيو هو. اسڪول ۽ يونيورسٽي ۾ ٻارنهن سال گذارڻ کان پوءِ يورا ادب ۽ آسماني صحيفن جو مطالعو ڪيو هو. هن پراڻيون روايتون، شاعري،

تاريخ ۽ سائنس بہ پڙهي هئي. اهي سڀ هن لاءِ هاڻي ڄڻ تہ گهريلو وڻ جيان گهريلو داستان بڻجي چڪا هئا. هاڻي ڪيس ڪنهن شيءِ جو ڊپ نہ هو. نہ زندگيءَ کان ۽ نہ ئي موت کان. دنيا جي هر شيءِ هن لاءِ رڳو هڪ لفظ جيتري اهميت رکندي هئي. هن محسوس ڪيو ٿي تہ هن ڪائنات کي سمجهي ڇڏيو هو. پنهنجي ماءُ جي جنازي وارين رسمن جو مٿس جيڪو اثر ٿيو هو، اينااِيوانوونا جي جنازي جو اثر ان کان بلڪل ئي مختلف هو. ان وقت هن هڪ مونجهاري، ڊپ ۽ تڪليف سان دعا گهري هئي. هاڻي ان ميت لاءِ ڪيل دعائن کي اثين ٻڌو جيئن انهن ۾ هن لاءِ ڪو نياپو هجي ۽ ڄڻ تہ انهن سان سندس واسطو هجي. هن انهن لفظن کي غور سان ٻڌو. هن جو خيال هو تہ ٻين لفظن وانگر انهن جو مطلب بہ بلڪل واضح ۽ صاف هوندو. هن جي ان احترام ۾ ڪو مذهبي جذبو نہ هو. هو آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪندڙ اعليٰ قوتن جو احترام رڳو پنهنجن ابن ڏاڏن جيان ئي ڪندو هو.

(16)

"پوتر خدا، پوتر ۽ طاقتور، پوتر ۽ هميشہ قائم رهڻ وارا، اسان تي ڪهل ڪر."
اهو ڇا هو؟ هو ڪٿي هو؟ اهي ضرور تابوت کي ٻاهر ڪڍي وڃي رهيا هوندا. ڪيس ننڊ مان جاڳڻ گهرجي. هو صبح جو ڇهين وڳي ساڳين ڪپڙن ۾ صوفي تي سمهي پيو هو. هاڻي اهي سڀ هن کي سڄي گهر ۾ ڳولهي رهيا هئا. پر ڪنهن کي ايترو خيال نہ آيو تہ هو لائبرري جي آخري ڪنڊ ۾ ڪتابن جي ڪبٽ پويان وڃي ڏسي.
"يورا، يورا." مارڪل ڪيس سڏي رهيو هو. اهي تابوت ٻاهر ڪڍي وڃي رهيا هئا. مارڪل کي گل ڪٽي وڃڻا هئا ۽ ڪيس يورا ڪٿي بہ نظر نہ پئي آيو جيڪو سندس مدد ڪري سگهي. اڃا وڏيڪ خراب ڳالهہ اها هئي تہ هو سمهڻ واري ڪمري ۾ ڦاسي پيو هو جتي گلن جون چادرون گڏ ٿيل هيون. ڇاڪاڻ تہ ڏاڪڻ جي ختم ٿيڻ واري هنڌ وٽ ڪبٽ جو دروازو کلي ويو هو جنهن ان ڪمري جو رستو بند ڪري ڇڏيو هو.
"مارڪل! مارڪل! يورا!" ماڻهو هيٺان سڏ ڪري رهيا هئا. مارڪل لت هڻي دروازو ڪوليو ۽ ٿورا گل کڻي ڊوڙندو ڏاڪڻين تان هيٺ لهي ويو.
" پوتر خدا، پوتر ۽ طاقتور، پوتر ۽ هميشہ قائم رهڻ وارا." اهي لفظ هاڻي سڙڪ واري پاسي کان ٻڌڻ ۾ پئي آيا. اٿين لڳو پئي ڄڻ هر شيءِ ڦري رهي هجي:

گل، سڙڪ تان گذرندڙ گھوڙن جا مٿا ۽ پادري جي هٿن ۾ جھليل زنجيرن سان لٽڪيل اگردان ۽ پيرن جي هيٺان برف سان ڍڪيل ڌرتي.

"يورا! منھنجا خدا! نيٺ" شورا شيلنگ سندس ڪلھو لوڏي رهي هئي.

"تو ڪي ڇا ٿيو آهي؟ هو تابوت ٻاهر ڪڍي وڃي رهيا آهن. ڇا تون اسان سان گڏ هلندين؟"

"ها يقينن."

(17)

جنازي جون رسمون پوريون ٿي چڪيون هيون. فقير ٽڏ ۾ پنھنجا پير مھٽيندا ڀن پاسن کان اڳتي وڌيا. تابوت کڻي وڃڻ واري گاڏي، برفاني گاڏي جنھن ۾ گل رکيل هئا ۽ ڪروگرز جي گاڏي حرڪت ۾ آئي. گاڏيون چرچ جي ويجھو بيھي رهيون. هڪ گاڏيءَ مان شورا شيلنگر نڪتي جيڪا روئي رهي هئي. هن پنھنجو ڳوڙهن ۾ پنل نقاب مٿي ڪيو ۽ متلاشي نظرن سان ماڻھن ڏانھن ڏٺو. تابوت کڻي ويندڙن تي نظر پوندي ئي هن ڪين اشارن سان سڏيو ۽ انھن سان گڏ گرجا ۾ هلي ويئي. ماڻھو لاڳيتو اتان ٻاهر نڪري رهيا هئا.

"اڇا ته اينا ايوانوونا گذاري ويئي آهي. هوءَ اسان سان گڏ ناهي ۽ بھتر جاءِ ڏانھن هلي ويئي آهي، ويچاري عورت."

"ها هن پنھنجو وقت گذاري ڇڏيو ۽ هاڻي هو آرام ڪري رهي آهي."

"تو وٽ گاڏي آهي يا پنڌ ٿي هلي رهي آهين."

"ايتري دير تائين ويھڻ کان پوءِ ٽنگن ۾ ڇڻ ته سيون پيون ٽنبجن. هلو ٿورو پنڌ هلون، پوءِ گاڏيءَ ۾ وهنداسين."

"تو ڏٺو ففڪوف ڪيترو پريشان هو. ڏانھنس ڏسندي ئي سندس ڳلن تان ڳوڙها وهڻ ٿي لڳا، نڪ مان شون شون ڪندي ڏانھنس غور سان ٿي ڏٺائين ۽ هو پنھنجي مڙس وٽ ئي ته ويٺي هئي."

" ها هو ته هميشه سندس سخت نگراني ڪري ٿو."

هاڻي هو شھر جي ٻي ڪنڌ تي آهستي آهستي قبرستان جي ويجھو پھچي رهيا هئا. ان ڏينھن سخت برف ڳرڻ لڳي هئي. ڏينھن گھڻو اداس هو. ائين ٿي لڳو ته جنازي لاءِ ئي اهو ڏينھن نھيو هو. واٽ تي جميل برف ۽ اونداها وڻ سپ

ماتم ڪندي نظر ٿي آيا. ان قبرستان ۾ ئي يورا جي ماءُ کي دفنايو ويو هو پر هو گهڻن سالن کان هتي نه آيو هو .هن ماءُ جي قبر ڏانهن منهن ڪيو ۽ سندس وات مان آهستي "امان" نڪري ويو. بلڪل ائين جيئن گهڻا ورهيه اڳ هن پنهنجي ماءُ جي مرڻ کان پوءِ ڪيس سڏيو هو.

تدفين کان پوءِ عورتون ۽ مرد ننڍين ٽولين ۾ صاف سڙي رستي تي هلي رهيا هئا. ٽونيا پنهنجي پيءُ اليگزينڊر اليگزينڊريووچ جي ٻانهن جهلي هلي رهي هئي. سندن پويان ڪروگرز گهراڻي جا فرد اچي رهيا هئا. ٽونيا پنهنجن ڪارن ڪپڙن ۾ سٺي پئي لڳي.

قبرستان جي گلابي رنگ جو ڏيک ڏيندڙ ديوار ۽ قبرن جي چوڌاري زنجيرن ۽ صليبن تي جميل برف هڪ عجب منظر پيدا ڪري ڇڏيو هو. قبرستان جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ديوارڪان ٻي ديوار تائين ڏورين تي ڌوتل ڪپڙا سڪڻ لاءِ لٽڪي رهيا هئا. انهن ۾ عجيب نموني جون قميصون، ميزن جا غلاف ۽ چادرون وغيره سڀ ڪجهه هو. يورا محسوس ڪيو ته اهو آهي ته اهو ئي پراڻي عبادتگاهه جو ميدان پر نئين عمارت جي ڪري ٿورو مختلف پئي لڳو. اهو ساڳيو ميدان هو جتي سندس ماءُ جي وفات ۽ تدفين کان پوءِ ان رات زبردست برفاني طوفان آيو هو.

يورا سڀني کان اڳيان هلي رهيو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ان خيال کان بيهي ٿي ويو ته ٻيا به ساڻس اچي گڏجن. سندس پويان آهستي آهستي اچڻ وارن ۾ موت جيڪا اداسي پيدا ڪئي هئي، ان جي جواب ۾ ڪيس هڪ عجيب شيءِ، هڪ انوکو جذبو ۽ هڪ پراسرار بي قراري پاڻ ڏانهن ڇڪي رهي هئي. بلڪل ائين جيئن پاڻي هيٺاهين ڏانهن وهندو آهي. هڪ خواب، هڪ سوچ، ڪنهن نئين شيءِ ۽ سونهن جي تخليق. هن اڄ اڳ کان به وڌيڪ واضح طور محسوس ڪيو ته آرٽ جا ٻه مستقل ۽ ڪڏهن ختم نه ٿيندڙ مقصد آهن. آرٽ هميشه کان عالماڻي انداز ۾ غور ڪرڻ جو عادي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ هميشه هڪ نئين حياتيءَ کي جنم ڏئي ٿو. اها ڳالهه دنيا جي سڀني عظيم شهپارن سان لاڳو ٿئي ٿي. اها ان سان به لاڳو آهي جنهن کي سينٽ جان جو الهام چيو وڃي ٿو ۽ اهو سڀڪجهه جيڪو يگن کان پنهنجي تڪميل ڪندو رهيو آهي.

هاڻي هو خوشيءَ مان ان ڏينهن ٻن جي متعلق سوچي رهيو هو. جڏهن هو يونيورسٽي ۽ گهر ۾ نه هوندو ۽ اڪيلو پنهنجو وقت گذاري اينا ايوانوونا لاءِ نظم

لکندو. ان ۾ انهن سيني ضروري ۽ غير ضروري شين جو بہ ذڪر ڪندو جن سان زندگيءَ ۾ سندس واسطو پيو هو. ان ۾ اينا جي ڪجهہ اهم خاصيتن جو پڻ ذڪر هوندو. ماتم ڪندي تونيا جي ڪيفيت، تدفين کان پوءِ واپسي جا منظر ۽ ڏوتل ڪپڙا جيڪي ٽيڪ ان جاءِ تي ٽنگيا پيا هئا جتي ڏهہ سال اڳ سندس ماءُ جي وفات کان پوءِ برف جو طوفان آيو هو ۽ جتي هو ويهي رنو هو. سڀ ان نظم جو حصو هوندا.

☆

## باب چوٿون

# جنگ: هڪ اٽل واقعي جي آمد

(1)

لارا فيلسياتا سيمونورفا جي بستري تي تپ ۾ اڌ بيهوشيءَ واري حالت ۾ پيئي هئي. سوستيڪي، سندس زال، نوڪر ۽ ڊاڪٽر دروڪوف هن جي پلنگ جي چوڌاري بيهي هوريان هوريان ڳالهائي رهيا هئا.

باقي گهر اونداهو ۽ خالي پيو هو. رڱو ويهڻ واري هڪ ننڍي ڪمري ۾ بريڪٽ تي لڳل هڪ ليمپ مان هلڪي روشني اچي رهي هئي. هتي ڪومارووسڪي ڪاوڙ ۾ هلندي زور سان پير زمين تي هڻي رهيو هو ڇاڻ تہ هو اتي مهمان نہ پر پنهنجي ئي گهر ۾ هجي. هن خبر چار ونڻ لاءِ ڪڏهن خواب گاهہ ۾ ليڻو پاٿو ٿي ۽ پوءِ ڪرسمس جي وڻ وٽان گذرندو، ماني کائڻ واري ڪمري مان ٿيندو گهر جي ٻئي حصي ۾ هليو ٿي ويو. ڊائننگ روم ۾ ميز تي ماني لڳل هئي جنهن کي ڪنهن ڇڪيو بہ نہ هو. جڏهن ڪا گاڏي درين وٽان گذري ٿي يا ڪو ڪوئو ميز پوش تي پيل ٿانون مٿان ڊوڙيو ٿي تہ سائي رنگ جا شراب جا بلوري گلاس آواز ڪرڻ ٿي لڳا.

ڪومارووسڪي جي اندر ۾ ڄڻ تہ طوفان پريل هو. هو ڪاوڙ ۾ ٻريو پئي، بي عزتي، هو ذليل ٿي چڪو هو. سندس حيثيت خطري ۾ هئي. ان واقعي سان سندس شهرت متاثر ٿيندي، ڪيس هر قيمت تي افواهن کي روڪڻ گهرجي. جيڪڏهن اها خبر اڳ ۾ ئي ڦهلجي چڪي هئي تہ ان کي وڌيڪ مشهور ٿيڻ نہ ڏجي ۽ اتي ئي ختم ڪري ڇڏجي.

سندس پريشاني جو هڪ ڪارڻ اهو بہ هو تہ هو هڪ پيرو وري هن ڇري ۽ جذباتي ڇوڪريءَ ڏانهن ڇڪ محسوس ڪري رهيو هو. ڪيس هميشہ کان ان ڳالهہ جي ڄاڻ هئي تہ هوءَ ٻين سيني ڇوڪرين کان مختلف هئي. ڪيس هميشہ ان

چوڪريءَ ۾ ڪا نہ ڪا انوکي شيءِ نظر آئي ٿي پر هن کيس ايتري تڪليف ڏني هئي ۽ ايترو پريشان ڪيو هو جنهن جو ازالو ٿيڻ ممڪن نہ هو. هن ڪيتريقدر باغياڻي ۽ تشدد آميز طريقي سان ان ڳالهہ جو پختو ارادو ڪيو هو تہ هو پنهنجي تقدير کي بدلائي ڇڏيندي ۽ نئين سر پنهنجي حياتي شروع ڪندي.

اها ڳالهہ بلڪل ظاهر هئي تہ هن کي لارا جي هر صورت ۾ مدد ڪرڻ گهرجي. شايد سندس لاءِ ڪنهن ڪمري جو انتظام بہ ڪرڻو پوندو. پر پهرين ڪجهہ بہ ٿي پوي، کيس چوڪريءَ جي ويجهو نہ وڃڻ گهرجي ۽ ان جي ابتڙ کيس پري ۽ پاسي تي ئي رهڻ گهرجي تہ جيئن سندس رستي ۾ رڪاوٽ نہ بڻجي. هي صورت ۾ سندس پرتشدد طبيعت کي ڏسندي ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڇاڪري ڇڏيندي.

اجا خبر ناهي تہ ڪهڙي مصيبت اچڻي هئي. اها پريشاني اهڙي نہ هئي جنهن ۾ ڪو شخص کيس ڪو دلاسو ڏيئي سگهي. قانون بہ ان کي نظر انداز نہ پئي ڪري سگهيو. جيتوڻيڪ اجا صبح نہ ٿيو هو ۽ هن واقعي کي گذري ٻہ ڪلاڪ ئي مس ٿيا هئا پر پوليس اڳ ۾ ئي ٻہ ڀيرا اچي چڪي هئي ۽ ڪومارووسڪي کي انسپيڪٽر سان معاملو درست ڪرڻ لاءِ رڌڻي ۾ وٺي پيو هو. معاملو جيترو اڳتي وڌندو، اوترو ان ۾ مونجهارا پيدا ٿيندا. ڪين اهو ثابت ڪرڻو پوندو تہ لارا ڪورناڪوف کي نہ پر ڪومارووسڪي کي گولي هڻڻ چاهي پئي ۽ پوءِ بہ معاملو هتي ختم نہ ٿيندو. لارا کي رڳو هڪ ڏوهہ مان آزاد ڪيو ويندو پر مٿس مقدمي هلائڻ جو امڪان باقي رهندو.

کيس کي روڪڻ لاءِ هو فطري طرح هر ممڪن ڪوشش ڪندو. جيڪڏهن مقدمو عدالت ۾ هليو ويو تہ هو ڪنهن نفسيات جي ماهرڪان گواهي ڏياريندو تہ جنهن وقت لارا گولي هلائي هئي، ان وقت هن اهو نہ ٿي ڄاتو تہ هو ڇا ڪري رهي هئي ۽ پوءِ مقدمي جي ڪارروائي ختم ڪرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندو.

اهو سوچڻ کان پوءِ هو پرسڪون ٿي ويو. رات گذري چڪي هئي. روشنيءَ جا ڪرڻا هڪ ڪمري مان ٿيندا ٻئي ڪمري ۾ ڦهلجي رهيا هئا ۽ چورن جيان ڪرسين ۽ ميزن هيٺان داخل پئي ٿيا.

خواب گاهہ ۾ آخري ڀيرو ليٽو پائڻ کان پوءِ جڏهن کيس ٻڌايو ويو تہ لارا جي طبيعت ۾ ڪو فرق ناهي پيو تہ ڪومارووسڪي اتان پنهنجي هڪ دوست روفيناوسيموونا سان ملڻ هليو ويو جيڪا ڀاڻ هڪ وڪيل ۽ هڪ سياسي جلاوطن

جي زال هئي. سندس ائن ڪمرن وارو گهر هاڻي سندس حيثيت کان وڌيڪ هو ۽ هو ان جا خرچ برداشت نہ پئي ڪري سگهي. هن ٻہ ڪمرا مسواڙ تي ڏيئي ڇڏيا هئا جن مان هڪ ڪمرو تازو خالي ٿيو هو جنهن کي ڪوماروورسڪي لارا لاءِ مسواڙ تي وٺي ڇڏيو هو. ڪجهہ ڪلاڪن کان پوءِ لارا کي اتي آندو ويو. سندس دماغ اچا تائين متاثر هو ۽ هو نيم بي هوشيءَ واري حالت ۾ هئي.

(2)

روفينا اوسيموونا جديد خيالن واري هڪ اهڙي عورت هئي جيڪا تعصب جي پڪي دشمن ۽ هر ان شيءِ کي پسند ڪندي هئي جنهن کي هوءَ "مثبت ۽ ضروري" سمجهندي هئي.

پنهنجي ڪٻٽ جي مٿان هن "ارفرٽ پروگرام" (جرمن سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽي جو پروگرام جيڪو پارٽي جي 1891ع واري ڪانگريس ۾ منظور ڪيو ويو هو) جي هڪ جلد رکي هئي جنهن تي ليکڪ جي ارپنا لکيل هئي. ديوار تي جيڪي تصويرون لڳل هيون، انهن مان هڪ سندس مڙس جي هئي جنهن ۾ "سندس پيارو وائٽ" سوئٽرزليند جي هڪ مشهور پارڪ ۾ پليخانوف سان گڏ بيٺل هو. انهن ٻنهي کي الپڪي جون جيڪيٽون ۽ پناما هيٽ پهريل هئا.

روفينا اوسيموونا پنهنجي بيمار مسواڙي کي ڏسندي ئي اهو اندازو لڳائي ورتو هو تہ هوءَ ان کي پسند نہ ٿي ڪري. سندس ليکي لارا بيماريءَ جو بهانو ڪري رهي هئي.چوڪري تپ واري حالت ۾ جيڪا بڪ بڪ ڪري رهي هئي، ان کي هن رڳو اداڪاري سمجهيو ٿي پر هوءَ قسم کائي پئي سگهي تہ لارا گريچن جو نقل ڪري رهي هئي جيڪا هڪ ڪولي ۾ بند رهي چري ٿي پيئي هئي. لارا لاءِ هن پنهنجي نفرت جو اظهار معمول کان وڌيڪ ڦڙتيءَ سان ڪيو. هن دروازا زور سان بند ڪيا، اوچي آواز ۾ گيت ڳايا. گهر جي پنهنجي رهڻ واري حصي ۾ طوفان جيان داخل ٿي ۽ درين کي سڄو ڏينهن کليل رکيائين.

هي گهر اربات جي علائقي ۾ هڪ عمارت جي سڀ کان مٿانهين ماڙ تي هو. ٿڌ جي منڊ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ ان جي درين مان نيرو آسمان بلڪل صاف ۽ ويجهو ائين نظر ايندو هو ڄڻ تہ ٻوڏ وارو درياءَ. اهو ٿڌ جي منڊ جي آخري اڌ ۾ بهار جي اڳوات خبر پيو ڏيندو هو. ڏکڻ جو ڪوسو واءُ سوراخن ۽ ڪنڊن مان اندر

مهڻي رهيو هو. انهن موقعن تي جڏهن ڪيس پيٽرزبرگ ۾ وزارتي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گهرايو ويندو هو تہ هو معزز بزرگن سان اٿين ڳالهائيندو هو جڻ هو اسڪول جا شاگرد هجن. پر هاڻي سندس آڏو اها چوڪري هئي جيڪا ڪجهہ ڏينهن اڳ تائين سندس گهر جي هڪ ڀاتي هئي ۽ جنهن کي هو پنهنجي ڌيءَ جيان سمجهندو هو. گهر جي ٻين ڀاتين جيان هو ساڻس بہ گهٽ ڳالهائيندو ۽ گهٽ نظر ملائيندو هو. ان سان سندس قرب اڃا گهڻو محسوس ٿيندو هو جنهن کي هو پاڻ ۽ سندس گهر وارا پلي پت سمجهندا هئا. هو ساڻس ساڳي لاتعلقي سان نہ ٿي ملي سگهيو جيڪا بالغن سان ناتن ۾ روا رکبي آهي. هن نہ ٿي چاتو تہ ڳالهہ ڪيئن شروع ڪري تہ جيئن ڪيس خراب نہ لڳي. هن مرڪندي جيئن ٻارن سان ڳالهائبو آهي، چيو، "منهنجي ڌيءَ اهو سڀ ڇا آهي. نيٺ ان سڄي تماشي جي ڪهڙي ضرورت هئي؟"

هو خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ ديوارن ۽ ڇت تي پيبل داغن تي هڪ نظر وڌائين ۽ پنهنجو ڪنڌ لوڏيندي چوڻ لڳو، " ڊوسلڊروف ۾ مصوري، سنگتراشي ۽ باغباني جي هڪ بين الاقوامي نمائش ٿي رهي آهي. آئون اوڏانهن وڃي رهيو آهيان. تو کي تہ خبر آهي تہ هتي اڄڪلهہ ڪاروبار ٺڏو آهي. تنهنجو ڇا خيال آهي، تون ڪيستائين ڪنهن معقول جاءِ ڳولهڻ کان سواءِ اٿين پيئي ڌڪا کائيندينءَ؟ اها ڳالهہ پاڻ تائين ئي رکجانءِ. اها جيڪا گوري عورت تنهنجي مالڪ مڪان آهي، اها چڱي ناهي. آئون ڪيس سڃاڻان ٿو. تون هتان وڃين ڇو نہ ٿي؟ تون گهڻي عرصي کان بستر تي بيمار پيئي آهين. هاڻ تو کي بستر ڇڏڻ گهرجي. تون جڏهن هتان اٿين تہ پنهنجو ڪمرو تبديل ڪر، ڪو ڪم شروع ڪر ۽ پنهنجي تعليم پوري ڪر. هڪ مصور منهنجو دوست آهي. هو ٻن سالن لاءِ تازڪستان وڃي رهيو آهي. سندس اسٽوڊيو گهٽن حصن ۾ ورهايل آهي ۽ هڪ فليٽ جيان آهي. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن ڪو ان جي سار سنڀال جي ذميواري کڻي تہ هو ان کي فرنيچر سوڌو ڏيئي ڇڏيندو. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ ڇا آئون تنهنجي لاءِ ڳالهايان؟ هڪ ٻي ڳالهہ جنهن متعلق آئون گهڻي عرصي کان سوچي رهيو آهيان. اهو هڪ پوتر فرض آهي. جيئن تہ ليپا ...... هيءَ ڪجهہ رقم آهي سندس گريجوئيٽ ٿيڻ جو انعام..... نہ، مهرباني ڪري... ڏس اها منهنجي وينتي آهي، ضد نہ ڪر.... نہ اهو تو کي ضرور....."

لارا جي احتجاج، سندس ڳوڙهن ۽ ڪوشش جي باوجود هن اتان وڃڻ کان اڳ ڪيس ڏهه هزار روبل جو هڪ چيڪ قبول ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. جڏهن سندس طبيعت ڪجهه بهتر ٿي ته لارا ڪولوگريوف جي ڏنل فليٽ ۾ منتقل ٿي ويئي جيڪو اسمولنسڪي مارڪيٽ جي ويجهو واقع هو. اهو فليٽ پراڻي طرز جي ٿهيل هڪ ٻه ماڙ عمارت جي مٿان هو. ان جي هيٺين حصي ۾ ٽرڪ ڊرائيور رهندا هئا ۽ هيٺئين حصي ۾ هڪ گودام هو. پڪو ٺهيل پٽ هميشه کن ڪچري سان ڀريل هوندو هو. ڪبوتر غٽرغون ڪندا لارا جي دري وٽ اچ وڃ پيا ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪوئن جا ولر هيٺ گٽر ڏانهن ويندي نظر ايندا هئا.

(3)

پاشا گهڻو پريشان ڪري رهيو هو. جيستائين هوءَ سخت بيمار هئي، پاشا کي ساڻس ملڻ جي اجازت نه ڏني ويئي هئي. هو ڇا سوچي ٻه ڇا ٿي سگهيو؟ لارا هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جنهن ڏانهن سندس ليکي لارا جو رويو لاتعلقي وارو رهيو هو ۽ پوءِ ان ساڳئي ماڻهوءَ جنهن کي هن مارڻ چاهيو ٿي، ڪيس ان جي نتيجن کان تحفظ ڏنو هو. اهو سڀڪجهه ان يادگار ڳالهه ٻولهه کان پوءِ ٿيو هو جيڪا انهن ڪرسمس جي رات ميڻ بتين جي روشني ۾ ويهي ڪئي هئي. جيڪڏهن هي همراهه مدد نه ڪري ها ته لارا کي گرفتار ڪري مقدمو هلايو وڃي ها. هن لارا کي يقيني سزا کان بچائي ورتو هو. ان شخص جي ڪري هاڻي ڪنهن تڪليف کان سواءِ محفوظ طريقي سان پنهنجي تعليم جاري رکي سگهي ٿي. پاشا نهايت منجهيل ۽ تڪليف ۾ ورتل هو.

جڏهن هوءَ بهتر ٿي ويئي ته هن کيس سڏايو ۽ چيائينس، ”آئون هڪ خراب عورت آهيان. تون مون کي نٿو ڄاڻين. ڪنهن وقت آئون تو کي ٻڌائينديس. هن وقت ان متعلق نه ٿي ڳالهائي سگهان. تون ته پاڻ سمجهين سگهين ٿو. آئون جڏهن به اهڙي ڪوشش ڪيان ٿي ته فورا روئڻ ٿي لڳان. بس تون مون کي منهنجي حال تي رهڻ ڏي، مون کي وساري ڇڏ. آئون تنهنجي لائق ناهيان.“

ان کان پوءِ نهايت ئي دل ڏاريندڙ منظر ڏسڻ ۾ آيا. هر نئون منظر گذريل منظر کان وڌيڪ نه سهڻ جوڳو هو. اهو سڀڪجهه ان وقت ٿيو جڏهن لارا اربات اسٽريٽ تي رهي پئي هئي ۽ وائٽ وسڪايا پاشا کي ڪاريڊور ۾ ڳوڙهن هاڻي

منهن سان ڏسي وني پنهنجي ڪمري ڏانهن ڊوڙندي هئي ۽ مٿس چڙ ته ڪل جو دورو پئجي ويندو هو ۽ هو رڙ ڪندي هئي، "اوه مون کان کل روڪي نه ٿي ٿئي. آئون کل نه ٿي روڪي سگهان. اها وڏي زيادتي آهي. سهڻو خاموش جوان..سيمسن."

پاشا کي ان شرم جوڳي ناتي کان محفوظ رکڻ، سندس دل مان پنهنجي محبت کي پاڙئون پٽڻ ۽ سندس ڏک ۽ تڪليف کي ختم ڪرڻ لاءِ لارا کيس اهو ٻڌايو ته هوءَ کيس ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي ۽ ساڻس ڪو ناتو نه پئي رکڻ چاهي. ڇاڪاڻ ته هوءَ ساڻس محبت نه ٿي ڪري. پر پنهنجي ان لاتعلقي کي ظاهر ڪرڻ وقت هو ايڏو رني پئي جو مٿس يقين ڪرڻ ممڪن نه رهيو هو.

پاشا کي مٿس هر قسم جي وڏن گناهن ڪرڻ جو شڪ هو. هن سندس ڪنهن اکر تي اعتبار نه ڪيو. هو کيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ ۽ ڪائنس نفرت ڪرڻ لاءِ به تيار هو پر هو ساڻس تمام گهڻي محبت ڪندو هو. ايستائين جو سندس خيالن سان به حسد ڪندو هو. ان گلاس سان به جنهن ۾ هوءَ پاڻي پيئندي هئي ۽ ان وهاڻي سان به جنهن تي هوءَ پنهنجو مٿو رکندي هئي. جيڪڏهن انهن اهو پسند ڪيو ٿي ته سندن دماغ خراب نه ٿئي ته ڪين ان مهل ئي مضبوطيءَ سان ڪجهه ڪرڻ کپندو هو. انهن فيصلو ڪيو ته اهي تعليم ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ترت شادي ڪري ڇڏيندا. سندن ارادو عيد واري آچر ڏينهن ئي شادي ڪرڻ جو هو پر لارا جي خواهش تي ان کي وري ملتوي ڪيو ويو.

سندن شادي نزول واري عيد جي سومر واري ڏينهن تي ٿي. ان وقت تائين اهو واضح ٿي چڪو هو ته اهي امتحانن ۾ ڪامياب ٿي چڪا هئا. شاديءَ جا سي انتظام لارا سان گڏ پڙهندڙ توسيا جي ماءُ لدملاڪپتونوناچيرڪوڪيا هئا. لدملا پريل ڇاتيءَ واري هڪ سهڻي عورت هئي. آواز نهايت سريلو پر مٿو وهمن وسوسن سان پريل هئس. انهن مان ڪجهه ته هن ہين کان ورتا هئا ۽ ڪجهه سندس پنهنجا گهڙيل هئا.

جنهن ڏينهن لارا کي "شاديءَ لاءِ چرچ وٺڻو هو" (جيئن لدملا کيس ڪنوار وارا ڪپڙا پهرائيندي جيسي عورتن جهڙي آواز ۾ ٻڌايو هو) ان ڏينهن موسم نهايت گرم هو. گرجائن جا سونهري گنبذ ۽ شهر جي باغن جا تازو ناهيل مٽي جا رستا اس ۾ چمڪي رهيا هئا. صنوبر جون تاريون، جن کي عيد واري موقعي تي

ڪيس ان سان سخت تڪليف ٿي ته هو لارا. پنهنجي متعلق يا لارا لاءِ پنهنجي محبت متعلق سوچڻ بجاءِ سڙڪ تي لڳل ان ليمپ متعلق سوچي رهيو هو.

ان رات جنهن جي نہ شروعات هئي ۽ نہ انت. انتيپوف (استيفنيا يا سهڻي دوشيزه جيئن سانس گڏ پڙهندڙ دوست ڪيس چوندا هئا) خوشين جي معراج ۽ مايوسيءَ جي انتهائي گهرائين تائين پهتو. لارا جي اعتراضن سان گڏ سندس شڪ شبها اندازن ۾ ۽ اندازا شڪ شبهن ۾ تبديل ٿيندا رهيا. هن لارا کان پڇا ڪئي ۽ هر جواب کان پوءِ سندس اندر ٻڏڻ پئي لڳو ۽ هن ائين پئي محسوس ڪيو تہ ڄڻ هو هڪ اونهي کڏ ۾ ڪرندو ٿي ويو. سندس ڦتيل احساس لارا جي انڪشافن کي سهي نہ پئي سگهيا.

اهي صبح تائين ڳالهائيندا رهيا: پاشا جي سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ايتري فيصلي ڪن ۽ اوچتي تبديلي نہ ٿي هئي جيتري ان رات وچ ۾ ٿي. هو جڏهن سمهي اٿيو تہ بلڪل مختلف ماڻهو هو. ايستائين تہ ڪيس ان ڳالهہ تي بہ حيرت ٿيڻ لڳي تہ ماڻهو ڪيس اڃا تائين بہ پاشا انتيپوف ئي سڏيندا هئا.

(4)

نو ڏينهن کان پوءِ سندن دوستن ساڳئي ڪمري ۾ کين هڪ الوداعي دعوت ڏني. لارا ۽ پاشا ٻنهي امتحانن ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪئي هئي ۽ ٻنهي کي يورال جي هڪ ئي شهر ۾ نوڪرين جي آڇ ڪئي ويئي هئي. اهي ٻيئي ايندڙ ڏينهن اتي وڃي رهيا هئا.

انهن گهڻو پيتو ۽ شور شرابو ڪيو پر هن دفعي ان دعوت ۾ رڳو نوجوان ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا شريڪ هئا.

وچين ديوار، جنهن رهڻ واري حصي کي اسٽوڊيو کان ڌار ڪيو ٿي، جي پويان بيهمشڪ جي هڪ ٽوڪري، هڪ ٻي ٿوري ننڍي ٽوڪري، جيڪا لارا جي هئي، هڪ سوٽ ڪيس برتنن جو هڪ باڪس ۽ گهٽيون ڳوٺيون پيل هيون. سامان تمام گهڻو هو. ان مان ڪجهہ ٻئي ڏينهن تي مال گاڏي ۾ موڪليو پئي ويو. اٽڪل سڀ سامان ٻڌجي چڪو هو پر اڃا بڪس ۽ ٽوڪريءَ ۾ ٿوري جاءِ باقي هئي. ٿوري ٿوري وقت کان پوءِ جيئن لارا کي ڪا اهڙي شيءِ ياد اچي ٿي ويئي جيڪا ڪيس پاڻ سان گڏ کڻي وڃڻي هئي تہ اها ان کي ٻنهي مان ڪنهن هڪ ۾ رکندي ٿي ويئي ۽ گڏوگڏ ان ۾ رکيل شين کي ٺيڪ بہ ڪندي ٿي ويئي.

پاشا ان وقت گهر تي ئي هو ۽ مهمانن جي خاطر تواضع پٺيان ڪيائين جڏهن لارا ڪاليج جي دفتر مان واپس موٽي، جتان ڪيس پنهنجي ڇم جو سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا ڪاغذ آڻڻا هئا. سندس پويان هڪ مزدور به ڳوٺين جو هڪ ٿهو ۽ هڪ ٿلهي رسي ڪنيو پٺيان آيو جن جي ان سامان کي ٻڌڻ لاءِ ضرورت هئي جنهن کي مال گاڏي ذريعي موڪلڻو هو. مزدور کي واپس موڪلڻ کان پوءِ لارا سيني مهمانن سان ملي. ڪن مهمانن سان هٿ ملايائين ۽ ڪن کي چمي ڏنائين ۽ پوءِ اندر ڪپڙا تبديل ڪرڻ لاءِ هلي ويئي. جڏهن هوءَ موٽي ته سيني تاڙيون وڄائي سندس آجيان ڪئي. پوءِ سڀ ويهي رهيا ۽ اها شور شرابي واري تقريب شروع ٿي، جهڙي ڪجهه ڏينهن اڳ به ٿي هئي. ڪجهه همراهن پنهنجي ۽ پنهنجي ويجهو ويٺلن جي گلاسن ۾ شراب وڌو ۽ سيني جا هٿ ميز جي مرڪزي حصي ڏانهن وڌڻ لڳا جتي ماني ۽ ڪاڌي جون ٻيون شيون پليٽن ۾ رکيل هيون. تقريرون ٿيون، صحت جا جام تجويز ڪيا ويا. ڪل پوڳ ٿيندو رهيو ۽ ڪي ته ضرورت کان وڌيڪ پِي وڃڻ لڳا.

"آئون تمام گهڻو ٿڪجي پيئي آهيان." لارا، جيڪا پنهنجي مڙس جي ويجهو ويٺي هئي، چيو. "ڇا تو سڀ ڪم ڪري ڇڏيا آهن؟"

"ها."

"بهرحال، آئون گهڻي خوش آهيان. تون به خوش آهين نه؟"

"آئون به خوش آهيان پر اجاگهڻن معاملن تي ڳالهائڻو آهي."

هڪ استثنيٰ جي طور ڪومارووسڪي کي خاص طور تي نوجوانن جي ان پارٽي ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڏني ويئي هئي. دعوت ختم ٿي ته هن چوڻ شروع ڪيو ته پنهنجن انهن ٻن نوجوان دوستن جي ماسڪو مان وڃڻ کان پوءِ هو پاڻ کي بلڪل ئي اڪيلو محسوس ڪندو، هن لاءِ اهو شهر ريگستان بڻجي ويندو. هو ايترو جذباتي ٿي ويو جو باقائدي روئڻ ۾ پئجي ويو ۽ پنهنجي ڳالهه وري شروع ڪان ورجائڻ لڳو. هن انتيپوف کان انهن ٻنهي کي خط لکڻ ۽ جيڪڏهن سندن جدائي نه سهڻ جوڳي ٿي وڃي ته يورال اچڻ جي اجازت گهري.

"اهو بلڪل غير ضروري آهي." لارا وڏي واڪي ۽ لاپرواهي سان چيو. " ۽ اهي سڀ ڳالهيون بيڪار آهن. خط لکڻ، ريگستان ۽ اهڙيون ٻيون ڳالهيون... جيستائين اتي اچڻ جو سوال آهي ته اهڙو خيال به دل ۾ نه آڻجانءِ. خدا چاهيو ته تون اسانکان سواءِ به گذارو ڪري ويندين. اسان ايترا اهم ناهيون. تنهنجو ڇا خيال آهي پاشا؟ تو کي ٻيا نوجوان دوست ملي ويندا."

اهي ڳالهيون ڪندي ڪيس اهو وسري ويو ته هو ڪنهن سان ڳالهائي رهي هئي ۽ ڇا چئي رهي هئي. ان کان پوءِ هوءَ اوچتو رڙ ڏئي ڏانهن هلي وئي. اتي قيمي ناهڻ جي مشين ڪٽي ان جي مختلف حصن کي ڪکن پنن ۾ ويڙهي ٿانون واري بڪس ۾ رکي ڇڏيائين پر بڪس جي نڪتل ڪنڊ مان ڪيس رهنڊ اچي وئي ۽ سندس هٿ ۾ ڇهنب گهڙي وئي.

هوءَ پنهنجن ئي خيالن ۾ گم هئي ۽ ڪيس پنهنجن مهمانن جي موجودگيءَ جو اوستائين احساس نه هو جيستائين انهن شورشرابي جي هڪ نئين دور سان ڪيس اها يادگيري نه ڏياري. ڪيس خيال آيو ته جڏهن ماڻهو شراب پيئندا آهن ته هميشه وقلندڙ شرابين جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ۽ جيترو وڌيڪ نشي ۾ هوندا آهن، اوتري ئي گهٽي اداڪاري ڪندا آهن.

بلڪل ان وقت ڪيس هڪ خاص قسم جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جيڪو ڪليل دريءَ مان ٻاهر اڱڻ مان اچي رهيو هو. هن پردو هٽائي ٻاهر ليئو پاتو. اڱڻ ۾ هڪ گهوڙو آهستي آهستي منڊڪائيندو هلي رهيو هو. لارا کي اها خبر نه هئي ته اهو گهوڙو ڪنهن جو هو ۽ اڱڻ ۾ ڪيئن هلي آيو هو. سڄو شهر مئل لڳي رهيو هو. اهو ڇڻ پرهه ڦٽيءَ جي هلڪي نيري روشنيءَ ۾ وهنتو پيو هو. گهوڙي جي سنبن جي آواز، جيڪو ٻين آوازن کان مختلف هو، لارا کي ڪنهن ٻي دنيا ۾ پهچائي ڇڏيو ۽ هوءَ ڪنهن سهڻي ڳوٺ جي خوابن ۾ وڃائجي وئي.

دروازي تي گهنٽي وڳي ۽ ڪو دروازو کولڻ لاءِ اٿيو. لارا هوشيار ٿي وئي. اها ناديا هئي. لارا ڊوڙي ساڻس ملڻ لاءِ پهتي. ناديا ٽرين مان لهي سڌو اچي رهي هئي. ايتري تازي ۽ وڻندڙ جو ائين پئي لڳو ته ڄڻ هوءَ ڊپلاٽنڪا جي ماٽريءَ جي گلن جي خوشبو به پاڻ سان کڻي آئي هئي. ٻيئي ساهيڙيون ڪجهه دير تائين خاموش رهيون ۽ رڳو محبت مان هڪ ٻئي کي ڇنبڙي روئنديون رهيون.

ناديا پاڻ سان سڄي خاندان جي مبارڪن ۽ دعائن ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ پاران هڪ تحفو کڻي آئي هئي. هن زيورن جو هڪ بڪس سفري بيگ مان ڪڍي کوليو. ان ۾ هڪ نهايت قيمتي ۽ سهڻو نيڪلس رکيل هو.

هار کي ڏسي ماڻهن جا حيرت ۽ خوشيءَ گاڏڙ آواز نڪري ويا. هڪ مهمان جنهن ڪجهه وڌيڪ پيتو هو پر جنهن جي حالت ڪجهه بهتر ٿي وئي هئي، چوڻ لڳو "اهو گلابي پکراج آهي. ها ها گلابي پوءِ پيلي ڪو يقين ڪري يا نه. بلڪل اهو

ئي آهي. اهو نهايت قيمتي هيرو آهي.“ پر ناديا ٻڌايو ته اهي پيلي رنگ جا نيلم هئا. لارا ناديا کي ميز تي پاڻ سان گڏ ويهاريو ۽ کيس ڪارائڻ پيارڻ ۾ لڳي ويئي. هار پليٽ ۾ سندس ويجهو پيل هو ۽ هوءَ ان کي لاڳيتو ڏسندي رهي. هار جا قيمتي پٿر بڪس ۾ لڳل مخمل ۾ رکيل هئا ۽ ڪڏهن ماڪ ته ڪڏهن انگورن وانگر لڳي رهيا هئا.

ايتري ۾ اهي مهمان جن جو نشو گهٽجي ويو هو، هاڻي وري ناديا سان گڏ پيئڻ لڳا هئا ۽ هن کي انهن جلدئي مدهوش ڪري ڇڏيو. ٿوري دير ۾ فليٽ ۾ موجود هر ڪو گهري ننڊ سمهي رهيو. ان مان گهٽا اهي هئا جن جو صبح جو لارا ۽ پاشا سان گڏ اسٽيشن وڃڻ جو ارادو هو ۽ اهي رات اتي ئي ترسي پيا هئا. ناديا جي اچڻ کان اڳ انهن مان گهڻن ڪونگهرا پئي هنيا ۽ اها ڳالهه لارا کي پوءِ معلوم نه ٿي سگهي ته هوءَ ڪيئن پنهنجن قيمتي ڪپڙن سان ئي صوفي تي ايرالاگو وينا جي پر ۾ سمهي پيئي هئي.

هوءَ اوچتو شور ٻڌي جاڳي پيئي. اهي آواز ڪجهه اجنبي ماڻهن جا هئا جيڪي پنهنجو گهوڙو وٺڻ لاءِ اڱڻ ۾ اچي ويا هئا. اڪيون ڪولي هن پنهنجو پاڻ کي چيو، ”هي پاشا ڪمري اندر ڇو پيو چڪر لڳائي؟“ پر جڏهن هن ان همراهه کي، جنهن کي پاشا سمجهيو هئائين، منهن ڦيري ڏٺو ته کيس هڪ ڊيڄاريندڙ چهرو نظر آيو جنهن تي زخمن جا نشان هئا ۽ هڪ گهرو نشان پروڻ کان ڪاڏيءَ تائين هليو ويو هو. هو ڪو چور هو. لارا رڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس نڙيءَ مان ڪو آواز نڪري نه سگهيو. کيس پنهنجو قيمتي هار ياد آيو. هن احتياط سان ٻانهن جي سهاري اٿي ميز ڏانهن ڏٺو جتي هار رکيل هو.

هار ماني جي ٽڪرن ۽ چاڪليٽن جي ڪاغذن جي وچ ۾ اجا به اتئين ئي رکيل هو. بيوقوف چور جي اجا ان تي نظر نه پئجي سگهي هئي. هو سوٽ ڪيس سان هٿ چراند ڪري رهيو هو جنهن ۾ هن سڀ سامان نهايت احتياط سان رکيو هو جيڪو چور جي هٿ چراند سان سڄو هيٺ مٿي ٿي ويو هو. ان وقت هوءَ رڳو ايترو سوچي سگهي. ڇاڪاڻ ته هو اجا تائين اڌ ننڊ ۽ اڌ نشي واري حالت ۾ هئي. ڪاوڙ مان هن ٻيهر رڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوءِ به رڙ نه ڪري سگهي. تڏهن هن پنهنجو گوڏو ايرا جي پيٽ ۾ هڻي ڪڍيو ۽ جڏهن سور جي ڪري ايرا کان رڙ نڪتي ته هو به رڙيون ڪرڻ لڳي. چور سڀ شيون ڦٽيون ڪري وٺي ڀڳو. ڪجهه

همراهن ٽپ ڏيئي سندس پويان وڃڻ جي به ڪوشش ڪئي جيتوڻيڪ ڪين خبر نه هئي ته معاملو ڇا هو پر سندن دروازي تائين پهچندي پهچندي چور غائب ٿي ويو.

ان هنگامي جي ڪري هر ڪو جاڳي پيو ۽ لارا جنهن جي مدهوشي اوچتو ختم ٿي چڪي هئي، ڪين وري سمهڻ نه ڏنو. هن انهن ماڻهن لاءِ ڪافي ناهي ۽ ڪين گهرڻ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو. ايستائين اسٽيشن وڃڻ جو وقت به ٿي ويو. پوءِ هوءَ ڪم ڪي لڳي ويئي. بسترن جي چادرن کي ٽوڪرين ۾ وجهڻ ۽ سامان کي رسين سان ٻڌڻ لڳي ۽ گڏوگڏ پاشا ۽ مزدور جي زال کي چوندي ويئي ته هو سندس مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ڪيس پريشان نه ڪن.

هر ڪم وقت تي ٿي ويو. انتيپوف زال مڙس کي وقت تي ٽرين ملي ويئي. ٽرين آهستي آهستي رواني ٿي ۽ سندن دوست ڪين ڏسي پنهنجيون ٽوپيون لوڏيندا رهيا. جڏهن انهن ٽوپيون لوڏڻ بند ڪيون ۽ ٽي ڀيرا "هرا" جو نعرو لڳايو ته ٽرين جي رفتار به تيز ٿي ويئي.

(5)

ٽن ڏينهن کان موسم خراب هئي. جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ اها سرءُ جي ٻين مند هئي. پهرئين سال ۾ جيڪي ڪاميابيون ٿيون هيون، انهن جي جاءِ هاڻي ناڪامين وٺي ڇڏي هئي. بروسيلوف جي اٺين فوج جيڪا ڪارپيٿن ۾ هنگري تي ڪاهه لاءِ گڏ ٿي هئي، هاڻي پٺتي هٽي رهي هئي. ان جو ڪارڻ اهو هو ته فوجون هر پاسي کان پٺتي هٽي رهيون هيون. اسان گليشيا، جنهن تي جنگ جي شروعاتي مهينن ۾ قبضو ڪيو هو، خالي ڪري رهيا هئاسين.

ڊاڪٽر زواگو، جيڪو اڃا تائين يورا جي نالي سان مشهور هو پر هاڻي گهڻو ڪري يوري آندري وچ سڏائيندو هو، اسپتال جي عورتن جي بيماريءَ واري وارڊ جي ڪاريڊور ۾ ويم گهر واري ڪمري ٻاهران بيٺو هو. جتي هو پنهنجي زال ٽونيا ... انيتونيا اليگزيندروونا کي وٺي آيو هو. هو پنهنجي زال کان موڪلائي چڪو هو ۽ هاڻي دائيءَ جو انتظار ڪري رهيو هو ته جيئن ڪيس ٻڌائي ته هوءَ ضرورت پوڻ تي ڪيس ڪٿي ڳولهي سگهي ٿي ۽ سانس ڪهڙي ريت رابطي ۾ اچي سگهجي ٿو.

هو تڪڙ ۾ هو. ڪيس جلدي اسپتال پهچڻو هو ۽ واٽ تي ٻن مريضن کي ڏسڻ لاءِ پڻ وڃڻو هو پر هو اتي بيٺو پنهنجو قيمتي وقت برباد ڪري رهيو هو ۽ دريءَ مان مينهن جي آڏي ابتي وسڪاري کي ڏسي رهيو هو.

اجا گهٽي اونداهي نہ ٿي هئي. هو اسپتال جي پوئين حصي مان ٻاهر نهيل گهرن جي شيشي وارن اڳٽن ۽ ٽرام لائين کي ڏسي سگهيو ٿي جيڪا اسپتال جي هڪ بلاڪ تائين ويئي ٿي.

مينهن هڪ ٽڪائيندڙ تسلسل سان پئجي رهيو هو. هوا ۾ تيزي جي باوجود نہ تہ اهو تيز ٿي ٿيو ۽ نہ ئي گهٽ. هوا جا تيز جهوٽا مينهن کان بي نياز هڪ گهر تي لڳل وَل کي ائين لوڏي رهيا هئا ڄڻ تہ اهي ان کي پاڙئون پٽي ڇڏيندا ۽ پوءِ ان کي گندي اڳڙيءَ وانگر ڪٽي ڦٽو ڪري ڇڏيندا.

هڪ ٽرام ٻن ٽريلرن سان گڏ اسپتال جي مک دروازي واري ورانڊي وٽان گذري. ڦٽيل همراهن کي اندر آندو ويو. ماسڪو جي اسپتالن ۾ تمام گهڻي رش هئي جيڪا خاص طور تي ڪتسڪ واري جنگ کان پوءِ اچا وڌي ويئي هئي ۽ ان جو اثر عورتن جي وارڊ تي بہ پيو هو.

يوري آندري وچ ٽڪ مان آرس پڇي دري جي ٻئي پاسي هليو ويو. سندس ذهن ۾ ڪي بہ خيال نہ هئا. اوچتو ڪيس هولي ڪراس اسپتال جو هڪ واقعو ياد اچي ويو جتي هو ڪم ڪندو هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ عورت سرجيڪل وارڊ ۾ مري ويئي هئي. يوري آندري وچ جگر جي بيماري جي تشخيص ڪئي هئي پر هر ڪنهن جو اهو خيال هو تہ سندس تشخيص غلط هئي. اڄ ان عورت جي لاش جي طبي جاچ ٿيڻ واري هئي پر اها جاچ ڪرڻ وارو هڪ عادي شرابي هو ۽ خبر نہ هئي تہ هو ان جاچ جو ڪهڙو حشر ڪندو.

اوچتو رات ٿي. هاڻي ٻاهر ڪجهہ بہ نظر نہ پئي آيو. سيني درين ۾ گڏ ائين روشني ٿي ويئي ڄڻ ڪنهن جادو جو ڏنڊو گهمايو هجي.

عورتن جي بيمارين واري وارڊ جو انچارج تونيا جي وارڊ مان نڪري ان سوڙهي رستي تان ٻاهر آيو جنهن ان کي ڪاريڊور کان ڌار ڪيو ٿي. هو هڪ ٿلهو ٿنڀ جهڙو همراهہ هو ۽ سوالن جا جواب هميشہ پنهنجا ڪلها لوڏي ۽ ڇت ڏانهن گهوريندي ڏيندو هو. انهن خاموش اشارن جو مطلب اهو هوندو هو تہ ڀلي سائنس ڪيتري بہ ترقي ڇو نہ ڪئي هجي پر هميشہ زمين ۽ آسمان تي گهڻيون شيون اچا بہ اهڙيون هيون جن جو سائنس ڪڏهن تصور بہ نہ ڪيو هو.

هن يوري آندري وچ وٽان گذرندي ڪنڌ لوڏيو ۽ پنهنجن اپريل هٿن کي ڪيترا ڀيرا ائين لوڏيو ڄڻ چوڻ چاهيندو هجي تہ صبر کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ

ٿو ڪري سگهجي. پوءِ هو ڪاريڊور مان ٽيندو سگريٽ ڇڪڻ لاءِ انتظارگاهه ۾ هليو ويو.

ان کان پوءِ سنڊس اسسٽنٽ آئي جنهن ايترو ٿي گهٽو ٿي ڳالهايو جيترو سنڊس باس گهٽ ڳالهايو هو.

" جيڪڏهن آئون تنهنجي جاءِ تي هجان ها ته گهر هلي وڃان ها." هن يوري آنڊري وچ کي چيو. "۔آئون توکي سپاٽي هولي ڪراس ۾ اطلاع ڪري ڇڏينديس. ان عرصي ۾ ڪجهه ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. اهڙو ڪو ڪارڻ نظر نه ٿو اچي ته پيدائش قدرتي طور تي نه ٿئي ۽ آپريشن ڪرڻ جي نوبت اچي. پر ٻچي داني سوڙهي آهي، ٻار جي مٿي جي پوزيشن ٺيڪ ناهي. هن وقت سور ناهن ۽ ڇڪ به گهٽ آهي. اهي ڳالهيون پريشان ڪندڙ ته آهن پر في الحال ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. ان جو دارومدار ان ڳالهه تي آهي ته ويم وقت سور ڪيئن ٿين ٿا. ان وقت ئي صحيح خبر پئجي سگهي ٿي."

جڏهن ٻئي ڏينهن يوري فون ڪيو ته اسپتال جي دربان کيس چيو ته ٿورو انتظار ڪري ته جيئن هو معلوم ڪري سگهي. ڏهن منٽن تائين کيس انتظار جي عذاب ۾ رکڻ کان پوءِ هن کيس رکي نموني اڻ پورو جواب ڏنو ته، "هو چون ٿا ته ان کي ٻڌايو ته هو پنهنجي زال کي وقت کان گهٽو اڳ وٺي آيو آهي ۽ هاڻي ان کي واپس وٺي وڃي."

يوري ڪاوڙ مان کيس چيو ته هو ڪنهن ٻئي ذميوار ماڻهوءَ کي سڏي وٺي. نيٺ نرس ٽيليفون تي ڳالهائيندي چيو، " نشانيون گمراهه ڪندڙ به ٿي سگهن ٿيون. ڊاڪٽر کي پريشان ٿيڻ نه گهرجي. ڏينهن ٻن ۾ سڀ خبر پئجي ويندي."

ٽئين ڏينهن کيس ٻڌايو ويو ته ويم جا سور پوئين رات کان شروع ٿي چڪا هئا ۽ صبوح ساجهر کان وقفي وقفي سان سور شديد ٿي رهيا هئا. هو فوراً اسپتال روانو ٿي ويو. هوُ راهداري مان گذرندي دروازي تائين پهتو، جيڪو اڌ کليل رهجي ويو هو ته هن تونيا جون هنياءُ ڏاريندڙ رڙيون ٻڌيون. هوءَ ائين رڙيون ڪري رهي هئي جيئن ڪنهن حادثي ۾ ڦٽيل شخص کي، جنهن جا عضوا ڇچرجي ويا هجن، ٽرين جي ڦيٿن هيٺان ڇڪي ڪڍيو ويندو هجي.

کيس تونيا کي ڏسڻ جي اجازت نه ملي. پنهنجن ننهن کي چٻاڙيندي ايسٽائين جو انهن مان رت نڪري آيو. هو دريءَ وٽ ويهي رهيو. ان وقت به اهڙو ئي هلڪو مينهن پئجي رهيو هو جيڪو گذريل ٻن ڏينهن کان وٺو پيئي.

هڪ نرس وارڊ کان ٻاهر آئي ۽ هن هڪ نئين ڄاول ٻار جا آواز ٻڌا.

”هوءَ محفوظ آهي، هوءَ محفوظ آهي.“ يوري خوشيءَ ۾ ٻڙ ٻڙ ڪئي.

”پٽ ڄائو آهي، هڪ ننڍو ڇوڪر، مبارڪ هجي.“ نرس خوش ٿيندي ٻڌايو. ”توهان هاڻي اندر نه ٿا وڃي سگهو. جڏهن هو همراهه واندا ٿيندا ته اسان توهان کي ڏيکاريندا سين. تڏهن توهان کي پنهنجي زال کي هڪ سٺو تحفو ڏيڻو پوندو. هن گهڻي تڪليف سٺي آهي، هي پهريون ٻار آهي. پهرئين ٻار جي پيدائش تي هميشه تڪليف ٿيندي آهي.“

”هوءَ خيريت سان آهي، هوءَ خيريت سان آهي.“ يوري گهڻو خوش هو. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته نرس ڪيس ڇا چئي رهي هئي ۽ ڪيس مبارڪباد ۾ ڇو شامل ڪري رهي هئي ڇڻ ته جيڪي ڪجهه به ٿيو هو ان ۾ سندس به هٿ هو. جڏهن ته هن جو نيٺ ان ۾ ڪهڙو ڪردار هو؟ پيءُ، پٽ.. هو نه ٿي سمجهي سگهيو ته اهڙي ريت پيءُ بڻجڻ تي ڪيس ڇو فخر ڪرڻ کپي. هو پيءُ بڻجڻ جي هن قدرتي تحفي تي ڪجهه به محسوس نه پئي ڪري سگهيو. سندس سمجهه ۾ اها ڳالهه ئي نه ٿي آئي. سندس لاءِ وڏي ڳالهه اها هئي ته ٽونيا جيڪا شديد خطري ۾ هئي، هاڻي خيريت سان هئي.

سندس هڪ مريض اسپتال جي ويجهو ئي رهندو هو. هو ان کي ڏسڻ لاءِ هليو ويو ۽ اڌ ڪلاڪ کان پوءِ موٽي آيو. ٻاهرئين ڪمري ۽ وارڊ جا دروازا اڌا اڌ کليل هئا. اهو ڄاڻڻ کان سواءِ ته هو ڇا ڪري رهيو هو، يوري ڪمري اندر هليو ويو. ٿلهي متاري ڊاڪٽر، جيڪا زناني شعبي جي انچارج هئي ۽ جنهن کي اڇو ڪوٽ پاتل هو، اوچتو اڳتي وڌي سندس رستو روڪي ورتو.

”نيٺ تون وڃين ڪيڏانهن پيو.“ هن پنهنجو ساهه روڪيندي آهستي چيو ته جيئن مريض ٻڌي نه سگهي. ”ڇا تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي؟ ايٽريقدر رت نڪرڻ کان پوءِ، جڏهن نفسياتي صدميسان گڏ زهر ڦهلجڻ جو خطرو به موجود آهي، اهو تنهنجو چڱو ورتاءُ آهي ۽ تون پنهنجو پاڻ کي ڊاڪٽر چوين ٿو.“

”منهنجو اهو مطلب نه هو ته ... مون کي بس هڪ نظر ڏسڻ ڏيو. بس هتان هن سوراخ مان.“

”اوه ٺيڪ آهي، اها ٻي ڳالهه آهي، ٺيڪ آهي، جيڪڏهن تون اهوئي چاهين ٿو پر ان جي برخلاف ٿيڻ نه گهرجي. جيڪڏهن هن تو کي ڏٺو ته آئون تنهنجي گردن مروڙي ڇڏيندس، هتي قتل ٿي ويندو.“

وارڊ ۾ ٻه عورتون اڇي يونيفارم ۾ دروازي ڏانهن پٺ ڪيو بيٺيون هيون. اهي دائي ۽ نرس هيون. نرس جي تريءَ تي هڪ نازڪ، رڙيون ڪندڙ ۽ روئندڙ انساني وجود هو جيڪو گهري ڳاڙهي رنگ جيان ڍهلجي ۽ سڪڙجي رهيو هو. دائي ائور وڌڻ کان اڳ سندس دن تي ڌاڳو ٻڌي رهي هئي. ڪمري جي وچ ۾ آپريشن واري ٽيبل تي تونيا ليٽيل هئي. بسترو ڪجهه مٿي ڪنيل هو. پنهنجي گهبرائٽ واري حالت ۾ يوري اهو سوچيو ته هو هڪ اهڙي ڊيسڪ جي مٿان ليٽيل هئي جنهن تي ٻيهي لکيو ويندو آهي.

مٿي ڇت جي ويجهو عام ماڻهن دان اوچي ٻـ‍ءِ ـي ستل تونيا ويم جي تڪليف ڪري بلڪل تڪل لڳي رهي هئي. يوريءَ کي هوءَ بلڪل اهڙي ٻيڙيءَ جيان لڳي رهي هئي جيڪا سامان لاهڻ کان پوءِ بندرگاهه جي وچ ۾ سڪون سان بيٺي هئي. هڪ اهڙي ٻيڙي جيڪا نون حياتين کي ڪٽي موت جي سمنڊ مان گذرندي ڪنهن محفوظ سرزمين تائين پهتي هجي. هڪ اهڙي ئي زندگي هاڻ ٻيڙيءَ مان ڪناري تي لٿي هئي ۽ ٻيڙي هاڻي لنگر ڪيرائي اطمينان ۽ سڪون سان بيٺي هئي. ان جو سڄو وجود پرسڪون هو ۽ ان جي ذهن ۾ ڪنهن ٻئي ڪناري سان لڳڻ ۽ ساموندي سفر ڪرڻ جو ڪو خيال باقي نه رهيو هو.

جيئن ته ڪنهن شخص اهو ملڪ نه ڏٺو هو جتان اها ٻيڙي رواني ٿي هئي ان ڪري ڪوبه ان ٻوليءَ کان واقف نه هو جنهن ۾ هن سان ڳالهائي سگهجي ها.

يوريءَ کي اسپتال ۾ هر ڪنهن مبارڪباد ڏني. ڪيس اهو ڏسي حيرت ٿي ته اها خبر ڪيترو تيزيءَ سان ڦهلجي ويئي هئي.

هو اسٽاف جي ڪمري ۾ ويو جنهن کي ڪچري جو ڍير چيو ويندو هو. اسپتال ۾ جاءِ جي گهٽتائي جي ڪري ان کي عام استعمال جو ڪمرو ٺاهيو ويو هو. اتي ماڻهو ٻاهران پنهنجا برفاني جوتا پائي ايندا هئا. اهي پنهنجا بنڊل اتي ڀلجي ويندا هئا ۽ ڪمري جي پٽ تي ڪاغذ ۽ سگريٽ جا ٽوٽا اڇلائي ويندا هئا.

هڪ پوڙهو سرجن جنهن جي بدن جي کل لٽڪي پيئي هئي، دريءَ وٽ بيٺو هو. سندس هٿن ۾ شيشي جو هڪ ٿانءُ هو جنهن ۾ هڪ ميرا-ڇهڙي پاڻياٺ هئي جنهن کي پنهنجي عينڪ جي مٿان روشني ڏانهن ڪري ڏسي رهيو هو

"مبارڪ هجيو." هن مڙڻ کان سواءِ چيو.

"مهرباني، تمام گهڻي مهرباني."

"منهنجا ٿورا نه مڃ. منهنجو ان سان ڪو واسطو نه هو. پيچوزڪن پوسٽ مارٽم ڪيو هو پر هر ڪو قائل ٿي ويو. مرض اهو ئي هو جيڪو تو تشخيص ڪيو هو. هر ڪو اهو ئي چئي رهيو آهي ته تشخيص ڪيتري نه درست هئي. هر ڪو ان جو ذڪر ڪري رهيو آهي."

ان وقت انچارج ڊاڪٽر اندر آيو. هن ٻنهي کي ڪيڪاريو ۽ چوڻ لڳو،

"هن جاءِ کي ڇا پيو ٿيندو وڃي ۽ هتي ڪيتري نه گندگي آهي. ها زواگو، بيماري اهائي هئي. اسان غلطيءَ تي هئاسين. تو کي مبارڪ هجي. ها هڪ ٻي ڳالهه آهي. مڙيئي هڪ پريشاني آهي. انهن وري تو واري فهرست تي نظر وڌي آهي. هاڻي آئون تو کي روڪي نه ٿو سگهان. ڊاڪٽرن جي تمام گهٽي گهرجائي آهي. تو کي جلد ئي جنگ جو مزو چکڻو پوندو."

(6)

يورياتن ۾ انتيپوف زال مڙس جي توقع کان وڌيڪ آجيان ٿي. اتي جي ماڻهن گيشار گهراڻي کي محبت سان ياد رکيو هو جنهن ڳالهه لارا کي هڪ نئين جاءِ تي گهر وغيره جي انتظام ڪرڻ ۾ گهڻي مدد ڏني. ڪين هتي هاڻ چار سال ٿي ويا هئا.

لارا وٽ گهڻو ڪم هو. ڪيس گهڻين ڳالهين جو خيال رکڻو پوندو هو. ڪيس گهر جي انتظام سان گڏ پنهنجي ٽن سالن جي ڌيءَ ڪاتنڪا جي سار سنڀال به ڪرڻي پوندي هئي. رفندس ڳاڙهن وارن واري نوڪرياڻي مارفتڪا پنهنجي پڄندي هر ممڪن ڪوشش ڪندي هئي پر سڄو ڪم سنڀالي نه سگهندي هئي. ان سان گڏ لارا پنهنجي مڙس جي دلچسپي وارن ڪمن ۾ پڻ حصو وٺندي هئي ۽ ڇوڪرين واري اسڪول ۾ پڙهائيندي هئي. هوءَ لاڳيتو ڪم ڪندي هئي ۽ خوش هئي. اها ئي ته زندگي هئي جنهن جا هوءَ خواب ڏسندي هئي. ڪيس يورياتن پسند هو. هوءَ اتي ئي ڄائي هئي. اهو يورال جي ريلوي اسٽيشن ۽ هڪ وڏي دريا رنوا جي ڪپ تي واقع هو جنهن ۾ مٿئين حصي کان سواءِ ٻيڙيون هلي سگهنديون هيون.

يورياتن ۾ سردين جي مند اچڻ جي نشاني اها هوندي هئي ته ماڻهو پنهنجون ٻيڙيون درياءَ مان ٻاهر ڪڍي گاڏن ۾ رکي شهرن ۾ ڪٺي ايندا هئا ۽ پنهنجن گهرن جي اڱڻن ۾ رکي ڇڏيندا هئا. اهي ٻيڙيون بهار جي مند جي

اوسيئڙي ۾ اگهاڙي آسمان هيٺان رکيل هونديون هيون. اڱڻ ۾ اونڌي رکيل بيڙين جو يورياتن ۾ اهو ئي مطلب ورتو ويندو هو جيڪو بيبن هنڌن تي سارس جي اڏري بيٺي هنڌ وجهڻ يا پهرين برفباري جو ورتو ويندو هو. انتيپوف زال مڙس جيڪو گهر مسواڙ تي ورتو هو ان جي اڱڻ ۾ بہ هڪ اهڙي ئي بيڙي رکيل هئي. ڪاتنڪا ان جي پاڇي ۾ ائين ڪيڏندي هئي ڄڻ اهو ڪو هوا گهر هجي.

لارا کي يورياتن جا طور طريقا، ڳالهائڻ جو لهجو ۽ اتان جي فيلٽ جي جوتن ۽ بنا پانهن جي ڪوٽ پاتل باشعور ماڻهن جي سادي خود اعتمادي گهڻو وڻندي هئي.

ان جي ابتڙ سندس مڙس پاشا، جيڪو ماسڪو جي هڪ ريلوي پورهيت جو پٽ هو، هڪ اهڙو شهري هو جنهن جي اصلاح ٿيڻ جو ڪو امڪان نظر نہ ٿي آيو. هو سندس پيٽ ۾ يورياتن جي ماڻهن کي وڌيڪ سخت معيارن تي پرکيندو هو. سندن اڻڄاڻائي ۽ اڻگائي کيس ڪاوڙائي ڇڏيندي هئي.

هاڻي اهو ظاهر پئي ٿيو تہ منجهس شين کي ترت سمجهڻ ۽ حاصل ڪيل ڄاڻ کي ذهن نشين ڪرڻ جي غير معمولي صلاحيت موجود هئي. ماضيءَ ۾ هن گهڻو پڙهيو هو جنهن جي لاءِ هو لارا جو ٿورائتو هو. ان پوئتي پيل شهر ۾ پنهنجي قيام دوران هن ايترو گهڻو پڙهي ورتو هو جو لارا جي ڄاڻ کي گهڻي اهميت نہ ڏيندو هو. کيس پنهنجي اسڪول ۾ گڏ پڙهائيندڙ استادن تي مٿڀرائپ حاصل هئي ۽ ان ڳالهہ جي شڪايت رهندي هئس تہ ساٿن گڏ رهڻ سان سندس ساهہ منجهندو هو ۽ هو گهٽ محسوس ڪندو هو. هاڻي جنگ جي زماني ۾ عام ماڻهو واري حب الوطني سندس پنهنجي ملڪ متعلق منجهيل خيالن سان هڪجهڙائي نہ رکندي هئي.

پاشا ڪلاسيڪي ادب ۾ ڊگري حاصل ڪئي هئي ۽ هاڻي لاطيني ٻولي ۽ آڳاٽي تاريخ پڙهائيندو هو. پر پنهنجي هاءِ اسڪول جي شروعاتي ڏينهن کان ئي سندس من اندر فطري علمن جهڙوڪ طبيعات ۽ حسابن لاءِ پسنديدگيءَ جو جذبو موجود هو جيڪو اوچتو نئين سر جاڳي پيو هو. انهن مضمونن کي گهر تي پڙهي هو يونيورسٽي جي معيار تي پهچي ويو هو ۽ سندس اهو ارادو هو تہ هو ڪنهن سائنس جي شعبي ۾ ڊگري وٺي پنهنجي گهر وارن سان گڏ پيٽرزبرگ منتقل ٿي وڃي. رات جو دير تائين پڙهڻ سندس صحت تي خراب اثر وڌو هو ۽ کيس بي خوابيءَ جي شڪايت ٿي پيئي هئي.

پنهنجي زال سان سندس ناتا سٺا هئا پر انهن ناتن ۾ گهريل سادگي نہ هئي. سندس مهربانين ۽ سار سنڀال ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين کي اهميت ڏيڻ سان هو تنگ پيو ٿيندو هو. پر انهيءَ ڊپ کان تہ ڪٿي هوءَ سندس معمولي ڳالهہ کي بہ طعنو نہ سمجهي، هو مٿس تنقيد نہ ڪندو هو. ان ڳالهہ جو طعنو تہ هوءَ سندس پيٽ ۾ اعليٰ نسب سان واسطو رکندي هئي يا اهو تہ هوءَ ڪڏهن ڪنهن ٻئي جي رهي چڪي هئي مٿان منجهس اهو شڪ نہ پيدا ڪري تہ هو سندس متعلق غلط خيال رکندو هو. ان ڳالهہ هنن جي وچ ۾ فطري ناتن کي پيدا ٿيڻ نہ ڏنو هو ۽ هو بناوٽي انداز ۾ هڪ ٻئي سان گهٽتو سٺو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا هئا جنهن ڳالهہ حالتن کي وڌيڪ منجهائي ڇڏيو هو.

هڪ رات وٽن مهمان آيل هئا. لارا جي اسڪول جي هيڊ مسٽريس، سندس مڙس جي اسڪول جا ڪجهہ استاد، ٽياڪڙ عدالت جو رڪن جنهن جو تازو ئي پاشا بہ ميمبر رهي چڪو هو ۽ ڪجهہ ٻيا ماڻهو. پاشا جي خيال ۾ اهي سڀ پوري ريت بيوقوف هئا. هو لارا تي حيران هو جنهن جو مهمانن سان ورتاءُ ڏاڍو خوشگوار هو. کيس اهو يقين نہ پئي آيو تہ منجهانئن ڪو هڪ بہ اهڙو هجي جنهن کي لارا پسند ڪندي هجي.

مهمانن جي وڃڻ کان پوءِ ڪمرن جي صفائي ڪرڻ، شين کي صحيح جاءِ تي رکڻ ۽ رڌڻي ۾ مارفتڪا سان ٿانون ڌوئڻ ۾ لارا کي گهڻو وقت لڳي ويو. ان کان پوءِ هن ان ڳالهہ جي پڪ ڪئي تہ ڪاتيا کي صحيح نموني ڍڪي سمهاريو ويو هو يا نہ ۽ اهو تہ پاشا بہ سمهي چڪو هو يا نہ. هن تيزيءَ سان ڪپڙا لاٿا، بتي وسائي ۽ سندس پر ۾ ائين ليٽي پيئي جيئن ڪو ٻار پنهنجي ماءُ جي پر ۾ ليٽي پوندو آهي. پر پاشا رڳو سمهڻ جو بهانو ڪري رهيو هو. کيس گهڻي وقت کان بي خوابيءَ ۾ گهمڻ جي شڪايت هئي. اهو ڄاڻندي تہ کيس ڪجهہ ڪلاڪن تائين جاڳندو پوندو، هو اٿيو ۽ سمهڻ وارن ڪپڙن مٿان اوورڪوٽ ۽ ٽوپي پائي ٻاهر هليو ويو.

اها هڪ صاف ۽ ٿڌي رات هئي. برف جا هلڪا ٽڪرا سندس پيرن هيٺان ڀڄي پور پور پئي ٿيا. آسمان تي تارا چمڪي رهيا هئا ۽ هلڪي نيري روشنيءَ جا ڪرڻا ٻرندڙ شراب جي شعلن جيان ڪاري ڌرتي جي جميل گپ تي پئجي رهيا هئا.

انتيپوف زال مڙس دريائي بندرگاهہ کان شهر جي ٻي ڪنڌ تي رهندا هئا. سندن گهر گهٽيءَ ۾ سڀ کان آخر ۾ هو. ان جي پويان ٻني هئي جنهن جي وچ مان ريلوي لائين گذرندي هئي جنهن سان گڏ ريلوي ڪراسنگ ۽ ڪيبن هئي.

پاشا اونڌي ٿيل بيڙيءَ تي ويهي رهيو ۽ تارن ڏانهن ڏسڻ لڳو. گذريل ڪجهه سالن ۾ هو جن خيالن جو عادي ٿي چڪو هو، اهي هاڻي پريشان ڪندڙ طريقي سان مٿس حاوي ٿيڻ لڳا. ڪيس ائين لڳو ٿي ته جلد يا دير سان ڪيس انهن خيالن کي پنهنجي انت تي پهچائڻو پوندو ۽ چڱو ائين ٿيندو ته اهو هاڻي ئي ڪري ڇڏجي.

ائين ڪم نه هلي سگهندو، هن سوچيو. هو اها ڳالهه، گهٽ ۾ گهٽ اڳ، شاديءَ کان به اڳ، سوچي سگهيو ٿي.هن نيٺ ڪيس اها اجازت ڇو ڏني ته هو هڪ ٻار جيان پنهنجي دل وٽان ڪيس ڏسندو رهي؟ ان وقت به هو ڪيس پنهنجن اشارن تي هلائي پئي سگهي. ڪيس اهو عقل ڇو نه آيو ته هو ان وقت ئي ساڻس ناتو ٽوڙي ڇڏي ها جڏهن هن پاڻ ان لاءِ اصرار ڪيو هو؟ ڇا اهو ظاهر نه هو ته ڪيس ساڻس نه پر ان فرض سان محبت هئي جنهن کي هن وڏي دل سان پورو ڪرڻ چاهيو ٿي؟ ڪيس محبت هئي پنهنجي بهادري ۽ همت سان پر سندس اهو فرض جيڪو پلي ئي ڪيترو به شاندار ۽ سٺو ڇو نه هجي ان جو حقيقي گهريلو زندگيءَ سان ڪهڙو واسطو هو. ان ۾ بهترين ڳالهه اها هئي ته هو ساڻس اڄ به هميشه جيان بي انتها پيار ڪندو هو. هوءَ بي انتها سهڻي هئي ۽ پوءِ به ڇا ڪيس يقين هو ته سندس پاران به اها محبت ئي هئي يا وري اها سندس سونهن ۽ سخاوت آڏو عقيدت جو اظهار هو؟ انهن سيني ڳالهين جي انت تائين ڪير پهچي ٿي سگهيو.

پوءِ ڪيس ڇا ڪرڻ گهرجي؟ڪيس گهرجي ته هو پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي ان ڪوڙي زندگيءَ کان آزاد ڪري ڇڏي. اهو پنهنجو پاڻ کي آجي ڪرڻ کان به وڌيڪ اهم هو. ها پر ڪهڙي ريت؟ طلاق؟ پاڻ کي ٻوڙي مارڻ؟ ڇا بڪواس ۽ بيهودو خيال آهي! ڪيس ان خيال سان ئي نفرت ٿيڻ لڳي. "ان ڏک ڀريل ناٽڪ جي ريهرسل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

هن تارن ڏانهن ڏٺو جيئن انهن کان صلاح وٺندو هجي. سڀ تارا، ننڍا يا وڏا، اڪيلا يا جهرمٽ ۾، ڪي نيرا ۽ ڪي انڊلٺي رنگن ۾ ائين ئي چمڪندا رهيا. اوچتو اهي تارا غائب ٿي ويا ۽ گهر اڳڻ ۽ بيڙي تي ويٺل پاشا سڀ تيز روشنيءَ ۾ وهنجي ويا. ائين ڄڻ ته ڪو ٽارچ ٻارينڊي ميدان مان ڦاٽڪ ڏانهن پڄي رهيو هجي. هڪ فوجي ٽرين دونهن جا هيڊا ڪڪر ۽ چڻنگون ڇڏيندي اولهه ڏانهن ويندي ڪراسنگ تان گذري هئي جيئن پيون گهٽيون انجڻيون گذريل سال کان

ڏينهن رات گذرنديون رهيون هيون. پاشا مرڪيو ۽ اٿي سمهڻ لاءِ اندر هليو ويو. ڪيس جواب ملي ويو هو.

## (7)

جڏهن لارا کي پاشا جي فيصلي جي خبر پيئي ته هوءَ پنڊ پهڻ ٿي ويئي. پهرين ته ڪيس پنهنجن ڪنن تي يقين ئي نه پئي ٿيو. "اها چريائپ آهي." هن سوچيو " اهو سندس خيالي ناهيل قلعن مان هڪ آهي. آئون ان تي ڪا توجهه نه ڏينديس ۽ هو به ان کي پلجي ويندو."

پر پوءِ ڪيس خبر پيئي ته هو ان لاءِ گذريل ٻن هفتن کان تياري ڪري رهيو هو. هن پنهنجا ڪاغذ پرتيءَ جي دفتر کي موڪلي ڇڏيا هئا. اسڪول ۾ سندس جاءِ تي ٻيو استاد اچي ويوهو ۽ ڪيس حڪم مليو هو ته هو اومسڪ جي فوجي تربيت واري اسڪول ۾ وڃي.

لارا ڳوٺاڻي عورت جيان رڙيون ڪري رني ۽ پاشا جو هٿ جهلي سندس پيرن ۾ ڪري پيئي. "پاشا پيارا پاشا." هن روئندي چيو. " اسان کي ڇڏي نه وڃ. ائين نه ڪر. اجا به وقت ناهي ويو. آئون سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪرائي ڇڏينديس. تنهنجو ته باقاعدي طبي معائنو به ناهي ٿيو ۽ تنهنجي دل، ..... ڇا توکي پنهنجو ارادو بدلائيندي شرم ٿو اچي؟ ۽ ڇا توکي پنهنجن گهر وارن کي پنهنجي ڪنهن چريائپ واري خيال تي قربان ڪرڻ ۾ شرم نه ٿو اچي؟ تون هڪ رضاڪار! سڄي زندگي تون ودييا تي کلندو رهيو آهين ۽ هاڻي تون مٿس رشڪ ڪرين ٿو. تون به هڪ آفيسر جي يونيفارم ۾ ڇاتي ڪڍي هلڻ ۽ جنگ جي رتو ڇاڻ ۾ حصو وٺڻ چاهين ٿو. پاشا توکي ڇا ٿي ويو آهي. تون ايترو ڇو بدلجي ويو آهين. آئون توکي سڃاڻي نه ٿي سگهان. يسوع مسيح جي واسطي ڪنهن رک رکاءُ کان سواءِ مون کي صاف صاف ٻڌاءِ ته ڇا روس کي ان جي ئي ضرورت آهي؟"

اوچتو ڪيس محسوس ٿيو ته اصل قصو ڇا هو؟ جيتوڻيڪ هو ان کي پوري ريت سمجهي نه پئي سگهي پوءِ به هوءَ اصل ڳالهه تائين پهچي ويئي. پاشا ڏانهنس سندس رويي کي غلط سمجهيو هو. هن ان ماءُ واري جذبي خلاف بغاوت ڪئي هئي جيڪو سڄي زندگي سندس محبت ۾ شامل رهيو هو ۽ ان ڳالهه کي سمجهي نه سگهيو هو ته اهڙي محبت عورت جي مرد لاءِ عام قسم جي محبت کان گهٽ نه پر مٿانهين هوندي آهي.

هن پنهنجي چپن ۾ چڪ وڌو ۽ ائين وسامي ويئي جڻ ته ڪيس مار ڏني ويئي هجي ۽ خاموشيءَ سان ڳوڙها پيئندي پاشا جو سامان ٻڌڻ لڳي. سندس وڃڻ کان پوءِ ائين لڳو ته جڻ سڄو شهر خاموش هجي. ايستائين ته آسمان ۾ اڏرندڙ ڪانگن جو تعداد به گهٽ ڏسڻ ۾ پئي آيو. "مادام، مادام." مارفتڪا ڪيس پنهنجي پاڻ ۾ آٽڻ لاءِ سڏيندي رهي. "ماما، ماما." ڪاتيا سندس ٻانهن ڇڪيندي ٻاتڙي آواز ۾ چوندي رهي. اها سندس زندگي جي سڀ کان وڏي شڪست هئي. سندس بهترين ۽ روشن اميدون تباهه ٿي ويون هيون.

سائبيريا مان پاشا جا جيڪي خط ايندا هئا، انهن مان سندس موڊ جي خبر پوندي رهندي هئي. ڪيس پنهنجي غلطي جو احساس ٿي ويو هو. هو پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي ڏاڍو ياد ڪندو هو پر ڪجهه مهينن کان پوءِ ڪيس هنگامي بنيادن تي ڪميشن ملي ويو ۽ پوءِ اهڙي ئي اوچتي نموني ڪيس محاذ تي موڪليو ويو. پنهنجي سفر ۾ هو نه ته يورپاتن جي ويجهڙائي کان گذريو ۽ نه ماسڪو ۾ ايترو وقت رهيو جو ڪنهن سان ملي سگهي.

محاذ کان سندس آيل خطن ۾ هو گهٽ مايوس نه ٿي لڳو. هن کو اهڙو شاندار ڪم ڪرڻ چاهيو ٿي جنهن جي ڪري هو اعزازي طور يا معمولي ڦٽجڻ جي صورت ۾ موڪل تي گهر وڃي سگهي ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن سان ملي سگهي. جلد ئي اهڙو موقعو ڪيس ملي ويو. برسيلوف جون فوجون دشمن جي صفن کي ٽوڙي اڳتي وڌي ويون هيون ۽ حملا ڪري رهيون هيون. پاشا جا خط اچڻ بند ٿي وياهئا. شروعات ۾ لارا کي فڪر نه ٿيو. هن سندس خاموشيءَ جو ڪارڻ فوجي ڪارروائين کي سمجهيو ته جڏهن سندس ريجمنٽ اڳتي وڌي رهي هوندي ته هو خط نه لکي سگهندو هوندو. پر سرءُ جي مند ۾ اڳتي وڌڻ جي رفتار گهٽجي ويئي هئي ۽ فوجون مورچا ٺاهي رهيون هيون پر پوءِ به ڪا خبر نه آئي. ڪيس فڪر ٿيڻ لڳو ۽ هن پڇا ڪرڻ شروع ڪئي. پهرين مقامي طور يورياتن ۾ ۽ پوءِ ٽپال ذريعي ماسڪو ۽ سندس پراڻي محاذ جي پتي تي، پر ڪيس ڪوبه جواب نه مليو. لڳو پئي ته ڪنهن به شخص کي سندس متعلق ڪا ڄاڻ نه هئي.

بين مقامي عورتن جيان لارا به شهر جي اسپتال سان لاڳاپيل فوجي وارڊ ۾ هٿ ونڊائيندي هئي. هاڻي هن باقاعدي محنت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. نرسنگ جو امتحان پاس ڪيائين. اسڪول مان ڇهن مهينن جي موڪل

ورتائين ۽ گهر مارفتڪا جي حوالي ڪري ڪاتياڪي ماسڪو وٺي ويئي. ڪيس ليپا وٽ ڇڏيائين جيڪا اڪيلي رهي هئي ۽ جنهن جي مڙس فريسڊنڪ. جيڪو هڪ جرمن هو.ڪي ٻين دشمن شهرين سان گڏ اوفا وٽ قيد رکيو ويو هو.

ڪيس پڪ ٿي ويئي هئي ته ٽپال رستي ڪا خبر حاصل ڪرڻ ناممڪن هو، ان ڪري هن پاڻ ٻين طريقن سان پاشا جي پتي لڳائڻ جو فيصلو ڪيو. اهو سوچي هن هڪ اسپتال نرين ۾ نوڪري ورتي جيڪا هنگري جي سرحد تي ميزولابورڪ وچي رهي هئي. پاشا پنهنجي آخري خط ۾ اهو ئي پتو ڏنو هو.

(8)

ريڊ ڪراس جي هڪ نرين ماڻهن پاران زخمين لاءِ ڏنل امدادي سامان جيڪو تاتيانا جي امدادي ڪميٽي گڏ ڪيو هو، ڪٽي ڊويزنل هيڊڪوارٽر تي پهتي. اها هڪ ڊگهي نرين هئي جنهن ۾ ننڍا مال گاڏا لڳل هئا. ان ۾ رڳو هڪ فرسٽ ڪلاس جو ڊبو هو جنهن ۾ اهي معزز هئا جيڪي ماسڪو مان فوجين لاءِ تحفا ڪٺي آيا هئا. انهن ۾ گورڊن به هو. ڪيس خبر هئي ته سندس ننڍپڻ جو دوست زواگو ڊويزنل اسپتال ۾ ڪم ڪري رهيو هو. اهو معلوم ڪري ته اسپتال هڪ ويجهي ڳوٺ ۾ آهي، هن ان علائقي ۾ وڃڻ لاءِ ضروري اجازت نامو ورتو ۽ هڪ گهوڙي گاڏي ۾ ويهي اوڏانهن روانو ٿي ويو.

ڊرائيور يا ته باڻلو روس يا وري ليٿونيا جو رهواسي هو جيڪو پڇل ٽٽل روسي ڳالهائي رهيو هو. جاسوسن جي ڊپ ڪري هن پنهنجي ڳالهه ٻولهه ڪي رڳو رٽيل سرڪاري موقف تائين ئي محدود رکيو. سندس ڳالهه ٻولهه جي ان غير معمولي وفاداريءَ کان تنگ ٿي گورڊن گهڻو رستو مات ڪري ويٺو رهيو.

هيڊڪوارٽر جتي ماڻهو فوجن جي چرپر جا عادي هئا ۽ فاصلن جو اندازو سئو ميلن جي حساب سان لڳائيندا هئا ڪيس ٻڌايو ته ڳوٺ بلڪل ئي ويجهو هو. گهٽي ۾ گهٽو پندرنهن ميل پر حقيقت ۾ اهو فاصلو اٽڪل پنجاهه ميل ڪن هو.

سڄي رستي ۾ سندس ڪابي پاسي کان آسمان مان غير دوستانا آواز ايندا رهيا. گورڊن کي زلزلي جو ڪو تجربو نه هو. پر هن ٺيڪ طرح سوچيو ته پري کان ايندڙ دشمن جي توپ خاني جو هيٺو آواز بلڪل زلزلي جي جهٽڪن سان پيدا ٿيندڙ آواز جيان ئي هو. شام جي وقت پري آسمان تي انهن توپن جي ڌماڪن جي

آواز سان گڏ هلڪي گلابي رنگ جي روشني چمڪندي هئي. اها صورتحال صبوح ٿيڻ تائين رهندي هئي.

هو تباهه ٿيل ڳوٺن مان گذريا. انهن مان ڪي خالي ٿي ويا هئا ۽ ڪجهه ۾ ماڻهو هيٺ زمين اندر ٺهيل تهه خانن ۾ رهيا پيا هئا. گهر مٽيءَ جو ڍير ٿي ويا هئا. انهن ٽٽل ڀريل عمارتن کي هڪ ويران ريگستان جيان هڪ ئي نظر ۾ ڏسي سگهجي پيو. پوڙهيون عورتون انهن رک جي ڍيرن ۾ جيڪي سندن پنهنجي گهرن جا ئي هئا، پنهنجين شين کي ڳولهي رهيون هيون ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين ڪندي ڪا شيءِ کين ملندي هئي ته اهي ان کي ڌار رکي ڇڏينديون هيون. ائين پئي لڳو ته اهي پاڻ کي اجنبي نظرن کان ائين محفوظ سمجهي رهيون هيون جيئن گهر جي ديوارن کين اڄ تائين به لڪائي رکيو هجي. انهن ڪنڌ ڪٽي گورڊن کي ڏنو ۽ سندس گاڏي گذرڻ کان پوءِ دير تائين کيس ڏسنديون رهيون. ائين ٿي لڳو ته چڻ هو ڪانئس پڇڻ چاهينديون هجن ته دنيا کي ڪڏهن عقل ايندو ۽ هو ڪڏهن امن امان سان پنهنجي زندگي گذاري سگهنديون.

اونداهي ٿيڻ کان پوءِ گاڏيءَ کي هڪ گشتي دستي روڪيو ۽ حڪم ڏنو ته وڏي رستي تي گاڏي نه هلائي وڃي. ڊرائيور کي ٻئي رستي جي ڄاڻ نه هئي. اهي اٽڪل ٻن ڪلاڪن تائين چڪر هڻندا رهيا پر کين رستي ڳولهڻ ۾ ڪاميابي نه ٿي. صبح جو سج نڪرڻ کان اڳ هو هڪ ڳوٺ ۾ پهتا جنهن جو نالو اهو ساڳيو هو جنهن کي انهن ڳولهيو پئي پر اتي ڪنهن کي به اسپتال بابت ڪا ڄاڻ نه هئي. خبر پيئي ته اتي هڪ ئي نالي وارا به ڳوٺ هئا. نيٺ صبوح سوير اهي اصل ڳوٺ پهچي ويا. جڏهن گاڏي ڳوٺ جي رستي تان گذري رهي هئي ته کين ڪيمومائيل ۽ آئيڊوفارم جي بوءِ محسوس ٿي ۽ گورڊن اتي اهو فيصلو ڪيو ته هو رات اتي نه ترسندو ۽ ٻڳو ڏينهن زواگو سان گذاري شام ۾ ريلوي اسٽيشن لاءِ روانو ٿي ويندو جتي هن پنهنجن ٻين دوستن کي ڇڏيو هو. پر حالتن جي ڪري کيس اتي هفتي کان وڌيڪ رهڻو پيو.

(9)

انهن ڏينهن ۾ هر اول دستن جي نقل حرڪت شروع ٿي ويئي هئي. ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ جتي گورڊن رهيل هو، روسي فوجون دشمن جي مورچن کي ٽوڙڻ ۾

ڪامياب ٿي ويون هيون. انهن جي پويان مددگار دستا هٽا جيڪي فاصلو وڌائيندا ٿي ويا. پر هاڻ اهي دستا پوئتي رهجي ويا ۽ سمورا هر اول دستا ڪنجي وچڻ جي ڪري هُو پڪڙجي پيا. قيدين ۾ ليفٽيننٽ انتيپوف بہ هو جنهن کي پنهنجي پلاٽون پاران هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي نيٺ مجبور ٿي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا هئا.

سندس متعلق غلط افواهہ هليل هئا. اهو خيال ڪيو پئي ويو تہ هو توپ جي هڪ گولي سان مارجي ويو هو ۽ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ڌرتيءَ ۾ پوزجي ويو هو. اها ڳالهہ سندس دوست ليفٽيننٽ جليلن جي حوالي سان چئي پيئي ويئي جيڪو ان وقت جڏهن انتيپوف حملي جي اڳواڻي ڪري رهيو هو. پهري ڏيڻ واري هڪ چوڪيءَ تان دوربين سان سمورو جائزو وٺي رهيو هو.

جليلن جيڪي ڪجهہ ڏٺو هو، اها هڪ حملي ۽ دستي جي هڪ عام تصوير هئي. دستي جي جوانن تيزيءَ سان ڊوڙندي غير فوجي علائقو پار ڪيو. اتي هڪ سڪل ٻني هئي جنهن ۾ سڪل ولون هوا ۾ لڏي ۽ لمي رهيون هيون. سندن مقصد اهو هو تہ آسٽريا جي فوجن کي سندن مورچن مان ٻاهر ڪڍي مٿن سنگينن سان حملو ڪن يا وري کين دستي بمن سان تباهہ ڪري ڇڏين. ڊوڙندڙ فوجين لاءِ اهو ميدان لامحدود هو. کين پنهنجي پيرن هيٺان ڌرتي ڊهڻ جيان نڪرندي ٿي لڳي. سندن ليفٽيننٽ پهرين تہ سڀ کان اڳتي ۽ پوءِ ساڻن گڏ پنهنجو ريوالور مٿي هوا ۾ لوڏيندو ڊوڙي رهيو هو. سندس وات رڙيون ڪرڻ ۽ نعرن هڻڻ ڪري هڪ ڪن کان ٻئي ڪن تائين سڄو کليل هو پر سندس آواز کي نہ تہ هو پاڻ ٿي ٻڌي سگهيو ۽ نہ ٿي ٻيا ٿي ٻڌي سگهيا. ٿوري ٿوري دير کان پوءِ اهي زمين تي ليٽي پيا ٿي. پوءِ سڀ گڏ اٿيا ٿي ۽ رڙيون ڪندي ڊوڙڻ ٿي لڳا. هر ڀيري هڪ بہ ڄڻا، جن کي گولي ٿي لڳي ٻين سان گڏ ٿي ڪريا ٿي پر سندن ڪرڻ جو انداز مختلف هو. هو ائين ڪريا ٿي جيئن جهنگل ۾ وڏيل وڻ ڪرندا آهن ۽ پوءِ ٻيهر اٿي کين سگهيا.

"اهي همراهہ گهٽي فائرنگ ڪري رهيا آهن. توپ خاني کي آٽيو." جليلن پريشانيءَ ۾ توپ خاني جي آفيسر کي چيو جيڪو سندس ويجهي ٻيٺو هو...." نہ ترس، بس هاڻي ٺيڪ آهي."

حملو ڪندڙ دشمن مٿان ڪڙڪڻ وارا ٿي هئا تہ توپ خاني جي گولي باري بند ٿي ويئي. ان اوچتي خاموشيءَ ۾ ڏسڻ وارن کي ائين لڳو ڄڻ هو پاڻ انتيپوف جي جاءِ تي موجود هجن. پنهنجن سپاهين کي دشمن جي خندقن تائين

وٺي آيا هجن ۽ ڪجهه منٽن ۾ همت ۽ طاقت جو ڪو شاندار ڪارنامو انجام ڏيڻ وارا هجن. سندن دل تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي هئي. ان وقت سورنهن انچن واري جرمن توپن جا ٻه گولا حملو ڪندڙن جي آڏو ڦاٽا ۽ پوءِ جيڪي ڪجهه به ٿيو اهو مٽي ۽ دونهن جي ڪارڻ ڪڪرن ۾ لڪي ويو.

"يا الله ختم ٿي ويا. اهي همراهه ختم ٿي ويا!" جليلن آهستگي سان چيو. سندس چپ اڇا ٿي ويا هئا ۽ ڪيس ان ڳالهه جو يقين هو ته ليفٽيننٽ ۽ سندس ساٿي فوجي مارجي ويا هئا. هڪ ٻيو گولو مشاهدو ڪرڻ واري چوڪي آڏو ڪريو. مشاهدو ڪندڙ تيزيءَ سان اتان محفوظ جاءِ ڏانهن وٺي ڀڳا.

جليلن ۽ انتيپوف هڪ ئي خندق ۾ گڏ رهندا هئا. انتيپوف جي مارجي وڃڻ کي قبولڻ کان پوءِ سندس دوست کي چيو ويو ته هو سندس ذاتي شيون، جن ۾ گهڻا فوٽو گراف به هئا، پاڻ وٽ سنڀالي رکي ۽ انهن کي سندس بيواهه تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪري.

جليلن جيڪو هڪ مڪينڪ هو، ان کي تازو ترقي ڏني ويئي هئي. تيورزن واري فليٽن جي بلاڪ جي چوڪيدار جلال الدين جو پٽ. ساڳيو ڇوڪرو جنهن کي يوسپڪا سڏيو ويندو هو ۽ جنهن کي گهڻو اڳ هڪ سيڪڙات جي حيثيت ۾ فورمين خودوليف مار ڏني هئي. پنهنجي ان ترقيءَ لاءِ هو ان شخص جو ئي ٿورائتو هو جيڪو کيس اڏيتون ڏيندو هو.

ڪميشنڊ آفيسر ٿيڻ وقت پنهنجي مرضيءَ جي خلاف ۽ بظاهر ڪنهن ڪارڻ کان سواءِ هن پنهنجو پاڻ کي محاذ جي پويان هڪ ننڍي شهر ۾ گيريزن ڪمانڊر جي عهدي تي مقرر ٿيندي ڏٺو. اتي وٽس نيم معذور فوجين جي دستي جي ڪمان هئي جن کي اٽڪل اهڙا ئي پوڙها انسٽرڪٽر روز صبح جو ورزش ڪرائيندا هئا جيڪا ٻنهي کي وسري ويئي هئي. جليلن کي ورزش ۽ ڪوارٽر ماسٽر جي اسٽور جي گارڊ تبديل ٿيڻ جي نگرانيءَ جو ڪم سونپيو ويو هو. ڪائنس ٻئي ڪنهن ڪم جي توقع نه پئي رکي ويئي. ڪيس دنيا ۾ ڪنهن قسم جو فڪر ۽ پريشاني نه هئي. ان وقت ماسڪو مان پوڙهن فوجين تي مشتمل محفوظ دستي کي جڏهن سندس ڪمان هيٺ موڪليو ويو ته انهن ۾ ڪيس پيوتري خودوليف جو ڇاتل سڃاتل ڇهرو به نظر آيو.

"واهه واهه هڪ پراڻو دوست." جليلن وڏا ٽهڪ ڏيندي چيو.

”ها سائين.“ خودوليف اٽينشن تي سلام ڪندي چيو.

اهو ناممڪن هو ته ڳالهه اتي ئي ختم ٿي وڃي ها. جڏهن ليفٽيننٽ ڊرل ڪندي پهريون ڀيرو ڪنهن سپاهي جي غلطي پڪڙيندو هو ته ان کي ترت ٻاهر اچڻ جو حڪم ڏيندو هو ۽ جڏهن ڏسندو هو ته هو بجاءِ ڏانهنس ڏسڻ جي هيڏانهن هوڏانهن پيو ڏسي ته ان جي منهن تي مڪ وهائي ڪڍندو هو ۽ ٻن ڏينهن تائين کيس قيدخاني ۾ رکڻ جو حڪم ڏيندو هو جتي کيس رڳو ماني ۽ پاڻي ملندو هو.

هاڻي خودوليف جي معاملي ۾ کيس پنهنجي هر ڪم ۾ تبديلي محسوس ٿيڻ لڳي هئي. سندن موجوده حيثيت ۽ قانون کي لٺ ذريعي لاڳو ڪرڻ کي نظر ۾ رکندي کيس اهو سڀڪجهه ڪريل ۽ غير معقول لڳڻ لڳو. ڇا پئي ٿي سگهيو؟ اهي ٻئي هڪ جاءِ تي رهي نه پئي سگهيا. پر هڪ آفيسر هڪ سپاهي کي پنهنجي يونٽ مان بدلي ڪرائڻ لاءِ ڪهڙو بهانو ڏيئي سگهيو ٿي ۽ جيڪڏهن اهي ڪارڻ ضابطي جي پڪڙيءَ سان لاڳاپيل نه هجن ته پوءِ ڇا هو کيس تبديل ڪري سگهيو ٿي؟ ٻئي پاسي جليلن جيڪڏهن پنهنجي بدلي لاءِ درخواست ڏئي ها ته ان ۾ ڪهڙا ڪارڻ ٻڌائي ها؟ هن پنهنجي بدليءَ لاءِ درخواست ڏيندي ڪارڻ ٻڌايو ته اتي بيڪار ويٺي هُو بيزار ٿي چڪو هو ۽ محاذ تي وڃڻ چاهي ٿو. ان سان سندس عزت وڌي ويئي ۽ جڏهن پهرين ڪارروائي ۾ هن پنهنجي سمورين صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو ته اها خبر پئجي ويئي ته منجهس هڪ بهترين آفيسر واريون صلاحيتون موجود هيون ۽ کيس فوراً ترقي ڏيئي ليفٽيننٽ مقرر ڪيو ويو.

انٽيپوف کي جليلن 1905ع کان تيورزن وارن ڏينهن کان سڃاڻندو هو جڏهن پاشا انٽيپوف ڇهه مهينا تيورزن جي گهر ۾ گذاريا هئا ۽ يوسيڪا آچر جي ڏينهن اتي ساڻس کيڏڻ ويندو هو. اتي به هڪ ٻه ڀيرا سندس لارا سان ملاقات ٿي هئي. ان کان پوءِ کيس انهن ٻنهي مان ڪنهن جي خبر نه ملي هئي. جڏهن انٽيپوف يورياتن مان آيو ۽ رجمنٽ ۾ شامل ٿيو ته جليلن کي پنهنجي دوست ۾ ايڏي تبديلي ڏسي تعجب ٿيو هو. شرميلو، شرارتي ۽ ڇوڪرين جهڙو ڇوڪرو هاڻي هڪ مغرور، سمجهدار ۽ مردم بيزار قسم جي ماڻهوءَ ۾ تبديل ٿي چڪو هو. هو ذهين، تمام گهڻو بهادر، گهٽ ڳالهائو ۽ تعريف جوڳو نوجوان هو. ڪڏهن ڪڏهن ڏانهنس ڏسندي جليلن کي سندس اداس اکين جي گهرائين ۾ اهڙو جذبو نظر

ايندو هو جيڪو پوري ريت مٽس حاوي ٿي ويو هو. پنهنجي ڏيءَ ۾ زال کي ڏسڻ جي خواهش سان هو اهڙي ريت مسحور ٿي ويندو هو جيئن پرستان وارين ڪهاڻين ۾ ٿيندو آهي. انتيپوف غائب ٿي ويو هو ۽ جليلن وٽ سندس ڪاغذ، تصويرون ۽ تبديليءَ جو حل نہ ٿيل اڻچاتل راز رهجي ويو هو.

جيئن اهو جلد يا دير سان ٿيڻو هو تہ جو لارا جيڪا پنهنجي مڙس بابت معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، جليلن سان بہ رابطو ڪيو. هن ڪيس جواب ڏيڻ چاهيو ٿي پر گهڻو مصروف هو. وٽس مناسب طريقي سان خط لکڻ لاءِ وقت نہ هو. سندس خواهش هئي تہ هو ڪيس ان صدمي لاءِ تيار ڪري. هوڪيس هڪ ڏکهو ۾ تفصيل سان خط لکڻ جو ارادو ٽاريندو رهيو ايستائين تہ ڪيس اها خبر پيئي تہ هوءَ پاڻ محاذ تي ڪٿي نرس جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهي هئي. هاڻ هن پاڻ نہ ٿي ڄاتو تہ ڪيس ڪهڙي پتي تي خط لکي.

(10)

”ڇا اڄ گهوڙا ملي سگهندا؟“ ڊاڪٽر زواگو جڏهن بہ پنهنجي مانيءَ لاءِ گهر ايندو هو تہ گوردن ڪائنس اهو ئي سوال ڪندو هو. هو بيئي گليشيا جي هڪ هاري جي گهر ۾ رهيا پيا هئا.

”في الحال ڪو امڪان ناهي پر تون ويندين ڪيڏانهن؟ تون ساڃي ڪاهي ڪٿي نہ ٿو وڃين سگهين. هتي هر پاسي ڊيڄاريندڙ قسم جي گڙ ٻڙ آهي. ڪو ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهي. ڏکڻ واري پاسي اسان جرمن فوج جي محاذ ۾ گهٽڻ هنڌن تان ڏار وجهي ڇڏيا آهن. مون کي خبر پيئي آهي تہ اسان جي گهٽڻ ئي ڇڙوڇڙ دستن کي گرفتار بہ ڪيو ويو آهي. اتر واري پاسي کان جرمن فوجن سونتيا کي هڪ اهڙي جاءِ تان پار ڪيو آهي جنهن کي ناقابل عبور گهاٽ سمجهيو ويندو هو. اهو سندن گهوڙيسوار فوج، جيڪا اتڪل هڪ ڪور تي ٻڌل آهي، ڪيو آهي. اهي ريلوي لائينن کي اڏائي رهيا آهن. رسد جي ذخيرن کي تباهہ پيا ڪن ۽ منهنجو اندازو آهي تہ هو اسان کي گهيري ۾ آڻي رهيا آهن. اها آهي جنگ، جي صورتحال ۽ تون گهوڙن جي ڳالهہ پيو ڪرين. ڪ ينڪو اڄ.“ هن پنهنجي اردلي کي سڏيندي چيو. ”رات جي ماني ۾ ڇاهي؟ گابي جا پاوا. تمام سٺو.“

طبي دستو پنهنجي اسپتال ۽ سموري ميڊيڪل واري سامان سوڌو ڳوٺ ۾ ڦهليو پيو هو جنهن کي هڪ معجزي جيان اڃا تائين ڪو نقصان نہ پهتو هو. گهرن

جون اولهہ جي طرز تي ٺهيل دريون اجا ساڳي ريت چمڪي رهيون هيون ۽ سندن هڪ شيشي کي بہ نقصان نہ پهتو هو.

گرم سونهري سرءُ جي پڇاڙي هندوستان جي گرمين واري مند ۾ بدلجي ويئي هئي. ڏينهن ۾ ڊاڪٽر ۽ ڪامورا دريون کولي ڇڏيندا هئا۽ مکين کي پيا هڻائيندا هئا. هوءَ پنهنجين فوجي وردين ۽ اسپتال جي ڪوٽن جا بٽڻ کولي ڇڏيندا هئا ۽ پگهر ۾ شم گوبيءَ جي شوربو يا چانهہ جا ڍڪ پيا پريندا هئا. رات ٿاڌي اهي همراهہ سگري آڌو ويهي رهندا هئا ۽ وسامندڙ باهہ کي ڦوڪون ڏيئي پيا ٻاريندا هئا جنهن جي ڪري سندن اکيون دونهون ڪارڻ ڳاڙهيون ٿي وينديون هيون ۽ هو پنهنجي اردلين کي پيا گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا تہ ڪين برابر باهہ ٻارڻ ڪانہ ٿي آئي.

اجا رات جو وقت ٿي هو جو گوردن ۽ زواگو هڪ ٻئي ڏانهن منهن ڪيو ٻن پلنگن تي ليٽيا پيا هئا. سندن وچ ۾ مانيءَ جي ميز ۽ ديوار جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ڊگهي هيٺين دري هئي. ڪمرو ضرورت کان وڌيڪ گرم هو ۽ ان ۾ تماڪ جو دونهن پريل هو. انهن آخر واريون ٻہ ڇاريون تازي هوا لاءِ کولي ڇڏيون هيون ۽ پاڻ ۾ڪچهري ڪرڻ لڳا. محاذ واري پاسي ڏانهن آسمان تي گلابي روشني چمڪي رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن رائفلن جو لاڳيتو آواز ڌماڪي جي هڪ آواز سان ٽٽي ٿي ويو جنهن سان ڌرتي ائين لڏڻ ٿي لڳي ڄڻ تہ فولاد جي ٺهيل ڪنهن ڳري باڪس کي پٽ تي گيساٽا تي ڏنا ويا جنهن سان ان جو رنگ بہ ڦٽو ٿي. ان وقت زواگو ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو ٽوڙي ڇڏيندو هو ڄڻ تہ هو ڌماڪي جي آواز جو احترام ڪري رهيو هجي. وري ڪجهہ دير ترسي چوندو هو، "اهو برٿا جو آواز آهي. جرمني جي سورنهن انچ منهن واري توپ جنهن جو وزن چوويهہ سو پائونڊ آهي." پوءِ ڳالهہ ٻولهہ جو سلسلو شروع ڪندي هو اهو پلجي ويندو هو تہ اهي ڪنهن جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئا.

"اها ڪهڙي بوءِ آهي جيڪا سڄي ڳوٺ ۾ ڦهليل آهي؟"گوردن پڇيو. "مون هتي پهچندي ئي اُن کي محسوس ڪيو هو. ان سان طبيعت خراب ٿيڻ ٿي لڳي، بلڪل جيئن ڪوئي جهڙي بوءِ هجي."

" آئون تنهنجو مطلب سمجهي ويس. اها ڀنگ آهي جيڪا هتي گهٽي ٿئي ٿي. ان ٻوٽي ۾ مئل جانورن جهڙي بدبوءِ هوندي آهي ۽ وري جنگ واري علائقي

۾ مرڻ وارن جا مڙهه گهٽي وقت تائين پنگ جي پوڪ ۾ لڪل هوندا آهن. ايستائين جو انهن جي ڳرڻ ۽ سڙڻ جو عمل شروع ٿي ويندو آهي. پڪ سان مٿين جي بوءِ هر پاسي ڦهليل آهي. اها فطري ڳالهه آهي. تو اهو آواز ٻڌو؟ اهو وري برڻا جو آواز آهي."

گذريل ڪجهه ڏينهن ۾ انهن سڄي دنيا جون ڳالهيون ڪيون هيون ۽ گورڊن کي جنگ متعلق پنهنجي دوست جي خيالن ۽ ماڻهن جي سوچ تي ان جي اثرن متعلق معلوم ٿي ويو هو. زواگو کيس ٻڌايو هو تہ هن لاءِ هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ واري ظالماڻي منطق کي قبولڻ ڏکيو هو. ساڳي ريت هو زخمين کي ڏسڻ جو بہ عادي نہ هو ۽ خاص طور تي ڪجهه اهڙا موتمار ڦٽ جيڪي ان دور ۾ عام ٿي ويا هئا. سندس لاءِ انهن ماڻهن جو خيال ئي ڊيڄاريندڙ هو جن کي جنگ جي جديد طريقن گوشت جي هڪ بدصورت ٽڪڙي جيان بڻائي ڇڏيو هو.

ساڻس روز گهمڻ ڦرڻ جي ڪري گورڊن بہ ڊيڄاريندڙ منظر ڏٺا هئا. هن اهو سمجهيو ٿي تہ اها هڪ غير اخلاقي ڳالهه ٿيندي تہ ٻين کي همت سان تڪليفن کي منهن ڏيڻ، موت جي ڊپ تي حاوي ٿيڻ جي غير معمولي ڪوشش ڪرڻ، جوکم کڻڻ ۽ ان جي قيمت ادا ڪرڻ کي خاموشيءَ سان ڏسندو رهجي. پر هن اهو نہ ٿي سوچيو تہ ان سيڪجهہ تي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ ڪا گهٽ غير اخلاقي ڳالهه نہ هئي. هو حالتن موجب، جيڪي زندگيءَ سندس لاءِ پيدا ڪيون هيون، سادگي ۽ ايمانداريءَ سان عمل ڪرڻ تي يقين رکندو هو.

اها ڳالهه تہ زخمين کي ڏسي بيهوش بہ ٿي سگهجي ٿو، هن پنهنجي ان تجربي مان سکي هئي جڏهن هو محاذ جي پويان ريڊڪراس جي ابتدائي طبي امداد جي هڪ مرڪز تي ويو هو.

اهي ٻيلي جي صاف حصي ۾ آيا جتي توپ خاني جي گولاباري ڪري گهڻو نقصان ٿيو هو. پڳل ۽ لتاڙيل ٿارين ۾ توبن کي ڪٽي ويندڙ گاڏيون ٽٽل ڦٽل حالت ۾ اونڌيون ٿيون پيون هيون. هڪ گهوڙو وڻ سان ٻڌل هو. ٻيلي ۾ اڳتي هلي ٻيلي واري شعبي جي عمارت هئي جنهن جي اڌ ڇت اڏامي ويئي هئي. ابتدائي طبي امداد جو مرڪز ان عمارت ۽ رستي جي ٻئي پاسي لڳايل ٻن وڏن تنبن ۾ قائم هو.

"مون کي تو کي هتي وٺي اچڻ نہ گهربو هو." زواگو چيو. "خندقون رڳو هڪ ٻن ميلن جي مفاصلي تي آهن ۽ اسان جون توبون اتي ٻيلي جي پويان آهن. تون

ٻڏين سگهين ٿو ته اتي ڇا پيو ٿئي، ان ڪري هير و ٻنجڻ جي ڪوشش نه ڪر. ڇاڪاڻ ته تو جيڪڏهن ائين ڪيو ته آئون ان جو يقين نه ڪندس. تون ڏپ وچان صفا اڌ مئو ٿي ويندين ۽ اها بلڪل هڪ فطري ڳالهه آهي. صورتحال ڪنهن وقت به بدلجي سگهي ٿي ۽ توهين جا گولا هتي به ڪري سگهن ٿا.“

ٿڪل نوجوان سپاهي جن کي وڏا بوٽ ۽ مٽيءَ هاٿيون ورديون پيل هيون جيڪي پگهر جي ڪري ڇاتي ۽ ڪلهن وٽان ڪاريون ٿي ويون هيون. پٽي يا پيٽ پر سڙڪ جي ڪناري گسڪي رهيا هئا. اهي هڪ تباهه ٿيل يونٽ جا بچي ويل سپاهي هئا جن کي ڇئن ڏينهن جي خوني ويڙهه ... ان پوءِ پٺتي هٽايو ويو هو ۽ ٿوري آرام لاءِ محاذ کان پوئتي موڪليو پئي ويو. اهي اهڙي ريت ليٽيل هئا ڄڻ اهي پٿر جا ٺهيل هجن. منجهن مرڪڻ يا ڳنهائڻ جيتري قوت به نه هئي ۽ جڏهن گهٽيون گاڏيون ڪڙڪڙ ڪنديون رستي تان تيزيءَ سان گذريون ته منهجانئن ڪنهن ڪنڌ مٿي ڪئي انهن کي ڏٺو به نه. اهي گولا بارود جون گاڏيون هيون جن ۾ اسپرنگ لڳل نه هئا. انهن ۾ قتيل سپاهي پريل هئا جن کي گاڏين جي هلڻ سان ايڏي زور سان ڌڪا لڳي رهيا هئا ڄڻ سندن هڏ ٽٽي رهيا هجن. ڪين ابتدائي طبي امداد واري مرڪز ڏانهن نيو پئي ويو جتي زخمين جي مرهم پٽي ٿيندي ۽ جن جي حالت وڌيڪ خراب هوندي، انهن جو آپريشن ڪيو ويندو. اٽڪل اڌ ڪلاڪ کن اڳ توپخاني جي گولي باري ۾ وقفي اچڻ ڪري انهن همراهن کي جنگ جي ميدان مان آندو ويو هو. زخمين جو تعداد تمام گهڻو هو ۽ منجهانئن تمام گهڻا بي هوش هئا.

جڏهن گاڏيون پورچ آڏو بيٺيون ته اردلي اسٽريچر کڻي ٻاهر آيا ۽ ڪين گاڏين مان هيٺ لاٿو ويو. هڪ نرس هڪ تنبو جو پردو مٿي کڻي بيٺي ٻاهر ڏسندي رهي. هوءَ ڊيوٽيءَ تي نه هئي. ٻه همراهه جيڪي تنبن پويان ٻيلي ۾ ڪنهن ڳالهه تي زور زور سان بحث ڪري رهيا هئا ۽ جن جا آواز ڏگهن وڻن ۾ گونجي رهيا هئا پر اکر ٻڌڻ ۾ نه پئي آيا، ٻاهر نڪتا ۽ رستي تي هلندي دفتر ڏانهن هلڻ لڳا. منجهانئن هڪ همراهه هڪ جذباتي ليفٽيننٽ هو جيڪو گشتي دستي جي ڊاڪٽر تي رڙيون ڪري رهيو هو. ٻيلي جي صاف ٿيل علائقي ۾ توپن بيهارڻ جي جاءِ هئي ۽ هن ڄاڻڻ پئي چاهيو ته ان کي هٽائي ڪٿي منتقل ڪيو ويو هو. ڊاڪٽر کي ان ڳالهه جي ڄاڻ نه هئي. اهو سندس ڪم نه هو. هن ليفٽيننٽ کي منٿ ڪئي ته هو رڙيون ڪرڻ بند ڪري ۽ کيس اڪيلو ڇڏي ڏي. زخمي

پهچي ويا هئا ۽ هو تمام گهڻو مصروف هو پر ليفٽيننٽ ريڊڪراس، توپخاني جي ڪمان ۽ سڄي دنيا کي ٿي ست سريون پئي ٻڌايون. زواگو هلندو ڊاڪٽر وٽ ويو. ٻنهي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو ۽ دفتر اندر هليا ويا. ليفٽيننٽ جيڪو اجا تائين تاتاري لهجي ۾ وڏي واڪي بڪ بڪ ڪري رهيو هو پنهنجو گهوڙو کولي ان تي سوار ٿي تيزيءَ سان ان کي ڊوڙائيندو رستي تان ٽينڊو پيلي ۾ هليو ويو. نرس اجا تائين ڪيس ڏسي رهي هئي.

اوچتو سندس منهن مان ڊپ ظاهر ٿيڻ لڳو. "توهان ڇا پيا ڪريو؟ ڇا توهان جو مٿو ڦري ويو آهي؟" هن ٻن سپاهين کي رڙ ڪري چيو جيڪي گهڻو زخمي نه هئا ۽ ڪنهن مدد کان سواءِ اسٽريچرن جي وچ ۾ هلي رهيا هئا. هوءَ ڊوڙندي انهن ڏانهن ويئي. اردلي هڪ همراهه کي کڻي پئي آيا جنهن جو جسم وحشت ناڪ حد تائين بگڙيل هو. توب جي گولي جي ٽڪري سندس منهن کي بگاڙي سندس جڀ ۽ چپن جو قيمو بڻائي ڇڏيو هو. اهو ٽڪرو سندس منهن جي هڏي اندر گهڙي ويو هو پر هو اجا جيئرو هو. هو هڪ ڌيمي غير انساني آواز ۾ ڪنجهي رهيو هو. ڪوبه انهن آوازن جو ان کان سواءِ ٻيو ڪو مطلب نه پئي ڪڍي سگهيو ته هو ڪانئن اها وينتي ڪري رهيو هو ته ڪيس ترت ختم ڪيو وڃي ته جيئن هو هن نه سهڻ جوڳي تڪليف کان آجو ٿي سگهي.

نرس اهو تاثر ورتو ته اهي ٻئي سپاهي جيڪي معمولي ڦٽيل هئا ۽ اسٽريچر جي ويجهو هلي رهيا هئا، ان زخميءَ جي رڙ ين کان ايڏو گهڻو متاثر ٿي ويا هئا جو لوهه جي ان ٽڪري کي پنهنجن هٿن سان ڇڪي ڪڍڻ پيا چاهين.

"توهان ائين نه ٿا ڪري سگهو. اهو ڪم سرجن جو آهي. وٽس خاص اوزار آهن ۽ اهو به جيڪڏهن ائين ڪرڻ ضروري ٿيو ته." اوه خدا اوه خدا! هن کي پاڻ وٽ گهرائي وٺ ته جيئن آئون تنهنجي وجود تي شڪ نه ڪيان."

ٻئي پل جڏهن ڪيس ڏاڪڻ تان مٿي کڻي پئي ويا ته هن زور سان رڙ ڪئي ۽ هڪ پيرو ڪنبي ختم ٿي ويو.

جيڪو همراهه تازو مئو هو اهو جمال الدين هو ۽ اهو آفيسر جيڪو ڪجهه وقت اڳ جهنگل ۾ ڪاوڙ ۾ رڙيون ڪري رهيو هو، سندس پٽ ليفٽيننٽ جليلن هو ۽ نرس لارا هئي. گورڊن ۽ زواگو به ڏسڻ وارن مان هئا. اهي سڀ اتي ان هڪ جاءِ تي گڏ هئا ۽ ڪجهه ڳالهيون اهڙيون هيون جن متعلق ڪڏهن به يقيني ڄاڻ نه ملي سگهي ۽ ڪجهه اهڙيون هيون جيڪي ڪنهن ايندڙ موقعي تي ظاهر ٿيڻيون هيون.

(11)

هن علائقي ۾ ڳوٺ معجزانه طور تي محفوظ رهجي ويا هئا. اهي تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي سمنڊ ۾ ڄڻ ته حفاظت جا نه ڳٽڻ ۾ اڃڻ جهڙا ٻيٽ هئا. هڪ ڏينهن شام جي وقت گورڊن ۽ زواگو گاڏي‌ءَ ۾ گهر واپس وڃي رهيا هئا ته هڪ ڳوٺ مان گذرندي هنن هڪ نوجوان قازق کي ڪلنڊڙ ماڻهن جي گهيري ۾ ڏٺو. ان قازق پنج ڪوپيڪ جو هڪ سڪو هوا ۾ اڇلايو ٿي جنهن کي هڪ اڇي ڏاڙهي واري ڏکهي جبي پاتل يهودي کي جهٽڻ لاءِ مجبور ڪيو ٿي ويو. پوڙهو همراهه اهڙي هر ڪوشش ۾ ناڪام رهيو. سڪو سندس ڦهليل هٿن مان ترڪندو هيٺ گپ ۾ ٿي وڃي ڪريو. جڏهن هو پوڙهو ان کي ڪڻڻ لاءِ جهڪيو ٿي ته ان قازق کيس ڌڪ ٿي هنيا جنهن جي ڪري ڏسندڙ کل ۾ ڄڻ ته اونڌا پئي ٿيا. تفريح جي اها ئي هڪڙي شيءِ هئي. ان وقت ته اها رانڊ بلڪل بي ضرر هئي. پر ڪو يقين سان نه ٿي چئي سگهيو ته اها ڪو سنگين رخ اختيار نه ڪندي. ٿوري ٿوري دير ۾ پوڙهي جي زال گهران نڪري پڄندي رستي تي ٿي آئي ۽ رڙيون ڪري پنهنجا هٿ ڏانهنس ڦهلائي وري ڊپ وچان پوئتي ٿي پئي. ٻه ننڍيون ڇوڪريون دريءَ مان پنهنجي ڏاڏي کي ڏسي روئي رهيون هيون.

گاڏي هلائيندڙ کي اهو سڀ ڪجهه انتهائي دلچسپ لڳو ۽ هن پنهنجي رفتار آهستي ڪئي ته جيئن مسافر به ان مان مزو وٺن. پر زواگو قازق کي سڏي کيس سخت ڳالهايو ۽ حڪم ڏنو ته پوڙهي همراهه کي ڇڏي ڏي.

”نيڪ آهي سائين!“ هن هڪدم جواب ڏنو. ”اسان کي خبر نه هئي. اسان ته اهو رڳو تفريح ڪاڻ ڪري رهيا هئاسين.“

گورڊن ۽ زواگو خاموش هلندا ويا ايستائين جو کين پنهنجو ڳوٺ نظر آيو.

”اها نهايت خراب ڳالهه آهي.“ يوري چيو. ”تون اندازو نه ٿو ڪري سگهين ته هن جنگ ۾ انهن غريب يهودين کي ڪهڙين حالتن مان گذرڻو پيو آهي. جنگ انهن علائقن ۾ ٿي رهي آهي جتي کين رهڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي. ڄڻ ته تعزيري معمول، سندن ملڪيتن جي تباهي ۽ ٻيون مصيبتون ڪافي نه هيون جو هاڻي کين انهن الزامن کي به منهن ڏيڻو پيو پوي ته منجهن حب الوطني جي جذبي جي کوٽ آهي ۽ هو ڇو محب وطن ٿين جڏهن ته دشمن به کين برابري وارا حق ٿو ڏي ۽ اسان کين سواءِ ايذا پهچائڻ جي ٻيو ڪجهه به نه ٿا ڏيون. هنن لاءِ

نفرت جو بنياد ئي نامعقوليت تي ٻڌل آهي. اها نفرت انهن شين مان پئدا ٿي آهي جن مان همدردي پيدا ٿيڻ گهرجي يعني غربت، رهڻ جي جاين جي کوٽ، سندن ڪمزوري ۽ مزاحمت جو نہ هئڻ. آئون اهو سڀ ڪجهہ نہ ٿو سمجهي سگهان. ان ۾ ڪجهہ قسمت جو عمل دخل آهي."گورڊن ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

(12)

اهي ٻيئي هڪ پيرو ٻيهر پنهنجي پلنگن تي دريءَ جي پاسن کان ڪچهري ڪري رهيا هئا.

زواگو گورڊن کي ٻڌائي رهيو هو تہ هن ڪيئن هڪ ڀيرو زار کي محاذ تي ڏٺو هو.

فوج سان گڏ يوريءَ جي اها پهرين بهار جي مند هئي. هو هڪ اهڙي دستي سان گڏ هو جنهن هنگريءَ کان ڪارپيٿين جبلن ۾ موجود ماٿري وارو رستو روڪي رکيو هو. ان رستي جو هيڊڪوارٽر ان ماٿريءَ ۾ ئي هو.

ان ماٿريءَ جي هيٺين ڪنڌ تي هڪ ريلوي اسٽيشن هئي. زواگو سڄي جاءِ جي تصوير ڪشي ڪئي. جبلن تي سرو ۽ صنوبر جا وڻ وڏي تعداد ۾ هئا جن جي مٿان ڪڪر ڊوڙندا نظر ايندا هئا ۽ پوري، سليٽي ۽ سرمئي رنگ جي ٽڪرين جون چوٽيون جهنگل مان صاف نظر اينديون هيون. اهو اپريل جو هڪ گهميل ۽ اونداهو صبح هو. چئني پاسن کان جبلن ۾ گهيريل، جنهن جي هوا بيٺل ۽ خاموشي ۾ ورتل هئي، ماٿري ڏنڊ سان ڍڪي پيئي هئي ۽ هر شيءِ باقي ۽ دونهن بنجي مٽي اڏامي رهي هئي. ريلوي اسٽيشن مان انجڻ جو دونهن، ٻنين مان ماڪ جا پورا ڦڙا، پورا جبل، اونداهو ٻيلو ۽ اونداها ڪڪر مطلب تہ هر شيءِ هوريان هوريان اڀري رهي هئي.

ان وقت شهنشاهہ گليشيا ۾ معائني لاءِ دوري تي هو. اوچتو اها خبر پيئي تہ هو زواگو جي يونٽ جو بہ معائنو ڪندو جنهن جو هو اعزازي ڪرنل هو ۽ ڪنهن وقت بہ اتي پهچي سگهيو ٿي. اسٽيشن جي پليٽ فارم تي گارڊ آف آنر جو بندوبست ڪيو ويو هو. ٻن ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ شاهي پارٽي کي کٽي بہ ٽرينون تيزيءَ سان گذريون ۽ ٿوري دير کان پوءِ ئي زار جي ٽرين اچي اسٽيشن تي بيٺي.

ڊيوڪ نڪولس سان گڏ زار گارڊ آف آنر جو معائنو ڪيو. هن جي فوجين کي آهستي آهستي ڪيل خطاب جي هر اکر تي نعرن جو شور اٿيو ٿي جنهن جو پڙاڏو اٿين پئي ٻڌڻ ۾ آيو ڇڻ تہ جهولنڊڙ بالٽين مان پاڻي ڪري رهيو هجي.

زار مرڪي رهيو هو ۽ پريشان هو. هو سگهن ۽ تمغن واري پنهنجي تصوير جي پيٽ ۾ وڏيڪ پوڙهو ۽ ٿڪل نظر اچي رهيو هو. سندس منهن ڪنهن به قسم جي تاثرڪان خالي ۽ سجيل پٽي لڳو. هن معذرت واري انداز ۾ اها چاڻ نه هوندي ته ڪهڙي موقعي تي ڇا چوڻو آهي، گرانڊ ڊيوڪ ڏانهن ڏٺو تي جنهن احترام سان اٽي ڪو اکر وات مان ڪڍڻ ڪان سواءِ ڪيس اک يا ڪلهي جي اشاري سان ان مشڪل مان نڪرڻ جو رستو ڏيکاريو ٿي.

جبلن جي ان گرم ۽ اونداهي صبح پوري زار لاءِ پنهنجي اندر ۾ ڏک محسوس ڪيو ۽ ان خيال ڪان ٿي ڪنبي ويو ته ضبط ۽ ندامت هڪ ظالم شخص جون لازمي خاصيتون آهن ۽ اهڙو ڪمزور انسان به ماڻهن کي قيد ڪري سگهي ٿو. ڪين ڦاهي ڏيئي سگهي ٿو يا معاف ڪري سگهي ٿو.

ڪيس تقرير ڪرڻ کپندي هئي، آئون .... منهنجي تلوار.... منهنجو عوام، بلڪل جرمني جي وليم جيان. ڪجهه ماڻهن متعلق ... اهو بهرحال ضروري هو. پرتو کي خبر آهي ته هن بلڪل فطري روسي انداز اختيار ڪيو هو ۽ افسوسناڪ طريقي سان ان هلڪڙائپ ڪان متاثهون هو. نيٺ روس ۾ اهڙي اداڪار متعلق ته سوچي به نه ٿو سگهجي. ڇاڪاڻ ته اها رڳو اداڪاري ته هوندي آهي. ڇا ائين ناهي هوندو؟ آئون سمجهان ٿو ته سيزر،، گال، اسڪائي ٿين ۽ اليريئزن .. جي ۾ به عوام ته موجود هو. پر ان ڪان پوءِ اهو رڳو ڪهاڻي بڻجي رهجي ويو آهي. هڪ اهڙو استعارو جنهن کي زار، بادشاهه ۽ سياستدان پنهنجين ، ريرن ۾ استعمال ڪندا آهن. "عوام، منهنجو عوام!"

"هاڻي محاذ صحافين سان پريو پيو آهي. اهي مشاهدو ڪن ٿا. عوامي ڏاهپ جا گوهر گڏ ڪن ٿا، زخمين کي ڏسن ٿا ۽ ماڻهن جي روح متعلق نوان نظريا قائم ڪن ٿا ۽ اهو دهل (هڪ روسي ڊڪشنري) جو نئون ايڊيشن آهي ۽ اهو ئي ساڳيو بڪواس ۽ لفاظي سان پريل آهي. هڪ اهو آهي ۽ ٻيو آهي تقرير، خاڪا ۽ مختصر منظر. شڪ ۽ الهاد. هڪ ڏينهن مون اهڙي ئي هڪ تقرير پڙهي هئي...."هڪ اداس ڏينهن. ڪالهه وانگر، صبح ڪان منهن ۽ ڊبڻ.. آئون دريءَ مان ٻاهر ڏسان ٿو ۽ سڙڪ نظر اچي ٿي. ..قيدين جي نه ختم ٿيندڙ قطار...زخمي.... هڪ توب گولا وسائي رهي آهي. اها اج به ائين گولا وسائي رهي آهي جيئن ڪلهه ۽ سڀاڻي به ائين ئي وسائيندي جيئن اج، ۽ ائين هر روز ۽ هر وقت. ڇا اها لڪتي

ڏکي ناهي. پر ان کي توب سان ڪهڙي دشمني آهي؟ هڪ توب مان تبديليءَ جي توقع رکڻ ڪيتري نہ عجيب ڳالهہ آهي. هو پاڻ ڏانهن چو ڪونہ ٿو ڏسي.. روز ساڳيا جملا، اشارا ۽ حقيقتون لڪندو رهي ٿو. پنهنجي صحافيانہ قابليت ڏيکارڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهي ٿو. سندس مٿي ۾ اها ڳالهہ چو نہ ٿي اچي تہ توب کي نہ پر ڪيس پنهنجو پاڻ کي ۽ ساڳي ڳالهہ کي ورجائڻ جو طريقو بند ڪرڻ گهرجي... پنهنجي نوٽ بوڪ ۾ بيوقوفي واريون ڳالهيون لکي تون ڪا معقول ڳالهہ نہ ٿو ڪري سگهين. اهو بہ تہ حقيقتون ايستائين وجود ۾ نہ ٿيون اچن جيستائين انهن کي پنهنجو رنگ نہ ڏنو وڃي. انسان جي پنهنجي ذهانت جو رنگ... ڪنهن ڏند ڪٿا، افسانوي جو رنگ."

"تون بلڪل صحيح ٿو چوين." گوردن چيو، " ۽ هاڻي آئون توکي ٻڌايان ٿو تہ اڄ جيڪو واقعو اسان ڏٺو آهي، ان متعلق آئون ڇا سوچيان ٿو. اهو قازق انهيءَ پوڙهي کي اذيت ڏيئي رهيو هو.. ۽ اهڙا هزارين واقعا آهن پر انهن کي فلسفيانا رنگ ڏيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. توکي ان متعلق سوچڻو نہ ٿو پوي. بس رڳو ڪنهن ماڻهوءَ کي منهن تي ڪنهن رک رکاءَ کان سواءِ چوڻو ٿو پوي. پر مجموعي طور تي يهودين جي مسئلي ۾ فلسفي جو نهايت عجيب انداز ۾ عمل دخل آهي. اهو ناهي تہ آئون توکي ڪا نئين ڳالهہ پيو ٻڌايان. اسان ٻنهي پنهنجا نظريا ۽ خيال تنهنجي مامي کان ئي حاصل ڪيا آهن.

"تون چئي رهيو هئين تہ ماڻهو ڇا ٿيندا آهن؟ ۽ ڪير ماڻهن جي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري ٿو. اهي جيڪي ان متعلق گهڻو گوڙ ڪن ٿا يا اهي جيڪي سڀ ڪجهہ وساري پنهنجي عمل سان انهن کي دائمي حيات ۽ شهرت ڏانهن وٺي وڃن ٿا. ها، يقينا ان متعلق تہ ٻہ رايا ٿي ئي نہ ٿا سگهن....

" مسيحي دور ۾ جن قومن جي اسان ڳالهہ ڪريون ٿا اهي ڇا آهن؟ اهي رڳو قومون نہ آهن... اهي اهڙن فردن تي ٻڌل قومون آهن جيڪي تبديل ٿي چڪا آهن. اصل شيءِ سندن اها تبديلي آهي ۽ نہ سندن ابن ڏاڏن واري پراڻن طور طريقن سان وفاداري.

" هاڻي مقدس ڪتاب، ان متعلق ڇا چون ٿا. پهرين ڳالهہ تہ انهن ۾ ان متعلق ڪا پڪي ڳالهہ ناهي چئي ويئي. بس ائين ئي آهي تہ اهو هيئن آهي ۽ اهو هونئن آهي. اها هڪ تجويز آهي. اڻنگي ۽ سادي. ڇا تون هڪ بلڪل نئين

طريقي سان حياتي گذارڻ چاهين ٿو؟ هر شخص خوش ٿي ويو. سيني ان کي قبولي ورتو ۽ هزارين سالن تائين ان سان ٺي هلندا رهيا.

"جڏهن انجيل اهو چئي ٿو ته خدا جي مملڪت ۾ نه ته يهودي آهن ۽ نه غير يهودي ته ڇا ان جو رڳو اهو مطلب آهي ته خدا جي نظر ۾ سڀ برابر آهن؟ نه ان جو اهو مطلب ناهي. اها ڳالهه اڳ ۾ ئي معلوم ٿي چڪي هئي. يوناني فلسفين، رومي معلمن ۽ اسرائيلي پيغمبرن کي ان ڳالهه جي اڳ ۾ ئي ڄاڻ هئي. انجيل اسان کي اهو ٻڌايو ته زندگي گذارڻ جي نئين طريقي ۽ سماج جي نئين ڍانچي ۾، جنهن جي تخليق انسان جي دل مان ٿي آهي ۽ جنهن کي خدا جي مملڪت چيو وڃي ٿو، اتي ڪي به قومون نه آهن پر رڳو فرد آهن.

"هاڻي تو چيو ته حقيقتون پنهنجي ليکي ڪجهه ناهن هونديون جيستائين انهن ۾ ڪا معنيٰ نه وڌي وڃي. ٺيڪ آهي ته پوءِ توکي به حقيقتن کي ماڻهن لاءِ بامعنيٰ ناهڻ لاءِ اهو مطلب شامل ڪرڻو پئي ٿو ته اها عيسائيت آهي جنهن م شخصيت جو راز لڪل آهي....

" هاڻي اسان عام قسم جي سياستدانن متعلق ڳالهائي رهيا آهيون. اهي ماڻهو جن کي زندگي ۽ دنيا سان مجموعي طور تي ڪا دلچسپي ناهي ۽ اهي اهڙا ماڻهو آهن جن جو محدود ذهن آهي ۽ جيڪي پابندين کي بنا ڪنهن ڪارڻ جي پسند ڪن ٿا، جن کي رڳو اها ڳالهه مناسب لڳي ٿي جڏهن ڪنهن قوم ۽ خاص طور تي هڪ ننڍي ۽ مصيبت ۾ ورتل قوم جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو. اهڙي ريت ڪين پنهنجي اهليت، هوشياري مظلوم قوم سان پنهنجي همدردي ڏيکارڻ جو موقعو ملي وڃي ٿو. اهڙي ذهنيت وارن ماڻهن لاءِ يهودين کان بهتر مثال ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟ سندن قوميت واري خيال ڪين صدين تائين هڪ قوم ٿي رهڻ تي مجبور ڪيو آهي. هڪ غير معمولي ڳالهه اها آهي ته اهي ان خيال سان صدين کان ٻڌل رهيا آهن جڏهن ته باقي دنيا کي هڪ نئين طاقت، جيڪا منجهانئن ئي پيدا ٿي هئي، ذريعي ان مان آجپو ملي ويو هو. ڇا اها غير معمولي ڳالهه ناهي؟ تون ان جو ڪهڙو جواز ڏيئي سگهين ٿو. ٿورو سوچ، هلڪڙائي کان اها شاندار آزادي، اها بيزاري ڪنڌڙ وجود جي هيٺانهين کان مٿي تائين اڏام سڀ کان اڳ سندن سرزمين تي ئي ته حاصل ٿي هئي، سندن ٻوليءَ ۾ ان جو اعلان ٿيو هو ۽ سندن قوم سان ئي ان جو واسطو هو. انهن واقعي ئي ان کي ڏٺو ۽ ٻڌو ۽ پوءِ ڇڏي ڏنو.

اهي طاقت ۽ سونهن جي ان قومي جذبي کي پاڻ کان ڪيئن ڌار ڪري سگهيا ٿي؟ اهي ڪهڙي ريت اهو سوچي سگهيا ٿي ته ڪامياب ۽ حڪمران ٿيڻ کان پوءِ به ان خالي ڪل جيان رهندا جنهن کي لاهي ڦٽو ڪيو ويو هو؟ اها رضاڪارانا شهادت ڪنهن جي فائدي ۾ آهي؟ ان مان ڪنهن کي فائدو پهچي سگهي ٿو ته صدين کان انهن معصوم پوڙهن، عورتن ۽ ٻارن، انهن سيني ذهين، مهربان ۽ همدرد ماڻهن سان مذاق ڪيو پيو وڃي ۽ ڪين ڪٺو پيو وڃي؟ ۽ اهو ڇو آهي ته ماڻهن جا اهي سڀ دوست، قومي سوالن تي لکندڙ اهي سڀ ليکڪ، پوءِ ڀلي سندن تعلق ڪهڙي به قوم سان ڇو نه هجي، هميشه سوچ ۽ صلاحيت کان وانجهيل هوندا آهن؟ يهودين جا لائق ۽ ذهين اڳواڻ ڪڏهن ڪائنات جي نظام کان بي اطميناني ۽ طنزيه ڏاهپ کان اڳتي ڇو نه وڌيا؟ انهن پنهنجي فرضن جي دٻاءَ کان ڦاٽي پوڻ جو جوکم کڻي ان لشڪر کي ختم ڇو نه ڪيو جيڪو لاڳيتو جنگ ۾ رڌل آهي ۽ ڪٺو پيو وڃي پر ڪير نه ٿو ڄاڻي ته ڇا لاءِ؟ اهي انهن کي ڇو نه ٿا چون ته "گهڻو ٿي ويو، هاڻي بس ڪريو، پنهنجي انفراديت کي ڇهڻ نه ڏيو، هجوم ۾ هڪ ٻئي سان گڏ نه ٿيو، ڦهلجي وڃو، ٻين ماڻهن سان گڏ هلو، توهان دنيا جا پهريان ۽ بهترين عيسائي آهيو، توهان ٿي ته اهي آهيو جنهن جو مخالف توهان کي انهن ماڻهن ناهيو آهي جيڪي توهان ۾ بدترين ۽ سيني کان ڪمزور آهن."

(13)

ٻئي ڏينهن جڏهن زواگو رات جي ماني‌ءَ لاءِ گهر آيو ته چيائين ته "تون وڃڻ لاءِ ايترو اتاولو هئين، هاڻي اسان سڀ وڃون پيا." آئون اهو نه چوندس ته اها تنهنجي خوش قسمتي آهي، ڇاڪاڻ ته اها ڪا خوش قسمتيءَ جي ڳالهه ناهي ته اسان کي هڪ ڦيرو وري دٻايو ۽ ماريو پيو وڃي، اوپر ڏانهن رستو کليل آهي، دٻاءُ اولهه کان پئجي رهيو آهي، سيني ميڊيڪل يونٽن کي نڪري وڃڻ جو حڪم ملي ويو آهي، اسان سياڻي يا پرينءَ هليا ويندا سين، ڪارينگهه، ميڪائيل گريگوري جا ڪپڙا اجا نه ڌوتا آهن، هميشه ائين ئي ٿيندو آهي، ڪارينگهه ائين چئي ٿو ته هن اهي ڪپڙا ڪنهن پوڙهيءَ کي ڌوئڻ لاءِ ڏنا آهن پر جيڪڏهن تون ڪائنس پڇندين ته هو ڪير آهي ۽ ڪٿي آهي ته هو بيوقوف ڪجهه به ٻڌائي نه سگهندو."

هن ڪارينگو جي ڪوڙن بهانن ۽ گوردن جي پنهنجي ميزبان جون قميصون اڌاريون وٺي پائڻ تي معذرتن تي ڪو به توجهه نه ڏنو.

”مزدور جي زندگي ائين ئي هوندي آهي.“ هن چيو ”جيئن ئي اسان هڪ جاءِ سان مانوس ٿيون ٿا ته اسان کي ٻي جاءِ تي بدلي ڪيو ٿو وڃي. جڏهن اسان هتي آيا هئاسين ته مون کي هتي ڪا شيءِ پسند نه هئي. اها جاءِ ڪني ۽ سوڙهي هئي. سگري غلط جاءِ تي هئي. ڇت گهٽي هيٺ هئي ۽ هاڻي مون کي ماري به ڇڏين ته آئون اهو نه ٻڌائي سگهندس ته ڇتان آئون آيو هئس، اها ڪهڙي جاءِ هئي. آئون محسوس ڪريان ٿو ته ڄڻ آئون پنهنجي سڄي زندگي هتي گذاري سگهان ٿو. ان ڪنڌ ۾ پيل سگريءَ کي گهوريندي جڏهن ٽائلن تي اس پئجي رهي هجي ۽ وڻ جو پاڇو ان مٿان لڏي رهيو هجي.

اهي ڪنهن به تڪڙ کان سواءِ سامان ٻڌندا رهيا. رات جو رڙين، توبن ۽ ڊوڙندڙ قدمن جي آواز ڪري سندن اک کلي ويئي. ڳوٺ تي هڪ ڪاوڙيل روشني پئجي رهي هئي. پاڇا دريءَ ....ن گذرندي ڏسڻ ۾ پئي آيا. مالڪ مڪان ۽ سندس زال دروازي جي ڀئي پاسي اٿي وينا هئا. يوري اردلي کي اهو معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليو ته نيٺ ان هنگامي جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟

ڪيس ٻڌايو ويو ته جرمن فوجن محاذ ٽوڙي ڇڏيو آهي. يوري اسپتال ڏانهن ڀڳو ته اها خبر پيس ته خبر صحيح هئي. ڳوٺ تي گولا وسي رهيا هئا. نڪرڻ جي ڪنهن حڪم جي انتظار کان سواءِ اسپتال کي منتقل ڪيو پئي ويو.

”اسان سڀ سڄ نڪرڻ کان اڳ ئي روانا ٿي ويندا سين.“ يوري گورڊن کي ٻڌايو. ” تون پهرئين گروپ سان گڏ وڃي رهيو آهين. گاڏي تيار آهي پر مون کين چيو آهي ته تنهنجو انتظار ڪن. نيڪ آهي الله واهي. آئون تو کي رخصت ڪندس ۽ اهو يقين ڪندس ته تو کي سيٽ ملي.“

اهي ديوارون ٽپندا ڳوٺ جي رستي تي ڊوڙندا ويا. گولين سندن ويجهي کان گذري رهيون هيون ۽ هُو چوواٽي تي ڌماڪا ٿيندي ڏسي سگهيا ٿي، ڄڻ ٻنين تي باهه جون چڻيون کلي رهيون هجن.

”آئون تنهنجي پويان ٻئي گروپ سان ايندس. مون کي موٽي اچي پنهنجو سامان ڪٺو ڪرڻو آهي.“

اهي ٻيئي ڳوٺ جي سرحد تي هڪ ٻئي کان ڌار ٿي ويا. قافلي ۾ سواري لاءِ گاڏي ۽ مال برداريءَ لاءِ ڪيئي ڍڳي گاڏيون شامل هيون. اهي روانيون ٿيون ۽ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي هلڻ لڳيون. يوري پنهنجي دوست ڏانهن هٿ لوڏيو. هڪ ٻرندڙ گودام جي روشنيءَ ۾ اهي ٻيئي روشن ٿي ويا.

گهرن جي پناهه ۾ رهندي يوري هڪ ڀيرو ٻيهر تيزيءَ سان مڙيو. پنهنجي گهر کان ڪجهه مفاصلي تي هڪ ڌماڪي سندس پيرن هيٺان ڌرتي ڪڍي ڇڏي، بم جو هڪ ٽڪرو ڪيس اچي لڳو ۽ هو وچ رستي تي زخمي ٿي ڪري پيو ۽ بي هوش ٿي ويو.

(14)

اها اسپتال، جتي يوري آفيسرن جي وارڊ ۾ علاج لاءِ داخل هو، جنرل هيڊڪوارٽر جي ويجهو الهندي زون جي هڪ ننڍي غير معروف شهر ۾ منتقل ڪئي ويئي هئي جيڪو ريلوي لائن جي ويجهو هو. اهو فيبروري جي پڇاڙيءَ جو هڪ گرم ڏينهن هو. سندس چوڻ تي پلنگ جي پر واري دري کولي ويئي هئي.

رات جي ماني کان اڳ مريض اٿين ٿي وقت گذاري رهيا هئا. کين ٻڌايو ويو هو ته هڪ نئين نرس اسپتال جي عملي ۾ شامل ٿي هئي ۽ ان ڏينهن پهريون ڀيرو گشت تي اچڻ واري هئي. زواگو جي پلنگ آڏو جليلن اخبارون پڙهي رهيو هو جيڪي ان وقت آيون هيون. هو سنسر جي ڪري خالي ڇڏيل حصن تي پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار ڪري رهيو هو. يوري تانيا جا خط پڙهي رهيو هو جيڪي ٽپال وارن گڏ ڪري هڪ بنڊل جي صورت ۾ ڏنا هئا. خط ۽ اخبارون هوا سان گڏ اڏري رهيون هيون. هلڪن قدمن جي آواز تي هن ڪنڌ مٿي ڪنيو. لارا وارڊ ۾ داخل ٿي.

يوري ۽ جليلن اهو ڄاڻڻ کان سواءِ ته ٻيو به ڪيس سڃاڻي ٿو، لارا کي سڃاڻي ورتو. جڏهن ته هن ٻنهي مان ڪنهن کي به نه ٿي سڃاتو. هن چيو، "هيلو، ڪهڙا حال آهن؟ هي دري ڇو کليل آهي؟ ڇا توهان کي ٿڌ نه ٿي لڳي؟" جليلن وٽ وڃي هن سندس حال پڇيو ۽ نبض ڏسڻ لاءِ سندس ٻانهن کي جهليو. پر هن هڪدم ئي سندس ٻانهن کي ڇڏي ڏنو ۽ سندس بستر تي ويهي منجهيل نظرن سان ڪيس ڏسڻ لڳي.

" اهو واقعو انتهائي غير متوقع طور ٿيو لاريسا فيودوروونا." هن چيو. " آئون تنهنجي مڙس کي سڃاڻندو هئس. اسان ٻيئي ساڳي ريجمنٽ ۾ هئاسين. مون سندس شيون تنهنجي لاءِ سنڀالي رکيون آهن."

"اٿين نه ٿو ٿي سگهي، اٿين نه ٿو ٿي سگهي." هوءَ چوندي رهي. "تون ڪيس سڃاڻندو هئين! عجيب اتفاق آهي. مهرباني ڪري مون کي ٻڌاءِ ته اهو ڪيئن ٿيو؟ ڇا هو توپ جي گوليءَ سان ماريو ويو ۽ ڌماڪي جي ڪري پورجي ويو. ڏس، مون کي سڀ خبر آهي. تنهن ڪري مون کي سڀ ڪجهه ٻڌائيندي ڊپ نه ڪر."

جليلن جي همت جواب ڏيئي ڇڏيو. هن فيصلو ڪيو ته هو ڪيس اطمينان ڏيارڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائيندو.

"انتيپوف ڪي قيدي بڻايو ويو هو." هن چيو. " هو پنهنجي دستي ڪي وٺي گهڻو اڳتي هليو ويو هو. سندن گهيرو ڪري ٻي فوج کان ڪٽيو ويو ۽ پوءِ ڪين هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو."

پر لارا کي سندس ڳالهه تي يقين نه آيو. ان غير متوقع ملاقات ڪيس لوڏي وڌو هو ۽ ان خيال کان ته ڪٿي اجنبي ماڻهن آڏو ٽٽي نه پوي، هوءَ تيزيءَ سان ٻاهر ڪاريڊور ۾ هلي ويئي.

ڪجهه دير کان پوءِ هو موٽي آئي. هاڻي ظاهري طرح هن پنهنجن حواسن کي قابو ڪري ورتو هو. ان ڊپ کان ته ڪٿي جليلن سان ڳالهائڻ ڪري هو روئي نه پوي، هن جاڻي ٻجهي ڏانهس ڏسڻ کان لنوايو ۽ يوري ڏانهن هلي ويئي. " ڇا حال احوال آهي؟ توکي ڇا ٿيو آهي؟" هن بي خياليءَ ۾ کائنس پڇيو.

يوري سندس ڳوڙها ڏٺا هئا. هن کائنس پڇڻ پئي چاهيو ته هو ايتري پريشان ڇو هئي ۽ کيس اهو ٻڌائڻ به چاهي پيو ته هو زندگي ۾ کيس ٻه ڀيرا اڳ به ڏسي چڪو هو. هڪ ڀيرو جڏهن هو اسڪول جو شاگرد هو ۽ ٻيهر ڀيرو جڏهن هو يونيورسٽي ۾ پڙهندو هو. پر کيس خيال آيو ته ان گهرائپ واري ڳالهه مان هو ان جو غلط مطلب وٺندي. پوءِ کيس اوچتو گهڻا سال اڳ جو ڪرسمس، اينا جو جنازو ۽ ٽونيا جو روئڻ پٽڻ ياد آيو هو. هن چيو ته، " مهرباني. آئون هڪ ڊاڪٽر آهيان. آئون پاڻ پنهنجي سار سنڀال ڪري رهيو آهيان. مون کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت ناهي."

" هي ايڏو ناراض ڇو پيو لڳي؟" لارا سوچيو. هن حيرت مان اجنبي ڏانهن ڏٺو جنهن جو نڪ ڦٽل ۽ ڇهري ۾ ڪا ڇڪ نه هئي.

گهڻن ڏينهن تائين موسم خراب هئي. رات جو گرم هوا شور سان هلندي هئي جنهن مان پسيل مٽي جي بوءِ ايندي هئي.

انهن ڏينهن جنرل هيڊڪوارٽر مان حيرت انگيز خبرون ۽ ملڪ جي اندرين علائقن ۾ تشويشناڪ افواهون ملي رهيون هيون. پيٽرزبرگ سان تار جو لاڳاپو گهڙي پل ۾ ٽٽي پوندو هو. هر جاءِ، هر ڪنڊ ۾ ماڻهو سياست تي ڳالهائي رهيا هئا.

نرس انتيپوا صبح شام گشت ڪندي هئي ۽ جليلن ۽ يوري سميت هر مريض سان ٻه ٽي اکر ڳالهائيندي هئي. "ڪهڙي نه عجيب مخلوق آهي." هن يوري

متعلق سوچيو، ” جوان ۽ چيڙاڪ. سندس مٿي نڪتل نڪ جي ڪري ڪيس سهڻو بہ نہ ٿو چئي سگهجي. پر هو صحيح معنيٰ ۾ ذهين، زنده دل ۽ سمجهہ رکندڙ آهي. بهرحال اهو منهنجو ڪم ناهي. منهنجو ڪم اهو آهي تہ پنهنجو ڪم جلدي ختم ڪري ماسڪو موٽي وڃان تہ جيئن ڪاتيا جي ويجهو رهي سگهان. پوءِ نرس واري پيشي کي ڇڏڻ لاءِ درخواست ڏيان تہ جيئن يورياتن ۾ پنهنجي گهر وڃي وري اسڪول ۾ ڪم شروع ڪريان. هاڻي اهو تہ صاف ٿي ويو آهي تہ پاشا ويچاري سان ڇا ٿيو آهي. هاڻي ڪا اميد باقي ناهي رهي. ان ڪري جيترو جلد هيروئن جو ڪردار ادا ڪرڻ بند ڪيان اوترو بهتر آهي. جيڪڏهن آئون پاشا کي ڳولهڻ نہ اچان ها تہ هتي نہ هجان ها.“

”ڪاتيا ويچاري يتيم ڇوڪريءَ الاهي اتي ڪيئن هوندي؟“هو اهو سوچيندي هئي ۽ هميشہ اها ڳالهہ کيس روئاري ڇڏيندي هئي.

هن گذريل ڪجهہ ڏينهن ۾پنهنجي آسپاس جي ماحول ۾ وڏي تبديلي محسوس ڪئي هئي. اڳ هر قسم جون ذميواريون هيون، پوتر فرض هئا. پنهنجي ملڪ جا فرض، فوج لاءِ خدمت جا فرض، سماج جا ٻنڌڻ وغيره. پر هاڻي جڏهن جنگ هارائجي چڪي هئي (۽ اهو ئي ٻين سڀني بدقسمتين جو بنيادي ڪارڻ هو) هر شيءِ جڻ ختم ٿي چڪي هئي ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي پوترتا نہ رهي هئي.

هر شيءِ اوچتو بدلجي ويئي هئي. لهجو، اخلاقي لاڙا! ڪنهن نہ ٿي ڄاتو تہ ڇا سوچي ۽ ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌي. ائين پئي محسوس ٿيو تہ ڄڻ سڄي عمر ٻار جيان اوهان کي اڱرڪان جهلي هلايو ويو آهي ۽ اوچتو توهان اڪيلا ٿي ويا آهيو ۽ توهان لاءِ پنهنجي ليکي هلڻ جي سکيا وٺڻ ضروري ٿي پيو آهي. ڪوبہ آسپاس موجود ناهي، نہ تہ توهان جي گهر جا ڀاتي ۽ نہ ئي ٻيا ماڻهو جن جي صلاح تي توهان هلي سگهو. اهڙي وقت ۾ توهان اها ضرورت محسوس ڪريو ٿا تہ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن قطعي شيءِ جهڙوڪ زندگي يا سچائي يا سونهن جي حوالي ڪجي. ڇاڪاڻ تہ انسان جا ناهيل قانون هاڻي رد ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي ان نموني رهنمائي نہ ٿا ڪري سگهن جيئن پراڻي دور ۾ ڪري سگهندا هئا. گذريل زندگي جيڪا هاڻي هميشہ لاءِ ختم ٿي چڪي هئي پر پنهنجي معاملي ۾ لارا پاڻ کي ياد ڏياريو تہ وٽس ڪاتڪا موجود هئي جيڪا سندس مقصد جي ضرورت جو پورائو ڪري سگهي پيئي. هاڻي جڏهن پاشا وٽس نہ هو، لارا پنهنجي سڄي قوت غريب يتيم ٻار لاءِ وقف ڪندڙ ماءُ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ پئي ٿي سگهي.

يوري کي ماسڪو مان خبر پيئي ته گوردن ۽ دودوروف سندس ڪتاب سندس اجازت کان سواءِ ڇاپيو هو ۽ اهو به ته ان جي گهڻي تعريف ڪئي ويئي هئي ۽ ان کي ادبي لحاظ کان اعليٰ ڪاوش ڪري ليکيو ويو هو. کيس اها به خبر ملي ته ماسڪو هڪ هنگامه خيز دور مان گذري رهيو هو ۽ اتي ڪو اهم واقعو ٿيڻ تي هو. اتي ماڻهن ۾ بيچيني وڌي رهي هئي ۽ وڏن سياسي واقعن جو ٿيڻ بلڪل اٽل هو.

رات گهڻي گذري چڪي هئي ۽ يوري کي سخت ننڊ اچي رهي هئي. کيس وقفي وقفي سان جهوٽا اچي رهيا هئا. هن سوچيو پئي ته گذريل ڏينهن جي هڻ هٽان کيس ننڊ ڪرڻ نه ٿي ڏني. دريءَ مان نشي آور ۽ ننڊهاڻي هوا هلي رهي هئي. اٿين پئي لڳو ته ڄڻ هوا به روئي رهي هئي ۽ شڪايت پئي ڪيائين ته، " تونيا، ساشا آئون اوهان کي گهڻو ياد ٿي ڪريان. هاڻي گهر وڃڻ ٿي چاهيان. آئون ڪم تي واپس وڃڻ ٿي چاهيان." هوا جي جهوٽن ۾ وقفي وقفي سان يوري پريشاني ۽ خوشي جي جذبن سان ڪڏهن سمهي ٿي پيو ته ڪڏهن سجاڳ ٿي ٿيو. سندس اهي جذبا بدلجندڙ موسم ۽ پريشان ڪن رات جيان عارضي ۽ پريشان ڪندڙ هئا.

لارا جي ذهن ۾ اهو خيال آيو ته جليلن پاشا جي ياد ۾ جڏهن عقيدت جو اظهار ڪيو هو ۽ سندس شين کي سنڀالڻ لاءِ جيڪا تڪليف ورتي هئي ان جي پيٽ ۾ ڪائنس ايترو به نه پڳو جو هو گهٽ ۾ گهٽ ايترو پڇي ها ته هو ڪير هو ۽ ڪٿي جو رهندڙ هو؟ کيس پاڻ کان نفرت ٿيڻ لڳي.

پنهنجي غلطيءَ جو تدارڪ ڪرڻ لاءِ ۽ ان خيال کان ته کيس ناشڪري نه سمجهيو وڃي، هن بئي ڏينهن گشت ڪندي ڪائنس سيڪجهه پڇيو.

"يا خدا رحم." هن حيرت مان رڙ ڪئي. 28 نمبر پريسٽ اسٽريٽ، ماسڪو ۾ تيورزن جو گهراڻو، ١٩٠٥ع جو انقلاب، سرديءَ جي مندا يوسپڪا، کيس ياد نه هو ته هو ساڻس ملي چڪي هئي، هو کيس معاف ڪري. پر ان سال، ان سال ۾ اهو گهرا ڇا واقعي اهڙو گهر به هوا ڪيڏي واضح نموني سان اهو سيڪجهه سندس ذهن ۾ آيو. گولا باري ۾ پيو اهو ڇا هو جيڪي هو چوندي هئي،" مون کي معاف ڪر. مون کي معاف ڪر، ليفٽيننٽ تو پنهنجو نالو ڇا ٻڌايو هو؟ ها، ها تو مون کي هڪ ڀيرو ٻڌايو هو. مهرباني اوسپ ڪيمازيندوچ. اهو سيڪجهه ياد ڏيارڻ لاءِ آئون ڪهڙي نموني تنهنجو ٿورو ادا ڪريان."

هو سجو ڏينهن هلندي ڦرندي ان گهر متعلق سوچيندي ۽ پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي ۽ زور سان رڙ ڪندي رهي.

ٿورو سوچيو، پريسٽ اسٽريٽ نمبر 28، ۾ هاڻي وري اهي گوليون هلائي رهيا آهن. پر هاڻي پهرين جي پيٽ ۾ ڪيڏو وڏيڪ ڊيڄاريندڙ آهي. هن وقت تون اهو نـ ٿو چئي سگهين تـ، " ٻار گوليون هلائي رهيا آهن. سڀ ٻار وڏا ٿي ويا آهن. اهي سڀ ٻار هاڻي فوج ۾ آهن. اهي سڀ ماڻهو جيڪي ان گهر ۾ ۽ ان گهر جهڙن ٻين گهرن ۽ ڪُوٺن ۾ جيڪي بـ انهن جهڙا ٿي هئا. اهي سڀ هتي آهن. ڪيڏي نـ غير معمولي شيءِ آهي، ڪيڏي نـ غير معمولي.

سڀ مريض جيڪي گهمي ڦري سگهيا ٿي، شور ڪندا پنهنجين گهوڙين تي هلندا يا ڊوڙندا ٻين ڪمرن مان نڪري آيا ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا تـ، "پيٽرز برگ جي گهٽين ۾ ويڙهـ! پيٽرزبرگ ۾ فوج باغين سان ملي ويئي! اهو انقلاب آهي!"

☆

باب پنجون

# ماضيءَ کي الوداع

(1)

جنهن ننڍي شهر ۾ اسپتال کي منتقل ڪيو ويو هو، ان جو نالو ميلوزيوو هو. اهو زرخيز سرزمين ڪاري (روس جي شاهوڪار زرعي علائقي کي چرنوزمِ ڪاري ڌرتي چيو ويندو آهي) علائقي ۾ واقع هو. سڄو ڏينهن ان مٿان ڪاري ڌوڙ ائين ڇانيل رهندي هئي جيئن مڪڙ هجن. اها ڌوڙ فوجين ۽ قافلن جي ڪري اٿندي هئي جيڪي بنهي پاسي اڄ وڃ لاءِ شهر مان گذرندا هئا. ڪي محاذ تي ويندا هئا ۽ ڪي اتان موٽندا هئا ۽ اهو چوڻ ناممڪن هو ته آيا جنگ هلي رهي هئي يا بند ٿي ويئي هئي.

زواگو، نرس انٽيپووا ۽ جليلن لاءِ ڏينهون ڏينهن نوان سرڪاري ڪم نڪري رهيا هئا. اهي ۽ ٻيا ٿورا ٿي شهرن جا اهڙا تجربيڪار ۽ ڄاڻو ماڻهو هئا جن کي هر سامهون ايندڙ ڪم لاءِ ڪنيو ويندو هو.

اهي همراهه مڪاني ادارن، فوج ۽ صحت جي کاتن ۾ ننڍين عهدن تي ڪم ڪندا هئا ۽ ان تبديليءَ کي هڪ وندر ڪري ليکيندا هئا پر ڪين اڪثر اهو خيال ايندو هو ته هاڻي وقت اچي ويو هو ته اهو سيڪجهه ڇڏي پنهنجي گهر ۽ عام ڪمن ڪارين ڏانهن توجهه ڏجي.

يوري ۽ انٽيپوواجي اڪثر ڪم جي سلسلي ۾ ملاقات ٿيندي هئي.

(2)

مينهن ڪاري مٽيءَ کي ڪاري گپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو ۽ اها گپ رستن تي ڦهلجي ويئي هئي جن مان گهٽا ڪڇا هئا. اٽڪل هر ڪلاڪ هر گهنٽيءَ جي دنگ تي ميدان ۽ اونداهو آسمان ڏسي سگهجي پيو. وشال ٻهراڙي انقلاب ۽ جنگ ۾ ورتي پيئي هئي.

يوري پنهنجي زال کي خط لکيو:

”منهنجو ويجهڙائي ۾ موجود فوجي دستن ۾ وڃڻ ٿيو آهي. نظم ضبط ۽ حوصلي کي بهتر ڪرڻ جي ڪوشش جي باوجود ڏڦيڙ ۽ بدنظمي ڏينهون ڏينهن وڌري رهي آهي.

جيتوڻيڪ مون کي ان جو ذڪر اڳ ڪرڻ گهربو هو پر هاڻي اهو لکي رهيو آهيان ته آئون پنهنجو گهڻو ڪم ماسڪو مان آيل هڪ نرس انتيپوا سان ڪريان ٿو جيڪا يوورال ۾ جائي هئي.

تو کي اها شاگردياڻي ياد هوندي جنهن ان رات جڏهن تنهنجي ماءُ جي وفات ٿي هئي، پارٽي ۾ سرڪاري وڪيل تي گولي هلائي هئي. منهنجي خيال ۾ پوءِ مٿس مقدمو هلايو ويو هو. مون کي ياد آهي ته مون تو کي ٻڌايو هو ته مون ۽ ميشا کيس هڪ گهٽ درجي جي هوٽل ۾ ڏٺو هو جڏهن هوءَ اسڪول ۾ پڙهندي هئي ۽ جتي تنهنجو پيءُ اسان کي وٺي ويو هو. مون کي ياد ناهي ته اسان اتي ڇو ويا هئاسين پر اهو ياد آهي ته اها هڪ نهايت ٿڌي رات هئي. منهنجو خيال آهي ته اِها پريسنيا ۾ بغاوت واري وقت جي ڳالهه آهي. بهرحال اها ڇوڪري انتيپوا هئي.

مون گهر موٽڻ لاءِ گهڻي جاکوڙ ڪئي آهي پر اهو ايترو سولو ڪم ناهي. ان جو ڪارڻ ڪو به ناهي. ڇاڪاڻ ته ڪم سولائي سان ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪري سگهجي ٿو. اصل تڪليف سفر جي آهي. يا ته ڪا ٽرين ئي ناهي ۽ جيڪڏهن آهن ته انهن ۾ ايتري گهڻي رش آهي جو جاءِ ملڻ جي ڪا اميد ناهي.

پر يقينا حالتون هميشه ائين نه رهنديون ۽ اسان مان ڪجهه ڇٽن، جن استعيفائون ڏنيون آهن يا جن کي فارغ ڪيو ويو آهي، جن ۾ آئون، انتيپوا ۽ جليلن شامل آهيون، اهو طئہ ڪيو آهي ته ڇا به ٿئي، اسان ايندڙ هفتي روانا ٿي ويندا سين. اسان ڌار ڌار ويندا سين. اهڙيءَ ريت اسان کي بهتر موقعو ملي ويندو. اهڙيءَ ريت آئون ڪنهن به وقت اوچتو گهر اچي سگهان ٿو. بهرحال آئون ڪوشش ڪندس ته تار موڪليان.“

رواني ٿيڻ کان اڳ کيس تونيا جو جواب مليو. سندس جملا روئڻ، هڏڪين ۽ ڳوڙهن جي داغن ڪري بي ربط ٿي ويا هئا. هن کيس وينتي ڪئي هئي ته ماسڪو نه موٽي پر ان سٺي نرس سان گڏ يوورال هليو وڃي جنهن جي زندگي اهڙن عجيب اتفاقن سان پريل هئي جو تونيا پنهنجي زندگيءَ جي سادن طور طريقن سان ان جي ڪا پيٽ نه پئي ڪري سگهي.

"ساشا جي آئندي متعلق فڪر نہ ڪر." هن لکيو تہ. " تو ڪي ڪڏهن بہ ان لاءِ شرمندو ٿيڻو نہ پوندو. اهو منهنجو تو سان واعدو آهي تہ ان جي تربيت بہ انهن اصولن تي ئي ڪنديس جن تي تو هڪ ٻار جي حيثيت ۾ اسان جي گهر ۾ عمل ٿيندي ڏٺو هوندو."

يوري ترت ئي جواب ڏنو "تونيا ضرور تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. تون اهاڳالهہ سوچي بہ ڪيئن ٿي سگهين؟ اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ تو ڪي خبر ناهي يا تون پوريءَ ريت اهو محسوس نہ ٿي ڪرين تہ تنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي گهر لاءِ سوچ ۽ محبت منهنجي ذهن ۾ نہ هجي ها تہ آئون جنگ جا اهي تڪليف ڏيندڙ ۽ تباهہ ڪن ٻہ سال ڪيئن گذاريان ها؟ پر لفظ بيڪار آهن. جلد اسان ٻيئي گڏ هونداسين. اسان جي زندگي نئين سر شروع ٿيندي ۽ پوءِ هر شيءِ واضح ٿي ويندي.

تنهنجي خط ۾ اها ڪا ٻي شيءِ آهي جيڪا مون کي پريشان پيئي ڪري. جيڪڏهن منهنجي ڪنهن ڳالهہ جي ڪري تو ائين لکيو آهي تہ منهنجو ورتاءُ يقينا مبهم رهيو هوندو ۽ مون رڳو تو سان نہ پر ان ٻي عورت سان بہ زيادتي ڪئي آهي جنهن کي مون شايد غلط فهميءَ ۾ مبتلا رکيو آهي. هوءَ جيئن ئي موٽندي، آئون ڪائنس معافي وٺندس. هوءَ ٻهراڙيءَ ۾ ويل آهي. مقامي ڪائونسلون جيڪي اڳ رڳو صوبن ۽ ضلعن جي هيڊڪوارٽرن ۾ هيون، هاڻي هر ڳوٺ ۾ قائم ڪيون پيون وڃن. هوءَ پنهنجي هڪ دوست جي مدد ڪرڻ لاءِ ويئي آهي جيڪو انهن انتظامي تبديلين جي سلسلي ۾ انسٽرڪٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

تنهنجي لاءِ اها دلچسپي جي ڳالهہ هوندي تہ جيتوڻيڪ اسان ٻيئي ساڳئي گهر ۾ رهون ٿا پر مون کي اڃا تائين اها ڄاڻ ناهي تہ انتيپوا جو ڪهڙو ڪمرو آهي. مون ڪڏهن اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش بہ ناهي ڪئي."

(3)

ميلوزيوُ کان ٻہ رستا نڪرندا هئا. هڪ اوڀر ڏانهن ويندو هو ۽ ٻيو اولهہ ڏانهن. هڪ ڪچو رستو هو جيڪو ٻيلي مان گذري زيو شينو ٿي ويو جتي اناج جي منڊي هئي ۽ جيڪو انتظامي لحاظ کان ميلوزيوو جو هيڊڪوارٽر هو پر هونئن هر لحاظ کان ان کان اڳتي هو. ٻيو ڪو پڪو رستو هو جيڪو ٻنين،

جيڪي سردين ۾ ڏيڻ ۽ گرمين ۾ خشڪ هونديون هيون. مان گذري هتان جي ويجهي ريلوي اسٽيشن بريوچي تائين ويو ٿي.

جون جي مهيني ۾ زيوشينو هڪ آزاد جمهوريه بڻجي ويو. اها جمهوريه هڪ مقامي ڪارخانيدار بلازيڪو قائم ڪئي هئي ۽ ان کي 212 هين لائين ريجمنٽ جي پيگل سپاهين جي پنيرائي حاصل هئي جيڪي پنهنجي هٿيارن سان گڏ محاذ ڇڏي آيا هئا ۽ بغاوت وقت بريوچي کان ٿيندا زيوشينو پهتا هئا.

جمهوريه عبوري حڪومت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ باقي روس کان به ڌار ٿي ويئي. بلازيڪو هڪ چرچ مخالف عيسائي هو ۽ ٽالسٽاءِ سان به ڪنهن وقت ۾ لکپڙهه ڪري چڪو هو. هن هڪ نئين حڪومت جو اعلان ڪيو جنهن ۾ سڄي ملڪيت کي گڏ ڪيو ويو هو ۽ جتي سڀ گڏجي ڪم ڪندا هئا.

زيوشينو هميشه کان قصن ڪهاڻين ۽ وڏاءَ وارين ڳالهين جو مرڪز رهيو هو. ان جو ذڪر سترهين صديءَ جي گهرو ويڙهه متعلق دستاويزن ۾ ملي ٿو. اهو گهاٽن ٻيلن جي وچ ۾ آهي جيڪي ڪجهه عرصو اڳ تائين ڌاڙيلن سان ڀريل هوندا هئا. اهو پري پري تائين پنهنجي واپارين جي آسودگي ۽ زمين جي زرخيزي ڪري مشهور هو ۽ هتان ئي گهڻا عوامي عقيدا، رسمون ۽ ڳالهه ٻولهه جا طريقا نڪتا جن هن سڄي علائقي کي هڪ انفراديت ڏني.

هاڻي بلازيڪو جي وڏي نائب متعلق عجيب قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳيون هيون. چيو پئي ويو ته هو ٻوڙو ۽ گونگو ڄائو هو ۽ خاص موقعن تي ڪيس ڳالهائڻ جي طاقت عطا ڪئي ويندي هئي.

جمهوريه پندرنهن ڏينهن جتاءُ ڪيو ۽ جون جي پڄاڻي کان اڳ عبوري حڪومت جي هڪ وفادار دستي ان جو خاتمو آڻي ڇڏيو. پيگل سپاهي بريوچي ڏانهن پوئتي هٽي ويا. ريلوي لائين تي جنڪشن جي ٻنهي پاسن کان هڪ پيرو وري ٻيلي کي ڪيترن ميلن تائين صاف ڪيو ويو هو. اتي پراڻن وڻن جي ٿڙن، ٻريل ڪاٺ جي ڍيرن ۽ وڻ وڍيندڙ پورهيتن جي ڪچن گهرن جي وچ ۾ پيگل سپاهين پنهنجي ڪيمپ قائم ڪري ورتي.

(4)

اها اسپتال جنهن ۾ يوري مريض ٿي رهيو هو ۽ هاڻي ڊاڪٽر هو، اها ڪائونٽيس زيرنسڪائيا جي اڳوڻي گهر ۾ واقع هئي. هن جنگ شروع ٿيڻ وقت اها ريڊڪراس کي پيش ڪئي هئي.

اهو به ماڙ گهر شهر جي بهترين علائقي جي وڏي رستي ۽ چوواٽي جي ڪنڊ تي هو، جنهن کي پلازا چيو ويندو هو. هتي اڳ ۾ سپاهي ڊرل ڪندا هئا ۽ هاڻي گڏجاڻيون ٿينديون هيون.

هتان اوڙي پاڙي وارو علائقو صاف نظر ايندو هو. رستو ۽ چوواٽي سان گڏ هتان هڪ گهر جو اڱڻ (جيڪو هڪ غريب ڳوٺاڻي خاندان جي ملڪيت هو، جيڪي هاڻي هارين جيان رهندا هئا) ۽ گهر جي پويان ڪائونٽيس جو پراڻو باغ پڻ نظر ايندو هو.

ڪائونٽيس جي رزدولنو جي علائقن ۾ وڏي جاگير هئي ۽ هن گهر کي هو ڪم ڪار جي سلسلي ۾ رزدولنو اچڻ مهل استعمال ڪندي هئي. ان سان گڏ سندس اهي مهمان جيڪي گرمين جي مند ۾ مختلف علائقن مان رزدولنو ايندا هئا، اهي به هتي رهندا هئا.

هاڻي اهو گهر اسپتال هو ۽ ان جي مالڪ پيٽرزبرگ ۾ گرفتار هئي جتي هوءَ رهندي به هئي.

سندس پراڻي عملي مان رڳو به عورتون رهجي ويون هيون. اوستينيا جيڪا بورچڻ هئي ۽ مادموزيل فلوري جنهن سندس ڌيئرن، جن جي هاڻي شادي ٿي چڪي هئي، جي تربيت ڪئي هئي.

اڇن وارن، ڳاڙهن ڳٽن ۽ بي ترتيب ڪپڙن واري مادموزيل فلوري سليپر ۽ پراڻو ڊگهو ڪوٽ پائي بظاهر اسپتال ۾ به ائين گهمندي رهندي هئي جيئن هوءَ زيرنسڪي گهراڻي ۾ هوندي هئي. هوءَ پنهنجي ٽٽل ڦٽل روسي ٻوليءَ ۾ اکرن کي چٻاڙي، اشارن ۽ ڊرامائي انداز ۾ ڊگهيون ڪهاڻيون ٻڌائيندي هئي ۽ پوءِ زور سان ڊگها ٽهڪ ڏيڻ لڳندي هئي جن جي پڄاڻي کنگهه جي وڏن دورن تي ٿيندي هئي.

سندس خيال هو ته هوءَ نرس انٽيپوا کي اندر کان ٻاهر تائين پوري ريت سڃاڻي ٿي ۽ اهو ته نرس ۽ ڊاڪٽر هڪ ٻئي ۾ دلچسپي رکن ٿا.

لاطيني هٽڻ جي ناتي ڪيس پيار جا قصا ٺاهڻ ۾ خاص دلچسپي هوندي هئي. ان ڪري انهن ٻنهي کي گڏ ڏسي ڪيس گهڻي خوشي ٿيندي هئي ۽

ڏانهنس آگر لوڏي چالاڪيءَ مان اک پچندي هئي. ان ڳالهه ھڪ پاسي لارا کي منجهائي ڇڏيو ۽ ٻئي پاسي پوريءَ کي ڪاوڙائي وڌو. پر سنڪي ماڻهن جيان مادموزيل پنهنجي وسوسن سان چهٽيل رهي ۽ ڪنهن به قيمت تي انهن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي.

اوستينيا اچا وڏيڪ عجيب و غريب ڪردار هئي. سندس امرود جهڙي ٻي ٻولي جسم جي ڪري هوءَ ٻيضن تي ويهڻ واري ڪڪڙ جيان لڳندي هئي. عام طور تي پنهنجي ڳالهہ ٻولهہ کي هو توريل تڪيل، تيز ۽ مطلب تائين ٿي رکندي هئي پر سندس خيال وهم پرستي جي لحاظ کان ڪنهن حد جا پابند نہ هئا. هوءَ ٻوشينو ۾ پيدا ٿي هئي ۽ چيو ٿي ويو تہ اتان جي هڪ جادوگر جي ڌيءَ هئي. ڪيس لاتعداد ٽوٽا ٽيٽا ياد هئا ۽ ڪڏهن بہ ڇُلهہ ۽ ٽاليءَ تي ڪجهہ پڙهي ڦوڪڻ کان سواءِ گهر کان ٻاهر نہ ويندي هئي تہ جيئن سندس غير موجودگي ۾ گهر ٻاهہ ۽ بدروح کان محفوظ رهي. اوستينيا ورهين تائين چپ رهي سگهندي هئي پر هڪ ڀيرو جيڪڏهن ڪيس چيڙيو ويو تہ پوءِ ڪيس قابو ۾ ڪري نہ سگهبو هو. منجهس سچ جي بچاءُ ڪرڻ جو جذبو موجود هو.

زيبوشينو جي جمهوريہ جي خاتمي جي باوجود ميليوزيود جي انقلابي ڪائونسل علائقي ۾ ان جي پيدا ڪيل ڏقيڙ ۽ انارڪي وارن اثرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اهو فيصلو ڪيو تہ ماڻهن کي آگاهي ۽ شعور ڏيڻ لاءِ مهم هلائي وڃي. اهڙين سرگرمين لاءِ مناسب موقعو شام ۾ ٿيندڙ انهن گڏجاڻين مهيا ڪري ڏنو جڏهن چوواڻي تي پرامن ۽ پاڻ مراديون گڏجاڻيون ٿينديون هيون. انهن گڏجاڻين ۾ اهڙا شهري بہ شريڪ ٿيندا هئا جن وٽ ٻيو ڪو چڱو ڪم ڪرڻ لاءِ ڪونہ هو ۽ جيڪي پراڻي دور ۾ پلازا جي ٻي ڪنڌ تي موجود فائر اسٽيشن جي ٻاهران ڪچهري ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيندا هئا. ڪائونسل انهن جي همت افزائي ڪئي، اها مقامي ۽ ٻاهرين مقررن کي بحث ڪرڻ جو ڪو رخ ڏيڻ لاءِ دعوت ڏيندي هئي. زيبوشينو متعلق سيني افواهن مان اتي ٻاهران ايندڙن جو اهو خيال هو تہ ڳالهائيندڙ گونگي ٻوڙي واري ڪٿا بلڪل بڪواس ۽ مضحڪہ خيز هئي ۽ انهن ان کي اهڙي ريت وائکو ڪرڻ تي ڌيان ڏنو. پر ننڍا ڪاريگر، سپاهين جون زالون ۽ ميلزيوو جا اڳوٽا ملازم انهن ڪهاڻين کي بڪواس نہ سمجهندا هئا ۽ انهن جو بچاءُ ڪندا هئا.

جيان ٻري رهيو هجي. جيو ٿي ويو تہ سندس واسطوهڪ چڱي گهراڻي سان هو. (ڪجهہ ماڻهن جو خيال هو تہ هو هڪ سينيٽر جو پٽ هو) ۽ انهن پهرين آفيسرن مان هو جن فيبروري ۾ پنهنجن دستن سان ڊوما ڏانهن مارچ ڪيو هو. ڪيس گنزيا گنزي چيو ويندو هو. يوري سندس نالي کي سمجهي نہ سگهيو هو. هو پيٽرزبرگ جي صاف لهجي، جنهن ۾ بالٽڪ جو بہ ڪجهہ اثر شامل هو ۾ ڳالهائيندو هو.

ڪيس چست وردي پاتل هئي. شايد پنهنجي جمار ڪيس پريشان ڪري ڇڏيو هو ۽ عمر کان وڌيڪ جو ڏيکاءُ ڏيڻ لاءِ پنهنجي منهن تي حقارت آميز تاثر ۽ هٺرادو قسم جي سختي پيدا ڪندو هو ۽ ڪلهن کي جهڪائي هٿ ڪيسن ۾ وجهي هلندو هو. اهڙي ريت هو گهوڙيسوار فوج جي آفيسر جهڙو پيو لڳندو هو.

"ريلوي لائين جي ويجهو هڪ قازق رجمنٽ پنهنجا خيما کوڙيا آهن." ميجر ڪيس اطلاع ڏنو، " اها سرخ رجمنٽ آهي ۽ وفادار آهي. ان کي گهرائي باغين جو گهيرو ڪيو ويندو ۽ ائين معاملو ختم ٿي ويندو. ڪور ڪمانڊر چاهي ٿو تہ ڪين وڌيڪ دير ڪرڻ کان سواءِ بي هٿيار ڪيو وڃي."

"قازق! ڪنهن بہ صورت ۾ نہ." ڪوميسار پڙڪو ڪائيندي چيو. " تون ائين پيو ڳالهائين جيئن اسين 1905ع ۾ انقلاب کان اڳ واري دور ۾ رهي رهيا هجون. اسان جا خيال بلڪل ٺي هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن. توهان جا جنرل گهڻا هوشيار ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن."

" اجا تائين ڪجهہ بہ نہ ڪيو ويو آهي. اها اجا رڳو هڪ رٿ ۽ هڪ صلاح آهي."

"اسان جو هاءِ ڪمان سان ٺاهہ ٿيل آهي تہ اسان عملي فوجي سرگرمين ۾ مداخلت نہ ڪنداسين. آئون قازق رجمنٽ جي گهيري جو حڪم رد پيو ڪريان. ڪين اچڻ ڏيو. پر آئون پنهنجي ليکي اهڙا قدم کڻندس جيڪي عام سمجهہ مطابق هوندا. آئون سمجهان ٿو تہ انهن اتي هڪ مورچو ٺاهي ورتو آهي."

"ها، منهنجو بہ اهو ئي خيال آهي. ڪنهن بہ صورت ۾ هڪ هٿيار بند ڪيمپ ضروري آهي."

" بهترين. آئون بہ اتي وڃڻ چاهيان ٿو. تون مون کي ضرور اها مصيبت ۽ ڏاڙيلن جا آکيرا ڏيکار. سائين منهنجا اهي باغي بہ ٿي سگهن ٿا، ڀڄل فوجي بہ ٿي سگهن ٿا، پر ياد رک تہ اهي ماڻهو آهن. ماڻهو ٻارن جيان هوندا آهن. توهان کي انهن کي سمجهڻو پوندو. لنهن جي نفسيات کي سمجهڻو پوندو. ساڻن کلي

ڳالهائيندس. تون ڏسجانءِ تہ جن جاين تان اهي پڳا هئا اتي موٽي ويندا. تو کي مون تي يقين ناهي؟ ڇا شرط لڳائيندين؟"

"مون کي حيرت آهي. آئون اميد ٿو ڪريان تہ تون صحيح هجين."

" آئون ڪين چوندس تہ منهنجو هي معاملو ڏسو. آئون پنهنجي ماءُ پيءُ جو اڪيلو پٽ ۽ سندن اڪيلي اميد آهيان پر پوءِ بہ مون پنهنجو پاڻ کي ناهي بخشيو. مون هر شيءِ: نالو، خاندان، حيثيت سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو آهي. مون اهو توهان جي آزادي، اهڙي آزادي جيڪا دنيا جي ٻئي ڪنهن بہ ملڪ جي ماڻهن کي نصيب ناهي، تنهن لاءِ وڙهڻ جو پهہ ڪيو آهي. اهو مون ۽ مون جهڙن ٻين نوجوانن بہ ڪيو آهي. اسان جي ابن ڏاڏن جو تہ ذڪر ئي ڇا ڪجي جن کي ماڻهن جي حقن لاءِ وڙهڻ جي ڏوهہ ۾ سخت پورهئي لاءِ سائيبيريا موڪليو ويو يا سچلبرگ جي قلعي ۾ قيد ڪيو ويو. ڇا اهو اسان پنهنجي لاءِ ڪيو آهي؟ ڇا اسان کي مجبوريءَ وچان اهو ڪرڻو پيو آهي؟ ۽ توهان، توهان جيڪي هاڻي معمولي سپاهي نہ پر دنيا جي پهرين انقلابي فوج جا سپاهي آهيو. ڇا پنهنجي ان قابل فخر معيار تي پورا لٿا آهيو؟ ان وقت جڏهن اسان جي ملڪ جو رت وهي رهيو آهي ۽ اهو دشمن جي ناپاڪ گهيري کي ختم ڪرڻ جي عظيم ڪوشش ۾ رڌل آهي، توهان ڪجهہ غير اهم ماڻهن جي هٿن ۾ رانديڪو بڻجي ويا آهيو. اهڙو گروهہ جيڪو سياسي شعور نہ ٿو رکي ۽ آزادي جي قدر ۽ قيمت کان واقف ناهي، اهڙا بدمعاش جن کان هر ڳالهہ ممڪن آهي، ڪين هڪ انچ ڏيو ۽ هو سڀڪجهہ کٽي ويندا. جيئن چوٽي آهي، سور کي ماني کائڻ جي ڪمري ۾ اچڻ ڏيو ۽ هو ٽپ ڏيئي ميز تي ويهي رهندو اوه. آئون ڪوبہ رک رکاءُ نہ ڪندس. آئون ڪين شرمندو ڪري ڇڏيندس."

"اوه، نہ اها وڏي جوکم واري ڳالهہ ٿيندي." ميجر معنيٰ خيز انداز ۾ پنهنجي نائب ڏانهن ڏسندي اعتراض ڪيو.

جليلن ڪوميسار کي هن احمقاڻي خيال کان روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. هو 212 يونٽ وارن سپاهين کي سڃاڻندو هو. هو محاذ تي سندس ڊويزن ۾ هئا. پر ڪوميسار ڪجهہ بہ ٻڌڻ کان نابري واري ڇڏي.

يوري لاڳيتو اتي وڃڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ڪوميسار جي احمقاڻي ڳالهہ ٻولهہ ڪيس بيزار ڪري ڇڏيو هو پر ميجر ۽ سندس نائب، جيڪي رياڪار قسم جا

زندگيءَ جي خمير سان گڏ هر شيءِ وڌي ۽ اُڀري رهي هئي ۽ ان ۾ جوش پيدا ٿي پيو هو. زندگي گذارڻ جي خوشي، خاموش واچوڙي جيان، هڪ طوفاني لهر بڻجي ڪنهن فرق کان سواءِ ميدانن ۽ شهرن، ديوارن ۽ اگٺن ۽ ٻيلي ۽ جسم مان ٿيندي هر پاسي وڌي رهي هئي. ان سوچ جي وهڪري کان بچڻ خاطر يوري چوواٽي تي تقريرون ٻڌڻ هليو ويو.

(7)

ان وقت چنڊ، ڪجهه مٿي اُڀري آيو هو. ٽنبن وارين پٿر جي عمارتن جي وڏن ڪارن غاليچن جهڙن پاڇن سان چنڊ جي روشني چوواٽي تي ائين لڳي رهي هئي ڄڻ اڇو رنگ ٽيل هجي.

گڏجاڻي چوواٽي جي ٻئي پاسي ٿي رهي هئي ۽ يوري جيڪڏهن چاهي ها ته هڪ هڪ اکر ٻڌي سگهي ها پر هن جيڪي ڏٺو ان جي موهه ۾ موهجي ويو. هو فائر اسٽيشن جي ٻاهر بينچ تي ويهي رهيو ۽ ڏسڻ لڳو.

چوڪ مان ڪيترين ئي سوڙهين گهٽين نڪري ڪجهه اڳتي هلي ختم ٿي ٿي ويون. ڳوٺ جي گهٽين وانگر انهن ۾ گپ جا ڍير پيل هئا ۽ پاسن کان آڏا ابتا ٿهيل ننڍا ننڍا گهر هئا. بانس جون ٿهيل رڪاوٽون گپ مان ائين ٻاهر نڪتل پئي نظر آيون جيئن مٽي جي ٽانون جو مٿيون حصو. کليل درين مان روشني جي جهلڪ ڏسي سگهجي پيئي. گهرن جي آڏو ٿهيل ننڍن ننڍن باغيچن ۾ مڪئي جا هيڊا ۽ سهڻا سنگ گهرن جي ڪمرن تائين ڦهليل هئا. انهن عورتن جيان جيڪي سمهڻ جي ڪپڙن ۾ هجن پر اندر ڪمري جي گرمي ۽ گهٽ ڪين ٻاهر اچي ساهه کڻڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هجي.

اها چانڊوڪي رات ائين ئي غير معمولي هئي جيئن رحم دلي ۽ روشن ضميريءَ جو تحفو. اوچتو ان روشني، افسانوي ماٺ ۽ سڪون ۾ هڪ مانوس ۽ تازو ٻڌل، توريل تڪيل آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اهو هڪ وڻندڙ پرجوش آواز هو جنهن مان اعتماد جهلڪي رهيو هو. يوري ٻڌو ۽ ترت ئي ان کي سڃاڻي ورتو. ڪوميسار گنز تقرير ڪري رهيو هو.

ميونسپالٽي بظاهر ڪيس چيو هو ته سندن مهم کي اڳتي وڌائڻ ۾ پنهنجي عزت ۽ اختيار سان سندن مدد ڪري. هن جذباتي تقرير ڪندي ميلوزيوو جي

ماڻهن کي سندن غير منظم طريقن ۾ بالشويڪن جي ڏڦيڙ پيدا ڪندڙ اثرن کي قبول ڪرڻ تي لُوئيو. هن کين يقين ڏياريو تہ بالشويڪ ئي زيبو شينو جي هنگامن جا ذميوار هئا. ساڳئي جذبي سان جيئن هو ميجر جي دفتر ۾ ڳالهائي رهيو هو.هن کين طاقتور ۽ بي رحم دشمن جي خطري کان آگاهہ ڪيو ۽ کين ياد ڏياريو تہ ملڪ هن وقت هڪ امتحان جي دور مان گذري رهيو هو. پر ماڻهن مٿس ڌيان ڏيڻ بجاءِ کيس پريشان ڪرڻ شروع ڪيو.

مقرر جي تقرير ۾ مداخلت نہ ڪرڻ جي درخواست سان گڏوگڏ احتجاج جا آواز بہ اچي رهيا هئا. گڙٻڙ وڌي رهي هئي. هڪ همراهہ جيڪو گنز سان گڏ آيو هو تنهن جلسي جي صدارت سنڀالي ورتي. ڪجهہ ماڻهن جو اصرار هو تہ هڪ عورت کي، جيڪا ڳالهائڻ چاهي پيئي، تقرير ڪرڻ ڏني وڃي. جڏهن تہ ٻين چپ رهڻ لاءِ پئي چيو. هڪ عورت ماڻهن جي وچ مان گذرندي ڪاٺ جي باڪس ڏانهن وڌي جنهن کان ڊائس جو ڪم ورتو پئي ويو. هن باڪس تي چڙهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي پر ان جي پير ۾ ئي بيهي رهي. عورت چاتل سڃاتل هئي. ماڻهو ماٺ ٿي ويا ۽ کيس توجهہ سان ٻڌڻ لڳا. اها عورت اوستينيا هئي.

" ڪامريڊ ڪوميسار، تون هاڻي زيبوشينو متعلق ڳالهائي رهيو هئين." هن تقرير شروع ڪندي چيو. " ۽ هوشيار رهڻ متعلق . تو اسان کي چيو تہ هوشيار رهون ۽ دوکي ۾ نہ اچون. پر حقيقت ۾ مون پاڻ توکي ٻڌو. توکي بس اها ئي ڄاڻ آهي تہ لفظن سان کيئن کيڏجي، جيئن بالشويڪ، منشويڪ. تو بس ان متعلق ئي ڳالهايو. بالشويڪ، منشويڪ. هاڻي جيستائين نہ وڙهڻ ۽ پاڻ ۾ پائرن جيان رهڻ جو سوال آهي تہ آئون ان کي منشويڪ نہ پر نيڪ ڪم سمجهان ٿي ۽ جيستائين ڪم ۽ ڪارخانن جو غريبن کي ملڻ جو سوال آهي تہ اهو بالشويڪ نہ پر انسانيت ۽ محبت واري مهرباني آهي ۽ جيستائين هن ٻوڙي گونگي جو سوال آهي تہ اسان توکان اڳ بہ ان متعلق گهڻو ٻڌو آهي. هر ڪو ٻوڙي گونگي بابت ئي ڳالهائي ٿو. توکي نيٺ ان سان ڪهڙو وير آهي؟ رڳو اهو ئي تہ هو ايترو عرصو گونگو رهيو ۽ پوءِ توکان اجازت وٺڻ کان سواءِ ڳالهائڻ شروع ڪيائين. نيڪ آهي تہ پوءِ پلا ڇا ٿي پيو. جيئن اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ هجي! ان کان گهڻين غير معمولي شين جي هئڻ جي ماڻهن کي ڄاڻ آهي. مثال طور ان گڏهہِ جو ئي مثال وٺو. "بلام.. بلام" هوءَ چوي ٿي، منهنجي ٻڌو، آئون اوهان کي سڌو ٻڌايان ٿي، ان

وات تي نہ وجي، نہ تہ پوءِ توهان پڇتائيندا. ٺيڪ آهي. قدرتي طور هن نہ ٻڌو ۽ هلندو رهيو. جيئن تو چيو، ”هڪ ٻوڙو گونگو.“ ساڳيءَ طرح هن همراهہ بہ سوچيو تہ. ان گڏهہ جي ڳالهہ ٻڌڻ جو ڪهڙو فائدو. اها رڳو گڏهہِ آهي، هڪ بي زبان جانور ۽ ڏس پوءِ ڪيس ڪيئن پڇتائڻو پيو. توهان سڀ ڄاڻو ٿا تہ ان جو انجام ڇا ٿيو؟“

”ڇا؟“ ڪنهن تجسس مان پڇيو.

”ايترو ڪافي آهي.“ اوستينيا ڪيس ڇڙٻ ڏني، ” جيڪڏهن تون مون کان گهڻا سوال ڪندين تہ پنهنجي وقت کان اڳ پوڙهو ٿي ويندين.“

”ان سان ڪم نہ هلندو، تون اسان کي ٻڌاءِ.“ ان همراهہ اصرار ڪيو. ”ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. ڪيئن ۽ ڇو؟ حقير ڪينٽان! هو لوڻ جي ٿنڀ ۾ بدلجي ويو.“

”تو پياري غلط چيو. هو لاٽ هو. اها لاٽ جي زال هئي.“ ماڻهن رڙيون ڪيون، هر ڪنهن ٽهڪ ڏنا. چيئرمين ماڻهن کي ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو. پوري سمهڻ لاءِ هليو ويو.

(8)

هو ٻئي ڏينهن شام جو لارا سان مليو. هوءَ ڪيس اسٽور ۾ ملي. سندس آڏو ڌوتل ڪپڙن جو ڍير پيو هو جن تي هوءَ استري ڪري رهي هئي. اسٽور مٿين ماڙ جي هڪ پٺئين ڪمري ۾ هو جتان باغ نظر ايندو هو. اتي سماوار ۾ پاڻي گرم ڪيو ويندو هو، ماني ٿانون ۾ رکي ويندي هئي ۽ استعمال ٿيل پليٽون گڏ ڪري هٿ سان هلندڙ سروس لفٽ وسيلي ٿانون ڌوئڻ واري ڏانهن موڪليون وينديون هيون. اتي چيني، ڌاتو ۽ شيشي جي ٿانون جون فهرستون رکيون وينديون هيون ۽ انهن جي ڏيک ويک ڪئي ويندي هئي ۽ ان کان سواءِ ماڻهو پنهنجي فرصت جو وقت گذاريندا ۽ هڪ ٻئي سان ملاقاتون ڪندا هئا.

دريون کليل هيون. ڪمري ۾ ليمن جي گلن جي ڪڙڻ واري خوشبو، جيئن ڪنهن پراڻي باغ ۾ هوندو آهي، سڪل ٽارين جي ڪڙي بوءِ سان گڏوچڙ ٿي رهي هئي. انهن ۾ ٻنهي استرين جي ڪوئلن جي ٻاڦ بہ شامل ٿي ويئي هئي جيڪي لارا هڪ ٻئي پويان استعمال پئي ڪيون. هر هڪ کي واري واري سان چلهہ تي رکيائين پئي تہ جيئن اهي گرم رهن.

"هاڻ تو گذريل رات ڪڙو ڇو نہ کڙڪايو. مادموزيل مون کي ٻڌايو هو، پر بهرحال تو ٺيڪ ڪيو. آئون توکي اندر گهرائي نہ سگهان ها. چاڪاڻ تہ آئون هڪدم ئي سمهڻ لاءِ هلي ويئي هئس. تنهنجا ڪهڙا حال احوال آهن؟ ڪوئلن جو خيال رک، ڪٿي تنهنجو سوٽ نہ خراب ٿئي."

"ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ تو سڄي اسپتال جا ڪپڙا ڌوتا آهن؟"

"نہ، انهن ۾ منهنجا بہ گهڻا ڪپڙا آهن. تون مون کي ميلوزيوو ۾ ڦاسي پوڻ تي لاڳيتو چيڙائيندو رهيو آهين. بهرحال هاڻي مون طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ آئون وڃي رهي آهيان. تون ڏس آئون تيار ٿي رهي آهيان ۽ پنهنجو سامان ٻڌي رهي آهيان. جڏهن آئون اهو ڪري وٺنديس تہ آئون رواني ٿي وينديس. آئون يورال ۾ هونديس ۽ تون ماسڪو ۾. هڪ ڏينهن توکان ڪير پڇندو: "ڇا توکي ميلوزيوو جي ناليِ سان هڪ ننڍي شهر متعلق ڄاڻ آهي؟" ۽ تون چوندين، "مون کي ڪجهہ ياد نہ ٿو اچي." "۽ انتيپوا ڪير هئي؟ ڪڏهن بہ اهو نالو ناهي ٻڌو."

"اهو ائين ٿي سگهي ٿو. ڇا تنهنجو سفر سٺو رهيو. ٻهراڙي ۾ صورتحال ڪيئن آهي؟"

"اها هڪ ڏکي ڪهاڻي آهي. اوه خدا! اهي استريون بہ ڪيترو جلد ٿڌيون ٿي ٿيون وڃن. تون ناراض نہ ٿئين تہ اها ٻي استري تہ مون کي ڪٿي ڏجانءِ. هوءَ جا سامهون پيئي آهي چلهہ تي ۽ اها تون اتي واپس رکي سگهين ٿو؟ مهرباني. هر ڳوٺ مختلف آهي. ان جو دارومدار ڳوٺاڻن تي آهي. ڪجهہ ڳوٺن ۾ ماڻهو محنتي آهن ۽ اهي سخت محنت ڪن ٿا ۽ پوءِ سندن حالت خراب ناهي ۽ ٻين ۾ سڀ مرد شرابي آهن ۽ اهي ڳوٺ ويران ۽ ڏکوئيندڙ آهن."

" ڇا بڪواس آهي. اهي ڇو شرابي هوندا؟ تون تہ گهڻو ڪجهہ سمجهين ٿي! اهو رڳو ان ڪري آهي تہ اتي ڪوبہ موجود ناهي ۽ سڀ مرد فوج ۾ هليا ويا آهن. نيٽ انقلابي ڪائونسلن جو ڇا حال آهي؟"

"شرابين متعلق تنهنجو خيال غلط آهي پر اسان ان متعلق پوءِ ڳالهائينداسين. باقي ڪائونسلون؟ انهن متعلق گهڻي گڙٻڙ ٿيڻ واري آهي. هدايتون قابل عمل ناهن. اتي ڪو عمل ڪرڻ وارو ئي ڪونهي. هارين کي هن وقت رڳو زمين جي مسئلي جو فڪر آهي. آئون روزدلنو ۾ ويئي هئس. ڪيڏي نہ پياري جاءِ آهي! توکي اتي وڃڻ گهرجي. گذريل بهار جي مند ۾ ان جو ڪجهہ حصو

ٻاريو ۽ ڦريو ويو هو. خرار ٻاريو ويو هو. ميويدار وڻن کي ٻاھ ڏني ويئي هئي. ڪجھ گھرن تي دونهين جي ڪاراڻ چڙهيل هئي. مون زيبو شينو نہ ڏٺو. اتي آئون نہ وڃي سگهيس پر اهي سڀ ٻڌائين ٿا تہ ٻوڙو، گونگو واقعي موجود آهي. اتي ٻڌائين ٿا تہ هو ڪيئن لڳي ٿو. سندن چوڻ آهي تہ هو نوجوان ۽ پڙهيل ڳڙهيل آهي."

"گذريل رات اوستينيا پلاز تي سندس حمايت ۾ ڳالهائي رهي هئي."

"آئون اڃا واپس مس موٽيس تہ زرودانو مان ڪجھ پيو پراڻو فرنيچر اچي ويو. مان انهن کي هڪ پيرو نہ پر ويھ پيرا چئي چڪي آهيان تہ ان کي رهڻ ڏيو. چڻ تہ اسان وٽ پنهنجو فرنيچر ڪافي ناهي. اڄ صبح جو ميجر جي دفتر مان هڪ همراھ پرچي کڻي آيو تہ ڪين چاندي جو چانھ جو سيٽ ۽ بلوري گلاس گھرجن، رڳو هڪ رات لاءِ، سندن لاءِ اهو زندگي ۽ موت جو مسئلو هو. هو هو سامان واپس ڪري ڇڏيندا. پر ان مان اڌ تہ اسان کي ڪڏهن بہ واپس موٽي نہ ملندو. اهو هميشہ قرض ٿي هوندو آهي ۽ مون کي اهڙي قرض طور ورتل شين جي ڄاڻ آهي. اهي ڪنهن مهمان يا ٻئي ڪنهن جي مان ۾ پارٽي ڪري رهيا آهن."

" آئون اندازو لڳائي سگهان ٿو تہ اهو ڪير آهي. نئون ڪوميسار پهچي ويو آهي. اهو ساڳيو جنهن کي محاذ جي اسان واري سيڪٽر ۾ مقرر ڪيو ويو آهي. اهي ٻاڇوڪڙن کي ٺيڪ ڪرڻ چاهين ٿا. سندن گهيرو ڪري ڪين بي هٿيار ڪرڻ. ڪوميسار اڃا تہ ٻپاڪ ٻار آهي. اسان جا همراھ قازقن کي گهرائڻ چاهين ٿا پر هو ان جي حق ۾ ناهي. هو ساڻن ڪلي ڳالهائڻ چاهي ٿو. هو چئي ٿو تہ ماڻهو ٻارن جيان هوندا آهن ۽ الائي ڇا ڇا. سندس خيال ۾ اها ٻارن جي راند آهي. جليلن ساڻس بحث ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن چيو تہ. "ٻيلي ۾ گهڙي جانورن کي حرڪت ۾ نہ آڻي، معاملي کي اسان تي ڇڏي ڏي تہ اسان پاڻ ان کي پنهنجي طور تي حل ڪنداسين. پر تون اهڙي همراھ کي ڪجھ نہ ٿي ڪري سگهين. جڏهن هڪ پيرو سندس دماغ ۾ ڪا شيءِ ويهي رهي. منهنجي خواهش آهي تہ تون منهنجي ڳالھ ٻڌين. ڇا تون هڪ منٽ لاءِ استري ڪرڻ روڪ ي سگهين ٿي؟ هتي جلد ئي هڪ وڏي مصيبت اچڻ واري آهي جيڪا اسان جي روڪڻ کان ٻاهر آهي. آئون چاهيان ٿو تہ ائين ٿيڻ کان اڳ تون هتان رواني ٿي وڃ."

"ڪابہ اهڙي ڳالهہ ناهي، تون هرويرو وڏاءِ کان ڪم وٺي رهيو آهين. بهرحال آئون تہ وڃان ٿي پيئي پر آئون ائين آگوتو ڏيکاري الله واهي چوڻ نہ ٿي چاهيان. مون کي سڄو سامان حوالي ڪرڻو آهي. آئون نہ ٿي چاهيان تہ ائين لڳي جڻ تہ مون چوري ڪئي آهي ۽ پوءِ پڄي نڪتي آهيان. چارج ڪير وٺندو؟ اهو مسئلو آهي. آئون توکي نہ ٿي ٻڌائي سگهان تہ ان واهيات سامان جي ڪري مون کي ڪهڙن مرحلن مان گذرڻو پيو آهي ۽ مون کي ان جو عيوض اهو مليو آهي جو مون کي چيو ويو آهي تہ مون فراڊ ڪيو آهي. مون زيرن سڪائيا جون شيون اسپتال جي نالي ڪري ڇڏيون ڇاڪاڻ تہ جاري ڪيل حڪم جو اهو ئي مطلب سمجهي سگهجي پيو. هاڻي انهن جو چوڻ آهي تہ مون مالڪ لاءِ انهن شين کي رکڻ لاءِ دوکي سان اهو ڪم ڪيو. ڪيتري نہ ڪريل ڳالهہ آهي!"

"ڦالينن ۽ چيني جي ٿانون متعلق پريشان نہ ٿي. انهن کي دفع ڪر. اهو وقت انهن بيڪار شين متعلق پريشان ٿيڻ جو ناهي. اوہ ڪاش! مان توسان ڳالهہ ٿي ملي وٺان ها. آئون ايڏي سٺي موڊ ۾ هئس جو آئون زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ کي سمجهائي سگهيس پئي ۽ مون وٽ هر سوال جو جواب هو. اهو صحيح آهي، آئون پوڳ نہ پيو ڪريان. آئون اهو سڀ پنهنجي سيني تان لاهڻ لاءِ بي چين هئس. مون توکي پنهنجي زال، پنهنجي پٽ ۽ پنهنجي متعلق ٻڌائڻ ٿي چاهيو. ڪهڙي مصيبت آهي جو هڪ جوان مرد هڪ جوان عورت سان بد ارادن وارا شڪ شبها پيدا ڪرڻ کانسواءِ ڳالهائي نہ ٿو سگهي. اهڙن خراب يا ٻين ارادن کي دفع ڪر. مهرباني ڪري تون استري ڪندي رهہ. مون ڏانهن ڪا توجهہ نہ ڏي. آئون ڳالهائيندو رهندس. توکي ٻڌايان تہ آئون گهڻو وقت ڳالهائيندو رهندس.

"تورو سوچ تہ اڄڪلهہ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ تون ۽ آئون ا ن دور ۾ رهي رهيا آهيون! تو محسوس ڪيو آهي تہ ڪهڙي اهڙي شيءِ ٿي رهي آهي جيڪا اڳ ٻڌل نہ هئي؟ اهڙي شيءِ ازل کان ابد تائين رڳو هڪ ڀيرو ٿئي ٿي. تورو ان متعلق سوچ. سڄي روس مٿان ڇت کسجي ويئي آهي. تون، آئون ۽ ٻيو هر ڪو کليل آسمان هيٺان ويٺا آهيون! ۽ هتي ڪوبہ اسان تي جاسوسي ڪرڻ وارو ناهي. اسان آزاد آهيون. اها آزادي رڳو ڪتابي ۽ لفظن ۾ ناهي. اها حقيقي آزادي آهي جيڪا آسمان مان لٿي آهي. آزادي جيڪا اسان جي توقعات کان وڌيڪ آهي. حادثاتي طور مليل آزادي جيڪا ڀُل چُڪ ۾ ملي ويئي آهي.

هر ڪو ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهي ۽ تو غور ڪيو آهي ته ڪيئن هو پنهنجي پاڻ ۾ وڃائجي ويو آهي جڻ ته پنهنجي وزن هيٺان. پنهنجي عظمت جي احساس هيٺان دٻجي ويو آهي."

" آئون توکي چوان ٿو ته استري ڪندي رهه ۽ ڳالهاءِ نه. تون بيزار ته نه ٿي پيئي آهين. ڏي ته آئون تنهنجي استري تبديل ڪريان. گذريل رات آئون چوواٽي تي ٿينڊڙ گڏجاڻي ڏسي رهيو هئس. اهو هڪ عجيب نظارو هو. مادر روس حرڪت ۾ آهي. اها هڪ جاءِ تي ماٺ ڪري ويهي نه ٿي سگهي. اها بي چين آهي ۽ ان کي آرام نه ٿو ملي سگهي. اها ڳالهائي رهي آهي ۽ چپ نه ٿي ڪري سگهي ۽ رڳو اهو ناهي ته ماڻهو ڳالهائي رهيا آهن. تارا ۽ وڻ ملن ۽ ڳالهائين ٿا. گل رات ۾ فلسفو ڳالهائين ٿا. پٿر جا گهر گڏجاڻيون ڪن ٿا. ڇا تون نه ٿي سمجهين ته اها الهامي ڪتابن جهڙي ڪا ڳالهه آهي؟ جيئن اوتارن ۽ نبين جي دور ۾ ٿيندو هو. سينٽ پال جو اهو چوڻ توکي ياد آهي ته " توهان پنهنجين زبانن سان ڳالهائيندئو ۽ اڳڪٿيون ڪندئو. سمجهه جي صلاحيت ملڻ لاءِ دعا ڪريو."

"آئون چاڻان ٿي ته تارن ۽ وڻن جي گڏجاڻين ڪرڻ مان تنهنجو ڪهڙو مطلب آهي. آئون سمجهان ٿي. مون سان به ائين ٿيو هو."

"ڪجهه ته جنگ جو ڪم آهي، باقي رهيل ڪسر انقلاب پوري ڪري ڇڏي آهي. جنگ زندگي ۾ هڪ مصنوعي وقفو آڻي ڇڏيو. ائين جڻ ته زندگي کي ڪجهه وقت لاءِ مڪمل ڪري سگهجي پيو.ڇا بيوقوفي آهي.انقلاب بهرحال اچي ئي ويو. هڪ اهڙي ساهه جيان جنهن کي گهڻي وقت تائين روڪيو ويو. هر ڪو ڄڻ نئون ڄائو نو بنو ٿي ويو آهي. تون ڇئي سگهين ٿي ته هر ڪو ٻن انقلابن مان گذريو آهي، سندس پنهنجي ذات جو انقلاب ۽ عام انقلاب. ائين ٿو لڳي ته سوشلزم هڪ سمنڊ آهي ۽ اهي سڀ الڳ الڳ ڌارائون، اهي ذاتي، انفرادي انقلاب ان ۾ شامل ٿي رهيا آهن. زندگي جي سمنڊ ۾ زندگي خاطر. مون چيو زندگي پر منهنجو مطلب اها زندگي آهي جيڪا تون فن پاري ۾ ڏسين ٿي، جنهن کي عظيم صلاحيتن واري فنڪار تخليق ڪيو هجي. پر هاڻي ماڻهن فيصلو ڪيو آهي ته ان زندگي جو تجربو ڪتابن ۽ تصويرن ۾ نه پر پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪجي، خيالي ۽ نظرياتي طرح نه پر عملي طرح ڪجي."

سندس آواز ۾ آيل اوچتي ڪنبڻي سندس پريشاني کي ظاهر ڪيو ٿي. لارا استري روڪي کيس سنجيدگي ۽ حيرت مان ڏٺو. ان کيس منجهائي ڇڏيو ۽

پلجي ويو تہ هن چا پٿي چيو. هڪ لمحي جي منجهائيندڙ خاموشيءَ کان پوءِ هو تيزيءَ سان ڳالهائڻ لڳو ۽ سندس ذهن ۾ جيڪي ڪجهہ آيو اهو چوندو رهيو.

”اڄڪلهہ منهنجي اندر ۾ هڪ ايمانداري واري تخليقي زندگي گذارڻ جي خواهش زور وٺي رهي آهي. آئون ان سڄي جاڳرتا جو حصو ٿيڻ چاهيان ٿو. پوءِ انهن سيني ماڻهن جي خوشين جي وچ ۾ آئون تنهنجو منجهيل غمگين چهرو ڏسان ٿو جيڪو خبر ناهي ڪهڙي دنيا ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. آئون ان لاءِ ڪجهہ بہ ڪرڻ لاءِ تيار آهيان تہ تنهنجو چهرو ائين نہ لڳي. اهو مون کي ٻڌاءِ تہ تون بلڪل ٺيڪ آهين؟ تون زندگي مان خوش آهين؟ توکي ڪنهن کان ڪنهن شيءِ جي گهرج ناهي؟ ڪو اهڙو شخص جيڪو تنهنجي ويجهو هجي، تنهنجو دوست يا مڙس (سڀ کان بهتر تہ هو هڪ سپاهي هجي) مون کي هٿ کان جهلي چئي تہ مهرباني ڪري تو متعلق پريشان ٿيڻ ڇڏي ڏيان ۽ توکان پري ٿي وڃان. ان وقت يقينا آئون ڪيس مار ڪڍندس. اوه معاف ڪجانءِ منهنجو اهو مطلب نہ هو.“

سندس آواز هڪ ڀيرو وري سندس اندر جي چغلي کائڻ لڳو هو. هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ مايوسي ۽ بيزاريءَ مان اٿيو ۽ دريءَ وٽ وڃي بيٺو. دريءَ مٿان جهڪندي هو وحايل، بي چين ۽ خالي خولي نظرن سان اونداهي ۾ ويڙهيل باغ ۾ ڏسڻ ۽ پنهنجو پاڻ تي قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

لارا استري جي تختي (جيڪو ميز ۽ ٻي دريءَ جي وچ ۾ رکيل هو) تان چڪر ڪاٽي ڪمري جي وچ ۾ ڪانئس ڪجهہ قدمن جي فاصلي تي بيهي رهي. ”ان جو ئي مون کي هميشہ کان ڊپ هو.“ هن نرميءَ سان ڄڻ تہ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندي چيو. ”مون کي ائين ڪرڻ گهرجي...نہ يوري آندريوچ، توکي ائين ڪرڻ نہ گهرجي. اوه، هاڻي ڏس تہ تو مون کان چا ڪرائي ڇڏيو آهي.“ هوءَ واپس تختي ڏانهن ڀڄي جتي استري جي هيٺان پيل هڪ بلائوز مان هلڪو دونهن نڪري رهيو هو.

”يوري آندريوچ.“ هن ڪالر مان استري کي اسٽينڊ اتي رکندي ڳالهہ جاري رکي. ”سمجهداريءَ کان ڪم وٺ. مادموزيل وٽ منٽ لاءِ وڃي پاڻي جو گلاس پي ۽ پوءِ موٽي اچ، منهنجا پيارا! ائين ئي جيئن هميشہ توکي ڏٺو آهي ۽ جيئن آئون توکي ڏسڻ ٿي چاهيان. مهرباني ڪري ائين ئي ڪر. اها منهنجي توکي وينتي آهي.“

منجهند ۾ اهڙي طرح جي ہي ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي ۽ هفتي ڪان پوءِ لارا اتان هلي ويئي.

(9)

ڪجهہ وقت ڪان پوءِ زواگو بہ گهر لاءِ روانو ٿي ويو. سندس رواني ٿيڻ ڪان اڳ واري رات زبردست طوفان آيو هو.هوا ۽ مينهن جا آواز گڏجي ويا هئا. مينهن ڪنهن وقت سڌو ڇتن تي ٿي پيو ۽ ڪنهن وقت وري هوا جي تبديليءَ سان ان جو رخ رستي ڏانهن ٿي ٿي ويو ڄڻ قدم بقدم پنهنجي وات ناهي رهيو هجي.

ڪنوڻ لاڳيتو چمڪي رهي هئي ۽ گجگوڙ سان گڏ وچڙ ٿي رهي هئي. وڄ جي روشنيءَ ۾ رستو پويان پڇندو ٿي ويو جنهن سان گڏ جهڪيل وڻ بہ ڊوڙي رهيا هئا.

مادموزيل فلوري رات ۾ مک دروازي جي ڪڙڪي تي جاڳي پيئي هئي. هوءَ اٿي ويٺي ۽ ڪن لائي ٻڌڻ لڳي. ڪڙڪو لاڳيتو ٿيندو رهيو.

هن سوچيو تہ ڇا اسپتال ۾ ڪو بني بشر باقي ناهي بچيو جيڪو اٿي در کولي؟ ڇا هميشہ ڪيس ئي سيڪجهہ ڪرڻو پوندو. ويچاري پوڙهي عورت. رڳو ان ڪري تہ قدرت ڪيس ايماندار بڻايو ۽ فرض جي احساس سان نوازيو آهي؟

ٺيڪ آهي، زيبرنسڪي تہ نواب هئا ۽ اهو گهر سندن ملڪيت هو پر اسپتال جو ڇا ٿيو. ڇا ان جو ماڻهن سان واسطو ناهي. اها سندن پنهنجي ناهي؟ هو ڪنهن کان ان جي سار سنڀال جي توقع رکن ٿا؟ هن مثال طور اهو ڄاڻڻ چاهيو ٿي تہ مرد نرسن ڪيڏانهن غائب ٿي ويا آهن. هر ڪو پڇي ويو هو. نہ اردلي، نہ نرسون، نہ ڊاڪٽر نہ ئي ڪو ذميوار شخص پر گهر ۾ اڃا ٽي قتيل موجود هئا، بہ ڄنگهون وڍيل ماڻهو سرجيڪل وارڊ ۾ هئا، جنهن کي ڪڏهن ڊرائنگ روم طور استعمال ڪيو ويندو هو ۽ هيٺ ڪپڙن ڌوئڻ واري جاءِ جي پرسان اسٽور روم دستن وارن مريضن سان ڀريل هو. اها شيطان اوستينيا گهمڻ ڦرڻ ويئي هئي. ڪيس ضرور پوريءَ طرح اها ڄاڻ هوندي تہ طوفان اچڻ وارو هو. پر ڇا اهو ڪيس روڪي سگهيو؟ هاڻي وٽس رات ٻاهر گذارڻ جو سنو بهانو هو.

اوہ، شڪر آهي خدا جو تہ درڪڙڪڻ بند ٿي ويو هو. انهن اهو سمجهي ورتو هوندو تہ ڪيرہ بہ جواب نہ ڏيندو ۽ مايوس ٿي هليا ويا هوندا. اهڙي موسم ۾ ڪير ٻاهر اچڻ چاهيندو يا وري اها اوستينيا هوندي؟ نہ. وٽس پنهنجي چاٻي آهي. "اوہ خدا. انهن وري درڪڙڪائڻ شروع ڪيو آهي. ڪيڏو نہ اهو ڊيڄاريندڙ آهي."

کھڙا سور آهن! زواگو مان اها توقع نہ پيئي ڪري سگھجي تہ هو ڪجھہ ٻڌي سگھندو. هو سياڻي وچي رهيو آهي. سندس خيال اڳ ۾ ئي ماسڪو يا وري سفر ۾ هئا. پر جليلن کي ڇا ٿيو هو؟ هو ڪيئن هن سڄي گوڙ ۾ ڪونگھرا پيو هڻي؟ يا وري جاڳي اهو سيڪجھہ ٻڌي پيو ۽ اهو سمجھي ٿو تہ نيٺ هوءَ اتي در کوليندي؟ هڪ ڪمزور بي وس عورت تي ڀاڙڻ تہ اها هيٺ وڃي در کوليندي، پوءِ خبر ناهي تہ ان ڏيهاريندڙ رات ۽ ان ڏيهاريندڙ ڳوٺ ۾ ڪير سندس آڏو هجي.

جليلن! ڪيس اوچتو ياد پيو. ها اهو جليلن هو. هوءَ ڇا سوچي رهي هئي. هوءَ ضرور اڌ ننڊ اڌ جاڳ واري ڪيفيت ۾ هوندي. جليلن اتي نہ هو. ڪيس تہ هن وقت گھٽو پري هئڻ گھربو هو. ڇا هن پاڻ زواگو سان گڏجي ڪيس لڪايو ۽ هڪ شهريءَ جو روپ نہ ڏنو هو ۽ پوءِ ڪيس خبر پيئي تہ اتان ڪيئن محفوظ طريقي سان پڇي سگھجي پيو. بريوچي اسٽيشن تي ٿيل قتل، جنهن ۾ ماڻهن ڪوميسار گنزکي ماري ڇڏيو هو ۽ بريوچي کان ميلوزيوو تائين سڄي رستي جليلن جو پيڇو ڪيو هو. مٿس گوليون هلايون هيون ۽ پوءِ سڄي شهر ۾ سندس ڳولها شروع ڪئي هئي. ڪيس ويس بدلائي پڄڻ تي مجبور ڪيو ويو هو.

جيڪڏهن موٽر ڪارون نہ هجن ها تہ ميلو زيوو ۾ هڪ پٿر بہ باقي نہ رهي ها. هڪ بڪتر بند ڊويزن اتان گذري رهي هئي جيڪا شهر جي بچاءَ لاءِ بيهي رهي ۽ ان ڏڦيڙ ڦهلائيندڙن کي روڪيو.

طوفان جو زور گھٽجي رهيو هو. گجگوڙ بہ لاڳيتي نہ هئي. ان جو آواز بہ گھٽ ٿي ويو هو پر پري کان ايندي لڳو ٿي. مينهن ڪڏهن ڪڏهن بيهي ٿي ويو ۽ پنن ۽ گندين نالين مان پاڻي جي گذرڻ جو آواز پوءِ بہ ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. بي آواز وڄ جي چمڪاٽ جي مادموزيل جي ڪمري ۾ اچڻ ۽ اتي ڪجھہ دير رهڻ سان ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ اها ڪنهن شيءِ کي ڳولهي رهي هجي.

اوچتو مک دروازي تي کڙ کڙ جو آواز. جيڪو گھٽو اڳ بيهي ويو هو. وري شروع ٿي ويو. ڪنهن کي هنگامي امداد جي ضرورت هئي ۽ هو مايوسيءَ ۾ لاڳيتو در کي کڙڪائي رهيو هو. هوا وري تيز ٿي ويئي هئي ۽ مينهن شروع ٿي ويو هو.

"اچان پيئي!" مادموزيل نامعلوم شخص کي رڙ ڪندي چيو ۽ سندس پنهنجي آواز کيس ڏيهاري ڇڏيو.

اوچتو ڪيس خيال آيو ته اهو ڪير ٿي سگهيو پئي. اٿي ويهي، پيرن ۾ چپل پائي هن چادر ڪلهن تي وڌي ۽ زواگو کي جاڳائڻ لاءِ پڳي. ان سان گڏ هيٺ وڃڻ گهٽ ڏيکاريندڙ هو. پر هن پاڻ به آواز ٻڌا هئا ۽ ٻرندڙ ميڻ بتي کڻي هيٺ اچي رهيو هو. ساڳيو خيال ٻنهي کي آيو هو.

"زواگو، زواگو ڪير مڪ دروازو وڄائي رهيو آهي. مون کي اڪيلي هيٺ وڃڻ ۾ ڊپ ٿو لڳي." هن فرانسيسي ۾ ڳالهائيندي ۽ پوءِ ان ۾ روسي گڏيندي چيو ته، "تون ڏسجان ته اها يا ته لارا هوندي ۽ يا وري ليفٽيننٽ جليلن."

کڙڪي تي جاڳيل يوريءَ کي به اهو يقين ٿي لڳو ته اهو ڪو اهڙو ماڻهو هو جنهن کي هن سڃاتو ٿي. اهو جليلن هو جنهن کي سندس پهچڻ دوران روڪيو ويو هو ۽ هاڻي هو پناهه وٺڻ لاءِ واپس موٽيو هو. يا نرس انتيپوا هئي جنهن کي سفر جاري رکڻ کان روڪيو ويو هو ۽ نتيجي ۾ موٽي آئي هئي.

پورچ ۾ يوري ميڻ بتي مادموزيل کي ڏني، ڪڙو کوليو ۽ چابي هنيائين. هوا جي تيز جهوٽي در کولي ڇڏيو ، ميڻ بتي وسامي ويئي ۽ ٻيئي ڇٽا مينهن ۾ پسي ويا.

"ڪير آهي؟ ڪير آهي ٻاهر؟ ڇا ٻاهر ڪير آهي؟ " مادموزيل ۽ ڊاڪٽر واري واري سان اونداهي ۾ رڙيون ڪندي پڇيو پر ڪين ڪوبه جواب نه مليو. اوچتو ٻي جاءِ تي کڙڪو شروع ٿي ويو. ڇا اهو پوئينءَ در تي هو يا جيئن سندن خيال هو باغ واري فرانسيسي دري تي؟

"لڳي ٿو هوا آهي، پر پوءِ به پڪ ڪرڻ لاءِ پويان هڪ نظر ڏسي وڃجي ته بهتر آهي. آئون هتي بيهان ٿو متان واقعي هتي ڪو موجود هجي."

مادموزيل گهر اندر هلي ويئي ۽ ڊاڪٽر ٻاهر نڪري پورچ جي ڇت هيٺان بيهي رهيو. سندس اکيون اونداهيءَ کان مانوس ٿي ويون هيون ۽ هو پرهه ڦٽي جا پهريان آثار ڏسي سگهيو ٿي.

شهر مٿان ڪڪر ائين ڊوڙي رهيا هئا ڄڻ ڪير سندن پويان پيو هجي. ايترا هيٺ جو انهن وڻن جي چوٽين کي ڇهيو پئي، جيڪي به ساڳي پاسي جهڪيل هئا ۽ آسمان کي صاف ڪندڙ ٻهارن جيان پئي لڳا. مينهن گهر جي ڪاٺ جي ديوار تي وسي ان جي رنگ کي پوري مان ڪارو ڪري ڇڏيو هو.

مادموزيل واپس آئي ته يوري پڇيس "ته پوءِ؟"

وسيلي بريوچي اسٽيشن جي ايڪسچينج سان ڳنڍيل هئا. ان لائين کي اسٽيشن جي آفيس مان ڪوليا ڪنٽرول ڪندو هو. اتي هو گهڻو مصروف هوندو هو ڇاڪاڻ ته جڏهن اسٽيشن ماسٽر نه هوندو هو ته هو نه رڳو ٽيليفون ۽ ٽيليگراف پر ريلوي سگنلز لاءِ به ذميوار هوندو هو جيڪي ان ساڳي ڪمري مان هلايا ويندا هئا.

گهڻن مڪينڪي اوزارن جي هڪ وقت سار سنڀال ڪرڻ جي ڪري ڪوليا ڳالهه ٻولهه جو هڪ خاص انداز ۾ غير واضح بي ربط ۽ منجهيل ۾ اختيار ڪري ورتو هو. جنهن کيس ان لائق ڪري ڇڏيو هو ته جڏهن هو چاهي ته سوالن جي جواب ڏيڻ کان لنوائي سگهيو ٿي يا ٽيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ شامل ٿي سگهيو ٿي. چيو ٿي ويو ته هن گڙٻڙ واري ڏينهن پنهنجي ان صلاحيت جو غلط استعمال ڪيو هو.

اهو صحيح آهي ته هن پنهنجي ان لنوائڻ جي ڪري شايد غير ارادي طور تي جليلن جي نيڪ ارادن کي ناڪام بڻائي ڇڏيو جنهن حالتن کي اهو موتمار رخ ڏنو هو.

جليلن شهر مان فون ڪري ڪوميسار، گنز جي پڇا ڪئي هئي جيڪو اسٽيشن تي يا ان جي ٻاهران ڪٿي موجود هو. ڪيس اهو ٻڌائڻو هو ته هو هڪدم وٽس اچي رهيو هو ۽ هو سندس انتظار ڪري ۽ سندس اتي پهچڻ تائين ڪجهه به نه ڪري. ڪوليا اهو بهانو ڪري ته هو هڪ ايندڙ ترين کي سگنل ڏيڻ ۾ رڌل هو گنز کي سڏڻ کان نابري واري ڇڏي. ساڳي وقت هن غلط يا صحيح هر بهاني سان ان ترين کي دير ڪرائي جيڪا بريوچي گهرايل قازقن کي ڪٿي اچي رهي هئي.

جڏهن فوج پهچي ويئي تڏهن به هو پنهنجي ناراضگي کي لڪائي نه سگهيو.

انجڻ اسٽيشن جي وڏي ڇت هيٺان آهستي آهستي هلندو ڪنٽرول روم جي وڏي دري آڏو اچي بيهي رهي. ڪوليا سائي سرج جا پردا، جن تي ڪمپني جو مونو گرام هيٺين رنگ ۾ ڪنارن کان سبيل هو، ڪيرائي دريءَ تي رکيل وڏي ٽري مٿان رکيل پاڻيءَ جو وڏو جڳ ڪٿي صاف. ٿلهي گلاس ۾ ٿورو پاڻي وڌو. ڪجهه ڍڪ پيتا ۽ ٻاهر ڏٺو.

انجڻ ڊرائيور کيس پنهنجي ڪيبن مان ڏٺو ۽ دوستاڻي انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو.

”ڪنو ذليل.“ ڪوليا نفرت مان سوچيو. هن پنهنجي جڀ ٻاهر ڪڍي ۽ مڪ ڏيکاريائين. ڊرائيور نه رڳو کيس سمجهي ويو پر ترين ڏانهن نهاريندي ڪلهن ۽ ڪنڌ جي لوڏ سان اهو ٻڌائڻ ۾ به ڪامياب ٿي ويو. ”آئون ڇا ٿي ڪري سگهيس؟

ڪيو. سندن وڏنڌڙ سرگوشين کي نظر انداز ڪندي هن پڳل سپاهين کي ياد ڏياريو تہ جنگي انقلابي عدالتون قائم ٿي چڪيون هيون ۽ موت جي تڪليف جي ڌمڪي ڏيندي کين هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۽ پنهنجن اڳواڻن کي حوالي ڪرڻ لاءِ چيو. جيڪڏهن انهن انڪار ڪيو. هن کين چيو، ان مان اهو ثابت ٿيندو تہ هو غدار ۽ سياسي طرح بي شعور مٿي ڦريل گند جو ڍير آهن. ماڻهن کي اهڙي لهجي ٻڌڻ جي عادت نہ رهي هئي.

سوين آوازن گڏجي گوڙ ڪيو. ڪجهہ هلڪا آواز هئا جي ۾ ڪاوڙ نہ هئي. "ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. ماٺ ڪر. ايترو ڪافي آهي." پر ڪجهہ آواز وڏي واڪي ۽ نفرت سان ڀريل جذباتي هئا جيڪي ٻين تي حاوي ٿي ويا. انهن رڙيون ٿي ڪيون تہ " ان کي ٻڌوا ڪامريڊ پراڻي دور جيان پيو ڳالهائي. اسان انهن آفيسرن سان اجا ڪجهہ ناهي ڪيو. هاڻي اسان غدار ٿي وياسين ۽ عاليجناب توهان جو پنهنجي متعلق ڇا خيال آهي؟ اسان ڇو هن جي پرواهہ ڪريون. ظاهر آهي، هي جرمن آهي، جاسوس آهي، ڇا توهان ڏسي نہ ٿا سگهو. اميرزادا اسان کي پنهنجا ڪاغذ ڏيکار ۽ توهان وات ڦاڙي ڇا پيا ڏسو؟" اهي قازقن ڏانهن مڙيا، "توهان هي امن قائم ڪرڻ آيا آهيو. ڪوشش ڪيو، ٻڌو اسان کي. ختم ڪيو ان معاملي کي."

پر قازقن کي بہ گنز جي بي وقتي تقرير پسند نہ آئي هئي." هن جي خيال ۾ اسان سڀ سوئر آهيون." انهن ٻڙ ٻڙ ڪئي، "پاڻ کي آقا ۽ مالڪ ٿو سمجهي." هڪ هڪ ڪري انهن پنهنجيون تلوارون مياڻن ۾ رکڻ شروع ڪيون ۽ هڪ ٻئي پويان پنهنجن گهوڙن تان لهندا ويا. جڏهن منجهانئن گهڻا لهي ويا تہ هڪ هجوم جي صورت ميدان جي مرڪز ڏانهن وڌيا ۽ 212 هين رجمينٽ جي همراهن سان گڏجي پنهنجي دوستي ۽ يڪجهتي جو اظهار ڪيائون.

"تون هتان هڪدم هليو وڃ." پريشان قازق آفيسر گنز کي چيو. "تون هتان چپ چپات ۾ سندن نظرن ۾ اچڻ کان سواءِ هليو وڃ. تنهنجي ڪار اسٽيشن تي آهي. اسان ان کي تو ڏانهن موڪليون ٿا. جلدي ڪر."

گنز هليو ويو پر هن سوچيو تہ اهڙي ريت چورن وانگر وڃڻ سندس شان جي خلاف هو. ان ڪري ضروري احتياط کان سواءِ ظاهر ظهور اسٽيشن ڏانهن هلي پيو. هو تمام گهڻو پريشان هو پر سندس وقار کيس پرسڪون رهڻ ۽ آهستي هلڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو.

هو ريلوي اسٽيشن جي ويجهو پهچي ويو هو. ٻيلي جي ڪناري وٽ پهچي جتان ريل جون پٽڙيون نظر ٿي آيون. هن ڀڀريون پيرو پنهنجي چوڌاري نظر وڌي. سپاهي رائفلن سان سندس پويان اچي رهيا هئا.

" هو ڇا ٿا چاهين؟" هن حيراني مان سوچيو ۽ پنهنجي رفتار تيزڪري ڇڏي.

سندس پيڇو ڪندڙن به ائين ئي ڪيو. سندن وچ ۾ ساڳيو فاصلو برقرار رهيو. هن ٽٽل گاڏن جي ٻيٽي قطار ڏٺي، انهن جي پويان ٿي هو ڊوڙڻ لڳو. جنهن ٽرين قازقن کي آندو هو ان کي پٽڙين تان هٽايو ويو هو ۽ هاڻي پٽڙيون صاف هيون. هن ڊوڙندي انهن کي پار ڪيو ۽ پليٽ فارم تي ٽپ ڏنائين. ان وقت سپاهي بيڪارگاڏن جي پويان ڊوڙلدا ٻاهر نڪتا.

ڪوليا ۽ اسٽيشن ماسٽر رڙيون ڪري ۽ هٿ لوڏي ڪيس اسٽيشن جي عمارت ۾ اچڻ لاءِ چئي رهيا هئا جتي هو ڪيس بچائي سگهيا ٿي.

پر هڪ ڀيرو وري عزت جي احساس، جنهن جي منجهس نسلن کان پرورش ڪئي وئي هئي ۽ جيڪو شهري زندگي جي خاصيت هو، ڪيس پنهنجي قرباني، جيڪا حالتن جي لحاظ کان بلڪل بيڪار هئي، ڏيڻ تي مجبور ڪيو ۽ سندس حفاظت ڏانهن ويجهڻ واري واٽ کي بند ڪري ڇڏيو. سندس دل زور سان ڌڙڪي رهي هئي. هن پنهنجي دپ تي قابو ڪرڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪئي. هن سوچيو، "مون کي رڙ ڪري چوڻ گهرجي ته توهان هوش ۾ اچو، توهان ڇاٿو ٿا ته آئون جاسوس ناهيان. ڪين روڪڻ لاءِ سنجيده ۽ انساني ڪوشش."

گذريل ڪجهه مهينن ۾ همت ڀريل ڪمن ۽ دل مان نڪتل آواز متعلق اها سوچ غير شعوري طرح سندس ذهن ۾ ويهي رهي هئي ته اهو ڪم رڳو اسٽيج يا ڪرسيءَ تي ڪري سگهجي ٿو جنهن تي ويهي ماڻهن کي مخاطب ٿي منجهن هڪ جوش ۽ جذبي کي حرڪت ۾ آڻجي.

اسٽيشن جي دروازي تي گهنڊ جي هيٺان پاڻيءَ جو ڊرم پيو هو ته جيئن ان کي باهه لڳڻ جي صورت ۾ ڪم آڻجي. گنز ان جي مٿان چڙهي بيٺو ۽ ايندڙ سپاهين کي مخاطب ٿي ڪجهه دل تي اثر ڪندڙ بي ربط لفظ چيا. سندس چرياڻپ واري ان همت ڀرئي قدم کي ڏسي، جڏهن هو ٻه قدم اڳتي وڌي آسانيءَ سان اسٽيشن ۾ پناهه وٺي سگهيو ٿي، سپاهي حيران ٿي ويا ۽ جتي هئا اتي بيهي رهيا. انهن پنهنجون بندوقون هيٺ ڪري ڇڏيون.

پر گنز ڊگھڻ جي ڪنڌ تائين وڌي آيو. ڊگھڻ تتي پيو ۽ سندس هڪ ٽنگ پاڻي ۾ ۽ ٻي ڊرم ۾ ٻاهران لٽڪي پيئي.

ڪيس ڊرم تي اهڙي اڏنگي نموني ويٺو ڏسي سپاهين ٺهڪ ڏنا ۽ منجهانئن جيڪو سڀ کان اڳتي هو، ان گنز جي ڳچيءَ ۾ گولي هنئي. هو ان وقت مري چڪو هو جڏهن ٻيا سپاهي ڊوڙندا آيا ۽ پنهنجيون سنگينون سندس جسم ۾ ٽنبيون.

(11)

مادموزيل ڪوليا ڪي فون ڪري ڪيس ماسڪو ويندڙ ٽرين ۾ ڊاڪٽر زواگو لاءِ هڪ سٽي سيٽ هٿ ڪرڻ لاءِ چيو. هن ڪيس ڌمڪي ڏني ته ائين نه ڪرڻ جي صورت ۾ هو سندس پول کولي ڇڏيندي.

ڪوليا معمول موجب ڪنهن ٻئي سان ڳالهه ٻولهه ۾ رڌل هو ۽ سندس ڳالهه ٻولهه جي مختصر وقفن مان ظاهر ٿيو ٿي ته هو ڪنهن ٽئين اوزار تي لڪل ٻوليءَ ۾ ڪو نياپو ڏيئي رهيو هو.

"پسڪوف، پسڪوف، ڇا تون منهنجو آواز ٻڌي رهيو آهين؟ ڪهڙا باغي، ڪهڙي مدد؟ مادموزيل تون ڇا جي متعلق ڳالهائي رهي آهين؟ مهرباني ڪري فون بند ڪر. پسڪوف، پسڪوف، ڇٽيهه ڏهائي ٻڙي، هڪ پنج اوه، ڇا مصيبت آهي، انهن منهنجي لائن ڪاٽي ڇڏي. هيلو هيلو، آئون نه ٿو ٻڌي سگهان... اها وري تون آهين مادموزيل؟ مون توکي چيو آهي ته آئون اسٽيشن ماسٽر سان نه ٿو ڳالهائي سگهان. سڀ ڪوڙ ڪهاڻيون، .... ڇٽيهه...... اوه، لعنت آهي. فون بند ڪر مادموزيل."

۽ مادموزيل چئي رهي هئي:

"منهنجي اکين ۾ ڌوڙ نه وجهه. پسڪوف، ڪوڙا. آئون توکي چڱي ريت سمجهان ٿي. سڀاڻي تون ڊاڪٽر کي ٽرين ۾ ويهاريندين ۽ هاڻي آئون هڪ اکر به نه ٻڌنديس."

(12)

يوري جنهن ڏينهن روانو ٿيو ان ڏينهن گهٽي گهٽ هئي. اهڙي ئي طوفان جا آثار هئا جهڙو ٻه ڏينهن اڳ آيو هو. اسٽيشن ويجهو زمين تي سورج مکي جا ٻج پکڙيل هئا. بدڪون ڪاري آسمان جي خاموش دهشت هيٺان اڇيون ۽ هراسيل لڳي رهيون هيون.

اسٽيشن جي آڏو ۽ ٻنهي پاسن کان وسيع چبر لتاڙيل ۽ انهن ماڻهن جي هجوم ۾ لڪل هئي جيڪي هفتن کان مختلف هنڌن ڏانهن وڃڻ لاءِ ٽرينن جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا.

ڪجهي ان جا پورا ڪوٽ پاتل پوڙها خبرن ۽ افواهن جي ڳوڙ ۾ هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻي رهيا هئا. چوڏهن ورهين جا ڇوڪرا چپ ڪيو هٿ مٿي هيٺان ڏيئي ليٽي ائين ٽاريون ڇهاڙي رهيا هئا ڄڻ رڍن جي سنڀال ڪري رهيا هجن، جڏهن ته سندن ننڍا ڀائر ۽ ڀينرون هلڪيون قميصون ۽ گلابي نيڪر پايو گهمندي زمين تي ويٺا هئا. انهن جي مائرن پنهنجي ٿڃ پياڪ ٻارن کي پنهنجن پورن ۾ ٻي رنگ ڪوٽن ۾ لڪائي پنهنجي ڇاتين سان چنبڙائي ڇڏيو هو.

"جيئن گوليون هلڻ شروع ٿيون تيئن سڀ رڍن جيان وکرجي ويا." اسٽيشن ماسٽر پوري کي جڏهن اهي ٻيئي مک دروازي جي آڏو ۽ اسٽيشن جي پٽ تي پيل لاشن جي وچ مان گذري رهيا هئا، ڪنهن همدرديءَ کان سواءِ ٻڌايو."ڪن پل ۾ هر ماڻهو ڇپر تان هٽي ويو. تون وري زمين ڏسي پئي سگهئين. اسان ان کي خاله بدوشن جي ڪيمپ جي ڪري ڇئن مهينن کان نه ڏٺو هو. اسان کي اهو به وسري ويو هو ته اها ڪهڙي هئي. هن جاءِ تي هو پيو هو. اها هڪ عجيب ڳالهه ٿيندي جيڪڏهن تون ائين سمجهين ته جيئن ته مون جنگ ۾ گهڻيون خراب ڳالهيون ڏٺيون آهن. ان ڪري مون تي انهن جو ڪو اثر نه ٿو ٿئي. بهرحال مون کي نهايت گهڻو ڏک ٿيو. اها هڪ بيوقوفي واري شيءِ هئي جنهن جو ڪو فائدو نه هو. هن ڪين ڇا ڪيو هو؟ پر اهي ته انسان ئي ناهن. ماڻهن جو چوڻ آهي ته هو پنهنجي ماءُ پيءُ جو هڪ پيارو پٽ هو ۽ هاڻي مهرباني ڪري ساڄي پاسي منهنجي دفتر ۾ هلو. مون کي لڳي ٿو ته ان ٽرين ۾ جاءِ ملڻ جي اميد ناهي. هو توکي ڇٽي ماري ڇڏيندا. آئون توکي ڪنهن لوڪل ٽرين تي موڪليان ٿو. اسان انهن کي سوار نه ڪرايون ته بي صورت ۾ ان کي نهڻ کان اڳ هو ان کي پيڇي پورو ڪري ڇڏيندا. تون سوکي نيچي ۾ گاڏي تبديل ڪجانءِ."

## (13)

جڏهن لوڪل ٽرين ريلوي شيڊ مان نڪري اسٽيشن تي آئي ته ماڻهن جو سڄو ميڙ ريلوي لائينن تي اچي ويو. ماڻهو ڪنارن تي ائين ڇائنجي ويا ڄڻ اهي

اتر ڏانهن ويندڙ مسافرن کان ٻه اڳتي وڃي رهي هئي، ڇڻ ڪو افواهه هجي جيڪو هر پاسي اُڏري پهچي ويندو هجي ۽ پوءِ مسافرن جي پهچڻ جو انتظار ڪري جيڪي اتي پهچي ان جي پڪ ڪن.

(14)

ان رات سوخي نيچي ۾ پراڻي انداز وارو هڪ همدرد قلي يوريءَ کي پاڻ سان وٺي اونداهي ۾ ريل جي پٽڙين تان ٽيندو هڪ ٽرين ڏانهن وٺي ويو جيڪا ان وقت آئي هئي. هُن ڪيس سيڪنڊ ڪلاس جي ڊٻي ۾ ويهاري چڙهيو.

هن اجا دروازو کولي يوري جو سامان ڪٽي اندر مس رکيو هو جو ڪنڊيڪٽر اتي پهچي ويو ۽ سامان ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪرڻ لڳو پر يوري کيس سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ هو اُتان غائب ٿي ويو.

اها پراسرار ٽرين خاص حڪم هيٺ هلائي پئي وئي. ان جي رفتار چڱي تيز هئي ۽ گهٽ ٿي اسٽيشنن تي بيٺي ٿي. ان سان گڏ هڪ هٿيار بند دستو به هو. گاڏو تقريبا خالي هو.

يوري جي ڊٻي ۾ هڪ ميڻ بتي ٻري رهي هئي جيڪا هڪ ننڍي ميز تي رکيل هئي. اڌ کليل دريءَ مان ايندڙ هوا ۾ ان جو شعلو ڪنبي رهيو هو. اها ميڻ بتي ڊٻي ۾ يوري کان سواءِ موجود ڪارن وارن واري نوجوان، جنهن جي ڏِکڻ هٿن ۽ پيرن مان لڳو ٿي ته هو گهڻو ڏکهو هو، جي هئي. سندس سَنڌ مضبوط نه هئا ۽ ائين پئي لڳو ته ڇڻ پوري ريت جسم سان جڙيل نه هئا. هو دريءَ جي پرسان ڪنڊ واري سيٽ تي ليٽيو پيو هو پر جيئن يوري اندر آيو تيئن هو فضيلت سان اٿي ويهي رهيو.

فرشي چادر جهڙي ڪا شيءِ سندس سيٽ هيٺان پيئي هئي. ان جي هڪ ڪنڊ چري ۽ اتان هڪ ڏِکهن ڪنن وارو ڪتو ٻاهر نڪتو. هن يوري جو جائزو ورتو، ڪيس سَجو سُنگهيائين ۽ سجي ڊٻي ۾ پنهنجن پيرن کي ائين ڏگهيريندو جيئن سندس ڏگهي مالڪ پنهنجين ٽنگن کي ڪيو هو. ڊوڙڻ لڳو. جلد ئي پنهنجي مالڪ جي حڪم تي هو نشست هيٺان هليو ويو ۽ مروڙيل سروڙيل چادر جو مزو وٺڻ لڳو.

يوري جي نظر ڊونالي بندوق جي ڪارتوسن ۽ مٿي لٽڪيل شڪار سان ڀريل شڪاري ٿيلهي تي پيئي.

اهو نوجوان شڪار ڪري موٽيو هو.

هو تمام گهڻو ڳالهائيندڙ هو. مرڪندي بلڪل يوريءَ جي وات ۾ ڏسندي هن ترت ڪيس ڳالهين ۾ لڳائي ڇڏيو.

سندس آواز هاڻ وٽندڙ ۽ ڀاري هو جيڪو ڪڏهن ڪڏهن رڙ جيان پڌڻ ۾ آيو ٿي. سندس ڳالهه ٻولهه جي ٻي هڪ عجيب ڳالهه اها هئي ته جيتوڻيڪ هو بلڪل روسي هو پر ڪجهه لفظن کي فرانسيسي انداز ۾ زور لڳائي ادا ڪياٿين ۽ ڪجهه کي جرمن انداز ۾ نرم ڪري ٿي ڳالهاياٿين. اٿين ڪرڻ ۾ ڪيس گهڻي جاڪوڙ ٿي ڪرڻي پئي ۽ هن پنهنجو پاڻ تي گهڻو دٻاءُ وجهي هلڪي رڙ ۽ ٻي آواز جي پيٽ ۾ وڏي واڪي اُنهن کي ادا ڪيو ٿي. وقت به وقت هن بظاهر توجهه سان پنهنجي ان خامي کي درست به ڪيو ٿي پر اها هميشه وري موٽي ٿي آئي.

"اهو ڇا ٿو ٿي سگهي؟" يوري سوچيو. "مون کي يقين آهي ته مون ان متعلق پڙهيو آهي ۽ هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ مون کي ان متعلق ڄاڻ هئڻ گهرجي پر ذهن ۾ نه پيو اچي ته اهو نيٺ آهي ڇا. اها ضرور دماغ جي ڪا تڪليف آهي جيڪا ڳالهه ٻولهه کي بگاڙي ٿي." ان جو پلي کهڙو به ڪارڻ هجي پر اهو ڪيس ايترو مضحڪ خيز لڳو جو هن لاءِ پنهنجو پاڻ کي سنجيده رکڻ ڏکيو ٿي پيو. "بهتر آهي ته هاڻي سمهجي،" هن پنهنجو پاڻ کي چيو.

هو مٿي سامان رکڻ واري سيٽ تي چڙهي ويو. نوجوان ڪانئس پڇيو ته جيڪڏهن روشني جي ڪري ڪيس ننڊ نه ايندي هجي ته هو ميڻ بتي وسائي ڇڏي. يوري هاڪار ڪئي ۽ دٻي ۾ مڪمل اونداهي ٿي وئي.

"ڇا آئون دري بند ڪيان." يوري ڪانئس پڇيو. "تو کي چورن کان ڀئو ته نه ٿو ٿئي؟"

ڪيس ڪوبه جواب نه مليو. هن پنهنجو سوال وڏي آواز ۾ ورجايو پر پوءِ به ڪيس ڪوبه جواب نه مليو.

هن ماچيس جي تيلي ٻاري ۽ اهو ڏسڻ لاءِ هيٺ جهڪيو ته ڪٿي سندس پاڙيسري ٻاهر ته نه هليو ويو هو. ايتري ٿوري وقت ۾ سمهي پوڻ ممڪن نه پئي لڳو.

هو اتي ئي هو ۽ اکيون کولي پنهنجي جاءِ تي ويٺو هو. يوري جو منهن جيئن سندس مٿان جهڪيو تيئن هو ان کي ڏسي مرڪيو. تيلي وسامي وئي. يوري ٻي تيلي ٻاري ۽ اها اجا ٻري رهي پئي ته هن ٽيون ڀيرو پنهنجو سوال ورجايو.

"تو کي جيئڻ وٽي اٿين ڪر" نوجوان ترت جواب ڏنو. "مون وٽ اهڙي ڪابہ شيءِ ناهي جنهن جي چور کي ضرورت هجي پر شايد بهتر ٿيندو تہ دري کليل رهڻ ڏي. اندر گهٽ آهي."

"ڪيڏو نہ غير معمولي ماڻهو آهي!" يوري سوچيو. "بظاهر تہ مٿي ڦريل ٿو لڳي. اونداهي ۾ نہ ٿو ڳالهائي ۽ هاڻي هن سڀ لفظ بلڪل صحيح ادا ڪيا آهن."

(15)

گذريل هفتي جي واقعن ۽ صبح سويل ٿي سفر لاءِ روانو ٿيڻ واري ڪم يوريءَ کي ٿڪائي وڌو هو جنهن جي ڪري سندس خيال هو تہ ڪيس ليٽندي ئي ننڊ اچي ويندي. پر گهڻي ٿڪ جي ڪري هو پرهہ ڦٽيءَ تائين جاڳندو رهيو.

اونداهي ۾ سندس ذهن ۾ خيال گردش ڪندا رهيا. اهي ٻن مک حصن ۾ ورهايل ٻن ڌاڳن جيان هڪ ٻئي سان منجهندا ۽ ڌار ٿيندا رهيا.

هڪ دائري ۾ ٽونيا متعلق سندس خيال هئا. سندن گهر ۽ سندن اڳوڻي پرسڪون زندگي جنهن جي ننڍي ننڍي شيءِ ۾ شاعري، خلوص ۽ گرم جوشي هئي. يوري ان زندگي متعلق فڪرمند هو. هن ان کي محفوظ ۽ مڪمل رکڻ چاهيو ٿي ۽ ٻن سالن جي جدائي کان پوءِ هو ان ايڪسپريس ٽرين ۾ اوڏانهن موٽي رهيو هو، اتي پهچڻ لاءِ هو بي چين هو.

هتي انقلاب لاءِ سندس وفاداري ۽ پسنديدگيءَ جو جذبو بہ شامل هو. ان معنيٰ ۾ جنهن ۾ انقلاب کي وچولي طبقي قبوليو هو ۽ جنهن معنيٰ ۾ انهن شاگردن، 1905ع ۾ بلاڪ جي پوئلڳن، سمجهيو هو.

ان مانوس دائري ۾ نين شين متعلق انومان بہ شامل هئا. ان ۾ اهي خيال ۽ واعدا، جيڪي جنگ کان اڳ 1912ع ۽ 1914ع جي وچ ڌاري روسي سوچ، فن ۽ زندگي، روس ۽ سندس مجموعي طرح سڄي تقدير ۾ ظاهر ٿيا هئا. شامل هئا.

جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ ان ماحول ۾ موٽي وڃڻ بهتر ٿيندو جيئن ان جي تجديد ۽ تسلسل کي ڏسي سگهجي بلڪل ائين ئي جيئن گهر وڃڻ بهتر هو.

سندس سوچن جي ٻئي دائري ۾ بہ نيون شيون شامل هيون پر اهي پهرئين کان گهڻيون مختلف ۽ اڻ ٺهڪندڙ هيون. اهي نيون شيون چاتل سڃاتل نہ هيون

۽ نہ ئي انھن جو ماضي سان ڪو تعلق ھو. اھي پاڻ چونديل نہ ھيون پر اھي ھڪ حقيقت ۽ ھڪ زلزلي جيان اوچتو ۽ اڻ ٽر طور ظاھر ٿيون ھيون.

انھن نين شين ۾ جنگ بہ شامل ھئي، پنھنجي سڄي رتو ڇاڻ، ڌڪاءُ، بي گھري، وحشت ۽ اڪيلائي، آزمائش ۽ ان جي سيڪاريل دنيوي ڏاھپ سميت. ان ۾ اھي سڀ ڪان اڪيلا ۽ ڏار بيٺل ننڍا شھر بہ شامل ھئا جتي جنگ توھان کي ڪٽي ويئي ھئي ۽ اھي ماڻھو پڻ جن سان ان توھان کي گڏي ڇڏيو ھو. اھڙي ئي نئين شيءِ انقلاب پڻ ھو. اھو جيڪو 1905ع ۾ ھڪ فيشن طور شاگردن جو آدرش ھوندو ھو پر جنگ مان پيدا ٿيل خوني، بي رحم ۽ ٺوس نئون اپار جنھن جي اڳواڻي پيشہ ور انقلابي بالشويڪ ڪري رھيا ھئا.

انھن نون خيالن ۾ نرس انتيپوا جو بہ خيال ھو جيڪا جنگ جي ڪري الائي ڪٿي پٽڪي رھي ھئي. سندس زندگي متعلق ھن بلڪل ڪجھہ نہ ٿي ڄاتو ۽ جيڪا ڪنھن کي الزام نہ ڏيندي ھئي. پر سندس چپ پاڻ ھڪ ڏوراپو ھئي. ھوءَ پراسرار طور گھٽ ڳالھائيندي ھئي ۽ پنھنجي ان عادت تي سختي سان قائم رھندي ھئي. انھن خيالن ۾ يوري جي پوري ايمانداريءَ سان ڪيس پيار نہ ڪرڻ جي اھڙي ڀرپور ڪوشش بہ ھئي جھڙي ايماندارانہ ڪوشش ھن پنھنجي سڄي حياتي نہ رڳو پنھنجي خاندان ۽ دوستن پر ھر ڪنھن سان پيار ڪرڻ لاءِ ڪئي ھئي.

ٽرين پوري رفتار سان ھلي رھي ھئي. ڪليل دريءَ مان ايندڙ سامھون وار ي ھوا يوريءَ جي وارن کي وکيري ۽ مٽس مٽي وجھي رھي ھئي. ھر اسٽيشن تي پوءِ ڏينھن ھجي يا رات، ماڻھن جا ميڙ گاڏي تي ڪاھي ايندا ھئا ۽ ليمن جي وڻن جي سرسراھٽ ٻڌڻ ۾ ايندي ھئي.

ڪڏھن ڪڏھن گاڏا ۽ بوگيون ڪڙڪڙ ڪنديون اونداھي مان نڪري اسٽيشن تي آيون ٿي ۽ آواز ۽ ڦيٿن جي چرچر جي آواز ۾ گڏجي ويون ٿي.

ان وقت يوريءَ کي اھو محسوس ٿيندو ھو تہ ھن سمجھيو ٿي تہ اھي پاڇا چو سرسر ڪن ٿا ۽ ڇو مٿو مٿي سان گڏي سرگوشيون ڪن ٿا ۽ اھو تہ ھڪ ٻئي سان آھستي آھستي ڪھڙيون ڳالھيون ڪن ٿا. يوري پنھنجي سيٽ تي بي چيني سان پاسا ورائيندي روس ۾ وڌندڙ بي چيني ۽ اڻ تڻ، انقلاب، ان جي ڏکئي ۽ فيصلي ڪن وقت ۽ نيٺ ان جي عظمت جي امڪانن متعلق سوچي رھيو ھو.

(16)

يوري ٻئي ڏينهن دير تائين ستو پيو هو. جڏهن هُو اٿيو ته يارنهن وڄي چڪا هئا. " پرنس، پرنس." سندس هم سفر نرمي سان پنهنجي ناراض ڪتي کي سڏي رهيو هو. يوري حيران هو ته دٻي ۾ اجا تائين اهي اڪيلائي هئا ۽ ٻيو ڪو مسافر اندر نه آيو هو.

اهي ڪلوگاجي پرڳڻي مان نڪري چڪا هئا ۽ ماسڪو جي علائقن ۾ سفر ڪري رهيا هئا. يوري ننڍپڻ کان ئي اسٽيشنن جي نالن کان واقف هو.

هو جنگ کان اڳ واري انداز ۾ اطمينان سان هٿ منهن ڌوئي ۽ شيو ٺاهي دٻي ۾ پنهنجي عجيب و غريب هم سفر ياران ڏنل دعوت تي نيرن ڪرڻ لاءِ پهتو. هاڻي هن ان کي چڱيءَ طرح ڏٺو.

ڪيس هن ۾ جيڪا ڳالهه نظر آئي اهو سندس تمام گهڻو ڳالهائڻ ۽ هڪ پل لاءِ به سک سان نه ويهڻ هو. ڪيس ڳالهائڻ جو شوق هو جنهن جو مقصد هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ يا خيالن جي ڏي وٺ نه پر رڳو ڳالهائڻ ، لفظ ادا ڪرڻ ۽ آواز ڪڍڻ هو. ڳالهين ڪندي هن ائين ٽپ ٽي ڏنا ڄڻ اسپرنگ تي ويٺل هجي. هن ڪنهن ڪارڻ ڪانسواءِ زور زور سان ٽهڪ ٽي ڏنا. پنهنجن هٿن کي تيزيءَ سان مهٽيو ٽي ۽ جڏهن سندس جذبن جي اظهار جا سڀ طريقا ناڪام ٿي ٿي ويا ته پنهنجي گوڏي تي زور سان ڌڪ هڻي ٽهڪن ۾ ٽي اچي ڇٽو. ايستائين جيستائين سندس اکين ۾ ڳوڙها نه ٿي اچي ويا.

سندس ڳالهه ٻولهه ۾ راتوڪيون ساڳيون خاصيتون هيون. هن عجيب بي ربط نموني ڳالهايو ٿي. هينئر پڇڻ ڪانسواءِ رازداريءَ جون ڳالهيون پيو ڪندو ۽ وري هڪدم انتهائي عام ۽ سادن سوالن جا جواب به نه ڏيندو. هن پنهنجي متعلق ناقابل يقين ۽ بي ربط ڳالهيون ٻڌايون. شايد هن ٿورو ڪوڙ ڳالهايو ٿي. يقيني طور هن پنهنجن انتها پسند راين جي اظهار ۽ عام طور مڃيل راين کي رد ڪرڻ سان هڪ اثر وجهڻ چاهيو ٿي.

ان سڀڪجهه يوري کي ڪنهن ڳالهه جي ياد ڏياري. اهو گذريل صديءَ جي مروج نظام کي رد ڏيندڙن جو انتها پسند انداز هو. ڪجهه عرصو پوءِ اهو دوستووسڪي جي ڪردارن ۾ نظر اچي ٿو ۽ ان کان پوءِ تازو انهن جي وارثن،

پرڳڻن جي دانشورن انهن نظرين جو اظهار ڪيو. اهي وڏن شهرن جي پيٽ ۾ ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ واري معاملي ۾ اڳتي هوندا هئا جنهن ڪي وڏن شهرن ۾ پراڻو فيشن سمجهيو ويندو هو.

ان نوجوان ڪيس ٻڌايو ته هو ڪنهن مشهور انقلابي جو پائيٽيو هو جڏهن ته سندس ماءُ پيءُ پڪا رجعت پسند هئا. "تاريخ کان اڳ واري دور جا" جيئن ڪين سڏيندو هو. محاذ سان گڏ هڪ علائقي ۾ سندن وڏي جاگير هئي. اتي ئي نوجوان پلجي وڏو ٿيو هو. سندس ماءُ پيءُ سچي حياتي سندس چاچي پويان پيل هوندا هئا پر چاچي ڪي ساڻن ڪوبه وير نه هو ۽ هن هاڻي پنهنجي اثر رسوخ سان ڪين گهڻين پريشانين کان بچائي ورتو هو.

سندس خيال به سندس چاچي جيان هئا. هو هر شيءِ ۾ پوءِ اها زندگي هجي، سياست يا فن، انتها پسند هو. هن يوريءَ ڪي دوستووسڪي جي هڪ ڪردار پيٽرورخوونسڪي جي ياد ڏياري ڇڏي، جنهن ڪي ڪاٻي ڌرڪان وڏيڪ هلڪڙائپ ۽ ڏيکاءُ جو گهڻو شوق هو. "هو مون ڪي هاڻ ٻڌائيندو ته هو هڪ مستقبل پسند آهي." يوري سوچيو ۽ واقعي ڳالهه ٻولهه جو رخ به آئندي ڏانهن هليو ويو. " هاڻي راند روند، ريس جي گهوڙن، اسڪيٽنگ يا فرانسيسي ڪشتيءَ جون ڳالهيون ٿينديون." پر ڳالهين جو رخ شڪار ڏانهن هليو ويو.

نوجوان پنهنجي تر ۾ شڪار ڪرڻ ويو هو. هن ٻڌاڪ هنئي ته هو هڪ سٺو نشاني باز هو ۽ جيڪڏهن پنهنجي جسماني نقص جي ڪري فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ کان رهجي نه وڃي ها ته نشاني بازي ۾پنهنجو ڌاڪو ويهاري ڇڏي ها. يوري جي سواليه نظرن ڪي سمجهندي هن رڙ ڪئي. "ڇا تو ڪا شيءِ نه ڏٺي آهي؟ مون سمجهيو ٿي ته توکي منهنجي تڪليف جو اندازو ٿي ويو هوندو."

هن پنهنجي ڪيسي مان ٻه ڪارڊ ڪڍي يوري کي ڏنا. هڪ وزيٽنگ ڪارڊ هو. سندس ٻه نالا هئا. ڪيس ميڪسم خووچ ڪلتوف يوگوريوشڪ يا رڳو يوگوريوشڪ چيو ويندو هو. هن يوري کي چيو ته ڪيس يوگوريوشڪ سڏي جيڪو هن پنهنجي چاچي جي نالي پويان رکيو هو.

ٻيو ڪارڊ چوڪنڊن خانن ۾ ورهايل هو ۽ هر خاني ۾ ٻه هٿ نهيل هئا جيڪي مختلف طريقن سان مليل هئا ۽ انهن جون آڱريون مختلف طريقن سان بند ٿيل هيون. اهاگونگن ٻوڙن جي الف بي هئي. ان سان هرشيءِ صاف ٿي ويئي.

يوگريوشڪ هارٽ مين يا آستروگريڊوف جي اسڪول جو هڪ باصلاحيت شاگرد هو، هُن گلي جي اپريل نسن کي ڏسندي يقين ٿي ويندو هو تہ هُن ڪيئن ڳالهائڻ ۾ ناقابل يقين حد تائين ڪاميابي حاصل ڪئي هئي. ان طريقي ئي ڪيس ان لائق ڪيو هو تہ هو ٻين ماڻهن جي ڳالهائڻ کي سمجهي سگهي.

هن جيڪي ڳالهيون پنهنجي علائقي ۾ شڪار متعلق ٻڌايون هيون، انهن کي گڏ ڪندي يوري چيو:

"مون کي معاف ڪجانءِ جيڪڏهن منهنجي ڳالهہ توکي نامناسب لڳي تہ تو کي مون کي ڪجهہ ٻڌائڻ جي ضرورت ناهي.ڇا زيبوشينو جي جمهوريہ جي قائم ڪرڻ ۾ تنهنجو ڪو ڪردار هو؟"

"پر تو ڪيئن اندازو لڳايو؟..... ڇا تون بلازيڪو کي سڃاڻين ٿو؟.... هاها، آئون واقعي ان سان لاڳاپيل هئس." يوگوريوشڪ خوش ٿيندي ٿهڪ ڏيندي پنهنجي سڄي جسم کي لوڏيندي ۽ گوڏن کي ڌڪ هڻندي چيو.

يوگوريوشڪ چيو تہ بلازيڪووٽ هڪ بهانو هو ۽ زيبوشينو سندس نظرين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ هڪ مناسب جاءِ هئي.يوري سندس نظريي جي سمجهاڻي کي پوري ريت سمجهي نہ سگهيو. اهو انارڪزم ۽ ڪجهہ هڪ شڪاري جي سادن ڪوڙين دعوائن تي ٻڌل هو.

غيب جي ڄاڻ رکندڙ هڪ شخص وانگر ڏاڍي اطمينان سان هن اڳڪٿي ڪئي تہ مستقبل قريب ۾ روس ۾ تباهہ ڪن تبديليون واقع ٿينديون. يوري اندر ۾ تہ ساڻس متفق هو تہ اها اڻ ٿيڻي ڳالهہ نہ هئي پر ڪيس سندس اسڪولي ڇوڪرواري اڳڪٿين ڪرڻ جي ناخوشگوار هٺ واري انداز تي ڪاوڙ اچي رهي هئي.

"هڪ منٽ ترس." هن تحمل سان چيو. "اهو سڀڪجهہ سچ ٿي سگهي ٿو ۽ جيڪي تو چيو. اهو ٿي سگهي ٿو پر مون کي ائين لڳي ٿو تہ هن وقت جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي ۽ جيڪو وڳوڙ انتشار ۽ دشمن جو دٻاءُ آهي، ان جي پيش نظر خطرناڪ تجربن جي شروعات ڪرڻ مناسب ناهي. ملڪ کي هڪ نئين اُپار ۾ ڏوڪي پوڻ کان اڳ موجوده صورتحال مان اڪري پار پوڻ گهرجي. اڳ ۾ امن ۽ امان جو قائم ٿيڻ ضروري آهي."

"اها تملر سادي ڳالهہ آهي." يوگوريوشڪ چيو. "جنهن کي تون بدنظمي ٿو چوين، اها ائين ئي هڪ معمول جي صورتحال آهي جيئن اها حالت جنهن کي تون

پسند ڪرين ٿو. اها سچي تباهي هڪ وسيع ۽ تعميري رٿا جو صحيح ۽ مناسب ابتدائي ڏاڪو آهي. سماج اڃا گهربل طور ورکيو ناهي. ان کي مڪمل طور ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ گهرجي ۽ پوءِ هڪ حقيقي انقلابي حڪومت انهن ٽڪرن کي بلڪل نين بنيادن تي گڏ ڪندي."

يوري بيزاري محسوس ڪئي ۽ اٿي ڪاريڊور ۾ هليو ويو. ٽرين جي رفتار تيز ٿي ويئي ۽ ماسڪو ويجهو اچي رهيو هو. اها صنوبر جي وڻن جي وچ مان گذري رهي هئي جتي وڏي تعداد ۾ هوادار گهر ٺهيل هئا. ننڍيون، بنا ڇت واريون اسٽيشنون جن تي موڪلون ملهائيندڙن جا ميڙ گڏ ٿيل هئا، گذرنديون ٿي ويون. ٽرين انهن کي ڊوڙ جي ڪڪرن ۾ ويڙهيندي اڳتي وڌندي پئي ويئي. ٽرين ور ور ڪري سيٽي ٿي هڻئي ۽ اهو آواز جهنگ ۾ گونجار ڪري هلڪي پڙاڏي طور ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

اوچتو انهن ڏينهن ۾ پهريون ڀيرو يوري صاف طور سمجهي ويو ته هو ڪٿي هو، ساڻس ڇا ٿي رهيو هو ۽ ايندڙ اٽڪل ٻن ڪلاڪن ۾ ساڻس ڇا ٿيڻ وارو هو.

تبديليون، ڇريون، بي يقيني، اُپار، جنگ، انقلابي تباهي جي منظرن، موت، بمباري، ڌماڪن سان ڀرپور کي اڏائڻ جي منظرن جا ٽي سال .... سيڪجهه اوچتو هڪ وڏي، خالي ۽ بي معنيٰ خلاءَ ۾ تبديل ٿي ويو. ايڏي ڊگهي وقت کان پوءِ پهريون حقيقي واقعو سندس ٽرين وسيلي گهر موٽڻ هو. ان يقين سان ته هو اڃا محفوظ هو ۽ ڪنهن جاءِ تي موجود هو. اهو گهر جنهن ۾ لڳل هيندي ۾ ننڍي سر ٻه ڪيس گهٽي عزيز هئي. اهائي اصل زندگي هئي، اهو ئي تجربو هو، اهڙوئي مهر جُوئي جو مقصد ۽ فنڪارن جي ذهن ۾ هوندو آهي... پنهنجي گهر ۾ پنهنجي خاندان ڏانهن ورڻ موٽڻ ۽ زندگي جي نئين سر شروعات ڪرڻ.

ٽرين ٻيلي جي جهنجهيل وڻن واري سرنگهه مان نڪري ميدان ۾ پهتي. هڪ لاهي ميداني هيٺانهين مان اڀري مٿي هڪ ويڪري ٽڪريءَ ڏانهن وينڌي نظر آئي ٿي. ان ميدان ۾ پٽاٽا پوکيل هئا. ان کان پري ٽڪريءَ جي مٿان شيشي جا فريم ٺهيل هئا. ميدان جي ٻئي پاسي مڙندڙ ٽرين جي پويان هڪ گهاٽو گهڻ رنگو ڪڪر اڌ آسمان تي ڇانيل هو. سج جا ڪرڻا ان مان گذري پهئي جي ڪامن جيان ڦهلجي ۽ فريم جي شيشن جي روشني سان چمڪي رهيا هئا.

اوچتو سج ۾ چمڪندي گرم ۽ تيز مينهن ڪڪرن مان وسڻ لڳو. ان جي رفتار ۾ ساڳي تيزي هئي جيڪا ٽرين ۾ هئي جڻ ته ان کي اهو ڊپ هو ته متان هُو پوئتي نه رهجي وڃي ان ڪري ان سان گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

يوري کي اها خبر ئي نہ پيئي تہ نجات ڏيارينڊڙ يسوع مسيح واري گرجا ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي نظر آئي ۽ هڪ پل کان پوءِ شهر جا گنبذ، چمنيون، ڇتون ۽ شهر جا گهر نظر اچڻ لڳا.

”ماسڪو“ يوري دبي ۾ موٽندي چيو، ”هاڻي تيار ٿيڻ گهرجي.“

يوگوريوشڪ ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. هن پنهنجي شڪاري ٿيلهي ۾ هٿوراڙيون هڻي هڪ ٿلهي بدڪ ٻاهر ڪڍي. ”هي وٺ“ هن چيو. ”هڪ يادگار طور مون اهڙي سٺي ۽ خوشگوار صحبت ۾ گهٽ ئي ڪڏهن ڪو ڏينهن گذاريو هوندو.“

زواگو جي انڪار جو ڪو اثر نہ ٿيو. نيٺ هن چيو، ”ٺيڪ آهي، آئون هن کي تنهنجي پاران پنهنجي زال لاءِ تحفي طور قبول ڪريان ٿو.“

”شاندار، شاندار، تنهنجي زال.“ پوگوريوشڪ ائين خوش ٿيندي ايڏا ٽپا ۽ ٺهڪ ڏنا جو يوري پاڻ ٽپ ڏيئي سندس ان خوشيءَ ۾ شامل ٿي ويو.

ٽرين اسٽيشن ۾ داخل ٿي. دبي ۾ ائين اونداهي ڇانئجي ويئي ڄڻ رات ٿي وئي هجي. گونگي هڪ ڦاٽل اخبار ۾ ويڙهيل جهنگلي بدڪ ڏانهس وڌائي ڇڏي.

☆

باب ڇهون

# ماسڪو جو مورچو

(1)

جيستائين يوري ٽرين ۾ ويٺو هو تيستائين کيس لڳو ٿي تہ رڳو ٽرين حرڪت ۾ هئي، وقت بيٺل هو ۽ اچا رڳو پنهنجهرن جو وقت هو.

حقيقت ۾ جڏهن سندس بگي اسٽيشن مان آرام سان نڪري اسموليسنڪي اسڪوائر ۾ ماڻهن جي ميڙ مان گذري رهي هئي تہ سچ بس لهڻ وارو هو.

چا واقعي ائين ٿيو هو يا يوري جي پوءِ وارن تجربن سندس يادگيري کي بدلائي ڇڏيو هو تہ ان وقت بازار ۾ جيڪي ماڻهو گڏ ٿيل هئا، اهي اُتي روزانو اچڻ وارا هئا. چاڪاڻ تہ اتي سندن هئڻ جو ڪو جواز نہ هو. دڪان بند هئا، ڪن کي تہ تالا بہ لڳل هئا ۽ ان ڪچري سان پريل علائقي ۾، جنهن کي ڪنهن صاف نہ ڪيو هو، اُتي خريد ڪرڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو.

کيس لڳو تہ هن خوش پوش پوڙهن مردن ۽ عورتن کي ديوارن سان ڇهتيل بيٺي ڏٺو هو. اهي لڄ محسوس ڪندي لنگهندڙن کي اهي شيون جهڙوڪ: مصنوعي گل، ڪافي جا ٿانو، ڪاري ڇاري وارا شام جا ڪپڙا ۽ آفيس جون اهي ورديون، جيڪي هاڻي ختم ٿي چڪيون هيون، وڪڻي رهيا هئا جن جي هاڻي ضرورت نہ هئي.

غريب ماڻهو وڏيڪ ڪارائتيون شيون جهڙوڪ سڪل راشن وارين ڪارين مانين جا ٽڪرا، گهميل ڪني ڪنڊ ۽ خراب قسم جو تماڪ وڪڻي رهيا هئا.

هر قسم جون ناقابل يقين شيون بازار ۾ موجود هيون ۽ هڪ کان ٻئي هٿ تائين پهچندي انهن جي قيمت وڌي ويندي هئي.

بگي هڪ گهٽي ۾ داخل ٿي. لهندڙ سج سندن پويان هو. سندن آڏو هڪ تيز رفتار گهوڙو هڪ خالي گاڏي، جيڪا ڏڙ ڏڙ هيٺ مٿي ٿي رهي هئي، کي ڇڪي

ڪٽي وڃي رهي هو. ان گاڏيءَ پويان لهندڙ سج ۾ ٻرندڙ ٽامڻي مٽيءَ جا ڪڪر اُڏري رهيا هئا.

نيٺ هو ان ڪان اڳتي نڪتا ۽ رفتار اڳ ڪان وڌي ويئي. يوري ديوارن ۾ حدبندين تان ڦاڙي لاٿل پراڻين اخبارن ۽ پوسٽرن، جيڪي رستي تي وکريا پيا هئا، جن جي تعداد کي ڏسي اچرج ٿي ٿيو. هوا انهن کي هڪ پاسي تي اُڏامي ڪٽي ٿي ويئي ۽ جانورن جي سنبن، گاڏين جي ڦيٿن ۽ پيرن انهن کي ٻئي پاسي ٿي ڌڪيو.

هو گهٽن چوواٽن تان گذريا ۽ نيٺ ٻن گهٽين جي ڪنڊ تي يوري جي گهر تي اچي پهتا ۽ گاڏي بيهي رهي.

يوري جيئن ئي گاڏي مان لٿو تيئن سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي. هن پنهنجي ساهه کي قابو ۾ ڪندي دروازي تي وڃي گهنٽي وڄائي. ڪيس ڪوبه جواب نه مليو. هن وري گهنٽي وڄائي. ڪيس اڄا به ڪو جواب نه مليو. ڳڻتيءَ وچان هو ٿوري ٿوري دير ۾ گهنٽي وڄائيندو رهيو. اڄا هو گهنٽي وڄائي رهيو هو ته هن ڏٺو ته ٽونيا پوريل در کولي ان جي هڪ طلق جهليو بيٺي هئي. ان اوچتي ملاقات ٻنهي کي ايترو ته حيران ڪري ڇڏيو جو ٻنهي مان ڪنهن به ٻئي جي رڙ نه ٻڌي. پر جيئن ته ٽونيا جو در کولڻ ئي هڪ آڌرڀاءُ هو ان ڪري ٻنهي ترت ئي پاڻ کي سنڀاليو ۽ هڪ ٻئي کي ڪٽي ڀاڪرن ۾ ورتائون. هڪ پل ڪان پوءِ ٻيئي هڪدم ئي ڳالهائڻ ۾ لڳي ويا.

"ٻهريون اهو ٻڌاءِ ته هر ڪو ٺيڪ آهي نه؟"

"ها، ها پريشان نه ٿي، سڀڪجهه ٺيڪ آهي. مون تو کي گهڻيون بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون لکيون جنهن جي لاءِ مون کي معاف ڪجانءِ. پر ان متعلق اسان پوءِ ڳالهائينداسين. تو تار ڇو نه موڪلي؟ مارڪيل تنهنجو سامان کڻي ايندو. مون سمجهيو ته جڏهن ايگورونا در نه کوليو ته تون پريشان ٿي ويو هوندين. هو ڳوٺ ويئي آهي."

"تون سنهڙي ٿي ويئي آهين پر تون ڪيڏي نه جوان ۽ سهڻي پئي لڳين! منٿ ترس، آئون بگي واري کي پئسا ڏيان."

"ايگورونا اٽو وٺڻ لاءِ ويئي آهي. ٻين سيني نوڪرن کي مون ڪڍي ڇڏيو آهي. هاڻي رڳو هڪڙي ڇوڪري نيوشا آهي. تون ڪيس نه ٿو سڃاڻين. هوءَ ساشا جي سارسنڀال ڪري ٿي. ٻيو ڪير به ناهي. هر ڪنهن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته تون اچي رهيو آهين. اهي سڀ، گورڊن، دودوروف سڀ تو کي ڏسڻ لاءِ آتا آهن."

”ساشا ڪيئن آهي؟“

”شڪر آهي خدا جو، بلڪل ٺيڪ آهي، هو هاڻي ننڊ مان اٿيو آهي، تون هينئر ٽرين مان لهي پيو اچين ۽ دڙي پريو پيو آهين نه ته اسان وٽس فوراً هلون ها.“

”ڇا بابا گهر ۾ آهي؟“

”ڪنهن تو کي سندس متعلق لکيو ناهي، هو ميونسپل ڪائونسل جو چيئرمين آهي ۽ صبح کان شام تائين اتي ئي هوندو آهي. ها واقعي ڇا تون يقين ڪري سگهين ٿو مارڪيل! مارڪيل ڇا تو بگي واري کي پئسا ڏيئي ڇڏيا؟“

اهي همراهه رستي جي بلڪل وچ ۾ بيٺا هئا ۽ يوري جي بيدمشڪ جي ٽوڪري ۽ سوٽ ڪيس رستي روڪ ڪري ڇڏي هئي. واٽ ويندڙن اتي بيهي مٿي کان پيرن تائين مٿن نظر وجهي گاڏي ۽ سڄي ڪليل در ڏانهن ٿي گهوريو ته ڏسون هاڻي ڇا ٿيندو.

پر مارڪيل، جنهن کي سوٽي قميص تي واسڪٽ پاتل هئي، پنهنجي پورهيتن واري ٽوپي هٿ ۾ جهليو اڳ ۾ ئي دروازي مان پنهنجي مالڪ جي آڏرياءُ لاءِ رڙيون ڪندو اچي رهيو هو.

”اوه خدا، ڇا اهو واقعي يوروچڪا آهي! اسان جو پيارو پاڻ آهي. يوري آندريوچ، منهنجي اکين جا نور، تو اسان کي وساريو ناهي ۽ اسان به تنهنجي لاءِ روز دعائون ڪيون ٿا! تو گهر اچي اسان جي عزت افزائي ڪئي آهي ۽ توهان کي ڇا گهرجي؟“

هن ٻاهر بيهي ڏسندڙن کي ڌمڪي ڏيندي چيو. ”ڪهڙي غير معمولي شيءِ آهي هتي. هلو هتان. هتي بيهي اکيون ڦوٽاري ڇا ڏسي رهيا آهيو؟“

”تو ڪيئن آهين مارڪل؟“ يوري ڪيس پاڪر پاتو. ”پنهنجي ٽوپي پائي ڇڏ گڏهه. ها، ته ڪهڙي نئين خبر آهي. تنهنجي زال ڪيئن آهي؟ ڇوڪرين جو ڇا حال احوال آهي؟“

”ڪهڙو حال ٿي سگهي ٿو انهن جو؟ خدا جي فضل سان اهي وڏيون ٿي رهيون آهن. جيستائين خبرن جو تعلق آهي ته تون پاڻ ڏسين سگهين ٿو. تون ڏور وڏا ڪارناما سرانجام ڏيئي رهيو هئين، اسان به مصروف هٿ هڻاسين. اهڙي گڙ ٻڙ ايڏي افراتفري جو شيطان به ان جو حل نه پيو ڪڍي سگهي. رستا گندا، ڇتن مان پاڻي پيو ٽمي، پيٽ اٿين خالي جيئن روزي رکڻ مهل هوندو آهي ۽ اهو

سيڪجهہ هو بنا ڪجهہ وٺڻ ۽ ڏيڻ جي." اهو جنگ دوران سوشلسٽ ڪاپي ڏر جو نعرو هو.

"مارڪيل آئون يوري آندريوچ سان تنهنجي شڪايت ڪنديس. يوروچڪا، هي هميشہ ائين ئي پيو ڳالهائيندو آهي. مون ڪان اهي حماقت واريون ڳالهيون برداشت نٿيون ٿين. هي سڀ تنهنجي فائدي ۾ آهي. هن جو خيال آهي تہ تون انهن ڳالهين کي پسند ڪرين ٿو. پر هي ڏاڍو چالاڪ آهي. ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، مارڪيل مون سان بحث نہ ڪر. مون کي تنهنجي خبر آهي. تون گهٽو گهرو ماڻهو آهين. هي وقت آهي تہ تون ڪجهہ عقل سک. اسان سان ائين ٿو ورتاءُ ڪرين ڄڻ اسين دڪاندار هجون."

اهي گهر اندر هليا ويا. مارڪيل يوري جون شيون اندر کڻي ويو. دروازو بند ڪيائين ۽ رازدارانہ انداز ۾ ڳالهائيندو ويو.

انتونيا اليگزيندرونا ناراض آهي. تو پڌو هن ڇا چيو. اهو هميشہ ائين ئي ٿيندو آهي. هو چوندي آهي تہ مارڪيل توهان سڀئي اندر ڪارا آهيو جيئن چلهہ جو پائيپ. اڄلڪهہ هوءَ چوي ٿي تہ هر ننڍو ٻار ۽ شايد هر شڪاري ۽ پاليل ڪتو بہ اهو ڄاڻي ٿو تہ ڪهڙي شيءِ ڇا آهي. اهو يقينا سڀ صحيح آهي پر ساڳيءَ ريت يوروچڪا تون مڃين يا نہ پر اهي ڄاڻن ٿا جن ميسن جو اهو اڳڪٿين وارو ڪتاب ڏٺو آهي، اها هڪ سو چاليهہ سال پراڻي ڳالهہ آهي. يوروچڪا، منهنجو اهو سوچيل سمجهيل رايو آهي تہ اسان کي مفت ۾ يا تمام سستو وڪرو ڪيو ويو آهي. پر آئون هڪ اکر ڪچي سگهان ٿو؟ تون پاڻ ڏس. انتونيا اليگزيندرونا مون کي اشارو ڪري رهي آهي تہ آئون هليو وڃان."

"ڇا تو کي عجب پيو لڳي؟ مارڪيل گهٽو ٿي ويو. سامان هيٺ رکي، هتان هليو وڃ. جيڪڏهن يوري اندريوچ کي ڪنهن شيءِ جي گهرج هوندي تہ هو تو کي سڏي وٺندو."

(2)

"شڪر آهي خدا جو تہ هو هليو ويو. ٺيڪ آهي، تون جيڪڏهن پسند ڪرين تہ هن جون ڳالهيون ٻڌي سگهين ٿو پر آئون تو کي ٻڌائي ڇڏيان تہ اها اداڪاري ئي آهي. تون هن سان ڳالهائين ٿو ۽ سمجهين ٿو تہ هو هڪ پوڪ ڳوٺاڻو آهي ۽

مکڻ هن جي وات ۾ نہ ڳرندو پر هي لڪ چپ ۾ پنهنجو چاقو تيز ڪندو رهيو آهي. رڳو هي پوڙهو شيطان اڃا فيصلو نہ ڪري سگهيو آهي تہ اهو ڪنهن تي استعمال ٿيندو."

"تون ڪجهہ پري نہ پهچي ويئي آهين؟ منهنجو خيال آهي تہ هو بس نشي ۾ آهي ۽ اجائي بڪ ڪري رهيو آهي."

"آئون اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿي تہ نيٺ هو هوش ۾ ڪهڙي وقت هوندو آهي. ٺيڪ آهي هاڻي ڇڏينس هن کي. مون کي اها پريشاني آهي تہ تون ساشا کي ڏسڻ وڃين متان هُو تنهنجي رسڻ کان اڳ سمهي نہ پوي. جيڪڏهن ٽرينن تي اهو مدي جي بخار وارين جوئن جو معاملو نہ هجي ها.

........آئون سمجهان ٿي تہ تون تہ ڪا جوءِ نہ ڪٿي آيو هوندين؟"

"منهنجو خيال آهي تہ آئون محفوظ آهيان. مون ڏاڍي آرام سان سفر ڪيو آهي. بلڪل جنگ کان اڳ واري دور جيان. پوءِ بہ آئون تڪڙ ۾ وهنجي ٿو وٺان. ڇگيءَ ريت تڙ آئون پوءِ ڪندس. غسل خانو ڪهڙي پاسي آهي. ڇا هاڻي اوڏانهن اسان ڊرائنگ روم مان ٿي نہ ٿا وڃون؟"

"اوه يقيناً توکي خبر ناهي. بابا ۽ مون تمام گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ گرائونڊ فلور جو هڪ حصو زرعي اڪيڊمي کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو. سردين ۾ ايڏي وڏي گهر کي گرم رکڻ واقعي ڏکيو آهي. مٿين ماڙ بہ تمام وڏي آهي. ان ڪري اسا ن اها بہ کين پيش ڪئي آهي. انهن اڃا تائين ان جو قبضو تہ نہ ورتو آهي پر لائبرري، ٻوٽن جو شعبو ۽ ٻجن جي نمونن واري ذخيري کي هتي منتقل ڪري ڇڏيو آهي. مون کي اميد آهي تہ انهن ٻجن جي ڪري جيڪي نيٺ اناج ٿي آهن، ڪوئن جو آزار نہ ٿيندو. پر هن وقت تائين انهن ڪمرن کي بلڪل صاف سٿرو رکيو آهي. ها، اسان هاڻي انهن کي ڪمرا نہ ٿا چئون. ان کي اڃڪلهہ رهڻ جي جاءِ چيو وڃي ٿو. هيڏانهن اچ. اهو نقشو پوري ريت تنهنجي سمجهہ ۾ شايد نہ آيو آهي! اسان پوين ڏاڪڻين تان مٿي هلون ٿا. هلي آءُ آئون توکي ڏيکاريان ٿي."

"مون کي گهڻي خوشي ٿي آهي تہ توهان اهي ڪمرا ڇڏي ڏنا. جنهن اسپتال ۾ مون ڪم پئي ڪيو اها بہ هڪ پرائيويٽ گهر ۾ قائم ٿيل هئي. ان ۾ تمام گهٽا ڪمرا هئا ۽ اڃا تائين ڪٿي ڪٿي ڪاٺ جو سهڻو فرش موجود هو. ڪونڊين ۾ ٻوٽا ائين لڙندا هئا جيئن بستري تي پوت. جنگ واري علائقي مان

آيل ڪجھ زخمي، جيڪي بمباري جي صدمي ڪري نارمل نہ هئا. رڙيون ڪري جاڳي پوندا هئا ۽ نيت اسان کي انهن ہوٽن کي اتان هٽائڻو پيو. منهنجو مطلب آهي تہ شاهوڪار ماڻهن جنهن نموني زندگي گذاري پئي، ان ۾ ڪي غير صحتمند شيون بہ هيون. سطحي قسم جي شين جو هڪ وڏو ڍير هو. تمام گهڻو فرنيچر، تمام گهڻا ڪمرا، تمام گهڻي نفاست، تمام گهڻي ذاتي نمائش وغيره. مون کي تمام گهڻي خوشي آهي تہ اسان گهٽ ڪمرا استعمال ڪري رهيا آهيون. اسان کي انهن کي اجا بہ گهٽائڻ گهرجي."

"ان پارسل ۾ ڇا آهي، جيڪو تون کڻي آيو آهين. ان مان ڪا شيءِ ٻاهر پئي نڪري. ڪنهن پکيءَ جي ڇهنب جيان پئي لڳي. اها بدڪ آهي! ڪيڏي نہ پياري آهي جهنگلي بدڪ! توکي اها ڪٿان ملي؟ مون کي پنهنجين اکين تي يقين نہ ٿو اچي. اڄڪلهہ جي دور ۾ تہ اها وڏي دولت آهي."

"ٽرين ۾ ڪنهن همراهہ اها مون کي تحفي طور ڏني. آئون توکي پوءِ ٻڌايان ٿو. اها هڪ ڊگهي ڪهاڻي آهي. هاڻي آئون ڇا ڪيان؟ ڇا ان کي آئون رڌڻي ۾ رکان؟"

ها آئون نيوشا کي ترت موڪليان ٿي تہ جيئن هو ان جي کل لاهي ۽ صاف ڪري. انهن جو چوڻ آهي تہ اينڌڙ سردين جي موسم ۾ هر قسم جي مصيبت جهڙوڪ ڏڪر ۽ ڏڪر ۽ تڏ کي منهن ڏيڻو پوندو."

"اهو ئي هر جاءِ تي ماڻهو چئي رهيا آهن. بلڪل هينئر آئون ٽرين جي دريءَ مان ٻاهر نهاري رهيو هئس تہ مون کي خيال آيو تہ سڄي دنيا ۾ هڪ پرسڪون خاندان، زندگي ۽ ڪم کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي شيءِ قيمتي ٿي سگهي ٿي؟ باقي ڪجھ اسان جي وس ۾ ناهي. ائين لڳي ٿو ڄڻ تہ خراب وقت اچي رهيو آهي. ڪجھ ماڻهو ٻاهر وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. اهي ڏکڻ ۾ ڪا ڪيشيا يا اڃا بہ اڳتي وڃڻ چاهين ٿا. آئون پاڻ اهو نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. هڪ باشعور ماڻهوءَ کي پنهنجي ملڪ جي هر قسم جي حالتن ۾ پاڳي پائيوار ٿيڻ گهرجي پر تنهنجي ڳالهہ ٻي آهي. منهنجي خواهش آهي تہ تون ان سڄي صورتحال کان محفوظ رهين. آئون توکي پري ڪنهن محفوظ هنڌ، شايد فنلئنڊ موڪلڻ چاهيان ٿو پر جيڪڏهن اسان ائين هر ڏاڪي تي بيهي اڌ ڪلاڪ ڳالهائيندا رهياسين تہ پوءِ ڪڏهن بہ مٿي پهچي نہ سگهنداسين."

"هڪ پل، مون کي بلڪل ٿي تو کي ٻڌائڻ وسري ويو. مون وٽ تو کي ٻڌائڻ لاءِ هڪ بهترين خبر آهي. نڪولائي نڪولائيوچ موٽي آيو آهي."

"چا نڪولائي نڪولائيوچ؟"

"ها ماموڪوليا."

"تونيا! اهو نہ ٿو ٿي سگهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي؟"

"اهو سچ آهي. هو سوئٽزرليند ۾ هو. هو سڄو چڪر ڪاٽي لنڊن مان ٿيندو فن لئنڊ رستي هتي پهتو آهي."

"تونيا! تون مون کي تنگ تہ نہ پئي ڪرين؟ چا تون ساڻس ملي آهين. هو ڪٿي رهيل آهي. چا اسين هينئر هڪدم ئي ساڻس ملي سگهون ٿا؟"

"ايڏو بي صبرو نہ ٿي، هو ٻهراڙيءَ ۾ ڪنهن سان گڏ رهيل آهي. هن پرينهن موٽي اچڻ جو واعدو ڪيو آهي. هو گهڻو بدلجي ويو آهي. تو کي ڪيس ڏسي مايوسي ٿيندي. هو واٽ تي پيٽرزبرگ ۾ ترسي پيو هو ۽ بالشويڪ ٿي ويو آهي. بابا ساڻس بحث ڪندي تکو ٿي ويندو آهي. اسان هن ڏاڪي تي رڪجي ٿا وڃون. ها تہ تو بہ اها ڳالهہ ٻڌي آهي تہ خراب وقت اچڻ وارو آهي. ماڻهو چا ٿا چون؟ ڏکيون حالتون، خطرا ۽ اڻ سلامتيءَ؟"

"آئون پاڻ اهو ئي سمجهان ٿو. ٺيڪ آهي، پوءِ پلا چا ٿي پيو منهن ڏينداسين. اهو هر شيءِ جو انت تہ نہ ٿو ٿي سگهي. اسان بہ انتظار ڪنداسين ۽ ٻين ماڻهن جيان ڏسنداسين."

"ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ٻارڻ جو ڪاٺ، پاڻي ۽ بجلي نہ ملندي. اهي سِڪي کي ختم ڪري ڇڏيندا. شيون اچڻ بند ٿي وينديون. هاڻي وري اسان رڪجي ويا آهيون! هلندو هل. ٻڌ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اربات ۾ لوهہ جا ڏاڍا سٺا چلها ملن ٿا. ننڍا چلها، جن ۾ هڪ اخبار ساڙي کاڌو تيار ڪري سگهجي ٿو. مون وٽ ان جو پتو آهي. ان کان اڳ جو اهي ختم ٿي وڃن، اسان کي ضرور هڪ خريد ڪرڻ گهرجي."

"ٺيڪ آهي اسان خريد ڪنداسين. ڏاڍو سٺو خيال آهي. پر ٿورو سوچ ماموڪوليا! آئون اهو هضم نہ پيو ڪري سگهان."

"پهرين آئون تو کي ٻڌايان تہ آئون چا ڪرڻ چاهيان ٿي. اسان مٿين ماڙ جي هڪ ڪنڊ ۾ بہ يا ٽي ڪمرا، جيڪي هڪ ٻئي سان گڏيل هجن، بابا، ساشا، نيوشا ۽ پنهنجي لاءِ رکنداسين ۽ باقي گهر ڇڏي ڏينداسين. اسان ديوار ڏاهي فليٽ جيان

پنهنجو هڪ ڌار دروازو ڪيندا سين. اسان وچئين ڪمري ۾ لوهه جو وڏو چلهو رکنداسين ۽ ان جو پائيپ دريءَ مان ٻاهر ڪيندا سين. ڪپڙن ڌوئڻ، رڌپچاءَ ڪرڻ ۽ وندر ۽ مهمانن جي خدمت چاڪري وغيره سڀڪجهه هڪ ڪمري ۾ ڪنداسين. اهڙي ريت اسان پنهنجي ٻارڻ جو وڌ ۾ وڌ استعمال ڪنداسين ۽ ڪنهن کي خبر آهي، خدا جي مدد سان سرديون گذاري وينداسين."

"يقينا اسان اڪري پار پونداسين. ان ۾ ڪو ٻيو رايو ٿي نه ٿو سگهي. اهو شاندار خيال آهي ۽ تو کي خبر آهي ٻي ڪهڙي ڳالهه آهي. اسان هڪ دعوت به ڪنداسين جنهن ۾ بدڪ جو گوشت تيار ڪنداسين ۽ ڪوليامام کي گهرائينداسين."

"بهترين ۽ آئون گورڊن کي ڪجهه شراب ڪٺي اچڻ لاءِ چونديس. هو ڪنهن ليبارٽري يا ٻئي هنڌان اهو حاصل ڪري سگهي ٿو. هاڻي ڏس، هي ئي اهو ڪمرو آهي جنهن متعلق آئون سوچي رهي هيس. ٺيڪ آهي؟ پنهنجو سوٽ ڪيس هتي رک ۽ هيٺ وڃي پنهنجي ٽوڪري ڪڻي اچ. اسان دودوروف ۽ شوراشيلنگر کي به ان دعوت ۾ گهرائي سگهون ٿا. تو کي اعتراض ته ناهي؟ تو کي حوض واري جاءِ ته نه وسري هوندي. وڃي ان ۾ ٽوري ڪيڙا مار دوا وجهي ڇڏ. جيستائين تون اهو ڪرين، آئون ساشا وٽ وڃان ٿي ۽ نيوشا کي هيٺ موڪليان ٿي. جيئن اسان تيار ٿينداسين ته تو کي سڏي وٺنداسين."

(3)

ماسڪو ۾ يوري لاءِ اهم ترين نواڻ سندس ننڍڙو پٽ هو. يوري کي ان وقت ئي جنگي ڊيوٽي لاءِ گهرايو ويو هو جڏهن اجا سندس اِهو ٻار پيدا ٿيو هو ان ڪري هو ڪانئس واقف نه هو.

هڪ ڏينهن جڏهن ٽونيا اجا اسپتال ۾ هئي، يوري ساڻس ملڻ آيو هو. هن کي اڳ ئي وردي پاتل هئي ۽ جلد ئي ماسڪو مان وڃڻ وارو هو. هو ٻارن کي کير پيارڻ وقت پهتو هو جنهن جي ڪري ڪيس اندر وڃڻ نه ڏنو ويو هو.

هو انتظارگاهه ۾ ويهي رهيو. ميٽرنٽي هوم جي پوپان راهداري جي ڪناري تي موجود نرسريءَ مان ڏهن ٻارنهن ٻارن جو ڪورس جي انداز ۾ روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. راهداري مان گهٽيون نرسون ڊوڙنديون تڪڙ ۾ آيون ته جيئن ٻارن

ڪي تڏ نہ لڳي. هو ٻارن ڪي ٻاٺهن هيٺان اٿين ڪنيو ماٿرن ڏانهن پٺي ويون جيئن سامان جا بنڊل ڪٽبا آهن.

اوٿان اوٿان. سپ ٻار هڪ سر ۾ ڪجهہ محسوس ڪرڻ ڪان سواءِ اٿين روٿي رهيا هئا جڻ سندن سڄو ڌيٺهن بس اهو ئي هڪ ڪم هجي. رڳو هڪ آواز ٻين ڪان مختلف هو. جيتوڻيڪ هن بہ اوٿان اوٿان جا آواز پٺي ڪديا ۽ ٻين ڪان وڌيڪ تڪليف جو اظهار نہ پٺي ڪيو پر اهو آواز وڌيڪ ڀاري هو ۽ اٿين پٺي لڳو تہ اهو فرض ڪان وڌيڪ هڪ سوچيل سمجهيل مخالفت جي اظهار طور روٿي رهيو هو.

يوري اڳ ئي اهو فيصلو ڪري چڪو هو تہ سندس پٽ جو نالو سندس سهري جي اعزاز ۾ اليگزيندر..... مختصر طور ساشا .... رکندو. ڪنهن ڪارڻ هن سوچيو تہ جيڪو آواز ٻين ڪان مختلف هو، اهو سندس پٽ جو ئي هو. شايد ان ڪري تہ ان رڙ ۾ سندس پنهنجو ڪردار هو ۽ اها هڪ خاص انسان جي آئيندي جي شخصيت ۽ تقدير متعلق ٻڌائي پٺي. يوري اهو بہ خيال ڏوڙايو تہ ان آواز جي هڪ پنهنجي خاصيت هئي جنهن ۾ ٻار جو نالو اليگزيندر بہ شامل هو.

هو غلط نہ هو. پوءِ اها خبر پٺي تہ درحقيقت اهو ساشا جو ئي آواز هو. اها سندس پٽ متعلق پهرين شيءِ هئي جنهن جي ڪيس خبر پيئي.

ٻي شيءِ اها تصوير هئي جيڪا ٽونيا ڪيس محاذ تي موڪلي هئي، ان ۾ هڪ ٿلهو متارو شرارتي نظر ايندڙ ٻار، جنهن جو وات ڪيوپڊ جي ڪمان جهڙو هو، هڪ ٽنگ اڳتي ۽ هڪ پوئتي ڪري هٿ ٻڌي مٿي ڪري اٿين بيٺو هو جڻ هارين وارو ناچ نچي رهيو هجي. ان وقت ساشا سال جو ٿيو هو ۽ مس هلڻ شروع ڪيو ٿائين. هاڻي هو ٻن سالن جو هو ۽ ڳالهائڻ سکي رهيو هو.

يوري سوٽ ڪيس ڪٽي دريءَ وٽ پيل ميز تي رکيو ۽ ان مان سامان ڪڍڻ لڳو. هو سوچ ۾ پئجي ويو تہ هن ڪمري ۾ اڳ ڇا ٿيندو رهيو هو پر ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ آيو. ٽونيا ضرور ان جو فرنيچر يا وال پيپر تبديل ڪيو آهي ۽ يا وري نئين سر ان جي آرائش ڪئي آهي.

هن ڏاڙهي لاهڻ جو سامان ڪڍيو. دريءَ جي بلڪل سامهون گرجا جي ٽنب ۽ مينار جي وچ ۾ مڪمل روشن چنڊ بيٺو هو. جڏهن ان جي روشني سوٽ ڪيس اندر پيل ڪپڙن ۽ ڪتابن تي پيئي تہ ڪمري جي روشني بدلجي ويئي ۽ هن پوءِ محسوس ڪيو تہ هو ڪٿي هو.

اهو پراڻن ڏينهن ۾ گودام جو ڪم ڏيندو هو. هتي پڳل ڪرسيون ۽ ميزون رکيون ويندڙيون هيون ۽ هتي ايناايوانوونا پنهنجيون پراڻيون شيون ۽ پيٽيون رکندي هئي جن ۾ گرمين جي موسم ۾ سردين جا گرم ڪپڙا رکيا ويندا هئا. سندس حياتيءَ ۾ ڪمري جون ڪندون ڇت تائين ڪباڙ سان ڀريل هونديون هيون ۽ ٻارن کي اندر وڃڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. رڳو ڪرسمس ۽ ايسٽر جي موقعي تي، جڏهن ٻارڻين ۾ تمام گهڻا ٻار اچي گڏ ٿيندا هئا. تڏهن سڄي مٿين ماڙ سندن لاءِ کولي ويندي هئي ۽ ان ڪمري جو تالو بہ کوليو ويندو هو جتي ٻار چور پوليس واري راند ڪيڏندا هئا، ميزن هيٺان لڪندا هئا. مختلف لباس تبديل ڪندا هئا ۽ منهن تي ڪاراڻ هڻندا هئا.

يوري بيٺو اهو سڀ سوچيندو رهيو. پوءِ هو هال مان پنهنجي ٽوڪري کڻڻ لاءِ هيٺ هليو ويو.

رڌڻي ۾ نيوشا چلهہ آڏو فرش تي ويٺي اخبار تي پيل بدڪ جا کنڀ لاهي رهي هئي. جڏهن يوري ٽوڪري کڻي اندر پئي آيو تہ هوءَ لڄ وچان ٽپ ڏيئي اٿي کڙي ٿي. شرم وچان سندس منهن گلابي ٿي ويو ۽ هن پنهنجي ايپرن تان کنڀ پري ڪندي کيس ڪيڪاريو ۽ سندس مدد ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌي. هُو سندس ٿورا مڃيندي اهو چوندي مٿي هليو ويو تہ هو پاڻ اهو ڪم ڪري سگهيو ٿي. ٻہ ڪمرا پري ڪان سندس زال کيس سڏ ڪيو تہ : ”يورا تون هاڻي اندر اچي سگهين ٿو.“

هو ساشا کي ڏسڻ لاءِ اندر هليو ويو.

ٻار جو ڪمرو اڳ ۾ ٽونيا جو ڪلاس روم رهيو هو. پينگهي ۾ پيل ڇوڪرو ايڏو سهڻو نہ هو جيترو هو تصويرن ۾ لڳو ٿي. پر هو بلڪل يوري جي ماءُ ماريانڪوليونا زواگو جي جيئري جاڳندي تصوير هو. انهن تصويرن کان بہ وڌيڪ جيڪي يوري پاڻ وٽ سنڀالي رکيون هيون.

”هي آهي تنهنجو بابا، هي آهي تنهنجو بابا، سڻي ٻار وانگر هٿ لوڏي سندس آجيان ڪر“ ٽونيا چئي رهي هئي. هن پينگهي جي جاري هٽائي ڇڏي تہ جيئن آسانيءَ سان کيس چمي ۽ ڪڇ ۾ کڻي سگهي.

ننڍڙي ساشا جيڪو ڊنل ۽ بيزار لڳو ٿي، پهرين تہ ان اجنبي کي، جنهن جي شيو بہ ٺهيل نہ هئي، پنهنجي ويجهو اچڻ ڏنو ۽ مٿس جهڪي پيو پر فورا پوءِ هو جهٽڪي سان پاڻ کي پري ڪري اٿي بيهي رهيو ۽ هڪ هٿ سان پنهنجي ماءُ جي

ڪپڙن کي جهلينديءَ ۽ پيو هٿ هوا ۾ لهرائيندي ڪاوڙ مان يوري کي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍيائين. پاڻ پنهنجي ان همت کان ڊڄي وڃي ماءُ جي ڪڇ ۾ لڪو ۽ روئڻ ۾ پئجي ويو.

"شرير ڪنهن جاءِ جا." تونيا ڪيس دڙڪا ڏيندي چيو. "ساشنڪا تو کي ائين ڪرڻ نه کپي. تنهنجو بابا ڇا سوچيندو؟ هو چوندو ته ساشا هڪ ڪنو ٻار آهي. هاڻي ڪيس اهو ڏيکار ته چمي ڪيئن ڏبي آهي. باباڪي چمي ڏي. روءُ نه بيوقوف. سڀڪجهه ٺيڪ آهي."

"تونيا هن کي ڇڏي ڏينس." يوري ڪيس وينتي ڪئي. "هن کي تڪليف نه ڏي ۽ پاڻ به پريشان نه ٿي. مون کي خبر آهي ته تون ڪهڙيون ابتيون سبتيون ڳالهيون پئي سوچين. ته اها ڪا اتفاقي ڳالهه ڪونهي، اهو خراب شگون آهي پر اهو سڀڪجهه بڪواس آهي. اها هڪ بلڪل فطري ڳالهه آهي. منهنجي پٽ مون کي ڪڏهن ڏٺو ئي ناهي. سڀاڻي هو مون کي چڱيءَ ريت ڏسندو ۽ اسان دوست ٿي ويندا سين. تون ڏسجانءِ ته اسان ڪهڙي نه سٺي نموني رهون ٿا."

پر هو جڏهن ڪمري مان ٻاهر ويو ته ڪجهه اداس هو ۽ سندس اندر ۾ بدشگوني جو احساس ويٺل هو.

(4)

ايندڙ ڪجهه ڏينهن ۾ هن اهو سمجهي ورتو ته هو ڪيڏو نه اڪيلو ٿي ويو هو. سندس خيال ۾ ان ۾ ڪنهن جو به ڏوهه نه هو. هن کي بس اهو ئي مليو هو جنهن جي هن خواهش ڪئي هئي.

سندس دوست اجنبين جيان رڪا ۽ بي رنگ ٿي ويا هئا. منجهانئن ڪنهن جو به پنهنجو نقط نظر نه رهيو هو. ڪنهن جي به پنهنجي ڌار دنيا نه هئي. جڏهن ته سندس ذهن ۾ انهن جون يادون نهايت خوشگوار ۽ جاندار هيون. هن ضرور ماضيءَ ۾ سندن وت ڪان وڌيڪ سندن ڪٿ ڪئي هئي.

ان وقت جڏهن شاهوڪار ماڻهو غريب ماڻهن جي قيمت تي بيوقوفي ۽ چريائي وارين سرگرمين ۾ حصو وٺندا هئا، ڪين گهٽي اهميت ڏيڻ نهايت سولي ڳالهه هئي. بيوقوفي ۽ واندڪائي جو حق جڏهن ڪجهه ماڻهن کي حاصل هجي ۽ گهڻائي آزار ۾ هجي ته انهن ماڻهن جي اهڙين حرڪتن بابت حقيقي ۽ منفرد ڪردار جو غلط تاثر پيدا ٿي سگهي ٿو.

پر جڏهن هينيون طبقو اڀريو ۽ شاهوڪارن کي ملندڙ رعايتون ختم ٿيون ته ڪيتري نه تيزيءَ سان اهي ماڻهو اجهامي ويا. ڪيڏي سولائيءَ سان ۽ ڪيڏي نه خوشيءَ سان پنهنجي آزاد خيالي تان هٿ کڻي ويا هئا جيڪا حقيقت ۾ منجهن ڪڏهن موجود ٿي نه هئي!

يوري هاڻي جن ماڻهن کي پنهنجي ويجهو محسوس ڪندو هو انهن ۾ ٽونيا، سندس پيءُ ۽ ٻه ٽي ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽر سادو ۽ عام ڪم ڪندڙ ماڻهو هئا جن ۾ وڏيون دعوائون ڪرڻ ۽ ڏيکاءُ واريون ڳالهيون نه هيون.

ٻدڪ ۽ ووڊڪا واري دعوت سندس واپسي کان ڪجهه ڏينهن پوءِ اٿين ٿي ٿي جيڻن رٿيل هئي. ان وقت تائين هو انهن سڀني سان ملي چڪو هو جيڪي دعوت ۾ آيا هئا. ان ڪري ان دعوت کي ملاقات جو بهانو نه ٿو چئي سگهجي.

انهن ڏڪر جي ڏينهن ۾ وڏي ٻدڪ واقعي اهڙي نعمت هئي جنهن جو ڪو متبادل نه هو. پر ان سان گڏ ڊبل روٽي نه هئي جنهن سڄي مزي کي خراب ڪري ڇڏيو هو. ان گهٽتائي کي ماڻهو محسوس ڪندا رهيا.

شراب، جنهن جي ان وقت بليڪ مارڪيٽ ۾ ڪرنسي واري حيثيت هئي، گورڊن دوا جي بوتل ۾ ڪٽي آيو هو. جنهن تي شيشي جو ڍڪڻ لڳل هو. ٽونيا ان کي پاڻ وٽ ئي رکيو ۽ بوتل مان ٿورو ڪڍڻ وقت ان ۾ پنهنجي خيال موجب ٿورو گهڻو پاڻي ملائيندي رهي. اهو مڪسچر جيڪو ڪڏهن سخت ۽ ڪڏهن هلڪو ٿي ٿيو، لاڳيتو تيز شراب پيئڻ جي پيٽ ۾ وڌيڪ نشي آور هو جا ڳالهه پڻ مهمانن کي ناراض ڪرڻ واري هئي.

پر سڀ کان وڌيڪ ڏک واري ڳالهه اها هئي ته اها دعوت ان وقت جي حالتن سان بلڪل ٺهڪندڙ نه هئي. رستي جي هُن پار گهرن ۾ رهندڙ ماڻهو ان وقت ان انداز ۾ کائڻ پيئڻ جو تصور به نه پيا ڪري سگهن. اتي درين جي پويان خاموش، اونداهو ۽ بکايل ماسڪو هو. دڪان خالي هئا ۽ جيستائين شڪار ۽ ووڊڪا جو تعلق هو ته ماڻهو اهڙين شين کي وساري چڪا هئا.

بس اٿين لڳو ته پين وانگر رهڻ ۽ ڪنهن نشان ڇڏڻ کانسواءِ سندن زندگيءَ ۾ شامل ٿي وڃڻ زندگي گهارڻ جو اصل طريقو آهي. اهڙي ريت اها ڪا خوشي ناهي جنهن ۾ ٻيا شامل نه هجن ۽ ساڳيءَ ريت جڏهن اٿين لڳي ته شهر ۾ بس اها ئي ٻدڪ ۽ ووڊڪا هئي ته پوءِ اهي به ٻدڪ ۽ ووڊڪا نٿيون رهن. اها سڀ کان وڌيڪ پريشان ڪندڙ ڳالهه هئي.

ڪين پنهنجن مهمانن مان ڪو گهڻو سڪ نہ مليو. گورڊن انهن ڏينهن ۾ ٺيڪ هو جڏهن هو پنهنجي وڏي سوچ ۾ گم هوندو هو ۽ اداس ۽ سوچ ويچار واري انداز ۾ ان جو اظهار ڪندو هو. هو يوري جو بهترين دوست هو ۽ اسڪول ۾ گهڻو پسند ڪيو ويندو هو.

پر هاڻي ڪيس پاڻ بابت ٺهيل اهو تاثر نہ پئي وڻيو ۽ هو پنهنجو پاڻ کي نئين انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو هو. هن پاڻ کي خوش ۽ بي فڪرو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هڪ ٻئي پويان ڪل پوڳ وارا واقعا پئي ٻڌايا ۽ ڳڏوگڏ اهو بہ چوندي ٿي ويو. "واقعي مزيدار" ۽ "واقعي مزو اچي ويو." اهي جملا گورڊن جي ٻولي سان مطابقت نہ پيا رکن. چاڪاڻ تہ هن ڪڏهن بہ زندگي کي هڪ تفريح طور نہ ڏٺو هو.

هو دودوروف جو انتظار ڪري رهيا هئا تہ هن دودوروف جي شادي جو واقعو ٻڌايو جيڪو سندس خيال ۾ مزيدار هو. يوري ڪڏهن اها ڳالهہ نہ ٻڌي هئي.

اهو ٻڌايو ويو تہ دودوروف جي شادي اٽڪل هڪ سال تائين برقرار رهي ۽ پوءِ هو پنهنجي زال کان ڌار ٿي ويو. انهيءَ ڪهاڻيءَ جو اٽلپ مزاح ان وقت کان شروع ٿيو ٿي جڏهن دودوروف کي غلطيءَ سان فوج ۾ ڀرتي ڪيو ويو. هو اجا فوج ۾ هو ۽ سندس بابت پڇا ڳاڇا ٿي رهي هئي تہ ڪيس لاپرواهيءَ پنهنجي غائب دماغي ۽ آفيسرن کي سلام نہ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوندو هو.

فوج مان فارغ ٿيڻ کان پوءِ مهينن تائين هو واٽ هلندي جتي بہ ڪنهن فوجي آفيسر کي ڏسندو هو تہ سندس هٿ هڪدم مٿي کڄي ويندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو تمام گهڻو تڙيل هو ۽ هر موقعي تي غلط ڪم ٿي ڪندو هو. ڪهاڻيءَ موجب انهن ئي ڏينهن ۾ هو وولگا نديءَ جي بندرگاهہ تي اسٽيمر جو انتظار ڪري رهيو هو تہ سندس ملاقات ٻن ڇوڪرين سان ٿي جيڪي پاڻ ۾ ڀينرون هيون ۽ اتي اسٽيمر جي انتظار ۾ ٿي ويٺيون هيون. اتي گهڻن وردين وارن کي گهمندي ڦرندي ڏسي غائب الدماغي جي پيل دوري ۽ فوج ۾ گذاريل ڏينهن جي اثر هيٺ هو، ننڍي جي محبت ۾ ورنجي ويو ۽ ترت ڪيس شادي جي آڇ ڪيائين. مزي جي ڳالهہ آهي نہ!" گورڊن چيو پر ڪيس پنهنجي ڪهاڻي جي انت کي مختصر ڪرڻو پيو. چاڪاڻ تہ درڪان ٻاهر ان جي هيرو جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. دودوروف اندر اچي ويو.

هو بلڪل ئي بدلجي ٻيو ماڻهو ٿي ويو هو. هو هميشہ کان موقعي محل جي لحاظ کان بدلجندڙ غير مستقل مزاج ۽ هلڪڙي قسم جو ماڻهو رهيو هو. پر هاڻي هو هڪ سنجيده مفڪر بڻجي ويو هو.

جڏهن هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ هڪ سياسي قيدي کي فرار ٿيڻ ۾ مدد ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ کيس اسڪول مان ڪڍيو ويو هو تہ هن مختلف آرٽ اسڪولن ۾ داخلا لاءِ ڏڪا ڪاڏا هڻا پر آخر ۾ کيس ڪلاسيڪل فيڪلٽي ۾ داخلا ملي سگهي هئي. پنهنجن دوستن کان گهڻو پوءِ جنگ هلندي کيس ڊگري ملي هئي ۽ روسي ٻولي ۽ تاريخ جو ليڪچرار مقرر ٿيو هو. هو هاڻي هڪ ڪتاب ايوان دي ٽيريبل جي زرعي پاليسي ۽ ٻيو سينٽ جسٽ بابت لکي رهيو هو.

هن هر موضوع تي ڏاڍي فهميدي نموني ڳالهايو. سندس پرسڪون ۽ پياري آواز ٻنهہ گهٽ وڌ ٿيڻ جي ساڃيو ٿي رهيو ۽ سندس اکيون خوابيده انداز ۾ هڪ نقطي تي لڳل ٿي رهيون. ڄڻ تہ هو ليڪچر ڏيئي رهيو هجي.

پڇاڙيءَ ۾ جڏهن پارٽي پنهنجي عروج تي هئي، هرڪو رڙيون ۽ بحث ڪري رهيو هو. شورا شيلنگز اچي نازل ٿي ۽ هميشہ جيان هر ڪنهن کي تنگ ڪري شور هنگامي ۾ اجا واڌارو ڪري ڇڏيائين. دودوروف جيڪو يوري جو ننڍپڻ جو دوست هو پر ڪڏهن بہ ساڻس "تون" ڪري مخاطب نہ ٿيو هو. کيس اجا بہ "توهان" ڪري مخاطب ٿي ڪانئس گهڻا پيرا اهو سوال پڇيو تہ ڇا هن مايا ڪووسڪي جا نظم "جنگ ۽ امن" ۽ "بانسري منهنجي حياتي آهي" پڙهيا آهن.

"مون توکي هڪ ڀيرو چيو پر تو شايد نہ ٻڌو. مون هميشہ ماياڪووسڪي کي پسند ڪيو آهي. هُو هڪ لحاظ کان دوستووسڪي جو تسلسل آهي يا ائين ڪٿي ڇئجي تہ هو دوستووسڪي جو هڪ ڪردار آهي جيڪو شاعر آهي، ۽ ڪنهن رک رکاءُ کان سواءِ سڌي ڳالهہ ڪرڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ سماج کي ان جي منهن تي سيڪجهہ چئي ڏيڻ سندس ئي خوبي آهي.

پر ان دعوت جي توجهہ جو مرڪز يقينا مامي ڪوليا جي شخصيت هئي. تونيا غلط سمجهيو هو تہ هو شهر کان ٻاهر ويل هو. هو سندس پاٽيجي جي موٽڻ واري ڏينهن ئي واپس اچي ويو هو. اهي اڳ ۾ ئي ٻہ ٽي پيرا ملي چڪا هئا ۽ هڪ ٻئي سان دل کولي ڳالهائي ۽ کل پوڳ ڪري چڪا هئا.

پهرين ملاقات هڪ پاٽيائي مٽي جهڙي ٽيندڙ ڦڙ ڦڙ واري اداس ۽ پوري شام ۾ ٿي. يوري ساڻس ملڻ لاءِ سندس هوٽل تي ويو. هوٽلن شهر جي انتظاميا

جي چوڻ کان سواءِ ڪنهن به ماڻهو کي ڪمرو نه پئي ڏنو. پر نڪولائي نڪولائيوچ ڇاڪاڻ ته هو سنڌس پراڻا واسطا هئا ان ڪري ڪيس ڪمري ملڻ ۾ ڏکيائي نه ٿي.

هوٽل هڪ اهڙي چرين جي اسپتال جيان لڳي رهيو هو جنهن کي مريضن جي حوالي ڪيو ويو هجي. افراتفري انتشار ۽ ڪنهن ڳالهه جي پڇا ڳاڇا نه هئي.

هوٽل جي گندي ڪمري جي وڏي دريءَ مان وڏو چوواٽو نظر آيو ٿي. اهو انهن افراتفري ۽ پاڳلپڻ وارن ڏينهن ۾ هوٽل مان ڏسڻ ۾ ايندڙ چوواٽي بدران رات جو خواب ۾ نظر ايندڙ هڪ ويران ۽ ديهاريندڙ چوواٽو لڳي رهيو هو.

يوري لاءِ اها ملاقات چڻ هڪ زبردست ۽ اٿوسرندڙ واقعو هئي. هو پنهنجي ننڍپڻ جي ديوتا سان ملي رهيو هو. هڪ اهڙو استاد جيڪو نوجواني واري دور ۾ سنڌس ذهن تي حاوي رهيو هو.

پورا وار ۽ ڍلو ڍالو پاتل پرڏيهي سوٽ مامي ڪوليا جي شخصيت سان ٺهڪي پئي آيا. پنهنجي عمر جي لحاظ کان هو جوان ۽ سهڻو لڳي رهيو هو.

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته حال ۾ ٿيندڙ وڏن واقعن جي ڪري سنڌس شخصيت دٻجي ويئي هئي.ان کان سواءِ به سنڌس مرتبي ۾ گهٽتائي ٿي هئي پر يوري کي ڪڏهن به اهو خيال نه آيو ته هو ڪيس انهن معيارن تي پرکي.

هو سياست تي ڳالهائڻ وقت مامي ڪوليا جي پرسڪون، مائيٽي ۽ لاتعلقي واري انداز تي حيران ٿي ويو. سنڌس خوداعتمادي ان وقت ۾ روسين ۾ موجود خود اعتمادي کان گهٽي مٿي هئي. اها ڳالهه ساڳي وقت هڪ نواڻ به هئي، پراڻي فيشن جي به لڳي پئي ۽ ٿوري پريشان ڪندڙ به هئي.

پر ملاقات جي پهرين ڪجهه ڪلاڪن ۾ ڪين اهڙين ڳالهين جي فڪر ڪرڻ جو هوش ڪٿي هو! اها سياست کان بلڪل ئي مختلف شيءِ هئي جنهن کلڻ، رڙين ڪرڻ، هڪٻئي جي ڳچين ۾ ٻانهون وجهڻ ۽ جوش ۾ لاڳيتو ڳالهائيندو رهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هو.

جيتوڻيڪ اهي پاڻ ۾ مائٽ هئا ۽ سنڌن وچ ۾ ماضي هر گهڙي اڀري ٿي آيو ۽ يادن منهن تي ڪڍيو پر جنهن ڳالهه ڪين ويجهو آندو هو اها حقيقت هئي ته ٻنهي جو مزاج تخليقي فنڪارن وارن هو.انهن نون واقعن ۽ هڪٻئي جي زندگي جي حالتن متعلق ڳالهايو پر جڏهن ڳالهه انهن موضوعن تي نڪتي ٿي جن جي ڄاڻ

رڳو تخليقي صلاحيت رکندڙن کي هئي ته سندن وچ ۾ سڀ فرق ۽ ناتا ختم ٿي ٿي ويا. اهي مامو ۽ ڀاڻيجو يا پوڙهو ۽ جوان نه ٿي رهيا ۽ سندن وچ ۾ رڳو توانائي ۽ اصولن جي چناپيتي وارو ناتو وڃي ٿي باقي رهيو.

ڏهن سالن کان نڪولائي نڪولائيوچ لکڻ ۽ ليکڪ جي ڪم جي مفهوم متعلق اڻين نه ڳالهايو هو ۽ نه ئي کيس اهڙي ماڻهو سان لهه وچڙ ۾ اچڻ جو موقعو مليو هو جنهن جا خيال ساڻس ايڏي هڪجهڙائي رکندا هجن.

ان ڪري انهن رڙيون ٿي ڪيون، ڪمري جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين جوش ۾ هليا ٿي، ٻنهي هٿن سان پنهنجو مٿو ٿي جهليائون يا دريءَ وٽ خاموشي ۾ بيهي شيشي کي آڱرين سان وڄايائون ٿي.

ان ڳالهه کين لوڏي ۽ بيخود ڪري ڇڏيو هو ته سندن خيالن ۾ ڪيتري نه هڪجهڙائي هئي.

اها هئي سندن پهرين ملاقات. پر ان کان پوءِ سندن ملاقات ٻين ماڻهن جي موجودگي ۾ ٿي، ٻين ماڻهن جي وچ ۾ ماما ڪوليا بلڪل ئي هڪ ٻيو ماڻهو ٿي لڳو.

ان جي باوجود ته اهو يقيني نه هو ته هن پيٽرزبرگ يا ڪنهن ٻي جاءِ کي پنهنجو گهر ناهڻ ٿي چاهيو پر هو ماسڪو ۾ پنهنجي مهمان واري حيثيت کان واقف هو ۽ اهو احساس کيس وڻيو به ٿي.

هن ڊرائنگ روم سياستدان واري حيثيت جو مزو پئي ورتو ۽ اهو سمجهيو ٿي ته ڪنوينشن کان اڳ پيرس جي مادام رونالڊ جي سياسي بحث مباحثن وارن مرڪزن جي طرز تي ماسڪو ۾ به اهڙا مرڪز قائم ٿي ويندا.

پنهنجي عورت دوستن سان ماسڪو جي پرسڪون گهٽين جي مهمان نواز فليٽن ۾ ملاقات ڪرڻ وقت هو کين ۽ سندن مڙسن کي نهايت سهڻي انداز ۾ سندن محدود، مقامي ۽ پٺتي پيل نقطہ نظر تي ٽنگ ڪندو هو. کيس اخبارن سان پنهنجي واقفيت تي ايترو فخر هو جيترو ڪنهن وقت ۾ کيس انجيل جي پراڻن تحريف ٿيل حصن ۽ انجيل جي مختلف ترجمن تي هوندو هو.

اهو چيو ٿي ويو ته هو سوئٽزرليند ۾ هڪ اڻ پورو عشق، گهٽو اڌ پورو ڪم ۽ هڪ اڻ پورو ڪتاب ڇڏي هتي جي ڪُن ۾ هڪ ٽبي هڻڻ آيو هو. مطلب ته جيڪڏهن هو ان مان حفاظت سان اڪري پار ٿيو ته پوءِ وري پنهنجي محبوب اليپس جو رخ ڪندو.

هو بالشيوڪن جو حامي هو ۽ اڪثر ڪلهي ڏرجي ٻن سوشلسٽ انقلابين جو ذڪر ڪندو هو جيڪي سندس نظرين سان اتفاق ڪندا هئا. اهي ٻيئي صحافي هئا جيڪي ميروشڪا پومر ۽ سلوياڪوٽيري جي فرضي نالن سان لکندا هئا.

”نڪولائي نڪولائيوچ هي تون ڪهڙي ڏيڄارينڊڙ حالت تي اچي پهتو آهين.“ يوري جي سهري ڪيس ڪاوڙ ۾ چيو. ”هي تنهنجا سڀ ميروشڪا، هي سڄو سارو گند آهي ۽ پوءِ وري اها ليوي اپوڪوري.“

”ڪوٽيري.“ نڪولائي نڪولائيوچ ڪيس درست ڪيو. ”۽ سلويا.“

”پر ڪوري هجي يا پوٽيپوري ڳالهه ساڳي آهي. نالي ۾ ڇا رکيو آهي!“

”پوءِ به اهو نالو ڪوٽيري ئي آهي.“ نڪولائي نڪولائيوچ ڏيرج سان اصرار ڪيو. سندن وچ ۾ هن نموني جي ڳالهه ٻولهه ٿي.

”تيئن اسان بحث ڇا تي پيا ڪريون؟ اها ڳالهه ايتري واضح آهي جو ان کي ثابت ڪرڻ ۾ تنهنجو منهن گلابي ٿي ٿو وڃي. اها هر شيءِ جي بنيادي ڳالهه آهي.

صدين کان ماڻهن جي گهڻائي اهڙي حياتي گذاري آهي جنهن جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. تاريخ جو ڪوبه ڪتاب کڻي ڏس، ڇا به ڪڻي ان کي چيو وڃي، جاگيرداري ۽ غلامي يا سرمايه داري ۽ صنعت پر اها اهڙي صورتحال هئي جيڪا غير فطري ۽ غير منصفانه هئي. هڪ ڊگهي عرصي کان ماڻهن کي ان جي ڄاڻ آهي ۽ دنيا هڪ اهڙي اپار لاءِ تيار ٿي رهي آهي جيڪو ماڻهن کي اڳتي آڻيندو ۽ هر شيءِ کي ان جي مناسب جاءِ تي رکندو.

توکي پوري ريت ڄاڻ آهي ته پراڻي نظام ۾ ٿوري گهڻي تبديلي بلڪل بيڪار ثابت ٿيندي. ان کي پاڙئون پٽڻو پوندو. پوءِ ڇا ٿيندو؟ حقيقت اها آهي ته اها ڳالهه ڏيڄارينڊڙ آهي پر اها ڳالهه ان جي ٿيڻ کي روڪي نه ٿي سگهي. سوال رڳو وقت جو آهي. تون ڪيئن ان سان اختلاف ڪري سگهين ٿو؟“

”اها ڳالهه ناهي. اها اها ڳالهه ناهي جنهن متعلق آئون ڳالهائي رهيو هئس.“ اليگزينڊر اليگزينڊريوچ ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ بحث ۾ گرمي اچي وئي.

”اهي تنهنجا پوٽيپوري ۽ ميروشڪا بي ضمير ماڻهو آهن. اهي چون هڪ ڳالهه ٿا ۽ ڪن ٻي ٿا. بهرحال تنهنجو منطق ڪيڏانهن ويو؟ بلڪل بي ربط. نه هڪ منٽ ترس، آئون توکي هڪ شيءِ ٿو ڏيکاريان.“ هو هڪ اخبار جي ڳولها ۾ جنهن ۾ هڪ مضمون ڇپيل هو، جنهن ۾ پاڻ پنهنجو انڪار ڪيل هو. لکڻ واري

ميز جي خانن کي چڪيندو ۽ ان سڄي گوڙ ۾ پنهنجي ڳالهائڻ جي قوت کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

اليگزيندر اليگزينڊرووچ کي اها ڳالهه وڻندي هئي ته ڳالهائڻ مهل سندس آڏو ڪا رنڊڪ پيدا ٿئي. ان ڏيان هتڻ سان ڪيس بڻ بڻ ڪرڻ ۽ هون هان ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو هو. متس ڳالهائڻ جا دورا ٿي ان وقت پوندا هئا جڏهن هو پنهنجي ڪنهن گم ٿيل شيءِ جي ڳولا ڪري رهيو هوندو هو. مثال طور ڪپڙن واري اڏ اونداهي ڪمري ۾ پنهنجو برف وارو بيو جوتو ڳوليندي يا حوض جي دروازي تي پنهنجي هٿن تي توال سان گڏ بيهندي يا وري ماني وقت ڪا پليٽ ڏيندي ۽ يا وري پنهنجن دوستن جي گلاسن ۾ شراب وجهندي وغيره.

يوري کيس ڳالهائيندي ٻڌندي خوش ٿيندو هو. هو پراڻي ماسڪو جي لهجي، سر ۽ گروميڪو واري نرم "ر" واري آواز کي بيحد پسند ڪندو هو.

اليگزيندر اليگزينڊرووچ جو مٿيون چپ پنهنجي ننڍي نهيل مڇ سميت هيٺئين چپ تي ائين جهڪيو پيو هو جيئن سندس پوپٽ جهڙي ٽاءِ سندس ڳچيءَ کان ٻاهر نڪتل هئي. انهن ٻنهي ۾ ڪاڪڏيل شيءِ هئي جنهن کيس وڻندڙ ۽ ٻارن جهڙو معصوم بڻائي ڇڏيو هو.

دعوت واري رات شورا شيلنگز نهايت دير سان پهتي هئي. هو هڪ گڏجاڻيءَ مان سڌو آئي هئي، کيس سوٽ ۽ پورهيتن جي ٽوپي پيل هئي. هو ڏوڪيندي ڪمري ۾ آئي، اتي همراهن سان هٿ ملائيندي اچي شڪايتن ۽ الزامن ۾ ڇٽي.

"تونيا تون ڪيئن آهين؟ اليگزيندر تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟ تون ضرور اهو مڃيندين ته اها ڏاڍي خراب ڳالهه آهي. سڄي ماسڪو کي خبر پئجي ويئي آهي ته هو موٽي آيو آهي ۽ هر ڪو ان متعلق ڳالهائي رهيو آهي ۽ تو آخر ۾ مون کي ٻڌايو آهي. نيڪ آهي، آئون سمجهان ٿي ته آئون ڪا ايڏي گهٽي چڱي ناهيان. بهرحال اسان جو يورا آهي ڪٿي؟ مون کي ساڻس ملڻ ڏيو. اوه، تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟ مون اهو پڙهيو آهي، واقعي بهترين آهي. مون کي هڪ اکر به سمجهه ۾ نه آيو پر اهو ڏاڍو چڱو لکيل آهي، اهو ته هڪدم ئي ڇٽي سگهجي ٿو. نڪولائي نڪولائيوچ تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟ ...... يورا آئون تو سان هڪ منٽ ۾ ملان ٿي، مون کي تو سان ڳالهائڻو آهي. هلو ٻارو ته توهان به هتي آهيو. گوگوچڪا، گوسي، گندر؟" اهو گروميڪو خاندان جي هڪ پري جي مائٽ کي چيو ويو،

جيڪو هر اپرندڙ فنڪار کي پسند ڪندو هو. جيڪو پنهنجي احمقاڻي ٺهڪ ۾ مڪڙ جيان قد ۾ سنهڙي هٿڻ ڪري گوزي طور سجاتو ويندو هو. ”توهان ڪاٿي پيي رهيا آهيو؟ آئون جلد ئي توهان سان گڏجان ٿي. ها ته منهنجا پيارا توهان کي اها ڄاڻ ناهي ته توهان ڪهڙي شيءِ کان محروم ٿي رهيا آهيو. توهان کي ڪنهن شيءِ جي ڄاڻ ناهي. توهان ڪا شيءِ نه ڏٺي آهي. دنيا ۾ ڇا وهي واپرجي رهيو آهي. توهان وچو ۾ هڪ حقيقي عوامي جلسي تي نظر وجهو جنهن ۾ ڪتابي نه پر حقيقي مزدور ۾ حقيقي سپاهي شريڪ آهن. رڳو ڪوشش ڪري ڪين جنگ کي ان جي فتح جي انت متعلق هڪ اکر ڇئي ڏسو. اهي توهان جو فتح تائين وارو انت آڻي ڇڏيندا. يورا پيارا! آئون هينئر هڪ ملاح جي تقرير ٻڌي اچان پيئي. تون اها ٻڌين ها ته چريو ٿي پوين ها. ڇا ته ان ۾ جذبو هو ۾ ڇا ته ان ۾ ارادي جي پختگي هئي!“

گهڙي گهڙي شورا جي ڳالهائڻ ۾ مداخلت ٿي ڪئي ويئي. هر ڪو رڙيون ڪري رهيو هو. هو يوريءَ جي ويجهو ويئي، سندس هٿ جهلي ۾ پنهنجو منهن سندس منهن جي ويجهو آڻي ميگا فون جيان سڄي شور تي حاوي ٿيندي رڙ ڪندي چيو ته :

”آئون تو کي پاڻ سان وٺي هلنديس يوار جاني، تو کي حقيقي ماڻهو ڏيکارينديس. اناطيوس جيان تو کي به ضرور ڌرتي تي لهڻ گهرجي. تون مون کي ائين گهوري ڇو ڏسي رهيو آهين؟ ڇا تو کي خبر ناهي ته آئون هڪ پراڻي جنگي گهوڙي آهيان؟ يونيورسٽي ۾ مون بيسٽيوزيو جا عورتن وارا ڪورس ڪنيا هئا جيڪي ڪلهي ڌر وارن لاڙن لاءِ ڄاتا ويندا هئا. ها ته تون واقعي ڇا پيو سوچين؟ پر ايمانداري جي ڳالهه آهي ته اسان ماڻهن کي بلڪل نه ٿا سڃاڻون. آئون هينئر اتان اچان پيئي. آئون انهن سان شامل هيس. آئون انهن لاءِ لائبريري قائم ڪري رهي آهيان.“

هن به شراب پيتو ۾ مدهوش ٿيندي ويئي. پر يوريءَ جو مٿو به ڦريو پئي. ڪيس ان ڳالهه جي خبر ئي نه پيئي ته اهو ڪيئن ٿي ويو ته هو ڪمري جي هڪ ڪنڊ تي هو ۾ شورا ٻي ڪنڊ تي. هو ميز جي ڪنڊ وٽ بيٺو بظاهر پنهنجي لاءِ غير متوقع، تقرير ڪري رهيو هو. ڪيس ماٺ ڪرڻ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويو.

”خواتين ۾ حضرات ..... آئون چاهيان ٿو .....ميشا! گوگوچڪا! تونيا مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي.اهي مون کي ٻڌن ئي نه ٿا. خواتين و حضرات! مون کي به ٿي اکر چوڻ ڏيو. اسان هاڻي هڪ اڻ ٻڌي ۾ ناقابل يقين شيءِ ڏسڻ وارا آهيون. ان

ڪان اڳ جو اها اسان کي قابو ۾ ڪري وٺي، آئون توهان لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪرڻ چاهيان ٿو. جڏهن اهو واقع ٿئي ته خدا ڪري ته اسين هڪ ٻئي ڪان ۽ ٻ هنجين روحن ڪان ڌار نه ٿيون..... گوگوچڪا تون پوءِ تاڙيون وڃائي سگهين ٿو ..... مون اجا پنهنجي ڳالهه پوري ناهي ڪئي. اتي بيهي ڳالهائڻ بند ڪيو ۽ منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو.

جنگ جي ان ٽئين سال ۾ ماڻهن ۾ اهو يقين پختو ٿي ويو آهي ته اڳين صفن ۾ وڙهندڙن ۽ پوين صفن ۾ ڪم ڪندڙن وچ ۾ فرق ختم ٿي ويندا. رت جو سمنڊ ان وقت تائين وڌندو رهندو جيستائين اهو اسان مان هر هڪ تائين پهچي نه ٿو وڃي ۽ انهن سيني کي ٻوڙي نه ٿو جن گهرو ۾ ويهي جنگ کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. انقلاب اهو ٻوڏ آهي. جڏهن اها ايندي آهي ته سيني کي ٻوڙيندي، توهان کي لڳندو جيئن اسان کي فوج ۾ هوندي ٻه جوڙيائين. زندگي جڻ بيهي ويئي آهي، ڪابه ذاتي شيءِ نه رهي آهي ۽ دنيا ۾ مرڻ ۽ مارڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به باقي ناهي رهيو. جيڪڏهن اسان ان وقت تائين جيئرا رهياسين جڏهن ان دور جا واقعا ۽ يادگيريون لکيون وينديون ته اسان انهن يادگيرين کي پڙهڻ سان ڏسنداسين ته انهن پنجن يا ڏهن سالن ۾ اسان کي اهو تجربو ٿيو آهي جيڪو ٻين ماڻهن جي هڪ صديءَ جي تجربي کان به وڌيڪ آهي. مون کي خبر ناهي ته ماڻهو پنهنجي ليکي اتندا ۽ هڪ لهر جيان پنهنجو پاڻ اڳتي وڌندا يا وري هر شيءِ رڳو سندن نالي ۾ ئي ڪئي ويندي. اهڙي عظيم واقعي کان ان جي صحيح هئڻ جي ثابتي نه ٿي گهري سگهجي، ان کي پنهنجي وجود لاءِ ڪنهن ڊرامائي ثبوت ڏيڻ جي ضرورت ناهي. اسان کي ان تي ڀروسو ڪرڻو پوندو. عظيم واقعن جي ڪارڻن جي ڳولا جي ڪوشش ڪرڻ نهايت هلڪڙي ۽ ننڍڙي ڳالهه آهي. درحقيقت انهن جا ڪي ڪارڻ هوندا ئي ناهن. اهو ته رڳو گهر جي جهيڙن ۾ ئي ٿيندو آهي ته اتي شروعات ٿيندي آهي، جڏهن همراهه هڪ ٻئي جا وار پٽي ۽ ٿانو ڀڃي چڪا هوندا آهن تڏهن ان ڳالهه تي سوچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته نيٺ ان کي شروع ڪنهن ڪيو هو. جيڪا شيءِ واقعي عظيم هوندي آهي ان جي ڪا شروعات نه هوندي آهي بلڪل ائين جيئن هيءَ ڪائنات آهي. اها ائين اوچتو اسان آڏو اچي ٿي جڻ اها هميشه کان اتي موجود هئي يا اها جڻ آسمان مان ڪري هجي.

آئون اهو به سمجهان ٿو ته روس دنيا جي شروعات کان وٺي اڄ تائين دنيا جو پهريون سوشلسٽ ملڪ هوندو. جڏهن اهو ٿيندو ته اسان هڪ ڏگهي وقت تائين حيرت ۾ وٺجي ويندا سين ۽ جڏهن هوش ۾ ايندا سين ته به اڌ جاڳيل هوندا سين ۽ اسان جي اڌ يادگيري ختم ٿي چڪي هوندي. اسان اهو وساري چڪا هونداسين ته ڪهڙي ڳالهه پهرين ٿي ۽ ڪهڙي پوءِ. ساڳي ريت اسان سمجهه ۾ نه ايندڙ شين جي ڪارڻ جي ڳولا نه ڪنداسين. اسانجي چوڌاري شين جو نئون نظام هوندو جيڪو اسان لاءِ ايترو مانوس هوندو جيترو آڪاش ڏانهن نظر ايندڙ ٻيلو يا اسان مٿان هلندڙ ڪڪر. اهو سڀ اسانجي چوڌاري هوندو. اتي ٻي ڪابه شيءِ نه هوندي.“

هن ڪجهه ٻيون ڳالهيون به ڪيون ۽ ان وقت سندس نشو مڪمل طور ختم ٿي چڪو هو. پوءِ به جڏهن هو ويٺو ته ڪيس جيڪي ڪجهه چيو پئي ويو ان کي پوريءَ ريت ٻڌي نه پئي سگهيو ۽ اٻتا سبتا جواب پئي ڏنائين. هن ڄاتو ٿي ته اهي سڀ ساٿس پنهنجي محبت جو اظهار ڪري رهيا هئا پر هو ايترو ته اداسيءَ جي دٻاءَ ۾ هو جو ڄڻ ته پنهنجي قابو ۾ ئي نه رهيو هو. هن چيو. ”مهرباني، مهرباني. آئون توهان جي جذبن جو قدر ڪيان ٿو. آئون انهن جي لائق ناهيان. پنهنجي محبت جي اظهار ۾ تڪڙ کان ڪم نه وٺو. اهو ائين آهي جو ڄڻ توهان محبتن جا ڍير گڏ ڪيا هئا ته جيئن اهي ايندڙ وقت ۾ ڪم اچي سگهن.“

سڀني ٺهڪ ڏنا ۽ تاڙيون وڄايون. سندن ليکي هن ڄاڻي ٻجهي مزاحيه جملا چيا هئا جڏهن ته کيس ڪا خبر نه هئي ته هو ڇا چئي رهيو هو. بدقسمتي ۽ مستقبل متعلق بيوسي جي احساس بابت سندس اڳڪٿيون جيتري قدر عظيم هيون، ساڳي ريت سندس ٻين جي ڀلائي ۽ خوشي بابت جذبا پڻ سارا ڄڻ جوڳا هئا.

مهمان وڃي رهيا هئا، تڪ سندن چهرن مان ظاهر ٿي رهيو هو. سندن اوٻاسين، وات کي کولڻ ۽ بند ڪرڻ جي ڪري هو بلڪل گهوڙن جيان لڳي رهيا هئا.

جيئن انهن موڪلايو تيئن انهن پردا هٽائي دريون کولي ڇڏيون. ميرانجهڙي رنگ جي ڪڪرن سان ڀريل پسيل آسمان تي هيڊاڻ مائل پرڀات نظر اچي رهي هئي. ”ڏسو، ائين ٿو لڳي ته طوفان آيو هو ۽ اسان هتي گپ شپ ڪري رهيا آهيون.“ ڪنهن همراهه ڳالهه ڪئي. شورا ان جي تصديق ڪندي چيو ته، ”آئون وات تي مينهن ۾ ڦاسي پئي هئس ۽ مشڪل سان هتي پهتي آهيان.“

پاسي واري ويران گهٽيءَ ۾ اچا اونداهي هئي. اتي ڪڏهن وٽن مان ڪرندڙ پاڻي جي ٽپ ٽپ جو آواز ٿي آيو تہ ڪڏهن پسيل جهرڪين جي لاڳيتي چون چون جو آواز.

اوچتو گجگوڙ ٿي ۽ ائين لڳو ڄڻ تہ آسمان جي وچ مان هر هلي ويو هجي. ان کان پوءِ سورو ترسي چار هلڪا آواز ٿيا ۽ ائين لڳو ڄڻ ڪنهن خزان جي نئين تيار ٿيل نرم زمين مان پڪل پٽاٽا ڪٽي ڦٽا ڪيا هجن.

گجگوڙ سان گڏ ٿي دونهن سان ڀريل مٽي هاڻي ڪمري جي فضا صاف ٿي ويئي. اوچتو بجلي جي ڪرنٽ جيان زندگي جا عنصر هوا، پاڻي، خوشيءَ جي گهرج، ڌرتي، آڪاش سڀ واضح نظر اچڻ لڳا.

گهٽي ويندڙ مهمانن جي آواز سان گونجي رهي هئي. انهن گهر ۾ ڪنهن ڳالهہ تي بحث شروع ڪيو هو ۽ اچا تائين گهٽي ۾ بہ ساڳي طرح بحث ڪري رهيا هئا. ڊيري ڊيري آواز فاصلي سان گهٽبا ويا ۽ نيٺ ختم ٿي ويا.

"ڪيڏي نہ دير ٿي ويئي آهي،" يوري چيو. "اسان کي سمهڻ گهرجي. دنيا ۾ آئون جن ماڻهن سان محبت ڪيان ٿو اهي رڳو تون ۽ تنهنجو بابا آهن."

(5)

آگسٽ ختم ٿي ويو هو ۽ سيپٽمبر بہ پورو ٿيڻ وارو هو. سرديون اچڻ واريون هيون ۽ ماڻهن جي دنيا ۾ هوا ڪنهن اهڙي شيءِ سان ڀريل هئي جيئن فطرت جو ايندڙ موت. اها ڳالهہ هر ڪنهن جي وات تي هئي.

اناج ۽ ڪاٺ گڏ ڪيو ويو پر ماديت جي فتح وارن انهن ڏينهن ۾ مادو هڪ مجرد خيال بڻجي چڪو هو ۽ غذا ۽ ٻارڻ جي ڪاٺ جي جاءِ "غذائن ۽ ٻارڻ جي فراهمي" وٺي ڇڏي هئي.

شهرن ۾ رهندڙ ماڻهو ائين بيوس هئا جيئن ڪنهن اڻ ڄاتل شيءِ هٿان ٻار هوندا آهن. اهڙي اڻ ڄاڻائي جنهن هر ڄاتل شيءِ کي ٻهاري پاسي ڪري ڇڏيو هو ۽ پنهنجي عمل ۾ سوائي سُڄ ۽ مايوسي جي ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڇڏيو هو. حالانڪ اها ڀاڻ شهرن جي ئي پيدا ڪيل هئي.

ماڻهو اچا بہ، جيئن سندن روزمره جي زندگي لاءِ جدوجهد منڊڪائيندي ۽ گسڪندي هڪ اڻ ڄاتل منزل ڏانهن وڌي رهي هئي، ڳالهائيندا ۽ پاڻ کي دوکي

۾ رکندا پئي آيا. پريوري ان صورتحال کي ائين ئي ڏٺو، جيئن اها هئي. هو ڏسي پئي سگهيو تہ تباهي لکجي چڪي هئي ۽ هن کي ۽ هنن جهڙن ٻين کي تباهہ ڪرڻ واري سزا ملي چڪي هئي. اڳتي امتحان ۽ آزمائشون هيون ۽ شايد موت. سندن ڏينهن ڳڻجي چڪا هئا ۽ اهي ڏينهن سندس نڙن آڏو ختم ٿي رهيا هئا.

سندس روزمره جي زندگي، سندس ڪم ۽ سندس پريشانين سندس هوش حواس کي برقرار رکيو هو. سندس زال، سندس ٻار، روزگار جي گهرج، سندس روزمره جي معمولي مصروفيت، وارڊ جو رائونڊ ۽ بيمارن کي ڏسڻ وغيره ۾ ئي سندس ڇوٽڪارو هو.

هن سمجهيو ٿي تہ مستقبل جي ديو جهڙي مشين آڏو سندس حيثيت هڪ ڊينڊڙي جهڙي هئي. هن کي ان آئيندي سان محبت بہ هئي ۽ ان کان ڊنل بہ هو ۽ دل ئي دل ۾ ان تي فخر بہ ڪندو هو. جيئن آخري ڀيرو ڪنهن کان موڪلايو وڃي ٿو ائين هن وڻن، ڪڪرن ۽ گهٽين ۾ هلندڙ ماڻهن تي نظر وڌي. عظيم روسي شهر مصيبتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جاڪوڙي رهيو هو ۽ هو حالتن کي سڌارڻ لاءِ پنهنجي قرباني ڏيڻ لاءِ بہ تيار هو پر ڪابہ شيءِ سندس وس ۾ نہ هئي.

جيئن هو روسي ميڊيڪل سوسائٽي جي ويجهو اولڊ ڪوج يارڊ جي ڪنڊ وٽان اربات جي علائقي مان گذري رهيو هو تيئن هن هميشہ جيان آسمان ۽ ماڻهن تي نظر وڌي.

هو اسپتال ۾ پنهنجي نوڪريءَ تي موٽي آيو هو. حالانڪ ان نالي واري تنظيم کي ٽوڙيو ويو هو پر ان اسپتال کي اڃا بہ هولي ڪراس اسپتال سڏيو ٿي ويو. ڪنهن کي اڃا ڪو مناسب نالو سجهي نہ آيو هو.

اسپتال جو عملو گروهن ۾ ورهائجي ويو هو. اعتدال پسند، جن جي بي سمجهي تي ڪيس ڪاوڙ اينديي هئي، ڪيس خطرناڪ سمجهندا هئا ۽ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي سياست ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويا هئا، ڪيس پورو "سرخو" نہ سمجهند ا هئا. اهڙي ريت ڪير بہ هن مان خوش نہ هو.

سندس معمول جي ذميوارين سان گڏ، ڊائريڪٽر ڪيس انگن اکرن جي شعبي جو انچارج بہ ناهي ڇڏيو هو. اڻ ڳڻيا سوال ناما سند س هٿن مان گذرندا هئا ۽ اڻ ڳڻيا فارم ڪيس ڀرڻا پوندا هئا. موت جي شرح، بيماري جي شرح، عملي جي آمدني، سندن سياسي شعور جي سطح ۽ چونڊن ۾ سندن حصو، ٻارڻ،

خوراڪ، دوائن جي مستقل ڪوٽ مطلب تہ هر شيءِ جي چڪاس ڪرڻ ۽ مرڪزي انگن اکرن واري بيوروڪي رپورٽ ڏيڻ سندس ڪمن ۾ شامل هو.

يوري استاف روم جي دريءَ وٽ پيل پنهنجي پراڻي ميز تي ويهي ڪم ڪندو هو. اها هر قسم جي نقشن ۽ فارمن وغيره سان پري پيئي هوندي هئي. هن انهن کي هڪ پاسي ڪري ڇڏيو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن وقت ڪڍي طب متعلق لکڻ سان گڏوگڏ "بونا ۽ ماڻهو" جي عنوان سان نظم ۽ نثر تي مشتمل پنهنجي پراڻن ڏينهن جي اداس ڊائري پڻ لکندو هو. ان ۾ هر قسم جون شيون شامل هيون جن ۾ سندس اهو احساس بہ شامل هو تہ اڌ دنيا پنهنجو پاڻ بدلجي ويئي هئي ۽ خدا ئي ڄاڻي ٿو تہ هو ڇا ڪري رهيا هئا.

ڊاڪٽر جي روشن ڪمري جون اڇو رنگ ٿيل ديوارون خزان جي سونهري ڏينهن جي سج جي روشني ۾ چمڪي رهيون هيون. اهي ڏينهن مقدس مريم واري عيد ڪانپوءِ ايندا آهن جڏهن صبح واري وقت ۾ ٿڌ ڇانيل هوندي آهي ۽ جهرڪيون ۽ نيل ڪنٺ ڪرنڊڙ پنن وارن وڻن جي روشن پنن ۾ ويهي ٻوليندا رهندا آهن. انهن ڏينهن ۾ آڪاش پنهنجي انتهائي اوچائي واري حد تي هوندو آهي ۽ اتر ڪان ايندڙ ٿڌي ۽ گهري نيري چمڪ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ موجود صاف ۽ شفاف هوا ۾ شامل ٿي ويندي آهي. دنيا ۾ موجود هر ڪا شيءِ وڌيڪ صاف ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. هر آواز جو مختلف فاصلن تي هڪ ڌار انداز ۾ سر هوندو آهي. سيڪجهہ ائين کُلي پوندو آهي ڄڻ ايندڙ سالن جي سڄي حياتي جو حال ڏيکاريو پيو وڃي. اها روشني، جيڪا خزان جي ننڍي ڏينهن جي پڇاڙي وقت سج لهڻ کان ٿورو اڳ ظاهر ٿيندي هئي، جيڪڏهن ايتري مختصر نہ هجي ها تہ ان کي سهي نہ سگهجي ها.

هن وقت استاف روم ۾ ڪجهہ اهڙي ئي قسم جي روشني هئي. شروعاتي خزان جي سج لهڻ واري روشنيءِ اهڙي رس سان ڀريل، چمڪيلي ۽ سهڻي، جهڙو هڪ پڪل اعليٰ قسم جو روسي صوف.

يوري پنهنجي ميز تي ويٺو لکي رهيو هو. هو سوچڻ ۽ قلم کي مس ۾ ٻوڙڻ لاءِ ترسيو ٿي ۽ خاموش پکي، استاف روم جي وڏي دريءَ وٽان لنگهندي پنهنجو پاڇو سندس هٿن، جيئن اهي ڪاغذ تي هليا ٿي، ميز ۽ ديوارن تي وجهندا غائب ٿي ٿي ويا.

ايناٽامي جو ڊاڪٽر اندر آيو. هو هڪ مضبوط جسم وارو شخص هو جنهن جو وزن ايترو گهڻجي ويو هو جو سندس ڪل ٿيلهن جيان لٽڪي پيئي هئي. ”پيپل جا پن ته اٽڪل سڀ ختم ٿي چڪا آهن.“ هن چيو. ”ٿورو سوچ ته اهي ڪيئن نه مينهن ۽ طوفان ۾ به بيٺا رهيا پر صرف هڪڙي صبوح واري برفباري سندن ڪم لاهي ڇڏيا.“

يوري مٿي ڏٺو. درحقيقت اهي پراسرار پکي جيڪي دريءَ وٽان اڏريا پئي، دراصل پيپر جا اهي ڳاڙها پن هئا جيڪي اڏري مٿي وڃي وٽن ڪان فاصلي تي اسپتال جي باغ ۾ مڙيل نارنگي تاري جيان ڍير ٿيندا ٿي ويا.

”ڇا درين ڪي پوٽين مصالحي سان بند ڪيو ويو آهي؟“

”اڃا نه ڪيو ويو آهي.“ يوري جواب ڏيندي پنهنجي لکڻ ۾ مصروف رهيو.

”ڇا ان وقت اهو ٿي نه وڃڻ گهربو هو؟“

يوري پنهنجي ڪم ۾ ئي مگن رهيو ۽ جواب نه ڏنائين.

”افسوس ته تاراسيڪ هليو ويو آهي.“ ڊاڪٽر ڳالهائيندي چيو. ”هي تاراسيڪ سون ۾ تورڻ جهڙو شخص هو. جوتن ڪي سبڻ يا گهڙيءَ جي مرمت وغيره. هو هر ڪم ڪري وٺندو هو. دنيا جي هر شيءِ وٺي ايندو هو. هاڻي اهو درين وارو ڪم اسان کي پاڻ ئي ڪرڻو پوندو.“

”پر مصالحو ئي ناهي.“

”تون ڪجهه ناهي سگهين ٿو. آئون توکي ان جي ناهڻ جو طريقو ٻڌايان ٿو.“ هن ڪيس ٻڌايو ته لنسيڊ آئل ۽ چاڪ پائوڊر کي گڏي مصالحو ناهبو آهي.

”ٺيڪ آهي. آئون هاڻي هلان ٿو. منهنجي خيال ۾ تون پنهنجو ڪم جاري رکڻ چاهين ٿو.“

هو ٻيهر دريءَ وٽ ويو ۽ بوتلن ۽ نسخن ۾ جنبي ويو. ”تون پنهنجيون اکيون خراب ڪندين.“ هڪ پل ڪان پوءِ هن چيو. ”اونداهي ٿي رهي آهي ۽ روشني جو ڪو بندوبست ناهي. اسان کي گهر هلڻ گهرجي.“

”آئون ويهه منٽ کن وڌيڪ ڪم ڪندس.“

”هن جي زال هتي وارڊ ۾ ڪم ڪندي آهي.“

”ڪنهن جي زال؟“

”تاراسيڪ جي.“

”مون کي خبر آهي.“

”ڪنهن کي خبر ناهي ته هو هن وقت ڪٿي آهي. هو سڄي ملڪ ۾ گهمندو وتندو آهي. گذريل گرمين ۾هو به پيرا پنهنجي زال سان ملڻ آيو هو ۽ هاڻي وري هو هليو ويو آهي. هو نئين زندگي جي تعمير ۾ لڳل آهي. هو انهن بالشويڪ سپاهين مان آهي جن کي تون هر جاءِ تي، گهٽين ۾ هلندي ۽ ٽرامن ۾ سفر ڪندي ڏسي سگهين ٿو. ڇا تون سندن راز ڄاڻڻ چاهين ٿو؟ تاراسيڪ کي ئي ڪٿي وٺ. هو هر ڪم ۾ هٿ وجهي سگهي ٿو. هو جيڪو به ڪم ڪري ٿو ان کي بهتر نموني ڪري ٿو. اهو ئي سائنس فوج ۾ به ٿيو. هن وڙهڻ به پئي ڪنهن هنر وانگر ئي سکيو. هو بهترين نشاني باز بڻجي ويو. جهڙو خندقن ۾ تهڙو ئي بهترين سيڪيورٽي واري ڊيوٽي تي. سندس نظر ۽ هٿ بهترين هئا. پنهنجي نشاني ڪري کيس اعزاز سان نوازيو ويو. هو جيڪو ڪم به ڪري ٿو ان ۾ پوري ريت شامل ٿي وڃي ٿو ۽ اهو ئي حال سندس جنگ ۾ به هو. هو سمجهي پئي سگهيو ته رائفل جي ماڻهو لاءِ ڪهڙي معنيٰ آهي. اهاڪيس طاقت ڏئي ٿي، کيس ٻين کان متاثر ڪري ٿي. هن پاڻ پنهنجي ليکي طاقتور ٿيڻ چاهيو ٿي. هڪ رائفل بردار ماڻهو رڳو پئي ڪنهن ماڻهو جهڙو نه هوندو آهي. پراڻي دور ۾ اهڙا ماڻهو سپاهي هوندا هئا ۽ يا وري ڌاڙيل. تون هاڻي رڳو تاراسيڪ کان سندس رائفل وٺڻ جي ڪوشش ته ڪري ڏس! بلڪل صحيح وقت تي اهو نعرو لڳو ته پنهنجيون بندوقون پنهنجن آقائن خلاف موڙي ڇڏيو. اهو ئي تاراسيڪ به ڪيو. اهو ئي سچو قصو آهي. تلهي ليکي اهو ئي مارڪسزم آهي.“

”اها بلڪل زندگي جيان حقيقي ٿي لڳي. ڇا تو کي ڄاڻ ناهي؟“

ڊاڪٽر وري پنهجين نلڪين ڏانهن موٽي ويو.

”تو ان ڇلهي ناهڻ واري جو ڇا ڪيو؟“ هن پڇيو.

”آئون کيس موڪلڻ تي تنهنجو نهايت ٿورائتو آهيان. نهايت دلچسپ ماڻهو هو. اسين ڪلاڪن تائين هيگل ۽ ڪروس تي ڳالهائيندا رهياسين.“

بلڪل فطري ڳالهه آهي! هن هيڊلبرگ يونيورسٽي مان فلسفي ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي. پر ڇلهي جو ڇا ٿيو؟“

”ان جي حالت چڱي ناهي.“

”اڃا تائين دونهون نڪري ٿو؟“

”بلڪل ڪنهن روڪ ٽوڪ کان سواءِ.“

”هن پائيپ صحيح نموني نہ لڳايو هوندو. ان کي هوادان مان ڪيڻ گهربو هو. ڇا هن ان کي دريءَ مان ٻاهر ڪڍيو هو؟“

”نہ. هوادان مان تہ ڪڍيو هٿائين پر اجا بہ دونهون نڪريس ٿو.“

”تہ پوءِ هو هوا جي نڪرڻ واري جاءِ کي نہ ڳولي سگهيو هوندو. ڪاش اسان وٽ تاراسيڪ هجي ها! پر اهو نيٺ ٺيڪ ٿي ويندو. ماسڪو هڪ ڏينهن تعمير نہ ٿيو هو. چلهي کي ٺيڪ ڪرڻ پيانو وڄائڻ جيان ناهي. ان ۾ ڄاڻ گهرجي. ڇا تو کي پنهنجو ڪاٺ ملي ويو آهي؟“

”اهو مون کي ڪٿان ملندو؟“

”آئون گرجا جي دربان کي تو ڏانهن اماڻيان ٿو. هو ٻارڻ چوري ڪندو آهي. رستن جي ڪناري لڳل واڙ کي وڍڻ ۽ ان کي ٻارڻ جي ڪاٺ ۾ تبديل ڪرڻ سندس ڏائي هٿ جي راند آهي. پر تو کي ساڻس سوديبازي ڪرڻي پوندي. نہ، بهتر اهو آهي تہ منگهڻ مارينڊز عورت ڏانهن هلون.“

هو هيٺ ڪپڙن رکڻ واري ڪمري ۾ ويا ۽ ڪوٽ پائي ٻاهر نڪري ويا.

”ان وٽ ڇو هلون؟ اسان وٽ منگهڻ ناهن.“

”منگهڻن جو ان سان ڪهڙو تعلق ؟ آئون ڪاٺ بابت ڳالهائي رهيو آهيان. سندس ڪاٺ جو وڏو ڪاروبار آهي. هن ڪاروباري بنيادن تي پنهنجي ڪاروبار کي مستحڪم ڪيو آهي. هوءَ سڄا سارا گهر خريد ڪندي آهي ۽ انهن کي ٻارڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندي آهي. هو وڏي پشماني تي اهو ڪم ڪري ٿي. اوه، اونداهي آهي، خيال سان هلجانءِ. آئون هتي ويجهو پيدا ٿيو آهيان ۽ هتان جي هڪ هڪ پٿر کان واقف هيس پر جڏهن کان انهن جهنگلا هٽائڻ شروع ڪيا آهن آئون ڏينهن ۾ بہ ڪا شيءِ سڃاڻي نہ ٿو سگهان. اهو ڄڻ هڪ اوپرو شهر ٿي پيو آهي پر هاڻي نيون جايون سامهون اچڻ شروع ٿيون آهن. باغ وارين گول ميزن ۽ اڌ گول ڪرسين وارن لٽل ايمپائر قسم جي گهرن جي ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ هوندي هئي. ڪجهہ ڏينهن ٿيندا تہ اهڙي هڪ جاءِ تان منهنجو گذر ٿيو. چواٽي واري موڙ تي هڪ سنسان جاءِ تي اٽڪل سو سال عمر جي عورت لٺ هٿ ۾ ڪنيو پئي هلي. ”هيلو ڏاڏي؟“ مون کيس چيو. ”ڇا جيتن جي ڳولا ٿي رهي آهي؟ ڇا تون مڇي مارڻ لاءِ وڃي رهي آهين؟“ مون جيتوڻيڪ مذاق پئي ڪيو پر هن ان ڳالهہ کي سنجيدگيءَ سان ورتو.

”نہ“ هن چيو. ”ڪنييون پٽي ڳوليان.“ تون ڄاڻين ٿو تہ اهو سچ آهي تہ شهر جهنگ ٻٽجندو پيو وڃي. سڙيل پنن ۽ ڪنيين جي بوءِ هر پاسي ڦهليل هوندي آهي.“

”منهنجو خيال آهي تہ آئون ڄاڻان ٿو تہ تنهنجو اشارو ڪهڙي علائقي ڏانهن آهي. ڇا اهو سيريبرايني ۽ بيولچانوڪا جي وچ ۾ ناهي؟ هميشہ اتي ٿي مونسان عجيب واقعا ٿين ٿا. يا تہ اتي اهڙي شخص سان منهنجي ملاقات ٿئي ٿي جنهن کي مون ويهن سالن کان نہ ڏٺو آهي ۽ يا وري مون کي ڪا شيءِ لڀي ٿي. ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اها ڪنڊ خطرناڪ آهي ۽ تون ڦرجي بہ سگهين ٿو ۽ ان ۾ ڪا حيرت جي ڳالهہ بہ ناهي. اتي گهٽين جو هڪ پورو ڄار آهي جيڪو سيمولينسڪي ۾ چورن جي اڏن تائين وڃي پهچي ٿو. ان ڪان اڳ جو تو کي خبر پئي تہ تون ڪٿي آهين، اهي تنهنجي جسم جا سڀ ڪپڙا لاهي غائب ٿي ويندا.“

”رستن جي بتين جي روشني بلڪل گهٽ آهي. ان ڪري انهن کي ڦٽ ڏيندڙ چيو ويندو آهي. تو کي خيال سان هلڻو پوندو.“

(6)

اهو سچ هو تہ يوري سان هر قسم جو واقعو ان موڙ جي ويجهو ئي پيش آيو هو. خزان جي آخري ڏينهن جي هڪ سرد ۽ اونداهي رات ۾، آڪٽوبر جي جهڙپن کان ٿورو اڳ، هو فوٽ پاٿ تي پيل هڪ بيهوش شخص جي جسم سان ٿاٻڙجي پيو هو. هو سنئون سڌو ٿيو فٽ پاٿ تي پيل هو. سندس ٻانهون ۽ ٽنگون ٻاهر نڪتل هيون، مٿو بتيءَ جي ٿنڀي سان لڳل هو ۽ پير رستي تي هئا. رڪي رڪي هن جي وات مان هڪ ڪمزور ۽ نہل دانهن نڪتي ٿي. يوري، جنهن کيس هوش ۾ آندو هو ۽ ڪانئس وڏي واڪي سوال ڪيا هئا، هن کي جواب ڏيندي هن ڪجهہ پنهنجي ليکي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ پُڻ پُڻ ڪئي ۽ هڪ ڀيرو وري بيهوش ٿي ويو. سندس مٿي تي ڌڪ هنيا ويا هئا ۽ اهو رت سان ڀريل هو پر مختصر معائني مان معلوم ٿيو تہ سندس مٿي جون هڏيون سلامت هيون. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو تہ هو هڪ هٿيار بند ڦر جو شڪار ٿيو هو. گهڙي گهڙي هن پنهنجي ڪيسي ۾ پيل نوٽ بڪ متعلق سرگوشي ڪئي ٿي.

ارباٽ ۾ ويجهي دوائن جي اسٽور تان فون ڪري يوري گاڏي گهرائي جيڪا اسپتال وارا مريضن کي ڪٽي اچڻ وڃڻ وغيره لاءِ استعمال ڪندا هئا. همراهہ کي ايمرجنسي وارڊ ۾ پهچايو ويو.

پوءِ خبر پيئي تہ هو هڪ مشهور سياسي شخصيت هو. يوري سندس بيماري دوران سار سنڀال ڪئي ۽ اهڙي ريت ڪيس هڪ اهڙو محافظ مليو جنهن هن کي گهڻن سالن تائين تحفظ ڏنو ۽ شڪ ۽ بي اعتباري سان ڀريل انهن ڏينهن ۾ ڪيس ڪيترا ڀيرا مصيبت مان آجو ڪرايو.

(7)

ٽونيا جي رٿ تي عمل ٿيو ۽ سڄو خاندان سردين لاءِ مٿين ماڙ جي ٽن ڪمرن ۾ منتقل ٿي ويو.

آچر هڪ سرد ڏينهن هو. هوائون لڳيون پئي ۽ برف وارن ڪڪرن جي ڇانيل هئڻ ڪري اونداهي هئي. يوريءَ کي موڪل هئي.

صبوح جو باهہ ٻاري ويئي هئي ۽ چلهہ مان دونهن نڪرڻ لڳو هو. نيوشا سڪل ڪاٺين کي ٻارڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هئي. ٽونيا، جنهن کي چلهن متعلق ڪا ڄاڻ نہ هئي، پنهنجين احمقاڻين صلاحن سان اجا معاملي کي وڌيڪ بگاڙي ڇڏيو. يوري اهو ڏٺو ۽ کيس خبر هئي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي، ان ڪري هن ڪجهہ چوڻ چاهيو پر سندس زال پيار سان ڪلهن کان جهلي کيس ٻاهر ڌڪي ڇڏيو. "هاڻي پنهنجي ڪمري ۾ وڃ. جڏهن هر شيءِ گڙ ٻڙ لڳي پيئي هوندي آهي ۽ منهنجو مٿو ڦريل هوندو آهي تہ تون غلط ڳالهہ چوڻ واري پنهنجي عادت کان باز نہ ايندو آهين. ڇا توکي نظر نہ ٿو اچي تہ پنهنجي انهن ڳالهين سان تون هٿين خالي ٻرنديءَ تي تيل وجهڻ جو ڪم پيو ڪرين!"

"تيل بلڪل ٺيڪ ٿيندو پر مسئلو اهو آهي تہ هتي نہ تيل آهي ۽ نہ باهہ."

"مذاق نہ ڪر. هي وقت ان لاءِ مناسب ناهي."

چلهي واري مسئلي هر ڪنهن جي منصوبن ۾ خلل وجهي ڇڏيو هو. انهن کي اميد هئي تہ اونداهي ٿيڻ کان اڳ سڀ ڪم ڪار لاهي ڇڏيندا ۽ شام آرام سان گذاريندا پر هاڻي رات جي ماني ۾ دير ٿي ويئي هئي. ٽونيا پنهنجا وار نہ پئي ڌوئي سگهي ۽ ٻيا گهڻا ڪم ڇڏڻا پيا هئا.

دونهن ۾ واڌارو ٿي ٿي رهيو هو. جيئن هوا تيز ٿي تيئن دونهن ڪمري ۾ ڌوڪي آيو ۽ ڪمري ۾ ائين ڪاري ڪڪر جيان ڦهلجي ويو جيئن جادو ٿي ٻيلي ۾ ڪاري بلا.

نيٺ يوري سيني کي ٻن ٻين ڪمرن ۾ موڪلي ڇڏيو. دريون کولي، اڌ ڪاٺ ڪڍي ٻين جي وچ ۾ ننڍا ٽڪرا رکي ڇڏيا. هوا اندر ڊوڪي آئي. پردا لڏڻ ۽ اڏرڻ لڳا. ڪاغذ ميز تان اڏامي ويا. راهداري ۾ هڪ دروازو زور سان وڄو ۽ هوا ڪمري ۾ باقي رهيل دونهن سان ڪوئي ٻلي واري راند شروع ڪري ڇڏي.

ڪاٺيون ٻري پيون ۽ چلهي مان شعلا نڪرڻ لڳا. ڪمري مان دونهون آهستي آهستي گهٽجي ويو ۽ هوا بلڪل صاف ٿي ويئي.

ڪمرو روشن ٿي ويو. درين مان ٻاڦ نڪرڻ لڳي. يوري انهن کي تازو مصالحو هنيو هو ۽ انهن مان گرم هوا اچي رهي هئي جنهن ۾ مصالحي جي بوءِ شامل هئي. چلهي جي ڀرسان پيل ڪاٺين مان پڻ عجيب بوءِ اچي رهي هئي.

نڪولائي نڪولائيوچ واچوڙي جيان تيزيءَ سان ڪمري ۾ ڊوڪيندو آيو. "گهٽين ۾ ويڙهه ٿي رهي آهي. عبوري حڪومت جي حامي ڪيڊٽن ۽ بالشويڪن جي حامي فوجي سپاهين وچ ۾ ويڙهه ٿي رهي آهي. سڄو شهر ان ويڙهه جي لپيٽ ۾ اچي چڪو آهي. ان بغاوت جي مک مرڪزن جي ڳڻپ ڪرڻ ڏکي آهي. آئون هتي ايندي هڪ پيرو بالشوئي دمترووڪا جي ڪنڊ ۽ ٻيو پيرو نڪتسڪي گيٽ وٽ انهن جهڙپن ۾ ڦاسي پيس. هاڻي اتان سڌو بلڪل نه ٿو وڃي سگهجي. سڄو چڪر ڪاٽي پوءِ وڃڻو پوندو. هل يورا ڪوٽ پائي ته ٻاهر هلون. تو کي اهو ڏسڻ گهرجي. اها تاريخ آهي. اها حياتي ۾ رڳو هڪ ڀيرو ٿئي ٿي."

پر هو اتي بيٺو اٽڪل ٻن ڪلاڪن تائين ڳالهائيندو رهيو. پوءِ انهن ماني کاڌي. بلڪل ان وقت جڏهن هو گهر موٽڻ لاءِ تيار هو ۽ يوري کي ٻاهر گهلي وٺي وڃي رهيو هو، گورڊن بلڪل ساڳي طرح ۽ ساڳي خبر سان ڊوڪيندو اندر آيو.

صورتحال ۾ وڌيڪ شدت آئي هئي. گورڊن مطابق رائفل جي فائرنگ جي شدت ۽ انهن جي لپيٽ ۾ ايندڙ واٽهڙن جي مرڻ جي تعداد ۾ واڌارو ٿيو هو. سنڌس چوڻ هو ته سڄي ٽريفڪ بيهي ويئي هئي. هو هڪ معجزي سان پر واري گهٽيءَ ۾ پهتو هو پر سنڌس پويان رستو بلڪل بند ٿي ويو هو.

نڪولائي نڪولائيوچ مٿس اعتبار ڪرڻ کان نابري واريندي ٻاهر نڪتو پر وري هڪدم ئي موٽي آيو. هن ٻڌايو ته گوليون گهٽيءَ مان سيٽيون وڄائينديون ديوارن تي لڳي رهيون هيون جنهن سان پلستر ڪري رهيو هو. ٻاهر ڪوبه ماڻهو نه هو ۽ ٽريفڪ بيهي ويئي هئي.

ان هفتي ننڍڙي ساشاڪي ٿڌ لڳي ويئي.

”مون هڪ پيرو نہ بلڪ سئو پيرا چيو آهي تہ هن کي چلهي جي ويجهو ڪيڏڻ نہ ڏي.“ يوري ناراض ٿيندي چيو. ”ڪيس گهٽي ٿڌ جي پيٽ ۾ گهٽي گرمي جي ويجهو وڃڻ ڏيڻ وڏيڪ خراب ڳالهہ آهي.“

ساشا جو گلو خراب ٿي پيو هو ۽ ڪيس تپ بہ هو. ڪيس بيمار ٿيڻ ڪان ڇڻ عجيب نموني جي دهشت ۽ ڊپ ٿيندو هو. جڏهن يوري سندس نڙيءَ جاچڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي تہ هن سندس هٿ پري ڪري ڏند شيڪي روئڻ ۽ رڙيون ڪرڻ ٿي شروع ڪيون. ڌمڪين ۽ دليلن ٻنهي جو مٿس تر جيترو بہ اثر نہ ٿي ٿيو. بهرحال هڪ موقعي تي هن بي احتياطي ۾ هڪ ڊگهي اوٻاسي ڏني ۽ يوري سندس ان بي فڪريءَ جو فائدو وٺندي هڪدم سندس وات ۾ چمچو وجهي ان سان سندس جڀ کي هيٺ دٻائي سندس نڙگهوٽي ۽ غدودن جو جائزو ورتو. نڙگهوٽو گلابي ٿي ويو هو ۽ غدود سجيل ۽ انهن تي اڇا نشان هئا. انهن نشانن ڪيس پريشان ڪري ڇڏيو.

ساڳين طريقن سان هن نڙيءَ مان لعاب جو نمونو ڪڍيو ۽ پاڻ وٽ گهر ۾ پيل خوردبيني سان ان جو جائزو ورتو. خوش قسمتيءَ سان اها خناق جي بيماري نہ هئي.

پر ٽئين ڏينهن ساشا تي گلي جي ورم جو حملو ٿيو. سندس بخار تيز ٿي ويو ۽ ساهہ نہ پيو کڄيس. يوري سندس تڪليف کي گهٽائي بہ نہ پئي سگهيو ۽ ان کي ڏسڻ ۽ سهڻ بہ سندس وس کان ٻاهر هو. تونيا سمجهيو تہ ٻار مري رهيو هو. اهي واري واري سان ڪيس ڪٽي ڪمري ۾ هلندا رهيا ۽ ان سان ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ ان کي آرام ملي رهيو هو.

ڪين ٻار لاءِ ڪير ۽ سوڊا واٽر جي ضرورت هئي پر گهٽين ۾ هلندڙ ويڙهہ پنهنجي عروج تي هئي. بندوق ۽ رائفل جي فائرنگ ۾ هڪ پل جو بہ وقفو نہ هو. جيڪڏهن يوري پنهنجي حياتيءَ جو جوکم کڻي ويڙهہ واري علائقي مان پار هليو بہ وڃي ها تہ بہ ڪيس ان جي اڳيان گهٽين ۾ رستن تي ڪو ماڻهو نہ ملي ها. ڪنهن بہ فيصلي ٿيڻ تائين شهر جي زندگي بيهجي ويئي هئي. بهرحال ان جو نتيجو سيني تي واضح هو. هر پاسي اهي افواهہ هئا تہ پورهيتن کي سرسي حاصل ٿي رهي هئي. ڪيڊٽن جا گروهہ وڙهي تہ رهيا هئا پر سندن پاڻ ۾ ۽ پنهنجي ڪمان سان رابطو ٽٽي چڪو هو.

سوئٽزيو جو علائقو پورهيتن جي قبضي ۾ هو ۽ هو مرڪز ڏانهن وڌي رهيا هئا. جرمنيءَ جي محاذ تان آيل سپاهي ۽ نوجوان پورهيتن پاسي واري گهٽيءَ ۾ پنهنجي ڪوٽيل خندق ۾ ويٺا هئا. اهي اڳ ۾ ئي گهٽيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن سان چاڻ سڃاڻ ڪري چڪا هئا ۽ پنهنجي گهرن جي دروازن ٻاهران بيٺل ماڻهن سان ڪل پوڳ ۾ لڳل هوندا هئا. شهر جي ان حصي ۾ ٿوري گهڻي ٽريفڪ شروع ٿي ويئي هئي.

گورڊن ۽ نڪولائي نڪولائيوچ، جيڪي زواگو جي گهر ۾ قابو ٿي ويا هئا، ٽن ڏينهن جي قيد کان پوءِ آزاد ٿيا. يوري ساشا جي بيماري دوران سندن موجودگي تي خوش هو ۽ تونيا عام بدنظمي ۾ واڌارو ڪرڻ واري ڏوهه مان به کين آجو ڪري ڇڏيو هو. پر انهن پنهنجن ميزبانن جي مهرباني جي موٽ ۾ اهو پنهنجو فرض ڄاتو ٿي ته لاڳيتو ڳالهائي کين وندرائيندا رهن. يوري انهن ٽن ڏينهن جي بڪ بڪ کان ايترو ٿڪجي چڪو هو جو هن کي سندن وڃڻ سان خوشي پئي محسوس ٿي.

## (8)

کين نياپو مليو ته سندن مهمان خيريت سان پنهنجن گهرن ۾ پهچي ويا هئا پر شهر ۾ امن امان متعلق اڃا ڪجهه ڇوڙ وقت کان اڳ جي ڳالهه هئي. اڃا ڪيترين ئي جاين تي ويڙهه جاري هئي ۽ گهڻا علائقا بند هئا. يوري اسپتال نه پئي وڃي سگهيو. ڪيس پنهنجي ڪم، تحقيقي نوٽ ۽ اهو مسودو جيڪو هن اسٽاف روم جي ميز جي خاني ۾ رکيو هو، ياد اچي رهيا هئا.

رڳو سندن پنهنجي ننڍي پاڙي ۾ ماڻهو صبح جو ٻاهر نڪتا هئا ۽ ٿوري فاصلي تي ڊبل روٽي خريد ڪرڻ لاءِ ويا هئا يا اهڙي خوش قسمت شخص، جنهن وٽ کير جي بوتل هوندي هئي، جي چوڌاري گڏ ٿي اهو معلوم ٿي ڪرڻ لڳا ته هن اها ڪٿان حاصل ڪئي هئي.

وقفي وقفي سان سڄي شهر ۾ وري فائرنگ شروع ٿي ٿي ويئي. اهو سمجهيو پئي ويو ته ٻنهي ڌرين ۾ ڳالهه ٻولهه به ٿي رهي هئي ۽ فائرنگ به ٿي رهي هئي ۽ ڳالهين جي ڪامياب ۽ ناڪام ٿيڻ مطابق گهٽجي ۽ وڌي ٿي.

آڪٽوبر جي آخر جي هڪ شام (پراڻي ڪيلينڊر مطابق) يوري، ڪنهن خاص ضرورت کان سواءِ ساٿس گڏ ڪم ڪندڙ هڪ همراهه سان ملڻ ويو. رستو جيڪو

عام طور تي مصروف هوندو هو. تقريبا خالي پيو هو. واٽ تي شايد ئي ڪنهن سان سندس ملاقات ٿي هجي. هو تيز قدمن سان هلندو رهيو. پهرين هلڪي پائوڊر جهڙي برف وسي رهي هئي جنهن کي تيز ٿيندڙ هوا وکيري ڇڏيو هو.

هو ايترين گهٽين ۾ مڙيو جو جڏهن برفباري تيز ٿي ۽ هوا اهڙي طوفان جو روپ وٺي ويئي جنهن سان برف ۾ ويڙهيل ٻهراڙيءَ ۾ چڻ سيٽيون پئي وڄيون. ان سان شهر ۾ ائين لڳندو آهي ته چڻ ماڻهن جي واٽ وڃائجي ويئي هجي ڪيس انهن گهٽين جي ڳٽپ به تقريبا وسري ويئي.

اخلاقي ۽ طبعي دنيا جي واقعن، ويجهڙائي ۽ ڏور جي انتشار ۽ زمين ۽ آسمان ۾ ڪا ڳالهه گڏيل هئي. هتي به ۽ اتي به هڪ ٻئي کان ڪٽيل ٻيٽن جيان مزاحمت جا آخري آواز اچي رهيا هئا، جن کي هاڻي ٽوڙيو ويو هو. هتي ۽ اتي افق تي هلڪي روشني جا ترورا اپريا ٿي ۽ وسامندڙ باهه مٿان وکيرجي ٿي ويا ۽ ساڳي ريت آسمان مان ڪرندڙ برف پسيل رستن تي يوري جي پيرن وٽ دائرا ۽ دونهن جون چادرون پئي ٺاهيون.

اخبار وڪڻندڙ هڪ ڇوڪر تازيون ڇپيل اخبارون بغل ۾ دٻايو رڙيون ڪندي، "تازيون خبرون پڙهو" سندس پر مان لنگهيو.

يوري کيس پيسا ڏيندي چيو ته، "باقي تون رک." ڇوڪر بنڊل مان هڪ اخبار ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏني ۽ برف جي طوفان ۾ غائب ٿي ويو.

يوري رستي تي لڳل بجلي جي ٿنڀي هيٺان اخبار جي سرخين پڙهڻ لاءِ بيهي رهيو.

اهو اخبار جي ڪاغذ جي هڪ پاسي ڇپيل خاص ضميمو هو. اهو پيٽرزبرگ مان هڪ سرڪاري اعلان هو ته عوامي ڪوميسارن جي سوويت ٺاهي ويئي هئي ۽ اهو ته روس ۾ سوويت اقتدار ۽ پرولتاري آمريت جو قيام عمل ۾ آندو ويو هو. ان کان پوءِ نئين حڪومت جا ڪجهه اعلان ۽ ٽيليفون ۽ ٽيليگراف وسيلي حاصل ڪيل ڪجهه خبرون هيون.

برفاني طوفان يوري جي اکين ۾ پئي گهڙيو ۽ ان اخبار جي صفحي کي برف جي ننڍڙن، سفيد چمڪندڙ ٽڪرن سان ڍڪي ڇڏيو پر اهو برفاني طوفان نه هو جنهن کيس پڙهڻ کان جهليو ٿي. ان پل جي عظمت ۽ ان جي ايندڙ سوين سالن ۾ اهميت جي خيال کان هو جنجهوڙجي ۽ مغلوب ٿي ويو هو.

باقي خبرون پڙهڻ لاءِ هن چوڌاري بهتر روشني واري ڊڪيل جاءِ لاءِ نظر ڊوڙائي. هن ڏٺو ته هو هڪ پيرو وري سريبرياني ۽ مولچڪانووڪا جي سحرزده چوواٽي تي هڪ ڊگهي پنج ماڙ عمارت، جنهن جو سامهون وارو دروازو شيشي جو هو ۽ جنهن ۾ هڪ عاليشان روشن هال هو، جي آڏو بيٺو هو.

هو اندر ويو ۽ چت تي لڳل بتي هيٺان بيهي اخبار پڙهڻ لڳو. مٿان ڪيس پيرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪو ماڻهو آهستي مڙي پهرين ماڙ تائين هليو ويو. ڪٿي ڪو دروازو کليو ۽ به آواز ٻڌڻ ۾ آيا پر پنهنجي پڙاڏي ڪري ايڏو بگڙيل هئا جو اهو ٻڌائڻ ناممڪن هو ته آيا مرد ڳالهائي رهيا هئا يا عورتون. پوءِ دروازو زور سان بند ٿيو ۽ ساڳيا پير هن پيري اعتماد سان هيٺ لهڻ لڳا.

يوري اخبار ۾ ايترو مگن هو جو نظر مٿي کڻڻ نه پئي چاهيائين پر اهو اجنبي ڏاڪڻ لهندي ٿي ايترو اوچتو بيهي رهيو جو ڪيس پنهنجو منهن مٿي ڪرڻو پيو.

سندس آڏو اٽڪل ارڙهن سالن جو هڪ نوجوان بيٺو هو جنهن کي رينڊيئر جي ٽوپي ۽ سائبيريا جي ماڻهن وانگر رينڊيئر جو ڪوٽ پاتل هو جنهن جو سمور وارو حصو ٻاهر هوندو آهي. سندس رنگ گهرو ۽ اکيون چنجهيون ڪرغيزي هيون. سندس منهن ۾ اميراڻي شان، مغرورانا جهلڪ ۽ هڪ شائستگي هئي جنهن سندس ڪنهن ڏورانهين علائقي سان هئڻ جو تاثر ڏنو ٿي. اهي شيون ڪڏهن ڪڏهن مختلف نسلن سان تعلق رکندڙ ماءُ پيءُ جي اولاد ۾ ڏٺيون وينديون آهن.

چوڪري يوري کي غلطي وچان ڪو ٻيو ماڻهو سمجهيو هو. هن ڏانهنس ڪجهه منجهيل ۽ شرمايل انداز ۾ ائين ڏٺو ڄڻ هن ڪيس سڃاتو ٿي پر ڳالهائڻ لاءِ پاڻ کي تيار نه پيو ڪري سگهي. ان غلط فهمي کي ختم ڪرڻ لاءِ يوري ڪيس سرد مهري ۽ لاپرواهي سان ڏٺو.

چوڪرو پريشان هو ۽ منجهيل نموني دروازي ڏانهن هليو ويو. اتي هو ترسيو ۽ ٻاهر وڃي پنهنجي پويان دروازي کي زور سان بند ڪرڻ کان اڳ هڪ پيرو ٻيهر پويان مڙي ڏٺو.

يوري ان جي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه منٽ ترسي اتان هليو ويو. سندس ذهن خبرن سان ڀريل هو. ڪانئس نه رڳو چوڪرو وسري ويو پر اهو دوست به جنهن سان هو ملڻ پئي ويو ۽ سڌو واپس گهر ڏانهن موٽي ويو. پر واٽ تي هڪ ٻئي واقعي

سندس ڏيان هٽي پاسي ڪري ڇڏيو. اهو زندگيءَ جي انهن روزمره جي ڪمن ڪارن مان هڪ ڪم هو جنهن انهن ڏينهن ۾ غير معمولي اهميت حاصل ڪري ورتي هئي.

پنهنجي گهر کان ٿوري ئي فاصلي تي هو اونداهي ۾ ڪائين جي هڪ ڍير تان ٿاٻڙجي پيو. رستي تي ڪنهن قسم جو ڪو سرڪاري ادارو هو ۽ ڪاٺ، جيڪو شهر کان ٻاهر ٻهراڙيءَ جو ڪو ڪاٺ جو ڪيرايل گهر لڳو ٿي، ضرور ان اداري کي ئي ٻارڻ لاءِ ڏنو ويو هوندو. سمورو جيئن ته اندر ڪمپائونڊ ۾ نه ٿي وڃي سگهيو، ان ڪري باقي بچيل ڪاٺ کي رستي جي ڪناري تي رکيو ويو هو. هڪ سپاهي رائفل سان ڪاٺ جي ان جبل جي سنڀال لاءِ اتي ڊيوٽي تي هو. هن ڪمپائونڊ ۾ اچ وڃ پئي ڪئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن دروازي ٻاهران به نظر ڊوڙايائين ٿي.

ٻيهر سوچڻ کان سواءِ يوري ان پل جو فائدو ورتو جڏهن چوڪيدار پٺي ڏني ۽ هوا برف جي ڪکر کي مٿي آڻي ڇڏيو هو. هو رستي تي لڳل بلب جي روشني کان بچندي اونداهيءَ واري پاسي سرڪي ويو. بلڪل هيٺ پيل ٿنڀ کي احتياط سان ڌار ڪندي ٻاهر ڪڍيائين ۽ مشڪل سان ان کي پنهنجي پٺن تي رکيائين پر وزن جو اهو احساس هڪدم ئي ختم ٿي ويو. (پنهنجو وزن بار ناهي هوندو) پوءِ هو رڙهندو ديوارن جي پاڇن سان گڏ هلندو ڪاٺ کي حفاظت سان پنهنجي گهر ڪٺي آيو.

ڪاٺ جو پهچڻ بلڪل بروقت هو. سندن ٻارڻ جون ڪائيون ختم ٿي ويون هيون. ٿنڀ کي ٽڪرا ڪري هڪ پاسي رکيو ويو ۽ يوري چلهو ٻاري خاموشيءَ سان ان جي آڏو پيرن تي ويهي رهيو. اليگزينڊر اليگزينڊروچ به پنهنجي آرام ڪرسي اڳتي ڪئي ۽ باهه سيڪڻ لڳو.

يوري پنهنجي ڪوٽ جي پاسي واري کيسي مان اخبار ڪڍي ڏانهس وڌائيندي چيو: ” هن کي ڏٺو اٿو. اها واقعي خاص خبر آهي. هڪ نظر ڏسي وٺو.“

هو اڃا تائين پيرن تي ويٺو باهه ۾ ڪائيون وجهندي پاڻ سان ڳالهائي رهيو هو.

”ڇا ته شاندار جراحي آهي! چاقو کڻ ۽ سيني بدبودار پراڻن ڦٽن کي وڍي ڇڏ. نهايت سادگيءَ سان، ڪنهن احمق پٽي کان سواءِ ناانصافين جي پراڻي بلا، جنهن کي پاڻ آڏو جهڪائڻ ۽ پنهنجي عزت ڪرائڻ جي صدين پراڻي عادت پيل آهي، کي پڪڙي موت جي سزا ڏيئي ڇڏجي.

"ان بي ڊپائيءَ شين کي گهرائي تائين ڏسڻ جي ان عادت جو هڪ مانوس قومي رنگ آهي. ان ۾ پشڪن جي پنهنجن اصولن تي ثاهه نه ڪرڻ واري وضاحت ۽ ٽالسٽاءِ جو حقيقتن سان غير متزلزل تعلق شامل آهن."

"توپشڪن چيو؟ هڪ سيڪنڊ ترس، مون کي هي ختم ڪرڻ ڏي. آئون هڪ ئي وقت ۾ پڙهي ۽ ٻڌي نه ٿو سگهان." اليگزينڊر اليگزينڊروچ غلطي مان اهو سمجهندي ته يوري سائنس مخاطب هو وچ ۾ ڳالهائيندي چيو.

"ذهين ماڻهوءَ جي اصل ڳالهه ته اها هوندي آهي ته فرض ڪر ان کي چيو ٿو وڃي ته وچ هڪ نئين دنيا تخليق ڪر، هڪ نئين دور جي شروعات ڪر. هو ان تي اهو چوندو ته اڳواٽ ان لاءِ زمين ته هموار ڪر. هو نئين دور جي تعمير جي شروعات ڪرڻ کان اڳ پراڻي دور جي ختم ٿيڻ جو انتظار ڪندو. ڪيس هڪ بيلنس شيٽ، ٿلهي ليکي هڪ حساب ڪتاب ۽ هڪ صاف صفحي جي ضرورت هوندي آهي.

پر هتي ڪنهن کي اهڙي ڪنهن ڳالهه جو فڪر ڪونهي. هتي ته بس ائين آهي ته ڪجهه ڪري وٺو يا ڇڏي ڏيو. اها نئين شيءِ، اهو تاريخ جو عجوبو، اهو انڪشاف بلڪل روزمره زندگي جي معمول دوران، ان ڳالهه تي غور ڪرڻ کان سواءِ ته اها ڪهڙو رخ اختيار ڪندي، ٿيو آهي. ان جي شروعات شروع کان نه پر وچ مان ٿي آهي ۽ نه ئي ڪنهن مقرر طئي شده وقت تي پر هفتي جي پهرئين ڏينهن تي بلڪل ان وقت جڏهن رش پنهنجي عروج تي هوندي آهي. اها ئي حقيقي ذهانت آهي. رڳو حقيقي عظمت ئي ايتري بي محل ۽ بي وقت ٿي سگهي ٿي."

(9)

سياري جي مند آئي. اهڙو سيارو جنهن جي اڳ ئي اڳڪٿي ڪئي ويئي هئي. اهو ايترو شديد ته نه هو جيترو ان کان پوءِ ايندڙ ٻه سال هئا پر اهو ٻه اٽڪل اهڙي ئي قسم جو هو. اونداهو، بکيو ۽ سرد. اهو سيني مانوس شين جي تباهي ۽ زندگي جي بنيادن کي تبديل ٿيندي ڏسندي ۽ ساڳي وقت زندگي کي، جيڪا هٿن مان سرڪندي ٿي ويئي، کي پنهنجي گرفت ۾ رکڻ جي هڪ غير انساني جاکوڙ ۾ گذريو.

اهڙا ٽي سال آيا. هڪ کان پوءِ ٻيو. ٽي اهڙيون شديد سياري جون مندون. اهو سڀڪجهه جيڪو هاڻي لڳي ٿو ته 1917ع کان 1918ع تائين واري سياري ۾ ٿيو

هو، پوري طرح صحيح ناهي. ان مان ڪجهه جو واسطو پوءِ واري وقت سان به ٿي سگهي ٿو. اهي ٽي سيارا، جيڪي لاڳيتو هڪ ٻئي کان پوءِ آيا گڏجي هڪ ٿي ويا ۽ انهن کي ڌار ڪرڻ ڏکي ڳالهه آهي.

پراڻي ۽ نئين زندگيءَ جي طور طريقن وچ ۾ اڃا تائين ڪو گهڻو تعلق قائم نه ٿي سگهيو هو. اهي ٻيئي اڃا هڪ ٻئي خلاف اٿين منهن مقابل نه ٿيا هئا جيئن هڪ سال کان پوءِ گهرو ويڙهه شروع ٿيڻ وقت ٿيو هو. پر سندن پاڻ ۾ گهڻو لاڳاپو به نه هو. اهي چڻ راند جا اهڙا ڪردار هئا جن کي هڪ ٻئي سان گڏ رکيو ويو هو پر اهي اتي ٺهڪي نه پئي آيا.

رهائشي عمارتن، واپار، صنعت ۽ شهري سهولتن کي هلائڻ وغيره مطلب ته هر پاسي نيون چونڊيون ٿي رهيون هيون. هر شعبي ۾ ڪوميسار مقرر ڪيا پئي ويا لامحدود اختيارن ۽ فولادي ارادي وارا ڪاريون جيڪيٽون پهريل همراهه، جيڪي گهٽ سمهندا ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڏاڙهي لاهيندا هئا ۽ ماڻهن کي دباڻ لاءِ ريوالورن ۽ ٻين وسيلن سان هٿيار بند هوندا هئا.

اهي زوال پذير بورجوازي نسل کان چڱي ريت واقف هئا ۽ انهن سان ڪنهن رحم کان سواءِ ۽ ڪاوڙ ڀريل نظرن سان اٿين ڳالهائيندا هئا چڻ ڪي معمولي چور چوري ڪندي پڪڙيا ويا هجن.

اهي اهي ماڻهو هئا جن هر شيءِ کي رٿا موجب وري منظم ڪيو ۽ هڪ ڪمپني کان پوءِ ٻي ڪمپني ۽ هڪ ڪاروبار کان پوءِ ٻيو ڪاروبار بالشويڪ نظام جو حصو بڻجندا ويا.

هولي ڪراس اسپتال هاڻي سيڪنڊ ريفارمڊ جي نالي سان ڄاتي ويندي هئي. ان ۾ گهڻيون شيون تبديل ٿي ويون هيون. ڪجهه ملازمن کي برطرف ڪيو ويو هو ۽ ٻيا پگهار گهٽ هئڻ ڪري استعيفيٰ ڏيئي ويا هئا. اهي اهي ڊاڪٽر هئا جيڪي وڏن ماڻهن جو علاج ڪندا هئا ۽ وڏيون فيون وٺندا هئا. اهي گهڻو ڳالهائڻ وارا ۽ اعليٰ سوسائٽي جا پسنديده ماڻهو هئا. انهن ذاتي مفاد ۾ احتجاج طور اٿين ڪيو هو ۽ انهن ماڻهن جو انهن بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو هو، جن نوڪريءَ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني هئي. زواگو اسپتال ۾ ڪم ڪندو رهيو.

شام جو هن ۽ ٽونيا جي وچ ۾ هن قسم جي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هئي. انهن اسان لاءِ ته خاني ۾ پٽاٽن جون به ٻوريون رکيون آهن. آٿون توکي ٻڌائيندس ته

ڪهڙي وقت آئون هلي سگهندس. اسان کي گڏجي هلي گاڏيءَ جو بندوبست ڪرڻو پوندو."

"ٺيڪ آهي پيارا، اڃا گهٽو وقت آهي. تون هاڻي سمهين ڇو نه ٿو؟ ايڏي دير ٿي ويئي آهي. آئون چاهيان ٿي ته تون آرام ڪر. تون هر ڪم نه ٿو ڪري سگهين.

"وبا ڦهلجي ويئي آهي. تڪ بيمارين خلاف مزاحمت کي گهٽائي ڇڏيندو آهي. تنهنجي ۽ بابا جي حالت خراب ٿي لڳي. اسان کي ضرور ڪجهه ڪرڻ گهرجي. ڪاش مون کي خبر هجي ته ڇا ڪرڻو آهي. اسان پنهنجو جوڳو خيال نه ٿا رکون. تون ٻڌين پئي نه تونيا، سمهي ته نه پئين؟"

"نه نه"

"مون کي پنهنجي پرواهه ناهي. پر جيڪڏهن اتفاق سان آئون بيمار ٿيان ٿو ته تون سمجهداري جو مظاهرو ڪري مون کي ڪنهن به صورت ۾ گهر ۾ نه رکجان پر هڪدم اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏجان."

"اهڙي وائي وات مان نه ڪڍ منهنجا پيارا. خدا ڪان دعا ٿي گهران ته تون چڱو ڀلو رهين. بهرحال جڏهن اهڙو وقت آيو ته اسان به اڪري پار پونداسين."

"ياد رک هاڻي هتي ڪو ايماندار ماڻهو يا دوست نه رهيو آهي. پنهنجي ڪم جي ڄاڻ رکندڙ ماڻهو ته اڃا به گهٽ آهن. جيڪڏهن ڪجهه ٿئي ٿو ته پڇڙڪن ڪان سواءِ ڪنهن تي اعتبار نه ڪجانءِ. يقينا اهو به ان وقت جڏهن هو اتي موجود هجي. تون ستل ته ناهين؟"

"نه"

"پگهار چڱي نه هئي. ان ڪري هو ڇڏي هليا ويا. هاڻي اها خبر پيئي آهي ته انهن جابه ڪجهه اصول ۽ شهري ذميوارين وارا جذبا هئا. ساڻن جيڪڏهن رستي تي ملاقات ٿي ٿي وڃي ته هو مشڪل سان ٿي ڪنهن سان هٿ ملائيندا آهن ۽ رڳو اک جي اشاري مان ڪم ڪيندا آهن."ها ته تون انهن لاءِ ڪم پيو ڪرين" "ها آئون ڪيان پيو." مون چيو "۽ تو کي خراب نه لڳي ته تو کي ٻڌايان. مون کي انهن تڪليفن تي فخر آهي ۽ آئون انهن جي عزت ڪيان ٿو جن اهي اسان تي مڙهي اسان جي عزت افزائي ڪئي آهي."

(10)

گهٽڻ ماڻهن جي خوراڪ اَپاريل ٻاجهر ۽ ننڍي مڇي جي مٽي مان ٺهيل شوروو ٿي ويئي هئي. ان مڇيءَ جي باقي حصي کي پوءِ جي ڪاڏي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. ان سان گڏوگڏ اڻ پيٺل ڪڻڪ يا گهٽ درجي جي مڪئي جو ڏارو تيار ڪيو ويندو هو. هڪ ڊگهي عرصي تائين ماڻهن جي گهڻائي جي اهائي خوراڪ رهي هئي.

هڪ خاتون پروفيسر جيڪا ٽونيا جي ساهيڙي هئي، ڪيس ولنديزي چلهي تي ڊبل روٽي پچائڻ سيکاري. مقصد اهو هو تہ ان مان ڪجهہ ڊبل روٽي وڪرو ڪجي تہ جيئن پراڻن ڏينهن جيان وڏي چلهي تي ايندڙ خرچ پورو ٿي سگهي ۽ لوهہ جي چلهي جي استعمال کان بہ بچي سگهجي جنهن مان لاڳيتو دونهن نڪتو ٿي ۽ مشڪل سان ٿي گرمي ڏنائين ٿي.

ٽونيا جي ڊبل روٽي تہ سٺي هئي پر سندس واپاري رٿائن جو ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو. کين وري پنهنجي بيڪار لوهہ جي چلهي کي استعمال ڪرڻ ڏانهن موٽڻو پيو. درحقيقت کين نهايت خراب حالتن ۾ زندگي گهارڻي پئي پيئي.

هڪ ڏينهن صبح جي وقت، يوري جي ڪم تي وڃڻ کان پوءِ ٽونيا پنهنجو پراڻو بدنما گرم ڪوٽ، جيڪو ايڏي خراب حالت ۾ هو جو ان کي گرمين جي موسم ۾ بہ پائڻ کانپوءِ ڏڪڻي پئي لڳندي هئي، پائي ٻاهر "شڪار" جي ڳولا ۾ نڪري ويئي. وٽن ڪاٺ جا رڳو ٻہ ٽڪرا باقي هئا.

هو پاڙي جي گهٽين ۾ رلندي رهي جتي ڪڏهن ڪڏهن ماسڪو کان ٻاهر ڳوٺن مان آيل هاري پاڇيون ۾ پٽاٽا وڪڻندي نظر اچي ويندا هئا. مک رستن تي سامان سان گڏ آيل هارين کي گرفتار ڪيو ويندو هو.

جلد ئي کيس اها شيءِ ملي ويئي جنهن جي کيس ڳولا هئي. هارين وارو ڪوٽ پاتل هڪ ٿلهو متارو نوجوان شخص هڪ گاڏي ڇڪيندو، جيڪا رانديڪي جيان هلڪي لڳي رهي هئي، سندس پويان هلندي احتياط سان گهر جي ڪمپائونڊ ۾ داخل ٿيو.

گاڏي جي اندر ٻوريءَ سان ڍڪيل بيدمُشڪ جي وڻ جو ڪاٺ هو جيڪو اوڻهويهين صديءَ جي تصوير ۾ نظر ايندڙ پراڻي طرز جي ٻهراڙي وارن گهرن جي ٿنڀن کان وڌيڪ ٿلهو نہ هو. ٽونيا کي انهن جي اهميت جي ڄاڻ هئي. بيدمُشڪ

رڳو نالي ۾ هو. ڪاٺ انتهائي خراب قسم جو هو ۽ بلڪل تازو وڍيل هو. جيڪو ٻارڻ لاءِ مناسب نہ هوندو آهي. پر جيئڻ تہ ان ڪان سواءِ ٻي ڪا واٽ ئي نہ هئي، ان ڪري بحث ڪرڻ بيڪار هو.

نوجوان پنجن ڇهن ڦيرن ۾ ڪاٺ مٿي رهائشي ڪمري ۾ چڙهي آيو ۽ ان جي عيوض تونيا ڪيس پنهنجي آئيني واري ننڍي الماري ڏني. هو ان کي پنهنجي زال لاءِ تحفي طور کڻي ويو. ويندي ويندي هن ايندڙ ڀيري پٽاٽن آڻڻ جي ڳالهہ ڪندي ان جي عيوض پيانو جي قيمت جي پڇا ڪئي.

جڏهن يوري گهر موٽيو تہ هن تونيا جي خريداري متعلق ڪجهہ بہ نہ چيو. الماريءَ کي وڍي ٽڪرا ڪرڻ وڌيڪ سمجهداري واري ڳالهہ ٿئي ها پر ائين ڪرڻ لاءِ اهي پاڻ کي تيار نہ ڪري سگهن ها.

”ميز تي تنهنجي لاءِ هڪ لڪيل نياپو رکيل آهي. ڇا تو اهو ڏٺو آهي؟“ تونيا ڪائنس پڇيو.

”ڇا اسپتال مان آيل ڪو نياپو آهي؟ ها، اهو مون کي اڳ ئي ملي چڪو هو. ڪنهن بيمار کي ڏسڻو آهي. آئون يقينا ويندس. آئون ٿورو آرام ڪري ۽ پوءِ روانو ٿي ويندس پر اهو گهڻو پري آهي. ٽوائمفل آرڪ جي ويجهو. مون وٽ پتو آهي.“

”ڇا تو ان في متعلق پڙهيو آهي جيڪا هو تو کي آڇي رهيا آهن؟“ بهتر ٿيندو تہ ان کي پڙهي وٺ. جرمن برانڊي جي هڪ بوتل يا جرابن جو هڪ جوڙو! اهي ڪير ٿي سگهن ٿا؟ ڪيڏا نہ بدذوق آهن ۽ ڪيڏي نہ اسان جي اڄوڪي زندگي کان مڪمل اڻڄاڻائي اٿن. منهنجو خيال آهي تہ ڪي نوان امير آهن.“

”ها، اهو يقينا سپلائر وٽان آيل خط آهي.“

سپلائرز يا ايجنٽ انهن ننڍن خانگي واپارين کي چيو ويندو هو جن کي سرڪار پاران مختلف شيون فراهم ڪرڻ جو ٺيڪو مليل هو.

سرڪار خانگي واپار کي ختم ڪري ڇڏيو هو پر اها معاشي بحران واري وقت ۾ انهن کي ڪجهہ سهوليتون ڏيندي هئي.

اهي اڳوڻا دولت مند يا پراڻن ڪمپنين جا برطرف ڪيل اعليٰ عهديدار نہ هئا. اهڙا ماڻهو مٿن ٿيل وار مان ئي پاڻ کي اڃا سنڀالي نہ سگهيا هئا. اهي سيڪڙات واپارين جي نئين قسم مان هئا. اهڙا ماڻهو جن جون کي پاڙون نہ هيون ۽ جن کي جنگ ۽ انقلاب هيٺاهين کان ڇڪي مٿي آندو ويو هو.

يوري گرم سڪرين مليل پاڻيءَ ۾ ٿورو ڪير ملائي پيتو ۽ پنهنجي مريض کي ڏسڻ لاءِ هليو ويو.

رستي تي آرپار هڪ گهر جي ديوار ڪان ٻئي گهر جي ديوار تائين ۽ مختلف جاين تي هيٺين منزل جي درين تائين گهاٽي برف جي تهه ڄميل هئي. اڌ مئل خاموش پاڇا هر پاسي ڪاڏي پيتي جون ڪجهه شيون پاڻ سان کنيو يا انهن کي گاڏي ۾ وجهي ڌڪيندا هلي رهيا هئا. ان کان سواءِ رستي تي ٻئي قسم جي ٽريفڪ نه هئڻ برابر هئي.

ڪٿي ڪٿي عام استعمال وارن دڪانن ۽ امداد باهمي جي مرڪزن تي اڃا به پراڻا سائن بورڊ لڳل هئا جن جو هاڻي انهن دڪانن سان ڪو تعلق نه رهيو هو. اهي دڪان ۽ امداد باهمي جا مرڪز به خالي هئا ۽ انهن کي تالا لڳل هئا ۽ دريون به بند هيون.

انهن جي بند ۽ خالي هئڻ جو ڪارڻ رڳو اهو نه هو ته شين جي کوٽ هئي پر اهو به هو ته واپار سميت زندگيءَ جي سيني شعبن جي نئين تنظيم اڃا تائين گهڻو ڪري رڳو ڪاغذن تي ٿي هئي ۽ انهن بند پيل دڪانن جهڙين ننڍين شين تائين نه پهتي هئي.

## (11)

يوري جنهن گهر ۾ ويو اهو بريسٽ اسٽريٽ جي پڇاڙيءَ ۾ ٽوير دروازي جي ويجهو هو.

اهو هڪ سرن وارو بيرڪ نما گهر هو جنهن جي چوڙاري ڪمپائونڊ ٺهيل هو ۽ ان جون ڍڪيل ڪاٺ جون ڏاڪڻيون ديوران سان گڏوگڏ مٿي ڏانهن ويون ٿي.

ان ڏينهن عمارت جا مسواڙي گهڻو اڳ رٿيل هڪ عام گڏجاڻي ۾ هئا جنهن ۾ ميونسپل سوويت جي نمائندگي ڪندڙ هڪ عورت پڻ شريڪ هئي. ان وقت هڪ فوجي دستو هٿيارن جي لائسنس جي جاچ ۽ بغير لائسنس وارن هٿيارن جي گڏولا لاءِ اتي پهتو. اتان جي رهواسين کي پنهنجي پنهنجي فليٽ ۾ وڃي پنهنجي واري جو انتظار ڪرڻو پيو پر ان دستي جي اڳواڻ ميونسپل جي عيوضيءَ کي چيو ته هو نه وڃي ڇاڪاڻ ته اها جاچ گهڻو وقت نه هلندي ۽ گڏجاڻيءَ کي وري شروع ڪري سگهبو.

جڏهن يوري اتي پهتو ته جاچ گهڻي ڀاڱي پوري ٿي چڪي هئي پر جنهن فليٽ ۾ ڪيس ويٺو هو ان جو وارو اڃا نه آيو هو. يوريءَ کي ڊاڪٽرين وٽ هڪ رائفل بردار سپاهي روڪي ڇڏيو پر جڏهن دستي جي اڳواڻ کين بحث ڪندي ٻڌو ته حڪم ڏنائين ته ڊاڪٽر جي مريض جي چڪاس ڪرڻ کان پوءِ ئي ان گهر جي جاچ ڪئي وڃي.

در گهر جي مالڪ ڪوليو جيڪو هڪ مهذب، سانوري رنگ ۽ گهرين اداس اکين وارو هڪ نوجوان هو. گهڻين شين ڪيس پريشان ڪري ڇڏيو هو جنهن ۾ سندس زال جي بيماري، جاچ جو ڊپ ۽ ميڊيڪل سائنس ۽ ان جي نمائندن لاءِ دلي احترام وغيره شامل هئا.

ڊاڪٽر جي وقت بچائڻ ۽ ڪيس گهٽ ۾ گهٽ تڪليف ڏيڻ لاءِ هن ممڪن طور مريض جي حالت کي مختصر بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر سندس ان تڪڙ ئي سندس ڳالهه کي ڊگهو ۽ بي ربط ڪري ڇڏيو.

ڊاڪٽر کي اتي قيمتي ۽ معمولي شين جي هڪ گڏيل صورتحال نظر آئي. گهڻو فرنيچر تڪڙ ۾ تيزيءَ سان وڪڻڻ قيمتن جي پيش نظر هڪ سيٽ طور ورتو ويو هو جنهن ۾ پڳل سيٽ ۽ اڻ ٺهڪندڙ هڪ هڪ شيءِ هئي جن کي اصل ۾ جوڙن جي صورت ۾ ناهيو ويو هو.

نوجوان جو خيال هو ته سندس زال جي بيماري صدمي جي ڪري هئي. هن گهڻو گهمائي ڦيرائي ڳالهه ٻڌائي ته انهن تازو هڪ گهڙيال خريد ڪيو هو جنهن کي قديم شين ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. اهو مرمت جي به قابل نه هو ۽ انهن رڳو گهڙي ساز جي ڳالهين ۾ اچي ان کي گيت ٻڌڻ لاءِ خريد ڪيو هو. (هو ڊاڪٽر کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ٻئي ڪمري ۾ وٺي ويو). اوچتو هڪ ڏينهن گهڙيال، جنهن کي سالن کان چابي نه ڏني ويئي هئي، پنهنجو پاڻ هلڻ لڳو ۽ پنهنجا سريلا آواز ٻڌائڻ کانپوءِ وري بند ٿي ويو. سندس زال ڊپ ۾ وٺجي ويئي. ان نوجوان ٻڌايو ته ڪيس اهو يقين ٿي ويو ته سندس آخري وقت اچي ويو هو ۽ هاڻي اها بلڪل ئي هوش ۽ حواس واري حالت ۾ نه هئي. هن نه ته ڪيس سڃاتو ٿي ۽ نه ئي ڪجهه کاڌو پيتو ٿي.

تنهنجو خيال آهي ته اهو صدمو آهي. يوري ڪجهه شڪ واري انداز ۾ چيو "ڇا آئون ڪيس ڏسي سگهان ٿو؟"

هو ٻئي ڪمري ۾ ويا جنهن ۾ ڇت تي هڪ فانوس لڳل هو. هڪ وڪٽرو ڊبل بيڊ ۽ پلنگ پرسان رکڻ واريون ميزون پيون هيون. هڪ ننڍي قد جي ڪارين اکين واري عورت بستر جي ڪنڌ تي ليٽي پيئي هئي، جنهن تي ڳاڙهي تائين ڪمبل پيل هو. هن جڏهن کين ڏٺو ته پنهنجي هڪ ٻانهن بستر هيٺان ڪڍي کين واپس وڃڻ جو اشارو ڪيائين جنهن جي ڪري سندس گائون جي لٽڪيل ٻانهن سندس بغل تائين اچي ويئي. ان ڪان پوءِ، ڇڻ ته هو ڪمري ۾ اڪيلي هجي هن ڌيمي آواز ۾ هڪ اداس گيت ڳائڻ شروع ڪيو جنهن کيس ايترو ته پريشان ڪيو جو هوءَ روئڻ ۽ ٻارن جيان ڪيڪون ڪري منٿون ڪرڻ لڳي. جڏهن يوري بستر جي ويجهو آيو ته هن ڪانئس منهن ڦيرائي کيس پنهنجي جسم کي ڇهڻ کان منع ڪري ڇڏيو.

”مون کي سندس ڇڪاس ڪرڻي پوندي.“ يوري چيو. ”پر اهو ڪو مسئلو ناهي. اهو ظاهر آهي ته هو ٽائيفس جو شڪار ٿي آهي ۽ سندس حالت ڪافي خراب آهي. هو واقعي ڪافي تڪليف محسوس ڪري رهي هوندي. منهنجي صلاح آهي ته کيس اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏ. مون کي خبر آهي ته تون اهو سمجهين ٿو ته کيس گهر ۾ ضرورت جي هر شيءِ مهيا ٿيل آهي پر اهم ترين ڳالهه اها آهي ته هو پهريان ڪجهه هفتا لاڳيتو ڊاڪٽرن جي نگراني ۾ رهي. ڇا تون ڪنهن قسم جي ٽرانسپورٽ، گاڏي يا ريڙهي وغيره جو انتظام ڪري سگهين ٿو؟ يقيناً کيس پوري ريت گرم ڪپڙن ۾ ويڙهي وٺي وڃڻو پوندو. آئون توکي داخلا لاءِ آرڊر ڏيان ٿو.“

”آئون ڪوشش ڪيان ٿو پر هڪ منٽ ترس. ڇا اهو واقعي ٽائفس آهي؟ ڪيڏي نه خطرناڪ بيماري آهي!“

”مون کي افسوس آهي پر اهو ٽائفس ئي آهي.“

”ڏس، مون کي خبر آهي ته جيڪڏهن مون کيس وڃڻ ڏنو ته آئون کيس وڃائي ويهندس. ڇا تون هتي سندس سار سنڀال ۽ علاج نه ٿو ڪري سگهين؟ جيترا پيسا تنهنجي لاءِ ممڪن هجي اوترا پيسا اچ. آئون نهايت خوشيءَ سان تنهنجي مرضي موجب توکي ان جو اجورو ڏيندس.“

”مون کي افسوس آهي پر مون توکي اڳ ئي ٻڌايو آهي ته کيس لاڳيتي سنڀال جي ضرورت آهي. جيئن آئون توکي چوان ٿو ائين ڪر. آئون سندس

پلائي لاءِ ٺي توکي اها صلاح ڏيئي رهيو آهيان. هاڻي ڪيئن بہ ڪري گاڏي وٺي اچ. آئون آرڊر لکان ٿو. چڱو ٿيندو تہ آئون اهو عمارت جي ڪميٽي روم ۾ ويهي لکان. آرڊر تي رهائشي مهر بہ هڻڻ گهرجي ۽ ان کان سواءِ ڪي ٻيون رسمي ڪارروايون بہ ڪرڻيون پونديون.

(12)

مسواڙي شالون ۾ گرم ڪوٽ پليو هڪ هڪ ڪندا تهہ خاني ۾ ايندا ويا جنهن کي گرم رکڻ جو ڪو بندوبست نہ هو. اڳ ۾ ان تهہ خاني کي آنن رکڻ لاءِ گودام طور استعمال ڪيو ويندو هو ۽ هاڻي ان کي عمارت واري ڪميٽي گڏجاڻين لاءِ استعمال ڪندي هئي.

ان جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ ميز ۽ گهٽيون ڪرسيون پيل هيون. جيئن تہ ڪرسيون ڪافي نہ هيون ان ڪري بيضن جي پراڻن ڪاٺ جي خالي دٻن کي اونڌو ڪري هڪ ٻئي سان گڏي بينچ جو ڪم ورتو ويو هو. ڪمري ۾ هڪ ڪنڊ ۾ دٻن جو هڪ وڏو ڇت تائين پهچندڙ ڍير پيل هو. ٻي ڪنڊ ۾ آنن جي زردي جي تهہ چڙهيل هئي. ڪوئن ان ڍير اندر گوڙ پئي ڪيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪمري جي پٿر واري فرش جي وچ تائين بہ پهچي ٿي ويا پر وري هڪدم ٺي موٽ ٿي ڪاڏ اٿون.

جڏهن بہ ائين ٿيو ٿي تہ هڪ ٿلهي مسواڙي عورت رڙ ڪندي دٻي تي چڙهي ٿي ويئي. پنهنجي اسڪرٽ کي هٿن ۾ جهليندي ، فيشني جوتن جي ڪڙين سان ٺڪ ٺڪ ڪندي آواز کي ڀاري ۽ نشيلو ٺاهيندي هن چيو ٿي تہ : "اوليا، اوليا، هتي تہ هر پاسي ڪوئا ٺي ڪوئا آهن. پري ٿيو هتان، ڪنا وحشي، اوه! اڙي ڪين ڏسو تہ سهي، جهڙوڪ اهي سمجهن ٿا. سندن اکين مان ڪيڏو نہ دپ ٿو لڳي. ڏسو تہ هو ڪيئن نہ پنهنجا ڪنا ڏند ڪرڻين پيا. اوه، اڙي ڏسو تہ هو مٿي پيو چڙهي، اهو منهنجي اسڪرٽ اندر هليو ويندو. مون کي وسري ويو. توهان هاڻي حضرات نہ پر ڪامريڊ شهري آهيو."

سندس بنا ٻانهن واري عبا سندس ڪاڏي جي لتڪيل گوشت، ريشمي چولي ۾ ٻاهر نڪتل پيٽ مٿان لٽڪي رهي هئي.

هو ڪنهن وقت ۾ پنهنجي ننڍن واپارين ۽ هٽ منشين جي دوستن واري حلقي ۾ رنگيلي حسينہ طور ڄاتي سڃاتي ويندي هئي پر هاڻي سندس ننڍيون

سور جهڙيون اکيون سجيل پروڻن جي وچ ۾ هڪ ليڪ کان وڌيڪ نظر نہ اينديون هيون. هڪ رقيب هڪ پيري مٿس تيزاب وجهڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ڪامياب نہ ٿيو هو ۽ هڪ يا ٻہ قطرا سندس وات جي ڪنڊ ۾ ڳٽي تي ڪريا هئا. انهن جي ڇڏيل نشانن ماڳهين سندس سونهن ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو هو.

"خارا يوگينا رڙيون ڪرڻ بند ڪر. ان نموني ڪيئن اسان پنهنجو ڪم هلائي سگهنداسين؟" ميونسپل سوويت جي عيوضيءَ عورت جنهن کي چيئرپرسن چونڊيو ويو هو ۽ جيڪا ميز جي پويان ويٺي هئي،کيس چيو.

اها عيوضي ان عمارت ۾ اتان جي گهٽن رهواسين کي وڏي عرصي کان سڃاڻندي هئي. گڏجاڻي کان اڳ هن عمارت جي سنڀال ڪندڙ چاچي فاطمہ سان ملاقات ڪئي هئي جيڪا پهرين هتي گندي تهہ خاني ۾، هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي مڙس ۽ ٻارن سان گڏ رهندي هئي پر هاڻي ساڻس رڳو هڪ ڌيءَ هئي ۽ هو پهرين ماڙ جي ٻن روشن ڪمرن ۾ منتقل ٿي ويئي هئي.

"ها تہ فاطمہ ڪم ڪيئن پيو هلي؟" عيوضيءَ کانئس پڇيو هو. فاطمہ شڪايت ڪئي تہ هو اڪيلي ايڏي وڏي عمرت ۾ ان جي رهواسين کي نہ ٿي سنڀالي سگهي، ڪيس ڪنهن جي بہ مدد حاصل ناهي. ان ڳالهہ جي باوجود تہ هر خاندان کي واري واري سان ڊاڪٽين ۾ ٻاهرين دروازي واري رستي جي صفائي ڪرڻي هئي پر ڪنهن بہ ائين نہ ڪيو هو.

"پريشان نہ ٿي فاطمہ. اسان کين ڊيڪاريندا سين تہ عمارت واري اها ڪميٽي ڪهڙي شيءِ آهي؟ اهي بلڪل بيڪار ماڻهو آهن. ڏوهارين کي هتي پناهہ ڏني ويئي آهي. مشڪوڪ اخلاق وارا ماڻهو پاڻ کي رجسٽر ڪرائڻ کان سواءِ هتي رهن پيا. اسان ڪانئن ڇوٽڪارو حاصل ڪري ٻي ڪميٽي چونڊينداسين. آئون تو کي ان عمارت جي مينيجر بڻائي ڇڏيندس. بس وڌيڪ روج راڙو نہ ڪر."

چاچيءَ فاطمہ گهڻو ئي چيو تہ ڪيس ان کان پري ئي رکيو وڃي پر خاتون مندوب ان سلسلي ۾ ڪجهہ بہ ٻڌڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

ڪمري ۾ سيني پاسي نظر وجهي، اهو اطمينان ڪرڻ کان پوءِ، تہ ڪافي ماڻهو موجود هئا. هن ماڻهن کي چپ رهڻ لاءِ چيو ۽ هڪ ننڍي تعارفي تقرير سان گڏجاڻي جي شروعات ڪيائين. هن عمارت واري ڪميٽي جي سستيءَ کي ننديو ۽ اهو چيائين تہ نئين ڪميٽي جي چونڊن لاءِ اميدوار نامزد ڪيا وڃن. ان کان پوءِ هن ٻين معاملن متعلق ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

تقرير جي پڄاڻي ڪندي هن ڌيرج ۽ سڪون سان چيو ته: ”ته ڪامريڊ اها آهي صورتحال. سچي ڳالهه ته اها آهي ته اها هڪ وڏي عمارت آهي جيڪا هاسٽل لاءِ مناسب آهي. انهن نمائندن تي هڪ نظر وجهو جيڪي مختلف جاين تان هتي شهر ۾ ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اچن ٿا ۽ اسان وٽ ڪا اهڙي مناسب جاءِ ناهي جتي کين ترسايون. اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته عمارت کي سوويت ميونسپل هاسٽل طور استعمال ڪيو ويندو جتي ٻاهران آيل مهمانن کي رهايو ويندو. ان هاسٽل جو نالو تيوررزن هاسٽل هوندو. جيئن سيني کي ڄاڻ آهي ته ڪامريڊ تيوررزن شهر بدريءَ کان اڳ هتي رهندو هو ان ڪري سنڌس نالي پويان ان هاسٽل جو نالو رکيو ويو آهي. ڪو اعتراض؟ هاڻي تاريخن متعلق ٿا ڳالهايون. ڪابه تڪڙ ناهي. توهان وٽ سڄو سال آهي. پورهيتن کي ٻيا گهر ڏنا ويندا جڏهن ته ٻين کي پنهنجي لاءِ رهائش جو بندوبست ڪرڻو پوندو ۽ کين هڪ سال جو نوٽيس ڏنو وڃي ٿو.“

”اسان سڀ پورهيت آهيون. اسان مان هر ڪو. اسان سڀ پورهيت آهيون.“ ماڻهن هر پاسي کان رڙيون ڪيون ۽ هڪ آواز سڏ ڪندي چيو ته، ”اهو عظيم روسي شاونزم آهي! هاڻي سڀ نسلي گروه برابر آهن! مون کي خبر آهي ته تنهنجو اشارو ڪيڏانهن آهي.“

”مهرباني ڪري سڀ هڪ وقت نه ڳالهايو. آئون ڪنهن کي پهرين جواب ڏيان؟ ان ۾ نسل جو ڪهڙو سوال آهي شهري والدرئن؟ ٿورو خاراگينا کي ڏس. تون نه ٿو چئي سگهين ته سنڌس معاملي ۾ ڪو نسلي مسئلو آڏو آهي. اسان يقيناڪيس بيدخل ڪنداسين.“

”تون تون، ڪوشش ڪري مون کي ڪڍي ته ڏس. اسان تو کي ڏسي رهنداسين. تون پچڪيل صوفا، تون سيني سان گڏ سمهندڙ.“ خارا گينا رڙيون ڪرڻ لڳي ۽ سوويت جي نمائندگي ڪندڙ عورت کي جهڳڙي جي جوش ۾، جيڪي واهيات لفظ سنڌس وات ۾ آيا ٿي سي چوڻ لڳي.

”چا ته شيطان عورت آهي!“ چاچي فاطمه ناراضگي مان چيو، ”تو کي ڪو پنهنجو شرم نه ٿو اچي.“

”فاطمه تون وچ ۾ نه پئه. آئون پاڻ پنهنجو خيال رکي سگهان ٿي.“خاتون مندوب چيو، ”خارا گينا هاڻ ماٺ ڪر، مون کي تنهنجي متعلق سڀ خبر آهي.

آئون توکي چوان ٿي خاموش ٿي، نہ تہ آئون ان اڳ جو پوليس توکي وڏڪا ٺاهڻ ۽ چورن کي پناهہ ڏيڻ جي ڏوهہ ۾ گرفتار ڪري، هڪدم سندن حوالي ڪري ڇڏيندس."

جڏهن يوري ڪمري ۾ داخل ٿيو تہ اهو گوڙ پنهنجي عروج تي هو. هن هن جنهن پهرئين ماڻهوءَ سان سندس ملاقات ٿي تنهن کان پڇيو تہ ڇا هو عمارت واري ڪميٽي جي رڪن سان ملي سگهي ٿو. هن همراهہ پنهنجا ٻيئي هٿ منهن وٽ آڻي ٽونٽڙي وڄائڻ جيان زور سان رڙ ڪئي تہ جيئن شور ۾ ٻڌي سگهجي.

"اي اوليا! تنهنجي گهرلا پئي ٿئي."

يوريءَ کي پنهنجي ڪنن تي يقين نہ ٿي آيو. ڇيلهہ جهڪيل، هڪ سنهڙي پوڙهي عورت، چاچي فاطمہ. وٽس هلي آئي. سندس چهرو ٺي اهو ٻڌائڻ لاءِ ڪافي هو تہ هو جليلن جي ماءُ هئي. پر هن هڪدم پنهنجو تعارف نہ ڪرايو ۽ چيائينس، "توهان جي عمارت جي هڪ رهواسي کي ٽائفس ٿي پيو آهي." (هن ڪيس نالو ٻڌايو)

"ان کي ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ گهڻي احتياط ڪرڻ جي ضرورت آهي. ٻي ڳالهہ تہ مريض کي اسپتال وٺي وڃڻو آهي. آئون هڪ داخلا جو حڪم نامو ٺاهيان ٿو جنهن تي عمارت واري ڪميٽي جي مهر لڳندي. اسان ڪيئن ۽ ڪٿي اهو سيڪجهہ ڪري سگهون ٿا؟"

سندس خيال ۾ ڊاڪٽر جو مطلب هو تہ، "مريض کي اسپتال ڪيئن ڪٿي وڃبو؟" ۽ هن جواب ڏنو تہ، "ڪامريڊ ڊيمينا، جيڪا عيوضي آهي، لاءِ ميونسپل سوويت مان گاڏي اچڻي آهي. هو نهايت مهربان آهي، آئون ڪيس ٻڌايان ٿي. هو يقينا تنهنجي مريض کي ڪٿي صحيح سلامت اتي پهچائيندا."

"اها تمام سٺي ڳالهہ ٿي. اصل ۾ منهنجو مطلب رڳو اهو هو تہ آئون داخلا جو حڪم نامو ڪٿي لکي سگهان ٿو پر جيڪڏهن گاڏي جو بندوبست بہ آهي تہ تمام سٺو... ڇا آئون توکان اهو پڇي سگهان ٿو تہ تون ليفٽيننٽ جليلن جي ماءُ آهين؟ اسان محاذ تي ساڳئي يونٽ ۾ هئاسين."

فاطمہ اهو ٻڌي ڪنبڻ لڳي ۽ سڄي هيڊي ٿي ويئي. هن يوري کي هٿ کان جهليندي چيو تہ، "ٻاهر هلي آءُ. اسان اتي ئي ويهي ڳالهايون ٿا."

جيئن ئي هو در کان ٻاهر نڪتا تيئن هن تيزيءَ سان چيو، "خدا جي واسطي، آهستي ڳالهاءِ. مون کي برباد نہ ڪر. يوسپڪا غلط واٽ تي هليو ويو آهي. تون

پاڻ فيصلو ڪر. هو ڇا آهي؟ هو هڪ تربيت وٺندڙ پورهيت هو. ڪيس اهو سمجهڻ ڪپندو هو ته سادا ۽ غريب ماڻهو هاڻي وڏيڪ سکيا آهن. هڪ انڌو به اهو ڏسي سگهي ٿو ۽ ڪير ان ڪان انڪار نه ٿو ڪري سگهي. مون ڪي خبر ناهي ته تون ڇا ٿو محسوس ڪرين. ممڪن آهي تنهنجي لاءِ اهو درست هجي پر يوسپڪا لاءِ اهو گناهه آهي. خدا ڪيس معاف ڪري. يوسپڪا جو پيءُ هڪ سپاهي هو. چون ٿا ته سندس منهن، ہانهون ۽ ٽنگون گولين لڳڻ سان ختم ٿي ويون."

سندس آواز ڏڪڻ لڳو. هن ٿورو ترسي پاڻ کي پرسڪون ڪيو ۽ پوءِ چوڻ لڳي ته: "اڄ ته آئون توکي گاڏي ڏياريان. آئون توکي سڃاڻان ٿي. هو هتي ہن ڏينهن کن لاءِ هو. هن مون کي ہڌايو هو. هن چيو هو ته تون لارا گيشارکي سڃاڻين ٿو. هوءَ هڪ سٺي ڇوڪري هئي. مون کي هو چڱي ريت ياد آهي. هو هتي اسان سان ملڻ لاءِ ايندي هئي. هاڻي هو ڪيئن آهي مون کي ان متعلق ڪا ڄاڻ ناهي. توهان ماڻهن متعلق ڇا ٿو چئي سگهجي؟ وڏن ماڻهن جو هڪ ہئي سان گڏجي رهڻ ته هڪ فطري ڳالهه آهي پر يوسپڪا لاءِ اهو گناهه آهي. اڄ ته اسان گاڏيءَ جي پڇا ڪيون. مون کي يقين آهي ته ڪامريڊ ڊيمينا توکي ضرور گاڏي ڏيندي. هيءَ لارا جي ماءُ وٽ ڪم ڪندي هئي. اها ٺي اها ڇوڪري آهي ۽ هو هتي ٺي ان عمارت ۾ ٺي رهندي هئي، هلي آءُ."

## (13)

بلڪل اونداهي ٿي چڪي هئي. سندن چوڌاري اونداهي هئي. رڳو ڊيمينا جي ٽارچ جي روشنيءَ جو ننڍو دائرو برف جي هڪ ٽڪري ڪان ہئي ٽڪري تائين ٽپندو اڳتي پئي ويو. واٽ ڏسڻ ڪان وڏيڪ اڃا ڪين منجهايائين پئي. سندن چوڌاري اونداهي هئي. اهي هڪ اهڙي عمارت کي پوئتي ڇڏي پئي آيا جتي گهڻا ماڻهو لارا کي سڃاڻندا هئا، جتي هو ننڍپڻ ۾ ايندي هئي ۽ جتي، جيئن انهن جو چوڻ هو، سندس مڙس انتيپوف پلجي وڏو ٿيو هو.

"ڪامريڊ ڊاڪٽر ڇا تون ٽارچ ڪان سواءِ واقعي پنهنجو رستو ڳولهي سگهندين؟" ڊيمينا مذاق ڪندي پدرانه انداز ۾ چيو. "جيڪڏهن نه. ته پوءِ آئون توکي پنهنجي ٽارچ اڌار طور ڏيئي سگهان ٿي. اها حقيقت آهي ته جڏهن اسان ہار هئاسين ته منهنجو مٿس گهڻو رعب هوندو هو. انهن جو ڪپڙن ٺاهڻ جو هڪ

ڪارخانو هو. آئون ان ڪارخاني ۾ هڪ سيڪرٽري طور ڪم ڪندي هئس. مون هن سال سانس ملاقات ڪئي هئي. هو پنهنجي منزل ڏانهن ويندي هتي ڪجهه عرصي لاءِ ترسي هئي. مون کيس چيو هو ته ڪيڏانهن پئي وڃين تون احمق؟ هتي ترسي پئو. اڄ اسان سان گڏ اچي رهو. تنهنجي لاءِ نوڪري جي ڳالهه ڪنداسين. پر ان جو ڪو اثر نه ٿيو ۽ هن اها ڳالهه نه مڃي. بهرحال اهو سندس مسئلو آهي، هن پاشا سان شادي دل سان نه دماغ کان ڪم وٺي ڪئي هئي. ان کان پوءِ هو ڇڻ ته واٽڙي تي پئي آهي ۽ هتان به هو هلي وئي."

"تنهنجو سندس متعلق ڇا خيال آهي؟"

"احتياط سان.. هتي ترڪڻ آهي. خبر ناهي گهڻا پيرا مون کين چيو آهي ته گندو پاڻي ۽ سٽيپ ٻاهر ڦٽو نه ڪن. پر اهو ڇڻ ته ديوار سان ڳالهائڻ برابر آهي. منهنجي هن بابت ڪهڙي راءِ آهي؟ سندس متعلق سوچڻ سان تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ مون کي ڇا سوچڻ گهرجي؟ مون وٽ سوچڻ لاءِ وقت ڪٿي آهي.... هتي آئون رهان ٿي. هڪ ڳالهه مون کيس نه ٻڌائي، سندس پاءُ بابت جيڪو فوج ۾ هو. آئون سمجهان ٿي، انهن هن کي گولي هٽي ڇڏي آهي. جيستائين سندس ماءُ جو تعلق آهي، جيڪا منهنجي مالڪ رهي آهي ته آئون ڪوشش ڪندس ته هوءَ نيڪ ناڪ هجي. آئون هلان ٿي. خدا حافظ."

اهڙي ريت اهي ڌار ٿي ويا. ڊيمينا جي ننڍي ٽارچ ننڍي پٿر جي دروازي ٿي پيئي ۽ پوءِ ڊوڙندي داغيل ديوارن جي گندين ڏاڪڻين کي روشن ڪندي وئي جڏهن ته يوري اونداهيءَ ۾ گهيريل رهجي ويو هو. سندس ساڄي پاسي سادووائيا تريوفالنائيا اسٽريٽ هئي ۽ کابي پاسي سادو وائيا ڪارينتنا اسٽريٽ هئي. برفاني اونداهيءَ ۾ اهي گهٽيون يا سڙڪون نه ٿي لڳيون پر پٿر جي عمارتن جي ٻيلي ۾ پيچرا ٿي لڳا، اهڙين جيئن سائيبيريا جي گهاٽن ٻيلن يا يورال ۾ پيچرا هوندا آهن.

گهر روشن ۽ گرم هو.

"تو ايڏي دير ڇو ڪئي؟" تونيا پڇا ڪئي، "تنهنجي غير موجودگيءَ ۾ هڪ غير معمولي شيءِ ٿي آهي." سندس جواب ڏيڻ کان اڳ هن ڳالهه جاري رکندي چيو، "واقعي بلڪل ناقابل يقين. ڪالهه بابا گهڙيال پڃي ڇڏيو هو ۽ مونکي تو کي اهو ٻڌائڻ وسري ويو هو. هو تمام گهڻو پريشان هو. گهر ۾ اهو ئي هڪ گهڙيال هو جيڪو هليو ٿي. هن ان کي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ابتو سبتو ڪيائين

مختلف پئي لڳو. ڪيس لڳو تہ سندس بدن لڏي رهيو هو ۽ سندس ٽنگون هلڻ کان جواب ڏيئي رهيو هيون .”اهو ئي آهي.“ هن سوچيو ”آئون ٽائفس ۾ وڃي ويو آهيان.“ جڏهن هو پٽ تي ڪري پيو تہ گاڏي هلائيندڙ ڪيس کڻي ڪائين مٿان ليٽائي ڇڏيو. يوري کي خبر ئي نہ پيئي تہ هو گهر ڪيئن پهتو.

(15)

هو اٽڪل ٻن هفتن تائين وقفي وقفي سان نيم بي هوشي واري حالت ۾ رهيو. هن خواب ڏٺو تہ ٽونيا ٻہ رستا، سادو وائياڪارنيشائيا سندس ڪلهي پاسي ۽ سادووائيا تريوم فالنائيا سندس ساڄي پاسي لکڻ واري ميز تي رکي ڇڏيا آهن ۽ ٽيبل ليمپ ٻاري ڇڏي آهي. ان جي نارنگي گرم روشنيءَ رستن کي روشن ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي هو لکي سگهيو ٿي ۽ هو ڪُجهہ لکڻ لڳي ٿو.

هو لکي رهيو آهي جيڪي ڪيس گهڻو اڳ لکڻ گهربو هو ۽ جنهن جي لکڻ جي هو هميشہ خواهش ڪندو هو پر لکي نہ سگهيو هو. هاڻي اها شيءِ سولائي سان سندس ذهن ۾ اچي رهي هئي. هن وڏي شوق سان لکيو ۽ اهو ئي لکيائين جيڪو هن لکڻ چاهيو ٿي.

بس ڪڏهن ڪڏهن چنجهين ڪرگيز اکين وارو ڇوڪرو، جنهن کي رينڊيئر کل جو ڪوٽ پاتل هو جنهن جا بٽڻ کليل هئا ۽ جنهن جو سمور وارو حصو ٻاهر نڪتل هو، جيئن يورال ۽ سائيبيريا ۾ ٿيندو آهي، سندس آڏو اچي ٿي بيٺو.

ڪيس يقين هو تہ اهو ڇوڪرو موت جو فرشتو هو يا سادن لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي تہ اهو سندس موت هو. پر هو سندس موت ڪيئن ٿي ٿي سگهيو جڏهن تہ هن نظم لکڻ ۾ سندس مدد پئي ڪئي؟ موت ڪيئن ماڻهو لاءِ ڪارائتو ٿي سگهيو پئي. اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ موت ماڻهوءَ جي مدد ڪري.

سندس نظم جو موضوع نہ تہ قبر جي حالتن بابت هو ۽ نہ ئي موت کان پوءِ واري زندگي. پر انهن ٻنهي جي وچ واري عرصي سان ان جو واسطو هو. ان جو عنوان هو ”وڳوڙ.“

هن هميشہ کان اهو ٻڌائڻ چاهيو ٿي تہ ڪيئن ٽن ڏينهن تائين ڪاري ڪاوڙ ۽ ڪيڙن سان ڀريل ڌوڙ پيار جي لافاني مجسمي تي ڪاهون ڪيون هيون ۽ ڪيئن ان مٿان پٿر ۽ گند ڪچرو وسايو هو. جيئن لهرون اڏري ۽ ڪنارن تي الر

ڪري ان کي پاڻي سان پري ڇڏينديون آهن ساڳي طرح تن ڏينهن تائين ڏوڙ جو ڪارو طوفان گجندو اڳتي وڌندو ۽ پوئتي موٽندو رهيو.

هِہ ستون گهڙي گهڙي سندس ذهن تي تري تي آيون:

"تنهنجي ويجهي هڻڻ جي اسان کي خوشي آهي."

۽

"ڄاڳڻ جو وقت اچي ويو آهي."

سندس ويجهو ۽ ڪيس ڇهندڙ جيڪي شيون هيون جهنم، بدڪرداري، تباهي ۽ موت. پر پوءِ بہ ساڳي طرح بهار جي مند، ميري ميگڊيلين ۽ زندگي بہ سندس ويجهو هيون. اهو وقت هو جاڳڻ جو، جاڳڻ ۽ اٿي بيهڻ جو وقت. اٿڻ جو وقت، مرڻ کان پوءِ جيئڻ جو وقت.

(16)

هن جي صحت بهتر ٿيڻ لڳي هئي. شروع ۾ تہ هن اڌ چريئي وانگر هر شيءِ کي جيئن جو تيئن ورتو. ڪيس ڪجهہ بہ ياد نہ هو. هن پن شين وچ ۾ ڪو تعلق محسوس نہ ٿي ڪيو ۽ نہ وري ڪنهن شيءِ تي حيران ٿي ٿيو. سندس زال ڪيس اچي ڊبل روٽي، مکڻ ۽ کنڊ واري چانهہ ڏيندي هئي. هن ڪيس ڪافي ڏني. هو وساري چڪو هو تہ اهڙيون شيون موجود نہ هيون ۽ هن انهن مان ائين پئي مزو ورتو جيئن شاعريءَ يا پرستان جي ڪهاڻين مان. هن سمجهيو پئي تہ صحتيابي واري ان عرصي ۾ انهن شين جو استعمال مناسب ۽ درست هو پر جلد ئي هن سوچڻ سمجهڻ شروع ڪيو.

"تون اهي سڀ شيون ڪٿان ٿي آڻين؟" هن تونياکان پڇيو.

"تنهنجو گرينيا اسان لاءِ اهي سڀ ڪٺي آيو هو."

"ڪهڙو گرينيا؟"

"گرينيا زواگو."

"ڇا گرينيا زواگو؟"

"ها، تنهنجو ڀاءُ ايوگراف جيڪو اومسڪ مان آيو هو. تنهنجو ماٽيلو ڀاءُ. تنهنجي بيماري دوران هو روز هتي ايندو هو."

"ڇا ان کي رينڊيئر جي کل وارو ڪوٽ پاتل هو؟"

"ها، بلڪل ٺيڪ. ته تو هن کي ڏٺو هو. تون اهو سچو وقت بيهوش هئين. هن ٻڌايو ته ڪنهن گهر جي ڏاڪڻين تي توهان آمهون سامهون ٿيا هئا. هن تو کي سڃاتو ٿي ۽ توسان ڳالهائڻ چاهيائين پر بظاهر تو ان کي ڏيڇاري ڇڻ سندس ساهه ڪڍي ڇڏيو هوا هو تنهنجي پوڇا ٿو. ڪري ۽ تنهنجو لکيل هر اکر پڙهي ٿو. هو اسان لاءِ اهي شيون وٺي آيو، ڇانور، ڊاک ۽ ڪنڊا هو هاڻي موٽي ويو آهي ۽ چاهي ٿو ته اسان به اتي يعني اومسڪ هليا اچون. هو هڪ عجيب ڇوڪرو آهي. ٿورو پراسرار آهي. منهنجو خيال آهي ته هن جو سرڪار سان ڪو نه ڪو واسطو ضرور آهي. سندس چوڻ آهي ته اسان کي سال ٻن لاءِ وڏن شهرن کان پري ٻهراڙي ڏانهن هليو وڃڻ گهرجي. مون کي ڪروگر جو خيال آيو هو. مون ڪٿس پڇيو ته ڇا اسان کي ڳوٺ هليو وڃڻ گهرجي ته هن چيو ته اهو نهايت سٺو خيال هو. اسان اتي ڀاڄيون پوکي سگهون ٿا ۽ اتي ڇٽي پاسن کان ٻيلا آهن. رڍ جيان ڪنهن جدوجهد کان سواءِ مرڻ ۾ ڪا به عقلمندي ناهي."

ان سال اپريل ۾ زواگو پنهنجي پوري خاندان سان گڏ يورال کان گهڻو پري يورياٽن شهر ويجهو اڳوڻي ويري ڪينو جاگير تي رهڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

☆

## باب ستون

# سفر

(1)

اها مارچ جي پڇاڙي هئي. معمول موجب هن مهيني جا آخري ڪجهه ڏينهن سال جا پهريان گرم ڏينهن هئا. هڪ ڪوڙي بهار جنهن ڪان پوءِ سخت سرديءَ جو دور ايندو هو.

زواگو خاندان وڃڻ جي تيارين ۾ رڌل هو. پنهنجي ان هڻ وٺ کي لڪائڻ لاءِ انهن مسواڙين، جيڪي هاڻي جهرڪين جهڙيان گهر ۾ اچي گڏ ٿيا هئا، کي اهو ٻڌايو ته فليٽ جي ايسٽر لاءِ صفائي ڪئي پئي وڃي.

يوري سفر جي خلاف هو. هن تيارين بابت ڪوبه اعتراض نه اٿاريو هو. ڇاڪاڻ ته سندس خيال هو ته ان منصوبي جو عمل ۾ اچڻ ناممڪن هو ۽ کيس اميد هئي ته اهو عين وقت تي اچي پٽ پوندو پر اهو اڳتي هلي اچي تڪميل جي ويجهو پهتو. هاڻي ڳالهائڻ جو وقت اچيِ ويو هو.

هن ان مسئلي کي پنهنجي خاندان جي ڪائونسل جيڪا يوري پاڻ، تونيا ۽ سندس پيءُ تي ٻڌل هئي، آڏو پيش ڪيو. "ڇا توهان سمجهو ٿا ته آئون غلط آهيان؟" هن ڪانئن پڇاڙي وقت پڇيو. " ڇا توهان جو اڃا به وڃڻ تي اصرار آهي؟"

"تنهنجو چوڻ آهي ته اسان کي ايندڙ ٻن سالن تائين ممڪن حد تائين پنهنجي گذر جو بندوبست ڪرڻ گهرجي." تونيا چيو. "ان وقت تائين جيستائين زمين جو نئون نظام قائم ٿئي ۽ اسان ماسڪو کان ٻاهر پاڇين پوکڻ جو هڪ پلاٽ حاصل ڪري سگهون. پر ان وقت تائين اسان جو گذر ڪيئن ٿيندو؟ اهو هڪ اهم نقطو آهي جنهن متعلق تو اسان کي ڪجهه به نه ٻڌايو آهي."

"اها بلڪل چرياڻپ آهي." تونيا جي پيءُ سندس پنيرائي ڪندي چيو.

"ٺيڪ آهي." يوري هٿيار ڦٽا ڪيا، "مونکي جنهن ڳالهه جي پريشاني آهي، اها آهي مڪمل غير يقيني واري صورتحال. اسان بلڪل اکيون بند ڪري هڪ

اهڙي خلاءَ. اهڙي جاءِ ڏانهن وڃي رهيا آهيون جنهن بابت اسان کي ڪا ڄاڻ ناهي. ويريڪينو ۾ رهندڙ ٽن ماڻهن مان امان ۽ ڏاڏي مري چڪيون آهن ۽ ڏاڏو ڪريوگر يرغمال بڻيل آهي ۽ اهو به ان صورت ۾ جيڪڏهن هو جيئرو هجي.

"توهان کي ڄاڻ آهي ته هُن جنگ جي آخري سال ۾ هڪ سودو ڪيو هو. مون کي خبر ناهي ته هن بيلو ۽ ڪارخانا وڪڻي ڇڏيا يا وري انهن کي ڪنهن بينڪ يافرد جي نالي ڪري ڇڏيو هو. در حقيقت اسان کي ڪنهن شيءِ جي ڄاڻ ناهي. جاگير هن وقت ڪنهن وٽ آهي، منهنجي لاءِ ان جي ڪا حيثيت ناهي، پر نيٺ ان لاءِ ذميوار ڪير آهي؟ ان جو حساب ڪتاب ڪير ٿو رکي؟ ڇا ڪاٺ وڍيو وڃي ٿو؟ ڇا ڪارخانا ڪم ڪري رهيا آهن؟ ۽ سڀ کان اهم ڳالهه ته ملڪ جي ان حصي تي ڪنهن جو راڄ آهي يا ائين ڪٿي ڇئجي ته جڏهن اسان اتي پهچنداسين ته ڪنهن جي حڪومت هوندي؟

توهان پراڻي مئنيجر ميڪولتسن تي پاڙيو پيا ته هو اسان جي مدد ڪندو پر ڪير اسان کي ٻڌائيندو ته هو اڃا تائين اتي آهي يا نه؟ يا اهو به ته هو اڃا تائين جيئرو به آهي يا نه؟ بهرحال توهان نالي ڪان وڌيڪ سندس متعلق بيو ڇا ٿا ڄاڻو ۽ اهو به ان ڪري اسان کي ياد آهي ته ڏاڏي کي ان کي اچارڻ ۾ گهڻي ڏکيائي ٿيندي هئي.

بهرحال آئون وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪرڻ نه ٿو چاهيان. توهان ارادو ڪري ڇڏيو آهي ۽ آئون توهان سان سهمت آهيان. ان کي ٽارڻ جو ڪوبه ڪارڻ ناهي. اسان کي اهو ضرور ڏسڻ گهرجي ته اڄ ڪلهه سفر لاءِ ڪهڙا بندوبست ڪرڻا پوندا آهن."

(2)

يوري يروسلاوسڪي اسٽيشن ويو. ڪاٺ جي ٺهيل ريلنگ جي وچ ۾ٺهيل رستي تي مسافرن جون ڊگهيون قطارون نظر اچي رهيون هيون. انهن جي هيٺان پٿريلي فرش تي خاڪي فوجي وردي ۾ڪجهه همراهه ليٽيا پيا هئا جيڪي ساڳي وقت ليٽڙيون پائي کنگهي ۽ ٿڪي رهيا هئا ۽ ايڏي وڏي واڪي پئي ڳالهايائون جو ڪين اهو اندازو نه هو ته سندن آواز محراب دار ڇت ۾ پڙاڏو پيدا ڪري رهيو هو.

اهي گهٽو ڪري ٽائفس جا مريض هئا جن کي اسپتالون گهٽي رش هئڻ ڪري ٿوري حالت بهتر ٿيندي ئي فارغ ڪري ڇڏينديون هيون. يوري کي هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ اڪثر پاڻ به ائين ئي ڪرڻو پوندو هو. پر ڪيس اندازو نہ هو تہ انهن بدقسمتن جو ايڏو وڏو تعداد هوندو ياڪين مجبور ٿي ريلوي اسٽيشن تي پناهہ وٺڻي پئي هوندي.

"توکي تہ ضرور ٻين کان اڳ جاءِ ملڻ گهرجي." اچو ڪوٽ پاتل هڪ قلي ڪيس چيو. " ان لاءِ توکي لازمي طور روز اچي اها پڇا ڪرڻي پوندي تہ ڪا ٽرين وڃڻي آهي يا نہ. اڄ ڪلهہ ٽرينون ائين اڻ لڀ آهن جيئن سون. اهو سڄو قسمت جو معاملو آهي ۽ يقينا (هن پنهنجي ٻن آڱرين کي آڱوٺي سان مهٽيندي پڇيو) "ٿورو اتو يا ٻي ڪا شيءِ.... توکي تہ خبر آهي تہ گاڏي تيل کان سواءِ نہ ٿي هلي ۽ ٻيو اهو تہ (هن پنهنجي ڪن جي پاپڙي مهٽي) ٿوري ووڊڪا کان سواءِ تہ تون گهٽو پري وڃين نہ سگهندين."

(3)

ان دوران اليگزينڊر اليگزينڊروچ کي اعلٰي معاشي ڪائونسل جي صلاحڪار طور ڪم ڪرڻ لاءِ گهڻا پيرا چيو ويو ۽ يوريءَ کي حڪومت جي هڪ رڪن، جيڪو سخت بيمار هو، جي علاج لاءِ گهرايو ويو. ڪين ان جو معاوضو ان وقت جي سڀ کان قيمتي ڪرنسي جي صورت ۾ ڏنو ويو. اهي اهي پرچيون هيون جن سان هو روزمره جي شين وارن دڪانن مان، جن مان اڪثر بند پيل هوندا هئا، شيون وٺي سگهيا ٿي.

اهو دڪان سينٽ سائمن جي خانقاهہ جي ويجهو هڪ پراڻو فوجي گودام هو. ڊاڪٽر ۽ پروفيسر خانقاهہ ۾ بيرڪن جي پڌر مان ٿيندا پٽر جي هڪ ننڍي دروازي مان گذري هڪ محراب واري گودام ۾ پهتا. اهو هڪ لاهيءَ تي ٺهيل هو جيڪو اڳتي ٻي ڪنڌ تي ويڪرو ٿي ٿي ويو. اتي هڪ ديوار کان ٻي ديوار تائين ڪائونٽر ٺهيل هو جنهن جي پويان هڪ ملازم بيٺل هو جيڪو ڪنهن قسم جي جلدبازي ڪرڻ کان سواءِ اطمينان سان سڀ ڪم جهڙوڪ ماپ تور ڪرڻ، ڏنل شين کي فهرست مان ڪاٽڻ ۽ ختم ٿي ويل شين کي دڪان جي پويان رکيل اسٽاڪ مان وري ڪٽي اچي دڪان ۾ رکڻ وغيره وارا ڪم ڪري رهيو هو.

دڪان ۾ گهڻا خريدار نہ هئا. هنن جو وارو بہ جلدي اچي ويو. پرچي کي ڏسندي اسٽور ڪيپر آواز ڏنو "ٽيلهيون ڪٽي اچو." پروفيسر ۽ ڊاڪٽر ننڍا وڏا وهاڻن جا گهڻا غلاف ڪٽي اڳتي ڪيا ۽ انهن کي قاتل اکين سان اٽي، اناج، سوين، کنڊ، چربي، صابڻ، ماچيس ۽ ڪاغذ جي ٽيلهين، جن ۾ پوءِ خبر پيئي تہ ڪاڪيشيا جو پنير هو، سان پرجندي ڏسندا رهيا.

دڪاندار جي سخاوت کان متاثر ٿيندي ۽ اهو خيال رکندي تہ ان جو گهڻو وقت ضائع نہ ٿئي انهن تڪڙ ۾ انهن بنڊلن کي بورين ۾ وڌو ۽ چڪي ڪٽي انهن کي پنهنجن ڪلهن تي رکيو.

اهي دڪان مان مخمور ٿي نڪتا. رڳو ان خيال کان نہ تہ ڪين خوراڪ ملي هئي پر ان خيال کان بہ تہ اهي بہ هن دنيا ۾ ڪارائتا هئا ۽ سندن زندگي بيڪار نہ هئي ۽ اهي ان تعريف ۽ پيار جا مستحق هئا جيڪو گهر ۾ ڪين ٽونيا وٽان ملندو.

(4)

مردن، پنهنجي سفر جي دستاويزن ۽ فليٽ کي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ تہ جيئن جڏهن هو واپس ماسڪو اچن تہ اهو ڪين موٽي ملي، سرڪاري آفيسن جا چڪر پئي هنيا ۽ ٽونيا گهر جي سامان جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۾ پوري هئي.

ٽن ڪمرن ۾ جيڪي هاڻي سرڪاري طور تي زواگو خاندان کي ڏنا ويا هئا، انهن ۾ اڃ وڃ ڪندي هُن ايستائين تہ ننڍي ۾ ننڍي شيءِ کي بہ، پنهنجو پاڻ ۾ گم هوندي ڏنو ۽ اهو فيصلو ڪرڻ کان اڳ تہ سوچيو تہ ڇا ان کي ان سامان ۾ شامل ڪجي يا نہ؟ جيڪو هو پاڻ سان کڻي ٿي ويا، ويهہ پيرا هٿ ۾ توري ٿي ڏٺو. سندن سامان جو رڳو ننڍو حصو سندن ذاتي استعمال لاءِ هو ۽ باقي سندن سفر ۽ سندن پهچڻ جي پهرين ڪجهہ هفتن جي خرچ پوري ڪرڻ لاءِ هو.

کليل دريءَ مان بهار جي هير جو جهونٽو آيو جنهن ۾ نئين وڊيل اڇي ڊبل روٽي جهڙو واس هو. اڱڻ ۾ ڪڪڙن جو شور ۽ ٻارن جي کيڏڻ ۽ رڙين جو آواز هو. ڪمري ۾ جيئن وڌيڪ هوا آئي ٿي تيئن کليل پيتين مان، جن ۾ سرديءَ جا گرم ڪپڙا رکيا ويا هئا، فنائيل جي رکيل گورين جي بو اچا وڌيڪ محسوس ٿيڻ ٿي لڳي.

شين جي کڻي وڃڻ يا پويان ڇڏي وڃڻ جو فيصلو اڳ ويل ماڻهن جي مشاهدن، جيڪي انهن پوئتي رهجي ويل پنهنجن دوستن تائين پهچايا هئا، جي

بنياد تي جوڙيل اصول موجب ڪرڻو هو. ان اصول موجب ناهيل ڪجهه سادن ۽ اهم ترين قائدن تونيا جي اٿين رهنمائي ڪئي جڏهن ته ٻاهران دريءَ مان ٻارن جي رڙين ۽ جهرڪين جي چون چون سان گڏ اينڊرڙ ڪو لڪل آواز سرگوشين ۾ ڪيس هدايتون ڏيندو هجي.

"لباس لاءِ ڪپڙو" آواز آيو. پر واٽ تي سامان جي تلاشي ٿئي ٿي، ان ڪري اهو خطرناڪ آهي، ها باقي ان کي ٽانڪو هڻي ته جيئن اهو سبيل لڳي، ڪٽي وڃي سگهجي پيو. هر قسم جو سامان، ڪپڙا ۽ ڪوٽ جيڪڏهن گهٽا پراڻا نه هجن ته وڌيڪ بهتر رهندا. ٽوڪريون ۽ ٽرنڪ نيڪ نه رهندا. (چاڪاڻ ته واٽ تي ڪي قلي نه هوندا) ان ڳالهه جي پڪ ڪجي ته ڪابه بيڪار شيءِ نه کڻجي ۽ هر شيءِ کي ايترن ننڍن بنڊلن ۾ ٻڌجي جيڪي هڪ عورت يا ٻار سولائي سان کڻي سگهي. لوڻ ۽ تماڪ نهايت ڪارائتيون پر جوکم واريون شيون هيون. پئسا ڪيرينڪاس (نوٽ جيڪي ڪيرنسڪي سرڪار جاري ڪيا هئا) جي صورت هئڻ گهرجن. دستاويزن کي محفوظ طريقي سان ڪٺي وڃڻ ڏکي ۾ڏکي ڳالهه آهي." ۽ اهڙيون ٿي ٻيون گهٽيون شيون.

(5)

سندن رواني ٿيڻ کان هڪ ڏينهن اڳ برف جو طوفان آيو هو. برف سان ڀريل پورا ڪڪر آسمان ۾ اڏريا پئي ۽ ڌرتي تي اڇي واچوڙي جي صورت ۾ موٽي اونداهين گهٽين کي اڇي چادر ۾ ڍڪي ٿي ڇڏيائون.

سڄو سامان ٻڌجي چڪو هو. فليٽ کي ان ۾ رهجي ويل شين سان گڏ هڪ پوڙهي زال مڙس جي حفاظت ۾ ڏنو ويو هو. مڙس اڳ ۾ سيلز مين جو ڪم ڪندو هو. اهي ماسڪو ۾ رهندڙ ايگوروونا، جنهن گذريل سردين جي موسم ۾ ڪپڙن ۽ فرنيچر عيوض پٽاٽا ۽ ڪاٺيون وٺڻ ۾ تونيا جي مدد ڪئي هئي، جا مائٽ هئا.

مارڪيل تي ڀروسو نه پيو ڪري سگهجي. مليشيا جي چوڪيءَ تي جنهن کي هن پنهنجي سياسي ڪلب طور چونڊيو هو. هن اهو ته نه چيو ته سندس اڳوڻن مالڪن سندس رت چوسيو هو پر هُن مٿن ڏوهه مڙهيو ته ان سڄي عرصي ۾ انهن ڪيس اونداهي ۾ رکيو ۽ ڪڏهن اهو لڪيو هو ته دنيا جي شروعات پولڙن کان ٿي هئي.

تونيا زال مڙس کي گڏ وٺي گهر جو آخري جائزو ورتو. تالن ۾ چابيون لڳائي خانن ۾ المارين کي کولي، بند ڪري ياد ڪندي رهي تہ ڪين ڪهڙيون ڪهڙيون هدايتون ڏيڻيون هيون.

ڪرسين ۾ ميزن کي ڍڪي ديوار سان گڏ رکيو ويو هو. پڙدا بہ لاٿا ويا هئا ۽ ڪنڌ ۾ بنڊلن جو هڪ ڍڳ رکيل هو. سردين ۾ آرام ڏيندڙ سامان کان خالي ڪمري مان نظر ايندڙ طوفان ڪين گذريل ڏکن ۽ تڪليفن جي ياد ڏياري رهيو هو. يوري پنهنجي ماءُ جي موت متعلق پئي سوچيو ۽ تونيا ۾ اليگزينڊر اليگزينڊرووچ انا جي وفات ۾ جنازي متعلق پئي ويچاريو. انهن سوچيو (جيڪا ڳالهہ پوءِ غلط ثابت ٿي) تہ اها ان گهر ۾ سندن آخري رات هئي ۽ هو وري ڪڏهن بہ ان کي ڏسي نہ سگهندا. جيتوڻيڪ هنن پنهنجن انديشن بابت نہ پئي ڳالهايو پر انهن جيئن ان ڇت هيٺان گذاريل پنهنجي حياتي تي نظر ٿي وڌي تہ سندن اندر ڏک سان ڀرجي ٿي ويو ۽ انهن وڏي مشڪل سان پنهنجن ڳوڙهن کي روڪيو ٿي.

ان سڀڪجهہ جي باوجود تونيا سنيال ڪندڙ پوڙهي جي زال سان اٽڪت ڳالهين وسيلي پاڻ کي سنيالڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. زال مڙس جي مدد کي ان پنهنجي ذهن ۾ تمام گهڻو وڌائي پئي ڏٺو ۽ ان خيال کان تہ ڪيس ناشڪرو نہ سمجهيو وڃي، هن ڪانئن معذرت پئي ڪئي. هٿي دروازي تائين وڃي عورت جي لاءِ بلائوز، سوٽي ڪپڙن ۽ ريشمي ڇاپن جا تحفا پئي آندائين. اهي گهري رنگ جا ڪپڙا هئا جن تي هلڪي چاري يا نقطا نهيل هئا ۽ اونداهي گهٽي، جيئن اها ان الوداعي رات خالي ٿيل درين مان نظر آئي ٿي، پڻ ليڪن وارين سرن ۾ برف جي اڇن تهڪن سان ڍڪيل هئي.

(6)

اهي پرهہ ڦٽي مهل گهر مان روانا ٿيا. عمارت جا بيا رهواسي تہ ستل ٿي هئا پر منجهانئن هڪ زيوروتينا، جنهن کي سماجي تقريبن ۾ وڃڻ جو ناقابل علاج شوق تنهن لاحق هو، رڙيون ڪري سيني کي جاڳائي وڌو:

"ٻڌو، ٻڌو، دوستو جلدي ڪيو، اچو ۽ گروميڪو خاندان کي الوداع چئو.

اهي سڀ پوئين پورچ تي نڪري آيا (سامهون واري مک دروازي کي اڄڪلهہ بند رکيو پئي ويو) ۽ اڌ گول ناهي اٿين بيهي رهيا ڄڻ تصوير ڪيرائيندا هجن.

انهن سيني اوباسيون پئي ڏنيون. ڪنبيا پئي ۽ پنهنجن پراڻن ڪوٽن ڪي جيڪي سندن ڪلهن تي پيل هئا، مضبوطيءَ سان جهلي پنهنجن پيرن ڪي، جن ۾ انهن تڪڙ ۾ جرابن ڪان سواءِ فيلٽ بوٽ پائي چڙهيا هئا، گهڙي گهڙي پٽ تي پئي هنيائون.

مارڪيل اڳ ئي تيز قسم جو شراب، جيڪو پابنديءَ جي باوجود هن، ڪنهن نموني سان حاصل ڪيو هو، پي مدهوش هو ۽ هڪ لاش جيئن پورچ جي پراڻي ريلنگ تي ڪريو پيو هو جيڪا سندس بارهينان ٽٽڻ واري هئي. هُو سندس سامان اسٽيشن تائين ڪٽي وڃڻ پيو چاهي ۽ منع ڪرڻ تي گهٽي ناراضگي جو اظهار پيو ڪري. وڏي جاکوڙ ڪان پوءِ نيٺ انهن ڪانئس پنهنجي جند آجي ڪرائي ۽ پاسي واري گهٽيءَ ۾ اچي پهتا.

اجا اونداهي هئي. هوا گهٽجي ويئي هئي ۽ برف گذريل رات جي پيٽ ۾ گهٽي پئجي رهي هئي. برف جا وڏا، ريشم جهڙا ٽڪرا آهستي آهستي هيٺ آيا ٿي پر ڪرڻ ڪان اڳ هبڪندي متي لٽڪي پيا ٿي. اربات پهچڻ وقت روشني ٿي ويئي هئي، هتي برف ٿيٽر جي آهستي آهستي حرڪت ڪندڙ اڇي پردي جيان پئجي رهي هئي جيڪو رستي جيترو ئي ويڪرو هو. ان جون ڪندون واٽهڙن جي قدمن سان ائين وچڙي رهيون هيون جو سندن اڳتي وڌڻ جو احساس ئي ختم ٿي ٿي ويو ۽ انهن محسوس ٿي ڪيو تہ بس هو چڻ وقت گذاري رهيا هئا.

اتي مسافرن ڪان سواءِ ٻيو ڪو ذي روح ڪونہ هو پر جلد ئي هڪ گاڏي ڪانئن اڳتي وڌي ويئي جنهن تي برف چميل هئي ۽ ان ۾ ويٺل گاڏي هلائيندڙ ائين پئي لڳو چڻ ڪيس اتي سان ويڙهيو ويو هجي. هڪ وڏي رقم جي عيوض (جيڪا ان دور ۾ هڪ ڪوپيڪ ڪان بہ گهٽ هئي) هو کين سندن سامان سان گڏ اسٽيشن وٺي ويو. رڳو يوري کي سندس پنهنجي درخواست تي پنڌ اچڻ جي اجازت ڏني ويئي.

(7)

هن تونيا ۽ سندس پيءُ کي ريلنگ جي وچ ۾ هڪ وڏي قطار ۾ بيٺل ڏٺو. نيوشا ۽ ساشا ٻاهر پئي چڪر هنيو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اندر جهاتي ٿي پاتائون تہ وڏن وٽ وڃڻ جو وقت اچي ويو هو يا نہ. منجهانئن گاسليٽ جي تيز بوءِ اچي رهي هئي جيڪو کين جوئن ڪان بچائڻ لاءِ سندن ڳچين، ٻانهن ۽ ٽنگن تي چڱي طرح هنيو ويو هو.

قطارون پليٽ فارمن جي دروازن تائين هليون ويون هيون پر درحقيقت ٽرين ۾ سوار ٿيڻ لاءِ مسافرن کي پٽڙيءَ تي اٽڪل اڌ ميل اجا وڏيڪ هلڻو هو. صفائي ڪرڻ وارا جيئن ته گهٽي تعداد ۾ نه هئا ان ڪري اسٽيشن تي گندگي ڦهليل هئي. مٽي ۽ برف جي ڪري پليٽ فارم جي آڌو واريون پٽڙيون استعمال جوڳيون نه هيون ۽ ٽرين کي گهٽو پري ٻاهر ئي بيهاريو ويندو هو.

ٽونيا يوري ڏانهن هٿ سان اشارو ڪيو ۽ جڏهن هو ٽورو ويجهو آيو ته ڪيس وڏي واڪي ٻڌايائين ته هو ڪٿي وڃي پنهنجن سفري دستاويزن تي مهر لڳرائي.

"مون کي ڏيکار ته انهن ڇا ڪيو آهي؟" هن سندس موٽڻ کان پوءِ ڪانئس پڇيو. هن ريلنگ مان ڪيس ڪاغذ اڳتي وڌائي ڏنا.

"اهي خاص ڊٻي لاءِ آهن." سندس پويان بيٺل همراهه ڪلهن مٿان ڪاغذن کي پڙهندي چيو.

سندس آڏو بيٺل همراهه ان معاملي ۾ وڌيڪ واضح هو. هو انهن ماڻهن مان هو جيڪي هر ممڪن صورتحال ۾ لاڳو ٿيندڙ قاعدي ۽ قانون کان واقف هوندا آهن ۽ ان تي غير جذباتي طور ڳالهائي ان کي ڪنهن سوال اٿارڻ کان سواءِ قبول ڪري سگهندا آهن.

"اها مهر." هن وضاحت ڪندي چيو. "توهان کي مختلف درجن ۾ ورهايل مسافرن واري ڊٻي ۾، جيڪڏهن اهو ٽرين سان ڳنڍ آهي ته، سيٽن حاصل ڪرڻ جو حق ڏي ٿي."

هڪدم ئي سڄي قطار ان بحث ۾ شامل ٿي ويئي.

"مسافرن واري گاڏي جي ته ڪهڙي ڳالهه آهي! اڄڪلهه جيڪڏهن ٻفرتي به جاءِ ملي ٿي وڃي ته خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي."

"انهن جي ڳالهه تي ڌيان نه ڏي." قانون ڄاڻندڙ ماڻهو چيو. "آئون توکي ٻڌايان ٿو. اها بلڪل سڌي ڳالهه آهي. جيئن ته خاص ٽرينون ختم ڪيون ويون آهن ان ڪري هاڻي رڳو هڪ ئي ٽرين آهي جنهن ۾ فوج، ڌوهاري، جانور ۽ ماڻهو سڀيئي سفر ڪن ٿا. ڪين غلط ڳالهه چو ٻڌايون؟" هو ماڻهن ڏانهن مڙيو. "لفظن جي ڪا قيمت نه هوندي آهي. توهان کي جيڪي وٽي سو چئي سگهو ٿا پر اهو صاف طور چئو ته جيئن هو ان کي سمجهي سگهي."

"تو گهڻو ئي ٻڌايو آهي!" ڪيس رڙيون ڪري ماٺ ڪرايو ويو. " تو هن کي چڱي ڳالهه ٻڌائي جڏهن تو چيو ته مهر خاص ڊٻي لاءِ لڳل آهي. تون ڀرين

ماڻهوءَ کي ڏس پوءِ تون ان کي ڳالهہ سمجهاءِ. اهڙي منهن وارو ماڻهو ڪيئن خاص دبي ۾ وڃي سگهي ٿو؟ خاص دٻو ملاحن سان ڀريل آهي. هڪ ملاح وٽ تيز نظر ۽ بندوق هوندي آهي. هو متس نظر وجهي تہ ڪيس ڇا نظر ايندو؟ ورسايل طبقي سان واسطو رکندڙ هڪ فرد! ان کان بہ بدتر هڪ ڊاڪٽر، اڳوڻي شرفاءَ جي طبقي جو هڪ رڪن. هو پنهنجي بندوق ڪڍندو... ۽ بس خدا حافظ."

ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڊاڪٽر جي معاملي ۾ جيڪا همدردي پيدا ٿي هئي اها ڪيترو اڳتي هلي ها جيڪڏهن ماڻهن جو ڌيان ڪنهن ٻي شيءِ ڏانهن نہ هليو وڃي ها. ڪجهہ وقت کان ماڻهو شيشي لڳل وڏين درين مان پٽڙين تي ڏسي رهيا هئا جن کي سوين والن تائين ڇت هٽي ڍڪيو ويو هو. وسندڙ برف رڳو ڇتن جي ٻري وارين ڪندن جي پويان نظر آئي ٿي. ايترو ٻري جو اها بلڪل ساڪت نظر آئي ٿي. اها زمين تي ڪري ائين جذب ٿي ٿي ويئي جيئن مڇين کي ڦٽو ڪري ڏنل روٽي جا ٽڪر پاڻيءَ ۾ جذب ٿي ويندا اهن.

گذريل اڌ ڪلاڪ دوران فاصلي تي پٽڙين سان گڏ اڻ ڇاتل ٻاچا اڪيلي يا گروهن جي صورت ۾ هلي رهيا هئا. پر پوءِ خبر پيئي تہ اهو ماڻهن جو هڪ وڏو هجوم هو ۽ جنهن پاسي کان اهو اچي رهيو هو اتان ئي انجڻ جي دونهن جو هڪ ننڍو ڪڪر پڻ ظاهر ٿيو.

"بدمعاش دروازا کوليو!" قطار ۾ بيٺل ماڻهن رڙيون ڪيون. ماڻهن ۾ حرڪت ٿي ۽ اهي دروازن ڏانهن وڌيا ۽ پويان بيٺلن اڳتي وارن کي ڌڪا ڏيڻ شروع ڪيا.

"ڏسو هتي ڇا پيو ٿئي! هتي انهن اسان کي بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ اتي ڪجهہ حرامي ماڻهو، رستو ڳولي قطار کان اڳتي نڪري ويا آهن. شيطانو، دروازا کوليو نہ تہ انهن کي پيجي ڇڏينداسين! اچو دوستو زور لڳايو!"

"انهن بيوقوفن کي انهن ماڻهن تي رشڪ ڪرڻ نہ گهرجي." هر قسم جي قاعدن، قانونن کي ڄاڻندڙ همراه چيو. "اهي اهي ماڻهو آهن جي کي پيٽرو گراڊ مان جبري پورهئي لاءِ ڀرتي ڪيو ويو آهي. انهن کي وولوگڊا رستي اترئين محاذ تي موڪليو پئي ويو ۽ هاڻي انهن کي اوير ڏانهن موڪلي رهيا آهن. اهي پنهنجي مرضيءَ سان سفر نہ پيا ڪن. اهي محافظن جي نگهبانيءَ ۾ آهن. اهي خندقون کوٽڻ جو ڪم ڪندا."

(8)

اهي ٽن ڏينهن کان سفر ۾ هئا پر ماسڪو کان گهڻو پري نہ ويا هئا. سردي جي موسم هلندڙ هئي. دريءَ کان ٻاهر پٽڙيون، ٻنيون، ٻيلو ۽ ڳوٺن جي گهرن جون ڇتون سڀ گهري برف ۾ ويڙهيل هئا.

زواگو خاندان خوش قسمت هو جو کين مٿي لڳل برٿن مان هڪ تي ڪنڊ ۾ جاءِ ملي ويئي جيڪا ڇت جي هيٺان لڳل وڏي دريءَ جي بلڪل آڏو هئي. اتي سڄو خاندان آرام سان ويهي رهيو.

ٽونيا مال گاڏي ۾ اڳ ڪڏهن بہ سفر نہ ڪيو هو. اها زمين کان مٿي بيٺي ٽي ۽ ان جا سلائيڊنگ وارا دروازا هئا. پهريون پيرو کين سوار ڪرائڻ لاءِ يوريءَ کي عورتن کي پنهنجي ڪڇ ۾ کڻڻو پيو هو پر پوءِ انهن پاڻ لهڻ ۽ چڙهڻ سکي ورتو هو.

اهو ڏٺو ٽونيا کي ڦيٿن تي هلندڙ ڪنهن اصطبل کان بهتر نہ ٿي لڳو ۽ هن سمجهيو ٿي تہ اهو پهرئين ٿي جهٽڪي سان اڇي پٽ پوندو.

پر ٽن ڏينهن کان ريل جيئن پنهنجي رفتار ۽ طرف بدلايو ٿي تيئن کين اڳتي پوئتي ۽ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي جهٽڪا لڳا ٿي. گذريل ٽن ڏينهن کان سندن هيٺان ڦيٿن ايڏي تيزيءَ سان حرڪت ڪئي ٿي جيئن مشيني رانديڪي جي ڍول تي تيليون حرڪت ڪنديون آهن ۽ هو اڃا بہ ساڳي ريت محفوظ هئا. سندس انديشا بي بنياد هئا.

ٽرين ۾ ٽيويهہ ڏٻا هئا (زواگو خاندان چوڏهين نمبر ڏٻي ۾ هو) جڏهن اها ننڍين اسٽيشنن تي بيٺي ٿي تہ رڳو ان جو اڳيون يا وچ ۽ يا وري پويون حصو پليٽ فارم سان گڏ هوندو هو.

ملاح اڳين ڏٻن ۾ هئا، عام مسافر وچ ۾ ۽ پرتي ڪيل پورهيت پوين اٺن ڏٻن ۾ هئا. اٽڪل هر عمر، درجي ۽ پيشي جا لڳ ڀڳ پنج سئو ماڻهو ٽرين ۾ سوار هئا. هڪ ڏسڻ جهڙو منظر هو. گاڏي هلائيندڙن، فرش صاف ڪندڙن، غسلخانن جي خدمت گارن، غاليچن ۽ هڏين جي تاتاري واپارين، فرار ٿيل چرين، دڪاندارن ۽ راهبن سيني کي ڦرمار ڪندڙ طبقن جي ماڻهن پيٽرزبرگ جي هوشيار ۽ شاهوڪار وڪيلن، واپارين ۽ سيڙپڪارن سان گڏ هڪ ئي جاءِ تي گڏ ڪيو ويو هو.

وڪيل ۽ واپاري رڳو قميصون پائي ڪاٺ جي دڪين تي گرم ٽيل لوهي سگرين آڏو ويٺا هئا ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجا اڻ ڪٿ داستان پئي ٻڌايائون. پوڳ پئي ڪيائون ۽ ٺهڪ پئي ڏنائون. اهي لڳ لاڳاپن وارا ماڻهو هئا ۽ جيڪڏهن ڪا گڙٻڙ ٿئي ٻه ها ته اهي پئسا ڏيئي ان مان جان آجي ڪرائي پئي سگهيا.

ٻيا جن کي بوٽ پهريل اگهاڙين پيرين. پتلون ڪان ٻاهر نڪتل قميص ۾ ڏاڙهي يا ڏاڙهي ڪان سواءِ يا هوا بند ڊٻي جي اڌ کليل دروازن تي پاسن کان لڳل ڪامن کي جهليو بيٺا هئا. انهن ٻاهر نظر ايندڙ هارين ۽ ڳوٺن کي گهوري نهاريو پئي. سندن اکين ۾ ڪنهن قسم جي اميد نظر نٿي آئي.

پرتي ڪيل مزدورن جو تعداد سندن لاءِ مخصوص ڪيل ڊٻن کان گهڻو وڌيڪ هو. جنهن جي ڪري انهن کي چوڏهين نمبر ڊٻي سميت مسافرن وارن ٻين ڊٻن ۾ پڻ رکيو ويو هو.

(9)

جڏهن ٻه ريل بيٺي ٿي ته ٽونيا احتياط سان اٿي ٿي ويٺي ته جيئن سندس مٿو ڇت سان نه ٽڪرائجي ۽ دروازي جي سوراخ مان اهو ڏسڻ لاءِ هيٺ نظر ٿي وڌائين ته ٻاهر وڃڻ مناسب ٿيندو يا نه. ان جو دارومدار اسٽيشن جي ننڍي يا وڏي هئڻ، ترسڻ جي ممڪن وقت ۽ فائدي واري ڏي وٺ جي امڪان تي هو.

ساڳيو قصو هن وقت ٻه هو. ٽرين جي رفتار گهٽ ٿي ته هوءَ جاڳي پيئي. ٽرين جي پٽڙين تبديل ڪرڻ ۽ گهڻن جهٽڪن لڳڻ سان لڳو ٿي ته ڪا وڏي اسٽيشن هئي جتي اها گهڻو وقت بيهندي.

هن پنهنجيون اکيون مهٽي وارن کي درست ڪيو ۽ پوءِ بنڊل ۾ هٿوراڙيون هٽي تهه مان هڪ پريل ٽوال ڪڍيائين جنهن تي گهوڙي، ڦيٽن ۽ ٻهراڙي جي ڇوڪرن جا عڪس ٺهيل هئا.

يوري جيڪو پڻ سجاڳ ٿي چڪو هو ڪيس هيٺ لهڻ ۾ مدد ڪئي. سگنل وارين ڪونڙيون ۽ بجلي جا ٿنيا گذريا ۽ پوءِ برف سان ڍڪيل وڻ جيڪي ٽرين واري پاسي ائين جهڪيل هئا ڄڻ ان جي آجيان ڪري رهيا هجن. ٽرين جي بيهڻ کان گهڻو اڳ ملاح ٽپ ڏيئي برف تي لهي پيا ۽ اسٽيشن جي عمارت جي ان پاسي ڏانهن وٺي ڊوڙيا جتي ٻهراڙي جون عورتون عام طور تي ڪاڏي پيتي جون شيون غير قانوني طور وڪڻنديون هيون.

ملاحن جي وڏن پانچن واري ڪاري وردي ۽ ٽوپي ڪري ماڻهن ڪين پاسي تي رستو ٿي ڏنو جنهن جي ڪري سندن ڊوڙڻ ۾ اچا تيزي اچي ويئي هئي.

عمارت جي ڪنڊ ۾ پر پاسي وارن ڳوٺن کان آيل عورتون ۽ ڇوڪريون هڪ ٻئي پويان لڪندي ايڏو پرجوش هيون ڇڻ ته اهي ڪنهن نجومي کان قسمت جو حال پڇڻ آيون هجن. اسٽيشن جي دروازي جي پاڇي ۾ اهي هڪڙي قطار ۾ بيهي پنير، اپاريل گوشت ۽ گهٽ درجي جي ڪٽڪ جون ملنيون وڪڻي رهيون هيون، جن کي ڪپڙي ۾ ويڙهي رکيو ويو هو ته جيئن اهي گرم رهن. شالن ۾ ويڙهيل اهي عورتون، جن کي انهن پنهنجين رڍ جي کلن اندر ڪري رکيو هو، ملاحن جي چرچن تي شرم ۾ ڳاڙهيون ٿي ٿي ويون. ساڳي وقت هو کانئن ڊنل به هيون. ڇاڪاڻ ته عام طور تي اهي ملاح ئي هئا جن سٽي بازي ۽ غير قانوني قرار ڏنل "آزاد منڊي" خلاف ويڙهه لاءِ جتا منظم ڪيا هئا.

بهرحال ڪين جلد ئي جيئن ترين بيني ۽ عام شهري مسافر به اچي ان ۾ شامل ٿيا، ان گهبراهٽ مان آجپو ملي ويو ۽ واپار تيزيءَ سان ٿيڻ لڳو.

ٽونيا ٽوال ڪلهي تي رکي ان سڄي قطار تي نظر وجهندي ائين گذري ڇڻ هوءَ اسٽيشن جي پويان برف ۾ هٿ منهن ڌوئڻ ويندي هجي. گهڻين عورتن آواز ڏنا: "تو کي پنهنجي ٽوال لاءِ ڇا گهرجي؟" پر هوءَ پنهنجي مڙس جي حفاظت ۾ اڳتي وڌندي رهي.

قطار جي پڇاڙيءَ ۾ ڪاري شال واري هڪ عورت بيٺل هئي. هن پريل ٽوال کي ڏٺو ۽ سندس اکين ۾ چمڪ اچي ويئي. چوڌاري احتياط سان نظر وجهندي هو ٽونيا وٽ هلي آئي ۽ ڪيس پنهنجو سامان ڏيکاريندي سرگوشيءَ ۾ چيائين. "هتي ڏس، آئون شرط ٿي لڳايان ته تو گهڻي عرصي کان اهڙي شيءِ نه ڏٺي هوندي. پسند آهي؟ ان متعلق گهڻو نه سوچ، نه ته اها ٻيو ڪو وٺي ويندو. ان جي اڌ لاءِ تون مون کي پنهنجو ٽوال ڏيندين؟"

ٽونيا آخري اکر نه ٻڌو.

"منهنجي پياري تنهنجو مطلب ڇا هي؟"

عورت جو اشارو هڪ سڄي مٺي کان پڇ تائين ٻن حصن ۾ وڌيل پڪل سهي ڏانهن هو. هن ڪيس اهو ڏيکاريندي چيو ته. "آئون تو کي چوان پيئي ته تنهنجي ٽوال عيوض هڪ اڌ تو کي ڏيندس. تون ڇا پيئي گهوري ڏسين؟ اهو ڪتي جو گوشت ناهي. منهنجو مڙس شڪاري آهي. اهو پڪ ئي پڪ سهو آهي."

انهن پنهنجي شين جي ڏي وٺ ڪئي. هر ڪنهن ائين پئي سمجهيو ته ان فائدي وارو سودو ڪيو هو. تونيا شرمندگي پئي محسوس ڪئي ڇڻ هن ان ٻهراڙي جي عورت سان ٺڳي ڪئي هجي جڏهن ته ان عورت پنهنجي سودي مان خوش ٿي پنهنجي هڪ ساهيڙي کي، جنهن به پنهنجو وکر کپائي ڇڏيو هو. سڏ ڪيو ۽ ساڻس گڏ ٻرانگهون پريندي برف واري رستي تي ڳوٺ ۾ پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي ويئي.

ان وقت ماڻهن ۾ شور ٿيڻ لڳو. هڪ پوڙهي عورت رڙيون ڪري رهي هئي. "اڙي تون! ڪيڏانهن پيو وڃين. منهنجا پئسا ته ڏيندو وڃ. بي شرم چور، تو ڪڏهن مون کي پيسا ڏنا آهن؟ ڏسو هن لالچي سوئر کي. ان کي سڏ ڪيو ۽ هو مڙي ڏسڻ جي تڪليف به نه ٿو ڪري، ترسو! ترسو. آئون توهان کي ٻڌايان ٿي جناب ڪامريڊ. آئون ڦرجي ويئي آهيان. چور کي پڪڙيو. او اهو پيو وڃي ڪيس پڪڙيو!"

"ڪهڙو آهي؟"

"او اهو، جنهن جي ڏاڙهي ڪوڙيل آهي ۽ ڏند شيڪي ڪلي رهيو آهي."

"اهو جنهن جي قميص جي ٻانهن ۾ تنگ آهي؟"

"ها اهو ساڳيو، پڪڙيو ان ڪافر کي!"

"اهو نه، جنهن جي ڪوٽ تي اڳڙي لڳل آهي؟"

"ها، ها او ادا! آئون ڦرجي ويس."

"هتي ڇا پيو ٿئي؟"

"هن همراهه هتي ڪجهه کير ۽ سموسا خريد ڪري کاڌا ۽ پيسن ڏيڻ کان سواءِ هليو ويو. هي عورت ان ڪري رڙيون پئي ڪري."

"ان ڳالهه جي اجازت نه هئڻ گهرجي. ان جي پويان همراهه ڇو نه ٿا وڃن؟"

"ان جي پويان وڃڻ! ان جي سڄي بدن تي ڪارتوسن ۽ بندوقن جي گولين جا پٽا ٻڌل آهن. هو پاڻ تنهنجي پويان پئجي ويندو."

(10)

چوڏهين نمبر ڊبي ۾ به زوري پرتي ڪيل پورهيتن جو وڏو تعداد هو. ساڻن گڏ سنڌن محافظ ورونيڪ به هو. منجهائن ٽي ڄڻا ٻين کان بلڪل مختلف هئا. انهن مان

هڪ پروخورپرتيولوف هو جيڪو پيٽرزبرگ جي سرڪاري شراب جي دڪان ۾ خزانچي هو ۽ خزانچي جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. ٻيو سورنهن سالن جو هڪ ڇوڪرو واسيا بريڪن هو جيڪو هڪ لوهاروٽ ڪم سکندو هو ۽ ٽيون ڪوسٽري امسڪي هو. اهو هڪ انقلابي هو جنهن جو واسطو پورهيتن جي باهمي سهڪار واري جماعت سان هو. هُو پراڻي حڪومت جي سزا وارين سيني جلين تي رهي چڪو هو ۽ هاڻي ڪيس نئين سرڪار جي اهڙين جلين جي خبر پئجي رهي هئي.

اهي پورهيت جن کي جڏهن پيرتي ڪيو ويو هو تڏهن هڪ ٻئي لاءِ بلڪل ئي اوپرا هئا پر آهستي آهستي هڪ ٻئي سان واقفيت حاصل ڪندا ويا. اها خبر پيئي ته خزانچي ۽ واسيا، سيڪڙاٽ ڇوڪرو، ٻنهي جو واسطو ملڪ جي ساڳي علائقي ويااسٽڪ پرڳڻي سان هو ۽ اهو ٻه ته ٽرين سندن ئي شهر مان گذرندي، پريتولوف جو واسطو مالميش سان هو. سندس وار مشين سان ٺهيل هئا. منهن تي ماتا جا داغ هئس ۽ بندرو بدصورت هو. سندس پوري رنگ جو سوئيٽر جيڪو عورتن جو چوليءِ وانگر ڪيس صفا ڇهنيو پيو هو. بغلن وٽان پگهر ڪري ڪارو ٿي ويو هو. هو ڪلاڪن تائين بت جيان خاموش پنهنجين سوچن ۾ غرق ويٺو پنهنجي هٿ جي ترين ڪي اوستائين کنهندو ، هئا هو جيستائين انهن مان رت نہ ٿي نڪتو.

ڪجهہ مهينا اڳ ٻنپهرن جي وقت جڏهن هو نيوسڪي تي وچي رهيو هو تہ ليٽيني اسٽريٽ جي ڪنڊ وٽ مليشيا جي ٽيندڙ چڪاس جي ور چڙهي ويو. ڪيس پنهنجا سڃاڻپ وارا ڪاغذ ڏيکارڻا پيا ۽ خبر پيئي تہ وٽس چوٿين درجي جو راشن ڪارڊ هو. اهڙو ڪارڊ جيڪو پورهيو نہ ڪندڙن کي جاري ڪيو ويندو هو ۽ جنهن سان ڪڏهن ڪجهہ بہ خريد ڪري نہ سگهبو هو. نتيجي ۾ ٻين گهڻن سان گڏ ڪيس بہ گرفتار ڪري فوجي نگراني ۾ بيرڪن ڏانهن نيو ويو. سندس گروپ کي بہ ان کان اڳ واري گروپ جيان خندقن کوٽڻ لاءِ آرڪ اينجل واري محاذ تي موڪليو پئي ويو پر واٽ تي ئي کين ماسڪو رستي اوڀر ڏانهن روانو ڪيو ويو.

لوگا ۾ جتي پرتيولوف جنگ کان اڳ ڪم ڪندو هو، سندس زال رهندي هئي. هن ٻئي ڪنهن جي واتان سندس بدقسمتي متعلق ٻڌو ۽ اهو سوچيندي تہ کيس اتر ڏانهن نيو پئي ويو وولوگدار (جيڪو آرڪ اينجل لاءِ جنڪشن هو) ڏانهن ڀڳي تہ جيئن ساڻس ملي سگهي ۽ سندس آزادي لاءِ ڪوشش ڪري

سگهي. پر ان جٿي ڪي اتي نہ موڪليو ويو هو ۽ اهو بهتر ٿئي ها جيڪڏهن هو گهر تي ئي رهي ها. انهن ڏينهن ۾ اها خبر ئي نہ ٿي پئي تہ ڪير ڪٿي هو.

پيٽرزبرگ ۾ جتي جنگ جي شروعات ۾ پريتولوف کي بدلي ڪري موڪليو ويو هو. هُو پلاگيا تياگونووا نالي عورت سان رهندو هو. جنهن وقت ڪيس گرفتار ڪيو ويو ان وقت پنهي جٿن اتي چهل قدمي پئي ڪئي ۽ بس هڪ ٻئي کان موڪلائي هو پنهنجي گهر لاءِ رواني ٿي هئي ۽ هي ٻئي ڪنهن رتيل ڪم لاءِ روانو ٿيا هئا. پوئتي ڏسندي هو ڪيس اجا بہ ليٽين اسٽريٽ ۾ ماڻهن جي ميڙ ۾ گم ٿيندي ڏسي سگهيو پئي.

هو وچولي طبقي جي هڪ گداز جسم واري عورت هئي. سندس هلڻ جو پروقار انداز، سهڻا هٿ ۽ گهاٽا وار هئا جن کي هن چوٽيءَ ۾ ٻڌي ڇڏيو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪلهن تي لهرايائين ٿي. اها پلاگيا هاڻي ريل جي ڊٻي ۾ هئي. چاڪاڻ تہ هن پنهنجي مرضي سان ساڻس گڏ سفر تي وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو.

اهو چاڻڻ ڏکيو هو تہ اها ڪهڙي شيءِ هئي جنهن عورتن لاءِ هڪ بيڪار ۽ بدصورت شخص کي پرڪشش بڻائي ڇڏيو هو پر اها حقيقت هئي تہ هو ڪيس ڇهڻيون پيون هونديون هيون. اڳئين ڊبي ۾ اوگرسڪووا جي نالي سان سندس هڪ ٻي دوست بہ هئي. اها هڪ سنهڙي سيپڪڙي اڇن ڀروئن واري عورت هئي جنهن ڪنهن نموني سان ٽرين ۾پنهنجي لاءِ جاءِ حاصل ڪري ورتي هئي. ڪيس تياگونووا "پچڪاري"، "ٽونٽي" ۽ ٻين اڻ وڻندڙ نالن سان سڏيندي هئي.

اهي ٻيئي هڪ ٻئي جون جاني دشمن هيون ۽ ڪوشش ڪري هڪ ٻئي آڏو اچڻ کان لنوائينديون هيون. اوگرسڪووا ڪڏهن بہ چوڏهين نمبر ڊٻي ۾ نظر نہ آئي ۽ اهو معلوم ڪرڻ دراصل هڪ پرولي بڻجي ويو تہ نيٺ هو پنهنجي محبوب سان ملي ڪيئن ٿي. شايد جڏهن سيني مسافرن انجڻ ۾ ٻارڻ وجهڻ ۾ مدد ڪئي ٿي تڏهن ڪيس پري کان ڏسڻ تي ئي گذارو ڪيو ٿي.

(11)

واسيا جي ڪهاڻي بلڪل ئي مختلف هئي. سندس پيءُ جنگ ۾ مارجي ويو هو ۽ ماڻس ڪيس پيٽرزبرگ ۾ چاچي ڏانهن ڪم سکڻ لاءِ موڪلي ڇڏيو هو.

هن جي چاچي جو اپرڪنسن بازار ۾ لوهار جو دڪان هو. گذريل سردين جي موسم ۾ هڪ ڀيري ڪيس مقامي سوويت پاران ڪجهه سوالن جا جواب ڏيڻ لاءِ گهرايو ويو هو. هو غلطيءَ وچان پورهيت ڀرتي ڪرڻ واري آفيس اندر هليو ويو هو. اهو ڪمرو ڀرتي ڪيل پورهيتن سان ڀريل هو. ٿوري وقت کان پوءِ سپاهي اندر اچي ويندن ماڻهن کي گهيري ۾ آڻي رات گذارڻ لاءِ سميونسڪي بيرڪن ڏانهن وٺي ويا ۽ صبح جو ڪين اسٽيشن ڏانهن نيو ويو.

ايترين گهڻين گرفتارين جي خبر ترت ئي ڦهلجي ويئي ۽ قيدين جا گهر وارا ڪانئن موڪلائڻ لاءِ پهچي ويا. انهن ۾ واسيا ۽ سندس چاچيءَ به هئا. سندس چاچي محافظ ( وورونيوڪ جيڪو هاڻي چوڏهين نمبر دبي ۾ هو) کي منٿ ڪئي ته ڪيس پنهنجي زال کان موڪلائڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ ڏي، پر هن ڪيس چيو ته اهو ان صورت ۾ ممڪن هو جڏهن هو پنهنجي بدران ٻئي ڪنهن کي اتي وهاري. چاچيءَ واسيا کي اڳتي ڪيو. واسيا کي اندر ڪيو ويو ۽ چاچي کي ٻاهر وڃڻ ڏنو ويو. ان کان پوءِ هن وري پنهنجي چاچي کي نه ڏٺو.

واسيا جنهن کي ڪنهن به قسم جو ڪو شڪ شبهو نه هو. جڏهن ان چال کان واقف ٿيو ته اچي روئڻ ۾ چڙهيو. وورونيوڪ جي پيرن ۾ ليٽڙيون پائي، سندس هٿن کي چمي هن ڪيس درخواست ڪئي ته ڪيس وڃڻ ڏي پر ان جو ڪوبه نتيجو نه نڪتو. اها ڳالهه نه هئي ته وورونيوڪ فطرتي طور سخت ماڻهو هو پر ان هنگامي دور ۾ نظم و ضبط نهايت سخت هو. ڪيس پنهنجي نگراني هيٺ قيدين لاءِ جان جو جوکم ڪٽي جوابده ٿيڻو پوندو هو ۽ انهن قيدين جي باقائدي حاضري ٿيندي هئي. اهڙي ريت واسيا پورهيتن جي ان جٿي ۾ شامل ٿيو.

باهمي سهڪار پارٽي جي انقلابي ڪوسٽوو جي زار ۽ موجوده سرڪار هيٺ ڪم ڪندڙ جيلر گهڻي عزت ڪندا هئا ۽ هن هميشه ساڻن دوستاڻا ناتا رکيا هئا. هن گهڻا ڀيرا قافلي جي اڳواڻ جي توجهه واسيا جي خراب حالت ڏانهن ڏياري. قافلي جي اڳواڻ اها ڳالهه مڃي ته اها تمام وڏي غلط فهمي هئي پر سندس چوڻ هو ته قاعدن قانونن جي ڏکيائن جي ڪري هو منزل تائين پهچڻ کان اڳ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهي. هن واعدو ڪيو ته ان کان پوءِ هن سلسلي ۾ هو پنهنجي پاران پوري ڪوشش ڪندو.

واسيا سٺو نقشن وارو هڪ پرڪشش ڇوڪرو هو جيڪو هڪ شاهي خدمتگار يا تصويرن ۾ نظر ايندڙ ملائڪ جيان لڳندو هو. هو غير معمولي طور

معصوم هو ۽ سندس عادتون بہ بگڙيل نہ هيون. سندس پسنديده مشغلو پٽ تي پنهنجن وڏڙن جي پيرن ۾ ويهي، ٻيٺي هٿ گوڏن سان ويڙهي، ڏانهن ڏسندي سندن ڳالهين يا مهمر جوئين کي ٻڌندو رهڻ هو. سندن چهري جي تاثرن کي ڏسندي جڏهن هو پنهنجن ڳوڙهن يا ٽهڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ ماڻهو ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ جو اندازو لڳائي سگهندو هو.

(12)

زواگو خاندان پاران انقلابي ڪوستوو کي رات جي ماني؛ تي مدعو ڪيو ويو هو. هو ساڻن ڪنڊ ۾ ويٺو سهي جي ٽنگ کي وڏي آواز سان چپاڙي رهيو هو. هو ٽڏ کان گهٽو ڊنو تي. ان کان بچاءَ لاءِ هن گهٽا پيرا پنهنجي جاءِ تبديل ڪئي ۽ نيٺ ڪيس مناسب جاءِ هٿ اچي ويئي. "اها بهتر آهي." هن چيو. هن هڏي چپاڙي بس ڪئي، آڱرين کي چوسي انهن کي رومال سان اگهيائين ۽ پنهنجن ميزبانن جو ٿورو مڃيندي چيائين تہ. "توهان جي دري پوري ريت بند نہ ٿي ٿئي، ان کي پٽي مصالحي سان بند ڪرڻ گهرجي. پر اسان جي وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهہ ٻولهہ ڏانهن موٽندي اها تہ پڪي ڳالهہ آهي تہ پڳل سهو واقعي هڪ بهترين شيءِ آهي.

پر ان مان اهو نتيجو نہ ٿو ڪڍي سگهجي تہ هاري خوشحال ٿي رهيا آهن."

"ڇڏ انهن سيڪجهہ کي." يوري چيو. "انهن اسٽيشنن تي نظر وجهہ جن تي گاڏي بيهي ٿي. وڻ ۽ لوڙها اڃا تائين برقرار آهن ۽ ماڻهن انهن کي ٻارڻ لاءِ وڍيو ناهي. بازارون! ۽ وري عورتون! سو چ تہ ڪيڏي نہ عاليشان شيءِ آهي! گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن جاءِ تي زندگي اڃا روان دوان آهي ۽ ماڻهو ان مان خوش آهن. هر ڪو ويل ۾ ناهي. ڇا اهو هرشيءِ جو جواز ناهي؟"

"ائين هجي ها تہ ٺيڪ هو پر اهو رڳو ائين ناهي. تون ڪيئن سمجهين ٿو تہ اهو ائين آهي؟ تو کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ ملڪ جي اندرين علائقن ۾ جيڪي ريلوي لائين کان پنجاهہ يا سو ميلن جي مفاصلي تي آهن، ڇا ٿي رهيو آهي. هاري اٿي کڙا ٿيا آهن. بغاوتن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو هلندڙ آهي، تون اهو چوندين تہ اهي بنا ڪنهن فرق جي ڳاڙهن ۽ اڇن مان جيڪو بہ اقتدار ۾ آهي، ان جي خلاف وڙهي رهيا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي بس حڪومت جا مخالف آهن ۽ ڪين اها ڄاڻ ناهي تہ سندن ضرورت ۽ گهرون ڪهڙيون آهن. پر مون کي ان سان اختلاف آهي. هاريءَ

ڪي ته ڪان يا مون ڪان بهتر طور تي اها ڄاڻ آهي ته ڪيس ڇا گهرجي. پر ڪيس بلڪل ٿي مختلف شيءِ جي ضرورت آهي.

جڏهن انقلاب آيو ته ان ڪيس سجاڳ ڪري ڇڏيو. هن فيصلو ڪيو ته هُو سندس پنهنجي ليکي آزاديءَ سان ڪنهن ڏانهن جوابده هئڻ ڪان سواءِ زمين تي رهي ۽ ڪم ڪرڻ واري صدين پراڻي خواب جي تڪميل ڪري. پر هن ڏٺو ته اها رڳو اهڙي تبديلي هئي جنهن ۾ زار جي پراڻي ڏاڍ جي جاءِ اعليٰ انقلابي رياست جي نئين ۽ وڌيڪ سخت نظام ورتي هئي. ڇا تو ڪي عجب ٿي سگهي ٿو ته ڳوٺن ۾ بي چيني آهي ۽ ماڻهو مطمئن ناهن! ۽ تون ٿو چوين ته اهي خوش آهن! نه منهنجا پيارا دوست گهڻين شين جي تو ڪي خبر ناهي ۽ جيئن آئون سمجهان ٿو ته لڳي ائين ٿو ته جڻ تون انهن ڪي ڄاڻڻ به نه ٿو چاهين."

"اهو نيڪ آهي. آئون اهو چوندس ته واقعي آئون نه ٿو ڄاڻڻ چاهيان. پلا مون ڪي هر شيءِ ڪي ڄاڻڻ ۽ انهن بابت پاڻ ڪي پريشان ڪرڻ جي ضرورت به ڪهڙي آهي؟ تاريخ مون سان صلاح ناهي ڪئي. مون ڪي ته جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو ان سان گڏ هلڻو آهي. ته پوءِ پلا آئون حقيقتن ڪي نظر انداز ڇو نه ڪري ڇڏيان؟ تون مون ڪي چوين ٿو ته اها ڳالهه غيرحقيقي آهي پر اڄ روس ۾ حقيقت ڪٿي آهي؟ منهنجو اهو يقين آهي ته ان ڪي ڊيڄاري غائب ڪيو ويو آهي. اهو سچ آهي ته آئون اهو يقين ڪرڻ چاهيان ٿو ته هاري اڳ ڪان بهتر آهن ۽ ڳوٺ سکيا ستابا آهن. جيڪڏهن ان تي آئون يقين نه ٿو ڪري سگهان ته پوءِ مون ڪي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڪنهن تي آئون ڀروسو ڪريان، ڪنهن جي آسري تي جيئرو رهان؟ مون ڪي جيئرو رهڻو آهي. ڇاڪاڻ ته منهنجو خاندان آهي."

هو مايوسيءَ واري انداز ۾ بحث ڪي پنهنجي سهري جي حوالي ڪندي پاڻ اتان هٽي برٽ جي ڪنڌ وٽان ڪنڌ لتڪائي اهو ڏسڻ لڳو ته هيٺ ڇا ٿي رهيو هو.

"خزانچي." پرتيولوف ۽ سندس دوست پيليگيا واسيا ۽ محافظ وورونيڪ سان ڳالهه ٻولهه ۾ مصروف هئا. تمام جلد ترين واسيا ۽ پرتيولوف جي شهر پهچڻ واري هئي ۽ پريتيولوف پنهنجي ڳوٺ ڏانهن ويندڙ واٽ ڪي ياد ڪري رهيو هو واٽ جي چونڊ جو دارومدار ان ڳالهه تي هو ته ماڻهو گهوڙي تي ٿو وڃي يا پنڌ ڳوٺن جي انهن طلسمي ۽ مانوس نالن ڪي واسيا چمڪندڙ اکين سان ائين ٿي ورجايو ڄڻ ڪنهن مٿس جادو ڪري ڇڏيو هجي.

”تون ڊرائي فورڊ تي لهندو آهين؟“ جوش ۽ جذبات ڪري سندس آواز نہ پئي نڪتو. ”۽ پوءِ تون بيوسڪي ويندو آهين؟“

” ها ٺيڪ آهي. تون بيوسڪي واري سڙڪ تي وڃ.“

”اهو ٺي تہ آئون بہ چوان پيو تہ بيوسڪي، بيوسڪي ڳوٺ يقينا مون کي اها خبر آهي. هتان ئي اسان کي ورتينڪي پهچڻ لاءِ ساڄي ۽ وري ساڄي مڙڻو پوندو آهي. تنهنجي وات ضرور ڪاٻي پاسي کان هوندي، درياءَ کان پرتي، ائين آهي يا نہ؟ تو پيلگا درياءَ جو نالو ٻڌو آهي؟ ها، ضرور ٻڌو هوندو. اهو ئي تہ اسان جو درياءَ آهي. تون درياءَ سان گڏ هلندو وڃ. پرتي درياءَ جي مٿان ساڄي پاسي ٽڪريءَ تي اسان جو ڳوٺ ورتينڪي آهي! اهو بلڪل ڪناري تي آهي ۽ ايڏي لاهيءَ آهي جو قسم خدا جو مٿو ڦرڻ ٿو لڳي. هيٺ پٿرن جي هڪ کاڻ آهي ۽ انهن پٿرن مان چڪي جا پڙ ٺهن ٿا. اتي ئي ورنتينڪي ۾ منهنجي ماءُ ۽ ٻہ ڀينر اليا ۽ اريا رهنديون آهن. چاچي پيليگيا منهنجي ماءُ جي صورت ٿوري تو جهڙي آهي پر هو جوان ۽ سهڻي آهي. چاچا وورونيڪ مهرباني ڪري، چاچا وورونيڪ يسوع مسيح جي واسطي، آئون توکي هٿ ٿو ٻڌان. خدا جي واسطي.... چاچا وورونيڪا!“

”اهو ڇا آهي پلا؟ چاچا چاچا لڳائي ڏني اٿئي. مون کي خبر آهي تہ آئون تنهنجو چاچو ناهيان. تون مون کان ڪهڙي توقع ٿو رکين؟ ڇا آئون چريو آهيان؟ جيڪڏهن مون توکي وڃڻ ڏنو تہ اهو منهنجو انت هوندو. اهي مون کي ديوار سان بيهاري گولي هڻي ڇڏيندا.“

پلاگيااتياگونووا سوچ ۾ ٻڏل دريءَ مان ٻاهر ڏسندي واسيا جي ڳاڙهن وارن ۾ هٿ ڦيري رهي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن ڏانهس جهڪندي مرڪيو ٿي، ڇڻ چئي رهي هجيس، ”بيوقوف نہ ٿيءُ. اها اهڙي ڳالهہ ناهي جيڪا وورونيڪ سان سيني آڏو ڪئي وڃي. پريشان نہ ٿي. صبر ڪر سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.“

(13)

جڏهن وچولو روس پوئتي ڇڏي پنهنجي منزل ڏانهن اوير پاسي وڌيا تہ عجيب و غريب واقعا رونما ٿيڻ شروع ٿيا. اهي ملڪ جي وڳوڙ ۾ ورتل علائقي مان گذري رهيا هئا. انهن شهرن مان جتي هٿيار بند جٿن جو راڄ هو. انهن ڳوٺن مان جتي تازو بغاوتن کي دٻايو ويو هو.

ٽرين هلندي هلندي رستي جي وچ ۾ ڪٿي نہ بيهي ٿي رهي ۽ حفاظتي گشتي دستن مسافرن جي ڪاغذن ۽ سامان جي جاچ پڙتال شروع ٿي ڪئي.

هڪ ڀيري اهي رات جو ڪٿي بيٺا پر نہ ڪير اندر آيو ۽ نہ ئي ڪنهن کي جاڳايو ويو.

يوري سوچيو تہ ڇا ڪو حادثو ٿيو هو ۽ معلومات ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري ويو.

اونداهي هئي. ٽرين هڪ کليل ميدان ۾ جتي پٽڙي جي ٻنهي پاسن کان وڻن جون قطارون هيون، ڪنهن ڪارڻ کان سواءِ بيهي رهي هئي. ٻين مسافرن، جيڪي ٻاهر نڪري آيا هئا ۽ برف تي زور سان پير پٽي هنيائون، يوريءَ کي ٻڌايو تہ ٻي ڪابہ گڙ ٻڙ نہ هئي پر ڊرائيور اڳتي هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. سندس چوڻ هو تہ اهو حصو خطرناڪ هو ۽ ان کي اڳ ۾ ٽرالي ذريعي جاچڻ گهرجي. مسافرن جا نمائندا ڳالهائڻ لاءِ ونس ويا هئا ۽ جيڪڏهن ضروري هوندو تہ سندس مٺ بہ گرم ڪري ڇڏيندا. ملاح بہ ان ۾ دلچسپي وٺي رهيا هئا ۽ يقينا پنهنجي ڳالهہ مڃرائي وٺندا.

ٽرين جي اڌو پيل برف ٽرين جي بتي جي ڪوئلن جي ٻاهہ جي روشني ۾ وقفي وقفي سان چمڪي رهي هئي. اهڙي ئي هڪ اوچتي تيل روشنيءَ ۾ ڪيئي ڪارا پاڇا انجڻ جي پاسي کان ڊوڙندا نظر آيا.

انهن مان پهريون شايد ڊرائيور هو جيڪو ڊوڙندي اڳين ڪنڌ تائين پهتو ۽ بفر تان ٽپو ڏيئي ائين غائب ٿي ويو ڄڻ زمين کيس ڳهي ويئي هجي. سندس پويان ڊوڙندڙ ملاحن بہ بلڪل ائين ئي ڪيو يعني انهن بہ ٽپ ڏنو ۽ غائب ٿي ويا.

ان ڳالهہ يوريءَ سميت سڀني مسافرن ۾ هڪ تجسس پيدا ڪري ڇڏيو ۽ اهي ڏسڻ ويا تہ معاملو ڪهڙو هو.

بفر جي پويان جتي سندن اڏو پٽڙي کلي ٿي، ڪين هڪ حيرت انگيز منظر پسڻ ۾ آيو. پٽڙي جي پر واري پاسي ڊرائيور جو مٿيون ڌڙ ان گهري برف مان ٻاهر نڪتل هو جنهن ۾ هو ڪريو هو. سندس پيڇو ڪندڙ ائين سندس چوڌاري اڌ گول ٺاهيو بيٺا هئا جيئن شڪاري شڪار کي گهيري بيهندا آهن. ان جيان اهي بہ چيلهہ تائين برف ۾ پوريل هئا.

"مهرباني دوستو! ڪهڙا نہ سٺا انقلابي ملاح آهيو توهان." ڊرائيور رڙيون پئي ڪيون. "ڪهڙو نہ سٺو نظارو آهي. ملاح هڪ ساٿي پورهيت جو بندوقون ڪٿي

ترني ڪلمز اسٽيشن جو اهوئي ڪجهه وڃي بچيو هو. ان جو نالو اجا تائين عمارت جي ڪارانيل مهڙ تي ڏنڌلو نظر آيو ٿي. ان جي پويان برف ۾ ويڙهيل ويران ڳوٺ هو. اهو پڻ باهه ۾ تباهه ٿي ويو هو. آخري گهر ٻري خاڪ ٿي ويو هو. ان جي پاسي واري گهر جي ڪنڊن وارا ڪاٺ ڪري پيا هئا. سڄي رستي تي پگهل برفاني گاڏيون، لوڙها، ڌاتو جا ڪسيل ٽڪرا ۽ پگهل فرنيچر وڪريا پيا هئا. برف باهه جي ڪاراٺ سان گندي ٿي ويئي هئي ۽ ڇميل برف جي هيٺان ڌرتي جا ڪارا ٽڪرا اڌ ٻريل ڪاٺ جي ٻاهر نڪتل ٽڪرن جي صورت ۾ نظر اچي رهيا هئا جن مان انهن ڪوششن جي خبر پيئي ٿي جيڪي ماڻهن باهه کي وسائڻ لاءِ شعلن تي پاڻي وجهي ڪيون هيون.

اها جاءِ درحقيقت ايتري مٿل نه هئي جيتري لڳي ٿي. اتي ڪجهه ماڻهو اڃا موجود هئا. اسٽيشن ماسٽر ڪنڊر مان ٻاهر نڪتو ۽ گارڊ ٽرين مان ٽپ ڏيئي هيٺ لٿو ۽ ساڻس ڳالهائڻ لڳو ته، ”منهنجو خيال آهي ته ڳوٺ کي باهه لڳي هئي ۽ اسٽيشن به ان سان گڏ ٻري ويئي.“

” پلي ڪري آيا ۽ شل توهان جو سٺو ڏينهن گذري! واقعي هتي باهه لڳي هئي پر ڳالهه ان کان به بدتر هئي.“

”مون کي تنهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نه پيئي اچي.“

”بهتر ٿيندو ته اهڙي ڪوشش به نه ڪر.“

”تنهنجو مطلب استريانڪوف سان ته ناهي؟“

”منهنجو مطلب اهو ئي آهي.“

”ڇو؟ توهان ڇا ڪيو هو؟“

”اسان ڪجهه به نه ڪيو هو. اهي اسان جا پاڙيسري هئا پر پوکڻو اسان دي پيو. تون اهو ڳوٺ ڏسين پيو نه..... ترني ڪلمز جيڪو استنمنسڪ جي علائقي ۾ آهي.... اهو سڀ انهن جي ڪري ٿيو.“

”پر انهن ڏوهه ڪهڙو ڪيو هو؟“

”ست جا ست وڏا گناهه. پهريون اهو ته غريب هارين واري ڪميٽي ٽوڙي ڇڏيائون. ٻيون ڳاڙهي فوج کي گهوڙن ڏيڻ کان انڪار ڪيائون (۽ تون سوچ ته اهي سڀئي تاتار آهن. گهوڙيسوار) ۽ ٽيون اهو ته فوج ۾ ڀرتي ٿيڻ واري حڪم نامي جي مزاحمت ڪيائون.“

"ها آئون سمجهي ويس، بلڪل سمجهي ويس، ته پوءِ مٿن بم اڇلايا ويا؟"

"ظاهر ڳالهه آهي."

"بکتر ترين مان."

"يقينا"

"نهايت ڏک جي ڳالهه آهي، بهرحال اسان جو ان سان ڪوبه واسطو ناهي."

"بهرحال اهو سيڪجهه ختم ٿي ويو آهي پر مون وٽ تنهنجي لاءِ ڪا چڱي خبر ناهي. منهنجو خيال آهي ته توهان کي هتي ٻن ڏينهن تائين ترسڻو پوندو."

"تون مذاق پيو ڪرين. آئون فوجين کي محاذ تي وٺي وڃي رهيو آهيان."

"آئون بلڪل به مذاق نه پيو ڪريان. هتي هڪ هفتي کان برف کي صاف ڪرڻ وارو ڪوبه ناهي. اڌ ڳوٺ وارا پڇي ويا آهن. آءٌ باقي ماڻهن کي ڪم تي لڳائي ڇڏيندس پر اهي ڪافي ناهن."

"لعنت پوي. هاڻي آئون ڇا ڪريان؟"

"اسان ان کي مقرر وقت ۾ صاف ڪري وٺنداسين."

"برف ڪيتري گهري آهي؟"

"گهڻي خراب ناهي. مختلف جاين تي مختلف آهي. سڀ کان خراب ٽڪرو وچ وارو آهي. اٽڪل ٻه ميل ڊگهو آهي. ان کي صاف ڪرڻ ۾ اسان کي تڪليف ٿيندي. اڳتي ٻيلن بدترين برف کي پٽڙي کان پري رکڻ ۾ مدد ڪئي آهي ۽ هن پاسي کليل ميدان آهي، تيز هوا ڪجهه برف کي پرتي ڪٽي ويئي آهي."

"ڪهڙي نه مصيبت آهي، آئون مسافرن کي ان ڪم تي لڳائي ڇڏيندس."

"مون پاڻ اهو ئي پئي سوچيو."

"اسان کي ملاحن کي تڪليف ڏيڻ نه گهرجي. پر ان کان سواءِ پرتي ڪيل پورهيت ۽ ٻيا مسافرگڏجي اٽڪل ست سو ڄڻا ٿيندا."

"اهي گهربل تعداد کان ٻه وڌيڪ آهن جيئن ئي بيلچا ملندا تيئن اسين ڪم شروع ڪري ڇڏينداسين. اهي اسان وٽ ڪجهه گهٽ تعداد ۾ آهن ۽ ٻين لاءِ پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ ماڻهو موڪليا اٿئون. اهي جلد ئي هتي پهچي ويندا."

"اوه خدا. ڇا نه بدقسمتي آهي، ڇا تون سمجهين ٿو ته اسين اهو ڪري وٺنداسين؟"

"يقيناً اسان ڪري وٺنداسين. چونڊا آهن ته شهر تعداد جي وزن سان فتح ٿيندا آهن ۽ اها ته رڳو ريل جي پٽڙي ئي آهي. تون فڪر نه ڪر."

(15)

پٽڙي صاف ڪرڻ ۾ ٽي ڏينهن لڳا ۽ زواگو خاندان جي سيني ماڻهن ايستائين ته نيوشا به ان ۾ بهرو ورتو. اهي سفر جا ٽي بهترين ڏينهن هئا.

ٻهراڙي جو هڪ پراسرار منظر هو. ان ۾ ڪا اهڙي شيءِ هئي جنهن پشڪن جي بيان ڪيل پگاچوف جي هڪ بغاوت ۽ اڪساڪوف جي وحشي ايشيا جي تصويرن جي ياد ڏياري ٿي. ڪنڊرن اجا پراسراريت ۾ واڌارو ڪيو ٿي. ساڳي ريت باقي بچيل ڳوٺاڻن جو شڪ سان ڀريل محتاط رويو هو جيڪي جاسوسن ڪان ڊنل هئا ۽ مسافرن ڪان لنوايو ٿي. اهي ايستائين جو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ڪان به پرهيز ڪندا هئا.

ڪارڪنن کي گروهن ۾ ورهايو ويو هو. پرتي ڪيل پورهيتن کي ٻين مسافرن ڪان ڌار رکيو ويو هو. سڄو علائقو فوج جي گهيري ۾ هو. ريلوي لائين جي ان ٽڪري کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويو هو. هر گروهه کي هڪ حصو ڏنو ويو هو ۽ سيني کي ساڳي وقت ڪم وارين جاين تي موڪليو ۽ ڪم شروع ڪرايو ويو هو. مختلف حصن وچ ۾ برف جي نهيل ٽڪرين انهن گروهن کي هڪ ٻئي ڪان لڪائي رکيو هو ۽ آخر تائين اهي هڪ ٻئي ڪان ڌار ٿي رهيا.

ڪارڪنن سڄو ڏينهن کليل ميدان ۾ گذاريو ۽ رڳو سمهڻ لاءِ موٽي پنهنجين جاين ڏانهن ويا. ڏينهن سنا هوندا هئا ۽ ڪوهيڙو ڇانيل هوندو هو. بيلچا گهٽ تعداد ۾ هئڻ ڪري ڪم جو وقت گهٽ هوندو هو. انتهائي خوش ڪن ڪم هو.

يوري جي پٽڙي واري حصي ۾ هڪ سنو منظر هو. اوڀر وارو ميدان ماٿريءَ ۾ هيٺ ٽي پوءِ لهرن جي شڪل ۾ آسمان تائين مٿي ويو ٿي.

ٽڪريءَ مٿان هڪ اڪيلو گهر هو جيڪو هر پاسي ڪان هوائن جي رخ تي هو. ان جي چوڌاري هڪ باغ هو جيڪو گرمين جي موسم ۾ ضرور ان کي تحفظ ڏيندو هوندو پر سردين ۾ خالي ٿيل ٽاريون هاڻي ان لاءِ ڪو پر جهلو نه هيون.

برف سيني ڪندن، ڪنارن کي غائب ڪري ڇڏيو هو پر ان چشمي جي چڪر ڪائيندڙ پيٽ کي پوري ريت لڪائي نه سگهي هئي جيڪو بهار جي مند ۾ ريلوي لائين جي هيٺان وهندو هوندو پر هاڻي برف سان ڍڪيو پيو هو. بلڪل ائين جيئن کٽ تي ستل ٻار جو مٿو بدڪ جي اڇن پرن سان نهيل، وهاڻي ۾ لڪل هجي.

يوري سوچيو تہ ڇا ٽڪريءَ تي ٺهيل ان گهر ۾ ڪير رهي ٿو يا اهو خالي هو ۽ ڪنڊر بڻجندو پئي ويو ۽ ڪنهن زرعي ڪميٽي کي ڏنو ويو هو؟ انهن ماڻهن جو ڇا ٿيو جيڪي ڪڏهن ان ۾ رهندا هئا؟ ڇا اهي پرڏيهہ هليا ويا؟ يا هارين جي هٿان مارجي ويا؟ يا اهي هردلعزيز هئا ۽ جيڪڏهن اهي اتي رهي پيا هئا تہ ڇا استريانڪوف کين بخشي ڇڏيو هو يا سندن شاهوڪار آبادگارن وارو حشر ٿيو هو؟

گهر سندس تجسس کي اڀاريندو رهيو پر پنهنجي غمگين خاموشيءَ کي برقرار رکيائين. انهن ڏينهن ۾ سوالن جو رواج نہ هو ۽ ڪير انهن جا جواب بہ نہ ڏيندو هو.

برف تي سج جي روشني عجب چمڪ پيدا ڪري رهي هئي ۽ يوري برف جي ٽڪرن کي ايتري صفائي سان وڍي رهيو هو جيئن خشڪ ۽ چمڪندڙ هيرا هجن. ان کيس پنهنجو ننڍپڻ ياد ڏياري ڇڏيو. هن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي گهر جي ڪمپائونڊ ۾ اڻيل ٽوپي ۽ رڍ جي کل، جنهن ۾ هُڪ لڳل هئا، پاتل ڏٺو. هو ان وقت برف مان مختلف صورتون جهڙوڪ اهرام، قلعا، ۽ غارن وارا شهر وغيره ٺاهيندو هو. انهن گهڻو ڏور ويل ڏينهن ۾ زندگيءَ جو وڏو مزو هوندو هو .هر شيءِ اکين ۽ پيٽ لاءِ نعمت هوندي هئي.

پر هن وقت کليل هوا ۾ ڪيل انهن ٽن ڏينهن جي ڪم دوران ڪارڪنن کي پنهنجي پيٽ پرجڻ جو هڪ خوشگوار احساس هو. اها ڪا عجب جي ڳالهہ نہ هئي. رات جو کين گرم تازي روٽي جا وڏا ٽڪر ڏنا ويندا هئا (ڪنهن نہ ٿي ڄاتو تہ اهي ڪٿان ۽ ڪنهن جي حڪم سان ٿي آيا) اهي مزيدار هيون. مٿان چمڪندڙ ۽ اندران ڪرڪرا هئا.

## (16)

کين تباهہ ٿيل اسٽيشن سان بلڪل ائين محبت ٿي وئي هئي جيئن جبل تي چڙهڻ وقت جابلو پناهہ گاهہ سان ٿي ويندي آهي. انهن ان جي صورت، ان جو هنڌ ۽ ان کي پهتل نقصان جي تفصيلن کي پنهنجي ذهن ۾ محفوظ رکيو.

هر شام جڏهن سج پنهنجي پراڻي عادت مطابق هميشہ جيان تار واري جي دريءَ ٻاهران بيدمُشڪ جي وڻ پويان لهندو هو تہ اهي اتي پهچندا هئا.

ٻاهرين ديوار جو هڪ حصو ڪري پيو هو جنهن جي ڪري ڪمري ۾ هڪ وڏو سوراخ ٿي پيو هو پر دري اڃا اتي باقي هئي. ان جي سامهون واري ڪنڊ کي بہ

ڪجهہ نہ ٿيو هو. ان تي لڳل پوري رنگ جو ڪاغذ بہ ساڳي طرح موجود هو. سرن واري چلهہ پنهنجي هوا گذرڻ جي گول سوراخ ٽامي جي ڍڪ ۽ ڪاري فريم ۾ لڳل دفتر جي سامان جي فهرست وغيره ِ اهي سڀ ساڳي ريت اتي لڳل هئا.بلڪل ان تباهي اچڻ واري وقت کان اڳ جيان لهندڙ سج بيدمُشڪ جي وڻ جي پاڇي کي ائين هُڪ تي ٽنگي ٽي ڇڏيو جڻ اهو ڪنهن عورت جو اسڪارف هجي.

عمارت جي پويان انتظار گاهہ تباهہ ٿي ويئي هئي پر ان جي تالي لڳل دروازي تي اجا بہ اهو نوٽيس لڳل هو جيڪو فيبروري انقلاب جي شروعاتي ڏينهن ۾ يا ان کان ٿورو اڳ ۾ لڳايو ويو هو. ان ۾ چيل هو تہ:

”اهي مسافر جن کي دوا ۽ مرهم پٽي جي ضرورت آهي، اها وينتي ڪجي ٿي تہ في الحال ان لاءِ زحمت نہ ڪن. ظاهر ظهور ڪارٽن جي ڪري آئون دروازو بند ڪري رهيو آهيان ۽ ان جي آگاهي ڏيئي رهيو آهيان.“

دستخط

ميڊيڪل اٽينڊنٽ

است نمونسڪ ڊسٽرڪٽ

پٽڙيءَ جي مختلف حصن جي وچ مان برف جا ڍير هٽائڻ کان پوءِ اهو ممڪن ٿي سگهيو تہ پٽڙيءَ کي پري فاصلي تائين ڏسي سگهجي جيڪا سڌي تير جيان هلي ويئي هئي. هتايل برف جا ٽڪر پٽڙيءَ جي ٻنهي پاسن کان چمڪي رهيا هئا ۽ انهن سان گڏ جهنگل جي ڪاري ديوار هئي.

بيلچا کنيو ماڻهن جا گروهہ سڄي پٽڙيءَ تي ٿوري ٿوري فاصلي تي بيٺا هئا. هڪ ٻئي کي ڀهريون پيرو ڏسندي اهي ان ڳالهہ تي حيران هئا تہ اهي ايترا گهڻا هئا.

(17)

جيتوڻيڪ دير ٿي ويئي هئي ۽ جلدئي اونداهي ٿيڻ واري هئي پر ٽرين متوقع طور ڪجهہ ڪلاڪن اندر رواني ٿيڻ واري هئي. يوري ۽ ٽونيا هڪ پيرو بيهر صاف ٿيل پٽڙيءَ جي نظاري جو لطف وٺڻ لاءِ ٻاهر نڪتا پر هاڻي اتي ڪوبہ نہ هو. انهن پري تائين نظر ڊوڙائي، پاڻ ۾ بہ ٽي لفظ ڳالهايائون ۽ موٽي آيا.

پنهنجي دبي ڏانهن ويندي انهن ٻن عورتن جا آواز ٻڌا جيڪي پاڻ ۾ سخت جهيڙو ڪري رهيون هيون. انهن ڪين سڃاڻي ورتو. اهي اوگرزيڪو ۽ تياگونووا هيون. اهي ٻه ساڳي طرف وڃي رهيون هيون جيڏانهن اهي پٽي ويا پر هو ٽرين جي ٻئي پاسي هٽڻ ڪري دٻن جي هڪ ڊگهي قطار ۾ لڪي ويا هئا. ائين پٽي لڳو ته عورتون يوري ۽ ٽونيا سان گڏ نه پٽي هليون پر ڪڏهن اڳتي نڪري ٿي وڃون ۽ ڪڏهن پوئتي رهجي ٿي ويون.

بظاهر اهي گهٽي جوش ۾ هيون ۽ ائين ٿي لڳو ته چڻ سندن طاقت جواب ڏيئي ويئي هئي. سندن گهٽ وڌ ٿيندڙ آواز مان ائين لڳو ٿي ته يا ته سندن ٽنگن سندن بار کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو يا وري اهي ٿاٻڙجي ۽ برف جي ڍير مٿان ڪري رهيون هيون . ائين ٿي لڳو ته تياگونووا اوگرزيڪو جي پويان ڊوڙي رهي هئي ۽ ڪيس پڪڙي مڪون ٻه هڻي رهي هئي. هن ڪيس اهي سڀ گاريون پٽي ڏنيون جيڪي هوءَ سوچي ٻه نٿو سگهي ٿي،سندس مهذب ۽ سريلي آواز انهن گارين کي انهن گارين کان گهڻو وڌيڪ بي شرم ۽ فحش بڻائي ڇڏيو هو جيڪي هڪ مرد جي واتان نڪرنديون آهن.

"تون رنڊي، ذليل عورت" هن رڙيون ڪندي چيو، " آئون توکي هر وقت ناز نخرا ڪندي ۽ ٽينگ ٽپا ڏيندي ڏسان ٿي. ڇا منهنجو پوڙهو بي وقوف تنهنجي لاءِ ڪافي ناهي جو تون هڪ ڪير پياڪ ٻار سان اکيون ٿي اڙائين ۽ هڪ نابالغ کي ٿي ورغلائين؟"

"مطلب ته واسيا ٻه تنهنجو مڙس آهي. اها ته ڏاڍي سٺي ڳالهه آهي."

"تون ڪني عورت، آئون توکي ٻڌايان ٿي ته مڙس ڇا ٿيندو آهي. هڪ وڌيڪ اکر وات مان ڪڍيو اٿئي ته آئون توکي ماري ڇڏينديس."

"هائي هائي پنهنجون اهي مڪون پاڻ تائين رک. توکي نيٽ کپي ڇا ٿو؟"

"آئون توکي مٿل ڏسڻ چاهيان ٿي، تون گندي جوءِ، ڪني ٻلي، بي شرم ڪتي."

"آئون ته اهو ئي ڪجهه آهيان نه. واقعي آئون ته تو جهڙي شاندار عورت جي پيٽ ۾ ٻلي ۽ ڪتي کان وڌيڪ حيثيت نه ٿي رکان! غلاظت ۾ پيدا ٿيل، ڪڏ ۾ پرڙيل، ڪوئي سان ستل، وات ڳاڙهي ....مدد! مدد! قتل! هي مون کي ماري ڇڏيندي! هڪڙي يتيم جي مدد ڪريو. هڪ بي آسرا غريب ڇوڪريءَ جي مدد ڪريو!"

"جلدي اچ"، تونيا تڪڙو هلندي چيو."اهو سيڪجهه ٻڌڻ منهنجي سهپ کان ٻاهر آهي. نهايت گنديون ڳالهيون آهن. ان جو نتيجو نهايت خراب نڪرندو."

(18)

اوچتو موسم ۽ منظر سيڪجهه تبديل ٿي ويو. ميداني علائقو ختم ٿي ويو ۽ ريل جي پٽڙي جابلو علائقي ۾ ٽڪرين جي وچ مان گذري رهي هئي. اتر جي هوا بند ٿي ويئي هئي ۽ ڏکڻ مان گرم هوا جا جهوٽا اچين ٿي آيا جڻ ڪنهن بٺيءَ مان اچي رهيا هجن.

جابلو لاهين تي وڻن جون قطارون هيون. جڏهن پٽڙي انهن جي وچ مان گذري ٿي تہ ريل ڪي ٻيلي جي وچ تائين پهچڻ تائين تيزيءَ سان مٿي چڙهڻو پوندو هو ۽ پوءِ تيزيءَ سان هيٺ لهندي هئي. ريل چڪ چڪ ڪندي، دونهن ڪيندي وڏي ڏکيائي سان ٻيلي واري رستي تي پاڻ کي ائين گهلي رهي هئي جڻ ڪو بلڪل پوڙهو ٻيلي جو محافظ مهڙ ۾ هلندي مسافرن جي رهنمائي ڪري رهيو هجي ۽ مسافر مٿي کي هيڏي هوڏي ڦيرائي نظارا ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هجن.

پر اجا تائين ڪجهہ بہ ڏسڻ جهڙو نہ هو. ٻيلا اجا پنهنجي سرديءَ جي گهري ننڊ ۽ سڪون ۾ هئا. رڳو ڪٿي ڪٿي ڪاٺاري لڏي ٿي ۽ پنهنجو پاڻ کي ڇميل برف جي بارڪان آجو ڪيائين ٿي، ائين جڻ پنهنجو پاڻ کي قيد مان ڇڏايائين ٿي.

يوريءَ تي غنودگي طاري ٿي ويئي هئي. انهن ڏينهن ۾ هو مٿي پنهنجي برٿ تي ئي سمهندو، جاڳندو، سوچيندو ۽ ٻڌندو رهيو. پر اجا تائين ٻڌڻ جهڙي ڪا شيءِ نہ هئي.

(19)

جڏهن يوري پنهنجي ننڊ پئي پوري ڪئي ان وقت بهار جي مند جي گرمي وڌي رهي هئي جنهن برف جي ان وڏي مقدار کي پگهرايو پئي جيڪا سڄي روس ۾ پئي هئي. اها سڄي برف جيڪا ماسڪو ۾ ان ڏينهن پئي هئي جڏهن هو اتان روانا ٿيا هئا ۽ ان کان پوءِ سڄو رستو پوندي رهي هئي. اها سڄي برف جنهن کي پٽڙيءَ تان صاف ڪرڻ لاءِ ڪين ٽي ڏينهن لڳا هئا. برف جا ڍاري ۽ ٿُلها تهہ جيڪي جبلن ۽ ميدانن ۾ وسيع مفاصلن تائين جيڏانهن نظر ويئي ٿي نظر آيا ٿي.

شروع ۾ برف خاموش ۽ لڪل طور اندران ڳرڻ شروع ڪيو پر جڏهن ڳارڻ واري ان تمام وڏي ڪم جو اڌ مڪمل ٿي چڪو ته ان کي وڌيڪ لڪائڻ ممڪن نه رهيو ۽ اهو معجزو نيٺ ظاهر ٿي پيو. پاڻي وڏي آواز ڳائيندو زور سان هيٺان وهڻ لڳو هو. ٻيلو پنهنجي اٿاهه گهرائين ۾ چرپر ۾ اچي ويو ۽ منجهس موجود هر شيءِ جاڳي پيئي.

پاڻي جي وهڻ لاءِ تمام گهڻي جڳهه هئي. جبلن تان هيٺ وهندي تلائن کي ڪنارن تان ٻري وري اڳتي ڦهلجي ٿي ويو. ٻيلي مان وهندي پنهنجي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ برف ۾ ضم ٿي ٿي ويو. پوءِ هموار زمين تي وهڻ تي لڳو يا هيٺ ڪرندي مٽي جي ذرن سان گڏ ڦهلجي ٿي ويو. ڌرتي سيراب ٿي ويئي هئي. ڏنڌ ۾ ورتل جبلن تي صنوبر جي وڻن جي چوٽين ڪڪرن کان گهم حاصل ڪئي ٿي جيڪا پاڙن ۾ گج بڻجي سڪي ڪسيل اچي رنگ ۾ ائين تبديل ٿي ٿي ويئي جيئن مڇين تي بيئر جي گج هجي.

آسمان بهار جي مڌ پيتل ۽ ان جي بخارات سان مدهوش گهاٽن ڪڪرن سان ڍڪيل هو. ڪڪر بلڪل هيٺ جهنگل ۾ هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پئي ويا ۽ پوءِ انهن مان مينهن وسڻ تي لڳو جيڪو گرم مٽي ۽ پگهر جي خوشبو سان گڏ زمين تان برف جي آخري ڇميل تهه کي به پاڻ سان وهائي ٿي ويو.

يوري جاڳي پيو. آرس ڀڳائين. ٺونٺ جي سهاري اٿي ويٺو ۽ ڌسڻ ۽ ٻڌڻ لڳو.

جيئن اهي ڪاٺين واري علائقي جي ويجهو پهتا تيئن آبادين جو تعداد وڌندو ويو. وچ وارا مفاصلا گهٽجي ويا. ننڍين اسٽيشنن تي گهڻا ماڻهو گاڏيءَ مان لهڻ ۽ چڙهڻ لڳا. اهي ماڻهو جن کي ويجهين اسٽيشنن تي لهڻو هو اهي ڪٽي آرام سان ويهي سمهڻ بدران ڪٽي به دروازي جي ويجهو يا دٻي جي وچ ۾ ويهي ٿي رهيا ۽ مقامي مسئلن متعلق ائين آهستي ڳالهايائون ٿي جو رڳو کين ئي سمجهه ۾ آيو ٿي.

اهڙن مقامي ماڻهن جي گذريل ٽن ڏينهن ۾ ڏنل اشارن مان يوري اهو اندازو لڳايو هو ته اچن روسين (بالشويڪ مخالف) کي ويڙهه ۾ سرسي حاصل هئي ۽ انهن يورياٽن تي قبضو ڪري ورتو هو يا قبضو ڪرڻ وارا هئا. هن جيڪڏهن نالي

ہڌڻ ۾ غلطي نہ ڪئي هئي يا وري سندس پراڻي دوست جو ڪو هم نام ہيو ماڻهو هو تہ ڪيس اهو بہ پتو پيو تہ اڇن روسين جي فوج جي اڳواڻي جليلن ڪري رهيو هو جنهن سان هو آخري پيرو ميليوزيوو ۾ مليو هو.

پنهنجن گهر وارن کي انهن تصديق نہ ٿيل افواهن کان پريشان ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هن کين في الحال ڪجهہ بہ نہ ہڌايو.

(21)

اٽڪل اڌ رات جي وقت يوري ذي سجاڳي ٿي. سندس اندر هڪ اهڙي اڻ چاتل خوشيءَ سان ٽمٽار هو جنهن کيس ننڊ مان اٿاري ڪڙو ڪيو هو. ٽرين بيٺل هئي. اسٽيشن چانڊوڪي رات جي اڇي روشني ۾ ويڙهيل هئي. ان چمڪندڙ اونداهي ۾ ڪنهن ذهين ۽ طاقتور شيءِ هڪ وشال ۽ ڪليل ڏرتيءَ جو پتو ڏنو ٿي ۽ ائين لڳو ٿي تہ اسٽيشن جابلو پٽي ۾ مٿانهين پٽ تي واقع هئي.

ماڻهو پليٽ فارم تي هلندي ائين آهستي ڳالهائيندي ۽ خاموشيءَ سان پير زمين تي رکندي دبي وٺان گذري رهيا هئا ڄڻ ڪي پاڇا هجن. ستل مسافرن جي خيال رکڻ واري جنگ کان اڳ واري ان ڳالهہ يوريءَ کي ڪافي متاثر ڪيو.

حقيقت ۾ هو غلطي تي هو. ان پليٽ فارم تي بہ ٻئي ڪنهن پليٽ فارم جيان ساڳيو رڙيون ڪندڙ آوازن ۽ زور سان بوٽن کي زمين تي هڻڻ جو شور متل هو. پر ان جي ويجهو هڪ آبشار هو. ان جي تازگي ۽ آزادي رات جي ڪشادگي کي اجا بہ وڌائي ڇڏيو هو ۽ اها ئي اها شيءِ هئي جنهن ننڊ ۾ يوريءَ جي اندر کي خوشيءَ سان پري ڇڏيو هو. پاڻي ڪرڻ جو اڻ کٽ آواز ٻئي هر آواز تي حاوي ٿي ويو هو ۽ ماحول ۾ خاموشيءَ جي هڪ ڪوڙي احساس کي جنم ڏنو هو. يوري ان جي وجود کان بي خبر هو پر ان جي آواز سندس اندر کي سڪون ۽ آرام ٿي ڏنو ۽ هو وري گهري ننڊ سمهي پيو.

سندس برٿ جي هيٺان بہ همراهہ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا: ”ڇا سندن پڇ کي مروڙيو ويو آهي ۽ هاڻي اهي ماٺ آهن يا نہ؟“

”تنهنجو مطلب دڪاندارن سان آهي؟“

”ها، مڪئي جا واپاري.“

”دماغ ٺيڪ ٿي ويو اٿن. جيئن ڪجهہ همراهن کي ہين لاءِ مثال ٺاهڻ لاءِ پڪڙيو ويو تہ ٻيا اهڙا سنا ٻڌجي ويا جهڙو سون. پوري ضلعي تي ـنڊ وڌو ويو آهي.“

"گھڻو؟"

"چاليهہ هزار."

"اها حقيقت نہ ٿي لڳي."

"آئون توسان ڪوڙ ڇو ڳالهائيندس؟"

"چاليهہ هزار روبل نہ بلڪ چاليهہ هزار مڪئي جا مڻ."

"اها بهترين ڳالهہ ٿي."

"بهترين قسم جي مڪئي جا چاليهہ هزار مڻ."

"تہ پوءِ پلا ڇا ٿي پيو؟ اها زرخيز زمين آهي . بلڪل مڪئي جي واپار واري علائقي جي مرڪز ۾. هتان رنوا جي ڪپ تان ويندي يورياتن تائين هڪ ٻئي پويان ڳوٺ، بندرگاهون ۽ وڏا واپاري ملندا."

"زور سان نہ ڳالهاءِ. ٻين جي ننڊ ٿو خراب ڪرين."

"ٺيڪ آهي." هن اوٻاسي ڏني.

"سمهڻ متعلق ڪهڙو خيال آهي. لڳي ٿو اسان حرڪت ڪري رهيا آهيون."

بهرحال ٽرين جتي هئي اتي بيٺي رهي. پر پويان ڪان تيزيءَ سان هڪ ٻي ٽرين جي اچڻ جو آواز ويجهو ايندو ۽ وڌندو ويو ۽ جيئن اها پاسي مان گذري تہ آبشار جو آواز ان جي گڙگڙاهٽ ۾ دٻجي ويو. اها هڪ پراڻي طرز جي ايڪسپريس ٽرين هئي جيڪا سيٽي وڄائيندي، پوئين بتي ٽم ٽم ڪندي پري هلي وئي.

"اها خراب ڳالهہ آهي. هاڻي خبر ناهي ڪڏهن اسان هتان روانا ٿينداسين."

"ها، اهو جلدي نہ ٿي سگهندو."

"اها خاص بڪتر بند ٽرين هئي. ضرور استريلنڪوف جي هوندي."

"ها بلڪل ان جي هوندي."

"انقلاب دشمنن لاءِ تہ هو ڇڻ وحشي جانور بڻجي ويندو آهي."

"هو گاليئوف جي پويان پيل آهي.،

"هو ڪير آهي؟"

"هيٽمين گاليئوف. ماڻهن جو چوڻ اهي تہ هو يورياتن جي ٻاهران آهي ۽ چيڪ فوج بہ سندس مدد لاءِ موجود آهي. هن بندرگاهن تي قبضو ڪيو آهي ۽ هاڻي بس موقعي جي انتظار ۾ آهي. اهو هيٽ مين گاليئوف قتل گوگڙو."

"ڪڏهن بہ سندس نالو ناهي ٻڌو!"

"اهو ڪٿي شهزادو گاليوف ته ڪونهي. مون ڪي نالو چڱيءَ ريت ياد ڪونهي."

"اهڙا ڪي به شهزادا ناهن. اهو ضرور علي قربان هوندو. تو نالن کي گڏ وچڙ ڪري ڇڏيو آهي."

"ٿي سگهي ٿو قربان هجي."

"گهٽ ڪري اهو ٿي هوندو."

(22)

صبح سيندي ٿيندي يوري جي بيهر اک کلي پيئي. هن وري هڪ سٺو خواب ڏٺو هو ۽ خوشي ۽ آزاديءَ جو احساس منجهس اڃا باقي هو.

ٽرين وري بيٺي هئي. شايد اها ساڳيءَ اڳ واري اسٽيشن هجي پر اهو به ممڪن هو ته اهو نه هجي. هڪ پيرو وري آبشار جو آواز هو. ممڪن هو ته بيو ڪو آبشار هجي پر گهڻو امڪان هو ته ساڳيو ٿي هجي.

هو هڪدم ٿي سمهي رهيو. جيئن متس غنودگي طاري ٿي هئي تيئن هن پڄندڙ قدمن ۽ گوڙ جا اڻ چٽا آواز ٻڌا. ڪوسترو قافلي جي ڪمانڊر سان وڙهي رهيو هو ۽ ٻئي هڪ ٻئي سان وڏي آواز ۾ ڳالهائي رهيا هئا. موسم پهرين کان به وڌيڪ خوشگوار هئي. منجهس ڪنهن نئين شيءِ جي خوشبو هئي. اهڙي شيءِ جيڪا اتي موجود نه هئي. اهڙي شاندار شيءِ جيڪا بهار سان لاڳاپيل هئي. اڇي، ڪارڙي، وڪريل، مئي واري مهيني جي برف جي ٽڪرن جيان جڏهن پسيل، پگهرجندڙ برف جا ٽڪرا زمين تي ڪرندي ان کي اڇي بدران ڪارو بڻائي ڇڏيندا آهن. "شفاف، ڪارڙيون، اڇيون مٺي خوشبو واريون جهنگلي چيريون." يوري پنهنجي ننڊ واري حالت ۾ اندازو لڳايو.

(23)

ٻئي ڏينهن صبح جو تونيا چيو: "واقعي، يورا تون غير معمولي ماڻهو آهين. تضادن جو هڪ مجموعو آهين. ڪڏهن ته هڪ مک تو کي جاڳائي ڇڏيندي آهي ۽ تون وري صبح ٿيڻ تائين نه سمهي سگهندو آهين ۽ هاڻي ان سڄي جهيڙي دوران تون ستو پيو هئين ۽ آئون تو کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيس. ٽورو

سوچ تہ پرتيولوف ۾ واسيا پڇي ويا آهن. ساڳي ريت تياگونووا ۾ اوگرزيڪو بہ پڇي ويون آهن. ڇا تون اهڙي شيءِ جو تصور بہ ڪري سگهين ٿو. اجا ترس. اهو سيڪجهہ ناهي.ورونيڪ بہ پڇي ويو آهي. آئون توکي چوان ٿي تہ اهو سچ آهي تہ هو پڇي ويو آهي. انهن ڪيئن اهو سڀڪجهہ ڪيو. آيا گڏيل طور يا ڌارڌار ۾ ڪهڙي ترتيب ۾ ڪيائون. اهو سڀڪجهہ اجا تائين هڪ راز آهي. ورونيڪ يقينا جيستائين منهنجو خيال آهي تہ جڏهن هن ڏٺو تہ ٻيا پڇي ويا هئا تہ ڪيس پنهنجي جان بچائڻ لاءِ پڇڻو پيو هوندو. پر ٻين جو ڇا ٿيو؟ اهي پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان غائب ٿيا هئا يا ڪنهن کي ختم ڪيو ويو هو؟

مثال طور جيڪڏهن عورتن تي شڪ ڪيو وڃي تہ ڇا تياگونووا اوگرزيڪو کي ماري ڇڏيو هو يا ان جي ابتڙ ٿيو هو؟ ڪنهن کي خبر ناهي. پورهيتن جي دستي جو ڪمانڊر چرين جيان ٽرين جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ڊوڙي رهيو آهي. ”تون ٽرين نہ هلائيندين. آئون قانون جي ناليءَ ۾ توکي حڪم ٿو ڏيان تہ جيستائين آئون پنهنجا قيدي نہ ٿو پڪڙيان. تون ٽرين نہ هلائيندين“ ٽرين ڪمانڊنٽ ساڳي ريت ڪيس جواب ڏنو تہ ”آئون فوج کي محاذ تي وٺي پيو وڃان ۾ تنهنجي انهن واهيات همراهن جو انتظار نہ ٿو ڪري سگهان.“ پوءِ اهي ٻيئي ڪوستوو وٽ هليا ويا. ”تون سينڊيڪيٽ جو پوٺلڳ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهين. ائين ڪيئن ٿي ويو جو تون ائين ويٺو ڏسندو رهين ۾ هڪ معمولي سپاهي، هڪ بي سمجهہ ٻار اهڙو بي وقوفي وارو ڪم ڪري ويا. وڏي ڳالهہ اها آهي جو تون هڪ آدرشي ۾ عام ماڻهن ۾ ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو آهين. ڪوستوو بہ انهن کي ساڳي طرح جو جواب ڏنو تہ اها مزيدار ڳالهہ آهي تہ هڪ قيديءَ کي پنهنجي محافظ جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. ڇا ڪيس ائين ئي ڪرڻ گهرجي؟ واقعي جڏهن اهڙو ڏينهن آيو تہ مادي ڪڪڙ بہ ٻانگ ڏيڻ لڳندي. آئون جيترو ٿي سگهيو اوترو توکي لوڏي جاڳائي رهي هيس تہ پورا ! اٿي جاڳ ڪجهہ قيدي پڇي ويا آهن. پر ان جو ڪو ذرو بہ فائدو نہ ٿيو. جيڪڏهن تنهنجي ڪن ۾ بندوق بہ هلي وڃي ها تہ بہ تون نہ ٻڌين ها..... پر آئون توکي اجا وڌيڪ پوءِ ٻڌائيندس.... اوه ڏسو بابا پورا ڪيڏو نہ سهڻو منظر آهي!“

هتان اهي پنهنجيون ڳچيون دريءَ مان ٻاهر ڪڍي ليٽي پيا ـ جيئن هڪ ڪنڌ ڪان ٻي ڪنڌ تائين ٻهار واري مند جي ٻوڏ سان پريل ڀهراڙيءَ جي نظارن کي

ڏسي سگھن. ڪٿي دريا پنهنجا ڪنارا ٽوڙي چڙهيا هئا ۽ پاڻي ريلوي جي پٽڙيءَ تائين اچي ويو هو. برف تان ائين ٿي لڳو تہ ڄڻ تہ ٽرين واقعي ان پاڻي مٿان گذري رهي هجي.

ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جي سطح ڌاتو گاڏڙ نيري رنگ ۾ بدلجي ويئي هئي. باقي سڄي پاڻي تي صبح واري سج جي روشني مختلف ٽڪرن ۾ ائين ڦهليل هئي ڄڻ پگھريل مکڻ کي ڪنهن بورچي روٽيءَ جي ٽڪڙن تي لڳايو هجي.

ان بغير ڪنارن واري ٻوڏ ۾ اچن ڪڪرن جا ٿنڀ ٻڏل نظر آيا ٿي. گڏوگڏ ٻنيون، وڻ ٽڻ ۽ ڪڏون سڀ پاڻي ۾ ٻڏل هيون.

ان ٻوڏ جي وچ ۾ ڪٿي زمين جو هڪ ننڍو ٽڪرو اهڙو هو جتي وڻن جون قطارون هيون جيڪي پاڻيءَ ۾ پنهنجي پونڌڙ عڪس جي ڪري بيٺيون ٿي ويون هيون ۽ ڌرتي ۽ آڪاش جي وچ ۾ لٽڪيل هيون.

"اتي ڏسو بدڪن کي."

"ڪٿي؟"

"ٻيٽ جي ويجھو. ساڄي پاسي لعنت هجي . اهي اڏري ويون. اسان کين ديڄاري ڇڏيو."

"ها، آئون انهن کي ڏسي سگھان ٿو." يوري چيو.

"اليگزينڊر اليگزينڊروچ مون کي ڪنهن ڳالهہ متعلق توهان سان ضروري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻي آهي. ٺيڪ آهي ڪنهن ٻئي وقت. مون کي خوشي آهي تہ ٻرتي ڪيل پورهيتن ۽ عورتن لاءِ چڱو ٿي ٿيو ۽ مون کي يقين آهي تہ ڪو قتل نہ ٿيو آهي. اهي بس وهنڌڙ پاڻي جيان پڇي ويا آهن."

(24)

اتر جي چانڊوڪي رات پڇاڙي تي هئي. هر شيءِ بلڪل صاف طور نظر اچي رهي هئي. جبل، ٻوٽا ۽ نديون نالا سيڪجهہ پر ائين جيئن اهي رڳو ڪنهن قصي ڪهاڻيءَ ۾ هجن ۽ کين پنهنجي هئڻ جو يقين نہ هجي.

جهنگل ۾ چيريءَ جا گھاٽا ٻوٽا هئا ۽ انهن تي پن اچڻ شروع ٿي ويا هئا. اهو ٻيلو هڪ ٽڪري جي ڪنڌ تي هو جيڪو پڻ هڪ ايڪيري حصي تي ختم ٿيو ٿي.

آبشار جيتوڻيڪ گھڻو پري نہ ھو پر ان کي ٻوٽن جي ٻوٽن جي پوپان وھندڙ نئن جي ڪپ تي ويھي ئي ڏسي سگھجي پيو. يڳل پورھيت واسيا بريڪين ان کي ڏسندي خوشي ۾ ڏپ ۾ پاڻ کي ٽڪائي ڇڏيو ھو. اوسي پاسي ۾ آبشار سان پيٽڻ جھڙي ڪا شيءِ نہ ھئي. اھا ھڪ منفرد شيءِ ھئي ۽ ان ڳالھہ ئي ان کي ڊيڄاريندڙ ٿاھي ڇڏيو ھو. اھو ڄڻ ھڪ جيئري جاڳندڙ ھستي ھو. شايد انھن علائقن جي ڪنھن وڏي بلا يا پرن واري نانگ جيان جيڪي پنھنجو خراج وصول ڪندا آھن ۽ آسپاس جي ماڻھن جو شڪار ڪندا آھن.

آبشار ھيٺ ڪرندي اڌ رستي ۾ ھڪ ڇھنبدار ٽڪريءَ تي ڪري ٻن حصن ۾ ورھائجي ٿي ويو. مٿيون حصو تہ ساڪت ھو پر ھيٺيون ٻہ ڏارائون ھڪ پاسي کان ٻئي پاسي ائين پئي لڏيون ڄڻ آبشار لاڳيتو ترڪندي پاڻ سنڀالڻ ۾ ڪرندي وري توازن قائم ڪرڻ واري جاکوڙ ۾ لڳل ھجي.

واسيا پنھنجي رڍ جي کل زمين تي وڇائي ٻوٽن جي پرسان ليٽيو پيو ھو. جڏھن روشني ڪافي ٿي تہ ھڪ وڏين ڪنيڙائين وارو وڏو پکي جبل تان اڏري ٻيلي جي چوڌاري آرام سان ھڪ چڪر ھڻي سندس ويجھو ئي صنوبر جي ھڪ وڻ تي اچي ويٺو. ھن مٿي ڏٺو ۽ آھستي سرگوشي ڪيائين "رونزا". جنھن نالي سان پکيءَ کي يورال ۾ سڏيو ويندو آھي. پوءِ ھو اٿي ويٺو، رڍ جي کل ڪٽي ڪلھي تي رکيائين ۽ پنھنجي ساٿيءَ سان ڳالھائڻ لاءِ صاف جاءِ پار ڪري ٻوٽن واري پاسي ھليو ويو.

"ھلي آءُ ماسي پوليا! اوہ خدا، تون ڪيڏي نہ ٿڌي آھين! آئون تنھنجي ڏندن جي وڄڻ جو آواز ٻڌي سگھان ٿو. تون يلا ڇا کي پئي گھورين. تون ايڏي ڊنل ڇو آھين؟ اسان کي ھاڻي ھلڻو آھي. آئون تو کي چوان ٿو تہ اسان کي ضرور ڳوٺ ھلڻ گھرجي. تون پاڻ ان جو بندوبست ڪري وٺ. اھي اسان کي ڳوٺ ۾ لڪائي ڇڏيندا ۽ پنھنجن ئي ماڻھن کي ڪو نقصان نہ پھچائيندا. اسان ٻن ڏينھن کان ڪجھہ بہ نہ کاڌو آھي. ھتي اسان مري ويندا سين. چاچا وورونيڪ ضرور گھڻو شور شرابو ڪيو ھوندو ۽ اھي لازما اسان کي ڳولي رھيا ھوندا. ماسي اسان کي ھلڻو ئي پوندو ۽ صاف طور چئجي تہ اسان کي ڊوڙڻو پوندو. مون کي سمجھہ ۾ نہ ٿو اچي تہ تو کي ڇا ٿيو آھي. تو ماسي پوليا پورن ٻن ڏينھن کان ھڪ اکر بہ نہ ڳالھايو آھي. قسم آھي خدا جو تون تمام گھڻي پريشان آھين. ايتري غمگين يلا تون ڇو آھين؟ اھا ڳالھہ ناھي تہ تنھنجو ارادو ماسي ڪاتيا کي ترين مان ڌڪو ڏيئي

ڪيرائڻ وارو هو. تو ڪاتياواگرزيڪو کي ڏکو نہ ڏنو. تو تہ بس ڪيس پاسن کان پڪڙڻ جي ڪوشش پئي ڪئي ۽ مون اتفاق سان توکي ڏسي ورتو هو.

اهو مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو تہ هو پاڻ گاهہ تان اٿي پڇي ويئي هئي. هوءَ ۽ چاچا پرتيوليف يقينا اسان تائين پهچي ويندا. اسان هڪ ٻيرو وري سڀ گڏ هونداسين. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ تون پريشان ٿيڻ بند ڪر ۽ پوءِ ٿي تنهنجي زبان کلندي."

تياگونووا اٿي بيٺي ۽ واسيا جو هٿ جهلي نرميءَ سان چيائين: "ٺيڪ آهي، هلي آءُ منهنجا پيارا."

(25)

ٽرين جيئن ٽڪريءَ تي مٿي چڙهي رهي هئي تيئن ان جي ڪاٺ جي ٺهيل دٻن مان آواز پئي نڪتا. ڪنارن جي هيٺان ٻوٽن جو هڪ سلسلو هو جن جي اوچائي پٽڙي تائين نہ ٿي پهتي. انهن کان هيٺ وري ٻنيون هيون. ٻوڏ جي پاڻي بس هاڻي موٽ ڪاڏي هئي ۽ مٿي ۽ ڪاٺ جا ٽڪرا بي ترتيبي سان وکريا پيا هئا. ڪاٺ ضرور جبل تان ڪٽان مٿان وهي آيو هوندو جتي ان کي درياءَ ۾ وهائڻ لاءِ گڏ ڪيو ويو هوندو.

ڪناري کان هيٺ ٻيلو اڃا تائين اڃا تائين اڃا ٿي ويران هو، جيئن سردين ۾ هوندو آهي. رڳو ٻاڙن ۾ ڦٽندڙ گاهہ گوچر جيڪا ميڻ بتي جي ميڻ جيان چٽني پاسي ڦهليل هئي باقي شين سان مطابقت نہ پئي رکي. اها ڪا سطحي ۽ بي ترتيب شيءِ هئي. شايد مٿي يا گرمي جنهن ان کي ڦهلائي ڇڏيو هجي. اها بي ترتيبي، سطحيت ۽ مٽي ٿي اصل ۾ جيوت جا آثار هئا جن سڀ کان اڳ ساون ٿيندڙ وڻن ۾ چڻ هڪ باهہ ٻاري ڇڏي هئي ۽ انهن ۾ ساوا پن شعلن جي صورت ۾ نسرڻ لڳا هئا.

جتي ڪٿي بيدمُشڪ جا وڻ بيٺل هئا. انهن جا ڪليل ٻتا پن اڃين هئا چڻ انهن ۾ ڏند ۽ تير ٽنبيل هجن. انهن کي ڏسڻ سان انهن جي خوشبو جو احساس ٿيڻ ٿي لڳو. منجهائڻ چمڪندڙ ڪوئنر جي خوشبوءِ آئي ٿي جيڪا وارنش ٺاهڻ جي ڪم اچي ٿي.

جلد ئي ٽرين ان پٽڙيءَ جي ان سطح تائين پهچي ويئي جتان ٻوڏ ۾ وهي آيل ڪاٺ جا ٽڪرا آيا هوندا. ٻيلي جي هڪ موڙ تي هڪ ڪليل جاءِ نظر آئي ٿي.

اتي ڪاٺ جا ننڍا ٽڪرا چٽني پاسن کان جمع ڪيل هئا ۽ وچ ۾ وڏي ڪاٺ جو ڍير لڳل هو. انجڻ کي بريڪ لڳو ۽ ٽرين ڪنبي ٽڪريءَ جي موڙ تي ٿورو ٻاهر جهڪي بيهي رهي.

انجڻ وقفي وقفي سان ڪجهه آواز ڪڍيا پر مسافرن کي اهو ڄاڻڻ لاءِ انهن اشارن جي ضرورت نه هئي ته ٽرين ٻارڻ وٺڻ لاءِ بيٺي هئي.

دروازا کلي ويا ۽ هڪ ننڍي شهر جي آباديءَ جيترا ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. رڳو ملاح ئي پنهنجن دٻن ۾ هئا. چاڪاڻ ته کين هر ڪم کان معافي مليل هئي. اتي انجڻ جي ٻني ۾ وجهڻ لاءِ ننڍا ڪاٺ جا ٽڪرا ڪافي مقدار ۾ نه هئا جنهن جي ڪري وڏي ڪاٺ کي ان حساب سان وڍڻ ضروري هو. انجڻ جي عملي وٽ ٻئي سامان سان گڏ ڪارايون به موجود هيون جيڪي انهن رضاڪارن کي ڏنيون. ٻن رضاڪارن کي هڪ ڪارائي ڏني ويئي. انهن رضاڪارن ۾ يوري ۽ سندس سهرو به شامل هئا.

ملاحن ڪلندي پنهنجا مٿا دٻن جي دروازن مان ٻاهر ڪڍيا. اهو هڪ عجيب هجوم هو ۽ ان ۾ هر قسم جا ماڻهو شامل هئا. جنهن ۾ سڌو هنگامي ترتيب وٺي آيل وچولي عمر جا پورهيت ۽ بحري فوج جي ڪاليج مان تازو نڪتل ڇوڪرا به هئا. جيڪي ائين پئي لڳا ڄڻ غلطي وچان ٻارن ٻچن وارن ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويا هجن. اهي ڇوڪرا ڀاڻ کي سوچڻ کان پري رکڻ لاءِ وڏي عمر جي ملاحن سان کل ڀوڳ ڪري ۽ کين بيوقوف بڻائي رهيا هئا. هر ڪنهن اهو ڄاتو ٿي ته سندس آزمائش جي گهڙي اچي پهتي هئي.

ڪم ڪندڙ ٽولين سان مذاق ڪيو پئي ويو.

"اوه ڏاڏا آئون پوئتي نه پيو هٽان. ڪم ڪرڻ لاءِ منهنجي عمر اجا گهٽ آهي. منهنجي ماءُ مون کي ڪم ڪرڻ نه ڏيندي."اوه! مارٿا پنهنجي اسڪرٽ کي نه وڌي ڇڏجان. ٿڌ لڳي ويندي." "اوه نوجوان ڇوڪري! ٻيلي ڏانهن وڃڻ بجاءِ اچي منهنجي زال ٿي."

(26)

اتي ميدان ۾ ڪيئي ڪاٺ جون گهوڙيون هيون. يوري ۽ اليگزينڊر اليگزينڊروچ انهن مان هڪ تي مٿي چڙهي ڪارائي هلائڻ شروع ڪئي. اهو بهار

جو اهو وقت هو جڏهن ذرتي برف کان آجي ٿي گهٽي پاڳي اهڙي ٿي هوندي آهي جهڙي اها ان وقت هئي جڏهن برف ان کي ڇهه مهينا اڳ قابو ڪيو هو. ٻيلي مان گهر جي بوءِ اچي رهي هئي ۽ اهو گذريل سال جي ڪريل پنن سان ائين پريو پيو هو ڄڻ ڪو اهڙو اڻ صاف ڪيل ڪمرو جتي ماڻهن جي سالن تائين ڦاڙيل خطن، بلن ۽ رسيدن جا ڍير لڳل هجن.

"ايڏو تيز ڪر نه ڪر. تون پاڻ کي ٿڪائي وجهندين. يوري ڪارائي کي آهستي ۽ سڏو ڪندي چيو. "تورو آرام ڪرڻ متعلق ڇا خيال آهي؟"

ٻيلو ڪارائين جي آواز جي پڙاڏن سان گونجي رهيو هو. ڪٿي تمام پري هڪ بلبل ڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. ڊگهن وقفن کان پوءِ بلبل ائين سيٽي ٿي وڄائي جيئن ٻانسري مان مٽي ڪڍڻ لاءِ ان ۾ ڦوڪ هنئي ويندي آهي. انجڻ جو دونهن چڪر ڪائيندو ائين آسمان ڏانهن ٿي ويو جيئن ٻارن جي سنڀال ڪرڻ واري نرسري جي چلهه تي رکيل کير اپامي رهيو هجي.

"تون مون سان ڇاجي متعلق ڳالهائڻ چاهين ٿو؟" اليگزيندر اليگزيندروچ پڇيو. "ڇا توکي ياد آهي؟ جڏهن اسان ٻيٽ وڻان پٺي ورياسين، جهنگلي ٻڪون پري اڏري ويون هيون ۽ تو چيو هو ته تون مون سان ٻئي ڪنهن وقت تي ڪجهه ڳالهائڻ چاهين ٿو."

"اوه. ها ياد آيو مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ان کي مختصر طور ڪيئن بيان ڪيان. مون سوچيو پٺي ته اسان پري کان پري وڃي رهيا آهيون. اهو سڄو علائقو وڳوڙ ۾ ورتل آهي. اسان کي خبر ناهي ته جڏهن اسان اتي پهچنداسين ته ڪهڙي صورتحال هوندي. اسان صورتحال متعلق ڳالهائي وٺون ته جيڪڏهن حالتون ..... منهنجو مطلب اسان جي نظرين ۽ عقيدن سان ناهي.... توهان انهن متعلق ان ٻيلي ۾ ويٺي پنجن منٽن ۾ گهٽو نه ٿا ڇٽي سگهو. ان ڪانسواءِ اسان هڪ ٻئي کي چڱي ريت سڃاڻون ٿا. تون آئون. تونيا ۽ اسان جهڙا ٻيا گهڻا ان دور ۾ پنهنجي هڪ دنيا ناهيون ٿا. اسان ۾ فرق رڳو ان کان گهٽ ۽ وڌ آگاهي جو آهي. منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي ته اسان کي اڳواٽ ان ڳالهه تي سهمت ٿيڻ گهرجي ته اسان جو طرز عمل ڇا هوندو ته جيئن اسان کي هڪ ٻئي لاءِ شرمندو ٿيڻ يا هڪ ٻئي کي شرمندو ڪرڻ جي ضرورت پيش نه اچي."

"آئون ڄاڻان ٿو تہ تنهنجو ڇا مطلب آهي. مون کي تنهنجي ان ڳالھہ کي پيش ڪرڻ جو طريقو وڻيو. آئون توکي ٻڌائيندس. توکي برف واري طوفان واري سردين جي اها رات ياد آهي جڏهن تو مون کي اها اخبار آڻي ڏني هئي جنهن ۾ حڪومت جا پهريان قانون شايع ٿيا هئا؟ توکي ياد هوندو تہ اهي ڪيڏا نہ غير يقيني طور سڌا ۽ غير مصلحت پسند هئا؟ اها اها چٽي ۽ واضح سوچ ئي هئي جنهن اسان کي متاثر ڪيو. پر انهن شين جي اصل حقيقت انهن ماڻهن جي ئي ذهن ۾ هوندي آهي جن انهن کي تخليق ڪيو هوندو آهي ۽ رڳو ان ڏينهن تي هوندي آهي جڏهن اهي پهريون ڀيرو شايع ٿينديون آهن. ٻئي ڏينهن تي سياست جو طوفان انهن کي بلڪل بدلائي ڇڏيندو آهي. آئون توکي ڇا ٿو چئي سگهان. حڪومت جو رويو اسان ڏانهن دشمني وارو آهي. ان جو نظريو اوهان لاءِ اوپرو آهي. مون کان اهو نہ پڇيو ويو آهي تہ آيا آئون انهن تبديلين سان سهمت آهيان يا نہ. پر مون تي ڀروسو ڪيو ويو آهي ۽ منهنجا سڀ ڪم پوءِ ڀلي اهي مون آزادانہ طور تي نہ چونڊيا هجن، مون تي ڪا ذميواري عائد ڪن ٿا.

تونيا اهو پڇندي رهندي آهي تہ ڇا اسان ڀاڄين پوکڻ واري وقت اتي پهچي ويندا سين. مون کي ڪا خبر ناهي. مون کي يورال جي زمين ۽ آبهوا متعلق ڪا ڄاڻ ناهي. گرمين جي مند ايتري گهٽ وقت لاءِ هوندي آهي جو آئون نہ ٿو سمجهي سگهان تہ ڪيئن ڪا شيءِ وقت اندر پچي راس ٿيندي هوندي.

پر بهرحال واپاري نقطہ نگاهہ کان پوک ڪرڻ لاءِ تہ اسان ايڏو وڏو سفر نہ پيا ڪريون. نہ، اسان کي ايمانداريءَ سان شين کي منهن ڏيڻ گهرجي. اسان جو مقصد بلڪل مختلف آهي. اسان پوڙهي جي جائداد، ڪارخانن ۽ مشينن مان پنهنجو حصو وٺي جديد طرز جي زندگي گذارڻ وارو ڪم نہ ڪنداسين. پر هر ڪنهن جيان ۽ ساڳي غير يقيني انداز ۾ اسان ان کي خرچ ڪنداسين ۽ گذر بسر لاءِ هڪ ڪوپيڪ جهڙي زندگي خاطر اجتماعي طور هزارين ضائع ڪرڻ ۾ هٿ ونڊائينداسين. تون مون کي جيڪڏهن سون ۾ بہ تورين تہ بہ جاگير کي پراڻن شرطن تي تحفي طور نہ وٺندس. اها اهڙي ئي بيوقوفي هوندي جهڙي اگهاڙو ڊوڙڻ شروع ڪري ڇڏجي يا الف ب وسارڻ جي ڪوشش ڪجي. نہ روس ۾ ذاتي ملڪيت وارو دور ختم ٿي چڪو آهي. بهرحال اسان جي گروميڪو خاندان ۾ تہ ملڪيت رکڻ وارو جذبو ۽ شوق هڪ نسل اڳ ئي ختم ٿي چڪو آهي."

(27)

دېي ۾ گرمي ۽ گهٽ ڪري سمهڻ ممڪن نہ هو. يوريءَ جو وهاڻو پگهر ۾ پسي ويو هو. هو احتياط سان تہ جيئن ٻين کي جاڳائي نہ وجهي، پنهنجي برٿ تان هيٺ لٿو ۽ دېي جي دروازن کي کُولي ڇڏيائين.

گهميل گرم هوا سندس منهن تي اٿين لڳي ڄڻ ڪو ڪنهن تهہ خاني جي ڪوريڊور جي چار ۾ هلي رهيو هجي. "ڏنڌ". هن اندازو لڳايو.

"سياڻي سخت ساڙيندڙ گرمي هوندي. ان ڪري ئي هوا ناهي ۽ ايتري گهٽ ۽ ٻوسٽ آهي."

اها هڪ وڏي استيشن ۽ شايد جنڪشن هئي. ڏنڌ ۽ خاموشي کان سواءِ هڪ خالي پٽي ۽ غفلت جو احساس هو ڄڻ ٽرين گم ٿي ويئي هجي ۽ وساري ڇڏي ويئي هجي. ٽرين بلڪل مارشلنگ يارڊ جي پويان بيٺي هئي. ايترو پويان جو جيڪڏهن وچايل پٽڙين جي چار پويان زمين ڦاٽي پوي ها ۽ اسٽيشن جي عمارت ان جي اندر هلي وڃي ها تہ ٽرين ۾ ويٺل ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ان جي خبر نہ پوي ها.

ٻہ هيٺا آواز پري فاصلي کان ٻڌڻ ۾ پئي آيا. اٿين لڳي رهيو هو ڄڻ ڪو ڌوتل ڪپڙن مان پاڻي ڇنڊي رهيو هجي يا هوا جي ڪري ڪو ڀاري پسيل جهنڊو ٿنڀي سان ٽڪرائي رهيو هجي.

اڳيان کان ڳڙڳڙاهٽ جو آواز پئي آيو جنهن جنگ جي تجربي ڪري يوري جا ڪن کڙا ڪري ڇڏيا. هن ان آواز جي پڙاڏن کي ٻڌڻ کان پوءِ فيصلو ڪيو تہ. "اهي تہ توپون آهن."

"اها ڳالهہ آهي. اسان بلڪل محاذ تي آهيون." دېي مان هيٺ ٽپو ڏيندي هن ڪنڌ لوڏيندي پنهنجو پاڻ کي چيو. هو ڪجهہ قدم اڳتي هليو. اڳين ٻن دٻن کان پوءِ ٽرين ختم ٿي ويئي هئي. باقي دٻن کي ڌار ڪيو ويو هو ۽ اهي انجڻ سان گڏ هليا ويا هئا.

ها تہ ان ڪري ئي ڪالهہ انهن کي بند رکيو ويو هو. ڪين اهو احساس هو تہ اتي پهچندي ئي ڪين سڌو محاذ تي موڪليو ويندو."

هو مهڙ واري دېي وٽان ٿي ٻئي پاسي ويو. سندس خيال هو تہ ٻئي پاسي وڃي استيشن جي مرڪزي حصي کي ڏسجي. پر اتي هڪ رائفل بردار سپاهي سندس رستو روڪي بيهي رهيو.

"تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟ تو وٽ پاس آهي؟" هن نرمي سان پڇيو.

"اها ڪهڙي اسٽيشن آهي؟"

"ان ڪي ڇڏ. تون ڪير آهين؟"

"آئون ڊاڪٽر آهيان. ماسڪو مان آيو آهيان. آئون ۽ منهنجي گهر وارا ان ٽرين تي سفر ڪري رهيا آهيون. هي منهنجا ڪاغذ آهن."

"لعنت وجهين. آئون ايڏو پوڪ ناهيان جو اونداهي ۾ پڙهڻ جي ڪوشش ڪيان. ڇا تون ڏسي نه ٿو سگهين ته هتي ڪيتري نه ڌنڌ آهي. ٻي ڳالهه ته مون کي اهو ڄاڻڻ لاءِ ته تون ڪهڙي قسم جو ڊاڪٽر آهين، تنهنجي ڪاغذن جي ضرورت ناهي. اتي تو جهڙا گهڻا ڊاڪٽر اسان تي ٻارنهن انچن وارين توبن سان گولاباري پيا ڪن. آئون، جيڪر منهنجو وس هلي ته، توهانجا ميڄالا ڪڍي ڇڏيان. پر اجهان ان جو وقت ناهي آيو. اجا تائين تون جيئرو سلامت آهين. ان ڪري پوئتي موٽي وڃ."

"هو مون کي ڪو ٻيو ماڻهو پيو سمجهي." يوري سوچيو. ظاهر ڳالهه هئي ته بحث ڪرڻ جو ڪو فائدو نه هو. بهتر هو ته گهٽي دير ٿيڻ کان اڳ سنڌس چوڻ تي عمل ڪجي. هو مڙيو ۽ واپس موٽي ويو.

سندس پويان توبن جي ڌماڪن جو آواز ختم ٿي ويو هو. سندس پويان اوڀر وارو پاسو هو. اتي سج ڌنڌ جي پردي مان پتڪندڙ پاڇن مان ائين هلڪي طريقي سان پئي نڪتو جيئن ڪو اگهاڙو ماڻهو حوض ۾ ٻاڦ جي ڪڪرن مان نڪرندو هجي.

يوري ٽرين وٽان هلندي آخري دٻي وٽان به گذري ويو. سندن پير نرم واريءَ ۾ لهندا ٿي ويا.

ڪو عجيب آواز سندس ويجهو ايندو ويو. زمين تيزيءَ سان هيٺ ڏانهن ٿي ويئي. هو بيهي رهيو ۽ اهو آواز سندس آڏو غير واضح شڪلين کي ڪا صورت ڏيڻ لڳو. ڌنڌ انهن کي غير فطري طور وڏو ڪري ڇڏيو هو. هڪ قدم اڳتي اونداهيءَ ۾ ڪيس اتي لنگر هنيل ٻيڙيون نظر آيون. سندس آڏو هڪ ويڪرو درياهه هو. ان جون هلڪيون لهرون آهستگيءَ سان ڪپ تي بيٺل مڇين مارڻ وارين ٻيڙين ۽ گهاٽ جي تختن سان ٽڪرائجي رهيون هيون.

ڪناري تان هڪ صورت ظاهر ٿي.

"تو کي هتي گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڪنهن ڏني آهي؟" هڪ ٻئي رائفل بردار سپاهي پڇيو.

"هي ڪهڙو درياءُ آهي؟" يوري پڇيو. جيتوڻيڪ هو اهو قطعي طور تي طئي ڪري چڪو هو ته ڪوبه ٻيو سوال نه پڇندو.

جواب ۾ سپاهي سيٽي ڪڍي پنهنجي وات تي رکي. پر ٻهرئين سپاهي، جنهن کي سڏڻ لاءِ هُن اها وڄائڻ چاهي ٿي، ڪيس ان کي استعمال ڪرڻ جي تڪليف کان بچائي ورتو. ڇاڪاڻ ته هو چپ چپات ۾ ڪنهن آواز ڪڍڻ کان سواءِ يوريءَ جي پويان پٺي آيو ۽ هاڻي اچي پنهنجي ساٿي سان گڏيو. اهي ٻئي ڳالهائڻ لڳا.

"ان ۾ ڪو شڪ ئي ناهي. اهڙي پڪي کي هڪ نظر ۾ سڃاڻي سگهجي ٿو. "اها ڪهڙي اسٽيشن آهي؟" "هي ڪهڙو درياءُ آهي؟تنهنجي اکين ۾ ڌوڙ پيو وجهي. تون ڇا ٿو چئين؟ ٻهرين هن کي دڪي تي وٺي هلون يا ٽرين تي؟"

"منهنجو خيال آهي ته ٽرين تي وٺي هلئونس. ڏسون صاحب ڇا ٿو چوي... تنهنجا ڪاغذ" هن يوريءَ کي رڙ ڪندي چيو. ڪاغذن جي بنڊل کي مٺ ۾ جهليندي هن ٻئي ڪنهن کي رڙ ڪندي چيو ته "هن تي نظر رکجانءِ." پوءِ ٻهرئين سنتري سان گڏ هو اسٽيشن ڏانهن روانو ٿي ويو.

ٽيون ماڻهو، جنهن کي يوري اجا تائين نه سڃاتو هو، اصل ۾ هڪ مهاڻو هو. هو ڪپ تي ليٽيو پيو هو پر هاڻي هن ٻڙ ٻڙ ۽ حرڪت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ يوري کي سندس حيثيت متعلق آگاهي ڏيڻ لڳو.

"تنهنجي خوش قسمتي آهي جو هو توکي صاحب ڏانهن وٺي پيا وڃن. ان ۾ شايد تنهنجو ڇوٽڪارو هجي. پر توکي ڪين ڏوهه ڏيڻ نه گهرجي. اهي پنهنجو فرض ادا ڪري رهيا آهن. اڄڪلهه عام ماڻهن جو راڄ آهي. ممڪن آهي ته اڳتي هلي ان مان چڱائي ٿئي، پر في الحال ان سلسلي ۾ گهڻو ڪجهه نه ٿو چئي سگهجي. انهن غلطي ڪئي آهي. اهي گهڻي وقت کان هڪ خاص ماڻهو جي ڳولا ڪري رهيا آهن. ان ڪري انهن جو خيال آهي ته اهو تون آهين. انهن جو خيال آهي ته هي اهو ئي ماڻهو آهي، اهو ساڳيو پورهيتن جي رياست جو دشمن جنهن کي انهن پڪڙيو آهي. اها هڪ غلطي آهي ۽ ٻيو ڪجهه به ناهي. توکي هاڻي ائين ڪرڻ گهرجي ته جيڪڏهن تو سان ڪابه شيءِ ٿئي ٿي ته تون صاحب سان ملڻ لاءِ اصرار ڪجانءِ. انهن ٻنهي کي پنهنجي مرضي هلائڻ نه ڏجانءِ. اهي سياسي طور باشعور آهن، جيڪا هڪ بدقسمتي آهي. بس خدا اسان جي مدد

ڪري. اهي توکي ختم ڪرڻ ۾ ڪا دير نہ لڳائيندا. ان ڪري جيڪڏهن هو توکي ملڻ لاءِ چون تہ اهو ياد رک تہ توکي ناهي وڃڻو. ڪين ڇئجان تہ تون صاحب سان ملڻ چاهين ٿو."

مهاڻي ڪان يوريءَ کي خبر پيئي تہ اهو درياءُ مشهور آبي رستو رونا هو ۽ درياءُ سان گڏ اسٽيشن يورياتن شهر جي علائقي رازولي لاءِ اچ وڃ جو ڪم ڏيندي هئي. ڪيس اها بہ جاڻ ملي تہ يورياتن، جيڪو درياءُ جي مٿئين وهڪري تي ٻن ميلن جي مفاصلي تي هو، کي شايد هاڻي اڇن روسين جي قبضي مان واپس ورتو ويو هو. اهو بہ تہ رازولي ۾ بہ گڙ ٻڙ هئي جنهن کي بہ شايد ختم ڪيو ويو هو. چئني پاسي ڇانيل ان خاموشيءَ جو ڪارڻ اهو هو تہ اسٽيشن جي علائقي کي عام شهرين کان خالي ڪرائي بلڪل ڪڙو ڏنو ويو هو. ڪيس آخر ۾ اها بہ خبر پيئي تہ اسٽيشن تي ڪجهہ ٽرينن جي ڊٻن کي فوجي هيڊڪوارٽر طور استعمال ڪيو پئي ويو جنهن ۾ فوجي ڪوميسار اسٽريلنڪوف، جنهن کي هيئي سپاهي رپورٽ ڏيڻ لاءِ ويا هئا، جي خاص ٽرين بہ شامل هئي.

هڪ ٽيون فوجي ان پاسي ڪان آيو جيڏانهن ٻيا بہ هٽا ويا هئا. هو گهڻو ڪري ان لحاظ ڪان مختلف هو تہ هن پنهنجي رائفل پوئتي لٽڪائي ڇڏي هئي جنهن جو هٿيو زمين تي پئي لڳو يا وري هو ان کي اٿين پنهنجي آڏو ڪري ٿي ڇڏيو هو چڻ تہ ڪو مدهوش دوست هجي جنهن کي سندس سهاري جي ضرورت هجي. اهو سپاهي هاڻي يوريءَ کي ڪوميسار ڏانهن وٺي ويو.

## (28)

ٻن گڏيل ڊٻن مان هڪ مان، جيڏانهن سپاهي محافظ کي لڪل اشارو ٻڌائڻ کان پوءِ يوريءَ کي وٺي ويو هو، کل پوڳ ۽ هلڻ ڦرڻ جا آواز پئي آيا. پر اهي انهن ٻن ماڻهن جي داخل ٿيڻ سان ٿي رڪجي ويا.

محافظ يوريءَ کي هڪ سوڙهي راهداري تان وٺي ويڪري مرڪزي حصي ڏانهن وٺي ويو. اهو هڪ صاف سٿرو ۽ آرام ده ڪمرو هو جتي ٺهيل ٺڪيل ۽ صاف سٿرا ڪپڙا پاتل همراهہ مڪمل خاموشيءَ سان ڪم ڪري رهيا هئا. يوريءَ جو پارٽيءَ سان واسطو نہ رکندڙ مشهور فوجي ماهر اسٽريلنڪوف جي پس منظر متعلق، جيڪو علائقي ۾ ڌهڪاءُ ۽ فخر جي علامت هو، بلڪل مختلف خيال هو.

پر ان ۾ شڪ نہ ھو تہ سندس سرگرمين جو مرڪز فوجي ھيڊڪوارٽر ۾ فوجي ڪاررواين جي مرڪز جي ويجھو ھئي ڪٿي ھو. اھو رڳو سندس ذاتي دفتر، اسٽاف ۾ سمھڻ جي جاءِ ھئي. اھڙي ريت گرم حمام جيان جنھن جو فرش ڪارڪ جو ٺھيل ھجي ۽ جتي ملازم بي آواز چپل پائي ھلندا ھجن، بلڪل ٺي خاموشي ڇانيل ھئي.

آفيس ھڪ پراڻي ڪاڌي پيئڻ واري دڪان ۾ گلم وڇائي ۽ ميز رکي ٺاھي وئي ھئي.

"ھڪ منٽ" نوجوان آفيسر، جنھن جو ميز دروازي سان رکيل ھو، چيو. ھن بي خياليءَ ۾ ڪنڌ لوڏي محافظ کي وڃڻ لاءِ چيو ۽ ھو پنھنجي رائفل جو ھٿيو راھداري ۾لڳل لوھہ جي پٽين تي ھٽندو روانو ٿي ويو. ان ڪان پوءِ ھر ڪو يوريءَ متعلق وساري ويٺو ۽ ڏانھس ڪا توجھہ نہ ڏنائون.

ھو در جي ويجھو، جتي بيٺل ھو، اتان ڏسي پئي سگھيو تہ سندس ڪاغذ ڪمري جي ٻي ڪنڊ تي ھڪ ميز تي پيل ھئا. اھا ميز جنھن ھمراھہ جي استعمال ۾ ھئي اھو عمر ۾ ھين ڪان وڏو ۽ پراڻي طرز جو ڪرنل لڳو ٿي. ھو فوجي انگن اکرن جو ڪو ماھر ھو. پنھنجو پاڻ سان ٻڻ ٻڻ ڪندي ھن حوالي وارن ڪتابن کي پئي ڏٺو، جنگي نقشن جو پئي معائنو ڪيائين، جاچڻ ۽ پيٽڻ ڪان پوءِ ھن اعلان ڪيو تہ، "گرمي اچي رھي آھي." چڻ تہ رڳو انھن سڀني جي معائني ٺي ڪيس ان نتيجي تي پھچايو ھجي.

ھڪ فوجي فرش تي بانبڙا پائي ڪنھن ٽٽل تارڪي جوڙي رھيو ھو. جڏھن ھو دروازي تائين پھتو تہ نوجوان آفيسر ڪيس جاءِ ڏيڻ لاءِ اٿي بيھي رھيو. ٻي ميز تي ھڪ ٽائپسٽ ڇوڪري، جنھن کي فوجي جيڪيٽ پاتل ھو، پنھنجي ٽائپ رائٽر کي ٺيڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رھي ھئي. ٽائيپ رائٽر جي پٽي پاسن ڏانھن رڙھي وئي ھئي ۽ ڪٿي اٽڪي پيئي ھئي. نوجوان افسر سندس مٿان بيھي ان خرابيءَ جو معائنو ڪرڻ لڳو جڏھن تہ بجلي ٺاھڻ وارو سندس ميز ھيٺان بانبڙا پائيندي ان جو ھيٺان ڪان معائنو ڪرڻ لڳو. پراڻي نموني وارو ڪرنل بہ اٿي اچي ساڻن گڏ بيٺو ۽ چارئي ڄڻا ٽائپ رائٽر کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ رُڌل ھئا.

اُن سان يوريءَ کي ڪجھہ بھتر محسوس ٿيو، سندس قسمت جي چاڻ ضرور انھن ماڻھن کي ڪانئس وڌيڪ ھوندي. ان ڳالھہ جو امڪان گھٽ ھو تہ ھڪ

اهڙي ماڻهو جي موجودگي ۾ جنهن جو سندن خيال ۾ انت يقيني هو هو ڪانئس ايڏو لاتعلق رهن ۽ پنهنجو پاڻ کي غير اهم شين ۾ مصروف رکن.

"پر پوءِ به ڪير ٿو ڄاڻي؟" هن سوچيو. "اهي ايڏا لاتعلق ڇو آهن؟ بندوقون هلي رهيون آهن، ماڻهو مري رهيا آهن ۽ اهي آهن جيڪي جنگ جي نه پر موسم جي گرميءَ جي پد جي اڳڪٿي ڪري رهيا آهن. شايد انهن ايترو ڪجهه ڏٺو آهي جو منجهن ان ڳالهه جو ڪو احساس ئي باقي نه رهيو آهي."

ڪجهه ڏسڻ خاطر هن سامهون لڳل دريءَ مان ڪمري جي ٻئي پاسي نظر ڊوڙائي.

(29)

هو ريلوي پٽڙين جو چوڙ، مٿي ٽڪري، اسٽيشن ۽ رازولي جو پسگردائي وارو علائقو ڏسي پئي سگهيو.

پليٽ فارم کان اسٽيشن تائين وچڻ لاءِ ڪاٺ جون ٽي بي رنگ ڏاڪڻيون هيون. پٽڙين جي ختم ٿيڻ واري جاءِ وٽ انجڻن جو هڪ پراڻو قبرستان هو جتي ٽٽل ۽ خراب انجڻيون ڪٻاڙ جيان هڪ ٻئي جي مٿان پيل هيون.

هيٺ انجڻين جو قبرستان ۽ مٿي انسانن جو قبرستان هو. پٽڙين جو مروڙيل لوهه، ڇتن جو رنگيل لوهه ۽ دڪانن جا بورڊ گڏجي اچي آسمان هيٺان، جيڪو صبح سوير واري گرميءَ ۾ ٻري رهيو هو، هلندڙ دور جي تصوير پيش ڪري رهيا هئا.

ماسڪو ۾ رهندي يوري اها ڳالهه وساري ويٺو هو ته ٻين شهرن ۾ دڪانن تي اجا گهڻا بورڊ موجود هئا ۽ عمارتن جو گهڻو حصو انهن گهيريو هو. انهن مان ڪجهه جيڪي هو هاڻي ڏسي رهيو هو ايترا وڏا هئا جو هو انهن کي سولائيءَ سان اتان پڙهي پئي سگهيو جتي هو بيٺو هو. اهي هڪ ماڙ عمارتن جي درين تي ايترو هيٺ لڳل هئا جو انهن ننڍن گهرن کي ائين ڍڪي ڇڏيو هو جيئن ڳوٺن جي ٻارن جا منهن پنهنجي پيءُ جي ٽوپيءَ ۾ لڪي ويندا آهن.

ڌنڌ اولهه مان غائب ٿي ويئي هئي ۽ اوير ۾ جيڪا رهيل هئي اها به اسٽيج جي پردي جيان لڏي ۽ حرڪت ڪري ڦاٽي رهي هئي.

اتي رازوليءَ کان مٿي ٽڪريءَ کان ميل به پرتي صوبائي گاديءَ واري هنڌ جيڏو وڏو شهر هو. سج ان جي رنگن کي چمڪائي ڇڏيو هو ۽ فاصلي جي ڪري

ان جا نقش واضح ٿي ويا هئا. اهو ٽڪري جي چوٽيءَ سان جڙ ڇهنيو پيو هو. گهر ۽ گهٽيون هڪ ٻئي پويان قطارن ۾ ٺهيل هيون ۽ چوٽيءَ تي وچ ۾ ائين گرجا ٺهيل هئي جيئن ڪنهن ريگستاني خانقاهه جي سستي تصوير يا جبل ايٿوس واري تصوير ۾ هوندو آهي.

”يورياتن.“ يوري جذباتي ٿيندي سوچيو. ” اهو شهر جنهن متعلق آئون انا ۽ نرس انتيپوا کان اڪثر ٻڌندو رهندو هئس. ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي جو آئون ان کي انهن حالتن ۾ پيو ڏسان!“

ان لمحي فوجين جي توجهه ٽائپ رائٽر کان هٽي ڪنهن ٻي شيءِ ڏانهن هلي ويئي جنهن کي اهي ٻي هڪ دريءَ مان ڏسي پئي سگهيا. يوري اوڏانهن مڙي ڏٺو.

قيدين جي هڪ گروهه کي محافظن جي نگراني ۾ اسٽيشن جي ڏاڪڻ تان مٿي آندو پئي ويو. انهن ۾ اسڪول يونيفارم پاتل هڪ ڇوڪرو به هو جنهن کي مٿي ۾ ڌڪ لڳل هو. ڪيس ابتدائي طبي امداد ڏني ويئي هئي. پر رت جا ڦڙا پٽيءَ مان ٻاهر پئي نڪتا جنهن کي هن پنهنجي هٿ سان پنهنجي پگهر سان ڀريل منهن تي پئي مکيو. هو ان جلوس جي پڇاڙيءَ ۾ ڳاڙهي فوج جي ٻن سپاهين جي وچ ۾ هلي رهيو هو. هن نه رڳو پنهنجي بااعتماد انداز، وڻندڙ شخصيت ۽ هڪ نوجوان باغي جي تڪليف ڪڻڻ واري حقيقت پر پنهنجي ۽ پنهنجن ٻن ساٿين جي واهيات اشارن ڪري پاڻ ڏانهن توجهه ڇڪائي ٿي. اهي جيڪي ڪجهه ڪين ڪرڻ ڪپندو هو ان جي بلڪل ئي ابتڙ ڪري رهيا هئا.

ڪيس اجا تائين پنهنجي اسڪول واري ٽوپي پيل هئي. اها گهڙي گهڙي سندس پٽيءَ ٻڌل مٿي تان لهي ٿي ويئي. ان کي لاهي پنهنجي هٿ ۾ ڪڻڻ بدران هن هر ڀيري پنهنجي پٽي ۽ ڦٽ کي خراب ڪندي ان کي وري پاتو ٿي جنهن ۾ سندس محافظن به راضي خوشي سندس مدد ڪئي ٿي.

ان نامناسب حرڪت ۾، جيڪا عام سمجهه جي برخلاف هئي، ضرور ڪو اشارو لڪل هو. ان جي اهميت کان متاثر ٿيندي يوري ڊوڙي ٻاهر وڃڻ ۽ ان ڇوڪري کي اهي لفظ چوڻ لاءِ، جيڪي سندس اندر ۾ پچري رهيا هئا، بيچين ٿي ويو. هن رڙيون ڪري ڪيس ۽ ريل جي دٻي ۾ ويٺل ماڻهن کي ٻڌائڻ ٿي چاهيو ته ڇوٽڪارو قاعدن، قانونن ۽ وردين سان وفاداريءَ ۾ نه پر انهن کي لاهي ڦٽو ڪري ڇڏڻ ۾ آهي.

هو اتان هٽي ٻئي پاسي تي ويو. استريانڪوف ڏکيون ۾ تيز وکون کڻندو اندر آيو ۽ ڪمري جي وچ ۾ بيهي رهيو.

اهو ڪيئن ممڪن هو ته هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾، جنهن جا هزارين واقف هجن، سندس اڄ ڏينهن تائين ڪڏهن به اهڙي واضح نظر ايندڙ شخصيت سان واسطو نه پيو هو جيڪا هن شخص جي هئي؟ اهو ڪيئن ٿي ويو جو اهي ڪڏهن به نه گڏيا ۽ سندن واٽون هڪ ٻئي سان نه گڏيون هيون؟

ڪنهن اڻ ڄاڻ ڪارڻ ڪري اهو هڪدم واضح ٿي ويو هو ته هي شخص پختي ارادي جي هڪ مڪمل تصوير هو. هو مڪمل طور تي اهڙي شخصيت جو مالڪ هو جهڙو هن ٿيڻ چاهيو هو. سندس هر شيءِ ڪيس ٻين لاءِ پنهنجي قسم جو هڪ مثال بڻائي ڇڏيو هو. سندس متناسب ۽ سهڻو مٿو، هلڻ جو پرجوش انداز، سندس ڊگهيون ٽنگون، سندس گوڏن تائين پاتل جوتا جيڪي چمڪيا پئي ۽ سندس خاڪي سرج جي وردي جيڪا گهنجيل به ٿي سگهي پئي پر اها ائين پئي لڳي ڄڻ اعليٰ قسم جي ڪپڙي مان ٺهيل هجي ۽ ان کي تازو استري ڪيو ويو هو.

اهڙو سندس ذهانت، سندس متاثر نه ٿيندڙ اطمينان ۽ ڪنهن به قسم جي حالتن جي مقابلي جو ناقابل مزاحمت اثر هو.

يوري سوچيو ته هو ضرور غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ هوندو پر اها صلاحيت ضروري ناهي ته سندس پنهنجي هجي. سندس هر صلاحيت جيڪا سندس هر حرڪت ۾ نظر آئي ٿي، ساڳي ريت نقالي به ٿي سگهي ٿي.

انهن ڏينهن ۾ هر ڪنهن پنهنجو پاڻ کي ٻئي ڪنهن جهڙو ناهڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. تاريخي سورمن يا انهن ماڻهن جن محاذ يا گهٽين واري ويڙهه ۾ ماڻهن کي متاثر ڪري مشهوري ماڻي هئي يا اهي جن جي ماڻهن ۾ وڏي عزت هئي يا پنهنجي هڪ نه ٻئي دوست جي جنهن کو اعزاز ماڻيو هجي ۽ يا بس هڪ ٻئي جي نقل ڪرڻ هڪ عام ڳالهه ٿي ويئي هئي.

استريانڪوف مهذب انداز ۾ اهڙي ڪنهن حيرت يا ناراضگيءَ کي ظاهر ٿيڻ نه ڏنو جيڪا هن يوريءَ جي موجودگي ۾ محسوس ڪئي هوندي. هن پنهنجي عملي کي مخاطب ٿيندي ۽ ڪيس به منجهائڻ هڪ سمجهندي چيو ته، "مبارڪ هجيو. اسان انهن کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. اهو سيڪجهه هڪ سنجيده ڪم ڪان وڌيڪ بس جنگ کيڏڻ وارو معاملو ٿو لڳي. چاڪاڻ ته اهي به

ساڳي قسم جا روسي آهن جيئن اسين آهيون. بس رڳو منجهن احمقپڻو پرجي ويو آهي جيڪو هو ترڪ نہ ڪندا ۽ اسان کي ڪين درست ڪرڻو پوندو. انهن جو ڪمانڊر منهنجو دوست هو. سندس بڻ بنياد مونکان بہ وڌيڪ پرولتاري آهي. اسان ساڳئي گهر ۾ پلجي وڏا ٿياسين. هن زندگيءَ ۾ منهنجي لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو آهي ۽ آئون سندس گهڻو ٿورائتو آهيان ۽ آئون هتي خوش پيو ٿيان تہ اسان ڪين درياءَ جي هن پار ۽ شايد ان ڪان بہ پري اچلائي ڇڏيو آهي. گوريان ان رابطي کي جلدي ٺيڪ ڪر. اسان کي ٽيليفون جي ضرورت آهي. اسان رڳو پيغامبرن ۽ تار وسيلي ڪم نہ ٿا هلائي سگهون. ڇا گرمي وڌي نہ پئي. پوءِ بہ مون هڪ ڪلاڪ ڪن تہ ننڊ ڪري ورتي آهي. اڙي ها...." هو يوري ڏانهن، اهو ياد ڪندي تہ ڪيس ننڊ مان ان همراهہ متعلق ڪنهن معاملي کي منهن ڏيڻ لاءِ اٿاريو ويو هو مڙيو.

"هي همراهہ؟" استريانڪوف سوچيندي ڪيس هيٺ ڪان مٿي تائين ڏٺو. "بڪواس! ڪنهن بہ ريت هن جهڙو ناهي احمق!" هن ٽهڪ ڏنو ۽ يوري کي چيائين، "معاف ڪجانءِ ڪامريڊ. دراصل انهن تو کي غلطي وچان ٻيو ڪو همراهہ سمجهيو هو. منهنجي محافظن غلطي ڪئي. تون هاڻي آزاد آهين. ڪامريڊ جا ڪاغذ ڪٿي آهن. اوه اهي آهن تنهنجا ڪاغذ. آئون هڪ نظر انهن کي ڏسي سگهان ٿو. زواگو.... ڊاڪٽر زواگو.... ماسڪو... ساڳي ڳالهہ آهي، ڇا اسان هڪ منٽ لاءِ منهنجي ڪمري ۾ هلي سگهون ٿا؟ هي آفيس آهي. منهنجو ڪمرو ٻئي دٻي ۾ آهي.آئون تو کي گهڻي دير نہ روڪيندس.

(30)

حقيقت ۾ استريانڪوف ڪير هو؟

سندس ان حيثيت تي پهچڻ ۽ ان عهدي تي قائم رهڻ هڪ حيرت انگيز ڳالهہ هئي. ڇاڪاڻ تہ هو پارٽي کان ٻاهر جو ماڻهو هو ۽ ان جي باوجود تہ هو ماسڪو ۾ پيدا ٿيو هو پر مڪملً طرح گمناميءَ ۾ رهيو هو. هو يونيورسٽي کان سڌو ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ اسڪول جي استاد جي حيثيت ۾ هليو ويو هو. جنگ ۾ هو پڪڙيو ويو هو. ڪيس غائب ظاهر ڪيو ويو هو ۽ سمجهيو پئي ويو تہ مارجي ويو هو. هو تازو جرمني جي قيد مان واپس آيو هو. ترقي پسند سياسي خيالن واري هڪ ريلوي جي پورهيت، تيورزن جنهن، جي گهر ۾ هن جو ننڍپڻ گذريو هو سندس سفارش ڪئي

هئي ۽ ضمانت ڏني هئي. جن جي هٿ ۾ مقررين جو ڪم هو، اهي ڪانٽس ڏاڍو متاثر ٿيا. ان غير رواجي لفاظي ۽ سياسي انتها پسندي واري دور ۾ سندس ڇڙواڳ انقلابي جوش وقت جي تقاضا سان ٺهڪي ٿي آيو. سندس خلوص ۽ جنون جيڪي نہ ڪنهن ڪان اڌارا ورتل هئا ۽ نہ ئي اتفاقي هئا پر پنهنجي ڪوشش ۽ زندگي جي حالتن جي تخليق هئا، نمايان ٿي ٿي بيٺا.

هو اختياري وارن جي اعتماد تي پورو لٿو هو. گذريل ڪجھہ مهين: سندس جنگي رڪارڊ ۾ ترني ڪلمہ ۽ است نمدنسڪ جي شهرن جو ٻرڻ (جنتي يوري جي ٽرين ڪي برف جي ڪري بيهاريو ويو هو)، گبيموف جي هارين ڪي ڪچلڻ جن اناج جي محصولن خلاف هٿياربند مزاحمت ڪئي هئي ۽ چوڏهين پيادل فوج جي همراهن ڪي دٻائڻ، جن اناج جي هڪ قافلي ڪي ڦريو هو، شامل هو. هن ”رازن“ سپاهين خلاف بہ ڪارروائي ڪئي هئي جن ترڪا ڪوٽي جي شهر ۾ بغاوت ڪئي هئي ۽ سفيد روسين جي فوج سان گڏجي ويا هئا. ساڳي ريت هن ”چوڪناس“ ۾ ٿيل بغاوت، جنهن ۾ هڪ وفادار ڪمانڊر مارجي ويو هو،ڪي پڻ ڪچليو هو.

هر معرڪي ۾ هو دشمن تي اوچتو وجي ڪڙڪيو هو ۽ پڇا ڳاڇا، مقدمي هلائڻ، سزا ڏيڻ ۽ سزائن تي عمل ڪرائڻ واري عمل ڪي تيزي، سختي ۽ ارادي جي پختگي سان انجام ڏنو هو.

هن فوج مان پڇڻ واري مقامي وباڪي ضابطي ۾ آندو هو ۽ پرتي ڪرڻ وارن ادارن ڪي وري منظم ڪيو هو. نتيجي ۾ پرتيءَ جو ڪم اڳتي وڌيو هو ۽ ڳاڙهي فوج جي پرتيءَ جي مرڪزن تي رش وڌي ويئي هئي.

نيٺ جڏهن اتر ـ ساز سفيد روسين جو دٻاءُ وڌي ويو ۽ صورتحال واقعي ڳڻتي جوڳي ٿي پيئي تہ استريانڪوف ڪي نيون فوجي حڪمت عمليون ناهڻ متعلق ذميواريون ڏنيون ويون. سندس سرگرمين جا فوري نتيجا نڪتا.

استريانڪوف (شڪاري) ڄاتو ٿي تہ افواهن جي ڪري سندس نالو راستريلينڪوف ”جلاد“ پئجي ويو هو. هن ان ڪي سڪون سان ٻڌو. هو ڪنهن ڳالهہ ڪان پريشان نہ ٿيندو هو.

سندس پيءُ هڪ پورهيت هو جنهن ڪي 1905ع جي انقلاب ۾ ڀهرو وٺڻ جي ڪري جيل موڪليو ويو هو. هن انهن ڏينهن ۾ ڀهرين تہ ان ڪري انقلابي

تحريڪ ۾ حصو نہ ورتو هو جو هو اجا ننڍو هو ۽ پوءِ يونيورسٽي ۾ ان ڪري تہ غريب گهراڻن مان ايندڙ ٻار تعليم کي وڏيڪ اهميت ڏيندا هئا ۽ شاهوڪار ٻارن جي پيٽ ۾ وڏيڪ سخت محنت ڪندا هئا. ٻين شاگردن ۾ بيچيني ۽ جوش ڪيس بلڪل متاثر نہ ڪيو هو. هن علم جو وڏو ذخيرو ڪٺو ڪيو ۽ فن جي شعبي ۾ ڊگري وٺڻ کان پوءِ سائنس ۽ حسابن جي تعليم بہ حاصل ڪيائين.

ڪيس فوجي خدمت کان آجو رکيو ويو هو. هن هڪ رضاڪار طور پنهنجو نالو لکرايو ۽ ڪيس پرتي ڪري محاذ تي موڪليو ويو، جتي هو گرفتار ٿي ويو. روس ۾ انقلاب جو ٻڌي 1917ع ۾ هو اتان ڀڄو ۽ پنهنجي ملڪ پهچي ويو. منجهس واضح ۽ منطقي دليل جي غير معمولي صلاحيت هئي ۽ ڪيس وڏي اخلاقي پاڪيزگي ۽ انصاف جو جذبو عطا ڪيل هو. هو جذبي سان ڀريل ۽ عزت لائق شخص هو.

پر هڪ سائنسدان طور جنهن جو ڪم نئين ايجاد ڪرڻ هوندو آهي،سندس ذهن ڪنهن ڏکي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ نواڻ جي تخليق ۾ ناڪام رهندو هو. منجهس اها صلاحيت نہ هئي جيڪا غير متوقع طور ٿيندڙ واقعن کي منهن ڏيڻ لاءِ گهربل هوندي آهي.

ٻين سان چڱائي ڪرڻ لاءِ ڪيس پنهنجي ذهن ۾ ويٺل اصولن کان سواءِ هڪ غير اصولي دل جي بہ ضرورت هئي، اهڙي دل جيڪا عام معاملن کي نہ پر رڳو خاص معاملن کي ڄاڻندي هجي ۽ منجهس ننڍن ڪمن ڪرڻ جي عظمت هجي.

ننڍپڻ کان وڏيون خواهشون رکندي هن دنيا کي هڪ اهڙي وشال اکاڙي طور ڏٺو هو جتي هر ڪو قائدن قانونن جي پابندي ڪندي ڪمال تائين پهچڻ لاءِ چٽاڀيٽي ڪندو آهي. جڏهن ڪيس خبر پيئي تہ ڳالهہ ائين نہ هئي تہ ڪيس اهو محسوس نہ ٿيو تہ هُو هن دنيا جي نظام کي گهٽو سادو سمجهڻ ۾ غلط هو. پنهنجي ان ڏک کي پنهنجي اندر جي گهرائي ۾ دفن ڪندي هن اهو سوچيو تہ هڪ ڏينهن هو زندگي ۽ انهن اونداهي جي قوتن، جن ان کي بگاڙيو آهي، جي وچ ۾ منصف ٿيندو ۽ زندگي جو طرفدار ٿي اونداهي جي قوتن کان بدلو وٺندو.

پنهنجين مايوسين سندس اندر ۾ جيڪا ڪڙاڻ پيري ڇڏي هئي، انقلاب ان جي نيڪال لاءِ ڪيس هڪ موقعو فراهم ڪري ڇڏيو.

(31)

"زواگو" جڏهن اهي سندس ڪمري ۾ ويهي رهيا تہ استريلنڪوف ورجايو. "زواگو ..... منهنجو خيال آهي واپاريا اعليٰ طبقي جو فرد..... خير يقينا ماسڪو جو هڪ ڊاڪٽر....ويريڪينو وچي رهيو آهي. اها عجيب ڳالهہ آهي. نيٺ تون ماسڪو ڇڏي ايڏي پنتي پيل علائقي ڏانهن ڇو پيو وڃين؟"

"اهو بس هڪ خيال آهي. شانتي، اڪيلائي ۽ گمنامي جي ڳولا ۾."

"منهنجا پيارا ڪيڏيون نہ رومانوي ڳالهيون آهن! واريڪينو؟ آئون هتان جي گهٽين جاين کان واقف آهيان. اها ڪروگير جي جاگير رهي آهي. تنهنجو اتفاق سان ساڻس ڪو تعلق تہ ناهي؟ تون ڪٿي سندس وارث تہ ناهين؟"

"پلا اها توڪ ڇو؟ سندس وارث هئڻ جو ان سان واسطو ناهي. بهرحال اهو صحيح آهي تہ منهنجي زال ....."

"اڇا تہ اها ڳالهہ آهي! پر جيڪڏهن تون سفيد روسين کي ياد ٿو ڪرين تہ آئون تو کي مايوس ٿي ڪندس. اسان ان علائقي مان سندن خاتمو ڪري ڇڏيو آهي."

"تون اڃا بہ مون تي چٽرون پيو ڪرين؟"

"۽ پوءِ هڪ ڊاڪٽر، هڪ فوجي ميڊيڪل آفيسر ۽ اسان جنگ پيا ڪريون. اهو يقينا منهنجو ڪم آهي. تون هڪ پاڇوڪڙ آهين. انارڪسٽ هاري بہ جهنگلن ۾ پناهہ پيا وٺن. تنهنجي اتي وڃڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن."

"آئون بہ پيرا زخمي ٿيو هئس ۽ مون کي معذور ڪري فوج مان ڪڍيو ويو هو."

"بي ڳالهہ تہ تون تعليمي يا صحت جي ڪوميسار جو هڪ حوالي وارو خط ڏيندين تہ تون هڪ سوويت شهري يا هڪ همدرد يا مڪمل وفادار آهين. اهو انتهائي هنگامي دور آهي، منهنجا پيارا سائين. اها آخري فيصلي جي گهڙي آهي. اهو چمڪندڙ تلوارن وارن ملائڪن ۽ تحت الثريٰ مان آيل پرن وارن درندن جو دور آهي. هتي همدردن ۽ وفادار ڊاڪٽرن جي ڪا گنجائش ناهي. بهرحال مون تو کي چيو تہ تون آزاد آهين ۽ آئون پنهنجا لفظ واپس نہ وٺندس. پر ياد رک تہ اهو رڳو هڪ ڀيري لاءِ آهي. آئون سمجهان ٿو تہ اسان وري ملنداسين ۽ ان وقت اسان جي ڳالهہ ٻولهہ بلڪل مختلف هوندي. خيال ڪجان "

يوري ان چيلنج يا ڌمڪي کان مرعوب نہ ٿيو. هن چيو تہ "مون کي خبر آهي

تہ تون منهنجي متعلق ڇا ٿو سوچين. تنهنجي نقطہ نظر کان تون درست آهين. پر جنهن ڳالهہ تي تون مون تي سڄي حياتي پنهنجي تصور ۾ ڏوهہ مڙهيندي بحث ڪندو رهيو آهين، اها هڪ عجيب ڳالهہ ٿيندي جيڪڏهن آئون اڄا تائين ان سلسلي ۾ ڪنهن نتيجي تي نہ پهچان. رڳو اها ڳالهہ آهي تہ آئون ان کي ٻن ٽن لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهان. جيڪڏهن آئون واقعي آزاد آهيان تہ مون سان ان تي بحث ڪرڻ کان سواءِ فيصلو ڪري وٺ تہ مون سان ڪهڙو ورتاءُ ڪندين. مون کي تو سان ڪي بہ بهانا ڪرڻ جي ضرورت ناهي."

ٽيليفون جي گهنٽي سندن ڳالهين جي سلسلي کي ٽوڙي ڇڏيو. ٽيليفون جي لائين ٺيڪ ٿي ويئي هئي. استريلنڪوف رسيور کڻي ڳالهائڻ لڳو. "مهرباني گوريان، هاڻي ڪنهن همراهہ کي موڪل تہ ڪامريڊ زواگو کي سندس ٽرين تائين پهچائي اچي. آئون نہ ٿو چاهيان تہ ٻي ڪا غلطي ٿئي ۽ مون کي رازولي چيڪا ٽرانسپورٽ ڊپارٽمينٽ جو نمبر ملائي ڏي."

جڏهن زواگو هليو ويو تہ استريلنڪوف ريلوي اسٽيشن فون ڪيو. "هتي انهن هڪ اسڪولي ٻار آندو آهي جيڪو پنهنجن ڪنن تي ٽوپي ڇڪي پائيندو رهي ٿو ۽ جنهن جي مٿي تي پٽي ٻڌل آهي. اها نهايت شرم جي ڳالهہ آهي. ها اهو ٺيڪ آهي. جيڪڏهن ضروري هجي تہ. ها اهو ٺيڪ آهي. هاڻ اڄ تہ ڪم جي ڳالهہ ڪريون. آئون اڄا ڳالهائي رهيو آهيان. منهنجو لاڳاپو ختم نہ ڪجانءِ. لعنت هجي. ٻيو ڪير لائين تي آهي. گوريان! گوريان! انهن... منهنجو ڪو پراڻو شاگرد بہ ٿي سگهي ٿو." هن چيو، " اسان سان وڙهي پيو. هاڻي هو وڏو ٿي ويو آهي." هن اهو ڏسڻ لاءِ تہ آيا اهو ڇوڪرو سندس شاگرد ٿي سگهيو ٿي ان وقت کان وٺي سال ڳڻڻ شروع ڪيا جڏهن هن پڙهائڻ ڇڏي ڏنو هو. پوءِ هن دريءَ مان آڪاش تي نظر وڌي ۽ يورياتن ۾ ان حصي جي ڳولا ڪرڻ لڳو جتي هو پنهنجي زال سان گڏ رهندو هو. فرض ڪجي تہ سندس زال ۽ ڌيءَ اڄا اتي رهندا هجن. ڇا هو وٽن وڃي سگهيو ٿي؟ هاڻي هن وقت ڇو نہ؟ ها، پر هو ڪيئن ائين ڪري سگهيو ٿي؟ پر اهي ٻي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهن. پهرين هو اها نئين زندگي گذاري وٺي پوءِ هو ان زندگي ڏانهن موٽي سگهيو ٿي جنهن جو سلسلو ٽٽي ويو هو. ڪڏهن هو بلڪل ائين ئي ڪندو پر نيٺ ڪڏهن، ڪڏهن؟

## باب اٺون

# آمد

(1)

جنهن ٽرين زواگو خاندان کي آندو هو اها اجا اسٽيشن کان ٿورو پرتي بيٺ ٽرينن ۾ لڪي بيٺي هئي. پر ان ڏينهن صبح جو انهن پهريون ڀيرو محسوس ڪيو تہ ماسڪو سان سندن تعلق ڇڇي پيو هو ۽ ختم ٿي ويو هو.

هاڻي اهي هڪ بلڪل ئي مختلف علائقي ۾ هئا. ملڪ جي ڏورانهن علائقن جي هڪ نئين ۽ مختلف دنيا جنهن جو هڪ پنهنجو ئي ڪشش ثقل جو مرڪز هو.

اهو فوري طور تي ئي واضح ٿي ويو هو تہ هتي ماڻهو ماسڪو يا پيٽرزبرگ جي پيٽ ۾ هڪ ٻئي جي وڌيڪ ويجهو هئا. جيتوڻيڪ اسٽيشن جي علائقي کي ڪڙو ڏنو ويو هو ۽ ان کي شهرين لاءِ بند ڪيو ويو هو پر مقامي ٽرينن جي مسافرن نہ ڄاڻ ڪيئن اتي پهچڻ جو بندوبست ڪري ورتو هو. اهي دٻن ۾ سٽيا پيا هئا. دروازن تي هجوم جي صورت ۾ بيٺا هئا يا انهن جي آڏو هليا پئي يا بيٺا هئا.

اهي سڀئي هڪ ٻئي کان واقف هئا. انهن هڪ ٻئي کي ڏسي سڃاڻ ڪيو ٿي يا هٿ لوڏيو ٿي ۽ جيئن هڪ ٻئي وٽان گذريا ٿي تہ ڪيڪار پليڪار ڪيائون ٿي. سندن ڳالهائڻ ۽ لباس ۽ سندن خوراڪ ۽ طور طريقا سڀ وڏن شهرن ۾ رهندڙ ماڻهن کان ٿورو مختلف هئا.

انهن پنهنجي روزي ڪيئن ٿي ڪمائي؟ يوري سوچيو. انهن جا ڪهڙا ڪم ۽ مادي وسيلا هئا. انهن ڪيئن ان دور جي ڏکيائين کي منهن ٿي ڏنو ۽ ڪيئن قانون کان بچيا ٿي؟ ڪيس جلد ئي ان جو نهايت واضح جواب ملڻو هو.

(2)

سپاهيءَ جي حفاظت ۾ جيڪو پنهنجي رائفل کي پويان گهليندو پئي هليو يا ان کي هلڻ واري لڪڻ طور پئي استعمال ڪيائين، يوري پنهنجي ڊبي ۾ موٽي ويو.

اهو سخت گرم ڏينهن هو. ائين لڳو پئي ته ڄڻ ڊبي جي ڇت ۽ ريل جون پٽڙيون پگهرجي رهيون هجن. تيل سان ڪاري ٿيل ڌرتي ۾ سون جهڙي چمڪ پيدا ٿي پيئي هئي.

سپاهي جي رائفل مٽيءَ ۾ هر جيان هلندي ڪڏهن ڪڏهن لائن جي وچ ۾ لڳل تختن سان ٽڪرائجي ٿي ويئي.

"موسم بهتر ٿي ويئي آهي." هو چئي رهيو هو. "اهو بهار جي پوکن جهڙوڪ مڪئي، جوَ ۽ ٻاجهري پوکڻ لاءِ بهترين وقت آهي. پر اڃا ڪاري ڪڻڪ پوکڻ جو وقت نه آيو آهي. جتان آئون اچان پيو اتي اسين ڪاري ڪڻڪ جي پوک اکوينا ڏڻ جي موقعي تي شروع ڪندا آهيون. منهنجو ان تر سان واسطو ناهي.آئون تامبو جي ويجهو مورشنسڪ جو رهواسي آهيان. ها ته ڪامريڊ ڊاڪٽر، تنهنجو ڇا خيال آهي ته جيڪڏهن اها گهرو ويڙهه ۽ رد انقلاب جي وبا ڦهليل نه هجي ها ته آئون انهن اجنبي علائقن ۾ ۽ ان منڊ ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪيان ها؟ طبقاتي جنگ اسان جي وچ مان جهيڙو ڪرائيندڙ ڪاري ٻلي جيان گذري ويئي آهي ۽ هاڻي ڏس ته اسان جو ڪهڙو حشر ٿو ٿئي.

(3)

ڊبي مان ڪيس مٿي چڙهڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڪيئي هٿ ٻاهر نڪري آيا.

"مهرباني، آئون پاڻ مٿي اچي سگهان ٿو."

يوري مٿي اچي پنهنجي زال کي پاڪرن ۾ وٺي ڇڏيو. "نيٺ ڇڱو ٿيو. خدا جو شڪر آهي ته معاملي جي پڄاڻي ان ريت ٿي." هو ورجائي ورجائي اهو چوندي رهي. "دراصل اسان ڄاڻو ٿي ته تون بلڪل ٺيڪ آهين."

"تنهنجو ڇا مطلب آهي. تو ڄاتو ٿي ته آئون بلڪل ٺيڪ هئس؟"

"سپاهين اچي اسان کي ٻڌايو ته ڇا پئي وهيو واپريو. تنهنجو ڇا خيال آهي ته اسان اهو تجسس ڪيئن سهي سگهون ها؟ ان ڳالهه بابا ۽ منهنجا ته حواس ئي گم

ڪري ڇڏيا هئا. هو اتي گهري ننڊ ۾ ستل آهي، تون ڪيس جاڳائي نہ ٿو سگهين. ان سڄي هنگامي ڪان پوءِ هو گهري ننڊ سمهي پيو آهي. گهڻا نوان مسافر آيا آهن. آئون توکي بس هاڻي ساڻن متعارف ڪرايان ٿي، پر اڳ ۾ اهو ٻڌ تہ هر ڪنهن ماٺهو چا پئي چيو. انهن سيني تنهنجي بچي اچڻ تي واڌايون پئي ڏنيون. اهو هي همراهہ آهي." هو اوچتو مڙي ۽ پنهنجي مڙس کي هڪ نئين مسافر سان متعارف ڪرائڻ لڳي جيڪو ڏبي جي پوئين حصي ۾ ماڻهن جي ميڙ ۾ ڦاٿو پيو هو.

"سمديوياتوف." ان اجنبي پنهنجو ٽوپلو مٿي ڪڻندي ۽ ماڻهن جي وچ مان رستو ٺاهيندي اڳتي وڌندي پنهنجو تعارف ڪرايو.

"سمديوياتوف." يوري سوچيو. ان قسم جي نالي سان سندس ذهن ۾ روسي رزميہ نظم جو اهڙو ڪردار آيو ٿي جنهن جي گهاٽي ڏاڙهي هجي ۽ ڪيس عورتن جهڙي قميص ۽ هيرن لڳل پٽو پاتل هجي. پر سندس پورن گهنڊيدار وارن، مڇين ۽ بکر جهڙي ڏاڙهيءَ سان مقامي آرٽس ڪلب جو تصور آيو ٿي.

"تہ ڇئبو تہ استريانڪوف توکي ڊيڄاري ڇڏيو؟"

سمديو ياتوف چيو، " ايمانداريءَ سان ٻڌاءِ."

"نہ تہ، ڇو ڀلا؟ اسان جي وچ ۾ دلچسپ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. هو يقينا هڪ طاقتور شخصيت جو مالڪ آهي."

"آئون پاڻ ائين سوچيان ٿو. مون کي سندس متعلق ڪجهہ ڄاڻ آهي. هو اسان جي تر جو ناهي. هو توهان وانگر ماسڪو جو رهاڪو آهي. اسان جي ٻين گهڻن اهڙن ماڻهن وانگر جن کي ماسڪو مان گهرايو ويو آهي. ٻي صورت ۾ اسان کي سندن خيال ئي نہ اچي ها."

"يوري، پيارا، هي انغم افيمووچ سيڪجهہ ڄاڻي ٿو،" تونيا چيو، "هن تنهنجي ۽ تنهنجي والد متعلق ٻڌو آهي ۽ هي منهنجي ڏاڏي کي بہ سڃاڻي ٿو. مطلب تہ هي سيني کي سڃاڻي ٿو. منهنجو خيال آهي تہ تون اسڪول جي استاد انتيپوا سان تہ ضرور مليو هوندين؟" ائين ئي سندس وات مان ڳالهہ نڪري ويئي ۽ سمديوياتوف بہ ترت ان جو مختصر جواب ڏيندي پڇيو تہ "انتيپوا کي ڇا ٿيو آهي؟" يوري اهو ٻڌو پر ماٺ رهيو ۽ تونيا ڳالهہ جاري رکندي چيو تہ، "پيارا انغم اينيمووچ بالشويڪ آهي. ٿورو احتياط ڪجانءِ ۽ اهڙي تهڙي ڳالهہ وات مان نہ ڪڍجانءِ."

”واقعي؟“ يوري چيو. ”مون کي تہ اهڙو خيال بہ ذهن ۾ نہ آيو هو. مون تہ تو کي ڪو فنڪار وغيره سمجهيو هو.“

”منهنجي پيءُ جي بگهين واري سراءِ هئي وٽس ست بگهيون هيون ۽ هر بگهيءَ کي ٽي گهوڙا ڇڪيندا هئا. پر آئون يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ هليو ويس ۽ اهو سچ آهي تہ آئون هڪ مارڪس وادي آهيان.“

”يوري ٻڌ تہ سهي انغر افيمووچ مون کي ڇا ٻڌايو آهي ۽ انغر افيمووچ جيڪڏهن تون دل ۾ نہ ڪرين تہ آئون اهو چوان تہ تنهنجو نالو تہ ڄڻ کي بلڪل مروڙي ٿو ڇڏي! جاني ! ٻڌ هن مون کي ڇا چيو آهي.... اسان نهايت خوش قسمت آهيون. مرڪزي يورياٽن ۾ گاڏي نہ ٿي وڃي سگهي. شهر جي هڪ حصي ۾ باهہ لڳل آهي ۽ پل کي اڏايو ويو آهي. شهر کان ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهجي. ان ڪري اسان جي ٽرين کي هڪ ٻي پٽڙيءَ تي منتقل ڪيو پيو وڃي ۽ اها اُها ساڳي پٽڙي آهي جيڪا اسان کي گهربل هئي. ان تي ئي اسان جي اسٽيشن تورفياناٽيا واقع آهي. آهي نہ شاندار ڳالهہ! هاڻي اسان کي نہ تہ هڪ گاڏيءَ مان ٻي گاڏي ۾ منتقل ٿيڻو پوندو ۽ نہ ئي پنهنجي سامان کي هڪ اسٽيشن کان ٻيءَ اسٽيشن ڪٽي وڃڻو پوندو. اسان بس پنهنجي ٽرين ۾ ئي هونداسين. پر ٻئي پاسي انغر افيمووچ ٻڌائي پيو تہ رواني ٿيڻ کان اڳ ان پٽڙي تي پهچڻ لاءِ گهڻن ڪلاڪن تائين دٻن کي شنٽنگ ۾ پوئتي ۽ اڳتي ڪرڻ جو سلسلو جاري رهندو.“

(4)

ٽونيا صحيح پئي چيو. دٻن کي گڏيو ۽ ڌار ڪيو پئي ويو ۽ ٽرين کي هڪ پٽڙيءَ کان ٻيءَ پٽڙي تي آڻڻ جو اٽڪت سلسلو هلندو رهيو. انهن پٽڙين تي ٻيون ٽرينون ان جي اڳتي وڃڻ جو رستو روڪي بيٺيون هيون.

شهر ٿورو پري هو جنهن کي ٻنين لڪائي ڇڏيو هو. ڪڏهن ڪڏهن ان جي گهرن جون ڇتون، ڪارخانن جون چمنيون ۽ گهنٽا گهرن تي لڳل صليبون مٿي آڪاش تي نظر آيون ٿي. دونهون آڪاش ڏانهن اٿين پئي وڌيو جيئن گهوڙي جي ڳچي جا وار هوا ۾ اڏرندا هجن.

يوري ۽ سمديوياتوف دٻي جي ڇت تي ٽنگون هڪ پاسي رکيو ويٺا هئا. سمدياتوف يوري کي انهن شين متعلق سمجهايو پئي جيڪي ڪيس پري نظر پئي

آيون. گهڙي گهڙي ٽرين جي رفتار وڌي ٿي جنهن سندس آواز کي دٻائي ٿي ڇڏيو ۽ کيس پنهنجي وات کي پوريءَ جي ڪن جي ويجهو آڻي رڙيون ڪري ان ڳالهه کي ورجائڻو ٿي پيو جيڪا هن اڳ ۾ چئي هئي.

”اها جائنٽ نالي واري سينيما آهي، جنهن کي انهن باهه ڏيئي ڇڏي آهي. اها ڪيڊٽن جي قبضي ۾ هئي پر انهن اڳ ۾ ئي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا هئا. عام طرح سان ويڙهه اڃا ڪنهن به ريت ختم ناهي ٿي. تون گهنٽا گهر تي انهن ڪارن ٽٻڪن کي ڏسين ٿو؟ اهي اسان جا همراهه آهن جيڪي چيڪوسلواڪيا جي فوجين تي گوليون هلائي رهيا آهن.“ (چيڪوسلواڪيا جي فوجي دستن سال 1918ع ۾ اوپر روس ۽ سائيبيريا جي واقعن ۾ بهرو ورتو هو)

”مون کي ڪجهه به نظر نه ٿو اچي. تون ايڏي فاصلي تي ڪين ڪيئن ٿو ڏسي سگهين.“

”اهو ڪاريگرن جو علائقو ڪوڪريڪي آهي جنهن ۾ باهه لڳل آهي. خولوبود جو علائقو جتي بازار آهي، اهو اڃا اڳتي آهي، ان ۾ منهنجي دلچسپي ان ڪري آهي جو منهنجي سراءِ اتي آهي. خوش قسمتيءَ سان باهه رڳو پسگردائي وارن علائقن ۾ لڳل آهي ۽ ان جي شهر جي مرڪز تائين وڌڻ جو امڪان نه ٿو لڳي.“

”تون ڇا پيو چوين؟“

”مون چيو ته مرڪز اڃا محفوظ آهي. شهر جو مرڪز، گرجا گهر، لائبرري... اسانجو اهو نالو سمديوياتوف سان ڊونيتو جي روسي شڪل آهي. اهو سمجهيو ٿو وڃي ته اسان ڊيميدوف جي خاندان سان واسطو رکون ٿا.“

”آئون اڃا به ٻڌي نه پيو سگهان.“

”مون چيو ته سمديوياتوف سان ڊونيتو جي بگڙيل سورت آهي. ماڻهن جو چوڻ آهي ته اسان ڊيميدوف گهراڻي جي هڪ شاخ ۽ شهزادي ڊيميدوف سان ڊونيتو جي وارثن مان آهيون. پر اها رڳو هڪ خانداني ڪٿا آهي. سامهون هن جاءِ کي سپر ڪاڊيل چيو ويندو آهي. اتي وڏا بنگلا ۽ جايون آهن جتي ماڻهو گهمڻ ڦرڻ لاءِ ايندا آهن. ڪهڙو نه مزي وارو نالو آهي. ان جي آڏو هڪ ماٽري آهي جتي ريلوي پٽڙين جو چاروچايل آهي. ٽيليگراف جي ٿنڀن جي هڪ قطار آڪاش تائين هلي ٿي وڃي ائين جيئن ستن پيرن وارا ديو. ڦيٿي جيان ڦرندڙ گهمندڙ رستو جيڪو سونهن ۾ ريلوي لائين سان متو هٽي وڃي آڪاش ۾ غائب ٿئي ٿو ۽ وري هڪ ڪشادي موڙ تي ظاهر ٿي وري غائب ٿي وڃي ٿو.

اها اسان جي مشهور شاهراهه آهي. اها سڄي سائيبيريا مان لنگهي ٿي. ڍوهاري ان جا گيت ڳائيندا رهيا آهن. هاڻي اها فوجي ڪارروائين لاءِ استعمال ٿئي ٿي. توکي اهي سڀ شيون وڻنديون. اهي ايڏيون خراب ناهن. تون انهن جو ايترو عادي ٿي ويندين جو تون هتان وڃڻ کان پوءِ انهن کي ياد ڪندو رهندين.... شهر جون مختلف منفرد خاصيتون آهن. مثال طور اسان جا پاڻي جا پمپ. عورتون رستي تي پاڻي لاءِ قطار ناهي بيهنديون آهن. سردين جي سڄي مند ۾ اهو چڻ سندن لاءِ هڪ ڪليل ڪلب مثل هوندو آهي."

"اسان شهر ۾ نه رهنداسين. اسان واريڪينو پيا وڃون."

"مون کي خبر آهي، تون ڪم ڪار سان شهر پيو ايندين. جنهن وقت مون تنهنجي زال کي ڏٺو هو، مون کي اندازو ٿي ويو هو ته اها ڪير آهي. اها پوڙهي ڪروگر جي هڪ جيئري تصوير آهي. سندس اکيون، نڪ، نرڙ بلڪل سندس ناني جهڙا آهن هتي هر ڪو کيس ياد ڪري ٿو."

اتي ڳاڙهي رنگ جا گول تيل جا ٽينڪ ۽ ڪاٺ جي تختن تي لڳل وڏا اشتهار نظر پئي آيا. انهن مان هڪ تي يوريءَ جي نظر پيئي جنهن کي هن ٻه ڀيرا ورجائي ڏٺو. ان تي لکيل هو، "موريو ۽ وچنڪن، ٻج پوکڻ ۽ پوک لڻڻ جون مشينون."

"اها هڪ سٺي فرم هئي. ان جي زرعي مشينري بهترين هئي."

"آئون ٻڌي نه پيو سگهان. تون ڇا پيو چوين؟"

"مون چيو، هڪ سٺي فرم. تون ٻڌي سگهين ٿو؟ هڪ سٺي فرم. اهي زرعي مشينون ناهيندا هئا. اها هڪ لميٽيڊ ڪمپني هئي. منهنجي والد وٽ به ان جا شيئرز هئا."

"منهنجو خيال آهي ته تو چيو هو ته هو هڪ سراءِ هلائيندو هو."

"اهو ته هو ڪندو هو. پر ان ڳالهه ڪيس شيئرز وٺڻ کان ته نه ٿي جهليو. هن نهايت هوشياريءَ سان سيڙپ ڪئي هئي. جائنٽ سينيما ۾ به سندس ناڻو سيڙيل هو."

"تنهنجي ٻڌائڻ مان ائين پيو لڳي ته چڻ توکي ان ڳالهه تي فخر آهي؟"

"منهنجي پيءُ جي ذهين ۽ تيز هئڻ تي يقينا مون کي فخر آهي."

"پر پوءِ تنهنجي مارڪسزم جو ڇا ٿيو؟"

"اوه خدا! ان جو ڀلا ان ڳالهه سان ڪهڙو واسطو آهي؟ اهو ڀلا ڇو آهي ته مارڪسسٽ هئڻ ڪري هڪ ماڻهو گگ ڳاڙيندڙ احمق بڻجي وڃي؟ مارڪسزم هڪ مثبت سائنس آهي. اهو حقيقت تي ٻڌل نظريو ۽ تاريخ جو فلسفو آهي."

"مارڪسزم ۽ هڪ سائنس؟ بهرحال هڪ اهڙي ماڻهو سان ان متعلق بحث ڪرڻ، جنهن سان ڪا گهڻي واقفيت ناهي، جوکم کڻڻ برابر آهي .... پوءِ به اهو چئي سگهجي ٿو ته ما ڪسزم اجا پاڻ کي سائنس هئڻ واري معيار تي نه آندو آهي. سائنس متوازن هوندي آهي. تون مارڪسزم ۽ معروضيت جي ڳالهه ٿو ڪرين. مون کي اهڙو ڪو علم ڪونه ٿو سجهي جيڪو مارڪسزم کان وڌيڪ پنهنجو پاڻ تي مرڪوز ۽ حقيقت کان پري هجي. عام طور تي ماڻهو پنهنجن نظرين کي عمل ۾ پرکڻ ۽ تجربي مان سکڻ لاءِ آتا هوندا آهن پر جن جي هٿ ۾ اقتدار هوندو آهي سي پنهنجي لافانيت واري ڏند ڪٿا کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ فڪرمند هوندا آهن ۽ سچ کي پوري ريت پٺ ڏيئي بيهي رهندا آهن."

سمديوياتوف يوري جي لفظن کي هڪ اهڙي ذهين ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪري ورتو جيڪا عام ڊارا کان هٽيل هجي ۽ انکي مرڪندي ٻڌندو رهيو.

ٽرين شنتنگ هلي رهي هئي. هر ڀيري جڏهن اها رواني ٽيڻ واري سگنل تي پهتي ٿي ته هڪ عورت، جنهن جي پٺن سان ڪير جو دٻو ٻڌل هو ۽ جيڪا سوئچ دٻائڻ واري ڊيوٽي تي هئي، پنهنجي اٽڻ وارو سامان پاسي تي رکي هڪ پاسي جهڪي ليور کي دٻائي گاڏيءَ کي وري شهر ڏانهن پوئتي موڪلي ٿي ڇڏيائين. جيئن اها آهستي پوئتي موٽي ٿي تيئن هو اٿي ٿي وٺي ۽ ان کي مڪ ٿي ڏيکاريائين.

سمديوياتوف ان کي ذاتي طور پنهنجي بي عزتي ڪري ليکيو.

"هوءَ اهو ڇو ٿي ڪري؟" هن سوچيو. "سندس چهرو مانوس ٿو لڳي. ڇا اها گليشا تنت سيوا ته ناهي؟ نه، آئون نه ٿو سمجهان ته هوءَ گليشا هوندي. اها گهڻي پوڙهي ٿي لڳي. بهرحال، مون سان ڪيس ڪهڙو وير آهي؟ آئون سمجهان ٿو ته هن وقت مادر وطن روس ۾ جيڪو ڀونچال آيل آهي ۽ ريلوي ۾ جيڪا افراتفري متل آهي، ان هن غريب عورت جي حالت کي به خراب ڪري ڇڏيو آهي ۽ هوءَ سمجهي ٿي ته ان سڀ لاءِ آئون ذميوار آهيان جنهن جي ڪري هوءَ مون تي مڪ الاري ٿي. او دفع ڪر ان کي، ڇڻ ته مون کي سوچڻ لاءِ ٻيون شيون آهن ٿي نه."

نيٺ گهڻي دير کان پوءِ عورت جهنڊي لهرائي، انجڻ ڊرائيور کي رڙ ڪري ڪجهه چئي، ٽرين کي سگنل اڪري کليل ميدان ۾ وڃڻ جي اجازت ڏيئي ڇڏي. پر جيئن ئي چوڏهون ڏهو سندس پر مان گذريو هن جيپ ڪڍي فرش تي وينل ٻن همراهن کي چيڙايو. هوءَ سندن صورت مان بيزار هئي. سمديوياتوف وري سوچ ۾ پئجي ويو.

(5)

جڏهن برندڙ شهر جي پسگردائي پنهنجي تيل جي گول ٽينڪن، تار جي ٿنڀن ۽ اشتهاري بورڊن سان گڏ پوئتي رهجي ويئي ۽ انهن جي جاءِ ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندڙ شاهراهه، ٻيلن ۽ ننڍين ٽڪرين واري قدرتي منظر ورتي ته سمديو ياتوف چيو ته:

"هاو ته پنهنجين جاين ڏانهن موٽي هلون. مون کي جلدي لهڻو آهي ۽ توهان کي به هڪ اسٽيشن ڇڏي ٻي تي لهڻو آهي. خيال رک ته ڪٿي تون لهڻ کان رهجي نه وڃين."

"منهنجو خيال آهي ته توکي ان ترجي تمام سٺي ڄاڻ آهي."

"بلڪل پنهنجي گهر جي اڱڻ جيان، سو چورس ميلن تائين. تو کي خبر آهي ته آئون هڪ وڪيل آهيان. مون کي پريڪٽس ڪندي ويهه سال ٿي ويا آهن. آئون هميشه ڪم جي سلسلي ۾ سفر ۾ رهندو آهيان."

"ڇا هاڻي به؟"

"يقيناً"

"پر هنن ڏينهن ۾ اتي ڪهڙي قسم جو ڪم ڪار هوندو؟"

"جيڪو به تون چاهين. پراڻا نامڪمل سودا، تجارتي سرگرميون! آءُ ته ڄڻ سڄو ان ۾ ڦاٿو پيو آهيان."

"پر ڇا انهن سيني شين کي ختم نه ڪيو ويو آهي؟"

"ها يقينا ائين ٿيو آهي پر رڳو نالي ۾. عملي طور تي هر طرح جون اڻ ٿڪندڙ گهرون موجود آهن. هڪ پاسي قومي ملڪيت ۾ ونڊ وارو عمل آهي ۽ ٻئي پاسي شهري سوويت لاءِ ٻارڻ ۽ صوبائي معاشي ڪائونسل کي باربرداري جو بندوبست ڪرڻو آهي. هر ڪو جيئرو رهڻ چاهي ٿو. عبوري دور جون پنهنجون

خاصيتون آهن جڏهن اجا نظرئي ۽ عمل ۾ فرق هوندو آهي. اهڙي ئي وقت ۾ ماڻهن کي مون جهڙي ذهين ۽ اثر رسوخ واري ماڻهوءَ جي ضرورت هوندي آهي. اهي ماڻهو مزي ۾ آهن جيڪي گهٽو ڪجهه نه ٿا ڏسن. منهنجو پيءُ چوندو هو ته ڪڏهن ڪڏهن منهن تي مڪ لڳڻ ۾ به ڪا غلط ڳالهه نه هوندي آهي. اڄ پرڳڻي جي روزگار جو دارومدار مون تي آهي. آئون ڪجهه ڏينهن ۾ ڪاٺ جي سلسلي ۾ واريڪينو اچڻ وارو آهيان. پر هينئر نه. اتي تون گهوڙي کان سواءِ نه ٿو وڃي سگهين ۽ منهنجو گهوڙو منڊو ٿي پيو آهي. بي صورت ۾ تون مون کي ان ڪٽارا ٽرين ۾ جهٽڪا کائيندي نه ڏسين ها. ڏس ته اها ڪيئن جونءِ وانگر پئي سري. پنهنجو پاڻ کي ٽرين تي چوي! آئون واريڪينو ۾ تنهنجي ڪم اچي سگهان ٿو. آئون انهي تنهنجي ميڪوليتسن کي نهايت چڱي طرح سڃاڻان ٿو."

"ڇا تو کي خبر آهي ته اسان اتي ڇو پيا وڃون ۽ اسان جي ڪهڙي رٿا آهي؟"

"گهٽي پاڳي. آئون اهو سمجهي سگهان ٿو. ڌرتي ڏانهن موٽ. فطرت جو ابدي سڏ. محنت ڪري ۽ پگهر وهائي پنهنجي روزي ڪمائڻ جو خواب."

"ان ۾ ڪهڙي غلط ڳالهه آهي. لڳي ٿو ته تو کي اهو پسند ناهي."

"اهو سادو ۽ وڻندڙ خيال آهي. پر ڇو نه هجي. منهنجون نيڪ خواهشون تو سان گڏ آهن. بس اهو ته منهنجو ان ۾ يقين ناهي. اها هڪ خيالي دنيا آهي. فن ۽ ڪاريگري."

"تون ڇا ٿو سمجهين ته ميڪوليتسن ڪهڙي ريت اسان جي آجيان ڪندو؟"

"هو توهان کي در جي چائنٽ ئي ٽپڻ نه ڏيندو. هو اوهان کي ٻهاري سان ڪڍي ٻاهر ڦٽو ڪندو ۽ هو ائين ڪرڻ ۾ بلڪل درست هوندو. هو اڳ ۾ ئي گهڻو پريشان آهي. بند پيل ڪارخانا، پڃي ويل پورهيت، روزگار جي ڪنهن به وسيلي جو نه هئڻ، خوراڪ جي اڻ هوند ۽ مٿان وري توهان وڃي پئو‌س! جيڪڏهن هو اوهان کي قتل به ڪري ڇڏي ته به آئون ڪيس ڏوهه نه ڏيندس."

"ته اها ڳالهه آهي. تون بلشويڪ آهين ۽ پوءِ به تون اهو مڃين ٿو ته جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي، اهو زندگي نه پر چرپٽ آهي. هڪ بيهودو ڊيڄاريندڙ خواب آهي."

"يقينا آئون ان ڳالهه کي مڃان ٿو. پر تون اهو نه ٿو ڏسين ته تاريخي لحاظ کان اهو اڻ ٽر هو. ان کي ائين ئي ٿيڻو هو."

"اڻ ٽر هئڻ واري ڳالهه ڪٿي آهي؟"

”ڇا تون ٻار آهين يا رڳو ٻهانا پيو ڪرين؟ ڇا تون چند تان لٿو آهين؟ ھبڇي ۽ چورن جهڙا رت پياڪ بڪايل پورهيتن جي مٿان سوار ٿيو وينا هجن ۽ ڪين موت ڏانهن وينا ڌڪين ۽ تون سمجهين ٿو ته شيون ان نموني ئي رهي سگهن ٿيون ها؟ ظلم ۽ زيادتي جا ٻيا طريقا اڃا ان کان سواءِ هئا. ڇا تون ماڻهن جي ڪاوڙ جي سچائي، سندن ڳولا ڪي نه ٿو سمجهي سگهين؟ يا تون اهو سمجهين ٿو ته انقلابي تبديلي دوما وسيلي پارلياماني ذريعن سان اچي سگهي ٿي ۽ اسين آمريت کان سواءِ هلي سگهون ٿا؟“

”اسان هڪ ٻئي کان بلڪل مختلف نقطه نظر رکون ٿا ۽ جيڪڏهن اسان سو سالن تائين به هڪ ٻئي سان بحث ڪندا رهون ته به اسان هڪ ٻئي سان اتفاق نه ڪري سگهنداسين. آئون پاڻ هڪ انقلابي ذهن وارو ماڻهو رهيو آهيان پر هاڻي آئون سمجهان ٿو ته تشدد سان ڪجهه به حاصل نه ٿو ڪري سگهجي. ماڻهن کي لازمي طور تي چڱائي ڏانهن آڻڻ گهرجي. پر هاڻي ان موضوع کي ختم ٿا ڪيون. ميڪولينتسن متعلق جيڪڏهن ان ڳالهه جي ئي توقع رکون جيڪا تون ٻڌائين پيو ته پوءِ اسان اوڏانهن ڇو وڃي رهيا آهيون؟ اسان کي واپس موٽڻ گهرجي.“

”بڪواس! بهرين ڳالهه ته دنيا ۾ رڳو اهي ماڻهو ئي ناهن. ٻي ڳالهه ته ميڪولينتسن انتهائي مهربان، بلڪه ائين چئجي ته مجرمانه حد تائين مهربان آهي. هو ڀهرين ته گوڙ گهمسان ڪندو، منع ڪندو، روڪيندو پر پوءِ پاڻهي ئي مٺڻ جيان رجهي پوندو. هو پنهنجن پٺن تان قميص لاهي توکي ڏيئي ڇڏيندو ۽ پنهنجي ماني جو آخري ٽڪرو به تو سان ورهائي کائيندو. آئون ڪيس بلڪل پنهنجي هٿ جي تري جيان سڃاڻان ٿو.“ پوءِ سمديوياتوف يوري کي ميڪوليتسن جي ڪٿا ٻڌائي.

(6)

”ميڪوليتسن هتي پنجويهه سال اڳ پيٽرزبرگ مان آيو هو. هو ٽيڪنالاجيڪل انسٽيٽيوٽ جو شاگرد هو. هو ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي پيو هو ۽ کيس اتان نيڪالي ڏيئي هتي پوليس جي نگراني ۾ موڪليو ويو هو. ڪروگر وٽ کيس مينيجر جي نوڪري ملي ۽ هن شادي ڪري ورتي. ان وقت هتي چار ڀينر هونديون هيون، چيخوف جي ڊرامي کان هڪ وڌيڪ. تنت سيوا گهراڻي جي انهن

ڇوڪرين جا نالا هئا: اگريپينا، اودوتا، گلينيرا ۽ سيوافيما. سڀ نوجوان سنڌن پويان هوندا هئا. ميڪوليتسن سڀ کان وڏيءَ سان شادي ڪئي.

ٿوري عرصي کان پوءِ کين هڪ پٽ ڄائو. پنهنجي آزادي سان محبت جي ڪري سنڌس احمق پيءُ سنڌس نالو لائيبريئس رکيو. ليبريئس يا مختصر طور لبي. جينوٽيڪ لبي ٿورو ڇڙواڳ ٿي پيو پر منجهس هر طرح جون غير معمولي صلاحيتون هيون. جڏهن جنگ شروع ٿي ان وقت هو پندرنهن سالن جو هو. هن پنهنجي ڄمڻ واري سرٽيفڪيٽ ۾ جعلسازي وسيلي تاريخ تبديل ڪرائي ۽ رضاڪار طور ڀرتي ٿي سرحد تي هليو ويو. سنڌس ماءُ جيڪا نرم دل خاتون هئي، اُن صدمي کي سهي نه سگهي. هو جيئن بستري داخل ٿي ته وري اٿي نه سگهي. هوءَ ٻه سال اڳ، بس انقلاب کان ٿورو پهرين گذاري ويئي.

جنگ ختم ٿيڻ تي ليبريئس ٽن تمغن سان هڪ هيرو جي حيثيت ۾ موٽي آيو. يقيني طور هو محاذ تان هڪ مڪمل بالشويڪ جي صورت ۾ موٽيو هو. ڇا تو فاريسٽ جي برادري متعلق ٻڌو آهي؟"

"نه مون نه ٻڌو آهي."

"ان صورت ۾ تو کي ان ڪٿا ٻڌائڻ جو ڪو فائدو ناهي. ان سان سچو مزو ٿي خراب ٿي ويندو ۽ تنهنجي ان ريت دريءَ مان ٻاهر شاهراهه کي گهوري ڏسڻ جي به ڪا تڪ ناهي. اڄڪلهه شاهراهن تي ڪهڙي خاص ڳالهه بچي آهي؟ هنگامي فوج ۽ اهي فوجي ڪير آهن؟ اهي گهرو ويڙهه ۾ انقلابي فوج جو ڪرنگهو آهن. هڪ اهڙي قوت جيڪا ٻن عنصرن جي گڏجڻ سان ٺهي آهي. هڪ پاسي اها سياسي تنظيم آهي جنهن انقلاب جي اڳواٽي سنڀالي آهي ۽ ٻئي پاسي اهي عام فوجي آهن جن جنگ هارائڻ کان پوءِ پراڻين اختيارين ۽ آفيسرن جي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. انهن ٻن شين مان هنگامي فوج وجود ۾ آئي آهي. انهن مان گهڻن جو واسطو وچولي آبادگار طبقي سان آهي پر تو کي منجهن غريب هاري، رهبانيت ترڪ ڪيل پادري ۽ پنهنجن پيئرن خلاف وڙهندڙ وڏن زميندارن جا پٽ مطلب ته هر قسم جا ماڻهو ملندا. انهن ۾ نراجيت جا پوئلڳ آدرشي، اهڙا پڳل ماڻهو جن وٽ پنهنجي سڃاڻپ وارا ڪاغذ پٽ ناهن ۽ اهڙا شاگرد شامل آهن جن کي عورتن سان ناتن رکڻ ڪري تعليمي ادارن مان ڪڍيو ويو هو. ان کان سواءِ آزادي ۽ موٽي وڃڻ جي واعدي جي لالچ ۾ آيل

جرمني ۽ آسٽريا جا جنگي قيدي پڻ ان ۾ شامل آهن. ها تہ ان عظيم عوامي فوج جي هڪ دستي کي فاريسٽ جي برادريءَ چيو ويندو آهي ۽ فاريسٽ جي برادريءَ جي ڪمان ڪامريڊ بيلي واري هٿ ۾ آهي. اهو ڪامريڊ فاريسٽر لبي، ليبريئس آورڪيوچ آورڪيوچ ميڪوليتسن جو پٽ آهي.“

”ڇا تون واقعي سچ پيو چوين؟“

”ها آئون سچ پيو چوان. پر هاڻي ميڪوليتسن متعلق ٿا ڳالهايون. سندس زال جي وفات ڪان پوءِ هن ٻيهر شادي ڪئي. سندس ٻي زال هيلن. شادي ٿيڻ وقت اجا اسڪول جي شاگرديائي هئي. هوءَ جيتوڻيڪ پنهنجي طبيعت جي سادگي ڪري اسڪول جي شاگرديائي ئي لڳندي آهي پر هوءَ ڳڏوڳڏ اهڙو ڏيکاءُ پڻ ڏيندي آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي اجا وڌيڪ نوجوان ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. ان ڳالهہ کي نظر ۾رکندي هوءَ ائين شرارتون ڪندي ڇهڪندي پئي آهي جڻ تہ ڪا معصوم ۽ احمق قسم جي ننڍڙي ٻدڪ هجي. جيئن ئي هوءَ تو کي ڏسندي هڪدم تنهنجو امتحان وٺڻ شروع ڪري ڇڏيندي:

”سواروف ڪڏهن ڄائو هو؟ ٽڪنڊي جا ٻہ پاسا ڪڏهن ٽئين پاسي جي برابر ٿيندا آهن ۽ جيڪڏهن تون جواب ڏيڻ ۾ ڪامياب نہ ٿو ٿئين تہ پوءِ خوشيءَ ۾ نہ پئي ماپندي. پر ڪجهہ ڪلاڪن ۾ تون پاڻ اهو سڀڪجهہ ڏسندين.

پوڙهي جون پنهنجون خاصيتون آهن. هن ملاح بڻجڻ پئي چاهيو. هن ميرين انجنيئرنگ جي تعليم حاصل ڪئي هئي. ڏاڙهي مڇ صاف ٿيل اٿس ۽ ڪڏهن بہ وات مان پائيپ نہ ڪڍندو آهي. ڏندن مان آهستي ۽ دوستاڻي آواز ۾ ڳالهائيندو آهي. پائيپ پيئندڙن جيان ڪاڏيءَ جو هيٺيون حصو ٻاهر نڪتل ۽ پوريون اکيون اٿس. اوه، ۽ هڪ ٻيو تفصيل تہ آئون ٻڌائڻ وسري ويس. اهو هي تہ هو سوشل انقلابي آهي ۽ آئين ساز اسيمبلي لاءِ مقامي نمائندي طور پڻ چونڊيو ويو آهي.“

”اها يقينا نهايت اهم ڳالهہ آهي! مطلب تہ پيءُ ۽ پٽ هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيو بيٺا آهن؟ سياسي مخالف آهن؟“

”چوڻ ۾ تہ يقيني طور ائين ئي آهي. پر عملي طور تي فاريسٽ ۽ واريڪينو ۾ ڪوبہ جهيڙو ناهي. بهرحال ڪهاڻي کي اڳتي ٿا وڌايون. ٽنتسيو گهراڻي جون باقي ٽي ڀيڻون، ميڪليتسن جون ٻهرين شاديءَ جي حوالي سان

سالين، اجا تائين يورپاتن ۾ رهن ٿيون ۽ سڀ پڪيون ڪنواريون آهن. پر هاڻي وقت بدلجي ويو آهي ۽ ساڳي ريت ڇوڪريون به بدلجي ويون آهن.

سڀ کان وڏي اودوتيا پبلڪ لائبريري ۾ اسسٽنٽ آهي. گهرو رنگ، سهڻي حد کان وڌيڪ، شرميلي، ننڍي ننڍي شيءِ تي شرمائجي گلنار ٿي ٿي وڃي. ڪيس لائبرري ۾ نهايت ڏکئي وقت مان گذرڻو پيو آهي. اتي قبرستان جهڙي ماٺ هوندي آهي ۽ هن ويچاري ڇوڪري کي نزلي زڪام جو دائمي مرض لڳل آهي. ڪيس ائين ڇڪن جا دورا پوندا آهن جو لڳندو آهي ته بس هوءِ شرم کان ڏرتيءَ ۾ گهڙي ويندي، سخت پريشان هوندي آهي.

ٻي گليشيا پنهنجي خاندان لاءِ هڪ رحمت آهي. اها هر ڪم ۾ پوري هوندي آهي. هڪ بهترين ڪاريگر آهي. ڪيس اها پرواهه نه هوندي آهي ته هوءَ ڇا ٿي ڪري. لبي، ڪامريڊ فاريسٽ لاءِ چيو ويندو آهي ته هوءَ پنهنجي ماسي پويان پيل هوندو آهي. هڪڙي ڏينهن هوءَ درزياڻي آهي ۽ جورابن ٺاهڻ واري ڪارخاني ۾ ڪم پيئي ڪري ته توکي خبر پوڻ کان اڳ ته تون پاڻ ڪٿي آهين هو هيئر ڊريسر بڻجي چڪي هوندي آهي. تو ريلوي سگنل تي ان عورت کي ڏٺو هو جنهن اسان تي مڪ الاري هئي؟ پالٿهار جو قسم، مون اهو پئي سوچيو ته ڪٿي گليشيا ريلوي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ته نه پهچي ويئي آهي! بهرحال آئون نه ٿو سمجهان ته اها گليشيا هوندي. ڇاڪاڻ ته اها عورت گهڻي پوڙهي پئي لڳي.

سيني کان ننڍي سيما. اها گهر وارن لاءِ هڪ آزار آهي. هوءَ ڪين سڪ جو ساهه ڪڻڻ نه ٿي ڏي. اها هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڇوڪري آهي. گهڻو مطالعو ڪيل اٿس ۽ خاص طور تي شاعري ۽ فلسفي سان شوق رهيو اٿس. پر انقلاب کان پوءِ عام پلائي جي ڪمن، تقريرن ۽ مظاهرن جي ڪري سندس مٿو ڦري ويو آهي ۽ هڪ قسم جو مذهبي جنون مٿس سوار ٿي ويو آهي. پينرون ڪم تي وڃڻ وقت ڪيس تالو هٽي بند ڪري وينديون آهن پر هوءَ دريءَ مان ٽپ ڏيئي ٻاهر نڪري ايندي آهي ۽ گهٽيءَ ۾ ماڻهو ڪٺا ڪري يسوع مسيح جي وري اچڻ ۽ دنيا جي انت متعلق تبليغ شروع ڪري ڇڏيندي آهي. ٺيڪ آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته آئون ڳالهائڻ بند ڪيان. اسان ويجهو پهچي ويا آهيون. هي منهنجي اسٽيشن آهي ۽ ايندڙ اسٽيشن تنهنجي آهي. بهتر ٿيندو ته تون تيار ٿي وڃ.“

هن جي وڃڻ ڪان پوءِ ٽونيا يوري وٽ اچي چوڻ لڳي ته :" مون کي تنهنجي ته خبر ناهي پر آئون سمجهان ٿي ته ان همراهه کي اسان ڏانهن قدرت پاران موڪليو ويو آهي. منهنجو خيال آهي ته هو اسان جي لاءِ مددگار ثابت ٿيندو."

"مون کي پاڻ اها اميد آهي، منهنجي پياري، پر مون کي ان ڳالهه جي پريشاني آهي ته هر ماڻهو توکي ڪروگر جي ڏوهٽي هئڻ جي ناتي سان سڃاڻي ٿو ۽ ڪروگر هڪ ڄاتل سڃاتل نالو آهي. جڏهن مون کيس چيو واريڪينو! ته هن مون کان ناراضگي واري انداز ۾ پڇيو ته ڇا اسين ڪروگر جا وارث آهيون.

مون کي ائين لڳي ٿو ته نظر ۾ اچڻ کان بچڻ لاءِ ماسڪو ڇڏڻ کان پوءِ هتي اسان اچا وڌيڪ نظرن ۾ اچي ويا آهيون. هاڻي ان متعلق ڪجهه نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪي ڪجهه ٿي ويو آهي ان تي روئڻ بيڪار آهي. پر چڱو ائين ٿيندو ته اسان ماڻهن سان گهٽو ملڻ وغيره نه رکون ۽ گهٽو ڏيکاءُ نه ڪيون. تلهي ليڪي منهنجي ذهن ۾ هڪ اٽوٽندڙ اڳڪٿي ويٺل آهي... پر هاڻي اسان بلڪل ويجهو پهچي ويا آهيون. اسان کي تنهنجي باباڪي جاڳائڻ ۽ تيار ٿيڻ گهرجي."

(7)

ٽونيا ٽورفياناٽيا اسٽيشن جي پليٽ فارم تي بيهي پنهنجي خاندان جي ماڻهن ۽ سامان کي اهو يقين ڪرڻ لاءِ ته ڪا شيءِ ٽرين ۾ رهجي نه وڃي گهڙي گهڙي ڳڻي رهي هئي. جيتوڻيڪ پليٽ فارم جي چڱي ريت ڄميل مٽي سندس پيرن جي هيٺان هئي پر سندس ذهن ۾ اهو وسوسو موجود هو ته ڪٿي اهي اسٽيشن تي لهڻ کان رهجي نه وڃن. ان ڳالهه جي باوجود ته ٽرين سندس اکين آڏو بيٺي هئي سندس ڪنن ۾ اڃا تائين ان جي ڦيٿن جي ڪٽ ڪٽ جو آواز گونجي رهيو هو. ان ڳالهه کيس ڪنهن شيءِ کي مناسب طور ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ سمجهڻ کان روڪي ڇڏيو هو.

اهي مسافر جيڪي اڳتي پئي ويا انهن هن ڏانهن هٿ پئي لوڏيا، پر هن انهن ڏانهن ڪو توجهه نه ڏنو ۽ نه ئي ان ڳالهه تي توجهه ڏنائين ته ٽرين وڃي رهي هئي. هن رڳو ان وقت اهو محسوس ڪيو ته "ٽرين رواني ٿي چڪي هئي". جڏهن خالي پٽڙي جي هن پار سائين ٻنين ۽ نيري آڪاش کي پنهنجي نظرن آڏو ڏٺائين.

اسٽيشن پٿر سان ٺهيل هئي ۽ در جي ڀرسان هيٺ پاسن کان بينچون ٺهيل هيون. رگو زواگو خاندان ئي تورفيانائيا جي اسٽيشن تي لٿو هو. انهن پنهنجو سامان هيٺ رکيو ۽ هڪ بينچ تي ويهي رهيا.

اسٽيشن جي ماٺ، خالي پٽي ۽ صفائي کين ششدر ڪري ڇڏيو. پارانا ۽ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندڙ هجوم ۾ پاڻ کي گهيريل نه ڏسي کين عجب لڳو. تاريخ اڃا ان ڏورانهين پرڳڻي کي پنهنجي گرفت ۾ نه آندو هو جتي زندگي اڃا ايڏي ڪنور نه ٿي هئي جيتري وڏن شهرن ۾ هئي.

اسٽيشن بيدمشڪ جي وڻن ۾ لڪل هئي. جڏهن ٽرين اسٽيشن ۾ داخل ٿي، تي ته ان وقت ڏهي اندر ايتري اونداهي ٿي ويئي هئي جو ڄڻ ته رات جو وقت هجي. هاٿي مشڪل سان ئي لڏندڙ انهن وڻن جا پاڇا آهستگي سان سندن پيرن، هٿن، زمين، اسٽيشن جي ديوارن، ڇتن ۽ هيٺين پسيل صاف مٽي، واري پليٽ فارم تي حرڪت ڪري رهيا هئا. وڻن جي ان جهڳٽي ۾ ٽڏاڻ هئي ۽ ساڳي ريت پکين جي ٻولڻ جو آواز پڻ ٽڏو هو. بلڪل واضح ۽ معصوميت جيان خالص اهو ٻيلي جي ماٺ مان گذرندو هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين ٻڌڻ ۾ ٿي آيو.

اوچتو تونيا ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو. هر شيءِ جهڙوڪ، ڳائيندڙ پکين جا آواز، ٻيلي جي ماٺ ۽ خاموشي،جيڪا هڪ ئي وقت سندس شعور جو حصو بڻجي ويئي، هن پنهنجي ذهن ۾ هڪ تقرير تيار ڪري ورتي هئي:

"پيارا! مون کي يقين نه ٿي آيو ته اسان حفاظت سان هتي پهچي وينداسين. اهو تو وارو استريلنڪوف نهايت آساني سان توسان سٺي سلوڪ وارو ناٽڪ ڪندي هتي هڪ تار موڪلي ڇڏي ها ته اسان جيئن ئي ٽرين مان لهون تيئن اسان کي گرفتار ڪيو وڃي. مون کي سندن نيڪ جذبن جو ڪو اعتبار ناهي پيارا. اهي سڀ بڪواس آهن." پر سندس آڏو مسحورڪن منظر جي ڪري سندس اندر مان بلڪل ئي مختلف لفظ نڪتا: "ڪيڏو نه پيارو آهي!" هن رڙ ڪئي. وڌيڪ ڪجهه چئي نه سگهي ۽ اڇي روئڻ ۾ ڇٽي.

سندس روئڻ جي آواز تي اسٽيشن ماسٽر جي وردي پاتل ننڍڙي قد جو هڪ پوڙهو ماڻهو ٻاهر نڪتو ۽ هنن ڏانهن هلي آيو. پنهنجي ٽوپيءَ جي مٿئين ڳاڙهي حصي کي ڇهندي هن شائستگي سان پڇيو:"ڇا اها نوجوان عورت پاڻ کي پرسڪون ڪرڻ لاءِ اسٽيشن جي دوائن جي پيتي مان ڪا دوا وٺڻ پسند ڪندي؟"

"اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي، مهرباني، هو بس هينئر نيڪ ٿي ويندي." اليگزينڊر اليگزينڊروچ چيو.

"اهو سفر جي پريشاني ۽ فڪر جي ڪري ٿيندو آهي ۽ ماڻهو ان کي چڱي ريت سمجهن ٿا ۽ مثال وري آفريڪا جهڙي اها گرمي جيڪا اسان جي علائقي ۾ گهٽ ٿي ٿيندي آهي. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ يورپاتن ۾ ٿيندڙ واقعا آهن."

"اتان گذرندي اسان ٽرين ۾ باهہ ڏٺي هئي."

"آئون جيڪڏهن غلطي نہ ٿو ڪيان تہ توهان روس سان واسطو رکو ٿا؟" (يورپي روس کي سائيبيريا ڪان الڳ ڏٺو ويندو هو).

"بلڪل ان جي مرڪزِ سان اسان جو تعلق آهي."

"ماسڪو مان آيا آهيو! پوءِ تہ ڪا عجب جهڙي ڳالهہ ناهي تہ هي خاتون ايترو پريشان ٿي ويئي آهي. ماڻهن جو چوڻ آهي اتي ڪنهن پٿر کي بہ بيٺل نہ ڇڏيو ويو آهي."

"ايتري بہ خراب حالت ناهي. ماڻهو هونئن ئي وڌاءُ ڪن ٿا پر يقينا اسان هڪ ڏکئي وقت مان گذريا آهيون. هي منهنجي ڌيءَ آهي ۽ هي سندس مڙس ۽ هي سندن ننڍو پٽ آهي. هي ان ڇوڪري جي نرس آهي نيوشا."

"توهان جا ڪهڙا حال آهن. ڪهڙا حال احوال آهن. آئون ڏاڍو خوش آهيان. مون تہ ڇڻ اوهان جو انتظار پئي ڪيو. انفر افيمووچ سيمديوياتوف سڪما مان فون ڪيو هو. هن چيو هو تہ ڊاڪٽر زواگو ماسڪو مان پنهنجن گهر وارن سان گڏ اچي رهيو آهي ۽ آئون ڪين هر طرح جي ممڪن مدد ڪيان. اهو تون ئي آهين جنهن جو مون کي انتظار هو؟"

"نہ، ڊاڪٽر زواگو منهنجو ناٺي آهي. اهو هي آهي. آئون ڊاڪٽر ناهيان. آئون زرعي اقتصاديات جو پروفيسر آهيان ۽ منهنجو نالو گروميڪو آهي."

"مون کي معاف ڪجو. غلطي ٿي ويئي. توهان سان ملي، مون کي ڏاڍي خوشي ٿي آهي."

"مطلب تہ تون سيمديوياتوف کي سڃاڻين ٿو؟"

"ان عجب جهڙي ڪارڪن انفر افيمووچ کي ڪير نہ ٿو سڃاڻي. رڳو هيءُ ئي اسان جي اميد ۽ اسان جو آسرو آهي. جيڪڏهن سندس مدد اسان سان نہ هجي ها تہ اسان ڪڏهوڪو مري چڪا هجون ها. هن چيو سندن هر ممڪن مدد ڪجانءِ ۽ مون چيو بلڪل ٺيڪ ، مون واعدو ڪيو هو تہ آئون

ائين ڪندس. ان ڪري توهان کي جيڪڏهن گهوڙي يا ٻي ڪنهن شيءِ .... توهان وچو ڪيڏانهن پيا؟"

"اسان واريڪينو وڃڻ چاهيون ٿا. ڇا اهو هتان گهڻو پري آهي؟"

"واريڪينو! ان ڪري مون اهو سوچيو پئي ته تنهنجي ڏيءَ مون کي ڪنهن جي ياد ٿي ڏياري. ته توهان واريڪينو وڃڻ چاهيو ٿا! ان سان هر شيءِ سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي! ايوان ارنيسٽووچ ڪروگر ۽ مون گڏجي اها سڙڪ تعمير ڪئي هئي. آئون هاڻي ئي گهوڙي جو بندوبست ڪيان ٿو. آئون هڪ همراهه کي سڏ ڪيان ٿو ۽ اسان گاڏيءَ جو به بندوبست ڪيون ٿا. دونات! دونات! في الحال هي سامان ڪٺي انتظارگاهه ۾ رک ۽ گهوڙي لاءِ ڇا ڪجي؟ ڊوڙي ڇانهه واري ڪمري ۾ وڃ ۽ ڏس ته ڇا ڪري سگهجي ٿو. باڪوس اڄ صبح هتي چڪر پئي هنيا. ڏس، هو متان اڃا تائين هتي ئي هجي. ڪيس چئو ته واريڪينو لاءِ چار مسافر آهن. اهي نوان آيل آهن. وٽن گهڻو سامان ناهي. ڏس ٿورو جلديءَ ۾ اهو سيڪجهه ڪر. ڏس، خاتون ڇا آئون تو کي هڪ همدردانه صلاح ڏيئي سگهان ٿو؟ مون ڄاڻي ٻجهي تو کان اهو نه پڇيو ته تنهنجو ايوان ارنيسٽووچ ڪروگر سان ڪيترو ويجهو ناتو هو. ان باري ۾ ڳالهائڻ مهل نهايت محتاط رهجين. موجوده دور ۾ تون هر ڪنهن سان کلي نه ٿي ڳالهائي سگهين."

باڪوس جي نالي وٺڻ تي مسافرن عجب مان هڪ ٻئي کي ڏٺو. ڪين ان افسانوي ڪردار متعلق ٻڌايل ڪهاڻيون ياد اچي ويون جنهن پنهنجي لاءِ لوهه جا آهڙا آنڊا ٺاهيا هئا جن کي ختم نه پيو ڪري سگهجي ۽ اهڙيون ئي ٻيون گهڻيون ڪهاڻيون جيڪي ڪين ٻڌايون ويون هيون.

(8)

اها هڪ اڇي رنگ جي گهوڙي هئي جنهن کي گاڏي سان جوڙيو ويو هو. ان جو تازو ئي ويم ٿيو هو. گاڏي هلائيندڙ هڪ ڪن ڪٽيل وڪريل وارن وارو پوڙهو هو. سندس وار ايترا اڇا هئا جو هو هڪ اڇو آلو ٿي لڳو. ڪنهن ڪارڻ سندس هر شيءِ اڇي رنگ جي هئي. سندس بيدمُشڪ جي گل سان نهيل جوتن جو رنگ اڇا گهرو نه ٿيو هو ۽ سندس ململ جي قميص ۽ پتلون جو رنگ وقت گذرڻ سان ڦڪو پئجي ويو هو.

۽ پوءِ هن پنهنجي لاءِ نوان آندا ناهيا هئا؟ لوهہ جي پيٽ وارو باڪوس يقيناً مون کي خبر آهي تہ اها هڪ ڪتا آهي پر ڇا اهو سيڪجهہ ان حقيقي ماڻهو متعلق چئي سگهجي پيو؟"

"نہ يقينن ائين ناهي. پهرين ڳالهہ تہ جيئن تو چيو تہ اها رڳو هڪ ڪهاڻي، هڪ ڪتا آهي ۽ ٻي ڳالهہ تہ امان اسان کي اهو بہ ٻڌايو هو تہ ان ڪتاڪي ان وقت ٽي سو سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو هو جڏهن هوءَ اجا نوجوان هئي. پر ايڏو زور سان نہ ڳالهائي. اسان کي ان پوڙهي همراهہ جي احساسن کي مجروح نہ ڪرڻ گهرجي."

"هو ڪجهہ بہ نہ ٻڌندو. ڇاڪاڻ تہ هو ٻورو آهي. جيڪڏهن هن ٻڌي بہ ورتو تہ بہ هو سمجهي نہ سگهندو. ڇاڪاڻ تہ هو دماغي طور درست ناهي.

"او فيودور نيودورچ!" پوڙهي رڙ ڪري پنهنجي گهوڙي کي مرداڻي ۽ خانداني نالي سان مخاطب ٿيو. حالانڪ هن پاڻ ۽ سندس مسافرن اهو ڀلي ڀت ڄاتو ٿي تہ اها هڪ گهوڙي هئي.

"لعنت هجي ان گرمي تي! ڇڻ ابراهيم جو اولاد نمرود جي باهہ ۾ هجي! جلدي هل، تون بکايل شيطان! اهو آئون توسان پيو ڳالهايان مازيپا!"

ڪڏهن ڪڏهن اوچتو هن پراڻن گيتن جي ٽڪرن کي جهونگارڻ شروع ٿي ڪيو جيڪي يقنين اڳوڻن ڏينهن ۾ ڪرڙگر ڪارخانن ۾ ٺاهيا ويا هوندا.

"الوداع اي ڪارخانا الوداع
الوداع ڌاتو ۽ لوهي پليٽ
آقا جي ماني منهنجي لاءِ پارو ٿي آهي
۽ آئون پاڻي پي بيزار ٿي چڪو آهيان
هڪ بدڪ ڪنارن ويجهو تري پئي،
اها بجاءِ پرن جي پيرن جو استعمال ڪري ٿي
شراب منهنجن قدمن کي نہ ٿو لوڏي،
اهو تہ وانيا جي هلي وڃڻ ڪري آهي
هڪ سپاهي ٿيڻ لاءِ
ماشا ڏک نہ ڪر، آئون بيوقوف ناهيان،

آئون ڪو بيوقوف ڪو مسخرو ناهيان:
آئون شهر پيو وڃان
سينتي تيوريڪا لاءِ ڪم ڪرڻ"

"اي جانور تو تي خدا جي مار پوي. ٿورو ان مردار کي تہ ڏسو. آئون ان کي ڇهبڪ ٿو هڻان ۽ اها مون کي ڇپ ٿي ڏيکاري. اوفيديا نيفيديا ڇا تون پڇي وڃڻ متعلق پيو سوچين؟ هن ٻيلي کي "تائيگا" چيو ويندو آهي جنهن جو ڪو انت ڪونهي. ساڳي ريت ان ۾ هارين جو بہ وڏو تعداد آهي ۽ فاريسٽ واري پائيپي بہ آهي. اي شيطان فيديا نيفديا تون وري بيهي رهيو آهين!"

اوچتو هو مڙيو ۽ سڌو تونيا جي اکين ۾ اکيون وجهي چڱيائين.

"تون ڇا ٿي سمجهين نوجوان خاتون؟ ڇا تون سمجهين ٿي تہ مون کي خبر ناهي تہ تون ڪير آهين؟ آئون اهو ڏسي پيو سگهان پياري تہ تون نهايت سادي آهين. مون تو کي سڃاڻي ورتو هو. پنهنجين اکين تي يقين نہ پيو اچيم. تون گريگوف (ڪروگر لاءِ سندس نالو) جي جيئري تصوير آهين. ڇا تون ان جي ڏوهٽي ناهين؟ آهين يا نہ؟ مون کان وڌيڪ گريگوف خاندان کي ٻيو ڪير ٿو سڃاڻي سگهي! مون سڄي زندگي سندس لاءِ هر قسم جو ڪم ڪيو آهي. ڪاٺين ۾، جهنگل جي چوڪيدار، مٿي زمين تي چرخي هلائڻ ۽ گهوڙن جي طنبيلي ۾ ڪم ڪيو آهي. هل، گهوڙي هلندي رهہ. وري بيهي رهي. ڇڻ تہ ڪيس ٽنگون ئي نہ هجن. چين جا ملائڪ ڇا ٻڌين نہ ٿي تہ آئون تو سان ڳالهائي رهيو آهيان؟ ها تہ هاڻ تون اهو پڇي رهي هئينءَ تہ ڪٿي آئون اهو ساڳيو لوهار باڪوس تہ ناهيان. تون ڏاڍي سادي آهين منهنجي پياري. ايڏيون وڏيون اکيون پر مٿو بلڪل خالي. تو واري باڪوس جو نالو پوستانوگوف. پوستانوگوف لوهہ جي پيٽ وارو هو. سندس وفات کي پنجاهہ سالن کان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي. پر منهنجو نالو ميڪونوشن آهي. اسان جا مسيحي نالا تہ ساڳيا آهن پر خانداني نالا مختلف آهن."

ٿورو ٿورو ڪري ميڪونوشن کين ميڪليتسن متعلق اهو سڀڪجهہ ٻڌايو جيڪو سمديوياتوف کين اڳ ئي ٻڌائي چڪو هو. هن ميڪليتسن جي ٻيءَ زال کي سندس "ٻي" ڪري ٿي سڏيو ۽ پهرين کي "هڪ ملائڪ"، "هڪ اڇي ملائڪ" ٿي چيو. جڏهن هو فوجي اڳواڻ لبرئيس جي ذڪر تائين پهتو ۽ کيس اها خبر

پئي تہ سندس شهرت اجا ماسڪو تائين نہ پهتي هئي ۽ فاريسٽ واري پاڙي متعلق بہ ڪنهن کي ڄاڻ نہ هئي تہ ڪيس ڇڻ يقين ٿي نہ ٿي آيو.

"ماڻهن ان متعلق نہ ٻڌو آهي؟ انهن ڪامريڊ فاريسٽر متعلق نہ ٻڌو آهي؟ چين جا ملائڪ. پوءِ نيٺ ماسڪو وارن کي اهي ڪن ڇا جي لاءِ آهن؟"

شام ٿي رهي هئي ۽ سندن پاڇا وڌندا ڏگها ٿيندا ڪانئن اڳتي پئي ڊوڙيا. اهي هڪ هموار ميدان مان گذريا پئي جتي وڻ جو نالو نشان نہ هو. ڪٿي ڪٿي ڪانڊيرا، بيدمُشڪ جي وڻ جا ننڍا ٻوٽا وغيره نظر آيا ٿي. لهندڙ سج جي روشنيءَ ۾ روشن ٿي اهي ڏگها سوار سپاهي پئي لڳا جيڪي ڦهلجي ڪنهن حرڪت ڪرڻ کان سواءِ پوري ميدان تي نظر رکي رهيا هجن.

ماٿري گهٽي فاصلي تائين ڦهليل هئي. ان جو انت ڏگهن جبلن جي هڪ سلسلي ۾ ٿيو ٿي. ٽڪرين جي دامن ۾ ڪنهن چشمي يا پاڻيءَ جي ڪسيءَ جي هئڻ جو امڪان موجود هو. اهي ٽڪريون مسافرن جي رستي ۾ هڪ ديوار جيان بيٺيون هيون جنهن سان ائين پئي لڳو تہ ڄڻ آڪاش قلعي ۾ بند هجي ۽ سڙڪ ان جي دروازي ڏانهن ويندي هجي.

سامهون چوٽي جي ويجهو ئي هڪ اڇي رنگ جو گهر ڏسڻ ۾ پئي آيو.

"ڏسو اهو مٿي ٽڪريءَ تي ڇا آهي؟" باڪوس چيو. " اهو ئي گهر آهي جتي ميڪليتسن رهندو آهي ۽ هيٺ پاڻيءَ جي هڪ ڪسي آهي جنهن کي شتما چيو ويندو آهي."

ٽڪرين تان رائفل جي ٻن گولين جي هلڻ جو آواز آيو جنهن جو پڙاڏو ٽڪرين ۾ ٻڌڻ ۾ آيو.

"اهو ڇا آهي؟ ڇا اهي فوجي آهن؟ يا اهو نانا آهي جيڪو اسان تي گوليون پيو هلائي؟"

"نہ منهنجي ڏيءَ اهي فوجي ناهن. هي ميڪليتسن آهي جيڪو بگهڙن کي شتما تان ڊيڄاري پڇائي رهيو آهي."

(9)

سندن ميڪليتسن سان پهرين ملاقات مينيجر جي گهر جي احاطي ۾ ٿي. اهو هڪ تڪليف ڏيندڙ منظر هو جيڪو ماٺ ۾ شروع ٿيو ۽ جنهن جي پڄاڻي

پرشور مونجهاري ۾ بيهودگي تي ٽي. ميڪليتسن جي زال هيلن شام ٽاڻي پيلي مان احاطي مان ٿيندي پنهنجي گهر اچي رهي هئي. لهندڙ سج جا سندس وارن جيان ئي سونهري ڪرڻا جهنگل مان وڻن مان ٿيندا سندس پويان پئي آيا. ڪيس گرمين جا هلڪا ڪپڙا پاتل هئا. هوءَ هلڻ جي ڪري سجي پگهرجي ويئي هئي ۽ پنهنجي منهن کي رومال سان اگهيائين پئي. سندس ڪکن وارو ٽوپلو جيڪو ڳلي ۾ پيل رهڙ سان ٻڌل هو سندس ڳچيءَ پويان لٽڪيو پيو هو.

سندس مڙس جابلو نئن واري پاسي کان سائنس ملڻ لاءِ اچي رهيو هو. هو پنهنجي بندوق، جنهن کي ڪنهن خرابي هئڻ ڪري هو صاف ڪرڻ پيو چاهي، ڪلهي مٿي چڙهيو.

ان سڄي پرسڪون ماحول ۾ اوچتو باڪوس پنهنجي گاڏيءَ جي ڦيٿن جي کڙکڙ جي آواز سان ڪيس حيران ڪري ڇڏيو.

مسافر ٻاهر نڪتا ۽ اليگزينڊر اليگزيندروچ پنهنجي هون هان ۾ ڪڏهن ٽوپلو لاهيندي ۽ ڪڏهن پائيندي وضاحت ڏيڻ شروع ڪئي.

سندن ميزبانن جو حيرت جي ڪري آواز ئي بند ٿي ويو. سندن پرخلوص، مونجهاري ۾ ورتل ڏنل بدحال، مهمانن جو بہ ساڳيو حال هو جيڪي شرم ڪري چڻ ڌرتيءَ ۾ دفن پئي ٿيا. جيڪي ڪجهہ ڇيو ويو هو ان سان نہ رڳو انهن لاءِ جيڪي ان سڄي صورتحال ۾ سڌيءَ ريت شامل هئا پر ساشا، نيوشا ۽ باڪوس لاءِ بہ اها واضح نہ ٿي سگهي ها. سندن اهو مونجهارو ايستائين تہ گهوڙي، سندس ڦر لهندڙ سج جي سونهري ڪرڻن ۽ هيلن جي منهن ۾ ڳچي جي چوڌاري آواز ڪندڙ ڦرندڙ جيتن تائين بہ پهچي ويو هو.

ان ماٺ کي نيٺ ميڪليتسن ٽوڙيو "مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. مون کي ڪا شيءِ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي ۽ آئون ڪڏهن بہ سمجهي نہ سگهندس. تنهنجي خيال ۾ اهو ڇا آهي؟ ڏکڻ جتي سفيد روسي آهن ۽ اتي خوراڪ وڏي مقدار ۾ موجود آهي شيطان جي نظر ڪرم رڳو اسان تي ڇو پيئي؟ خدا جي ان سڄي ڌرتيءَ تي سيني جاين کي ڇڏي نيٺ توهان هتي ئي ڇو آيا آهيو؟"

"ڇا توهان کي اهو خيال آيو آهي تہ اها ايورڪي استيپانووچ لاءِ ڪيڏي وڏي ذميواري هوندي؟"

" وچ ۾ نہ ڳالهائي، هيلن. هو بلڪل صحيح ٿي چئي. ڇا توهان هڪ پل لاءِ به بيهي سوچيو تہ توهان اسان تي ڪهڙو بار مڙهي رهيا آهيو؟"

"پر خدا جي واسطي اسان جي ڳالهہ تہ ٻڌ! تو اسان کي غلط سمجهيو آهي. اسان ڇا ٿي پيا ڳالهايون؟ تنهنجي زندگي ۾ دخل ڏيڻ يا تنهنجو سڪون خراب ڪرڻ جو تہ ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. اسان کي هڪ نهايت ئي ننڍي شيءِ گهربل آهي. اسان کي رڳو هڪ پراڻي خالي پڳل ٽٽل جهوپڙي جي هڪ ڪنڊ ۽ زمين جو اهڙو بيڪار پيل ٽڪرو جنهن جي ڪنهن کي ضرورت نہ هجي تہ جيئن اسان اتي پنهنجي لاءِ اناج پوکي سگهون. ان کان سواءِ ٻيلي مان ٻارڻ واري ڪاٺ جي هڪ ڀريل گاڏي جڏهن ڪوبہ اسان کي ان کي ڪٽيندي نہ ڏسندو هجي. اهو ڇا واقعي تمام گهڻو ڪجهہ گهرڻ آهي؟ نهايت وڏو بار آهي؟"

"تہ پر دنيا هڪ وڏي جاءِ آهي. ان جو اسان سان ڪهڙو واسطو آهي؟ ان عزت افزائي لاءِ رڳو اسان کي ڇو چونڊيو ويو آهي، ٻئي ڪنهن کي ڇو نہ؟"

"ان ڪري جو اسان تو متعلق ٻڌو هو ۽ اسان کي اميد هئي تہ تو بہ اسان متعلق ٻڌو هوندو. اهڙي ريت اسان هڪ ٻئي لاءِ اوپرا نہ هونداسين."

"چڱو تہ اهو ڪروگر جي ڪري آهي. ڇاڪاڻ تہ توهان ڪروگر جا مائٽ آهيو! اهڙي وقت ۾ نيٺ توهان اهڙي ڳالهہ چئي بہ ڪيئن پيا سگهو؟"

ميڪتيلسن عام نڪ نقشي وارو ماڻهو هو. هو وار پوئتي رکندو هو. وڏيون وکون ڪٽيندو ۽ قدم پوريءَ ريت زمين تي ڄمائي ڇڏيندو هو. گرمين ۾ هو ريشمي ڌاڳن جي ڄاريءَ واري روسي قميص پائيندو هو. هو اهڙي قسم جو ماڻهو هو جيڪو پراڻي دور ۾ هجي ها تہ شايد وولگا درياءَ تي قزاق بڻجي ها. ويجهي ماضيءَ ۾ اهڙن ماڻهن مستقل شاگردن ۽ خواب ڏسندڙن مان ڦري اسڪول ماستر ٿيندڙن جي هڪ طبقي کي جنم ڏنو هو.

ميڪليتسن پنهنجي جواني آزاديءَ جي تحريڪ ۽ انقلاب لاءِ ڪم ڪرڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي هئي. ڪيس رڳو اهو خدشو هوندو هو تہ هو ان کي ڏسڻ لاءِ شايد جيئرو نہ هجي ۽ اهو تہ اهو جڏهن ايندو تہ نهايت معقول هوندو ۽ سندس خوابن پٽاندڙ رتو ڇاڻ وارو نہ هوندو. هاڻ انقلاب اچي ويو هو جيڪو سندس اعليٰ ترين توقعات کان بہ اڳتي نڪري ويو هو. پر هو جيڪو پورهيتن جي حقن جو هڪ پيدائشي ۽ وفادار ڪارڪن هو ۽ جيڪو انهن پهرين ماڻهن مان هو جن ڪارڪنن

جي هڪ ڪميٽي ناهي هئي ۽ ڪارخانن جو انتظام پورهيتن حوالي ڪيو هو. هاڻي بلڪل ئي اڪيلو ٿي رهجي ويو هو. هاڻي هي هتي ڳوٺ ۾ جتان پورهيت، جن مان ڪجهہ منشويڪ هئا، پڇي ويا هئا، مرڪزڪان پري پنهنجي حياتي گهاري رهيو هو. هاڻي هي وري سڀ ڪان وڏي ڪلڻ واري بيوقوفي ٿي آهي. ڪروگر جي خاندان جا اهي اڻ گهرايل وارث ڪيس قسمت جو هڪ وڏو مذاق، هڪ ڇاڻي ٻجهي ڪيل اٽڪل ٿي لڳي. ان سندس صبر جي پيالي کي لبريز ڪري ڇڏيو.

"اها صفا عقل کان ڇڙهيل ڳالهہ آهي. ان کي سوچي ئي نہ ٿو سگهجي. توهان کي ڪو احساس آهي تہ اوهان مون کي ڪهڙي جوکم ۾ وجهي ڇڏيندئو. منهنجو خيال آهي تہ آئون ضرور چريو ٿي پوندس. مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. آئون ڪا شيءِ نہ پيو سمجهان ۽ ڪڏهن بہ نہ سمجهندس."

"آئون سوچيان ٿي تہ ڪاش توهان کي اهو خيال اچي تہ اسان اڳ ۾ ئي هڪ ٻرندڙ جبل تي ويٺا آهيون."

"هڪ پل ترس، هيلن. منهنجي زال درست آهي. توهان کان سواءِ ئي شيون ڪافي خراب آهن. اها هڪ ڪتي واري زندگي آهي. هڪ پرشور هنگامہ خيز حياتي. آئون ٻن باهين ۾ ورتل آهيان. هڪ اهي جن منهنجي زندگي ان ڪري مصيبت بڻائي ڇڏي آهي جو منهنجو پٽ هڪ ڳاڙهو، هڪ بالشويڪ ۽ ماڻهن جو پيارو آهي ۽ ٻيا اهي جيڪي اهو ڄاڻڻ چاهين ٿا تہ آئين ساز اسيمبليءَ تي منهنجي چوندڇو ٿي. ڪوبہ خوش ناهي. آئون ڪنهن تي بہ ڀاڙي نہ ٿو سگهان. هاڻي وري توهان اچي ويا آهيو. هڪ بهترين خيال. توهان جي ڪري فائرنگ اسڪواڊ جي آڏو بيهڻ."

"ڇڏ ڪٿي انهن ڳالهين کي. خدا جي واسطي ٿورو عقل کان ڪم وٺ.

ڪجهہ دير کان پوءِ هو ٿڌو ٿيو ۽ چيائين :

"ٺيڪ آهي هتي اڱڻ ۾ بيهي وڙهڻ جي ڪا تڪ ناهي. اسان اندر هلي سگهون ٿا. يقينن ائين ناهي تہ مون کي ان ۾ ڪا چڱائي پئي نظر اچي پر مون کي سيڪجهہ اونداهو پيو لڳي. بهرحال اسان ڪي ظالم ۽ ڪافر ناهيون ۽ توهان کي جهنگل ۾ ڏکي رڃن جو ڪلاچ ٽيڻ نہ ڏينداسين. منهنجو خيال آهي تہ هيلن اسان ڪين في الحال مطالعي جو پر وارو ڪمرو ڏيون ٿا. پوءِ ڏسنداسين تہ ڪين ڪٿي رهائي سگهجي پيو. اسان شايد انهن لاءِ باغ ۾ ڪنهن ڪوٺڙيءَ جو بندوبست ڪري وٺون. اچو اندر اچو. باڪوس، مهمانن جي مدد ڪر، سندن سامان اندر ڪٽي اچ."

باڪوس کي جيئن چيو ويو هو ائين ڪندي هن ٻڻ ٻڻ ڪئي!

"او مقدس مريم! انهن وٽ ته ياترين کان وڌيڪ سامان ڪونهي. ننڍين ٽيلهين کان سواءِ ڪجهه به ڪونهي، هڪ پيتي به نه."

(10)

رات ۾ ٿڌ ٿي پيئي. وهنجڻ سهنجڻ کان پوءِ عورتن ڪمري کي سمهڻ لاءِ تيار ڪيو. ساشا جنهن کي غير شعوري طور اها توقع هئي ته سندس ٻاراڻن ٻولن کي پيار واري موٽ ملندي، پنهنجي غون غان ۾ شرارتن ۾ لڳو رهيو پر ان وقت ڪيس پريشاني ٿي جڏهن ڪيس ان سلسلي ۾ ڪا ڪاميابي نه ٿي ۽ ڪنهن به ڌانهس توجهه نه ڏنو. هو ان وقت نراس ٿي ويو جڏهن گهوڙيءَ جي ڪاري ڦر کي گهر اندر نه آندو ويو ۽ جڏهن سندس ماءُ تڙي ڏيئي ڪيس ماٺ ڪرڻ لاءِ چيو. هو روئڻ ۾ اچي ڇتو. ڪيس ان ڳالهه جو ڊپ هو ته ڪيس ڪٽي ٻارن جي دڪان ۾ واپس نه موڪليو وڃي جتان، جيئن ڪيس يقين هو ته، سندس ماءُ پيءُ ڪيس خريد ڪيو هو. سندس ڊپ حقيقي هو ۽ هن ان کي سندس آسپاس موجود هر ڪنهن سان ونڊڻ ٿي چاهيو. پر سندس ان ڳالهه کي حماقت طور ورتو ويو ۽ ان موقعي تي ڪنهن به ان مان مزو نه ورتو. ڪيس لڳو ته ان اوپري گهر ۾ وڏا سڀ بيچين ۽ معمول کان وڌيڪ تکڙ ۾ هئا. اهي ماٺ ڪيو پنهنجن ڪمن ۾ رڌل هئا. ساشا کي ڪاوڙ اچي ويئي ۽ ڪيس، جيئن آيائون چونديون آهن، بدمزاجيءَ جو دورو اچي پيو. ڪيس وڏي ڏکيائي سان کارائي، سمهاريو ويو. جڏهن ڪيس ننڊ اچي ويئي ته ميڪليتسن جي نوڪرياڻي اوستينيا نيوشا کي ماني کارائڻ ۽ گهر جي رازن متعلق آگاهي ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويئي. تونيا ۽ مردن کي ميڪليتسن سان گڏ چانهه پيئڻ لاءِ مدعو ڪيو ويو.

يوري ۽ سندس سهرو پهرين هوا ۾ ساهه کڻڻ لاءِ ٻاهر ورانڊي ۾ ويا.

"ڪيڏا نه گهڻا تارا آهن!" اليگزينڊرا اليگزينڊروچ چيو. اتي تمام گهڻي اونداهي هئي. هڪ ٻئي کان ٻن والن جي مفاصلي تي هوندي به اهي ٻيئي همراهه هڪ ٻئي کي ڏسي نه پيا سگهن. سندن پويان دريءَ مان ايندڙ بتيءَ جي روشني نئن ۾ ٿي وڃي پيئي. ان جي پيٽ ۾ ٻوڙا، وڻ ۽ ٻيون ڏنڌليون صورتون ٿڌي، گهميل هوا ۾ ڪڪرن جيان اڀريون ٿي. پر يوري ۽ اليگزينڊر ان روشني کان ٻاهر هئا. ان رڳو سندن چوڌاري اونداهي کي اڃا وڌيڪ گهرو ڪيو ٿي.

"يورا، سياڻي پهرين ڳالهه اها ڪرڻي آهي تہ هن جيڪا ڪوٺڙيءَ اسان کي ڏيڻ لاءِ سوچي آهي، ان کي هلي ڏسئون ۽ جيڪڏهن اها بهتر آهي تہ پوءِ اسان کي هڪدم ان جي مرمت جو ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. پوءِ جڏهن اسان ان کي ٺيڪ ڪري رهنداسين تہ زمين تان برف بہ ڳري چڪي هوندي ۽ اسان وقت ضايع ڪرڻ کان سواءِ کوٽائي شروع ڪري سگهنداسين. ڇا مون کيس اهو چوندي ٻڌو هو تہ هو اسان کي پوکڻ لاءِ ڪجهہ پٽاٽا ڏيندو؟"

"هو يقينن ڏيندو. هن ڪجهہ ٻين ٻجن ڏيڻ جو پڻ واعدو ڪيو هو. مون کيس ائين چوندي پاڻ پنهنجن ڪنن سان ٻڌو هو. جيستائين ڪوٺڙيءَ جو تعلق آهي تہ اسان باغ مان گذرندي ان کي ڏٺو هو. توکي خبر آهي تہ اها ڪٿي آهي؟ اها پويان واري اها ڪاٺ جي عمارت آهي جنهن کي ڪنڊن وارن ٻوٽن جي ڪري مشڪل سان ٿي ڏسي سگهجي ٿو. تو کي ياد آهي تہ مون تو کي اها ڏيکاري هئي؟ منهنجو خيال آهي تہ ٻيجاري لاءِ اها بهترين جاءِ آهي. مون کي لڳو تہ ڇڻ ڪڏهن هتي گلن جو باغ هوندو هو. گهٽ ۾ گهٽ پري کان ڏسڻ سان ائين ٿي لڳو. يقينن آئون غلط ٿي سگهان ٿو. پراڻي گلن جيَ ٻاريءَ جي زمين کي ضرور چڱو ڀاڻي مليل هوندو. منهنجو خيال آهي تہ اها اجا بہ نهايت سٺي هوندي."

"مون کي خبر ناهي. اسان سياڻي ان کي ڏسنداسين. منهنجو خيال آهي تہ گند گاهہ سان ڀريل هوندي ۽ هاڻي پٿر جيان سخت ٿي چڪي هوندي. اتي ضرور ڪٿي گهر سان لاڳاپيل پاڇين پوکڻ وارو باغ هوندو. ممڪن آهي تہ اهو هاڻي استعمال ۾ نہ هجي. اسان سياڻي اهو پتو ڪنداسين. ممڪن آهي اجا بہ صبح جو پارو پوندو هجي. اڄ رات تہ يقينن پارو پوندو. بهرحال نيٺ هتي پهچڻ ٿي هڪ نعمت آهي جنهن جي لاءِ اسان کي ٿورائتو هجڻ گهرجي. اها سٺي جاءِ آهيَ. مون کي اها پسند آهي."

"اهي چڱا ماڻهو آهن. خاص طور تي هو همراهہ. عورت جو دماغ ٿورو ڦريل آهي. منجهس ڪا اهڙي شيءِ آهي جيڪا هن کي پاڻ نہ ٿي وڻي. هوءَ ايڏو گهڻو ڳالهائي ٿي ۽ پاڻ کي جيتري هوءَ آهي، ان کان وڌيڪ بيوقوف ظاهر ڪري ٿي. اهو ڇڻ ان ڪري آهي جو ڇڻ کيس ان ڳالهہ جي ٽڪڙ هجي تہ ان کان اڳ ماڻهو سندس متعلق ڪو خراب تاثر قائم ڪن، سندن توجهہ پاڻ تان هٽائي ڇڏجي. ساڳي ريت سندس ٽوپلو لاهڻ پلجي وڃڻ ۽ ان کي پنهنجي ڳچي جي چوڌاري

ٻڌي ڇڏڻ ڪنهن بہ ريت سندس غائب دماغي نہ پر سندس ڄاڻي ٻجهي ڪيل عمل آهي."

"ٺيڪ آهي. چڱو ٿيندو تہ اسان موٽي هلون نہ تہ هو اسان کي مغرور سمجهندا."

ڪائڻ واري ڪمري ڏانهن وينديءَ، جتي سندن ميزبان ۽ تونيا گول ميز تي لٽڪندڙ بتي هيٺان چانهہ پي رهيا هئا. اهي ميڪتيلسن جي مطالعي واري ڪمري وٽان لنگهيا. اتي اونداهي لڳي پيئي هئي.

ان ۾ ديوار جيتري ٿي ويڪري هڪ دري هئي جيڪا نئين ڏانهن کلي ٿي. اڳ ۾ جڏهن اجا روشني هئي، يوري هتان هيٺ پاڻي جي نالي ۽ ميدان جو نظارو ڪيو هو جتان هو باڪوس سان گڏ گاڏيءَ ۾ لنگهيا هئا. دري جي آڏو نقشن ٺاهڻ واري هڪ ميز پيئي هئي جنهن جي ويڪر ديوار جيتري هئي. ان جي مٿان هڪ بندوق ڊگهي پيل هئي ۽ پوءِ بہ ٻنهي پاسن کان گهٽي جاءِ بچيل هئي جنهن ان وسعت ڏانهن توجهہ ڇڪايو ٿي.

هاڻي جڏهن هو اتان گذري ويا تہ يوري هڪ ڀيرو ٻيهر رشڪ مان دري، ميز جي وسعت ۽ حيثيت ۽ ڪمري جي عاليشان سجاوٽ متعلق سوچيو. اها پهرين شيءِ هئي جنهن متعلق هن ڪاڏي جي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجن ميزبانن سان ڳالهايو.

"توهان واري اها جاءِ ڪيڏي نہ شاندار آهي. مطالعي وارو ڪمرو تہ بهترين آهي. اهو يقينن ڪم ڪرڻ لاءِ هر لحاظ کان مڪمل ۽ اتساهيندڙ آهي!"

"گلاس ۾ پيئندئو يا ڪوپ ۾. ها ۽ چانهہ تيز پيئندئو يا هلڪي؟"

"يورا، ان کي ڏس، مورتين کي ڏسڻ واري دوربيني. اوپرين استيپانووچ جي پٽ ان کي ننڍي هوندي ٺاهيو هو."

"ان جي باوجود تہ هن ڪومچ کان سوويتن لاءِ هڪ ٻئي يويان شهر ڪسيا آهن پر اجا تائين بہ هو ٻارٽي آهي ۽ هڪ جاءِ تي سڪ سان ويهي نہ سگهيو آهي."

"اهو ڪومچ ڇا آهي؟"

"اها سائيبيريا جي حڪومت جي فوج آهي، جيڪا دستور ساز اسيمبلي جي اقتدار کي بحال ڪرڻ لاءِ وڙهي رهي آهي."

"اسان سڄو ڏينهن تنهنجي پٽ جي ساراهہ ٻڌندا آيا آهيون. تو کي ضرور مٿس فخر ڪرڻ گهرجي."

"اهي يورال جون جيڪي دوربيني واريون تصويرون آهن، اهي به هن ئي ناهيون آهن. اهي تصويرون هن گهر جي نهيل هڪ ڪئميرا سان ورتيون هيون."

"مزيدار بسڪوٽ آهن! ڇا سيڪرين سان ٺهيل آهين؟"

"خدا جي پناهه. ائين ناهي. اسان ڪي هن ويراني ۾ سيڪرين ڪٿان ملندي؟ ايمانداري جي ڳالهه ته اهي کنڊ سان ٺهيل آهن. ڇا تو مون کي تنهنجي چانهه ۾ کنڊ وجهندي نه ڏٺو؟"

"اوه يقينن. دراصل مون تصويرن ڏانهن پئي ڏٺو ۽ تو ڏانهن منهنجي نظر نه ويئي. مون کي يقين آهي ته اها اصل چانهه آهي!"

"يقينن اها جاسمين چانهه آهي."

"تو کي نيٺ اها ملي ڪيئن ٿي؟"

"اسان وٽ اڏندڙ غاليچي جهڙي هڪ شيءِ آهي. اسان جو هڪ دوست. هن نئين نظام جي هڪ اهم شخصيت آهي. بلڪل ڪاهي ڏر سان لاڳاپيل. هو صوبائي معاشي ڪائونسل جو سرڪاري نمائندو آهي. هو اسان جو ڪاٺ شهر ڪٽي ويندو آهي ۽ اتان پنهنجن دوستن وسيلي اسان لاءِ اتو ۽ مکڻ وٺي ايندو آهي. سوبيڪا هي کنڊ مون کي ڏجانءِ (اوبريس لاءِ اهو سندس پيار جو نالو هو)."

"هاڻي ٿورو مون کي اهو ٻڌائي سگهو ٿا ته گريبئيدوف جي وفات ڪهڙي سن ۾ ٿي هئي؟"

"منهنجو خيال آهي ته هو 1795 ۾ ڄائو هو. پر اهو ياد ناهي ته کيس ڪڏهن ماريو ويو هو."

"ٻي چانهه اچي؟"

"نه مهرباني."

"هاڻ توهان لاءِ هڪ ٻي شيءِ آهي. مون کي اهو ٻڌايو ته نيم واگاهه وارو معاهدو ڪڏهن ٿيو هو ۽ ان تي ڪهڙن ملڪن صحيحون ڪيون هيون؟"

"پياري انهن کي تنگ نه ڪر. اڃا ته سندن سفر جو ٿڪ به نه لٿو آهي."

"۽ هاڻي آئون اهو معلوم ڪرڻ ٿي چاهيان ته لينس گهٽڻ قسمن جا هوندا آهن ۽ ڪڏهن انهن مان نظر ايندڙ تصويرون اصلي، ابتيون، فطري يا اونڌيون هونديون آهن؟"

”طبيعات جي علم متعلق ايترو سيکجهہ تو نيٺ ڪٿان سکيو آهي؟“

”اسان وٽ يورياتن ۾ سائنس جو هڪ بهترين استاد هوندو هو. هو ڇوڪرن جي اسڪول ۾ بہ پڙهائيندو هو ۽ اسان جي اسڪول ۾ بہ. آئون تو کي نہ ٿي ٻڌائي سگهان تہ هو ڪيڏو نہ سٺو هو. بس بهترين هو. هن جڏهن سمجهايو ٿي تہ ڳالهہ بلڪل واضح ٿي ٿي ويئي. سندس نالو انتيپوف هو. سندس شادي بہ هڪ استاد سان ٿي ٿيل هئي. سڀ ڇوڪريون سندس پويان چريون هيون. سڀ سائنس پيار ۾ ونجي ويون هيون. هو هڪ رضاڪار جي حيثيت ۾ جنگ ۾ شامل ٿيو ۽ مارجي ويو. ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهو اسان وارو ڇهبڪ ڪوميسار استريلنڪوف ئي انتيپوف آهي جيڪو وري جيئرو ٿي آيو آهي. پر يقينن اها رڳو هڪ احمقانہ افواهہ ئي آهي. اها هڪ بلڪل اڻ ٿيڻي ڳالهہ آهي. بهرحال ڪير ٿا ٿو چئي سگهي. هر شيءِ ممڪن آهي. ٿوري وڌيڪ چانهہ ڏيانءِ؟

☆

## باب نائون

# واريڪينو

(1)

سردين جي منڊ ۾ جڏهن يوري وٽ گهٽي واندڪائي هوندي هئي تہ هن ڊائري لکڻ شروع ڪئي. هن توشيف جي هن قول سان شروعات ڪئي:

"گرمين جي منڊ، ڪيڏي نہ پرلطف آهي، گرمين جي منڊ. اها واقعي چڻ هڪ جادو آهي."

آئون تو ڪان پڇان ٿو تہ اها ڪيئن اسان وٽ آئي آهي، جن نہ تہ ان ڪي ڳوليو ۽ نہ ئي ان جا مستحق آهن.

"گذريل گرمين جي منڊ ۾ مون اڪثر ائين ئي محسوس ڪيو هو. پرهہ ڦٽيءَ کان شام تائين پنهنجي ڪٽنب ۽ پنهنجي لاءِ ڪم ڪرڻ، سنڌن مٿو لڪائڻ لاءِ ڇت تعمير ڪرڻ، کين کارائڻ لاءِ زمين کيڙڻ، رابنسن ڪروز جيان ڪائنات جي خالق جي نقل ڪندي پنهنجي دنيا تخليق ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگي کي هر گهڙي ائين گذارڻ جڻ پاڻ پنهنجي ماءُ هجي، ان خيال ۾ ڪيڏي نہ راحت آهي.

اهڙي ريت جڏهن توهان جا هٿ سخت جسماني پورهئي ۾ رڌل هوندا آهن، جڏهن توهان جي ذهن توهان لاءِ اهڙو ڪم طئي ڪيو هوندو آهي جيڪو جسماني مشقت سان ئي حاصل ٿي سگهندو آهي ۽ جنهن جو انعام خوشي ۽ ڪاميابي هوندي آهي. جڏهن تون لاڳيتو ڇهن ڪلاڪن تائين حياتي ڏيندڙ آڪاش هيٺان کوٽائي ڪندي يا هٿوڙو هلائيندي پنهنجي جسم کي جياريندو آهين تہ ذهن ۾ نوان نوان خيال جنم وٺندا آهن. اهو نقصان نہ پر فائدو هوندو آهي تہ اهي خيال، ڪشف ۽ تشبيهون ڪاغذ تي نہ لکيا آهن پر وسري ويندا آهن. شهري مفڪر پنهنجن حواسن ۽ تصور کي تقويت ڏيڻ لاءِ تيز ڪاري ڪافي ۽ تماڪ جو سهارو وٺندو آهي ۽ کيس اها خبر نہ هوندي آهي تہ سڀ کان طاقتور دوا سٺي صحت ۽ حقيقي ضرورت آهي.

آئون ان ڪان اڳتي نہ ٿو وڃي سگهان. آئون ٽالسٽاءِ جي سادگي ۽ ”زمين ڏانهن موٽي هلو“ واري نظرئي جو پرچار نہ پيو ڪريان. آئون زرعي مسئلي لاءِ پنهنجي حل ڏيڻ يا ان جي سوشلسٽ نظرئي کي درست ڪرڻ متعلق ڪا سوچ ڏيڻ جي ڪوشش نہ پيو ڪريان. آئون رڳو هڪ حقيقت کي ٿاهي رهيو آهيان. آئون ڪنهن نظام جي تعمير نہ پيو ڪريان. اها تہ بلڪل هڪ اتفاقي ڳالهہ آهي ۽ اسان جي معيشيت گڏيل آهي. درحقيقت اسان پاڻ پرا ناهيون. اسان جيڪي ڪجهہ جهڙوڪ پٽاٽا ۽ ڀاڄيون پيدا ڪيون ٿا اهي اسان جي ضرورتن جو رڳو هڪ ننڍو حصو آهن جڏهن تہ باقي اسان ٻئي هنڌان حاصل ڪريون ٿا.

”اسان پاران زمين جو استعمال غير قانوني آهي. اسان قانون پنهنجن هٿن ۾ ڪنيو آهي ۽ اسان جيڪي ڪجهہ ڪريون ٿا، ان کي رياست ڪان لڪايون ٿا، جيڪو ڪاٺ اسان وڍيون ٿا اهو چوري جو آهي ۽ اهو ڪو جواز ناهي تہ اسان اهو رياست ڪان چورايون ٿا يا اهو تہ اها ڪروگر جي ملڪيت هئي. اسان کي ميڪليتسن بچايو آهي جنهن اسان کي محفوظ رکيو آهي (هو پاڻ بہ گهٽي ياگي اسان وانگر ٿي رهي ٿو). هيو تہ شهر ڪان پري هٽڻ ڪري، خدا جو شڪر آهي تہ ڪين اڃا تائين اها خبر ناهي تہ اسان ڇا پيا ڪريون.

”آئون پنهنجي ڊاڪٽر هئڻ متعلق خاموش رهيس. ڇاڪاڻ تہ آئون پنهنجي آزاديءَ کي محدود ڪرڻ نہ ٿو چاهيان پر هميشہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪو هيو انسان موجود هوندو آهي جنهن کي خبر هوندي آهي تہ واريڪينو ۾ هڪ ڊاڪٽر موجود آهي. اهي ويهن ميلن جو پنڌ ڪري مون سان ملڻ لاءِ ايندا آهن ۽ ڪڪڙ يا ٻہ ٽي بيضا يا ڪجهہ مکڻ تحفي طور ڏيڻ لاءِ کڻي ايندا آهن. آئون انهن شين کي ان ڪري وٺڻ کان انڪار نہ ڪري سگهندو آهيان جو اهي ماڻهو سمجهندا آهن تہ دوا اوستائين اثر نہ ٿي ڪري جيستائين اهي ان لاءِ ڪجهہ ادائيگي نہ ٿا ڪن. اهڙي ريت منهنجي پريڪٽس مان ٿورو ڪجهہ اچي ٿو. پر منهنجو ۽ ميڪليتسن ٻنهي جو مک پرجهلو سيمديوياتوف آهي.

هو هڪ انوکي نموني جو منجهيل ڪردار آهي. آئون ڪيس پوري ريت سمجهي نہ سگهيو آهيان. هو انقلاب جو هڪ سچو حمايتي آهي ۽ يورياتين سوويت جي اعتماد جو پورو حقدار آهي. ڪيس جيڪي اختيار ڏنا ويا آهن انهن تحت هو مون کي ۽ ميڪليتسن کي ٻڌائڻ کان سواءِ واريڪينو جو سچو ڪاٺ

حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ ڪيس اها خبر آهي تہ اسان ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون. ٻئي پاسي جيڪڏهن هو رياست کي ڦرڻ چاهي تہ هو پنهنجا ڪيسا ڀري سگهي پيو ۽ ڪير ان متعلق ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍندو. ڪيس ڪنهن کي بہ رشوت ڏيڻ يا ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ جي ضرورت ناهي. پوءِ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ڪيس اسان سيني جو، ميڪلبتسن، اسٽيشن ماسٽر، اسان ۽ ضلعي جي اتڪل هر ماڻهو جو خيال رکڻ تي مجبور ڪري ٿي. هڪ پل بہ اهڙو نہ هوندو آهي جڏهن هو پچ ڊڪ ۽ اسان کي ڏيڻ لاءِ ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل نہ هجي. هو ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۽ دوستووسڪي جي ناول Possessed کان هڪ جيترو مانوس آهي ۽ ساڳي روانيءَ سان ٻنهي متعلق ڳالهائيندو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن هو پنهنجي زندگيءَ کي اهڙي غير ضروري ڪليل ۽ بغير رٿابندي واري انداز ۾ منجهائي نہ ڇڏي ها تہ جيڪر زندگي کان تنگ اچي وڃي ها."

(2)

ٿوري عرصي کان پوءِ يوري لکيو:

"اسان پراڻي گهر جي پويان ٺهيل ڪاٺ جي انيڪسي جي ٻن ڪمرن ۾ رهون پيا. اينا ايوانوونا جي ننڍپڻ واري دور ۾ ڪروگر ان کي گهر جي خاص نوڪرن جهڙوڪ درزي، گهر جي نظرداري ڪندڙ نوڪرياڻي ۽ پوڙهي آيا لاءِ استعمال ڪندو هو.

"جڏهن اسان هتي آياسين تہ اها نهايت خراب حالت ۾ هئي پر اسان نهايت تيزيءَ سان ان جي مرمت ڪري ورتي. انهن ماڻهن جي مدد سان جن انهن شين کي ڄاتو ٿي اسان چلهہ کي، جيڪا ٻنهي ڪمرن ۾ ڪم ڏيندي هئي، وري ناهيو. گرم هوا جي گذر لاءِ چمني ۾ لڳل جار کي اسان وري ناهيو آهي ۽ هاڻي گرمائش وڌي ويئي آهي.

"زمين جي ان حصي ۾ پراڻو باغ غائب ٿي چڪو آهي. ان کي نون ٻوٽن ميساري ڇڏيو هو پر هاڻي جڏهن سرديءَ جي مند هر شيءِ کي ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيئرا ٻوٽا ختم ٿي ويل ٻوٽن کي وڌيڪ دير لڪائي نہ پيا سگهن. ماضيءَ کي صاف طور تي برف جي وچ ۾ ڏسي پيو سگهجي.

"اسان خوش قسمت آهيون. پن ڇڻ واري مند خشڪ ۽ گرم هئي. ان سان اسان کي مينهن ۽ سرديءَ جي مند کان اڳ پٽاٽن کي کوٽڻ جو وقت ملي ويو.

اسان جيڪي ميڪليتسن کي واپس ڪيا، انهن کان سواءِ اسان وٽ ويهه ٻوريون هيون. اسان انهن کي تهه خاني واري هڪ گودام ۾ رکي انهن کي پراڻن ڪمبلن ۽ گاهه سان ڍڪي ڇڏيو هو. اسان ٽونيا جي تيار ڪيل نمڪين ڪيرن ۽ اپاريل گوبيءَ جي ڪتر جي ٻن دٻن کي پڻ سنڀالي رکيو. گجرن کي خشڪ مٽيءَ ۾ دٻائي رکيو ويو، موري، چقندر، گوگڙو، مٽر ۽ مڱن وغيره کي مٿين ماڙ تي رکيو ويو آهي. گهر کان ٻاهر واري ڪمري ۾ چڱي مقدار ۾ ڪاٺ پيل آهي جيڪو بهار جي مند تائين هلي ويندو.

"سونڪي سردين جي مند ۾ تهه خاني جي گرم ۽ خشڪ ماحول ۾ ساهه کڻڻ سان پيار آهي. مون کي مٽي، وڻن ۽ برف جي ان گڏيل خوشبو سان پيار آهي جيڪا پرهه ڦٽي مهل، جڏهن ٽمڪندڙ ڏيئو هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪربو آهي ته سڄي وجود کي وڪوڙي ويندي آهي.

تون ٻاهر نڪرين ٿو. اجا اونداهي هجي ٿي. دروازي جي چيچاٽ ٿئي ٿي يا تنهنجي ڇڪ جو آواز ۽ وري تنهنجي پيرن هيٺان برف ٽٽڻ لڳي ٿي. آواز تي گوبين جي پوک ۾ ويٺل سهو هوشيار ٿي ٻرانگهون پريندو پويان برف تي پنهنجن پيرن جا نشان ڇڏيندو پڇي وڃي ٿو. ٻري ڪٿي ڪتا ڀونڪڻ لڳن ٿا ۽ ڪين ماٺ ٿيڻ ۾ چڱو وقت لڳي وڃي ٿو. ڪڪڙن جون ٻانگون پوريون ٿين ٿيون ۽ هاڻي ڪجهه به چوڻ لاءِ باقي نه ٿو رهي. پوءِ پرهه ڦٽي ٿي.

سهي جي پيرن جي نشانن جيان ان بي انت برفاني ميدان ۾ جهنگلي ٻلن جي پيرن جا نشان پڻ موجود آهن. اهي نهايت صفائيءَ سان تسبيح جي داڻن جيان ڦهليا پيا آهن .جهنگلي ٻلو به عام ٻلي جيان هڪ پير ٻئي جي آڏو رکي هلندو آهي ۽ چوندا آهن ته رات وچ ۾ اهو گهڻا ميل سفر ڪري ويندو آهي.

"انهن کي پڪڙڻ لاءِ ڄار وڇايا ويندا آهن پر جهنگلي ٻلن بدران انهن ۾ سها ڦاسي پوندا آهن ۽ اڌ ڌڙ تائين برف ۾ پورجي ويندا آهن. جڏهن ڪين ٻاهر ڪڍبو آهي ته اهي صفا ڄمي سخت ٿي چڪا هوندا آهن.

"شروع ۾ بهار ۽ گرمين جي مند دوران اسان کي ڏاڍو ڏکيو وقت ڏسڻو پيو. ان وقت جيڪا جدوجهد اسان کان پڄي سگهي سا ڪئي سين. پر هاڻي اسان سردين جون شامون آرام سان گذاري سگهون ٿا. سيمديياتوف جا ٿورا جنهن اسن کي ميڻ آڻي ڏنو جنهن جي ڪري اسان بتي جي ڇوڏاري ويهي سگهون ٿا. عورتون سبڻ ۽ اُڻڻ جو

ڪم ڪنديون آهن. اليگزينڊر اليگزينڊروچ يا آئون وڏي آواز ۾ پڙهندا آهيون. چلهه گرم آهي ۽ منهنجو ڪم ان کي ڪوٽيندو رهڻ ۽ صحيح وقت تي ان جي والوڪي بند ڪرڻ هوندو آهي ته جيئن تپش جو زيان نه ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن پري ويل ڪاٺ مان دونهن نڪري رهيو هوندو آهي، هٿ ۾ڪٽي ڊوڙي برف ۾ ايترو پري اڇلائي ايندو آهيان جيترو ممڪن هوندو آهي۽ اهو هوا ۾ مشعل جيان اڏرندو چڻنگون ڇڏيندو، سنل باغ جي ڍير ۾ دفن ٿي ويندو آهي.

اسان جنگ ۽ امن، يوجين اونيگن ۽ پشڪن جا ٻيا نظم استينڊال جو "ڳاڙهي ۽ ڪاري" ڊڪنس جي ٻن شهرن جي ڪهاڻي ۽ ڪليئسيٽ جي مختصر ڪهاڻين جي روسي ترجمن کي وري وري پڙهون ٿا.

(3)

جيئن بهار جي مند ويجهو آئي ته يوري لکيو ته :

"آئون سمجهان ٿو ته ٽونيا پيٽ سان آهي. مون کيس ٻڌايو پر کيس يقين نه آيو. بهرحال مون کي ان جي پڪ آهي. شروعاتي نشانيون واضح آهن. مون کي پڪ ڪرڻ لاءِ پوءِ وارين ۽ پڪين نشانين جي انتظار ڪرڻ جي ضرورت ناهي.

اهڙي موقعي تي هڪ عورت جو منهن بدلجي ويندو آهي. اهو نه ته اها پنهنجي سونهن وڃائي وهندي آهي پر پنهنجي شڪل ۽ صورت تي ضابطو نه هوندو آهي. سندس سڄو دارومدار آئينده تي هوندو آهي جنهن کي پنهنجي اندر ۾ سانديندي هلندي آهي. هوءَ هاڻ اڪيلي نه هوندي آهي. پنهنجي حُليي تي ضابطو نه هئڻ ڪري چڻ ته سندس متيون منجهي پونديون آهن. سندس منهن ڦڪو پئجي ويندو آهي، کل سخت ٿي ويندي آهي، اکين ۾ ٻي چمڪ هوندي آهي جيڪا سندس مرضي وٽان نه هوندي آهي. اهو ائين هوندو آهي جو چڻ ته هو انهن سڀني شين کي نه ڪري سگهي آهي ۽ انهن کي نظر انداز ڪيو اٿس.

ٽونيا ۽ آئون ڪڏهن به هڪ ٻئي کان پري نه ٿيا هئاسين ۽ هن سال جي ڪم اسان کي اڃا ويجهو ڪري ڇڏيو هو. مون ڏٺو ته هوءَ ڪيتري نه تيز ڪم ڪندڙ، مضبوط ۽ اڻٿڪ آهي ۽ ڪيڏي نه هوشياريءَ سان پنهنجي ڪم جي رٿابندي ڪري ٿي ته جيئن هڪ ڪم جي ختم ٿيڻ ۽ ٻئي جي شروع ٿيڻ جي وچ ۾ ممڪن حد تائين گهٽ ۾ گهٽ وقت ضايع ٿئي.

مون کي هميشه کان اهو لڳو آهي ته هر حمل معصوم آهي ۽ يسوع مسيح جي ماءُ، مقدس مريم، سان واسطو رکندڙ اهو عقيدو ماءُ هئڻ واري سڄي خيال جي نمائندگي ڪري ٿو.

ٻار ڄمڻ وقت هر عورت اڪيلائي جي احساس ۾ ورتل هوندي آهي، بلڪل ائين ڄڻ ته ڪيس بلڪل اڪيلو بي يارومددگار ڇڏي ڏنو ويو آهي. مرد ان اهم پل ۾ ائين غير متعلق هوندو آهي جو ڄڻ ته سندس ان ۾ ڪو ڪردار نه هجي ۽ سڄي شيءِ مٿان آسمان مان ڪري هجي.

اها عورت ئي هوندي آهي جيڪا اولاد پيدا ڪندي آهي ۽ اها ئي ان کي ڪنهن اهڙي پرسڪون ۽ محفوظ جاءِ ڏانهن کڻي ويندي آهي جيڪا ان جي پينگهي لاءِ مناسب هجي. اڪيلي، خاموشيءَ ۽ نماڻائيءَ سان هو ٻار کي کير پياريندي ۽ ان جي پرورش ڪندي آهي.

يسوع مسيح جي ماءُ کي چيو ويو ٿو ته هوءَ پنهنجي پٽ ۽ سندس خدا کان دل سان دعا گهري ۽ پاڪ ڪتاب جا اکر سندس وات ۾ وڌا ويا ٿا. ”منهنجو روح مالڪ جي وڏائي بيان ڪري ٿو ۽ منهنجي روح کي خداوند عالم خوشيءَ عطا ڪئي آهي. ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي ٻانديءَ جي ڪريل حالت تي ڪرم جي نظر ڪئي، ڇاڪاڻ ته هاڻي مون کي هر دور جا ماڻهو خوش قسمت ڪري سڏيندا. اهو هوءَ پنهنجي ٻار جي ڪري ئي چوي ٿي. (ڇاڪاڻ ته هو جيڪو سڀني جو مالڪ آهي، مون سان وڏيون ڀلايون ڪيون آهن.) هو سندس شان آهي. هر عورت اهو چئي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته هر ماءُ جي لاءِ خدا سندس ٻار ۾ هوندو آهي. عظيم مردن جي مائرن کي خاص طور تي اهو احساس ضرور هوندو. پر شروعات ۾ ته سڀئي عورتون عظيم مردن جون مائرون هونديون آهن ۽ پوءِ زندگي جيڪڏهن ڪين نراس تي ڪري ته ان ۾ سندن ڏوهه ڪونهي.“

## (4)

”اسن يوجين اونيگن جي نظمن کي لاڳيتو پڙهندا رهون ٿا. سيمديوياتوف ڪالهه آيو هو ۽ گهڻا تحفا کڻي آيو هو جن ۾ ڪاڏي پيتي جون سٺيون شيون ۽ بتين لاءِ تيل شامل هو. اسان جي فن متعلق تمام گهڻي ڳالهه ٻولهه ٿي.

”مون هميشه اهو سوچيو آهي ته فن نه ته ڪنهن در جي بندي جو نالو آهي ۽ نه ئي ڪنهن سلطنت جو نالو آهي جنهن ۾ اڻ ڳڻيا نظريا ۽ مختلف ڏيک هجن. پر

ان جي ابتڙ اها هڪ مرڪوز ۽ بلڪل ئي محدود شيءِ آهي. اهو هڪ اصول آهي جيڪو هر فن پاري تي اچي ٿو. اهڙي قوت آهي جنهن جو ان تي اطلاق ٿئي ٿو. هڪ اهڙو سچ آهي جيڪو ان ۾ پيش ڪيو ويجي ٿو. مون ڪڏهن به ان کي هڪ گهاڙيتي جي صورت ۾ نه پر مواد جي هڪ لڪل راز ۽ٽيل حصي جي صورت ۾ ڏٺو آهي ۽ اهو سڀ سچ جي روشني جيان مون تي واضح آهي. ان کي آئون پنهنجي جسم جي هر حصي ۾ محسوس ڪريان ٿو پر ان جو اظهار ڪرڻ يا ان کي بيان ڪرڻ انتهائي ڏکيو ڪم آهي.

هڪ فن پارو هر طرح سان پنهنجي عنوان، موضوع، صورتحال جي عڪاسي ۽ ڪردارن وغيره جي لحاظ کان پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو. پر سڀ کان وڌيڪ ان ۾ فن جي موجودگي اسان جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ٿي. "ڏوهه ۽ سزا" ۾ فن جي موجودگي راسڪو لينڪوف جي ڏوهه کان وڌيڪ ماڻهوءَ کي لوڏي ڇڏي ٿي.

فن ۾ گهٽتائي وارو ڪو تصور ناهي. آڳاٽو فن، مصر، يونان ۽ اسان جو فن. منهنجي خيال ۾ اهو هڪ ۽ ساڳيو ئي فن آهي جيڪو پنهنجي ليکي هزارين سالن کان موجود رهيو آهي. ان کي زندگي متعلق هڪ اهڙو خيال ۽ بيان چئي سگهجي ٿو جيڪو سيني پاسن کي پاڻ ۾ سموئي ٿو ۽ ان کي ڌارڌار لفظن ۾ ورهائي نه ٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن فن پاري ۾ ٻين شين سان گڏ ان جو هڪ ذرو به موجود آهي ته اهو پنهنجي اهميت ۾ ٻين سڀني جزن کان مٿانهون هوندو آهي ۽ ان فن پاري جو اصل جوهر، دل ۽ روح بڻجي ويندو آهي."

(5)

"توري ٿڌ، ڪنگهه ۽ شايد بخار به آهي. سڄو ڏينهن ساهه کڻڻ ۾ تڪليف، نڙيءَ ۾ سوڄ ۽ ڳلي ۾ ڄڻ ڪجهه ڦاٿل رهيو آهي. منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي. اهو ضرور منهنجي دل جو معاملو آهي. منهنجي ماءُ واري پاسي کان جنهن کي سڄي عمر دل جي تڪليف رهي، اها پهرين موروثي تنبيهه آهي. ڇا اها واقعي اهو بيماري ٿي سگهي ٿي؟ ايترو جلدي. جيڪڏهن ائين ئي آهي ته پوءِ آئون پنهنجي ڊگهي عمر جي توقع نه ٿو ڪري سگهان.

ڪمري ۾ ٿوري سڙڻ جي بوءِ پيئي اچي. استري ڪرڻ جي بوءِ آهي. تونيا استري ڪري رهي آهي. هوءَ گهڙي گهڙي چلهه مان ڪوئلا ڪڍي استري ۾ وجهي

ٿي ۽ اسٽريءَ جو ڊڪ ائين بند ٿي ٿو وڃي جيئن ڏندن کي شيڪيو وڃي. ان سان مون کي ڪا شيءِ ياد اچي ٿي پر منهنجي ذهن ۾ نه پيو اچي سگهي ته اها ڪهڙي شيءِ آهي. خراب صحت مون کي ويسارو ڪري ڇڏيو آهي.

سمديوياتوف جي صابڻ جي ڏنل تحفي مان مزو ماڻڻ لاءِ اسان به ڏينهن لاڳيتو ڪپڙا ڌوتا. ساشا پنهنجين شرارتن ۾ رڌل آهي. هن وقت به جڏهن آئون لکي رهيو آهيان ته هو ميز جي هيٺان لڳل سيخ تي ويٺو سمديوياتوف جي نقل ڪري اهو ڏيکاري رهيو آهي ڇڻ ته هو مون کي بگيءَ ۾ ڪيڏانهن وٺي ويندو هجي جيئن سمديوياتوف جڏهن هتي ايندو آهي ته ڪيس وٺي ويندو آهي.

جيئن ئي منهنجي صحت بهتر ٿئي ته مون کي ضرور شهر جي لائبرري ۾ وڃي هتان جي ماڻهن جي نسلي ۽ سماجي پس منظر متعلق پڙهڻ گهرجي. ماڻهن جو چوڻ آهي ته لائبرري ۾ گهڻا اهم ڪتاب موجود آهن ۽ اها نهايت سٺي آهي. آئون لکڻ چاهيان ٿو پر مون کي جلدي ڪرڻي پوندي. بهار جي اچڻ کان اڳ ئي اسان کي اهو پتو پوندو ته اسين ڪٿي آهيون. ان کان پوءِ لکڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ڪو به وقت نه ملندو.

مٿي جو سور وڌندو وڃي ٿو. مون پوري ننڊ نه ڪئي آهي. اهڙي قسم جو منجهيل خواب هو جيڪو ماڻهوءَ کي جاڳڻ سان وسري ويندو آهي. منهنجي يادگيريءَ ۾ بس اهو ئي حصو رهجي ويو جنهن مون کي جاڳايو هو. اهو هڪ عورت جو آواز هو. مون ننڊ ۾ اهو آواز ايڏو چٽو ٻڌو جو اهو منهنجي چوڌاري گونجڻ لڳو. مون کي اهو آواز ياد رهجي ويو ۽ آئون ان کي پنهنجي ذهن ۾ ٻڌندو رهيس ۽ پنهنجي عورت دوستن واري فهرست ۾ اهڙي عورت متعلق سوچڻ جي ڪوشش ڪيم جيڪا گهري، غمناڪ، پياري ۽ نرم آواز ۾ ڳالهائيندي هجي. منجهائنئن ڪنهن جو به اهڙو آواز نه هو. مون سمجهيو ته شايد اهو تونيا جو آواز هجي. مون کي سندس آواز ٻڌڻ جي اهڙي عادت پئجي چڪي آهي جو سندس لهجي تي توجهه ڏيڻ ڇڏي ڏنو اٿم. مون اهو وسارڻ جي ڪوشش ڪئي ته هوءَ منهنجي زال آهي ۽ پاڻ کي گهڻو لاتعلق ڪري اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اهو سندس آواز به نه هو. اهو هڪ اسرار ئي بڻجي رهجي ويو.

خوابن جي باري ۾ عام طور تي ان ڳالهه کي طئي ٿيل سمجهيو ويندو آهي ته ماڻهو ان ئي شيءِ متعلق خواب ڏسندو آهي جنهن جو خاص طور تي ڏينهن ۾ مٿس گهرو اثر وڌو هجي پر مون کي ائين لڳندو آهي ته ڳالهه ان جي ابتڙ آهي.

اڪثر اِها اُها شيءِ هوندي آهي جنهن کي ماڻهو ان وقت ڪا اهميت نہ ڏيندو آهي. هڪ مبهم خيال جنهن متعلق پوري ريت سوچڻ جي تڪليف بہ نہ ورتي ويئي هجي. اهڙا لفظ جيڪي احساس ڪانسواءِ ڳالهايا ويا هجن ۽ جن تي ڪنهن توجهہ نہ ڏنو هجي. اهي شيون رات جو ڪردارن جي صورت ۾ خوابن ۾ اچي ڇڻ ان ڳالهہ لاءِ مجبور ڪنديون هجن تہ جاڳندي وقت انهن کي نظر انداز ڪرڻ جو ازالو ڪيو وڃي."

(6)

"هڪ صاف ڪوهيڙي واري رات. هر شيءِ غير معمولي طور روشن ۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل. ڌرتي، آڪاش، چنڊ ۽ تارن سيني کي ڇڻ ڪوهيڙي پاڻ ۾ گڏي ڇڏيو آهي. وڻن جا پاڇا رستن تي ائين صاف نظر اچن ٿا جو ڇڻ تہ انهن کي آرام سان ويهي ٺاهيو ويو هجي. ماڻهو لاڳيتو اهو ٿي سمجهندو رهي تہ هو گهرين صورتن کي ڪڏهن هتان تہ ڪڏهن ٻئي هنڌان رستو پار ڪندي ڏسي رهيو هجي. وڏا تارا تارين تي نيري لالٽين جيان ٽنگيا پيا هئا. ننڍا تارا آسمان ۾ ائين ڦهليا پيا هئا جيئن گرمين واري پوک ۾ بهار جا هيڊا گل هوندا آهن.

اسان پشڪن تي ڳالهہ ٻولهہ جاري رکي آهي. گذريل رات اسان انهن نظمن تي ڳالهايو جيڪي هن اسڪول ۾ لکيا هئا. گهڻين شين جو دارومدار وزن جي چونڊ تي ٿ..ندو آهي.

جيستائين هن ڏگهن مصرائن وارا نظم لکيا ان وقت تائين سندس خواهش بس "ارزماس" جي ادبي حلقي کي متاثر ڪرڻ هو. ڏند ڪٿا، لفاظي، دنياوي ڏاهپ، جنس متعلق اظهار ۽ نفاست سيني کي گڏيو وڃي تہ ان جو مقصد وڏي عمر وارن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلڻ ۽ پنهنجي چاچي جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ هو.

پر جڏهن هن اوسين ۽ پارني جو نقل ڪرڻ ڇڏي ڏنو ۽ "سارسڪوئي سيلو جون يادون" تبديل ٿي "هڪ ننڍي شهر" يا " منهنجي پيڻ جا خط" يا "يادين" لکڻ شروع ڪيون تہ ڇڻ اصلي پشڪن سامهون اچي چڪو هو.

اِهو ائين هو جو ڇڻ هوا، روشني، حياتيءَ ۽ ڪائنات جو شور گهٽيءَ مان ڪليل در وسيلي سندس شاعريءَ ۾ گهڙي پوندو هو. نوس شيون، ٻاهر جي دنيا

جون شيون، تازو استعمال ۾ ايندڙ شيون. شين جا نالا وغيره گڏجي سندس نظم تي حاوي ٿي وڃن ٿا ۽ ان مان ڳالهه ٻولهه جي مبهم حصن کي لوڏي ٻاهر ڪڍن ٿا. شيون ۽ وڌيڪ شيون نظمن جي شڪل ۾ صفحي تي جمع ٿي وڃن ٿيون.

جڏهن ته اهي سندس چار مصرعن وارا نظم هئا جيڪي پوءِ ايترو مشهور ٿيا جو روس جي زندگي کي ڪٽڻ جو هڪ معيار بڻجي ويا. ائين جڏهن ان جي سڄي وجود کي ڪٽ ڪٽي هجي جيئن ماڻهو پير جو خاڪو يا هٿ جو ماپ ڏيندو آهي ته جيئن ان ڳالهه جي پڪ ٿئي ته دستانو ياجوتو پورو اچي وڃي.

پوءِ ساڳي طرح ڳالهه ٻولهه واري عام روسي ٻوليءَ جي سر جا پڙاڏا بيڪراسوف جي ٽن مصرعن وارن نظمن ۾ پڻ ملن ٿا.

(7)

"آئون هڪ ڊاڪٽر يا زميندار طور ڪار آمد ٿيڻ چاهيان ٿو. ساڳي وقت ڪنهن جتادار ۽ بنيادي شيءِ تي پڻ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو. منهنجي خواهش آهي ته فن يا سائنس متعلق لکت ۾ ڪو ڪم ڪريان."

هر شخص پيدائشي فائوسٽ هوندو آهي جنهن جي اها خواهش هوندي آهي ته دنيا ۾ موجود هر شيءِ کي پنهنجو ڪري، ان جو تجربو حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري. فائوسٽ پنهنجي پيشروئن ۽ همعصرن جي غلطين ڪارڻ سائنسدان بڻجي ويو. سائنس جي ترقي رد ڪرڻ وارن اصولن تحت ٿيندي آهي. هر اڳتي وڌندڙ قدم ان وقت ۾ موجود غلط عقيدن ۽ ڪوڙن نظرين خلاف رد عمل هوندو آهي. فائوسٽ هڪ فنڪار هو جنهن جي سامهون سندس استادن جو مثال هو. فن ۾ اڳتي قدم ڪنهن ڪان متاثر ٿي کنيا ويندا آهن. فنڪارپاران پنهنجن انهن پيشروئن جي تعظيم ۽ انهن جي نقش قدم تي هلڻ جي خواهش، جن کان هو وڌيڪ متاثر هوندو آهي، کيس ان ميدان ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندي آهي.

اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا مون کي هڪ ڪارآمد ڊاڪٽر يا ليکڪ ٿيڻ کان روڪي ٿي؟ منهنجي خيال ۾ اهو ايترو اسان جي تڪليف اسان جي رلڻ يا اسان جي لاڳيتو تبديل ٿيندڙ ۽ پريشان زندگي ڪري ناهي، جيترو اجوڪي دور ۾ لفاظي جي قوت ۽ مدي خارج لفظن جهڙوڪ "مستقبل جي سڄ جو اڀرڻ"، "نئين دنيا جي تعمير" ۽ "انسانيت جا علمبردار" وغيره ڪري ٿيو آهي. ٻهريون پيرو

جڏهن ماڻهو ان کي ٻڌي ٿو ته سوچي ٿو ته." تخيل جو ڪيڏو نه وڏو خزانو آهي." پر درحقيقت ان جي ايڏي شاندار هئڻ جو ڪارڻ ٿي اهو هوندو آهي ته ان جي پويان ڪوبه تخيل نه هوندو آهي ۽ اهو ته اهو خيال ٿي ٻئي درجي جو هوندو آهي.

ڪابه شيءِ رڳو ان وقت ئي عاليشان ٿي سگهندي آهي جڏهن ان کي ڪنهن انتهائي ذهين ماڻهوءَ جو هٿ لڳندو آهي. ٻي صورت ۾ اها رڳو هڪ عام شيءِ هوندي آهي. ان سلسلي ۾ بهترين مثال پشڪن جو آهي. ايمانداري سان پنهنجو ڪم ڪرڻ، فرض جي ادائيگي ۽ عام زندگي متعلق هن بهترين شاعري ڪئي آهي. بورجوازي ۽ وچولي طبقي جا اصطلاح اڄڪلهه ڇڻ گار بڻجي ويا آهن. پر پشڪن پنهنجي نظم "خانداني وڻ" ۾ ان تنقيد جي اڳ ۾ ئي پيش بندي ڪري ڇڏي هئي، "هڪ بورجوازي، آئون هڪ بورجوازي آهيان." ۽ وري "اوينگن جي سفر" ۾ هو چوي ٿو ته :

"هاڻي سهنجو ادرش گهر ڌياڻي آهي
منهنجي وڏي ۾ وڏي خواهش، هڪ پرسڪون زندگي،
هڪ وڏو ڊونگهو گوبيءَ جي سوپ جو."

سچي روسي ادب ۾ مون کي سڀ کان وڌيڪ جيڪا شيءِ وڻي آهي سا پشڪن ۽ چيخوف جي ٻارن واري روسي خاصيت ۽ سندن وڏن معاملن جهڙوڪ انسانيت جو مقصد يا سندن پنهنجي ڇوٽڪاري متعلق لچاري لاتعلقي آهي. اهو ناهي ته انهن ان متعلق سوچيو ئي ڪونه هو يا ڇگيءَ ريت نه سوچيو هو. پر سندن اهو خيال هو ته اهڙي بحث ۾ پوڻ سندن ڪم نه هو.

جڏهن گوگول، ٽالسٽاءِ ۽ دوستووسڪي زندگي جي معنيٰ ۽ موت جي تياري متعلق سرگردان ۽ پريشان ۽ ان جي حساب ڪتاب ٺاهڻ ۾ رڌل هئا ته اهي ٻيئي پنهنجي حياتي جي پڇاڙي تائين پنهنجي موجود ۽ انفرادي ڪمن ۾ ئي ڦاٿل رهيا جيڪي مٿن سندن ليکڪ هئڻ واري پيشي مڙهيا هئا. انهن ڪمن کي انجام ڏيڻ دوران انهن پنهنجن فن پارن ۽ زندگي ٻنهي کي نجي ۽ انفرادي معاملا سمجهندي، جن جو ٻئي ڪنهن سان ڪوبه واسطو نه هو خاموشيءَ سان پنهنجي حياتي گذاري. اهي انفرادي شيون هاڻي سيني لاءِ اهم بڻجي ويون آهن. سندن فن پارا هاڻي پڇي راس ٿي ويا آهن بلڪل انهن ساون صوفن جيان جن کي وڻن تان پٽيو ويو هجيءِ اهي هوريان هوريان پنهنجي معنيٰ ۽ مناڻ ۾ پچي راس ٿيا هجن.

(8)

بهار جون پهريون نشانيون. برف جو ڳرڻ. ستل هوا ۾ مکڻ لڳل ٽڪين ۽ ووڊڪا جي خوشبو آهي جيئن شرووٽائڊ ۾ ٿيندو آهي. ستل ۽ سٽيي سڄ جهنگل ۾ اکيون پٽي چنيبون. ستل صنوبر جي وڻن پنهنجي سين جهڙي پنبٽين کي پٽي چنپيو. پاڻي سان پريل کڏون کوپا ٻنپهرن جي سج ۾ چلڪي رهيا هئا. ٻهراڙي آرس ڀجي جسم ڦهلائي پاسو ورائي وري سمهي ٿي پئي.

يوجين اوينگن جو باب ستون بهار جو ذکر ڪري ٿو. اوينگن جو گهر سندس غير موجودگيءَ ۾ ويران ٿو هجي. لينسڪي جي قبر جبل جي دامن وٽ چشمي جي پير ۾ آهي.

"بلبل، بهار جي عاشق

سڄي رات ڳائي ٿي، جهنگلي گلاب ٽڙي پوي ٿو.

عاشق جو ائين چوڻ بلڪل فطري بلڪل مناسب آهي. عاشق درست آهي. ان کان سواءِ ان کي وزن ۾ آڻڻ لاءِ بہ ان جي ضرورت هئي. يا ڪٿي لوڪ داستان جي ڊاڙيل بلبل متعلق تہ سوچي رهيو هو؟ ڊاڙيل بلبل جيڪو اوڊيمينٽي جو پٽ هو.

سندس بلبل واري سيٽيءَ تي

سندس جهنگل ۾ آواز ڏيڻ تي

گاھہ سڄو ڪنبي وڃي ٿو

گلن جون پنکڙيون ڇڻڻ لڳن ٿيون

اونداهو جهنگل ڌرتي تي جهڪي وڃي ٿو

۽ سڀ چڱا ماڻهو ڪري مري وڃن ٿا.

اسان واريڪينو ۾ بهار جي شروع ۾ آيا هئاسين. جلد ئي صنوبر، اخروٽ ۽ جهنگلي چيري جا وڻ، خاص طور تي شتما ۾ جيڪو ميڪليتسين جي گهر هيٺان ميدان هو، ساوا ٿي ويا. ان کان ترت پوءِ بلبلن گيت ڳائڻ شروع ڪيا.

هڪ ڀيرو ٻيهر آئون انهن ۽ ٻين پکين جي ڳائڻ ۾ موجود فرق تي سوچڻ لڳس. قدرت کين ڪيڏي نہ صلاحيت ۽ نواڻ ڏني آهي ۽ ٻين پکين ۽ انهن وچ ۾ ڪيڏو نہ فرق آهي. ترگنيف ڪٿي ان متعلق چيو آهي تہ اها سيٽي ائين آهي جيئن جهنگل جو ڀوت پنهنجي بانسري وڄائي رهيو هجي. خاص طور ان سلسلي

۾ بہ چوٽيون واضح آهن. ان مان هڪ لطف ڏيندڙ ورجايل ٽيون، ٽيون، ٽيون جو آواز آهي جيڪو ڪڏهن ٽي پيرا تہ ڪڏهن لاڳيتو ايندو رهي ٿو. ان آواز تي ماڪ ۾ پسيل وڻ لڏي ڪنبندي پاڻ کي ائين صاف ڪرڻ لڳن ٿا ڄڻ ڪنهن کين ڪتڪتائي ڪئي هجي. ٻي چوٽي ٻن لفظن تي ٻڌل هڪ سنجيده سٽ آهي جيڪا التجا يا تنبيهہ ڪندي چوي ٿي، "جاڳو، جاڳو!"

(9)

"بهار جي بيچاري جو وقت ويجهو اچي ويو آهي. ٻيو ڪجهہ لکڻ تہ پري رهيو، ڊائري بہ نہ ٿي لکي سگهجي. جيستائين اها هلي اوترو چڱو ٿيو. آئون ان کي ايندڙ سردين تائين پاسيرو رکي ڇڏيندس.

لِي ڏينهن ۾ تڏهن اهو واقعي شروويتائيڊ هو. بهار جي ٻوڏن وارو وقت جڏهن هڪ بيمار هاري، پنهنجي گاڏي گپ ۾ ڦاٻڻ مان ڪاهيندو سڌو ڪمپائونڊ اندر ڪٽي آيو. مون کيس چيو تہ مون پريڪٽس ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي ۽ مون وٽ نہ تہ ڪا مناسب دوا هئي ۽ نہ ئي گهربل اوزار پر ان ڳالهہ جو مٿس ڪو اثر نہ ٿيو ۽ هو لاڳيتو چوندو رهيو، "منهنجي مدد ڪريو، منهنجي چمڙي خراب ٿي ويئي آهي. منهنجي بيمار جسم تي رحم ڪريو." آئون چا ٿي ڪري سگهيس" دل پٿر ناهي هوندي. مون کيس چيو تہ پنهنجا ڪپڙا لاهي. کيس چمڙي جي بيماري هئي. جيئن مون سندس معائنو پئي ڪيو تيئن مون دريءَ وٽ پيل ڪاربولڪ ايسڊ جي بوتل تي نظر وڌي. (مون اهو نہ پڇيو تہ اها ڪٿان آئي هئي. اها ۽ ڪجهہ ٻيون شيون جن کان سواءِ آئون ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندو هئس. اهي سڀ سيمديوياتوف ئي آنديون هيون.) پوءِ مون ڏٺو تہ ڪمپائونڊ ۾ هڪ ٻي گاڏي بہ هئي. پهرين مون سوچيو تہ اهو هڪ ٻيو مريض هوندو. پر اهو منهنجو ڀاءُ ايوگراف هو جيڪو الاهي ڪٿان اچي نازل ٿيو هو. منهنجي گهر وارن تونيا، ساشا ۽ اليگزينڊر اليگذيندروچ سندس آڌرڀاءُ ڪيو. پوءِ آئون ٻاهر اچي ساڻن شامل ٿي ويس. اسان مٿس سوالن جو وسڪارو ڪري ڇڏي. هو ڪٿان آيو هو؟ هو ڪيئن آيو هو؟ معمول موجب هو ڪلها لوڏي، پرولين ۾ ڳالهائي لنوائي ٿي ويو.

هو پندرنهن ڏينهن رهيو. هو اڪثر يورياتين ويندو رهندو هو ۽ پوءِ ائين غائب ٿي ويو ڄڻ زمين ڳهي ويئي هجيس.

اسان سان گڏ رهڻ دوران مون محسوس ڪيو ته هن جو ايستائين ته سيمديوياتوف ڪان به وڌيڪ اثر رسوخ هو ۽ سندس ڪم ۽ لاڳاپا اڃا وڌيڪ پراسرار هئا. هو ڇا هو؟ هن ڇا ڪيو ٿي؟ هو ڪيئن ايڏو بااختيار هو؟ هن واعدو ڪيو ته هو اسان لاءِ شين ڪي وڌيڪ سولو ڪندو ته جيئن تونياڪي ساشا لاءِ ۽ مون کي پريڪٽس ڪرڻ ۽ لکڻ لاءِ وڌيڪ وقت ملي سگهي. اسان ڪانئس پڇيو ته هو ڪيئن ائين ڪرڻ متعلق ڇٽي ٿو. هو مرڪيو. پر هو پنهنجي قول سان سچو رهيو آهي. اسان جي حالت ۾ تبديلي جا آثار نظر اچڻ پيا.

اهو واقعي غير معمولي آهي. هو منهنجو ماٽيلو ڀاءُ آهي. اسان جو خانداني نالو ساڳيو آهي. پوءِ به هن بابت مون کي ڪا ڄاڻ ناهي.

منهنجي زندگيءَ ۾ ٻيون ڀيرو هو هڪ سٺي همزاد ۽ منهنجي سيني ڏکيائين کي حل ڪرڻ واري نجات ڏيندڙ جي روپ ۾ داخل ٿيو آهي. شايد هر ڪنهن جي زندگي ۾ ٻين ڪردارن کان سواءِ هڪ اهڙي لڪل ۽ اڻ ڄاتل طاقت، هڪ اهڙي صورت جيڪا گهٽي ڀاڱي علامتي هوندي آهي، گهرائڻ کان سواءِ مدد لاءِ اچي موجود ٿيندي آهي ۽ منهنجي زندگي ۾ شايد اها منهنجو ڀاءُ ايوگراف آهي جيڪو زندگي جي ان لڪل چشمي جو ڪردار ادا ڪري ٿو."

ان نقطي تي يوري جي ڊائري جو سلسلو ٽٽي پوي ٿو. هن وري ڪڏهن ان سلسلي کي ٻيهر نه جوڙيو.

(10)

يوري انهن ڪتابن کي ڏنو جيڪي هن يورياتين جي پبلڪ لائبرري ۾ پڙهڻ لاءِ ڪنيا هئا. پڙهائي واري ڪمري ۾ گهٽيون دريون هيون ۽ اتي اٽڪل سو ماڻهو ويهي سگهيا ٿي. ڊگهيون ميزون قطارن ۾ رکيل هئا. جيڪي درين تي وڃي ختم ٿيون ٿي. لائبرري سج لٿي مهل بند ٿي ويندي هئي. بهار جي مند ۾ شهر ۾ بجلي نه هئي. پر يوري تي ان جو ڪو اثر نه پيو. ڇاڪاڻ ته هو رات جي ماني جي وقت کان پوءِ ڪنهن به صورت ۾ شهر ۾ نه ٽڪندو هو. هو گهوڙي کي جيڪو ميڪليتسن ڪيس اڌارو ڏنو هو سمديوياتوف جي سراءِ تي ڇڏيندو هو ۽ صبح جو سڄو وقت مطالعو ڪري ٻنپهرن ۾ گهوڙي تي سوار ٿي ويري ڪينو روانو ٿي ويندو هو.

جڏهن هن لائبرري ۾ اچڻ شروع ڪيو هو ان کان اڳ شايد ئي هو ڪڏهن يورياتين آيو هجي. ڪيس نہ تہ اتي ڪرڻ لاءِ ڪو خاص ڪم هو ۽ نہ ئي هن شهر متعلق گهڻو ڪجهہ ڄاتو ٿي. هاڻي جڏهن پڙهائي وارو ڪمرو ڏيري ڏيري مقامي رهاڪن سان ڀرجي ٿي ويو جن مان ڪجهہ سندس پر ۾ ٿي ويٺا ۽ ٻيا پرتي تہ هن محسوس ڪيو تہ ڄڻ هڪ چوواٽي تي بيهي هو شهر کان واقف ٿي رهيو هجي ۽ اهو بہ تہ ڄڻ نہ رڳو ماڻهو ڪمري ۾ داخل ٿي رهيا هئا پر اهي گهر ۽ گهٽيون پڻ جن ۾ اهي رهيا پئي، ساڻس ملاقات ڪري رهيون هجن.

اصل يورياتين خيالي نہ پر حقيقي درين کان ٻاهر ڏسي سگهجي پيو. سڀ کان وڏي دري جيڪا قطار اُن جي وچ ۾ هئي، جي آڌو ٿهڪندڙ پاڻيءَ جي هڪ ٽانڪي رکيل هئي. جڏهن پڙهندڙن کي آرام ڪرڻ جو خيال ايندو هو تہ اهي تماڪ ڇڪڻ لاءِ ٻاهر هليا ويندا هئا يا اهي ٽانڪي وٽ جمع ٿي پاڻي پي ڪپ کي گينديءَ ۾ خالي ڪري دريءَ وٽ گڏ ٿيندا هئا ۽ شهر جي نظاري مان مزو ماڻيندا هئا.

لائبرري ۾ ڪندڙ ٻن قسمن جا ماڻهو ايندا هئا. اڪثريت جو تعلق مقامي پڙهيل لکيل طبقي سان هو جڏهن تہ باقي عام ماڻهو هئا.

دانشورن ۽ گهڻو ڪري عورتن کي غريباڻا ڪپڙا پيل هوندا هئا ۽ انهن جا منهن نظر انداز ٿيل، لٿل ۽ بيمار لڳندا هئا جيڪي هڪ يا ٻئي ڪارڻ جهڙوڪ بک، يرقان يا جلندر ڪري سڄي پيا هئا. اهي اتي هميشہ پڙهڻ لاءِ ايندڙيون هيون. اهي ڪم ڪندڙن کي ذاتي طور سڃاڻنديون هيون ۽ لائبرري هڪ پنهنجائپ محسوس ڪنديون هيون.

عام ماڻهو ڇڱا ۽ ناهوڪا لڳندا هئا ۽ ڪين صاف سٿرا ۽ بهترين لباس پاتل هوندا هئا. اهي ائين لڄاري ۽ محتاط نموني لائبرري ۾ داخل ٿيندا هئا جيئن گرجا ۾ داخل ٿي رهيا هجن، اهي ٻين کان گهڻو شور ڪندا هئا. ان ڪري نہ تہ ڪين قاعدن قانونن جي ڄاڻ نہ هئي پر ان ڪري تہ پنهنجي آواز نہ ڪڍڻ واري احتياط ۾ اهي پنهنجن مضبوط پيرن ۽ آواز کي روڪي نہ سگهندا هئا.

لائبررين ۽ سندس ٻہ ماتحت درين جي سامهون ديوار جي وچ ۾ نهيل هڪ ٿلهي تي ويهندا هئا جنهن کي هڪ وڏي ميزوسيلي باقي ڪمري کان ڌار ڪيو ويو هو. انهن مان هڪ ماتحت ڪاوڙيل نظر ايندڙ هڪ عورت هئي جنهن کي اوني شال پيل هوندي هئي ۽ جيڪا بظاهر ضرورت تحت نہ پر پنهنجي موڊ مطابق

چشمو لاهيندي ۽ پائيندي رهندي هئي. ہي عورت ڪي ڪارو ريشمي بلائوزر پاتل هوندو هو ۽ سندس ڇاتي ڪمزور لڳندي هئي. ڇاڪاڻ تہ هو وات تي رومال رکي پوءِ ساهہ کڻندي ۽ ڳالهائيندي هئي ۽ ڪڏهن بہ ان کي پنهنجي نڪ ۽ وات کان پري نہ ڪندي هئي.

عملي جا بہ ساڳيا دانشورن جهڙا اداس، سڄيل ۽ ڦڪا منهن ۽ ساڳي لٽڪيل ڪارن ساون ڪيرن يا پوري سينور جهڙي چمڙي هئي. اهي واري واري سان نون اينڊڙ ماڻهن کي قائدا ۽ قانون سمجهائينديون هيون. ڪتابن جي پردين کي ڏار ڏار ڪنديون هيون، ڪتاب ڪڍي اينديون هيون ۽ انهن کي موٽائي کڻي وينديون هيون ۽ وقفي سان هڪ يا ٻي رپورٽ تي ڪم ڪنديون هيون.

ٻاهر واري حقيقي شهر جي نظاري ۽ ڪمري جي اندر واري تصوراتي دنيا سان گڏ سندس آسپاس وارن سڄيل چهرن، جنهن مان ائين لڳو تي تہ ڄڻ هتي هر ڪنهن جا غدود.سڄيل هجن ۽ جنهن ڪيس سندس هتي پهچڻ واري صبوح تي يورياتين اسٽيشن جي اشارن جي انچارج عورت جو رکو منهن ياد ڏياري ڇڏيو، جي عجيب ميلاپ سندس اندر خيالن جي هڪ سلسلي کي جنم ڏنو ۽ يوري کي شهر جو ڏورانهون منظر، سمديوياتوف جو گاڏي جي فرش تي سندس پر ۾ هجڻ، سندس تبصرا ۽ وضاحتون ياد آيون. هن انهن وضاحتن کي، جيڪي ڪيس شهر جي ٻاهر هوندي ڏنيون ويون هيون، پنهنجي چوڌاري جي موجوده ماحول سان، جڏهن هو بلڪل ان جي وچ ۾ هو، ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪيس سمديوياتوف جون ٻڌايل ڳالهيون پوري ريت ياد نہ اچي سگهيون.

(11)

يوري دروازي کان بلڪل پري ڪمري جي آخر ۾ ويٺو هو. سندس آڏو انقلاب کان اڳ واري روس جي چونڊيل ضلعي ڪائونسل جون رپورٽون، انگ اکر ۽ علائقي جي آباديءَ جي نسلي بيهڪ متعلق حوالن وارا ڪتاب پيل هئا. هن پگاچوف جي بغاوت جي تاريخ متعلق بہ ڪتاب حاصل ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي هئي پر ريشمي چوليءَ واري لائبررين پنهنجي رومال مان سرگوشي ڪندي چيو هو تہ ڪو بہ پڙهندڙ هڪئي وقت ايڏا گهڻا ڪتاب نہ ٿو وٺي سگهي ۽ ڪيس پنهنجي دلچسپي جا ٻيا ڪتاب وٺڻ لاءِ ڪجهہ رسالا ۽ حوالن وارا ڪتاب واپس ڪرڻا پوندا.

هئي، پنهنجي ڪيسي ۾ وڏو ۽ پردي پويان خوش، مرڪندي ۽ پراعتماد نموني وڃي پنهنجي جاءِ تي ويهي رهي.

ان واقعي جي جذباتي پاسي کي ڪمري جي مختلف حصن ۾ ويٺل گهٽڻ ماڻهن ڏٺو. لارا ڏانهن ڏسندي اهي به ساڻس سهمت ٿيندي مرڪيا. انهن معمولي اشارن مان يوري اندازو لڳايو ته انتيپوا کي شهر ۾ ڪيترو چاتو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو.

(12)

يوري کي فوري طور اهو خيال آيو ته هو وڃي ساڻس ڳالهائي پر پوءِ هڪ جيڪا جيتوڻيڪ سندس طبيعت جي خلاف هئي پر ماضيءَ ۾ انتيپوا سان ناتن ۾ اهو عنصر داخل ٿي ويو هو جنهن ڪيس ڏانهس وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. هن فيصلو ڪيو ته ڪيس پريشان نه ڪجي ۽ نه ئي سندس ڪم ۾ رخنو وجهجي. هن ڏانهس ڏسڻ جي چڪ کي ٽارڻ لاءِ پنهنجي ڪرسيءَ کي اٿين پاسيرو ڪري ڇڏيو جو ان جي پٺ چڻ بلڪل ميزسان لڳل هئي. هن هڪ ڪتاب هٿ ۾ جهليندي ۽ ٻئي کي گوڏن تي رکندي پنهنجن ڪتابن تي ڌيان ڏرڻ جي ڪوشش ڪئي.

پر سندس خيال هن جيڪي ڪجهه پڙهيو پئي ان کان ڪوهين ڏور هئا. اوچتو هن محسوس ڪيو ته واريڪينو ۾ سردين جي هڪ رات ۾ هن خواب ۾ جيڪو آواز ٻڌو هو اهو لارا جو هو. ان انڪشاف ڪيس ايترو ته حيرت ۾ وجهي ڇڏيو جو هن جهٽڪو ڏيئي ڪرسي کي پوئتي ڪيو. آواز سندس پر ۾ ويٺلن جا چرڪ ڪڍائي ڇڏيا. لارا کي گهورڻ لڳو.

هن پويان کان سندس منهن کي پاسيرو ڏٺو. ڪيس هلڪي رنگ جو خانن وارو بلائوز پيتيءَ سان گڏ پاتل هو. هڪ ٻار جيان پنهنجو ڪنڌ ٿورو ساڄي ڪلهي تي جهڪائي هوءَ پوري ريت مطالعي ۾ غرق هئي. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ سوچڻ لاءِ ترسي ٿي، مٿي ڇت کي ڏنائين ٿي يا سڌو پنهنجي آڏو ۽ پوءِ وري پنهنجو هٿ ڳل تي رکندي پينسل سان تيزيءَ سان پنهنجي نوٽ بڪ ۾ ڪجهه لکيائين ٿي.

يوري هڪ ڀيرو ٻيهر ان ڳالهه کي ڏٺو جيڪا هن گهڻو اڳ ميليوزيوو ۾ ڏٺي هئي. "منجهس ڪي به ناز نخرا نه هئا." هن سوچيو. "منجهس ڪنهن کي خوش ڪرڻ يا خوبصورت نظر اچڻ جي ڪا خواهش ناهي. هوءَ عورت جي زندگي واري

ان سڄي پاسي کان نفرت ڪري ٿي. اهو ائين آهي جو هوءَ چڻ ائين ڪري پاڻ کي پنهنجي خوبصورت هئڻ جي سزا پيئي ڏي. پر سندس پاڻ سان ان خودداري واري ويرڪيس اڳ کان بہ وڌيڪ پرڪشش بڻائي ڇڏيو هو.

هوءَ ڪيئن نہ چڱي ريت هر ڪم ڪري ٿي! هوءَ مطالعو ائين پئي ڪري چڻ تہ اها اعليٰ انساني سرگرمي نہ پر اهڙي سادي ۽ عام شيءِ هجي جنهن کي ايستائين تہ جانور بہ ڪري سگهن پيا. ائين چڻ تہ هوءَ کوهہ تان پاڻي کڻي ايندي هجي يا پٽاٽا ڇليندي هجي."

انهن خيالن کيس پرسڪون ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾ کيس شايد ئي ڪڏهن اهڙو سڪون نصيب ٿيو هجي. سندس ذهن هڪ موضوع کان ٻئي موضوع ڏانهن ڀٽڪڻ بند ڪري ڇڏيو. هو مرڪ کي روڪي ڪونہ سگهيو. لارا جي موجودگي هن کي بہ ساڳيءَ ريت متاثر ڪيو هو جيئن ان پريشان لڳندڙ لائبريرين کي ڪيو هو.

هاڻي نہ هو ڪرسيءَ جي طرف کان پريشان هو ۽ نہ ئي توجهہ هٽڻ کان ڊنل هو. هن ڪلاڪ کن تائين، لارا اچڻ کان اڳ ۾ وڌيڪ توجهہ سان ڪم ڪيو. هن سندس آڌو پيل ڪتابن جي سڄي ڍڳ کي ڏسي ورتو ۽ انهن کي جن جي کيس گهڻي ضرورت هئي، ڪڍي پاسي تي رکيائين. ايستائين تہ کيس ايترو وقت بہ ملي ويو جو انهن مان هڪ ۾ موجود ٻہ مضمون بہ پڙهي ورتائين. پوءِ اهو فيصلو ڪندي تہ ڏينهن لاءِ ڪافي ڪم ٿي ويو هو، هن پنهنجا سڀ ڪتاب ڪٺا ڪيا ۽ انهن کي ميز تائين کڻي ويو. هڪ صاف ضمير ۽ ڪنهن خراب ارادي کان سواءِ هن سوچيو تہ سندس صبح جي سخت ڪم کان پوءِ هو اهو لهڻي ٿو تہ ٿورو وقت ڪڍي ڪنهن پراڻي دوست سان ملڇي ۽ اهو تہ هو جائز طريقي سا ن پاڻ کي ساڻس ملڻ جي خوشي ماڻڻ جي اجازت ڏيئي سگهي ٿو. پر جڏهن هو اٿي بيٺو ۽ منهن ورائي ڪمري ۾ ڏٺائين تہ لارا اتي موجود نہ هئي.

هن جيڪي ڪتاب موٽايا هئا سي اڃا تائين ڪائونٽر تي پيا هئا جتي هن پنهنجا ڪتاب رکيا هئا. اهي مارڪسزم تي نصابي ڪتاب هئا. هوءَ ضرور پنهنجي پڙهائڻ واري نوڪريءَ ڏانهن موٽي وڃڻ کان اڳ سياسي لحاظ کان وري پنهنجي تعليم مڪمل ڪري رهي آهي.

سندس ڪتابن لاءِ رکيل پرچيون، جيڪي ڪتابن جي صفحن جي وچ ۾ پيون هيون، انهن تي سندس گهر جو پتو لکيل هو. يوري ان کي پاڻ وٽ لکي

ورتو. مجسمن جي گهر جي سامهون واپاري گهٽي هن هڪ ٻئي پڙهندڙکان پڇيو ته ان جو ڇا مطلب هو جنهن کيس ٻڌايو ته ڪنهن گهر کي ”ڪيرياٽڊس جي گهر“ جي حوالي سان بيان ڪرڻ جو رواج يورپاتين ۾ ائين ئي مروج آهي جيئن ماسڪو ۾ ڪنهن علائقي کي ان جي وڏي گرجا جي نالي سان سڏيو ويندو آهي يا جيئن پيٽرزبرگ ۾ ”پنج ڪنڊن جي پر ۾“ وارو اصطلاح استعمال ٿيندو آهي.

”ڪيرياٽڊس جو گهر“ هڪ اونداهي يوري رنگ جي لوهه واري عمارت هئي جنهن ۾ شاعري ۽ راڳ رنگ جي ديوي ميسن جا مجسما ٺهيل هئا جن جي هٿن ۾ مرلي ۽ ٻيا ساز هئا ۽ چهرن کي مختلف روپن ۾ پيش ڪيو ويو هو. هڪ واپاري جي وارثن ان کي واپارين جي گلڊ کي وڪرو ڪري ڏنو هو جن گهٽي کي به اهو نالو ڏيئي ڇڏيو هو ۽ سڄو علائقو ان گهر جي حوالي سان ڄاتو ويو ٿي. اهو هاڻي پارٽيءَ جي شهري ڪميٽي جي استعمال ۾ هو. ان جي گهٽڻ پاسائي ديوار جي هيٺئين حصي ۾ جتي عمارت جي پيڙهه گهٽي سان گڏ هيٺ ويئي ٿي ۽ جتي اڳ پوسٽر ۽ پروگرام لڳل هوندا هئا، هاڻي حڪومت جا اعلان ۽ حڪم ناما ٽنگيل هئا.

(13)

اهو مئي جي شروع جو ٿڌو، هوادار، ٻنپهرن جو وقت هو. يوري لائبرريءَ مان فارغ ٿي، شهر ۾ پنهنجو ڪم ڪار لاهي، گهر وڃي رهيو هو جو اوچتو هن پنهنجو ارادو تبديل ڪري ڇڏيو ۽ لارا جي ڳولا ۾ نڪري پيو.

هوا اڪثر مٽي ۽ ڌوڙ جا ڪڪر پيدا ڪري سندس هلڻ ۾ رنڊڪ ٿي وڌي، هن مٿو هيٺ ڪري، اکيون مهٽي پاسي ٿي هوا جي رڪجڻ جو انتظار ٿي ڪيو ۽ پوءِ وري هلڻ شروع ٿي ڪيائين.

لارا واپاري سڙڪ جي ڪنڊ وٽ ڪيرياٽڊس جي اونداهي نيري يوري گهر، جيڪو هن هاڻي پهريون ڀيرو ڏٺو هو، جي سامهون رهندي هئي. اهو درحقيقت پنهنجي نالي جيان ئي هو ۽ مٿس عجيب ۽ پريشان ڪن اثر وڌائين.

انساني قد جي اڌ جيترين ڏندڪٿائي زنانيون شڪليون مٿئين ماڙ تي چوڌاري هڪ قطار ۾ بيٺيون هيون. مٽي وارن ٻن واچوڙن جي وچ ۾ کيس ائين لڳو ته ڄڻ گهر واريون سڀ عورتون بالڪوني تي اچي ويون هيون ۽ مٿان بيهي هيٺ هن کي ۽ سڙڪ کي ڏسي رهيون هيون.

لارا جي گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ٻه دروازا هئا. هڪ واپاري سڙڪ تي ۽ ٻيو ڪنڊ جهلي ٻئي پاسي گهٽيءَ ۾ هو. سامهون واري دروازي جي چاڻ نه هئڻ ڪري هو پاسي واري گهٽيءَ مان ويو.

جيئن هو دروازي ڏانهن مڙيو تيئن واچوڙي ڌوڙ ۽ ڪچرو آسمان ڏانهن اڏاري اگهڻ ۾ ويندڙ واٽ کي لڪائي ڇڏيو. انهن ڪاري پردي مان گهٽيون ڪڪڙيون، جن جي پويان ڪڪڙ پيل هو، ڪٽ ڪٽ ڪنديون يوري جي پيرن وٽان لنگهي ويون.

جڏهن ڌوڙ ختم ٿي ته هن لارا کي کوهه جي پرسان ڏٺو. هن ٻه بالٽيون پري انهن کي پنهنجي ڪاڀي ڪلهي تي رکيل ڪنواٽ تي ٽنگي ڇڏيون. سندس وار بي فڪري نموني هڪ رومال ۾ ٻڌل هئا، ڪي ڌوڙ کان بچڻ لاءِ سامهون کان ڳنڍ ڏني ويئي هئي. هن پنهنجي اڏرندڙ اسڪرٽ کي ٻنهي گوڏن وچ ۾ دٻائي رکيو هو. هن پنهنجي گهر ڏانهن هلڻ شروع ڪيو پر هوا جي هڪ ٻئي جهوٽي، جنهن رومال کي سندس مٿي تان لاهي لوڙهي جي پوئين پر، جتي اجا تائين ڪڪڙين جي ڪُڙڪُڙ لڳي پيئي هئي وڃي ڦٽو ڪيو هو، کيس روڪي ڇڏيو.

يوريءَ رومال جي پويان ڊوڙيو ۽ اهو کڻي ڏانهس آيو. هوءَ حيرت زده لڳي ٿي پر هن حيرت جو ڪو ڊرامائي تاثر نه ڏنو ۽ هميشه جيان پنهنجي معمول جي سياءَ ۾ رهي، هن بس اهو ئي چيو ته: "زواگو"

"لاريسا فيودوروونا!"

"تون هتي نيث ڇا پيو ڪرين؟"

"پنهنجون بالٽيون هيٺ رک. آئون انهن کي کڻي ٿو هلان."

"آئون ڪڏهن به اڌ واٽ تي نه بيهندي آهيان. ڪڏهن به پنهنجو ڪم اڻ پورو نه ڇڏيندي آهيان جيڪڏهن تون مون سان ملڻ آيو آهين ته پوءِ مون سان گڏ هل."

"ٻيو ڀلا ڪنهن سان آئون ملڻ لاءِ اچي سگهان ٿو؟"

"آئون ڪيئن اهو ڄاڻي سگهان ٿي؟"

"ساڳي ڳالهه آهي، مون کي اهي بالٽيون کڻڻ ڏي. آئون ائين خالي هٿين نه ٿو هلي سگهان، جڏهن تون ڪم پيئي ڪرين."

"تون ان کي ڪم ٿو چوين؟ انهن کي ڇڏي ڏي. تون رڳو ڏاڪڻين تي پاڻي هاريندينءَ. چڱو ٿيندو ته مون کي اهو ٻڌائي ته هتي ڇو آيو آهين. تو کي هن

علائقي ۾ سال ڪان مٿي ٿي ويو آهي ۽ توکي ايستائين هتي اچڻ لاءِ هڪ پل جي فرصت نہ ملي آهي.“

”توکي اها خبر ڪيئن پئي؟“

”دنيا افواهن سان پري پيئي آهي. ان ڪان سواءِ مون توکي مطالعي واري ڪمري ۾ ڏٺو هو.“

”تو مون سان ڳالهايو ڇو نہ؟“

”هاڻي اهو نہ چئو تہ تو مون کي نہ ڏٺو هو.“

آهستي لڏندڙ بالٽين جي وزن ڪري ٿورو لڏندي هوءَ سندس آڏو هلندي هڪ هيٺانهين در مان اندر داخل ٿي. هتي هن نِوڙي ٽانون کي مٿي جي پٽ تي رکيو، ڪنوات پنهنجن ڪلهن تان لاٿائين ۽ بدن کي سڌو ڪري هڪ ننڍي رومال سان پنهنجا هٿ خشڪ ڪيائين.

”اچ، آئون توکي اندرئين رستي تان سامهون واري هال ڏانهن وٺي هلان. اهو وڌيڪ روشن آهي. توکي هڪ پل انتظار ڪرڻو پوندو. آئون بالٽيون پوئين ڏاڪڻ تان مٿي ڪٽي ويندس ۽ ٿورو پاڻ کي ٺيڪ ٺاڪ ڪنديس. گهڻي دير نہ لڳندي. اسان جي اها سهڻي ڏاڪڻ تہ ڏس. پگهريل لوهہ تي اُڪريل نقش نگار وارا ڏاڪا. هي هڪ پراڻو گهر آهي. بمباري ان کي ٿورو نقصان پهچايو آهي. تون ڏسين ٿو تہ ڪٿي ڪٿي عمارت جي بناوٽ کي هاڃو رسيو آهي. سرن جي ٿيل ڪم ۾ ان سوراخ کي ڏسين ٿو؟ هتي آئون ۽ ڪاتيا جڏهن ٻاهر ويندا آهيون تہ فليٽ جي چابي رکي ويندا آهيون. ان کي ياد رکجانءِ. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن ڏينهن تون اچين ۽ آئون گهر ۾ نہ هجان. تون منهنجي اچڻ تائين دروازو آرام سان پنهنجي گهر جيئن هتي ويهي سگهين ٿو. تون ڏسين ٿو تہ اها اتي ئي پيئي آهي ۽ مون کي هاڻي ان جي استعمال ڪرڻ جي ضرورت ناهي. آئون پوئين پاسي کان وينديس ۽ اندران دروازو ڇڏينديس. اسان کي رڳو ڪوئن گهڻو تنگ ڪيو آهي. هتي انهن جا پورا ولر آهن ۽ تون انهن مان ڇوٽڪارو حاصل نہ ٿو ڪري سگهين. اهي پراڻيون ديوارون آهن. انهن ۾ هر جاءِ تي سوراخ ۽ ٻر آهن. آئون ڪوئن جا جيڪي بہ ٻر ڏسي سگهان ٿي، انهن کي بند ڪيان ٿي پر ان سان ڪو گهڻو فرق نہ ٿو پوي. شايد تون ڪڏهن اچين ۽ منهنجي مدد ڪرين؟ فرش جي تختن ۽ ڪچي پٽ وچ ۾ سوراخن کي بند ڪرڻ ضروري آهي. ان بابت ڪهڙو

خيال آهي؟ ٺيڪ آهي تون هاڻي هتي ڊاڪڻ وٽ ٻيهي ان متعلق ڪجهه سوچ. مون کي دير نه لڳندي. آئون توکي هڪ منٽ ۾ سڏيان ٿي."

سندس سڏ جو انتظار ڪندي هُن رنگ لٿل ديوارن ۽ پگهريل لوهه مان جُوڙيل ڇٽسالي ۽ وارن ڏاڪن تي نظر وڌي. هن پنهنجو پاڻ کي چيو ته مون سوچيو پئي ته هو مطالعي واري ڪمري ۾ پڙهڻ ۾ ائين محو هئي جيئن ڪو حقيقي ۽ ڏکيو جسماني محنت وارو ڪم ڪندي هجي. هاڻي آئون ڏسان پيو ته ان جي ابتڙ ڳالهه به بلڪل درست آهي. هوءَ ڪوهه تان به ايڏي آرام ۽ سڪون سان پاڻي ڪڍي اچي ٿي جو ڄڻ ته مطالعو ڪري رهي هجي. سندس ڪيل هر ڪم ۾ ساڳيو سڪون ۽ يڪسوئي هوندي آهي. جنهن مان ائين لڳندو آهي ته ڄڻ پنهنجي ننڍپڻ کان ئي هن وڏا ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪئي هجي ۽ پوءِ فطري طور ائين هو ڪم ڪرڻ جي هيراڪ ٿيندي ويئي هجي جيئن ڪارڻ مان نتيجو نڪرندو آهي. اهو سيڪجهه سندس ونگائين وجود. مُرڪ، ڳالهائڻ ۽ سندس خيالن ۾ آهي، جڏهن هو ڪم حاج ڪندي ، ڙي ٿي، مُرڪي ٿي، سوچي ٿي ۽ ڳالهائي ٿي، تڏهن سندس ڪاڌي گول ٿي وڃي ٿي."

"زواگوا" لارا ڏاڪڻ جي مٿان ٻيهي سڏ ڪيو. هو مٿي هليو ويو.

(14)

"مون کي پنهنجو هٿ ڏي ۽ جيئن آئون چوان ائين ڪر. اسان کي ٻن اونداهن ڪمرن مان گذرڻو آهي جيڪي فرنيچر سان سٿيا پيا آهن ۽ تون ڪنهن شيءِ سان وڃي ٽڪرائيندين ۽ پاڻ کي ڦٽي وجهندين."

"اهو ته ورن وڪڙن وارو رستو آهي. آئون ڪڏهن به جيڪر پنهنجو رستو ڳولي نه سگهان ها. اهو ائين ڀلا ڇو آهي؟ ڇا فليٽ جي وري آرائش ڪئي پئي وڃي؟"

"نه، نه.. اهڙي ڪا ڳالهه ناهي. اهو ڪارڻ ناهي، هي فليٽ ڪنهن ٻئي جي ملڪيت آهي. مون کي ته اها به ڄاڻ ناهي ته اهو ڪير آهي. منهنجو پنهنجو فليٽ اسڪول واري عمارت ۾ آهي. جڏهن اسڪول کي شهر جي گهرن واري اداري پاران پنهنجي ضابطي هيٺ آندو ويو ته مون کي ۽ ڪاتياڪي ان جو هڪ حصو ڏنو ويو. پراڻا مسواڙي پنهنجو سڄو فرنيچر ڇڏي هليا ويا هئا. اهو تمام گهڻو هو. مون کي ٻين ماڻهن جون شيون نه گهرجن. ان ڪري مون ان کي انهن ٻن ڪمرن ۾

وجهي درين تي اچو رنگ ڪرائي چڙهيو ته جيئن سج جي روشني نه اچي. منهنجو هٿ نه چڙهجانءِ نه ته وڃائجي ويندين. اسان هتي آهيون.هاڻي اسان ساڄي پاسي مڙون. هاڻي اسان ورن وڪڙن مان ٻاهر نڪري آياسين ۽ هي منهنجو دروازو آهي. هڪ پل ۾ اهو روشن ٿي ويندو. قدم سنڀالي کڻجانءِ."

جيئن هو سندس پويان ڪمري ۾ ويو تيئن هو دروازي جي سامهون واري دريءَ ۾ نظر اينڌڙ منظر کي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. ان مان اڳڻ، ان کان اڳتي گهرن جون ڇتون ۽ ان کان اڳتي دريا جي ڪپ تي خالي ميدان نظر آيو ٿي. اهو ميدان ان زمين تي ڪوٽ جي پوئين حصي جيان لٽڪيو پيو هو. اتي ٻه موريو ۽ ويچسينڪن ٻج چٽڻ ۽ پوک لڻڻ وارين مشينن جا ملوس اشتهاري بورڊ لڳل هئا.

ماسڪو مان پنهنجي هتي پهچڻ جي يادگيري ايندي هو هڪدم لارا کي سيڪجهه ٻڌائي ٿو. هو اِهو وساري ته استريلينڪوف سندس مڙس هو. بنا سوچڻ سمجهڻ جي ساڻس ٿيل پنهنجي ملاقات متعلق ڪيس ٻڌائي ٿو .سندس ڪهاڻي جي ان حصي مٿس گهرو اثر وڌو.

"تو ان کي ڏٺو. ڪيڏي نه وڏي ڳالهه آهي! آئون توکي هاڻي ٻڌائي نه ٿي سگهان پر اها واقعي غير معمولي ڳالهه آهي. اهو ائين آهي ته جڻ ساڻس ملڻ تنهنجي نصيب ۾ لکيل هو. آئون تو کي ڪڏهن ان متعلق ٻڌائيندس، تون حيران ٿي ويندين. لڳي ٿو ته هن تو تي بجاءِ خراب اثر جي سٺو تاثر ڇڏيو آهي؟"

"ها مجبوري طور تي، مون کي ساڻس نفرت ٿيڻ گهربي هئي. اسان دراصل ان علائقي مان گذريا هئاسين جتي هن موت ۽ تباهي ڦهلائي هئي. مون سوچيو ٿي ته هو ڪو ظالم فوجي يا انقلابي ذاڙيل هوندو پر هو انهن مان ڪجهه به نه هو.اها چڱي شيءِ هوندي آهي جڏهن ماڻهو توهان جي تصورڪان مختلف نڪرندو آهي. ان مان خبر پوندي آهي ته هو اهڙي قسم جو ناهي. جيڪڏهن هو اهڙو هجي ها ته اهو هڪ انسان طور سندس انت هجي ها. پر جيڪڏهن تون ڪيس ان درجي ۾ نه ٿي وجهي سگهين ته ان جو مطلب آهي ته گهٽ ۾ گهٽ سندس هڪ حصو اهڙو آهي جيڪو ڪنهن انسان جو ٿيڻ گهرجي. هو پنهنجو پاڻ کان آجو ٿيل آهي ۽ منجهس لافاني ٿيڻ جو هڪ ڪڻو موجود آهي."

"ماڻهن جو چوڻ آهي ته هو پارٽي جو رڪن ناهي."

"ها، منهنجو خيال آهي ته اهو صحيح آهي. مون ان وقت کان اڪثر اهو سوچيو آهي ته اها ڪهڙي شيءِ آهي جنهن ڪيس ايڏو پرڪشش بڻايو آهي.

منهنجي خيال ۾ اهو ان ڪري آهي تہ هو تباهي ڏانهن ويندڙ شخص آهي. سندس انت خراب ٿيندو ۽ هن جيڪو گناهہ ڪيو آهي ان جو ڪفارو ادا ڪندو. انقلابي جيڪي قانون پنهنجن هٿن ۾ کڻندا آهن انتهائي ڊيڄاريندڙ هوندا آهن. ڏوهارين وانگر نہ پر اهڙين مشينن جيان جيڪي قابو کان ٻاهر نڪري ويون هجن. اسٽريلينڪوف ايترو ئي چريو آهي جيترو ٻيا آهن پر ڪيس چريو ڪتابن نہ ڪيو آهي. پر مون کي يقين آهي تہ ونس ڪو راز ضرور آهي. بالشويڪن سان سندس اتحاد اتفاقي آهي. اهي ساڻس ايستائين نڀي هلندا جيستائين هو سندن رستي تي هلندو ۽ اهي هن کي استعمال ڪري سگهندا. جڏهن ڪين سندس ضرورت نہ رهندي تہ اهي کيس ڪٽي ٻاهر ڦٽو ڪندا ۽ نهايت بي رحميءَ سان کيس چيپاٽي ڇڏيندا جيئن انهن ٻين فوجي ماهرن سان ڪيو آهي."

"تون ائين سوچين ٿو؟"

"مون کي ان ڳالهہ جي پڪ آهي."

"پر ڇا سندس لاءِ فرار جو ڪو رستو ناهي؟ ڇا هو ڀڄي نہ ٿو سگهي؟"

"هو ڪيڏانهن ڀڄي سگهي ٿو, لاريسا فيودوروونا؟ ماڻهو گذريل دور ۾ زار جي حڪومت ۾ ائين ڪري سگهيو ٿي. پر هاڻي رڳو تون ان لاءِ ڪوشش ٿي ڪري ڏس!"

"تو مون ۾ هن لاءِ همدري پيدا ڪري ڇڏي آهي. توکي خبر آهي تہ تون بدلجي ويو آهين. تون انقلاب متعلق گهٽي سڪون ۽ ڌيرج سان ڳالهائيندو هئين ۽ ان متعلق گهٽو سخت نہ هئين."

"ڳالهہ اها آهي لاريسا فيودوروونا تہ هر شيءِ جي حد ٿيندي آهي . ان سڄي وقت ۾ ڪنهن قطعي شيءِ جو حصول ٿي ويڻ گهربو هو. پر اها خبر پيئي تہ انهن جن انقلاب لاءِ اتساهہ ڏنو هو تبديلي ۽ ڌڦيڙ کان سواءِ ڪنهن ٻي شيءِ کي پسند نہ ٿا ڪن. اها سندن ديسي خاصيت آهي. اهي ڪنهن بہ اهڙي شيءِ کان خوش نہ ٿا ٿين جيڪا عالمي سطح کان گهٽ جي هجي. سندن لاءِ عبوري دور ۽ دنيائن جي نهڻ جو عمل پنهنجي ليکي مقصد آهن. ڪين ٻي ڪنهن شيءِ جي تربيت نہ ملي آهي. ڪين ان کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي ڄاڻ ناهي.ڇا تو کي خبر آهي تہ ڪڏهن ختم نہ ٿيندڙ تيارين جو اهو لاڳيتو چڪر ڇاجي لاءِ آهي؟ اهو ان ڪري آهي تہ منجهن حقيقي صلاحيتون ناهن, اهي نااهل آهن. ماڻهو جيئڻ لاءِ ڄاڻو

آهي ۽ نه زندگي لاءِ تياري ڪرڻ لاءِ. حياتي پنهنجي ليکي هلندي رهي ٿي. اهو حياتيءَ جو تحفو ٿي هڪ اچرج ۾ وجهندڙ سنجيده شيءِ آهي! ان ڪي پلا چو نوجواني وارن خيالي قلعن جهڙين پاراڻين مسخرين ۽ اسڪولي ڇوڪرن جي شرارتن سان بدلائجي؟ پر ان متعلق ايترو ڪافي آهي. هاڻي سوال پڇڻ جو منهنجو وارو آهي. اسان هتي مقامي بغاوت ٿيڻ واري صبح ٿي پهتا هئاسين. ڇا تون ان ۾ شامل هئين؟"

"ها، آئون ان ۾ هيس! اسان جي چوڌاري باهه هئي. اها عجب جي ڳالهه آهي ته گهر باهه ۾ نه ٻريو. جيئن مون توکي ٻڌايو ته اهو زوردار نموني لڏي ويو هو. اڄ ڏينهن تائين هڪ اڻ ڦاٽل گولو اڱڻ ۾ پيل آهي. اهو بس وڏي دروازي جي اندر آهي. حڪومت جي هر تبديليءَ تي قرمار، بمباري مطلب ته هر قسم جو ڏپ ۽ ڏهڪاءُ ماڻهن ڪي وڪوڙي وجي ٿو. پر ان وقت تائين اسان کي ان جي عادت پئجي چڪي هئي. اهو ڪو پهريون ڀيرو نه ٿيو هو. آئون توکي نه ٿي ٻڌائي سگهان ته سفيد روسين جي حڪومت واري دور ۾ ڇا وهيو واپريو! قتل، بدلو پتي خوري ۽ بليڪ ميل مطلب ته وحشي پٽي جو راڄ هو. پر مون توکي سڀ ڪان وڏيک غير معمولي شيءِ ته نه ٻڌائي آهي. اسان وارو جليلن چيڪ فوج سان گڏ هڪ قسم جي گورنر جنرل جي طور تي ظاهر ٿيو هو."

"مون کي خبر آهي. مون ان متعلق ٻڌو آهي. ڇا توکيس ڏٺو؟"

"تمام گهڻا ڀيرا. تون سوچي نه ٿو سگهين ته هن جي ڪري مون ڪيترن گهڻن ماڻهن کي بچايو ۽ ڪيترن گهڻن کي لڪايو. انصاف جي ڳالهه ڪجي ته هن مڪمل طور تي هڪ شريفاڻو ورتاءُ اختيار ڪيو هو ۽ انهن ننڍي قزاق، ڪيپٽن ۽ پوليس سارجنٽ وارن رويو اختيار نه ڪيو هئائين جيڪي نوان پرتي ٿي ايندا آهن ۽ سندن مٿو ستين آسمان تي پهتل هوندو آهي. بدقسمتيءَ سان چڱن ماڻهن نه پر انهن ننڍن ماڻهن ئي معاملي جي شروعات ڪئي. جليلن منهنجي تمام گهڻي مدد ڪئي. شل خوش هجي. توکي خبر آهي ته اسان پراڻا دوست آهيون. جڏهن آئون ننڍي هيس ته هو اسان جي پر ۾ مسواڙ واري هڪ عمارت ۾ رهندو هو ۽ آئون هميشه اتي ايندي ويندي هيس. گهڻا مسواڙي ريلوي جا پورهيت هئا. هڪ ٻار هوندي مون گهڻي غربت ڏٺي آهي. ان ڪري انقلاب ڏانهن منهنجو رويو تو کان مختلف آهي. اهو منهنجي وڌيڪ ويجهو آهي. ان جي گهڻين ڳالهين کي

آئون اندروني طور سمجهان ٿي. پر اهو سوچ ته جليلن هڪ چوڪيدار جو پٽ، سفيد روسي ڪرنل، يا ٿي سگهي ٿو ته اهو جرنل هجي، ٿي ٿو وڃي. منهنجي، خاندان ۾ ڪي سپاهي ناهن ان ڪري مون کي فوجي عهدن متعلق گهڻي ڄاڻ ناهي ۽ پيشي جي لحاظ کان جيئن توکي خبر آهي ته آئون تاريخ جي استاد آهيان. بهرحال اهو ائين هو. اسان پاڻ تمام گهڻن ماڻهن جي مدد ڪئي. آئون وٽس وڃي ملندي هيس. اسان تنهنجي متعلق ڳالهايو هو. منهنجا هر حڪومت ۾ دوست ۽ لاڳاپا رهيا آهن ۽ انهن سيني وٽان ڏک ۽ مايوسي ئي ملي آهي. اهو رڳو خراب ناولن ۾ ٿيندو آهي ته ماڻهن کي ٻن ڪئمپن ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ انهن جو هڪ ٻئي سان ڪو تعلق نه هوندو آهي. حقيقي زندگيءَ ۾ هر شيءِ گڏوچڙ آهي. ڇا تون اهو نه ٿو سمجهين ته پنهنجي سڄي حياتيءَ ۾ رڳو هڪ ڪردار ادا ڪرڻ، سماج ۾ رڳو هڪ حيثيت اختيار ڪرڻ، هميشه ساڳي شيءِ جي پاسي هئڻ لاءِ ماڻهو کي خسيس ۽ عام رواجي ٿيڻو پوي ٿو؟ آهه، اها سچي ڳالهه آهي!

اٽڪل ائن سالن جي هڪ ڇوڪري اندر آئي. سندس وار ڳتيل هئا. سندس ننڍين اکين ۾ هڪ شرير ۽ چالاڪي واري چمڪ هئي ۽ اهي سندس ٿهڪ ڏيڻ مهل ڪنڌن کان مٿي کڄي ٿي ويون. هن ڄاتو ٿي ته سندس ماءُ وٽ مهمان آيل هو. هن ٻاهر در تي ئي سندس آواز ٻڌو هو پر ڪيس اهو ضروري لڳو ته هو حيرانگي جو تاثر ڏئي. هن سلام ڪيو ۽ پوءِ پوري کي هڪ اهڙي اڪيلي ٻار واري ٻي ڌيان ۽ بنا اکين ڇنڀڻ واري نظر سان گهوريندي رهي جنهن زندگي ۾ گهڻو اڳ سوچڻ شروع ڪري ڇڏيو هو.

"اها منهنجي ڌيءَ ڪاتيا آهي. مون کي اميد آهي ته توهان ۾ دوستي ٿي ويندي."

"تو مون کي ميليوزيوو ۾ سندس تصوير ڏيکاري هئي. ان کان پوءِ هوءَ ڪيڏي نه وڏي ٿي ۽ بدلجي ويئي آهي!"

"منهنجي خيال ۾ تون ٻاهر ويل هئين. مون تنهنجي اندر اچڻ جو آواز نه ٻڌو."

"مون اتان سوراخ مان چابي ڪڍي ۽ اتي هڪ انتهائي وڏو، هن وانگر وڏو ڪوئو ويٺو هو. تو ضرور مونکي ٽپ ڏيندي ڏٺو هوندو. ڊپ ۾ ڄڻ منهنجو ساهه نڪتو هو!"

هن اکين کي ويڪرو ڪندي ۽ وات کي گول ٺاهيندي، جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر هجي، ڪلڻ جهڙو منهن ٺاهيو.

"هاڻي تون وڃ. آئون انڪل يوريءَ کي رات جي ماني لاءِ روڪيان ٿي ۽ اوون مان ڪٽڪ جو ڏارو ڪيان ٿي. جڏهن اهو تيار ٿيندو تہ آئون تو کي سڏي وٺنديس."

"مهرباني، منهنجي خواهش هئي تہ آئون هتي ترسان. پر جڏهن کان مون شهر اچڻ شروع ڪيو آهيٰ تڏهن کان اسان ڇهين وڳي رات جي ماني کائيندا آهيون ۽ منهنجي ڪوشش هوندي آهي تہ دير نہ ٿئي.

مون کي گهر پهچڻ ۾ ٽن ڪلاڪن کان وڌيڪ بلڪ ائين چئجي تہ اٽڪل چار ڪلاڪ لڳي ويندا آهن. ان ڪري ٿي آئون ايڏو سوير آيو آهيان. آئون سمجهان ٿو تہ مونکي جلد وڃڻو پوندو."

"تون اڌ ڪلاڪ وڌيڪ هتي ترسي سگهين ٿو."

"نهايت خوشيءَ سان."

## (15)

"هاڻي جڏهن تون مون سان ايڏو کلي ڳالهائين پيو تہ آئون بہ توسان کلي ڳالهائيندس. جنهن استريلينڪوف سان تو ملاقات ڪئي اهو منهنجو مڙس آهي. پاشا انتيپوف. پاشا جنهن جي ڳولا ۾ آئون محاذ تي ويئي هيس ۽ جنهن جي موت کي مون بلڪل صحيح نموني مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو."

"تنهنجي ان نموني سوچڻ تي آئون حيران ناهيان. مون پاڻ اهڙي قسم جي ڳالهہ ٻڌي هئي پر مون کي هڪ پل لاءِ تہ ان تي يقين نہ آيو هو. ان ڪري ئي جڏهن مون تو سان ڳالهايو پئي تہ اها ڳالهہ بلڪل منهنجي ذهن مان نڪري ويئي ۽ مون ايڏي ڪليل نموني تو سان ڳالهايو. اها سنئين سڌي بيوقوفي آهي. مون ان همراهہ کي ڏٺو آهي. ڪيئن ڪير هن کي تو سان ڳنڍي سگهي ٿو؟ تنهنجي هن سان نيٺ ڪهڙي ڳالهہ مشترڪ آهي؟"

"ڪجهہ بہ هجي پر اهو صحيح آهي تہ استريلينڪوف منهنجو مڙس آهي، انتيپوف. گهڻن ماڻهن جو اهو خيال آهي ۽ آئون ساڻن سهمت آهيان. ڪاتيا کي اها خبر آهي ۽ کيس پنهنجي پيءُ تي فخر آهي. استريلينڪوف هڪ فرضي نالو آهي. کيس سڀني سرگرم انقلابين جيان هڪ فرضي نالو اختيار ڪرڻو پيو آهي. هو شيد ڪنهن ڪارڻ پنهنجي اصلي نالي سان زندگي گذاري يا ڪم نہ ٿو ڪري سگهي.

هي ٿي هو جنهن يورياتين تي قبضو ڪيو ۽ اسان تي بمباري ڪئي. ڪيس خبر هئي ته اسان هتي هٿاسين پر ان ڊپ کان ته ڪٿي هو پنهنجي وات تان ٿڙي نه وڃي هن هڪ پيرو به اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي ته اسين جيئرا به هئاسين يا نه. اهو سندس فرض هو. هو جيڪڏهن مون کان پڇي ها ته آئون ڪيس اهو ٿي ڪجهه ڪرڻ لاءِ چوان ها. ساڳي ريت تون اهو به چئي سگهين ٿو ته منهنجو محفوظ هئڻ ۽ شهر جي ڪائونسل پاران مون کي رهڻ لاءِ مناسب جاءِ ڏيڻ اهو ڏيکاري ٿو ته هو لڪل طور تي اسان جي سار سنڀال لهي رهيو آهي. پر هن جو واقعي هتي هئڻ ۽ اسان سان ملڻ جي خواهش کي دٻائڻ هڪ ناقابل يقين ڳالهه آهي. اها ڳالهه انساني سياءَ جي خلاف آهي. اهو ڪنهن طرح رومين جو هڪ سماجي ڳڻ آهي. انهن گهٽين شين مان هڪ جن کي اڄڪلهه اختيار ڪيو ويو آهي. پر مون کي شين کي ڏسڻ جي تنهنجي اندازڪان متاثر ٿيڻ نه گهرجي. تون ۽ آئون حقيقت ۾ ساڳي سوچ نه ٿا رکون. ڪا اهڙي غير اهم ۽ محسوس نه ٿيندڙ شيءِ آهي جنهن کي اسان ٻيئي ساڳي ريت محسوس ڪيون ۽ سمجهون ٿا. پر وڏن معاملن ۽ حياتي جي فلسفي متعلق اهو اسان لاءِ بهتر آهي ته مختلف پاسن تي رهون. پر وري استريلينڪوف ڏانهن ٿا هلون.

هاڻي هو سائبيريا ۾ آهي ۽ تون صحيح ٿو چئين. مون مٿس اهڙا الزام لڳندي ٻڌا آهن جن منهنجو رت ٿي سڪائي وڌو هو. وٽس سائبيريا ۾ انتهائي اڳتي واري محاذ جي ڪمان آهي ۽ هو اتي پنهنجي ننڍپڻ جي دوست ۽ جرمن جنگ ۾ گڏ وڙهندڙ ويچاري جليلن سان وڙهي ۽ ڪيس پوئتي ڌڪي رهيو آهي.

جليلن کي خبر آهي ته هو ڪير آهي ۽ هو ڄاڻي ٿو ته آئون سندس زال آهيان پر ڪيس ساراهڻ جو گر ايندو هو. جڏهن ته آئون هن کي گهٽو ساراهي نه ٿي سگهان. هن مون کي اها ڳالهه ڪڏهن محسوس ٿيڻ نه ڏني. حالانڪ خدا ڄاڻي ٿو ته استريلينڪوف جي نالي ٻڌڻ سان ٿي هو ڪاوڙ ۾ چريو ٿي پوندو هو.

ها ته استرلينيڪوف هاڻي سائبيريا ۾ آهي. پر جڏهن هو هتي هو (۽ هو هتي ڪافي وقت ان ريل جي دٻي ۾ رهيل هو جنهن ۾ تون ساڻس مليو هئين) ته منهنجي هميشه اها خواهش هوندي هئي ته اتفاق ۽ ڪنهن غير متوقع طريقي سان آئون ساڻس ملي پوان. ڪڏهن ڪڏهن هو فوجي هيڊڪوارٽر ويندو هو جيڪو ان عمارت ۾ هو جتي ڪنهن وقت ۾ "ڪومچ"، دستور ساز اسيمبلي جي

فوج جو هيڊڪوارٽر رهيو هو. اهو قسمت جو هڪ عجيب مذاق هو تہ داخل ٿيڻ جو رستو ان پاسي کان ٿي هو جتي جليلن مون سان ملندو هو. آئون اتي هميشہ ڪيس ڪنهن جي مدد ڪرڻ يا ڪنهن پوائتي ڪارروائي کي روڪائڻ لاءِ چوڻ ويندي هيس. مثال طور فوجي اڪيڊمي ۾ ٿيل اهو معاملو جنهن ان وقت گهڻو چوپول ۾ ڊا ڪيو هو. جيڪڏهن ڪو استاد اڻ وڻندڙ هوندو هو تہ ڪيڊٽ اهو چئي تہ هو بالشويڪن جو همدرد هو، ڪيس گهيري ماري ڇڏيندا هئا. پوءِ اهو وقت بہ آيو جڏهن انهن يهودين کي مارڻ ڪٽڻ شروع ڪيو. اها ڳالهہ هميشہ منهنجي ذهن ۾ ايندي آهي تہ اتفاق سان جيڪڏهن ڪو ڪنهن بہ قسم جو دانشور آهي ۽ شهر ۾ رهي ٿو، جيئن اسين رهون پيا، تہ ان جا گهٽ ۾ گهٽ اڌ دوست تہ يهودي ٿي هوندا. ان جي باوجود ان وقت ۾ جڏهن يهودين خلاف مهم هلندڙ هوندي آهي ۽ جڏهن اهي سڀ پوائتيون ۽ نفرت جوڳيون شيون ڪيون وينديون آهن تہ اسان نہ رڳو افسوس محسوس ڪندا ۽ ناراض ۽ شرمنده هوندا آهيون پر نهايت خراب نموني ائين ورهايل هوندا آهيون جيئن ڄڻ تہ اسان جي همدردي دل بدران دماغ مان ايندي هجي ۽ ان ۾ بدخواهي جي هڪ جهلڪ نظر ايندي هجي.

اها نهايت عجيب ڳالهہ آهي تہ اهي ماڻهو جن ڪڏهن انسان ذات کي بت پرستي جي طوق مان ڇوٽڪارو ڏياريو هجي ۽ جن مان گهڻا هاڻي پنهنجو پاڻ کي ناانصافي مان ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هجي، اهي پنهنجي پاڻ، پراڻي، حضرت نوح جي دور کان بہ قديم لقب. جنهن جي سچي معنيٰ ختم ٿي چڪي هجي، سان پنهنجي وفاداريءَ مان جند آجي ڪرائڻ ۾ ايڏا بي وس هجن جو اهي پنهنجو پاڻ کان مٿي ٿي باقي ماڻهن ۾ گڏجي نہ وڃن جن جي مذهب جي پيڙهہ سندن پاران رکي ويئي هجي ۽ جيڪڏهن اهي ڪين چڱي نموني سمجهن تہ انهن سان سندن گهڻيون ڳالهيون مشترڪ آهن.

اهو يقيناً درست آهي. ڏاڍ ۽ ظلم ڪين ان فضول ۽ تباهہ ڪن انداز ۽ شرمناڪ ۽ پاڻ پنهنجي انڪار واري اڪيلائي اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي جنهن سان ڪين سواءِ بدنصيبيءَ جي، ٻيو ڪجهہ ناهي مليو. پر منهنجو خيال آهي تہ ان جو هڪ ڪارڻ سندن اندروني پيري ۽ صدين جو ٿڪ پڻ آهي، مون کي سندن اونداهي ۾ طنزيہ سيٽيون وڄائڻ، سندن نڪتہ نظر جي ڪمزوري ۽ هيٺا تصور ۽ خيال بلڪل ناهن وڻندا. اهي ائين ٿي چيڙائيندڙ آهن جيئن پوڙها

پوڙهائپ متعلق ڳالهائين يا بيمار بيماري متعلق. ڇا توکي ان سان اتفاق آهي؟"

"مون ان متعلق گهڻو ناهي سوچيو. منهنجو هڪ دوست آهي ميڪاگورڊن جيڪو تو وانگر ئي سوچي ٿو."

"ها ته آئون پاشا سان اينديءَ ويندي ملڻ جي اميد ۾ ان جاءِ تي ويندي رهندي هيس. زار جي وقت ۾ گورنر جنرل جو دفتر عمارت جي ان حصي ۾ هوندو هو. هاڻي اتي در تي هڪ نوٽيس لڳو پيو آهي، "شڪايتون". تو شايد ان کي ڏٺو هوندو؟ اها شهر جي خوبصورت ترين جاءِ آهي. ان جيّ سامهون چوواٽي تي ڪاٺ جون سرون لڳل آهن ۽ چوواٽي جي ٻئي پاسي شهر جو باغ آهي جيڪو وڻن سان ڀريل آهي. اتي هميشه درڪان ٻاهر گهٽيءَ ۾ قطار لڳل هوندي هئي. آئون اتي بيهي انتظار ڪندي هيس. يقينن مون قطار توڙي اڳتي نڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي. مون اهو نه چيو ته آئون سندس زال آهيان. نيٺ اسان جا ناتا مختلف آهن. تون اهو نه سمجهه ته جذبن جي ڳالهه ڪين متاثر ڪندي! سندن طريقا بلڪل مختلف آهن. ڇا توکي خبر آهي ته سندس پنهنجو پيءُ پاويل فيرايونتووچ انتيپوف، جيڪو هڪ سياسي سزا ڪاڏل، پراڻو ڪارڪن آهي، هتان بلڪل ويجهو وڏي سڙڪ وٽ نهيل هڪ آبادي ۾ رهي ٿو جتي هو جلاوطني واري دور ۾ رهندو هو. سندس دوست تيورزن به هتي هو. اهي ٻئي مقامي انقلابي عدالت جا رڪن آهن. ها، ته ڇا تون يقين ڪري سگهين ٿو ته پاشا پنهنجي پيءُ سان ملڻ به نه ويو ۽ هن ڪيس اهو به نه ٻڌايو ته هو ڪير آهي. سندس پيءُ ان ڳالهه کي معمول موجب ورتو ۽ ڪيس ان جو ڪوبه ڏک نه ٿيو. جيڪڏهن سندس پٽ کي لڪائي رکيو وڃي ٿو ته پوءِ اهو ائين ئي ٿيڻ گهرجي. ساڻس نه ٿو ملي سگهي، بس سڄي ڳالهه اها ئي آهي. اهي ماڻهو انسان ناهن. اهي پنهنجي سيني اصولن ۽ قاعدن سان گڏ ڄڻ پٿر جا نهيل آهن.

جيڪڏهن آئون اهو ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃان ها ته آئون سندس زال هيس ته ان جو مون کي ڪو فائدو نه ٿئي ها! اهڙي وقت ۾ زالن جي سندن لاءِ ڪهڙي اهميت آهي؟ دنيا جا پورهيت، ڪائنات جي نئين سر اڏاوت ئي سندن لاءِ اهميت رکندڙ معاملا آهن. پر زال ڇا آهي؟ رڳو هڪ اهڙو فرد، جنهن جي ڪنهن جونءِ ۽ مک کان وڌيڪ اهميت ناهي!

سندس اي.ڊي.سي ٻاهر اچي ماڻهن کان پڇندو هو ته هو ساڻس ڇا جي لاءِ ملڻ چاهين ٿا ۽ پوءِ ڪجهه ڄڻن کي اندر وڃڻ ڏيندو هو. پر مون ڪڏهن به ڪيس

پنهنجو نالو نہ ٻڌايو ۽ جڏهن هن مون کان پڇيو ٿي تہ منهنجو ڪهڙو ڪم هو تہ مون هميشہ چيو ٿي تہ ذاتي ڪم هو. يقينن مون کي خبر هئي تہ آئون پنهنجو وقت پئي زيان ڪريان. اي.ڊي.سي پنهنجا ڪلها لوڏي مون کي مشڪوڪ نظرن سان ڏسندو هو. مون هڪ پيرو بہ ڪيس نہ ڏٺو.

آئون سمجهان ٿي تہ تون سوچين پيو تہ هن کي اسان جو ڪو فڪر نہ هو. اسان سان پيار نہ ٿو ڪري ۽ هن اسان کي وساري ڇڏيو آهي؟ پر تون غلط آهين. آئون ڪيس چڱي ريت ڄاڻان ٿي. مون کي خبر آهي تہ ڪيس ڇاڪري ۽ اهو ان ڪري آهي جو هو اسان سان پيار ڪري ٿو. اسان وٽ خالي هٿين موٽي اچڻ سندس سهپ کان ٻاهر آهي. هو پوري شان سان، هڪ فاتح جي حيثيت ۾ سڀ اعزاز ڪٺي اچي اسان جي قدمن ۾ رکي موٽڻ ٿو چاهي. سچي جڳ ۾ مشهور ۽ لافاني بڻجي وڃڻ ۽ اسان کي حيران ڪرڻ لاءِ بلڪل هڪ ٻار جيان!"

ڪاتيا وري اندر آئي. لارا ڪيس ڇڪي ڪٽي مٿي ڪري گهمائڻ، ڪتڪتايون ڪرڻ ۽ چمڻ شروع ڪيو جنهن ڪاتيا کي حيران ڪري ڇڏيو.

(16)

يوري گهوڙي تي سوار گهر وڃي رهيو هو. هن لاتعداد ڀيرا سفر ڪيو هو. هو سڙڪ جو ايترو عادي ٿي چڪو هو جو هاڻي هن کي رستي جو خيال نہ هو ۽ نہ هن اڳتي ڌيان ٿي ڏنو.

جلد ئي هو جهنگل ۾ هڪ بہ واٽي تي پهچندو جتان سڌو رستو واريڪينو ٿي ويو ۽ هڪ رستو سڪما دريا جي ڪپ تي آباد مهاڻن جي ڳوٺ ڏانهن ٿي ويو. هتي زرعي مشينري جي اشتهار جو هڪ بورڊ لڳل هو. معمول موجب هو بہ واٽي تي سج لهڻ مهل پهچندو.

هاڻي ان ڏينهن کي ٻن مهينن کان وڌيڪ جو عرصو گذري چڪو هو جڏهن هو معمول موجب شهر ويو هو پر ساڳي ڏينهن ٻنپهرن جو گهر موٽڻ بجاءِ لارا وٽ رات ٽڪي پيو هو ۽ پوءِ گهر وارن کي ٻڌايو هئائين تہ ڪيس ڪم ڪارڻ ترسڻو پئجي ويو هو ۽ هو سيمديوياتوف جي سراءِ ۾ رهيو هو. هو گهڻي عرصي کان ڪيس لارا سڏيندو ۽ تون چئي مخاطب ٿيندو رهيو هو. جڏهن تہ هوءَ اڃا تائين ڪيس زواگو سڏيندي هئي. يوري تونيا سان دغا ڪري رهيو هو ۽ جيڪي ڪجهہ

هو ڪانئس لڪائي رهيو هو. اهو ڏينهون ڏينهن وڏيڪ گنڀير ۽ ناجائز ٿيندو پئي ويو. اهڙي ڳالهه سندن وچ ۾ ڪڏهن ٻڌي نہ ويئي هئي.

هو ٽونيا جي پوڄا ڪندو هو. هن لاءِ سندس ذهني سڪون دنيا جي ٻي هر شيءِ کان وڌيڪ معنيٰ رکندو هو. هو سندس عزت جي تحفظ لاءِ تيار هوندو هو ۽ ان ڏانهن وڌنڌڙ ڪنهن بہ شيءِ متعلق ٽونيا ۽ سندس پيءُ کان وڌيڪ حساس هوندو هو. سندس عزت جي تحفظ لاءِ هو ڪنهن کي بہ پنهنجن هٿن سان ڳيا ڳيا ڪري سگهيو ٿي. ان سڀ جي باوجود هاڻي هو پاڻ ان کي هاجو پهچائي رهيو هو.

گهر ۾ هو پاڻ کي ڏوهاري محسوس ڪندو هو. سندس گهر وارن جي سچ کان اڻڄاڻائي، سندن ساڳيو پيار ۽ شفقت وارو رويو سندس لاءِ وڏي پيڙا جا ڪارڻ هئا. ڳالهہ ٻولهہ هلندي هو اوچتو پنهنجي ڏوهہ جي ياد اچڻ تي گم سم ٿي ويندو هو ۽ جيڪي ڪجهہ چيو ويندو هو ان جو هڪ اکر ڪيس ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو.

جيڪڏهن ائين ماني کائڻ دوران ٿيندو هو تہ گرهہ سندس نڙيءَ ۾ ڦاسي پوندو هو ۽ هو چمچو هيٺ رکي پليٽ پري ڪري ڇڏيندو هو.

”تو کي ڇا ٿيو آهي؟“ ٽونيا پريشان ٿيندي پڇندي هئي.

”تو ضرور شهر ۾ هوندي ڪا خراب خبر ٻڌي هوندي. مون کي ٻڌائي تہ ڇا ڪير گرفتار ٿيو آهي؟ يا ڪنهن کي گولي هڻي ويئي آهي. منهنجي پريشان ٿيڻ جو ڊپ نہ ڪر. مون کي ٻڌائڻ کان پوءِ تون بهتر محسوس ڪندين.“

جيئن تہ هن هڪ ٻي عورت کي پسند ٿي ڪيو تہ ڇا هن ساڻس بيوفائي پئي ڪئي؟ نہ. هن ڪابہ ڀيٽ. ڪابہ چونڊ نہ ڪئي هئي. آزاد محبت يا پنهنجو پاڻ کي حواسن ٿجي حوالي ڪرڻ واري حق ۾ سندس يقين نہ هو. انهن اصطلاحن جي حوالي سان سوچڻ يا ڳالهائڻ ڪيس پنهنجي بيعزتي محسوس ٿيندي هئي. هن ڪڏهن جهنگلي جوَ نہ پوکي هئي ۽ نہ پاڻ کي اهڙو اعليٰ انسان سمجهيو هو جنهن کي خاص حق ۽ مراعاتون حاصل هجن. هاڻي هو پنهنجي ڏوهاري ضمير جي وزن هيٺان چيڀاٽجي ويو هو.

”اڳتي ڇا ٿيندو؟“ هو ڪڏهن پاڻ کان پڇندو هو ۽ دلگير ٿي اميد ڪندو هو تہ ڪا ناممڪن غير متوقع صورتحال سندس لاءِ ان مسئلي کي حل ڪري ڇڏيندي.

پر ان وقت شيون بدلجي ويون هيون. هن فيصلو ڪري ورتو هو تہ ڳنڍ کي وڍي ڇڏجي ۽ ان حل سان گڏ هو گهر ڏانهن وڃي رهيو هو. هو ٽونيا آڏو هر ڳالهہ

جو اعتراف ڪندو. ڪيس معافي جي درخواست ڪندو ۽ لارا سان وري ڪڏهن به نه ملندو.

اهو سچ هو ته هر شيءِ بلڪل ٺيڪ ٺاڪ نه هئي. هن هاڻي محسوس ڪيو ته هن لارا تي پوري ريت اهو واضح نه ڪيو هو ته هو ساڻس هميشه لاءِ ناتا ٽوڙي رهيو هو. هن ان ڏينهن صبح جو ڪيس اهو چيو هو ته هو هر ڳالهه جي اعتراف جو ارادو رکي ٿو ۽ کين لازماً هڪ ٻئي سان ملڻ بند ڪرڻ گهرجي پر هاڻي هن محسوس ڪيو ٿي ته هن ان کي نرم ڪري پيش ڪيو هو ۽ ان ۾ گهربل قطعيت نه هئي.

لارا اهو محسوس ڪري ورتو هو ته هو ڪيترو ڏکارو هو ۽ هن ڪا تڪليف ڏيندڙ صورتحال پيدا ڪري کيس وڌيڪ پريشان ڪرڻ نه ٿي چاهيو. هن کيس ممڪن حد تائين سڪون سان ٻڌو. اهي مهڙ وارن ڪمرن مان هڪ خالي ڪمري ۾ ڳالهائي رهيا هئا. ڳوڙها سندس ڳلن تان وهي رهيا هئا. پر کيس انهن جو سڙڪ جي هن پار واري گهر ۾ لڳل پٿر جي مجسمن جي چهرن تي پوندڙ مينهن جي پاڻي کان وڌيڪ احساس نه هو. هوءَ نرميءَ سان چوندي رهي: "تو کي جيئن چڱو لڳي ائين ڪر. منهنجي پرواهه نه ڪر. آئون ان کي سنڀالي وٺنديس." هوءَ کنهن ڪوڙي ڏيکاءُ کان سواءِ خلوص سان اهو چئي رهي هئي. ائين چئي ته هن نه ٿي ڄاتو ته هوءَ روئي رهي هئي. هن پنهنجا ڳوڙها به نه ٿي اگهيا.

ان خيال اچڻ تي ته لارا شايد کيس غلط سمجهيو هجي ۽ اهو ته هن کيس شايد غلط تاثر ۽ ڪوڙين اميدن سان ڇڏيو هجي. هو بس گهوڙي کي پوئتي موڙي سڌو اٿي ڳالهه کي چوڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ ته ڪانئس تمام گهڻي گرم جوشي ۽ قرب سان موڪلائڻ لاءِ جيڪا آخري موڪلاڻي لاءِ ٺهڪندڙ هجي، موٽڻ وارو ٿي هو. پر ڏکيائي سان پنهنجو پاڻ کي قابو ڪندي هن پنهنجو سفر جاري رکيو.

جيئن سج لٿو ته جهنگل تڏ ۾ اونداهه سان ڀرجي ويو. ان مان پسيل پنن جي بوءِ اچڻ لڳي. مڇر ۽ ٻيا ٻن پرن وارا جيت وڏي تعداد ۾ ائين مٿي ساڪت بيٺا هئا جيئن سمنڊ ۾ ٻيڙا ۽ پنهنجي وڏي غمگين آواز ۾ ڀڻ ڀڻ ڪري رهيا هئا. اهي سندس منهن ۽ ڳچي تي اچي تي ويٺا ۽ چڪ پائڻ شروع ٿي ڪيائون. گهوڙي جي پيرن جي آواز، ان جي پيرن هيٺان ايندڙ پنن ۽ مٽي جي آواز سان گڏ انهن جيتن کي پري ڪرڻ لاءِ سندس هٿ جو آواز به شامل ٿي ويو هو. پري جتي سج لهڻ کان انڪار ڪري رهيو هو. هڪ بلبل ڳائڻ شروع ڪيو.

"سجاڳ ٿي، سجاڳ ٿي." هن وينتي ڪندي چيو. بلڪل ايسٽر واري آرتوار جي موقعي تي ٿيندڙ سڏ جيان پئي لڳو: "جاڳ او منهنجا روح! تون اڃا چو ننڊ ۾ آهين."

اوچتو يوريءَ کي هڪ نهايت سادو خيال ذهن ۾ آيو. تڪڙ ڇا جي هئي؟ هو پاڻ سان ڪيل واعدي تان ڦري نه ويندو. اعتراف ضرور ڪيو ويندو پر ڪنهن اهو چيو ته اهو ضرور اڄ ئي ڪرڻ گهرجي. هن اڃا تونيا کي ڪجهه به نه ٻڌايو هو. سندس هڪ ٻيهرو وري شهزمان تي اچڻ ڪان پوءِ تائين ان کي ملتوي ڪرڻ سان ڪا گهٽي دير نه ٿيندي. هو لارا سان پنهنجي ڳالهه ٻولهه جي اهڙي گرم جوشي ۽ احساس جي گهرائي سان ختم ڪندو جو ان سان سندس سيني تڪليفن جو ازالو ٿي ويندو. ڪيڏو شاندار، ڪيڏو بهترين! ڪيڏي عجيب ڳالهه آهي ته اهو خيال ڪيس اڳ ڇو نه آيو.

لارا سان هڪ ٻيهرو وري ملڻ جي خيال تي سندس دل خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ لڳي. اڳواٽ ئي ڇڻ هو ساڻس پنهنجي ملاقات جي مرحلي ۾ پهچي ويو.

شهر جي پسگردائي ۾ ڪاٺ جا ننهيل ننڍا گهر ۽ رستا.. هو ساڻس ملڻ لاءِ ويو پئي. هڪ پل ۾ هو اهي ڪاٺ واريون گهٽيون ۽ خالي پلاٽ ڇڏي پٿر ۾ پڪين جاين وارين گهٽين ۾ داخل ٿيندو. پسگردائي وارا اهي گهر ڪتابن جي ورقن جيان نظرن آڏو گذرندا ويا ائين ته جيئن ماڻهو پنهنجي آڱر سان هڪ هڪ ورق ڪري اٿلائيندو وڃي پر ائين جيئن ڪتاب جي ڪنڊ تي آڱوٺو رکي سيني کي هڪ ٻيري ۾ ئي سر سر ڪندو اٿلي وڃڻ ڏنو هجي. رفتار نهايت تيز هئي. او اتي سندس گهر هو، گهٽيءَ جي پرئين ڪنڊ وٽ مينهن وارن ڪڪرن ۾ ٺهيل اڇي خال هينان جتي شام جي وقت آسمان مان ڪڪر هتي رهيا هئا. هن انهن ننڍن گهرن سان جيڪي سندس گهر ڏانهن ويا ٿي ايڏو پيار ڪيو ٿي جو هو جيڪر انهن کي زمين تان ڪٽي چمي وٺي ها! اهي آڏا ڦڏا ٺهيل گهر بتين جي روشني، جنهن جو عڪس بيٺل پاڻيءَ جي دٻن ۾ بيرن جيان چمڪو پئي ۽ آسمان جي اڇي ڏار هينان سندس گهر. اتي ڪيس هڪ ٻيرو ٻيهر اڇو خدا جو ٺاهيل سونهن جو تحفو پاڻ ان جي خالق هٿان ملندو. هڪ اونداهي، ويڙهيل پاڇو دروازو کوليندو سندس قرب جو واعدو جيڪو ڪنهن جي ملڪيت ناهي، ايڏي محفوظ ۽ سرد جهڙي اتر واري رات. ڏانهس ائين سمنڊ جي ڀهرين لهر جيان ايندي جيئن ڪو اونداهي ۾ سمنڊ جي مٿي واري ڪناري تي ڊوڙندو هجي.

يوري لغام ڇڏي ڏنو. هَنَي ۾ سِري تورو اڳتي ٿيو. پنهنجون ٻانهون گهوڙي جي ڳچي ۾ وڌائين ۽ پنهنجو منهن ان جي وارن ۾ لڪائي ڇڏيائين. محبت جي ان اظهار کي تيز هلڻ جي درخواست سمجهندي گهوڙي تيز ڊوڙڻ شروع ڪيو.

جيئن هو ڊوڙيو تيئن ان جي سنبن گهڙي گهڙي زمين کي ڇهيو پئي. يوريءَ کي ائين لڳو ته سندس پنهنجي دل جي خوشيءَ سان ڀرپور ڌڙڪڻ کان سواءِ هن ٻيون رڙيون به ٻڌيون پئي. پر هن سوچيو ته اهو رڳو سندس خيال هو.

ويجهڙائي کان هلايل هڪ گولي سندس ڪن ڦاڙي ڇڏيا. هو اٿي ويٺو ۽ لغام هٿ ۾ ڪٽي ڇڪيائين. يوري رفتار سان هلندي ٻيهارڻ سان گهوڙو پاسيرو ٿي، پوئتي ٿيو ۽ هيٺ ڪرندي ڪرندي رهجي ويو.

سندس آڏو چوواٽو هو. موريو ۽ ويچنڪين. ٻج چٽڻ ۽ پوک لٽڻ وارين مشينن جا نشان لهندڙ سج جي روشني ۾ چمڪيا پئي. ٽن گهوڙيسوارن سندس رستو روڪي ڇڏيو. منجهانئن هڪ اسڪول جي ٽوپي ۽ گولين جي ٻن پٽن سان فوجي وردي پاتل ڇوڪرو، هڪ آفيسراڻو وڏو ڪوٽ ۽ جانور جي کل جي ٽوپي پاتل گهوڙيسوار فوج جو همراهه ۽ هڪ عجيب. ناچ وارا فيشني ڪپڙا، ڪليل پتلون ۽ ويڪري نرڙ تي ڪريل ٽوپي پاتل ٿلهو همراه هو.

”ڪامريڊ ڊاڪٽر، حرڪت نه ڪجانءِ.“ گهوڙيسوار فوج جي همراهه، جيڪو ٽنهي ۾ وڏو هو، چيو. ”جيڪڏهن تو حڪمن جي تعميل ڪئي ته پوءِ تون پوري طرح محفوظ آهين. جيڪڏهن تو ائين نه ڪيو، ناراض نه ٿجانءِ، ته پوءِ اسان توکي گولي هڻي ڇڏينداسين. اسان جي يونٽ جو سرجن مارجي ويو آهي ۽ اسان توکي هڪ طبي ڪارڪن طور ڀرتي ڪري رهيا آهيون. هيٺ لهي اچ ۽ لغام ان نوجوان جي حوالي ڪر. توکي وري ياد ڏياري ڇڏيان ته جيڪڏهن تو ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي ته اسان به ائين ٻيهي تماشو نه ڏسنداسين.“

”ڇا تون ميڪيليتسن جو پٽ لائبريئس ڪامريڊ فوريسٽ آهين؟“

”نه، آئون سندس لاڳاپي وارو مڪ آفيسر ڪامينو دوورسڪي آهيان.“

☆

## باب ڏهون

# شاهراهہ

(1)

شاهراهہ تي شهر، ڳوٺ ۽ قازقن جون آباديون هيون. اها قديمي ٽپال واري سڙڪ هئي، سائيبيريا جي سڀ کان پراڻي شاهراهہ. ان چاقو جيان شهرن کي وڍيو ٽي ۽ روٽي جي ڳپ جيان انهن کي ٻہ اڌ ڪيو ٿي. جيستائين ڳوٺن جو سوال هو تہ اها مٿن نظر وجهڻ کان سواءِ ئي انهن کي ساڄي ۽ کاٻي وکيريندي، سڌي قطار ۾ ٿهيل يا اوچتي موڙ جي ڪري ڪمان يا ٻڪل جي شڪل ۾ ٺهيل گهرن کي پوئتي ڇڏيندي گذري ٿي ويئي.

ڏور ماضيءَ ۾ ريلوي جي ڪودا تسڪوئي تائين اچڻ کان اڳ شاهراهہ تي ٽپال ٽن گهوڙن واري گاڏين وسيلي ايندي هئي. چانهہ، روٽي ۽ ڪچولوهہ کڻي ويندڙ قافلا هڪ رستي کان ويندا هئا ۽ ٻئي رستي کان حفاظت ۾ قيدين کي پنڌ آندو ويندو هو. اهي قدم ملائي پنهنجين زنجيرن کي کڙڪائيندا، وچايل ۽ مايوس روح، ايڏا پيانڪ جهڙي وچ، پنهنجي رستي تي هلندا رهندا هئا ۽ سندن چوڌاري اونداهي ۽ داخل نہ ٿي سگهڻ جهڙي جهنگل مان وڻن جي سرسر جو آواز ايندو رهندو هو.

اهي جيڪي شاهراهہ تي رهيل هئا هڪ خاندان وانگر هئا. دوستي ۽ شادين ڳوٺن کي ڳوٺن سان ۽ شهرن کي شهرن سان ڳنڍي ڇڏيو هو. ڪوداتسڪوئي سڙڪ ۽ ريلوي جي ٻہ واٽي تي واقع هو. اتي انجڻ جي مرمت ۽ پٽڙي جي سار سنڀال سان لاڳاپيل ورڪشاپ هئا ۽ بيرڪن ۾ غريب ترين ماڻهو سٽيل هوندا هئا جيڪي بيمار ٿيندا هئا ۽ مري ويندا هئا. اهي سياسي قيدي جن وٽ ٽڪنيڪي صلاحيت هئي ۽ جن پنهنجي سخت پورهئي وارو مدو پورو ڪيو هوندو هو، انهن کي ڪوداتسڪوئي ۾ آزاد جلاوطن طور رهڻ ۽ هنرمند ڪاريگرن طور ڪم ڪرڻ جي اجازت هوندي هئي.

پنڙي سان گڏ علائقن ۾ انقلاب جي شروعاتي ڏينهن ۾ جيڪي سوويت قائم ڪيون ويون هيون ڪي گهڻو اڳ ختم ڪيو ويو هو. ڪجهه وقت تائين سائيبيريا جي عبوري حڪومت پاڻ کي حڪومت ۾ برقرار رکيو هو پر هاڻي سڄي علائقي ۾ ان جي بدران سفيد روسي اعليٰ ڪمانڊر ايڊمرل ڪولچڪ جو راڄ قائم ٿي ويو هو.

(2)

سفر جي هڪ مرحلي تي سڙڪ مٿي ڏانهن ٿي ويئي جنهن سان علائقي جو اجا وسيع منظر تي پسڻ ۾ آيو. ائين ٿي لڳو ته چڻ آهستي مٿي وڃڻ يا افق جي وسيع ٿيڻ جو ڪو انت ڪونهي پر جڏهن ٿڪل گهوڙا ۽ مسافر ساهه پٽڻ لاءِ بيٺا ته انهن ڏٺو ته اهي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي پهچي چڪا هئا. سڙڪ پل جي مٿان ٿيندي ٿي ويئي جنهن جي هيٺان ڪيزما دريا ڇوليون پئي هنيون.

پل کان پوءِ اجا وڌيڪ اپي چاڙهه تي اهي ”صليب جي عروج واري خانقاهه“ جي سرن جي ديوارن کي ڏسي سگهيا ٿي. سڙڪ خانقاهه جي چوڌاري زمينن تان ورورڪڙ کائيندي مقدس صليب جي شهر جي پسگردائي مان ٿي گذري.

جڏهن اها شهر جي وچ تي پهتي ٿي ته اها هڪ ڀيرو ٻيهر خانقاهه جي زمينن تان ٿي گذري ٿي. چاڪاڻ ته خانقاهه جو سائو رنگ ٿيل لوهي دروازو مک چوواٽي تي کليو ٿي. محراب واري در تي لڳل مقدس تصوير کي سونن اکرن ۾ لکيل ان روايت سان فريم ڪيو ويو هو ته: ”خوشيون ملهائي، او حياتي بخشيندڙ صليب،اوتقدس جي ناقابل تسخير فتح ۽ ڪامراني!“

روزن جي پڇاڙي ۽ ايسٽر جو پوتر هفتو هو. سرديون تقريباً ختم ٿي ويون هيون. برف جي ڳرڻ جي پهرين نشاني اها هئي ته سڙڪون ڪاريون ٿينديون پئي ويون پر ڇتن اجا تائين چڻ ڍڳها، اڃا، مٿان لٽڪندڙ ٽوپ پائي رکيا هئا.

انهن ننڍن ڇوڪرن کي جيڪي گهنٽين وڄائڻ وارن کي ڏسڻ لاءِ مٿي گهنٽا گهر تي چڙهيا هئا، هيٺ گهر ائين پئي لڳا چڻ اچن دڀن کي پاڻ ۾ گڏوچڙ ڪيو ويو هجي. ننڍا ڪارا ماڻهو، جيڪي مشڪل سان ٽهڪن کان وڏا هئا، گهرن جي وچ ۾ پئي هليا ۽انهن جي آڏو ٿي بيٺا. اهي ان حڪم نامي کي پڙهڻ لاءِ ٿي بيٺا جن ۾ ٽن عمر وارن ماڻهن کي ڀرتي ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. اهي حڪم ناما ديوارن تي ايڊمرل ڪولچڪ جي حڪم سان لڳايا ويا هئا.

(3)

رات ۾ گھڻيون غير متوقع شيون ٿيون هيون. سال جي وقت جي لحاظ کان اها معمول کان وڌيڪ گرم ٿي ويئي هئي. ڦوهار پئجي رهي هئي جيڪا ايتري هلڪي ۽ هوا سان گڏ پئي آئي جو ائين پئي لڳو ته اها ڌرتي تي پهچڻ کان اڳ ڏنڊ ۾ غائب ٿي ويندي. پر اهو هڪ غلط خيال هو. حقيقت ۾ مينهن جو ڪافي پاڻي هو جيڪو تيزي سان زمين تي وهيو پئي. زمين جيڪا سڄي ڪاري ٿي ويئي هئي ۽ ائين پئي چمڪي جڻ ان کي پگھر نڪتو هجي ۽ مينهن جي پاڻي ان تي موجود باقي برف کي به ڌوئي صاف ٿي ڪيو.

صوفن جا سڪل وڻ گونچن سان پرجي ويا هئا ۽ هڪ معجزي جيان باغ جي لوڙهي جي مٿان تائين پهچي ويا هئا. انهن مان پاڻي جي آواز کي سڄي شهر ۾ ٻڌي سگهجي پيو.

فوٽوگرافر گلرٽومڪ جنهن کي رات لاءِ اڳڻ ۾ زنجير سان ٻڌو ويو هو, رڙيون ۽ ڪيڪاٽ پئي ڪيا ۽ گالوزين جي باغ ۾ ڪانءُ, شايد شور کان چڙي, ايڏي زور سان ڪان ڪان پئي ڪئي جيڪا پوري شهر کي جاڳائي رکڻ لاءِ ڪافي هئي.

مقدس صليب جي شهر جي هيٺئين حصي ۾ مختلف شين سان ڀريل ٽي گاڏيون واپاري ليبيرنوو وٽ آنديون ويون هيون جنهن اهو چئي وٺڻ کان انڪار ڪيو هو ته اها هڪ غلطي هئي ۽ هن ڪڏهن به انهن شين لاءِ آرڊر نه ڏنو هو. جيئن ته گھڻي دير ٿي چڪي هئي ان ڪري گاڏي وارا ڪيس منٿون ڪري رهيا هئا ته کين رات گذارڻ لاءِ اندر اچڻ ڏي پر هن کين ڦٽ لعنت ڪري دفع ٿي وڃڻ لاءِ چيو ۽ دروازي کولڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهو جهيڙو شهر جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين ٻڌجي پئي سگهيو.

گرجا جي حساب سان ستين ڪلاڪ وقت ۽ گھڙيال مطابق صبح جي هڪ وڳي خانقاه جي گھنٽين جي گهرائي مان هڪ گهرو, ڌيمو, مٺو آواز نڪتو جنهن مشڪل سان ئي ڪنهن کي حرڪت ۾ آندو ٿي. اهو آواز هوا ۾ ٽيندڙ ڦڙ ڦڙ سان گڏجي ويو. اهو گھنٽي مان هلي هوا ۾ ائين داخل ٿي ٿي ويو جيئن ڪو مٽيءَ جو ٽڪرو دريا جي ڪپ تان ڌار ٿي بهار جي ٻوڏن ۾ ٻڏي ۽ حل ٿي وڃي.

اها ايسٽر کان اڳ جي آخري خميس جي رات هئي. پري کان مينهن واري وايومنڊل ۾ جڏهن ميڻ بتين جي روشني خانقاه جي اڳڻ ۾ هلڻ وارن همراهن

مان ڪڏهن ڪنهن جي چهري کي تي روشن ڪيو ته ڪڏهن ڪنهن جي نرڙ ۽ نڪ کي. ماڻهن جي سڄاڻپ ڪرڻ هڪ ڏکيو ڪم هو. روزيدارن جو جلوس صبح جي عبادت لاءِ وڃي رهيو هو.

پندرنهن منٽن کان پوءِ ڪاٺ جي ٺهيل رستي تي گرجاگهر کان ايندڙ پيرن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اها پنساري جي زال گالوزينا هئي جيڪا ان جي باوجود ته عبادت اڃا هاڻي شروع ٿي هئي گهر وڃي رهي هئي. هوءَ ناهموار رفتار سان هلي رهي هئي.

ڪڏهن ڊوڙي پئي ته ڪڏهن آهستي پئي هلي ۽ ڪڏهن بيهي ٿي رهي. سندس شال مٿي تي رکيل هئي ۽ کل واري ڪوٽ جا بٽڻ کليل هئا. گرجا جي ٻوسٽ واري ماحول ۾ سندس ساهه ٻوساٽجڻ لڳو هو ۽ هو تازي هوا کائڻ لاءِ ٻاهر نڪري آئي هئي. پر هاڻي کيس شرم ۽ افسوس پئي ٿيو ته هو پڇاڙي تائين اتي ڇو نه ترسي هئي ۽ خاص طور تي ان ڪري ته هي ٻيو سال هو جو هن ايسٽر کان اڳ وارا روزا نه رکيا هئا. پر سندس پريشانيءَ جو اهو مک ڪارڻ نه هو. ان ڏينهن پرتي جي حڪم سندس بيوقوف پٽ ٽيريوشڪا کي متاثر ڪيو هو. هن ان خيال کي پنهنجي ذهن مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر اونداهي ۾ اتي موجود پوسٽر جي اڇين چٽين کيس هر موڙ تي ان جي ياد ڏياري ٿي.

سندس گهر ويجهو ئي گهٽي جي ڪنڊ وٽ هو پر هن گهر کان ٻاهر بهتر ٿي محسوس ڪيو ۽ کيس انهن ڪمرن ۾ وڃڻ جي تڪڙ نه هئي جتي هوا جو گذر نه هو.

غمگين خيالن جي طوفان کيس پريشان ڪري ڇڏيو هو. جيڪڏهن هوءَ انهن کي هڪ هڪ ڪري وڏي واڪي سوچي ها ته کيس پرهه ڦٽي تائين انهن لاءِ نه جوڳا لفظ ملن ها ۽ نه وقت پر هتي ٻاهر گهٽي ۾ اهي تڪليف ڏيندڙ خيال مٺس گروهن جي صورت ۾ اڏريا ٿي ۽ هوءَ انهن کي گڏيل طور منهن ڏيئي سگهي ٿي. مختصر طور ته کيس ان لاءِ خانقاهه جي دروازي ۽ چوواٽي جي ڪنڊ وچ ۾ ڪجهه چڪر هڻڻا پيا.

ايسٽر جڻ بلڪل ويجهو هو ۽ گهر ۾ ڪو ماڻهو نه هو. سڀيئي کيس اڪيلو ڇڏي هليا ويا هئا. ڇا واقعي هو اڪيلي نه هئي؟ يقيناً هوءَ اڪيلي هئي. سندس سنڀال هيٺ رهندڙ ڇوڪري سيوشا ڪنهن ڳڻپ ۾ نه هئي .نيٺ هوءَ ڪير هئي؟ جيئن چوندا آهن ته ماڻهوءَ جو اندر ته گهرو سمنڊ آهي. شايد هوءَ دوست هئي يا شايد هوءَ هڪ دشمن هئي يا هڪ لڪل رقيب. ان لاءِ چيو ٿي ويو ته اها سندس

مڙس جي ٻهرين زال جي ڌيءَ مڙس مان پيدا ٿيل ڄاوَ هئي. سندس مڙس، ولاس چيو هو تہ هن ان کي گودورتو هو پر فرض ڪجي تہ اها سندس حقيقي ڌيءَ هئي؟ يا اهو فرض ڪجي تہ اها ڪنهن طرح سان سندس ڌيءَ نہ پر ڪا ٻي هئي؟ ڇا ماڻهوءَ جو اندر ڄاڻي سگهجي ٿو؟ بهرحال جيڪڏهن حق جي ڳالهہ ڪجي تہ سيوشا ۾ ڪا خرابي نہ هئي. هو ذهين، سهڻي ۽ بااخلاق هئي. ان بيوقوف ٽريوشڪا يا سندس پيءُ کان بہ تمام گهڻي ذهين هئي.

اهڙي ريت اها هن پوتر هنتي ۾ بلڪل تياڳل ۽ ڇڏي ڏنل ٿي رهجي ويئي هئي. اهي سڀ وکرجي ويا هئا. هر ڪو پنهنجي واٽ وٺي هليو ويو هو.

بجاءِ پنهنجي بيوقوف پٽ جي سارسنيال لهڻ ۽ ڪيس ان موتمار جوکي کان بچائڻ جي، ولاس شاهراهہ تي اچ وڃ ڪري نون ڀرتي ٿيلن کي پنهنجين تقريرن وسيلي وڏا ڪارناما ڪرڻ تي آياري مزا ماڻي رهيو هو.

تيريوشڪا بہ ان وڏي ڏڻ جي موقعي تي گهر مان غائب ٿي ويو هو. هو ڪنيتي ڳوٺ ۾ پنهنجن مائٽن وٽ پاڻ کي وندرائڻ ۽ پنهنجين تڪليفن کي وسارڻ لاءِ هليو ويو هو. ان ويچاري ڇوڪري کي اسڪول مان نيڪالي ڏني ويئي هئي. انهن کيس اٽڪل هر درجي ۾ هڪ سال وڌيڪ رکيو هو ۽ هاڻي جڏهن هو اٺين ۾ هو تہ انهن کيس ڌڪي ٻاهر ڪڍيو هو.

اهو سڀ ڪيڏو نہ مايوس ڪندڙ هو! اوہ! خدا، ڇو ڀلا هرشيءِ اٺين غلط ٿي ويئي هئي؟ اها دل ڏاريندڙ صورتحال هئي. هن بس هٿيار ڦٽا ٿي ڪيا. کيس جيئڻ جي ڪا تمنا نہ هئي.

ان سڄي مصيبت جو ڪارڻ ڪهڙو هو؟ ڇا اهو انقلاب هو؟ نہ، نہ، اها جنگ هئي. جنگ روس جي مردانگي جي جوهر کي ماري ڇڏيو هو ۽ هاڻي سواءِ ناڪاره، ڪنهن نہ ڪم جي گند کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ بچيو هو.

سندس پيءُ واري دور ۾ ڪيئن نہ اهو سڀڪجهہ مختلف هوندو هو! اهي نعمتن ۽ سکئي ماحول ۾ پلجي وڏا ٿيا هئا. هوءَ ۽ سندس ڀيڻرون پوليا ۽ اوليا جيڪي ڇوڪرين جي اهڙي بهترين جوڙي هيون جنهن سان ماڻهو، ملڻ جي تمنا ڪري سگهي ۽ جيڪي هڪ ٻئي سان ايتري هڪجهڙائي رکنديون هيون جهڙا سندن نالا هئا. ماهر واڌا سندس پيءُ سان ملڻ لاءِ ايندا هئا جن مان مردانگي سونهن جو شاندار نمونو هوندو هو. هو ۽ سندس ڀيڻرون ڇاڇا سوچينديون هيون

اهو ان مان پسني سگهجي ٿو ته هڪ پيري سندن مٿي ۾ اها ڳالهه اچي ويئي ته ڇهن رنگن وارا ان جا اسڪارف اٽجن. يقين ڪيو يا نه پر اهي ايٽربون سٽيون اٽينڊڙ هيون جو انهن جا اهي اسڪارف سڄي پرڳڻي ۾ مشهور ٿي ويا! انهن ڏينهن ۾ هر شيءِ بهترين، ڀرپور ۽ فضيلت واري هئي. گرجا ۾ ٿيندڙ عبادتون، ناچ، ماڻهو ۽ طور طريقا سيڪجهه ان ۾ شامل هئا. هر شيءِ سندس دل کي خوش ٿي ڪيو. ڇاڪاڻ ته سندس پنهنجي خاندان وارا سادا ماڻهو هئا جن جو واسطو هارين ۽ پورهيتن سان هو. روس به انهن ڏينهن ۾ هڪ شادي لائق ڇوڪري بڻجي چڪو هو، جنهن کي حقيقي مردن چاهيو ٿي. اهي مرد جيڪي ان لاءِ مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ تيار هوندا هئا ۽ جن کي اچ ڪلهه جي انهن گرن گنجن سان ڀيٽي نه ٿو سگهجي. هاڻي هر شيءِ پنهنجي چمڪ وڃائي چڪي آهي. هاڻي رڳو شهري رهجي ويا آهن.

وڪيل ۽ مختلف نظرين جا پوئلڳ جن جون زبانون بس ڏينهن رات هلنديون رهن ٿيون. ويچاري پوڙهي ولاس ۽ سندس دوستن جو خيال آهي ته اهي دعوتن، تقريرن ۽ نيڪ خواهشن سان انهن پراڻن سونهري ڏينهن کي موٽائي سگهن پيا. پر ڇا وڇايل پيار کي حاصل ڪرڻ جو اهو طريقو آهي؟ ان لاءِ ته ماڻهوءَ کي جبلن کي حرڪت ۾ آڻڻو پوي ٿو.

(4)

هيستائين هوءَ ڇوواٽو پار ڪري بازار تائين ڪيترائي ڀيرا اچ وڃ ڪري چڪي هئي. اتان سندس گهر گهٽي جي وچ تي ڪاٻي پاسي هو. پر هر ڀيري اتي اچڻ ڪان پوءِ هوءَ پنهنجو ارادو بدلائي بجاءِ گهر جي اندر وڃڻ جي، پوئتي مڙي خانقاهه سان گڏيل گهٽين جي وروڪڙ ۾ گم ٿي ٿي ويئي.

بازار جي وسعت هڪ وڏي ميدان جيتري هئي. اڳوڻن وقتن ڪاروبار وارن ڏينهن تي اها هارين جي گاڏن سان سٽيل هوندي هئي. ان جي هڪ ڇيڙي تي ڪيڙي جي سينٽ هيلن واري سڙڪ يا ييلينتسڪايا هئي ۽ ٻئي ڇيڙي تي هلال جي صورت واري موڙ وٽ هڪ يا ٻه ماڙ اوچيون ننڍيون عمارتون هيون جن کي گودامن دفتر ۽ ڪارخانن طور استعمال ڪيو ويندو هو.

هن ياد ڪيو ته اتي امن وارن ڏينهن ۾ بريوڪانالي عورتن سان نفرت ڪندڙ ۽ سخت بدتميز قسم جو هڪ شخص هوندو هو جنهن کي چشمو ۽ ڊگهو فراڪ

ڪوٽ پاتل هوندو هو. هو چمڙي، جو ۽ گاهه گاڏين جي ڦيٿن ۽ گهوڙي جي ساز ۽ سامان جو واپار ڪندو هو ۽ پنهنجي دڪان جي وڏي لوهي دروازي ٻاهر ڪرسيءَ تي شان سان ويٺو اخبار پڙهندو هو.

اتي هڪ جهڪي روشني واري نندي دريءَ ۾ شاديءَ جي ميڻ بتين جا ڪجهه جوڙا ۽ گتي جي دٻن ۾ پيل گلدستا پيل هئا جن تي ورهين کان ڌوڙ گڏ ٿيندي ٿي آئي. جڏهن ته پوئين واري ڪمري ۾ سواءِ ميڻ جي ٽڪرن جي هزارين روبلين جا سودا ميڻ بتين ٺاهڻ واري هڪ ڪروڙ پتي جنهن متعلق ڪنهن نه ٿي ڄاتو ته هو ڪٿي رهندو هو، جا اڳجاتل نمائندا ڪندا هئا.

هتي دڪانن جي قطار جي وچ ۾ گلوزين خاندان جو هڪ وڏو ٽن درين وارو پسارڪو دڪان هو. ان جي خالي ناهموار پٽ ڪي صبوح، ٻنپهرن ۽ رات ۾ چانهه جي استعمال وارن پنن سان ڌوتو ويندو هو. گلوزين ۽ سندس نوڪر سڄو ڏينهن چانهه پيئندا هئا. هتي گلوزينا جيڪا ان وقت ه ڪنوجوان پرٽيل عورت هئي اڪثر پنهنجي مرضيءَ سان پئسن وٺڻ واري ميز پويان وهندي هئي. سندس پسنديده رنگ هلڪو واڱڻائي هوندو هو. اهو ئي رنگ وڏن ڏينهن تي گرجا ۾ پائڻ لاءِ سندس ڪپڙن جو هوندو هو، ڪنول جي گونچ جي، سندس بهترين مخمل جي لباس جو ۽ سندس چمڪندڙ گلاس جي سيٽ جو به اهو ئي رنگ هوندو هو. اهو خوشي ۽ سندس يادگيرين جو رنگ هو. ڪيس لڳندو هو ته روس جو پڻ انقلاب کان اڳ ان جي ڪنواريٽي وارن ڏينهن ۾ اهو ساڳيو واڱڻائي رنگ هوندو هو. ڪيس پئسن واري ان ميز پويان وهڻ وڻندو هو. چاڪاڻ ته دڪان اندر هڪ واڱڻائي ڌنڌ نشاستي، ڪنڌ ۽ دٻن ۾ پيل گلابي مٺائي جي خوشبو سان گڏجي سندس پسنديده رنگ سان هڪجهڙائي رکي پئي.

هتي ڪاٺ جي گودام وٽ، ڪنڌ تي هڪ پوري رنگ جو پراڻو گهر هوندو هو جيڪو هڪ پراڻي گاڏي جيان چئني پاسن کان ويهي ويو هو. اهو به ماڙ هو ۽ ان ڪي ٻنهي پاسن کان وڏا در لڳل هئا. هر ماڙ ڪي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو هو. هيٺ ساڄي پاسي ڌالڪنو جو دوائن جو دڪان هو ۽ کٻي پاسي قانوني دستاويز تصديق ڪندڙ جو دفتر هو. دوائن واري جي دڪان مٿان عورتن جا ڪپڙا سبندڙ درزي شميلوچ پنهنجي وڏي خاندان سان گڏ رهندو هو. شميليوچ جي ٻئي پاسي ۽ قانوني دستاويز تصديق ڪندڙ دفتر مٿان وارو فليٽ مسواڙين سان سٿيل هو جن جي ڪاردن تي لڪيل نالن ۽

نشانن سان سلمهون وارو سڄو دروازو پريو پيو هو. هتي گهڙين ۽ جوتن جي مرمت ڪئي ويچي ٿي. هتي نقش نگار ناهيندڙ ڪامينسڪي جو ڪارخانو آهي ۽ ٻه فوٽو گرافرڪ ۽ استرادوڪ گڏجي ڪم ڪن ٿا.

جيئن ته پهرين ماڙ واري جاءِ سٽي پيئي هئي ان ڪري فوٽوگرافرن جي نوجوان مددگارن بليزئين، جيڪو هڪ شاگرد هو ۽ ميگيديسن، جيڪو تصويرن جي درستي جو ڪم ڪندو هو. اگهڻ ۾ ڪاٺ جي وڏي ڇاپري جي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجو اونداهو ڪمرو ناهيو هو. اونداهي ڪمري جي دريءَ مان ٽڪل بتي جي ليٿو پائيندڙ ڪاوڙيل ڳاڙهي اک مان خبر پوندي هئي ته اهي ڪم ۾ رڌل هوندا هئا. ان دريءَ جي هيٺان گلر نامڪ زنجير سان ٻڌل وينو هوندو هو پوڪندو شو جيڪا چوواٽي ڪان پري سينٽ هيلن سڙڪ تائين ٻڌي سگهجي پئي.

”اتي اهي ماڻهو ڏڻ جيان پريا پيا آهن. سڄي جو سڄو قبيلو گلورينا ان پوري گهر وٽان گذرندي سوچيو. ” اهو گند ۽ پنڊ جو مرڪز آهي.“ ان جي باوجود هڪدم ئي کيس خيال آيو ته سندس مڙس پاران يهودين سان ايڏي نفرت ڪرڻ غلط هو. اهو نه هو ته اهي ماڻهو ڪي و ”ا زميندار هجن. اهي ايترا اهم نه هئا جو روس جي تقدير تي اثرانداز ٿي سگهن. حالانڪ اهو صحيح هو ته جيڪڏهن پوڙهي شمليووچ ڪان پڇيو وڃي ته سندس روس ۾ ان ڏڦيڙ متعلق ڪهڙو خيال آهي ته ونجي سڄي پنهنجي بدصورت منهن تي ڪل آڻيندي چوندو ته ليبوچڪا (ليو ليوٽراسڪي) پنهنجين سازشن ۾ رڌل آهي.“

اوه، پر انهن بيڪار شين متعلق سوچڻ ۾ ڇو وقت ضايع ڪجي. ڇا انهن جي ڪا اهميت هئي؟ ڇا اهي روس جون بدبختيون هيون. شهر هڪ مصيبت آهن. اهو ناهي ته ٻهراڙي جيئن جو تيئن رهي يا شهرن پويان لڳي ويئي. پر شهرن ڪي پڙهليو ويو ۽ ٻهراڙي وارن کي لازماً پنهنجو ذهن تبديل ڪرڻو پيو. انهن شهرن جي تعليم کي رشڪ سان ڏٺو ۽ انهن جي طور طريقن تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي پر اهي ان ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا ۽ هاڻي اهي نه هڪ پاسي آهن ۽ نه ٻئي پاسي.

يا وري شايد ڳالهه ان جي ابتڙ هجي. شايد اڻ ڄاڻائي سڄي مصيبت جو ڪارڻ آهي؟ هڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو ديوارن جي ٻئي پاسي به ڏسي سگهي ٿو هو هر ٿيندڙ شيءِ جو اڳواٽ اندازو ڪري سگهي ٿو جڏهن ته باقي جڻ اونداهي جهنگل ۾ رهندڙ ماڻهن جيان آهن. اسان جا جڏهن سر لاٿا ويندا آهن ته اسان رڳو

پنهنجن ٽوپلن جي وچائجي وڃڻ کي محسوس ڪندا آهيون. اهو به ناهي پڙهيل ماڻهن لاءِ اڄ ڪلهه وارو دور ڪو سولو هجي. ڏس ته ڏڪار ڪئين نه ڪين شهرن مان لوڏي ڪڍي رهيو آهي! ان سيڪجهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ته ڪري ڏس. ايستائين ته شيطان کي به نه ان جي متي جي خبر پوندي نه پير جي!

ساڳي ريت، اهي ڳوناٺا ماڻهو هئا جن کي چاڻ هئي ته زندگي ڪيئن گذارجي. سندس پنهنجن مائٽن سيليتونس، شيلابيورنس، پيميي پاليخ ۽ موديخ پائرن کي ئي ڏس. انهن پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن دماغن تي پاڙيو ۽ پاڻ پنهنجا مالڪ هئا. شاهراهه تي جلورن پالڻ جا نوان فارم هڪ پيارو منظر پيش ڪندا هئا. چاليهه ايڪڙ زرعي ايراضي، رڍون گهوڙا، سوئر، ڳئون ۽ پالڻ ۾ موجود ايندڙ ٽن سالن لاءِ ڪافي مقدار ۾ مڪئي! ان ڪانسواءِ سندن زرعي اوزار. ايستائين ته وٽن فصل لڻڻ جون مشينون به هيون. ڪولچڪ کين پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ ريجهائي رهيو هو ۽ ڪوميسار کين فاريسٽ فوج ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا. اهي جنگ تان زار جي دور جو اعليٰ ترين فوجي اعزاز جارج ڪراس حاصل ڪري موٽيا هئا ۽ هر ڪو کين فوجي تربيت ڏيندڙ استاد طور رکڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل هو.

مسئلو زار جي دور جو آفيسر هئڻ يا نه هئڻ ناهي. اصل ڳالهه اها آهي ته ماڻهوءَ کي جيڪڏهن پنهنجي ڪم ۾ مهارت حاصل آهي ته سندس ضرورت هر ڪنهن کي پئي ٿي. ماڻهو هميشه پنهنجي جاءِ حاصل ڪري وٺي ٿو.

پر هاڻي اهو وقت هو ته هو گهر وڃي. ڪنهن عورت لاءِ ايڏو اوير ائين گهٽين ۾ رلندو رهڻ سٺي ڳالهه نه هئي. اها ايڏي وڏي ڳالهه نه هجي ها جيڪڏهن هو پنهنجي باغ ۾ هجي ها. پر اتي ايتري ته گپ هئي، بلڪل ئي ڏهڻ جيان هو. بهرحال هن سوچيو ته هاڻي هن بهتر محسوس پئي ڪيو.

پنهنجن خيالن ۾ پوري ريت منجهيل، جنهن جو ڪو سرو ڪيس نه پئي مليو، هوءَ پنهنجي گهر ڏانهن موٽي. پر اندر وڃڻ کان اڳ هن، ڪجهه دير دهليز تي ويهي ڪجهه ٻين شين متعلق سوچيو.

هن انهن ماڻهن متعلق سوچيو جيڪي اڄڪلهه اتسڪوئي تي حڪومت ڪري رهيا هئا. هن گهٽ وڌ اهو ڄاتو ٿي ته اهي ڪهڙي قسم جا ماڻهو هئا. اهي وڏن شهرن مان آيل سياسي جلاوطن جهڙوڪ تيورزن، انتيپوف، ”ڪاري جهندي“ سان لاڳاپيل نراجيت پسند ودوونيچينڪو ۽ مقامي لوهار، ”چتو ڪتو“ گوروزين

جي ريشمي اونداهه کي گرم پئي ڪيو. ساڳي ريت ٻن عنصرن جي باهمي عمل سان ڪمري جي اندر جي بغير هوا واري اونده ۾ پنهنجن مٿي هاٿن پردن سان گڏ اينڊڙ ٿهوار جي واڳٽائي روشنيءَ سان ڪجهه گهٽ ٿي ٿي ويئي.

تصوير واري ڪنواري مريم سونهري فريم مان پنهنجا سنهڙا ڪارا هٿ آزاد ڪري انين مٿي ڪنيا چڻ انهن مان هر هٿ ۾ "خدا جي ماءُ" جي يوناني نالي جا پهريان ۽ آخري اکر هجن. ياقوتي رنگ جي مقدس ليمپ، جيڪا ايتري ڪاري هئي جيتري قلمدان ۾ رکيل ڪا مس ڪيڙي، پنهنجي تارن جهڙي روشنيءَ، جيڪا وڏيل شيشي جي ڪري وکرجي ٿي ويئي، ڪپ سمهڻ واري ڪمري جي قالين تي ڦهلائي ڇڏيو هو.

ڪوٽ ۽ شال لاهي گالوزينا پنهنجي جسم کي هڪ اڏنگي حرڪت ڏني ۽ پنهنجي ڪلهي هيٺان پاسي ۾ ڏنل ٿانڪي جي پراڻي سور کي محسوس ڪيو. هن هڪ ڊنل رڙ ڪئي ۽ ٻڙ ٻڙ ڪندي چوڻ لڳي ته "ڏکويلن جي عظيم محافظ، پاڪدامن خدا جي ماءُ، مصيبت ۾ ورتلن جي مددگار، ڪائنات کي پناهه ڏيندڙ ......" دعا جي اڌ ۾ ٿي هو روئڻ ۾ اچي چتي.

جڏهن سور ختم ٿيو ته هن پنهنجا ڪپڙا لاهڻ شروع ڪيا پر انهن جون پوئتي واريون ڪنڊون سندس هٿن مان لسڪي نرم ورن وڪڙن واري ڪپڙي ۾ گم ٿي ٿي ويون. ڪيس انهن کي وري هٿ ڪرڻ ۾ ڏکيائي پئي ٿي.

سندس سنيال هيٺ رهندڙ ڇوڪري سيوشا جاڳي پيئي ۽ ڪمري اندر هلي آئي.

"امان تون اونده ۾ ڇو ويٺي آهين. ڇا آئون بتي ڪٽي اچان؟"

"نه، نه هتي ڪافي روشني آهي."

"ڇڏ ته آئون تنهنجا ڪپڙا لاهيان. پاڻ کي ٿڪائي نه."

"منهنجون سڀ آڱريون اڱوٺا ٿي ويون آهن. آئون روئڻهارڪي ٿي ويئي آهيان. ان يهودي درزيءَ کي ايترو به عقل ناهي جو ڪنڍيون اٿين لڳائي جو ماڻهو انهن تائين پهچي سگهي. بلڪل چمڙي جيان انڌو آهي. مون کي اهو ذهن ۾ آيو ته ان سڀ کي ڦاڙي وجي سندس بدصورت منهن تي هڻان."

"خانقاهه ۾ انهن ڪيڏي نه پلي نموني ڳايو پئي. ايتري ته خاموشي هئي جو ماڻهو ان کي گهر مان به ٻڌي سگهي."

"ڳائڻ بلڪل ٺيڪ هو منهنجي ڏيءَ، پر منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي. مون کي وري ان ٽانڪي اچي ستايو آهي. هتي ۽ هُتي. هرجاءِ تي سڄي جسم ۾ تڪليف آهي. اِها اهڙي مصيبت آهي جو سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته ڇا ڪيان."

"گذريل پيري هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر اسٽاڊويسڪي تنهنجي مدد ڪئي هئي."

"هو هميشه ڪانه ڪا ناممڪن شيءِ پيو ٻڌائيندو آهي. هي تنهنجو هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر ته نيم حڪيم آهي. هو سٺو ناهي. اها هڪ شيءِ ٿي. ٻي ڳالهه اها نه هو هتان هليو ويو آهي. هو هليو ويو آهي. آئون توکي چوان ته هو شهر ڇڏي ويو آهي. وڃڻ وارن ۾ هو رڳو اڪيلو ناهي. ٻيا سڀ به موڪلڻ کان اڳ ائين پڄي نڪتا آهن ڄڻ ڪين زلزلي يا اهڙي ڪنهن ٻي شيءِ جي توقع هجي."

"ٺيڪ آهي ته پوءِ هن جنگي قيدي هنگريءَ جي ڊاڪٽر متعلق ڪهڙو خيال آهي. سندس علاج توکي چڱو ڀلو ڪري ڇڏيو هو."

"ان جو به ڪو فائدو ڪونهي. آئون توکي چوان پئي ته ڪوبه ماڻهو هتي نه رهيو آهي. ڪيريني لا جوس ٻين هنگري وارن سان گڏ سفيد روسين جي علائقي ۾ نه پرڀئي پاسي آهي. انهن کيس ڳاڙهي فوج لاءِ ڀرتي ڪري ڇڏيو آهي."

" پر امان تون ڇاٽين ٿي ته تون ان متعلق گهڻو پئي سوچين. تنهنجو اندر پريشان آهي. تنهنجي معاملي ۾ صلاح عجب جهڙو ڪم ڪري سگهي ٿي. نيٺ هاري اهو ٿي ڪجهه ته ڪن ٿا. توکي سپاهي جي اها زال ياد آهي جنهن سسُ پُس ڪري تنهنجو سور ختم ڪري ڇڏيو هو؟ سندس نالو ڇا هو؟"

"اڇا واقعي! تون ضرور مون کي هڪ جٽ ۽ مڪمل بيوقوف سمجهين ٿي! ان ڳالهه سان مون کي حيراني نه ٿيندي جيڪڏهن تون منهنجي پويان، "سينتيتيوريڪا" ڳائين."

"امان! تون ڪيئن اهڙي ڳالهه ڪري سگهين ٿي! اهو گناهه آهي. توکي پنهنجو پاڻ تي شرم اچڻ گهرجي. اهو چڱو ٿيندو ته تون ان عورت جو نالو ياد ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪر. اهو منهنجي جيڀ جي چوٽيءَ تي رکيل آهي. مون کي ايستائين آرام نه ايندو جيسين اهو مون کي وري ياد نه ٿو اچي."

"وٽس ايترا پيٽي ڪوٽ ناهن جيترا سندس نالا آهن. مون کي خبر ناهي تون ڪهڙي نالي متعلق سوچي رهي آهين. ماڻهو کيس ڪبيريڪا، ميدويديڪا، زلاٿيڊيريڪا ۽ ان کان سواءِ الائي ٻين گهڻن نالن سان سڏين ٿا. هوءَ به هاڻي هتي

سان ائين گهبرائجي ڏنو ڄڻ انهن کي سونگهيندو هجي. پوءِ هن پنهنجي ٺڪل آواز ۾ تقرير کي جاري رکيو:

"رڳو سوويتن جي وسيلي ئي شهر ۽ ٻهراڙي جي غريبن ۾ اتحاد ٿي سگهي ٿو. ڪٽي هو اهو چاهي يا نه پر سائيبيريا جي هاري کي هاڻي ان ساڳي مقصد لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي. جنهن لاءِ سائيبيريا جي مزدورن گهڻو اڳ پنهنجي ويڙهه شروع ڪئي هئي. سندن گڏيل مقصد ايڊمرلن، جنرلن ۽ نوڪر شاهي جي نفرت انگيز آمريت کي هٿياربند بغاوت ۽ هارين ۽ سپاهين جي سوويتن جي طاقت وسيلي ختم ڪرڻ آهي. بورجوازي جي پاڙيتو آفيسرن ۽ قزاقن، جيڪي ننهن کان چوٽيءَ تائين هٿيار بند آهن، سان وڙهڻ لاءِ باغين کي روايتي اڳين صفن واري جنگ وارو طريقو اختيار ڪرڻو پوندو. اها جدوجهد ڊگهي ۽ سخت هوندي."

هڪ ڀيرو ٻيهر هو ترسيو. پنهنجو منهن اگهيائين ۽ اکيون پوري ڇڏيائين. قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪندي ٻڌندڙن مان هڪ ڄڻي اٿي پنهنجو هٿ مٿي ڪري ڪجهه ڳالهائڻ جي اجازت گهري.

فوجي اڳواڻ يا وڌيڪ صحيح ڄڻجي ته ٽرانس يورال جي فوجي دستن جي ڪيزما گروپ جو ڪمانڊر بلڪل مقرر جي نڪ هيٺان چيڙائيندڙ ۽ لاپرواهي واري طريقي سان ويٺو هو. هن گهڙي گهڙي سندس ڳالهه کي گستاخانا انداز ۾ ڪاٽيو پئي ۽ کيس ڪا عزت نه پئي ڏنائين. اهو يقين ڪرڻ ڏکيو هو ته ايترو نوجوان سپاهي جيڪو مشڪل سان ئي ڪنهن ڇوڪر کان وڏو هوندو، ايڏي سڄي فوج جو اڳواڻ هو ۽ ماتحتن به سندس ڳالهه مڃي ٿي ۽ کيس عزت ڏني ٿي. هو پنهنجن هٿن ۽ پيرن کي پنهنجي گهوڙيسوار فوج واري وڏي ڪوٽ جي هيٺئين حصي سان ويڙهي ويٺو هو. ان جو مٿيون حصو سندس ڪرسي جي پٺ تي پيو هو. جنهن جي ڪلهن وٽ فوجي اعزازن واري جاءِ تي گهرا داغ نظر پئي آيا.جتان اعزازن کي هٽايو ويو هو.

سندس هرپاسي سندس ئي عمر جا خاموش محافظ بيٺا هئا، جن کي رڍ جي کل جا ڪوٽ پيل هئا جيڪي ٿورو پوري رنگ جا ٿي ويا هئا. سندن سهڻن پر پٿريلن چهرن مان سواءِ پنهنجي اڳواڻ سان وفاداري ۽ ڪنهن به قيمت تي سندس حڪم جي بجا آوري ڪرڻ جي ٻيو ڪجهه ظاهر نه ٿي ٿيو. انهن نه بحث ۾ حصو ورتو ٿي ۽ نه ئي ان ۾ اٿاريل مسئلن سان ڪين ڪا دلچسپي هئي. ايستائين جو نه ته انهن ڪجهه ڳالهايو ٿي ۽ نه ئي سندن منهن تي ڪا مرڪ هئي.

ڪمري ۾ ٻيا ٻارنهن ڪان پندرنهن ماڻهو هئا. ڪجهه بيٺا هئا ۽ ٻيا فرش تي ويٺا هئا. اهي ڪاٺ جي ٺاهيل ديوارڪي ٽيڪ ڏيو جنگهون پنهنجي آڏو ڦهلايو يا گوڏن تي پنهنجي ڪاڏي رکيو ويٺا هئا.

ٽي يا چار چڱا خاص مهمان هئا ۽ ڪرسين تي ويٺا هئا. اهي 1905ع واري انقلاب جا جهونا ڪارڪن هئا. منجهن تيوررزن، جيڪو گهڻو ملول ۽ پنهنجي ماسڪو وارن ڏينهن کان گهڻو تبديل ٿيل ٿي لڳو ۽ سندس دوست پوڙهو انتيپوف به هو جيڪو هميشه سندس چيل هر لفظ سان متفق هوندو هو. ديوتائن ۾ شامل، جن جي قدمن ۾ انقلاب پنهنجا تحفا ۽ ٻريل نذرانا رکيا هئا. اهي مورتين جيان خاموش ۽ سنجيده ٿيو ويٺا هئا. اهي اهڙا ماڻهو هئا جن مان سياسي هٺ هر جيئري ۽ انساني شيءِ کي لوڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو.

ڪمري ۾ روسي نراجيت پسندي "ڪاري جهنڊي" جي وڊوويچينڪو جهڙيون ٻيون به شخصيتون هيون جيڪي توجهه لائق هيون. ڪيس هڪ پل لاءِ به آرام نه هو. هن گهڙي گهڙي اٿ ويهه پئي ڪئي يا وري اڳتي پوئتي اچ وڃ ڪري ۽ ڇپري جي وچ ۾ بيهي ٿي رهيو. وڏي مٿي، وڏي وات ۽ شينهن جي وارن وارو ٿلهو هچا جهڙو ماڻهو جيڪو جيڪڏهن اڳ ۾ ترڪيءَ سان جنگ ۾ نه ته به جاپان سان ٿيل جنگ ۾ آفيسر طور شامل هو. هو هڪ خواب ڏسندڙ شخص هو جيڪو پنهنجن انوکن خيالن ۾ ئي گم هوندو هو.

سندس انتهائي سٺي طبيعت ۽ تمام وڏي قد ڪاٺ، جنهن جي ڪري هو پاڻ کان ڪنهن ننڍي شيءَ کي ليکي ۾ ئي نه آڻيندو هو. جي ڪري هو جيڪي ڪجهه ٿي رهيو هو ان تي جوڳي توجهه نه ڏيئي سگهيو ۽ هر چيل ڳالهه کي غلط سمجهي، پنهنجن مخالفن جي خيالن کي پنهنجو ڄاڻي سندس هر ڳالهه سان متفق ٿيندو ويو.

سندس پر ۾ ئي فرش تي سندس دوست شڪاري سويريد ويٺو هو. جيتوڻيڪ هو زمين کيڙيندڙ نه هو پر سويريد جي هارين واري خاڪساري سندس گهري رنگ جي ڪپڙي جي قميص، جنهن کي هن ڳچيءَ مان پاتل صليب سان گڏ مٺ ۾ دٻائي رکيو هو. جي ڪليل حصي مان نظر آئي ٿي. صليب کي گهڙي گهڙي ڇڪي ان سان هن پنهنجي ڇاتيءَ کي کنهيو پئي. سندس واسطو سائيبيريا ۾ رهندڙ منگولن جي قبيلي بريت سان هو. هو خوش مزاج ۽ اٽپڙهيل هو. سندس

ودوويچبيڪو جي وقت کان اڳ جي بيان ته هو پارٽي جي مرڪزي ڪميٽي جي هينئر پڙهيل هدايتن سان سهمت هو، ٿورو هل بکيڙو پيدا ڪيو. جڏهن ٿاپر آئي ته ڪو ستوويدا پنهنجي ڳالهه جاري رکندي چيو ته:

”هارين جي وڏندڙ تحريڪ کي هر ممڪن طريقي سان وسيع پئماني تي پاڻ سان گڏڻ لاءِ ضروري آهي ته پارٽي جي علائقائي ڪميٽي جي ايراضي ۾ ڪم ڪندڙ سيني فوجي دستن سان هڪدم رابطا قائم ڪيا وڃن.“

هن پوري لڪل گڏجاڻي وارين جاين جي بندوبست، ڳجهن لفظن، لڪل اشارن ۽ لاڳاپن جي ذريعن متعلق ڳالهايو ۽ سيئي ڳالهيون تفصيل سان ٻڌايون.

”انهن دستن کي لازمي طور سفيد روسين وٽ موجود هٿيارن، کاڌ خوراڪ ۽ سازوسامان جي ذخيرن جي جاين ۽ انهن مرڪزن، جتي انهن وڏيون رقمون رکيون آهن، جي جاڻ ڏيڻ گهرجي، ان سان گڏوگڏ انهن کي پنهنجي حفاظت متعلق احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ متعلق پڻ ٻڌائڻ گهرجي. اهو ضروري آهي ته فوجي دستن جي تنظيم سان لاڳاپيل سيني سوالن کي تفصيلي طور ڏٺو وڃي. ان ۾ سندن ڪمانڊر ڪامريڊن جو فوجي نظم ۽ ضبط، سازشن بابت ڄاڻ جو ڪم، ٻاهرين دنيا سان لاڳاپو، مقامي آباديءَ سان ورتاءُ، جنگي انقلابي گشتي عدالتون ۽ دشمن جي علائقي ۾ سبوتاز جهڙوڪ پلن، ريلوي پٽڙين، بحري جهازن ٻيڙين، اسٽيشنن ڪارخانن کي سندن سڄي ٽيڪنيڪي سازوسامان، تار جي دفترن، کاڻين ۽ کاڌ خوراڪ جي فراهمي جي ذريعن جي تباهي متعلق حڪمت عمليون وغيره شامل آهن.“

لائبريئس ان کي وڌيڪ سهي نه پئي سگهيو، جيڪي ڪجهه به چيو ويو هو اهو ڪيس هڪ سيڪڙات جي بڪواس پئي لڳو جنهن جو سندس ڪم سان ڪو واسطو نه هو.

”نهايت سٺو ليڪچر آهي، آئون ان کي پنهنجي هنئين سان هنڊائيندس. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسان ڳاڙهي فوج جي حمايت وڃائڻ نه ٿا چاهيون ته اسان کي اهو سڀ ڪجهه احتجاج جي اڪر چوڻ ڪانسواءِ قبول ڪرڻ کپرجي.“

”يقينن توکي اهو ڪرڻو پوندو.“

”۽ منهنجا پيارا ليدوچڪا، تنهنجي ان اسڪولي ٻار واري ڳالهين کي ڇا ڪجي جڏهن ته منهنجيون ٽي رجمنٽون جن ۾ توپ خانو ۽ گهوڙيسوار دستا به شامل آهن، مهينن کان ڪارروائيون ڪري دشمن جو صفايو ڪري رهيون آهن.“

"ڪيڏو نہ شاندار، ڪيڏي نہ قوت آهي." ڪوستوويدا سوچيو.

ان بحث ۾ تيورزن، جنهن کي لائيبريئس جو نامناسب لهجو نہ وڻيو هو، مداخلت ڪندي چيو تہ :

"معاف ڪجو، ڪامريڊ مقرر، هڪ شيءِ مون کي سمجهہ ۾ نہ آئي آهي. مون شايد هدايتن ۾ هڪ نڪتو غلط لکيو آهي. ڇا آئون ان کي پڙهي سگهان ٿو؟ آئون ان متعلق پڪ ڪرڻ ٿو چاهيان. "اها نهايت مناسب ڳالهہ ٿيندي تہ جنگ ۾ حصو وٺندڙ جهونن کي جيڪي انقلاب واري وقت محاذ تي فوجين جي تنظيمن سان لاڳاپيل هئا، ڪميٽي ۾ شامل ڪيو وڃي.اها مناسب ڳالهہ تہ ڪميٽي ۾ هڪ يا ٻہ نان ڪميشنڊ آفيسرن ۽ هڪ فوجي ٽيڪنيشن کي شامل ڪيو وڃي." ڇا ڪامريڊ مقرر مون اهو صحيح لکيو آهي؟"

"بلڪل هڪ هڪ اکر صحيح آهي."

"تہ پوءِ فوجي ماهرن متعلق نڪتو پريشان ڪن ٿو لڳي. اسان پورهيت جن 1905 جي انقلاب ۾ ڀرو ورتو هو، فوجين تي اعتبار ڪرڻ جا عادي ناهيون. انهن منجهہ هميشہ انقلاب دشمن عنصر موجود هوندا آهن."

رڙين جا آواز ٿا اچن، "اهو ڪافي آهي! ٺهراءُ! اسان کي ٺهراءُ آڻڻ گهرجي. گهر وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي، دير ٿي ويئي آهي."

"آئون گهڻائي سان سهمت آهيان." ودوويچيڪو پنهنجي گهري ڪڙڪدار آواز ۾ چوي ٿو، "شاعراڻي نموني ڳالهائيندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سماجي ادارن جي پيڙهہ جمهوريت تي هئڻ گهرجي. اهي ائين هيٺان وڌن جيئن ٻج پوکيا وڃن ٿا ۽ پوءِ اهي ڌرتيءَ ۾ پنهنجيون پاڙون پختيون ڪن ٿا. توهان انهن کي لوڙهي جي ٿنڀن جيان هٿوڙي سان مٿان نہ ٿا کوڙي سگهو. اها ئي جيڪا جيڪوبين آمريت جي غلطي هئي ۽ اهو ئي ڪارڻ هو جنهن جي ڪري ٿرميدو جي حامين ڪنوينشن کي چيڀاڙي ڇڏيو هو."

"اها ڳالهہ ڏينهن جي روشني جيان صاف آهي." سندس دوست ۽ گڏ رلندڙ سويريو سندس پٺڀرائي ڪئي، "ڪو ننڍو ٻار بہ اها شيءِ سمجهي سگهي ٿو. اسان کي ان متعلق گهڻو اڳ سوچڻ گهرجي ها. هاڻي گهڻي دير ٿي ويئي آهي. هاڻي اسان جو ڪم بس وڙهڻ ۽ جيتري اسان ۾ سگهہ آهي اوترڻ اڳتي وڌڻو آهي. هاڻي جڏهن اسان شروعات ڪئي آهي تہ پوءِ پوئتي ڪيئن ٿا موٽي سگهون؟ اسان پنهنجو بسترو وڇائي ڇڏيو آهي، هاڻي اسان کي ان تي ليٽڻو ئي پوندو."

"نهراءِ! نهراءِ!" هر پاسي کان ماڻهو رڙيون ڪري رهيا هئا. انهن ڪجهه وڏيڪ دير تائين ڳالهايو. پر جيڪي انهن چيو ان جو مطلب گهٽبو پئي ويو ۽ نيٺ پرهه ڦٽي مهل گڏجاڻي ختم ٿي. اهي هڪ هڪ ڪري، معمول جو احتياط ڪندي پنهنجي گهرن ڏانهن روانا ٿيا.

(7)

شاهراهه تي هڪ سهڻي منظر وارو مقام هو جتي تيز وهندڙ دريا پازينڪا ڪوٽيني پوساد ۽ مالي يرمولي نالي ٻن ڳوٺن کي ڌار ڪيو ٿي. هڪ ٽڪريءَ تي لاهين ڏانهن هيٺ ويو ٿي ۽ ٻيو ان جي هيٺان ماٿريءَ ۾ ڦهليل هو. ڪوٽيني ۾ ڪولچڪ پاران نون پرتي ڪيلن کي الوداعي دعوت ڏني پئي ويئي ۽ يرمولي ۾ ڪرنل استريس جي اڳواڻي ۾ ڪم ڪندڙ طبي بورڊ، جنهن ايسٽر جي موڪلن کان پوءِ انهن ماڻهن جي چڪاس جو ڪم ٻيهر شروع ڪري ڇڏيو هو جيڪي پرتي لائق هئا. ان موقعي جي لاءِ ڳوٺ ۾ گهوڙيسوار مليشيا ۽ قزاقن کي مقرر ڪيو ويو هو.

اهو غير معمولي طور دير سان شروع ٿيل ايسٽر واري هفتي جو ٽيون ڏينهن هو ۽ غير معمولي طور وقت کان اڳ شروع ٿيل بهار جي مند جو هڪ گرم ڏينهن، جنهن ۾ هوا جو ذرو به نه هو. ڪوٽيني ۾ کليل آسمان هيٺان، شاهراهه کان ٿورو هٽي، ته جيئن اچ وڃ ۾ رنڊڪ نه پوي، ميزون لڳايون ويون هيون جن تي نون پرتي ٿيلن لاءِ کاڌي پيتي جون شيون رکيل هيون. اهي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين لڳايوني ويون هيون پر بلڪل سڌي قطار ۾ نه هئا. انهن کي اڇي ڪپڙي سان ڍڪيو ويو هو جيڪو زمين تي پئي لٽڪيو. اهي سڙڪ تي هڪ ڊگهي اڇي ڪوفتي جيان لڳي رهيون هيون.

ان دعوت لاءِ ڳوٺاڻن پنهنجي پاران پئسا گڏ ڪيا هئا. مک کاڌي جي شين ۾ ايسٽر جا بچيل طعام جن ۾ ٻه پڳل رانون، ٻن جهڙا نهيل ڪيڪ ۽ اهرام جي صورت جهڙا وڏا ڪيڪ جيڪي ايسٽر جي آرتوار تي روزن ختم ٿيڻ جي نشاني طور ناشتي ۾ ڏنا ويندا آهن. شامل هئا. ان جي وچ ۾ ڪائنڊ لاءِ ميز تي اچار جون پياليون، کيرو، وڏن ٽڪرن ۾ وڍيل روٽي جون پليٽون ۽ ايسٽر جي بيضن سان ناهيل مختلف کاڌي جون شيون پڻ هيون. گهڻن بيضن تي گلابي يا هلڪو نيرو رنگ ٿيل هو.

”خدا جو قسم اهو توهان وارو پوڙهو تقرير لاءِ تہ بهترين آهي. ميليوڪوف (دوما جو مشهور رڪن جيڪو انقلاب کان پوءِ پيرس لڏي ويو هو) بہ سائنس مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي.“ گوشيا ريابيخ پنهنجي نشي آور آواز ۾ ميز تي شروع ٿيل نشي واري بڪ بڪ دوران، پنهنجي دوست ۽ پاڙيسري تيريوشڪا، ٽيرينٽي گالوزين، جيڪو سندس پر ۾ ويٺو هو، کي چيو. ”هو واقعي سلو ماٺهو آهي پر آئون نہ ٿو سمجهان تہ هو ائين ئي ڪنهن فائدي کان سواءِ ايڏي سخت محنت ڪندو هوندو. مون کي توقع آهي تہ هو پنهنجي انعام طور توکي ڀرتي ٿيڻ کان بچائي وٺندو.“

”توکي شرم اچڻ گهرجي گوشڪا! تون اهڙي ڳالهہ سوچي بہ ڪيئن ٿو سگهين. ڇا هو حقيقت ۾ مون کي ڀرتي کان بچائي وٺندو. آئون ڪيس اهڙي ڪوشش ڪندي ڏسڻ چاهيان ٿو. آئون بہ ان ساڳي ڏينهن تي پنهنجا ڪاغذ وٺندس جنهن ڏينهن تون وٺندين. اهو بس ائين ئي ٿيندو. اسان ساڳي دستي ۾ هونداسين... انهن حرامين مون کي اسڪول مان لت هڻي ڪڍيو آهي. امان ڏک ۾ ورتل آهي. آئون سمجهان ٿو تہ مون کي هاڻي ڪميشن نہ ملندو. بابا واقعي ڄاڻي ٿو تہ تقرير ڪيئن ڪجي. هو هر ڀيري معرڪو سر ڪري ٿو وٺي. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ اها پوري ريت سندس فطري صلاحيت آهي. هن ڪابہ تعليم حاصل نہ ڪئي آهي.“

”ڇا تو سلڪاپخنتڪين متعلق ٻڌو آهي؟“

”ها. ڇا واقعي ڪيس خطرناڪ بيماري لڳي آهي؟“

”ناقابل علاج. اها کيس ختم ڪري ڇڏيندي. اها سندس پنهنجي غلطي آهي. اسان کيس نہ وڃڻ لاءِ چيو هو. توکي ڪنهن سان ميل جول رکڻ وقت وڏي احتياط کان ڪم وٺڻو پوندو.“

”هاڻي ان جو ڇا ٿيندو گوشڪا؟“

”اهو ڏاڍو تڪليف ڏيندڙ ڪم آهي. هن پاڻ کي گولي هڻڻ ٿي چاهي. کيس گهرايو ويو آهي ۽ يرمولي ۾ هاڻي سندس طبي چڪاس پيئي ٿي. آئون سمجهان ٿو تہ اهي ڪيس ڀرتي ڪندا. ان کان اڳ هن چيو ٿي تہ هو هتان وڃي سماجي بيمارين جو بدلو وٺڻ لاءِ انقلابين سان شامل ٿي ويندو.“

”توکي خبر آهي گوشڪا تہ تون هڪ وچڙندڙ بيماري متعلق پيو ڳالهائين پر جيڪڏهن تون انهن ڏانهن نہ ٿو وڃين تہ توکي شايد ٻي بيماري لڳي وڃي.“

”آئون ڄاڻان ٿو تہ تنهنجو ڇا مطلب آهي. تو کي پاڻ اها ان جي نظرن سان لڳي آهي پر بيماري نہ اها هڪ لڪل برائي آهي.“

”گوشڪا، اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ تي آئون ٺونشو هڻي تنهنجو نڪ ڀڃي ڇڏيندس. ڪنهن دوست سان ڳالهائڻ جو اهو سٺو طريقو آهي تنهنجوا بدبودار ڪوڙو ڪتان جوا“

”ڪاوڙ نہ ڪر. اهو رڳو هڪ پوڳ هو. مون تو کي اهو ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ آئون ايسٽر تي پازنسڪ وٽ ويو هوس ۽ اتي منهنجي ملاقات هڪ مهمان ليڪچرر سان ٿي.. هو نراجيت پسند ۽ نهايت دلچسپ شخص هو. هن شخصيت جي آزادي متعلق ڳالهايو. مون کي اهو وڻيو. نهايت سٺيون ڳالهيون هيون. آئون نراجيت پسندن سان شامل ٿي ويندس. جيڪڏهن مون اٿين نہ ڪيو تہ پوءِ مون تي لعنت هجي. هن چيو تہ جنس ۽ ڪردار حيواني برقي توانائي جو اظهار آهن. تو کي اهو سيڪجهہ ڪيئن ٿو لڳي؟ هو هڪ نهايت ئي ذهين ماڻهو هو. پر منهنجو مٿو ڀاري ٿي رهيو آهي. ماڻهو چئني پاسن کان رڙيون پيا ڪن. اهو ڪنهن ماڻهوءَ کي ٻوڙي ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. مون کان اهو وڌيڪ سٺو نہ ٿو ٿئي. ان ڪري ٽيرينٽي مات ڪر. تو کي چوان ٿو تہ هاڻي خاموش ٿي.“

”ٺيڪ آهي پر گوشڪا مون کي هڪڙي ڳالهہ ٻڌاءِ. مون کي اڃا تائين سوشلزم جي انهن سيني لفظن جي ڄاڻ ناهي. مثال طور سبوتاز ڪندڙ ڪهڙو اظهار آهي؟ ان جو مطلب ڇا آهي؟“

”آئون انهن سيني لفظن جو ماهر آهيان پر ٽيرينٽي آئون تو کي چوان ٿو تہ آئون نشي ۾ آهيان مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي. سبوتاز ڪندڙ اهو هوندو آهي جنهن جو ساٿي گروهہ سان واسطو هوندو آهي. وٺاگا هڪ گروهہ آهي يا نہ؟ ٺيڪ آهي تہ جيڪڏهن تون سواتازينڪ چوين ٿو تہ ان جو مطلب آهي تہ تون ساٿي وٺاگا سان واسطو رکين ٿو. ڪجهہ سمجهہ ۾ آئي ڳالهہ تنهنجي بيوقوف؟“

”اهو ئي مون سوچيو پئي تہ اهو هڪ خراب لفظ آهي پر تون ان برقي قوت متعلق ڳالهائي رهيو هئين. مون ان متعلق ٻڌو آهي. آئون پيٽرزبرگ مان هڪ برقي پيتي گهرائڻ جو سوچي رهيو هوس. مون اها هڪ اشتهار ۾ ڏٺي هئي. جنهن ۾ لکيل هو ”توهان جي قوت ۾ واڌاري لاءِ.“ پر وري هڪ ٻيو انقلاب اچي ويو ۽ ٻين شين متعلق سوچڻو....“

ٽيرينٽي پنهنجو جملو پورو نہ ڪيو. ميز جي چوڌاري نشي وارا آواز هڪ زوردار آواز واري پڙاڏو ڪندڙ ڌماڪي ۾ دٻجي ويا جيڪو گهٽو پري نہ ٿيو هو. هڪ پل لاءِ سڀ ماٺ ٿي ويا. پر پوءِ اجا وڌيڪ شور ۽ هنگامو شروع ٿي ويو. ڪجهہ همراهن پنهنجين نشستن تان اڇل ڏني ۽ اهي جن تي گهٽو نشو نہ چڙهيو هو پنهنجن پيرن تي بيٺا رهيا. ٻين لڏي لمي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٽيڙ ڪائي ميزن هيٺان هليا ويا ۽ ڪونگهرا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيائون. عورتن روئڻ شروع ڪيو. مطلب تہ هڪ بدنظمي ۽ هنگامي جو منظر هو. ولاس اتي بيٺو چوڌاري ڏسندي ان سيڪجهہ لاءِ ذميوار شخص جي ڳولا ڪندو رهيو. شروع ۾ تہ کيس لڳو تہ ڌماڪو ڳوٺ ۾ شايد ميزن جي ويجهو ئي ڪٿي ٿيو هو. سندس ڳچيءَ جون نسون اڀري ويون ۽ منهن ڳاڙهو ٿي ويس. هن گجگوڙ ڪئي تہ، ” اسان جي صفن ۾ غدار ڪير آهي. ڪنهن اها ڪريل حرڪت ڪئي آهي؟ ڪير هٿ وارن بمن کي ڇهاڙيندو ٿو وتي؟آئون پنهنجن هٿن سان ان بلا جو نڙگهٽ ڪڍي ڇڏيندس. پوءِ اهو پلي منهنجو پٽ ئي ڇو نہ هجي. شهريو اسان ڪنهن کي بہ پاڻ سان اهڙن پوڳن ڪرڻ جي اجازت نہ ڏينداسين. اسان کي ڳوٺ کي ڪٽڙو ڏيڻ گهرجي. اسان بدمعاش کي ڳولي وٺنداسين. اسان کيس ڀڄڻ نہ ڏينداسين.“

پهرين تہ انهن سندس ڳالهہ ٻڌي. پوءِ سندن ڌيان مالي يرمولي جي ڏيهي ضلعي هال مان آهستي آسمان ڏانهن اٿندڙ دونهن جي ڪاري ٿنڀ هٽائي ڇڏيو ۽ سيئي نئن جي ڪپ ڏانهن اهو ڏسڻ لاءِ ڀڳا تہ دريا جي هن پاسي ماٿريءَ ۾ ڇا ٿي رهيو هو.

هال کي باهہ وڪوڙي ويئي هئي ۽ گهٽا رنگروٽ. جن مان هڪ اگهاڙين پيرين هو ۽ کيس پتلون ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ پاتل نہ هو. ڪرنل اسٽريس ۽ چونڊ ڪندڙ بورڊ جي ٻين ميمبرن سان گڏ ٻاهر پٺي ڀڳا. گهوڙيسوار قزاق ۽ مليشيا وارا پنهنجن گهوڙن جي زينن مٿان جهڪي ۽ چهبڪ لهرائي پنهنجن گهوڙن. جيڪي سندن هيٺان نانگن جيان لڇي رهيا هئا. ڳوٺ ۾ اڳتي پوئتي ڊوڙائي ڪنهن جي ڳولا ڪري رهيا هئا. گهٽا ماڻهو ڪيتني ڏانهن ويندڙ سڙڪ تي ڊوڙي رهيا هئا ۽ سندن پويان گرجا جون ڪهنٽيون خطري جي اعلان طور وڄي رهيون هيون.

صورتحال نهايت تيزيءَ سان بدلجي ويئي. شام مهل ڪرنل اسٽريس بظاهر ان ڳالهہ جو قائل ٿي تہ سندس شڪاري پرمولي ڇڏي چڪو هو. پنهنجن قزاقن

”زور سان نہ ڳالهايو.“ ڪوسڪا چئي رهيو هو. ” توهان هنيلا شيطانو اسان سيني کي مارائيندائو. ڇا توهان ٻڌي نہ ٿا سگهو؟ اسٽريس جا همراهہ هيٺ مٽي شڪاري ڪتن جيان گهمي رهيا آهن. اهي سڙڪ جي ڇيڙي تائين ويا هئا ۽ هاڻي واپس اچي رهيا آهن. او اتي هو آهن. ساهہ نہ ڪڍجو نہ تہ آئون اوهان کي گهٽو ڏيئي ڇڏيندس. توهان جو نصيب آهي جو اهي هتان هليا ويا آهن. توهان نيٺ هتي آيا ڇو آهيو؟ بيوقوفو. توهان کي نيٺ ڪهڙي شيءِ جي ڪري لڪڻو پيو آهي؟ نيٺ ڪير توهان تي آڱر بہ رکندو؟“

”مون گوشڪا کي رڙ ڪندي ٻڌو تہ ”لڪو“ ۽ آئون سرندو هتي پهچي ويس.“

”گوشڪا وٽ لڪڻ لاءِ مضبوط ڪارڻ آهي. سندس سڄو خاندان تڪليف ۾ آهي. انهن سيني تي شڪ ڪيو ٿو وڃي. سندن ڪجهہ مائٽ ڪودتسڪوئي جي ريلوي يارڊ ۾ ڪم ڪن ٿا. ان ڪري ٿي .... لڇڻ پڇڻ بند ڪر. سکون سان ويهہ تون بيوقوف. ماڻهو سڄي جاءِ تي گند ڪچرو ۽ غلاظت اڇلائيندا رهيا آهن. جيڪڏهن تون ائين ئي حرڪت ڪندو رهندين تہ اهو سڄو گند اچي اسان جي مٿان پوندو. ڇا توکي بدبو نہ ٿي اچي؟ ڇا توکي ڄاڻ آهي تہ اسٽريس ڇو سڄي ڳوٺ ۾ ڊوڙي پيو؟ هو پازينسڪ کان ٻاهر جي ماڻهن کي ڳولي رهيو آهي. هو اِهو ڪم پيو ڪري.“

”اهو سيڪجهہ ڪيئن ٿيو ڪوسڪا. ان سڄي معاملي جي شروعات ڪيئن ٿي؟“

”سانڪا ان جي شروعات ڪئي. سانڪا پفتڪن. اسان سڀ پرتي واري دفتر ۾ اگهاڙي بدن سان قطار ۾ بيهي ڊاڪٽر جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. جڏهن سانڪا جو وارو آيو تہ هن ڪپڙا نہ لاٿا. هو جڏهن دفتر ۾ آيو تہ ٿورو نشي ۾ هو. ڪلارڪ کيس شائستگيءَ سان. ايستائين تہ ”توهان“ چئي ڪپڙن لاهڻ لاءِ چيو.

سانڪا جو مٿو ڦري ويو. هن پنهنجي مٺي کي جهٽڪو ڏيندي چيو تہ آئون ڪپڙا نہ لاهيندس. آئون پنهنجا لڪل عضوا هر ڪنهن کي نہ ڏيکاريندس. ڄڻ تہ هو شرمندو هجي. پوءِ هو آهستي هلندو ڪلرڪ وٽ آيو ۽ کيس ڄاڙيءَ ۾ ڏڪ وهائي ڪڍيائين. پوءِ تون پلي يقين ڪرين يا نہ. ان کان اڳ جو ماڻهو اک ڇنڀي سگهي سانڪا هيٺ جهڪي اتي رکيل ميز کي ٽنگ کان جهلي اونڌو ڪري ڇڏيو. اهو مس ڪپڙي، فوجي فهرستن ۽ ان تي رکيل ٻئي سڄي سامان سان ڌماڪو

ڪري اچي پٽ سان لڳو. پوءِ اسٽريس رڙيون ڪندو اندر آيو ته، ”آئون ڪنهن به قسم جي غنڊه گردي کي برداشت نه ڪندس. آئون هتي رت وهائڻ کان سواءِ وارو انقلاب نه پيو آڻيان. آئون اوهان کي اهو سيکاريندس ته هڪ سرڪاري جاءِ ۾ قانون جي بيحرمتي ڪرڻ جو مطلب ڇا هوندو آهي. توهان جو سرغنو ڪير آهي؟“

سانڪا رڙ ڪئي، ” پنهنجيون شيون ڪٺي وٺو دوستو، اسان پوئتي نه هٽنداسين.“ هن دريءَ وٽ وجي اتان ٽپ ڏنو. مون پنهنجيون شيون ڪنيون ۽ سندس پويان پڳس ۽ ڊوڙندي پنهنجا ڪپڙا پائيندو ويس. هو ٻاهر سڙڪ تي نڪري واچوڙي جيان وٺي ڀڳو. آئون سندس پويان ويس ۽ هڪ ٻه ٻيا همراهه به پويان آيا. اسان سڀ، جيڏو اسان جون ٽنگون ڊوڙي سگهيون ٿي، اوتري تيزيءَ سان ڀڄاسين ۽ اهي اسان جي پويان رڙيون ۽ ڪيڪون ڪندي پئي آيا. پر جيڪڏهن تون مون کان پڇين ته اهو سيڪجهه ڇا جي لاءِ آهي ته ڪنهن کي ان جي سرپير جي ڄاڻ ڪانهي.“

”پر اهو بم وارو ڪهڙو معاملو آهي؟“

”ڪهڙو معاملو؟“

”بم، گرينيڊ يا ڇا به هو پر اهو اڇلايو ڪنهن هو؟“

”اوه خدا، ڇا تون اهو ته نه پيو سوچين ته اهو اسان ڪيو هو؟“

”ته پوءِ ڪنهن ڪيو هو؟“

”آئون ڇا ٿو چئي سگهان؟ اهو ضرور ٻيو ڪو همراهه هوندو. ڪنهن همراهه اهو گوڙ ٿيندي ڏٺو ۽ پنهنجي پاڻ کي چيائين ته آئون ڇو نه ان هنگامي هلندي چالاڪيءَ سان ان جاءِ کي ئي اڏائي ڇڏيان. اهي ٻين تي شڪ ڪندا. اهو ضرور ڪو ”سياسي“ هوندو. پازنسڪ جيڪو سڄو انهن ”سياسين“ سان ڀريو پيو هوندو آهي، مان آيل ڪو ”سياسي“ ....خاموش چپ ڪري ويهه. ڇا تون ٻڌين نه پيو ته اسٽريس جا همراهه واپس اچي رهيا آهن... اهو اسان جو انت هوندو. آئون توهان کي چوان ٿو ماٺ ڪيو.“

آواز سڙڪ تائين ايندي ٻڌڻ ۾ پئي آيا. جوتن جي چرچراهٽ ۽ مهميز جو آواز.

”بحث نه ڪر. تون بيوقوف نه ٿو ٿاهي سگهين.“

پيٽرز برگ واري نج لهجي ۾ ڳالهائيندڙ ڪرنل جو ڪڙڪو حڪم ڏيندڙ ٻڌڻ ۾ آيو. ”مون کي پڪ آهي ته هتي ڪنهن ماڻهو جي ڳالهائڻ جو آواز آيو پئي.“

يرمولي ڳوٺ جو ميٽر، جيڪو هڪ پوڙهو مهاڻو اوٽويازيستين هو، پنهنجا دليل ڏيندو رهيو.

"جناب عالي، توهان کي ضرور وهم ٿيو هوندو، ٻي ڳالهہ تہ ماڻهو ڳوٺ ۾ پلا چو نہ ڳالهائيندا. اهو ڪو گرجا تہ ناهي، ممڪن آهي تہ اهي ڳالهائيندا هجن. گهر ماڻهن سان پريا پيا آهن، ماڻهو ڪي گونگا جانور تہ ناهن. يا وري ممڪن آهي شيطان ڪنهن شخص کي ننڊ ۾ پريشان ڪندو هجي."

"هاڻي تون اسان سان ڪيڏڻ بند ڪر بيوقوف ڳوناٽا. واقعي شيطان! توهان سڀ پنهنجون حدون اورانگهي رهيا آهيو، توهان هاڻي ايڏا سياڻا ٿي پونڊئو جو اڳتي هلي بالشويزم جون ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪندئو."

"خدا جي پناهہ، ڪرنل صاحب توهان اها ڳالهہ ڪيئن ٿا چئي سگهو. اسان جا اهي چٽ ڳوناٽا ايترا تہ اڻ ڄاڻ آهن جو اهي دعائن جو ڪتاب نہ ٿا پڙهي سگهن، بالشويزم سان وري سندن ڪهڙو واسطو!"

"توهان سڀ جيستائين پڪڙجو نٿا تيستائين ائين ئي ڳالهايو ٿا. چا دڪان جي هيٺ کان مٿي تائين تلاشي ورتي ويئي آهي. هر شيءِ کي هيٺ مٿي ڪري ڏٺو آهي ۽ ڌيان رکجو تہ ميزن هيٺان ڏسڻ نہ رهجي ويو هجي."

"ٺيڪ آهي، جناب اعليٰ ائين ئي ڪيو آهي."

"مون کي پنتتڪن، ريابخ، نيخوالينخ جيڙا يا مٿل گهرجن. مون کي فڪر ناهي جيڪڏهن توهان انهن کي سمنڊ جي تري مان ٿاڪٽي اچو. ها ۽ گالوزين جو پونگڙو بہ. مون کي پرواهہ ناهي تہ سندس پيءُ حب الوطني واريون گهٽيون تقريرون ٿو ڪري، هو ڏرتي ۾ آڪاش کي تہ هڪ ڪري سگهي ٿو پر اسان کي بيوقوف نہ ٿو بڻائي سگهي. اتي ضرور ڪاگڙبڙ هوندي آهي جڏهن ڪو دڪاندار ائين تقريرون ڪندو وتندو آهي. اها ڳالهہ مشڪوڪ ۽ غير فطري آهي. اسان وٽ اطلاع آهن تہ گالوزين سياسي ڏوهارين کي پناهہ ڏئي ٿو ۽ مقدس صليب واري پنهنجي گهر ۾ غير قانوني گڏجاڻيون منعقد ڪري ٿو. ان وات ڳاڙهي چوري کي مون وٽ آڻيو. مون اڃا سوچيو ناهي تہ ساڻس ڪهڙو ورتاءُ ڪندس، پر جيڪڏهن سندس خلاف ڪا شيءِ هٿ آئي تہ پوءِ آئون ڪيس اهڙي سيکت ڏيندس جو ٻين لاءِ مثال بڻجي ويندو."

ڳولا ڪندڙ پري هليا ويا. جڏهن اهي ڪافي پري ٿي ويا ته ڪوسڪا ٽيرينٽي، جنهن جو ڊپ ۾ ساهه ٿي نڪتو، ڪي سڙٻاٽ ڪندي چيو ته :

"اها ٻڌيئي؟"

"ها" هن بدليل آواز ۾ سرگوشي ڪئي.

"ته پوءِ هاڻي منهنجي لاءِ، تنهنجي لاءِ ۽ سانڪا ۽ گوشڪا لاءِ رڳو هڪ پناهه گاهه آهي ۽ اها آهي جهنگل. منهنجو اهو مطلب ناهي ته اسان اتي هميشه لاءِ رهي پونداسين پر ايستائين جيستائين ٺاپر اچي، پوءِ اسان موٽڻ لائق هونداسين."

☆

باب يارهون

# جهنگ جي پائپي

(1)

يوري جي باغين هٿان باندي بنجڻ کي اٽڪل ٻه سال ٿي ويا هئا. سندس آزادي جي حدن کي نهايت مبهم رکيو ويو هو. سندس قيد واري جاءِ اوچين ديوارن سان گهيريل نه هئي. نه ڪنهن محافظ سندس مٿان چوڪسي ٿي ڪئي ۽ نه ئي ڪنهن سندس اچ وڃ تي نظر ٿي رکي. باغي فوج لاڳيتو حرڪت ۾ هوندي هئي. اها جن زمينن ۽ آبادين مان گذري ٿي اتان جي مقامي ماڻهن کان پاڻ کي ڌار نه ٿي رکيائين. اها ساڻن گڏجي ۽ درحقيقت انهن جو حصو بڻجي ٿي ويئي.

ائين ٿي لڳو ته ڄڻ يوريءَ جو قيد، سندس مجبوري رڳو هڪ نظر جو دوکو هو جڏهن ته هو حقيقتاً آزاد هو ۽ رڳو پنهنجي آزاديءَ جو فائدو وٺڻ ۾ ناڪام ويو هو. سندس قيد، سندس مجبوري درحقيقت زندگيءَ جي ٻين مجبورين، جيڪي ٻه گهٽو ڪري اڻ ڏٺيون ۽ اڻ محسوس ٿيل ۽ گهٽو ڪري رڳو خيالي ۽ وهم جيان لڳنديون آهن، جيان هو. جيتوڻيڪ ڪيس ٻڌو، زنجيرن ۾ جڪڙيو يا چوڪسي هيٺ نه رکيو ويو هو پر يوري کي پنهنجي ان قيد جيڪو پلي ڪيترو به خيالي چو نه لڳندي هجي، کي قبول ڪرڻو هو.

باغين وٽان ڀڄڻ جي سندس ٽنهي ڪوششن جو نتيجو سندس گرفتاري جي صورت ۾ نڪتو هو. ڪيس سزائن کي منهن ڏيڻو نه پيو پر هو باهه سان کيڏي رهيو هو ۽ پيهر هن اهڙي ڪوشش نه ڪئي.

باغين جو اڳواڻ لائيبيريئس ميڪولتيسين سندس پاسو ڪندو هو. هو سندس سات کي پسند ڪندو هو ۽ ڪيس پنهنجي تنبوءَ ۾ سمهاريندو هو. يوري کي سندس اهو زوريءَ جو سات تنگ ڪندو هو.

(2)

ان دوران باغي لاڳيتو اوپر ڏانهن وڌي رهيا هئا. ڪنهن وقت اها حرڪت هڪ پيش رفت ۽ ڪولچڪ کي اُلهندي سائيبيريا مان ڪڍڻ جي عام مهم جو حصو هوندي هئي ۽ ڪنهن وقت جڏهن سفيد روسي پويان کان حملو ڪري سرخن کي گهيري ۾ آڻڻ واري صورتحال پيدا ڪري ڇڏيندا هئا ته اوپر ڏانهن اها ساڳي پيش رفت پاڇ ۾ بدلجي ويندي هئي. گهڻي عرصي تائين يوريءَ ان جو ڪو مطلب نه ڪڍي سگهيو.

سندن رستو شاهراهه سان گڏوگڏ ۽ ڪڏهن ڪڏهن شاهراهه کي استعمال ڪرڻ به هوندو هو. واٽ تي ايندڙ ننڍا شهر ۽ ڳوٺ جنگ جي صورتحال جي لحاظ کان سرخا يا سفيد هوندا هئا. انهن کي ڏسي اهو چوڻ ڏکيو هو ته ڪنهن خاص وقت تي اهي ڪنهن جي حاڪميت هيٺ هئا.

جڏهن هارين جي فوج ڪنهن آباديءَ مان گذرندي هئي ته اتي موجود هي هر ڪا شيءِ غير اهم بڻجي ويندي هئي. سڙڪ جي ٻنهي پاسن کان بيٺل گهر چڻ سوڙها ٿي زمين ۾ هليا ويندا هئا ۽ سوار، گهوڙا، بندوقون ۽ وڏا جانٺا مڙس گپ مان گذرندي چندا اڏائيندا گهرن کان ڊگها لڳندا هئا.

هڪ ڏينهن جڏهن اهي پازينسڪ نالي هڪ ننڍي شهر ۾ هئا، اتي يوري دوائن واري دڪان تي ويو ته جيئن برطانيا پاران موڪليل دوائن جي ان ذخيري کي سنڀالي سگهي جيڪو جنرل ڪيپل جي اڳواڻي ۾ وڙهندڙ فوجي ڇڏي ويا هئا ۽ هاڻي باغين ان تي مال غنيمت طور قبضو ڪيو هو.

اها هڪ اونداهي ۽ مينهن واري شام هئي جنهن ۾ به رنگ هئا. جتي وڄ چمڪي ٿي اها جاءِ اڇي هئي ۽ باقي هر جاءِ تي ڪاراڻ هئي. يوري جو مزاج به اهڙو ئي اداس هو ۽ ان ۾ به رنگي سان ڪو فرق نه پيو هو.

سڙڪ فوجن جي اچ وڃ ڪري پوري ريت تباهه ٿي ويئي هئي ۽ سواءِ ڪاري گپ جي دريا، پيو ڪجهه به نه هو.

ان کي رڳو ڪجهه جاين تان پار ڪري سگهجي پيو ۽ اوستائين به گهڻي مفاصلي تائين گهرن جو سهارو وٺي پهچي سگهجي پيو .انهن حالتن ۾ يوريءَ جي ملاقات پيلاگيا تياگونووا سان ٿي جيڪا ٽي سال اڳ ماسڪو مان آيل ٽرين ۾ سندس سفر جي ساٿي هئي.

پهرين هن کيس سڃاتو. کيس ان عورت کي ياد ڪرڻ ۾ ڪجهہ پل لڳا جيڪا سڙڪ جي ٻئي پاسي کان، اٿين چڻ تہ نهر جي ٻئي ڪپ تي هجي، کيس اهڙي تاثر سان ڏسي رهي هئي، جنهن ۾ اهو اشارو هجي تہ جيڪڏهن هن کيس سڃاتو تہ اها کيس ڪيڪارڻ لاءِ تيار هئي ۽ جيڪڏهن نہ سڃاتائين تہ پوءِ اها بہ پنهنجي سڃاڻپ نہ ڪرائيندي.

نيٺ هوءَ کيس ياد اچي ويئي. سٽيل مال گاڏي، زوري ڀرتي ڪيل پورهيت ۽ سندن محافظن ۽ ڪلهي تي لٽڪيل چوٽيءَ واري عورت سان گڏ سندس ذهن ۾ پنهنجي خاندان جي هڪ تصوير اڀري آئي. سفر جا سڀ تفصيل ۽ سندس پيارن جا چهرا، جن کي هن شدت سان ياد ڪيو ٿي، واضح طور تي سندس ذهن ۾ تري آيا.

هن سڙڪ تي اڳتي وڌندي، جتي پٿر جا ڏاڪا هئا پيلاگيا ڏانهن ڏسي ڪنڌ لوڏيو ۽ ساڄي سمت ۾ هلندي سڙڪ پار ڪري کيس ڪيڪاريو.

هن کيس گذريل ٻن سالن ۾ ٿيل گهٽين شين متعلق ٻڌايو. کيس خوبصورت ۽ شريف صورت واري ڇوڪري واسيا، جنهن کي غلط طريقي سان زوري ڀرتي ڪيو ويو هو ۽ جيڪو ساڻن گاڏي ۾ گڏ هو، جي ياد ڏياريندي ٻڌايو تہ هوءَ ٻن سالن تائين سندس ماءُ سان سندن ڳوٺ ويرينتينڪي ۾ رهي هئي. هو ساڻن رهندي گهڻو خوش هئي پر ڳوٺ وارا کيس هڪ ٻاهريون ماڻهو ڪري ليکيندا هئا. پوءِ مٿس غلط طريقي سان واسيا سان پيار ڪرڻ جو ڏوهہ مڙهيو ويو ۽ نيٺ کيس موت کان بچڻ لاءِ ڳوٺ ڇڏڻو پيو. پوءِ هوءَ پنهنجي پرڻيل ڀيڻ اولگاگالوزينا وٽ مقدس صليب واري شهر ۾ وڃي رهي. انهن افواهن تہ پريتيوليف کي هتي ڪٿي ڏٺو ويو هو، کيس پازينسڪ آندو هو. افواهہ غلط ثابت ٿيو ۽ هوءَ هن ننڍي شهر ۾ دربدر ٿي ويئي، پوءِ هتي کيس روزگار ملي ويو.

ان دوران بدقسمتي سندس دوستن مٿان اچي ڪڙڪي هئي. ويرنتيڪي تي خوراڪ جي رسد روڪڻ جي بدلي وٺڻ لاءِ ڪاهہ ڪئي ويئي. اهو چيو ويو تہ واسيا جي گهر کي ٻاريو ويو هو تہ سندس گهر جو هڪ ڀاتي ان باهہ ۾ سڙي ختم ٿي ويو هو. جڏهن تہ مقدس صليب واري شهر ۾ پيلاگيا جي ڀيڻويي ولاس گالوزين کي، ڪنهن نہ ٿي ڄاتو تہ . باندي ٻڌايو ويو هو يا گولي هڻي ويئي هئي ۽ سندس ڀاڻيجو غائب ٿي ويو هو. سندس ڀيڻ ڪجهہ وقت تائين تہ بکون ڪاٽيون پر پوءِ پنهنجي گذاري لاءِ هارين جي هڪ خاندان، جيڪي سندس مائٽ هئا، ۾ نوڪر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين.

اهو اتفاق هو تہ يوري جنهن دوا فروش جي دوائن کي پنهنجي قبضي ۾ ونڻ لاءِ ويو پئي، پيلاگيا ان دوا فروش ۽ٽ ئي ٽنون ڏوئڻ جو ڪم ڪندي هئي. هن سميت دوا فروش ڇا سيئي گهر ياتين ان قدم سان تباهہ ٿي ٿيا پر يوري ان کي روڪڻ ۾ بيوس هو. پيلاگيا دوائن کي قبضي ۾ ونڻ وقت موجود هئي.

يوريءَ جي گاڏي کي دڪان جي پوئين پاسي آندو ويو. تيلهن، دٻن کي ٻاهر آندو ويو.

ماڻهن سان گڏوگڏ دوا فروش جي نہل ۽ خارشي گهوڙي بہ پنهنجي اصطبل مان دوائن کي ڪٽي وڃڻ جي ان عمل کي اداسيءَ سان ڏٺو. مينهن وارو ڏينهن پنهنجي پڇاڙيءَ تي هو. آسمان ٿورو صاف ٿي ويو هو. ڪڪرن ۾ گهيريل لهندڙ سج ليٿو پاتو ۽ پنهنجي گهري سنهري ڪرڻن کي اڱڻ ۾ وکيريندي ڇيٽي وارن پاڻيءَ جي دٻن کي ڇڻ سونو رنگ ڏيئي ڇڏيو. هوا انهن ۾ حرڪت پيدا نہ پئي ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ ڇيٽي سان ڀريل پاڻي وزني هئڻ ڪري حرڪت ڪرڻ کان زور هو. پر رستي تي بيٺل مينهن جي پاڻيءَ ۾ ڳاڙهسري چمڪ هئي.

فوج سڙڪ تي پنهنجي سفر کي جاري رکيو. پاڻيءَ جي گهرن تلائن کي انهن پنڌ يا سوار ٿي چوڏاري ڦري پار ٿي ڪيو. دوائن جي ذخيري ۾ ڪوڪين، جنهن جي تازو باغين جي اڳواڻ کي عادت پيئي هئي، جو هڪ دٻو پڻ هو.

(3)

سردين ۾ ٽائفس ۽ گرمين ۾ دستن جي بيماريءَ سان گڏ جنگ ۾ تيزي اچڻ ڪري زخمين جي تعداد ۾ پڻ واڌارو ٿي ويو هو. يوري گهڻو مصروف ٿي ويو هو.

ناڪامين ۽ گهڻين پسپائين جي باوجود باغين جي تعداد ۾ انهن علائقن جي ماڻهن، جتان هارين جي اها فوج گذري ٿي ۽ دشمن کان ڀڳل سپاهين جي شموليت ڪري لاڳيتو واڌارو ٿي رهيو هو. يوري جيڪي ارڙهن مهينا پنهنجي دستي سان گذاريا هئا، ان دوران اهو پنهنجي اصلوڪي تعداد کان ڏهوڻو ٿي ويو هو ۽ در حقيقت ان سطح تي پهچي ويو هو جنهن جي دعويٰ ليبريئس مقدس صليب واري شهر ۾ ٿيل گڏجاڻي ۾ ڪئي هئي.

يوري وٽ گهڻا نوان مقرر ٿيل پر تجربيڪار اردلي ۽ بہ مک مددگار هئا جيڪي ٻيئي اڳوڻا جنگي قيدي هئا. منجهانئن هڪ هنگري جو هڪ ڪميونسٽ

ڪيريني لاجوس هو جيڪو آسٽريا جي فوج ۾ ميڊيڪل آفيسر رهيو هو ۽ ٻيو هڪ ڪروٽ انجيلر هو جنهن ڊاڪٽر جي جزوي سکيا ورتي هئي. يوري ڪيريني لاجوس سان جرمن ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندو هو. انجيلر ٿوري روسي سمجهندو هو.

(4)

ريڊڪراس جي بين الاقوامي ڪنوينشن موجب فوجي طبي عملي کي ڪنهن به صورت ۾ ڌرين جي فوجي ڪارروائين ۾ حصو وٺڻ نه گهرجي، پر هڪ موقعي تي يوري کي ان اصول کي ٽوڙڻ تي مجبور ڪيو ويو. هو ان وقت ميدان ۾ هو جڏهن ويڙهه شروع ٿي ويئي ۽ ڪيس ويڙهاڪن سان ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻو پيو.

جنهن محاذ تي هو دشمن جي فائرنگ ۾ وڪوڙجي ويو هو اهو جهنگل جي ڪناري تي هو. هن پنهنجو پاڻ کي دستي جي ٽيليفون سنياليندڙ همراهه پرسان زمين تي ڪيرائي ڇڏيو. جهنگل سندن پويان هو. سندن آڏو ميدان هو ۽ ان کليل غير محفوظ جاءِ جي ٻئي پاسي سفيد روسي ڪاهه ڪري رهيا هئا.

سفيد روسي هاڻي ايترو ويجهو هئا جو يوري سندن منهن ڏسي سگهيو ٿي. انهن ۾ وڏن شهرن مان شهري آبادي مان تازو ڀرتي ڪيل ڇوڪرا ۽ محفوظ فوج مان ڪنيل وڏي عمر جا ماڻهو هئا. ويڙهه جو رخ طئي ڪندڙ يونيورسٽين جي پهرئين سال يا هاءِ اسڪول جي آخري سال جا نوجوان شاگرد ٿي هئا.

يوري منجهائڻ ڪنهن کي نه ٿي سڃاتو پر پوءِ به گهڻا چهرا ڄاتل سڃاتل ٿي لڳا. ڪجهه ڇڻن کي ڏسي ڪيس اسڪول جا دوست ياد اچي ويا ۽ هن ويچاريو ته ڪٿي اهي سندس ننڍا ڀائر ته نه هئا. ٻين لاءِ ڪيس لڳو ته هن انهن کي ماضيءَ ۾ ٿيئٽر جي ميڙ يا سڙڪ تي ڪٿي ڏٺو هو. سندن ڳالهائيندڙ چهرن ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو ٿي. اهي ڪيس پاڻ جهڙا، پنهنجا ئي ماڻهو ٿي لڳا.

پنهنجي فرض جي ادائيگي جي احساس، جيئن انهن ان کي سمجهيو ٿي، ڪين هڪ غير ضروري ۽ ڇڙ ڏياريندڙ وجداني بهادريءَ سان ڀري ڇڏيو هو. ڦهلجي اڳتي وڌنڌي اهي پريڊ ڪندڙ شاهي محافظن کان وڌيڪ چست ۽ تيز پئي لڳا ۽ سينا تاڻي هٿ سان هلندا پئي ويا. ان ڳالهه جي باوجود ته زمين جو اهو ٽڪرو ايترو هيٺ مٿاهون هو جو ڪين لڪائي پئي سگهيو، پر نه ته اهي ڊوڙيا ٿي ۽ نه ئي پاڻ کي زمين تي ڦٽو ٿي ڪيائون. انقلابي فوج جي گولين ڪين ڇڻ ته گاهه جيان لٽي ڇڏيو هو.

وسيع ۽ ويران ميدان ۾ هڪ بي جان وڻ هو جنهن کي وڄ ساڙي ڇڏيو هو يا باهه خاڪ ڪري ڇڏيو هو يا وري اگ ٽيل ويڙهن ۾ ان کي ٻاريو ۽ وڪيريو ويو هو. هر اڳتي وڌندڙ رضاڪار انّ تي نظر وجهي ان جي پويان پناهه وٺڻ ۽ هڪ يقيني نشاني جي ترغيب سان وڙهندي، ان خيال کي پاسيرو ڪري اڳتي وڌي ٿي ويو.

باغين وٽ گولين جو محدود تعداد هو ۽ ڪين اهي حڪم مليل هئا جن جي توثيق علاقائي ناهه وسيلي ٿي هئي ته پاڻ کان اعليٰ معيار جي فوج سان ٽڪراءُ ۾ نه اچن ۽ رڳو گهٽ فاصلي تان گولي هلائين.

يوري وٽ رائفل نه هئي. هو گاهه تي ليٽيو ويڙهه کي ٿيندي ڏسي رهيو هو. سندس سڀ همدرديون انهن سورما ٻارن سان هيون جيڪي موت کي گلي لڳائي رهيا هئا. سچي دل سان هو سندن ڪاميابيءَ جو گهُورو هو. انهن جو واسطو انهن خاندان سان هو جيڪي شايد پنهنجي جذبي، تعليم، اخلاقي نظم و ضبط ۽ قدرن ۾ ساڻس هڪجهڙائي رکندا هئا.

ڪيس خيال آيو ته هو ڊوڙي ميدان ۾ وڃي ۽ پنهنجو پاڻ کي انهن جي حوالي ڪري ۽ اهڙي ريت پنهنجي آزادي ماڻي. پر اهو انتهائي خطرناڪ هو.

جڏهن هو پنهنجا هٿ مٿي ڪري ڊوڙي رهيو هوندو ته ڪيس ٻنهي پاسن کان گوليون هنيون وينديون. ڇاتيءَ ۾ به ۽ پويان به. انقلابين ٻاران سندس غداريءَ جي سزا طور ۽ سفيد روسين ٻاران سندس ارادن کي نه سمجهي سگهڻ ڪري. هن ان قسم جي صورتحال کي ڇاتو ٿي. هو اڳ به اهڙي صورتحال کي منهن ڏيئي چڪو هو. هن اهڙي طرح فرار جي سمورن امڪانن تي غور ڪيو هو ۽ انهن کي فضول سمجهي رد ڪري ڇڏيو هو. اهڙيءَ ريت هو پنهنجو پاڻ کي ورهايل احساسن جي حوالي ڪري پيٽ ڀر گاهه تي ليٽي منهن ميدان ڏانهن ڪري هٿيارن کان سواءِ ويڙهه کي ڏسندو رهيو.

پر جڏهن اها موتمار ويڙهه چئني پاسن کان زور شور سان هلندڙ هجي، ان کي ماٺ ڪري ڏسندو رهڻ ناممڪن هو. اها ڳالهه انساني سهپ کان ٻاهر هئي. اهو ان ڊر سان، جنهن ڪيس ٻڌي ٻڌايو هو، وفاداري يا سندس پنهنجي بچاءَ جو سوال نه، پر ٿيندڙ واقعن آڏو پاڻ کي پيش ڪرڻو هو. انهن قانونن آڏو جيڪي سندس نظرن آڏو ٿيندڙ حالتن جو تعين ڪن ٿا. ان کان ٻاهر رهڻ قاعدن قانونن جي خلاف هو. ڪيس اهو ئي ڪرڻو هو جيڪي هر ڪو ڪري رهيو هو. هڪ ويڙهه هلندڙ هئي.

مٿس ۽ سندس ساٿين تي گوليون هلايون پئي ويون. ڪيس جواب ۾ ضرور گولي هلائڻي هئي.

ان ڪري جڏهن سندس پر ۾ پيل ٽيليفون آفيسر جهٽڪو ڏيئي ٿڏو ٿي ويو ته هو ريڙهيون پائيندو وٽس ويو. سندس گولين جو پٽو ۽ رائفل ڪنيائين ۽ پنهنجي جاءِ ڏانهن ويندي هڪ بئي پويان گوليون هلائيندي رائفل خالي ڪري ڇڏيائين.

پر رحم جي جذبي ڪيس نوجوانن، جن ڪي هن ساراهيو ٿي ۽ جن سان ڪيس همدردي هئي، تي نشاني هڻڻ کان جهلي ورتو. رڳو هوا ۾ گوليون هلائڻ پڻ نسوري بيوقوفي هئي. ان ڪري هن بي جان وڻ تي گوليون هلايون ۽ ان ڳالهه ڪي نظر ۾ رکيو ته گولي ان وقت هلائي جڏهن سندس نشاني ۽ سندس وچ ۾ ٻيو ڪو ماڻهو نه هجي. هن پنهنجو طريقو اختيار ڪيو.

پنهنجين نظرن ڪي ڇمائيندي نشاني ڪي سڌارينديءَ سان درحقيقت بندوق جي گهوڙي کي ايترو آهستي دٻايو ٿي جو ڄڻ سندس ارادو گولي هلائڻ جو نه هجي. اهڙيءَ ريت نيٺ سندس گولي غير متوقع طور تي سندس پراڻي عادت جيان نيڪ نشاني تي لڳي، سائي وڻ جي هيٺين ٽارين کي ڏار ڪري وڻ جي چوڌاري وکيري ٿي ڇڏيو.

پر افسوس هن جيتري احتياط ڪئي ٿي ته گولي ڪنهن کي نه لڳي اوترو جڏهن به هن گولي هلائي ٿي ته ڪونه ڪو نوجوان عين وقت تي ان جي زد ۾ اچي ٿي ويو. ٻن ڄڻن کي هن ڦٽي وڌو هو ۽ هڪ، جيڪو وڻ جي ويجهو ڪريو هو، شايد مري ويو هو.

آخرڪار، سفيد روسين جي ڪمان ان نتيجي تي پهتي ته اهو حملو فضول هو ۽ ان پنهنجن همراهن کي پوئتي هٽڻ جو حڪم ڏنو.

انقلابين جو تعداد گهٽ هو. سندن وڏي فوج جي هڪ حصي مارچ پئي ڪيو ۽ ٻيا ڪجهه پري دشمن جي هڪ وڏي جٿي سان ويڙهه ۾ رڌل هئا. پنهنجي ڪمزوريءَ کي لڪائڻ لاءِ انهن پوئتي هٽندڙ دشمن جي پويان وڃڻ کان پاسو ڪيو.

يوري جو مددگار انجيلر استريچر ڪٽي ايندڙ ٻن اردلين سان گڏ اچي ساڻس مليو. ڪيس ڦٽيلن کي ڏسڻ جو چئي يوري هڪ مبهم اميد سان ٽيليفون آفيسر مٿان جهڪيو ته متان هو اجا ساهه کڻندو هجي ۽ ڪيس هوش ۾ آڻي سگهجي. پر جڏهن هن قميص کولي سندس دل کي ڏٺو ته ڪيس خبر پئي ته اها بيهجي ويهي هئي.

مٿل همراهہ جي ڳچيءَ ۾ ريشمي ڌاڳي سان هڪ تعويذ ٻڌل هو. يوري ان کي لاٿو. ان ۾ ڪپڙي جي هڪ ٽڪري ۾ ڪاغذ جو هڪ ٽڪرو سبيل هو جنهن جون ڪنڊون ڳري سڙي ويون هيون.

ڪاغذ جيڪو يوري جي کولڻ سان ئي جڻ پرزا پرزا ٿي ٿيو، تي انجيل جي ايڪانوين آيت جا ڪجهہ حصا لکيل هئا. انهن ۾ اهڙيون تبديليون ۽ بگاڙ پيدا ٿي ويو هو جيڪو اڪثر ماڻهن ۾ مقبول ۽ گهڻو ورجايل دعائن ۾ گهڙي ايندو آهي ۽ ان کي اصل کان پري ڪندو ويندو آهي. سلووينڪ گرجا جي متن کي روسيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو هو.

دعا جا لفظ "افضل ترين هستيءَ جي مدد شامل حال هجي." بدلجي عنوان، "پروردگار جي مدد" بڻجي ويا هئا. اها آيت تہ، "ڏينهن جي روشنيءَ ۾ هلندڙ تير کان توکي ڊپ نہ ٿيندو" بدلجي "جنگ ۾ هلندڙ تير کان ڊپ نہ ڪر" ٿي ويئي هئي. جتي دعا ۾ چيل هو تہ، "هو منهنجو نالو ڄاڻي ٿو." اتي ڪاغذ تي لکيل هو، "هو منهنجو نالو نہ ٿو ڄاڻي." ۽ اهو تہ "تڪليف ۾ آئون ساڻس گڏ هوندو آهيان ۽ کيس آسيس ڏيندو آهيان." بدلجي، "جلدئي رات ۾ ساڻس گڏ هوندس" ٿي ويا هئا.

ان متن کي معجزاتي ۽ گولين خلاف حفاظت ڪري ڇاتو ويندو هو. ان کي گذريل سامراجي جنگ دوران سپاهي تعويذ ڪري پائيندا هئا. گهڻا سال پوءِ جيل ۾ قيدي انهن کي پنهنجن ڪپڙن ۾ سبي ڇڏيندا هئا ۽ جڏهن کين رات جو پڇا ڳاڇا لاءِ گهرايو ويندو هو تہ ان جا اکر دل ئي دل ۾ پيا ورجائيندا هئا.

ٽيليفون آفيسر کي ڇڏي يوري ميدان ۾پيل ان سفيد محافظ وٽ ويو جنهن کي هن ماري ڇڏيو هو. ڇوڪري جي سهڻي چهري تي معصوميت ۽ سيڪجهہ معاف ڪرڻ واري ايذاءَ جا نشان هئا. "مون هن کي ڇو ماريو؟" يوري سوچيو. هن ڇوڪري جو ڪوٽ لاهي ان کي کوليو. ڪنهن پيار ڪندڙ ۽ شايد سندس ماءُ جي هٿ سندس ۽ سندس خاندان جو نالو سريوزا رنتسيوچ ان تي ڳنڍيل اکرن ۾ اٽيو هو. سريوزا جي قميص کي کولڻ سان سندس ڳچيءَ ۾ لٽڪيل زنجير ۾ هڪ صليب، هڪ لاڪيٽ ۽ هڪ ننڍو سونو دٻو، جيڪو ناس رکڻ جهڙي دٻليءَ جهڙو هو. جنهن ۾ ائين ڪپ پيل هو جڻ ان ۾ ڪوڪو هنيو ويو هجي، ٻاهر نڪري آيا. هڪ ڪاغذ ٻاهر ڪريو. يوري ان کي کوليو ۽ کيس پنهنجين اکين تي يقين نہ آيو. اها ساڳي ايڪانوين دعا هئي پر هاڻي پنهنجي پوري ۽ اصلي سلوويني متن ۾ ڇپيل هئي.

ان وقت سريوزا حرڪت ڪري ڪنجهيو، هو جيئرو هو.

پوءِ خبر پيئي تہ معمولي اندروني ڌڪ لڳڻ ڪري هو بيهوش ٿي ويو هو. گوليءَ ڪي سندس ماءُ جي تعويذ روڪي ڇڏيو هو ۽ ان ڪيس محفوظ رکيو هو. پر هاڻي هن بيهوش همراهہ جو ڇا ڪجي؟

اهو اهڙو وقت هو جڏهن وحشت پنهنجي عروج تي هئي. قيدي جيئرا هيڊڪوارٽر نہ پهچندا هئا ۽ دشمن هٿان قتيلن کي ميدان ۾ ئي چاقو هڻي ماريو ويندو هو.

انقلابي فوج جي تبديل ٿيندڙ صورتحال ۽ ان کي ڇڏيندڙ يا دشمن کان پهچي ان ۾ شامل ٿيندڙ ماڻهن جي تعداد کي ڏسندي اهو ممڪن هو تہ، جيڪڏهن مڪمل رازداري رکي وڃي، رنتسيوچ کي هڪ نئين شامل ٿيل اتحادي طور پيش ڪيو وڃي.

يوري مئل ٽيليفون آفيسر جا ڪپڙا لاٿا ۽ انجنير جي مدد سان، جنهن تي هن پروسو ڪيو ٿي، انهن کي ڇوڪري جي ڪپڙن سان بدلائي ڇڏيو.

هن ۽ انجيلر سريوزا جي سار سنڀال ڪري ڪيس صحتمند ٿيڻ ۾ مدد ڏني. جڏهن هو بلڪل ٺيڪ ٿي ويو تہ انهن ان جي باوجود تہ هن ڪانئن اها ڳالهہ لڪائي نہ تہ هو ٻيهر ڪو لچڪ جي فوج ۾ شامل ٿي سرخن سان وڙهندو رهندو، ڪيس آزاد ڪري ڇڏيو.

(5)

سرءُ جي مند ۾ انقلابين لومڙيءَ واري جهنگل ۾ پنهنجو ديرو ڄمايو. اها وٽن سان پرپل هڪ ٽڪري هئي جتي ٽن پاسن کان هڪ تيز شور ڪندڙ چشمو زمين کي وڍيندو وهندو هو.

هتي سال اڳ سفيد روسين سردين جي مند گذاري هئي ۽ ويجهڙائي ۾ رهندڙ ڳوٺاڻن جي مدد سان پنهنجا مورچا ٺاهيا هئا. پر بهار جي مند ۾پنهنجين قلعي بندين کي تباهہ ڪرڻ کان سواءِ هو هتان هليا ويا هئا. هاڻي سندن مورچا ۽ مواصلاتي خندقون انقلابي فوج جي استعمال ۾ هيون.

يوري لائيبريئس ميڪوليتسن سان گڏ هڪ خندق ۾ رهيل هو جنهن پنهنجي لاڳيتي ڳالهہ ٻولهہ سان ڪيس ٻن راتين کان جاڳائي رکيو هو.

"آئون سوچيان پيو تہ ھن وقت منھنجو قابل احترام والد، منھنجو عزت ماب بابا، ڇا ڪري رھيو ھوندو."

"اوہ خدا، مون کي ان مسخري کان نفرت آھي." يوري پنھنجي دل ۾ چيو، "۽ ھي تہ پنھنجي پيءُ جي بلڪل جيئري تصوير آھي."

"اسان جي گذريل ڳالھہ ٻولھہ مان خبر پئي ٿي تہ تون ڪيس چڱيءَ ريت سڃاڻين ٿو. لڳي ٿو تہ تو سندس متعلق ڪو اڻ وڻندڙ قسم جو رايو قائم نہ ڪيو آھي. مھنجا پيارا سائين، ان معاملي متعلق توھان جو ڇا چوڻ آھي؟"

"لائبريئس ايورڪيوچ سياڻي اسان جي چوندن ڪان اڳ واري گڏجاڻي آھيءَ ووڊڪا ڪشيد ڪندڙ اردلين جو مقدمو ھلڻ وارو آھي جنھن ۾ لاجوس ۽ مون کي اڃا شاھديءَ واري مرحلي مان گذرڻو آھي. ان کان سواءِ آئون ٻن راتين کان ستو ناھيان. ڇا اسان ان ڳالھہ ٻولھہ کي ٻئي ڪنھن وقت لاءِ نہ ٽاري سگھون. آئون تمام گھڻو ٿڪل آھيان."

"ساڳي ڳالھہ آھي. مون کي رڳو اھو ٻڌاءِ تہ تون منھنجي پوڙھي پيءُ بابت ڇا ٿو سوچين؟"

"پھرين ڳالھہ تہ تنھنجو پيءُ بلڪل جوان آھي، مون کي خبر ناھي تہ تون سندس متعلق ائين ڇو ٿو ڳالھائين. ٺيڪ آھي آئون توکي ٻڌايان ٿو. جيئن مون اڪثر توکي چيو آھي تہ مون کي سوشلزم جي مختلف سمجھاڻين جي گھڻي ڄاڻ ناھي ۽ آئون بالشويڪ ۽ ٻين سوشلسٽن ۾ گھڻو فرق نہ ٿو ڏسان. تنھنجو والد انھن ماڻھن منجھان آھي جيڪي روس ۾ ٿيندڙ موجودہ بد نظمي ۽ گڙٻڙ لاءِ ذميوار آھن. ھو ھڪ انقلابي قسم جو ماڻھو، ھڪ انقلابي ڪردار آھي. تو وانگر ھو روسي زندگيءَ ۾ اپار جي نمائندگي ڪري ٿو."

"ان جو مطلب تعريف يا الزام؟"

"ھڪ ڀيرو ٻيھر آئون توکي منٿ ٿو ڪيان تہ ھن بحث کي ڪنھن ٻئي مناسب وقت لاءِ ملتوي ڪر. مون کي ضرور تنھنجي حد کان وڌيڪ ڪوڪين جي استعمال ڏانھن تنھنجو ڌيان ڏيارڻ گھرجي. تون ڄاڻي ٻجھي ان ذخيري کي ختم ڪري رھيو آھين، جنھن جي ذميواري مون تي آھي. تون چڱي ريت ڄاڻي ٿو تہ ان جي ٻين ڪمن لاءِ ضرورت آھي ۽ اھو ٻڌائڻ جي بہ ضرورت ناھي تہ اھو ھڪ زھر آھي ۽ تنھنجي صحت جي لاءِ آئون ذميوار آھيان."

"تون گذريل رات وري اسٽڊي سرڪل ۾ نہ آئين. تنهنجي سماجي سوچ هڪ اڻ پڙهيل هاري عورت يا هڪ ضدي بورجوازي وانگر ڪمزور آهي. پوءِ بہ تون هڪ ڊاڪٽر آهين. تون چڱو پڙهيل ڳڙهيل آهين ۽ آئون سمجهان ٿو تہ تون لکين بہ ٿو. ان جي وضاحت تون ڪيئن ڪندين؟"

"آئون نہ ڪندس. منهنجو خيال آهي تہ آئون وڏو پوڪ آهيان. ان سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. توکي منهنجي لاءِ افسوس ڪرڻ گهرجي."

"اها ڪوڙي عاجزي ڇا جي لاءِ آهي. جيڪڏهن بجاءِ ان توڪ واري لهجي جي تون اهو ڏسڻ لاءِ اسان جي ڪلاسن ۾ اچين ها تہ اتي اسين ڇا ڇا ڪريون تہ تون ايترو مغرور ۽ هٺيلو نہ هجين ها."

"اوه خدا، ليبريئس ايورڪيوچ، آئون غرور ۽ هٺ نہ پيو ڪيان. مون کي توهان جي تعليمي ڪم لاءِ تمام گهڻي عزت آهي. مون تنهنجا بحث لاءِ ورهايل نقطا پڙهيا آهن. مون کي سپاهيءَ جي اخلاقي سڌاري لاءِ تنهنجن خيالن جي خبر آهي. اهي نهايت سٺا آهن. جيڪي ڪجهہ تون سپاهي جي سندس ساٿين، ڪمزورن، بي يارو مددگار ماڻهن، عورتن ۽ عزت ۽ پارسائي ڏانهن رويي متعلق چوين ٿو اهو تقريباً دخوبور (ٽالسٽاءِ جي اصولن تي عمل ڪندڙ فرقا) جي ڏنل تعليم جهڙا ئي آهن. ان قسم جي ٽالسٽاءِ جي تعليم منهنجي دل تي اڪريل آهي. منهنجي نوجواني بهتر زندگي حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙن آدرشن سان ڀريل هئي. آئون ڪيئن انهن شين تي کلي ۽ ٺوڪ ڪري سگهان ٿو؟ پر پهرين ڳالهہ تہ آڪٽوبر انقلاب کان پوءِ سماجي ڦيرڦار جي تصور کي جيئن سمجهيو ويو آهي اهو مون ۾ جوش ۽ ولولو پيدا نہ ٿو ڪري. ٻي ڳالهہ تہ اهو عمل ۾ اچڻ کان گهڻو پري آهي ۽ رڳو ان متعلق ڳالهائڻ سان رت جا سمنڊ وهائڻا پيا آهن ۽ مون کي بلڪل يقين ناهي تہ آيا مقصد اختيار ڪيل طريقن کي صحيح ثابت ڪري ٿو. آخري ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ تہ جڏهن آئون ماڻهن کي زندگي کي ٻيهر ٺاهڻ متعلق ٻڌايان ٿو ۽ آئون پاڻ تان ضابطو وڃائي مايوسيءَ ۾ ٻڏي وڃان ٿو.

زندگي جي نئين سر تشڪيل! ماڻهو جيڪي اها ڳالهہ ڪن ٿا انهن پلي ڪيترو بہ ڏٺو يا ڪيو آهي پر انهن ان جي هڪ شيءِ کي بہ سمجهيو ناهي ۽ نہ ئي ان جي روح ۽ دل کي محسوس ڪيو آهي. اهي ان کي اهڙي ڪچي مال جيان ڏسن ٿا جنهن کي سندن پاران تبديل ڪرڻ ۽ پنهنجي ڇهاءَ سان بهتر ڪرڻ جي

ضرورت آهي. پر زندگي ڪڏهن بہ ڪچو مال يا اهڙو مواد ناهي رهي جنهن کي مرضي موجب تبديل ڪري سگهجي. جيڪڏهن تون ڄاڻڻ چاهين ٿو تہ زندگي پنهنجو پاڻ کي وري نئون ناهڻ جو هڪ اصول آهي. اها لاڳيتو پنهنجو پاڻ کي نئون ڪندي وري ناهيندي. تبديل ٿيندي ۽ پنهنجي صورت بدلائيندي رهي ٿي. اها لامحدود طور ان متعلق تنهنجن ۽ منهنجن ڇسن نظرين کان مٿانهين آهي."

"پوءِ بہ توکي خبر آهي تہ جيڪڏهن تون اسان جي گڏجاڻين ۾ ايندين. جيڪڏهن تون اسان جي عاليشان ۽ شاندار ماڻهن سان لاڳاپو رکندين تہ تون پنهنجو پاڻ کي ايترو گهٽ نہ سمجهندين. تون ان وحشت ۽ ماليخوليا جو شڪار نہ ٿيندين. مون کي خبر آهي تہ ان جو ڪارڻ ڇا آهي؟ تون اسان کي شڪست کاڌل سمجهين ٿو ۽ توکي اڳتي اميد جو ڪو ڪرڻو نظر نہ ٿو اچي. پر منهنجا پيارا دوست! ماڻهوءَ کي گهبرائڻ نہ گهرجي. آئون توکي بدترين شين متعلق ٻڌائي سگهان ٿو جن جو منهنجي ذات سان واسطو آهي ۽ انهن کي في الحال ماڻهن کي ناهي ٻڌائڻو پر پوءِ بہ آئون پنهنجا هوش حواس نہ ٿو وڃايان. اسان جون ناڪاميون عارضي آهن ۽ شڪست ڪولچڪ جو مقدر آهي. تون منهنجي ڳالهہ ٻڌي وٺ. تون ڏسندين، ڏکهي مدي ۾ سوڀ اسان جي آهي. ان ڪري هاڻي خوش ٿي وڃ."

"اهو تہ ڳالهائڻ جهڙو ئي ناهي." يوري سوچيو. ڪو ماڻهو ايڏو بيوقوف ۽ سادو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. آئون ڪيس اهو سمجهائڻ ۾ پنهنجو وقت خرچ ٿو ڪيان تہ اسان جا خيال هڪ ٻئي کان بلڪل ئي مختلف آهن. هنن مون کي زوري پڪڙيو. هو مون کي منهنجي مرضي خلاف هتي رکيو ويٺو آهي ۽ پوءِ بہ هو سمجهي ٿو تہ سندس پسپائين مون کي ڏک سان ڀري ڇڏيو آهي ۽ سندس اميدون مون کي خوش ڪر ي ڇڏينديون. ڇا ڪو ايڏو انڌو ٿي سگهي ٿو جيڏو هي آهي؟ سندس لاءِ ڪائنات جي قسمت جو دارومدار آڪٽوبر انقلاب جي سوڀ تي آهي!"

يوري ڪجهہ بہ نہ چيو ۽ رڳو پنهنجن ڪلهن کي جهٽڪو ڏنائين. بهرحال ان سان اها ڳالهہ واضح ٿي تہ لائيبريئس جي سادگي ڪيس ايترو چيڙائي وڌو هو جو سندس لاءِ پاڻ تي ضابطو رکڻ ڏکيو ٿي پيو هو. اها ڳالهہ لائيبريئس کان بہ ڳجهي رهي نہ سگهي.

هن چيو تہ. "تون ڪاوڙيل آهين جيوپيٽر. ان جو مطلب تہ تون ضرور غلط آهين."

"خدا جي واسطي هڻ ڳالهه کي پهريون ۽ آخري پيرو سمجهي وٺ ته انهن سيني "جيو پيٽر" "گهبرائي نه. جيڪڏهن ڪو الف چئي ٿو ته ضرور ب به چوندو ۽ غلام اهو ڪم ڪيو يا غلام وڃي سگهي ٿو جو منهنجي لاءِ ڪو مطلب ناهي. انهن مدي خارج گڻن، عام رواجي لفظن مان ڪوبه مون کي پاڻ ڏانهن نه ٿو ڇڪي. آئون الف چوندس پر تون ڇا به ڪرين آئون ب نه چوندس. آئون مڃيان ٿو ته توهان روس کي چوٽڪارو ڏيندڙ آهيو. ان جا روشن تارا آهيو ۽ توهان کان سواءِ اها تباهه ٿي وڃي ها تڪليف ۽ جهالت ۾ ٻڏي وڃي ها پر پوءِ به مون کي توهان مان ڪنهن جي به پرواهه ناهي. آئون توهان کي پسند نه ٿو ڪيان ۽ توهان سڀ وڃي جهنم ۾ پئو. جيڪي توهان لاءِ سوچڻ جو ڪم ڪن ٿا، تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال ڪن ٿا اهي هڪ استعارو وساري ويٺا آهن ته توهان گهوڙي کي پاڻي تائين ته وٺي وڃي سگهو ٿا پر ان کي پاڻي پيئڻ تي مجبور نه ٿا ڪري سگهو. انهن کي اهڙن ماڻهن کي آزاد ڪرائڻ ۽ ڪين فائدا پهچائڻ جي عادت پئجي ويئي آهي جن ان جي گهر ٿي نه ڪئي آهي. آئون سمجهان ٿو ته تون اهو سوچين ٿو ته دنيا ۾ منهنجي لاءِ تنهنجي ڪيمپ ۽ تنهنجي سات کان وڌيڪ ٻي ڪا خوشگوار شيءِ ناهي. منهنجو خيال آهي ته باندي ڪرڻ تي مون کي توکي دعائون ڏيڻ گهرجن ۽ پنهنجي زال، پنهنجي گهر، پنهنجي ڪم، هر ان شيءِ جيڪا مون کي پياري آهي ۽ جيڪا زندگيءَ کي منهنجي لاءِ جيئڻ لائق بڻائي ٿي، کان آزاد ڪرائڻ تي مون کي تنهنجا ٿورا مڃڻ گهرجن. آسپاس اهو افواهه هليل آهي ته ڪنهن اڻڄاتل فوج، جيڪا روسي فوج ناهي، واريڪينو تي ڪاهه ڪري ان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. ڪامينو دوورسڪي ان کان انڪاري ناهي. انهن جو چوڻ آهي ته تنهنجا ۽ منهنجا گهر ڀاتي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن. ظاهر ۾ ڪجهه جي ٽُلهي ته پريل ڪوٽ ۽ سموري ٽوپيون پاتل نندين اکين وارن ڏندڪٿائي جنگجوئن سخت پاري ۾ رنوا دريا پار ڪيو ۽ سامهون آيل هر جيئري شيءِ تي گولي هلائي ۽ ائين پراسرار نموني غائب ٿي ويا جيئن آيا هئا. توکي ان باري ۾ ڪجهه خبر آهي؟ ڇا اهو سچ آهي؟"

"بڪواس سڀ ڪوڙ آهي. غلط افواهه آهن."

"جيڪڏهن تون ايترو مهربان ۽ سخي آهين جيترو تون سپاهين کي اخلاقي سڌاري متعلق ليڪچر ڏيڻ وقت دعوي ڪرين ٿو ته پوءِ مون کي وڃڻ

ڏي. آئون وچي پنهنجن گهر وارن جي ڳولا ڪندس. مون کي خبر ناهي تہ اهي ڪٿي آهن. ايستائين تہ آئون اهو بہ نہ ٿو ڄاڻان تہ آيا اهي جيئرا آهن يا مري ويا. جيڪڏهن تون اهو نہ ٿو ڪرين تہ پوءِ خدا جي واسطي ماٺ ڪري ويهہ ۽ مون کي اڪيلو ڇڏي ڏي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي بي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ دلچسپي ناهي ۽ آئون جيڪڏهن تون ڳالهائيندو بہ رهين تہ بہ تنهنجي ڪنهن ڳالهہ جو جواب نہ ڏيندس. بهرحال کهڙي مصيبت آهي، ڇا مون کي سمهڻ جو بہ حق ناهي؟"

يوري تختي تي اونڌو ٿي سمهي پيو. سندس منهن وهاڻي ۾ لڪل هو ۽ هن هر ممڪن ڪوشش ڪئي تہ هو لائبريئس جي پنهنجو پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ ۽ هڪ پيرو پيهر بهار جي مند کان اڳ سفيد روسين تي آخري سوڀ جي امڪان سان کيس مطمئن ڪرڻ وارين ڳالهين کي نہ ٻڌي. گهرو ويڙهہ ختم ٿي ويندي. ملڪ ۾ امن، آزادي ۽ خوشحاليءَ جو دور هوندو ۽ ڪنهن کي بہ يوري کي وڏيڪ هڪ پل لاءِ قيد ۾ رکڻ جي همت نہ ٿيندي. پر ان وقت تائين کيس صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي. نيٺ انهن ايتريون قربانيون ڏنيون آهن ۽ ايڏو انتظار ڪيو آهي تہ پوءِ ڪجهہ مهينا وڌيڪ انتظار ڪرڻ ڪا وڏي ڳالهہ نہ ٿيندي. بهرحال هن وقت هو وچي بہ ڪيڏانهن ٿو سگهي؟ سندس پنهنجي ڀلائي لاءِ کيس هتي بہ اڪيلي وڃڻ کان روڪڻ ضروري آهي.

"بلڪل گراموفون جي رڪارڊ جيان ٿو وڄي جٽ ڪتان جو. يوري خاموش ڪاوڙ ۾ پڇرندي سوچيو "هو ماٺ نہ ٿو ڪري سگهي، کيس ڀلا ايترن سالن کان، ساڳيو چاٻو ڪندي شرم ڇو نہ ٿو اچي؟ هي ڀلا ڪيئن پنهنجي آواز کي لاڳيتو ٻڌندو ٿو رهي، ڪميڻو نشئي، بدروح؟ ڏينهن رات ڳالهائيندو ٿو رهي. اوہ خدا، مون کي ڪيڏي نہ ساڻس نفرت آهي! خدا منهنجو گواهہ آهي تہ آئون ڪنهن ڏينهن کيس ماري ڇڏيندس.

"تونيا منهنجي پياري، منهنجا غريب پٽ توهان ڪٿي آهيو؟ ڇا توهان جيئرا آهيو؟ پيارا رب! کيس جلد ئي ٻار ٿيڻ وارو هو. هوءَ پنهنجي ويم جي مرحلي مان ڪيئن گذري هوندي؟ ڇا اسان کي پٽ ڄائو آهي يا ڌيءَ؟ منهنجا پيارو، توهان سيني سان ڇا وهي واپرجي رهيو آهي. تونيا، تنهنجي آڏو آئون هميشہ نادم رهندس. لارا، آئون پنهنجي ساهہ نڪرڻ جي ڊپ کان تنهنجي نالي وٺڻ جي همت نہ ٿو ڪيان. اوہ خدا! اوہ خدا! ۽ اهو ڪريہ هاڻو ۽ بي حس وحشي اڃا ڳالهائي

پيو. ڪنهن ڏينهن هو گهٽو اڳتي وڌي ويندو ۽ آئون ڪيس ماري ڇڏيندس، آئون ڪيس ماري ڇڏيندس.“

(6)

گرمين جي منڌ پوري ٿي چڪي هئي. اهو سرءُ جو هڪ صاف ۽ سونهري ڏينهن هو. لومڙي واري جهنگل جي الهندي ڇيڙي تي سفيد روسين پاران ٺاهيل جو ڪاٺ وارو برج اچا تائين زمين ڪان متي بيٺو هو. پنهنجي ڪم متعلق مختلف معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ يوري پنهنجي هنگري واري مددگار لاجوس سان ان جاءِ تي ملاقات جو بندوبست ڪيو هو. هو وقت تي اتي پهچي ويو. پنهنجي دوست جو انتظار ڪندي زبون حال متي جي ٺاهيل بند جي ڪنڌ تي هلندي هو محافظن واري مينار تي چڙهي ويو ۽ اتان مشين گنن جي هاٿي خالي پيل آڪيرن آڏو ٿيل سوراخن مان درياءَ جي هن پار فاصلي تي موجود جهنگل کي ڏسڻ لڳو.

سرءُ واضح طور تي صنوبر، چيل ۽ پن ڇٽڻ وارن ٻين وڻن ۾ هڪ حدبندي ڪري ڇڏي هئي.

ڪارن چيل جي وڻن واري اداس، اپين ديوان جي وچ ۾ پنن وارو جهنگ وچولي دور جي شهرن جيان، جن ۾ رنگين ۽ سونهري ڇتن وارا جهنگل جي گهرائي مان وڍيل ڪاٺ سان ٺاهيل محل هوندا هئا. اهو شعلي ۽ شراب جي رنگ جيان چمڪيو پئي.

يوريءَ جي پيرن هيٺان خندق جي اندر ۽ جهنگ واري سڙڪ جي ٺهيل رستي ۾ زمين پاري جي ڪري سخت ۽ بيدمُشڪ جي سخت ۽ خشڪ پنن سان پري پيئي هئي جيڪي گهڙيل ڪاٺ جيان مڙيا پيا هئا. سرءُ جي خوشبو انهن ناسي ڪڙن پنن ۽ ٻين گهٽن ڇهرن پنن مان آئي ٿي. هڪ هبڇيءَ وانگر هن يخ ٿيل صوفن، ڪڙين خشڪ ٺارين، متي آلي ڌرتي ۽ سيپٽمبر جي نيري ڌنڌ، جنهن مان تازو وسليل باهه جهڙو دونهن نڪتو ٿي، جي گڏيل مصالحي دار خوشبو ۾ هڪ ڏکهو ساهه ڪنيو. هُن لاجوس کي پنهنجي پوئتي ايندي نه ٻڌو.

”ڪهڙا حال آهن، دوست؟“ هن جرمن ٻوليءَ ۾ چيو، انهن پنهنجي ڪم متعلق ڳالهايو. ” هن وقت ٺي معاملا آهن. پهريون انهن اردلين جو ڪورٽ مارشل

جن ووڊڪا ڪشيد پئي ڪئي. پيون ايمبولنس ۽ دوائن جي ذخيرن جي نئين سر تنظيم ڪرڻ ۽ ٽيون جنگ جي ميدان ۾ ذهني مريضن جي علاج متعلق منهنجي تجويز. مون کي خبر ناهي تہ منهنجا پيارا لاجوس تون مون سان متفق آهين يا نہ پر جيڪي ڪجھہ آئون ڏسان پيو ان مان لڳي ٿو تہ اسين چريا ٿيندا پيا وڃون ۽ اسان جي چريائپ جون نيون صورتون وچڙندڙ آهن."

"اهو نهايت دلچسپ سوال آهي. آئون ٿوري دير ۾ ان تي ڳالهايان ٿو. پر پهرين آئون هڪ ٻي شيءِ جو ذڪر ڪرڻ چاهيندس. ڪئمپ ۾ هن وقت بيچيني آهي. ووڊڪا ڪشيد ڪندڙن سان هڪ همدردي آهي. ان کان سواءِ همراھ پنهنجن گهر وارن متعلق بہ فڪرمند آهن جيڪي سفيد روسين کان بچڻ لاءِ پڇي رهيا آهن. جيئن تہ توکي خبر آهي تہ زالن، ٻارن ۽ پوڙهن ماڻهن تي مشتمل هڪ قافلو هتي اچي رهيو آهي ۽ ڪجھہ ويڙهاڪن ان جي پهچڻ تائين ڪئمپ ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي."

"مون کي خبر آهي. اسان کي انهن جو انتظار ڪرڻو پوندو."

"اهو بلڪل اسان جي دستي ۽ ٻين گهٽين دستن، جيڪي اڃا تائين اسان کان ڌار ۽ آزاد رهيا آهن، جي گڏيل ڪمان جي چونڊن جي موقعي تي ٿي رهيو آهي. منهنجي خيال ۾ ممڪنہ اميدوار تہ رڳو ڪامريڊ لائيبريئس ئي آهي. پر ڪجھہ نوجوان ودوويچينڪو کي اڳتي آڻي رهيا آهن. ان کي اهڙن ماڻهن جي حمايت حاصل آهي، جيڪي جذبي جي لحاظ کان اسان کان اوپرا آهن. انهن جو واسطو ووڊڪا ڪشيد ڪندڙن، دڪاندارن جي پٽن ۽ ڪولچڪ کي ڇڏي ايندڙن سان آهي. اهي ئي همراھ گهڻو شور ڪري رهيا آهن."

"تنهنجي خيال ۾ ووڊڪا ڪشيد ڪندڙن سان ڇا ٿيندو؟"

"منهنجي خيال ۾ انهن کي موت جي سزا ڏني ويندي پر سزا کي تعطل ۾ رکيو ويندو."

"ٺيڪ آهي. هاڻي پنهنجي ڪم متعلق ڳالهايون. پهرين ايمبولنس وارو معاملو ٿا ڪٽون."

"ٺيڪ آهي. پر آئون توکي اهو ضرور ٻڌائيندس تہ مون کي نفسياتي بيمارين جي اڳواٽ روڪ لاءِ ڏنل صلاح تي ڪا حيرت نہ ٿي آهي. آئون پاڻ ان ۾ يقين رکان ٿو. اسان کي هڪ اهڙي نفسياتي بيماريءَ جي سامهون اچڻ ۽ ڦهلجڻ

ڪي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جنهن جو واسطو خاص طور تي اسان جي هن موجوده وقت سان آهي ۽ جيڪا سڌي ريت تاريخي حالتن جي پيدا ڪيل آهي. اسان وٽ ڪئمپ ۾ اهڙو هڪ مثال پامپل پاليخ جو آهي جيڪو اعليٰ انقلابي شعور ۽ طبقاتي سمجهه رکندڙ زار جي فوج جو اڳوڻو سپاهي آهي. سندس تڪليف جو ڪارڻ سندس پنهنجي مارجڻ يا پنهنجي گهر وارن جي سفيد روسين هٿان گرفتار ٿيڻ ۽ ڪين سندس لاءِ جوابدار سمجهڻ جي صورت ۾ پنهنجي خاندان لاءِ فڪرمندي آهي. اها هڪ نهايت ئي منجهيل ذهنيت آهي. آئون سمجهان ٿو ته سندس گهر وارا به ايندڙ قافلي ۾ شامل آهن. مون ڪي ايتري روسي نه ٿي اچي جو ڪانئس صحيح نموني پڇي سگهان. تون انجيلر يا ڪامينودوورسڪي کان معلوم ڪري سگهين ٿو. ڪيس چڪاسڻ جي ضرورت آهي."

"آئون پاليخ کي چڱي ريت سڃاڻان ٿو. هڪ موقعي تي اسان فوجي ڪائونسل جي گڏجاڻين ۾ اڪثر هڪ ٻئي سان ملندا هئاسين. هيناهين نرڙ وارو ڪارو ۽ ظالم. مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته توکي منجهس ڪهڙي چڱائي نظر آئي آهي. هو هميشه گولي هڻڻ ۽ سزا ڏيڻ جهڙن انتهائي قدمن کڻڻ جي وڪالت ڪندو هو. مون کيس هميشه هڪ ڪريه هاٿي شخص جي صورت ۾ ئي ڏٺو. بهرحال ان معاملي کي به ڏسنداسين.

(7)

اهو هڪ صاف ۽ روشن ڏينهن هو. موسم پوري هڪ هفتي کان شانت ۽ خشڪ هئي.

وڏي ڪئمپ مٿان پري کان ايندڙ سمنڊ جي گجگوڙ جيان معمول جي شور جو آواز ڇانيل هو. اتي پيرن، ماڻهن، ڪهاڙين جي ڪاٽ وڍڻ، سنداڻ جي وڄڻ، ڪتن جي ڀونڪڻ، گهوڙن جي هڻڪار ۽ ڪڪڙن جي ٻانگن جا آواز هئا. اس ۾ ٻريل ڇهرن، اڇن ڏندن وارن مرڪندڙ ماڻهن جا ميڙ جهنگل ۾ هليا ڦريا پئي. جن ڊاڪٽر کي ڄاتو ٿي انهن ڏانهنس ڏسي ڪنڌ لوڏيو ٿي ۽ ٻيا ڪيڪارڻ کان سواءِ سندس پاسي مان گذري ٿي ويا.

ماڻهن ايستائين ڪئمپ کي ختم ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو جيستائين سندن گهر وارا، جيڪي پنهنجا گهر ڇڏي پڳا هئا، ساڻن نه ٿا اچي ملن. پر هاڻي

پکندڙن جي جلد ئي پهچڻ جي اميد هئي ۽ ڪوچ لاءِ تياريون ڪيون پئي ويون. شين کي صاف ڪيو ۽ انهن جي مرمت ڪئي پئي وئي. دڙن کي ڪوڪا هنيا پئي ويا ۽ گاڏين کي ڳٽيو ۽ چڪاسيو پئي ويو.

جهنگل جي وچ ۾ هڪ وڏي خالي جاءِ هئي جتي اڪثر گڏجاڻيون ٿينديون هيون. اها ڪا دڙي يا قبر وغيره قسم جي ڪا جاءِ هئي جنهن تان گاهه ميسارجي ويو هو. ان ڏينهن ڪنهن اهم اعلان لاءِ عام گڏجاڻي سڏائي وئي هئي.

جهنگل جا گهٽا ٻوٽا اڃا تائين هيڊا نه ٿيا هئا. پنهنجين پاڙن ۾ اهي اڃا تائين تازا ۽ ساوا هئا. ٽيهريءَ جي سج جهنگل جي پويان ٻڏندي ان کي پنهنجين شعاعن سان ڇني ڇڏيو هو ۽ پن جيڪي شيشي جيان شفاف هئا سائي شعلي سان چمڪيا پئي.

مک لاڳاپي وارو آفيسر ڪامينوڊوورسڪي پنهنجي تنبوءَ جي ٻاهران خالي جاءِ تي ڪاغذ ٻاري ڪيس جنرل ڪيپل جي رڪارڊ مان هٿ آيل بيڪار ڪاغذن ۽ پنهنجين ڪجهه فائلن کي تلف ڪري رهيو هو. ٻاهه، جنهن جي پويان لهندڙ سج هو، ايتري شفاف هئي جيترا پن هئا. شعلا ڏسڻ ۾ نه ٿي آيا ۽ رڳو ٻاريندڙ تپش جي لهرن مان خبر پيئي ٿي ته ڪا شيءِ ٻري رهي هئي.

هر جاءِ تي جهنگل پڪل ٻيرن جي ڇڳن ۽ ٻين مختلف ميون سان چمڪي رهيو هو. پنهنجن شيشي جهڙن پرن کي ڦڙڪائيندي وڏيون مکيون، جيڪي ايتريون شفاف هيون جيئن پن ۽ شعلا، آهستگيءَ سان هوا ۾ ترپيون پئي.

پنهنجي ننڍپڻ کان يوري کي جهنگل شام ۾ لهندڙ سج جي پس منظر ۾ وڻندو هو. اهڙي وقت تي کيس محسوس ٿيندو هو ته چڻ روشني جون ڌارائون کيس به وڌينديون هجن. چڻ ته کو خدا طرفان عطا ڪيل تحفو سندس سيني ۾ ڊوڙندي ۽ سندس وجود کي چيريندي سندس ڪلهن وٽان ٻن پرن جي شڪل ۾ نڪري رهيو هجي. هڪ مثال جيڪو هر ٻار جي زندگيءَ ۾ ڪا صورت وٺندو آهي ۽ پوءِ چڻ هميشه لاءِ سندس شخصيت جي هڪ اندروني صورت بڻجي ويندو آهي، منجهس پوري بنيادي طاقت سان اڀري فطرت، جهنگل، لهندڙ سج جي روشني ۽ هر نظر ايندڙ شيءِ کي هڪ ساڳي طرح جي اصلوڪي گهڻ پاسائي چوڪري جهڙي شڪل وٺڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. ”لارا“ پنهنجيون اکيون بند ڪري پوري زندگي، خدا جي زمين کي مخاطب ٿيندي، هن سوچيو ۽ پڙڪيو.

پر هر روز جيان موجوده حقيقت تہ اجا پنهنجي جاءِ تي هئي، روس آڪٽوبر انقلاب مان گذري رهيو هو ۽ يوري انقلاب جو قيدي هو. پنهنجي خيالن ۾ گم هو ڪامينئوڊوورسڪي جي پاريل باھ ڏانهن هليو ويو.

"پنهنجو رڪارڊ پيو پارين؟ اجا ختم نہ ڪيو اٿئي؟"

"هتي تہ ايترو رڪارڊ آهي جنهن کي گهٽڻ ڏينهن تائين پاري سگهجي ٿو."

يوري ڪاغذن جي ڍڳ کي پنهنجي جوتي سان ڦلوريو اها سفيد فوج جي هيڊڪوارٽر جي لکپڙھ هئي. ڪيس اهو خيال آيو تہ شايد رنتسيوچ متعلق ڪو ذڪر سندس نظر مان گذري، پر جيڪي ڪجھ بہ هن ڏٺو اهي بيزار ڪندڙ مدي خارج لڪل لفظن وارا اعلان ۽ بيان هئا. هن ٻئي ڍڳ کي لت هنئي. اهو بہ ساڳي ريت انقلابي فوج جي گڏجاڻين جو بي جان رڪارڊ نڪتو. ڍڳ جي مٿان رکيل هڪ ڪاغذ ۾ چيل هو تہ:

"نهايت اهم: فارغ ڪرڻ يا پرتي ڪندڙ بورڊ جي ميمبرن جي وري چونڊ. ان ڳالھ جي مدنظر تہ ڳوٺ جي اسڪول جي ماسترياڻي اگنابوڊوورسڪي خلاف الزام ثابت نہ ٿي سگهيا آهن ان ڪري فوجي سوويت تجويز ٿي ڪري تہ ......"

ڪامينئوڊوورسڪي پنهنجي کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيو ۽ ان کي يوري کي ڏيندي چيائين تہ:

"اهي طبي دستي جي ڪوچ لاءِ آرڊر آهن. فوجين جي خاندانن وارو قافلو ويجهو پهچي ويو آهي ۽ ڪئمپ اندر اسان جا اختلاف شام تائين حل ٿي ويندا. ان ڪري هاڻي اسان ڪنهن ڏينهن بہ ڪوچ ڪري سگهون ٿا."

يوري حڪم نامي تي نظر وڌي ۽ چيائين تہ :

"پر توهان مون کي گذريل پيري کان گهٽ گاڏيون ڏيئي رهيا آهيو ۽ مٿان وري اهي گهٽا ڦٽيل همراھ بہ آهن. منجهانئن ڪجھ اهڙا آهن جن کي پنڌ ڪري هلڻو پوندو پر اهي ٿورا آهن ۽ آئون انهن جو چا ڪيان، جن کي اسٽريچر تي کڻي هلڻو پوندو؟ ان ڪانسواءِ دوائون، بستر ۽ اوزار وغيره بہ آهن."

"توکي ڪنهن نموني سان گذارو ڪرڻو پوندو. چادر مطابق پير ڦهلائڻا پوندا. هاڻي هڪ ٻي شيءِ. اها اسان سڀني جي درخواست آهي. تون اسان جي ڪامريڊ تي هڪ نظر وجهي سگهندين؟ هو آزمائش مان گذريل، آزمايل، پنهنجي مقصد سان وفادار ۽ هڪ شاندار سپاهي آهي. ساڻس ڪو مسئلو ٿي پيو آهي."

"پاليخ؟ لاجوس مون کي ٻڌايو هو."

"ها وچي ڪيس ڏس ۾ ڇڪاس ڪرينس."

"ڪيس ذهني بيماري آهي."

"منهنجو اهو خيال آهي. هن جو چوڻ آهي تہ ڪيس سوداءُ، بظاهر نظر جو فريب آهي. بدخوابي، مٽي جو سور."

"جيئن تہ هن وقت آئون واندو آهيان ان ڪري هاڻي ڪيس وچي ڏسي سگهان ٿو. گڏجاڻي ڪڏهن شروع ٿيندي؟"

"منهنجو خيال آهي تہ اهي شايد هاڻي ايندا هوندا پر ڇو ٿو تڪليف ڪرين؟ جيئن تون ڏسين پيو تہ آئون بہ نہ پيو وڃان. اهي اسان کان سواءِ ڪم هلائي ويندا."

"پوءِ آئون وڃي پامڦل کي ڏسان ٿو. حالانڪ مون کي ايتري ننڊ پيئي اچي جو آئون مشڪل سان اکيون کليل رکي سگهان پيو. رات لائبريئس ايورسيوچ کي فلسفي تي ڳالهائڻ جو شوق جاڳيو هو. هن پنهنجي ڳالهين سان مون کي بلڪل ٿڪائي وڌو آهي. پامڦل مون کي ڪٿي ملندو؟"

"تو کي گند واري ڪڏ پويان بيدمُشڪ جي ٻوڙي جي خبر آهي؟"

"ها منهنجو خيال آهي تہ آئون ڄاڻان ٿو."

"تو کي کليل جاءِ تي ڪجهہ ڪمانڊرن جا تنبو ملندا. اسان انهن مان هڪ پامڦل جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي. سندس گهر وارا ڇي رهيا آهن. اُهي هن قافلي ۾ آهن. اتي ئي هو توکي هڪ تنبوءَ ۾ ملندو. هن انقلابي قابليت جي انعام طور بٽالين ڪماندر جو رتبو حاصل ڪري ورتو آهي."

(8)

پامڦل ڏانهن ويندي يوريءَ تي ٿڪاوٽ طاري ٿي ويئي. اهو گهٽين بي خواب راتين جو گڏيل اثر هو. هو پنهنجي خندق ڏانهن موٽي اتي ليٽي سگهيو ٿي، پر کيس اتي رهڻ کان ڊپ پئي ٿيو. ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ وقت لائيبريئس اچي کيس تنگ ڪري سگهيو ٿي. هو هڪ ساوڪ ڀرئي ٽڪري ۾ رڪجي ويو جيڪو چوڌاري جهنگل جي ڀنن سان ڀريو پيو هو. اهي هڪ شطرنج جي تختي جي طرز تي پيا هئا ۽ سج جون شعاعون انهن جي سونهري گلر تي پئجي رهيا هئا. پيٽي ۾

هڪ ٻئي سان لڪ چپ ڪندڙ روشني ماڻهوءَ جي مٽي کي ڦيرائي پڻ پڻ جي هڪ جهڙي آواز جيان ڪيس ننڊ ڏانهن نيو ٿي ويئي.

يوري انهن نرم سرسراهٽ ڪندڙ پنن تي ليٽي پيو. سندس مٿو سندس ٻانهن تي ۽ سندس ٻانهن وڻ جي پاڙ وٽ سينور جي وهاٽي تي، هئي. ڪيس ترت ئي ننڊ وٺي ويئي. روشني ۽ ڇانو جي تجلي جنهن ڪيس سمهاري ڇڏيو هو، هاڻي ڪيس اهڙي پيوند ڪاري سان ڍڪي ڇڏيو جو سندس زمين تي ڦهليل جسم کي روشني ۽ پنن کان ڌار نہ پيو ڪري سگهجي. بلڪل ائين اهو غائب ٿي ويو جڻ هن ڪا جادوئي ٽوپي پاتي هجي.

پر ترت ئي سندس خواهش جي قوت ۽ ننڊ جي ضرورت ڪيس سجاڳ ڪري ڇڏيو. سڌا ڪارڻ انهن حدن اندر ئي اثرائتا هوندا آهن جيڪي انهن لاءِ صحيح هونديون آهن. انهن کان اڳتي انهن جا ابتا اثر ٿيندا آهن. سندس سجاڳ شعور ڪو سڪون محسوس نہ ڪندي هڪ پيدا ٿيل خال ۾ تيزيءَ سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. خيال سندس مٿي ۾ ڦيريون پائڻ ۽ ڊوڙڻ لڳا ۽ سندس ذهن هڪ خراب انجڻ جيان خر خر ڪرڻ لڳو. ان اندروني مونجهاري ڪيس پريشان ۽ تنگ ڪري ڇڏيو. "هو سوئر لائيبريئس" هن ڪاوڙ ۾ سوچيو. "جڻ تہ دنيا ۾ ماڻهوءَ کي چريو ڪرڻ لاءِ ڪافي شيون نہ هيون. هن کي هڪ سالم دماغ ماڻهوءَ کي ڪٺي ان کي چاٽي ٻجهي قيدي بڻائي ۽ پنهنجي دوستي ۽ بڪ بڪ سان بيزار ڪري ذهني مريض ۾ تبديل ڪرڻو هو. آئون ڪيس هاڻي هڪ ڏينهن ماري ڇڏيندس."

هڪ رنگين ڪپڙي جي ٽڪري جيان پاڻ کي ويڙهيندي ۽ کوليندي هڪ ناسي پوپٽ ميدان جي اس واري پاسي ڏانهن اڏري ويو. يوري ان کي ننڊاکڙي انداز ۾ ڏٺو. پنهنجي رنگ جهڙو رنگ چونڊيندي اهو چيل جي وڻ جي ناسي داغدار چوڏي تي ويهي رهيو ۽ ان ۾ غائب ٿي ويو جيئن يوري کي روشني ۽ پاڇي جي راند لڪائي ڇڏيو هو.

سندس ذهن معمول جي خيالن ڏانهن هليو ويو. هن انهن کي پنهنجين گهڻين طب متعلق لکڻين ۾ اڻسڌي طرح بيان ڪيو هو. انهن جو واسطو ارادي ۽ مقصد اهي حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي اعليٰ صورت هئڻ متعلق هئا. ڇا ڪرڻ ۽ پاڻ محفوظ رنگ ۾ رنگڻ، جيڪو ڏاڍو سوگابو ۽ فطري چونڊ ئي درحقيقت شعور جي پيدائش ۽ ترقي جي واٽ آهي؟ موضوع ڇا آهي؟ معروض

ڇا آهي؟ انهن کي ڪيئن سڃاڻي سگهجي ٿو؟ سندس خيال ڪيس ڊارون ڪان شيلنگ ۽ پوپٽ ڪان جديد مصوري ۽ تاثراتي فن ڏانهن وٺي ويا. هن تخليق، مخلوق، تخليقي قوت ۽ ڪاريگري متعلق سوچيو.

هڪ ڀيرو ٻيهر هو ننڊ پنجي ويو پر هڪ پل ڪان پوءِ هو سجاڳ ٿي ويو. هڪ آهستي نرم آواز ۾ ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ڪيس جاڳائي ڇڏيو هو. جيڪي ڪجهه اکر سندس ڪنن تي پيا اهي ڪيس اهو ٻڌائڻ لاءِ ڪافي هئا ته انهن جو واسطو ڪنهن لڪل ۽ غير قانوني رٿا سان هو. هو ڏسڻ ۾ نه پئي آيو ۽ سازشين کي سندس موجودگي جو ڪو شڪ به نه هو. معمولي حرڪت به ڪيس پنهنجي زندگي ڪان محروم ڪري سگهي پئي. يوري صفا مئل ماڻهو جيان ٿي ويو ۽ ٻڌڻ لڳو.

ڪجهه آوازن کي هن سڃاتو. اهي انقلابي فوج جو گند جهڙوڪ گوشڪا، سانڪا، ڪوسڪا ۽ سندن پوٺلڳ تيرينتي گالوزين هئا. اهي نوجوان ڪنهن ڪم جا نه هئا ۽ هر قسم جي بدنظمي ۽ ڏقيڙ ۾ اڳتي هوندا هئا. ڏاخر به انهن ۾ شامل هو جيڪو اڃا وڌيڪ خطرناڪ هو. هو ووڊڪا واري معاملي ۾ شامل هو پر في الحال مٿس ان ڪري ڪيس نه پئي هلايو ويو جو هن مک جوابدارن کي ننديو هو. جنهن ڳالهه يوريءَ کي حيران ڪيو اها اوچتي ڪاهه ڪندڙ "سونهري دستي" جي فوجي سيووبليوائي جي موجودگي هئي جيڪو ڪمانڊر جي محافظن ۾ شامل هو. استينڪا رازن ۽ پگاچوف جي روايت کي برقرار رکندي هن لاڏلي، جنهن کي پنهنجي اڳواڻ جي اعتماد حاصل هئڻ لاءِ چاتو ويندو هو، کي ڪيپٽن جي جاسوس جو لقب ڏنو ويو هو. ظاهري طور هو به سازش ۾ شامل هو.

سازشي دشمن جي اڳين صفن مان آيل ايلچين سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئا. انهن نمائندن غدارن سان ايترو آهستي ٿي ڳالهايو جو سندن آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيو. يوري رڳو ان وقت ٿي سندن ڳالهائڻ جو اندازو ڪري سگهيو ٿي جڏهن سڙٻاٽن جي وچ ۾ ڪنهن اتفاقي خاموشي جو وقفو آيو ٿي.

ڏاخر شرابي، هر ٻئين پل پنهنجي ياري ۽ سهڪندڙ آواز ۾ گارگند ڪندي سيني ڪان گهٽو پئي ڳالهايو. هو ان گروهه جو اڳواڻ ٿي لڳو.

"هاڻي توهان سيئي ٻڌو. اهم ڳالهه اها آهي ته اسان کي ان ڳالهه کي لڪائي رکڻو آهي. جيڪڏهن ڪنهن به ڳالهايو ته پوءِ توهان اهو چاقو ڏسو ٿا. آئون سندس آنڊا گجيون ڪڍي ڇڏيندس. ڳالهه سمجهه ۾ اچي ويئي؟ مون وانگر

توهان بہ ڄاڻو ٿا تہ اسين قاسي پيا آهيون. اسان لاءِ نڪرڻ جي ڪا واٽ ناهي. اسان کي پنهنجي چوڪاري لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پوندي. اسان کي اهڙي چال هلڻي آهي جيڪا پهرين ڪنهن نہ ڏٺي هوندي. اهي ڪيس جيئرو پڪڙڻ چاهين ٿا. هاڻي انهن جو چوڻ آهي تہ سندن گليوڻي اچي رهيو آهي." (انهن ڪيس درست ڪندي"جليلن" چيو پر هن نالو نہ سمجهيو ۽ چيائين "جنرل گاليبوف") "اهو اسان لاءِ موقعو آهي. وري اهڙو موقعو هٿ نہ ايندو. هي سندن نمائندا آهن. اهي اوهان کي ان متعلق سڀڪجهہ ٻڌائيندا. اهي چون ٿا تہ اسان کي ان کي جيئرو پڪڙڻو آهي. هاڻي توهان ڪين ٻڌايو."

هاڻي ايلچي ڳالهائي رهيا هئا. يوري اهي اکر ٻڌي نہ سگهيو پر وقفي جي ڊيگهہ مان هن اندازو لڳايو تہ انهن ان رٿا جي تفصيل سان وضاحت ڪئي. ڏاخر وري ڳالهايو.

"ٻڌو هن ڳالهہ کي دوستو؟ توهان ڏسو تہ هو ڪهڙو نہ چڱو ماڻهو آهي. اسان چو سندس لاءِ تهمت ڪٺون؟ هو تہ ماڻهو بہ ناهي. اڌ چريو سياسي، يا راهب. نيرينتي تون ڏند ڪڍڻ بند ڪر. تون مٿي جا ڊيرا آئون تو کي ڏند ڪڍڻ لاءِ ڪجهہ ڏيندس. آئون تو متعلق نہ پيو ڳالهايان. آئون تو کي ٻڌايان پيو تہ هو راهب آهي ۽ اهو ٺي هو آهي. هن کي پنهنجي ڪرڻ ڏيو ۽ هو توهان سيني کي راهب بڻائي ڇڏيندو. هو اوهان کي خصي [نامرد] ڪري ڇڏيندو. هو اوهان کي ڇا ٿو چوي؟ گارگند نہ ڪيو. شراب نہ پيئو ۽ عورتن متعلق اهو سڄو مواد. توهان ائين ڪيئن رهي سگهو ٿا؟ اڄ رات اسان ڪيس نالي ۾ ڦتو ڪنداسين. آئون ڪيس گهرائڻ جو بندوبست ڪندس. پوءِ اسان سڀ گڏجي مٿس ڪرنداسين. اها ڏکي ڳالهہ نہ ٿيندي. ان ۾ ڪا ڳالهہ ٺي ڪونهي. مشڪل اها آهي تہ هو ڪيس جيئرو چاهين ٿا. اهي چون ٿا تہ ڪيس ٻڌو. ٺيڪ آهي، آئون ان ڳالهہ کي ڏسندس. جيڪڏهن ان نموني ڪم نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ آئون ڪيس پنهنجن هٿن سان پورو ڪري ڇڏيندس. اهي پنهنجا ماڻهو مدد لاءِ موڪليندا."

هو پنهنجي رٿا جي وضاحت ڪندو رهيو پر آهستي اهي پري هلندا ويا ۽ يوري ڪين وڌيڪ ٻڌي نہ سگهيو.

"لائبريئس کي هو سفيد روسين جي حوالي ڪرڻ يا مارڻ جي رٿا رٿي رهيا آهن، سوز." هن اهو بلڪل وساريندي تہ اڪثر هن پاڻ ڪيس مارڻ جي خواهش

ڪٿي هئي، خوف ۽ ڪاوڙ ۾ سوچيو. ان کي ڪيئن روڪي سگهجي ٿو؟ هن ڪامينوودوورسڪي ڏانهن موٽڻ ۽ ڪيس نالن پڌائڻ کان سواءِ سازش متعلق پڌائڻ ۽ لائبريئس کي به هوشيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

پر جڏهن هو موٽيو ته ڪامينوودوورسڪي ڪاغذ نه پئي ڀاريا. رڳو سندس هڪ مددگار وسامندڙ باهه کي ڦهلجڻ کان روڪڻ لاءِ ان تي نظر رکيو ويٺو هو.

ڏوهه واقع نه ٿيو. ان کي اڳ ۾ ئي روڪيو ويو. جيئن پوءِ ظاهر ٿيو ته سازش جي اڳ ۾ خبر پئجي چڪي هئي. ان ڏينهن تي ان کي وائکو ڪيو ويو ۽ سازشين کي پڪڙيو ويو. سيووبليوآئي اڪسائينڊڙ جاسوس وارو ڪم ڪيو هو. يوري اجا به وڏيڪ ڪرب محسوس ڪرڻ لڳو.

(9)

اها خبر پئجي ويئي ته فوجين جا خاندان هاڻي ڪئمپ ۾ هڪ ڏينهن اندر پهچي ويندا. فوجي انهن جي آجيان ڪرڻ ۽ ترت پوءِ ڪوچ ڪرڻ جون تياريون ڪرڻ لڳا.

هو ڪيس پنهنجي تنبوءَ جي دروٽ مليو. ڪهاڙو سندس هٿ ۾ هو. سندس آڏو بيدمُشڪ جي ڪچن ٻوٽن جو هڪ ڍگهو ڍير پيل هو. هن انهن کي وڍيو ته هو پر اجا تائين انهن کي ڇليو نه هئائين. ڪجهه لنيون جتي هو بيٺا هئا، اتي پوري وزن سان ڪرندي پنهنجي نوڪدار ڇهنب سان پسيل زمين ۾ گهڙي ويون هيون. بين کي هن ٿوري فاصلي تان گهلي ڪٺي اچي باقي ڍير مٿان رکيو هو. پنهنجي لچڪدار ٽارين تي ڪنبندي ۽ لڏندي ڪچا ٻوٽا نه ته زمين تي پيل هئا ۽ نه ئي هڪ ٻئي سان گڏيل هئا. ائين ٿي لڳو ته ڄڻ پنهنجي ڦهلايل ٻانهن جي گهيري ۾ آٽي چڙيو هو ۽ منجهيل ٽارين جي جهڳٽي ۽ ساوڻ پنن سان سندس تنبو اندر ويندڙ رستي کي روڪي رهيون هجن.

"اهو منهنجي پيارن مهمانن لاءِ آهي." پامڦل وضاحت ڪئي.

"منهنجي زال ۽ منهنجا ٻار ..تنبو گهڻو هيٺ آهي ۽ مينهن سڌو اندر ٿو اچي. مون انهن کي ڇت ٺاهڻ لاءِ وڍيو آهي."

"آئون نه ٿو سمجهان ته پامڦل، هو تو کي ڪين پنهنجي تنبوءَ ۾ رهائڻ جي اجازت ڏيندا. ڪنهن اجا تائين ٻڌو آهي ته شهرين، عورتن ۽ ٻارن کي ڪئمپ ۾

رهڻ جي اجازت ڏني ويئي هجي؟ اهي ٻاهر ڳاڙين سان ڳڏ ڪٽي تڪندا. تون پنهنجي فارغ وقت ۾ ساڻن جيترو چاهين ايترو ملي سگهندين پر آئون نه ٿو سمجهان ته ڪين تنهنجي تنبوءَ ۾ رهڻ جي اجازت ڏني ويندي. بهرحال آئون ان ڳالهه لاءِ نه آيو آهيان. انهن جو چوڻ آهي ته تون ڪمزور ٿيندو پيو وڃين ۽ ڪائي ۾ سمهين نه ٿو سگهين. اهو سچ آهي ڇا؟ آئون ته چوندس ته تون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ پيو لڳين. جيتوڻيڪ تون حجامت ڪرائي سگهين ٿو."

پامقل ڪارن وڪريل وارن، ڏاڙهي ۽ ٻن حصن ۾ ورهايل هموار نرڙ وارو هڪ هچا جهڙو مڙس هو. سندس سامهون واري هڏي جي ٿولهه جيڪا سندس لونڊڙين سان چلي يا رڪ جي ڦيٿي جيان چهنيل هئي، سندس منهن کي رڪ هيٺ لتڪائي ڇڏيو هو.

جڏهن انقلاب جي شروع ۾ اهو ڊپ پيدا ٿيو هو ته 1905 جيان اهو اپار به هڪ ناڪام واقعو ثابت ٿيندو جنهن جو اثر رڳو ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن تائين محدود رهندو ۽ باقي سماج جي گهرائي تائين ان جي پهچ نه ٿي سگهندي ته هر ممڪن طريقي سان انقلابي پروپيگنڊي کي ماڻهن تائين پهچائڻ، ڪين جاڳائڻ، حرڪت ۾ آڻڻ ۽ ڪاوڙ ۾ ڀري ڇڏڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي.

انهن شروعاتي ڏينهن ۾ پامقل جهڙا ماڻهو جن کي دانشورن، ڪامورن ۽ اشرافيا سان هڪ ڇتي نفرت ڪرڻ لاءِ ڪنهن حوصلي افزائي جي ضرورت نه هئي، ڪلهي ڏر جي جوشيلن دانشورن لاءِ هڪ اڻلڀ شيءِ هئا ۽ سندن گهڻو قدر هو. سندن غير انساني سوچ کي طبقاتي شعور جو معراج سمجهيو ويندو هو ۽ سندن وحشي پڻي کي پرولتاري پختگي ۽ انقلابي جبلت جو نمونو ڪري خيال ڪيو ويندو هو. پنهنجن انهن خاصيتن ڪري پامقل مشهور ٿي ويو هو ۽ انقلابي فوج جا اڳواڻ ۽ پارٽي جا رهنما ڪيس انتهائي عزت جي نگاهه سان ڏسندا هئا.

يوريءَ کي اهو اداس ۽ ماڻهن کان پري رهڻ وارو ديو پنهنجن ننڍڙن مفادن ۽ روح کان عاري هئڻ سان گڏ هڪ ڪريل ماڻهو لڳو. هڪ اهڙو ماڻهو جيڪو بلڪل صحيح الدماغ نه هجي.

"تنبوءَ ۾ اچ." پامقل چيو.

"نه. ڇو ڀلا؟ هتي کليل ميدان ۾ وڌيڪ بهتر آهي. بهرحال آئون اندر نه ٿو اچي سگهان."

”ٺيڪ آهي. جيئن تنهنجي مرضي. اسان هتي ڪاٺ تي ويهي سگهون ٿا.“

اهي لڏندڙ پنن تي ويهي رهيا ۽ پامفل پوريءَ ڪي پنهنجي زندگيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي. ”ماڻهو چوندا آهن تہ ڪهاڻي اها جيڪا جلدي ٻڌائي وڃي. پر منهنجي ڪهاڻي ڏکي آهي. آئون اها ٽن سالن ۾ ٻڌائي نہ سگهيو آهيان. مون کي خبر ناهي تہ ڪٿان شروع ڪيان. ٺيڪ آهي آئون ڪوشش ڪيان ٿو. منهنجي زال ۽ آئون ٻنهين ۾ ڪم ڪندا هئاسين. اها هڪ خراب زندگي نہ هئي. اسان کي ٻار هئا. انهن مون کي فوج ۾ ڀرتي ڪري ڇڏيو. پوءِ انهن مون کي جنگ تي موڪلي ڇڏيو. هاتہ جنگ.. آئون توکي جنگ متعلق ڇا ٻڌايان؟ ڪامريڊ ڊاڪٽر پاڻ ان کي ڏٺو آهي. پوءِ انقلاب اچي ويو. مون کي روشني نظر آئي. سپاهين جون اکيون کلي ويون هيون. اسان ٻڌو تہ دشمن رڳو پرڏيهي نہ هئا. اسان جا دشمن ملڪ اندر پڻ موجود هئا. عالمي انقلاب جا سپاهيو! پنهنجون رائفلون رکي گهر وڃو ۽ بورجوازي سان مهاڏو اٽڪايو ۽ وغيره وغيره. توکي پاڻ ان سيڪجهہ جي ڄاڻ هوندي ڪامريڊ فوجي ڊاڪٽر. ٺيڪ آهي اڳتي ٿا هلون. پوءِ گهرو ويڙهہ شروع ٿي ويئي. آئون انقلابين سان شامل ٿي ويس. هاڻي مون کي گهڻو ڪجهہ ڇڏڻو پوندو يا آئون ڪڏهن بہ پڇاڻي تي نہ پهچندس. ان سيڪجهہ کان پوءِ هاڻي آئون ان موجوده وقت ۾ ڇا ٿو ڏسان؟ هو حرامي، ألهندي محاذ تان بہ استوروپول رجمنٽون ۽ پهرين اورين برگ قزاقن کي پڻ وٺي آيو آهي. آئون ٻار ناهيان. ڇا آئون اٿين لڳان ٿو؟ ڇا آئون نہ ٿو سمجهان؟ ڇا مون فوج ۾ ڪم نہ ڪيو آهي؟ اهو خراب ڪم آهي، ڊاڪٽر! اسان جو وقت پورو ٿي ويو آهي. هو سوئر اهو ڪرڻ ٿو چاهي تہ پنهنجي سڄي گند سان گڏ اسان مٿان اچي ڪري. هو اسان کي گهيري ۾ آڻڻ ٿو چاهي.

پر مون کي زال ۽ ٻار آهن. جيڪڏهن هو حاوي ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ اهي ڪيئن ڪانئس بچي سگهندا؟ اهي يقيناً معصوم آهن ۽ ان سڄي معاملي کان ٻاهر آهن پر هو اها ڳالهہ سوچڻ جي تڪليف نہ ڪندو. هو منهنجي زال کي پڪڙي ڪيس ٻڌي ۽ پوءِ منهنجي ڪري ان کي ايذاءُ ڏيڻ شروع ڪندو. هو منهنجي زال ۽ ٻارن کي ايذاءُ ڏيندو. هو سندن جسم جي هر هڏي پڇي ڇڏيندو. هو ڪين چيري ڦاڙي ڇڏيندو. تون پڇين ٿو تہ آئون ڇو نہ ٿو سمهان. هڪ ماڻهو کي رڪ جو تہ ناهي سگهجي ٿو پر اها ڳالهہ سندس مٿي ڦيرائڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي.“

"تون کھڙو نہ عجيب شخص آهين پامڦل. آئون تو کي سمجهي نہ ٿو سگهان. سالن کان تون ڪنهن پري رهيو آهين. توکي اها بہ خبر نہ هئي تہ اهي ڪٿي هئا ۽ توکي ڪو فڪر نہ هو. هاڻي تون ساڻن ملي رهيو آهين ۽ بجاءِ خوش ٿيڻ جي تون سندن جنازي تي ڳالهہ جي تياري پيو ڪرين."

"اها اڳ جي ڳالهہ هئي. هاڻي معاملو مختلف آهي. هو سفيد حرامي اسان کي ماري رهيو آهي. بهرحال اسان تنهنجي متعلق نہ پيا ڳالهايون. منهنجو ڪم تہ ٿي چڪو آهي. آئون جلد ٿي مئل هوندس. پر آئون پنهنجن ننڍڙن کي پاڻ سان گڏ ٻي دنيا ۾ نہ ٿو وٺي وڃي سگهان. ڇا آئون ائين ڪري سگهان ٿو؟ اهي جيئرا رهندا ۽ هن ڪافر جي هٿن ۾ اچي ويندا. هو ڪين نپوڙي قطرو قطرو ڪري، سندن رت ڪڍندو."

"ان ڪري ئي توکي اهي وهم وسوسا ٿي پيا آهن. مون کي ٻڌايو ويو تہ توکي شيون نظر اچن ٿيون."

"ها تہ ڊاڪٽر مون توکي هر ڪا شيءِ نہ ٻڌائي آهي. مون اهم ترين شيءِ پاڻ تائين ئي رکي آهي. هاڻي جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ آئون توکي پورو سچ ٻڌائيندس. آئون اهو تنهنجي سامهون چوندس پر تون ان کي منهنجي خلاف استعمال نہ ڪجانءِ. مون تو جهڙن گهڻن جا ڪم لاٿا آهن. منهنجا هٿ گهڻن آفيسرن جي رت سان ڀريل آهن. آفيسر ۽ شاهوڪار. ان ڳالهہ مون کي ڪڏهن پريشان نہ ڪيو. اها ڄڻ پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيل حرڪت هئي. نالا ۽ تعداد سڀ منهنجي ذهن مان غائب ٿي ويا آهن. پر هڪڙو ننڍڙو همراهہ آهي جنهن کي آئون پنهنجي ذهن ما ن نہ ڪڍي سگهيو آهيان. نيٺ مون کي ڇو ڪيس مارڻو پيو؟ هن مون کي کلايو ۽ مون ڪيس رڳو هڪ چرچي تان، ڪنهن ڳالهہ کان سواءِ هڪ پوڪ جيان ماري ڇڏيو.

اهو فيبروري انقلاب ڪيرينسڪي جي وقت ۾ ٿيو هو. اسان جي دستي ۾ بغاوت ٿي هئي. اسان ريلوي اسٽيشن جي ويجهو هئاسين. اسان محاذ ڇڏي چڪا هئاسين. انهن هڪ نوجوان همراهہ کي، جيڪو پرچارڪ ٿي گڏ هو، اسان سان ڳالهائي واپس محاذ تي موٽڻ لاءِ چوڻ لاءِ موڪليو تہ جيئن اسان سوپ تائين وڙهون. ها تہ اهو ننڍڙو ڪيڊٽ اسان کي، چڱو ٿي هلڻ لاءِ چوڻ آيو هو. بلڪل چوزي جيان ٿي لڳو. "سوپ تائين وڙهندا رهو." سندس نعرو هو. هو ريلوي پليٽ فارم تي

رڪيل پاڻيءَ جي ٽانڪيءَ تي چڙهي رڙيون ڪري اهو نعرو هڻڻ لڳو. هو اتي ان ڪري چڙهيو هو تہ جيئن سندس جنگ وارو سڏ اوچائي ڪان اچي. اوچتو سندس هيٺان ٽانڪي جو ڍڪڻ هيٺ مٿي ٿي ويو ۽ هو سڏو اندر ڪري پيو. سڏو پاڻي جي اندر . تون سوچي نہ ٿو سگهين تہ هو ڪهڙو ڪلڻ جهڙو پئي لڳو. ڪِلندي ڪِلندي چڻ منهنجيون پاسيريون ٿي پڳيون! منهنجي هٿ ۾ رائفل هئي. ڪلندي منهنجو مٿو ڦري ويو. پاڻ کي روڪي نہ سگهيس. اهو ائين هو چڻ هو مون کي آياري رهيو هو. پوءِ مون پنهنجي رائفل مٿي ڪري، نشانو وٺي ڪيس گولي هڻي اتي ئي پورو ڪري ڇڏيو. آئون نہ ٿو سوچي سگهان تہ اهو سيڪجهہ ڪيئن ٿي ويو. بلڪل ائين چڻ ڪنهن ماڻهو مون کي اڳتي ڌڪيو هجي.

ها تہ منهنجي وهم وسوسن جو اهو ڪارڻ آهي. مون کي رات جو خواب ۾ اها اسٽيشن نظر اچي ٿي. ان وقت اها هڪ ڪل جهڙي شيءِ هئي ۽ هاڻي مون کي ان تي افسوس آهي."

"ڇا اها ميليوزيو شهر جي ويجهو بريوچي جي اسٽيشن هئي؟"

"ياد ناهي."

"ڇا تون زيبوشينو جي بغاوت ۾ شامل هئين؟"

"ياد ناهي."

"تون ڪهڙي محاذ تي هئين. ڇا اهو اولهندو محاذ هو؟ تون اولهہ ۾ هئين؟"

"ڪجهہ اهڙو ئي هو. اهو اولهہ ۾ ئي سگهي ٿو. مون کي ياد نہ ٿو اچي."

☆

## باب ٻارھون

# برفاني ٻيرن وارو وڻ

(1)

فوجين جي خاندانن، جيڪي ٻارن ۽ سامان سميت مڪمل هئا، وارو قافلو ڊگهي عرصي کان انقلابي فوج جي پويان هلي رهيو هو. ان کان پوءِ گاڏين جي پويان جانورن جو هڪ تمام وڏو ڌڻ هو، جنهن ۾ گهٽ کان گهٽ ڪِنون هيون جن جو تعداد هزارن ۾ هو.

عورتن جي اچڻ سان ڪئمپ ۾ هڪ نئين صورت ظاهر ٿي. اها ڪبا ريڪا هئي، هو هڪ سپاهي جي زال ۽ جانورن جو علاج ڪندڙ هئي. هوءَ هڪ ننڍڙو مٽي جهڙو ٽوپلو مٿي جي پاسن کان رکيو ۽ سائو برطانوي فوج وارو وڏو ڪوٽ پايو پئي چڪر هڻندي هئي. اهي شيون ايڊمرل ڪولچڪ کي برطانيا پاران ڏنل سامان جو حصو هيون. پر هن هر ڪنهن کي يقين ڏياريو ته هن اِهي هڪ قيديءَ جي ٽوپي ۽ جبي مان ٺاهيون هيون ۽ اهو به ته سرخن ڪيس ڪيزما جي جيل مان آزاد ڪيو هو جتي ڪنهن اٽجاتل ڪارڻ ڪري ايڊمرل ڪولچڪ کيس قيد ڪيو هو.

فوجي لومڙي واري جهنگل مان نئين ڪئمپ واري ميدان ڏانهن هليا ويا هئا. اهو فرض ڪيو ويو هو ته اهي اتي اوستائين رهندا جيستائين آسپاس واري علائقي کي الڳ نه ٿو ڪيو وڃي ۽ سردين لاءِ جاءِ نه ٿي ڳولي وڃي. پر بدليل حالتن کين اتي ئي سرديون گذارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

اها نئين ڪيمپ بلڪل پراڻي کان مختلف هئي. ان جي چوڌاري گهاٽو جهنگل ۽ اهڙو ٻيلو هو جنهن ۾ اندر نه پيو گهڙي سگهجي. هڪ پاسي تي ڪئمپ جي پويان ۽ شاهراه تي ان جو ڪو انت نه هو. ڪوچ ڪرڻ کان پوءِ شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن اجا تنبو هنيا پئي ويا ۽ پوري وٽ وڏيڪ واندڪائي هئي هن مختلف طرفن ۾ ان کي جاچيو هو ۽ پنهنجو پاڻ کي قائل ڪيو هئائين ته

ماڻهو ان ۾ سولائيءَ سان گم ٿي سگهيو ٿي. انهن مهمن جي دوران هن جاين ڪيس خاص طور تي متاثر ڪيو ۽ سندس ذهن ۾ سدائين لاءِ محفوظ ٿي ويون.

هڪ ڪئمپ جي بلڪل ٻاهران ٻيلي جي ڪُنڊ تي هئي. جهنگل سرءُ جي ڪري خالي هو. ان ڪري ماڻهو ان مان ائين ڏسي سگهيو ٿي جيئن کليل دروازي مان ڏسبو آهي. اتي هڪ شاندار اڪيلي ۽ ڪسيل برفاني وڻ ٿي پنهنجن پنن کي برقرار رکيو هو. هڪ ٽڪرائين، هيناهين، ڏبڻ مان اپريل ڏڙي تي وڏي ويجهي ان موتمار سياري آڏو پنهنجي سخت قرمزي ٻيرن ۽ گول سپاٽ حفاظت گاهه کي برقرار رکيو هو. سياري جا نندا پکي پنهنجن پرهه ڦٽي جي پاري جهڙن روشن پرن سان ان تي وينا هئا ۽ پنهنجي ڳچي اڳتي ڪري وڏن ٻيرن کي ڪنياڻون ٿي ۽ انهن کي ڳڙڪائڻ لاءِ پنهنجن مٿن کي پوئتي ٿي ڦتو ڪياڻون.

پکين ۽ وڻ جي وچ ۾ هڪ ويجهو فطري تعلق لڳو ٿي، ڄڻ ته برفاني وڻ انهن کي ڏکي عرصي کان پئي ڏٺو. ان جيتوڻيڪ ڪجهه ڪرڻ کان نابري واري هئي پر نيٺ ڪيس مٿن ڪهل اچي ويئي هئي. ڄڻ هڪ ماتيلي ماءُ وانگر هن پنهنجو چولو مٿي ڪري کين پنهنجي ڇاتي ڏيندي مرڪندي چيو هو ته "ها ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي، مون سان کائي پنهنجو پيٽ ڀريو."

ٻي جاءِ ته اچا وڌيڪ عجيب هئي. اها هڪ اوچائي تي هئي جيڪا هڪ پاسي کان اوچائي تان ٽٽي ٿي ويئي. هيٺ نٿن ۾ ڏسندي ماڻهوءَ کي لڳو ٿي ته هيٺ تر ۾ ضرور ڪا اهڙي شيءِ هئي جيڪا مٿي واري شيءِ کان مختلف هئي. اهو ممڪن آهي ته هڪ چشمو هجي. هڪ ڪڏ هجي يا اڻ وڍيل گاهه وارو وسيع ميدان هجي. پر حقيقت ۾ اهو ساڳي شيءِ جو ورجاءُ هو. بس رڳو هڪ مٿي ڦيرائيندڙ گهرائي ۾ هو. ڄڻ ته جهنگل پنهنجن وڻن جي چوٽين کي زمين تي ماڻهوءَ جي قدمن ۾ آڻي هيٺ هليو ويو هو. هتي امڪاني طور ڪنهن وقت تي ڇپن ڪرڻ جو واقعو ٿيو هوندو.

اهو ائين هو ڄڻ ته هڪ اداس ۽ ديو جهڙو جهنگ ڪڪرن جي سطح تي هلندي ٿابڙجي پيو هجي ۽ پاڻ کي سنڀالي نه سگهندي بلڪل ساڳي صورت ۾ هيٺ ڪري پيو هجي. جيڪڏهن اهو پاڻ کي بلڪل آخري پل ۾ معجزاتي طور سنڀالي نه ها نه شايد سڌو ڌرتي اندر گهڙي وڃي ها. اهڙيءَ ريت اهو هاڻي بلڪل محفوظ ۽ نيڪ ناڪ هيٺ موجود هو.

پر جابلو نٽن جي مٿانهين کي جنهن شيءِ نمايان ڪيو ٿي، اها رڳو اِها نہ هئي. ان جي چوٽي پاسن کان پٿر جون ٽڪريون هيون جيڪي اڳاٽي دور جي پٿرن جيان لڳيون ٿي. يوري جيئن انهن پٿر وارن ڍڪن وٽ آيو تيئن ڪيس لڳو تہ اهي قدرتي طرح ٺهيل نہ هيون پر انهن کي انساني هٿن ٺاهيو هو. ممڪن آهي تہ اها ڪا اڳاٽي عبادتگاهہ هجي جتي اڻ ڄاتل عبادت ڪندڙ پنهنجن ديوتائن جي عبادت ڪندا ۽ قربانيون ڏيندا هجن.

هتي ئي سازش ۾ شامل يارنهن مک اڳواڻن ۽ وودڪا ڪشيد ڪندڙ ٻن اردلين کي هڪ اداس ۽ سرد صبح جو موت جي سزا ڏني ويئي هئي.

ويهہ ڄڻن واري وفادار ترين محافظ دستي، جنهن کي لائبريئس جي محافظ دستي جي ماڻهن سان اچا وڌيڪ مضبوط بڻايو ويو هو، سزا ڪاڏل ماڻهن کي ان جاءِ تي آندو هو. پوءِ اهي رائفلون هٿ ۾ ڪٽي ڌڪيندا ڪناري تائين ڪٽي ويا جتي سندن چوڌاري اڌ گول ٺاهي بيٺا ۽ ڪين هيٺ اونهي ڪڏ کان سواءِ ٻي ڪا نڪرڻ جي واٽ نہ هئي.

انهن جيڪا پڇا ڳاڇا، ڏکي قيد ۽ بيعزتي سني هئي تنهن سندن ڇهرن تان انساني جهڙي هر شيءِ کي ختم ڪري ڇڏيو هو. ڪارا، وار ايا ٿيل ۽ ساٿا اهي اهڙا خوفائتا پٽي لڳا، جهڙا ڀوت.

ڪين پهريون پيرو گرفتار ڪرڻ وقت ٻي هٿيار ڪيو ويو هو. ۽ پوءِ ڪنهن کي اهو خيال بہ نہ آيو تہ ڦاسي کان اڳ سندن وري تلاشي ورتي وڃي. اهڙي تلاشي سطحي ۽ ڄسي ٿي لڳي، انهن ماڻهن جي هرويرو جي اهڙي تذليل، جيڪي موت جي ايڏو ويجهو هجن.

پر هاڻي اوچتو وودوويچينڪو جي هڪ دوست رزانتسڪي، جيڪو سندس پر ۾ هلي رهيو هو ۽ جيڪو هن وانگر ئي هڪ پراڻو انارڪسٽ هو، سيووبلاوئي تي نشانو چٽيندي محافظن تي ٽي گوليون هلايون. هو هڪ سٺو نشاني باز هو پر جوش ۾ سندس نشانو خطا ٿي ويو. ساڳي احتياط ۽ ڪهل، جنهن سندس ساٿين کي تلاشيءَ کان باز رکيو هو، هاڻي بہ محافظن کي مٿس جلهہ ڪرڻ ۽ ڪيس سندس ان ڪوشش لاءِ فوري طور گولي هڻڻ کان باز رکيو. رزانتسڪي جي ريوالور ۾ ٽي گوليون هيون. پنهنجي ريوالور تي چريو ٿيندي ۽ پنهنجي جوش ۾ ان ڳالهہ کي وساريندي تہ اتي قيدي موجود هئا، هن پنهنجي ريوالور کي پٿرن تي

قتل ڪيو. اهو چوٿون پيرو هليو ۽ هڪ سزا ڪاڏل اردلي پاچڪوليا جي پير ۾ وڃي گولي لڳي ۽ ان کي ڦٽي وڌائين.

پاچڪوليا رڙ ڪئي، پنهنجو پير جهلي ڪري پيو ۽ سور کان رڙيون ڪرڻ لڳو. سندس ويجهو ٻن ڄڻن سانڪا پافنتڪن ۽ ڪوسڪاگوريزدڪ ڪيس پاڻهن کان جهلي مٿي کنيو ۽ گهلڻ لڳا ته جيئن هو پنهنجي ساٿين، جن کي اها خبر نه هئي ته انهن ڇا پئي ڪيو، جي پيرن هيٺان اچي لتاڙجي نه وڃي. پنهنجي قتيل پير کي نه رکي سگهندي ٽپندي ۽ منڊڪائيندي ان پٽرائي ترائي ڏانهن ويندي، جتي سزا ڪاڏل همراهن کي نيو پئي ويو. هن لاڳيتو رڙيون پئي ڪيون. سندس غير انساني رڙين کان ٻيا به گهبرائجي ويا ۽ پنهنجو پاڻ تان ضابطو وڃائي ويٺا. پوءِ جيڪي ڪجهه ٿيو اهو سوچ کان ٻاهر هو. بددعائن ۽ گارين جو هڪ طوفان اٿي پيو.

تيرينتي گالوزين، جنهن کي اڃا تائين پنهنجي هيڊن ڪناريءَ واري اسڪول جي ٽوپي پاتل هئي، پنهنجن گوڏن تي ڪري ۽ ائين ئي جهڪندي ٻين همراهن پويان انهن خوفناڪ پٿرن ڏانهن وڃڻ لڳو. گهڙي گهڙي محافظن آڏو زمين تي جهڪندي ۽ اوڇنگارون ڏيندي هن پنهنجي مدهوش ۽ سريلي آواز ۾ کين درخواست ڪئي ته " مون کي معاف ڪيو دوستو. مون کي افسوس آهي، اڳتي آئون ائين نه ڪندس. مهرباني ڪري مون کي وڃڻ ڏيو. مون کي نه ماريو. مون اڃا تائين پنهنجي زندگي پوري نه ماڻي آهي. آئون ڪجهه عرصو وڌيڪ جيئڻ چاهيان ٿو. آئون پنهنجي ماءُ سان بس هڪ ڀيرو وري ملڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري دوستو، مون کي معاف ڪيو. مون کي وڃڻ ڏيو. آئون اوهان لاءِ ڪجهه به ڪندس. آئون توهان جي قدمن جي خاڪ کي چمندس. اوه، مون کي بچايو! بچايو! امان آئون ختم ٿي ويس."

ميڙ ۾ لڪل ڪنهن ڳائڻ واري انداز ۾ چوڻ شروع ڪيو.

"سٺا ساٿيو، مهربان ساٿيو! اهو ڪيئن ممڪن آهي. ٻن جنگين ۾ اسان گڏ وڙهياسين. اسان ساڳين شين لاءِ گڏ ٿي وڙهياسين. اسان کي ڇڏيو دوستو. اسان توهانجو ٿورو لاهي ڇڏينداسين، اسان سڄي حياتي توهان جا ٿورائتا رهنداسين. اسان توهان کي اهو پنهنجي عمل سان ثابت ڪري ڏيکارينداسين. ڇا توهان ٻوڙا آهيو يا پيو ڪجهه آهي؟ توهان جواب ڇو نه ٿا ڏيو؟ توهان يسوع جا پوئلڳ ناهيو!"

ٻين سيوويليوائي تي رڙ ڪئي: ”اوه يهودا! يسوع جا قاتل! جيڪڏهن اسان غدار آهيون تہ تون ڪتا، شل گهٽجي مرين. اسان ڪان تي پيرا وڏو غدار آهين. تو پنهنجي قانوني زار کي ماريو جنهن سان وفاداري جو تو حلف ڪنيو هو. تو اسان سان وفاداريءَ جو قسم ڪنيو ۽ اسان کي ٺي دوکو ڏنو. ڏس پنهنجي شيطان، پنهنجي فاريسٽر کي دڙکي ڏيڻ ڪان اڳ ان کي چمي وٺ. تون ان سان بہ دوکو ڪندين، نيڪ آهي نہ!“

قبر جي ڪناري تي ٻوودويچينڪو پنهنجي پاڻ سان اهڙي ريت سچو رهيو جيئن هو پنهنجي سڄي زندگي رهيو هو. سندس ڪنڌ اوچو ۽ پورا وار هوا ۾ اڏريا پئي. هن رزانتسڪي کي ائين مخاطب ٿيندي جيئن هڪ انارڪسٽ ٻئي سان ٿيندو آهي، وڏي آواز ۾، جنهن کي سيئي ٻڌي سگهيا ٿي، چيو تہ:

”پنهنجو پاڻ کي گهٽ نہ ڪر! تنهنجو احتجاج وٽن نہ پهچندو. اهي نوان شاهي فوجي، اهي نون ايذاءَ گهرن جا ماهر ڪاريگر تو کي ڪڏهن بہ نہ سمجهندا! پر دل نہ هار. تاريخ سچ ڳالهائيندي. ايندڙ نسل ڪوميساريت جي انهن شهزادن کي شرم جي صليب تي چاڙهي ڇڏيندو، سندن ڪارن ڪرتوتن کي ڦاهي ڏيئي ڇڏيندو. اسان عالمي انقلاب جي پرهہ ڦٽيءَ جي شهيدن جو موت مرون پيا. روح جو انقلاب زنده باد! عالمي انارڪي زنده باد!“

اهڙو حڪم، جيڪو رڳو رائفل بردارن ٻڌو، ويهہ گولين جو وسڪارو ٿيو جن اڌ سزا ڪاڌلن کي لٽي ۾ گهٽڻ کي بلڪل ماري ڇڏيو. گولين جي ٻئي وسڪاري باقي همراهن جو ڪم لاهي ڇڏيو. ڇوڪرو تيرينتي گالوزين سيني ڪان وڏيڪ دير تائين تڙپندو رهيو پر نيٺ سندس جسم بہ سانت ٿي ويو.

(2)

سردين لاءِ اجا وڏيڪ اوپر ڏانهن وڃڻ جي خيال کي سولائي سان ترڪ نہ ڪيو ويو هو. گشتي دستن کي شاهراهہ جي پوياں ويٽسڪ .. ڪيزما دريائن جي چوڙ وٽ جائزي وٺڻ لاءِ موڪليو ويو هو. لائبريئس اڪثر يوريءَ کي پنهنجي ليکي ڇڏيندي پاڻ غائب هوندو هو. پر درحقيقت انقلابي فوج لاءِ ڪيڏانهن بہ وڃڻ ۾ ڪافي دير ٿي چڪي هئي ۽ اهي ڪٿي بہ وڃي نہ ٿي سگهيا. اهو سندن بدترين پسپائين جو وقت هو. سفيد روسين پاڻ پنهنجي تباهي جي شروعات

ڪندي جهنگل جي فوج جي بي قاعده دستن کي هڪ موتمار ڌڪ هڻڻ ۽ کين هميشہ لاءِ ختم ڪرڻ لاءِ کين گهيري ورتو هو ۽ هر پاسي کان متن دٻاءُ وجهي رهيا هئا. جيڪڏهن اهو دائرو ننڍو هجي ها تہ سرجن لاءِ اها صورتحال تباهہ ڪن هجي ها. کين ان جي وسعت محفوظ رکيو هو. چاڪاڻ تہ اينڊڙ سردين ٻيلن کي لنگهڻ جهڙو نہ ڇڏيو هو ۽ دشمن کي هاري فوج کي وڌيڪ ويجهڙائي کان گهيرڻ لاءِ پاسي وارن دستن آڻڻ کان روڪي ڇڏيو هو.

بهرحال حرڪت ڪرڻ ناممڪن ٿي چڪو هو. جيڪڏهن وڻن ڪا اهڙي رٿا هجي ها جنهن مان خاص فوجي فائدا حاصل ٿي سگهن ها تہ پوءِ اهي واقعي گهيرو ٽوڙي اڳتي وڌي وڃن ها. پر اهڙي ڪا پڪي رٿا نہ ٺاهي ويئي هئي. ماڻهو پنهنجي سهپ جي حدن کي ڇهي رهيا هئا. ننڍن ڪمانڊرن همت ڇڏي ڏني هئي ۽ ان سان گڏ ماتحتن تي سندن اثر پڻ گهٽجي ويو هو. مک ڪمانڊر رات ۾ ڪائونسل جي گڏجاڻي ڪندا هئا ۽ متضاد حل پيش ڪندا هئا. ڪئمپ کي ڇڏڻ جي خيال کي نيٽ ترڪ ڪيو ويو ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ٻيلي جي وچ ۾ موجوده حيثيت کي وڌيڪ مضبوط ڪيو وڃي. هتي کين اهو فائدو حاصل هو تہ سردين ۾ گهري برف کين خاص طور ان ڪري پهچ کان ٻاهر ڪري ڇڏيو هو جو سفيد روسين وٽ برف ۾ هلڻ جي سامانن جي کوٽ هئي. فوري ڪم پنهنجي حيثيت کي مضبوط ڪرڻ ۽ وڏي مقدار ۾ سامان ذخيرو ڪرڻ هو.

ڪئمپ جي سامان جي نگران اٽي ۽ پٽاٽن جي سخت کوٽ جو اطلاع ڏنو هو. بهرحال جانور وڏي تعداد ۾ هئا ۽ هن اها اڳڪٿي ڪئي تہ سردين ۾ کاڌو کير ۽ گوشت گهٽو هوندو.

سردين ۾ پائڻ وارن ڪپڙن جي بہ کوٽ هئي. ڪجهہ فوجي اڌ لباس پائي پئي هليا. اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ڪئمپ جي سيني ڪتن کي ماريو وڃي. اهڙن ماڻهن کي، جن کي کلن جي لباس ٺاهڻ جو تجربو هو. ڪتي جي کل جي جيڪيٽن ٺاهڻ جي ڪم تي لڳايو ويو. جن کي پائڻ وقت بجن وارو پاسو ٻاهر هوندو هو.

يوري کي زخمين کي آڻڻ لاءِ سواري ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو. گاڏين کي ٻين وڌيڪ اهم ضرورتن لاءِ رکيو ويو هو. آخري پيرو جڏهن فوجين ڪئمپ منتقل ڪئي ويئي هئي تہ زخمين کي ٽيهہ ميلن تائين اسٽريچر تي کنيو ويو هو.

وٽس جيڪي دوائون اجا تائين موجود هيون، اهي ڪونين،ڪجهه لوڻ ۽ آيوڊين هيون. پر آيوڊين ٽڪين جي شڪل ۾ هئي جنهن کي پٽي ٻڌڻ يا آپريشن لاءِ استعمال ڪرڻ کان اڳ شراب ۾ حل ڪرڻو ٿي پيو. ووڊڪا ڪشيد ڪندڙ بٺيءَ کي ڊاهڻ تي هاڻي افسوس پئي ڪيو ويو ۽ انهن ڪشيد ڪندڙن، جن کي مقدمي ۾ ٻين کان گهٽ ڏوهي هئڻ ڪري آزاد ڪيو ويو هو. اهو چيو ويو ته اهي ان جي مرمت ڪن يا وري نئين سر ٺاهين. هاڻي طبي مقصدن لاءِ شراب جي پيداوار سرڪاري طور تي وري شروع ٿي ويئي هئي. ان خبر کي سٺي ۽ خراب ٻنهي طريقن سان ورتو ويو. ڪئمپ ۾ هڪ پيرو پيهر شراب نوشي رائج ٿي ويئي جنهن عمومي طرح حوصلن کي پست ڪرڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو.

جيڪو شراب ٺاهيو پئي ويو، اهو سو سيڪڙو نج هو. ان معيار تي اهو ٽڪين کي ڳارڻ ۽ ڪونين جي ٽنڪچر تيار ڪرڻ لاءِ مناسب هو. اهو ٽائيفس جنهن سرد موسم ۾ هڪ وبائي شڪل اختيار ڪري ورتي هئي، جي علاج ۾ ڪم آيو.

(3)

يوري، پامڦل ۽ سندس گهر وارن سان ملڻ لاءِ ويو. سندس زال ۽ ٽن ٻارن، جن مان ٻه ڇوڪريون ۽ هڪ ڇوڪرو هو، گذريل گرمين جي سڄي مند مٽي وارين سڙڪن تي کليل آسمان هيٺان پڄندي گذاري هئي. اهي پنهنجن تجربن کان ڊنل هئا ۽ نون ڏهڪائن جي توقع ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. ڇٽني جا وار ڇڊا، سڄ جي ڪري هيڊسرا ۽ گهاٽا پرون سندن سانورن ۽ ڪومليل چهرن جي پيٽ ۾ اڃا هئا. ننڍي هئڻ ڪري ٻار پنهنجين تڪليفن ۽ اهنجن جا نشان نه ٿي ڏيکاري سگهيا پر ماءُ جو چهرو بلڪل زندگي کان عاري ٿي چڪو هو. ڊپ ۽ ڊپ سندس چپن کي ڏاڍي جيڏو سوڙهوءِ تڪليفن ۽ پاڻ بچائڻ واري جاکوڙ کيس جذبن کان عاري ڪري ڇڏيو هو.

پامڦل انهن سڀني لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو هو ۽ ٻارن کي جنون جي حد تائين پيار ٿي ڪيائين. هن پنهنجي تيز تيل ڪهاڙيءَ جي ڪنڊ سان سندن لاءِ سها ڪکڙ ۽ رڇ ٺاهڻ واري مهارت ڏيکاري، يوري کي حيران ڪري ڇڏيو.

پنهنجن گهر وارن جي اچڻ سان هو گهڻو خوش هو ۽ هاڻي نيڪ ٽيڻ لڳو

هو. پر هاڻي اهي خبرون پئي هليون تہ گهر وارن جي موجودگي ڪي نظم و ضبط لاءِ خراب ليکيو پئي ويو ۽ انهن ڪي مناسب حفاظت هيٺ ڪئمپ کان ڪجھ فاصلي تي سردين ۾ رهڻ وارين جاين ڏانهن موڪليو پئي ويو. اهڙي ريت ڪئمپ کي شهرين جي فضول بار کان آجو ڪيو ويندو. ان رٿا تي عملدرآمد متعلق ايتريون تياريون نہ پئي ڪيون ويون جيتريون ان متعلق ڳالهيون هيون. يوريءَ کي شڪ هو تہ ان تي ڪڏهن عمل بہ ٿي سگهندو پر پامقل جا حوصلا پست ٿيڻ لڳا ۽ سندس وهم، وسوسا وري ڪيس پريشان ڪرڻ لڳا.

## (4)

سردين جي اچڻ کان اڳ ڪئمپ پريشانين ۽ غير يقينين، مونجهاري، ڏيجاريندڙ حالتن ۽ مجرد ۽ غير منطقي واقعن جهڙي هڪ بدنظمي واري دور مان گذري.

سفيد روسين رٿا موجب گهيرو مڪمل ڪري ورتو هو. انهن جي اڳواڻي جنرل وٽسين، قادري ۽ باسا ليگو ڪري رهيا هئا جيڪي پري پري تائين پنهنجي سختي ۽ پختي ارادي ڪري ڄاتا ويندا هئا ۽ جن جا رڳو نالا ئي ڪئمپ اندر رهندڙ پناهگيرن ۽ اڃا تائين گهيرو ڪندڙ فوجين جي پويان پنهنجن اباڻن ڳوٺن ۾ رهندڙ پرامن آباديءَ کي خوف ۾ مبتلا ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا.

دشمن وٽ پنهنجي گرفت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ذريعا نہ هئا. انقلابي فوجين وٽ ڏپ جو ڪو ڪارڻ نہ هو پر سندن لاءِ غيرسرگرم رهڻ ناممڪن هو. سندن پاران صورتحال کي ائين ئي قبول ڪرڻ سان دشمن جو حوصلو وڌيو ٿي. اهي پلي پنهنجي چار اندر ڪيترو بہ محفوظ هئا پر ڪين حملو ڪرڻو هو. پوءِ اهو پلي رڳو پنهنجي فوجي صلاحيت ڏيکارڻ لاءِ ئي ڇو نہ هجي.

ان مقصد لاءِ هڪ مضبوط دستو ناهي ان کي دائري جي الهندي موڙ وٽ گڏ ڪيو ويو. گهڻن ڏينهن جي سخت ويڙهہ جي نتيجي ۾ اهي سفيد فوج کي شڪست ڏيئي ان جي گهيري کي ٽوڙي صفن جي پويان پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ان گهاٽي ٻيلي ۾ ڪئمپ ڏانهن ايندڙ هڪ واٽ کولي ڇڏي جتان نون پناهگيرن جو هڪ ريلو ڪئمپ ۾ داخل ٿيو. انهن مان سڀئي فوجين جا مائٽ نہ هئا. سفيد فوج جي انتقامي قدمن کان ڏڄي آسپاس جي علائقن جي سڄي آبادي

پنهنجن گهرن مان پٺي وڃي هٽي ۽ هاڻي هارين جي فوج، جنهن کي انهن پنهنجو فطري محافظ سمجهيو ٿي، ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش رکي ٿي.

پر ڪئمپ پنهنجي زير ڪفالت ماڻهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ ٿي آتي هٽي ۽ نون اينڊڙن ۽ اوپرن جي بار کڻڻ لاءِ بلڪل تيار نه هئي. ايلچين کي پٺي اينڊڙن سان ملڻ ۽ کين چيلمڪا دريا جي پرسان واري ڳوٺ ڏانهن موڪلڻ لاءِ موڪليو ريو. ڳوٺ کي ڊوري چيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته ان جي چڪيءَ جي ڇوڏاري پنيون هيون. اتي پناهگيرن کي سردين لاءِ ترسائڻ ۽ کين اهي شيون موڪلڻ، جيڪي سندن لاءِ پاسيرو ڪري رکيون ويون هيون، جي تجويز هئي.

جڏهن اهي قدم کنيا پئي ويا ته حالتن پاڻ پنهنجو رخ متعين ڪيو ۽ ڪئمپ جي ڪمان انهن سان گڏ هلي نه سگهي.

دشمن پنهنجين صفن ۾ پيل گهاري کي بند ڪري ڇڏيو هو ۽ جنهن دستي اها ڪارروائي ڪئي هئي، اهو هاڻي بيلي ۾ موٽي نه پئي سگهيو.

فوجين جي پريشانين ۾ واڌاري ڪرڻ لاءِ پناهگير عورتن نهايت ئي عجيب نموني جو ورتاءُ اختيار ڪرڻ شروع ڪيو. گهاٽي بيلي سندن ڳولا کي ڏکيو بنائي ڇڏيو هو ۽ جڏهن موڪليل ماڻهو کين قابو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته اهي جهنگل تي ڪاهه ڪري، وڻن کي ڪيرائي، سڙڪون ۽ پلون ٺاهي پنهنجي ليکي ڪارائتا ڪم انجام ڏينديون هيون.

انهن مان هڪ به شيءِ انقلابي ڪمان جي خيالن سان مطابقت نه پئي رکي ۽ لائبيريئس جون سڀ رٿائون هيٺ مٿي ٿي ويون.

(5)

ان سڄي صورتحال سندس مزاج کي اهڙو ٺاهي ڇڏيو هو. هو شاهراهه جي ويجهو جتان اها بيلي جي ڪنڌ وٽان گذري ٿي، شڪاري سيوري سان ڳالهائي رهيو هو ۽ سندس عملي جا گهڻا ميمبر سڙڪ تي ويٺي اهو بحث ڪري رهيا هئا ته ڇا سڙڪ سان گڏ ويندڙ تار کي ڪٽجي يا نه. آخري فيصلو ڪرڻ جو حق لائبيريئس جو هو پر هو في الحال سيويريڊ سان ڳالهه ٻولهه ۾ محو هو ۽ ٻين کي انتظار ڪرڻ لاءِ اشارا پئي ڪيائين.

ودوويچينڪو، جنهن جو ذڪر رڳو اهو هو ته سندس اثر رسوخ ڪيس لائبريئس جي مقابلي ۾ آڻي بيهاريو هو ۽ ڪئمپ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا هئا، کي گولي لڳڻ

ڪري سيويريد سخت صدمي واري حالت ۾ هو. سيويريد چاهيو ٿي تہ هو انقلابي فوج کي ڇڏي پنهنجي پراڻي، ذاتي، آزاد زندگي ڏانهن موٽي وڃي. پر اهو ناممڪن هو. هن پنهنجي چوند ڪري ڇڏي هئي ۽ جيڪڏهن هن هاڻي پنهنجن فاريسٽ پائرن کي ڇڏيو ٿي تہ سندس حشر بہ ساڳيو ودوويچنيڪو وارو ٿيندو.

موسم نهايت خراب هئي. تيز ۽ تکي هوا اڏرندڙ ڪارن تتل ڪڪرن کي هيٺ ڌرتي مٿان ڪٽي آئي هئي. انهن مان برف ڪرڻ شروع ٿي، جنهن ترت ئي ڌرتيءَ کي اڇي چادر ۾ ويڙهي ڇڏيو. پر هڪ پل اهاڳري ڪوئلو ٿي ويئي ۽ ڌرتي ڪاري زوردار وسڪاري واري آڪاش هيٺان ڪوئلي جيان ڪاري ٿي ويئي. ڌرتي وڌيڪ پاڻيءَ کي جذب نہ ڪري سگهي.

جڏهن وقت بوقت ڪڪرن تڏي بلور جهڙين چمڪندڙ ڪُليل درين جيان وکري آسمان کي هوا ٿي پهچائي تہ زمين تي جذب نہ ٿيل پاڻي بہ جواب ٿي ڏنو ۽ تلائن ۽ ڍبن جون دريون ساڳيءَ چمڪ سان ٿي چلڪڻ لڳيون.

مينهن، ڍونهون ۽ گج ٻڌجي صنوبر جي وڻن تي ڇانئجي ويو هو. انهن جون سين جهڙيون نوڪدار تاريون ايترو پاڻي جي اثر کان پري هيون جيترو ڪو تيل وارو ڪپڙو هوندو آهي. تار جون لائنون مينهن ڦڙن سان پريون پيون هيون جيڪي تسبيح جي داڻن جيان هڪ ٻئي جي ويجهو اهڙيءَ طرح لتڪيل هئا جو لڳو ٿي تہ ڪڏهن بہ اتان نہ ڪرندا.

سيويريد انهن ماڻهن مان هڪ هو جن کي پڳل عورتن سان ملڻ لاءِ موڪليو ويو هو. هن پنهنجي صاحب کي اهو ڪجهہ ٻڌائڻ پئي چاهيو جيڪي هن ڏٺو هو.

جاري ٿيل متضاد حڪم ناما، جيڪي ڪنهن بہ ريت حالتن تي لاڳو ٿيڻ جهڙا نہ هئا ۽ پيدا ٿيل مونجهارو،ڪمزور ترين عورتن کي ويتر مايوس ڪري ڇڏيو هو ۽ هر قسم جي اميد وڃائي چڪيون هيون. ڳوٺين، بندلن ۽ ٻارن جي بار سان سٿيل پيرين پيادي پاڻ کي گهليندي سفر جي دهشت کان پنهنجوذهني توازن بہ وڃائي چڪيون هيون. اهي عورتون پنهنجن ٻارن کي ڇڏي، پنهنجين ڳوٺين مان مڪئي کي زمين تي وکيري واپس موٽي ويون هيون.سندن چوڻ هو تہ هو بکن وگهي چڙي چڙي مرڻ کان فوري موت بهتر. جهنگ جي جانورن جي چيرڻ ڦاڙڻ کان بهتر هو تہ دشمن جي چنبي ۾ ڦاسجي. هن سفر ۾ جوان ماٺرن جون ڇاتيون بہ سڪي ويون هيون.

البته انهن مان اهڙيون ڪجهه مضبوط عورتون به هيون جن اهڙي همت ۽ خودضابطي ڏيکاري هئي جيڪا مردن ۾ به گهٽ ملي ٿي سگهي.

سويريد کي پنهنجي اڳواڻ سان بيون گهٽيون ڳالهيون ڪرڻيون هيون. هن ڪئمپ مٿان لامارا ڏيندڙ هڪ بغاوت، جيڪا اڳوڻي ناڪام ڪيل بغاوت کان وڌيڪ خطرناڪ هئي، جي خطري متعلق اڳواڻ کي آگاهي ڏيڻ ٿي گهُري. سو آهستي ڳالهائيندي پنهنجو موقف وڌيڪ بهتر نموني بيان ڪري سگهيو ٿي پر لائيبريئس ڪيس تڪڙو ڳالهائڻ تي مجبور ڪندي حقيقتاً چڻ ڪيس ڳالهائڻ جي قوت کان محروم ڪري ڇڏيو. لائيبريئس جي بي صبري رڳو ان ڪري نه هئي ته رستي تي بينل سندس دوست ڪيس سڏي ۽ اشارا ڪري رهيا هئا پر ان ڪري به هئي ته گذريل پندرنهن ڏينهن ۾ ڪيس اهڙيون تنبيهون ور ور ڪري ڏنيون ويون هيون ۽ هاڻي ڪيس اهي دل تي اڪريل هيون.

"مون کي وقت ڏي ڪامريڊ چيف. آئون لفظن جي استعمال ۾ ڪو گهڻو چگو ناهيان. اهي لفظ منهنجن ڏندن ۾ اٽڪي پون ٿا ۽ منهنجو ساهه ڪڍن ٿا. آئون اهو ٿو چوان ته توهان عورتن جي ڪئمپ ۾ وڃو ۽ کين حڪم ڏيو ته پنهنجيون اهي بيوقوفيون بند ڪن. ٻي صورت ۾ آئون توهان کان پڇان ٿو ته اهو سيڪجهه ڇا پيو ٿئي. ڪوليڪ خلاف جنگ يا عورتن جي وچ ۾ هڪ جنگ؟"

"جلدي ٻڌائي وٺ سويريد. تون ڏسين ٿو ته منهنجو انتظار پيو ٿئي. ڳالهه کي وروڪڙ نه ڏئي."

"۽ هاڻي اها شيطان ڪبا ريڪا آهي. شيطان کي خبر ته هو نيٺ ڇا آهي. هو چئي ٿي ته مون کي جانورن جي ڏيک ڪرڻ لاءِ رکي ڇڏيو..."

"تنهنجو مطلب جانورن جي ڊاڪٽر سان آهي."

"ها منهنجو اهو ئي مطلب آهي. جانورن جو علاج ڪندڙ هڪ خاتون ڊاڪٽر، پر هن وقت اها ڪافر، شيطان جي مقدس ماءُ جانورن جي سنڀال نه پئي ڪري. هو گڏوٺن لاءِ اجتماعي دعائون ٿي ڪرائي ۽ نوجوان پناهگير زالن کي پنهنجن ڪمن ڪارين ڪرڻ کان منع ٿي ڪري. "توهان پاڻ ئي پنهنجين تڪليفن لاءِ ذميوار آهيو. هوءَ کين چوي ٿي ۽ پنهنجن ڪپڙن کي مٿي جهلي ڳاڙهي جهنڊي پويان ڊُڪڻ جو اهو ئي نتيجو نڪري ٿو. وري ائين نه ڪجو."

"تون ڪهڙن پناهگيرن جي ڳالهه ٿو ڪرين. اسان جي ڪئمپ وارن جي يا ڪن ٻين جي؟"

پنهنجو پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪندي ڪباريڪا آهستي هيو گيت ائين ڳائڻ شروع ڪيو ڄڻ پاڻ کي ٿي ٻڌائيندي هجي. پوري جيڪو شام ٿاڻي برف واري وڻ آڏو ڏيڻ سان گڏ نهيل پنڌ هلڻ واري رستي تي احتياط سان هلي رهيو هو. پنهنجن قدمن کي روڪي ڇڏيو. اهو ڪو پراڻو لوڪ گيت لڳو ٿي پر ڪيس ان جي ڄاڻ نه هئي. شايد ڪباريڪا ان ۾ تبديليون ڪيون هجن.

هڪ پراڻو روسي لوڪ گيت بند اندر پاڻي مثل هوندو آهي جيڪو لڳندو آهي ته بيٺل آهي ۽ وهي نه پيو پر پنهنجين گهرائين ۾ اهو لاڳيتو بند جي دروازن مان گذري رهيو هوندو آهي ۽ سندس هڪ جاءِ تي بيهڻ رڳو هڪ دوکو هوندو آهي.

هر ممڪن طريقي ورجاءَ ۽ تشبيهن سان. اهو پنهنجي موضوع جي ڏيري ڏيري ظاهر ٿيڻ کي روڪيندو يا ان کي آهستي ڪندو رهندو آهي ۽ پوءِ ڪنهن پراسرار نقطي تي پهچي اوچتو پاڻ کي ظاهر ڪندو آهي. وقت جي وهڪري کي روڪڻ واري انهيءَ چريائپ واري ڪوشش ۾ هڪ ڏکايل ۽ پاڻ تي ضابطو رکندڙ هڪ روح کي پنهنجو اظهار ملندو آهي.

ڪباريڪا اڌ ڳائي ۽ اڌ ڳالهائي رهي هئي:

"جيئن هڪ سَهُو هن وسيع دنيا ۾ ڊوڙي رهيو هجي،
هن وسيع دنيا ۾ اڇي برف تي،
ڊوڙندي اهو ڪنن وارو سَهُو برف جي وڻ وٽان گذريو .
ڇا مون ڏکهن ڪنن واري سهي وٽ هڪ ڏنل دل ناهي،
جهنگلي جانورن جي پيرن جا نشان، بگهڙ جو بکيو پيٽ.
او برفاني وڻ مون تي رحم ڪر، او سنا برفاني وڻ،
پنهنجي سونهن مڪار دشمن کي نه ڏي،
مڪار دشمن، مڪار ڪانو.
پنهنجن ڪارن پيرن کي هوا ۾ وکيري ڇڏ،
انهن کي ٻڪ ڀري هوا ۾ وکيري ڇڏ ۽ ان کي اهي ڪٽي وجڻ ڏي،
وسيع دنيا ڏانهن، ڦهليل اڇي برف ڏانهن ،
انهن کي منهنجي اباڻي شهر ڏانهن موڪل،
سڙڪ جي بلڪل پڇاڙي ۾ آخري گهر ۾،
سڙڪ جي آخري گهر ۾، آخري دري، ڪمرو،

جتي هوءَ پنهنجي راهبن جهڙي اڪيلائيءَ ۾ لڪل آهي،
منهنجي پياري، منهنجي دلبر،
منهنجي ڏکايل پيار، منهنجي ڪنوار سان سرگوشي ڪر،
هڪ پرجوش، هڪ پيارو لفظ،
آئون هڪ سپاهي، قيد ۾ سڙان پيو،
گهر وڃڻ لاءِ بيچين، آئون ويچارو سپاهي پرڏيهه ۾ قيد آهيان،
آئون پنهنجي ان سخت قيد مان ڀڄي ويندس ـ
آئون پنهنجي ڳاڙهي هير، پنهنجي سهڻي محبوب ڏانهن ويندس."

(7)

پامفل جي زال اگاتا پنهنجي بيمار ڳئون ڪباريڪا وٽ ڪاهي آئي هئي، ڳئون کي ڌڻ کان ڌار ڪري ان جي سڱن ۾ رسي ٻڌي وڻ سان ٻڌو ويو هو. اگاتا ان جي اڳين ٽنگن وٽ وڻ جي ٿڙ تي ويٺي هئي ۽ ڪباريڪا سندس پوين ٽنگن وٽ کير ڏهڻ واري منجيءَ تي ويٺي هئي.

باقي اڻ ڳڻپ جانورن جي ڌڻ سان پريو پيو هو. ميدان جي چوڌاري صنوبر جي جبلن جيڏا ٽڪندا اوچا وڻ، پنهنجي ڦهليل ٽارين کان ائين مٿي اڀري رهيا هئا ڄڻ اهي زمين تي اوڪڙو ويٺا هجن.

گهڻو ڪري سڀ ڳئون ڪاري ۽ اڇي رنگ جون هيون ۽ سندن تعلق سوئٽزرلينڊ جي اهڙي نسل سان هو، جيڪو سائيبيريا ۾ مشهور هو. اهي ڳئون پنهنجين تڪليفن، پنهنجي ختم نه ٿيندڙ سفر ۽ گهٽ جاءِ ۾ گهڻن جانورن هئڻ واري صورتحال ڪري پنهنجن مالڪن جيان ئي ٿڪل هيون. پاسي سان پاسو گسائڻ ۽ جاءِ جي گهٽ هئڻ ڪري سندن مٿو ڦري ويو هو ۽ اهو وساري چڪيون هيون ته هو ڪهڙي جنس سان تعلق رکن ٿيون. پوئتي ٿي هڪٻئي جي مٿان پٺي چڙهيون ۽ ڍڳن جيان رنيون پئي ڪيائون. اهي ڳابا جيڪي سندن هيٺان لڪل هوندا هئا، ڌار ٿي پڇ مٿي ڪيو ٻوٽن ۽ ٽارين کي لتاڙيندا جهنگ ...نهن ڀڄي ويندا هئا ۽ ڳنوار رڙيون ڪندا انهن جي پويان ڊوڙندا هئا.

ڄڻ ته چراگاهه مٿان سردين واري آسمان ۾ وڻن جي چوٽين، اڇن ۽ ڪارن ڪڪرن کي به تنگ دائري ۾ سوڙهو ڪيو هجي، اهي ڪڪر به ڳئن جيان اڳتي پوئتي ٿي هيڏي هوڏي ڊوڙي رهيا هئا.

ڪجهہ فاصلي تي بيٺل متجسس تماشائين جي گهور ڏيڻ کي ناراض ڪري وڏو ۽ هُن مٿن هڪ ڪرڙي نظر وڌي. پر هڪ ماهر طور اهو مڃڻ سندس شان جي خلاف هو تہ ان ڳالهہ ڪيس تنگ ٿي ڪيو. ان ڪڌهن ڪين نظرانداز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. يوري ميڙ جي پويان بيهي ڪيس ڏسندو رهيو پر هن ڪيس نہ ڏٺو.

هيءَ پهريون پيرو هو جو هو ڪيس چڱي ريت ڏسي سگهيو هو. ڪيس پنهنجي ساڳي ٽوپي ۽ برطانوي فوج جو سائو وڏو ڪوٽ پاتل هو. جنهن جو ڪالر مُزيل سُڙيل هو. پر هنيلي ۽ جذباتي تاثر جنهن هن وڏي عمر جي عورت جي اکين ۾ هڪ جواني سان ڀرپور چمڪ ۽ ڪاراڻ پيدا ڪري ڇڏي هئي، صاف طور سندس ڪجهہ پائڻ يا نہ پائڻ متعلق لاتعلقي کي ظاهر ڪيو ٿي.

يوريءَ کي جنهن ڳالهہ حيران ڪيو اها پامڦل جي زال ۾ آيل تبديلي هئي. سندس اکيون ڪوپن مان ٻاهر نڪرڻ لڳيون هيون ۽ سندس ڳچي ايڏي ڏگهي ۽ سنهڙي هئي جهڙا ٽانگي جا ٻر. هو گذريل ڪجهہ ڏينهن ۾ ايڏي پوڙهي ٿي ويئي هئي جو يوري لاءِ ڪيس سڃاڻڻ ڏکيو ٿي پيو هو. مٿس اهڙو لڪل ڊپ ۽ خوف جو اثر هو.

"پياري هي بلڪل ڪيرنہ ٿي ڏٺي،" هوءَ چئي رهي هئي. منهنجي خيال موجب تہ هيءَ شايد پيٽ سان آهي. ڪيس ڪير ڏيڻ ڪپي ها ۽ اجا تائين ڪيرنہ ٿي ڏٺي."

"هوءَ پيٽ سان ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ تون سندس ٿڻ تي ٻلهاڙي جو ڦٽ ڏسي سگهين ٿي. آئون توکي سندس ٿڻ تي جڙي ٻوٽين جو تيل ڏيان ٿي ۽ ها آئون يقيناً ڪيس ڦيٽو بہ وجهندس."

"منهنجي ٻي مصيبت منهنجو مڙس آهي."

"آئون ڪيس جادو ڪري موٽائي ڇڏينديس. هو پنهنجي وات تان نہ هٽندو. اهو سولو ڪم آهي. هو توکي ڇهتيو پيو هوندو ۽ تون منجهانئس جان آجي ڪرائي نہ سگهندين. تنهنجو ٻيون ڪهڙو مسئلو آهي؟"

"اها ڳالهہ ناهي تہ هو رستي تان ٿڙي ويو آهي. ڪا اهڙي ڳالهہ ناهي پر بدنصيبي اها آهي تہ هو پنهنجي پوري قوت سان مون سان ۽ ٻارن سان ڇهتيو پيو آهي ۽ اها ڳالهہ سندس جيءَ کي جهوري ٿي. آئون ڄاڻان ٿي تہ هو ڇا سوچي ٿو. سندس خيال آهي تہ اهي ڪئمپ کي ورهائي ڇڏيندا. اهي مون کي ۽ منهنجي ٻارن کي هڪ پاسي ۽ هنن کي پاسي موڪلي ڇڏيندا. ٻيو اهو تہ اسان بسالڳو

جي ماڻهن جي هٿن ۾ اچي ويندا سين، هو اتي نہ هوندو ۽ پيو ڪير بہ اسان جي مدد لاءِ موجود نہ هوندو. اهي اسان کي ايذاءُ ڏيندا ۽ اسان جي تڪليفن تي خوشيون ڪندا. مون کي سندس سوچ جي خبر آهي. مون کي ڊپ آهي تہ ڪٿي هو پنهنجو انت نہ آڻي ڇڏي."

"آئون ان متعلق سوچ ويچار ڪنديس. تنهنجي ان ڏک جو آئون ڪونہ ڪو علاج ڳولي وٺنديس..... پر تنهنجو ٽيون ڪهڙو مسئلو آهي؟"

"منهنجو ٽيون ڪو بہ مسئلو ناهي. بس اهي ئي مسئلا هئا."

"ٺيڪ آهي، پياري توکي ڏکن ڳاري وڌو آهي. ڏس تہ خدا ڪيڏو نہ توتي مهربان آهي! اهڙو توکي ائين ئي ملڻ ڏکيو آهي جيئن گاهہ جي ڍير مان سئيءَ جو ڳولهڻ. تنهنجي ويچاري دل ۾ رڳو بہ ڏک آهن انهن مان هڪ پيار ڪندڙ مڙس جو ڏک ۽ پيو تنهنجي ڳئون ۽ ٻارن جو ڏک. تون مون کي ڳئون لاءِ ڇا ڏيندين؟"

"تون ڇا وٺندينءَ؟"

"مانيءَ جو هڪ ڳيو ۽ تنهنجو مڙس."

تماشو ڏسندڙ اچي ٽهڪن ۾ ڇٽا.

"تون پوڳ پٽي ڪرين؟"

"ڇا. اهو گهٽو آهي؟ ٺيڪ آهي مانيءَ جي ڳيي ڪانسواءِ منهنجو گذارو ٿي ويندو. تنهنجي مڙس تي ئي اسان معاملو طئي ٿا ڪريون."

ٽهڪ اڃا زوردار ٿي ويا.

"ڇا نالو آهي تنهنجي مڙس جو نہ پر تنهنجي ڳئون جو؟"

"سونهن."

"اڌ ڏڻ جو اهو ئي نالو آهي. ٺيڪ آهي اسان خدا جي مهربانين سان شروع ٿا ڪيون."

هن ڳئون لاءِ منتر پڙهيو. شروع ۾ هوءَ واقعي ڳئون متعلق ئي سوچي رهي هئي پر ٿوري دير کان پوءِ پنهنجي وهڪري ۾ وهي ويئي ۽ اگلاتا کي ڏيٺن جي ڪم متعلق ڪوڙساريون هدايتون ٻڌايون. يوري دمبخود ٿي ان کي بلڪل ائين ئي ٻڌندو رهيو جيئن روس مان پهريون ڀيرو سائيبيريا پهچڻ وقت گاڏي هلائيندڙ باڪوس جي بڪ بڪ ٻڌي هئي.

عورت چئي رهي هئي:

"چاچي مارگيتسا اچ ۽ اسان جي مهمان ٿي. اربع واري ڏينهن اڇجاڻ ۽ بيماري، جادو ۽ ڦٽ ڪٽي وڃڻ. ڏي گابي جي ٿڻ کي ڇڏ. ماٽ ڪري بيهه سونهن، پنهنجو ڪم پورو ڪر، پيالي کي نه ڪيراءِ. ٽڪر وانگر ماٽ ڪري بيهه ۽ ڪير کي لاڙون ڪري وهڻ ڏي. پنهنجو جوهر ڏيکار، ڏاڍن واري بيماري ڪٽي وڃ، ڦٽ ڪٽي وڃ. انهن کي وڃي ڪنڊن وارن ٻوٽن ۾ ڦٽو ڪر. جادوگر جو اکر مالڪ جيان مضبوط هوندو آهي.

تون ڏسين ٿي اگاتا پياري، تو کي هر شيءِ جيڪا ڪرڻي آهي ۽ جيڪا ناهي ڪرڻي، فرار ٿيڻ جا اکر ۽ محفوظ رکڻ لاءِ اکر سيکجهه توکي معلوم هئڻ گهرجي. هر شيءِ متعلق توکي معلوم هئڻ گهرجي. هاڻي مثال طور تون اتي ڏس ۽ پنهنجو پاڻ کي چئه ته اتي جهنگ آهي، پر اتي بدي جو قوتون فرشتي صفت ماڻهن سان وڙهي رهيون آهن.

اهي ائين پيون جنگ ڪن جيئن تنهنجا ماڻهو بساليگو جي فوج سان وڙهي رهيا آهن يا وري ٻيو مثال وٺ، اتي ڏس جتي آئون اشارو پئي ڪريان. پياري تون غلط پاسي ڏسي رهي آهين. پنهنجين اکين جو استعمال ڪر، پنهنجي مٿي جي پوئين حصي جو نه. اتي ڏس جتي آئون آڱر سان اشارو پئي ڪيان. هاڻي ٺيڪ آهي! هاڻي تون ڇا ٿي سمجهين ته اهو ڇا آهي؟ تون سمجهين ٿي ته اُهي ٻه ٽاريون آهن جي کي هوا پاڻي ۾ ڳنڍي ڇڏيو آهي؟ يا هڪ پکي پنهنجو آکيرو ٺاهيو ناهي؟ اهڙي ڪا به شيءِ ناهي. پر اها شيءِ هڪ شيطان جو رانديڪو آهي، هڪ هار، جيڪو پاڻي جي ڏيڻ پنهنجي ڌي لاءِ اُڻڻ شروع ڪيو هو پر جڏهن انهن اتي ماڻهن کي ايندي ٻڌو ته ڌيي پنهنجو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. پر تون ڏسجاڻ ته هو انهن ئي راتين ۾ هن کي پورو ڪري وٺندي. پنهنجي ڳاڙهي جهنڊي کي وٺ. تنهنجي خيال ۾ اهو هڪ جهنڊو آهي. ڇا تون اهو نٿي سمجهين اهو هڪ جهنڊو ناهي. اهو موت واري عورت جو گلابي رومال آهي ۽ هوءَ ان کي ورغلائڻ لاءِ استعمال ڪري ٿي. ورغلائڻ لاءِ ڇو پلا؟ هوءَ ان کي لهرائي ٿي ۽ ناز نخرا ڪري نوجوانن کي موت جي منهن ۾ وجڻ لاءِ ورغلائي. پوءِ هو ڏڪار ۽ وبائون موڪلي ٿي. اها ئي آهي اها ۽ تون مٿس يقين ڪرين ٿي. تون سمجهين ٿي ته اهو هڪ جهنڊو آهي. تنهنجي خيال ۾ هن چيو ٿي ته توهان دنيا جا سڀ غريبو ۽ محنت ڪشو مون ڏانهن اچو؟

اڳاٽا، منهنجي نياڻي توکي اڄ ڪلهه هر شيءِ جي خبر هئڻ گهرجي. هر پکي، هر ٻوٽي متعلق ڄاڻ هئڻ گهرجي. اهو پکي مثال طور مينا آهي ۽ اهو جانور ڳورپٽ آهي.

هاڻي فرض ڪر ته تون ڪنهن کي پسند ڪرين ٿي ته تون مون کي هاڻي ٻڌاءِ. آئون ڪيس تنهنجو غلام بڻائي ڇڏيندس. پوءِ پلي اهو ڪير به هجي. تون جيڪڏهن چاهين ته اهو تنهنجو فوريسٽر جيڪو تو تي راڄ ٿو ڪري يا ڪو شهزادو ايوان، روايتي روسي ڏندڪٿائي ڪهاڻين جو شهزادو، ۽ ٻيو ڪوب ٿي سگهي ٿو. تون سمجهين ٿي آئون مڙيئي ٺٺوليون پئي ڪريان؟ حقيقت ۾ ائين ناهي. هاڻي ڏس آئون توکي چوان ٿي ته جڏهن طوفان ۽ واچوڙي سان سردين جي منڊ اينديَ آهي ۽ برف جا ٽڪرا هڪ ٻئي جي پويان پيا ڪرندا آهن ته اهڙي ئي برف جي هڪ ڍير ۾ آئون ڳن تائين هڪ چاقو تنبيديس. پوءِ جڏهن آئون برف مان ان کي ٻاهر ڪڍنديس ته اهو رت ۾ ڳاڙهو هوندو. ڇا تو اهڙي شيءِ متعلق ڪڏهن ٻڌو آهي؟ ها ته هاڻي ڏس. تنهنجو خيال هو ته آئون ٺٺاڪ پئي هڻان. هاڻي تون مون کي اهو ٻڌاءِ ته اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته برف جي ڍير مان، جيڪو برف ۽ هوا ڪانسواءِ ٻي ڪنهن به شيءِ جو ٺهيل ناهي، رت نڪري؟ اهو ائين آهي پياري ته واچوڙو رڳو هوا ۽ برف ناهي پر اهو هڪ اهڙو جادوئي بگهڙ آهي جنهن پنهنجو طلسماتي ٻار وڃايو آهي ۽ هاڻي ميدانن ۾ رڙيون ڪندي ان کي ڳولهي رهيو آهي. ان کي ئي مون پنهنجي چاقوءَ سان ڌڪ هنيو هو. جنهن جي ڪري اهو رت سان ڀرجي ويو آهي. هاڻي ان چاقوءَ سان آئون ڪنهن به مرد جي پير جو نشان وڍي ان کي ريشمي ڌاڳي سان تنهنجي اسڪرٽ سان سبي سگهان ٿي. اهو ماڻهو پلي ڪولچڪ هجي يا استريلينڪوف يا ڪو سندن ناهيل نئون زار، مطلب ته ڪير به هجي، جيڏانهن تون وينديں. اهو تنهنجي پويان ئي لڳو پيو هوندو. تنهنجو خيال آهي ته آئون ڪوڙ پئي ڳالهايان!•

ٻيون گهٽيون شيون آهن. جهرڪ آسمان مان پٿرن جو وسڻ ته جيئن ماڻهو گهر کان ٻاهر نڪري ۽ پٿر سندس مٿان وسن. يا جيئن ڪجهه ماڻهن گهوڙيسوارن کي، جن جي گهوڙن جا سر گهرن جي ڇتن کي پيا لڳندا آهن، آسمان ۾ هلندي ڏٺو آهي ياجيئن جادوگرن پراڻي چوٽي متعلق اڳڪٿي ڪئي هئي: "هن عورت ۾ مڪئي آهي، هن ۾ ماکي ۽ ٽين ۾ پشم آهي. پوءِ سردار عورت جي ڪلهي کي

ائين کولي ٿو جيئن اها صندوقڙي هجي ۽ ان مان پنهنجي تلوار سان مکئي، پشم يا ماکيءَ جو مانارو ڪڍي ٿو."

ڪوبہ گهرو ۽ مضبوط احساس، جنهن سان اسان جو دنيا ۾ قدم قدم تي واسطو پئي ٿو، همدردي کان خالي نہ هوندو آهي اهو جيترو اسان ان کي پيار ڪندا آهيون اوترو اسان کي مظلوم لڳندو. ڪڏهن ڪڏهن مرد جي عورت لاءِ همدردي ۽ محبت سڀ حدون پار ڪري ويندي آهي ۽ هو پنهنجي تصور ۾ ڪيس هر امڪاني تڪليف کان آجو ڏسندو آهي ۽ ان کي اهڙي مقام تي آڻي بيهاريندو آهي جيڪو علم زندگيءَ ۾ ممڪن نہ هوندو آهي. هو ڪيس چوڌاري ڦهليل هوا، فطرت جي قانون ۽ ڪلئس اڳ گذريل صدين جي رحم و ڪرم تي محسوس ڪندو آهي.

يوري ايترو پڙهيو هو جو هو اِهو سمجهي سگهي تہ ڪباريڪا جا آخري لفظ تووگراڊيا اپاتييور جي ڪنهن قديم دستاويز جو شروعاتي ٽڪڙو هئا جن کي نقل ڪندڙن جي غلطين ۽ جادوگرن ۽ لوڪ شاعرن جي ورجاءُ ايترو بگاڙي ڇڏيو هو جو ان جو اصل مطلب ئي گم ٿي ويو هو. پوءِ چو پلا اهڙي ريت آيل انهن بي معنيٰ خيالن ڪيس پنهنجي گرفت ۾ وٺي ائين متاثر ڪيو هو جيئن حقيقي واقعا ڪندا آهن.

.... لارا جو ڪاپو ڪلهو اڪيلو هو. جيئن چاٻي لڪل تالي ۾ لڳندي آهي تيئن تلوار سندس ڪلهي جي ڦٽيءَ کي کولي، سندس روح جي خاني کي کولي ان ۾ سندس پاران رکيل رازن کي ظاهر ڪيو هو. عجيب شهرن، گهٽين، ڪمرن، ٻهراڙين جون يادگيريون فلم وانگر هلنديون ٿي ويون، ريشم جي ڏور جي بنڊل جيان کلنديون ٿي ويون.

هن ڪيس ڪيترو نہ چاهيو ٿي ۽ هوءَ ڪيترو نہ پيار ڪرڻ جي لائق هئي. بلڪل ساڳي ريت جيئن هن هميشہ سوچيو هو، جنهن جا هن خواب ڏٺا هئا ۽ جنهن جي ڪيس ضرورت هئي. پوءِ بہ اها نيٺ ڪهڙي شيءِ هئي جنهن ڪيس ايترو پيارو ناهيو هو؟ ڇا اِها ڪا اهڙي شيءِ هئي، جنهن کي ڪو نالو ڏيئي سگهجي پيو ۽ خاصيت واري فهرست ۾ جنهن جي نشاندهي ٿي سگهي ٿي؟ نہ، هزار ڀيرا نہ! هوءَ پنهنجي بي مثل سادگي ۽ ان تيز لڪير، جيڪا خالق هڪ ڌڪ ۾ سندس چوڌاري ڇڪي ڇڏي هئي، وڌيڪ پياري لڳندي هئي. پنهنجي ان فطري خدوخال ۾ ڪيس هڪ ٻار وانگر وهنجاري، تنجڻ ۾ ٻڌي روح جي حفاظت ۾ ڏنو ويو هو.

هاڻي ساڻس ڇا ٿيو هو ۽ هو ڪٿي هو؟ سائيبيريا جي جهنگ ۾ انقلابي فوجين سان گڏ جن کي گهيري ۾ آندو ويو هو ۽ جن جي ٿيندڙ انجام ۾ هو به شريڪ هو. ڪهڙي نه ناقابل يقين، واهيات ۽ اڻوڻندڙ صورتحال آهي، يوري جي ذهن ۾ اکين آڏو ڏنڊ هئي، هر شيءِ ڏنڊ ۾ ويڙهيل هئي. ان پل امڪاني برفباري ٿيڻ بجاءِ ڦوار پوڻ لڳي. شهر جي هڪ سڙڪ کان ٻي سڙڪ تائين ڦهليل، سندس آڏو جهنگ جي چراگاهه جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين هوا ۾ لٽڪيل هڪ حيرت ناڪ ديوتائن جهڙي انتهائي وڏي مٽي واري تصوير اچي ويئي، ان رنو ٿي ۽ مينهن ان کي چمي ڏيئي ڏوتو پئي.

”هاڻي تون وڃ.“ يُومي اگاٽا کي چيو، ”مون تنهنجي ڳڻون کي ڦيٽو وجهي ڇڏيو آهي، اها نيڪ ٿي ويندي. خدا کان دعا گهر. جبڪو روشني جو ذريعو ۽ زنده جاويد دعائن جو مجموعو آهي.

(8)

ٻيلي جي الهندي ڪناري تي ويڙهه ٿي رهي هئي. پر ٻيلو ايڏو وڏو هو جو اهڙي ويڙهه سلطنت جي ڪنارن تي سرحدي جهڙپن وانگر هئي. ڪئمپ ٻيلي جي وچ ۾ لڪل ايترن ماڻهن سان ڀريل هوندي هئي جو پلي ان مان ڪيترا به ڇٽا ويڙهه لاءِ هلي ٿي ويا پوءِ به هميشه پوئتي اتي ڪافي ماڻهو هوندا هئا.

پري ٿيندڙ ويڙهه جو آواز مشڪل سان ٿي ڪڏهن ڪئمپ تائين پهچندو هو. پوءِ اوچتو ڪيترين گولين هلڻ جا آواز جهنگ ۾ گونجيا پوءِ ترت ئي تيز ۽ بي ترتيب گوليون هلڻ شروع ٿي ويون، ماڻهو ڇرڪي اٿيا ۽ تيزيءَ سان پنهنجن تنبن يا گاڏين ڏانهن ڀڳا ۽ هڪ هل بکيڙو شروع ٿي ويو. هر ڪنهن کي پنهنجي سامان ڪٺڻ جي تڪڙ هئي،

اهو خبردار ڪرڻ وارو ڪوڙو اشارو ثابت ٿيو. پر پوءِ انقلابي فوجين جو هڪ وڏنڌڙ ميڙ ان جاءِ ڏانهن سرڪندو ويو. جتان گولين جا آواز ٻڌا ويا هئا.

اهي زمين تي ليٽيل هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي چوڌاري بيٺا هئا، جنهن جي جسم مان رت نڪري رهيو هو. ساڄي ۽ کابي ٻانهن ۾ تنگ سان هو ڪيئن سرڪندو ڪئمپ تائين آيو هو. وڍيل ٻانهن ۽ ٽنگ جي باقي بچيل رت ڳاڙيندڙ ٽ ڪرن کي ظالماڻي طريقي سان ڪاٺ جي هڪ ننڍي نڪري سان گڏ پٺ تي ٻڌو

ويو هو. ان ڪاٺ جي ٽڪڙي تي وڏن اکرن ۾ گارين سان گڏ لکيل هو ته اها ڏاڍائي ڳاڙهي فوج جي فلاڻي ۽ فلاڻي دستي، جنهن جو فاريسٽ جي فوج سان ڪو واسطو نه هو، جي ڪيل ساڳين ڏاڍاين جي بدلي طور ڪئي ويئي هئي. اهو به ان ۾ شامل ڪيو ويو هو ته جيڪڏهن مقرر تاريخ تائين پنهنجا هٿيار جنرل وٽس جي فوج جي نمائندن جي حوالي ڪيس نه ڪيا ويا ته انقلابي فوج جي سيني چٽڻ سان ساڳيو سلوڪ ڪيو ويندو.

جيتوڻيڪ رت زيان ٿيڻ ڪري هو بيهوش پئي ٿيو پر ان مرندڙ شخص پنهنجي ڏڪندڙ آواز ۾ جنرل وٽسن جي جاچ ۽ سزا ڏيندڙ جٿن طرفان ڏنل ايذائن ۽ ڦاهين متعلق ٻڌايو. ڪيس پنهنجي موت جي معافي ڏني ويئي هئي. ڦاهي ڏيڻ بجاءِ انهن ڪيس ڪئمپ ۾ موڪلڻ ۽ انقلابي فوج ۾ ڏهڪاءُ پيدا ڪرڻ لاءِ سندس ٻانهن ۽ ٽنگ وڍي ڇڏي هئي. اهي ڪيس ڪئمپ جي چوڪين تائين کڻي آيا هئا ۽ پوءِ زمين تي ڦٽو ڪري هوا ۾ گوليون هلائي ڪيس مجبور ڪندي اڳتي سرڪڻ جو حڪم ڏنو هئائون.

هو مشڪل سان پنهنجا چپ کولي سگهيو ٿي. سندس چوڌاري بيٺل همراهه سندس لفظن ٻڌڻ لاءِ هيٺ جهڪي ويا. هو چئي رهيو هو:

"ساٿيو! هوشيار رهجو. هو اندرگهڙي آيو آهي."

"گشتي دستن کي مضبوط ڪيو ويو آهي. وڏي ويڙهه ٿي رهي آهي. اسان کيس روڪي وٺنداسين."

"اتي هڪ خال آهي. هو توهان تي اوچتو ڪاهه ڪري حيران ڪرڻ چاهي ٿو. آئون ڄاڻان ٿو ته .... آئون وڌيڪ نه هلي سگهندس. دوستو! آئون ڇڙ ته ختم ٿي ويو آهيان."

"ٿورو آرام ڪر. خاموش ٿي. اي قاصائيو. اهو نه ٿا ڏسي سگهو ته اهو سيڪجهه هن لاءِ خراب آهي!"

هن همراهه وري ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"هن شيطان مون ن کان پڇا ڳاڇا شروع ڪئي. هن چيو ته: " جيڪڏهن تون مون کي اهو نه ٿو ٻڌائين ته تون ڪير آهين ته آئون تو کي رت ۾ وهنجاري ڇڏيندس." آئون وٽانئس توهان ڏانهن اچي رهيو هوس."

"تون چوين پيو ته اهو ڪير هو، جنهن تو کان پڇا ڳاڇا شروع ڪئي هئي؟"

"مون کي بس ساهہ ڪڍڻ ڏيو.. آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو جي ها، اهي هٿا. هيٽ مين بيڪيشين، ڪرنل اسٽريس، وٽسن جا همراهہ. توهان هتي اهو تصور ئي نہ ٿا ڪري سگهو تہ اهو ڇا آهي. سڄو شهر تڪليف ۾ ورتل آهي. اهي ماڻهن کي جيئري گرم پاڻيءَ ۾ ٽهڪائين ٿا. سندن ٻوٽيون وڍين ٿا. اهي ماڻهوءَ کي ڳچيءَ کان جهلي اندر ڏڪي ڇڏين ٿا ۽ ان کي خبر نہ ٿي پوي تہ هو ڪٿي آهي. بلڪل ڪاري اونداهي. هٿوراڙيون هٿبيون تہ خبر پوندي ماڻهو ريل جي گاڏي ۾ هڪ پڃري اندر آهي. پڃري ۾ چاليهہ کان مٿي ماڻهو آهن ۽ سيني کي ڪڇا ۽ گنجيون پاتل آهن. وقت بوقت اهي درڪولين ٿا ۽ جيڪو پهرين هٿ اچين ٿو ان کي ٻاهر ڪڍن ٿا ۽ پوءِ سمجهبو تہ هو ويو. اهي ماڻهوءَ کي ائين جهلين ٿا جيئن ڪڪڙ کي کهڻ لاءِ سندس ڳلي کان جهلبو آهي. آئون اهو خدا کي گواهہ ڪري ٿو چوان. ڪجهہ چٽن کي هو ڦاهي ڏين ٿا، ڪجهہ کي لوهہ جي سيخن سان مارين ٿا ۽ ڪجهہ کان سوال پڇن ٿا. اهي شڪاري، ماڻهوءَ جو هڪ هڪ عضوو پيچي ڇڏين ٿا. انهن ڦٽن تي لوڻ ٻرڪين ٿا ۽ ٽهڪندڙ پاڻي مٿان وجهن ٿا. جڏهن ماڻهو الٽي يا حاجت ڪري ٿو تہ اهو کائڻ لاءِ مجبور ڪن ٿا. جيستائين ٻارن ۽ عورتن جو سوال آهي تہ بس خدا جي پناهہ!"

ڦٽيل همراهہ پنهنجن آخري پساهن ۾ هو. هن رڙ ڪئي ۽ پنهنجي ڪٿا پوري ڪرڻ کان سواءِ مري ويو. اتي بيٺلن کي هڪدم ئي ان جي خبر پئجي ويئي ۽ انهن پنهنجون ٽوپيون لاهي صليب جو نشان ٺاهيو. ان رات اجا بہ هڪ وڌيڪ ڏيجاريندڙ واقعي جي خبر ڪئمپ ۾ گشت ڪرڻ لڳي.

پامڦل ان ميڙ ۾ شامل هو جيڪو مرندڙ همراهہ جي چوڌاري بيٺو هو. هن ڪيس ڏٺو هو، سندس لفظ ٻڌا هئا ۽ تختي تي لکيل لڱ ڪانڊاريندڙ عبارت پڻ پڙهي هئي.

پنهنجي موت جي صورت ۾ پنهنجي خاندان لاءِ سندس ڏپ نئين اوچائي تي پهچي ويو. پنهنجي تصور ۾ هن اڳ ۾ ئي ڪين آهستي ملندڙ ايذائن جي حوالي ٿيندي ڏٺو. هن ڏٺو تہ سندن منهن تڪليف سبب خراب ٿي ويا هئا ۽ هو مدد لاءِ ڪيهون ۽ رڙيون ڪري رهيا هئا. پنهنجي آئيندي جي تڪليف کي روڪڻ لاءِ هن ان ساڳي تيز ڌار واري ڪهاڙيءَ سان، پنهنجي زال ۽ ٽنهي ٻارن کي ماري ڇڏيو.

حيرت انگيز ڳالھ اھا ھئي تہ ھن ان ڪان ترت پوءِ پاڻ کي نہ ماريو. يوري سوچيو پئي تہ نيٺ ھن ڪھڙي ھي ڳالھ متعلق سوچيو پئي. سندس ذھن ۾ ڪھڙي ڳالھ ھئي؟ سندس ڪھڙا ارادا ٿي پئي سگھيا. ڪھڙيون رٿائون ھيون؟ ظاھر ھو تہ سندس زندگي ختم ٿي چڪي ھئي. اھو بہ واضح ھو تہ ھوچريو ٿي چڪو ھو.

جڏھن لائبريئس، يوري ۽ فوجي ڪائونسل جا بيا رڪن سندس معاملي تي غور ڪري رھيا ھئا تہ ساڻس ڇا ڪجي، ان وقت ھو آزاديءَ سان ڪئمپ ۾ گھمندو رھندو ھو. سندس مٿو ھيٺ ڇاتيءَ تي ڍرڪيل ھوندو ھو ۽ اکيون ڏسڻ ڪانسواءِ گھورينديون رھنديون ھيون. ھڪ غير انساني ۽ نہ ختم ٿيندڙ تڪليف واري موڳي ۽ مبھم مرڪ ڪڏھن بہ سندس منھن تان غائب نہ ٿي.

ڪنھن کي بہ مٿس افسوس نہ ھو. ھر ڪو ڪانئس پيو لنوائيندو ھو. ڪجھ ماڻھن جو چوڻ ھو تہ ڪيس ڦاھي ڏيئي ڇڏجي پر دين ڪا پنيرائي نہ ملي سگھي.

دنيا ۾ سندس لاءِ ڪجھ بہ ڪرڻ لاءِ نہ رھيو ھو. پرھ ڦٽيءَ مھل ڇتي ڪتي وانگر پنھنجو پاڻ ڪان ڀڄندي ھو ڪئمپ مان غائب ٿي ويو.

(9)

سرديءَ جي منڊ پوري زور ۽ شور سان آئي ھئي. برفاني ڏنڌ ۾ ٽٽل ۽ بي ربط آواز ۽ صورتون پيدا ٿي، حرڪت ڪري ۽ غائب ٿي ٿي ويون. سچ اھو سچ نہ ھو جنھن ڪان ڏرتي واقف ھئي پر بلڪل ٻيو پئي لڳو. ان جو قرمزي گولو جھنگ ۾ لتڪيل ھو جتان ان سختي ۽ آھستگيءَ سان جيئن خواب يا جادوئي ڪھاڻين ۾ ٿيندو آھي، ماکيءَ جھڙا گھاٽا عنبرين ھيڊي رنگ جا روشنيءَ جا شعاع وکيريا ٿي جيڪي وڻن ۾ ڦاسي انھن سان ٿي وچ ھوا ۾ جمي ٿي ويا.

نرم تري وارا فيلٽ بوٽ پاتل نظر نہ ايندڙ پير ڏرتيءَ کي آھستگيءَ سان ڇُھي رھيا ھئا پر پوءِ بہ ھر قدم تي برف مان ڪاوڙ جا آواز ٿي نڪتا. جڏھن تہ سندن ٽوپ ۽ نج چمڙيءَ وارا جيڪٽ پاتل جسم آسماني مخلوق وانگر مٿي ھوا ۾ پئي تريا.

دوست بينا ۽ پاڻ ۾ ڳالھايائون پئي، سندن منھن ھڪ ٻئي جي ويجھو ھئا ۽ ائين چمڪيا پئي جيئن وھنجڻ وقت ھوندا آھن ۽ ڏاڙھيون سخت ۽ ڪھريون

هيون. سندن وات مان نڪرندڙ گھاٽي ۽ آلي ٻاڦ انهن ڪتريل ۽ برف ڪاڌل اکرن کان گھڻي وڏي هوندي هئي، جيڪي ان سان گڏ هوندا هئا.

پنڌ هلندي يوريءَ جي ملاقات لائبريئس سان ٿي، جنهن ڪيس بيهاري ڇڏيو.

"هلو اجنبي! شام منهنجي خندق تي اچ ۽ رات رهُو. اسان کي گھڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن ۽ ڪجھ نيون خبرون به توکي ٻڌائڻيون آهن."

"ڇا ٽپالي موٽي آيو آهي؟ واريڪينو مان ڪا خبر؟"

"تنهنجي يا منهنجي گھر وارن متعلق ڪابه خبر ناهي. اها ڳالهه بهرحال مون کي هڪ اطمينان ڏئي ٿي ته اهي ضرور وقت تي اتان نڪري ويا آهن. نه ته اسان يقيناً ڪجھ نه ڪجھ ٻڌون ها. اسان رات ۾ ان متعلق ڳالهائينداسين. آئون تنهنجو انتظار ڪندس."

ان رات خندق ۾ ايندي ئي يوري پنهنجو سوال ورجايو:

"تو اسان جي گھر وارن متعلق ڇا ٻڌو آهي؟ مون کي رڳو اهو ٻڌاءِ."

"تون ڪڏهن به پنهنجي نڪ کان پري ڏسڻ نه ٿو چاهين. جيستائين مون کي خبر آهي ته اهي بلڪل محفوظ آهن پر ڳالهه اها آهي ته خبر بهترين آهي. ڪجھ ٽڌو گوشت کاءُ."

"نه مهرباني. هاڻي اصل ڳالهه تي اچ. موضوع نه بدلاءِ."

"توکي پڪ آهي ته توکي ان جي ضرورت ناهي. نيڪ آهي ته آئون هڪ گرهه کائي ٿو وٺان. جيتوڻيڪ اسان کي ماني ۽ ڀاڄين جي واقعي گھڻي ضرورت آهي. ڏاڻن جي بيماري گھڻي ڦهليل آهي. اسان کي گذريل سرءُ جي مند ۾ جڏهن عورتون هتي هيون. گھڻا اخروٽ ۽ ميوا گڏ ڪرڻ گهرندا هئا..... ها ته جيئن مون چيو پئي ته اسان جا معاملا بلڪل بهتر نموني هلي رهيا آهن. هميشه جنهن ڳالهه جي آئون اڳڪٿي ڪندو رهيو آهيان، اها سچ ٿي رهي آهي. بدترين دور گذري ويو. ڪولچڪ جون فوجون سڀي سرحد تان پوئتي هٽي رهيون آهن. اهي پٺي پري رهيون آهن. هاڻي تون ڏس. آئون هميشه توکي ڇا چوندو هوس؟ توکي ياد آهي ته تون ڪيئن دانهون ڪندو هئين؟

"آئون ڪڏهن دانهون ڪندو هوس؟"

"هر وقت خاص طور تي جڏهن وِتسن اسان کي دٻائي رهيو هو."

"واريڪينو ۾ ناهن ۽ اها انتهائي خوش قسمتي جي ڳالهه آهي. جنهن واهيات خبر متعلق توکي ڪا مينونوڊوورسڪي ٻڌايو هو ان جي به ڪا پڪ نه ٿي سگهي آهي. توکي گذريل گرمين واري واريڪينو تي پراسرار اجنبين جي ڪاهه واري افواهه ياد آهي؟ منهنجو هميشه کان اهو خيال هو ته اها پوڪپائي هئي. بهرحال ڳوٺ ويران ٿي ويو آهي جنهن مان اهو لڳي ٿو ته ڇڻ ڪجهه نه ڪجهه ٿيو هو. اها سڀني شيءِ ٿي ته اهي وقت تي اتان نڪري ويا. جيئن بظاهر آثارن مان لڳي ٿو. منهنجن ذريعن موجب اهو ٿي ڪجهه اتي باقي رهيل ڪجهه رهواسين جو خيال آهي."

"۽ يورياتن؟ اتي ڇا ٿيو؟ اهو ڪنهن جي قبضي ۾ آهي؟"

"اها وري هڪ ٻي بي معنيٰ ڪهاڻي آهي. اها ممڪن طور درست نه ٿي ٿي سگهي."

"اها ڇا آهي؟"

"ماڻهن جو چوڻ آهي ته اتي اڇا سفيد فوجون آهن. پر اها بلڪل ناممڪن ڳالهه آهي. آئون توکي ڏيکاريندس. تون پاڻ پنهنجي ليکي ڏسندين."

هن لوهي هٿئي ۾ هڪ ٻي ڪاٺي وڌي ۽ هڪ ليڙون ٿيل نقشو ڪڍي ان کي ويڙهندي ته جيئن جنهن علائقي متعلق هن ڳالهايو پئي، اهو مٿان هجي، پينسل هٿ ۾ جهلي صورتحال جي وضاحت ڪئي.

"ڏس، اِهي اُهي سڀ علائقا آهن. جتان سفيد فوج کي پوئتي ڌڪيو ويو آهي. هتي ۽ هِتي مطلب ته هن سڄي علائقي ۾ تون منهنجي ڳالهه سمجهين پيو نه؟"

"ها"

"ان ڪري هو ممڪن طور يورياتن جي ڪٽي ويجهو نه ٿا ٿي سگهن ۽ جيڪڏهن اُهي اُتي موجود به هئا ته به سندن رابطا ڪٽجي وڃڻ ڪري پڪڙجڻ کان بچي نه ٿي سگهيا. ڪو ٻار به ان شيءِ کي ڏسي سگهي ٿو ۽ سندن ڪمانڊر ته گهٽ ۾ گهٽ ايڏا پوڪ نه ٿا ٿي سگهن. تون پنهنجو ڪوٽ ڇو پيو پائين؟ تون ڪيڏانهن پيو وڃين؟"

"آئون هڪ پل ۾ موٽي ٿو اچان. هتي سمر ڌهتو دوبهن آهي ۽ مون کي مٿي ۾ سور آهي. آئون بس ٿورو ٻاهر تازي هوا ۾ ساهه کڻڻ ٿو وڃان."

سنتري جيئن تيزيءَ سان آيو هو تيئن پنهنجين ڏگهين برف پٽين ۾ ٻڏو بيهي ڊوڙندو موٽي ويو. سندس سيٽين جو آواز اڻ لتاڙيل برف تان سرديءَ جي سنهن وارن جهڙن ويران ٻوڙن پويان آيو پئي.

رستي يوريءَ کي ان برفاني وڻ وٽ آڻي بيهاريو. جنهن جو هن پنهنجي سهائتا لاءِ نالو ورتو هو.

اهو اڌ برف ۾ ڍڪيل هو. ان جا اڌ پن ۽ ٻير برف ۾ جميل هئا ۽ پنهنجون ٻه اڇيون ٽاريون آچڻ واري انداز ۾ ڏگهيريون هيئائين. کيس لارا جي اڇي ٻانهن ياد آئي ۽ ٽارين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيائين ۽ جڻ کيس جواب ڏيڻ جي انداز ۾ وڻ پاڻ کي لوڏي کيس سڄو برف سان ٻري ڇڏيو. هُو بي خوديءَ واري حالت ۾ پڙڪيو:

"منهنجي سونهن، منهنجو پيار، منهنجا برفاني وڻ، منهنجي جسم و جان آئون توکي حاصل ڪري رهندس."

اها هڪ صاف چانڊوڪي رات هئي. هو ٻيلي ۾ اجا اڳتي پنهنجي نشان لڳل وڻ تائين ويو، پنهنجون شيون ڪوٽي ڪڍيائين ۽ ڪئمپ ڇڏي ويو.

☆

باب تيرهون

# مجسمن واري گهر آڏو

(1)

واپارين واري سڙڪ آڏي ڦڏي نموني گهمندي ڦرندي ٽڪريءَ ڪان هيٺ ٿي ويئي ۽ يورياتين جي مٿئين پاسي تي ڏهيل گهرن ۽ گرجائن مان نظر آئي ٿي.

هڪ ڪنڊ تي عورتن جي مجسمن واري گهر جي پوري رنگ جي عمارت هئي. ان جي مهڙ جي هيٺين حصي جا وڏا چورس پٿر تازو چنبڙايل سرڪاري اخبارن ۽ اعلانن جي ڪري ڪارا لڳا پيا هئا. ان جي آڏو ماڻهن جا ننڍا ننڍا گروهه بيهي خاموشيءَ سان اُهي پڙهي رهيا هئا.

اتي برف رجڻ شروع ٿي هئي پر هاڻي موسم خشڪ ۽ سرد هو. هاڻي اتي ڏينهن جي وقت روشني هوندي هئي، جڏهن ته ڪجهه عرصو اڳ اونداهي هئي، جيڪا شام واري ٽاڻي تائين به اينگهندي پئي هئي. روشني سرهائي ڏيندڙ، پريشان ۽ خبردار ڪندڙ هوندي هئي.

سفيد فوج شهر کي ڳاڙهي فوج جي حوالي ڪري اتان هلي ويئي هئي. جنگ جو ڌڪاءُ، بمباري ۽ رتو ڇاڻ بند ٿي چڪي هئي. اها پڻ سردين جي مند جي وچڻ ۽ بهار جي ڏينهن جي ڊگهي ٿيڻ وانگر پريشان ڪن ڳالهه هئي.

ديوار تي چنبڙيل هڪ اعلان، جنهن کي ڊگهي ڏينهن جي روشني ڪارڻ اجا به پڙهي سگهجي پيو، ۾ اهو ٻڌايو ويو هو ته:

"پورهيتن جا ڪتاب انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ان جا اهل آهن، پنجاهه روبل في ڪتاب جي حساب سان يورياتين سوويت جي پنج نمبر آڪٽوبر سڙڪ (اڳوڻي گورنر جنرل سڙڪ) واري خوراڪ واري دفتر ڪمري نمبر 137 مان ملي سگهن ٿا.

جنهن وٽ به پورهيتن وارو ڪتاب نه هوندو يا ان کي غلط يا اجا به وڌيڪ خراب ته ڪوڙي نموني ڀريو هوندو، ان کي جنگ واري وقت جي قاعدن موجب سخت ترين سزا ڏني ويندي. پورهيت وارين ڪتابن کي ڀرڻ جون تفصيلي هدايتون يورياتين جي انتظامي ڪميٽي جي موجوده سال جي گزيٽ نمبر 86 (1013) ۾ ڇپيل آهن ۽ يورياتين جي خوراڪ واري دفتر ڪمري نمبر 137 ۾ چنبڙيل آهن."

هڪ ٻي پڌرائي ۾ چيل هو ته شهر ۾ خوراڪ جي وڏي مقدار موجود آهي. ان ۾ چيل هو ته بس بورجوازي پاران ورهاست ۾ بدنظمي ۽ ڏقيڙ پيدا ڪرڻ جي مقصد سان ان جي ذخيره اندوزي ڪئي ويئي آهي. اهو انهن اکرن تي پورو ٿيو ته:

"ڪنهن کي به خوراڪ ذخيرو ڪندي ڏٺو ويو ته ان کي موقعي تي گولي هنئي ويندي."

هڪ ٽيون اعلان هن ريت پڙهڻ ۾ ٿي آيو:

"اهي جن جو واسطو ڦرملر ڪندڙ طبقي سان ناهي، انهن کي صارفين جي انجمنن ۾ رڪنيت جي اجازت ڏني وڃي ٿي. تفصيل يورياتين سوويت نمبر 5 آڪٽوبر سڙڪ (اڳوڻي گورنر جنرل سڙڪ) ڪمري 137 مان حاصل ڪري سگهجن ٿا."

فوجين کي تنبيهه ڪندي چيو ويو هو ته :

"جيڪو پنهنجا هٿيار حوالي نه ڪندو يا انهن کي گهربل نئين اجازت ڪانسواءِ پاڻ وٽ رکندو، ان کي سخت ترين قانون موجب سزا ڏني ويندي. نوان اجازت ناما يورياتين جي انقلابي فوجي ڪميٽي جي دفتر نمبر.6 آڪٽوبر سڙڪ ڪمري نمبر. 63 مان حاصل ڪري سگهجن ٿا."

(2)

عمارت آڏو بينل ميڙ ۾ هڪ اهڙو ماڻهو اچي شامل ٿيو جيڪو نبل، جهنگلي لڳندڙ ۽ ڏوڙ ۾ ڪارو لڳو پيو هو. سندس ڪلهي تي رکيل لٺ ۾ بيدمُشڪ جي چوڏي جو نهيل ٿيلهو لٽڪيل هو .سندس ڏکهن ۾ ڪهرن وارن ۾ هڪ به اڇو وار نه هو، پر سندس ڳهاٽي ۽ ڳاڙهسري ڏاڙهي اڇي ٿي رهي هئي. اهو ڊاڪٽر يوري زواگو هو. سندس بخن وارو ڪوٽ ضرور واٽ تي ڪنهن ڪانئس ڦري ورتو هو يا شايد هن ڪنهن کي خوارڪ عيوض ڏنو هو. سندس سنهڙو، بنا ٻانهن وارو جيڪٽ يقيناً ڪنهن ڏي وٽ جو نتيجو هو.

احتياط سان ڪاٺئن پاڻ بچائيندو هو پر منجهائئن گهڻا چاتل لڳندا هئا. ڪيس محسوس ٿيندو هو تہ هن انهن سيني ڪي انقلابي فوج واري ڪئمپ ۾ ڏٺو هو. هڪ موقعي تي اها ڳالهہ درست هئي. اهو چوڪر برف ۾ دٻيل ريل جي هڪ دٻي ۾ هو. هو جڏهن اتان ٻاهر نڪتو تہ هن ڏٺو تہ اهو واقعي جهنگ واري فوج جو رُڪن هو. اهو "ٽيرينٽي گالوزين" هو. جنهن لاءِ سمجهيو پئي ويو تہ ان ڪي گولي هڻي ماريو ويو هو. درحقيقت هو رڳو زخمي ٿيو هو ۽ بيهوش ٿي ويو هو. جڏهن ڪيس هوش آيو تہ هو سرڪندو ڦاهي واري جاءِ تان پري هليو ويو ۽ پنهنجن ڦٽن جي ٺيڪ ٿيڻ تائين جهنگل ۾ لڪل رهيو. هاڻي هو هڪ فرضي نالي سان پنهنجي گهر مقدس صليب واري شهر ڏانهن ويندي پوريل ريل گاڏين ۾ لڪندو ۽ ماڻهن کان ٻچندو ٿي وتيو.

يوريءَ جي سفر جي واقعن ۾ هڪ ماورائي اجنبيت هئي. ائين ٿي لڳو تہ چڻ اهي ٻين سيارن جا منظر هجن. جيڪي ڪنهن ريت ڌرتيءَ تي اچي ويا هئا. رڳو فطرت ئي انساني تارخ سان سچي رهي آهي ۽ ان پاسي ڪي برقرار رکيو آهي، جنهن ڪي موجوده دور جي فنڪارن پنهنجي فن ۾ پيش ڪيو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن هڪ پرسڪون هيڊي يوري ۽ گهاٽي گلابي شام آئي ٿي. بيدمُشڪ جا وڻ اونداهيءَ ۾ سهڻا ۽ ڪارا ٿي ٿي ويا ۽ ائين ڏسڻ ۾ ٿي آيا چڻ پاڇا هجن. پاڻيءَ جا ڪارا پوري برف سان ڍڪيل چشما برف جي اڇن ڪنارن، جيڪي پاڻيءَ جي وهڪري ڪري ڪاٻي ڪنڌ ڪان ڪارا ٿي ويا هئا. وچ ۾ وهندا رهندا هئا. هڪ ٻن ڪلاڪن ۾ يورياتن ۾ اهڙي ئي سرد، يوري، شفاف ۽ آمريڪي بيدمشڪ جي وڻ جهڙي نرم شام ٿيڻ واري هئي.

يوري بظاهر مجسمن واري گهر تي لڳل اطلاعن ۽ اعلانن ڪي پڙهيو پئي پر سندس اکيون گهٽي جي هن پار گهر جي ٽين ماڙ جي درين تي ٽڪي رهيون هيون. اهي اُهي دريون هيون جتي پراڻين مسواڙين جو ڇڏيل فرنيچر رکيو ويو هو. انهن ڪي هڪ پيرو اڇو چونو هنيو ويو هو. هاڻي جيتوڻيڪ ڪنارن ڪي پاري متاثر ڪيو هو پر يوري اهو ڏسي ٿي سگهيو تہ شيشو شفاف هو.

اڇي چُن ڪي بظاهر ڌوئي صاف ڪيو ويو هو. ان جو ڇا مطلب هو؟ ڇا پراڻا مسواڙي موٽي آيا هئا؟ ۽ هر شيءِ مڪمل طور تي تبديل ٿي ويئي هئي؟

غير يقيني ناقابل برداشت هئي. يوري سڙڪ پار ڪري اندر ويو ۽ ڏاڪڻ تي چڙهڻ لڳو. جيڪي سندس لاءِ مانوس ۽ ڪيس تمام گهڻو پياري هئي. هو ڪيئن

پئي وڃان. منهنجو انتظار ڪجانءِ، وڃجانءِ نہ. تون ڏسندين تہ آئون هاڻي مهڙ وارن ڪمرن کي استعمال ڪري رهي آهيان. فليٽ ڪجهہ خالي ٿي آهي. چاڪاڻ تہ مون کي ڪجهہ فرنيچر وڪڻڻو پيو هو. آئون ٿورو ڪاڌو، جنهن ۾ گهڻا اپاريل پٽاٽا آهن، ڇڏي پيئي وڃان. ٿڌي تي ڍڪ رکي ان تي وزن رکجانءِ تہ جيئن اهو ڪوئن کان بچيل رهي. آئون خوشيءَ ۾ چري ٿي پيئي آهيان."

هن صفحي جي آخر تائين پڙهيو، پر اهو نہ ڏٺائين تہ خط اجا پويان بہ هلندڙ هو. هن ان کي پنهنجي چپن سان لڳايو ۽ ويڙهي ان کي چاپيءَ سان گڏ پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. تمام گهڻي خوشيءَ سان گڏ هن شديد ۽ وڍيندڙ سور بہ محسوس ڪيو. جيئن تہ لارا واريڪينو وڃي رهي هئي ۽ ان جي وضاحت جي تڪليف بہ گوارا نہ ڪئي هئائين. تنهن مان اها خبر پيئي ٿي تہ يقيناً سندس گهر وارا اتي نہ هئا. هو نہ رڳو ان ڪارڻ فڪرمند ٿي پيو پر سندن لاءِ ناقابل برداشت حد تائين ڏکايل ۽ غمگين ٿي پيو. هن چو هڪ اکر بہ ان متعلق نہ لکيو هو تہ اهي ڪيئن ۽ ڪٿي هئا! هو ڄڻ تہ انهن جو ڪو وجود ئي نہ هو

پر اونداهي ٿي رهي هئي ۽ ڪيس اجا روشني جي هوندي گهڻا ڪم ڪرڻا هئا. سڀ کان وڌيڪ ضروري مجمسن واري گهر جي ديوار تي لڳل اعلانن نامن جي متن کي پڙهڻو هو. انهن ڏينهن ۾ قاعدن قانونن کان اڻ واقف هئڻ ڪو مذاق نہ هو پر ان سان ماڻهوءَ جي حياتي وڃي سگهي پئي. فليٽ اندر وڃڻ يا ٿيلهي کي لاهڻ کانسواءِ هو هيٺ لٿو. سڙڪ پار ڪيائين ۽ مختلف اعلانن سان ڀريل وڏي جاءِ تي نظر وڌائين.

(3)

اتي اخبارن ۾ ڇپيل مضمون، گڏجاڻين ۾ ڪيل تقريرن جون رپورٽون ۽ اعلان ناما هئا. يوري شہ سرخين تي هڪ نظر وڌي.

"ملڪيت رکندڙ طبقن جي ماڻهن جي طلبي، ملڪيت جو تخمينو ۽ محصول جو لاڳو ڪرڻ." ۽ "پورهيتن جي اختيار ۽ ضابطي جو نفاذ." "ڪارخاني ۽ پلانٽ جي ڪميٽي جو قيام." هي اهي قاعدا ۽ قانون هئا، جيڪي نون حاڪمن شهر ۾ داخل ٿيندي ئي انهن قاعدن قانونن جي جاءِ نافذ ڪيا هئا، جيڪي اڳ اتي لاڳو ٿيل هئا. ان ۾ ڪو شڪ نہ هو، تہ انهن جو مقصد حڪومت جي غير

هئا. هن ساڻن هڪ تعلق محسوس ڪيو. شهر جي مزاج ۾ دنيا جي زندگي سان هڪجهڙائي. ان سندس ڏپ ۾ خوف کي ختم ڪري ڇڏيو. هاڻي ڪيس ائين نه پئي لڳو ته هو بيمار ٿي پوندو. بهار جي شام جي شفافيت، پوري ريت سرايت ڪندڙ روشني هڪ سٺي اڳڪٿي ۾ ڏور رس اميدن جي پوري ٿيڻ جو هڪ خوش واعدو لڳي. سيڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. هو اهو سيڪجهه حاصل ڪري وٺندو جيڪي هن پنهنجي زندگي ۾ چاهيو هو. هو انهن سيني کي کولي، ڳڌي ۾ پاڻ ۾ هم آهنگ ڪري ڇڏيندو. هُو هرشيءِ جو حل سوچي وٺندو ۽ سڀ درست لفظ هٿ ڪري وٺندو. هن فوري ثبوت طور لارا سان ملڻ جي خوشيءَ جو انتظار ڪيو. باقي ٻيو سيڪجهه ان کان پوءِ پنهنجو پاڻ ٿيندو ويندو.

هڪ بي قابو ڪندڙ جوش ۾ نه سنڀالڻ جوڳي بيچيني سندس اڳوڻي ٿڪ ۾ بيزاري جي جاءِ وٺي ڇڏي. درحقيقت سندس تازي ڪمزوري کان وڌيڪ اهو جوش ٺي ايندڙ بيماريءَ جي هڪ يقيني نشاني هو. هُو آرام سان ويهي نه ٿي سگهيو. هڪ ڀيرو ٻيهر ڪيس لڳو ته ڪيس ضرور ٻاهر وڃڻ گهرجي.

هن وقت ڪارڻ اهو هو ته هن آرام سان وهڻ کان اڳ وار ۾ ڏاڙهي ڪوڙائڻ چاهي ٿي. هن اڳ ۾ شهر مان ايندي حجام جي ڳولا ڪئي هئي. پر ڪيس حجامن جي جن دڪانن جي اڳ ڄاڻ هئي انهن مان ڪجهه خالي پيا هئا. ٻيا وڪجي ويا هئا ۽ هاڻي اتي ٻيو ڌنڌو پئي ٿيو ۽ باقي ٻيا بند پيا هئا. وٽس پنهنجو استرو نه هو. قينچي سان ڪم ٿي سگهيو ٿي. جيتوڻيڪ هِن لارا جي ڊريسنگ ٽيبل تي هر شيءِ هيٺ مٿي ڪري ڇڏي هئي پر تڪڙ ۾ ڪيس اها به نه ملي هئي.

هاڻي ڪيس ياد آيو ته اسپاسڪي واري رستي تي درزيءَ جو هڪ ڪارخانو هو. جيڪڏهن اُهو اجا موجود هو ۽ هو بند ٿيڻ جي وقت کان اڳ اتي پهچي ويو ته پوءِ شايد هو ڪانئن قينچي اڌاري وٺي سگهي.

(5)

سندس يادگيري ڪيس دوکو نه ڏنو هو. ڪارخانو اجا پنهنجي رستي واري دروازي ۾ مهڙ واري سڄي حصي تي مشتمل وڏي دريءَ سان اجا اتي ئي هو. اتي ڪم ڪندڙ درزياڻين کي وانهڙو پوري ريت ڏسي سگهيا ٿي. ماڻهو بلڪل ڪمري جي پڇاڙيءَ تائين نظر وجهي سگهيو ٿي.

اهو سلائي ڪندڙ عورتن سان ڀريل هو. اتي شايد باقاعدي ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کان سواءِ اهڙيون ن جهُونيون عورتون به هيون جن کي سلائي جو ڪم آيو ٿي ۽ انهن اتي ان ڪري نوڪري ورتي هئي ته جيئن انهن پورهيتن وارن ڪتابن لاءِ اهل ٿي سگهن جن جو پوري عمارت تي لڳل اعلان نامي ۾ ذڪر ٿيل هو.

ڪين پيشيور ڪارڪنن کان ڌار ڪري بيهارڻ سولي ڳالهه هئي. ڪارخاني ۾ فوجي ڪپڙن جهڙوڪ نرم پتلونن، جيڪٽن ۽ مسخرن جهڙن رنگارنگي مختلف نسلن جي ڪتن جي کلن مان ٺاهيل بجن وارن ڪوٽن، جيڪي يوري جهنگ واري فوج وٽ ڏٺا هئا، کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم نه ٿي ڪيو هو. اهو ڪم کلن جو ڪم ڪندڙن لاءِ مناسب هو پر سيڪڙاٽن، جن جون آڱريون انهن سخت مڙيل کلن کي مشينن ۾ وجهندي سڄي پيون هيون، لاءِ خاص طور تي ڏکيو هو.

يوري دريءَ تي ٺڪ ٺڪ ڪري اشارو ڪيو ته هو اندر اچڻ چاهي پيو. عورتن جواب ۾ اشاري سان ڪيس ٻڌايو ته ڪوبه خانگي ڪم هتي نه ورتو ويندو آهي. يوري اصرار ڪندو رهيو. عورتن ڪيس اشارو ڪيو ته هُو هليو وڃي ۽ ڪين اڪيلو ڇڏي ڏئي ڇاڪاڻ ته ڪين ضروري ڪم ڪرڻو هو. منجهانئن هڪ ڇٽي هٿ مٿي ڪري نندي ٻيڙيءَ جيان ترڻ کي ٺاهي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي پنهنجن ڀروئن سان ڪلنئس پڇيو ته نيٺ ڪيس ڇاگهربل هو. هُن ٻن آڱرين سان قينچي جهڙو نشان ٺاهي ڏيکاريو. ان کي نه سمجهيو ويو. انهن سمجهيو ته اِها ڪا بيهودگي هئي ۽ هُو سندن نقل ڪري ساڻن ڀوڳ پيو ڪري. ٻاهر ايڏي خراب حلئي ۾ بيٺي ۽ ان نموني جون عجيب حرڪتون ڪندي هُو چريو پئي لڳو. ڇوڪرين ٽهڪ ڏنا ڪڍيا ۽ پوءِ ڏانهس هٿ لوڏيائون. نيٺ هن اڳڻ مان ٿي گهر جي ٻئي پاسي کان پوين در کڙڪائڻ جو فيصلو ڪيو.

(6)

اهو در هڪ ڪاري ۽ وڏي عمر جي ڪاوڙ سان ڀريل عورت کوليو، جنهن کي گهري رنگ جا ڪپڙا پاتل هئا. هوءَ هتان جي انچارج لڳي ٿي.

”تون ته صفا چور وانگر ڇهتي ويو آهين. اسان کي اڪيلو نه ٿو ڇڏي سگهين؟ ٺيڪ، ڇئو ته توکي ڇاگهرجي؟“

"مون کي قينچي گهرجي. ايڏو حيران نه ٿي. آئون پنهنجن وارن ۽ ڏاڙهي ڪوڙڻ لاءِ قينچي اڌاري وٺڻ چاهيان ٿو. آئون اهو ڪم هتي ئي ڪري سگهان ٿو ۽ توکي اها هڪدم ئي موٽائي ڇڏينديس. ان ۾ منٽ به نه لڳندو. آئون نهايت ئي ٿورائتو ٿيندس."

عورت حيران ٿِي لڳي ۽ کيس اعتبار نه پئي آيو. کيس واقعي سندس عقل تي شڪ پئي ٿيو.

"آئون بس هاڻي هڪ ڊگهي سفر کان موٽيو آهيان. آئون وار ٺهرائڻ چاهيان ٿو پر شهر ۾ ڪو هڪ به حجام جو دڪان کليل ناهي. ا ن ڪري مون سوچيو ته آئون پاڻ اهو ڪم ڪيان پر مون وٽ قينچي ناهي. تون مون کي اها اڌاري ڏيئي سگهين ٿي؟"

"ٺيڪ آهي. آئون تنهنجا وار ٺاهيندس. پر آئون توکي تنبيهه ٿي ڪريان ته جيڪڏهن ڪا ڳالهه تنهنجي ذهن ۾ آهي ۽ اسان اختياري وارن کي جيڪڏهن تنهنجي متعلق ٻڌايو ته پوءِ اسان کي ڏوهه نه ڏجانءِ. اسان تنهنجي ڪري پنهنجي حياتين کي جوکم ۾ نه وجهنداسين."

"اوه خدا جو خوف ڪر. اها وري ڪهڙي ڳالهه ڪئي اٿئي؟"

هن کيس اندر اچڻ ڏنو ۽ کيس هڪ پاسي واري ڪمري ۾ وٺي ويئي جيڪو الماريءَ کان وڏو نه هو. هٿي پل هو ڪرسيءَ تي ويٺل هو ۽ حجام جي دڪان وانگر هڪ چادر سندس چوڌاري ويڙهي ان کي ڪاڏي هيٺان دٻايو ويو هو. درزياڻي ڪمري کان ٻاهر نڪتي ۽ پوءِ جڏهن اندر آئي ته وٽس قينچي، ڦٽي، وار ڪترڻ واري مشين، پاڪي تيز ڪرڻ وارو پٽو ۽ استرو هو.

پنهنجي گراهڪ جي حيرت کي محسوس ڪندي هن وضاحت ڪئي ته:

"مون پنهنجي زندگي ۾ هر قسم جو ڪم ڪيو آهي. هڪ موقعي تي آئون حجام جو ڪم ڪندي هيس. مون وار ٺاهڻ ۽ ڏاڙهي ڪوڙڻ جو ڪم ان وقت سکيو هو، جڏهن آئون ٻي جنگ ۾ نرس هيس. هاڻ آئون ان ڏاڙهي کي ڪتريندس ۽ پوءِ ڏاڙهي ٺاهيندس."

"چا تون مهرباني ڪري منهنجا وار ننڍا ڪري سگهين ٿي؟"

"آئون پنهنجي پوري ڪوشش ڪندس. تو جهڙو پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو پلا اڻ ڄاڻ هئڻ جو ڏيک ڇو پيو ڏئي؟ ڇڻ ته توکي خبر ناهي ته هاڻي اسان وٽ ڏهن

ڏينهن جو هفتو آهي. اڄ مهيني جي سترهين تاريخ آهي ۽ حجامن کي هر ان تاريخ تي موڪل هوندي آهي جنهن ۾ ستن جو انگ ايندو آهي."

"واقعي مون کي خبر ناهي، مون پڏايو تہ آئون هاڻي ڏکهي سفر کان موٽيو آهيان. آئون پلا ڇو اڻڄاڻ هئڻ جو ڏيک ڏيندس؟"

"لڇڻ بند ڪرڻ تہ وڃي ويندين. تہ تون هاڻي پهتو آهين. تون ڪيئن آيو آهين؟"

"پنهنجن ٻن پيرن تي."

"شاهراهہ سان گڏ؟"

ٿورو شاهراهہ سان گڏ ۽ ٿورو ريلوي جي پٽڙي سان. مون کي خبر ناهي تہ مون گهٽيون ٽرينون ڏٺيون آهن جيڪي سڀ برف ۾ پوريل هيون. آرامده ٽرينون، خاص ٽرينون، مطلب تہ هر قسم جون ٽرينون جنهن متعلق تون سوچي سگهين ٿي."

"بس هاڻي ٿورو ڪترڻ جو ڪم رهجي ويو آهي ۽ چاڻ پورو ٿيو. ڇا ڪو خانداني ڪاروبار آهي؟

"اوه! نہ! آئون اڳوڻي قرض واري سهڪاري يونين ۾ گشتي انسپيڪٽر طور ڪم ڪندو هوس. انهن مون کي انسپيڪشن لاءِ اپرندي سائيبيريا موڪليو هو جتي آئون ڦاسي پيس. جيئن توکي خبر آهي تہ ٽرين ملڻ جو ڪو امڪان نہ هو. سواءِ پنڌ ڪرڻ جي ٻي ڪا واٽ نہ هئي. ان ۾ مون کي ڇهہ هفتا لڳي ويا. جيڪي ڪجهہ مون واٽ تي ڏٺو آهي توکي ٻڌائي نہ ٿو سگهان."

"جيڪڏهن آئون تنهنجي جاءِ تي هجان ها تہ آئون بہ نہ ٻڌائي سگهان ها. منهنجو خيال آهي تہ مون کي توکي ڪجهہ شيون سيڪارٽيون پونديون. پهرين پنهنجو پاڻ تي هڪ نظر وجهہ. هيءُ آئينو وٺ. پنهنجو هٿ چادر مان ڪڍي هن کي جهل، ٺيڪ آهي؟"

"منهنجي خيال ۾ اهي اجا پوري ريت ننڍا ناهن ٿيا. تون انهن کي اجا ٿورو وڌيڪ ننڍو نہ ٿي ڪري سگهين؟"

"جيڪڏهن انهن کي اجا ننڍو ڪيو ويو تہ اهي سليقي سان نہ رهي سگهندا. جيئن مون توکي چيو پي تہ ڪا بہ شيءِ نہ ٻڌاءِ. اهو وڌيڪ بهتر آهي تہ پنهنجو وات بند رک. قرضن واري سهڪاري يونين، آرامده ٽرينون، انسپيڪشن وارا دورا انهن سڀني شين کي وساري ڇڏ. انهن لاءِ اهو وقت مناسب ناهي. تون اهڙي مصيبت ۾ ڦاسي سگهين ٿو، جنهن جو ڪو انت نہ هوندو. بهتر آهي تون پاڻ کي ڊاڪٽر يا

اسڪول جو ماستر ڪري پيش ڪر. هاڻي هي وٽ تنهنجي ڏاڙهي نيڪ ٿي ويئي. هاڻي آئون تنهنجي ڏاڙهي ڪوڙيندس. گج جو هڪ هٿ ۽ تون پنهنجي عمر ڪان ڏهه سال ننڍو لڳندين. آئون وڃي ڪيتلي کي ڪوسي ڪرڻ لاءِ رکي ٿي اچان."

"اها ڪير ٿي سگهي ٿي؟"يوري سوچيو. ڪيس لڳو ته سندس ساڻس ڪو تعلق هو. ڪا اهڙي شيءِ جيڪا هن ڏٺي يا ٻڌي هئي. هن ڪيس ڪنهن جي ياد ڏياري ٿي پر ڪيس ياد نه ٿي آيو ته اها ڪهڙي شيءِ هئي.

هوءَ ڪوسو پاڻي کڻي، موٽي آئي.

"هاڻي اسان ڏاڙهي ڪوڙينداسين. جيئن مون توکي ٻڌايو پئي ته اهو وڌيڪ بهتر ٿيندو ته هڪ اکر به نه چئجي. چو ته ڳالهائڻ چاندي ۽ چپ سون آهن. اهو هميشه کان سچ رهيو آهي. تنهنجيون خاص ٽرينون. قرض جي سهڪاري يونين، بهتر ٿيندو ته ڪنهن ٻي شيءِ متعلق سوچ. اهو چئو ته تون ڊاڪٽر يا استاد آهين. جيستائين انهن شين جو واسطو آهي جيڪي تو ڏٺيون آهن ته انهن کي پاڻ تائين ئي رک. اڄڪلهه تون ڪنهن کي متاثر ڪرڻ ٿو چاهين. توکي ڪا تڪليف نه پئي ٿئي؟"

"ٿوري ٿوري."

"مون کي خبر آهي ته ان سان ٿورو ڪرڙجي ٿو. پر ان لاءِ ڪجهه نه ٿو ڪري سگهجي. بس ٿورو صبر ڪر منهنجا پيارا. تنهنجي ڪل کي استري جي عادت ناهي ۽ تنهنجي ڏاڙهي نهايت سخت آهي. بس هاڻي منٽ به نه لڳندو. ها هتي ڪا اهڙي شيءِ ناهي جيڪا ماڻهن نه ڏٺي هجي. اهي هر شيءِ مان گذريا آهن. اسان کي پاڻ پنهنجيون تڪليفون هيون. سفيد فوج جي حڪمراني هيٺ جيڪي قتل، زنا، اغوا ۽ ماڻهن جي ڳولا جهڙيون شيون مروج هيون. هڪ ننڍو افسر هو جيڪو هڪ عملدار کان ناراض ٿي ويو. هن شهر کان ٻاهر جهنگل ۾ ڪراپلسڪي جي جاءِ جي ويجهو مٿس لڪي حملي ڪرڻ لاءِ سپاهين کي موڪليو. اهي ڪيس پڪڙي هٿيار ڪسي رازويليف وٺي ويا. انهن ڏينهن ۾ رازوبليف جي ساڳي هڪ ڦاهي گهاٽ واري حيثيت هئي جيڪا اڄڪلهه مقامي چيڪا جي آهي. تون پنهنجو مٿو ائين ڇو پيو لوڏين؟ ڇا کل ڪرڙجي ٿي؟ مون کي خبر آهي منهنجا پيارا مون کي خبر آهي. ان سلسلي ۾ ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهجي. تنهنجا وار ڪنڊن جيان سخت آهن. بس هاڻي اها ئي هڪ خراب جاءِ رهجي ويئي آهي. ها ته

هن علمبردار جي زال جري ٿي پيئي هئي. ڪوليا! ڪوليا! منهنجي ڪوليا جو چا ٿيندو! هوءِ سڌو مٿي جنرل جليلن تائين پهچي ويئي. يقيناً اهو ڳالهه ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي. هوءِ سڌو وٽس به ٿي پهچي سگهي. ماڻهوءَ کي ڏور هلائڻي ٿي پئي. اتي ان پاسي واري سڙڪ تي هڪ نهايت ئي مهربان خاتون رهي ٿي جيڪا نهايت حساس، بين ماڻهن کان مختلف ۽ هميشه ماڻهن جي مدد لاءِ تيار هوندي آهي. تون سوچي نه ٿو سگهين ته هن سڄي شهر ۾ ڇا ڇا نه ٿيو هو قتل، ڌاڙا، تماشا، ساڙ، ڪيني ۽ رقابت جا ڏوهه. بلڪل ئي هڪ هسپانوي ناول جيان."

"هوءِ لارا متعلق ڳالهائي رهي آهي." يوري سوچيو. پر هو محتاط رهندي چپ رهيو ۽ وڌيڪ تفصيل نه پڇيائين. هسپانوي ناول متعلق سندس مبهم تبصري هڪ ڀيرو ٻيهر عجيب طور ان جي ابهام ۽ لاتعلقي جي حوالي سان ٿي ڪيس ڪنهن شيءِ جي ياد ڏياري پر هُو اڃا تائين ذهن ۾ نه ٿي آڻي سگهيو ته اها ڪهڙي شيءِ هئي.

"هاڻي يقيناً هڪ بلڪل ئي مختلف صورتحال آهي. اهو ته مجبو ته اڃا تائين ڪنهن حد تائين پڇا ڳاڇا، جاسوسي، گولي هڻڻ وغيره جو سلسلو هلندڙ آهي. پر سوچ بلڪل ئي مختلف آهي. اٿين چئجي ته اها نئين حڪومت آهي، ان بس هاڻي ئي اقتدار سنڀاليو آهي ۽ معاملن کي اڃا پوري ريت قابو ۾ نه آڻي سگهي آهي. پوءِ تون پلي ڇا به چوين اهي علم ماڻهوءَ جي پاسي آهن ۽ اها ئي سندن طاقت آهي. اسان جي خاندان ۾ مون سميت اسان چار ڀينر آهيون ۽ سڀئي نوڪري ڪنديون آهيون. اها فطري ڳالهه آهي ته اسان جو لاڙو بالشويڪن ڏانهن ئي هئڻ گهرجي. هڪ ڀيڻ گذاري ويئي. سندس مڙس هڪ سياسي جلاوطن هو ۽ هڪ مقامي ڪارخاني ۾ مئنيجر طور ڪم ڪندو هو. سندس پٽ، جيڪو منهنجو ڀائٽيجو آهي، هو هينئر هارين جي فوج جو اڳواڻ آهي، هو چڱو خاصو مشهور ماڻهو آهي."

"اڇا ته هي اهائي آهي." يوري سمجهي ويو. "لائبريئس جي ماسي، ميڪيليتسن جي سالي، اها جيڪا مقامي طور هڪ داستان جي حيثيت رکي ٿي. حجام، درزياڻي، ريلوي سگنل هلائيندڙ، سيني ڪمن جي ڄاڻ رکندڙ!" پر هن فيصلو ڪيو ته هو پنهنجي سڃاڻپ محفوظ رکڻ لاءِ ڪجهه به نه چوندو.

"منهنجو ڀائٽيجو ننڍپڻ کان ئي هميشه ماڻهن جي ويجهو هوندو هو. هُو ڪارخاني ۾ پورهيتن جي وچ ۾ پلجي وڏو ٿيو. شايد تو واريڪينو جي ڪارخانن

متعلق ٻڌو هوندو؟ هاڻي ڏس تہ مون ڇا ڪيو آهي، اهڙي ئي پوڪ آهيان. تنهنجي اڏ ڪاڏي نرم ٿي ويئي آهي ۽ اڏ اجا ڪهري آهي. اهو ڳالهائڻ جو نتيجو ٿئي ٿو. تو مون کي جهليو ڇو نہ؟ هاڻي گج سڪي ويئي آهي ۽ پاڻي تڏو ٿي ويو آهي. آئون وچي ان کي ڪوسو ڪري ٿي اچان."

جڏهن هو موٽي آئي تہ يوري پڇيس:

"واريڪينو، اهو جيڪو ڪجهہ ميل پري ٻهراڙي ۾ آهي. اهو ئي آهي نہ؟ اهو انهن سيني هنگامن دوران محفوظ رهيو هوندو."

"ها پر اهو پوري ريت محفوظ نہ هو. اسان جيڪي ڪجهہ ڪيو هو، انهن ان کان بہ ان جو خراب حشر ڪيو هو. انهن جا اتي ڪجهہ هٿيار بند جٿا هئا. ڪنهن نہ ٿي ڄاتو تہ اهي ڇا هئا. انهن اسان جي ٻولي نہ ٿي ڳالهائي. انهن گهر گهر وڃي جيڪي ملين ان کي گولي هٽي ماري ڇڏيو ۽ بنا ڪجهہ چوڻ جي اتان هليا ويا. لاش اتي برف ۾ ئي پيا هئا. يقيناً اهو سرديءَ جي مند ۾ ٿيو هو. پنهنجو مٿو لوڏڻ بند ڪر نہ تہ هينئر وڃي وڃين ها."

"تو ٻڌايو پئي تہ تنهنجو پيٽويو واريڪينو ۾ رهندو هو. جڏهن اهو سڀڪجهہ ٿيو تہ ڇا هو اتي ئي هو؟"

"نہ خدا وڏو مهربان آهي. هو ۽ سندس ٻي زال وقت سر اتان نڪري ويا هئا. هي ڪٿي آهن، اِها ڪنهن کي ڄاڻ ناهي پر اها پڪ آهي تہ اُهي اتان ڀڄي ويا هئا. اتي ڪجهہ ٻيا نوان ماڻهو، ماسڪو مان آيل اجنبي بہ هئا. اهي اجا اڳ اتان هليا ويا هئا. ٻن مردن مان هڪ ننڍو جيڪو ڊاڪٽر ۽ خاندان جو سربراهہ هو، غائب آهي. اهو تہ رڳو ڳالهائڻ جو هڪ طريقو آهي. يقيناً ان جي گهروارن جي احساسن کي نظر ۾ رکندي چيو وڃي ٿو تہ هو غائب آهي. حقيقت ۾ هُو پڪ مري ويو آهي، يقيناً کيس قتل ڪيو ويو آهي. اهي ان کي لاڳيتو ڳوليندا ٿي رهيا پر هو واپس نہ آيو. ان دوران ٻئي کي، جيڪو ٻنهي ۾ وڏو هو، کي پنهنجي گهر گهرايو ويو. هُو هڪ پروفيسر، هڪ زرعي ماهر هو. مون کي ٻڌايو ويو تہ کيس حڪومت گهرايو هو. اهي بس سفيد فوج جي واپس اچڻ کان ٿورو اڳ ماسڪو ويندي يوريلتين ۾ ترسيا هئا. هاڻي تون وري ساڳيو لڏين ۽ لڇين پيو. تون يقيناً پنهنجو ڪنڌ وڏي ڇڏيندين. منهنجا عزيز دوست تون يقيناً پنهنجي حجام کي ڏنل پيسا پوري ريت وصول ڪندو هوندين."

تہ اهي ماسڪو ۾ هئا!

(7)

"ماسڪو ۾! ماسڪو ۾!" جيئن ھو گھڙيل لوھ واري ڏاڪڻ تي ٽيون پيرو چڙھيو پئي تيئن ھر ڏاڪي تي اھي اکر سندس دل ۾ پئي گونجيا. ھڪ پيرو ٻيھر خالي فليٽ کيس ڀڃندڙ ۽ ترڪتال ڪندڙ ڪوئن جي فتني انگيز ۽ ھل ھنگامي سان ڀرپور جاءِ طور مليو. يوري اھو صاف طور سمجھيو تي تہ ھُو ڪيڏي بہ ڪوشش ڇو نہ ڪري پر ھو ھن گند کي صاف ڪرڻ کان سواءِ ڪڏھن بہ سمھي نہ سگھندو. رات ۾ آرام ڪرڻ کا ن اڳ پھرين شَيءِ ڪُوئن جي ھرن کي بند ڪرڻ ھو. خوش قسمتي سان سمھڻ واري ڪمري ۾ اھي باقي فليٽ کان، جتي فرش ۽ ڪنڊون بدترين صورت ۾ گھٽ ھئا. پر کيس ڪا تڪڙ نہ ھئي. اونداھي ٿي رھي ھئي. اھو درست ھو تہ بتي رڌڻي جي ميز تي رکيل ھئي. شايد سندس اچڻ جي توقع ۾ ان کي بريڪيٽ مان ڪڍي ميڻ سان اڌ پري ماچيس سان گڏ اتي رکيو ويو ھو. ڪجھ ٻيا ماچيس ان جي پر ۾ پيا ھئا. پر اھو بھتر ھو تہ ماچيس ۽ ميڻ ٻنھي جي بچت ڪئي وڃي. سمھڻ واري ڪمري ۾ کيس ھڪ ننڍي تيل واري بتي ملي، ڪوئن تيل زبان ڪري ڇڏيو ھو پر ٿورو اجا بہ رھيل ھو.

ڪجھ جاين تي ڪنڊن وٽ سوراخ ٿيل ھئا. انھن سوراخن ۾ پڳل شيشي جي ٽڪڙن سان ڀرڻ ۾ کيس ڪلاڪ کان ٿورو وڌيڪ وقت لڳو. دروازو نيڪ طرح لڳل ھو ۽ ھڪ پيرو اھو بند ٿي ويو تہ پوءِ سمھڻ وارو ڪمرو ڪوئن کان بلڪل محفوظ ھو.

ڪمري جي ڪنڊ ۾ ٽائلس واري ڪارنس سان، جيڪا ڇت تان نہ ٿي پڳي، ھڪ ولنديزي چلھ ھئي. رڌڻي ۾ ڪاٺين جو ڍڳ پيل ھو. يوري طئي ڪيو تہ انھن مان لارا کي ٻن مٺين جيتري ڪاٺ کان محروم ڪجي. ھو گوڏن ڀر جھڪي ڪاٺين کي ڪٽي پنھنجي کابي ٻانھن تي رکيو. سمھڻ واري ڪمري ۾ ڪٺي اچي چلھ جي ويجھو رکيو ۽ اھو معلوم ڪرڻ لاءِ اندر نظر وڌائين تہ ان کيئن ڪم ڪيو ٿي ۽ ڪھڙي حالت ۾ ھئي. ھن دروازي کي تالو ھڻڻ تي گھريو پر ان جو ڪڙو پڳل ھو. ھن ان کي مضبوطي سان ڪاغذ سان بند ڪيو ۽ پوءِ پنھنجي مرضيءَ سان ان ۾ ڪاٺيون وجھي باھ ٻاريائين.

جيئن ھن وڌيڪ ڪاٺيون وڌيون، تيئن ھن انھن مان ھڪ تي "ڪڏ" جا ابتدائي اکر لکيل ڏٺا. ھن حيرت واري انداز ۾ ان کي سڃاڻي ورتو. پوڙھي

مون سان نيٺ مسئلو ڪهڙو آهي. تونيا منهنجو خيال آهي تہ آئون ببمار آهيان. اسان جو ڇا ٿيندو؟ تنهنجو ڇا ٿيندو. تونيا. تونيا، پياري تونيا! ۽ ساشا ۽ اليگزينڊر اليگزينڊرووچ ۽ منهنجو؟ اوه سدا رهندڙ نورتو مون کي ڇو اڪيلو ڪري ڇڏيو آهي! منهنجا عزيزو، اسان ڇو هميشہ ڌار رهيا آهيون؟ توهان کي ڇو هميشہ ڏکي مون ڪان پري ڪيو ويو آهي؟ پر اسان وري گڏباسين، اسان وري هڪ ٿينداسين، ٿينداسين منهنجي پياري؟ آئون توکي ڳولهيندس پوءِ پلي مونکي تو تائين پهچڻ لاءِ سڄو رستو پيرين پنڌ طئي ڪرڻو پئي. اسان هڪ ٻئي سان ملنداسين، اسان گڏ ٿينداسين، اسان وري ٺيڪ ٺاڪ هونداسين، هونداسين نہ؟

مون کي ڌرتي ڇو ڳڙڪائي نہ ٿي وڃي. آئون ڇو اهڙو وحشي آهيان. ڇو اهو وساري وهندو آهيان تہ تونيا کي هڪ ٻيو ٻار ٿيو هوندو ۽ اُهو يقيناً ان کي ٿيو آهي! اهو پهريون پيرو ناهي جو آئون اهو وساري ويٺو آهيان. هوءَ پنهنجي ويم مان ڪيئن گذري هوندي؟ اِهو سوچڻ تہ اهي ماسڪو ويندي يورياتين ۾ ترسيا هئا! اهو ٺيڪ آهي تہ لارا ڪين نہ ٿي سڃاتو پر هتي هڪ بلڪل اوپري، هڪ درزياڻي، هڪ حجامڻ سندن متعلق سيڪجهہ ٻڌو آهي پر لارا پنهنجي ليک ۾ ان متعلق ڪجهہ بہ نہ لکيو هو. هوءَ ڪيئن ايڏي لاپرواهہ ۽ لاتعلق ٿي سگهي ٿي؟ اهو ائين ئي عجيب آهي جيئن سندس سيمديوياتوف سان واقفيت هئڻ متعلق ڪجهہ بہ نہ ٻڌائڻ."

يوري هاڻ ڪمري تي هڪ نئين نظر وڌي. ان جو سڄو سامان انهن اڻجاتل مسواڙين جو هو جيڪي هڪ ڊگهي عرصي کان غائب بالڪل هئا. انهن مان ڪجهہ بہ لارا جو نہ هو نہ ئي انهن لارا جي مزاج جي نشاندهي ڪئي ٿي. ديوار تي لڳل تصويرون اوپرن ماڻهن جون هيون. ساڳي طرح هن اوچتو انهن سيني مردن ۽ عورتن جي نگاهن آڏو بي چيني محسوس ڪئي. اڻ سونهندڙ فرنيچر مان دشمنيءَ جي بوءِ آئي ٿي. هن پنهنجو پاڻ کي ڪمري ۾ اوپرو ۽ غير ضروري محسوس ڪيو.

هُو ڪيڏو نہ بيوقوف هو جو هن ان گهر کي ياد ڪيو ٿي ۽ ان گهٽتائي کي محسوس ڪيو ٿي. هُو ڪيڏو نہ پوڪ هو جو هو ڪمري ۾ ائين ناهي آيو جيئن هڪ عام ڪمري ۾ وڃبو آهي پر ائين ڄڻ لارا جي ياد سان پريل دل ۾ قدم رکندو هجي. اهڙي ريت محسوس ڪرڻ ڪيئن نہ هڪ ٻاهرئين ماڻهوءَ کي بلڪل ئي بيوقوفي لڳندي.

سيمديويا ٽوف جيان مضبوط، سهڻن، عملي ۽ لائق ماڻهن ڪيئن نہ مختلف طريقي سان پنهنجي زندگي گذاري، ڳالهايو ۽ عمل ڪيو هو! لارا مان ڀلا ڇو اها توقع رکجي تہ اها سندس ڪمزوري ۽ سندس پيار جي مبهم ۽ غير حقيقي ٻوليءَ کي ترجيح ڏيندي؟ ڇا ڪيس سندس تڪليفن جي گهرج هئي؟ ڇا هن پاڻ ائين ٿيڻ چاهيو ٿي جيئن اها سندس دل ۾ موجود هئي؟ وٽس سندس ڪهڙي حيثيت هئي؟ اهو بلڪل سولو هو. هن اهو چڱي ريت ڄاتو ٿي.

بهار جي هڪ شام... هوا وقفي وقفي سان ايندڙ وکريل آوازن سان ڀريل هئي. سڙڪ تي ڪيڏندڙ ٻارن جي مختلف فاصلن کان ايندڙ آوازن مان ائين لڳو ٿي ڄڻ سڄو تر زندگيءَ سان ڀرپور هجي . اهو تر روس هو، سندس نہ ڀيٽڻ جوڳي ماءُ، ڏوران ڏور مشهور، شهيد، هٺيلي، شاهہ خرچ، چري، غير ذميوار، جنهن کي پوڄيو ويو هجي، روس پنهنجي ابدي شاندار، تباهہ ڪن ۽ ناقابل اعتبار اشارن سان گڏ. او، جيئرو هئڻ بہ ڪيڏو نہ مٺو ۽ سٺو هو! جيئرو رهڻ ۽ زندگيءَ سان پيار ڪرڻ ڪيڏي نہ سٺي ڳالهہ آهي! ڪيئن نہ هن زندگيءَ جو ٿورو مڃڻ، پاڻ وجود جو ٿورو مڃڻ، سڌي ريت زندگي سان آمهون سامهون بيهي ان جي ٿورائتي هئڻ جي خواهش رکي ٿي.

بلڪل اهو ئي سيکڃهہ لارا هئي، ماڻهو زندگي سان لاڳاپي ۾ نہ ٿي اچي سگهيو پر لارا ان جي نمائندہ، ان جو اضهار بي ترتيب وجود کي ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جو عطا ڪيل تحفو هو.

پنهنجي مونجهاري جي هڪ پل ۾ هن هاڻي جيڪي ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو هو اها هزار ڀيرا غلط هو. هوءَ مڪمل ۽ معصوم آهي.

واڪاڻ ۽ ندامت جي ڳوڙهن سان سندس اکيون ڀرجي ويون. چلهہ جو در کولڻ هن باهہ کي قلوريو. هن انهن ڪاٺين کي جيڪي ٻريون پئي ۽ صفا تانڊو ٿي ويون هيون، پوئتي ڌڪي انهن کي اڳتي آندو جيڪي گهٽ ٻريل هيون. دروازو کليل رکندي هو کليل شعلن آڏو ويٺي پنهنجي منهن ۽ هٿن تي پوندڙ روشنيءَ ۽ گرميءَ مان لطف اندوز ٿيندو رهيو. گرمي ۽ روشني ڪيس پوري ريت پنهنجي حواسن ۾ آڻي ڇڏيو. لارا جي گهٽتائي سندس لاءِ نہ سهڻ جوڳي ٿي پيئي ۽ هو ڪنهن اهڙي شيءِ لاءِ واجهائڻ لڳو، جيڪا ڪيس بلڪل ان ئي ساڻس رابطي ۾ آڻي سگهي.

هن سندس مروڙيل خط ڪيسي مان ڪڍيو. ان ڪي اٿين ويڙهيو ويو هو جو ان صفحي جي پٺ جيڪا هن پڙهي هئي، ٻاهران هئي ۽ هاڻي هن ڏٺو ته ان تي ڪجهه لکيل هو. ان ڪي سڌو ڪندي هن ان ڪي ٽمڪندڙ ٻاهه جي روشنيءَ ۾ پڙهيو:

"توکي چاڻ آهي ته تنهنجي گهر وارا ماسڪو ۾ آهن. تونيا کي هڪ ننڍڙي ڌيءُ ٿي." ان کان پوءِ گهٽيين سٽن کي ڪاٽيو ويو هو. پوءِ لکيل هو ته : "مون اهو ڪاٽي ڇڏيو آهي ڇاڪاڻ ته ان متعلق لکڻ بيوقوفي آهي. اسان جڏهن ملنداسين ته پوءِ پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪنداسين. آئون تڪڙ ۾ وڃان پئي، مون کي گهوڙو هٿ ڪرڻو آهي. مون کي خبر ناهي ته اهو نه مليو ته پوءِ آئون ڇا ڪنديس. ڪاتيا سان گڏ اِهو نهايت ڏکيو آهي ..." باقي جملن تي ڪو داغ لڳل هو ۽ پڙهڻ ۾ نه پئي آيو.

"هن سيمديوياتوف کان گهوڙو ورتو هوندو. "يوري سڪون سان سوچيو. "جيڪڏهن ڪيس ڪا شيءِ لڪائڻي هئي ته هوءَ ان جو ذڪر ئي نه ڪري ها!"

(8)

جڏهن ٻاهه ٻري پوري ٿي ته يوري جارو بند ڪيو ۽ ڪجهه ڪائڻ لاءِ ويٺو. ان کان پوءِ هُو ايڏو ننڊاکڙو ٿي پيو جو ڪپڙن لاهڻ کان سواءِ ئي صوفي تي ليٽي پيو ۽ هڪدم ئي گهري ننڊ ۾ هليو ويو. ديوار ۽ در جي پويان ڪوئن جا زوردار ۽ گستاخ آواز ونس نه ٿي پهتا. ڪيس هڪ ٻئي پويان ٻه خراب خواب آيا.

هُو ماسڪو ۾ شيشي جي در واري هڪ ڪمري ۾ هو. ڪمري کي تالو لڳل هو. گهڻي حفاظت لاءِ هُو ان کي هينڊل سان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. ٻئي پاسي کان ننڍڙو ڇوڪر ساشا، جنهن کي ملاحن وارو سوٽ ۽ ٽوپي پاتل هئي، ان کي ڏک هڻي زور سان روئي وينتي ڪري رهيو هو ته کيس اندر اچڻ ڏنو وڃي پنهنجي ڦوهاري سان ڏنڏلو ڪندڙ هڪ آبشار هو. اِهو آبشار تمام گهڻو شور ڪري رهيو هو. پاڻي يا ته ڪنهن ڦاٽل پائپ مان وهي رهيو هو (جيڪا انهن ڏينهن ۾ هڪ عام ڳالهه هئي) ۽ يا وري دروازو جهنگ ۾ هڪ جابلو نئين، جيڪا گجگوڙ ڪندڙ تکي وهڪري ۽ هزار سالن جي ٿڌ ۽ جبل جي غارن جي اونداهيءَ سان ڀريل هئي، جي واٽ ۾ هڪ رڪاوٽ هو.

ڪرنڌڙ ٻاڻيءَ جي شرڙاٽ. ٻار کي ڊيڄاري ڇڏيو هو. ان سندس رڙين کي دٻائي ڇڏيو هو پر يوري ڪيس گهڙي گهڙي ڪوشش ڪندي ۽ "بابا" جو اکر پڪاريندي ڏسي سگهيو ٿي."

يوري جو اندر ڦاٽو ٿي. هن پنهنجي پوري وجود سان چاهيو ته ٻار کي ڪٺي ٻاڻهن ۾ لڪائي ايتري تيزيءَ سان ڀري ڀڄي وڃي جيتري سندس ٽنگن ۾ سگهه هجي.

ان جي باوجود ته ڳوڙها سندس منهن تان وهيا پئي، هن دروازي جي هينڊل کي جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٻار کي اندر اچڻ کان روڪي ڇڏيو هو. اهو هُوعزت جي ڪوڙو احساس، هڪ ٻي عورت، جيڪا هن ٻار جي ماءُ نه هئي ۽ جيڪا ڪنهن به وقت پٺي دروازي کان اندر اچي سگهي ٿي، ڏانهن فرض جي ڪوڙي احساس ڪري ڪري رهيو هو.

هُو جاڳيو ته پگهر ۽ ڳوڙهن ۾ ٻڏل هو. "مون کي بخار آهي، آئون بيمار آهيان." هن سوچيو. "اهو ٽائفس ناهي. اها ڪمزوري آهي جيڪا هڪ خطرناڪ بيماري واري شڪل وٺي رهي آهي. اها ڪا خطرناڪ قسم جي وچڙندڙ بيماري جيان ٿيندي ۽ هاڻي رڳو اِهو ڏسڻو هو ته ڪير ٿو کٽي، زندگي يا موت. پر آئون ننڊاکڙو هئڻ ڪري سوچي نه ٿو سگهان." هُو وري سمهڻ لاءِ ڪري پيو.

هاڻي هن سردين جي هڪ ڪاري صبح جو خواب ڏٺو. بتيون ٻريون پئي ۽ هُو ماسڪو جي ڪنهن پرهجوم سڙڪ تي هو. صبح ساجهر جي گاڏين جي اچ وڃ، ٽرامن جي گهنٽيون وڄائڻ ۽ پرهه ڦٽي جي روشن گهٽين جي برف تي پوندڙ بتين جي روشني مان خبر پيئي ٿي ته اِهو انقلاب کان اڳ جو وقت هو. هن گهٽين درين، جيڪي سڀ گهر جي هڪ پاسي هيون، واري هڪ وڏي فليٽ کي خواب ۾ ڏٺو. اِهو گهر شايد ٽين ماڙ کان اوچو نه هو. فليٽ کي ڏنل پردا فرش تائين لٽڪيل هئا.

اندر ماڻهو ڪپڙا پايو اٿين سُتا پيا هئا جڻ ريل جي دٻي ۾ هجن. ڪمرا ريل جي دٻي وانگر بي ترتيب هئا. ڀُڳل ڪکڙ جون اڌ کاڌل ٽنگون ۽ ڪنڀ ۽ پڪنڪ جي کاڌي ج ي ٻچيل اوبر اخبار جي سٽين ٽڪڙن تي وکريل هئي. فليٽ ۾ پناهه وٺندڙ دوستن، مائٽن، مهمانن ۽ ٻي گهر ماڻهن جا لاٿل جوتا جوڙن جي شڪل ۾ فرش تي رکيل هئا. ميزبان لارا پنهنجي چيلهه سان ٽڪڙ ۾ ٻڌل ڊريسنگ گائون ۾ تيزي ۽ خاموشيءَ سان هڪ ڪمري مان ٻئي ڪمري ۾ ويندي ٽڪڙ ۾ پنهنجا ڪم ڪار ڪري رهي هئي. يوري قدم بقدم سندس پويان هلندي پڻ پڻ ڪندي ڏکويل

۽ اڻ لاڳاپيل وضاحتون ڏيئي پاڻ پنهنجو مذاق بڻائي رهيو هو. پر وٽس ڪيس ڏيڻ لاءِ هڪ پل به نه هو. هن سندس پڙ پڙ تي ڪابه توجهه نه ڏني. بس ڪڏهن ڪڏهن هن ڏانهس مانيٽي ۽ منجهيل نظر وڌي ۽ ياوري پنهنجو بي مثال، بي ريا ۽ چاندي جهڙو ٺهڪ تي ڏنو. بنهي جي وچ ۾ لاڳاپي جي رڳو اها ئي هڪ صورت هئي. پر اها عورت جنهن جي لاءِ هن پنهنجو سڀڪجهه قربان ڪري ڇڏيو هو، جنهن ڪي هن هر شيءِ تي ترجيع ڏني هئي ۽ جنهن جي پيٽ ۾ پي ڪنهن به شيءِ جي ڪابه حيثيت نه هئي، ڪيڏي نه ڪانئس پري، تڏي ۽ انتهائي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ هئي!

(9)

هن نه پر هن ڪان به ڪنهن وڏي شيءِ رنو ٿي ۽ سندس اندر ۾ اهڙن نرم لفظن ۾ شڪايت ڪئي ٿي، جيڪي سندس اونداهي دنيا ۾ چمڪيا ٿي. پنهنجي رئندڙ روح سان گڏ هو پاڻ به رنو ۽ پاڻ پنهنجي لاءِ ڏڪارو ٿي ويو.

"آئون بيمار آهيان." هن نند، بي خودي ۽ بيهوشي جي لمحن وچ ۾ ياد ڪيو، "مون کي ٽيڪ ٽائفس ٿي ويو آهي. اِهو ضرور ڪو خاص قسم جو ٽائفس آهي، جنهن جو نصابي ڪتابن ۾ ذڪر ٿيل ناهي. مون کي ڪجهه ڪائڻ گهرجي نه ته آئون بک وگهي مري ويندس."

جيئن ئي هُو پنهنجي ٺونٺ پر اٿيو تيئن ئي ڪيس لڳو ته هُو چرپر ڪرڻ لائق نه هو ۽ بيهوش ٿي ويو يا ننڊ پئجي ويو.

"آئون ڪڏهن ڪان هتي پيو آهيان؟" هن هڪ ڀيرو پنهنجي پاڻ کان پڇيو. "جڏهن آئون پهريون ڀيرو صوفي تي ستو هوس ته اها بهار جي شروعات هئي پر هاڻي دريون ايتري قدر پاري سان ڀريل آهن جو ڪمرو بلڪل اونداهو ٿي ويو آهي."

ڪوئا رڏٽي جا ٽانو هيٺ مٿي ڪندي، ديوارن تي ڊوڙي هيٺ ڪرندي پنهنجي ڪرب هاٽي، نفرت جوڳي جهيٽي آواز ۾ چيچٽ ڪري رهيا هئا.

جڏهن هُو وري سجاڳ ٿيو ته برف سان ڀريل دريون پرهه ڦٽي يا سج لهڻ جي روشنيءَ سان ڀريل هيون ۽ ائين پئي چمڪيون جيئن ڪنهن شفاف گلاس ۾ ڳاڙهو شراب چمڪندو آهي.

هڪ ڀيري ڪيس لڳو تہ هن پنهنجي ويجهو ڪي آواز ٻڌا هئا ۽ اهو سوچيندي هراسجي ويو هو تہ هُو چرئي ٿيڻ واري حالت ڏانهن پئي ويو. خود رحميءَ مان رڙيون ڪندي هن شڪايت ڪئي تہ خدا ڪيس ڇڏي ڏنو هو. "ڇو تو مون کي ڇڏي ڏنو آهي او ازلي نور ۽ مون کي ڇو ائين دوزخ جي اونداهيءَ ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو آهي؟"

اوچتو ڪيس محسوس ٿيو تہ هن نہ تہ خواب پئي ڏٺو ۽ نہ ئي بي خودي واري ڪيفيت ۾ هو، پر واقعي ڏوتل پوتل هڪ صاف قميص ۾ صوفي تي نہ پر هڪ تازي تيار ٿيل بستري ۾ ليٽيو پيو هو ۽ جيڪو شخص سندس پاسي ۾ ويهي مٿس جهڪي ساڻس گڏ روئي رهيو هو ۽ جنهن جا وار سندس وارن سان گڏوچڙ ٿيا پيا هئا ۽ جنهن جا ڳوڙها سندس ڳوڙهن سان گڏ ڪري رهيا هئا. اهو شخص ڪو ٻيو نہ پر لارا هئي. هُو خوشيءَ ۾ بيهوش ٿي ويو.

(10)

هن شڪايت ڪئي هئي، تہ خدا ڪيس ڇڏي ڏنو هو. پر هاڻي آسمان جي سڄي وسعت سندس بستري مٿان جُهڪي هڪ مضبوط ۽ اڇي عورت جي ٻانهن کي ڏانهس ڪري ڇڏيو هو. سندس مٿو خوشيءَ ۾ ڦريو پئي. هُو خوشيءَ جي وهڪري ۾ ائين وهندو ٿي ويو، ڄڻ سندس حواس گم ٿي ويا هجن.

پنهنجي سڄي زندگي هُو گهر جي ڪمن ڪارين، مريضن جي سار سنڀال لهڻ، سوچڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي ڪمن ۾ سرگرم رهيو هو. اِها سڄي جاڪوڙ، سوچڻ وغيره ڇڏڻ ۽ في الحال ان سيڪجهہ کي فطرت جي حوالي ڪري ڇڏڻ، ان جو هڪ حصو بڻجي وڃڻ، ان جي حفاظت ۾ اچي وڃڻ ۽ ان جي رحم دل، سهڻن ۽ سونهن وکيريندڙ هٿن جو فيض حاصل ڪرڻ ڪيڏي نہ سٺي ڳالهہ هئي.

هُو جلد ئي پنهنجي هوش و حواس ۾ اچي ويو .لارا ڪيس ڪارايو. سندس سار سنڀال ڪئي، پنهنجي توجهہ، پنهنجي اڇي برف جهڙي پيار ۽ پنهنجي سرگوشين واري ڳالهہ ٻولهہ جي گرمي ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ساهن وسيلي ڪيس وري پنهنجن پيرن تي بيهاريو.

سندن سڙٻاٽين واري ڳالهہ ٻولهہ ڀلي ڪيتري غير اهم ڇو نہ هجي پر افلاطون جي مڪالمن جيان معنيٰ سان ڀرپور هئي. منجهن جيڪي مشترڪ هو

ان ڪان بہ وڌيڪ ڪين جنهن ڳالهہ گڏيو ٿي، هيءَ اُها هئي، جنهن ڪين باقي دنيا ڪان ڌار ڪيو ٿي.

انهن ٻنهي ساڳيءَ ريت ان ڳالهہ کي رد ڪيو ٿي، جيڪا دکدائڪ طور تي جديد ماڻهوءَ جو خاصو هئي. سندس نصابي ڪتابن وارين ڳالهين جي انڌي تقليد، سندس زوري پيدا ڪيل جوش ۽ شعوري طور ڦهلايل موتمار ڏڦيٺو، جنهن کي فن ۽ سائنس جي ميدانن ۾ ڪم ڪندڙ لاتعداد ماڻهن ان خيال ڪان قبوليو هو تہ ذهين ترين ماڻهو هِن دنيا ۾ اڻ لڀ ٿي هوندا آهن، کي ٻنهي ڌڪار وچان رد ڪيو ٿي.

ٻنهي هڪ ٻئي کي تمام گهڻو پيار ڪيو ٿي. گهڻا ماڻهو اِهو محسوس ڪرڻ ڪان سواءِ پيار ڪندا آهن تہ ان ۾ ڪا غير معمولي ڳالهہ آهي. ان ڳالهہ ڪين غير معمولي ٻڻائي ڇڏيو هو تہ جڏهن سندن ڏکو وجود تي پيار جي پالوٽ ٿيندي هئي تہ اِها ابديت جي هڪ جهوٽي وانگر زندگي ۽ سندن پنهنجي وجود جي اجاگهٽي سمجهہ جو ڇڻ متن هڪ الهام هوندي هئي.

(11)

”يقيناً توکي ضرور پنهنجن گهر وارن ڏانهن وڃڻ گهرجي. آئون توکي ضرورت ڪان وڌيڪ هڪ ڏينهن بہ رهائڻ نہ ٿي چاهيان. پر ڏس تہ ڇا ٿي رهيو آهي. توکي خبر ناهي تہ تنهنجي بيماري دوران حالتن ۾ ڪيڏي نہ تبديلي اچي چڪي آهي. جيئن ٿي اسان سوويت روس جو حصو ٿياسين تيئن ٿي ان جي ٽوڙ ڦوڙ واري عمل ۾ جذب ٿي وياسين. اسان جون شيون ماسڪو موڪليون پيون وڃن. انهن لاءِ تہ اهي سمنڊ ۾ ڦڙي وانگر آهن. اِهي سڀ پريل نرڪون اونداهي کڏ ۾ غائب ٿي ٿيون وڃن ۽ ان سڄي عمل ۾ اسان لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو بچي. ڪو ٽپال جو سرشتو ڪونهي. مسافرن جي اچ وڃ جو ڪو بندوبست ڪونهي. سيني ريل گاڏين ڪان اناج پهچائڻ جو ڪم ورتو پيو وڃي. شهر ۾ اهڙي پڻ پڻ شروع ٿي ويئي آهي جيڪا گيدا [چيڪوسلاويڪيا جي فوجي دستي جو اڳواڻ جيڪو سوويت حڪومت خلاف بغاوت ڪري 1919ع ۾ ڪولچڪ سان شامل ٿيو هو ۽ پوءِ سندس خلاف بہ بغاوت ڪئي هئائين] جي بغاوت ڪان اڳ هلندڙ هئي ۽ هڪ ڀيرو وري هن واضح بي اطميناني مان فائدو وٺڻ لاءِ ڇيڪا ڇڙواڳ گهمي رهيو آهي.

تون ان ڪمزوري واري حالت ۾ ڪيئن سفر ڪري سگھندين؟ تو ۾ ڪل ۽ هڏن کان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي! ڇا تون واقعي سوچين ٿو تہ تون پنڌ وڃي سگھين ٿو؟ تون ڪڏهن بہ اتي نہ پهچندين. جڏهن تو ۾ قوت ايندي تہ پوءِ ٻي ڳالهہ هوندي.

جيڪڏهن منهنجي صلاح وٺين، تہ اسين في الحال ڪا نوڪري ڏسئون ٿا. پنهنجي پيشي مطابق ڪم ڪر. انهن کي اها ڳالهہ وڻندي. توکي شايد مقامي صحت کاتي ۾ ڪا نوڪري ملي وڃي.

توکي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو پوندو. جيئن صورتحال آهي، تيئن اها ڪا گھٽي چڱي نہ ٿي لڳي. تنهنجو پيءُ سائيبيريا جو هڪ ڪروڙ پتي هو جنهن آپگھات ڪيو. تنهنجي زال هڪ مقامي زميندار جي ڌيءُ آهي ۽ تون انقلابي فوج کان ڀڳل آهين تون ان مان آساني سان نہ ٿو نڪري سگھين. ڇاڪاڻ تہ تو انقلابي فوج جي عهدي کي ڇڏيو آهي. ان جو مطلب پڇڻ آهي. بيروزگار رهڻ تُنهنجي لاءِ خطرناڪ آهي. منهنجي پاڻ گھٽي سني حيثيت ناهي. آئون پاڻ بہ نوڪري ڪنديس. آئون اسڪول ۾ پڙهائڻ ڏانهن هلي ويندس. آئون بہ ڇڻ تہ هڪ ٻرندڙ جبل تي رهان پئي."

"اهو تون ڪيئن ٿي چوين؟ استريلينڪوف جو ڇا ٿيو؟"

"اهو سڀ ان جي ڪري ٿي آهي. مون توکي اڳ ٻڌايو هو تہ هن جا ڪيترا نہ گھڻا دشمن آهن هاڻي جڏهن ڳاڙهي فوج فتحمند ٿي آهي تہ اُهي پارٽي کان ٻاهر جا سپاهي جيڪي اعليٰ عهدن تي پهچي ويا هئا ۽ جن گھڻو ڪجهہ ڄاتو ٿي، ڏچي ۾ اچي ويا آهن. اِها خوش قسمتي ٿيندي، جيڪڏهن ڪين رڳو ڪڍيو وڃي ٿو ۽ ماريو نہ ٿو وڃي. پاشا خاص طور تي سولو شڪار آهي، هُو نهايت وڏي خطري ۾ آهي. توکي خبر آهي تہ هُو اتي ٻاهر اوپر ۾ هو. مون ٻڌو آهي تہ هُو پڇي ويو آهي ۽ لڪل آهي. اُهي ڪيس ڳولي رهيا آهن پر اسان کي ان بابت نہ ڳالهائڻ گھرجي. مون کي روئڻ کان نفرت آهي ۽ جيڪڏهن مون هڪ بہ ٻيو لفظ چيو تہ مون کي خبر آهي تہ آئون اوچنگارن ۾ اچي ڇٽنندس."

"تون ساڻس گھڻو پيار ڪندي هئين. ڇا اڃا بہ تون ساڻس پيار ڪرين ٿي؟"

"منهنجا پيارا، مون ساڻس شادي ڪئي ۽ هُو منهنجو مڙس آهي. هُو هڪ راست باز ۽ روشن شخصيت جو مالڪ آهي. اسان جي شاديءَ ۾ مسئلن پيدا ٿيڻ ۾ وڏي غلطي منهنجي پنهنجي آهي. اِهو چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ مون ڪڏهن

ڪيس کا تڪليف پهچائي هجي. پر هُو نهايت ممتاز ۽ وڏو ماڻهو آهي ۽ ونس گهٽي سچائي ۽ ايمانداري آهي. جڏهن تہ آئون چڱي ناهيان. آئون سندس پيٽ ۾ ڪجهہ بہ ناهيان. اهائي منهنجي وڏي غلطي آهي. پر هاڻي مهرباني ڪري ان موضوع تي وڌيڪ نہ ڳالهايون تہ چڱو. آئون توکي ڪنهن ٻئي وقت ان متعلق وڌيڪ ٻڌائيندس. اِهو منهنجو تو سان واعدو آهي.

تنهنجي تونيا ڪيڏي نہ پياري آهي. جڏهن ڪيس ٻار ڄائو هو تہ آئون اتي هيس. اسان شاندار نموني رهياسِين پر اسان کي ان موضوع تي بہ هن وقت وڌيڪ نہ ڳالهائڻ گهرجي!

جيئن آئون چئي رهي هيس تہ اسان ٻنهي کي نوڪري حاصل ڪرڻ گهرجي. اسان هر روز صبح جو ڪم تي ويندا سين ۽ مهيني جي ختم ٿيڻ تي پنهنجيون پگهارون اربين روبلن ۾ وصول ڪنداسين. توکي خبر آهي تہ بلڪل هاڻي تائين سربيا جا پراڻا نوٽ هتي قانوني حيثيت رکندا هئا ۽ قبوليا ويندا هئا. پوءِ انهن کي ختم ڪيو ويو ۽ پوءِ هڪ ڊگهي وقت لاءِ تنهنجي بيماري واري سڄي عرصي ۾ اسانوٽ بلڪل ڪابہ ڪرنسي نہ هئي! ايمانداري سان پئي چوان تہ ڪابہ ڪرنسي نہ هئي! رڳو ان ڳالهہ جو تصور ڪر. اسان ڪنهن ريت وقت گذاري وياسين ۽ هاڻي اهي چون ٿا تہ نون نوٽن سان پريل هڪ پوري ريل گاڏي، جيڪا اٽڪل چاليهہ پريل ٽرڪن جيڏي ٿيندي، هتي پهتي آهي! اُهي وڏن ڪاغذ جي صفحن تي ڳاڙهي ۽ نيري ٻن رنگن ۾ ڇپيل ۽ ننڍن چورسن ۾ ورهايل آهن. نيرن چورسن وارو هر نوٽ پنجاهہ لک روبل ۽ ڳاڙهو هڪ ڪروڙ جو آهي. ڇپائي نهايت خراب آهي. رنگ داغدار ۽ ڦڪا ٿي ٿا وڃن."

"ها مون ان طرح جا نوٽ ڏٺا آهن. اِهي ماسڪو ۾ اسان جي اتان رواني ٿيڻ کان ٿورو اڳ ئي جاري ڪيا ويا هئا."

(12)

"تون ايڏو گهڻو عرصو واريڪينو ۾ ڇو رهي پئين؟ اتي ڪو ماڻهو ٠هيل هو ڇا؟ منهنجي خيال ۾ اهو بلڪل ئي خالي هو ۽ اتي ڪوبہ ماڻهو رهيل نہ هو. توکي پلا ڪهڙي شيءِ ايڏو گهڻو عرصو اتي رهڻ تي مجبور ڪيو؟"

"ڪاتيا ۽ آئون تنهنجو گهر صاف ڪري رهيا هئاسين. منهنجو خيال هو تہ تون جيئن ئي موٽي ايندين تيئن ئي اوڏانهن ويندين ۽ مون نہ ٿي چاهيو تہ تون ان کي ان حالت ۾ ڏسين جنهن ۾ اُهو هو."

"ڇو ڀلا. اُهو ڪهڙي حالت ۾ هو؟ ايڏي خراب حالت ۾ هو ڇا؟"

"اهو بلڪل بي ترتيب ۽ گندو لڳو پيو هو. اسان ان کي ٺيڪ ٺاڪ ڪري ڇڏيو."

"ڪيترو نہ رکو ۽ حرفتي جواب آهي! مون کي لڳي ٿو تہ اتي ڪا اهڙي شيءِ آهي جنهن متعلق تون مون کي بہ پٺي ٻڌائين پر ٺيڪ آهي، جيئن تنهنجي مرضي. آئون توکي اهو ٻڌائڻ لاءِ مجبور نہ ڪندس. مون کي تونيا متعلق ٻڌائي. انهن ننڍي ڇوڪريءَ کي ڪوڙي نالي سان ٿي سڏيو؟"

"تنهنجي ماءُ جي يادگيري طور ان کي ماشا ٿي سڏياڻون."

"انهن جي باري ۾ مون کي سيڪجهہ ٻڌاءِ."

"مهرباني ٿيندي هن وقت ان متعلق ڳالهائڻ لاءِ نہ چئو. مون توکي ٻڌايو آهي تہ آئون اجا تائين ان متعلق روئڻ کان سواءِ ڳالهائي نہ ٿي سگهان."

"اهو سيمديوياتوف جنهن توکي گهوڙو اڌارو ڏنو هو. هڪ نهايت ئي دلچسپ ڪردار آهي. تنهنجو ڇا خيال آهي؟"

"واقعي نهايت دلچسپ ماڻهو آهي."

"توکي خبر آهي تہ آئون کيس ڇڱي ريت سڃاڻان. جڏهن اسان اتي رهندا هئاسين تہ سندس گهر ۾ اچ وڃ لڳل هوندي هئي. اسان لاءِ بلڪل ئي هڪ نئون ماحول هو ۽ هن اسان کي اتي ٽڪاءُ ڪرڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي هئي."

"مون کي خبر آهي، هن مون کي ٻڌايو هو."

"ڇا هُو تنهنجي لاءِ بہ ڪارائتو رهيو آهي؟ تون ساڻس گهڻو ملندي رهي آهين؟"

"هُو واقعي پنهجيون مهربانيون مون تي نڇاور ڪندو رهندو آهي. مون کي خبر ناهي تہ ان کان سواءِ آئون ڪيئن گذارو ڪريان ها."

"آئون اِهو تصور ڪري سگهان ٿو! منهنجو خيال آهي تہ توهان ٻيئي سٺا دوست آهيو ۽ هُو جڏهن چاهي تڏهن هِتي اچي سگهي ٿو."

"بلڪل، هميشہ!"

"۽ تون کيس پسند ڪرين ٿي؟ معاف ڪجانءِ، مون کي توکان اهو سوال نہ ڪرڻ گهربو هو. توکان سوال ڪرڻ جو مون کي ڪو حق ناهي. اهو پنهنجي حد ٽپڻ مثل آهي. مون کي معاف ڪجانءِ."

"او نه ڪا ڳالهه ناهي. منهنجي خيال ۾ ته تنهنجو مطلب آهي ته اسان جا ڪهڙي قسم جا ناتا آهن؟ ڇا اسان جي وچ ۾ دوستي کان وڌيڪ به ٻيو ڪجهه آهي؟ يقيناً اهڙي ڪا ڳالهه ناهي! هن منهنجي لاءِ تمام گهڻو ڪجهه ڪيو آهي. آئون سندس تمام گهڻي مقروض ۽ ٿورائتي آهيان. پر جيڪڏهن هن مون کي سون ۾ به توريو ۽ منهنجي لاءِ پنهنجي حياتي به ارپي ڇڏي ته به هُو هڪ قدم به منهنجي ويجهو نه ٿو اچي سگهي. مون هميشه اهڙي قسم جي مردن کي ناپسند ڪيو آهي. سندن ۽ منهنجي وچ ۾ ڪا ڳالهه مشترڪ نه ٿِي ٿي سگهي. اهي اثر رسوخ وارا، خوداعتماد، باصلاحيت ڪردار عملي شين کي سرانجام ڏيڻ ۾ ته املهه هوندا آهن پر احساسن جي معاملن ۾ سندن نامناسب مرداڻي آسودگي وارا خيال انتهائي پوائتا هوندا آهن. يقيناً زندگي ۽ پيار متعلق منهنجو اهو نظريو ناهي! در حقيقت انغم مون کي هڪ ٻئي شخص جي ياد ڏياري ٿو. اهڙو شخص جيڪو انتهائي حد تائين ڪراهت جوڳو آهي. اها سندس غلطي آهي ته آئون اهڙي ٿي پيئي آهيان."

"مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي. تون ڇا ٿي سمجهين ته تون ڇا آهين؟ تنهنجي ذهن ۾ ڇا آهي؟ مون کي کولي ٻڌاءِ. تون دنيا جي بهترين هستي آهين."

"يورا پيارا! تون اهو ڪيئن ٿو چئي سگهين. آئون سنجيدگيءَ سان پڇي ڳالهايان ۽ تون منهنجي ائين تعريف پيو ڪرين ڄڻ اسان ڊرائنگ روم ۾ هجون. آئون ڇا آهيان؟ منهنجي اندر ڪا شيءِ ٽٽي پيئي آهي. منهنجي سڄي حياتيءَ ۾ ڪا شيءِ ٽٽي پيئي آهي. مون زندگيءَ کي گهڻو اڳ ڳولي لڌو هو. مون کي اهو ڳولڻ تي مجبور ڪيو ويو هو ۽ مون کي اهو هڪ اوباش پوڙهي جي نظرن سان بدترين، سستي ۽ بگڙيل، پاسي کان ڏسڻ تي مجبور ڪيو ويو هو. اِهو پوڙهو پراڻي دور جي انهن بيڪار ۽ رڳو پنهنجو پاڻ سان مطمئن، خود پسند ماڻهن مان هو جن هر شيءِ مان فائدو حاصل ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ لاءِ هر اُها شيءِ حاصل ڪري ورتي جنهن جو انهن تصور ڪيو ٿي."

"منهنجو خيال آهي ته آئون اهو سمجهان ٿو. مون سوچيو پئي ته اتي ضرور ڪا شيءِ هئي پر ٿورو ترس. آئون هڪ ڀار جيان تنهنجين تڪليفن جو تصور ڪري سگهان ٿو. اهڙي تڪليف جيڪا تنهنجي عمر کان تمام گهڻي هئي، تنهنجي ناتجربيڪاري ۾ پيش آيل صدمو. هڪ بلڪل ننڍي ڇوڪري تي ٿيل ظلم جو

احساس.پر اهو سيڪجهه ماضيءَ ۾ هو. منهنجو مطلب آهي ته هاڻي اهو سيڪجهه سوچي پاڻ کي غمگين نه ڪر. اهو مون جهڙن ماڻهن لاءِ ڇڏي ڏي جيڪي توکي پيار ڪن ٿا. جيڪڏهن اها شيءِ واقعي توکي ناخوش ڪري ٿي ته پوءِ مون کي پنهنجا وار پٽڻ گهرجن ته آئون ان کي روڪڻ لاءِ توسان گڏ نه هيس. اها هڪ عجيب شيءِ آهي. منهنجي خيال ۾ مون کي اهڙي ماڻهوءَ سان جنهن سان آئون نفرت ڪيان ٿو ۽ جنهن سان منهنجي ڪابه ڳالهه مشترڪ ناهي، حسد ۽ انتهائي جذباتي حسد ڪرڻ گهرجي. اهڙو رقيب جنهن کي ڏسي آئون پنهنجو پاڻ کي ڪجهه مختلف محسوس ڪريان ٿو. منهنجي خيال ۾ اهڙو مرد جنهن کي آئون سمجهان ۽ پسند ڪيان ٿو، اهو جيڪڏهن ان ساڳي عورت سان پيار ڪري ٿو جنهن سان آئون پيار ڪريان ٿو ته پوءِ مون کي نه ته ڪو ڏک محسوس ٿيندو ۽ نه ئي آئون ساڻس وڙهڻ چاهيندس. مون کي ساڻس هڪ ڏکاري پاڇي جو احساس ٿيندو. ظاهر آهي ته آئون ان عورت کي جنهن کي پيار ڪريان ٿو، ٻئي سان ورهائڻ جو خواب نه ٿو ڏسان. پر آئون ڪيس ڇڏي ڏيندس ۽ منهنجي تڪليف حسد کان مختلف گهٽ ڪاوڙ ۽ خراب ورتاءُ واري هوندي. اهو ائين ئي آهي جيئن آئون هڪ اهڙي ڪلاڪار سان ملان ٿو. هو اها ساڳي شيءِ پيو ڪري، جيڪا آئون پيو ڪريان، پر هو ان کي مون کان بهتر نموني ڪري رهيو آهي. آئون شايد پنهنجون ڪوششون ترڪ ڪري ڇڏيندس. آئون ساڳي شيءِ نه ٿو ناهڻ چاهيان ۽ جيڪڏهن ان جي شيءِ بهتر آهي ته پوءِ ڪم کي خواه مخواهه اڳتي وڌائڻ جو ڪو ضرور نه ٿو هجي.

پر اسان ان متعلق نه پئي ڳالهايو. آئون نه ٿو سمجهان ته جيڪڏهن تو وٽ شڪايت ۽ افسوس ڪرڻ لاءِ ڪجهه به نه هجي ها ته آئون توکي ايڏو پيار ڪيان ها. مون کي اهڙا ماڻهو نه وڻندا آهن جيڪي ڪڏهن ڪريا ۽ ٿاٻڙيا ناهن. سندن خوبي بي جان آهي ۽ ان جو گهٽو ملهه ڪونهي. زندگي پنهنجي سونهن کي مٿن نروار ناهي ڪيو."

"انهي سونهن ستعلق آئون سوچي رهي آهيان. منهنجي خيال ۾ ان کي ڏسڻ لاءِ ماڻهو جي تصور جي قوت برقرار هئڻ گهرجي ۽ سندس خواب ٻارن وانگر هئڻ گهرجن. آئون ان شيءِ کان ئي محروم آهيان. جيڪڏهن شروع کان ئي انهن تي ڪنهن جي سستن خيالن ۽ نظرين جي مهر نه لڳل هجي ها ته شايد

زندگيءَ ۾ منهنجا بہ خواب هجن ها. اهو ٿي سگهي ناهي. منهنجي زندگي جي شروعات ۾ ئي ان بداخلاق، خودغرض، غير اهم شخص جي مداخلت ڪري منهنجي هڪ اهڙي شخص سان شادي، جيڪو واقعي وڏو ۽ ممتاز هو ۽ اسان ٻنهي هڪ ٻئي سان پيار ڪيو ٿي، ختم ٿي ويئي."

"مون کي پنهنجي مڙس متعلق ٻڌائڻ کان اڳ هڪ پل ترس. مون کي ساڻس حسد ناهي. مون توکي ٻڌايو تہ مون کي رڳو پاڻ کان گهٽ ماڻهن سان حسد ٿي سگهي ٿو. پهرين مونکي ان ٻئي ماڻهوءَ متعلق ٻڌاءِ."

"ڪهڙو ماڻهو؟"

"اهو ظالم، جنهن تنهنجي زندگي خراب ڪئي. هُو ڪير هو؟"

"ماسڪو جو هڪ تمام مشهور وڪيل. منهنجي پيءُ جو هڪ دوست. جڏهن بابا گذاري ويو ۽ اسان نهايت خراب حالت ۾ هئاسين تہ هن منهنجي ماءُ جي مدد ڪئي هئي. هُو غير شادي شده ۽ شاهوڪار شخص هو. مون ايترو خراب ڏيکاري شايد ڪيس ان کان وڌيڪ دلچسپ بڻائي ڇڏيو آهي. تون جيڪڏهن چاهين تہ آئون توکي سندس نالو ٻڌائي سگهان ٿي."

"ان جي ضرورت ناهي. مون کي خبر آهي. مون ڪيس هڪ ڀيرو ڏٺو هو."

"واقعي؟"

"هڪ رات توهان جي هوٽل تي جڏهن تنهنجي ماءُ زهر کاڌو هو. اِهو رات ۾ دير جو وقت هو. تون ۽ آئون ٻيئي ان وقت اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين."

"ها، مون کي ياد آهي. تون ڪنهن ٻئي همراهہ سان آيو هئين. تون دروازي وٽ اونداهيءَ ۾ بيٺو هئين. آئون نہ ٿي سمجهان تہ اهو مون کي پنهنجي ليکي ياد اچي ها. پر منهنجو خيال آهي تو مون کي هڪ ڀيري اهو ياد ڏياريو هو. اِهو ضرور ميليوزيوو ۾ هئڻ وقت ٿيو هو."

"ڪومارووسڪي اُتي هو."

"هُو بہ اتي هو. بلڪل ممڪن آهي. تو مون کي گهٽو ڪري ان سان گڏ ٿي ڏٺو هوندو. اسان اڪثر گڏ هوندا هئاسين."

"تون شرمائين ڇو پئي؟"

"تنهنجي وات مان ڪومارووسڪي جو نالو ٻڌڻ ڪري مون کي ان جي ٻڌڻ جي عادت نہ رهي آهي. آئون واقعي حيران ٿي ويس."

”ان رات مون سان گڏ هڪ اسڪول جو دوست آيو هو جنهن مون کي اهو ٻڌايو. هن ڪومارووسڪي کي اهڙي شخص طور سڃاتو جنهن کي هن اڳ ۾ نهايت ئي غير معمولي حالتن ۾ ڏٺو هو. ائين ٿيو هو ته هڪ ٻار جي حيثيت ۾ ان ڇوڪري، ميشاگوردن، هڪ سفر دوران منهنجي پيءُ، هڪ ڪروڙ پتي صنعتڪار کي آپگهات ڪندي ڏٺو هو. اهي ساڳي ٽرين ۾ هئا. بابا پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ لاءِ هلندڙ ٽرين مان پاڻ کي اڇلايو هو ۽ مارجي ويو هو. بابا پنهنجي ان سفر ۾ ڪومارووسڪي سان گڏ هو جيڪو سندس وڪيل هو. هن باباکي شراب پيئڻ تي مجبور ڪيو ۽ سندس ڪاروبار کي خراب ڪيو. هُو باباکي ڏيوالپڻي جي حد تائين وٺي ويو ۽ آپگهات ڪرڻ تي ڪيس مجبور ڪري ڇڏيائين. سندس ڪارڻ ئي بابا پاڻ کي ماريو ۽ آئون هڪ يتيم ٻڻجي ويس.“

”اهو ممڪن ناهي! ڪيڏي نه غير معمولي ڳالهه آهي! ڇا اهو واقعي سچ آهي؟ ته هن تنهنجيءَ زندگيءَ ۾ هڪ ڏک وارو اثر ڇڏيو آهي! اها ڳالهه اسان کي اڃا ويجهو آڻي ٿي، ائين آهي يا نه! اِهو ائين آهي ته ڄڻ اهو اڳ ئي تقدير ۾ لکيل هو!“

”هيءُ اهڙو شخص آهي، جنهن سان آئون جنون جي حد تائين حسد ڪندو رهندس.“

”تون اهڙي ڳالهه ڪيئن ٿو چئي سگهين؟ ڇا تون اِهو نه ٿو ڏسين ته آئون نه رڳو اِهو ته ساڻس پيار نه ٿي ڪريان پر ساڻس نفرت ڪريان ٿي.“

”ڇا تون پنهنجو پاڻ کي اهڙي چڱي ريت سمجهي سگهين ٿي. انساني فطرت ۽ خاص طور تي عورت جي فطرت انتهائي پراسرار ۽ تضاد سان پر آهي. شايد ڌانهس تنهنجي نفرت ۾ ڪا اهڙي شيءِ هجي، جيڪا تو کي ساڻس ان ماڻهوءَ جي ڀيٽ ۾ جنهن سان تون ڪنهن مجبوري ڪانسواءِ پنهنجي مرضيءَ سان پيار ڪندين هجين، وڌيڪ مضبوطيءَ سان ڳنڍي رکي.“

”ڪهڙي نه ڀوائتي ڳالهه چئبي! معمول موجب جنهن انداز ۾ تو اها ڪئي آهي مون کي ائين لڳي ٿو ته اها ڪيتري به ڀوائتي ۽ غير فطري ڇو نه هجي، شايد سچي آهي. پر جيڪڏهن ائين آهي ته ڪيڏي نه ڀوائتي ڳالهه آهي!“

”ڊڄ نه، منهنجي ڳالهه ٻڌ. منهنجو مطلب رڳو اِهو هو ته مون کي اونداهي، شعور کان وانجهيل، اهڙي شيءِ جنهن سان ماڻهو ڳالهه ٻولهه نه ڪري سگهي ۽ جنهن متعلق ڪو اندازو نه لڳائي سگهي ڪان ساڙ ٿيندو آهي. مون کي تنهنجي

ڦٽيءَ سان ساڙ ٿيندو آهي. تنهنجي جسم تي پگهر جي ڦڙن سان ساڙ ٿيندو آهي ۽ هوا ۾ موجود انهن جراثيمن سان ساڙ ٿيندو آهي، جيڪي ساهه کڻڻ وسيلي تنهنجي رت ۾ وڃي ان ۾ زهر پرين ٿا. ساڳي ريت هُو به چڻ هڪ وچڙندڙ بيماري آهي .مون کي ڪومارووسڪي کان ان ڪري ساڙ ٿيندو آهي ته هڪ ڏينهن هُو تو کي مون کان بلڪل ائين يقيني طور پري کڻي ويندو، جيئن موت هڪ ڏينهن اسان کي ڌار ڪندي. مون کي ڄاڻ آهي ته اِها بلڪل هڪ منجهيل بڪواس لڳي ٿي پر آئون ان کان وڌيڪ واضع طور اها ڳالهه نه ٿو ڪري سگهان. آئون توکي اهڙو پيار ڪيان ٿو جيڪو ذهن، يادگيري يا ڪنهن حساب ڪتاب ۾ نه ٿو سمائجي سگهي.

(13)

"مون کي پنهنجي مڙس متعلق وڌيڪ ٻڌاءِ. جيئن شيڪسپيئر چيو آهي ته، "اهو جيڪو منهنجي بدقسمتيءَ جي تصوير بڻجي ويو."

"اِهو هن ڪٿي چيو آهي؟"

"روميو ۽ جوليٽ ۾."

"مون توکي ميليوزيييوو ۾ جڏهن آئون ڪيس ڳولهي رهي هيس، سندس متعلق گهڻو ڪجهه ٻڌايو هو ۽ ان کان پوءِ ورِي ان وقت جڏهن تو مون کي ٻڌايو هو ته سندس ماڻهو توکي گرفتار ڪري ٽرين ۾ وٺس وٺي ويا هئا. مون شايد توکي ٻڌايو هو يا شايد مون رڳو اِهو سوچيو هجي ته مون توکي ٻڌايو هو ته هڪ ڀيري مون ڪيس پري کان ڏٺو هو جڏهن هُو ڪار ۾ سوار ٿي رهيو هو. پر تون تصور ڪري سگهين ٿو ته سندس چوڌاري ڪيڏا نه گهڻا محافظ هئا! مون کي منجهس ڪا وڏي تبديلي نظر نه آئي. ساڳيو خوبصورت ايماندار چهرو. ساڳيو مرداڻو، راست باز ڪردار جنهن ۾ مڪر ۽ اداڪاري جو ذرو به نه هجي. پر پوءِ به مون کي هڪ فرق نظر آيو جنهن مون کي پريشان ڪري ڇڏيو.

اِهو ائين هو چڻ سندس تاثر ۾ ڪا مجرد شيءِ هجي جنهن ڪيس بيرنگ ڪري ڇڏيو هو. ائين چڻ ڪو جيئرو چهرو هڪ اصول جي صورت، هڪ نظرئي جي تصوير بڻجي ويو هجي. جڏهن مون اِهو محسوس ڪيو ان مون کي انتهائي پريشان ڪري ڇڏيو. مون کي لڳو ته اهو ساڻس ان ڪري ٿيو آهي جو هن پنهنجو پاڻ ڪنهن اعليٰ پر موتمار ۽ بي رحم شيءِ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو جيڪا انت

۾ ڪيس بہ نہ بخشيندي. مون کي ائين لڳو تہ مٿس نشان هنيو ويو هو ۽ اهو هو نشان. پر شايد آئون وڌلان پئي. شايد آئون تنهنجي ساڻس ٻڌايل ملاقات متعلق ڳالهہ جي اثر ۾ اچي ويٺي آهيان. بهرحال، ان کان قطع نظر تہ اسان هڪ ٻئي لاءِ ڇا محسوس ڪريون ٿا آئون تو کان گهڻن طريقن کان متاثر آهيان!"

"مون کي انقلاب کان اڳ ساڻس گذاريل زندگي متعلق ٻڌاءِ."

"بلڪل شروع جڏهن آئون ٻار ٿي هيس تہ آئون پوترتا کان تمام گهڻو متاثر هيس. اُها مون کي نهايت گهڻو پاڻ ڏانهن ڇڪيندي هئي. پاشا ان خواهش ۽ چاهنا جو پوراٿو ڪندڙ هو. توکي خبر آهي تہ اسان، پاشا، جليلن ۽ آئون اٽڪل ساڳئي گهر ۾ پلجي وڏا ٿياسين. جڏهن پاشا ننڍو ڇوڪر هو تہ هو منهنجي موهہ ۾ وروتل هوندو هو. جڏهن مون کي ڏسندو هو تہ ڪيس ٿڌا پگهر اچي ويندا هئا. شايد مون کي ائين ڳالهائڻ نہ گهرجي پر اِهو ٻهانو ڪرڻ تہ مون کي ان ڳالهہ جي خبر نہ هئي اڃا بہ وڌيڪ خراب ڳالهہ ٿيندي. اِهو هڪ ڏيان ڇڪائيندڙ ٻاراڻو جذبو هو جنهن کي هڪ ٻار ان ڪري لڪائيندو آهي جو سندس وقار ان کي ظاهر ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو آهي. پر ان سڄي شيءِ چاڻڻ لاءِ ماڻهوءَ جو سندس چهري تي نظر وجهڻ ئي ڪافي هوندو آهي. اسان هڪ ٻئي سان گهڻو ملندا هئاسين. هُو ۽ آئون ائين مختلف هئاسين جيئن تون ۽ آئون هڪجهڙا آهيون. مون ڪيس بلڪل ان وقت لاءِ پنهنجي دل ۾ ويهاري ڇڏيو. مون فيصلو ڪيو تہ جيئن ئي اسان وڏا ٿينداسين، آئون ان موهيندڙ ڇوڪري سان شادي ڪنديس ۽ پنهنجي من ۾ آئون ساڻس لڳلپجي ويس.

توکي خبر آهي تہ هُو ڪيترين غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ آهي؟ سندس پيءُ هڪ معمولي سگنل وارو يا ريلوي گارڊ هو. مون کي خبر ناهي تہ هُو ڇا هو. پاشا رڳو پنهنجي ذهانت ۽ سخت محنت ڪري ئي ان سطح تي پهتو. هن حساب ۽ ڪلاسڪس تعليم حاصل ڪئي هئي جنهن کي، جيئن توکي ڄاڻ آهي تہ، موجوده دور جي تعليم جو معراج سمجهيو وڃي ٿو.

"پر پوءِ جبڪڏهن توهان ايترو هڪ ٻئي سان پيار ڪندا هئا تہ توهان جي شاديءَ ۾ اهي مسئلا ڇو پيدا ٿيا؟"

"ان جو جواب ڏيڻ نهايت ئي ڏکيو ڪم آهي. آئون ڪوشش ڪري توکي ٻڌايان ٿي. پر توکي خبر آهي تہ مون لاءِ توکي، جيڪو پاڻ ايڏو ذهين آهي، اها

وضاحت ڏيڻ بيڪار ٿيندي ته انسني ريدنيءَ سان عام طور ۽ روس ۾ خاص طور ڇا ٿي رهيو آهي ۽ خاندان، جنهن ۾ تنهنجا ۽ منهنجا خاندان به شامل آهن، ڇو تتي رهيا آهن. اوه خدا، اهو فردن جي ڪردارن جي هڪجهڙي يا مختلف هئڻ ۽ هڪ ٻئي سان پيار ڪرڻ يا نه ڪرڻ جو مسئلو ناهي، هر اها شيءِ جيڪا مستحڪم ۽ مضبوط هئي، هر شيءِ جنهن جو واسطو گهر، نظم و ضبط ۽ عام وهنوار سان هو سڀ ڊهي متيءَ ۾ ملي عوامي اپار ۽ سڄي سماج جي نئين سر تنظيم ۾ لڙهي ويون آهن. انساني زندگيءَ جو سڄو طريقه ڪار تباهه ۽ برباد ٿي ويو آهي. باقي جيڪو بچيو آهي اهو اگهاڙو ۽ ڏڪندڙ انساني روح آهي جنهن کي اگهڙي ڪان به محروم ڪيو ويو آهي. انساني روح جي اگهاڙي قوت لاءِ ڪجهه به تبديل ناهي ٿيو. ڇاڪاڻ ته اِها هميشه کان اداس ۽ ڏڪندڙ رهي آهي ۽ پنهنجي ويجهي ترين پاڙيسري جيڪو پاڻ به اهڙئين ٿي اداس اڪيلو آهي، هيستائين ايئن ٿي پهتي آهي. تون ۽ آئون ڌرتيءَ تي پهرين ٻن ماڻهن وانگر آهيون، جن وٽ دنيا جي شروعات وقت پاڻ کي ڍڪڻ لاءِ ڪجهه به نه هو ۽ ان جي پڇاڙي وقت تون ۽ آئون ساڳي ريت اگهاڙا ۽ بي گهر آهيون. تون ۽ آئون ان ڪٽ نه ڪرڻ جوڳي عظمت، جيڪا سندن ۽ اسان جي وچ ۾ گذريل هزارين سالن ۾ تخليق ٿي آهي، جي آخري يادگار آهيون. ان سڄي ختم ٿيل شان ۽ مان جي ياد ۾ اسان زندگي گذاريون ٿا، پيار ڪيون ٿا، روئون ٿا ۽ هڪ ٻئي کي ڇهون ٿا.

(14)

هوءَ ٿوري دير ماٺ رهي ۽ پوءِ هن وڌيڪ سکون سان ڳالهائڻ شروع ڪيو:

"آئون توکي چوان ٿي، جيڪڏهن استريلينڪوف وري پاشا انتيپوف بڻجي ويو، جيڪڏهن هُن هُل بکيڙو ۽ بغاوت ڇڏي ڏني، جيڪڏهن وقت پوئتي موٽيو، جيڪڏهن ڪنهن معجزي ڪري ڪٿي آئون پنهنجي گهر جي دريءَ کي پاشا جي ميز ۽ ڪتابن وٽ رکيل بتيءَ سان روشن ڏسي سگهيس ته آئون گوڏن ڀر سرندي اتي پهچنديس پوءِ ڀلي اهو ڌرتيءَ جي ٻي ڪنڊ تي ڇو نه هجي. مون ۾ موجود هر شيءِ ان ۾ گڏ هوندي. ماضيءَ ۽ وفاداريءَ جي سڏ کان آئون ڪن لاتار نه ٿي ڪري سگهان. ان لاءِ آئون هر شيءِ پوءِ ڀلي اها ڪيتري به قيمتي ڇو نه هجي، قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. ايستائين ته توکي به . اسان جي پيار کي به جيڪو ايڏو خوش

ڪن، فطري ۽ منهنجي حياتيءَ جو اهم ترين حصو آهي. او، معاف ڪجانءِ منهنجو اهو مطلب نہ هو. اهو سچ ناهي!"

هن روئندي پاڻ کي سندس ٻانهن ۾ اڇلائي ڇڏيو. پر تمام جلد هن پنهنجو پاڻ کي سنڀالي ڳوڙها اگهندي چيو:

"ڇا اها ساڳي فرض جي پڪار ناهي جيڪا تو کي تونيا ڏانهن موٽائي وٺي وڃي ٿي؟ او خدا، اسان ڪيڏا نہ غريب آهيون! اسان جو ڇا ٿيندو؟ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

پنهنجي طبيعت کي معمول تي آڻڻ کان پوءِ هن ڳالهہ جاري رکي، "پر مون تنهنجي سوال جو جواب نہ ڏنو آهي تہ اها ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن اسان جي خوشيءَ کي ختم ڪيو. مون کي اها ڳالهہ نهايت واضح طور پوءِ سمجهہ ۾ آئي. آئون توکي ٻڌايان ٿي. اِها رڳو اسان جي ڪهاڻي ڪونهي. اها گهڻن بين جي تقدير بنجي ويئي آهي."

"مون کي ٻڌاءِ منهنجي محبوب، تون جيڪا ايڏي ڏاهي آهين."

"اسان جنگ کان ٻہ سال اڳ شادي ڪئي هئي. اسان اڃا بس پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪري رهيا هئاسين ۽ مس گهر ناهيو هو جو بس جنگ شروع ٿي ويئي. مون کي هاڻي اهو يقين آهي تہ جنگ کي ئي هر شيءِ لاءِ، ان کان پوءِ ايندڙ بدقسمتين لاءِ جيڪي اڄ ڏينهن تائين اسان جي پيڙهيءَ پويان لڳل آهن، ذميوار قرار ڏيئي سگهجي ٿو. مون کي چڱي ريت ياد آهي تہ منهنجي ننڍپڻ ۾ صورتحال ڪيئن هئي. آئون اڃا تائين بہ ان وقت کي ياد ڪري سگهان ٿي جڏهن اسان سيني گذريل صديءَ جي پر امن نقطہ نظر کي قبوليو هو. اِها ٺئي ٺيل ڳالهہ سمجهي ويندي هئي تہ ماڻهو عقل واري ڳالهہ تي ئي توجهہ ڏيندو ۽ ساڳي ريت ضمير موجب ڪم ڪرڻ کي ئي درست ۽ فطري ڪري ليکيو ويندو هو. هڪ ماڻهو جو ٻئي ماڻهو هٿان مرڻ هڪ نہ هئڻ برابر شيءِ ۽ خالي ۽ بيڪار ڳالهہ هوندي هئي. هڪ اهڙي شيءِ جيڪا عام وهنوار کان بلڪل ئي هٽيل هوندي هئي. قتل رڳو ڊرامن، اخبارن ۽ جاسوسي ڪهاڻين ۾ ٿيندا هئا ۽ عام زندگي ۾ سندن وجود نہ هو.

پوءِ زندگي جو اِهو پرسڪون، معصوم ۽ ڪٽيل طريقہ ڪار تبديل ٿي رت ۽ ڳوڙهن، عام چرپائپ، روزاني ۽ گهڙي گهڙي جي وحشت ۽ قانوني شڪل ورتل ورسايل ڪوس جو روپ وٺي بيٺو.

آئون نہ ٿي سمجهان تہ اهو هميشہ ائين ٿي هلندو رهندو ۽ ان جي ڪا سزا نہ ملندي. توکي ضرور مون کان وڌيڪ بهتر نموني ٿي انتشار وارو شروعاتي وقت ياد هوندو. ڪيئن هر شيءِ هڪدم وکرجڻ شروع ٿي ويئي هئي. ريل گاڏيون. شهرن کي کاڌ خوراڪ جي فراهمي، گهريلو زندگي ۽ شعوري اخلاقي معيارن جا بنياد سڀ ان ۾ اچي ويا هئا."

"ڳالهہ جاري رک. مون کي خبر آهي ان کان پوءِ نون ڇا چوندين. ان سڄي ڳالهہ کي تو ڪهڙي نہ سٺي نموني پيش ڪيو آهي. توکي ٻڌڻ خوشيءَ جو باعث آهي."

"پوءِ ڪوڙ اسان جي روس جي سرزمين ۾ پير پاتو. وڏي بدقسمتي، پوءِ ايندڙ سيني برائين جي پاڙ شخصي راين واري قدر ۾ اعتماد جو ختم ٿيڻ هو. ماڻهن سوچيو تہ پنهنجي اخلاقي سمجهہ مطابق هلڻ هڪ مدي خارج ڳالهہ هئي ۽ کين هاڻي لازماً ساڳي ڌن کي ڪورس جي انداز ۾ گهرجي ۽ بين ماڻهن جي خيالن، اهڙا خيال جن کي هر ڪنهن جي نڙي مان زوري هيٺ لاٿو ويو هو. مطابق زندگي گهارڻ گهرجي. پوءِ چمڪندڙ اصطلاحن جو دور شروع ٿيو. پهرين زار جي دور ۾ ۽ پوءِ انقلابي روس ۾.

اها سماجي برائي هڪ وبا بڻجي ويئي. اها ڦهلجي رهي هئي. ان هرشيءِ کي متاثر ڪيو ۽ ڪابہ شيءِ ان کان آجي نہ رهي. اسان پنهنجي گهر ۾ بہ ان جي اثر کان محفوظ نہ رهياسين. اتي بہ ڪا گڙٻڙ ٿي ويئي. پنهنجي هميشہ جي فطري ۽ پاڻ مرادي ورتاءَ جي بجاءِ اسان هڪ ٻئي سان ٻوڪپائي وارو نمائشي ۽ رک رکاءَ وارو ناتو رکڻ شروع ڪيو. اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪا نمائشي، مصنوعي ۽ زوريءَ ٿاڦيل شيءِ گهڙي آئي هئي. تو محسوس ڪيو تہ ماڻهو کي ڪجهہ دنياوي لحاظ کان اهم معاملن ۾ چالاڪي ڏيکارڻ ضروري ٿي پيو هو. پاشا جيڪو سٺي ۽ خراب ۾ تميز ڪري انهن کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري ڏسندو هو ڪيئن ان ڪوڙ کي نہ پسي سگهيو جيڪو اسان جي زندگين ۾ گهڙي آيو هو؟

پر هتي ٿي هن پنهنجي زندگي جي موتمار ۽ پيلاڪ غلطي ڪئي. هن وقت جي روح کي غلط سمجهندي سماجي ۽ عالمي برائي کي هڪ خانگي ۽ گهريلو برائي ڪري ليکيو. هن اسان جي مصنوعي ڳالهين ۽ اسان جي سرڪاري لهجي کي ٻڌو ۽ اهو سمجهيائين تہ اسان اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري پئي ڳالهايو جو هُو هڪ ڪريل ۽ خسيس ماڻهو هو. منهنجي خيال ۾ توکي ان ڳالهہ تي يقين نہ ايندو

تہ اهي بيڪار ۽ ننڍڙيون ڳالهيون بہ ڪي اسان جي شادي شده زندگيءَ ۾ ڪا اهميت رکن پيون. تون سوچي نہ ٿو سگهين تہ اهي ڪيڏيون نہ اهم هيون. ان باراٽي بڪواس ڪيس کهڙين نہ پوڪپاٽي ڏارين شين ڪرڻ تي مجبور ڪيو.

ڪنهن بہ ڪيس جنگ تي وڃڻ لاءِ نہ چيو هو. هُو ان ڪري ويو جو هن پنهنجو پاڻ کي اسان تي بار سمجهيو ٿي ۽ اسان کي ان بار مان آجو ڪرڻ چاهيائين ٿي. اها سندس سڄي چرپاٽ جي شروعات هئي. پنهنجي غلط ۽ چوڪراڻي آڪڙ جي ڪري هُو انهن شين تي بہ ڪاوڙجي پوندو هو، جنهن تي ڪنهن کي بہ ڪاوڙ نہ ايندي آهي. حالتن ڪيس غمگين ڪري ڇڏيو هو. هن تاريخ سان جهيڙو ڪيو. اڄ ڏينهن تائين هُو ان سان حساب ڪتاب برابر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ان ڳالهہ ڪيس چرپاٽ جي حد تائين چيڙاڪ بڻائي ڇڏيو آهي. اِها ئي، اُها بيوقوفي واري خواهش آهي، جيڪا ڪيس موت ڏانهن وٺي پيئي وڃي. اوه خدا! آئون ڪاش ڪيس بچائي سگهان!"

"هن لاءِ تنهنجو پيار ڪيترو نہ نج ۽ مضبوط آهي! ٺيڪ آهي ساٿس پيار ڪندي رهہ. مون کي ساٿس ڪو ساڙ ناهي. آئون تنهنجي رستي ۾ رڪاوٽ نہ بڻبس."

## (15)

گرمين جي مند آئي ۽ ڪنهن جي ڏيان ڇڪائڻ کان سواءِ ئي گذري ويئي. يوري صحتمند ٿي ويو. ماسڪو وڃڻ جي تياري ڪندي هُو هڪ نہ ٻي تي عارضي نوڪريون ڪري رهيو هو. ناڻي جي ملهہ ۾ گهٽتائي ڪري زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي پيو هو.

هر صبح جو هُو ڪڪڙ جي ٻانگ سان ئي ننڊ کان اٿي گهر مان نڪرندو هو. واپارين واري سڙڪ تان ويندي هُو "جائنٽ" سينيما وٽان لنگهي يورال جي قزاق فوج جي اڳوڻي پريس، جنهن کي هاڻي "ڳاڙهي ڪمپازيٽر" جو نالو ڏنو ويو هو. تائين ويندو هو. گورودسڪا يا سڙڪ جي ڪنڊ تي تائون هال جي دروازي تي "شڪايتن" جي نالي سان هڪ نوٽيس لڳل هو. هُو چوواٽو پار ڪري بيانوڪا سڙڪ ڏانهن ايندو هو ۽ اسپتال پهچي پوئين دروازي کان ٻاهرين مريضن واري شعبي جي فوجي حصي ۾ هليو ويندو هو، جتي هُو نوڪري ڪندو هو. اِها سندس مک نوڪري هئي.

لارا جي گهر کان اسپتال تائين سنڌس گهٽو رستو گهاٽن وڻن جي ڇانو ۾ هوندي عجيب اپين ڇٽن، سينگاريل دروازن وٽان ٿي گذرندو هو. اسپتال جي پير ۾ باغ ۾ بيٺل گهر واپاري گوريگلياڊوفا جي بيوهہ جي موروثي ملڪيت هو. ان جون ديوارون ماسڪو جي آڳاٽن بوئير گهرن جيان هيرن وانگر ڪٽيل چمڪندڙ ٽائلن سان ڍڪيل هيون.

پنهنجي ڏهن ڏينهن واري هفتي دوران يوري ٽي يا چار ڀيرا مياسڪي سڙڪ تي يورياٽين جي صحت واري شعبي جي بورڊ جي گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيو.

شهر جي ٻئي ڇيڙي تي عورتن جي بيمارين وارو اڳوڻو ادارو هو جنهن کي سيمديوورياتوف جي پيءُ پنهنجي زال، جيڪا ويم دوران گذاري ويئي هئي، جي ياد ۾ قائم ڪيو هو ۽ هاڻي ان جو نالو بدلائي روزا لڪسمبرگ ادارو رکيو ويو هو. اُتي يوري ميڊيسين ۽ سرجري جي نئين مختصر ڪورس جي حصي طور عمومي روڳ وديا ۽ هڪ يا ٻن اختياري مضمونن تي ليڪچر ڏنا هئا.

رات جو بڪايل ۽ ٿڪل حالت ۾ گهر ايندي هُو لارا کي گهر جي ڪمن جهڙوڪ رڌ پچاءُ يا ڪپڙن ڌوئڻ وغيره ۾ رڌل ڏسندو هو. پنهنجي شخصيت جي ان عام رواجي ۽ روزمره جي ڪم واري پاسي سان، جنهن ۾ بي ترتيبي سان سنڌس ٻانهون مٿي ڪنيل ۽ اسڪرٽ گنجهيل هوندي هئي، هن ڪيس ڇڻ پنهنجي شاهاڻي سونهن ۽ وقار سان ڊيڄاري ڇڏيو هو. اِها سونهن ان کان وڌيڪ اچرج ۾ وجهندڙ هئي، جيڪڏهن هُو ڪيس ناچ لاءِ اوچين ڪڙين وارن جوتن، جن ۾ هوءَ وڌيڪ ڊگهي لڳي ها ۽ ڊگهي ڳچي واري گائون ۽ فرش سان لڳندڙ اسڪرٽ ۾ هلندي ڏسي ها.

هُن رڌ پچاءُ ڪيو ٿي يا ڪپڙا ڌوتا ٿي ۽ گج واري پاڻيءَ سان فرش کي صاف ٿي ڪيو ۽ يا وري خاموشي ۽ آرام سان ٿنهي ڇٽن جي ڪپڙن کي ٿوپو ڏنو ۽ استري ڪئي ٿي. وري جڏهن رڌ پچاءُ، ڪپڙن ڌوئڻ ۽ استري ڪرڻ وارا ڪم ختم ٿي ٿيا، تہ هُن ڪاتيا کي سبق پڙهائڻ شروع ٿي ڪيا يا پنهنجو منهن نصابي ڪتاب ۾ وجهي نئين سر سياسي تعليم حاصل ڪرڻ واري ڪم ۾ رڌل ٿي رهي تہ جيئن نئين ناهيل اسڪول ۾ پنهنجي پراڻي پڙهائڻ واري نوڪري حاصل ڪرڻ جهڙي ٿي سگهي.

جيترو هُو لارا ۽ سنڌس ڌيءُ جي ويجهو ٿي ويو اوترو هن گهر جي معاملن ۾ گهٽ دلچسپي ٿي ورتي ۽ سنڌس خيالن تي پنهنجي خاندان ڏانهن فرض جو

احساس ۽ بي وفائي جو درد وڏيڪ شديد ٿي ويو. سندس ان مجبوريءَ ۾ لارا ۽ ڪاتيا لاءِ ڪا ڏکوئيندڙ ڳالهه نه هئي. ان جي ابتڙ سندس ان رويي ۾ احترام جي اهڙي دنيا سمايل هوندي هئي، جنهن ۾ بيهودي مانوسيت جي ڪا گنجائش نه هوندي هئي. پر منجهس موجود اِها ورهاست هڪ ڏک ۽ تڪليف وانگر هئي، جنهن سان هُو ائين مانوس ٿي ويو هو جيئن ڪو اڻ ڇتل ۽ گهڙي گهڙي ڪلي پوندڙ ڦٽ سان ٿي ويندو آهي.

(16)

ٻه يا ٽي مهينا ائين رهڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن آڪٽوبر ۾ يوري لارا کي چيو:

"توکي خبر آهي ته ائين لڳي ٿو ڄڻ مون کي پنهنجين نوڪرين تان استعيفائون ڏيڻ تي مجبور ڪيو ويندو. اها هميشه ساڳي شيءِ هوندي آهي ۽ وري وري ورجائي ويندي آهي. پهرين هر شيءِ شاندار هوندي آهي.

اچو اسان سان. اسان سٺي ۽ ايمانداريءَ سان ڪيل ڪم جي آجيان ڪريون ٿا، اسان خيالن ۽ خاص طور نون خيالن جي آجيان ڪريون ٿا. اسان کي ڪهڙي شيءِ وڌيڪ خوش ڪري سگهي ٿي؟ پنهنجو ڪم ڪر، پنهنجي تحقيق ۽ جدوجهد کي جاري رک.

پوءِ توکي عمل ۾ خبر پوي ٿي ته خيالن سان سندن مطلب لفظن ۽ انقلاب ۽ حڪومت جي شان ۾ قصيدن ڳائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي. آئون ان مان بيزار ۽ ڪڪ ٿي پيو آهيان. آئون اهڙي قسم جي ڪم لاءِ بلڪل مناسب ناهيان.

منهنجي خيال ۾ اهي پنهنجي لحاظ کان صحيح آهن. يقيناً آئون سندن پاسي ناهيان. مون کي رڳو اها ڳالهه هضم ڪرڻ ڏکي ٿي لڳي ته اِهي سڀ وڏا سورما آهن ۽ آئون پاڻ هڪ ڪريل ننڍو ماڻهو آهيان، جيڪو ظالماڻي راڄ ۽ اونداهي جي قوتن جو حامي آهي. تو ڪڏهن نڪولائي ويدينياپن جو نالو ٻڌو آهي؟"

"ها يقيناً تنهنجي اچڻ کان اڳ به ۽ جيڪو تو پاڻ ٻڌايو هو ان مان به اها خبر پيئي هئي. سيماتسيوا اڪثر سندس ذڪر ڪندي آهي، هوءَ سندس ڪتابن جي وڏي قدردان آهي منهنجي لاءِ اها شرم جي ڳالهه آهي ته مون سندس هڪ ڪتاب به نه پڙهيو آهي. مون کي فلسفي تي لکيل مضمونن پڙهڻ جو شوق ناهي. منهنجي خيال ۾ زندگي ۽ فن ۾ ٿورو فلسفو چهر طور ضرور شامل ڪرڻ گهرجي

پوءِ ٻيو مرحلو ايندو آهي. اونداهي جي قوتن، ڪوڙن همدردن ۽ خوشامدڙين جو لهجو حاوي ٿي ويندو آهي. شڪ، مخبرن، سازشن ۽ نفرتن ۾ واڌارو ايندو ويندو آهي تون بلڪل صحيح ٿو چوين ته اسان ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿي رهيا آهيون.

آئون توکي هڪ مثال ٿي ڏيان. مقامي انقلابي ٽريبونل ۾ ڪوداتسڪوئي مان ٻه نوان رڪن آيا آهن. اهي پورهيتن سان واسطو رکندڙ ٻه پراڻا سياسي قيدي تيورزين ۽ انتيپوف آهن.

اهي ٻيئي مون کي چڱي ريت سڃاڻن ٿا ۽ درحقيقت منجهانئن هڪ ته منهنجو سهرو آهي. ان جي باوجود اها حقيقت آهي ته سندن هتي اچڻ کان پوءِ ئي مون کي پنهنجي ۽ ڪاتيا جي حياتيءَ متعلق واقعي ڏڪڻي وٺي ويئي آهي. انتيپوف مون کي پسند نه ٿو ڪري ۽ آئون سمجهان ٿي ته اهي ٻيئي ڪابه شيءِ ڪري سگهن ٿا. سندن لاءِ اهو بلڪل نهڪندڙ آهي ته اُهي ڪنهن ڏينهن مون کي يا ايستائين ته پاشاکي به اعليٰ ترين انقلابي انصاف جي نالي ۾ تباهه ڪري ڇڏين."

تمام جلد ئي ان ڳالهه جو نتيجو ظاهر ٿيو. رات جو اسپتال جي پاسي ۾ 84 بيانووڪا سڙڪ تي بيواهه گوريگلياڊووا جي گهر جي تلاشي ورتي ويئي. هٿيارن جو هڪ ذخيرو هٿ آيو ۽ هڪ انقلاب دشمن سازش تان پردو کنيو ويو. گهڻن ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو. تلاشين ۽ گرفتارين جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. اهي سرگوشيون هليون پئي ته ڪجهه مشڪوڪ همراهه درياءَ پار ڀڄي ويا هئا.

"ان سان ڪين چا ملندو؟" ماڻهن جو چوڻ هو. "اتي ته درياءُ درياءُ آهن. هاڻي مثال طور اتي بلاگووشچينسڪ وٽ آمور آهي. ماڻهو ٽپ ڏيئي ٽري پار ڪري وڃي ته سڌو چين ۾ هوندو. اِهو واقعي درياءَ آهي. اهو هڪ بلڪل مختلف معاملو آهي.

"هوا ڳري ٿيندي پيئي وڃي." لارا چيو. "اسان جي محفوظ هئڻ وارو وقت پورو ٿي چڪو آهي. اُهي يقيناً اسان ٻنهي کي گرفتار ڪندا. پوءِ ڪاتيا جو ڇا ٿيندو؟ آئون هڪ ماءُ آهيان. آئون ان بدقسمتي کي ٿيندي نه ٿي ڏسي سگهان. مون کي ضرور ڪجهه سوچڻ گهرجي. مون وٽ ضرور ڪا رٿا هئڻ گهرجي. ان ڳالهه ته منهنجو مٿو ڦيرائي ڇڏيو آهي."

"اچ ته اسان ڪوشش ڪريون ۽ سوچيون. جيتوڻيڪ اهڙي قسم جي معاملي ۾ اسان ڪري به ڇا ٿا سگهون؟ ڇا ان ڌڪ کان بچڻ اسان جي وس کان ٻاهر ناهي؟ ڇا اهو نصيب جي ڳالهه ناهي؟"

"اسان يقيناً پڇي نہ ٿا سگهون. هتي پڇڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ ناهي. پر اسان ماڻهن جي توجهہ ڪان پري رهي سگهون ٿا. مثال طور اسين واريڪينو هلي سگهون ٿا. آئون اتي موجود گهر متعلق سوچيندي رهي آهيان. اهو بلڪل الڳ ٿلڳ ۽ نظرانداز ٿيل آهي پر اسان اتي هتان جي پيٽ ۾ گهٽ نظرن ۾ هونداسين ۽ گهٽي توجهہ جو مرڪز نہ هونداسين. سردين جي مند اچي پيئي. مون کي اها اتي گذارڻ ۾ ڪو اعتراض ناهي. اهي جيستائين اسان تائين پهچن اسان کي زندگيءَ جو هڪ ٻيو سال گذارڻ لاءِ ملي ويندو. هر شيءِ جو هميشہ هڪ ملهہ هوندو آهي. سيمديوياتوف اسان جو شهر سان لاڳاپو برقرار رکندو. شايد هو لڪڻ ۾ بہ اسان جي مدد ڪري. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ اِهو درست آهي تہ اتي ڪو ذي روح ڪونهي. اِهو خالي ۽ ويران پيو آهي. گهٽ ۾ گهٽ جڏهن آئون مارچ ۾ اتي هيس تہ اتي اهڙي ئي صورتحال هئي. ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اتي بگهڙ آهن. اها ڪجهہ ڊپ واري ڳالهہ آهي. پر پوءِ بہ بهرحال ماڻهو ۽ تيورزين ۽ انتيپوف جهڙا ماڻهو اڄڪلهہ بگهڙن کان بہ وڌيڪ ڊيڄاريندڙ آهن."

"مون کي خبر ناهي تہ ڇا چوان. ڇا تون اهو سڄو وقت مونکي ماسڪو وڃڻ لاءِ زور نہ ڀريندي رهي آهين ۽ چوندي رهي آهين تہ ان کي ملتوي نہ ڪيان. هاڻي اهو سولو آهي. مون اسٽيشن تي پڇا ڪئي آهي. بظاهر انهن بليڪ مارڪيٽ ڪندڙن کي ڇڏي ڏنو آهي. هر ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ کي ٽرين مان نہ ٿو لاٿو وڃي جنهن جا ڪاغذ پٽ پورا نہ آهن اُهي ماڻهن کي گوليون بہ گهٽ ٿا هڻن. هاڻي اهي ٿڪجي چڪا آهن.

ان ڳالهہ مون کي پريشان ڪيو آهي تہ مون کي منهنجي ماسڪو لکيل خطن جو ڪو بہ جواب نہ مليو آهي. مون کي اتي وڃي اهو ڏسڻ گهرجي تہ ساڻن ڇا وهي واپري رهيو آهي. تون پاڻ مون کي اهو چوندي رهي آهين. پر هاڻي آئون ان ڳالهہ جو ڇا ڪريان جيڪا تو واريڪينو متعلق چئي آهي؟ تون يقيناً پنهنجي ليکي ان هڪ وات کان هتيل جاءِ ڏانهن نہ ويندين."

"يقيناً نہ. تو کانسواءِ اهو ناممڪن آهي."

"۽ پوءِ بہ تون مون کي ماسڪو وڃڻ لاءِ چئين ٿي؟"

"ها تون ضرور وڃ."

"ٻڌ. مون وٽ هڪ بهترين رٿا آهي. اسان ٽيئي ڄڻا ماسڪو هلون."

"ماسڪو؟ ڇا تون چريو آهين؟ آئون ماسڪو ۾ ڇا ڪنديس. نه، مون کي هتي رهڻو آهي. مون کي ضرور هتي ڪٿي ويجهو ئي هئڻ گهرجي .هتي ئي پاشا جي قسمت جو فيصلو ٿيڻو آهي. مون کي ضرور سندس انتظار ڪرڻ ۽ ڪيس منهنجي ضرورت پوڻ تي ونس پهچڻ گهرجي."

"ٺيڪ آهي ته پوءِ اسان ڪاتيا متعلق ٿا سوچيون."

"اسان سندس متعلق سيماتنتسيوا سان ڳالهه ٻولهه ڪئي پئي. هوءَ ڪنهن وقت مون سان ملڻ لاءِ ايندي."

"ها مون کي خبر آهي. مون اڪثر کيس ڏٺو آهي."

"آئون تنهنجي جاءِ تي هجان ها ته سائس هڪدم پيار ڪرڻ لڳان ها. خبر ناهي ته توهان مرد پنهنجيون اکيون ڪٿي رکندا آهيو! هوءَ ڪيڏي نه پياري، سهڻي، باوقار، هوشيار، پڙهيل ڳڙهيل، مهربان ۽ سمجهدار آهي."

"جنهن ڏينهن آئون هتي پهتو هيس ته سندس ڀيڻ گلاقيرا، جيڪا درزياڻي آهي، منهنجا وار ناهيا هئا."

"مون کي خبر آهي. اِهي ٻيئي پنهنجي وڏي ڀيڻ ادووتيا، جيڪا لائبريرين آهي، سان گڏ رهن ٿيون. اهو هڪ سٺو ايماندار محنتي گهراڻو آهي. جيڪڏهن ڳالهه ان خراب حد تائين پهچي ٿي وڃي، تون ۽ آئون گرفتار ٿي ٿا وڃون ته آئون کين چونديس ته ڇا اُهي ڪاتياڪي پاڻ وٽ رکي ان جي سنڀال ڪري سگهن ٿيون؟"

"رڳو ان وقت جڏهن ٻي ڪا واٽ نه رهي. خدا ڪان دعا گهر ته معاملو ايستائين نه پهچي."

"ماڻهن جو چوڻ آهي ته سيماتنتسيوا ڪجهه عجيب آهي. ٿوري مٿي جي ڦريل آهي. اهو درست آهي ته هوءَ بلڪل عام ماڻهن جيان نه ٿي لڳي. پر اهو ان ڪري آهي جو هوءَ ايتري گهري ۽ نرالي آهي. تون ۽ هوءَ پنهنجن خيالن جي لحاظ کان غير معمولي طور هڪ جهڙا آهيو. منهنجو خيال آهي ته مون کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي جيڪڏهن سيماتنتسيوا ڪاتياڪي سنڀالي ٿي."

(17)

هڪ ڀيرو ٻيهر يوري اسٽيشن ويو هو ۽ وري خالي هٿين موٽي آيو هو. اڃا تائين ڪابه شيءِ طئي ٿيل نه هئي. هو ۽ لارا اڻ ڏٺي جي منهن مقابل هئا.

موسم، جيئن پهرين برفباري کان اڳ ٿيندو آهي، ٽڏي ۽ ڪاري هئي، آسمان، جيڪو گهڻو چوواٽن تي نظر ايندو آهي، تڏ جو منظر پيش ڪري رهيو هو

لارا وٽ هڪ مهمان، سيما آيل هئي. اهي ڳالهائي رهيون هيون پر سندن ڳالهه ٻولهه گهڻي ڀاڱي سيما پاران پنهنجي ميزبان کي ڏنل ليڪچر تي ٻڌل هئي. يوري سندن وچ ۾ نه ٿي اچڻ چاهيو. هن ٿورو اڪيلو به رهڻ پئي گهريو. هُو ٻئي ڪمري ۾ وڏي صوفي تي ليٽي پيو. ٻنهي ڪمرن جي وچ وارو دروازو کليل هو. اوڙي کان فرش تائين پردو ڏنل هو پر هو سندن ڳالهيون ٻڌي پئي سگهيو.

"آئون پنهنجو سبڻ جو ڪم جاري رکنديس، سيما پياري، پر تون خيال نه ڪر. آئون ٻڌي رهي آهيان، منهنجا ڪن توڏانهن آهن. مون پنهنجي دور ۾ ڪاليج ۾ تاريخ ۽ فلسفو پڙهيو هو. آئون تنهنجي شين کي ڏسڻ جي طريقي کي تمام گهڻو پسند ڪريان ٿي، ان کان سواءِ توکي ٻڌڻ سان مون کي سڪون ملي ٿو. اسان گذريل ڪجهه راتين کان ڪاتيا جي پريشاني ۾ پوري ننڊ نه ڪئي آهي. مون کي خبر آهي ته هڪ ماءُ جي حيثيت ۾ اهو منهنجو فرض آهي ته ان ڳالهه جو خيال ڪيان ته جيڪڏهن اسان کي ڪجهه ٿئي ٿو ته هوءَ محفوظ هجي. سڀن کي ان تي سڪون ۽ سمجهداري سان غور ويچار ڪرڻ گهرجي پر آئون ان سلسلي ۾ ڪا گهڻي چڱي ناهيان. اهو احساس مون کي ڏکارو ڪري ڇڏيندو آهي. آئون ان ڪري اداس آهيان جو آئون ٿڪل آهيان ۽ پوري ريت سُتي به ناهيان. توکي ٻڌڻ سان مون کي حوصلو ملي ٿو. ان کان سواءِ ڪنهن وقت به برفباري شروع ٿي سگهي ٿي. جڏهن برفباري ٿي رهي هجي ته مون کي هڪ ڊگهي ۽ پر مغز ڳالهه ٻولهه مزو ڏيندي آهي. تو اهو ڏٺو آهي ته جڏهن به برفباري ٿيڻ وقت ماٺهو دريءَ تي نظر وجهندو آهي ته هميشه ائين لڳندو آهي ته ڄڻ باغ جي هن پار کان ڪو گهر ڏانهن اچي رهيو آهي؟ پنهنجي ڳالهه جاري رک، سيما پياري، آئون ٻڌان پئي."

"گذريل ڀيري اسان ڪٿي ڇڏيو هو؟"

يوري لارا جو جواب نه ٻڌو. هاڻي سيما ڳالهائي رهي هئي.

"مون کي اهڙا لفظ جهڙوڪ "ثقافت" ۽ "دور" نه وڻندا آهن. اهي منجهائيندڙ آهن. آئون انهن کي ٻي طرح سان ترجيح ڏيندي آهيان. جيئن منهنجو خيال آهي ته انسان ٻن حصن، خدا ۽ ڪم جو مجموعو آهي. انساني روح جي ترقي جو هر نئون مرحلو گهڻين نسلن جي انتهائي آهستي ۽ ڊگهي ڪم جي ڪاميابي سان عبارت

آهي. اهڙو هڪڙو ڪم مصر هو ۽ ٻيو يونان هو. قديم انجيل مقدس جي پيغمبرن جو ديني علم ٽيون ڪم آهي، پڇاڙيءَ ۾ جنهن جو اڄا تائين ٻيو ڪو متبادل نه آيو آهي ۽ اڄا تائين سچ جاڳولهائو ان مان اتساهه وٺن ٿا اها عيسائيت آهي.

توکي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته ان ڪهڙي نه نئين شيءِ پنهنجي پوري تازگي سان هن دنيا ۾ آندي آهي، آئون ائين نه جيئن تون ان کان واقف آهين ۽ ان جي توکي عادت پيل آهي پر وڌيڪ سادگي سان فوري ۽ غير متوقع طور عبادت جي ڪتاب مان ڪي ٽورا ۽ بلڪل مختصر ٽڪرا پڙهڻ چاهيندس.

عبادت جي گهڻي مواد ۾ قديم انجيل جي نظرين کي گڏي پيش ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي ساڻ ساڻ رکيو ويو آهي. مثال طور ٻرندڙ وڻ، مصر مان نيڪالي، آتشي ٻنيءَ ۾ پيل ٻار، يونس عليہ السلام ۽ وهيل مڇي، ڪنواري پيدائش ۽ يسوع جي وري اٿڻ سان ڀيٽيو وڃي ٿو.

منهنجي خيال ۾ ائين ڀيٽڻ سان اهو نهايت واضح ٿي وڃي ٿو ته قديم انجيل واقعي پراڻي ۽ نئين واقعي نئين آهي. گهڻا مسودا ڪنواري پيدائش کي يهودين جي ڳاڙهي سمنڊ پار ڪرڻ سان ڀيٽين ٿا. مثال طور هڪ آيت هيئن شروع ٿئي ٿي ته "ڳاڙهو سمنڊ به هڪ پيري ڪنواري ڪنوار وانگر ٿي پيو هو. ۽ اڳتي چيل آهي ته "جيئن يهودين جي پار پوڻ کان پوءِ سمنڊ کي پار ڪرڻ ممڪن نه هو تيئن امماڪيوليٽ. امانيوئل جي پيدائش کان پوءِ معصوم هئي." اهو ائين چوڻ آهي ته يهودين جي گذرڻ کان پوءِ سمنڊ کي پار ڪرڻ ممڪن نه هو ۽ مريم جي ڪنوارپ اسان جي آقا جي پيدائش کان پوءِ به برقرار رهي. انهن ٻنهي واقعن ۾ هڪ مطابقت پيدا ڪئي ويئي آهي. اِهي ڪهڙي قسم جا واقعا آهن؟ ٻيئي ماورائي آهن. ٻنهي کي ساڳي ريت معجزا ڪري ليکيو وڃي ٿو. پر انهن ٻنهي معجزن ۾ هڪ فرق آهي. ماڻهن پاران انهن مختلف دورن ۾ ڪنهن شيءِ کي معجزي طور ڏسڻ جو فرق. هڪ دور قديم ۽ آڳاٽو آهي ۽ ٻيو نئون. رومين کان پوءِ وارو وڌيڪ اڳتي وڌيل دور.

هڪ پاسي توهان وٽ موسيٰ عليہ السلام جهڙو بزرگ قوسي اڳواڻ آهي، جيڪو سمنڊ کي هٽڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ سندس جادوئي عصاب جي هڪ ڌڪ سان اِهو پاسي تي ٿي وڃي ٿو ۽ سڄي قوم، جنهن ۾ لکين ماڻهو شامل آهن، گذرڻ ڏئي ٿو. جڏهن آخري ماڻهو پار پوي ٿو ته اهو وري پنهنجي جاءِ تي اچي

وڃي ٿو ۽ پيڇو ڪندڙ مصرين کي ٻوڙي ڇڏي ٿو. سڄي تصوير هڪ آڳاٽي انداز ۾ آهي. قدرتي عنصر هڪ جادوگر جي چوڻ تي هلن ٿا. مارچ ڪندڙ رومي فوجين وانگر ماڻهن جو وڏو ميڙ. عوام ۽ اڳواڻ. هر شيءِ ڏسڻ جوڳي، ٻڌڻ جوڳي، ڪن ٽاڙ ۽ دهشتناڪ آهي.

ٻئي پاسي هڪ ڇوڪري آهي. بلڪل عام رواجي جنهن کي قديم دنيا ۾ ڪابہ توجهہ نہ ڏني وڃي ها. خاموشي، رازداريءَ سان هڪ ٻار کي جنم ڏئي ٿي، زندگيءَ جي تخليق ڪري ٿي، زندگيءَ جي معجزي "سيني لاءِ حياتي" جيئن پوءِ ڪيس سڏيو ويو، کي سامهون آڻي ٿي. ڪاتبن جي نقطہ نظر کان نہ رڳو ٻار جي پيدائش ناجائز هئي پر اها قدرت جي قانونن جي بہ خلاف هئي. هن ضرورت جي لحاظ کان نہ پر هڪ معجزي ۽ اتساهہ ڪري جنم ڏنو هو. هاڻي کان زندگيءَ جا بنياد وڏيڪ دير مجبوريءَ تي ٻڌل نہ رهندا. اهي ان ساڳي اتساهہ تي ٻڌل هوندا جيڪو نئين انجيل مقدس پيش ڪري ٿي، عام رواجي بجاءِ غير معمولي، روزمره جي ڪم بجاءِ ڏڻ ۽ تهوار، مجبوري بجاءِ اتساهہ.

تون ڏسي سگهين ٿي تہ اها ڪيڏي نہ وڏي اهم تبديلي آهي. هڪ نجي انساني واقعي، جيڪو قديم قدرن جي لحاظ کان بلڪل ئي غير اهم آهي، کي ڇو سڄي قومہ جي لڏڻ سان پيٽڻ گهرجي؟ خدا جي نظر ۾ ان جي ايڏي قدر وقيمت ڇو هئڻ گهرجي؟ ڇاڪاڻ تہ ان کي لازماً خدا جي نظرن سان جاچڻ گهرجي. سندس نظرن آڏو ۽ سندس پوتر نور ۾ اهو سڀڪجهہ واقع ٿيو.

دنيا ۾ سڀ شيءِ تبديل ٿي ويئي هئي. روم پنهنجي پڄاڻي تي هو. عددن ۽ انگن جو راڄ پڄاڻيءَ تي هو. هٿياربند قوت پاران گڏجي هڪ قوم طور رهڻ واري ٽاڪيل ڳالهہ ختم ٿي چڪي هئي. اڳواڻ ۽ قومون ماضيءَ جو حصو بڻجي ويون.

انهن جي جاءِ شخصيت ۽ آزاديءَ جي نظريي ورتي. انساني زندگي جي ڪهاڻي خدا جي زندگي جي ڪهاڻي بڻجي ويئي ۽ ڪائنات کي ڀري ڇڏيائين. جيئن اهو "بشارت واري ڏڻ" جي دعا ۾ چيو ويو آهي تہ آدم، خدا بڻجڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويو. پر هاڻي خدا کي انسان بڻايو ويو هو تہ جيئن آدم کي خدا بڻائي سگهجي.

آئون هڪ پل ۾ ان ڳالهہ تي موٽي ٿي اچان." سيما چيو، "آئون ٿورو موضوع تان هٽڻ چاهيندس. هر شيءِ کي ڪرڻ وقت مزدورن جو خيال، مائرن جي

حفاظت ۽ ناڻي جي طاقت خلاف جدوجهد جي لحاظ کان اسان جو انقلابي دور نون، ديرپا ۽ مستقل ڪاميابين جو هڪ بهترين دور آهي. پر جيستائين ان جي زندگيءَ جي سمجهاڻي ۽ خوشيءَ جي فلسفي، جنهن جو اهو پرچار ڪري ٿو، جو تعلق آهي تہ اهي ماضيءَ جي اهڙي تہ ڪلڻ هاب باقيات آهن جو اهو سمجهڻ ناممڪن آهي تہ آيا انهن کي سنجيدگيءَ سان بہ ورتي سگهجي ٿو. جيڪڏهن اڳواڻن ۽ ماڻهن جي لفاظي ۾ تاريخ کي پوئتي موٽائڻ جي قوت هجي ها تہ اها اسان کي هزارين سال پوئتي انجيل ۾ ذڪر ڪيل ريدار قبيلن ۽ بزرگن جي دور ۾ وٺي وڃي ها .پر خوش قسمتيءَ سان اها اهو نہ ٿي ڪري سگهي.

هاڻي ڪجهہ لفظ يسوع ۽ ميگڊالين متعلق چونديس. اهي پوتر ڪتابن مان نہ پر مقدس هفتي جي دعائن واري هڪ ڏينهن. منهنجي خيال ۾ اڱاري يا اربع جي دعائن تان ورتا ويا آهن. لاريسا فيودوروونا، توکي انهن سيني شين جي خبر آهي بس آئون رڳو توکي ڪجهہ ياد ڏيارڻ چاهيان ٿي.

جيئن تون ڄاڻين ٿي تہ سلووينی چرچ جي لحاظ کان لفظ جذبي جو مطلب تڪليف، يسوع جي تڪليف آهي. يسوع پنهنجين تڪليفن کي سَنو. عبادت جي مسودن ۾ پوءِ ان کي ان جي روسي ٻوليءَ ۾ ٻين معنائن ۾ استعمال ڪيو. منهنجو روح جذبن جو غلام ٿي ويو آهي. آئون جهنگ جي جانورن وانگر ٿي پيو آهيان. جنت مان نڪرڻ کان پوءِ هاڻي اسان کي جذبن کي قابو ۾ رکي پاڻ کي وري ان ۾ داخل ٿيڻ جو اهل ثابت ڪرڻ گهرجي ۽ وغيره وغيره. اها منهنجي غلطي ٿي سگهي ٿي پر آئون حواسن کي دٻائڻ ۽ نفس کي مارڻ وارن نفس ڪشي وارين ڳالهين کي پسند نہ ٿي ڪريان اهي عجيب نمونی جا رڪا، اڏنگا، ۽ ٻين روحاني لکڻين جي شاعري کان عاري آهن. آئون هميشہ سوچيندي آهيان تہ اهي ٿلهن راهبن، جيڪي پنهنجن مقرر ڪيل قانونن تي پاڻ ناهن هليا، انهن ناهہ ناهيا آهن. مون کي ان ڳالهہ جو فڪر ناهي تہ انهن پاڻ ان جي خلاف ورزي ڪئي ۽ ٻين ماڻهن کي دوکو ڏنو يا پنهنجي ضمير موجب هليا. آئون انهن راهبن نہ پر مسودن جي اصل مواد متعلق سوچيان ٿي. اها سچي ڦتڪار جسم جي مختلف ڪمزورين تہ آيا اُهو ٿلهو آهي يا نبل کي تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿي جيڪا هڪ ڪرپ هاڻي ڳالهہ آهي. مون کي ائين لڳي ٿو تہ اهو هڪ ناپاڪ، غير اهم ۽ گهٽ درجي جي شيءِ کي عزت ۽ وقار جو مقام ڏيڻ آهي جنهن سان ان جو ڪو واسطو ناهي. اصل موضوع کان هٽڻ لاءِ مون کي معاف ڪجانءِ.

ان ڳالهہ هميشہ مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو آهي تہ ميري ميگڊالين جو بلڪل ايسٽر جي ڏڻ اچڻ وقت، يسوع جي مري وري جيئري ٿيڻ وقت ذڪر ڪيو وڃي ٿو. سون کي ان جي ڪارڻ جي خبر ناهي، پر مون کي اها تاڪيد سندس زندگي کان موڪل وٺڻ ۽ وري ان کي حاصل ڪرڻ کان اڳ واري وقت ۾ بلڪل وقتائتي ٿي لڳي. هاڻي ڏس تہ اها تاڪيد ڪهڙي انداز ۾ ڪئي ويئي آهي. ان ۾ ڪهڙو نہ اصلوڪو جذبو ۽ ڪنور راستگي آهي.

ان ۾ ڪجهہ شڪ آهي تہ اهو ميگڊالين جو ذڪر آهي يا ٻين ميري نالي جي عورتن مان ڪنهن جو. بهرحال هُوءَ اسان جي مالڪ کان درخواست ڪري ٿي تہ :

"مون کي منهنجي قرض مان ائين آجو ڪر جيئن آئون پنهنجا وار ڪوليان ٿي. ان جو مطلب آهي تہ جيئن آئون پنهنجا وار ڪوليان ٿي، تيئن تون مون کي منهنجي گناهن مان آجو ڪر، ڇا ندامت جو ڪو ٻيو اظهار، معافي وٺڻ جي ڪا ٻي خواهش ان کان وڌيڪ نوس، وڌيڪ حتمي ٿي سگهي ٿي؟"

پوءِ ساڳي ڏينهن واري عبادت جي مسودي ۾ هڪ ٻيو وڌيڪ تفصيل سان لکيل ٽڪرو آهي. اهو تقريباً يقيني طور ميري ميگڊالين جي حوالي سان ئي آهي.

هڪ پيرو ٻيهر هوءَ پنهنجي ماضيءَ ۽ ان برائي تي جيڪا ان سندس اندر ۾ پيدا ڪئي هئي، تہ جيئن اها هر رات نئين سر سندس اندر ۾ پيدا ٿئي، شديد ڏک ۾ وٺجي وڃي ٿي. "جنسي خواهش جو ڪر ڪٽڻ منهنجي لاءِ ڪاري، اُماوس، گناهن سان پريل رات مثل آهي." هو يسوع کي اهو ياد ڏياريندي تہ حوا بہ ان وقت پنهنجي وارن ۾ پناهہ ورتي هئي جڏهن جنت ۾ ڊپ ۽ شرم مٿس حاوي ٿي ويا هئا اها درخواست ٿي ڪري تہ هُو سندس ندامت جا ڳوڙها قبولي ۽ سڏڪن جي خلوص کي محسوس ڪري تہ جيئن هُوءَ سندس پاڪ پيرن کي پنهنجن وارن سان خشڪ ڪري سگهي.

"مون کي پنهنجا پوتر پير چمڻ ۽ انهن کي پنهنجن ڳوڙهن سان ڌوئڻ ۽ مٿي جي وارن سان خشڪ ڪرڻ ڏي. انهن مٿي جي وارن ئي حوا کي ڍڪيو ۽ کيس پناهہ ڏني هئي جڏهن سندس ڪن آواز سان پريل هئا ۽ هوءَ جنت ۾ ڏينهن جي ٽڌ ۾ ڊنل هئي. ترت ئي پنهنجن وارن متعلق ان سڄي بيان کان پوءِ هوءَ رڙ ٿي ڪري تہ "منهنجي گناهن جي ڍڳ ۽ تنهنجي فيصلي جي گهرائي کي ڪير ڇڱي ريت سمجهي سگهندو؟ " خدا ۽ زندگي، خدا ۽ فرد، خدا ۽ عورت ۾ ڪيڏي نہ مانوسيت،ڪيڏا نہ برابري وارا ناتا آهن!"

(18)

يوري اسٽيشن تان ٽڪل ٽتل موٽيو هو .اهو سندس موڪل جو ڏينهن هو ۽ هُو عام طور تي ان ڏينهن تي اينٽري ننڊ ڪندو هو. جيڪا ڪيس ڏهن ڏينهن واري هفتي جا باقي نو ڏينهن هلائڻ لاءِ ڪافي هجي. هو صوفي تي ليٽي پيو ۽ گهڙي گهڙي پاڻ کي ان تي ڦهلائي ٽي چڙهائين. جيتوڻيڪ هن سيما کي حاوي ٿيندڙ غنودگيءَ جي ڏنڊ مان ٿي پڙو هو پر سندس خيالن ڪيس خوش ڪيو هو. "يقيناً هن اهو سيڪجهه ماماڪوليا جي ڪتابن تان ٿي ورتو آهي." هن سوچيو. "پلي ائين چو نہ هجي پر هوءَ ڪيڏي نہ ذهين ۽ باصلاحيت آهي."

هُو اٿيو ۽ دريءَ تائين ويو. هتان پاسي واري ڪمري وانگر، جتي هاڻي لارا ۽ سيما پڙهڻ ۾ نہ ايندڙ سرياتن ۾ ڳالهيون رهيون هيون، اتان فقط اگهڻ نظر آيو ٿي.

اونداهي ٿي رهي هئي ۽ برف پوڻ جا آثار نظر پئي آيا. ہہ نيل ڪنٽ سڙڪ تان اڏرندا آيا ۽ چوڏاري پر ڦڙڪائي وهڻ جي جاءِ ڳولڻ لڳا. هوا سندن پرن کي منتشر پئي ڪيو. اُهي ڪجري واري دبي جي ڍڪڻ تي ويٺا، اڏري مٿي واڙ تي هليا ويا ۽ پوءِ اڏري هيٺ فرش تي اچي اگهڻ ۾ گهمڻ لڳا.

"نيل ڪنٽ خبر آڻيندا آهن. تو وٽ مهمان ايندا ۽ يا وري ڪو خط."

ٿوري دير ڪان پوءِ دروازي تي لڳل گهنٽي، جنهن کي يوري ٺاهيو هو، وڳي. لارا پردي پويان نڪتي ۽ تيزيءَ سان هال مان ٿيندي دروازي کولڻ لاءِ اڳتي وڌي. يوري ڪيس سيما جي ڀيڻ گلاڦيرا سان ڳالهائيندي ٻڌو.

"تون پنهنجي ڀيڻ سان ملڻ آئي آهين؟" "ها هوءَ هتي آهي."

"نہ آئون ان لاءِ نہ آئي آهيان. ها باقي جيڪڏهن سيما تيار هوندي تہ اسان گڏجي گهر وڃي سگهون ٿيون. مون تنهنجي دوست لاءِ هڪ خط آندو آهي. اها سندس خوشقسمتي آهي تہ مون ڪڏهن ٽپال کاتي ۾ بہ نوڪري ڪئي آهي. مون کي خبر ناهي اهو گهڻن هٿن مان گذريو آهي. اهو ماسڪو مان آيل آهي ۽ پنجن مهينن کان رستي ۾ هو. انهن کي اُهو ماڻهو نہ پئي ملي سگهيو، جنهن ڏانهن خط لکيو ويو هو. نيٺ انهن مون کان پڇا ڪرڻ جو سوچيو ۽ مون يقيناً ڪيس سڃاتو ٿي. چاڪاڻ تہ هُو هڪ ڀيري مون وٽ وار ٺهرائڻ لاءِ آيو هو."

ڪاغذ جي گھڻن پنن تي لکيل گھنجيل ۽ داغدار ڊگھو خط. جيڪو هڪ ليڙون ليڙون ٿيل لفافي ۾ بند هو. جنهن کي ٽپال گھر ۾ کوليو ويو هو. ٽونيا پاران موڪيلو ويو هو.

يوريءَ کي اها خبر پيئي ته خط ڪيئن سندس هٿن ۾ پهتو. هُن اِهو لارا کي ڏانهس وڌائيندي نه ڏٺو هو. جڏهن هن اِهو پڙهڻ شروع ڪيو تڏهن به ڪيس پنهنجي يورياتين ۾ لارا جي گهر ۾ هئڻ جي خبر هئي. پر هوريان هوريان جيئن هُو پڙهندو ويو تيئن پنهنجو هوش وڃائي ويٺو. سيما ٻاهر نڪري ڪيس ڪيڪاريو ۽ خدا حافظ چيائين. هُن ڪيس مشيني انداز ۾ ان جو جواب ته ڏنو پر ڏانهس ڪو توجهه نه ڏنو ۽ نه ئي اِهو خيال ڪيائين ته اُها ڪڏهن گھر مان هلي ويئي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ هُو مڪمل طور پنهنجي ماحول کان بي خبر ٿي ويو.

"يورا" ٽونيا لکيو هو. "ڇا توکي خبر آهي ته اسان کي ڏيهه ڇڏڻ ٿي آهي؟ اسان ان جو نالو تنهنجي ماءُ جي ياد ۾ ماشا رکيو آهي.

هاڻي ڪنهن ٻي شيءِ جي باري ۾. ڪيڊٽ پارٽي ۽ ساڄي ڌر جي سوشلسٽن سان واسطو رکندڙ گهڻن مشهور ماڻهن ۽ پروفيسرن ميلوڪوف، ڪائيزويٽر، ڪسڪووا ۽ ٻين گهڻن جن ۾ تنهنجو مامو، منهنجو پيءُ ۽ اسان به شامل آهيون، کي روس مان ڏيهه نيڪالي ڏني پيئي وڃي.

اها هڪ بدقسمتي آهي، خاص طور تي تنهنجي غير موجودگي ۾. پر اسان کي ان کي ضرور قبول ڪري خدا جو شڪر ادا ڪرڻ گهرجي ته اهڙي ڀيانڪ وقت ۾ جڏهن اسان لاءِ شيون گهڻيون خراب ٿي سگهيون ٿي. اسان کي ڏيهه نيڪالي جي اهڙي هلڪي سزا ملي آهي. جيڪڏهن تون هتي هجين ها ته تون به اسان سان هلين ها. پر تون ڪٿي آهين؟ آئون هي خط انتيپوا جي پتي تي موڪلي رهي آهيان. جيڪڏهن تنهنجي ساڻس ملاقات ٿي ته هوءَ هي خط توکي ڏيندي. آئون اهو نه ڄاڻڻ ڪري اذيت ۾ آهيان ته اسان کي خاندان جي حيثيت ۾ ٻاهر وڃڻ جو جيڪو اجازت نامو ڏنو پيو وڃي اهو پوءِ، جيڪڏهن خدا چاهيو ۽ تون ملي وئين، توتي به لاڳو ٿيندو يا نه. مون اڃا تائين يقين جو دامن نه ڇڏيو آهي ته تون جيئرو آهين ۽ اهو ته تون لڀجي پوندين. منهنجي دل چوي ٿي ته اهو ائين ئي آهي ۽ مون کي ان تي اعتبار آهي. جنهن وقت تون سامهون اچين ته ممڪن آهي ته روس ۾ حالتون سڌري ويون هجن ۽ تون پنهنجي لاءِ ڌار ويزا حاصل ڪري وٺين ۽ اسان

سيپيئي هڪ پيرو وري ساڳي جاءِ تي گڏ هجون. پر جيئن آئون اهو خط لکان پيئي مون کي پاڻ ان امڪان ۾ گهٽو يقين ناهي تہ ايڏي گهٽي خوشي حاصل ٿي سگهندي.

سچو مسئلو اهو آهي تہ آئون تو سان پيار ڪريان ٿي ۽ تون مون سان پيار نہ ٿو ڪرين. آئون پاڻ مون تي ڏنل ان فيصلي جي معنيٰ کي ڳولڻ، ان کي سمجهڻ ۽ ان جي ڪارڻ کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهيان. آئون پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائيان ٿي. آئون پنهنجي گڏ گذاريل سڄي زندگي ۽ پنهنجي متعلق معلوم هرشيءِ جو جائزو وٺان ٿي پر نہ تہ مون کي ان ڳالهہ جي ڪا شروعات ٿي نظر اچي ۽ نہ ئي مون کي اهو ياد ٿو پوي تہ اُها ڪهڙي شيءِ هئي ۽ مون پاڻ تي اها بدنصيبي ڪيئن آندي. تنهنجي دل ۾ منهنجي لاءِ هڪ غلط ۽ نامهربان سوچ آهي. تون مون کي هڪ بگڙيل آئيني ۾ ڏسين ٿو.

جيستائين منهنجو سوال آهي تہ آئون توسان پيار ڪريان ٿي. بس رڳو تون اِهو سمجهي سگهين تہ آئون توسان ڪيڏو نہ گهڻو پيار ڪيان ٿي. آئون توهِ موجود هر غيرمعمولي شيءِ پوءِ پلي اِها سولي هجي يا ڏکي، سان پيار ڪريان ٿي. توهِ موجود سڀ عام شيون هڪ غيرمعمولي انداز ۾ گڏ ٿيڻ ڪري مون لاءِ املهہ بڻجي ويون آهن. تنهنجو چهرو جنهن کي تنهنجي تاثر سهڻو بڻائي ڇڏيو آهي، شايد ان کان سواءِ اِهو بلڪل سادو هجي ها. تنهنجي ذهانت ۽ تنهنجي قابليت جيڪي تنهنجي ارادي جا متبادل آهن. ڇاڪاڻ تہ تو وٽ ارادو تہ آهي ئي نہ... اِهو سڀ مون کي عزيز آهي ۽ مون کي دنيا ۾ توکان بهتر پيو ڪو ماڻهو نظر نہ ٿو اچي.

پر ٻڌ، اِهو ئي ڪجهہ آئو ن توکي چوڻ چاهيان ٿي. جيڪڏهن تون مون کي ڪٿي گهٽ پيارو بہ هجين ها، جيڪڏهن آئون تو کي ڪٿي گهٽ پسند ڪريان ۽ عزت ڏيان ها تہ بہ آئون اِهو ئي سوچيان ها تہ آئون توسان ئي پيار ڪريان ٿي. پنهنجي لاتعلق رهڻ واري اِها حقيقت مون کان لڪل ئي رهي ها. رڳو توکي ان بيعزتي واري، ناس ڪندڙ سزا ملڻ جي ڊپ ڪري ئي آئون غير شعوري طور اِهو احتياط ڪريان ها تہ آئون اِهو نہ. سمجهان تہ مون کي توسان پيار ناهي. توکي ۽ مون کي ڪڏهن بہ ان ڳالهہ جي خبر نہ پئي ها. منهنجي دل ان ڳالهہ کي مون کان لڪائي ها. ڇاڪاڻ تہ پيار نہ ڪرڻ تقريباً قتل ڪرڻ جيان ئي آهي ۽ مون ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کي اهڙو ڏک ڏيڻ جي طاقت نہ ٿي ٿي سگهي.

اجا تائين ڪابہ ڳالهہ طئي نہ ٿي آهي پر اسان شايد پيرس وڃون پيا. آئون انهن ڏورانهن ڏيهن ڏانهن وڃان پئي جتي توکي پاراٽي عمر ۾ وٺي ويا هئا ۽ جتي بابا ۽ منهنجو چاچا پلجي وڏا ٿيا هئا. بابا تنهنجي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪري ٿو. ساشا گهڻو وڏو ٿي ويو آهي. هُو ڪو خاص سهڻو تہ ناهي پر گهڻو ڊگهو ۽ مضبوط ڇوڪر آهي ۽ اسان جڏهن بہ تنهنجو ذڪر ڪريون ٿا تہ هُو زاروقطار روئڻ ٿو لڳي ۽ ڪنهن بہ ريت ماٺ نہ ٿو ڪري. آئون وڌيڪ نہ ٿي لکي سگهان. ڳوڙها مون کان نہ ٿا سنڀالجن. نيڪ تہ پوءِ الله واهي. مون کي پاڻ تي صليب ناهڻ ۽ اڇڻ وارن سالن، بي انت جدائي، آزمائش، بي يقيني ۽ تنهنجي ڊگهي ۽ اونداهي سفر لاءِ دعا ڪرڻ ڏي. آئون توکي ڪنهن بہ شيءِ لاءِ ڏوهہ نہ پئي ڏيان ۽ نہ ئي توکي لوئيان ٿي. پنهنجي زندگي جيئن چاهين تيئن گذار بس رکُو اِهو تہ تون خوش هجين.

اسان جي يورا، اسان لاءِ اُها ڪهڙي نہ پيانڪ ۽ تباهہ ڪن جاءِ ثابت ٿي، جڏهن کان اڳ مون لاريسافيودوروناڪي چڱي ريت سڃاڻي ورتو. ڏکئي وقت ۾ لاڳيتو مون سان گڏ رهڻ ۽ منهنجي ويم دوران منهنجي مدد ڪرڻ تي آئون سندس ٿورائتي آهيان. مون کي اِهو ايمانداريءَ سان مڃڻ گهرجي تہ هوءَ هڪ سٺي عورت آهي. پر آئون منافق ٿيڻ نہ ٿي چاهيان ۽ اِهو چوان ٿي تہ هوءَ منهنجي بلڪل ئي ابتڙ آهي. آئون زندگيءَ کي سادو ناهڻ ۽ سمجهہ ۾ ايندڙ حل جي ڳولها لاءِ پيدا ٿي هيس ۽ هو ان کي وڌيڪ پيچيدو ناهڻ ۽ مونجهارا پيدا ڪرڻ لاءِ.

خدا توکي پنهنجي امان ۾ رکي، مون کي هاڻ بس ڪرڻ گهرجي. خط وٺڻ لاءِ ماڻهو پهچي ويا آهن ۽ هاڻي آئون سامان بہ ٻڌان. او يورا، يورا، منهنجا پيارا، منهنجا جاني، منهنجا مڙس، منهنجي ٻارن جا پيءُ اسان سان هي ڇا ٿي رهيو آهي. ڇا تون اِهو سمجهي سگهين ٿو تہ اسان هڪ ٻئي سان وري ڪڏهن بہ نہ ملي سگهنداسين؟ هاڻي مون اِهو لکي ڇڏيو آهي. ڇا تون سمجهي سگهين ٿو تہ ان جو ڇا مطلب آهي؟ ڇا تون سمجهين ٿو. ڇا تون سمجهين ٿو؟ اُهي مون لاءِ تڪڙ ڪري رهيا آهن ۽ اِهو ائين آهي جڻ اُهي مون کي منهنجي موت ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ آيا آهن. يورا ! يورا!"

يوري خط پڙهي پورو ڪيو ۽ اکيون مٿي ڪنيائين. اُهي بلڪل گم سم هيون. سندس ڳوڙها ڏک جي ڪري سڪي ويا هئا ۽ اندر تڪليف ڪري خالي

ٿي ويو هو. هن نہ تہ ڪجهہ ڏٺو ۽ نہ ئي پنهنجي چوڌاري ڪنهن شيءِ جو
ڪيس هوش هو.

ٻاهر برفباري ٿيٰ رهي هئي. هوا برف کي اڏائي رهي هئي ۽ برف تيزيءَ سان ڪرندي رهي ۽ ان جا تهہ وڌندا ويا. ائين پئي لڳو چڻ اُها ڪنهن شيءِ کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هجي. يوري ان کي ائين پئي گهوريو چڻ هن برف نہ پئي ڏٺي پر اجا ٽونيا جو خط پڙهي رهيو هجي ۽ سندس پاسي مان برف جا ننڍڙا خشڪ تارا نہ پئي گذريا پر اِهي ننڍڙن ڪارن اکرن جي وچ ۾ ڇڏيل اڇيون ۽ اڻ ڪٽ خالي جايون هيون.

سندس اندر مان پاڻ مرادو رڙ نڪتي ۽ هُن پنهنجي ڇاتيءَ کي جهلي ورتو. ڪيس لڳو تہ هُو بيهوش ٿي رهيو هو. ڪجهہ قدم ٿاٻڙجندو هُو صوفي تائين ويو ۽ بيهوش ٿي ڪري پيو.

☆

## باب چوڏهون

# هڪ پيرو پيهر واريڪينو ۾

(1)

سردين جي مند اچي ويئي هئي. يوري جڏهن اسپتال کان گهر پئي موٽيو ته ان وقت سخت برفباري ٿي رهي هئي. لارا کيس هال ۾ ملي.

"ڪومارووسڪي هتي آهي." هن کيس پريشان ۽ صدمي واري حالت ۾ ٻڌايو. هوءَ ايڏي پريشاني جي حالت ۾ اتي بيٺي هئي جو ائين پئي لڳو ته ڄڻ کيس دل جو دورو پيو هو.

"ڪٿي آهي؟ ڇا هتي فليٽ ۾ آهي؟"

"نه. يقيناً هتي ناهي. هُو اڄ صبح آيو هو ۽ چئي ويو آهي ته اڄ رات وري ايندو. هُو بس هتي پهچڻ وارو هوندو. هُو توسان ڪجهه ڳالهائڻ چاهي ٿو."

"هُو ڇو آيو آهي؟"

"مون ڪي سندس پوري ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. هُن چيو ته هُو ڏور اوڀر ڏانهن پئي ويو ۽ واٽ تي اسان سان ملڻ لاءِ آيو هو. خاص طور تي تو سان ۽ پاشا سان ملڻ لاءِ. هُن چيو ته اسان ٽيئي، تون، پاشا ۽ آئون وڏي خطري ۾ آهيون. ۽ رڳو هُو ئي، جيڪڏهن اسان سندس صلاح تي عمل ڪيون، اسان کي بچائي سگهي ٿو."

"آئون ٻاهر پيو وڃان. آئون ساڻس ملڻ نه ٿو چاهيان."

لارا اچي روئڻ ۾ ڇٽي ۽ پاڻ کي سندس پيرن تي ڪِرڻ ۽ گوڏن کي جهلڻ جي ڪوشش ڪيائين پر هُن کيس زوريءَ مٿي ڪيو.

"مهرباني ڪري منهنجي خاطر ترسي پئو." هُن کيس ٻاڏائيندي چيو. اِها ڳالهه ناهي ته مون کي ساڻس اڪيلو هئڻ تي ڊپ ٿو ٿئي پر مون کي ائين ڪرڻ کان نفرت آهي. مون کي ساڻس اڪيلي ملڻ کان بچائي وٺ. ان کانسواءِ هُو هڪ عملي ۽ تجربيڪار ماڻهو آهي ۽ ونس واقعي اسان جي لاءِ ڪا صلاح ڏئي سگهي

ٿي. آئون سمجهان ٿي تہ توکي ڪائنس ڪيڏي نہ ڪرب ٿي اچي پر مهرباني ڪري پنهنجن جذبن کي هڪ پاسي رکي هتي ترسي پئو."

"توسان نيٺ ڪهڙو مسئلو آهي جاني؟ ايترو پريشان نہ ٿيءُ. تون آخر ڇا پيئي ڪرين؟ پنهنجن گوڏن تي نہ ڪر، اُٿي بيهہ ۽ خوش ٿي. توکي پنهنجو پاڻ کي ان مصيبت کان آجو ڪرڻو پوندو. هِن جي ڊپ تنهنجو ساهہ سڪائي ڇڏيو آهي. توکي خبر آهي تہ آئون توسان گڏ آهيان. آئون يقيناً ترسندس. جيڪڏهن تون مون کي چوندين تہ آئون تنهنجي خاطر ڪيس خوشيءَ سان ماري ڇڏيندس."

اڌ ڪلاڪ کن ۾ رات ٿي ويئي. پوري ريت اونداهي هئي .ڪوئن جي سيني ہرن کي ننڍ ڪرڻ کي ڇهہ مهينا گذري چڪا هئا ۽ يوري نون ہرن تي نظر رکندو هو تہ جيئن انهن کي وقت سِر بند ڪري سگهجي. هنن هڪ وڏو بجن وارو نرہلو پڻ رکيو هو. جيڪو پراسرار لڳندي پنهنجو وقت سوچ ويچار ۾ گذاريندو هو.ڪوئا اچا تائين گهر ۾ هئا پر هاڻي وڌيڪ محتاط هئا.

ڪومارووسڪي جو انتظار ڪندي لارا راشن ۾ مليل ڪاري روٽيءَ جا ڪجهہ ٽڪرا وڏي اُباريل پٽاٽن سان هڪ پليٽ ۾ ميز تي رکيا. انهن طئي ڪيو هو تہ اُهي ساڻس پراڻي ماني کائڻ واري ڪمري ۾ ملندا جنهن کي هُو اڃا تائين ماني کائڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اتي شاهہ بلوط جي ڪاري ڪاٺ جي ٺهيل وڏي ڳري ميز ۽ هڪ ننڍي ميز پيبل هيون. وڏي ميز تي ايرينڊي جي تيل جي هڪ بوتل پيل هئي، جنهن کي هُو هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ تائين کڻي وڃي سگهندڙ بتي طور استعمال ڪندا هئا.

ڪومارووسڪي ڊسمبر جي اونداهي رات مان برف ۾ ورپيل اندر داخل ٿيو. ٽوپلي، ڪوٽ ۽ جوتن مان برف جا ٽڪر زمين تي ڪري پاڻيءَ جي ڍہن ۾ بدلجي ٿي ويا. برف سان ورپيل مُڇن ۽ ڏاڙهيءَ جي ڪري هُو بلڪل مسخرو پئي لڳو (پراڻن ڏينهن ۾ سندس ڏاڙهي مُڇ صاف هوندي هئي).

کيس هڪ پراڻي پر سٺي لڳندڙ سوٽ سان هڪ چڱي نموني استري ٿيل سنهين ڌارين واري پتلون پيل هئي. حال احوال وٺڻ کان اڳ هُن کيسي ۾ پيل ٺڌيءَ سان پنهنجن وارن کي ٺاهڻ ۽ رومال سان مڇن ۽ ڀرون کي خشڪ ڪرڻ ۾ گهڻو وقت لڳايو. پوءِ خاموشي ۽ پاڻ پڌائڻ واري انداز ۾ هُن پنهنجا ٻيئي هٿ ڊگهيري ڪاہو لارا ۽ ساڄو يوريءَ ڏانهن ڪيو.

"اسان فرض ٿا ڪريون ته اسان هڪ ٻئي جا پراڻا واقف آهيون." هو يوري ڏانهن مڙيو، "توکي شايد خبر هجي ته آئون تنهنجي پيءُ جو گهرو دوست هيس. هن منهنجن ٿي هٿن ۾ دم ڏنو. آئون اِهو ڏسان پيو ته آيا تو ۾ ساڻس ڪا مشابهت آهي، پر آئون نه ٿو سمجهان ته تون اُن تي ويو آهين. هُو هڪ پرجوش، پورالو ۽ پاڻ مرادو عمل ڪندڙ شخص هو. تون ضرور گهڻو پنهنجي ماءُ تي ويو آهين. هوءَ هڪ خواب ڏسندڙ نرم دل عورت هئي."

"لاريسا فيودوروونا مون کي توسان ملڻ لاءِ چيو هو. هُن چيو ته توکي مون سان ڪو ڪم هو. آئون راضي ٿي ويس. پر اسان جي گڏجاڻي ۾ منهنجي مرضي شامل ناهي ۽ آئون نه ٿو سمجهان ته اسان هڪ ٻئي جا واقف آهيون. ته ڇا اسان پنهنجي ڳالهه ٻولهه جاري رکون؟ تون ڇا ٿو چوڻ چاهين؟"

"منهنجا عزيزو! آئون اوهان ٻنهي کي ڏسي گهڻو خوش آهيان. آئون هر شيءِ، بلڪل هر شيءِ سمجهان ٿو. جيڪڏهن آئون ائين چوان ته توهان ٻئي حيرت انگيز طور هڪ ٻئي سان نهڪي اچو ٿا. هڪ مڪمل جوڙو."

"مهرباني ڪري ماٺ ڪر. آئون تنهنجو تورائتو ٿيندس جيڪڏهن تون پنهنجي ڪم سان ڪم رکين. اسان کي تنهنجي همدردي جي ضرورت ناهي. تون پنهنجو پاڻ کي وساري ويٺو آهين."

"نوجوان ايڏو جلدي جوش ۾ نه اچ. شايد نيٺ تون پنهنجي پيءُ تي ئي ويو آهين. هُو به بس ائين ئي پنهنجو هوش وڃائي وهندو هو. ٺيڪ آهي. منهنجا پارو! آئون توهان کي پنهنجيون نيڪ خواهشون آڇيان ٿو. بدقسمتي سان توهان واقعي ٻار ئي آهيو! نه رڳو پنهنجي ڳالهائڻ جي انداز ۾ پر ٻارن جيان مڪمل طور اڻڄاڻائي ۽ بي فڪري ۾ پڻ. هتي ٻن ڏينهن ۾ مون توهان بابت ان کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪئي آهي جيتري اوهان کي پاڻ کي خبر آهي يا ان متعلق شڪ آهي. اوهان اڻ ڄاڻائي ۾ اونهي کڏ جي ڪناري تي هلي رهيا آهيو. توهان جيڪڏهن ان متعلق ڪجهه نه ڪيو ته توهان جي آزادي ۽ شايد اوهان جي زندگي جا ڏينهن به جلد پورا ٿي ويندا.

هتي هڪ قسم جو ڪميونسٽ طريقه ڪار آهي، يوري آندريوچ. ڪجهه ماڻهو ئي ان معيار تي پورا لهن ٿا. پر ڪو به ان زندگي گذارڻ جي طريقي جو ائين مذاق نه ٿو اڏائي ۽ ائين نه ٿو سوچي جيئن تون ڪرين ٿو. آئون نه ٿو سمجهي

سگهان ته تون نيٺ خطري سان اِها راند ڇو پيو ڪرين. تون ان سڄي دنيا لاءِ هڪ ٽوڪ، هڪ بيعزتي آهين. جيڪڏهن ڪٿي تنهنجو ماضي تنهنجو پنهنجو راز هجي پر ماسڪو مان آيل اهڙا ماڻهو هتي آهن جيڪي تنهنجي اندر ۽ ٻاهر وارين سيني شين کان واقف آهن. توهان مان ڪوبه ٽيمز جي مقامي پيشوائن کي پسند ڪونهي. ڪامريڊ انتيپوف ۽ تيورزن پنهنجا چنبا تيز ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن.

بهرحال يوري آندريوچ، تون مرد ماڻهو آهين. تون پاڻ پنهنجو مالڪ آهين ۽ توکي بيوقوف نهڻ ۽ جيڪڏهن تون ائين محسوس ڪرين ٿو ته پنهنجي زندگيءَ کي جوکم ۾ وجهڻ جو پورو حق حاصل آهي. پر لاريسا فيودوروونا آزاد ناهي. هوءَ هڪ ماءُ آهي. سندس هٿن ۾ هڪ ٻار جي زندگي آهي ۽ اُها ائين پنهنجو مٿو ڪڪرن ۾ لڪائي خوابن جي دنيا ۾ نه ٿي هلي سگهي. مون صبوح جو سڄو وقت ساڻس مٿو هٽي پنهنجو وقت زيان ڪري اِها ڪوشش ڪئي آهي ته هوءَ صورتحال کي سنجيدگيءَ سان وٺي. پر هوءَ منهنجي ڳالهه نه ٿي ٻڌي. ڇا تون پنهنجو اثر استعمال ڪندين؟ ڪيس پنهنجي ڌيءُ جي سلامتي سان کيڏڻ جو ڪو حق ناهي. ڪيس منهنجن دليلن کي نظر انداز نه ڪرڻ گهرجي."

"مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪنهن تي به پنهنجا خيال ٿاڦيا ناهن. يقيناً انهن تي بلڪل نه جيڪي منهنجي ويجهو آهن. لاريسافيودوروونا کي جيئن هوءَ مناسب سمجهي تنهنجي ڳالهه ٻڌڻ يا نه ٻڌڻ جو پورو حق حاصل آهي. اِهو رڳو سندس ئي معاملو آهي. ان ڪانسواءِ آئون نه ٿو سمجهي سگهان ته تون ڀي ڪهڙي ڳالهه متعلق پيو ڳالهائين. جن کي تون دليل چوين ٿو، مون اُهي نه ٻڌا آهن."

"تون مون کي وڌ کان وڌ پنهنجي پيءُ جي ياد ڏيارين ٿو. بلڪل ساڳيو ضدي ۽ هٺيلو. ٺيڪ آهي ته آئون توکي ٻڌايان ٿو. پر اِهو ڏاڍو منجهيل معاملو آهي ۽ توکي وچ ۾ ٽوڪڻ کان سواءِ صبر سان ٻڌڻو پوندو.

مٿين سطح تي وڏين تبديلين آڻڻ جي رٿابندي ڪئي پيئي وڃي. ها، مون کي اِها نهايت ئي معتبر ذريعي کان خبر پيئي آهي ۽ تون ان کي سچ ليکي سگهين ٿو. انهن جي ذهن ۾ وڌيڪ جمهوري عمل ڏانهن وڃڻ ۽ قانوني معاملن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ آهي ۽ اِها جلد ئي ٿيندي.

پر ان جي ڪري ئي سزائون ڏيڻ وارن ادارن جا رڪن، جن جو ڪردار ختم ٿي ويندو، پنهنجي مقامي حساب ڪتاب برابر ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهٽي تڪڙ ۾

آهن. ان ڪري پڇاڙي ڪان ,ڳ ان ڪان به وڏي وحشت جو دور ايندو جيڪا اسان ايستائين ڏٺي آهي. تنهنجي لاءِ تباهي لکي ويئي آهي، يوري آندريوچ، تنهنجو نالو فهرست ۾ آهي. آئون توکي اِهو پوري سنجيدگي سان ٻڌائي رهيو آهيان، مون پاڻ اِهو ڏٺو آهي. ان ڪان اڳ جو گهڻي دير ٿئي، توکي ضرور پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ سوچڻ گهرجي.

پر اهو سڀڪجهه ته رڳو شروعات آهي. آئون اصل ڳالهه تي اچان پيو. اُهي سياسي قوتون جيڪي اجا تائين عبوري حڪومت ۽ ختم ٿيل دستور ساز اسيمبلي سان وفادار آهن. بحرالڪاهل جي ڪناري واري ساموندي پرڳڻي ۾ گڏ ٿي رهيون آهن.مختلف مشهور ماڻهو جن ۾ ڏوما جا رڪن، اڳوڻي ضلعي اسيمبلين جا ميمبر ۽ ٻيون عوامي شخصيتون واپاري، صنعتڪار ۽ رضاڪار فوجن جا باقيات شامل آهن، پاڻ ۾ گڏجي رهيا آهن.

انهن جو ارادو ڏور اوير جي جمهوريه قائم ڪرڻ آهي. سوويت حڪومت ان ڪان اک ٻيت ڪرڻ چاهي ٿي. چاڪاڻ ته هِن وقت اِهي ان ڳالهه کي مناسب سمجهن ٿا ته ڳاڙهي سائيبيريا ۽ ٻاهريں دنيا وچ ۾ ٻنہ طور هڪ ٻي رياست هجي. ان جمهوريه ۾ هڪ گڏيل حڪومت هوندي. ماسڪو جي اصرار تي اڌ ڪان وڌ نشستون ڪميونسٽن کي ملنديون. جڏهن کين اِهو مناسب لڳندو، اُهي بغاوت برپا ڪري جمهوريه کي گوڏن ٽيڪڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندا. رٿا بلڪل واضع آهي پر اِها اسان کي ڪجهه ساهه کڻڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي ۽ اسان کي ان مان پورو فائدو وٺڻ گهرجي.

انقلاب کان اڳ ڪنهن وقت ۾ آئون ولادي ووستووڪ ۾ مرڪولوف خاندان، ارڪاروف ڀائر ۽ ٻين گهڻين بينڪن ۽ واپاري ادارن جي معاملن جي سار سنڀال ڪندو هوس. اُتي اُهي مون کي سڃاڻن ٿا ۽ رٿيل ڪابينا پاران هڪ نمائندو مون کي مستقبل جي حڪومت ۾ انصاف جي وزير جو عهدو آڇڻ لاءِ آيو هو. اِهو لڪل طور پر سوويت حڪومت جي غير سرڪاري رضامنديءَ سان ڪيو ويو هو. مون ان کي قبوليو آهي ۽ هاڻي اوڏانهن وڃان پيو. مون اوهان کي جيڪي ڪجهه ٻڌايو آهي، اِهو سوويت حڪومت جي خاموش رضامنديءَ سان ٿي رهيو آهي پر ايتري کليل نموني سان نه. ان ڪري ان متعلق گهڻو ڳالهائڻ دانشمندي جو ڪم ناهي.

آئون توکي ٻ لاريسا فيودوروونا کي پاڻ سان وٺي وڃي سگهان ٿو. اتان تون آسانيءَ سان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پرڏيهه ويل پنهنجي خاندان سان ملي سگهين ٿو. توکي يقيناً خبر هوندي تہ ڪين ڏيهه نيڪالي ڏني ويئي آهي. ان گهٽو چوٻول پيدا ڪيو هو ۽ پورو ماسڪو اڃا تائين ان متعلق ڳالهائي رهيو آهي.

مون لاريسافيودوروونا سان استريلينڪوف کي بچائڻ جو واعدو ڪيو آهي. ماسڪو پاران تسليم ٿيل هڪ آزاد حڪومت جي رڪن طور آئون اڀرندي سائيبيريا ۾ سندس ڳولها ڪري ڪيس اسان جي خودمختيار علائقي ۾ اچڻ ۾ مدد ڪري سگهان ٿو. جيڪڏهن هُو ڀڄڻ ۾ ڪامياب نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ آئون اِها رِٿ ڏيندس تہ ڪيس اهڙي شخص سان بدلي ڪيو وڃي جيڪو اتحادين جي قيد ۾ هجي ۽ ماسڪو حڪومت لاءِ اهم هجي."

لارا ڪومارووسڪي جي وضاحت کي مشڪل سان سمجهي سگهي هئي پر جڏهن هو يوري ۽ استريلينڪوف جي سلامتي وارن انتظامن تي آيو تہ سندس ڪن کڙا ٿيا. ٿورو شرمائيندي هُن يوريءَ کي چيو تہ :

"تون ڏسين ٿو جاني تہ اِهو سيڪجهہ پاشا ۽ تنهنجي لاءِ ڪيترو نہ اهم آهي."

"تون منهنجي پياري اعتبار ڪرڻ ۾ تمام تڪڙ کان ٿي ڪم وٺين. تون هڪ اڌوري رٿا کي پوري ٿيل حقيقت طور نہ ٿي وٺي سگهين. آئون اِهو نہ ٿو سمجهان تہ وڪٽراپوليتوچ ڄاڻي ٻجهي اسان کي پتڪائي رهيو آهي پر ايستائين هُن رڳو اسان کي هوائي قلعن متعلق ٿي ٻڌايو آهي." منهنجي پاران هُو ڪومارووسڪي ڏانهن مڙيو. منهنجن معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ لاءِ مهرباني پر تون يقيناً اِهو خيال تہ نہ ٿو ڪرين تہ ڪو آئون انهن کي تنهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندس؟ جيستائين استريلينڪوف جو تعلق آهي تہ لارا ان متعلق ويچار ڪندي."

"سڄي ڳالهہ هتي ٿي اچي بيهي تہ" لارا چيو. "آيا اسان ساڻس وڃون يا نہ. تون چڱي ريت اِهو ڄاڻين ٿو تہ آئون توکان سواءِ نہ ويندس."

ڪومارووسڪي پاڻي مليل شراب، جيڪو يوري اسپتال مان آندو هو، جو ڍڪ ڀريو. اپاريل پٽاٽن کي چڪ هنيو ۽ وڏيڪ مدهوش ٿي ويو.

انقلابي ايسوسيئيشن "همجلس" جي صورت ۾ هڪ دوست مليو آهي. آئون پاڻ واقعي هڪ اهڙو خوشحال منگوليا ڏسڻ چاهيان ٿو جيڪو آزادانہ طور چونڊيل حڪومت جي اقتدار هيٺ هجي. توهان جي لاءِ دلچسپي جي ڳالهہ اها ٿي سگهي ٿي تہ هڪ پيرو توهان منگوليا جي سرحد پار ڪري ويا تہ پوءِ دنيا اوهان جي قدمن ۾ هوندي ۽ اوهان ائين آزاد هوندائو جيئن هوا.

سندس لفاظي تي ٻڌل اِها جوشيلي تقرير لارا جي حواسن تي سوار ٿي ويئي. نيٺ هُن ڪوڙهن جي حد تائين بيزار ٿيندي ۽ ٿڪل هوندي پنهنجو هٿ ڏانهس وڌايو ۽ غير متوقع طور اڻ لڪل دشمني سان ڪيس چيو تہ :

"هاڻي دير ٿي ويئي آهي ۽ تنهنجي وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي. مون کي ننڊ پيئي اچي."

"او تون ايڏي نامهربان نہ ٿي سگهين جو مون کي رات جي هن وقت ڪٽي ٻاهر ڪڍو ڪرين! آئون نہ ٿو سمجهان تہ آئون پنهنجي واٽ ڳولهي سگهندس. مون کي شهر جي بلڪل خبر ناهي ۽ هاڻي بلڪل گهگهہ اونداهي آهي."

"توکي بجاءِ ويٺو رهڻ جي اڳ ۾ ئي ان ڳالهہ متعلق سوچڻ گهرجي ها. توکي ڪنهن بہ ايتري دير تائين ويهڻ لاءِ نہ چيو هو."

"تون نيٺ مون سان ايڏي تکي ڇو آهين؟ تون مون کان اهو بہ ناهي پڇيو تہ آيا مون وٽ رهڻ لاءِ ڪا جاءِ آهي يا نہ."

"مون کي ان ۾ ذري بہ دلچسپي ناهي. تو پوري ريت پنهنجي سار سنڀال ڪري سگهين ٿو. جيڪڏهن تون رات رهڻ جي دعوت حاصل ڪرڻ لاءِ ور وڪڙ پيو ڏين تہ آئون توکي يقيناً ان ڪمري ۾ رهڻ نہ ڏيندس جنهن ۾ آئون ۽ ڪاتيا سمهون ٿا جڏهن تہ ٻيا ڪمرا ڪوئن سان ڀريا پيا آهن."

"مون کي ڪوئن سان ڪو فرق نہ ٿو پوي."

"ٺيڪ آهي تہ پوءِ تنهنجي مرضي."

(3)

"نيٺ ڪهڙو مسئلو آهي جاني؟ تون گهٽين راتين کان پوري ننڊ ٿي ڪرين. نہ کاڌي کي ٿي هٿ لاهين ۽ سڄو ڏينهن ڀوت جيان هِتي هُتي گهمندين ٿي وتين. اِهو سڄو وقت ڪهڙين سوچن ۾ غلطان آهين؟ توکي پنهنجين پريشانين کي ايڏو پنهنجي مٿان سوار ڪرڻ نہ گهرجي."

"اسپتال جو چوڪيدار، ازوت، وري چڪر پئي هنيو. هُو هيٺ ڏوهڻ سان ملڻ پئي ويو. انهن ۾ پيار جو چڪر پيو هلي. هُو مون کي هڪ خوشگوار خبر ڏيڻ لاءِ رستي ۾ بيهي رهيو.

"تنهنجي دوست کي قيد ٿيڻ واري آهي." هن چيو، "ڪنهن به ڏينهن هاڻي اهو ٿي سگهي ٿو."

"تو کي ڪيئن خبر پيئي؟" مون ڪانئس پڇيو. "او، اهو بلڪل يقيني آهي، مون اهو پيليڪان ۾ ڪم ڪندڙ پنهنجي هڪ دوست کان ٻڌو آهي." تون اندازو ڪري سگهين ٿو ته ان سان مراد شهري ڪائونسل جي انتظامي ڪميٽي آهي. انهن ٻنهي ٺهڪ ڏنو.

"هُو بلڪل درست آهي." يوري چيو، "اِهو ڪنهن ڏينهن به ٿي سگهي ٿو ۽ هاڻي وقت اچي ويو آهي ته اسين غائب ٿي وڃون. مسئلو اهو آهي ته ڪيڏانهن وڃجي. اسان کي خاموشيءَ سان ڪسڪي وڃڻ گهرجي. ان ڪري ماسڪو وڃڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته اسان پاڻ ڏانهن توجهه ڏيارڻ کان سواءِ سفر لاءِ تياري نه ٿا ڪري سگهون. ٻڌ، منهنجي پياري، اسان نيٺ اُهو ئي ڇو نه ڪيون جيڪو تو شروع ۾ تجويز ڪيو هو؟ اسان هفتي ٻن لاءِ يا مهيني لاءِ واريڪينو هلنداسين ۽ اُتي خاموشيءَ سان رهنداسين."

"مهرباني تنهنجي مهرباني پيارا، او آئون ڪيڏي نه خوش آهيان! آئون سمجهان ٿي ته تون ان خيال کي ڪيڏو ناپسند ڪرين ٿو. پر اسان تنهنجي گهر ۾ نه رهنداسين. توکي ممڪنه طور تي خالي ڪمرن، افسوس ۽ ماضي سان ڀيٽ ڪرڻ وارين ڳالهين کي منهن ڏيڻو نه پوندو. ڇا مون کي اها خبر ناهي ته ٻين جي تڪليفن تي پنهنجين خوشين جا محل ناهڻ ۽ ٻين جي پياري ۽ پوتر شين کي لتاڙڻ جو ڇا مطلب آهي. آئون تنهنجي اهڙي قربانيءَ کي ڪڏهن به قبول نه ڪنديس. بهرحال هينئر ڪا اهڙي ڳالهه ناهي. تنهنجو گهر اهڙي خراب حالت ۾ آهي جو ڪمرن کي رهڻ لائق ناهڻ ڪنهن به صورت ۾ هڪ ڏکيو ڪم هوندو. آئون ان گهر متعلق پئي سوچيان جتي ميڪوليتسن وارا رهندا هئا."

"اِهو سڀ سچ آهي ۽ تنهنجي ايڏي مهرباني ۽ حساس هئڻ لاءِ ٿورائتو آهيان. پر هڪ منٽ ترس. مون سوچيو پئي ته توکان پڇان پر ڳالهه وسري ٿي وڃي. ڪومارووسڪي جو ڇا ٿيو؟ هُو اڃا هتي ئي آهي يا هليو ويو آهي؟ ان ڏينهن کان

پوءِ جڏهن مون ساڻس وڙهي ڪيس گهر مان ڪڍي ڇڏيو هو، سندس متعلق مون ڪجهه بہ نہ ٻڌو آهي.“

”مون کي بہ ڪنهن شيءِ جي خبر ناهي. پر فڪر ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. توکي ڪانئس ڇا وٺڻو آهي؟“

مون اهو سوچڻ شروع ڪيو آهي تہ اسان ٻنهي کي سندس پيش ڪيل خيال ڏانهن ساڳيو رويو نہ رکڻ گهربو هو. اسان ساڳي حيثيت ۾ ناهيون. توکي پنهنجي ذيءَ متعلق سوچڻو آهي. جيڪڏهن تون منهنجي خطري ۾ حصيدار بہ ٿيڻ چاهين تہ بہ توکي ائين ڪرڻ جو ڪو حق ناهي.

پرهاڻي واريڪينو جي باري ۾. ان جهنگ ۾ سردين ۾ خوراڪ، قوت ۽ اميد ڪانسواءِ وڃڻ سراسر چريائپ آهي. پر ڇو نہ منهنجي جان، جيڪڏهن چرئي ٿيڻ ڪانسواءِ اسان لاءِ ڪجهه رهيو ئي ناهي تہ اچ چريائپ تا ڪريون. هڪ ڀيرو وري پنهنجي وقار کي هڪ پاسي ڪري رکنداسين. اسان سيمديوياتوف کي گهوڙو اڌار ڏيڻ لاءِ چونداسين. اسان ڪيس ۽ يا وري ڪيس نہ پر سندس حڪمن هيٺ ڪم ڪندڙ سٽي بازن کي، اٽو ۽ پٽاٽا قرض تي ڏيڻ لاءِ چونداسين، جيڪڏهن ڪين اچا تائين اسان تي ڪو اعتبار آهي. اسان ڪيس قائل ڪنداسين تہ هو اسان تي ڪيل مهرباني جو فائدو وٺي فوري طور اسان سان ملڻ لاءِ نہ اچي پر انتظار ڪري. ايستائين نہ اچي جيستائين ڪيس پنهنجي گهوڙي جي ضرورت نہ پوي ۽ اسان ڪجهه وقت لاءِ اڪيلا هجون. هلو تہ هلون منهنجي جان. اسان هفتي اندر ايترو ڪاٺ وڍي ۽ استعمال ڪري وٺنداسين جيترو هڪ محتاط گهريلو عورت امن واري دور ۾ سڄي سال ۾ بہ استعمال نہ ڪندي آهي.

مون کي سڪون سان نہ ڳالهائڻ لاءِ معاف ڪجانءِ. آئون گهٽو چاهيندو آهيان تہ توسان گهٽو رعب تاب سان نہ هلان پر اهو سچ آهي تہ اسان وٽ ان ڪانسواءِ ٻي ڪا وات ناهي. تون ان کي ڪٿي ڪيئن بہ وٺ پر موت واقعي اسان جي در تي دستڪ ڏيئي رهيو آهي. اسان جا ڏينهن ڳڻجي چڪا آهن. پوءِ اچ تہ اسان گهٽ ۾ گهٽ انهن جو پنهنجي ليکي فائدو وٺون. اچ تہ انهن کي زندگيءَ ۾ الوداع ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريون. اچ تہ اسان ذار ٿيڻ کان اڳ آخري ڀيرو اڪيلائيءَ ۾ هڪ ٻئي سان ڪجهه گهڙيون گذاريون. اسان هر ان شيءِ کي جيڪا اسان کي عزيز آهي، ان طريقي کي جنهن سان اسان شين کي ڏٺو، ماڻڻ گهرون ٿا. اسان جيڪو

خواب ڏٺو هو ۽ اسان جي ضمير اسان کي جيڪو سيڪاريو هو. انهن سڀني کي اسان الوداع چونداسين. اسان هڪ ڀيرو وري هڪ ٻئي سان اپرنديءَ سمنڊ جي ناليءَ جيان عظيم ۽ پرامن راز جون ڳالهيون ڪنداسين جيڪي اسان رات جو ڪندا آهيون. اِهو رڳو ائين ئي ناهي تہ تون هڪ پُراسرار ۽ لڪل ملائڪ، جنهن جو جنم پُرامن ماحول ۾ ٿيو هجي، ان سان جنگ ڪريون! منهنجي زندگي منهنجي پڇاڙيءَ وقت مون سان گڏ بيٺي آهي.

ان رات پنهنجي اسڪول جي ناسي يونيفارم ۾ پنهنجي هوٽل جي ڪمري جي پاڇي ۾ تون اهڙي ئي هئينءَ جهڙي هاڻي آهين. بلڪل هاڻي جهڙي گهڻي پياري.

پوءِ مون اڪثر ان موهہ، جنهن جو ٻج تو مون ۾ پوکيو هو، کي ناليءَ ڏيڻ ۽ ان کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُها ڌيري ڌيري ختم ٿيندڙ روشني ۽ مرڻينگ آواز جيڪي منهنجي سڄي وجود ۾ ڦهلجي ويا آهن ۽ منهنجي لاءِ دنيا جي هرشيءِ کي تنهنجي وسيلي سمجهڻ جو ذريعو بڻجي ويا آهن.

جڏهن تون اسڪولي ڇوڪريءَ جي ڪپڙن ۾ هڪ پاڇو، ان ڪمري جي ٻين پاڇن مان اپري سامهون آئين تہ آئون، هڪ ڇوڪر جيڪو توکان بي خبر هو، پنهنجي ردعمل جي قوت جي سڄي پيڙا سان سمجهي ويس تہ اها نهل ننڍي ڇوڪري ڄڻ بجلي جي لهرن، دنيا ۾ موجود سڄي عورتپڻي سان ڀريل آهي. آئون جيڪڏهن ان وقت توکي رڳو پنهنجي آڱر جي نوڪ سان ئي ڇهان ها تہ هڪ چڻنگ سڄي ڪمري کي روشن ڪري ڇڏي ها ۽ آئون يا تہ موقعي تي مري وڃان ها ۽ يا وري پنهنجي باقي سڄي زندگي لاءِ هڪ دکدائڪ انتظار ۽ غم جي پاڻ ڏانهن ڇڪيندڙ چڪر ۾ ڦاسي پوان ها. آئون نڙي تائين ڳوڙهن سان ڀريل هئس ۽ پنهنجي اندر رنس ۽ ٻريس پئي. مون کي هڪ ڇوڪري طور پنهنجي لاءِ ۽ ان کان وڌيڪ هڪ ڇوڪري طور تنهنجي لاءِ افسوس هو. منهنجي سڄي حيرت ۾ ورتل وجود سوال ڪيو تہ جيڪڏهن پيار جي توانائي ملڻ جو ايڏو عذاب آهي تہ پوءِ هڪ عورت هئڻ، ان توانائي جي وجود ۽ ان جي ذريعي هئڻ جو عذاب نيٺ ڪهڙو هوندو؟

”مون توکي نيٺ ٻڌائي ڇڏيو آهي. ماڻهوءَ کي چريئي ڪرڻ لاءِ اِهو ڪافي آهي. منهنجو پورو وجود ان ۾ ورتل آهي.“

لارا پنهنجي بستري جي ڪنڌ تي ليٽي پيئي هئي. هُن پاڻ کي بيمار پئي

محسوس ڪيو. ڪرونڊڙي ٿيندي هن پاڻ کي شال ۾ ويڙهي ڇڏيو هو. يوري سندس پرسان ڪرسي تي ويٺي آهستي ڌڳهن وقفن سان ڳالهائي رهيو هو. ڪڏهن ڪڏهن هوءَ ٺونٺ جي سهاري اتي ڪاڏي هٿ ۾ رکي ڪليل وات سان ڪيس گهورڻ تي لڳي. ڪڏهن هُن پنهنجو مٿو سندس ڪلهي ۾ لڪائي پنهنجن ڳوڙهن کي محسوس ڪرڻ کان سواءِ خوشي ۾ خاموشيءَ سان رنو ٿي. نيٺ هُن بستر تان اٿي ڪيس ڀاڪرن ۾ وٺي خوشيءَ ۾ سرگوشي ڪئي!

”يوري، منهنجا پيارا، تون ڪيڏو نہ هوشيار آهين، تون ڪيئن نہ هر شيءِ ڄاڻين ٿو، ڪيئن نہ تون هر شيءِ متعلق اندازو ڪرين ٿو. يوري پيارا تون منهنجي طاقت، منهنجو اجهو آهين، بس خدا شل منهنجو ڪفر معاف ڪري، او، آئون ڪيڏي نہ خوش آهيان. هلو تہ هلئون منهنجا پيارا، هلو تہ هلئون. ٻاهر اتي آئون توکي اهڙي ڳالهہ ٻڌائيندس جيڪا منهنجي ذهن ۾ آهي.“

هُن سوچيو تہ شايد هوءَ پنهنجو پاڻ کي پيٽ سان پئي سمجهي ۽ هوءَ شايد غلط هئي. هُن چيو : ”آئون ڄاڻان ٿو “

(4)

هڪ سرد پر صاف ۽ اجري ڏينهن جي صبوح انهن شهر کي ڇڏيو. اِهو ڪم وارو ڏينهن هو ۽ سڙڪن تي ماڻهو پنهنجن ڪمن ڪارين ڏانهن وڃي رهيا هئا. انهن گهڻن واقف ماڻهن کي ڏٺو. ٽڪري واري چوواٽي وٽ اُهي عورتون جن جي گهرن ۾ کوهہ نہ هئا پراڻن پاڻيءَ جي پمپن آڏو پنهنجيون بالٽيون ۽ ڪنواٺون پاسي ۾ زمين تي رکيو قطار ۾ بيٺيون هيون. يوري سيمديوياتوف جي دونهاٽيل هيڊي رنگ جي چست گهوڙيءَ کي احتياط سان قابو ۾ ڪندي وٺائڻ لنگهيو. گاڏي موڙ واري سڙڪ تي ٺهيل رستي تي، جتي هاريل پاڻي ڪري برف ڄمي ويئي هئي، ترڪندي بتي جي ٿنين سان ٽڪرائيندي مٿي هلندي ويئي.

پوري رفتار سان گهوڙو ڊوڙائيندي اُهي سيمديوياتوف، جيڪو رستي تان وڃي رهيو هو، جي پر مان لنگهي ويا. انهن پوئتي مڙي اِهو بہ نہ ڏٺو تہ آيا هن ڪين يا پنهنجي گهوڙيءَ کي سڃاتو هو ۽ يا وري هو ڪين ڪا ڳالهہ چوڻ چاهيندو هجي. ٿورو اڳتي اُهي ڪوماروسڪي جي پر مان بہ ائين بنا ڪيڪار ۽ ٻليڪار چوڻ جي لنگهي ويا.

گليشا تنتسيوا بلڪل سڙڪ جي ٻئي پاسي کان کين رڙ ڪري چيو ته،

”ماڻهو کھڙا نہ ڪوڙ تا ڳالهائين! انهن چيو پئي تہ اوهان ڪالھہ ئي روانا ٿي چڪا هئا. پنهنجن لاءِ پيا ويو؟“ اِهو اشارو ڏيندي تہ هُوءَ سندن ڏنل جواب ڪي نہ پئي ٻڌي سگهي، هٿ لوڏي کين الوداع چيو.

انهن رڳو سيما لاءِ، اهڙي ڏکي لاهيءَ تي جتي گاڏي روڪڻ ڏکيو هو، گاڏيءَ کي آهستي ڪيو. گهوڙو لغامن کي ڇڪيندو ٿي رهيو. سيما متي کان پيرن تائين گهٽين شالن ۾ ويڙهيل ۽ ڪاٺ جيان سخت لڳندي کين الوداع چوڻ ۽ سٺي سفر جي دعا ڏيڻ لاءِ سڙڪ جي وچ تي تاپڙجندي اچي بيٺي هئي.

”جڏهن تون موٽي ايندين تہ اسان ضرور ڳالهائينداسين.“ هن يوريءَ کي چيو. نيٺ انهن شهر جي پسگردائيءَ کي پوئتي ڇڏيو. جيتوڻيڪ يوري هُن سڙڪ تي سردين جي مند ۾ سفر ڪيو هو پر ڪيس گهڻو ڪري گرمين جي مند واري سڙڪ ذهن ۾ هئي ۽ هُن هاڻي ان کي مشڪل سان سُڃاتو ٿي.

انهن ڪاڏي ۽ ٻين شين جون ٻوريون گاڏيءَ جي سامهون پيل گاهہ ۾ دٻائي ڇڏيون هيون ۽ انهن کي نوڙيءَ سان ٻڌي ڇڏيو هو. يوري گاڏيءَ جي فرش تي سڌو جهڪي مقامي هارين وانگر گاڏي پئي هلائي ۽ يا وري سيمديوياتوف جي ٻجن وارن جوتن ۾ گرم ٽنگن کي گاڏيءَ جي پاسن کان هيٺ لٽڪائي ٿي ڇڏيو.

ٻن پهرن جي وقت جڏهن سردين جي معمول وانگر ڏينهن سج لهڻ کان گهڻو اڳ ختم ٿيڻ تي هو تہ يوري بي رحميءَ سان گهوڙي تي چهبڪ وسائڻ شروع ڪيا ۽ اُهو تير جيان اڳتي وڌڻ لڳو. گاڏي ناهموار سڙڪ تي طوفان ۾ ڦاٿل سامونڊي جهاز جيان جهٽڪا کائڻ لڳي. لارا ۽ ڪاتيا ٻج وارن ڪوٽن ۾ ويڙهيون پيون هيون جنهن جي ڪري مشڪل سان ئي چري پري پئي سگهيون. موڙ مڙڻ وقت ۽ رڪاوٽن سان ٽڪرائڻ وقت اُهي جهولندي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي ۽ سامهون پيل گاهہ تي رڙين ڪاڏڙ ٽهڪن سان ائين ٿي ڪريون جڻ اُهي بہ ڪي ٻوريون هجن. ڪڏهن ڪڏهن يوري مذاق ڪندي گاڏيءَ کي سڙڪ جي ڪنارن سان پيل برف ڏانهن ڪٽي ويندو هو ۽ اُهي ٻيئي سرڪنديون سرڪنديون نيٺ هيٺ ڪري پونديون هيون پر کين ڪو ڏک نہ رسندو هو. هُو ڪجهہ قدم اڳتي هلي گهوڙي جو لغام ڇڪي گاڏي بيهاري ڇڏيندو هو ۽ اُهي ٻيئي کلنديون ۽ کيس ڳالهائينديون گاڏيءَ ۾ وري سوار ٿي وينديون هيون.

"آئون اوهان کي اُها جاءِ ڏيکاريان ٿو جتي مون کي انقلابي فوج وارن روڪيو هو."

يوري کين ان وقت ٻڌايو جڏهن هُو شهر کي گهڻو پوئتي ڇڏي آيا هئا. پر هُو پنهنجي زبان پاڙي نہ سگهيو. ڇاڪاڻ تہ جي سردين واري ويراني ۾ ڇٽني پاسي موت جهڙي ماٺ ۾ سڄ جهنگ کي ايڏو بدلائي ڇڏيو هو جو اُهو سڃاڻڻ ۾ ئي نہ پي آيو. "او، اِهو آهي." هُن غلطي سان ٻنيءَ ۾ سوريو ۽ ويچنڪن جي لڳل پهرئين نشان کي جهنگ جي اها جاءِ سمجهندي جتي کيس پڪڙيو ويو هو، رڻ ڪٽي. ٻيو نشان جيڪو سڪما ڏانهن ويندڙ چوواٽي تي لڳل هو ۽ سخت پيل پاري، جنهن سڄي جهنگ کي ڪاري ۽ سونهري کير خواب جهڙو بڻائي ڇڏيو هو، جي ڪري ان کي سڃاڻڻ ڏکيو هو. ان ڪري جڏهن هُو گهوڙو ڊوڙائيندا اتان لنگهيا تہ انهن نشان کي نہ ڏٺو.

اُهي سانجهي ٽاڻي ڏوڪيندا واريڪينو ۾ داخل ٿيا. جيئن تہ زواگو جو گهر پهرين ٿي آيو ان ڪري اهي ان آڏو بيٺا. اهي ڏاڙيلن جيان تڪڙ ۾ اندر داخل ٿيا ڇاڪاڻ تہ جلد ئي اونداهي ٿيڻ واري هئي. پر اندر اڳ ۾ ئي اونداهي ٿي چڪي هئي جنهن جي ڪري يوري اڌ پيچ ڊاهہ ۽ اُهو اجا اُتي موجود هو. واريڪينو خالي هو ۽ اتي نقصان کي توڙ تائين پهچائڻ لاءِ ڪير بہ نہ هو. هُو ڪي بہ ذاتي شيون نہ پئي ڏسي سگهيو. پر جيئن تہ هُو اُن وقت هتي موجود نہ هو جنهن وقت سندس گهر وارا هتان روانا ٿيا هئا ان ڪري اِهو نہ ٿي چئي سگهيو تہ گهڻو سامان هُو پاڻ سان کڻي ويا هئا. ان دوران لارا چئي رهي هئي:

"اسان کي جلدي ڪرڻ گهرجي. ٿوري ئي دير ۾ اونداهي ٿي ويندي. اسان وٽ هتي بيهي پُور پچائڻ لاءِ بلڪل وقت ناهي. جيڪڏهن اسان کي هتي رهڻو آهي تہ پوءِ گهوڙي کي جانورن بيهارڻ واري جاءِ ڏانهن، خوراڪ کي اڱڻ ۾ موڪلڻ گهرجي ۽ آئون هِن ڪمري کي اسان جي رهڻ لاءِ ٺيڪ ڪيان ٿي. پر آئون ان جي خلاف آهيان. اسان اڳيئي ان متعلق سيڪجهہ ڳالهايو آهي. اِهو تنهنجي لاءِ تڪليف ڏيندڙ هوندو ۽ ان ڪري منهنجي لاءِ بہ. اِهو ڪمرو ڇا هو، ڇا اِهو تنهنجي سمهڻ جو ڪمرو هو؟ نہ ٻارن جو ڪمرو هو. اِهو تنهنجي پٽ جو پلنگ پيو آهي. اِهو ڪاٽيا لاءِ گهڻو ننڍو ٿيندو. ٻئي پاسي دريون سڄيون آهن. ديوارن ۽ ڇت ۾ ڪي ڏار پيل ناهن ۽ چلهو شاندار آهي. گذريل پيري جڏهن آئون آئي هيس تہ اِهو مون کي ڏاڍو وڻيو هو. ان ڪري جيڪڏهن تو هتي رهڻ تي اصرار

ڪيو تہ پوءِ، جيتوڻيڪ آئون ان جي خلاف آهيان. ڪوٽ لاهي هڪدم ڪم ڪي لڳي ويندس. پهرين شيءِ چلهي کي ٻارڻو ۽ باهہ کي تيز، تيز ۽ تيز ڪرڻو آهي. اسان کي ان کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن رات ڏينهن هلائيندو رهڻ جي ضرورت آهي. پر اِهو ڇاهي جاني؟ تون هڪ اکر بہ نہ ٿو ڳالهائين؟"

"هڪ پل ترس. آئون بلڪل ٺيڪ آهيان. مونکي معاف ڪر. واقعي تون چاٿين ٿي تہ شايد اِهو بهتر ٿيندو تہ اسان ميڪوليتسين جي گهر کي هڪ نظر ڏسي وٺون."

اُهي اڳتي هليا ويا.

(5)

ميڪوليتسين جي در کي زنجير وارو تالو لڳل هو. يوري تالي کي اُن جي اسڪروئن ۾ ڪاٺ جي ٽڪرن سان گڏ پٽي ڪٽي ٻاهر ڪڍيو. هتي وري اُهي تڪڙ ۾ ڪپڙن لاهڻ ڪانسواءِ ٿي پنهنجن ڪوٽن، ٽوپلن ۽ بج وارن جوتن سوڌو اندرين ڪمرن ۾ هليا ويا.

اُهي گهر جي ڪجهہ حصي ۽ خاص طور ميڪوليتسين جي مطالعي جي ڪمري جي ترتيب ۽ رک رکاءُ کي ڏسي دنگ رهجي ويا. ڪير هتي حال تائين رهندو آيو آهي، پر ڪير؟ ميڪوليتسين جي گهر وارا؟ پر ان صورت ۾ اُهي ڪيڏانهن هليا ويا هئا ۽ انهن بجاءِ چابيون استعمال ڪرڻ جي تالي کي زنجير سان ڇو ٻڌو هو؟ ان ڪانسواءِ جيڪڏهن ميڪوليتسين گهراڻو گهر ۾ ڊگهي عرصي کان رهندو هجي ها تہ پوءِ رڳو ڪجهہ ڪمرا ڇو سجو گهر ٿي ڇو نہ صاف ستر و ۽ ترتيب ۾ هجي ها؟ هر شيءِ ڪنهن جي زوري هتي اچي رهڻ جو ڏس ڏنو ٿي پر اِهو ڪير ٿي سگهيو. يوري ۽ لارا مان ڪو بہ ان اسرار تي نہ تہ پريشان هو ۽ ٿي انهن ان کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجن دماغن کي ولوڙيو. انهن ڏينهن ۾ اڌ ڦريل گهر بہ گهڻا هئا ۽ ڀاڄوڪڙن جو تعداد بہ جام هو.

"ڪو سفيد فوج جو افسر ڀڄي رهيو هوندو." انهن هڪ ٻئي کي چيو. "جيڪڏهن هُو موٽي ٿو اچي تہ پوءِ اسان ڪو بندوبست ڪري وٺنداسين. اسان سيني لاءِ تمام گهڻا ڪمرا آهن."

"چلهه کي تيز ۽ وڌيڪ تيز ڪرڻ. اِهو ڇا آهي؟"

"مون کي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ هڪ ٽب گهربل آهي."

"اسان جيڪڏهن ان رفتار سان باهه ٻاريندا رهياسين ته پوءِ اسان وٽ جلد ئي ڪاٺيون ختم ٿي وينديون. آئون اسان جي پراڻي ڪاٺين جي ڪوٺيءَ ۾ نظر وجهان ٿو اُتي شايد ڪجهه پيل هجن. جيڪڏهن اُتي هونديون ته آئون ڪٽي ايندس. آئون سياڻي اِهو ڪندس. تو ٽب چيو. مون کي پڪ آهي ته مون اِهو ڪٿي ڏٺو آهي پر ياد نه ٿو اچي ته ڪٿي."

"مون به ڏٺو آهي پر مون کي به ياد نه ٿو اچي ته ڪٿي ڏٺو آهي. اِهو ضرور اهڙي جاءِ تي هوندو جتي اُن جو ڪو ڪم نه هوندو ۽ ان ڪري ئي اِهو ماڻهوءَ جي ذهن تان وسري ويو آهي. ٺيڪ آهي، ڪا ڳالهه ناهي. آئون فرش ڌوئڻ لاءِ پاڻيءَ جو برتن گرم ڪريان پيئي جيڪو باقي بچندو، اُهو آئون پنهنجي ۽ ڪاتيا جي ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ استعمال ڪنديس. تون پنهنجا ڪپڙا به مون کي ڏيئي سگهين ٿو. شام ۾ بستري تي وڃڻ کان اڳ جڏهن اسان گهر کي ٺيڪ ڪري وٺنداسين ته پوءِ وهنجي وٺنداسين."

"مهرباني. آئون هاڻي پنهنجيون شيون ڪٽي ٿو وٺان. مون، جيئن تو چاهيو ٿي، سڄو ڳرو فرنيچر ديوارن کان پري ڪري ڇڏيو آهي."

"ڏادو سٺو. جيئن ته اسان کي ٽب نه پيو ملي سگهي ان ڪري آئون ڪوناري ۾ ڪپڙا ڇاڇولي وٺنديس. پر اهو سٽيو آهي ۽ مون کي ان کي صاف ڪرڻو پوندو."

"جيئن ئي چلهه ٺيڪ طرح ٻري ٿي ٿيئن ئي آئون باقي المارين جو جائزو وٺندس. مون کي ميز ۽ خانن ۾ گهٽيون شيون جهڙوڪ صابڻ، ماچيس، ڪاغذ، پينسل، قلم ۽ مس وغيره مليا آهن. ميز تي رکيل بتي اڌ ميڻ سان ڀريل آهي. مون کي پڪ آهي ته ميڪوليتسين وارن وٽ ته اها نه هئي. اِها ضرور ٻئي ڪٿان آئي آهي."

"ڪهڙو نه چڱو نصيب آهي! اهو اسان جو پراسرار مهمان آهي. بلڪل ڪنهن جادوئي دنيا مان آيل. پر اسان وري گپ شپ ۾ لڳي وياسين ۽ اتي منهنجو رکيل پاڻي گرم ٿي ويو آهي."

اُهي هڪ ٻئي سان ٽڪرائيندي ۽ ڪاتيا مٿان ڪرندي جيڪا هر وقت سندن پيرن ۾ پئي آئي هڪ ڪمري کان ٻئي ۾ پئي ڊوڙيا. هڪ پل لاءِ به سندن هٿ خالي يا بيڪار نه هئا. هُو چوڌاري پئي ڦري ۽ سندن آڏو پئي آئي. جڏهن انهن ڪيس ڳالهايو ٿي ته هُو رُسي ٿي ويئي. هوءَ ڏکي پئي ۽ ٿڌ جي شڪايت ڪيائين.

"اِهي ويچارا نئين دور جا ٻار." يوري سوچيو. "اسان جي خانه بدوشن جهڙي زندگي جا شڪار. ويچارا اسان جا ننڍا ساٿي رولاڪ." هُن وڏي واڪي چيو:

"خوش ٿي منهنجي پياري. توکي ٿڌ نه ٿي لڳي سگهي. هي بڪواس آهي. چلهه صفا ڳاڙهو ٽانڊو ٿي پيئي آهي."

"هُو چلهه گرمي محسوس ڪري رهيَ هوندي. پر مون کي الائي ڇو ٿڌ پيئي لڳي؟"

"ٺيڪ آهي ته پوءِ توکي اڄ شام تائين صبر ڪرڻو پوندو. آئون هڪ وڏي باهه ٻاريندس ۽ تو پنهنجي ماءُ کي چوندي ٻڌو ته اُها توکي گرم پاڻيءَ سان وهنجاريندي. هاڻي تون انهن سان کيڏ. جهل هن کي." هُن ٿڌي اسٽور مان ليبريئس جا سڀ پراڻا رانديڪا ڪڍي انهن کي فرش تي ڍير ڪري ڇڏيو. ڪجهه سڄا، ڪجهه ڀڳل، سرون، ڇهه ڪنڊا، ٽرين ۽ انجڻون. تختا ۽ چورس جن تي ڊاري ۽ سارين سان گڏ راند لاءِ تصويرون يا انگ ٺهيل هئا.

"تون ڇا سوچي سگهين ٿو يوري آندريوچ!" ڪاتيا هڪ وڏي عمر جي ماڻهو وانگر احتجاج ڪيو. "اِهي منهنجا ناهن ۽ ٻيو اهو ته اِهي ننڍي ٻار لاءِ آهن جڏهن ته آئون گهڻي وڏي آهيان."

پر ٻئي پل هن گلم جي وچ ۾ ويهي انهن رانديڪن سان کيڏڻ شروع ڪيو ۽ اُهي سڀ رانديڪا شهر مان پاڻ سان آندل سندس گڏي نينا لاءِ گهر ناهڻ لاءِ سرون بڻجي ويا. اِهو انهن عارضي قيام گاهن، جتي هُن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو گذاريو هو، مان سڀ کان وڌيڪ سدريل ۽ آباد گهر هو.

لارا ڪيس رڌڻي مان ڏنو پئي. "ان گهرداري واري جبلت کي ڏس. اِها رڳو اِهو ٻڌائي ٿي ته ڪابه شيءِ گهر ۽ زندگيءَ ۾ نظم و ضبط جي خواهش کي ختم نه ٿي ڪري سگهي. ٻار گهڻا ايماندار هوندا آهن. اُهي سچ کان ڊنل نه هوندا آهن. پر اسان وقت کان پوئتي رهجي وڃڻ جي خيال کان ايترو ته ڊنل هوندا آهيون جو اسان پنهنجي سڀ کان وڌيڪ عزيز شيءِ کي ڇڏڻ لاءِ تيار هوندا آهيون. ان کي

ساراهيندا آهيون. جنهن کان اسان کي ڪرب ايندي آهي ۽ اُن شيءِ تي ڪنڌ ڌوڻيندا آهيون جيڪا اسان کي سمجهه ۾ نه ايندي آهي.“

”اِهو آهي ٽب.“ يوري اونداهي پورچ مان ٻاهر ايندي چيو. ”اهو يقيناً پنهنجي جاءِ تي نه هو. اِهو ڇت ۾ ٿيل سوراخ هيٺان پيل هو. منهنجي خيال ۾ اِهو اُتي گذريل پن ڇڻ واري مند کان وٺي پيو آهي.“

(7)

رات جي ماني لاءِ لارا، جنهن پاڻ سان گڏ آندل سامان سان شروعات ڪندي اٽڪل ٽن ڏينهن جو کاڌو تيار ڪري ڇڏيو هو. پٽاٽن جي سوپ، ٻڪِرَ ٻڪري جي گوشت ۽ پٽاٽن جي اڻ ٻڌل کاڌن جي ضيافت جو اهتمام ڪيو هو. ڪاتيا اوسٽائين کائيندي رهي جيسٽائين منجهس وڌيڪ کائڻ جي گنجائش نه رهي. کلڻ ۽ شرارتون ڪرڻ کان پوءِ هو پريل پيٽ سان ڪوسي تي پنهنجي ماءُ جي شال ۾ ڪرونڊڙي تي صوفي تي ليٽي پيئي ۽ سمهي رهي.

لارا، جيڪا چلهه تي بيهڻ ڪري گرم ۽ ٿڪل هئي ۽ اٽڪل پنهنجي ڌيءَ وانگر ئي ننڊاڪڙي هئي، پنهنجي رڌ پچاءُ جي ڪاميابي تي خوش هئي. ڪيس صفائي ڪرڻ جي تڪڙ نه هئي ۽ هوءَ آرام ڪرڻ لاءِ ويهي رهي. جڏهن ڪيس پڪ ٿي ته ڪاتيا سمهي پيئي هئي ته هُن ميز تي جُهڪندي پنهنجو مٿو ترڻيءَ تي رکيو ۽ چيو ته :

”جيڪڏهن مون کي رڳو اِها ڄاڻ هجي ته اِها شيءِ اسان کي ڪنهن جاءِ ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي ته پوءِ آئون غلام هوندي به خوش هونديس. جيڪڏهن اِهو سيکجهه ائين ئي بيڪار نه هجي. توکي مون کي اِهو ۽ لاڳيتو ياد ڏيارڻو پوندو ته اسان هتي گڏ ڇيڻ لاءِ آيا آهيون. چاڪاڻ ته صحيح ڳالهه ڪجي ته جيڪڏهن ان ڳالهه کي ايمانداريءَ سان ڏسجي ته اسان ڇا پيا ڪيون. اِهو سڀ ڇا آهي؟ اسان ٻنهي ڪنهن جي گهر تي ڪاهه ڪئي آهي، اسان ان ۾ زوري داخل ٿيا آهيون ۽ ان کي پنهنجو گهر سمجهي ورتو آهي ۽ هاڻي اسان چرين وانگر ڌمچر مچائيندا وتون ٿا ته جيئن اِهو نه ڏسون ته اِها زندگي ناهي پر هڪ ناهيل اسٽيج آهي، اِهو حقيقي نه پر هڪ مڪر آهي جيئن ٻار چوندا آهن ته هڪ ٻار جي راند، ٻليءَ کي ڪلائڻ جيتري هوندي آهي.“

"پر جانِ من، ڇا اِهو تون نہ هئين جنهن اسان جي اچڻ تي اصرار ڪيو هو؟ ڇا توکي ياد ناهي تہ مون ڪيتري وقت تائين ان خلاف مزاحمت ڪئي هئي؟"

"يقيناً مون ڪيو. مون کي ان کان انڪار ناهي. بس هاڻي آئون پنهنجي غلطي مڃان ٿي! تنهنجي لاءِ بيهر سوچڻ ۽ هيڪڙ بلڪل ٺيڪ آهي پر مون کي هر وقت منطق ۽ استقامت کان ڪمر ونڊو پئي ٿو. تون اندر داخل ٿئين. پنهنجي ٻار جو پلنگ ڏٺئي ۽ بيهوش ٿيڻ تي هئين. اِهو تنهنجو حق آهي پر مون کي ڪاتيا لاءِ پريشان ٿيڻ، ڊڄڻ، سندس آئيندي متعلق سوچڻ جي اجازت ناهي. تنهنجي لاءِ مون کي پيار ۾ هر شيءِ جي قرباني ڏيڻي پوندي."

"لارا منهنجي پياري! پنهنجو پاڻ کي سنڀال. سوچ. پنهنجي فيصلي کي بدلائڻ جي سلسلي ۾ اڃا بہ گهڻي دير ناهي ٿي. آئون پهريون ماڻهو هوس جنهن توکي ڪومارووسڪي جي رٿا کي سنجيدگيءَ سان وٺڻ لاءِ چيو هو. اسان وٽ گهوڙو آهي. جيڪڏهن تون چاهين تہ اسين سڀاڻي سڌو واپس يورياتين هليا هلنداسين. ڪومارووسڪي اڃا اتي آهي. اسان ڪيس ڏٺو هو ۽ اتفاقي طور منهنجو ناهي خيال تہ هُن اسان کي ڏٺو هو. مون کي پڪ آهي تہ اسان ڪيس اڃا بہ هٿ ڪري وٺنداسين."

"مون مشڪل سان هڪ اکر ئي مس ڪڇيو آهي ۽ تون ناراض ٿي ويو آهين. پر مون کي ٻڌائي تہ آئون ڪا ايڏي غلط آهيان؟ جيڪڏهن اسان کي لڪڻ لاءِ هن کان بهتر جاءِ نہ ملي ها تہ پوءِ يورياتين ۾ رهڻ بہ ساڳي ڳالهہ ئي هجي ها. جيڪڏهن اسان واقعي پاڻ کي بچائڻ چاهيو ٿي تہ پوءِ اسان کي هڪ سمجهہ ۾ ايندڙ چڱي ريت سوچيل رٿا ناهڻ گهرجي ها. ڪومارووسڪي اسان کي اهڙي ئي رٿا تہ آڇي هئي.

پلي هُو ڪيڏو بہ ڪرپ جوڳو آهي پر هُو پوڪ ناهي. هو چڱي ڄاڻ رکندڙ ۽ عملي ماڻهو آهي. اسان هتي ڪنهن بہ ٻي جاءِ کان وڌيڪ خطري ۾ آهيون. رڳو سوچ. اٿاهہ ۽ هوائن جي گهيري ۾ آيل ميدان ۾ اڪيلا! جيڪڏهن اسين رات ۾ پوندڙ برف هيٺ دٻجي وڃون ٿا تہ پوءِ صبوح ۾ پاڻ کي اُن مان ڪوٺائي ڪري ڪڍي نہ ٿا سگهون! يا فرض ڪر تہ اسان جي طلسماتي ماءُ، اسان جو پراسرار مهمان هڪ ڌاڙيل ٿو نڪري ۽ اسان جي سسين وڍڻ لاءِ اچي ٿو! مون کي جنهن

شيءِ کان ڊپ ٿو ٿئي اُها آهي تنهنجي بي فڪري ۽ مون کي بہ ان متاثر ڪيو آهي. بس آئون سڏي ريت سوچي نہ ٿي سگهان."

"پر توکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ هاڻي تون مون کان ڇا ٿي گهرين؟"

"مون کي پاڻ خبر ناهي تہ ڇا چوان. تون ضرور هميشہ مون کي پنهنجي آڱوٺي هيٺان ڪري رک. تون ضرور مون کي اِهو ياد ڏياريندو رهہ تہ آئون تنهنجي محبوب ٻنهي آهيان ۽ اِهو تہ سوچڻ ۽ بحث ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي. آئون توکي ٻڌايان ٿي تہ آئون ان کي ڪيئن ڏسان ٿي. تنهنجي تونيا ۽ منهنجو پاشا اسان کان هزار ڀيرا چڱا آهن پر ڳالهہ اها ناهي. ڳالهہ اها آهي تہ پيار جو تحفو ڪنهن ٻئي تحفي جيان آهي! اِهو ڪيترو بہ عظيم ڇو نہ هجي ان کي پنهنجي اظهار لاءِ آشيرواد جي ضرورت هوندي آهي. تنهنجو ۽ منهنجو معاملو ائين آهي ڄڻ تہ اسان کي آسمان ۾ پيار ڪرڻ سيکاريو ويو هجي ۽ پوءِ ڌرتيءَ تي گڏ اِهو ڏسڻ لاءِ موڪليو ويو هجي تہ آيا اسان اهو سکيو هو جيڪو اسان کي پڙهايو ويو هو. گڏيل طور اسان ٻنهي ۾ اهڙي اعليٰ ترين هم آهنگي آهي جنهن جون نہ تہ ڪي حدون آهن ۽ نہ ئي اُن جي ڪٿ ڪري سگهجي پيئي. ان ۾ هر شيءِ جي ساڳي وقعت هوندي آهي. هر شيءِ خوشي بخشيندي آهي ۽ هر شيءِ هڪ ماورائي حيثيت اختيار ڪري ورتي آهي. پر ان ڇڙواڳ نفاست، جيڪا هر پل اسان جي اوسيئڙي ۾ هوندي آهي، ۾ هڪ ٻاراڻي اڻ سڌريل ۽ مصنوعي شيءِ هوندي آهي. اِها گهريلو سک جي ويري هڪ منفي ضد آهي. ان کان ڊڄڻ ۽ ان تي اعتبار نہ ڪرڻ منهنجو فرض آهي."

هُن پنهنجن ڳوڙهن کي روڪيندي پنهنجيون ٻانهون سندس ڪنڌ ۾ وجهي ڇڏيون.

"ڇا تون اِهو نہ ٿو ڏسين تہ اسين ساڳي حيثيت ۾ ناهيون؟ توکي تہ ڪکرن کان مٿي اڏامڻ لاءِ پرَ ڏنا ويا آهن پر آئون هڪ عورت آهيان. مون کي اهي ڌرتي جي ويجهو رهڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي سنڀالڻ لاءِ مليا آهن."

سندس چيل ڳالهہ کيس تمام گهڻو خوش ڪيو پر هن جذباتي نظر اچڻ جي ڊپ کان ان کي ظاهر نہ ڪيو.

اِهو بلڪل صحيح آهي تہ اسان جي ان خانہ بدوشن وانگر گذرندڙ زندگيءَ ۾ مصنوعيت ۽ دٻاءُ جهڙي شيءِ موجود آهي. تون بلڪل درست آهين. پر اسان ان

شيءِ ڪي نہ آندو آهي. اِهو پاڳلن جيان دردر پٽڪڻ هر ڪنهن سان ٿي رهيو آهي. اِها ڳالهہ هِن دورجي خمير ۾ شامل آهي.

آئون پاڻ سڄو ڏينهن ان متعلق سوچيندو رهيو آهيان. آئون هتي ڪجهہ وقت رهڻ لاءِ هر ممڪن شيءِ ڪرڻ چاهيان ٿو. آئون توکي نہ ٿو ٻڌائي سگهان تہ وري ڪم ڪرڻ لاءِ آئون ڪيئن نہ بيچين آهيان. منهنجو مطلب ٻنيءَ ٻاري سان ناهي. اڳ اسان هتي اِهو ڪم ڪندا هئاسين. اسان هِڪ خاندان طور اِهو ڪم ڪيو هو ۽ ان ۾ ڪامياب ويا هئاسين. پر مون ۾ هاڻي وري اِهو ساڳيو ڪم ڪرڻ جي سگهہ ناهي. منهنجي ذهن ۾ ڪا ٻي ڳالهہ آهي.

حالتن ۾ ڏيري ڏيري ٺاپر اچي رهي آهي. شايد ڪنهن وقت اُهي وري ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪن.

اِهو ئي آئون سوچي رهيو هوس. ڇا اسان سيمديوياتوف سان ڪو بندوبست نہ ٿا ڪري سگهون. يقيناً اسان کي ڪيس فائديمند شرط ٿي ڏيڻا پوندا، جنهن تحت هُو اسان کي هِن شرط تي ڇهن مهينن لاءِ هتي رکي تہ آئون پنهنجو وقت ڪنهن ڪتاب جهڙوڪ طب متعلق نصابي ڪتاب يا ڪنهن ادبي شيءِ جهڙوڪ نظمن جي مجموعي وغيره لکڻ ۾ گذاريان؟ يا ٿي سگهي ٿو تہ پرڏيهي ٻوليءَ جي ڪنهن مشهور ڪلاسيڪي ڪتاب جو ترجمو ڪيان. مون گذريل ڏينهن ۾ هڪ اشتهار ڏٺو هو. پيٽرزبرگ ۾ هڪ پبلشر آهي جيڪو رڳو ترجمن جو ڪم ڪري ٿو. مون کي بلڪل پڪ آهي تہ هن قسم جي ڪم جي مالي لحاظ کان قدروقيمت هوندي. ان قسم جو ڪو ڪم ڪري مون کي ڏاڍي خوشي ملندي."

"مون کي خوشي آهي تہ تو مون کي ياد ڏياريو. آئون بہ اڄ هن ئي قسم جي ڪا شيءِ سوچي رهي هيس. پر مون کي هتي پنهنجي آئيندي ۾ ڪو ويساهہ ناهي. اُن جي برخلاف مون کي اِهو وسوسو آهي تہ جلد ئي اسان کي ڪٿي اڃا وڌيڪ پري ڦٽو ڪري ڇڏيو ويندو. پر جيستائين اسان وٽ اها گنجائش آهي تہ آئون توکان پنهنجي لاءِ ڪجهہ گهرڻ چاهيان ٿي. ڇا تون ايندڙ ڪجهہ شامن ۾ ڪجهہ ڪلاڪ ڪڍي انهن نظمن کي لکندين جيڪي تو مختلف وقتن تي مون کي پڙهي ٻڌايون آهن؟ انهن مان اڌ تون وڃائي چڪو آهين ۽ باقي تو ڪڏهن لکيون ناهن. مون کي ڊپ آهي تہ تون اُهي وساري ڇڏيندين ۽ اُهي پڻ ضايع ٿي وينديون جيئن تنهنجي چوڻ موجب توسان اڳ ۾ اڪثر ٿي چڪو آهي.

(8)

ڏينهن ختم ٿيڻ تي انهن تمام گهڻي ڪوسي پاڻيءَ سان پنهنجي صفائي ڪئي ۽ لارا ڪاتياڪي وهنجاريو. پنهنجو پاڻ کي خوشگوار طور صاف محسوس ڪندي يوري دريءَ آڏو پيل ميز تي ويهي رهيو. سندس پٺ ڪمري ڏانهن هئي جتي لارا، جيڪا وهنجڻ واري ٽوال ۾ ويڙهيل هئي، سندس وار مٿي ڪري هڪ ٻئي ٽوال سان ٻڌل هئا ۽ منجهانئس صابڻ جي خوشبو اچي رهي هئي. ڪاتياڪي بستري تي ليٽائي ڪيس ٺپي رهي هئي. غور ۽ فڪر واري ڪم جي اڳواٽ مزي کي محسوس ڪندي هُن پنهنجي چوڌاري ٽيندڙ سيني شين کي هڪ خوشگوار ۽ پرسڪون توجهه سان ورتو.

رات جو هڪ وڳي لارا، جيڪا سمهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، نيٺ سمهي پيئي. سندس ۽ ڪاتيا جا رات وارا ڪپڙا بستري تي پيل ڌوتل ۽ استري ڪيل چادرن جيان پنهنجي صفائي سترائي ڪري چمڪيا پئي. انهن ڏينهن ۾ به لارا ڪنهن طريقي سان ڪپڙن کي ڪلف ڪرڻ جو بندوبست ڪري وٺندي هئي.

يوري جي چوڌاري ڦهليل خاموشي خوشي ۽ زندگيءَ سان پرپور هئي. بتيءَ جي هيڊي نرم روشنيءِ ڪاغذ جي اڇن پنن تي پئجي رهي هئي ۽ مس ڪپڙيءَ جي مس جي سطح کي روشن پئي ڪيو. ٻاهر سرديءَ جي سخت پاري واري رات هلڪي نيري هئي. اُن کي بهتر طور ڏسڻ لاءِ يوري پاسي واري سرد اونداهي ڪمري ۾ هليو ويو ۽ دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳو. پوري چنڊ جي روشني برفاني ميدان کي بيضي جي اڇاڻ يا ڪپڙي کي ڪيل ڪلف وانگر گهيري ڇڏيو هو. برفاني رات جي سونهن بيان کان ٻاهر هئي. يوريءَ جو من پرسڪون هو. هُو گرم ۽ روشن ڪمري ۾ موٽي آيو ۽ لکڻ شروع ڪيائين.

پنهنجي هٿ جي پرجوش حرڪت کي تحرير جي وهڪري ۾ آڻڻ ۾ احتياط ڪندو هو ته جيئن ظاهري طور تي ان جو اظهار متاثر نه ٿئي ۽ اُها موڳي ۽ بي روح نه بڻجي وڃي. هُو انهن نظمن کي جيڪي ڪيس چڱي ريت ياد هيون ۽ جن سندس ذهن ۾ وڌيڪ نئوس صورت ورتي هئي جهڙوڪ "ڪرسمس جو تارو"، "سرديءَ جي رات ۽ انهن جي مزاج جي ٻين گهڻن جيڪي پوءِ وسري وڃائجي ويون هيون ۽ ڪڏهن به ڪنهن جي هٿ نه اچڻيون هيون کي ڏيري ڏيري سڌاريندي ۽ وري وري لکندي اصل لکيل نظمن کان پري ٽيندي ٽي ويو.

جي معصوميت ۽ پاڪائي گڏجي هڪ لهر بڻجي سندس اندر گهڙي ۽ منجهس وجود جي هڪ سوياري پاڪائي جي خوش ڪن احساس کي جنم ڏنو.

"مالڪا مالڪا!" هُن پڙڪيو. "اِهو سڀڪجهه منهنجي لاءِ آهي؟ تو مون کي ايڏو سڀڪجهه ڇو ڏنو آهي؟ تو مون کي پنهنجي خزانن، پنهنجي تارن هيٺان ۽ منهنجي بدقسمتيءَ ڪنور ۽ شڪايت ڪندڙ پيار جي قدمن ۾ گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڇو ڏني آهي؟"

رات جو ٽين وڳي يوري ڪاغذن کان متو ڪڍي مٿي ڏٺو. هو پنهنجي ڏورانهين، وجود کان بيخبر غور و فڪر واري ڪيفيت مان هڪ خوش، مضبوط ۽ پرسڪون شخص جي حيثيت ۾ حقيقت ۾ پنهنجو پاڻ ڏانهن موٽي آيو. اوچتو دريءَ کان ٻاهر ڦهليل ميدان جي خاموشي هڪ اداس ۽ غمگين آواز سان ٽٽي ويئي.

هُو پاسي واري اونداهي ڪمري ۾ ويو. پرجنهن وقت هُو ڪم ڪري رهيو هو، دري پلري ۾ ڄمي ويئي هئي. هو قالين، جنهن کي هوا کي روڪڻ لاءِ در آڏو رکيو ويو هو، ان کي ڇڪي پري ڪري ڪوٽ پنهنجي ڪلهن تي رکي ٻاهر نڪري ويو.

ٻاڇي کان وانجهيل، چنڊ جي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ برف تي پوندڙ اڇي شعلي ڪيس دنگ ڪري ڇڏيو ۽ هُو پهرين نظر ۾ ڪجهه به ڏسي نه سگهيو. پوءِ وري اندر مان نڪتل هڪ ڏکهي ڪرڪندڙ اوناڙ جو آواز آيو. فاصلي ڪري ان ڍيلي آواز ۾ هُن نالي جي پرئين پاسي برف واري ميدان جي بلڪل ڪنڌ تي چار ڏکها پاڇا ڏٺا جيڪي پينسل جي گهڪي کان وڌيڪ ٿلها نه هئا.

بگهڙ پنهنجا ڪنڌ مٿي ۽ ناسون گهر ڏانهن ڪيو قطار ۾ بيٺا هئا ۽ چنڊ يا دريءَ تي پوندڙ اُن جي سونهري عڪس تي اوناڙ ڪري رهيا هئا. اجا مشڪل سان يوري اِهو سمجهي سگهيو هو ته اُهي بگهڙ هئا جو اهي مڙيا ۽ ڪتن جيان هلڻ لڳا. تقريباً ائين ڄڻ اُهي سندس خيال پڙهي سگهيا ٿي. اُن کان اڳ جو هو اهو ڏسي ته اُهي کهڙي پاسي ويا هئا، اُهي سندس نظرن کان غائب ٿي ويا.

"اِهو آخري ڏک آهي!" هُن سوچيو. "ڇا انهن بگهڙن جي رهڻ جي جاءِ ويجهو آهي؟ شايد نالي ۾ ۽ سيمديوياتوف جي گهوڙي واڙي ۾ هڏل آهي. ڪين ضرور اُن جي بوءِ آئي آهي."

هُن طئي ڪيو ته في الحال اِهو لارا کي ٻڌائي ڪيس پريشان نه ڪجي. موٽندي هُن گهر جي ٽڏن ڪمرن ۽ ڪوسي حصي جي وچ وارن دروازن کي بند

ڪيو. هوا ڪي اندر اچڻ کا ن روڪڻ لاءِ سوراخن آڏو قالين ۾ ڪپڙا رکي ڇڏيا ۽ واپس پنهنجي ميز تي اچي ويٺو. بتيءَ جي روشني اڳ جيان چمڪندڙ ۽ آسيس ڏيندڙ هئي، پر هُو هاڻي لکڻ جي موڊ ۾ نہ هو. هو سڪون سان ويهي نہ ٿي سگهيو. هُو بگهڙن ۽ لامارا ڏيندڙ خطرن ۽ هر طرح جي مونجهارن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ سوچي نہ پئي سگهيو. ان کان سواءِ هُو ٿڪل هو.

لارا جاڳي پيئي، "اجا ڪم پيو ڪرين. منهنجا پيارا؟"هُن ننڍاڪڙي آواز ۾ پڇيو "ڏيئي جيان رات ۾ ٻرڻ ۽ روشن رهڻ. اچ ۽ هڪ پل لاءِ منهنجي ڀر ۾ ٿي ويهہ. آئون توکي پنهنجو خواب ٻڌايان." هُن بتي وسائي ڇڏي.

(9)

خاموش چريائپ جو هڪ ٻيو ڏينهن گذري ويو. ڪين گهر ۾ هڪ برف گاڏي ملي هئي ۽ ڪاتيا پنهنجي ڪوٽ ۾ ويڙهيل يوريءَ جي پنهنجي ڦاهوڙي سان سخت ڪري ٺاهيل برف جي چٽي جي ڪري پسيل پٽ تي ٺينگ ٽپا پئي ڏنا. هوءَ گهڙي گهڙي اُن چٽي تي چڙهي ٿي ويٺي ۽ گاڏيءَ کي ڏور سان ڇڪي مٿي تي ڪيائين. مرڪ سندس منهن تان نہ ٿي ويئي.

ٿڌ تمام گهٽي هئي. برف سخت ٿي رهي هئي. پر اُس نڪتل هئي. ٻنپهرن وقت برف هيڏي هئي جيڪا نارنگي وانگر وهندي سج لهڻ مهل ماڪي واري رنگ ۾ بدلجي ٿي ويئي.

لاراگذريل ڏينهن جيڪو ڏوپ ۽ صفائي ڪئي هئي ان جي ڪري گهر ۾ پوسل ٿي پيئي هئي. ٻاڦ جي ڪري دربن تي ڪارا داغ ۽ ديوارن تي لڳل ڪاغذن تي لينڪها پئجي ويا هئا. ڪمرا اونداها ۽ آرام نہ ڏيندڙ هئا. يوري ڪاٺيون ۽ پاڻي ڪٺي آيو ۽ پنهنجي گهر جي جاچ ونڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو ۽ ود ۾ وڌ شيون معلوم ڪرڻ سان گڏ لارا جي ختم نہ ٿيندڙ گهريلو ڪم ۾ ٻڻ هٿ ونڊائڻ لڳو.

هڪ يا ٻيو ڪم ڪندي سندن هٿ پاڻ ۾ گڏبا ۽ ملندا هئا تہ پوءِ اُهي جيڪي ڪجهہ سندن هٿ ۾ هوندو هو اُن سان گڏ ئي ويهي رهندا هئا. ڪمزور ۽ ننڍاڪڙا ۽ ذهن ٻين سيني خيالن کان خالي. وقت گذرندو ويندو هو ۽ جڏهن گهٽي دير ٿي چڪي هئي ۽ ٻنهي کي ياد ايندو هو تہ ڪاتيا کي پنهنجي ليکي ڇڏيندي ڪافي دير ٿي ويندي هئي يا گهوڙي بکايل ۽ اڃايل هئي تہ پوءِ اُهي هراسجي،

جيڪي هن گذريل رات لکيو هو، اُهو ٻن حصن ۾ هو. پنهنجي اڳوڻن نظمن کي صاف پني تي سٺي صورتخطي ۾ لکيو ويو هو. نئين ڪر کي مخفف ۾ خالن سان اهڙي ڪچي طريقي سان لکيو ويو هو، جو اُهو پڙهڻ لائق نہ هو.

انهن اکرن کي سمجهندي ڪيس ساڳين مايوسين کي منهن ڏيڻو پيو. گذريل رات انهن ڪچن اکرن ۾ لکيل ٽڪرن ڪيس حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو ۽ ڪجھ غير متوقع طور ذهن ۾ آيل ڪامياب سٽن سندس اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيا هئا. هاڻي انهن ساڳين سٽن کي وري پڙهندي هُو اهو ڏسي ڏڪارو ٿي ويو تہ اِهي زوري چڪيل ۽ واضح طور اڻ ٺيٺين تي ٻڌل هيون.

اهڙي تخليقي انداز ۾ لکڻ جيڪو ايترو ڳجهو ۽ ايترو سنجيدو هجي جو اِهو ڳالھ ٻولھ جي موجود رسمي صورتن کان بلڪل مختلفِ لڳي، سندس حياتي جو خواب رهيو هو. سچي زندگي هُن هڪ محتاط ۽ نمائش کان پاڪ ٻوليءَ لاءِ جدوجهد ڪئيْ هئي تہ جيئن پڙهندڙ يا ٻڌندڙ انهن ذريعن کي ڏيان ۾ آڻڻ کان سواءِ جن وسيلي اُها وٽس پهچي ٿي ان جي مواد تي عبور حاصل ڪرڻ جي قابل ٿي سگهي. پنهنجي سچي زندگي هُن ڌيان نہ ڇڪائڻ جوڳي انداز اختيار ڪرڻ لاءِ جاکوڙيو هو ۽ اهو ڏسي ششدر رهجي ويو هو تہ هُو اجا پنهنجي آدرش کان ڪيترو نہ پري هو.

گذريل رات هُن ايتري سولي طريقي سان پنهنجي ڳالھ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي جو اِها بلڪل لولي پئي لڳي. پنهنجن پيار ۾ ڏک، ڊپ ۽ همت جي احساسن کي اهڙي نموني پيش ڪيو هو جو انهن پنهنجو پاڻ اٽڪل اکرن کان بلڪل آزاد ٿي ڳالهايو ٿي.

هاڻي انهن اڻ گهڙيل خاڪن کي ڏسندي ڪيس لڳو تہ انهن سٽن ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ لاءِ انهن کي ڳنڍيندڙ هڪ موضوع جي ضرورت هئي. اهڙي موضوع جي غير موجودگيءَ ۾ اُهي بي ربط هيون. هُن جيڪي ڪجھ لکيو هو اُن کي ڪاٽي ساڳئي غنائي انداز ۾ سينٽ جارج ۽ اجگر بلا جو قصو لکڻ شروع ڪيو. هُن وڏي ويڪري پنج رڪني بحر سان شروعات ڪئي جنهن جو سر وزن مان نڪتو ٿي ۽ مطلب کان بلڪل ڌار ٿي بيٺو ٿي پر ان جي سڌي سادي هڪ سر واري انداز ڪيس بيزار ڪري ڇڏيو. هُن شاندار سر ۽ تحت الفظ کي خيرباد چئي

سٽن کي ڪاٽي ائين چٽن تائين محدود ڪري ڇڏيو جيئن نثر ۾ بيڪار لفظن کي ڪاٽي ڇڏبو آهي. اِهو ڪم هاڻي وڌيڪ ڏکيو پر وڌيڪ پرڪشش هو. لکت وڌيڪ جاندار پر اجا بہ منجهس طول ڪلامي هئي. هُن پاڻ کي اجا ننڍين سٽن لکڻ تي مجبور ڪيو. هاڻي اکر پنهنجي چار رڪني بحر وارن مصرعن ۾ پربا پئي ويا ۽ يوري پنهنجو پاڻ کي بلڪل سجاڳ، هوشيار ۽ جوشيلو محسوس ڪرڻ لڳو. وزن جي پابندي ڪندي ننڍين سٽن کي پرڻ لاءِ صحيح اکر ايندا ٿي ويا. شين جو اجا نالو مس ٿي کڄيو تہ انهن هڪ صورت وٺي ٿي ورتي. هُن نظم جي سطح تي ائين گهوڙن جي ٽاپن کي گونجندي ٻڌو جيئن چوپن جي هڪ داستان ۾ ماٺهو گهوڙي جي هلڻ جو آواز ٻڌندو آهي. سينٽ جارج وشال ميدانن ۾ گهوڙو ڊوڙائي رهيو هو. هُو ڪيس پري ويندي ننڍو ٿيندي ڏسي پئي سگهيو. هُن نهايت تڪڙ ۾ پئي لکيو. پنهنجي لکڻ جي رفتار کي پنهنجي ذهن ۾ ايندڙ لفظن جي رفتار سان برقرار رکڻ ۾ کيس ڏکيائي ٿي رهي هئي. اهي ذهن ۾ ايندڙ لفظ هميشہ برمحل هوندا هئا ۽ پاڻ پنهنجي جاءِ ناهي وٺندا هئا.

هُن محسوس نہ ڪيو هو تہ لارا بستري تان اٿي ميز ڏانهن اچي چڪي هئي. هوءَ پنهنجي سمهڻ واري ڊگهي لباس ۾ جيئن اُها هئي، ان کان وڌيڪ سنهي ۽ ڊگهي لڳي رهي هئي. جڏهن هُن هيڏي منهن سان، ڏنل حالت ۾ پنهنجو هٿ ڊگهيريندي سندس پر ۾ بيهي سرگوشي ڪئي تہ کانئس حيرت کان ڇرڪ نڪري ويو.

"تون ٻڌين ٿو هڪ ڪتي اوناڙيو آهي. منهنجو خيال آهي تہ اُهي شايد بہ آهن. او،ڪيڏو تہ ديهاريندڙ اُهي. اِهو نهايت خراب شگون آهي. اسان بهرحال ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ صبوح تائين برداشت ڪنداسين ۽ پوءِ اسان هليا ويندا سين. اسان هليا ويندا سين! آئون هتي هڪ پل بہ وڌيڪ نہ ترسنديس."

گهڻي سمجهائڻ کان پوءِ هوءَ هڪ ڪلاڪ کان پوءِ شانت ٿي سمهي پيئي. يوري ٻاهر نڪتو. بگهڙ گذريل رات کان بہ وڌيڪ ويجهو هئا. اُهي اڳ کان بہ وڌيڪ تيزيءَ سان ۽ هڪ پيرو وري ان کان اڳ جو هو اهو اندازو لڳائي سگهي تہ اُهي کهڙي پاسي ويا هئا، غائب ٿي ويا. اُهي ڳاهٽ ڪيو بيٺا هئا ۽ وٽس انهن کي ڳڻڻ جو وقت نہ هو پر کيس اِهو لڳو تہ اُهي گهڻا هئا.

(10)

اِهو سندس واريڪينو ۾ رهڻ جو تيرهون ڏينهن هو. اُن ۾ ڪا نئين يا مختلف ڳالهه نه هئي. بگهڙن وري رات ۾ اوناڙ ڪئي هئي. اُهي هفتي جي وچ ڌاري غائب ٿي ويا هئا پر وري موٽي آيا هئا. لارا اجا به غلطي وچان انهن کي ڪتو پئي سمجهيو ۽ ان شگون کان ڊڄي وري اتان وڃڻ جو طئي ڪيائين. هڪ سخت محنت ڪندڙ عورت، جنهن کي سڄو ڏينهن پنهنجن جذبن جي اظهار ڪرڻ يا اجائي نفاست واري عياشي جي عادت نه هئي، جو پرسڪون، متوا... بيچيني جي پريشان ڪن دورن ۾ بدلجي ويو هو.

اُهي گهڙي گهڙي ساڳي منظر مان گذرندا هئا. ان ڪري جڏهن سندن هتي اچڻ جي ٻئي هفتي جي هڪ صبوح لارا واپسيءَ جي سفر لاءِ سامان ٻڌڻ شروع ڪيو ته ائين لڳو ته ڄڻ ته سندن هتي اچڻ کان پوءِ گذريل ڏيڍ هفتو ڪڏهن آيو ئي نه هو.

ڪمرن ۾ وري پوسل ۽ اونداهي ٿي پيئي هئي. هِن ڀيري اُن ڪري ته موسم جهڙالو هو. پارو گهٽ هو. ڪارن ۽ هيٺانهيون ڪڪرن مان لڳو ٿي ته برف ڪنهن به وقت وسي سگهي ٿي. يوري گهٽين راتين جي اوجاڳي جي جسماني ۽ ذهني دٻاءَ ڪري ٿڪل هو. سندس ٿڪون ڪمزور هيون ۽ سندس خيال گڏ وچڙ هئا. هُو ٿڏ ڪري ڏڪي ۽ پنهنجا هٿ مهٽي رهيو هو. هُو ان انتظار ۾ ته لارا ڪهڙو فيصلو ٿي ڪري ۽ نتيجتاً ڪيس ڇا ڪرڻو پوندو هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ پئي هليو.

هُن پنهنجو پاڻ کي نه ٿي ڄاتو. بلڪل ان وقت هوءَ پنهنجي بدنظمي واري آزاديءَ کي اهڙي معمول جي زندگيءَ سان بدلائڻ لاءِ ڪا به قيمت ڏيڻ لاءِ تيار هئي جيڪا پلي ڪيتري به سخت ڇو نه هجي پر ان ۾ هڪ پيرو ڪم ۽ ذميواريون طئي ٿي وڃن ته جيئن اُهي هڪ شلائتي، ايماندارانه ۽ عقل سمجهه واري زندگي گذاري سگهن.

هُن پنهنجو ڏينهن معمول موجب بستر درست ڪندي، صفائي، چند ڦوڪ ۽ نيرن تيار ڪندي شروع ڪيو. پوءِ هُن سامان ٻڌڻ شروع ڪيو ۽ يوريءَ کي گهوڙي کي گاڏي ۾ ٻڌڻ لاءِ چيو. هُن وڃڻ جو پڪو پهه ڪري ڇڏيو هو.

يوري بحث نہ ڪيو. شهر ڏانهن موٽڻ چريائپ هئي. جتي ضرور گرفتارين واري لهر پنهنجي اوج تي هوندي پر ان سردين واري ريگستان جي خطرن ۾ اڪيلو ۽ بي هٿيار رهڻ بہ ساڳي طرح جي چريائپ هئي.

ان ڪانسواءِ گودام ۽ واڙي ۾ مشڪل سان ٿي هڪ مٺ جيترو گاهہ باقي بچيو هو. يقيناً هتي جيڪڏهن ڊگهي عرصي لاءِ رهڻ ممڪن هجي ها تہ يوري خوراڪ ۽ گاهہ جي حصول جي نون طريقن لاءِ علائقي جو چڪر هڻي ها. اِهو خيال ترڪ ڪري هو گهوڙي ٻڌڻ لاءِ هليو ويو.

ڪيس ان معاملي ۾ ڪا مهارت نہ هئي. سيمديوياتوف ڪيس سيڪاريو هو تہ اهو ڪيئن ڪجي پر ڪيس اهو وسري ويندو هو. پوءِ پلي اڻنگي نموني سان پر هُن اهو ڪم ڪري ورتو. هُن ڪنوائيءَ کي بمن سان ٻڌو. رسي کي ٻڌائين ۽ پوءِ ڪنهن نموني سان گهوڙي کي گاڏي سان ٻڌي ڇڏيائين. بيٺ هُو گهوڙي کي پورچ ۾ ڪاهي آيو ۽ اتي ان کي نوڙيءَ سان ٻڌي اندر لارا کي سڏڻ لاءِ هليو ويو.

هوءَ ۽ ڪاتيا پنهنجا ڪوٽ پائي بيٺيون هيون ۽ هر شيءِ ٻڌجي چڪي هئي. پر لارا وڏي پريشانيءَ ۾ ورتل هئي. پنهنجا هٿ مهٽيندي ۽ روئڻهارڪي ٿيندي هُن ڪيس هڪ پل لاءِ ويهڻ جي وينتي ڪئي ۽ پوءِ پاڻ کي ڪرسيءَ ۾ اڇلائيندي ۽ وري اٿندي بي جوڙ نموني، ڏڪوئيندڙ بي سري انداز پنهنجن اکرن ۾ وچڙندي پاڻ پنهنجي ڳالهہ کي ڪاٽيندي هُن ڪانٽس گهڙي گهڙي پڇيو تہ ڪٿي هُو سندس فيصلي سان اختلاف تہ نہ ٿو رکي:

"آئون ان سلسلي ۾ ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهان. مون کي اها خبر ناهي تہ اهو ڪيئن ٿي ويو. پر تون پاڻ ڏسي سگهين ٿو. اسان لاءِ هاڻي ايڏو دير سان هلڻ ممڪن ناهي. جلد ئي اونداهي ٿي ويندي ۽ اسان تووراي ان ڊيڄاريندڙ جهنگل جي اونداهي ۾ ڦاسي پونداسين. ڇا تون ائين نہ ٿو سوچين؟ جيڪي تو مون کي چيو آهي آئون ائين ئي ڪنديس پر بس آئون وڃڻ لاءِ پنهنجي ذهن کي تيار نہ ٿي ڪري سگهان. ڪا شيءِ مون کي ڇئي پئي تہ نہ وڃ، پر اهو ئي ڪر جيڪو تنهنجي خيال ۾ بهتر آهي. تون پلا ڪجهہ چو نہ ٿو ڪڇين؟ اسان اڌ ڏينهن زيان ڪري ڇڏيو. خدا ئي ڄاڻي ٿو تہ الائي اهو ڪيئن ٿيو. سڀاڻي اسان وڌيڪ سمجهہ کان ڪم وٺنداسين. ان متعلق ڇا خيال آهي تہ اسان هڪ وڌيڪ رات ترسي پئون ۽ سڀاڻي اسان سوير اٿئو نئ سج نڪرندي ئي ڇهين يا ستين وڳي نڪري پئون.

موجود هئي. ڪيس ائين لڳو ته هُو ڇڻ رات جو دير ۾ پنهنجي زندگيءَ جي ڪنهن اونداهي جهنگ ۾ بيٺو هو ۽ نئون چنڊ انڪل سندس اک جي آڏو چمڪي رهيو هو جيڪو جدائي ۽ اڪيلائي جي تصور جو هڪ شگون هو.

هُو ايڏو ٿڪل هو جو سندس لاءِ بيهڻ محال هو. هُن ڪاٺيون معمول کان ننڍين ڍڪن ۾ در کان ٻاهر ڪٽي گاڏيءَ ۾ اڇلايون. برف ڇهتيل ٿڌي ڪاٺ جو ڇهاءُ دستانن مان ڇڻ سندس اندر گهڙي ويو. ڪم منجهس ڪا گرم جوشي پيدا نه ڪئي. سندس اندر ۾ ڪا شيءِ ڀڄي پري ۽ هڪ جاءِ تي بيهي رهي هئي. هُن پنهنجي بدقسمتيءَ کي پٽيندي لارا لاءِ دعا ڪئي ته خدا شل هِن پياري، ڏکاري، سادي ۽ صاف دل واري عورت، جنهن کي هُن پيار ڪيو ٿي، جي زندگي محفوظ رکي. خوراڪ جي گودام مٿان بيٺل چنڊ گرمي کان سواءِ ٻري ۽ روشني ڏيڻ کان سواءِ چمڪي رهيو هو.

گهوڙي پنهنجو منهن ميڪليتسين جي گهر ڏانهن ڪري ڀرين نرم ۽ آهستي ۽ پوءِ وڏي واڪي يقين سان هڻڪار ڪئي.

"اهو ڇا جي لاءِ آهي؟" يوري سوچيو. "هوءَ خوش آهي يا ڊنل آهي؟ ڊنل ناهي. گهوڙا ڊپ جي ڪري هڻڪار نه ڪندا آهن ۽ اُها ايتري ٻوڪ به نه ٿي ٿي سگهي ته هِن جيڪڏهن بگهڙن جي بوءِ سنگهي ورتي آهي ته پاڻ انهن کي پنهنجو ڏس ڏئي. هوءَ ضرور وڃڻ لاءِ آتي آهي. ٺورو ترس، اسان جلد روانا ٿينداسين."

هُن بارڻ لاءِ ڪاٺين ۾ ننڍين ٽڪرن جي پٽين، جيڪي جوتي جي چمڙي جيان مڙي ويون هيون، کي وڌو. انهن کي ڳوڻ سان ڍڪي گاڏيءَ ۾ نوڙي سان ٻڌي گهوڙي ڏانهن وڌيو.

گهوڙيءَ وري هڻڪار ڪئي. هِن وقت فاصلي تي ڪنهن ٻئي گهوڙي جي هڻڪار جي جواب ۾. اهو ڇا ٿي سگهي ٿو؟ ڇا اهو ممڪن آهي ته واريڪينو ايڏو ويران نه هجي جيئن اسان سوچيو پئي؟" ڪيس اهو خيال بلڪل نه آيو ته وٽن مهمان آيل هئا يا اها هڻڪار ميڪليتسين جي گهر جي آڏو کان پئي آئي. هُو گاڏيءَ کي عمارتن جي پوئين پاسي کان ڦيرائي ڪٽي پئي ويو ۽ گهر زمين جي برفاني گهمرن ڪري سندس نظرن کان لڪل هو.

ڪيس پلا ڪهڙي تڪڙ هئي. هُن آرام سان ڪانيون لاٿيون. گهوڙيءَ ڪي گاڏيءَ ڪان ڌار ڪيو ۽ گاڏي گودام ۾ چڏي آيو. پوءِ گهوڙيءَ ڪي اصطبل ۾ وٺي وڃي پرئين ڪڙهه تي، جتي هوا گهٽ هئي، ٻڌي چڏيائين ۽ آهرُ ۾ ڪجهه گاهه وجهي چڏيائين.

هُن گهر ڏانهن ويندي ڪجهه بي چيني پئي محسوس ڪئي. پورچ جي آڏو چمڪيلي ڪاري گهوڙي ٻڌل هئي ۽ هڪ هارين واري ڪشادي گاڏي بيٺي هئي جنهن جي پر ۾ هڪ هارين جي نموني جو چڪٽو، تلهو متارو اجنبي اچ وڃ ڪري رهيو هو. ڪنهن ڪڏهن گهوڙي کي ٿپڪي پئي ڏني ۽ ان جي مرن تي نظر پئي وڌائين.

گهر مان آواز اچي رهيا هئا. هُن نہ تہ ڪنائڻ پئي چاهيو ۽ نہ ئي هُو ايترو ويجهو هو جو ڪنهن هڪ اڌ اتفاقي اکر کان سواءِ وڌيڪ ڪجهه ٻڌي سگهي پر پوءِ بہ نہ چاهيندي بہ هُو بلڪل بت بڻجي بيهي رهيو ۽ ٻڌڻ لڳو. هُن ڪومارووسڪي جو آواز سڃاتو جيڪو لارا ۽ ڪاتيا سان ڳالهائي رهيو هو. اُهي بظاهر دروازي جي ويجهو پهرئين ڪمري ۾ هئا. اُهي بحث ڪري رهيا هئا ۽ سندس آواز مان لڳو پئي تہ لارا پريشان هئي ۽ روئي رهي هئي. هُن ڪڏهن جوش ۾ ساڻس اختلاف تي ڪيو ۽ ڪڏهن وري ساڻس اتفاق تي ڪيائين.

ڪنهن ڳالهہ تي يوريءَ کي لڳو تہ بلڪل ان وقت ڪومارووسڪي سندس متعلق ڳالهائي رهيو هو ۽ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪري رهيو هو تہ مٿس اعتبار نہ ڪرڻ گهرجي (يوري جي خيال ۾ هُن ٻڌو تہ " ٻن آقائن جي خدمت"). اِهو تہ هُو لارا سان وڌيڪ وفادار هو يا پنهنجي خاندان سان ۽ اِهو تہ لارا کي مٿس ڀاڙڻ نہ گهرجي. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن هُن ائين ڪيو تہ پوءِ ساڳي وقت هوءَ شڪار سان بہ گڏ هوندي تہ شڪارين سان بہ ۽ ٻن باهين جي وچ ۾ ڦاسي پوندي. يوري اندر داخل ٿيو.

جيئن هُن سوچيو هو اُهي ساڄي پاسي واري پهرئين ڪمري ۾ هئا. ڪومارووسڪي کي مُرن تائين بجن وارو ڪوٽ پاتل هو. لارا، ڪاتيا جي ڪوٽ جي ڪالر کي جهلي ان کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي پر ڪيس آنڪڙا نہ پئي مليا ۽ هوءَ مٿس رڙيون ڪري رهي هئي تہ لڏڻ بند ڪري. ڪاتيا شڪايتي انداز ۾ چئي رهي هئي، "آهستي امان، تون تہ مون کي گهوگهو پيئي ڏين." اُهي ٽيئي پنهنجن ٻاهر وڃڻ وارن ڪپڙن ۾ وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هئا. جڏهن يوري اندر آيو تہ لارا ۽ ڪومارووسڪي تيزيءَ سان گڏ ڳالهائيندي ڏانهس وڌيا:

"تون ايڏي دير ڪان ڪٿي آهين؟ اسان کي تنهنجي سخت ضرورت آهي."
يوري آندريوچ ڪهڙا حال آهن؟ڏسين پيو تہ ان جي باوجود تہ گڏريل پيري اسان هڪ ٻئي سان نامناسب ڳالهيون ڪيون هيون، آئون هڪ ڀيرو وري، ان جي باوجود تہ تو مون کي دعوت نہ ڏني هئي، تو وٽ هلي آيو آهيان."

يوري سندس حال احوال پڇيو.

"تون نيٺ ڪٿي هليو ويو هئين؟" لارا وري پڇيو. "هاڻي ٻڌ هي چا ٿو چئي ۽ جلدي اسان ٻنهي لاءِ فيصلو ڪر. زيان ڪرڻ لاءِ وقت ناهي. اسان کي ضرور تيز تيڻ گهرجي."

"پر اسان سڀئي بيٺا ڇو آهيون؟ ويهي رهو. وڪٽر اپوليتووچ، تو اهو ڪيئن پڇيو جاڻي تہ آئون ڪٿي هوس؟ تو کي خبر آهي تہ آئون ڪاٺيون ڪٽڻ ويو هوس ۽ پوءِ گهوڙي کي داڻو پاڻي ڏنم. وڪٽر اپوليتووچ، مهرباني ڪري ويهو."

"ها تہ توکي هِن کي ڏسي حيرت نہ ٿي آهي؟ اِهو ڪيئن آهي جو تون حيرت زده نہ پيو لڳين؟ اڳ اسان ان ڳالهہ تي افسوس ڪري رهيا هئاسين تہ هُو هليو ويو هو ۽ اسان سندس آڇ قبول نہ ڪئي هئي ۽ هاڻي هُو هتي بلڪل تنهنجي اکين آڏو آهي ۽ تون پوءِ بہ حيرت ۾ ورتل نہ پيو لڳين! پر اجا بہ وڌيڪ حيران ڪندڙ ڳالهہ اُها آهي جيڪا هُو اسان کي هاڻي ٻڌائيندو. ڪيس ٻڌائي وڪٽر اپوليتووچ."

"مون کي خبر ناهي تہ لاريسا فيودوروونا جي ذهن ۾ ڇا آهي. هڪ شيءِ جنهن جي وضاحت ڪيان اُها هي تہ مون ڄاڻي ٻجهي اها افواهہ هلائي هئي تہ آئون هليو ويو هوس. پر آئون توکي ۽ لاريسافيدوروونا کي ان ڳالهہ، جنهن تي اسان ڳالهايو هو، سوچڻ لاءِ وڌيڪ وقت ڏيڻ لاءِ، تہ جيئن توهان شايد ڪنهن وڌيڪ مناسب فيصلي تي پهچي سگهو، ترسي پيو هوس."

"پر اسان هاڻي ان کي وڌيڪ ٽاري نہ ٿا سگهون." لارا روئي ويئي، "رواني ٿيڻ لاءِ اِهو بلڪل درست وقت آهي. سڀاڻي صبوح... پر وڪٽر اپوليتووچ توکي پاڻ ٻڌائيندو."

"هڪ منٽ لارا پياري اسان پلا سڀئي پنهنجا ڪوٽ پايو ڇو بيٺا آهيون؟ اچو تہ انهن کي لاهي ويهي رهون. نيٺ بہ اهي سنجيده ڳالهيون آهن جن تي اسان کي ڳالهائڻو آهي. اسان انهن کي هڪ پل ۾ طئي نہ ٿا ڪري سگهون. مون کي خدشو آهي تہ، وڪٽر اپوليتووچ اسان جي ڳالهہ ٻولهہ ڪجهہ ذاتي رخ اختيار

ڪري ويٺي آهي. اُن کي اڳتي وڌائڻ شرمناڪ ۽ نامناسب ٿيندو. پر حقيقت اِها آهي ته مون ڪڏهن به توسان هلڻ متعلق نه سوچيو آهي پر لارا جو معاملو مختلف آهي. ڪجهه موقعن تي جڏهن اسان جون پريشانيون ساڳيون نه هيون ۽ اسان کي خيال آيو نه اسان هڪ نه پر ٻه ماڻهو هئاسين ته مون هميشه ڪيس اهو چيو ته هوءَ تنهنجي صلاح تي وڌيڪ سوچ ويچار ڪري. درحقيقت هُن ڪڏهن به ان متعلق سوچڻ ترڪ نه ڪيو آهي. هوءَ گهڙي گهڙي ڦري گهري ان ڳالهه تي آئي آهي."

"پر رڳو ان شرط تي ته تون اسان سان گڏ هلندين." لارا وچ ۾ ڳالهايو.

"جيترو جدا ٿيڻ متعلق سوچڻ تنهنجي لاءِ ڏکيو آهي ايترو ئي منهنجي لاءِ به ڏکيو آهي. پر شايد اسان کي پنهنجن جذبن کي هڪ پاسي ڪري اِها قرباني ڏيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته منهنجي هلڻ جو ته ڪو سوال ئي نه ٿو اٿي."

"پر تو اجا ڪا شيءِ نه ٻڌي آهي، توکي ڄاڻ ناهي نه ....ٻڌو وڪٽر اپپوليتووچ چا ٿو چئي..... سياڻي صبح جر..... وڪٽر اپپوليتووچ."

"لاريسافيودوروونا واضح طور ان خبر متعلق سوچي رهي آهي جيڪا مون اڳ ئي ڪيس ٻڌائي آهي. يورياتين جي ريلوي اسٽيشن تي ڏور اوڀر جي حڪومت جي هڪ سرڪاري ٽرين بيٺي آهي. اِها ڪالهه ماسڪو مان آئي آهي ۽ سياڻي اوڀر لاءِ رواني ٿيندي. اِها اسان جي مواصلات واري وزارت جي آهي. اڌ گاڏا مال لاءِ آهن جن کي مسافرن جي سفر لائق بڻايو ويو آهي.

مون کي ان ئي ٽرين ۾ وڃڻو آهي. گهٽيون نشستون مون کي پنهنجن ماتحتن لاءِ ڏنيون ويون آهن. اسان ڏاڍي آرام ۾ سفر ڪري سگهنداسين. اهڙو موقعو ٻيهر وري ڪڏهن به نه ايندو. آئون سمجهان ٿو ته توکي بيڪار جي ڳالهين ڪرڻ جي عادت ناهي. تون اهڙو ماڻهو ناهين جيڪو پنهنجن فيصلن تي قائم نه رهي ۽ تو اسان سان گڏ نه هلڻ جو طئي ڪري ڇڏيو آهي. سيڪجهه ٺيڪ آهي پر ڇا تو کي لاريسافيودوروونا جي خاطر ان تي وري غور نه ڪرڻ گهرجي؟ تو ڪيس ٻڌو ته هوءَ تو کانسواءِ نه ويندي. اسان سان گڏ هل. جيڪڏهن ولاديِ ووسٽڪ نه ته به گهٽ ۾ گهٽ يورياتين ته ضرور هل ۽ پوءِ اتي اسين ڏسنداسين. بس هاڻي اسان کي جلدي ڪرڻ گهرجي. اسان وٽ هڪ پل وڃائڻ جي به گنجائش ناهي. مون سان گڏ ڪوچوان آهي. آئون پاڻ گاڏي نه هلائيندو آهيان ۽ منهنجي گاڏيءَ ۾ اسان پنج ڄڻن جي گنجائش ناهي. پر منهنجي خيال ۾ تو وٽ سيمديوياتوف جو

"لارا ڪي نہ ٻڌائجان. هوءَ پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويهندي."

"يقيناً آئون ڪيس نہ ٻڌائيندس. ان ڪري ئي مون توکي هيڪلائيءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ چيو. هاڻي جڏهن اهو ٿي چڪو آهي، هوءَ ۽ ڪاتيا خطري ۾ آهن. تون ضرور ڪين بچائڻ لاءِ منهنجي مدد ڪر. ڇا توکي واقعي پڪ آهي تہ تون اسان سان گڏ نہ هلندين؟"

"بلڪل پڪ آهي. مون توکي اڳ ئي ٻڌائي ڇڏيو آهي."

"پر هوءَ توکان سواءِ نہ ويندي. مون کي خبر ناهي تہ آئون ڇا ڪيان. توکي مختلف طريقي سان منهنجي مدد ڪرڻي پوندي. توکي ڊونگ ڪرڻو پوندو. ڪيس اهو تاثر ڏي تہ تون شايد پنهنجو ارادو بدلائيندين. اهڙو ڏيک ڏي جو ڄڻ تون قائل ٿي ويندين. آئون ڪيس توکي هتي يا يورياتين جي اسٽيشن تي خدا حافظ چئي ڇڏيندي نہ ٿو ڏسي سگهان. اسان کي ڪيس اهو سمجهائڻو پوندو تہ تون نيٺ جيڪڏهن هينئر نہ تہ پوءِ جڏهن آئون تنهنجي لاءِ سفر ڪرڻ جي ٻئي موقعي جو بندوبست ڪندس، ضرور ايندين. توکي اهو ڏيکاءُ ڏيڻو پوندو تہ تون ائين ڪرڻ لاءِ رضامند آهين. پلي توکي ڪوڙو قسم کڻي ڦري وڃڻو پئي پر توکي ڪيس ان ڳالهہ لاءِ قائل ڪرڻو پوندو. پر اها منهنجي پاران نلهي آچ ناهي. آئون پنهنجي عزت جو قسم کڻي چوان ٿو تہ تو پاران مون کي ڏنل پهرئين اشاري تي آئون توکي اوير ڏانهن موڪلي ڇڏيندس ۽ اتان جيڏانهن تون وڃڻ چاهيندين اوڏانهن تنهنجي وڃڻ جو بندوبست ڪندس. پر لاريسا فيودوروونا کي اهو ضرور يقين هجي تہ تون گهٽ ۾ گهٽ اسان کي الوداع چوڻ لاءِ ايندين. توکي بس ڪيس ان ڳالهہ جو يقين ڏيارڻو پوندو. مثال طور تون اهو بهانو ڪرين تہ تون پنهنجي گاڏي تيار پيو ڪرين ۽ اسان کي تہ ٽجي انتظار ڪرڻ ۽ وقت ضايع ڪرڻ کان سواءِ هڪدم رواني ٿيڻ لاءِ زور پرين. تون اهو چوندين تہ جيئن ئي تون تيار ٿئين تيئن ئي اسان سان اچي ملندين."

"آئون اسٽريلنيڪوف متعلق خبر سان ايڏي تہ صدمي ۾ اچي ويو آهيان جو تنهنجي چيل ڳالهين کي پوري ريت هضم نہ ڪري سگهيو آهيان. پر تون درست آهين. موجوده دور جي منطق موجب هڪ پيرو جڏهن انهن اسٽريلنيڪوف سان حساب چڪتو ڪري ڇڏيو آهي تہ پوءِ لارا ۽ ڪاتيا جون حياتيون بہ خطري ۾ آهن.اسان مان هڪ يا ٻئي کي يقيناً گرفتار ٿيڻو آهي. ان ڪري اسان ڏار تہ ڪنهن

۽ ريت ٽُٻتا آهيون. ان صورتحال ۾ اها ڳالهه بهتر ٿي سگهي ٿي ته تون اسان کي ڊار ڪرين ۽ ڪين ايڏو ڏور وڃي وچين جيترو ممڪن هجي. آئون اهو چوان ته پيو پر ان سان ڪڏ گهٽو فرق نه ٿو پوي. شيون اڳ ٿي تنهنجي مرضي موجب ٿي رهيون آهن. ممڪن آهي ته پڇاڙيءَ ۾ آئون جهڙي پوأن ۽ رڙهندو تو وٽ اچان ۽ توکان لارا، زندگي،سلامتي ۽ پنهنجي گهر وارن ڏانهن وڃڻ لاءِ ساموندي رستي جي خيرات، گهران ۽ تو کان اهو سيڪجهه وٺي خوش ٿيان. پر مون کي ان سڄي معاملي تي سوچڻ لاءِ وقت ڏي. آئون مڪمل طور تنهنجي چيل ڳالهين جي اثر هيٺ آهيان. آئون هڪ قسم جي دٻاءَ هيٺ ۽ بدحواس آهيان ۽ پوري ريت سوچي ۽ ڳالهائي نه ٿو سگهان. اِهو ممڪن آهي ته تنهنجي ڳالهه مڃيندي آئون هڪ تباهه ڪن ۽ درست نه ٿيڻ جوڳي غلطي ڪري رهيو هجان جيڪا مون کي منهنجي سڄي زندگي ڏيڃاريندي رهي. پر هاڻي آئون اهو ڪري سگهان ٿو ته اڪيون پوري تو سان سهمت ٿيان ۽ ائين تنهنجي ڳالهه مڃان چڻ ته منهنجي پنهنجي ڪا مرضي ئي نه هجي.... ٺيڪ آهي ته پوءِ سندس خاطر آئون هاڻي ٻاهر وڃي ڪيس چوان ٿو ته آئون گاڏي تيار ڪري توهان سان اچي گڏجان ٿو، پر درحقيقت آئون پويان ئي ترسي پوندس.... بهرحال هڪڙي ڳالهه آهي توهان هن وقت ڪيئن وڃي سگهندا جڏهن ته جلد ئي اونداهي ٿيڻ واري آهي؟ سڙڪ جهنگل مان گذري ٿي ۽ اتي بگهڙ آهن، احتياط ڪجو...."

"مون کي خبر آهي، فڪر نه ڪر، مون وٽ هڪ بندوق ۽ ريوالور آهي، مون اتفاق سا ن ٿڌ کان بچڻ لاءِ ڪجهه شراب به آندو آهي، توکي ڪجهه گهرجي؟ مون وٽ گهڻو آهي."

(13)

"مون ڇا ڪري ڇڏيو؟ مون ڇا ڪري ڇڏيو؟ مون ڪيس ڇڏي ڏنو، ڪيس لاتعلق ڪري ڇڏيو، ڪيس پري ڪري ڇڏيو، مون کي سندن پويان ڊڪڻ گهرجي، لارا، لارا!!..

اهي نه ٻا ٻڌي سگهن. هوا منهنجي مخالف پاسي آهي ۽اهي شايد وڏي واڪي ڳالهائي رهيا آهن، وٽس خوش ۽ پراعتماد رهڻ لاءِ هر ڪارڻ آهي. مون ساڻس جيڪو ڪيل ڪيڏيو آهي، ڪيس ان جو بلڪل اندازو ناهي.

جڻ ته اها ماٺري هميشه آسپاس وارين ٽڪرين تي پيدا ٿيل وڻن سان گهيريل نه هئي پر انهن وڻن هاڻي ٿي سائس عذر خواهي ڪرڻ لاءِ زمين مان نڪري پنهنجي جاءِ ورتي هئي،

هن ان وقت جي نظر ايندڙ سونهن کي اصرار ڪندڙ دوستن جي ميڙ جيان هٿ لوڏي پري ڪيو ۽ جڻ شام جي اينگهندڙ روشني کي چيو، "توهان جي مهرباني، توهان جي مهرباني آئون نيڪ ٿي ويندس."

اجا وراندي ۾ بيٺي هن پنهنجو منهن بند دروازي ڏانهن ڪيو، سندس پٺ دنيا ڏانهن هئي، "منهنجو روشن سج لهي ويو آهي." سندس اندر ۾ ڪا شيءِ انهن لفظن کي ورجائي جڻ پنهنجي دل تي اُڪيري ڇڏڻ چاهيندي هجي. ڪيس وڏي واڪي اهي لفظ چوڻ جي طاقت نه هئي.

هُو گهر اندر ويو، سندس ذهن ۾ ٻٽي خود ڪلامي هلي رهي هئي. ٻن مختلف قسمن جي خودڪلامي، هڪ خشڪ ۽ ڪم ڪار واري ۽ ٻي ٻوڏ آيل هڪ درياءَ جيان لاراڪي مخاطب ٿيل.

"هاڻي آئون ماسڪو هليو ويندس." سندس خيالن ڊوڙ پاتي،"پهريون ڪم جيئرو رهڻ آهي. ٻي خوابي کي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نه ڏجي. بستر تي بلڪل نه وڃجي. سڄي رات جيستائين آئون ڪري نه پوان، ڪم ڪندو رهان. ها ۽ هڪ ٻي شيءِ سمهڻ واري ڪمري ۾ چلهه هڪدم ٻاري ڇڏجي ۽ اڄ رات ٺارڪان بچجي."

پر اتي اندر هڪ ٻي ڳالهه ٻولهه هلي رهي هئي، "منهنجي نه وسرندڙ خوشي تون مون سان اوستائين گڏهوندين جيستائين منهنجون ٻانهون، منهنجا هٿ ۽ منهنجا چپ توکي ياد ڪندا رهندا. آئون تنهنجي لاءِ روئندس ته جيئن منهنجي ماتم کي دوام ملي ۽ اهو تنهنجي لائق ٿئي. آئون تنهنجي ياد کي اڻ ڪٽ ڏک ۽ سوز جو روپ ڏيئي ڇڏيندس. آئون ائين ٿيڻ تائين هتي هوندس ۽ پوءِ آئون به هليو ويندس. ائين آئون تنهنجي تصوير ناهيندس. آئون ان کي ڪاغذ تي ائين چٽيندس جيئن بنيادن تائين لوڏي ڇڏيندڙ هڪ هوائي طوفان ڪان پوءِ سمنڊ پنهنجي سڀ کان طاقتور ۽ پري تائين پهچندڙ لهر جا نشان ڪناري تي ڇڏي ويندو آهي. ساموندي گاهه، سپون، سنگپيس، سڄو هلڪو ڪچرو مطلب ته هلڪي وزن جون جيڪي به شيون پنهنجي پيٽ سان ڪٽي سگهندو اُهي سڀ آٽي لهر جي ختم ٿيڻ واري جاءِ تي متيءَ ۾ ڦٽو ڪندو آهي. انهن شين جو سلسلو پري تائين

لهر جي آخري حد تائين هليو ويندو آهي. ائين ئي منهنجا محبوب تون منهنجي زندگي ۾ آئي آهين. ائين ئي آئون تنهنجي لاءِ لکندس.“

هُو اندر آيو. پويان دروازي کي تالو ڏنائين ۽ پنهنجو ڪوٽ لاٿائين. جڏهن هُو سمهڻ واري ڪمري ۾ داخل ٿيو. جنهن کي لارا صبوح ۾ ايڏي سٺي نموني ۽ احتياط سان نيڪ ڪيو هو ۽ جيڪو سندس تڪڙ ۾ سامان ٻڌڻ ڪري وري هيٺ مٿي ٿي ويو هو ته کيس بي ترتيب بستر ۽ ڪرسين ۽ فرش تي اُڇلايل شيون نظر آيون. هن ٻار جيان هيٺ جهڪي چاتي پلنگ جي سخت ڪنڌ سان ملائي منهن بستر جي چادرن ۾ لڪائي ٻارن جيان زور زور سان روئڻ شروع ڪيو. پر گهڻي دير تائين اها حالت نه رهي. جلد ئي هُو اُٿيو. تڪڙ ۾ منهن صاف ڪيائين. پنهنجي چوڌاري هڪ ٽڪل غائب ذهن ۽ اچرج سان نظر وڌائين، ڪوماروسڪي جي ڇڏي ويل ووڊڪا جي بوتل ڪڍيائين. ڍڪ لاهي اڌ گلاس پري ان ۾ پاڻي ۽ برف ملايائين ۽ پوءِ تقريباً پنهنجي ڳاڙيل ڳوڙهن واري ساڳي قوت واري مزي سان وڏا ۽ هٻڪي ڍڪ پرڻ لڳو.

(14)

يوري جي اندر ڪجهه ٿي رهيو هو. جنهن جو ڪو مطلب نه هو. هُو پنهنجو ذهني توازن وڃائي رهيو هو. سندس زندگيءَ جو انداز ڪڏهن به ايڏو عجيب نه رهيو هو. هن گهر کي نظر انداز ڪري ڇڏيو. پنهنجي سار سنڀال رکڻ بند ڪري ڇڏيائين ۽ رات کي ڏينهن ۾ بدلائي ڇڏيائين. لارا جي وڃڻ کان پوءِ جيڪو وقت گذريو هو اُن جو حساب ڪتاب کيس ياد نه هو.

هُن ووڊڪا پيئي ۽ لارا متعلق لکيو ٿي. پر جيترو هُن ڪاٽيو ۽ پنهنجي لکيل کي وري لکيو ٿي اوترو سندس نظمن ۽ ڪاغذن جي لارا اصل جيئري لارا، لارا جيڪا ڪاتيا جي ماءُ هئي، لارا جيڪا پنهنجي ڌيءَ سان گڏ سفر تي هئي، کان پري ٿيندي ٿي ويئي.

سندس درستگي ۽ وري لکڻ جو ڪارڻ سندس اظهار جي قوت ۽ قطعيت جي ڳولا هو. پر اهو ساڳي وقت پاڻ تي عائد ڪيل ان اندروني پابند ڪري به هو جنهن کيس پنهنجن ذاتي تجربن ۽ اصل واقعن کي گهڻي آزاديءَ سان ظاهر ڪرڻ کان روڪيو ٿي ته جيئن هُو مٿان انهن کي ڪاوڙائي ۽ ڏک نه پهچائي جن انهن ۾ سڌي ريت بهرو ورتو هو.

نتيجي سندس نظمن مان حقيقت جي پرجوش گرمي نڪري ويئي هئي ۽ ايستائين جنهن شيءِ انهن کي ڪمزور ۽ بي جان ٿيڻ کان محفوظ رکيو هو اُهو منجهن موجود امن ۽ سرچاءِ جو وسيع احساس هو جنهن خاص کي ڪائناتي سطح تي پهچائي سيني لاءِ پهچ جوڳو بڻائي ڇڏيو هو. اِهو اُهو مقصد نه هو جنهن جي لاءِ هُو شعوري ڪوشش ڪري رهيو هو. اِهو پنهنجي ليکي هڪ آئت طور آيو هو.

لارا پاران پنهنجي سفر تان موڪليل هڪ نياپي جيان، سندس پاران هڪ ڏورانهين ڪيڪار جيان، خواب ۾ ايندڙ سندس صورت يا پنهنجي نرڙ تي سندس هٿ جي ڇهاءَ جيان ۽ هُو پنهنجي شاعري جي ان مائائتي صورت اختيار ڪرڻ تي خوش هو.

لارا لاءِ پنهنجي سوچ تي ماتم ڪرڻ سان گڏ هُو ساڳي وقت ان ۾ اهي شيون به شامل ڪري رهيو هو جيڪي هُو سالن تائين مختلف وقتن تي فطرت، روزمره جي زندگي ۽ بين مختلف شين متعلق نوٽ ڪندو رهيو هو. جيئن هميشه ساڻس ٿيندو هو ته جڏهن به هو لکندو هو ته فرد جي زندگي ۽ سماج متعلق مختلف خيال سندس ذهن ۾ داخل ٿيندا هئا.

هُن سوچيو ته هُن تاريخ متعلق جنهن کي تاريخ جو عمل چيو وڃي ٿو، مجيل طريقيٰ سان نه پوئن جي دنيا مان ورتل تصورن جي صورت ۾ سوچي ٿو. سردين ۾ برف ۾ دٻيل پنن کان وانجهيل جهنگل جون ويران ٽاريون ڪنهن ڪراڙي جي مٽي جي وارن جيان سنهڙيون ۽ ڪمزور هونديون آهن. پر بهار جي مند ۾ رڳو ڪجهه ڏينهن اندر جهنگل بدلجي ويندو آهي، اهو ڪڪرن کي پيو مٿو هٽندو آهي ۽ ماڻهو ان جي پنن وارن ورن وڪڙن ۾ لڪي يا وڃائجي سگهبو آهي. ان تبديلي دوران جهنگل جانورن کان وڌيڪ تيزيءَ سان وڌندو آهي. جاڪاڻ ته جانور پوئن جيان تيزيءَ سان نه وڌندا آهن پر ان حرڪت کي پسي نه سگهبو آهي. جهنگل پنهنجي جاءِ نه بدلائيندو آهي. اسان ان جي لاءِ انتظار ۾ ويهي حرڪت ڪندي ان کي پڪڙي نه ٿا سگهون. اسان جيترو به گهڻو ان کي ڏسنداسين اهو اسان کي ساڪتيڪو ٿي نظر ايندو.

سماج جي زندگي ۽ تاريخ جي مسلسل واڌ ۽ لاڳيتي تبديلي بهار ۾ جهنگل جي تبديلي جيان نظر نه ايندڙ نموني لاڳيتو جاري رهندي آهي پر اسان کي اُها ساڳي نموني غير حرڪت پذير ٿي نظر ايندي آهي.

ساٿس واعدو ڪيو تہ هُو هفتي اندر وٽس وري ايندو ۽ ڪيس واريڪينو مان هميشہ لاءِ وٺي ويندو.

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪم ۾ گم هئڻ ڪان پوءِ ڪيس اوچتو ايتري واضح طور لارا ياد ايندي هئي جو چڻ تہ اُها سندس آڏو هجي ۽ هو پنهنجي ان زبان، غم ۽ وچايل محبت جي ڪري اچي روئڻ ۾ چئندو هو. جيئن ننڍپڻ ۾ پنهنجي ماءُ جي وفات کان پوءِ هو محسوس ڪندو هو تہ گرمين جي شاندار موسم ۾ ڪولوگروجي باغ ۾ ٻوليندڙ پکين جي آوازن ۾ ڪيس پنهنجي ماءُ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو تيئن هاڻي سندس ڪن لارا جي آواز جا عادي ٿي ويا هئا ۽ هُو ڪيس پر واري ڪمري مان سڏيندي ٻڌندو هو. "يورا"

ان هفتي هو ٻين سودائن جو پڻ شڪار ٿيو هو. ان جي ختم ٿيندي هڪ رات هُو هڪ اهڙي ڊيڄاريندڙ خواب مان جاڳي پيو هو جنهن جو ہر گهر جي هيٺان هو. هُن پنهنجيون اکيون کوليون. نالي مان روشني چمڪي ۽ هن بندوق جي گوليءَ جو آواز ۽ پڙاڏو ٻڌو. حيرت انگيز طور ايڏي غير معمولي واقعي کان پوءِ هُو ڪجهہ دير کان پوءِ سمهي پيو ۽ صبوح جو پاڻ کي چيائين تہ اهو هڪ خواب هو.

(15)

ڏينهن يا ٻن کان پوءِ اهو واقعو ٿيو.

يوري نيٺ فيصلو ڪيو تہ ڪيس سمجهہ کان ڪم وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن هُو پنهنجو پاڻ کي مارڻ چاهي ٿو تہ ڪيس تيز ۽ گهٽ تڪليف ڏيندڙ طريقو بہ ملي سگهي ٿو. هُن پنهنجي پاڻ سان واعدو ڪيو تہ جيئن سيمديوياتوف ڪيس وٺڻ ايندو، هُو ساٿس هليو ويندو.

شام ٿيڻ کان ٿورو اڳ جڏهن اڃا روشني باقي هئي هُن برف کي لتاڙيندي قدمن جو آواز ٻڌو. ڪو همراهہ خاموشيءَ سان مضبوطي ۽ آرام سان گهر ڏانهن اچي رهيو هو.

ڪيڏي نہ عجيب ڳالهہ آهي. اِهو ڪير ٿي سگهي پيو؟ سيمديوياتوف وٽ پنهنجو گهوڙو هو ۽ هُو پنڌ نہ ٿي اچي سگهيو ۽ واريڪينو خالي هو.

"اهو منهنجي لاءِ آهي." يوري سوچيو. "واپس شهر ڏانهن موٽڻ جو حڪمنامو يا ڪوٽ. يا وري اهي مون کي گرفتار ڪرڻ آيا آهن. نہ، اهي بہ ماڻهو

هجن ها ۽ وڻن مون کي وٺي وڃڻ لاءِ سواري هجي ها. اهو ميڪوليتسين آهي.“
هُن اهو سمجهندي تہ هُن قدم سڃاتو هو، خوشيءَ ۾ سوچيو.

ايندڙ همراهہ جيڪو اجا تائين اڻ سڃاتل هو، دروازي جي پڳل ڪڙي ۾ زنجير واري تالي کي کولڻ لاءِ هٿوراڙيون هڻڻ لڳو. پوءِ هُو اهڙي اعتماد سان ڇڻ تہ ڪيس پنهنجي رستي جي پڪ هجي، گهر ۾ داخل ٿيو ۽ لاڳاپيل دروازن کي کوليندو ۽ احتياط سان پنهنجي پويان بند ڪندو ٿي آيو.

يوري پنهنجي ميز تي دروازي ڏانهن پٺ ڪيو ويٺو هو. جيئن هُن اٿي اوڏانهن منهن ڪيو تہ سندس نظر اجنبي تي پيئي جيڪو اڳيئي چائنٺ تائين پهچي چڪو هو ۽ اتي بت بڻجي بيهي رهيو هو.

”توکي ڪنهن سان ملڻو آهي؟“ يوري بنا سوچڻ سمجهڻ جي جيئڪي اڪران وقت سندس ذهن ۾ آيا چئي ڏنا ۽ ڪيس ڪابہ حيرت نہ ٿي جڏهن ان جو ڪيس ڪوبہ جواب نہ مليو.

اجنبي هڪ طاقتور، سني هڏڪاٺ وارو سهڻو شخص هو. ڪيس بجن وارو جيڪٽ، پتلون ۽ ٻڪري جي کل جا گرم جوتا پهريل هئا ۽ رائفل سندس ڪلهي تي لڙڪيل هئي.

يوري کي رڳو ڪيس ڏسڻ سان حيراني ٿي هئي جڏهن تہ سندس اچڻ پنهنجي ليکي ڪنهن بہ حيرت جو باعث نہ هو. گهر ۾ ڪنهن جي رهائش جي آثارن ڪيس ان ڳالهہ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو هو. هي صاف طور انهن شين جو مالڪ هو جيڪي ڪيس گهر ۾ رکيل مليون هيون ۽ جيڪي، جيئن ڪيس خبر هئي تہ ميڪليتسين وارا ڇڏي نہ پئي وڃي سگهيا. ان شخص متعلق ڪا شيءِ يوريءَ کي مانوس لڳي ۽ ڪيس لڳو تہ هُن اڳ ڪيس ڏٺو هو.

نہ ئي ايندڙ همراهہ يوريءَ کي ڏسي ايترو حيرت زده لڳو ٿي جنهن جي توقع هئي. شايد ڪيس ٻڌايو ويو هو تہ گهر ۾ ماڻهو رهڻ پيا ۽ اهو بہ تہ اهي ڪير هئا. شايد هن يوري کي سڃاتو بہ هو.

”هي ڪير اهي؟ هي ڪير آهي؟“ يوري پنهنجي دماغ تي زور ڏنو.

”مئي جي هڪ گرم صبوح، اوه خدا ڄاڻي تہ ڪهڙي سال ۾. رازويلئي جي اسٽيشن تي ڪوميسار وارو گاڏو جنهن مان ڪنهن بہ چڱائي جي اميد نہ هئي. ڦڪا، غير دلچسپ خيال، هڪ واٽ تي هلندڙ ذهن، سخت اصول ۽ لامحدود خود پسندي... استريلنيڪوف!“

(16)

اهي ڪلاڪن کان ڳالهائي رهيا هئا. اهي جيئن ڳالهائي رهيا هئا ائين رڳو روسي ئي روس ۾ ڳالهائي سگهيا ٿي. خاص طور تي جڏهن اهي مايوسي ۽ چريائپ واري حالت جو شڪار ۽ هڪ پريشاني ۽ڊپ واري دور ۾ رهي رهيا هئا.

هر ڪنهن جيان فڪرمندي وچان ڳالهائيندو رهڻ ڪانسواءِ استريلنڪوف وٽ لاڳيتو ڳالهائيندي رهڻ جو پنهنجو ٻه هڪ ٻيو ڪارڻ هو.

هُو ڳالهائيندو ئي رهيو ۽ ڳالهه ٻولهه کي جاري رکڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ٿي ڪيائين. هُن هيڪلائيءَ کان بچڻ ٿي چاهيو. چا هو پنهنجي ضمير کان ڊنل هو يا اهي ڏکوئيندڙ يادگيريون هيون جن هُن کي ستايو ٿي ۽ يا وري ڪيس پنهنجي پاڻ کان ان عدم اطميناني، جيڪا ماڻهوءَ کي پنهنجين نظرن ۾ ايڏو نفرت جوڳو ۽ ناقابل برداشت ڪري ڇڏيندي آهي جو هُو شرم وچان مرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي، عذاب ٿي ڏنو؟ يا هن ڪو پوائنٽو ۽ واپس نه وڃڻ جوڳو فيصلو ڪيو هو ۽ ان سان اڪيلو نه رهڻ چاهيندو هجي ۽ يوري سان گڏ رهي ساڻس گپ شپ ڪري ان کي تارڻ لاءِ فڪرمند هجي؟

هُو هر موضوع تي دل کولي ڳالهائي رهيو هو پر هڪ اهڙي اهم راز کي لڪائي رهيو هو جيڪو مٿس بار بڻيل هو.

اِها بيماري هئي، ان دور جي انقلابي چريائپ جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي اندر ۾ پنهنجن لفظن ۽ پنهنجي اختيار ڪيل روپ کان بلڪل مختلف هو. ڪنهن جو به اندر صاف نه هو. هر ڪنهن وٽ اهو محسوس ڪرڻ لاءِ ڪو ڪارڻ هو ته هر خطا جي ذميواري مٿس هئي. هُو ٺڳ ۽ مڪار ۽ لڪل ڏوهاري هو. پنهنجو پاڻ کي ذهني عذاب ڏيڻ جي شروعات ڪرڻ لاءِ هڪ معمولي بهانو ڪافي هو. ماڻهو ڏهڪاءُ ڪري نه پر پنهنجي مرضي، پنهنجي مَنَ جي هڪ تباهه ڪن اڇل، مافوق الفطرت بي خودي واري حالت ۾پاڻ کي ڏوهي قرار ڏيڻ واري ان جذبي جنهن کي هڪ ڀيرو کلي ڇوٽ ملي ويئي ته پوءِ ان کي روڪي نه سگهبو آهي، ۾لڙهي پاڻ کي لوئڻ ۽ ڏوهه ڏيڻ لڳندا آهن.

هڪ اعليٰ عهدي جي سپاهي، جنهن اڪثر فوجي عدالتن جي صدارت ڪئي هجي، استريلنيڪوف ضرور سزايافته ماڻهن جا گهڻا اعتراف ۽ حلفيه بيان ٻڌا ۽ پڙهيا هوندا.

هاڻي پنهنجي جوشيلي حالت ۾ هر شيءِ کي پوائنٽي نموني بگاڙيندي هو پاڻ پاڻ تان پردو لاهڻ، پنهنجي سڄي زندگيءَ جي وري جائزو وٺڻ ۽ حساب ڪتاب ڪرڻ واري جذبي ۾ ونجي ويو هو.

هُو بي ربط نموني ڳالهائيندي هڪ اعتراف ڪان پٺي اعتراف ڏانهن پئي ويو.

"اهو سڀ چيتا جي ويجهو ٿيو... ڇا توکي خاڻن ۽ ڪٻٽن ۾ اهي سڀ عجيب شيون ڏسي حيرت ٿي؟ اهي سڀ شيون ان رسد مان آيون آهن جيڪا ڳاڙهي فوج ان وقت هٿ ڪئي هئي جڏهن ايرندي سائيبيريا تي قبضو ڪيو ويو هو. ظاهر آهي ته مون پاڻ اهي هتي ڪونه آنديون هيون. مون وٽ هميشه اعتبار جوڳا ۽ وفادار ماڻهو هوندا هئا. ان نموني منهنجي زندگي ڏاڍي سٺي پئي گذرندي هئي. اهي سڀ ميڻ بتيون، ماچيس، ڪافي، چانهه، لکڻ جو سامان ۽ ٻيون شيون سڀ فوجي رسد جي ذخيرن مان آيل آهن. ،منجهانئن ڪجهه چيڪ، ڪجهه انگريزي ۽ ڪجهه جپاني آهن. عجيب ڳالهه آهي، ڇا تون ائين نه ٿو سوچين؟ ڇا تون ائين نه ٿو سوچين؟ منهنجي زال جو پسنديده جملو هو. منهنجي خيال ۾ تو اهو محسوس ڪيو هوندو. آئون اهو فيصلو نه ڪري سگهيو هوس ته آيا توکي ٻڌايان يا نه پر هاڻي آئون اهو اقرار به ڪريان ٿو ته آئون هتي ساڻس ۽ پنهنجي ڌيءَ سان ملڻ آيو هوس. سندن هتي هئڻ وارو نياپو مون تائين گهڻي دير سان پهتو. ائين آئون ساڻن نه ملي سگهيس. جڏهن مون افواهن ۽ خبرن وسيلي اهو ٻڌو ته تون ساڻن گڏ آهين ۽ تنهنجو نالو مون کي ٻڌايو ويو ته ڪنهن سمجهه ۾ نه ايندڙ ڪارڻ ڪري گذريل سالن ۾ ڏٺل هزارين چهرن مان مون کي هڪدم اهو ڊاڪٽر زواگو ياد اچي ويو جنهن کي هڪ ڀيرو مون وٽ پڇا ڳاڇا لاءِ آندو ويو هو."

"۽ توکي افسوس ٿيو ته تو مون کي گولي ڇو نه هڻئي؟"

استريلنيڪوف سوال کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. شايد اهو هن ٻڌو ئي نه هو. پنهنجين سوچن ۾ غرق هوندي هُن پنهنجي خودڪلامي جاري رکي.

"ظاهر آهي ته مون کي حسد پئي ٿيو. آئون هاڻي به ان ڳالهه تي ساڙ پيو ڪيان. تون ڪهڙي توقع ڪري پيو سگهين؟ .... آئون هن علائقي ۾ ڪجهه مهينا اڳ جڏهن پري اوپر ۾ منهنجا پيا نڪاتا ظاهر ٿي پيا هئا، آيو آهيان. مون کي ڪين هٽرادو الزامن تحت ڪورٽ مارشل ڪرڻو هو. ان جي نتيجي جو اندازو ڪرڻ ڏکيو ناهي. آئون خطاوار نه هوس. مون سوچيو ته مستقبل ۾ جڏهن حالتون بهتر

ٿيون تہ پوءِ شايد مون کي پاڻ کي بچائڻ ۾ ڀنهنجہ ، نسک نامہ ، تان هي داغ صاف ڪرڻ جو موقعو ملي وڃي.

ان ڪري مون فيصلو ڪيو تہ ان کان اڳ جو هو مون کي گرفتار ڪن آئون اٿين ڪري سگهيس ٿي تہ غائب ٿي وڃان ۾ في الحال لڪي هڪ جاءِ ڪان ٻي جاءِ ڊانهن ويندي راهبانا زندگي گذاريان. شايد آئون ان ۾ ڪامياب بہ ٿي وڃان ها جيڪڏهن هڪ بدمعاش نوجوان منهنجو اعتماد حاصل ڪري مون کي دوکو نہ ڏئي ها.

اِهو ان وقت ٿيو جڏهن آئون سائيبيريا مان سردين ۾ پيرين پنڌ ماڻهن جي نگاهن ڪان بچندي ۾ بکن ۾ پاهہ ٿيندي اولهہ ڏانهن پيجي رهيو هوس. آئون برف جي ڍڳن يا ٽرينن، جنهن جون اڻ ڪٽ قطارون سائيبيريا جي مک ريلوي لائين تي برف ۾ ڍڪيون بيٺيون هيون، ۾ سمهندو هوس.

ها تہ منهنجو اتي ان ڇوڪري، هڪ رول سان واسطو پيو. هُن ٻڌايو تہ هُو انقلابي فوج جي هڪ فائرنگ اسڪواڊ ڪان بچي اتي اچي نڪتو هو. انهن ڪيس ٻين سزايافتہ همراهن سان گڏ هڪ قطار ۾ بيهاريو هو پر هُو رڳو زخمي ٿيو هو ۽ مئلن جي ڍير مان رڙهندو جهنگل ۾ وڃي لڪو هو جتان ٺيڪ ٺيڪ ٿيڻ ڪان پوءِ هُو مون جيان لڪڻ لاءِ هڪ نڪاڻي ڪان ٻئي نڪاڻي ڏانهن پجي رهيو هو. اِها بهرحال سندس ٻڌايل ڪهاڻي هئي. هو خراب ڇوڪرو هو، بلڪل ڪريل ۾ اٺچاڻ. ڪيس سندس سستيءَ ڪري اسڪول مان نيڪالي ڏني ويئي هئي."

استريلنيڪوف جيترو وڌيڪ ٻڌايو ٿي اوترو ئي يوري کي وڌيڪ پڪ ٿي ٿي تہ هن ڇوڪري کي سڃاڻو ٿي.

"ڇا سندس نالو تيرينتي گالوزين هو؟"

"ها"

"تہ پوءِ هُن انقلابي فوج ۾ گولي هڻڻ بابت جيڪي بہ چيو اهو سڀ سچ هو. هُن هڪ اکر جو بہ وڌاءُ نہ ڪيو هو."

"منجهس رڳو جيڪا سني ڳالهہ هئي، اها سندس پنهنجي ماءُ سان محبت هئي. سندس پيءُ کي هڪ يرغمالي طور گولي هڻي ويئي هئي ۽ سندس ماءُ جيل ۾ هئي ۽ شايد ساڳي شيءِ ان سان بہ ٿيڻ واري هئي. جڏهن هن اهو ٻڌو تہ هُن فيصلو ڪري ورتو تہ هُو ڪيس آزاد ڪرائڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو. هو

مقامي چيڪا ۾ ويو ۽ اتي پاڻ کي سنڌن حوالي ڪري سنڌن لاءِ ڪم ڪرڻ جي آڇ ڪيائين. اهي ڪيس ان شرط تي هڪ موقعو ڏيڻ لاءِ راضي ٿي ويا ته هُو ڪا اهم مخبري ڪندو. هُن ڪين ٻڌايو ته اُئون ڪٿي لڪل هوس. پر خوش قسمتي سان آئون موقعي تي اتان نڪري ويس.

تمام گهڻي ڪوشش ۽ اڻ ڪٽ مهمن کان پوءِ آئون سائيبيريا مان نڪري ملڪ جي هن حصي ۾ پهتس. انهن کي منهنجي هتي هئڻ جي توقع گهٽ ٿي هوندي. انهن نه ٿي سمجهيو ته مون ۾ هتي اچڻ جو حوصلو هوندو. درحقيقت اُهي هڪ ڊگهي وقت تائين مون کي چيتا جي چوڌاري ڳوليندا رهيا جڏهن ته آئون هن گهر يا آسپاس جي هڪ ٻن ٻين گهرن ۾ جن کي مون محفوظ ڄاتو ٿي، لڪيو پيو هوس. پر هاڻي اهو معاملو ختم ٿي چڪو آهي. اُهي مون تائين پهچي ويا آهن. هتي ڏس، جلد ٿي رات ٿيڻ واري آهي ۽ مون کي اها پسند ناهي. ڇاڪاڻ ته آئون جڳن کان سمهي نه سگهيو آهيان. توکي خبر آهي ته اها ڪيڏي ناخوشگوار ڳالهه آهي. جيڪڏهن منهنجي ڇڏيل ميڻ بتين مان ڪي اڃا رهيل هجن ته ٺيڪ. اهي سٺيون آهن نه؟ اصل چربي جون، ڇا اسان ڪجهه وڌيڪ دير ڳالهائي سگهون ٿا؟ اسان کي ايستائين ڳالهائيندو رهڻ گهرجي جيستائين توکي ننڊ اچي وڃي ۽ سڄي رات مزي سان ميڻ بتين جي روشني ۾ سُتي رهين."

"ميڻ بتيون سڀ اتي ئي پيون آهن. مون رڳو هڪ پاڪيٽ کوليو آهي. آئون اتي پيل معدني ميڻ استعمال ڪندو رهيو آهيان."

"تو وٽ ڪجهه ماني آهي؟"

"نه"

"ته پوءِ تون ڇا تي پيو گذارو ڪرين؟ ڪهڙو نه بيڪار سوال آهي. يقيناً پٽاٽن تي."

"اهو ٺيڪ آهي. اهي گهڻي مقدار ۾ پيا آهن. جيڪي ماڻهو هتي رهيل هئا انهن کي سٺي گهرداري ايندي هئي. انهن ڄاتو ٿي ته انهن کي ڪيئن رکجي. اُهي سڀ هيٺ تهه خاني ۾ محفوظ ۽ صحيح آهن منجهانئن ڪوبه خراب ٿيو يا ڄميو ناهي."

استريلينيڪوف اوچتو انقلاب متعلق ڳالهائڻ لڳو.

يقيناً اهو رڳو ماسڪو يا روس ۾ نہ هو جتي تيورسڪايا يا مسڪايا جهڙين سڙڪن تي فيشني توبلا ۽ ڪپڙا پايو عياش نوجوان ياڙي تي ورتل گاڏين ۾ پاڙي تي ڪيل عورتن سان گڏ گهمندا وتندا هئا. اهڙي سڙڪ، ان جي رات واري زندگي، گذريل صديءَ جي رات واري زندگي، ريس جا گهوڙا ۽ عياش نوجوان دنيا جي هر شهر ۾ موجود هئا.

اها ڳالهہ اتي رهي پر جنهن شيءِ اوڻويهين صديءَ کي هڪ ايڪو ڏنو، جنهن ان کي هڪ تاريخي دور طور ڌار ڪري بيهاريو اهو سوشلسٽ نظريو هو. انقلاب، مورچن تي جان قربان ڪندڙ بي غرض نوجوان، ناٽي جي وحشي راند کي روڪڻ ۽ غريب جي انساني وقار کي بچائڻ لاءِ پنهنجن ذهنن تي زور ڏيندڙ ان جو علاج پڌايو. اِهو ان دور جي عظيم قوت بڻجي ويو.

تيورسڪايا يا مسڪايا سڙڪ، ڏوڙ ۽ سورهياڻپ، برائي ۽ گنديون وستيون، اعلان ۽ مورچا سيڪجهہ اهو ئي هو.

تون سوچي نہ ٿو سگهين تہ هڪ بار هڪ اسڪول ويندڙ ڇوڪريءَ طور اُها ڪيڏي نہ پياري هئي. توکي ڪا ڄاڻ ناهي. سندس هڪ اسڪول جي ساهيڙي هوندي هئي جيڪا اسان جي پرواري مسواڙي گهر ۾ رهندي هئي. مسواڙين ۾ گهڻائي بريسٽ لائين جي ريلوي پورهيتن جي هئي. ان کي انهن ڏينهن ۾ بريسٽ لائين چيو ويندو هو ۽ پوءِ گهڻا پيرا ان جو نالو بدلبو رهيو آهي. منهنجو پيءُ، جيڪو هاڻي يورياتين جي انقلابي عدالت جو رڪن آهي، اسٽيشن فورمين هو. آئون ان گهر ۾ ويندو هوس ۽ اتي ڪيس ڏسندو هوس. هوءَ اجا ٻار هئي پر تڏهن ئي تون سندس منهن،سندس اکين ۾ خبرداري، ڇوڪسي، انهن ڏينهن واري پريشاني، اهو سيڪجهہ پڙهي سگهين پيو . هر شيءِ جنهن ان دور جي تشڪيل ڪئي هئي، ڳوڙها، تذليل ۽ اميدون بدلي ۽ شان جو سڄو مجموعو سيڪجهہ اڳ ئي سندس اظهار ۽ منهن مهانڊي ۾ موجود هو. جنهن ۾ ڇوڪرين جهڙي لڄ، شان ۽ همت نظر آئي ٿي. تون سڄي صديءَ کي سندس نالي سان منسوب ڪري سگهين پيو. تون ضرور ا ن سان سهمت ٿيندين تہ اها ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي. اِهو هڪ نشان هو، قسمت هئي، اهڙي شيءِ جنهن سان قدرت ڪيس نوازيو هو. اُهڙي شيءِ جنهن تي سندس پيدائشي حق هو.“

"تون ڪيڏي نہ سٺي نموني سندس ذڪر ٿو ڪرين. مون پاڻ ڪيس انهن ڏينهن ۾ ائين ئي ڏٺو هو جيئن تو بيان ڪيو آهي. هڪ اسڪول جي شاگردياڻي ۽ ساڳي وقت هڪ لڪل ناٽڪ جي سورمي. ديوار تي سندس پاڇو بيوس، پاڻ بچائڻ واري چوڪس ماڻهوءَ جو پاڇو هو. ائين مون ڪيس ڏٺو هو ۽ ائين ئي هوءَ مون کي اڃا ياد آهي. تو ان کي بلڪل درست نموني بيان ڪيو آهي."

"تو ڪيس ڏٺو ۽ تو ڪيس ياد رکيو؟ تو ان متعلق ڇا ڪيو؟"

"اها بلڪل هڪ ٻي ڪهاڻي آهي."

"ها ٺيڪ آهي. تون ڏس تہ اها سڄي اوڻويهين صدي، ان جا پيرس وارا انقلاب، ان جا هرزين کان شروع ٿيندڙ وطن ڇڏي ويندڙ روسين جا مختلف نسل، ان جون زارکي ـل ڪرڻ جون ڪوششون جن مان ڪجهہ جي رڳو رٿابندي ڪئي ويئي ۽ ٻين تي عمل ڪيو ويو. پورهيتن جي سڄي عالمي تحريڪ، يورپ جي پارليامينٽ ۽ يونيورسٽين ۾ مارڪسزم، پنهنجي نواڻ سان خيالن جو اهو نئون نظام، ان جي نتيجن جي تيزي، ان جو تضاد ۽ رحم جي نالي ۾ ان جا تجويز ڪيل بي رحم حل سڀ لينن ۾ گڏ ٿي ويا ۽ سندس شخصيت ان جو اظهار بڻجي ويئي جيڪا پراڻي دنيا مٿان ان جي ڪيل ڪمن جي سزا طور قهر بڻجي نازل ٿي.

لينن ان سان گڏوگڏ دنيا جي نظرن آڏو هڪ اهڙي ڪٽ ۾ نہ اچي سگهندڙ عظيم روس جي تصوير آئي جيڪو انسان ذات کي ڏکن ۽ بدقسمتين کان ڇوٽڪاري واري روشني ڏيندڙ شعلن جيان ٻري رهيو هو. پر آئون توکي اهو سڀ ڇو پيو ٻڌايان؟ تنهنجي لاءِ اها هرويرو جي بڪواس ٿي هوندي.

ان ڇوڪريءَ لاءِ مون تعليم حاصل ڪئي. اسڪول ۾ ماستر ٿيس ۽ اڻ ڇاتل جاءِ، يورياتين ڏانهن هليو ويس. سندس لاءِ مون ڪتابن جا ڍير پڙهيا. سڄي دنيا جو علم حاصل ڪيو تہ جيئن جڏهن ڪيس منهنجي ضرورت پئي تہ آئون سندس لاءِ ڪارآمد ٿي ـ ـ ـ ـ. شاديءَ جي ٽن سالن کان پوءِ وري سندس پيار ـ ـن ڪرڻ لاءِ آئون جنگ تي هليو ويس. جڏهن جنگ ختم ٿي ۽ آئون قيد مان موٽيس تہ مون ان حقيقت مان فائدو ورتو تہ مون کي مئل سمجهيو ويو هو. هڪ فرضي نالي سان آئون انقلاب ۾ شامل ٿي ويس تہ جيئن ساڻس ٿيل زيادتين، جيڪي ڪجهہ هُن سٺو هو ان جو ازالو ڪيان. سندس ذهن مان انهن يادگيرين کي

ميساريان تہ جيئن ماضيءَ ڏانهن موٽڻ ممڪن نہ رهي ۽ تيور سڪايا/ مسڪايا جهڙن علائقن جو وجود نہ رهي. هر وقت اهي، هوءَ ۽ منهنجي ڏيءَ ويجهو هتي ئي هوندا هئا. ڏانهن وڃڻ ۽ ساڻن ملڻ جي خواهش ۽ تڙپ کي روڪڻ جي مون کي ڪيڏي نہ گهڻي ڪوشش ڪرڻي پيئي آهي! پر مون پهرين پنهنجي زندگي جي ڪم کي پورو ڪرڻ تي چاهيو. هاڻي آئون ڪين رڳو هڪ نظر ڏسڻ لاءِ چا چا نہ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويندس! جڏهن هوءَ اندر ٿي آئي تہ اِهو ائين هو جڻ دري کلي ٿي ويئي، ڪمرو هوا ۽ روشنيءَ سان پرجي ٿي ويو."

"مون کي خبر آهي تہ تون ڪيس گهڻو پيار ڪرين ٿو .پر مون کي معاف ڪجانءِ، چا توکي پنهنجي لاءِ سندس پيار جو اندازو آهي؟"

"معاف ڪجانءِ، اِهو تو چا چيو هو؟"

"مون توکان پڇيو هو تہ چا توکي اندازو هو تہ هن توکي گهڻو پيار ٿي ڪيو؟ دنيا ۾ هر ڪنهن کان وڌيڪ."

"تون اها ڳالهہ ڪيئن ٿو ڪرين؟"

"چاڪاڻ تہ هُن مون کي پاڻ اِهو ٻڌايو هو."

"هن اهو چيو هو؟ توکي ؟"

"ها"

"مون کي معاف ڪجانءِ. آئون سمجهان ٿو تہ اهو پڇڻ ناممڪن آهي پر جيڪڏهن اهو بلڪل ئي بيوقوفي تي ٻڌل نہ هجي ۽ تون جيڪڏهن اهو ڪري سگهين تہ مون کي اهو ٻڌاءِ تہ هُن واقعي توکي چا چيو هو؟"

"خوشيءَ سان. هن چيو تہ جيڪي ڪجهہ انسان کي ٽيڻ گهرجي تون ان جو مثال هئين. هڪ اهڙو ماڻهو جنهن جهڙي ماڻهوءَ سان هوءَ ڪڏهن نہ ملي هئي. تون پنهنجي خلوص ۾ يڪتا هُئين ۽ جيڪڏهن هوءَ ان گهر ۾ وڃي سگهي جنهن ۾ توسان گڏ رهندي هئي تہ زمين جي ٻئي ڇيڙي کان بہ ا تي گوڏن ڀر رڙهندي ايندي."

"مون کي معاف ڪجان جيڪڏهن آئون ڪنهن انتهائي ويجهي پل جي ڳالهہ ڪندو هجان، چا تون اها حالت ياد ڪري سگهين ٿو جنهن ۾ هن اها ڳالهہ چئي هئي؟"

ٿي ويئي آهي. هڪ پيرو وري آئون گهڻي دير تائين ستل رهيو آهيان. هر روز ائين ٿي ٿئي ٿو.“

هن رڌڻي جي چُلهه ٻاري، بالٽي کڻي ۽ کوهه تي هليو ويو. دروازي کان ڪجهه فاصلي تي استرلنيڪوف برف ۾ مٿو ڏيو رستي جي وچ ۾ ليٽيل هو. هن پنهنجو پاڻ کي گولي هڻي ڇڏي هئي. برف سندس کاٻي لونڊڻي، جتان ڪيس رت نڪتو هو، تي هڪ ڳاڙهو ڳوڙهو ڻاهي ڇڏيو هو. رت جا قطرا جيڪي پري ڪري برف ۾ گڏجي ويا هئا برفاني وڻ جي ڇميل ٻيرن وانگر پئي لڳا.

☆

باب پندرهون

# پڇاڙي

(1)

باقي زواگو جي حياتيءَ جي آخري اٺن يا ڏهن سالن جي حياتيءَ جو مختصر احوال ٻڌائڻ رهجي ويو آهي. ان عرصي ۾ هُو هوريان هوريان هڪ ڊاڪٽر ۽ ليکڪ طور پنهنجي ڄاڻ ۽ قابليت وڃائيندي هيٺو ٿيندي ٿي ويو. مايوسيءَ جي حالت مان نڪرڻ ۽ پنهنجي ڪم شروع ڪرڻ جي ٿوري عرصي ڪان پوءِ هُو وري پنهنجو پاڻ ۽ دنيا جي هر شيءِ ڏانهن لاتعلقي جي هڪ ڏکي دور ۾ هليو ٿي ويو. انهن سالن ۾ دل جي بيماري، جنهن جي هُن اڳ تشخيص ڪئي هئي پر ان جي شدت جو ڪيس حقيقي اندازو نہ هو، وڌيڪ شدت اختيار ڪري ويئي هئي.

هُو نئين معاشي پاليسي واري دور، جيڪو سوويت دور جي لحاظ ڪان سڀ ڪان وڌيڪ مبهم ۽ غير حقيقي دور هو، ۾ ماسڪو آيو هو. هُو ان وقت ڪان بہ وڌيڪ ڪمزور، وڪريل ۽ خراب حالت ۾ هو جڏهن هُو انقلابي فوج ڪان ڀڄي يورياتين آيو هو. پنهنجي سفر دوران هُن هڪ ڀيرو وري هوريان پنهنجا اُهي ڪپڙا جيڪي ڪي قدر سٺا ۽ قيمتي هئا، ماني ۽ اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ پراڻن ڦاٽل ڪپڙن جي بدلي ۾ ڏيئي ڇڏيا هئا. اهڙي ريت هُن پنهنجو سمور جو بيو ڪوٽ ۽سوٽ نڪاٽي لڳائي ڇڏيو هو ۽ ماسڪو جي سڙڪن تي اهڙي حالت ۾پهتو هو جو ڪيس رڍ جي کل جي ٽوپي، پٽي واري پتلون ۽ ڏوهارين وانگر هڪ اهڙو پراڻو فوجي وڏو ڪوٽ پاتل جنهن جا بٽڻ غائب هئا. هو ڳاڙهي فوج جي انهن اڻ ڳڻين همراهن مان ئي هڪ پٺي لڳو، جن سان شهر جا اسٽيشن، رستا ۽ چوواٽا پريا پيا هئا.

هُو اڪيلو نہ آيو هو. هُو جتي بہ ويو ٿي سندس پويان هڪ سٺي شڪل صورت وارو ڳوٺاڻو ڇوڪرو بہ هوندو هو. جنهن ڪي بہ فوجي ڪپڙا پاتل هئا. اهي ان حالت ۾ انهن ڊرائنگ رومن، جيڪي اجا باقي هئا، ۾ ويا جتي يوري پنهنجو ننڍپڻ گذاريو هو. جتي ڪيس ياد ڪيو ۽ پنهنجي ساٿي سميت سندس آجيان

زمين تي ڦهليا ۽ وکريا پيا هئا. يُوري انهن کي پڪن ۾ ڪٽي، جيڪڏهن انهن کي اپارڻ جو ڪو طريقو نظر نه ٿي آيو ته ائين ئي وات ۾ پري مشڪل سان چباڙي ڪائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. اجا وڏيڪ ڏکيائي سان هُن ان ڪچي اڌ چباڙيل پوسي کي هضم ڪيو ٿي.

پنهنجي سڄي زندگي ۾ هُن ڪڏهن به ڪسيل ناسي رنگ جي جُهڪيءَ سون جهڙي رنگ جي آهُر نه ڏٺي هئي. عام طور جڏهن ان کي وقت تي لٽيو ويندو آهي ته ان جو رنگ گهٽو هلڪو هوندو آهي.

اِهي شعلي جي رنگ واريون پنيون باهه کان سواءِ ٿي ٻري رهيون هيون. اِهي پنيون خاموشيءَ سان پنهنجي ڏک جو اعلان ڪري رهيون هيون ان جي ڪنڌن تي وشال ۽ خاموش آڪاش هو جنهن جي منهن مان اڱ ئي سردين جي اچڻ جو پتو پيو ٿي ۽ جيڪو برف جي تهدار، ڏگهن ۽ لاڳيتو حرڪت ۾ رهندڙ برفاني ڪڪرن، جن جو وچ ڪارو ۽ پاسا اڇا هئا، سان ڀريل هو.

هرشيءِ هڪ لاڳيتي، آهستي ۽ ڪتيل حرڪت ۾ هئي. وهندڙ درياءَ ان سان گڏجڻ لاءِ ڊوڙندڙ سڙڪ ۽ يوري جيڪو ساڳي ڪڪرن واري سمت ۾ هلي رهيو هو. آهر جي پوک واريون پنيون به بي حرڪت نه هيون. منجهن ڪنهن شيءِ حرڪت ڪئي ٿي، ڪنهن شيءِ جنهن انهن کي هڪ چيڙي کان ٻئي چيڙي تائين هڪ لاڳيتي حرڪت سان ڀري ڇڏيو هو ۽ جنهن سان يوريءَ کي الٽي ٿي آئي.

اتي ڪڏهن به اڳ ڪوئن ذريعي ڦهلجندڙ پليگ جي اهڙي وبا نه آئي هئي. ناقابل يقين نمونې انهن جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيو هو جنهن جو اڳ ڪو به مثال نه هو. يوري کي جڏهن رستي ۾ سج لهي ويندو هو ۽ کيس کليل ميدان ۾ رات گذارڻ تي مجبور ٿيڻو پوندو هو ته اِهي رات ۾ سندس چهري، هٿن ۽ ٻانهن ۽ پتلون جي پائنچن اندر پيا گهمندا هئا. ڏينهن ۾ اُهي سڙڪن تي وڏي تعداد ۾ پيا گهمندا هئا ۽ جڏهن ڪنهن جي پيرن هيٺان اچي لتاڙبا هئا ته انهن جون ڪيهون نڪري وينديون هيون.

ڳوٺ جا رولو وڏن وارن وارا ڪتا، جيڪي بدلجي خونخوار ٿي ويا هئا، هڪ مناسب فاصلي تي سندس پويان پئي آيا ۽ کيس ائين پئي ڏٺائون ڄڻ مٿس حملي ڪرڻ ۽ کيس چيرڻ ڦاڙڻ لاءِ موقعي جي انتظار ۾ هجن. انهن لاشن تي گذارو ڪيو ٿي، ڪوئن کي به ناپسند نه ٿي ڪيائون ۽ يوريءَ تي فاصلي تان نظر

رڪندي ۽ اعتماد سان سندس پويان لڳل هئا ڇڻ تہ ڪنهن شيءِ جي انتظار ۾ هجن. ڪنهن ڪارڻ اُهي جهنگ ۾ داخل نہ ٿي ٿيا ۽ جڏهن بہ هُو ڪنهن جهنگ جي ويجهو ٿي ٿيو تہ اُهي آهستي آهستي پوئتي ٿي پڇ لوڏي غائب ٿي ٿي ويا.

انهن ڏينهن ۾ جهنگ ۽ ٻنين هڪ مڪمل تضاد پيش ڪيو ٿي. ماڻهوءَ ٻاران ڇڏي وڃڻ ڪري ٻنيون اڻين ويران ٿي ويون هيون ڄڻ سندس غير موجودگي انهن لاءِ ڦٽڪار بڻجي ويئي هجي پر جهنگ ڪانئس جان آجي ڪرائي اڻين وڏي ويجهي رهيو هو ڄڻ تہ اهو ڪنهن قيد مان آزاد ٿيو هجي.

عام طور تي ميون کي پڪو ٿيڻ نہ ڏنو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو ۽ خاص طور تي ڳوٺن جا ٻار سڃيون جون سڃيون ٽاريون ڀڃي ميون کي ڪچو ئي پٽي وٺندا هئا. پر هاڻي پن ڇڻ واري مند ۾ بہ ٽڪرين تي بيٺل وڻ سونهري ۽ سج جي روشني ڪري سخت ٿيل پنن سان ڀريا پيا هئا ۽ انهن جي وچ ۾ پڪل ميون جا ڳڇن جا ڳڇا ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا پيا هئا. يوري جيئن انهن وڻن لنگهيو تہ انهن کي پٽي پنهنجا کيسا ۽ ٿيلهو انهن سان ڀري ڇڏيائين. سڄو هفتو هُن ڪاڇن جي وڻ جي ميوي تي گذارو ڪيو.

ڪيس لڳو تہ هُن ڇڻ ٻنين کي هڪ خطرناڪ بيماريءَ جي تپ ۾ ورتل ۽ جهنگل کي نوبنو ۽ صحتياب ٿيندي ڏٺو هجي. اڻين ڄڻ خدا جهنگ ۾ هجي ۽ شيطان ٻنين ۾ لامارا ڏيندو هجي.

(3)

پنهنجي سفر واري ان مرحلي ۾ يوري هڪ ويران ۽ ڀريل ڳوٺ ۾ داخل ٿيو. سڀ گهر دريا جي سامهون سڙڪ جي پاسي کان هڪ قطار ۾ بيٺل هئا. ان قطار ۽ لانهين واري درياءَ جي ڪپ واري ڪنڌ جي وچ ۾ زمين جي ٽڪري کي ٺاهيو نہ ويو هو.

رڳو هڪ يا ٻہ ڀريل ڪارا ٿيل گهر اڃا سلامت هئا پر اُهي خالي هئا. ٻين جو سواءِ رک جي ڍير، جنهن مان چلهہ جا پائيپ ٻاهر نڪتل هئا. جي ٻيو ڪجهہ بہ باقي نہ بچيو هو. دريا جي سامهون ٽڪرين ۾ وڏا سوراخ ٿي پيا هئا جتان ڳوٺاڻا پٿر ڪڍي ڇڪي جا پڙ ٺاهي پنهنجي لاءِ روزي ڪمائڻ جو ڪو سامان ڪري وٺندا هئا. قطار جي آخري گهر، جيڪو انهن ڪجهہ گهرن مان هو جيڪي اڃا سلامت هئا، آڏو زمين تي ٽي نامڪمل پٿر پيا هئا. ٻين وانگر اِهو گهر بہ غير آباد هو.

يوري ان ۾ اندر ويو. اجا شام جو ٽاٽو هو. پر ائين لڳو ته جيئن ٺي هُن چائنٽ تي قدم رکيو تيئن هوا جو هڪ جهونڪو گهر ۾ ڪاهي آيو. ڪکن ۽ گاهه جا ڳچا سڄي فرش تي ڦهلجي ويا. ديوار تي لڳل ڪاغذ ڪڙڪڙ ڪرڻ لڳا ۽ سڄو گهر حرڪت ۾ اچي ويو. سڄي ڀهراڙيءَ وانگر اهو به ڪوئن سان ڀريل هو جيڪي چٺني پاسي رڙيون ڪندي ڊوڙي رهيا هئا.

هُو ٻاهر نڪتو. سج ڳوٺ جي پوين ٻنين جي ڪناري لهي رهيو هو ۽ درياءَ جي سامهون واري ڪناري جون ڪاريون ۽ ڀوڙا سج جي گرم سون سان پرجي ويا هئا جن جو جهڪو ڏيندڙ عڪس وهڪري جي وچ تائين پهچي رهيو هو. يوري سڙڪ پار ڪري گاهه تي پيل چڪي جي هڪ پُڙَ تي ويهي رهيو.

هڪ صاف سٿرو وکريل وارن وارو مٿو دريا جي ڪپ وٽ ظاهر ٿيو. پوءِ ان جا ڪلها ۽ پوءِ ٻانهون سامهون آيون. ڪير پاڻيءَ جي بالٽي ڪٽي ٽڪري واري رستي تان مٿي چڙهي رهيو هو .يوريءَ کي ڏسي هُو بيهي رهيو. اجا به رڳو سندس چيلهه ڪان مٿي وارو بدن نظر آيو ٿي.

"تون ڪجهه پاڻي پيئڻ پسند ڪندين. جيڪڏهن تون مون کي ڏڪ نه هڻندين ته آئون به توکي ڏڪ نه هڻندس."

"مهرباني. ها مون کي پاڻي گهرجي. پر ويجهو اچ. ڊڄ نه. آئون توکي ڇو نقصان پهچائيندس."

پاڻي کٽي ايندڙ همراهه پيرن اگهاڙو. ڦاٽل ڪپڙا پاتل ۽ وکريل حلئي وارو نوجوان ڇوڪرو هو.

دوستاڻن لفظن باوجود هُو يوري کي پريشاني ۽ شڪ واري نگاهه سان گهوريندو رهيو. ڪنهن ڪارڻ هُو لاڳيتو جذباتي ٿيندو پئي ويو. نيٺ بالٽي هيٺ رکي هو يوري ڏانهن وڌو پر اڌ رستي ۾ بيهي بڻ بڻ ڪرڻ لڳو ته:

" اهو ناهي، ائين نه ٿو ٿي سگهي، آئون ضرور خواب پيو ڏسان. مون کي معاف ڪجانءِ دوست جيڪڏهن آئون توکان پڇان، پر منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهه آئي آهي ته آئون توکي سڃاڻان ٿو، ها، ها، يقيناً ڇا تون ڊاڪٽر ناهين؟"

"۽ تون ڪير آهين؟"

"ڇا تو مون کي نه ٿو سڃاڻين؟"

"جڏهن آئون ساڻس مليو هوس تہ هوءَ ٺيڪ هئي. هُن تنهنجي ۽ تنهنجي گهر وارن متعلق ٻڌايو. ڇا هن اهو نہ چيو هو تہ هوءَ توهان سان گڏ هتي رهيل هئي يا مون ان کي غلط سمجهيو هو؟"

"يقيناً هوءَ هتي رهيل هئي. يقيناً هوءَ هتي هئي. هُو اسان سان گڏ رهيل هئي. امان کي هوءَ ايڏو پسند هئي جهڙوڪر سندس سڳي ڀيڻ هجي. هوءَ هڪ خاموش ۽ هڪ سٺي ڪارڪن هئي .سٽيءَ جي ڪم ۾ کيس مهارت حاصل هئي. هوءَ جيترو وقت اسان سان رهيل هئي اسان وٽ گهر ۾ هر شيءِ وافر مقدار ۾ موجود هئي. پر ماڻهن ويريتيننيڪي ۾ پنهنجين ڳالهين سان سندس زندگي کي عذاب بڻائي ڇڏيو هو.

ڳوٺ ۾ روتن خارلم جي نالي سان هڪ ماڻهو هو. هُن پوليا کي ريجهائڻ جا جتن شروع ڪيا. هُو ٻين کي بدنام ڪندڙ ۽ گندو ماڻهو هو. پر پوليا کيس اک کڻي بہ نہ ڏسندي هئي. ان ڪري هُو مون سان ٻيو سڙندو هو. منهنجي ۽ پوليا متعلق هُن ڳالهيون هلائڻ شروع ڪري ڏنيون. اٿين ان سڄي ڳالهہ جي شروعات ٿي. نيٺ هُو هلي ويٺي، اِها ڳالهہ سندس سهپ کان ٻاهر ٿي ويئي هئي. اِها اسان جي تڪليفن جي شروعات هئي.

هتي ويجهو هڪ ڀوائتو قتل ٿيو هو. بسڪوٺي ويجهو جهنگ ۾ هڪ گهر ۾ هڪ بيوهہ کي قتل ڪيو ويو هو. هوءَ جهنگ جي ويجهو ٻنيءَ تي پنهنجي ليڪي رهندي هئي. هوءَ الاسٽڪ پٽيءَ وارا مرداڻا جوتا پائي هلندي هئي. وٽس هڪ ڏکي زنجير وارو ڊيڄاريندڙ ڪتو هو. اِهو زنجير ايترو ڏکو هوندو هو جو ڪتو سڄي گهر ۾ گهمي سگهندو هو. هُن ان جو نالو گورلان رکيو هو. هوءَ ٻئي ڪنهن جي مدد کانسواءِ گهر ۽ ٻنيءَ جو سڄو ڪم پاڻ ڪندي هئي. هاتہ گذريل سال سرديون توقع کان اڳ ۾ ئي اچي ويون هيون. برفباري جلدي شروع ٿي ويئي هئي ۽ پوڙهي عورت اڃا پنهنجا پٽاٽا زمين ۾ نہ دٻايا هئا. ان ڪري هو ويريتيننيڪي آئي ۽ چيائين تہ منهنجي مدد ڪيو. آئون اوهان کي ان جي بدلي پٽساٽا پٽاٽن مان حصو ڏيندس.

مون چيو تہ آئون اهو ڪندس پر جڏهن آئون ٻنيءَ تي پهتس تہ روتن خارلم اڳ ئي اتي موجود هو ۽هُن عورت مون کي اهو ٻڌائڻ جي زحمت بہ نہ ڪئي هئي. ها تہ مون کي ساڻس جهيڙو ڪرڻو نہ هو ان ڪري اسان ٻنهي گڏجي ڪم

ڪيو. اها انتهائي گندي موسم هئي. هر پاسي مينهن، برف ۽ گپ چيڪڙ هئي. اسان کوٺائي ڪندا رهياسين ۽ پوءِ اسان پٽاٽن کي دونهن ۾ خشڪ ڪرڻ لاءِ باهه ٻاري. جڏهن اسان ڪم ختم ڪيو ۽ اسان سان بلڪل سٺي نموني ۽ انصاف سان حساب ڪتاب ڪري ورتائين ته هُن روتن خارلم کي وچڻ ڏنو ۽ مون کي اک پچي اهو اشارو ڪيائين ته آئون ترسان يا پوءِ موٽي اچان.

آئون وٽس موٽي ويس ۽ هُن مون کي چيو ته، آئون پنهنجي واڌو پيداوار حڪومت کي نه ٿي ڏيڻ چاهيان. تون هڪ سٺو ڇوڪرو آهين. آئون سمجهان ٿي ته تون مون کي دوکو نه ڏيندين. ڏس آئون توکان ڪابه شيءِ نه پيئي لڪايان. آئون پاڻ ڪڏ کوٽيان ها پر تون ڏس ته ٻاهر ڪهڙي حالت لڳي پيئي آهي. مون ان ۾ گهڻي دير ڪري ڇڏي آهي. هاڻي سردين جي مند آهي. آئون پنهنجي ليکي ان کي سنڀالي نه ٿي سگهان. جيڪڏهن تون ان کي کوٽڻ جو ڪم ڪندين ته تنهنجو کيسو خالي نه رهندو.

اهڙي ريت مون لڪائڻ جي جاءِ لاءِ مناسب نموني ڪڏ ٺاهي. اها جگ جيان هيٺ تر ۾ ويڪري ۽ مٿي سوڙهي هئي. پوءِ اسان وري باهه ٻاري اُن کي گرم ۽ دونهن سان خشڪ ڪيو. اِهو سيڪجهه پرشور برفاني طوفان ۾ ڪيو ويو. پوءِ اسان پٽاٽا ڪڏ ۾ وجهي انهن مٿان مٽي وجهي ڇڏي. اهو نهايت صاف سٿرو ڪم هو. يقيناً مون ڪنهن بني بشر کي هڪ اکر به ان متعلق نه ٻڌايو. ايستائين ته پنهنجي ماءُ ۽ ڀينرن کي به نه. خدا معاف ڪري!

ها ته مشڪل سان ان ڳالهه کي مهينو گذريو هوندو جو اُنهيءَ جاءِ تي ڦرُ ٿي. بسڪوئي مان ايندڙ ماڻهن ٻڌايو ته دروازو بلڪل کليل هو ۽ سڄي جاءِ جو صفايو ٿيل هو. بيوهه جو ڪو پتو نه هو ۽ گورلان به زنجير ٽوڙي ڪيڏانهن ڀڄي ويو هو.

ٿوري عرصي کان پوءِ نئين سال شروع ٿيڻ کان اڳ برف پگهرڻ لڳي. سينٽ باسل جي ڏهاڙي کان اڳ مينهن وٺو جنهن برف کي صاف ڪري ڇڏيو ۽ زمين هيٺان ڪان نظر اچڻ لڳي. پوءِ گورلان اتي موٽي آيو ۽ اُها جاءِ ڳولي ورتائين جتي پٽاٽن کي پوريو ويو هو. برف سڄي صاف ٿي چڪي هئي ۽ هُن زمين کي کوٽڻ شروع ڪيو. هُو کوٽيندو ۽ مٽي ٻاهر اڇليندو ويو. نيٺ سوراخ مان پوڙهي عورت جا پير ظاهر ٿيا جن ۾ الاسٽڪ پٽين وارا اُهي جوتا پاتل هئي جيڪي هوءَ عام طور پائيندي هئي. اِها ڪيڏي نه پوائتي ڳالهه هئي!

ويريتيننيڪي ۾ هر ڪنهن کي پوڙهي عورت لاءِ افسوس هو. ڪنهن کي بہ روتن خارلم تي شڪ نہ هو.ماڻهو ڪيئن متس شڪ ڪري سگهيو ٿي؟ ڪيئن پلا ڪو اهڙي شيءِ متعلق سوچي سگهيو ٿي؟ جيڪڏهن هُن اِهو ڪم ڪيو هجي ها تہ ڇا هو ويريتينسڪي ۾ رهڻ جي همت ڪري ۽ ڳوٺ ۾ ائين گهمندو ڦرندو وتي ها. ماڻهن سوچيو تہ هُو ضرور ڀڄي وڃي ها. هُو ويريتينسڪي کان ايترو پري ڀڄي وڃي ها جيترو هُو وڃي سگهي ها.

ڳوٺ ۾ جيڪي ان قتل تي خوش هئا اُهي اتان جا زميندار هئا. انهن سوچيو تہ هاڻي ڳوٺ ۾ گڙٻڙ ڪرائڻ لاءِ بهترين موقعو آهي. انهن ماڻهن کي چيو تہ ڏسو اهو شهر جي ماڻهن توهان سان ڪيو آهي. انهن اهو توهان کي هڪ سو هڪ تنبيهون ڏيڻ لاءِ ڪيو آهي تہ جيئن توهان پنهنجو اناج نہ لڪايو ۽ پنهنجا پٽاڻا نہ پوريو. توهان جو خيال آهي تہ اهو جهنگ مان آيل ڏاڙيلن جو ڪم آهي، اها اوهان جي خام خيالي آهي! توهان بس ائين ئي ڪيو ٿا، جيئن شهري ماڻهو اوهان کي چون ٿا. انهن جا تمام گهڻا ٻيا ارادا آهن. اُهي هر شيءِ کڻي ويندا ۽ توهان کي بک ماريندا. جيڪڏهن اوهان ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ اوهان لاءِ ڇا چڱو آهي تہ پوءِ اسان جي ڳالهہ ٻڌو. اسان اوهان کي عقل جي ڳالهہ ٻڌائينداسين. جڏهن اهي توهان وٽ اهو کڻڻ لاءِ اچن جيڪي اوهان پنهنجي محنت سان ڪمايو آهي تہ کين چئو تہ واڌو پيداوار تہ ڇا وٽن تہ ڪڻڪ جو هڪ داڻو بہ ڪونهي ۽ جهيڙي جي صورت ۾ پنهنجون ڏانداريون استعمال ڪيو. جيڪڏهن ڪو بہ ڳوٺ جي فيصلي جي خلاف ٿو وڃي تہ اُن تي ڪرڙي نظر رکي وڃي! پوڙهن همراهن ڳالهايو ۽ ڳوٺ ۾ گڏجاڻيون منعقد ڪيائون. اهو ئي روتن خالم کي گهربل هو. هُو سڌو پنهنجي کهاڻي ٻڌائڻ لاءِ شهر روانو ٿي ويو.

”ڳوٺ ۾ چڱيون ڳالهيون پيون ٿين.“ هن چيو. ”۽ اوهان ان جي باري ۾ ڇا ٻيا ڪيو؟ اسان کي غريبن جي هڪ ڪميٽي جي ضرورت آهي. مون کي اجازت ڏيو ۽ آئون کين هڪ ٻئي خلاف ڀيهارڻ ۾ دير ئي نہ ڪندس.“ پوءِ هُو ٻئي ڪيڏانهن هليو ويو ۽ وري ڪڏهن اسان جي هن تر ۾ نظر نہ آيو.

پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو اُهو پنهنجي ليکي ئي ٿيو. ڪنهن ان لاءِ ڪجهہ نہ ڪيو هو. ڪنهن کي بہ ان لاءِ ڏوهہ نہ ٿو ڏيئي سگهجي. انهن شهر مان ڳاڙهي فوج جا همراهہ موڪليا ۽ انهن هتي اچي عدالت قائم ڪئي. انهن روتن خالم

جي منهنجي متعلق ٻڌايل ڳالهين ڪري مون کان ٿي شروعات ڪئي. انهن جو چوڻ هو تہ پورهئي واري ڪم کان دوکي سان پڄي نڪتو هوس ۽ اهو آئون هوس جنهن پوڙهي عورت کي قتل ڪري ڳوٺ کي مشتعل ڪيو هو. انهن مون کي بند ڪري ڇڏيو پر خوش قسمتيءَ سان مون ۾ اِيتري سمجهہ هئي جو فرش جو هڪ تختو هٽائي اتان پڄي نڪتس. آئون پراڻي کڏ واري غار ۾ لڪي ويس. ڳوٺ کي منهنجي هوندي باهہ ڏني ويئي ۽ مون وري ڪڏهن ان کي نہ ڏٺو. منهنجي ماءُ برف جي کڏ ۾ پاڻ کي ٻوڙي ماريو ۽ مون کي ڪا خبر ئي نہ پيئي. اِهو سيڪجهہ پنهنجي ليکي ٿيو. انهن ڳاڙهي فوج جي همراهن کي هڪ گهر ۾ رهائي ڪين ووڊڪا ڏني ۽ اهي سڀ نشي ۾ ٽن ٿي ويا. رات ۾ لاپرواهي ڪري گهر کي باهہ لڳي جيڪا هڪ کان ٻئي تائين ٿيندي گهرن کي وڪوڙي ويئي. جڏهن اها شروع ٿي تہ اسان جي ڳوٺ جا همراهہ ٽپي پنهنجن گهرن مان نڪتا ۽ پڄي ويا. پر شهر جا ماڻهو، اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکجانءِ تہ ڪنهن بہ ڪين باهہ نہ ڏني هئي، سڙي مري ويا. ڪنهن اسان جي ماڻهن کي پڄي وڃڻ يا پنهنجن ٻريل گهرن کان پري رهڻ لاءِ چيو هو.پر اهي ڊنل هئا تہ متان ڪا شيءِ ٿي نہ پوي. وڏن زميندارن اهو افواهہ هلايو هو تہ هر ڏهين ماڻهو کي پڪ سان گولي هڻئي ويندي. جڏهن آئون غار کان ٻاهر نڪتس تہ اُهي سيئي وڃي چڪا هئا. مون کي ڪو ذي روح نظر نہ آيو. اُهي سڀ ڪٿي ڏڪاڪائي رهيا آهن.

(5)

يوري ۽ واسيا 1922ع جي بهار جي مند ۾ نئين معاشي پاليسي جي شروعات وقت ماسڪو پهتا. موسم چڱي ۽ گرم هئي. سورج جا ڪرڻا "چوٽڪارو ڏيارينڌڙ جي گرجا" جي گنبذ کان ٿيندي هيٺ چوواٽي تي پئجي رهيا هئا جتي پيادل هلڻ واري رستي جي پٿرن وچ ۾ سوراخن ۾ گاهہ اسري رهيو هو.

خانگي ڪاروبار تان پابندي هٽائي ويئي هئي ۽ ڪجهہ محدود حدن اندر واپار جي اجازت ڏني ويئي هئي. ان معمولي منڊيءَ ۾ اڳرين ۽ هڏين جيّ واپارين جي ڏنڌي موجب سود ا ٿيندا هئا. جنهن ۾ پڻ سندن ڪميٽاٽپ جي ڪري سٽي بازي ۽ نفعي خوري وارو عنصر داخل ٿي ويو هو.ان ڪاروبار جي نتيجي ۾ نہ تہ ڪا نئين دولت پئي پيدا ٿي ۽ نہ ئي ان شهر جي گدلاڻ ختم ڪرڻ ۾ ڪو ڪردار

پئي ادا ڪيو. پر رڳو انهن شين جي بيڪار وڪري ۽ وري وڪري مان ناڻو ڪمايو پئي ويو جيڪي اڳ ۾ ئي ڏزن ڀيرا وڪرو ٿي چڪيون هيون.

گهٽين واجبي قسم جي خانگي لائبريرين جي مالڪن طاقن تان پنهنجا ڪتاب لاهي هڪ جاءِ تي ڪٺا ڪري ڇڏيا هئا. انهن شهر جي ڪائونسل کي لکيو ته انهن ڪتابن جي هڪ سهڪاري تنظيم قائم ڪرڻ چاهي ٿي. انهن جاءِ لاءِ درخواست ڏني ۽ کين جوتن جي دڪان جو ڪو گودام يا ڀاڃين وارو ڪو دڪان، جيڪي انقلاب جي پهريئن مهيني کان خالي پيا هئا، ملي ويا. اُتي انهن پنهنجن ڪتابن جي ننڍن ۽ بي ترتيب ذخيرن کي وڪڻڻ شروع ڪيو.

پروفيسرن جون زالون جيڪي اڳوڻن ڏکين ڏينهن ۾ لڪل نموني قاعدن قانونن جي برخلاف سفيد روٽيءَ جا رول ٺاهي وڪڻنديون هيون، هاڻي کليل نموني اهڙي دڪان ۾ جيڪو اڳ ۾ حاصل ڪيو ويو هو پر سالن کان بند پيو هو، اِهو ڪاروبار ڪري رهيون هيون. اهي بدلجي ويون هيون. انقلاب کي قبولي ورتو هئائون ۽ هاڻي بچائي "ها" يا "تمام سٺو" جي بجاءِ "هڪ يقيني ڳالهه" چونديون هيون.

ماسڪو پهچڻ تي يوري چيو:

"واسيا توکي ڪونه ڪو ڪم ضرور ڪرڻو پوندو."

"آئون پڙهڻ چاهيندس."

"اهو نه چوڻ جي ضرورت ئي ناهي."

"منهنجو پيو خواب پنهنجي يادگيري مان پنهنجي ماءُ جي تصوير ٺاهڻ آهي."

"اهو پڻ هڪ سٺو خيال آهي. پر ان جي لاءِ توکي اهو سکڻو پوندو ته تصوير ڪيئن ٺاهبي آهي. تو ڪڏهن ڪوشش ڪئي آهي؟"

"جڏهن آئون پنهنجي چاچا وٽ ڪم سکندو هوس ته ان وقت جڏهن سندس مون تي نظر نه هوندي هئي آئون ڪوئلي سان ڪيڏڻ لڳندو هوس."

"ٺيڪ آهي، چو نه؟ اسان ڏسندا سين ته ان متعلق ڇا ٿو ڪري سگهجي."

"واسيا هڪ مصور طور ڪنهن گهڻي قابليت جو مظاهرو نه ڪيو پر منجهس هڪ ڪاريگر طور تربيت وٺڻ جي جوڳي صلاحيت موجود هئي. پنهنجن دوستن پهرين ته هُن عام مضمون پڙهيا ۽ پوءِ ڇپائي، جلد ۽ ڪتابن جي ڊيزائين ٺاهڻ ۾ مهارت حاصل ڪيائين.

مارڪيل هاڻي اتي نہ هو. هُو هاڻي ترقي ڪري ويو هو ۽ ڪيپس مجنوئي گوروڊ [جتي سوينتتسڪي خاندان ڪڏهن رهندو هو] واري گهر جو مئنيجر مقرر ڪيو ويو هو. مئنيجر جو فليٽ سندس حوالي ڪيو ويو هو پر هُن نوڪر واري ڪمري ۾ رهڻ ڪي پسند ڪيو هو جنهن جو پٽ تہ پيسيل مٽيءَ سان ٺهيل هو پر جنهن جا پاڻي جا پنهنجا ڏار پائيپ هئا ۽ جتي هڪ وڏو روسي چلهو لڳل هو. فليٽ ۾ سردين ۾ سڀ پائيپ ۽ گرمي پهچائيندڙ ريڊيئيٽر ڦاٽي پوندا هئا جڏهن تہ نوڪر وارو ڪمرو هميشہ گرم ۽ خشڪ رهندو هو ۽ نلن ۾ پاڻي ايندو رهندو هو.

هڪ اهڙو وقت آيو جڏهن يوري ۽ واسيا جي دوستي سرد مهري جو شڪار ٿي ويئي. واسيا گهڻو اڳتي وڌي چڪو هو. هُو هاڻي ڦاٽل ڪپڙن، اگهاڙن پيرن ۽ بي ترتيب خُلئي وارو ويريتيننيڪي مان آيل ڇوڪرو نہ رهيو هو. انقلاب جي سچائين جي وضاحت ۽ ثبوتن ڪيس پاڻ ڏانهن وڌ ۾ وڌ ڇڪيو پئي ۽ يوري جي ڳالهين جو ابهام ۽ ان جون تشبيهون ۽ استعارا ڪيس غلط ۽ تباهيءَ جو سڏ ٿي لڳا. ان ڪري ان ڪمزوريءَ کي سمجهندي هو ڪانئس لنوائيندو رهندو هو.

يوري مختلف سرڪاري ادارن سان لاڳاپي ۾ رهندو هو. هُو بہ شيون حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل هو. پنهنجي گهر وارن جي سياسي بحالي ۽ سندن لاءِ روس موٽڻ جي اجازت سان گڏوگڏ پنهنجي لاءِ پرڏيهہ وڃڻ جو پاسپورٽ ۽ پنهنجن گهر وارن کي پيرس مان وٺي اچڻ جي اجازت."

واسيا ان ڳالهہ تي اچرج ۾ هو تہ سندس ڪوششون ڪيترو نہ بي دلي ۽ سرد مهري تي ٻڌل هيون. يُوري هميشہ اهو سمجهڻ ۾ تڪڙ ڪندو هو تہ سندس ڪوششون ناڪام ٿي ويون هيون. هن تمام گهڻي يقين ۽ تقريباً پوري اطمينان سان وڌيڪ جاکوڙ ڪرڻ جي بيڪار هئڻ متعلق ڳالهايو ٿي."

واسيا کي اڪثر يوريءَ ۾ غلطيون نظر آيون ٿي. جيتوڻيڪ يوري پاڻ تي ٿيندڙ جائز تنقيد تي ناراض نہ ٿي ٿيو پر واسيا سان سندس ناتا ڏيري ڏيري خراب ٿيندا پئي ويا. نيٺ سندن دوستي ختم ٿي ۽ انهن هڪ ٻئي جو ساٿ ڇڏي ڏنو. يوري ان ڪمري مان هليو ويو جتي هُو واسيا سان گڏ رهندو هو.

هُو مجنوئي گوروڊ هليو ويو جتي مارڪيل جو راڄ هو ۽ هن ڪيس ان فليٽ، جتي سوينتسڪي وارا رهندا هئا، جي پويان هڪ ڪنڊ مخصوص ڪري ڏني، جيڪا هڪ زبون حال غسل خاني، هڪ دريءَ واري هڪ ڪمري ۽ خراب حالت

واري رڌڻي تي مشتمل هئي. ان جو رستو پويان ڪان هو. هتي اچڻ ڪان پوءِ يوري طب جي ڪم کي ڇڏي ڏنو. پنهنجو پاڻ کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. دوستن سان ملڻ ڇڏي ڏنائين ۽ گهڻي غربت ۾ زندگي گذارڻ لڳو.

(6)

اهو سردين جو هڪ جهڙالو آچر هو. چتن مان دونهن ۽ درين مان، ان حڪم نامي جي باوجود ته انهن کي رڌپچاءَ جي چلهن جيٰ پائيپن کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي، ڪاري ٻاڦ ٻاهر اچي رهي هئي. شهري سهولتون اڃا تائين بحال نه ڪيون ويون هيونٰ. مچنوئيٰ گورو ٻجا مسواڙي وهنجڻ سهنجڻ ڪان سواءِ زندگي گذاري رهيا هئا. ڪين ڦرڙيون، ٽڌ ۽ زڪام ٽي پيو هو.

جيئن ته اهو آچر جو ڏينهن ان ڪري مارڪل سچاپوف ۽ سندس سڀ ياتي گهر ۾ ئي هئا.

اهي رڌڻي جي وڏي ميز تي ماني کائي رهيا هئا. گذريل ڏينهن ۾ ساڳي ميز تي جڏهن روٽي راشن تي ملندي هئي، سيني مسواڙين جا ڪوپن گڏ ڪري انهن جي ڪات ڪوٽ ۽ چنڊ چاڻ ڪري، صبوح جو بيڪريءَ تي ڪٽي وڃڻ ڪان اڳ، انهن جي درجي بندي ڪري ڪاغذ جي ٽڪڙن ۾ ويڙهيو ويندو هو يا انهن جا بنڊل ٺاهيا ويندا هئا. هتي ئي جڏهن بيڪريءَ تان روٽي ايندي هئي ته ان کي وڍي، ٽڪڙن ۾ ورهائي، وزن ڪري مقرر ڪيل راشن مطابق ورهايو ويندو هو. پر هاڻي اِهو سڀ رڳو هڪ يادگيري هئي. خوراڪ جي راشن واري نظام جي جاءِ تي ضابطي جون ٻيون صورتون اچي ويون هيون. سچاپوف گهراڻي وارا پنهنجي ٻنپهرن جي ماني چاٻا ڏيئي، چٻاڙي مزي سان پيٽ پري کائي رهيا هئا.

اڌ ڪمري ۾ ته وڏو روسي چلهو پيل هو. اِهو ڪمري جي وچ ۾ هو ۽ جي جنهن جي مٿان بستر لڳل هئا ۽ پاسن ڪان ڪمبل لٽڪي رهيا هئا.

دروازي جي ويجهو ديوار مان نڪتل هڪ نل هو [جنهن مان واقعي پاڻي آيو ٿي] جنهن جي هيٺان هڪ گيندي لڳل هئي. ڪمري جي ٻن پاسن ڪان بئنچون پيل هيون جن جي هيٺان گهر وارن جو سامان پٽين ۾ بنڌلن ۾ ٻڌل رکيل هو. ميز ڪاٻي پاسي هو جنهن جي مٿان پليٽن رکڻ جو تختو لڳل هو.

ڪمرو گهڻو گرم هو. چلهو پوري رفتار سان هلي رهيو هو. اُن جي آڏو مارڪيل جي زال اگاٿا بيٺي هئي. سندس قميص جون ٻانهون ٺونٺ کان مٿي ڪڇيل هيون ۽ هوءَ ٻن ڊگهن چمٽن سان رڌ پچاءَ وارن ٿانون کي ٻنيءَ ۾ وجهي ۽ ضرورت موجب انهن کي هڪ ٻئي سان گڏي يا ڌار ڪري رهي هئي.سندس پگهريل منهن گهڙي ٻنيءَ جي شعلي سان چمڪي ٿي اٿيو ۽ گهڙي رڌ پچاءُ واري ٻاڦ ڪري ڌنڌلائجي ٿي ويو. ٿانون کي هڪ پاسي ڪري هُن انهن جي پويان لوهه جي پليٽ تي گوشت جو ٽڪرو ڪڍي ۽ ان کي اٿلائي وري ان کي ڳاڙهي ٿيڻ لاءِ اندر رکي ڇڏيائين. يوري ٻن ٻالٽين سانْ اندر داخل ٿيو.

”واه. اها خوشبو ته بک تي وڌائي.“

”تڪلف نه ڪر. ويهي رهو ۽ اسان سان ماني کاءُ.“

”مهرباني آئون کائي چڪو آهيان.“

”اسان کي خبر آهي ته تون ڇاڪي ٿو ماني چئين. تون پلا چو نه ٿو ويهي ڪجهه گرماگرم کائين؟ توکي پنهنجي نڪ بند ڪرڻ جي ضرورت ناهي، اهو سنو ڪاڏو آهي پڳل پٽاٽا، ماني ۽ گوشت.“

”نه، واقعي وڏي مهرباني توهان جي. مون کي دروازي کولڻ ۽ ٿڌ کي اندر اچڻ ڏيڻ لاءِ معاف ڪجو. آئون ايترو پاڻي ڪڻڻ چاهيان ٿو جيترو ڪڻي سگهان. مون حوض کي صاف ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي آئون ان ۾ ۽ ٽب ۾ پاڻي ڀري رهيو آهيان. آئون ڇهه ڪن ڀيرا وري به ايندس ۽ پوءِ اوهان کي هڪ ڊگهي وقت تائين تڪليف نه ڏيندس. مون کي توهان کي اهڙي تڪليف ڏيڻ لاءِ معاف ڪجو پر مونکي ٻئي ڪٿان پاڻي ملي نه پيو سگهي.“

”تون پلي ڀري وٺ. جيڪڏهن تون شربت گهرين ها ته اسين توکي ڪجهه به نه ڏيئي سگهون ها پر پاڻي جام آهي. جيترو توکي گهر جي اوترو ڪڻي وڃ. اسان توکان ان جي قيمت به نه وٺنداسين.“

انهن سيني ٺهڪ ڏنو.

جڏهن يوري ٽيون ۽ چوٿون ڀيرو پنهنجيون ٻالٽيون ڀرڻ آيو ته لهجو تبديل ٿي چڪو هو.

”منهنجا نائي مون کي پڇندا رهندا آهن ته تون ڪير آهين. مون کين ٻڌايو پر اهي مون تي اعتبار نه ٿا ڪن. تون پاڻي ڀريندو رهه. منهنجي ڳالهين تي ڌيان نه

ڏي. بس رڳو ڇڻ اهو ڌيان رک تہ پٽ تي نہ هارجان! جيڪڏهن اُهو ڇمي ويو تہ پوءِ تون پارائي ڪٽي ان کي ڪرچڻ لاءِ نہ ايندين. پوڪ، ٻُڌ. دروازو بند ڪري وچ هوا تي اندر اچي. ها تہ مون انهن کي ٻڌايو پئي تہ تون ڪير آهين پر انهن کي منهنجي ڳالهہ تي يقين نہ پيو اچي جيڪي پيسا توتي خرچ ٿيا! اُها سڄي پڙهائي ۽ آئون ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ ان توکي ڪٽي آٽي بيهاريو آهي.

جڏهن يوري پنجون ۽ ڇهون پيرو اندر آيو تہ مارڪيل تپي ڳاڙهو ٿي ويو.

"بس هاڻي رڳو هڪ پيرو ٻيهر ۽ پوءِ تون اهو بند ڪر. هر شيءِ جي حد هوندي آهي، پوڙها ماڻهو. جيڪڏهن اسان جي ننڍي ميرينا تنهنجو خيال نہ ڪري ها تہ آئون ڪڏهوڪو دروازو بند ڪري چڪو هجان ها. توکي اسان جي ميرينا ياد آهي يا نہ ؟ ڏس اها جنهن جو رنگ ڪارڙو آهي ۽ ميز جي پڇاڙيءَ ۾ ويٺي آهي. ڏس هوءَ سڄي ڳاڙهي ٿي ويئي آهي.

"باباڪيس ڏکوءِ نہ." هوءَ مون کي چوندي رهندي آهي. جيئن ڪو واقعي توکي ڏک ڏيڻ چاهيندو هجي. هوءَ مرڪزي ٽپال گهر تار ۾ موڪلڻ وارو ڪم ڪندي آهي، ڪيس پرڏيهي ٻولينون بہ اچن ٿيون. "هي بدقسمت آهي." هوءَ چوندي آهي. ڪيس توسان ايڏي همدردي آهي جو هوءَ تنهنجي لاءِ باهہ ۽ پاڻيءَ مان گذري ويندي جيئن اهو منهنجو ڏوهہ آهي تہ تون غريب آهين! توکي هڪ خراب وقت ۾ ماٺ ميٺ ۾پنهنجو گهر ڇڏي سائيبيريا هليو وڃڻ نہ گهربو هو. اها تنهنجي پنهنجي غلطي هئي. هتي اسان کي ڏس، اسان ڏڪار ۽ سفيد روسين جي ناڪابندي دوران ڊڄي ڀڄڻ بجاءِ هتي ٿي رهياسين. ان ڪري اسان هتي محفوظ ۽ مضبوط آهيون. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ ڏي. جيڪڏهن تون تونيا جو مناسب خيال رکين ها تہ اها اڄ پرڏيهہ ۾ ائين رلندي نہ وتي ها. بهرحال اهو تنهنجو معاملو آهي. منهنجو ڇا وڃي. مون کي معاف ڪجانءِ، آئون رڳو اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿو تہ تون ان سڄي پاڻيءَ جو ڇا ڪندين؟ اسڪيٽنگ لاءِ برف جي فرش ناهڻ جي مزدوري ملي آهي يا ٻيو ڪجهہ آهي؟ تون ۽ تنهنجو پاڻي. تون تہ اڳ ۾ ئي اهڙي پنل ڪڪڙ ٿيو پيو آهين جو آئون توتي ڪاوڙجي بہ نہ ٿو سگهان!"

وري سواءِ ميرينا جي سيني ٺهڪ ڏنو. هُن ڪاوڙ مان چوڏاري ڏنو ۽ ڦاٽي پيئي. يوري سندس آواز ٻڌي حيران ٿي ويو. حالانڪ هُو اهو نہ پئي چئي سگهيو تہ منجهس ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن کيس متاثر ڪيو هو.

"مارڪيل، مون کي گهر ۾ گهٽي صفائي ڪرڻي آهي. هون کي فرش ڌوئڻ سان گڏوگڏ پنهنجي ڪجهه شين کي به ڌوئڻو آهي."

مارڪيل جا گهر پاتي اهو جواب ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويا.

"ڪرڻ ته وڏي ڳالهه آهي توکي اهو چوندي به شرم اچڻ گهرجي. تون پوءِ چيني ڌوبي وارو دڪان کوليندين."

"آئون پنهنجي ڌيءَ کي مٿي موڪليان ٿي." اگاتا چيو. "هوءَ فرش صاف ڪرڻ، ڪپڙن ڌوئڻ ۽ جيڪڏهن ڪو سوئي ٽوپي جو ڪم آهي ته ڪري ڏيندي. توکي منهنجي پياري ڪانئس ڏچڻ جي ضرورت ناهي. تون ڏسي سگهين ٿي ته سندس ڪيڏي سٺي پرورش ٿيل آهي، هو ته هڪ مَک کي به ايذاءُ نه ٿو پهچائي سگهي."

"تو اها کهڙي ڳالهه ڪئي آهي اگاتا ماخائيلوونا. آئون ميرينا کان فرش ڌوئارڻ جو سوچي به نه ٿو سگهان. هُو پلا منهنجي لاءِ پنهنجن هٿن کي چو گندو ڪندي، آئون پاڻ ٿي اِهو ڪري وٺندس."

"چا اهو ائين آهي ته تون ته پنهنجا هٿ خراب ڪري سگهين ٿو ۽ آئون نه ٿي ڪري سگهان؟" ميرينا وچ ۾ ڳالهايو. "پاڻ کي ايڏو ڏکيائين ۾ نه وجهه يوري آندريوچ. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن آئون مٿي تو سان ملڻ اچان ته تون مون کي لوڏي ته نه ڪڍندين؟"

ميرينا جي هڪ ڳائڻي طور تربيت ٿي سگهي ٿي. وٽس هڪ اعليٰ درجي ۽ قوت واري نج ۽ صوتياتي آواز هئي. سندس آواز تيز ۽ بلند نه هو پر ان مان اهو تاثر مليو ٿي ته اهو عام ڳالهه ٻولهه لاءِ گهربل آوا زکان وڌيڪ مضبوط هو. اِهو سندس وجود جو حصو نه پر ائين لڳو ٿي ڄڻ ان جو پنهنجو ڪو ڌار وجود هجي! اهو سندس پويان يا ٻئي ڪمري مان ايندي لڳو ٿي. سندس آواز سندس تحفظ،سندس محافظ ملائڪ هو. اهڙي آواز واري عورت کي ڪير به ڏکوئڻ يا ايذاءُ ڏيڻ نه چاهيندو.

اهڙيءَ ريت آچر وارن ڏينهن تي پاڻي کڻڻ کان يوري ۽ ميرينا اجي دوستيءَ جي شروعات ٿي. هوءَ اڪثر وٽس اچي گهر جي ڪم ڪار ۾ سندس مدد ڪندي هئي. هڪ ڏينهن هوءَ ساڻس رهي پئي ۽ وري موٽي پنهنجي گهر نه ويئي. اهڙي ريت هوءَ ان جي باوجود ته هُن پنهنجي پهرين زال کي طلاق نه ڏني هئي ۽ انهن

پنهنجي شادي رجسٽر بہ نہ ڪرائي هئي، يوريءَ جي ٽين زال ٻڇي ويئي، ڪپن ٻار ٿيا. مارڪيل ۽ اگاٿا پنهنجي ڏيءَ جي ڊاڪٽر جي زال هجڻ متعلق فخر سان ٻڌائيندا هئا. سندس پيءُ پيو بڪ بڪ ڪندو هو تہ سندس ڌيءَ جي مناسب نموني سان نہ تہ چرچ ۾ شادي ٿي ۽ نہ ئي رجسٽري ۾. پر اگاٿا چوندي هئي تہ "ڇا تنهنجو مٿو ڦري ويو آهي؟ ٽونيا جي اڃا جيئري هوندي اهو ٻن زالن وارو معاملو ٿي ويندو." "مٿو تنهنجو ڦري ويو آهي." مارڪيل چوندو هو. "ٽونيا جو ان سان ڇا وڃي؟ اها تہ ائين آهي جڻ مئل هجي. سندس تحفظ لاءِ ڪو قانون ناهي."

يوري ڪڏهن ڪڏهن مذاق ۾ چوندو هو تہ سندن ويهہ بالٽين جو پيار هو جيئن ڪو ويهہ بابن تي ٻڌل ناول هوندو آهي.

ميرينا يوري کي سندس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ عجيب عادتن، گهر ۾ سندس پاران ڦهلايل گندگي ۽ بدنظمي، سندس ذهني ڪيفيتن ۽ پورن لاءِ معاف ڪري ڇڏيو هو. اهي اهڙي ماڻهوءَ جا ڪم هئا جنهن پنهنجو پاڻ کي حالتن جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ۽ ان ڳالهہ کي ڄاتو بہ ٿي. هوءَ سندس ٻڻ ٻڻ سندس مزاج ۽ سندس ڪاوڙ کي بہ سهي ويندي هئي.

هوءَ سندس اڃا وڌيڪ خيال رکڻ لڳي هئي. اڪثر هو سندس ڪوتاهين ڪري غربت جو شڪار ٿي ويندا هئا ۽ اهڙن موقعن تي کيس اڪيلو نہ ڇڏڻ جي خيال کان هوءَ بہ ٿيپال گهر ۾ پنهنجي نوڪريءَ تي وڃڻ ڇڏي ڏيندي هئي [اتي خوش قسمتيءَ سان سندس ڪم جو گهڻو قدر ڪيو ويندو هو جنهن جي ڪري سندس مجبوري ڪري ٿيل غير حاضري کان پوءِ کيس هميشہ نوڪري تي بحال ڪيو ويندو هو] يوريءَ جي جي گهرجن جو پورائو ڪرڻ لاءِ هو ساٿس گڏ ٻاهر وڃي بين جي گهرن ۾ مختلف ڪم ڪندي هئي. اهي عمارت جي مختلف ماڙن تي گهٽن مسواڙين لاءِ ڪاٺ وڍيندا هئا. منجهانئن ڪجهہ خاص طور تي اهڙا ماڻهو جن نئين معاشي پاليسيءَ جي شروعات ۾ نڪي ۽ بي ايماني ذريعي دولت ڪمائي هئي ۽ اهي فنڪار ۽ عالم جيڪي سرڪار جي ويجهو هئا پنهنجن گهرن کي سهڻي ۽ شاندار نموني ناهي رهيا هئا. هڪ ڏينهن يوري ۽ ميرينا پنهنجا بجن وارا جوتا پايو ڪاٺ کڻي احتياط سان قدم کڻندي، تہ جيئن ڪاٺ جي ٻوريءَ سان گلم خراب نہ ٿئي، هڪ مسواڙي جي مطالعي جي ڪمري ۾ داخل ٿيا پر هو ڪين نظر انداز ڪندي ڪنهن شيءِ جي پڙهڻ ۾ ئي محو رهيو ۽ مٿن پليڪار جي هڪ

نظر به نه وڌائين. اها سندس زال هئي جنهن اُها شيءِ گهرائي هئي ۽ ساڻن ڳالهه ٻولهه به هُن ئي ڪئي.

"هي سوئٽر نيٽ ايڏي غور سان پيو پڙهي؟"يوريءَ سوچيو. اهو عالم نهايت شدت سان ڪتاب جي حاشين تي ڪجهه لکي رهيو هو. جيئن هُو ڪاٺين جو بندل ڪٽي وٺائس لنگهيو تيئن مٿس هڪ نظر وڌائين. ميز تي انهن ڪتابڙن مان، جيڪي هُن لکيا ۽ واسيا ڇاپيا هئا، هڪ ڪتابچي جو اڳوڻو ڇاپو پيو هو.

(7)

هاڻي يوري ۽ ميرينا سپريدونووڪا واري رستي لڳ رهي رهيا هئا. گورڊن جو ويجهو بروني سڙڪ تي ڪمرو هو. ميرينا ۽ يوريءَ کي به ڌيئرون، ڇهن سالن جي ڪاپڪا (ڪيپي ٽولنا) ۽ ڇهن مهينن جو ٻار ڪلازڪا (ڪلاڊيا) هيون.

1929 جي گرمين جي منڊ وارا شروعاتي ڏينهن انتهائي گرم هئا. اُهي جيڪي هڪ ٻئي کان ٻن ٽن گهٽين جي مفاصلي تي رهندا هئا سي هڪ ٻئي سان ملڻ لاءِ ٽوپي ڪانسواءِ ۽ رڳو قميص ۾ ئي هليا ايندا هئا.

گورڊن جو ڪمرو ان عجيب و غريب عمارت جو حصو هو جيڪا ڪڏهن هڪ فيشن وارا ڪپڙا سبڻ واري درزي جي جاءِ هئي. دڪان گول ڏاڪڻ سان ڳنڍيل ٻن منزلن تي ٻڌل هئي. ٻنهي مان ساڳي شيشي جي وڏي دريءَ مان جنهن تي درزي جو نالو ۽ پيشو سونهري اکرن ۾ لکيل هئا. سڙڪ نظر آئي ٿي.

هاڻي ان جاءِ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو هو. هيٺئين ۽ مٿئين حصي جي وچ ۾ جاءِ ۾ فرش تي تختا هڻي هڪ ٻيو ڪمرو ٺاهيو ويو هو. رهڻ واري ڪمري جي لحاظ کان ان جي دري عجيب هئي جيڪا فرش کان شروع ٿي ٽي فوٽ مٿي تائين هئي ۽ ان جو هڪ حصو درزيءَ جي دڪان جي باقي رهيل نالي جي اکرن سان ڍڪيل هو. ٻاهران اکرن جي وچ ۾ وٿين مان ڪمري ۾ ڪوبه مٿهو گوڏن تائين ڏسڻ ۾ آيو ٿي. اهو گورڊن جو ڪمرو هو. هيٺئر ساڻس گڏ زواگو، دودوروف، ميرينا ۽ ٻار، جيڪي وڏن جي برخلاف شيشي مان پوري ريت نظر آيا ٿي، موجود هئا. ميرينا هنن ٽنهي کي اڪيلو ڇڏي جلد ئي ننڍين ڇوڪرين کي وٺي اتان هلي وئي.

اُهي گرمين جي منڊ جي اهڙي پرسڪون ۽ مزي واري ڳالهه ٻولهه ۾ رڌل هئا جيڪا رڳو اهڙا ئي همراهه ڪري سگهندا آهن، جيڪي اسڪول ۾ گڏ هوندا آهن ۽ جن جي پويان دوستيءَ جا اڻ ڳڻيا ورهيه هوندا آهن.

اهڙا ماڻهو جن وٽ پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ لفظن جو گهربل ذخيرو موجود هوندو آهي فطري طور ۽ ربط سان ڳالهائيندا آهن. هتي رڳو يوري ئي اهڙي حيثيت ۾ هو.

سندس بيئي دوست هميشه پنهنجي اظهار ڪرڻ ۾ ڪتي پوندا هئا. لفظن جي گهٽتائي کي پوري ڪرڻ لاءِ انهن ڪمري ۾ اچ وڃ ڪرڻ، سگريٽن جا سوٽا هڻڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي ورجائڻ [اهو واضح طور بي ايمان آهي، پوڙهو همراهه. بي ايمان، ها، ها، اهو ائين ئي آهي، بي ايمان.] تي شروع ڪيو.

انهن نه ٿي چاتو ته سندن ناٽڪ ڪرڻ جي اها گهٽائي سندن گرم جوشي ۽ وسعت کي ظاهر ڪرڻ جي برخلاف سندن ڪمزوري ۽ذهني مفلسي کي ظاهر ڪيو ٿي.

گورڊن ۽ دودوروف بيئي يونيورسٽي جي سٺن حلقن ۾ اٿيا وينا هئا. انهن پنهنجي حياتي سٺن ڪتابن، سٺن مفڪرن، سٺن موسيقارن ۽ موسيقي، جيڪا جيترو ڪالهه چڱي هئي اوترو اڄ به هئي [بلڪ هميشه چڱي هئي] ۾ گذاري هئي. انهن اهو نه ٿي ڄاتو ته ڪنهن شيءِ جي سراسري ذوق هئڻ جي بدقسمتي اها آهي ته اهو گهٽي حد تائين ڪنهن ذوق نه هئڻ کان به وڌيڪ بدتر هوندو آهي.

دودوروف ۽ گورڊن مان ڪنهن اهو نه ٿي سمجهيو ته يوري کي ڪيل سندن نصيحتون سندس ڪردار تي اثرانداز ٿيڻ واري دوستاڻي خواهش کان وڌيڪ سندن آزادي سان سوچي سگهڻ يا ڳالهه ٻولهه کي آزاد نموني هلائڻ جي صلاحيت نه هئڻ ڪري هيون. ڊار تي ويل گاڏي جيان اهو ڪين اتي وٺي وڃڻ ۾ ناڪام ويو هو جتي انهن وڃڻ چاهيو ٿي. ان جي رخ موڙي نه سگهڻ ڪري جلد يا بدير انهن کي ڪنهن شيءِ سان ٽڪرائڻو هو ۽ اهي يوري سان ٽڪرائي مٿس پنهنجن واعظن ۽ هدايتن جو مينهن وسائڻ لڳا هئا.

يوري روشن ڏينهن وانگر اهو ڄاتو ٿي ته سندن جذبا، سندن دليلون ۽ سندن ڪوڙي همدردي ڪٿان ٿي ڦٽي نڪتي. پر هُو مشڪل سان ئي ڪين چئي سگهيو ٿي ته "پيارا دوستو، ڪيئن نه توهان پاڻ، توهان جو حلقو، جن نالن ۽ مستند حوالن جو توهين ذڪر ڪريو ٿا، سندن ذهانت ۽ فن جنهن جي اوهان ايڏي ساراهه ڪيو ٿا، اهي سڀ مايوسي جي حد تائين بلڪل عام رواجي آهن. توهان جي لاءِ هڪ روشن ۽ ذڪر جوڳي ڳالهه رڳو اها آهي ته اوهان ان ساڳئي دور ۾ رهو پيا جنهن ۾

آئون رهي رهيو آهيان ۽ توهان منهنجا دوست آهيو.“ پر ڪير ڪيئن اهڙي خيال جو اقرار ڪري سگهيو ٿي؟ ان ڪري سندن احساسن جو خيال ڪندي هُو خاموشيءَ سان ڪين ٻڌندو رهيو.

دودوروف تازو پنهنجي ملڪ بدري جي پهرئين مدي ڪان پوءِ موٽيو هو. سندس شهري حق بحال ڪيا ويا هئا ۽ ڪيس ٻيهر پنهنجي تحقيقي ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهائڻ واري ڪم ڪي شروع ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي هئي.

هاڻي هُو پنهنجن دوستن کي جلاوطنيءَ ۾ پنهنجن احساسن ۽ پنهنجي ذهني ڪيفيت متعلق ٻڌائي رهيو هو. سندس رايا بزدلي يا ٻئي ڪنهن ٻاهرئين اثر ڪان متاثر ٿيل نہ هئا.

هُو چئي رهيو هو تہ سرڪاري وڪيل جا دليل، ساڻس جيل ۾ ۽ ٻاهر اچڻ ڪان پوءِ ٿيل ورتاءُ ۽ خاص طور تي پڇا ڳاڇا ڪندڙ سان ٿيل سندس ويجهي ڳالهہ ٻولهہ سندس ”دماغ کي روشن“ ۽ ”سياسي لحاظ ڪان سندس نئين سر ترتيب ڪري“ سندس اکيون کولي ڇڏيون هيون جنهن جي ڪري هُن گهڻين شين کي اڳين ڏنو جيئن اڳ ۾ نہ ڏٺو هو. ان عمل ”هڪ شخص جي حيثيت ۾ سندس قدبت ۾ پڻ واڌارو ڪيو هو.“

انهن خيالن گورڊن کي رڳو ان ڪري متاثر ڪيو جو اهي بلڪل ئي معمولي ۽ عام رواجي هئا. هُن همدرديءَ ۾پنهنجو ڪنڌ لوڏيو پئي ۽ دودوروف سان هر ڳالهہ ۾ سهمت پئي ٿيو. دودوروف جي احساس ۽ اظهار جي اها فرسودگي ئي هئي جنهن ڪيس گهڻو متاثر ڪيو هو. هُن سندس جذبن جي نصابي ڪتاب واري قدامت کي سندن گڏيل انساني احساس ڪري ورتو.

دودوروف جون پوتر ڳالهيون زماني جي مزاج موجب هيون. پر اها انهن جي هڪ ٻئي سان اتفاق ڪرڻ جي عادت ۽ سندن ظاهر ظهور رياڪاري ئي هئي جنهن يوريءَ کي تنگ ڪيو هو. جيڪي ماڻهو آزادانہ هوندا آهن اهي هميشہ پنهنجن ٻنڌڻن کي آدرشي ڪري پيش ڪندا آهن. ائين ئي وچولي دور ۾ هو ۽ مسيحي هميشہ ان مان فائدو وٺندا هئا.

يوريءَ کان سوويت دانشور طبقي جو سياسي تصوف سَنو نہ ٿيندو هو حالانڪ اها ئي اهڙي شيءِ هئي جنهن کي هُو پنهنجن اعليٰ ترين ڪارنامن مان هڪ ڪري ڄاڻائيندا هئا ۽ پنهنجي دور جي ٻوليءَ ۾ ان کي ”زماني جي اوچي ۾

اوچي روحاني اڏام" جو نالو ڏيندا هئا. پر پنهنجن دوستن جي احساسن جو خيال ڪندي هُو ان ڳالهہ کي بہ پاڻ تائين ئي رکندو هو.

دودوروف جي ڪٿا ۾ جيڪا شيءِ سندس لاءِ دلچسپي جو باعث هئي، اُها تيخون دروسي [آرٿوڊوڪس چرچ جو اڳواڻ] جي معتقد هڪ پادري بونيفاتي اورليٽسوف جو قصو هو. اورليٽسوف جي هڪ ڇهن سالن جي ڌيءَ ڪرسٽينا هئي جيڪا سائس گهڻو پيار ڪندي هئي. سندس گرفتاري ۽ پوءِ ٿيل حالت ان لاءِ هڪ وڏو ڌڪ هئي. سندس والد لاءِ "مذهبي اڳواڻ" ۽ "شهري حقن کان محروم ٿيل" جهڙا لقب ڪيس بي عزتيءَ جو هڪ داغ لڳندا هئا. انهن کي ڪنهن ڏينهن پنهنجي پيءُ جي نالي تان هٽائڻ لاءِ هُن شايد پنهنجي ٻاراڻي من ۾ عهد ڪيو هو. ايڏي ننڍي عمر ۾ جڏهن هوءَ اجا شاگرد ئي هئي، ايڏي پختي ارادي ۽ جوش سان اهڙي مقصد لاءِ جاکوڙڻ جيڪو سندس عمر کان گهڻو وڏو هو، ڪيس هڪ پڪو ڪميونسٽ ناهي ڇڏيو هو.

"مون کي هاڻي وڃڻ گهرجي" يوريءَ چيو، "ميشا مون سان ناراض نہ ٿي، ٻاهر جي ان سڄي گرميءَ سان گڏ هتي گهٽ ٿي پيئي آهي، مون کي ساهہ کڻڻ ۾ تڪليف پئي ٿئي."

"پر دريءَ کليل آهي، هيٺ فرش تي ڏس..... مون کي معاف ڪجانءِ، اسان گهڻا سگريٽ پي رهيا آهيون. اسان اهي وساري ويٺا آهيون تہ اسان کي تو سان گڏ هتي سگريٽ پيئڻ نہ گهرجن. اها منهنجي غلطي ناهي جو هتي ايڏي گهٽ ٿي پيئي آهي، اهو سڀ ان پوڪپائي سان ناهيل دريءَ جي ڪري آهي. تون مون کي پيو ڪو ڪمرو ڳولهي ڏي."

"مون کي هاڻي وڃڻ گهرجي ميشا. اسان گهڻو ڳالهائي ورتو آهي. منهنجي لاءِ توهان ٻنهي جي فڪر ڪرڻ لاءِ مهرباني. توهان ڄاڻو ٿا تہ آئون بهانا نہ ڪري رهيو آهيان. اها مونکي هڪ بيماري، دل جي بيماري ٿي پيئي آهي، دل جي ديوارن جا پاسا ڪمزور ٿين ٿا ۽ پوءِ نيٺ هڪ ڏينهن ڦاٽي پون ٿا. آئون اڃا چاليهہ سالن جو بہ نہ ٿيو آهيان ۽ اهو بہ ناهي تہ آئون ڪو شرابي بدڪار هجان."

"بڪواس. اسان اڃا تنهنجي جنازي جو جلوس نہ پيا ڪيون. تون اسان کان بہ وڌيڪ جيئندين."

"اڄڪلهہ دل جي بيماري ڦهليل آهي. اها هميشہ موتمار ناهي هوندي ڪجهہ ماڻهو ان مان جانبر ٿي پوندا آهن. اها اسان جي دور جي عام بيماري آهي.

منهنجي خيال ۾ ان جا مڪ ڪارڻ اخلاقي آهن. هڪ لاڳيتي ۽ منظم منافقت واري زندگي گذارڻ ماڻهن جي هڪ وڏي گهٽائي لاءِ ضروري ٿي پيو آهي. جيڪڏهن ماڻهو جيڪي محسوس ڪري ٿو ان جي ابتڙ ڪري ان جي آڏو جهڪي جنهن کي پسند نہ ٿو ڪري ۽ ان شيءِ تي خوش ٿئي جيڪا سندس لاءِ بدقسمتي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿي آڻي تہ سندس صحت تہ لازماً متاثر ٿيندي. توهان جو اعصابي نظام ڪا ڪهاڻي ناهي. اهو اوهان جي جسم جو حصو آهي ۽ توهان جو روح خلا ۾ ۽ اوهان جي ڏندن جيان اوهان جي مٽي ۾ موجود آهي. ماڻهوءَ کي ان سان ڇيڙڇاڙ ڪرڻ جي قيمت ڏيڻي پوي ٿي. نڪي، منهنجي لاءِ اهو ڏک جو باعث هو جڏهن تو اهو ٻڌايو تہ تنهنجي جيل ۾ ڪيئن نئين سر تربيت ٿي ۽ ڪيئن تون اڳتي وڌئين. اهو سرڪس جي گهوڙي کي اهو چوندي ٻڌڻ جيان هو تہ هن ڪيئن ڊوڙڻ جي تربيت حاصل ڪئي."

"مون کي ضرور دودوروف جو پاسو وٺڻ گهرجي." گوردن چيو، " توکي انسانن جي ڳالهين ٻڌڻ جي عادت نہ رهي آهي. سندن لفظ تو تائين پهچن ئي نہ ٿا."

"اها ڳالهہ بہ بلڪل ٺيڪ ٿي سگهي ٿي، ميشا پر بهرحال تون هاڻي هر حال ۾ مون کي وچڻ ڏي. مون کي ساهہ کڻڻ ۾ ڏکيائي ٿي رهي آهي. ايمانداريءَ سان، آئون وڌاءُ کان ڪم نہ پيو وٺان."

"هڪ پل ترس، تون بس هاڻي رڳو ان بحث مان پنهنجي جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهين. اسان توکي ايستائين وڃڻ نہ ڏينداسين جيستائين تون اسان کي ايمانداريءَ سان پنهنجي اندر مان نڪتل سنئون سڌو جواب نہ ڏيندين. تون ان ڳالهہ سان اتفاق ڪرين ٿو يا نہ تہ توکي پنهنجن طريقن بدلائڻ ۽ پاڻ کي سڌارڻ لاءِ اهو مناسب وقت آهي ۽ تون ان متعلق ڇا پيو ڪرين؟ پهرين تہ توکي تونيا ۽ ميرينا سان پنهنجن ناتن کي واضع ڪرڻ گهرجي. اُهي انسان ۽ عورتون آهن جيڪي محسوس ڪن ٿيون ۽ تڪليفون سهن ٿيون ۽ رڳو ڪي اهڙا غير جسماني خيال ۽ نظريا ناهن جن سان تون پنهنجي دماغ ۾ راند ڪندو رهين. ٻيو تہ اها هڪ شرم جهڙي ڳالهہ آهي تہ تو جهڙو ماڻهو ائين پنهنجو پاڻ کي ضايع ڪري، تو جاڳڻ پنهنجو پاڻ کي سهيڙڻ، سستي ڇڏڻ ۽ شين کي ان هٿ، جنهن جو ڪوبہ جواز ڪونهي، ڪانسواءِ ڏسڻ جي ضرورت آهي. ها، ها، هر ڪنهن ڏانهن تنهنجي ان ناقابل معافي غرور ڪانسواءِ توکي پنهنجي ڪم ڏانهن واپس وڃڻ ۽ پريڪٽس شروع ڪرڻ گهرجي."

"ٺيڪ آهي، آئون اوهان کي پنهنجو جواب ڏيان ٿو. آئون پاڻ تازو اهڙي ڪنهن شيءِ متعلق سوچيندو رهيو آهيان. ان ڪري اهو سڀ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ اوهان ڏسندئو تہ تمام جلدي ائين ٿيندو. اهو آئون ايمانداريءَ سان پيو چوان. هر شيءِ بهتر ٿي رهي آهي. مون ۾ جيئري رهڻ جي هڪ شديد، ناقابل بيان خواهش موجود آهي ۽ يقيناً جيئري رهڻ جو مطلب جدوجهد ڪرڻ، اڳتي وڌيڪ مٿي وڃڻ، تڪميل لاءِ جدوجهد ڪرڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ آهي.

مون کي خوشي آهي، ميشا، تہ تون ائين ئي ميرينا جي حمايت پيو ڪرين جيئن تون هميشہ تونيا جي ڪندو رهيو آهين پر توکي خبر آهي تہ منهنجو ٻنهي مان ڪنهن سان يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ سان بہ ڪو جهيڙو ناهي. تون مون کي اڳ ۾ ان ڳالهہ تي دڙڪا ڏيندو رهيو آهين تہ ميرينا مون کي "توهان " ۽ "يوري آندريوچ" سڏيندي هئي جڏهن تہ آئون ڪيس "تون" ۽ "ميرينا" سڏيندو هوس. ائين چئڻ تہ ان ڳالهہ جو مون کي ڪو ڏک ئي نہ هو. پر هاڻي توکي خبر آهي تہ ان غير فطري صورتحال جي بنيادي ڪارڻ کي گهڻو اڳ ختم ڪيو ويو آهي. هر شيءِ ٺيڪ ٿي ويئي آهي ۽ برابري قائم ٿي ويئي آهي.

هاڻي آئون اوهان کي هڪ ٻي سٺي خبر ٻڌائي سگهان ٿو. مون کي وري پيرس مان خط ملي رهيا آهن.ٻار وڏا ٿي رهيا آهن ۽ سندن پنهنجا هم عمر گهڻا فرانسيسي دوست آهن. ساشا پرائمري اسڪول جي تعليم پوري ڪري رهيو آهي ۽ ماشا جلدئي اسڪول ۾ داخل ٿي رهي آهي. توکي خبر آهي تہ مون تہ ڪيس ڏٺو ئي ناهي .هر ڳالهہ جي هوندي ۽ ان ڳالهہ جي باوجود تہ اهي فرانسيسي شهري ٿي ويا آهن، مون کي ائين لڳي ٿو تہ اهي جلد ئي موٽي ايندا ۽ هر شيءِ هڪ نہ ٻئي طريقي سان ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويندي.

ائين لڳي ٿو تہ تونيا ۽ منهنجي سهري کي ميرينا ۽ اسان جي ٻارن جي ڄاڻ آهي. مون پنهنجن خطن ۾ ڪين اهو نہ لکيو هو. پر انهن ضرور ٻين کان ان متعلق ٻڌو هوندو. ظاهر آهي تہ اليگزيندريوچ هڪ پيءُ جي حيثيت ۾ ضرور ناراض ڪاوڙيو هوندو. هُن کي ضرور تونيا جي لاءِ ڏک ٿيو هوندو. اٽڪل پنجن سالن تائين اسان جي وچ ۾ رابطو ٽٽل هو. آئون ماسڪو موٽڻ کان پوءِ ڪين خط لکندو رهيو هوس پر پوءِ شايد ان ڪري انهن جواب ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو.

هاڻي بلڪل تازو انهن سيني ۽ ايستائين تہ ٻارن بہ وري لکڻ شروع ڪيو آهي. اُهي نهايت گرمجوشي ۽ پيار سان لکن ٿا. ڪنهن ڪارڻ اهي نرم ٿيا آهن.

شايد تونيا کي پنهنجو ڪو جوڙو ملي ويو آهي. خدا ان ڪري ائين ٿئي. مون کي خبر ناهي. آئون پاڻ بہ وقت بوقت لکندو رهندو آهيان. پر آئون واقعي وڏيڪ ترسي نہ ٿو سگهان. آئون وڃان نہ ٿہ وري دم جي دوري ۾ وڃي ويندس. خدا حافظ."

ٻئي ڏينهن صبوح ۾ ميرينا گهڻي پريشاني واري حالت ۾ ڊوڙندي گورڊن وٽ آئي. پويان ڪير بہ نہ هو جنهن وٽ هوءَ ٻار ڇڏي اچي ها. ان ڪري هڪ ٻانهن تي هُن ڪمبل ۾ ويڙهي ننڍي ٻار کي کنيو هو ۽ پنهنجي ٻئي خالي هٿ سان ڪاپڪا جي آگر جهلي هٿائين جيڪا سندس پويان گهلبي ٿي آئي.

"ميشا، ڇا يوري هتي آهي." هن ڊنل آواز ۾ پڇيو.

"ڇا هو رات گهر نہ آيو هو؟"

"نہ."

"تہ پوءِ هُن ضرور نکي وٽ رات گذاري هوندي."

"آئون اتان ٿي اچان پيئي. نکي يونيورسٽي ۾ آهي پر پاڙي وارا يوريءَ کي سڃاڻن ٿا. انهن ٻڌايو تہ هو اتي نہ هو."

"تہ پوءِ هُو ڪٿي ٿي سگهي ٿو؟"

ميرينا ڪلازڪا کي صوفي تي ليٽائي اچي اوڇنگارن ۾ ڇٽي.

(8)

ٻن ڏينهن تائين گورڊن ۽ دودوروف جي ميرينا کي اڪيلي ڇڏڻ جي همت نہ ٿي ۽ ٻيئي واري واري سان سندس خيال ڪرڻ ۽ يوري کي ڳولهڻ ۾ لڳا رهيا.

انهن هر ممڪن جاءِ تي جتي هُو وڃي سگهيو ٿي سندس پڇا ڪئي، مچنوئي گوروڊ، سستيو سڙڪ، نظرين جي سيني محلن ۽ خيالن جي گهرن جتي هن ڪڏهن نوڪري ڪئي هئي معلوم ڪيو. سندس هر دوست جنهن جو انهن ڪڏهن ڪانئس ذڪر ٻڌو هو ۽ جن جو پتو اهي معلوم ڪري سگهيا ٿي، ڪان پتو ڪيو پر سندس ڪا خبر نہ پيئي.

انهن پوليس کي سندس گم هئڻ جو اطلاع نہ ڪيو. جيتوڻيڪ هو رجسٽر ٿيل هو ۽ سندس ڪو پوليس ريڪارڊ بہ نہ هو پر اهو بهتر هو تہ حڪومت جو توجهہ ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ ڏانهن نہ ڇڪائجي جيڪو ان دور جي معيارن جي لحاظ هڪ مثالي زندگي نہ گذاري رهيو هو. ان ڪري انهن فيصلو ڪيو تہ ڪين ان وقت تائين سندس پويان نہ لڳائجي جيستائين ٻيا سڀ طريقا ختم نہ ٿا ٿين.

ٽئين ڏينهن مختلف وقتن تي گوردن، دودوروف ۽ ميرينا ٽنهي لاءِ يوريءَ جا خط پهتا. کيس سندس ڪري ڪين آيل تڪليف ۽ پريشاني لا ءِنهايت افسوس هو. هُن کين درخواست ڪئي تہ سندس لاءِ پريشان نہ ٿين. ۽ کين هر ان شيءِ جي نالي ۾ جيڪا سندن لاءِ پوتر هئي التجا ڪئي تہ سندس ڳولا ترڪ ڪري ڇڏين نہ تہ ٻي صورت ۾ بہ اهڙي ڪابہ ڪوشش بيڪار ثي ٿيندي.

هُن کين ٻڌايو تہ پنهنجي زندگي کي وري نئين سر ۽ جيترو ٿي سگهي اوتري تيزيءَ سان ناهڻ لاءِ هن ڪجهہ وقت پنهنجي ليکي ۽ پنهنجن معاملن تي توجهہ مرڪوز ڪرڻ ۾ گذارڻ چاهيو ٿي. جيئن ئي هُو پنهنجي ڪم ۾ جٽاءُ ڪري ويندو ۽ کيس مناسب طور اها پڪ ٿي ويندي تہ هُو وري پراڻي روش اختيار نہ ڪندو. هُو پنهنجي لڪڻ واري جاءِ مان نڪري موٽي ميرينا ۽ ٻارن ڏانهن هليو ايندو.

هُن گوردن کي چيو تہ هُو کيس ميرينا لاءِ مني آرڊر موڪلي رهيو هو ۽ کيس چيائين تہ ٻارن لاءِ هڪ آيا جو بندوبست ڪري تہ جيئن ميرينا واپس پنهنجي نوڪري تي وڃي سگهي. هُن وضاحت ڪندي چيو تہ هُن ڏانهس سڌي طرح مني آرڊر ان ڊپ کان نہ پئي موڪليو تہ متان ڪير رسيد نہ وٺي ۽ هُو قرجڻ جي جوکم ۾ نہ پئجي وڃي.

پئسا جلد ئي پهچي ويا ۽ رقم ان کان گهڻو وڌيڪ هئي جيڪا ايستائين يوري يا سندس دوستن جي هٿن مان گذري هئي. آياڪي رکيو ويو ۽ ميرينا ٽپال گهر ۾پنهنجي نوڪريءَ تي موٽي ويئي. هوءَ اجا تائين پريشان هئي پر يوريءَ جي عجيب حرڪتن کان واقف ۽ انهن جي عادت هوندي هن نيٺ هن تازي ڀاڄ کي بہ قبولي ورتو. ٿيئي سندس ڳولها ڪندا رهيا پر هوريان هوريان اُهي ان نتيجي تي پهتا تہ اها ائين ئي بيڪار هئي جيئن هن کين تنبيهہ ڪئي هئي تہ اها ائي ن ئي ٿيندي. کين سندس ڪو نشان نہ ملي سگهيو.

(9)

ان سڀ جي باوجود هُو سندن نڪ هيٺان ۽ اکين آڏو. سڌ پڌ تي بلڪل ان علائقي جي وچ ۾ رهيو پيو هو جتي انهن سندس ڳولها پئي ڪئي.

سندس غائب ٿيڻ واري ڏينهن هُو گوردن وٽان اٿي شام ٿيڻ کان ٿورو اڳ ٻروني سڙڪ تي اچي ويو هو. هُو پنهنجي ويڳي پاڻ پيوگراف سان منهن مقابل ٿيو

هو ۽ نہ ٿي سندس متعلق ڪجهہ ٻڌو هئائين. اِهو پتو پيو تہ پيوگراف تازو ئي ماسڪو آيو هو. هميشہ جيان هُو اوچتو ظاهر ٿيو هو ۽ يوريءَ جي سيني سوالن کي هُن هڪ مرڪ يا پوڳ سان ٽاري ڇڏيو. ٻئي پاسي يوري کان پڇيل ڪجهہ سوالن ۾ ڪيس هڪدم يوريءَ جي پريشانين جو تت ملي ويو ۽ بلڪل ان وقت اُن تنگ رش ورن وڪڙن واري سڙڪ تي هڪ موڙ کان ٻئي موڙ تائين هلندي هن ڪيس انهن پريشانين مان ڪڍڻ لاءِ هڪ عملي رٿا جوڙي ورتي. اهو سندس خيال هو تہ يوري غائب ٿي وڃي ۽ ڪجهہ عرصي لاءِ لڪل رهي.

هُن سندس لاءِ ڪيمرگر سڙڪ، جيئن ان کي اجا تائين سڏيو ويندو هو، تي آرٽس ٿيٽر جي ويجهو هڪ ڪمرو ورتو. هوندڻ هڪ هاسپيٽل، جتي تحقيقي ڪم ڪرڻ جاڳهٽا موقعا هئا، ۾ ڪيس سٺو عهدو ڏيارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. هن کي پئسا ڏنا ۽ هر لحاظ کان سندس سهائتا ڪئي. آخر ۾ هُن سائس واعدو ڪيو تہ پيرس ۾ سندس خاندان جي ٻاهر هئڻ واري صورتحال کي حل ڪيو ويندو ۽ يا تہ هُو وٽن پيرس ويندو ۽ يا وري وٽس هتي ايندا. انهن سيني شين کي هن ذاتي طور ڪٽڻ جو واعدو ڪيو. هميشہ جيان سندس مدد يوريءَ ۾ هڪ نئين طاقت پيدا ڪري ڇڏي ۽ هميشہ جيان ئي سندس قوت جو ذريعو هڪ اسرار ئي رهيو. ايسثائين تہ يوري ان متعلق اندازي لڳائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي.

(10)

سندس ڪمري جو دروازو ڏکڻ ڏانهن کليو ٿي. اهو تقريباً ٿيئٽر سان ڳنڍيل هو ۽ سامهون واريون ڇتون اتان نظر آيون ٿي. انهن جي پويان اوڪ هوتني تي سج مٿي چمڪي رهيو هو پر هيٺ سڙڪ تي ڇان وهئي.

يوري جي لاءِ اهو ڪمرو هڪ ڪم ڪرڻ جي جاءِ ۽ هڪ مطالعي واري جاءِ کان وڌيڪ حيثيت رکندڙ هو. پنهنجي لکڻ جي تيز ڪم واري ان دور ۾ جڏهن سندس ميز تي پيل ڪاپين جو ڍڳ سندس سيني رٿائن لاءِ ناڪافي هو ۽ جڏهن سندس رٿيل ڪتابن جون صورتون مصور جي استوديو جي غير مڪمل ديوار ڏانهن منهن ڪري بيٺل تصويرن جيان سندس چوڌاري موجود هيون، سندس رهائڻ وارو ڪمرو سندس لاءِ اهڙي جاءِ هئي جتان روح کي غذا ٿي ملي، پاڳلپڻ جي خوابن سان ڀريل هڪ المارِي، انڪشافن جي ذخيري واري هڪ جاءِ هئي.

خوش قسمتيءَ سان پيوگراف جي اسپتال وارن سان ڳالھہ ٻولھہ اينگھندي پيئي ويئي ۽ يوريءَ جي نئين نوڪريءَ وارو معاملو اڻڄاڻايل مدي تائين ملتوي ٿيل ٿي لڳو. ان دير ڪيس لکڻ لاءِ وقت ڏيئي ڇڏيو.

هن پنهنجي شروعاتي نظمن، جن جا ڪيس ٽڪرا ياد هئا يا پيوگراف ڪنهن نموني سان انهن جو مسودو حاصل ڪيو هو [انهن مسودن مان ڪجھہ يوريءَ جي پنهنجن هٿ اکرن ۾ ۽ ڪجھہ ٻين پاران لکيل هئا] کي ترتيب ڏيڻ سان شروعات ڪئي. پر ان وکريل مواد جي ڪري ڪيس ان کان وڌيڪ توانائي خرچ ڪرڻي ٿي پيئي جيتري هُن پنهنجي طبيعت جي لحاظ کان ان ڪم کي ڏيڻ چاهي ٿي. ان ڪري هن جلد ئي اهو ڪم ڇڏي ڏنو ۽ نئون ڪم شروع ڪيائين.

هُو مضمون جو مسودو پنهنجي پهريون پيرو واريڪينو وڃڻ مهل لکيل مختصر اشارن وانگر يا نظم جي وچ پڇاڙي يا شروعات جيئن اهو سندس ذهن ۾ ايندو هو، جي طرز تي تيار ڪندو هو. اهڙا پل ايندا هئا جڏهن ايستائين تہ ابتدائي اکرن ۾ مخففن جي ناهيل مختصر لکٽي بہ سندس خيالن جي رفتار جو ساٿ نہ ڏيئي سگھندي هئي.

هُو تڪڙ ۾ هو. جڏهن بہ هُن جو تصور پٺڪڻ لڳندو هو تہ هُو ان کي قابو ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجي ڪاپي جي حاشين تي تصويرون ناهڻ شروع ڪندو هو. اهي تصويرون هميشہ جهنگن يا شهر جي چوواٽن جون هونديون هيون جن ۾ "موريو ۽ وينچنڪن، ٻج ڇنڻ، پوڪ لڻندڙ مشينن" جا اشتهار لڳل هوندا هئا.

مضمون ۽ نظم سيئي ساڳئي موضوع "شهر" تي هوندا هئا.

## (11)

پوءِ هيٺيان ليک سندس ڪاغذن مان مليا:

"جڏهن آئون 1917ع ۾ ماسڪو موٽيس تہ مون ان کي خالي ۽ زبون حال ڏٺو. اهو تازو انقلاب کان پوءِ جي شروعاتي ڪجھہ سالن جي آزمائش مان گذريو هو. اڄ بہ اهو گھٽو ڪري ساڳيو ئي ٿو لڳي. پر ان حالت ۾ بہ اهو اڃا هڪ وڏو جديد شهر آهي ۽ شهر ئي حقيقي معنيٰ ۾ جديد ۽ نئين دور جي فن لاءِ اتساهہ جو ذريعو هوندا آهن.

علامت پسندن [بلاڪ، ورهان، وتمين] جي فن پارن ۾ بظاهر بي ترتيب ۽ مبهم شين جو مجموعو، سندن لکڻ جو انداز ۽ اسلوب ناهي. تاثرات کي ڳنڍڻ جو اهو نئون فن سڌو زندگي مان ورتو ويو آهي.

جيئن اهي پنهنجن نظمن جي سٽن‌مان خيالن ۽ تصورن کي تڪڙ ۾ هڪ ٻئي پويان گذارين ٿا ائين ئي هڪ مصروف شهر ۾ سڙڪ گذريل صديءَ جي پڇاڙي ۾ پنهنجي هجوم ۽ گاڏين ۽ اسان واري صديءَ جي شروعات ۾ پنهنجن ٽرامن، بسن ۽ بجلي جي ٽرينن سان اسان وٽان گذرندي وڃي ٿي.

اهڙي زندگي ۾ پلا فن جي ڳوٺاڻي زندگي واري سادگي ڪٿان ايندي؟ جڏهن ان لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي ٿي تہ اها هڪ اهڙو نقلي فنڪارانا دوکو بڻجي وڃي ٿو جيڪو ڳوٺاڻي زندگي مان ورتل اتساهہ مان نہ پر عملي ڪتابي ڪٿڻ مان ورتو وڃي ٿي. اسان جي دور جي جيئري ٻولي شهري ٻولي آهي.

آئون هڪ مصروف چوواٽي تي رهان ٿو. ماسڪو سج ۽ پنهنجي ڏامر وارين سڙڪن جي سفيد گرميءَ سان ڀرپور مٿين ماڙ جي درين مان ڪرٽا وکيريندي، پنهنجين واٽن ۽ ڪڪرن جي رنگن ۾ ٽڙندي منهنجي چوڌاري ڦيرا پائي منهنجي مٿي کي ڦيرائي مون کي چئي رهيو آهي تہ سندس شان ۾ لکي آئون ٻين جا مٿا ڦيرايان.

اسان جي گهرن جي ٻاهران ڏينهن ۽ رات وارو گوڙ ۽ هُل ائين اسان جي خيالن سان ڳنڍيل آهي، جيئن ڪنهن ڊرامي جو ابتدائي نغمو پردي سان ڳنڍيل هوندو آهي، جيڪو بظاهر اونداهو ۽ لڪل هوندو آهي پر فٽ لائٽس جي روشني ۾ روشن ٿيڻ شروع ٿي ويندو آهي. اسان جي در تي ۽ درين جي ٻاهران شهر جي بنا رنڊڪ حرڪت ۽ اڻ ڪٽ شور اسان مان هر ڪنهن لاءِ زندگيءَ جو هڪ عظيم نہ ماپڻ جوڳو تعارف آهي. ان ئي حوالي سان آئون شهر متعلق لکڻ چاهيان ٿو."

زواگو جي محفوظ رهجي ويل لکڻين ۾ اهڙا نظم نہ آهن. شايد "هيملٽ" جو واسطو اهڙي ئي سلسلي سان هجي.

(12)

آگسٽ جي پڇاڙي ۾ هڪ ڏينهن صبح جو يوري بوتڪن اسپتال (جيڪا انهن ڏينهن ۾ سولداتينڪو اسپتال جي نالي سان ڄاتي ويندي هئي) وڃڻ لاءِ گزيتني سڙڪ تان ٽرام ۾ سوار ٿيو. اهو سندس نئين نوڪريءَ جو پهريون ڏينهن هو.

اها ٽرام سندس لاءِ چڱي ثابت نہ ٿي، ان جي موٽر خراب هئي ۽ ٻين هر قسم جي مسئلن ۾ ونجي ٿي ويئي. يا تہ گاڏيءَ جي ان جي آڏو اچڻ ۽ ان جي ڦيٿن جي پٽڙين ۾ ڦاسڻ ڪري رستو بند ٿي ٿي ويو ۽ يا وري مٿي ڇت تي يا هيٺ فرش تي تارن جي نظام ۾ گڙٻڙ ٿيڻ ڪري اها بيهي ٿي رهي.

ڊرائيور هيٺ لهي چڪر هڻي ٽرام جي پوئين حصي ۾ وڃي مشينري جي مرمت ڪرڻ شروع ڪندو هو.

ان ڪتارا ٽرام سڄي پٽڙي تي ٽريفڪ جام ڪري ڇڏيو هو. سڄي سڙڪ انهن ٽرامن سان ڀرجي ويئي جيڪي اڳ ۾ ئي اچي بيٺيون هيون ۽ پيون اچا قطار ۾ شامل ٿينديون ٿي ويون. اها قطار گهوڙيسواري واري اسڪول جي چوواٽي ۽ ان کان بہ پري تائين هلي ويئي هئي. مسافر وقت بچائڻ جي اميد ۾ پويان کان اڳتي پئي آيا ۽ ان ساڳي ٽرام ۾ پئي سوار ٿيا جيڪا ان سڄي مصيبت جو ڪارڻ هئي. اها هڪ گرم صبوح هئي، ٽرام ۾ رش هئي ۽ هوا جو ڪو بندوبست نہ هو.

ماڻهن جي ميڙ جيڪو هڪ ٽرام کان ٻي ٽرام ڏانهن ڊڪي رهيو هو. مٿان سُرمئي رنگ جا گجگوڙ ڪندڙ، ڪڪر آسمان ۾ هلي رهيا هئا. هڪ طوفان جي اچڻ جا آثار هئا.

يوري ڪابي پاسي واري اڪيلي نشست تي ٽيڪ لڳايو ويٺو هو. هو نڪيتا سڙڪ، جتي ڪنزرويٽري هئي، جي ڪابي پاسي ڏسي سگهيو ٿي. هڪ اهڙي ماڻهو جي اڻ چٽي ڏيان جيان جيڪو سوچي ڪجهہ ٻيو رهيو هجي هُو سيني پيادل ۽ گاڏيءَ ۾ لنگهندڙن کي ڏسي رهيو هو. ڪير بہ سندس نظرن کان بچيل نہ هو.

هڪ اڇن وارن واري پوڙهي عورت، جنهن کي پراڻي فيشن جا سوڙها ڪپڙا پهريل هئا، رستي تي هلندي سهڪندي پنهنجي هٿ ۾ جهليل هڪ پيڪٽ سان پاڻ کي هوا ڪري رهي هئي. سوڙهن ڪپڙن ۽ گرمي ڪري بدحال هوندي ۽ پگهر ڳاڙيندي هُو مسلسل پنهنجن چپن ۽ پيرون تي آيل پگهر کي هٿ ۾ جهليل هڪ ننڍي رومال سا ن اگهي رهي هئي.

سندس رستو بہ ٽرام سان گڏوگڏ ٿي هليو. ٽرام بيهڻ، مرمت ٿيڻ ۽ وري هلڻ کان پوءِ جيئن ونڻس گذري ٿي تيئن هوءَ ڪيئي ڀيرا يوريءَ جي نظرن کان غائب ٿي چڪي هئي پر جڏهن اُها هڪ ڀيرو ٻيهر خراب ٿي ٿي تہ هوءَ وري يوري جي نظرن جي دائري ۾ اچي ٽرام کي پوئتي ڇڏي اڳتي نڪري ٿي ويئي.

انتهائي غير معمولي قوت ارادي کان ڪم وٺندي يوري ٽرام ۾ ماڻهن جي ميڙ کي چيريندو ٽڙندو ٿاٻڙجندو پوئين حصي ۾ اچي ويو. ماڻهن سندس رستو روڪيو ۽ مٿس ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. تازي هوا سندس طبيعت کي بهتر ڪري ڇڏيو ۽ هن سوچيو ته شايد سيڪجهه ختم نه ٿيو هو. شايد سندس طبيعت هاڻي بهتر هئي.

هن پوئين حصي جي رش ۾ زور ڏيئي پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهڻ شروع ڪئي جنهن جي ڪري ڪيس ماڻهن جي وڌيڪ ڪاوڙ، گارين ۽ ڌڪن کي منهن ڏيڻو پيو. هُن مٿن ڪوبه توجهه نه ڏنو ۽ پاڻ کي هجوم کان ڇڏائيندي بيٺل ٽرام مان هيٺ رستي تي لهي پيو. هڪ قدم کنياائين، ٻيو کنياائين، ٽيون کنياائين ۽ پوءِ پٿر جي ٺهيل فرش تي ڪري پيو ۽ وري نه اٿيو.

اتي ڳالهين، بحث ۽ صلاحن جو هڪ شور اٿيو. گهڻا ٽرام مان لهي سندس چوڌاري گڏ ٿي ويا. انهن جلدي پڪ ڪري ورتي ته هن ساهه نه پئي کنيو. سندس دل بيهي رهي هئي. لاش جي چوڌاري بيٺل ماڻهن ۾ رستي تي هلندڙ ٻيا ماڻهو به شامل ٿي ويا. ڪجهه چٽن سک جو ساهه کنيو ۽ ٻيا ان ڳالهه تي نراس ٿيا ته مئل ماڻهو ٽرام هيٺان نه آيو هو ۽ اهو ته سندس مرڻ جو ٽرام سان ڪو واسطو نه هو. ميڙ گهڻو وڌي ويو. ٽرام سان گڏ هلندڙ پوڙهي عورت پڻ اتي آئي. ٿوري دير اتي بيهي لاش تي نظر وجهي ماڻهن جون ڳالهيون ٻڌي اڳتي وڌي ويئي. هوءَ پرڏيهي هئي پر هن اهو سمجهيو ته ڪجهه ماڻهو لاش کي ٽرام ۾ اسپتال ڪٺي وڃڻ جي حق ۾ هئا جڏهن ته ٻين جو چوڻ هو ته هڪدم مليشياڪي سڏايو وڃي. هوءَ ان جي نتيجي ڏسڻ لاءِ اتي نه ترسي.

هُوءَ عورت سوئٽزرلينڊ جي شهري هئي. سندس نالو مادموزيل فليري هو ۽ هوءَ ميليوزيوو مان آئي هئي. فليري هاڻي گهڻي پوڙهي ٿي چڪي هئي. هوءَ ٻارنهن سالن کان پنهنجي ملڪ موٽڻ جي اجازت حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت سان لکپڙهه ڪري رهي هئي. ۽ هاڻي تازو ئي سندس درخواست منظور ٿي هئي. هوءَ ماسڪو پنهنجي ٻاهر وڃڻ جي ويزا حاصل ڪرڻ لاءِ آئي هئي ۽ هاڻي پاڻ هٿ ۾ جهليل ڪاغذن، جن کي هن بنڊل ٺاهي هڪ پٽيءَ سان ٻڌي ڇڏيو هو، سان هوا کندي سفارتخاني ڏانهن اهو وٺڻ لاءِ وڃي رهي هئي.

اهڙي ريت هوءَ ڏهون ڀيرو ٽرام کي پوئتي ڇڏي اڳتي وڌي ويئي. هوءَ ان ڳالهه کان بلڪل اڻ ڄاڻ هئي ته هوءَ زواگو کي پوئتي ڇڏي اڳتي وڌي ويئي هئي ۽ ڪانئس پوءِ به جيئري هئي.

(13)

گذرگاهه جي ڪليل دروازي کان ڪمري جي ڪنڊ ۽ ديوار جي پاسي کان پيل ميز نظر آيو ٿي. ميز تي گهڙيل دنگيءَ جيان ٺهيل تابوت رکيل هو جنهن جي سوڙهي حصي، جتي لاش جا پير هئا، جو رخ دروازي ڏانهن هو. اها اُها ميز هئي جتي يوري اڳ ۾ پنهنجي لکڻ جو ڪم ڪندو هو. ڪمري ۾ ٻي ڪا ميز نہ هئي. مسودن کي ميز جي خانن ۾ رکيو ويو هو ۽ سندس جسم ائين جهڪيل هو جيئن ڪنهن تڪريءَ تي رکيل هجي.

سندس چوڌاري تمام گهڻا گل رکيل هئا. سفيد ڪنول، جن جو ان موسم ۾ ملڻ محال هو. جا ڳڇن جا ڳڇا، ڪونڊين ۽ ٽوڪرين ۾ رکيل مريم گل ۽ ٻيا ٻوٽا رکيل هئا. گلن جي ڪري درين مان ايندڙ روشني ۾ رنڊڪ ٿي پيئي. گلن مان ٿي هلڪي روشني لاش جي هٿن، چهري ۽ تابوت جي ڪاٺ ۽ ان جي اندرين حصي تي پئجي رهي هئي. ميز تي پنن ۽ تارين جي شڪل ۾ پاڇا ائين پئجي رهيا هئا ڄڻ انهن بس هاڻي ئي لڏڻ بند ڪيو هجي.

لاش کي ساڙڻ واري رسم ان وقت تائين عام ٿي چڪي هئي. ٻارن لاءِ پينشن جي اميد ۽ اسڪول ۾ سندن مستقبل ۽ ٽپال گهر ۾ميرينا جي نوڪري کي نظر ۾ رکندي اهو فيصلو ڪيو ويو هو تہ بخشش لاءِ دعا وغيره جهڙين مذهبي رسمن کي ترڪ ڪري ان تقريب کي شهري ٻارڻ واري طريقي سان ادا ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ لاڳاپيل اختياري وارن کي اطلاع ڪيو ويو هو ۽ سندن نمائندن جو انتظار ڪيو پئي ويو.

وقفي ۾ ڪمرو ائين خالي پئي لڳو جيئن ڪو فليٽ هڪ مسواڙيءَ جي وڃڻ ۽ ٻئي جي اچڻ جي وچ واري وقت ۾ خالي هوندو آهي. خاموشي رڳو ماتم ڪندڙن جي ٻي خيالي ۾ پير پير ۾ ڏيئي ڪمري ۾ مري ويل سان موڪلائڻ لاءِ اچ وڃ ڪرڻ مهل ٽٽي ٿي. اهي گهڻا نہ هئا پر پوءِ بہ توقع کان تمام گهڻا هئا. هن تقريباً غير معروف شخص جي موت جي خبر سندن حلقن ۾ نهايت تيزيءَ سان ڦهلجي ويئي هئي. منجهانئن گهڻا اهڙا هئا جن سان جيتوڻيڪ زندگي جي مختلف وقتن تي سندس واقفيت ٿي هئي پر پوءِ ساڻن رابطو ختم ٿي ويو هو ۽ هن کين وساري ڇڏيو هو. سندس شاعري ۽ سائنسي ڪم اجا وڌيڪ دوستن کي

پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو. اهڙا ماڻهو جيڪي ڪڏهن به ساڻس نه مليا هئا پر سندس لاءِ هڪ ڇڪ محسوس ڪندا هئا اهي به هاڻي پهريون ۽ آخري ڀيرو سندس ديدار ڪرڻ لاءِ پهتا هئا.

ان وقت ڪنهن رسم جي نه هوندي ڪنهن جي غير موجودگيءَ جي احساس خاموشيءَ کي تڪليف ڏيندڙ ناهي ڇڏيو هو. رڳو گلن ڳانڻ ۽ دعائن جي جاءِ ورتي هئي.

انهن ٽڙڻ ۽ خوشبو ڏيڻ کان وڌيڪ ڪم ٽي ڪيو. گرجا ۾ ڳانٽن جي ٽولي جيان هڪ سر ۾، شايد لاش جي ٽوڙ ڦوڙ جي عمل کي تيز ڪندي، انهن ٻي حساب نموني پنهنجي خوشبو اوتڻ شروع ڪئي ۽ هر ڪنهن کي خوشبو جي قوت بخشيندي انهن ڇڻ آخري رسمن جو پورائو ڪيو.

ٻوٽن جي دنيا کي سولائيءَ سان موت جي دنيا جو ويجهو ترين پاڙيسري خيال ڪري سگهجي ٿو. تبديليءَ جا اسرار ۽ حياتيءَ جا معما جيڪي اسان کي ايڏو تنگ ڪن ٿا زمين جي ساوڪ، قبرستان جي وڻن ۽ انهن ۾ ڦٽندڙ گلن ۾ گڏ ٿيل هوندا آهن. ميري ميگڊالين يسوع کي قبر مان اٿندي ڏسي هڪدم نه سڃاتو هو ۽ کيس هڪ مالهي سمجهيو هئائين.

## (14)

جڏهن يوريءَ جي لاش کي ڪيمر گر سڙڪ واري فليٽ [اهو سندس آخري رجسٽر ٿيل پتو هو] تي آندو ويو ته سندس دوستن کي سندس موت جي خبر ڏني ويئي. اهي اها خبر ٻڌي لڏي ويا ۽ ڊوڙندا ميرينا کي ساڻ ڪري کليل دروازي کان سڌو اندر هليا آيا. صدمي ۽ ڏک ۾ اڌ چريي ٿي پاڻ کي فرش تي ڦٿو ڪري اڳڻ ۾ رکيل پيتيءَ جي ڪنڊ سان، جتي ڪمري جي صاف ٿيڻ ۽ تابوت [جنهن جي لاءِ اڳ ۾ آرڊر ڏنو ويو هو] جي اچڻ تائين لاش کي رکيو ويو هو، پنهنجو مٿو ٽڪرائڻ لڳي، سندس اکين ۾ ڳوڙهن جي ٻوڏ آيل هئي. هُن رکي رکي ٿي پُٽڪيو ۽ رڙيون ٿي ڪيائين، اکر سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي ٿي پيا ۽ روڄ راڙو ڪرڻ ٿي لڳي. هوءَ ڳوٺاڻن جيان اوپرن ماڻهن جي پرواهه نه ڪندي پنهنجي ڏک جو اظهار ڪري رهي هئي. هوءَ لاش کي چهٽي پيئي هئي ۽ جڏهن ان کي اندر ڪمري ۾ ڪٽي هلڻ، غسل ڏيڻ ۽ تابوت ۾ رکڻ جو وقت آيو ته کيس وڏي مشڪل سان ان کان ڌار ڪيو ويو. اهو سڀ هڪ ڏينهن اڳ هو. اڄ سندس ڏک جي شدت گهٽجي ويئي

هئي ۽ ان جي جاءِ هڪ ٽڪل بي حسي ورتي ڇڏي هئي. ان جي باوجود ته هوءَ اڃا تائين پنهنجي پاڻ ۽ پنهنجي ماحول کان پوري ريت آگاهيءَ واري حالت ۾ نه هئي پر پوءِ به مات ڪري ويٺي هئي.

هتي هُو گذريل باقي ڏينهن ۽ سڄي رات ڪيڏانهن به وڃڻ کان سواءِ ويٺي رهي هئي. هتي ئي ننڍڙي بارڪي وٽس ڪير پيئارڻ لاءِ آندو ويو هو ۽ ڪاپڪا پنهنجي نوجوان آيا سان ساڻس ملڻ آئي هئي.

هوءَ پنهنجن دوستن ۾ گهيريل هئي. گورڊن ۽ دودوروف ڪي ايترو ئي ڏک هو جيترو ڪيس هو. سندس پيءُ مارڪيل بينچ تي سندس پر ۾ ويهي زور سان روئندو ۽ ڇرڪائيندڙ آواز سان رومال سان پنهنجو نڪ صاف ڪندو ٿي رهيو. سندس ماءُ ۽ پينرون روئنديون وٽس اينديون ۽ وينديون ٿي رهيون.

پر ان سڄي ميڙ ۾ به ماڻهو هڪ مرد، ۽ هڪ عورت بين سيني کان نمايان هئا. انهن سرڳواسي سان بين جي پيٽ ۾ ڪنهن وڏيڪ ويجهي تعلق جي دعويٰ نه ٿي ڪئي. انهن ڏک جي اظهار ۾ ميرينا، سندس ڌيئرن يا يوريءَ جي دوستن سان ڪا ڇتا پيتي نه ٿي ڪئي. پر ان جي باوجود ته انهن ڪا دعويٰ نه ٿي ڪئي، واضح طور تي سندن يوريءَ تي خاص حق هو. ڪنهن نه ته ان تي ڪو سوال اٿاريو ۽ نه ئي سندن ان اڻ چيل ۽ پاڻ مرادو حاصل ڪيل اختيار سان ڪو اختلاف ڪيو. اهي ماڻهو هئا جن بظاهر ڪفن دفن جو سڄو بندوبست پاڻ تي کنيو هو ۽ شروع کان وٺي هر شيءِ جو ايڏي مهارت سان انتظام ڪيو هئائون جنهن مان اهو لڳو ٿي ته ڄڻ ان ڪم مان کين ڪو خاص سڪون ٿي مليو. سندن ڌيرج ۽ بردباري ذڪر جوڳي هئي. ان هڪ عجيب تاثر اهو پيدا ڪيو ته ڄڻ اهي رڳو جنازي ۾ نه پر سندس موت ۾ به شامل هئا. ان معنيٰ ۾ نه ته ڪو اهي سڌي يا اڻ سڌي طرح ان جا ڏوهاري هئا پر اهڙن ماڻهن طور جن جڏهن اهو واقعو ٿي ويو هو ته ان کي قبول ڪيو هجي، ان کي پنهنجي منظوري ڏني هجي، ان سان هر ٺڳي پيدا ڪئي هجي ۽ ان کي يوريءَ سان لاڳاپيل اهم ترين واقعو ڪري نه ليکيندا هجن. ڪجهه سوڳوارن کين سڃاتو ٿي، ڪجهه ڇڻن اندازو لڳايو ته اهي ڪير هئا پر گهڻائيءَ کي ان سلسلي ۾ ڪا ڄاڻ نه هئي.

ان جي باوجود جڏهن اهو شخص جنهن جي سوڙهين ڪرغيز اکين مان تجسس جو اظهار به ٿيو ٿي ۽ ان تجسس کي اپاريو به ٿي جڏهن ان سهڻي عورت

سان ڪمري ۾ آيو ٿي ته ايستائين ته ميرينا سميت سڀئي ڄڻ ته ڪنهن ٺاهه تحت حرڪت ۾ اچي هڪدم ڪمري جي ديوار سان قطار ۾ رکيل ڪرسين ۽ اسٽولن تان اٿي ٻاهر ٻي ڇيني سان اڳڻ ۽ راهداري ۾ وڃي ٿي بيٺا ۽ هن جوڙي کي اڪيلو در پوياں اهڙن ٻن ماهرن طور ڇڏي ٿي ڏناٺون جن خاموشي ۽ بنا ڪنهن رنڊڪ جي اهڙو ڪم ڪرڻ چاهيو ٿي جنهن جو سڌو واسطو جنازي سان هو ۽ جيڪو انتهائي اهم هو.

اهڙيءَ ريت اهو هن موقعي تي ٿيو. اهي اڪيلا هوندي ديوار جي ويجهو پيل ٻن ڪرسين تي ويٺا ۽ ڪم جي ڳالهه ٻولهه ڪيائون.

”تو ڇا معلوم ڪيو آهي يبوگراف آندريوچ؟“

”لاش کي اڄ رات ٻاريو ويندو. اڌ ڪلاڪ ۾ اهي ڊاڪٽرن واري يونين مان ايندا ۽ لاش کي پنهنجي ڪلب کڻي ويندا. شهري تقريب ڇئين وڳي ٿيندي. سندس ڪو ڪاغذ ترتيب ۾ ڪونهي. سندس پورهئي واري ڪتاب جي مدت ختم ٿي چڪي هئي. ونس ٽريڊ يونين جو هڪ پراڻو ڪارڊ هو. هُن ان کي نئون نه ڪرايو هو ۽ چندو به سالن کان نه ڏنو ويو هو. ان سڀي معاملي کي ترتيب ۾ آڻڻو هو. ان ڪري ٿي ان ۾ ايڏي دير ٿي ويئي. ان کان اڳ جو اهي ڪيس هتان کڻي وڃن ۽ اهو جلد ٿي ٿيندو. اسان کي تيار ٿي وڃڻ گهرجي. تو جيئن چيو هو ته آئون تو کي هتي اڪيلو ڇڏي ويندس. معاف ڪجانءِ. ٽيليفون آيو آهي. آئون هڪ پل ۾ اچان ٿو.“

يبوگراف راهداري ۾ آيو جيڪا يوريءَ جي اڻ ڄاتل ساٿين. سندس اسڪول جي دوستن، اسپتال جي هيٺين درجي جي ملازمن ، ڇپائي جو ڪم ڪندڙن ۽ ڪتابن وڪڻڻ وارن سان ڀري پيئي هئي. ميرينا ڪاٺ جي بينچ جي ڪنڊ تي پنهنجن ٻنهي ٻارن کي ٻانهن ۾ وٺي ڪين پنهنجي ڪلهن تي پيل ڪوٽ ۾ لڪائي [اهو هڪ سرد ڏينهن هو] ڪمري ۾ موٽي وڃڻ جي انتظار ۾ ائين ويٺي هئي جيئن جيل ۾ آيل ڪو ملاقاتي جيل جي محافظ ٻاران اندر وڃڻ جي اجازت ملڻ جي انتظار ۾ ويٺل هوندو آهي. راهداري ۽ هال ۾ گهڻي رش هئي. سامهون وارو در کليل هو ۽ گهڻا ماڻهو ٻاهر بيهي ڳالهائي رهيا هئا. اهي جيترو هيٺ ۽ رستي جي ويجهو هئا ايترو ٿي سندن آواز وڌيڪ صاف ۽ زور سان پئي آيو.

ماڻھن جي لاڳيتي ڳالھہ ٻولھہ جي آواز ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ۾ سليقي سان هيٺين آواز ۾ ڳالھائيندي. ييوگراف ٽيليفون تي جنازي جي انتظامن ۾ ڊاڪٽر جي موت جي حالتن متعلق سوالن جا جواب ڏيئي رهيو هو. پوءِ هو موٽي ڪمري ۾ ويو ۽ ڳالھہ ٻولھہ شروع ٿي ويئي.

"مهرباني ڪري ٻارڻ جي ان رسم کان پوءِ غائب نہ ٿي وڃجان. لاريسا فيودوروونا، مون کي خبر ناهي تہ تون ڪٿي رهيل آهين. مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ غائب نہ ٿجانءِ. مون کي توکي هڪ درخواست ڪرڻي آهي. آئون جيتري جلد ٿي ممڪن ٿي سگھي، سياڻي يا پرينءَ، پنھنجي ڀاءُ جي ڪاغذن کي ترتيب ۾ آڻڻ جي ڪم جي شروعات ڪرڻ چاهيان ٿو. مون کي تنھنجي مدد جي ضرورت پوندي. تون سندس بابت شايد ٿي ٻئي ڪنھن بہ ماڻھوءَ کان گھڻو وڌيڪ ڄاڻين ٿي. تو ٻڌايو تہ تون ارڪٽسڪ کان بہ ڏينھن اڳ آئي آهين ۽ گھڻو عرصو هتي نہ رهندين. اهو بہ تہ تون هتي اتفاقاً ڪنھن ٻئي ڪم سان آئي هئين ۽ توکي اها خبر نہ هئي تہ اهو گذريل مهينن ۾ منھنجي ڀاءُ جو فليٽ هو يا ساڻس ڇا ٿيو هو. تو جيڪي ڪجھہ چيو مون کي سمجھہ ۾ ناهي آيو ۽ آئون توکان ان جي وضاحت بہ نہ پيو گھران پر مهرباني ڪري مون کي پنھنجو ڏس ڏيڻ کان سواءِ نہ هلي وڃجانءِ. بهتر تہ ائين ٿيندو تہ اسان کي انھن مسودن کي ڏسڻ لاءِ جيڪي ڪجھہ ڏينھن گھربل آهن اُهي اسان ساڳئي گھر ۾ يا گھٽ ۾ گھٽ هڪ ٻئي جي بلڪل ويجھو گذاريون. شايد ان عمارت جي ٻن ٻين ڪمرن ۾. ان جو انتظام ٿي سگھي ٿو. آئون مينيجر کي سڃاڻان ٿو."

"تو چيو تہ مون جيڪا ڳالھہ ڪئي اها توکي سمجھہ ۾ نہ آئي. ان ۾ پلا سمجھڻ جي ڪھڙي ڳالھہ آهي؟ آئون ماسڪو پھچي پنھنجو سامان اسٽيشن تي ڇڏي پراڻي ماسڪو جي ڪجھہ رستن تي گھمڻ لاءِ نڪري پيس.

منجانئن اڌ تہ آئون سڃاڻي ئي نہ سگھيس. آئون ايڏو گھڻو عرصو پري رهي آهيان جو مون کان اهي وسري ويا آهن. ها تہ آئون ڪزنسڪي موسٽ ۾ ڪزنيسڪي پريولوف تي هلندي رهيس ۽ اوچتو ڪنھن غير معمولي طور مانوس جاءِ ڪيمرگرسڙڪ تان منھنجو گذر ٿيو. هتي ئي هن ساڳي عمارت ۾ بلڪ ان ئي ڪمري ۾ جنھن ۾ تون ۽ آئون هاڻي ويٺا آهيون، منھنجو مڙس انتيپوف جنھن کي گولي هڻئي ويئي، هڪ شاگرد طور رهندو هو. مون سوچيو تہ آئون اندر وڃان

متان پراڻا مسواڙي شايد اجا اتي رهندا هجن. آئون ساڻن ملنديس. ڏس ته مون کي خبر نه هئي ته سڀڪجهه تبديل ٿي چڪو هو. ايستائين ته ڪنهن کي سندن نالا به ياد نه هئا. مون کي اها پوءِ پئي ڏينهن ۾ اچ آهستي آهستي ماڻهن کان پڇا ڪرڻ کان پوءِ خبر پيئي پر تون اتي موجود هئين. خبر ناهي ته آئون توکي ڇو پيئي ٻڌايان. آئون بلڪل ٿي دنگ رهجي ويس. در پوري ريت کليل هو. هر پاسي ماڻهو هئا. ڪمري ۾ هڪ تابوت رکيل هو. هڪ مئل ماڻهو. هُو ڪير آهي؟ مون اندر اچي متي وجي ڏٺو.مون سوچيو ته آئون چري ٿي پنهنجي حال مان نڪري ويئي آهيان پر تون اتي موجود هئين. تو مون کي ڏٺو. ڏٺو هو نه؟ آئون توکي پلا اهو سڀ ڇو پيئي ٻڌايان؟"

"ترس. هڪ پل ترس لاريسا فيودوروونا. مون توکي اڳ ئي ٻڌايو آهي ته نه مون کي نه ئي يوري کي ان ڪمري جي حيرتناڪ واسطن ۾ يا اهو ته انتيپوف هتي ڪڏهن رهيو هو جو ٿورو به اندازو هو. پر مون کي جنهن ڳالهه سڀ کان گهڻو حيران ڪيو اُها تنهنجي بلڪل هاڻي چيل ڳالهه هئي. آئون توکي هڪ پل ۾ ٻڌايان ٿو. جيستائين انتيپوف. استريلنيڪوف جو تعلق آهي ته گهرو ويڙه جي شروعات واري وقت ۾ آئون سندس ذڪر اڪثر تقريباً هر روز ٻڌندو هوس ۾ ساڻس به ٿي پيرا منهنجي ملاقات به ٿي. يقيناً مون کي ڪڏهن به اهو خيال نه آيو هو ته خاندان جي حوالي سندس نالو منهنجي لاءِ ايڏي اهميت اختيار ڪري ويندو. پر مون کي معاف ڪجانءِ. مون شايد توکي غلط ٻڌو آهي. منهنجي خيال ۾ تو چيو. اها رڳو زبان جي لغزش به ٿي سگهي ٿي ته ڪيس گولي هنئي ويئي هئي. توکي اها ضرور جاڻ هئڻ گهرجي ته هُن پنهنجي پاڻ کي گولي هنئي هئي."

"ها اهو مون موقف به ٻڌو آهي پر مون کي ان تي يقين ناهي. پاويل پاولووچ آپگهات ڪرڻ وارو شخص نه هو."

"پر توکي خبر آهي ته اها بلڪل پڪي ڳالهه آهي. يوري ٻڌايو ته انتيپوف ان گهر ۾ ئي پاڻ کي گولي هنئي جتي اوهان تنهنجي ولادي ووستڪ وڃڻ کان اڳ رهيل هئا. تنهنجي رواني ٿيڻ کان پوءِ ترت ائين ٿيو. منهنجي ڀاءُ کي سندس لاش مليو. هُن ان کي دفن ڪيو. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته توکي اهو نه ٻڌايو ويو؟"

مون کي وري بي مختلف ڳالهه ٻڌائي ويئي. ته اهو واقعي سچ آهي ته هن پنهنجو پاڻ کي گولي هنئي هئي؟ ماڻهن اهو چيو ٿي پر مون کي يقين نه ٿي آيو. ۽

ان ساڳئي گهر ۾؟ اهو ممڪن نه ٿو لڳي. اها ڳالهه منهنجي لاءِ انتهائي اهم آهي. منهنجي خيال ۾ توکي خبر ناهي ته ڪڏهن هو ۽ زواگو مليا هئا ۽ انهن جي هڪ ٻئي سان واقفيت ٿي هئي؟"

"يوري مون کي اهو ٻڌايو ته انهن ڏکهي ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي."

"ها اهو واقعي سچ آهي! او خدا جو شڪر آهي، خدا جو شڪر آهي. اها سٺي ڳالهه آهي."انتيپوا آهستي صليب جو نشان ناهيو."ڪهڙو نه ششدر ڪندڙ، ڪهڙو نه اڳ ئي طئي ٿيل اتفاق آهي. تون مون کي پوءِ ان موضوع ڏانهن موٽڻ ۽ توکان ان بابت وڌيڪ پڇا ڪرڻ جي اجازت ڏيندين؟ هر ڳالهه مون کي تمام گهڻي عزيز آهي. پر هينئر آئون اهو نه ٿي ڪري سگهان. آئون گهڻي پريشان آهيان. آئون ٿوري دير ماٺ ڪري وهندس ۽ پنهنجن خيالن کي سهيڙيندس. تون مون کي ان لاءِ معاف ڪندين؟"

"يقيناً يقيناً"

"تون دل ۾ ته نه ڪندين، نه ڪندين نه؟"

"يقيناً نه ڪندس."

اوه، ها. مون کي وسري ئي ويو هو. تو مون کي ٻارڻ وارين رسمن کان پوءِ نه وڃڻ لاءِ چيو هو. ٺيڪ آهي آئون اهو توکي وچن ٿي ڏيان ته آئون غائب نه ٿينديس. آئون توسان گڏ هتي ايندس ۽ جتي تون چوندين اتي جيترو عرصو ضروري هوندو اوترو رهنديس. اسان يوريءَ جي مسودن کي نظر مان ڪينداسين. آئون تنهنجي مدد ڪندس. اهو درست آهي ته آئون تنهنجي لاءِ ڪارائتي ٿي سگهان ٿي. آئون سندس لکڻي، ان جي هر موڙ کي نهايت چڱي ريت پنهنجي دل، پنهنجي رت جي هر ڦڙي وسيلي سڃاڻان ٿي. پوءِ وري توکي خبر آهي ته آئون توکان ٻه ڪا شيءِ پڇڻ چاهيان ٿي، مون کي ٻه تنهنجي مدد جي ضرورت پوندي. ڇا مون اهو نه ٻڌو هو ته تون وڪيل آهين؟ يا بهرحال تون موجوده دور جي سيني قاعدن قانونن کان واقف آهين. هڪ ٻي شيءِ ته آئون اهو ڄاڻڻ چاهيان ٿي ته معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙي سرڪاري ڪاتي کي درخواست ڏيڻ گهرجي. اهڙيون شيون ٿورا ماڻهو ئي ڪنهن کي ٻڌائي سگهن ٿا. تنهنجو ڇا خيال آهي؟ مون کي هڪ ڀوائتي ها واقعي نهايت ڀوائتي شيءِ متعلق تنهنجي صلاح گهرجي. اهو هڪ ٻار جو معاملو آهي پر اسان ان متعلق مساڻ مان موٽڻ کان پوءِ

ڳالهائيندا سين. سچي حياتي آئون ماڻهن جي ڳولا جو ڪم ئي ڪندي رهي آهيان. مون کي اهو ٻڌاءِ تہ ڪنهن اهڙي فرضي صورتحال ۾ جنهن ۾ ڪنهن اهڙي ٻار جنهن کي نپائڻ لاءِ اجنبين کي ڏنو ويو هجي ڳولڻ ضروري ٿي وڃي تہ ڇا سچي ملڪ ۾ موجود ٻارن جي گهرن متعلق اطلاع ڏيڻ جو ڪو ذريعو موجود آهي؟ ڇا نڌڻڪن لاوراث ۽ رولو ٻارن جو ڪو رڪارڊ ڪڏهن رکيو ويو آهي يا اهڙي ڪا ڪوشش ڪئي ويئي آهي؟ نہ. مون کي هاڻي نہ ٻڌاءِ. مهرباني ڪري هاڻي نہ ٻڌاءِ! اسان ان متعلق پوءِ ڳالهائينداسين. آئون ايڏي ڊنل آهيان. زندگي ايڏي ڊيڄاريندڙ آهي. ڇا تون ائين نہ ٿو سمجهين؟مون کي پوءِ جو پتو ناهي جڏهن منهنجي ڌيءُ اچي مون سان رهندي پر هاڻي مون کي ڪو سبب نظر نہ ٿو اچي تہ آئون ان فليٽ ۾ ڇو نہ ٿي رهي سگهان. ڪاتيا موسيقي ۽ اداڪاري جي سلسلي ۾ غير معمولي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو آهي. هوءَ نقل ڪرڻ ۾ نهايت هوشيار ٿي ويئي آهي. هوءَ اوپيرا جا سڄا سارا گيت رڳو ٻڌي پاڻ ڳائي ٿي وڃي. ڇا تون نہ ٿو سمجهين تہ هوءَ هڪ غير معمولي ٻار آهي؟ آئون چاهيان ٿي تہ هوءَ ناٽڪ اسڪول يا ڪنزرويٽري جي جونيئر ڪلاس ۾ داخل ٿئي. پوءِ پلي ڪيس ڪٿي بہ داخلا ملي. مون کي سندس وظيفي جو بہ بندوبست ڪرڻو آهي. ان ڪري ئي آئون في الحال ڪيس پاڻ سان نہ وٺي آئي آهيان تہ جيئن اهي سڀ بندوبست ڪري وٺان. جڏهن آئون اهو سڀ ڪري وٺنديس تہ پوءِ آئون موٽي وينديس. ڇا تون نہ ٿو سمجهين تہ شيون ايتريون منجهيل آهن جو ماڻهو هر شيءِ جي وضاحت نہ ٿو ڪري سگهي. پر اسان ان متعلق پوءِ ڳالهائينداسين. هاڻي آئون ٿورو انتظار ڪنديس، پنهنجو پاڻ کي سهيڙينديس، چپ رهي، پنهنجن خيالن کي سهيڙي نہ ڊچڻ جي ڪوشش ڪنديس. ان ڪان سواءِ اسان يوريءَ جي دوستن کي گهڻي وقت کان ٻاهر بيهاريو آهي. بہ پيرا مون کي لڳو تہ ڪنهن دروازو ڪڙڪايو هو. ٻاهر ڪجهہ ٿي رهيو آهي.

شايد ڪفن دفن جي بندوبست ڪرڻ واري اداري جا ماڻهو آيا آهن. آئون هتي ڪجهہ دير ماٺ ڪري وهنديس پر تون بهتر ٿيندو تہ دروازو کول ۽ کين اندر اچڻ ڏي. هاڻي وقت اچي ويو آهي. ڇا توکي ائين نہ ٿو لڳي؟ بيهہ، بيهہ. تابوت جي پر ۾ هڪ پير رکڻ جو تختو هئڻ گهرجي نہ تہ ماڻهو يوري تائين نہ پهچي سگهندا. مون ڪڙين تي بيهي ڪوشش ڪئي هئي پر اها ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي.

ميرينا مارڪيلوونا ۽ ٻارن کي ان جي ضرورت پوندي. ان کان سواءِ اها هڪ درست ڳالهه آهي، آخري رسمن لاءِ ان جي تاڪيد ٿيل آهي تہ "۽ تون مون کي پنهنجي آخري چمي ڏي، او آئون اهو سهي نہ ٿي سگهان ، نہ ٿي سهي سگهان. اهو سڀ ڪجهہ ڪيڏو نہ تڪليف ڏيندڙ آهي! ڇا تون ائين نہ ٿو سمجهين؟"

"آئون ڪين اندر گهرايان ٿو پر ائين ڪرڻ کان اڳ رڳو هڪ ٻي ڳالهہ. تو ايڏيون ڳجهيون ڳالهيون ڪيون آهن ۽ ايڏا گهڻا سوال اٿاريا آهن جيڪي واضح طور تنهنجي لاءِ تڪليف ڏيندڙ آهن ۽ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ توکي ڇا جواب ڏيان. پر هڪ ڳالهہ اهڙي آهي جيڪا آئون چاهيان ٿو تہ تنهنجي علم ۾ هجي مهرباني ڪري پنهنجين سيني پريشانين ۽ مسئلن ۾ مون کي ياد رکجان. منهنجي مدد تنهنجي لاءِ هر وقت حاضر آهي. آئون توکي اها آڇ پنهنجي مرضي ۽ پنهنجي دل سان ڪري رهيو آهيان. ياد رکجان توکي ڪڏهن بہ پلي کهڙيون بہ حالتون ڇو نہ هجن، مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. خراب حالتن ۾ اميد رکڻ ۽ عمل ڪرڻ اهي اسان جا فرض آهن. ڪجهہ نہ ڪرڻ ۽ مايوس ٿيڻ پنهنجي فرض کي نظرانداز ڪرڻ آهي. هاڻي آئون سوڳوارن کي اندر گهرايان ٿو. تون پير رکڻ واري تختي بابت صحيح ٿي چوين. آئون اهو وٺي ايندس."

پر لارا ڪجهہ بہ نہ ٻڌي پئي ٻڌو. هن نہ تہ ڪيس دروازو کوليندي، نہ وراندي مان ماڻهن جي اچڻ ۽ نہ ئي انتظار ڪندڙن ۽ مک سوڳوارن کي ڏنل سندس هدايتن کي ٻڌو. هن ميڙ جي اچ وڃ، ميرينا جي روئڻ، ماڻهن جي کنگهڻ ۽ عورتن جي ڳوڙهن ۽ رڙين مان ڪجهہ بہ نہ ٻڌو.

ميڙ سندس چوڌاري حرڪت پئي ڪئي. آوازن جي يڪسانيت ڪيس بيزار ڪري ڇڏيو ۽ سندس مٿو چڪرائڻ لڳو. هن بيهوش ٿيڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجي پوري قوت جو استعمال ڪيو. سندس دل ڦاٽي پئي ۽ سندس مٿي ۾ سخت سور هو. پنهنجيون اکيون بند ڪندي هن پنهنجو پاڻ کي يادگيرين ، غوروفڪر ۽ قياسن ۾ گم ڪري ڇڏيو. هوءَ انهن ۾ ٻڏي، هڪ فرار اختيار ڪري ڄڻ ڪجهہ وقت ، ڪجهہ ڪلاڪن لاءِ هڪ اهڙي مستقبل ۾پهچي ويئي جنهن کي ڏسڻ لاءِ هوءَ شايد جيئري نہ هجي، اهڙو مستقبل جنهن سندس عمر کي ڪيئي ورهيہ وڌائي ڇڏيو هجي، اهڙو مستقبل جنهن ۾ هوءَ پوڙهي هئي.

ڪير ناهي رهيو. هڪ ڇٽو گذاري ويو. ٻئي ياڻ کي ماري ڇڏيو. رڳو اهو جيئرو رهجي ويو آهي جنهن کي قتل ٿي وڃڻ گهرجي ها. جنهن کي هن مارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ناڪام ويئي، اهڙو اجنبي جنهن جو ڪجهه به ساڻس مشترڪ نه هو. اهڙو بيڪار غير اهم شخص جنهن سندس چاڻڻ کان سواءِ سندس زندگيءَ کي ڏوهن جي هڪ سلسلي ۾ بدلائي ڇڏيو هو. اهو حقير شيطان ايشيا جي ڏندڪٿائي رستن تي گهمندو ٿو وتي ۽ ڪيس ٽپال جي ٽڪيٽن جمع ڪندڙن کان سواءِ ٻيو ڪير نه ٿو سڃاڻي. جيڪي ويجها ۽ ضروري هئا. انهن مان ڪوبه باقي ناهي رهيو.

سوچ، اهو ڪرسمس هو ۽ هوءَ هن گندي ڪانو کي گولي هڻڻ لاءِ رواني ٿي هئي. ان وقت هن ٿي ڪمري ۾ هن جي پاشا سان. جيڪو اجا ڇوڪرو هو، اها ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. يوري جنهن جو لاش اهي هاڻي ڪٽي وڃي رهيا آهن اجا سندس زندگي ۾ داخل نه ٿيو هو.

هن پنهنجي يادگيريءَ تي زور وجهي پاشا سان ان ڪرسمس تي ٿيل ڳالهه ٻولهه وري تازي ڪرڻ جي ڪوشس ڪئي، پر هوءَ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ياد نه ڪري سگهي ته ان وقت دريءَ جي چائنٽ تي ميڻ بتي ٻري رهي هئي ۽ ان جو پگهريل ميڻ شيشي تي ڄمي رهيو هو.

ڪيس ڪيئن اهو معلوم ٿي سگهيو ٿي ته يوري، جنهن جو مڙهه ميز تي پيو هو. اتان گذرندي اها ميڻ بتي ڏٺي هئي ۽ ان کي ياد رکيو هئائين. ان روشنيءَ ("ميڻ بتي ميز تي ٻري، ميڻ بتي ٻري") کي ڏسڻ واري وقت کان وٺي ان ڳالهه سندس زندگيءَ کي پنهنجي ضابطي ۾ وٺي ڇڏيو هو جيڪا اڳ ئي سندس تقدير ۾ لکجي چڪي هئي.

سندس خيال ڀٽڪڻ لڳا. هن سوچيو "بهرحال ڪهڙي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته ڪيس گرجا واريون جنازي جون رسمون نصيب نه ٿيون آهن. دفنائڻ واري مذهبي رسم ڪيڏي نه شاندار ۽ بهترين هوندي آهي!

گهڻن ماڻهن کي سندن مرڻ تي، ان جي باوجود ته هُو ان جا مستحق نه هوندا آهن. اها ملندي آهي. پر يوريءَ کي اهو پلوڙ موقعو ملڻ گهرجي ها. هُو ان سڄي روح راڙي جيڪو خدا جي عبادت ۾ بدلجي وڃي، جو بجا طور مستحق آهي."

هاڻي هن پنهنجي اندر ۾ فخر ۽ سڪون جي هڪ لهر کي محسوس ڪيو جيڪا هوءَ هميشه يوريءَ جي خيال اچڻ مهل ۽ پنهنجي زندگي جي انهن

مختصر وقفن ۾ محسوس ڪندي هئي جيڪي هُن ساڻس گڏ گذاريا هئا. آزاديءَ ۾ لاتعلقي جي فضا، جيڪا سندس شخصيت جي خاصيت هوندي هئي، سندس اندر ۾ پرجيو ٿي وئي. هوءَ بيچين ٿي پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي. ساڻس ڪا سمجهه ۾ نه ايندڙ شيءِ ٿي رهي هئي. هن کي پلي ڪجهه پلن لاءِ ئي سهي، يوريءَ جي مدد سان آزادي، ڪليل فضا، ڏکن، جن کيس جڪڙي ڇڏيو هو، کان ڇوٽڪاري ۾ هڪ ڀيرو ورري آزادي جي خوشي کي محسوس ڪرڻ جي ضرورت هئي.

کيس لڳو ته اهڙي خوشي کانئس موڪلائڻ، پنهنجي حق ۾ ان موقعي کي کنهن رنڊڪ کان سواءِ دل کولي سندس مڙهه، مٿان روئڻ لاءِ استعمال ڪرڻ جي خوشي هوندي. هُن هڪ جذباتي ڪيفيت ۾ ڏکويل اکين سان جن ڪجهه نه پئي ڏٺو ۾ جيڪي ائين ڳوڙهن سان پريل هيون ڄڻ کنهن اکين جي ڊاڪٽر ان ۾ تڪا ڦڙا وڌا هجن، پنهنجي چوڌاري ميڙ تي نظر وڌي. سيني ماڻهن چُرپُر ڪرڻ ۽ نيٺ کيس اڪ ڪليل دروازي پويان اڪيلو ڇڏيندي ٻاهر وڃڻ شروع ڪيو. هوءَ اُن ميز ڏانهن ويئي جنهن تي مڙهه پيو هو، تيزيءَ سان صليب ٺاهيندي ٻيوگراف جي آندل پيرن رکڻ واري تختي تي چڙهي مڙهه مٿان ٿي صليب جا نشان ٺاهي پنهنجا چپ ان جي ٿڌي نرڙ ۾ هٿن تي رکي ڇڏيائين. هن ان تاثر کي رد ڪري ڇڏيو ته ٿڌو نرڙ کنهن ريت هٿ کي دٻائي مڪ ٺاهڻ جيان ننڍو ٿي ويو هو. هُن اهو خيال رکيو ته ان ڳالهه کي ڌيان ۾ نه آڻي. هڪ پل لاءِ سوچڻ ۽ رڙين ڪرڻ بنا بلڪل سانت ۾ خاموش بيٺي هو تابوت، گلن ۾ مڙهه مٿان جهڪي ان کي پنهنجي پوري وجود، پنهنجي ڇاتي، پنهنجي دل ۾ پنهنجن هٿن جيڪي ايترائي مضبوط هئا جيتري سندس دل، سان ڍڪي ڇڏيائين.

(15)

سندس پورو جسم انهن سڏڪن ڪري ڌڏيو پئي جن کي هُن روڪي رکيو هو. هوءَ جيترو پنهنجن ڳوڙهن سان وڙهي سگهي ٿي اوترو وڙهي ٿي پر ڪڏهن ڪڏهن اهو سندس سهپ کان ٻاهر ٿي ويندو هو ۽ اهي سپ بند ٽوڙي سندس ڳٽن، سندس ڪپڙن، سندس هٿن ۽ تابوت، جنهن کي هوءَ ڇهڻي پيئي هئي، مٿان ڪرڻ لڳندا هئا.

هُن نہ تہ ڳالهايو ۽ نہ ئي سوچيو ٿي. گهڻا خيال، عام ڳالهيون، حقيقتون، يقيني ڳالهيون پنهنجي مرضي ۽ ائين آزاديءَ سان جيئن آسمان ۾ ڪڪر هوندا آهن يا جيئن ماضيءَ ۾ رات ٽاڻي سندن ڳالهہ ٻولهہ هوندي هئي سندس ذهن مان هڪ ٻئي پويان ڊوڙنديون ۽ گذرنديون ٿي ويون. اها ئي ڳالهہ هئي جنهن کين انهن ڏينهن ۾ خوشي ۽ آزادي بخشي هئي. اهڙي چاڻ جيڪا دماغ مان نہ پر هڪ ٻئي کي فطري طور سمجهڻ وسيلي فوري طور ڏني ويجي.

اهڙي ئي چاڻ هاڻي سندس اندر ۾ پرجي ويئي هئي. موت جي تاريڪ ۽ غير واضح چاڻ، موت لاءِ تياري جنهن ان جي هوندي سڄي بيوسيءَ کي ختم ڪري ڇڏيو هو. اهو ائين هو ڄڻ هن ويهہ حياتيون ماڻهيون هيون ۽ يوريءَ کي لاتعداد ڀيرا وڃايو هو ۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي دل ۾ اهڙو تجربو گڏ ڪيو هئائين جنهن جي ڪري هن تابوت جي ڀر ۾ ويهي جيڪي بہ محسوس ڪيو ٿي اهو بلڪل درست ۽ مناسب هو.

"او ڪهڙو نہ اهو پيار هو ڪيڏو نہ آزاد ڪيڏو نہ نئون، ذرتي تي موجود هر شيءِ کان نرالو!" انهن اهو سوچيو ٿي جيڪو ٻين ماڻهن گيتن ۾ ڳايو ٿي.

انهن ضرورت تحت هڪ ٻئي سان پيار نہ ڪيو هو. اهي "جذبن جا غلام" نہ هئا جيئن پيار ڪندڙن لاءِ چيو ويندو آهي. انهن هڪ ٻئي سان ان ڪري پيار ڪيو جو سندن چوڌاري موجود هر شيءِ وڻ ۽ ڪڪر، سندن مٿان آسمان ۽ سندن پيرن هيٺان ذرتي سيني جي اهائي مرضي هئي. شايد سندن چوڌاري جي دنيا، سڙڪ تي ساڻن ملندڙ اجنبي، سندن هلڻ مهل سندن لاءِ ناهيل قدرتي نظارا، اهي ڪمرا جتي اهي رهيا يا هڪ ٻئي سان مليا ڪائنن بہ وڌيڪ سندن پيار مان خوش هئا.

ها پڪ سان اها ئي اها شي ءِ هئي جنهن ٻنهي کي ملايو ۽ ايڏو هڪ ٻئي جهڙو ناهيو هو! انهن ڪڏهن بہ ايستائين تہ پنهنجي خوشي جي بهترين ۽ بي قابو پلن ۾ بہ اهو نہ وساريو هو تہ ڪيف و سرور سان ڀرپور ۽ اعليٰ ترين شيءِ ڪهڙي آهي. اها سڄي ڪائنات ۾ موجود خوشي جو احساس، ان جي صورت ان جي سونهن ۽ سندن ان سان لاڳاپيل هئڻ ۽ ان جي حصي هئڻ جو احساس آهي.

ڪل سان هم آهنگي سندن لاءِ زندگيءَ جي ساهہ مثل هئي. ان جي نتيجي طور کين ماڻهوءَ جي خوشامد ڪرڻ، کيس باقي فطرت کان مٿي ڪري سندس پوڄا ڪرڻ واري جديد رواج ڏانهن ڪا ڇڪ محسوس نہ ٿيندي هئي. اهڙو

سماجي نظام جيڪو غلط نظرئي تي ٻيٺل هجي ۽ ان کي سياست طور استعمال ڪيو وڃي ڪين بلڪل هٽرادو، ٻاراٽو ۽ سمجهه کان ٻاهر لڳندو هو.

(16)

هاڻي هن ڪاتئس روزمره جي ڳالهه ٻولهه جي سادن ۽ مانوس لفظن ۾ موڪلائڻ شروع ڪيو، اهو حقيقت کان پري هو ۽ ان جو سواءِ غم جي موقعن تي استعمال ٽيندڙ ڪورس ۾ ڳايل گيتن واري خودڪلامي يا شاعري يا موسيقي يا ٻي ڪنهن رسم ۾ استعمال ٽيندڙ ٻولي جنهن کي رڳو انتهائي جذباتي ڪيفيت ئي جائز قرار ڏيئي سگهي ٿي ٻيو ڪو مطلب نه ٿي نڪتو.

ان معاملي ۾ جواز اهي سندس ڳوڙها هئا، جن سندس هلڪي ۽ خودرو ڳالهائڻ جي انداز کي ڳرو ٻڻائي ڇڏيو هو ۽ جن ۾سندس عام رواجي لفظ وهنجيا، ترپا ۽ ٻڏيا پئي.

ائين ٿي لڳو ته ڄڻ اهي ڳوڙهن ۾ پنل لفظ پنهنجو پاڻ ۾ چنبڙي نرم، تيز ۽ ڏيرج سان پوندڙ وڏڦڙي ۾ ائين ڳنڍجي ويا هئا جيئن نرم، پسيل پن هوا ۾ لڏندا ۽ هڪ ٻئي ۾ وچڙي پوندا آهن.

"ته اسان وري هتي آهيون، يوروچڪا، خدا هن نموني اسان کي گڏ ڪيو آهي. رڳو سوچ ته سهي ڪيڏي نه ڀوائتي شيءِ آهي! او، آئون ان کي نه ٿي سهي سگهان.او خدا، آئون رڙان ٿي، آئون روئان ٿي. ان باري ۾ سوچ وري اها اسان جي نموني، اسان جي حالتن موجب ٿيندڙ شيءِ تنهنجو هليو وڃڻ، اهو منهنجو انت آهي. وري ڪا وڏي شي جنهن کان نه تو بچي سگهجي. زندگي جو معمو، موت جو معمو ذهانت جي سونهن، پيار ڪرڻ جي سونهن ها اسان ان سڀ کي سمجهيو. جيستائين معمولي شين جهڙوڪ دنيا کي وري ناهڻ وغيره، نه مهرباني اهي شيون اسان جي لاءِ ناهن.

الوداع، منهنجا عظيم ساٿي، منهجا عزيز دوست، منهنجي عزت، الوداع، منهنجا تکا گهرا درياءَ، مون کي ڪيئن نه ان ۾ سجو ڏينهن ٺاڦوڙا هڻڻ سان پيار هو، ڪيئن آئون تنهنجي ٿڌي، گهري لهرن ۾ ترڪرڻ چاهيندي هيس.

ياد ڪر ان ڏينهن ان سجي برف ۾ اسان ڪيئن الوداع چيو هو، تو مون سان کهڙي نه اٽڪل بازي ڪئي! ڇا آئون ڪڏهن به توکان سواءِ وڃان ها؟ او، آئون

جاڻان ٿي، مون کي خبر آهي تہ تو ائين ڪرڻ لاءِ پاڻ تي جبر ڪيو هو .تو سوچيو نہ اهو منهنجي ڀلي لاءِ هو. ان کان پوءِ هر شيءِ غلط ٿي ويئي. مون کي اتي توکان سواءِ ڇا ڇا ڪي منهن ڏيٺو پيو. او خدا آئون کهڙين نہ ڏکين حالتن مان گذريس پر يقيناً توکي ان مان ڪنهن شيءِ جي خبر ناهي. او مون ڇا ڪيو آهي. پورا مون ڇا ڪيو آهي! آئون اهڙي ڏوهاري آهيان جنهن متعلق توکي ڪو خيال بہ نہ هوندو. پر اها منهنجي غلطي نہ هئي. آئون اسپتال ۾ ٽي مهينا بيمار هيس ۽ هڪ سڄو مهينو بستري تي هئس. ان کان پوءِ حياتي جيئري رهڻ لائق نہ رهي آهي. منهنجي دل پرسڪون ناهي. آئون همدردي ۽ رحم لاءِ جيئڻ نہ ٿي چاهيان پر آئون توکي سڀ کان اهم شيءِ تہ ٻڌايان ٿي نہ پئي. آئون اها نہ ٿي چئي سگهان. مون ۾ ايڏي سگهہ ناهي. هر وقت جڏهن آئون پنهنجي زندگي جي ان حصي ڏانهن ايندي آهيان تہ آئون اڳتي وڌي نہ سگهندي آهيان. منهنجا وار پاڙ تائين ڪڙا ٿي ويندا آهن. اها ايڏي پوائنٽي شيءِ آهي. توکي خبر آهي تہ مون کي ايستائين تہ اها بہ پڪ ناهي تہ آيا هاڻي منهنجا هوش ۽ حواس بہ درست آهن يا نہ. پر تون ڏس مون شراب جو سهارو نہ ورتو آهي جيئن گهڻا ماڻهو ڪندا آهن. آئون ان کان بچندي رهي آهيان. ڇاڪاڻ تہ هڪ شرابي عورت جو مطلب هر شيءِ جو انت آهي. اهو ناممڪن آهي. تنهنجو بہ اهوئي خيال آهي يا نہ؟"

هوءَ ڳالهائيندي، روئندي ۽ پنهنجو پاڻ کي ايذائيندي رهي پر اوچتو هن مٿي ڏٺو ۽ اهو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويئي تہ ڪمرو گهڻو اڳ ماڻهن ۽ گوڙ شور سان ڀرجي ويو هو.

هوءَ تخت تان لٿي ۽ تابوت کان پري هلي ويئي. اجا تائين روئڻ ڪري سندس اکيون ڳوڙهن سان ڀريل هيون. ڳوڙهن صاف ڪرڻ لاءِ اکين کي هٿ سان دٻائي آڱرين سان ڳوڙهن کي ڪڍي فرش تي ڦٽو ڪيائين.

ڇهہ ڄڻا تابوت وٽ آيا. ان کي ڪنيائون ۽ ٻاهر کڻي ويا.

(17)

لارا گهڻا ڏينهن ڪيمرگر رستي واري گهر تي رهي پيئي هئي. يوري جي ڪاغذن جي ترتيب جو ڪم تہ سندس مدد سان ٿي شروع ٿيو پر ختم ڪانئس سواءِ

ٿي ٿيو. هن بيوگراف سان به پنهنجي ڳالهه ڪئي هئي ۽ ڪيس هڪ اهم حقيقت ٻڌائي هئائين.

هڪ ڏينهن لارا، ٻاهر ويئي ۽ موٽي نه آئي. هوءَ ضرور رستي تي گرفتار ٿي ويئي هوندي، جيئن انهن ڏينهن ۾ اڪثر ٿيندو هو. هو اتر جي لاتعداد گڏيل يا عورتن جي نظربندي وارين ڪئمپن مان هڪ ۾ ڪٿي سري ياگم ٿي ويئي ۽ ان فهرست، جيڪا پوءِ گم ٿي ويئي، جي هڪ بي نام انگ وانگر وسري ويئي.

☆

"نہ، گهٽي نہ ملي سگهي آهي. اتي هڪ پراڻي پٿر جي عمارت هئي، ماڻهو ان کي اصطبل ڪوٺيندا هئا. اها ڪنهن دور ۾ سوهوز جي گهوڙن جي اصطبل طور استعمال ٿيندي هئي. اهو نالو هاڻي تاريخ جو حصو بڻجي چڪو آهي. اها نهايت وڏين ٿلهين ديوارن واري پراڻي عمارت هئي. جرمنن ان کي هڪ ناقابل تسخير قلعو ناهي ڇڏيو هو. اهو ٽڪريءَ تي هو ۽ اهي سڄي علائقي کي توبن جي زد ۾ آڻي اسان جي پيش قدميءَ کي روڪي رهيا هئا.

ان کي تباهہ ڪرڻ ضروري هو. ڪرستينا پنهنجي همت ۽ ذهانت جي معجزي سان جرمن صفن ۾ داخل ٿي ويئي ۽ ان کي اڏائي ڇڏيائين. کيس جيئرو گرفتار ڪيو ويو ۽ ڦاهي ڏني ويئي."

"کيس ماڻهو ڪرستينا اورليتسووا ڇو ٿا سڏين، دودوروف جي نالي سان ڇو نہ ٿا سڏين؟"

"توکي خبر آهي تہ اسان جو اڃا رڳو مڱڻو ٿيو هو. اسان 1941ع جي گرمين ۾ فيصلو ڪيو هو تہ اسان جنگ جي پڄاڻي تي شادي ڪنداسين. ان کان پوءِ ٻي سڄي فوج وانگر آئون مختلف جاين تي ويندو رهيس. منهنجي يونٽ کي لاتعداد ڀيرا تبديل ڪيو ويو ۽ ان دوران منهنجو ساڻس لاڳاپو ختم ٿي ويو. مون کيس وري ڪڏهن نہ ڏٺو. مون کي سندس همت ڀرئي ڪارنامي ۽ سورهياڻپ واري موت جي بہ ٻين ھر ڪنهن جيان اخبارن ۽فوجي اعلانن مان خبر پيئي. ماڻهن جو چوڻ آهي تہ اهي هتي ڪٿي ويجهو سندس يادگار ناهي رهيا آهن. مون ٻڌو آهي تہ جنرل زواگو يوريءَ جو ڀاءُ، علائقي ۾ چڪر هڻي سندس متعلق تفصيل گڏ ڪري رهيو آهي."

مون کي معاف ڪجانءِ، مون کي ان متعلق توکي ڳالهائڻ لاءِ نہ چوڻ گهربو هو. مون توکي پريشان ڪري ڇڏيو."

"نہ، اها ڳالهہ ناهي پر آئون توکي روڪڻ نہ ٿو چاهيان. تون ڪپڙا لاهہ، پاڻيءَ گهڙ ۽ پنهنجو ڪم ڪر. آئون ڪپ تي ليٽي گاهہ جا سلا چٻاڙيندس ۽ سوچيندس. آئون شايد ٿوري ننڊ بہ ڪري وٺان."

ڪجهہ پلن کان پوءِ انهن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"تو هن ريت ڪپڙا ڌوئڻ ڪٿان سکيا؟"

"ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي. اسان بدقسمت هئاسين. اسان کي بدترين سزائن واري ڪئمپن ۾ موڪليو ويو هو. ڪجهہ ٿورا ئي انهن مان جيئرا بچي

پوءِ ڪاٺ ڪي چڪينديءَ ڳچيءَ تائين برف ۾ ٻڏل هوندا هئاسين. گهڻي وقت تائين اسان کي اها خبر نہ هئي تہ جنگ پئي هلي. انهن ان کي اسان کان لڪايو هو. پوءِ اوچتو اها آچ آئي تہ توهان رضاڪارانہ طور سزا ڪاڏل قيدين جي بٽالين ۾ وڙهڻ لاءِ جنگ جي محاذ تي وڃو ۽ پوءِ جيڪڏهن اتان جيئرا بچي ويا تہ بہ آزاد هوندائو. ان کان پوءِ حملن مٿا حملا، وک وک تي برقي لوهي ڪنڊيدار تارون، بارودي سرنگهون، توبن جا گولا، مهينن جا مهينا توبخاني جو وسڪارو. اُهي اسان جي ڪمپني کي موت جو جٿو سڏيندا هئا. اها عملي طور ميسارجي ويئي، مون کي خبر ناهي تہ آئون ڪيئن ۽ ڇو بچي ويس. ان جي باوجود بہ سوچ تہ اها نسوري جهنم بہ ڪجهہ نہ هئي. نظربنديءَ واري ڪئمپ جي دهشتن جي ڀيٽ ۾ تہ اها ڄڻ بهشت هئي. اهو مادي حالتن ڪري نہ پر ان جو ٻيو ڪارڻ هو."

"ها، تون گهڻين پريشانين مان گذريو آهين."

"اهو رڳو ڪپڙا ڌوئڻ نہ هو جيڪي تو اتي سکيو ٿي، تو اتي هر اها شيءِ سکي ٿي جيڪا اتي سکڻ لاءِ موجود هئي."

"توکي خبر آهي تہ اها هڪ غير معمولي شيءِ آهي. اها رڳو تنهنجي هڪ قيدي واري زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ نہ پر ٽيهہ واري ڏهاڪي جي هرشيءِ جي ڀيٽ ۾ ۽ ايستائين تہ يونيورسٽي، ڪتابن، پئسي ۽ آرام ۾ گذاريل منهنجي خوش ڪن حالتن جي ڀيٽ ۾ بہ، منهنجي لاءِ اتي بہ جنگ هڪ تازي هوا جي جهوٽي چوٽڪاري جي هڪ شگون ۽ هڪ صاف ڪندڙ طوفان جيان آئي.

منهنجي خيال ۾ اجتماعيت ساڳي وقت هڪ غلطي ۽ هڪ ناڪامي هئي. چاڪاڻ تہ ان جو اقرار نہ پئي ٿي سگهيو ان ڪري ڌمڪائڻ ۽ ڊيڄارڻ جو هر طريقو استعمال ڪيو ويو تہ جيئن ماڻهن کان پنهنجي ليکي سوچڻ ۽ فيصلو ڪرڻ وسري وڃي، ڪين اهو ڏسڻ تي مجبور ڪيو وڃي جيڪي اتي موجود نہ هيو ۽ جيڪي سندن اکين ڏٺو تي ان جي نفي ڪن. اهڙي ريت بيزاوف جو سخت ڏهڪاءُ جنهن جو مثال نہ ٿو ملي، آئين جو اعلان جنهن جي لاڳو ڪرڻ جو ڪو بہ ارادو ناهي ۽ چونڊون ڪرائڻ، جن جو بنياد آزاد ووٽ جي اصول تي ناهي. سڀ ان سلسلي جون ڪڙيون آهن.

جڏهن جنگ شروع ٿي تہ ان جو حقيقي ڏهڪاءُ، ان جا حقيقي خطرا، ان جو حقيقي موت جو ڊپ ڪوڙ جي غير انساني قوت جي ڀيٽ ۾ رحمت مثل هئا. هڪ سڪون ۽ آرام چاڪاڻ تہ ان مرده قانونن جي طلسم کي ٽوڙي ڇڏيو هو.

ان کي رڳو تنهنجي حالتن، نظربندي وارن ڪئمپن ۾ رهندڙ ماڻهن محسوس نہ ڪيو پر ڪنهن فرق کان سواءِ گهر ۽ محاذ تي هر ڪنهن ان کي محسوس ڪيو ۽ سيني هڪ گهرو ساهہ کڻي پاڻ کي حقيقي خوشي ۽ جوش سان ان موتمار چوٽڪارو ڏيارينڌڙ جدوجهد جي ٻنيءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو.

جنگ جو انقلابي ڌاڪن واري زنجير ۾ لاڳاپي پيدا ڪندڙ جي حيثيت ۾ هڪ خاص ڪردار آهي. اها انقلاب جي اصل ڪارڻن جي سڌي ريت مداخلت کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. هاڻي ثانوي ڪارڻ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. اسان ان جي ڦل جو ڦل ۽ ان جي نتيجن جو نتيجو ڏسي رهيا آهيون. اهڙا ڪردار جن کي بدبختي ٺاهي ڇڏيو، جيڪي ڪريل ناهن، سورهيہ. وڏا ڪارناما انجام ڏيڻ لاءِ تيار اهڙا ڪارناما جيڪي ڪڏهن ٻڌا نہ ويا، اهي شاندار حيران ڪندڙ صلاحيتون هن نسل جي اخلاقي واڌ ويجهہ جو پتو ڏين ٿيون.

جڏهن آئون اهڙيون شيون ڏسان ٿو تہ ڪرسٽينا جي شهادت، اسان جي نقصانن، منهنجن ڦٽن ۽ جنگ ۾ ٿيل پاري جاني نقصان جي باوجود خوشيءَ ۾ پرجي وڃان ٿو. پاڻ ارپڻ واري روشنيءَ کي ڏسڻ سان، جنهن اورليتسووا جي موت ۾ اسان سيني جي حياتيءَ کي منور ڪيو آهي، مون کي ان نقصان کي سهڻ جي طاقت ملي ٿي. مون کي ان وقت آزاد ڪيو ويو جڏهن تون، منهنجا دوست، ان سڄي ايذاءَ مان گذري رهيو هئين. ان کان ترت پوءِ ڪرسٽينا يونيورسٽي ۾ تاريخ جي شاگرد طور داخلا ورتي. مون کيس پڙهايو. مون ان کان گهڻو اڳ پنهنجي قيد جي پهرئين مدي جي پڄاڻي وقت جڏهن هوءَ اڃا ٻار هئي، اهو محسوس ڪيو هو تہ هوءَ هڪ باصلاحيت ڇوڪري هئي. توکي ياد آهي پوري اڃا جيئرو هو ۽ مون اوهان ٻنهي کي ٻڌايو هو. ها تہ هاڻي هوءَ منهنجي شاگرد هئي.

هيءُ اهو وقت هو جڏهن شاگردن پاران پنهنجن استادن تي تنقيد ڪرڻ جو رواج تازو تازو آيو هو. ڪرسٽينا منهنجي لاءِ سڀ کان وڌيڪ تنقيد ڪندڙ بڻجي ويئي. مون کي ياد نہ ٿي آيو تہ مون ڪيس ڇا ڪيو هو جنهن جي ڪري هوءَ ايذي چتي ٿي پيئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ٻيا شاگرد احتجاج ڪندا هئا ۽ منهنجي حمايت ۾ سندس آڏو بيهي رهندا هئا. منجهس مزاح جي وڏي حس هئي ۽ هوءَ ديواري اخبار ذريعي دل کولي مون تي چرچا ڪندي هئي. هوءَ منهنجي لاءِ اهڙا نالا گهڙيندي هئي جيڪي هر ڪنهن لاءِ واضح هوندا هئا. پوءِ اوچتو بلڪل

حادثاتي طور مون محسوس ڪيو تہ ان گهري دشمنيءَ ۾ اصل ۾ منهنجي لاءِ سندس پيار لڪل هو. هڪ مضبوط ۽ پائيدار پيار جيڪو هُن گهڻي عرصي کان منهنجي لاءِ محسوس ڪيو ٿي ۽ جيڪو مون هميشہ اهو چاهُڻ کان سواءِ تہ هن مون سان پيار ڪيو ٿي ڪيس موٽايو ٿي.

اسان جنگ کان ٿورو اڳ ۽ جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ 1941ع واري گرمين جي بهترين مند گڏ گذاري. ڪرسٽينا شاگردن، عورتن ۽ مردن جي ان گروپ ۾ شامل هئي جنهن کي ماسڪو جي پسگردائي ۾، جتي منهنجو يونٽ بہ رهيل هو، فوجي تربيت لاءِ موڪليو ويو هو. اسان جي دوستي شروع ٿي ۽ سندن فوجي تربيت هلندي اِها وڌيڪ وڌي ويجهي. پسگردائي لاءِ شهري بچاءَ وارا جتا ناهيا پئي ويا ۽ ڪرسٽينا پيراشوٽ ذريعي هيٺ لهڻ جي تربيت وٺي رهي هئي. پهرين جرمن حملي آورن کي ماسڪو جي ڇتن تان ڌڪو ويو هو ۽ انهن کي پوئتي ڌڪيو ويو هو .ان وقت جيئن مون توکي ٻڌايو، اسان جو مڱڻو ٿيو پر اٽڪل ان وقت ئي اسان کي ڌار ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ريجمينٽ اتان هلي ويئي ۽ مون وري ڪيس نہ ڏٺو.

پوءِ جڏهن اسا ن لاءِ حالتون بهتر ٿي رهيون هيون ۽ جرمن هزارن جي تعداد ۾ هٿيار ڦٽا ڪري رهيا هئا مون کي بہ ٻيرا ڦٽجڻ کان پوءِ هوائي جهاز ڪيرائڻ واري دستي مان سٽين اسٽاف ڊويزن ۾ بدلي ڪيو ويو جتي ڪين اهڙن ماڻهن جي گهرج هئي جن کي مختلف ٻوليون ايندڙيون هجن. اهڙي ريت آئون توکي سمنڊ جي تري مان ڪڍي مٿي سطح تي آڻڻ جو بندوبست ڪري سگهيس."

"ڪيپٽن ڊوڊڻ واري ڇوڪري تانيا ڪرسٽينا جي دوست هئي. انهن جي هڪ ٻئي سان واقفيت محاذ تي ٿي هئي. هوءَ سندس متعلق گهڻيون ڳالهيون ٻڌائي ٿي. تو تانيا جي مرڪڻ کي ڏٺو آهي؟ بلڪل يوريءَ جيان سندس سڄو منهن مُرڪڻ لڳي ٿو. ان وقت تون سندس مني نڪ ۽ منهن جي نڪتل هڏين کي وساري سوچين ٿو تہ هو گهڻي سهڻي ۽ پرڪشش آهي. يوري جيان اها هڪ روسي خاصيت آهي. توکي اها شيءِ هر جاءِ تي ملندي."

"آئون سمجهان ٿو تہ تنهنجو ڇا مطلب آهي. نہ مون ان تي غور نہ ڪيو آهي."

"کهڙي نہ پواڻتي ۽ وحشي عرفيت آهي، تانيا. ان جو واسطو ڪنهن سان آهي. اهو سندس خانداني نالو نہ ٿو ٿي سگهي. مون کي عجب ٿيندو آهي تہ هُر اهو نالو ڪيئن رکيو."

"ها، هُن اسان کي ٻڌايو هو تہ هوءَ اڻ ڄاتل ماءُ پيءُ جي هڪ لاوارث اولاد آهي. شايد اها عرفيت پيءُ نہ هئڻ واري اصطلاح جي بگڙيل صورت آهي ۽ ضرور ملڪ جي اندرين علائقن ۾ ڪٿي جتي هوءَ پلجي وڏي ٿي آهي ۽ جتان جي ٻولي اڃا تائين نج آهي، ڪيس ان نالي سان سڏيندا هوندا. پوءِ شهر ۾ جتي نالي کي سمجهيو نہ ويو ۽ جتي هر شيءِ کي ٽوڙيو مروڙيو ويندو آهي ان نالي کي ڦيرائي وڏيڪ شهري ۽ مقامي ٻولي موجب ڪري ڇڏيو ويو.

(3)

ان ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ جي ڪجهہ وقت کان پوءِ گورڊن ۽ دودوروف ڪراچيو جي شهر ۾ هئا جنهن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو هو. اُهي اڃا تائين پنهنجي يونٽ جو پيڇو ڪري رهيا هئا ۽ ڪراچيو ۾ ڪين ان جا ڪجهہ پويان دستا مليا هئا جيڪي مک فوج تائين پهچڻ لاءِ وڃي رهيا هئا.

ان وقت سخت گرمي هئي، موسم سٺي هئي ۽ مهيني کان وڌيڪ عرصي کان ساڳي رهندي پئي آئي. نيري، ڪڪرن کان خالي آسمان هيٺان براشينا جي ڪاري ڌرتي، اورل ۽ برينسڪ جي وچ وارو خوش قسمت زرخيز علائقو سج جي تپش ۾ ڪافي ۽ چاڪليٽي رنگ وانگر ناسي ٿي ويو هو.

مک رستي شهر جي وچان نڪري وڃي شاهراهہ سان ملي ٿي. ان جي هڪ پاسي گهر بارودي سرنگهن سان تباهہ ٿي مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪا هئا. انهن کنڊرن جي چوڌاري انهن باغن جن کي ڊاهي پٽ ڪيو ويو هو جا ٽاڙئون پٽيل، ٽڪرا ٿيل ۽ ٻريل وڻ هئا. ٻئي پاسي خالي پلاٽ هئا جن کي شايد ڌاهيو نہ ويو هو. جيئن تہ اتي ڊاهڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ هو ان ڪري باهہ ۽ ٻيڃ ڊاهہ کان اهي گهٽي ٻاڳي محفوظ رهيا هئا.

ان پاسي جتي ڪڏهن گهر هئا اتان جا ٻي گهر رهواسي اڃا تائين ڏکندڙ رک مان ڳولها ۾ رڌل هئا ۽ کنڊرن جي مختلف ڪنڊن تان شيون ڪٺي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري رهيا هئا. ٻيا ٽڪڙ ۾ عارضي زير زمين رهڻ جي جايون لاءِ خندقون کوٽي انهن کي مٿان ڍڪڻ لاءِ گاهہ وغيره وڌي رهيا هئا.

رستي جي ٻئي پاسي خالي پلاٽ تنبن سان اڇا ۽ سيني قسمن جي مدد پهچائيندڙ ادارن جي لارين ۽ گهوڙي گاڏين سان ڀريل هئا. اهي گاڏيون مختلف

اهي هڪ ڏکهي وقت، پنجن ڪلاڪن کان وڌيڪ کان انتظار ڪري رهيا هئا.

واندا هوندي انهن ڇوڪريءَ، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ گهٽيون شيون ڏٺيون هيون ۽ لڳاتار ڳالهايائين پئي، جون ڳالهيون خوشيءَ سان ٻڌيون. ان وقت هوءَ کين ٻڌائي رهي هئي ته هوءَ جنرل زواگو سان ڪيئن ملي.

"ها يقيناً آئون ساٿس مليس. اهو ڪالهوڪو ڏينهن هو. اهي مون کي ميجر جنرل زواگو سان ملائڻ لاءِ وٺي ويا. هُو هتان گذريو پئي. ڪيس ڪرستينا ۾ دلچسپي هئي ۽ سندس متعلق پڇا ڳاڇا پئي ڪيائين. هُو انهن ماڻهن سان ملڻ پيو چاهي جيڪي ڪيس سڃاڻندا هئا. ماڻهن ڪيس منهنجي متعلق ٻڌايو. انهن چيو ته اسان هيئي دوست هئاسين. هُن ڪين مون کي وٺي اچڻ لاءِ چيو. اهي آيا ۽ مون کي وٺي ويا. هو ته ڪنهن به ريت نه ته پوائنٽو هو ۽ نه ئي منجهس ڪا خاص ڳالهه هئي. بس عام ماڻهن جيان هو. سندس اکيون ننڍيون ۽ وار ڪارا هئا. مون ڪيس اهو ٻڌايو جيڪي مون ڄاتو ٿي. هُن مون کي ٻڌو ۽ منهنجا ٿورا مڃيائين. ۽ تون ڪير آهين؟" هُن مون کي چيو. "ڪهڙي علائقي سان تنهنجو واسطو آهي؟" ظاهر آهي ته مون کي ڪيس اهو ٻڌائڻو نه هو ته ئيٺ مون وٽ پاڻ ٻڌائڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ هئي؟ آئون هڪ لاوارث آهيان. توهان ڄاڻو ٿا ته انهن جي حياتي ڪيئن هوندي آهي. هڪڙي اصلاح خاني مان نڪري پئي ۾ وڃڻ. هميشه ئي پنڌ ۾. پر هُن مون کي اٿيون ئي نه ڇڏيو. "اهو ٻڌائي اسان کي" هن چيو. "لڄي نه ٿي، شرمندي ٿيڻ جهڙي ڪابه ڳالهه ناهي." شروع ۾ لڄ جي ڪري مون اکر به چيا، پوءِ مون ڪيس ٿورو وڌيڪ ٻڌايو ۽ هو پنهنجو ڪنڌ ڏوڻيندو رهيو ڄڻ چوندو هجي ته ڳالهائيندي رهو ۽ پوءِ مون ۾ اعتماد ايندو ويو. اهو درست آهي ته مون وٽ ڳالهائڻ لاءِ گهڻو ڪجهه آهي. جيڪڏهن آئون اوهان کي ٻڌايان ته توهان اُن تي يقين نه ڪندئو ۽ چوندئو "ڊاڙ پئي هڻين." اها ساڳي ڳالهه هن سان به هئي. جڏهن مون ڳالهائي بس ڪئي ته هو اٿي بيٺو ۽ ڪمري ۾ اچ وڃ شروع ڪري ڏنائين. "اوه خدا" هُن چيو. "اها هڪ غير معمولي ڳالهه آهي، آئون توکي ٻڌائيندس ته ڇا آهي." هُن چيو. "هِن وقت مون وٽ وقت ناهي، پر آئون نوسان وري ملندس. توکي اُن ڳالهه جي پڪ هئڻ گهرجي ته آئون وري توکي ڳولهي توکي گهرائيندس. مون ڪڏهن نه سوچيو هو ته ڪو آئون اهڙيون ڳالهيون ٻڌندس. آئون توکي هتي رهڻ نه ڏيندس، هن چيو. "مون کي بس ڪجهه شين جي وضاحت حاصل ڪرڻي آهي. پوءِ

ته انهن ڪيس ڪهڙو قصو ٻڌايو. آئون سمجهان ٿي ته انهن ڪيس ڇيو هوندو ته اها وقتي هڪ ٻن ڏينهن جي ڳالهه آهي، جيسين اهو سڄو گوڙ گهمسان ٽري وڃي ۽ حالتون معمول تي اچي وڃن. پر مون کي هميشه لاءِ اوپرن ماڻهن جي حوالي ڪرڻ ۽ اوپرن ماڻهن پاران پالڻ نپائڻ متعلق نه ٻڌايو هونداءُون. امان پنهنجي ٿي ٻار کي هن ريت نه ٿي ڇڏي سگهي.

ها، ته توهان کي ته خبر آهي ته اهو ٻار سان ڪيئن ٿيندو آهي. "وڃ ماسيءَ سان ڳالهائي. سٺي ماسي توکي مٺائي ڏيندي، ماسيءَ کان ڊپ نه ڪر." پوءِ مون ڪيئن روئي رڙيون ڪري پنهنجيون اکيون سڄائي ڇڏيون هيون. ڪيئن ڏک جي ڪري منهنجو هنياءُ ڦاٽو ٿي، بهتر ٿيندو ته اوهان کي اهو سڀڪجهه نه ٻڌايان. مون پنهنجو پاڻ کي ڦاهو ڏيڻ ٿي چاهيو. هڪ ننڍي ٻار هوندي آئون اتڪل پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺي هيس. ان وقت بس آئون ائين ٿي هيس. منهنجي خيال ۾ ماسي مارفاکي منهنجي لاءِ پئسا تمام گهڻا مليا هئا.

سگنل جي چوڪيءَ سان گڏ هڪ بهترين فارم هو جنهن ۾ هڪ ڳئون، گهوڙو، سيني قسمن جا پکي ۽ پاڄين پوکڻ لاءِ زمين جو هڪ وڏو ٽڪر هو. اُتي تون جيتري زمين چاهين حاصل ڪري سگهين پيو ۽ يقيناً ان جي ڪا مسواڙ به نه هئي. ريلوي لائين سان گڏ ٿي هڪ سرڪاري ننڍو.گهر هو. جڏهن ٽرين اچي رهي هوندي هئي ته چاڙهه هئڻ ڪري اها مشڪل سان ٽڪريءَ تي چڙهي سگهندي هئي پر توهانجن علائقن ، روس، مان اچڻ مهل اُها ايڏي تيزيءَ سان هيٺ ايندي هئي جو ان جي لاءِ بريڪن جو استعمال ڪرڻو پوندو هو. پن ڇڻ واري مند ۾ جڏهن جهنگل ڇڊو ٿي ويندو هو ته هيٺ نيزوِوايا اسٽيشن کي ائين ڏسي سگهبو هو جڻ ٿالهيءَ تي رکيل هجي.

ماسي مارفا جي مڙس واسيا کي، ڳوناٽن جيان، آئون پيءُ سڏيندي هيس. هُو هڪ مهربان ۽ خوش مزاج ماڻهو هو ۽ بس خاص طور جڏهن هُو پيتل هوندو هو ته ٻين تي تمام گهڻو ڀروسو ڪندو هو. سندس متعلق هر شيءِ جي سيني کي خبر هئي. هُو هر ملندڙ اجنبيءَ آڏو پنهنجو اندر کولي وهندو هو.

پر آئون ان سگنل واري عورت کي ڪڏهن به امان چئي نه سگهيس. اهو ان ڪري هو ته آئون پنهنجي ماءُ کي وساري نه سگهي هيس يا ڪو ٻيو ڪارڻ هو پر هُوءَ واقعي ڏاڍي ڀوائتي عورت هئي. واقعي هوءَ ائين ٿي هئي. اُن ڪري آئون ان سگنل واري عورت کي ماسي مافيا سڏيندي هيس.

ها تہ وقت گذرندو ويو. سال گذري ويا. گهڻا مون کي خبر ناهي. مون جهنڊي لهرائڻ لاءِ ترينن ڏانهن ڊوڙڻ شروع ڪيو. آئون ڪيئون کي گهروني اچي ۽ گهوڙي کي کولي سگهيس ٿي. ماسي مارفا مون کي چرخو هلائڻ سيکاريو ۽ جيستائين گهر جي ڪم جو تعلق آهي تہ اهو چوڻ جي ڪا ضرورت ئي ناهي تہ آئون اهو سڀ ڪندي هيس. صفائي، چند ڦوڪ يا تورو گهڻو رڌپچاءُ منهنجي لاءِ ڪا وڏي شيءِ نہ هئي ۽ آئون اهو سڀ ڪندي هيس. ها، آئون توهان کي ٻڌائڻ ڀلجي ويس تہ آئون ٻنيا جو خيال ڪندي هيس. اسان جي ٻنيا جون ٽنگون سڪل هيون. هُو ٽن سالن جو هو پر صفا هلي نہ سگهندو هو جنهن جي ڪري آئون کيس کڻي هلندي هيس. اهو سڀ انهن گذري ويل سالن ۾ ٿيو پر اجا بہ جڏهن آئون ماسي مارفا جو ٽيڏي اک سان منهنجين مضبوط ٽنگن کي ڏسڻ جو سوچيان ٿي تہ منهنجي بدن مان سيسڙاٽ نڪري وڃن ٿا. اُها نظر جڻ اهو چوندي هجي تہ منهنجيون ٽنگون ڇو سڪل نہ هيون ۽ اهو بهتر ٿئي ها تہ ٻنيا جي بجاءِ منهنجيون ٽنگون سڪل هجن ها. جڻ تہ مون مٿس بدنظر وڌي هجي. ڇا اوهان يقين ڪري سگهو ٿا تہ دنيا ۾ اهڙا ساڙ رکندڙ ۽ پوئتي پيل ماڻهو موجود آهن؟

پر هاڻي غور سان ٻڌجو جيڪي آئون اوهان کي ٻڌايان ٿي. اهو سڀڪجهہ پوءِ جيڪي ڪجهہ ٿيو ان جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ بہ ناهي. توهان حيران ٿي ويندئو.

اهو نئين معاشي پاليسي وارو دور هو جڏهن هزار روبل جو ملهہ هڪ ڪوپيڪ جيترو هو. چاچا واسيا هيٺ نيزووايا ۾ هڪ ڪيئون وڪرو ڪئي جنهن جي بدلي کيس نوٽن، جن کي ڪير نڪي تہ معاف ڪجو نارنگيون [1921-22ع ۾ قيمتن ۾ واڌ جي اوج تي پهچڻ وقت ڏهہ لک روبل جي نوٽ کي عام ماڻهو ان نالي سان سڏيندا هئا] چيو ويندو هو، جون بہ ٻوريون مليون. هُن شراب پيئندي ناگورنايا ۾ هر ڪنهن کي ٻڌايو تہ هُو ڪيڏو شاهوڪار هو.

مون کي ياد آهي تہ اهو پن چڻ واري منڊ جو هڪ ڏينهن هو جڏهن هوائون پئي هليون. ڇت تي تمام تيز هوا پئي هلي. ان بس ماڻهو جا پير تي اکيڙيا ۽ انجڻون هوا جي سامهون ڪان اچڻ ڪري مٿي ٽڪريءَ تي چڙهي نہ پئي سگهيون. اوچتو مون هڪ فقيرياڻي کي ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تان هيٺ ايندي ڏٺو. هوا سندس اسڪرٽ سان وچڙجي ۽ سندس رومال کي اڏائي رهي هئي.

هوءَ ڪنجهندي ۽ پنهنجي پيٽ کي جهليندي هلندي ٿي آئي. هُن اسان کان اندر اچڻ جي اجازت گهري. اسان کيس بينچ تي وهاريو. او، هُن رڙ ڪئي، "آئون

اهو نہ ٿي سهي سگهان، آئون اهو نہ ٿي سهي سگهان. منهنجي پيٽ ۾ باھ پئي ٻري، موت منهنجي مٿان اچي ڪڙڪيو آهي. يسوع جي نالي ۾“، هُن ٻاڏايو. ” مون کي اسپتال وٺي هلو. ان جي بدلي توهان جيڪي چوندئو آئون اوهان کي ڏيندس.“ ها نہ پيپي، گهوڙي أدا لوئي کي گاڏيءَ سان ٻڌي پوڙهيءَ کي گاڏي ۾ وجهي ڪيس پندرنهن ورسٽ پري اسپتال ڪٺي ويو.

ڪجھ وقت کان پوءِ اسان، آئون ۽ ماسي مارفا سمهڻ لاءِ هليا وياسين. پوءِ اسان ٻاهر ادالوئي جي هٽڪار ٻڌي ۽ گاڏي اندر اگڻ ۾ پئي آئي. سندن واپسي ٿورو جلدي پئي لڳي. پر بهرحال ماسي مارفا بتي ٻاري، جيڪيٽ پاتو ۽ پيپي جي درکڙڪائڻ جي انتظار ڪرڻ کان سواءِ ڪڙو کولي ڇڏيائين.

هُن درکوليو پر در تي پيپي نہ هو. اهو هڪ پوائنٽو ڪارو اجنبي هو جنهن چيو تہ ” مون کي ڏيکار تہ اهي پئسا ڪٿي آهن جيڪي اوهان کي ڳئون لاءِ مليا هئا. مون تنهنجي پوڙهي مڙس کي جهنگل ۾ ماري ڇڏيو آهي.“ هن چيو، ” پر اهو ڏسي تہ تون هڪ عورت آهين، آئون توکي ڇڏي ڏيندس بشرطيڪہ تون مون کي اهو ٻڌائين تہ پئسا ڪٿي آهن. جيڪڏهن تون مون کي نہ ٿي ٻڌائين تہ پوءِ توکي خبر آهي تہ ڇا ٿيندو ۽ ان لاءِ توکي پنهنجو پاڻ کي ڏوھ ڏيڻو پوندو. ان ڪري بهتر آهي تہ مون کي انتظار نہ ڪرائي، مون وٽ هِتي هُتي رلڻ لاءِ فالتو وقت ناهي.“ .

اوه، خدا! پيارا ساٿيو، جنهن حالت ۾ اسان هئاسين، پاڻ کي رڳو ان ۾ محسوس ڪري سوچيو! اسان جو سجو بدن ڪنبي رهيو هو. ڊپ کان اڌ مئا هئاسين ۽ هڪ اکر اسان جي وات مان نہ ٿي نڪري سگهيو. اهڙو هو ڏهڪاءُ! پهرين چاچا واسيا کي ماريو ويو هو. هُن پاڻ ائين چيو تہ هُن ڪيس ڪهاڙيءَ سان قتل ڪيو هو ۽ هاڻي اسان ساڻس اڪيلا هئاسين. گهر ۾ هڪ رهزن سان اڪيلا. اسان جي گهر ۾ هڪ رهزن. اسان اهو ڏسي پئي سگهياسين تہ هو هڪ رهزن هو.

آئون سمجهان ٿي تہ اهو وقت هو جڏهن ماسي مارفا پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺي هئي. پنهنجي مڙس ڪاڻ سندن دل ٽٽي پيئي هئي ۽ هوءَ پنهنجو ڏک ڏيکارڻ جي قابل نہ هئي.

پهرين هُوءَ سندس پيرن تي ڪري پيئي، ”مون تي رحم ڪر.“ هن چيو. ”مون کي نہ مار، مون کي ڪنهن شيءِ جي ڄاڻ ناهي، مون ڪڏهن پئسن متعلق نہ ٻڌو آهي، مون کي خبر ناهي تہ تون ڪهڙن پئسن جي ڳالھ ڪري رهيو آهين.“ پر هُو

ان سان ترڻ وارو نہ هو. هُو شيطان ايڏو پوڪ نہ هو. " پوءِ ٺيڪ آهي." هُن ڪيس چيو. "پئسا تهہ خاني ۾ آهن. آئون تنهنجي لاءِ ان جو دروازو کوليان ٿي." پر هُو سچي ڳالهہ جي تهہ تائين پهچي ويو. "نہ" هن چيو. " تون هيٺ وڃ. توکي رستي جي خبر آهي. تون اُهي ڪڍي اچ. مون کي ان ڳالهہ جي پرواهہ ناهي تہ تون هيٺ تهہ خاني ۾ ٿي وڃين يا مٿي ڇت تي. مون کي بس پئسا گهرجن. بس اهو خيال رکجانءِ تہ ڪا چالاڪي نہ ڪجانءِ." هن چيو. "مون کي بيوقوف ٺاهڻ جي ڪوشش نہ هلندي."

پوءِ ماسي مارفا کيس چيو تہ. " خدا معاف ڪري. تون اهڙا شڪ ڇوٿو ڪرين. آئون خوشيءَ سان هيٺ وڃي پاڻ تنهنجي لاءِ پئسا ڪڍي اچان پر منهنجيون ٽنگون خراب آهن ۽ آئون ڏاڪڻ استعمال نہ ٿي ڪري سگهان. آئون مٿئين ڏاڪي تي تنهنجي لاءِ بتي ڪڍي بيهان ٿي. فڪر نہ ڪر. آئون پنهنجي ڌيءَ کي هيٺ توسان موڪليان ٿي." هن چيو. سندس اشارو مون ڏانهن هو.

دوستو. ڇا توهان تصور ڪري سگهو ٿا تہ جڏهن مون اهو ٻڌو تہ مون تي ڇا وهيو واپريو هوندو؟ ها. مون سوچيو تہ اهو منهنجو انت آهي. منهنجي اکين آڏو اونداهي اچي ويئي ۽ ٽنگون ڪنبڻ لڳيون. مون سوچيو تہ آئون ڪري پونديس.

پر هُو پورو شيطان هو. هُن اسان ٻنهي تي هڪ نظر وڌي ۽ پنهنجيون اکيون چنجهيون ڪندي ماسي مارفا کي ٽيڏي اک سان عياريءَ سان ائين ڏنائين ڄڻ چوندي هجي: آئون تنهنجيون انڪلون سمجهان ٿو. تون مون کي بيوقوف نہ ٿي ٺاهي سگهين. هُو ڏسي سگهيو ٿي تہ منهنجي سندس لاءِ ڪا حيثيت نہ هئي. آئون سندس رت ڇمر نہ هيس. ان ڪري هُن پٽيا کي پڪڙي هڪ هٿ ۾ ڪنيو ۽ ٻئي هٿ سان تهہ خاني جو دروازو ڇڪيائين. "بتي ڪڍي اچ." هُن ڪيس چيو ۽ پٽيا کي ساڻ ڪري ڏاڪڻ تان هيٺ تهہ خاني ۾ لهندو ويو.

منهنجي خيال ۾ هوءَ اڳ ۾ ئي پنهنجو ذهني توازن وڃائي چڪي هئي ۽ ڪا شيءِ نہ ٿي سمجهي سگهي. هوءَ صفا چري ٿي چڪي هئي. جيئن ئي هُو پٽيا کي ڪڍي هيٺ لٿو تيئن هُن دروازي کي زور سان بند ڪري تالو ڏيئي ڇڏيو ۽ هڪ ڀاري پيتيءَ کي ان جي مٿان رکڻ لاءِ گهيرڻ لڳي. جيئن تہ اُها سندس لاءِ گهٽي ڳري هئي هن مون کي مدد ڪرڻ لاءِ اشارو ڪيو. هُن ان کي اُتي رکي پاڻ ان جي مٿان ويهي رهي ۽ ائين خوش پئي ٿي ڄڻ ڪو وڏو ڪم ڪيو هجيس. چر ي

عورت. هُوءَ اچا وِيٺي ئي مس هئي تہ رهڻ رڙيون ڪرڻ ۽فرش کي ڏک هڻڻ شروع ڪري ڏنا. جيئن تہ فرش جا تختا گهٽا تلها هئا ان ڪري اِهو سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ هُن ڇا پئي چيو پر سندس آواز مان لڳو ٿي تہ سندس مطلب ڇا هو. ڪيس ٻاهر اڇڻ ڏيو نہ تہ هُو پٽياڪي ماري ڇڏيندو. هُو اسان کي ويچارڻ لاءِ هڪ جهنگلي وحشي جانورڪان بہ وڌيڪ خراب نموني سان گجيو پئي. هاڻي تنهنجي پٽياڪي ان جي قيمت ڏيڻي پوندي. هُن رڙ ڪئي پر هوءَ ڪجهہ بہ نہ پئي سمجهي سگهي. ٺهڪ ڏيندي ۽ مون ڏانهن اشارا ڪندي جڻ اهو چئي رهي هئي تہ پلي جيترو وڌيس شورڪري، آئون پيتيءَ تي ويٺي آهيان ۽ چابي منهنجي هٿ ۾ آهي. مون ساڻس جيڪي ڪجهہ ڪري سگهيس ٿي ڪيو. ٺيڪ سندس ڪنن ۾ رڙيون ڪندي چيم تہ ڪيس تهہ خاني کي ضرور کولڻ گهرجي تہ جيئن پٽيا کي بچائي سگهجي. مون ڪيس ڏکي پيتيءَ تان لاهڻ جي ڪوشش ڪئي پر آئون ائين نہ ڪري سگهيس. هوءَ مون کان گهڻي زور هئي ۽ ٻڌي بہ نہ پئي.

ها تہ هو فرش تي ڏک هڻندو رهيو ۽ وقت گذرندو ويو ۽ هوءَ بس اتي ويٺي ڪنهن بہ شيءِ کي نہ ٻڌندي اکيون ڦيرائيندي رهي.

ها تہ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ اوه خدا، اوه خدا، پنهنجي زندگي ۾ مو ن ڪڏهن اهڙي شيءِ ڏٺي يا سُني نہ هئي پر اهڙي ڏهڪاءُ سان منهنجو وري ڪڏهن واسطو بہ نہ پوندو. جيستائين آئون جيئري هوندس پٽيا جو سنهڙو ننڍڙو آواز منهنجن ڪنن ۾ گونجندو رهندو. ننڍڙي پٽيا زمين هيٺان رڙيون ۽ ڪيهون پئي ڪيون. هن شيطان هُن پوٽر معصوم ٻار کي چڪ پائي ماري ڇڏيو.

مون سوچيو تہ هاڻي آئون ان پوڙهي چري عورت ۽ هن قاتل جو ڇا ڪيان. وقت گذرندو ٿي ويو. جيئن ئي اهو خيال منهنجي ذهن ۾ آيو تيئن ئي مون ادالوئي جي ٻاهر هٽڪار ٻڌي. هُو ٻاهر اڱڻ ۾ اهو سڄو وقت گاڏيءَ سان ٻڌو تيار بيٺو هو. ها، تہ اها ڳالهہ ائين هئي. ادالوئي هٽڪار ڪري جڻ چئي رهيو هو تہ "هلو تہ تيزيءَ سان اڏري هلون تانيا ۽ ڪجهہ چڱن ماڻهن کي ڳولهي سندن مدد وٺون." مون دريءَ مان ٻاهر نهاريو ۽ ڏٺو تہ پرهہ ڦٽيءَ جو وقت ويجهو هو. "ٺيڪ آهي." مون سوچيو. "ادالوئي ان خيال کي منهنجي ذهن ۾ آڻڻ لاءِ مهرباني. اهو ٺيڪ آهي. اسان هلنداسين." پر مون اڃا اهو سوچيو ئي مَس هو جو وري مون هڪ ٻيو آواز ٻڌو جيڪو جڻ تہ جهنگل مان اچي رهيو هو: "تانيا ترس، تڪڙ نہ ڪر.

ماڻهو." هن چيو، "مون کي نہ ماريو، آئون وري ڪڏهن بہ ائين نہ ڪندس. انهن قانون پنهنجي هٿ ۾ ورتو ۽ هوءَ ڪيس گهليندا ڪاٺ جي تختن وٽ ڪٺي آيا. سندس هٿ ۽ پير پٽڙين سان ٻڌائون ۽ ٽرين مٿان گذاري ڇڏيائونس. آئون ايترو ڊنل هيس جو آئون پنهنجا ڪپڙا ڪٽڻ لاءِ بہ واپس نہ ويس. مون کين چيو تہ مون کي پاڻ سان گڏ ٽرين تي وٺي هلن ۽ انهن مون کي ٽرين ۾ وهاريو ۽ اهڙي ريت آئون اتان رواني ٿي ويس. ان کان پوءِ آئون ٻين لاوارث ٻارن سان گڏ پنهنجي ملڪ جي اڌ کن علائقي ۽ ٻين علائقن ۾ رلندي رهيس. خبر ناهي اها ڪهڙي جاءِ آهي جتي آئون نہ ويئي آهيان. آئون وڏاءُ نہ پئي ڪيان. ننڍپڻ جي انهن سينگي ڏکن ۽ اهنجن کان پوءِ اهو ڪهڙو نہ خوشي ۽ آزادي وارو دور هو. جيتوڻيڪ اهو چوڻ ضروري آهي تہ ان وقت بہ گهڻيون پريشانيون ۽ بدنصيبيون هيون. پر اهو سڀ پوءِ ٿيو. آئون اوهان کي ان متعلق ڪنهن ٻئي وقت ٻڌائيندس. جنهن رات بابت مون اوهان کي ٻڌايو پئي ، ان رات هڪ ريلوي جو افسر ٽرين مان لٿو. گهر وڃي سرڪاري ملڪيت پنهنجي تحويل ۾ ورتائين ۽ ماسي مارفا متعلق حڪم ڏنائين تہ ساڻس جيڪو ڪرڻو هو ان جو بندوبست ڪيو وڃي. ڪجهہ ماڻهن جو چوڻ آهي تہ هوءَ ٺيڪ نہ ٿي سگهي ۽ چرين جي اسپتال ۾ ٿي گذاري ويئي پر ٻين جو چوڻ آهي تہ هوءَ ٺيڪ ٿي ۽ ٻاهر آئي."

تانيا جي ڪهاڻي ٻڌڻ کان پوءِ هڪ ڊگهي وقت تائين گورڊن ۽ دودوروف خاموشي ۾ وڻن هيٺان پسار ڪندا رهيا. پوءِ لاري آئي ۽ اڏنگي نموني سڙڪ کان ميدان ڏانهن مڙي ۽ دٻا ان ۾ رکيا ويا.

گورڊن چيو، "چا تو سمجهيو تہ اها تانيا، ڪيپٽن ڏوئڻ واري ڇوڪري ڪير آهي؟"

"ها يقيناً."

"يبوگراف سندس سار سنڀال لهندو." هُن ماٺ رهڻ کان پوءِ ڳالهہ اڳتي وڌائي:" اهو تاريخ جي عمل ۾ گهڻا ڀيرا ٿيو آهي. هڪڙي شيءِ جنهن جي تخليق جو عمل عاليشان ۽ آدرشي نموني ٿئي ٿو. اڳتي هلي کهري ۽ عام ٿيو ٿي پئي. اهڙي ريت يونان مان روم جي تخليق ٿي ۽ روسي روشن خياليءَ مان روسي انقلاب جنم ورتو. بلاڪ جي اها سٽ ڏس،"اسان روس جي تڪليفن وارن سالن جا

وٺي ڪرڻ ۽ انهن جي ٻارن لاءِ هڪ آئٽ پريل خوشي محسوس ڪئي. خوشيءَ جي هڪ خاموش موسيقي سندن اندر پري کين ويڙهي پري پري تائين ڦهلجي وئي. کين لڳو ته سندن ڳالهه جهليل ڪتاب ڄاتو ٿي ته انهن ڇا ٿي محسوس ڪيو ۽ کين ان سلسلي ۾ پنهنجي مدد ۽ پڪ ٿي ڏنائين.

☆

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.